سنڌي ترجمو

فيضانِ سنّت

جلد پهريون

شيخِ طريقت، امير اهلسنت، بانئ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

فيضان سنت

مُؤَلِّف

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه

پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلس تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 91-90-34921389-021

E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فيضانِ بسم الله

الله جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا، ”جيڪو مون تي هڪ پيرو درود موڪلي الله تعاليٰ **ان تي ڏهه پيرا رحمت** نازل فرمائيندو.“

(صحيح مسلم ج ١ ص١٧٥ رقم الحديث ٤٠٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَڏورو ڪم

سرڪارِ مڪّه مڪرّمه، سردارِ مدينه منوّره صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”جيڪو بہ **اهم** ڪم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڏورو رهجي ويندو آهي.“

(الدرالمنثورج١ ص٢٦)

بِسْمِ الله پڙهندارهو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪائڻ ڪارائڻ، پيئڻ پيارڻ، رکڻ کڻڻ، ڏوئڻ، پچائڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، هلڻ (گاڏي وغيره) هلائڻ، ويهڻ ويهارڻ، بتي ٻارڻ، پکو هلائڻ، دسترخوان رکڻ کڻڻ،

بسترو وڇائڻ ويڙهڻ، دڪان کولڻ، وڌائڻ، تالوکولڻ بند ڪرڻ، تيل وجهڻ، عطر لڳائڻ، بيان ڪرڻ، نعت شريف ٻڌائڻ، جُتي پائڻ، عمامو سجائڻ، دروازو کولڻ، بند ڪرڻ، مطلب تہ هر جائز ڪم جي شروع ۾ (جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي) بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت بڻائي ڪري ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ عين سعادت آهي.

جنن کان سامان جي حفاظت

حضرتِ سيّدُنا صَفوان بن سُلَيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، انسان جي ساز و سامان ۽ ڪپڙن کي جنّ استعمال ڪندا آهن تنهن ڪري توهان مان جڏهن بہ ڪو شخص ڪپڙا (پائڻ جي لاءِ) ڪڍي يا (لاهي) رکي تہ "بِسْمِ اللّٰه شريف" پڙهي وٺندو ڪري ان جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو مُهر آهي. (يعني بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ سان جنّ انهن ڪپڙن کي استعمال نہ ڪندا)

(لقط المرجان في احكام الجان للسيوطي ص 98)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين ئي هر شيءِ رکندي ڪڍندي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ! شرير جنّن جي هٿ چُراند کان حفاظت حاصل ٿيندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بسم الله صحيح پڙهو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ ۾ صحيح اچار سان اکرن جي ادائيگي لازمي آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز به ضروري آهي جو رڪاوٽ نه هجڻ جي صورت ۾ پنهنجن ڪنن سان ٻُڌي سگهجي. جلد بازي ۾ ڪجهه ماڻهو اکر چٻاڙي ويندا آهن. ڇاڻي واڻي ائين پڙهڻ منع آهي ۽ معنيٰ فاسد ٿيڻ (يعني بگڙجڻ) جي صورت ۾ **گناهه.** تنهنڪري جلدي جلدي پڙهڻ جي عادت جي سبب جيڪي ماڻهوغلط پڙهندا آهن، سي پنهنجي اصلاح ڪري وٺن ۽ جتي پوري پڙهڻ جو ڪو خاص سبب موجود نه هجي اتي رُڪو بِسۡمِ اللّٰه چئي ڇڏيندا ته به صحيح آهي.

هلچل مچي وئي

حضرتِ سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمايو، جڏهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم نازل ٿي تڏهن ڪڪر اوير ڏانهن ڀڳا هوائون رڪجي ويون، سمنڊ جوش ۾ اچي ويو، چوپاين غور سان ٻُڌڻ لاءِ پنهنجا ڪن لڳايا ۽ شيطانن کي آسمانن مان پٿر هنيا ويا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو، ”مون کي منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! جنهن شيءِ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي وئي مان ان ۾ **بَرَڪت** ڏيندس.“

(الدرالمنثورج 1 ص 26)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 19 هين سيپاري ۾ **سورة النمل** جي 30 هين آيت جو حصو به آهي ۽ قرآن مجيد جي هڪ پوري آيتِ مبارڪ به جيڪا ٻن سورتن جي وچ ۾ وٺي ڪرڻ جي لاءِ لاتي وئي. **(حلبي ڪبيرص 307)**

بِسۡمِ اللّٰه جي "ب" جي جامعيت

الله عَزَّوَجَلَّ ڪجهه نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي صحيفا ۽ ڪتاب نازل فرمايا، جن جو تعداد **104** آهي. انهن مان **50 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا شيث عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، **30 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا ادريس عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، **10 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي **10 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي

توريت شريف نازل ٿيڻ کان پهريان نازل ٿيا ۽ پڻ چار وڏا ڪتاب نازل ٿيا:.

﴿1﴾ **توريت شريف** حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي.

﴿2﴾ **زبور شريف** حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي.

﴿3﴾ **انجيل مقدس** حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ **روح الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي. ۽

﴿4﴾ **قرآنِ مُبِين** جناب رَحمةٌ لِّلعٰلَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج1 ص 288 حلية الاولياء ج 1 ص 222 ملخصا)

انهن سيني ڪتابن ۽ ڪل صحيفن جو متن ۽ مضمون قرآن

مجيد ۾ ۽ سڄي قرآن مجيد جو مضمون سورهءِ فاتحه ۾ ۽ سورهءِ فاتحه جو سڄو مضمون بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۾ ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جو سڄو مضمون ان جي اکر "ب" ۾ موجود آهي ۽ ان جي معنيٰ هي آهي ته بِيْ كَانَ مَا كَانَ وَبِيْ يَكُوْنُ مَا يَكُوْنُ (يعني جيڪو ڪجهه به آهي مون (يعني **الله**) ڪان ئي آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿيندو مون (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ) ڪان ئي ٿيندو.)

(المجالس السنية ص 3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اِسمِ اعظم مدينا: **حضرتِ** سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڪان روايت آهي ته **اميرالمؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عثمان ابن عفّان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ نبين جي سلطان، سرورِ ذيشان، سردارِ دو جهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي فضيلت جي باري ۾ استفسار ڪيو ته **الله** جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي **اسم اعظم** ۽ هن جي وچ ۾ ايتري ويجهڙائپ آهي جيتري اک جي ڪاراڻ (ماڻڪي) ۽ اڇاڻ ۾. **(المستدرک للحاکم ج1 ص 738 رقم الحديث 2071)**

اسم اعظم سان دعا قبول ٿيندي آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! **اسم اعظم** جون ڪيترين ئي برڪتون آهن، **اسم اعظم** سان جيڪا دعا گهري وڃي اها قبول

تي ويندي آهي. سرڪارِ **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا والد سڳورا حضرت **رئيس المتڪلمين** مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا،"ڪجهه عالمن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کي **اسم اعظم** چيو آهي. سرڪارِ بغدادِ حضورِ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان منقول آهي، بِسْمِ الله عارف (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ کي سڃاڻڻ واري) جي زبان مان ائين آهي جيئن خالق عَزَّوَجَلَّ جي ڪلام مان **"ڪُن"**. ("ڪُن" يعني " ٿي وڃ") **(احسن الوعاء ص6)**

مٿا مٿا اسلامي يا ئرو! پنهنجن نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ برڪت وجهڻ جي لاءِ اسان کي اڳ ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ضرور پڙهڻ گهرجي جيڪڏهن توهان هر هر ڳالهه تي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت بڻائڻ جا خواهشمند آهيو ته **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ دعائون گهرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪيترائي واقعا ملندا رهندا آهن. جيئن ته:

نڪ جي هڏيءَ جو سڏو ٿيڻ

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، منهنجي نڪ جي هڏي ٽيڙي هئي، اکين ۽ متي ۾ سور به پيچو ڪونه ڇڏيندو هو، مون **مدينة الاولياء** ملتان شريف

۾ واقع نشتر ميڊيڪل اسپتال ۾ آپريشن ڪرائڻ جو ارادو ڪيو هو. ان ڪان اڳ عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت لاءِ **مدني قافلي** سان گڏ پاڪ پٽڻ شريف جي سنّتن ڀرئي سفر جي سعادت حاصل ٿي. پهريان ڪان ئي ٻُڌو هيم تہ **مدني قافلي** ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن. تنهنڪري مون خداعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي **يا الله** عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي** جي برڪت سان منهنجي نڪ جي هڏي صحيح فرماءِ. **مدني قافلي** ڪان واپسيءَ جي ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ نڪ جي هڏيءَ ڪي جو غور سان ڏنم تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي ڇو تہ عاشقانِ رسول جي قرب ۾ رهي ڪري **مدني قافلي** جي صدقي گهريل دعا جي قبوليّت ڪليل اکين سان نظر اچي رهي هئي، ۽ اها هيئن تہ منهنجي نڪ جي ٽيڙي هڏي بلڪل نيڪ ٿي چُڪي هئي!

سيکھنے سنّتيں قافلے ميں چلو — لوٹنے رَحمتيں قافلے ميں چلو
لينے کو بَرَکتيں قافلے ميں چلو — پاؤگے راحتيں قافلے ميں چلو

ٽيڑھي هوں هڏّياں هوں گي سيدھي مياں
دَرْد سارے مٹيں قافلے ميں چلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ مسافرن جي دعا قبول آهي ۽ وري راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مسافر هجي ۽ ويتر هي تہ عاشقانِ رسول جي قرب ۾ دعا گهري وڃي تہ اها ڇو نہ قبول ٿيندي.

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والد ماجد رئيس المتڪلمين حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "**احسن الوعاء**" جي ص **57** تي دعا جي قبوليّت جي **آداب** مان **23** هون "**ادب**" بيان ڪندي فرمائن ٿا اولياءِ ڪرام ۽ "عالمن جون مجلسون" (يعني ڪنهن بہ ولي ۽ سُنّي عالم جي محفل ۾ يا انهن جي قرب ۾ رهندي دعا گهرندؤ تہ قبول ٿيندي.) ان "ادب" جي حاشيي ۾ سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ولين ۽ عالمن جي باري ۾ فرمائن ٿا، رب عَزَّوَجَلَّ صحيح حديث قدسي ۾ فرمائي ٿو، هُمُ الْقَوْمُ لَايَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُم. يعني "هي اهي ماڻهو آهن جو انهن وٽ ويهڻ وارو بدبخت ناهي رهندو." **(احسن الوعاء ص57 مطبوعه مكتبة المدينه ڪراچي)**

يَك زَمانہ صُحبَتِ با اَولياء بِہتَر اَز صَد سالہ طاعَت بے رِيَا

(يعني ولين سڳورن جي هڪ گهڙي جي صحبت) (سؤ سالن جي خالص عبادت کان بهتر آهي)

ولي چاهي ظاهري حياتي ۾ هجي يا مزارشريف ۾ آرامي هجي ان جو قرب دعا جي قبوليت جو سبب آهي. ڪروڙين شافعين جا پيشوا حضرتِ سيّدُنا امام شافعي فرمائن ٿا تہ مون کي جڏهن بہ ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ بہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري امام اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزارِ پُر انوار تي وڃي دعا گهرندو آهيان ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي حاجت پوري ڪري ڇڏيندوآهي. **(الخيرات الحسان ص 230 مدينه پبليشنگ ڪراچي)**

اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪرامت

معلومٿيو تہ ولين جي مزارن تي بہ دعائون قبول ٿينديون آهن، التجائون ٻُڌيون ويندیون آهن، مُرادون پوريون ٿينديون آهن. جيئن تہ سرڪارِ اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن **21** سالن جا نوجوان هئا ان وقت جو واقعو پاڻ انهن جي زباني ٻُڌو، جيئن تہ فرمائن ٿا،"ماهِ فاخر **ربيع الآخر 1293**هہ سترهين شريف جو جڏهن فقير کي ايڪويهون سال هيو. اعلیٰ حضرت مصنف علامہ سيّدُنا الْوالد قدس سرهُ الْماجد ۽ حضرت مُحِبُّ الرسول جناب مولٰينا مولوي محمد عبدالقادر صاحب بدايوني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان گڏ حضورِ پُرنُور محبوبِ الاهي نظامُ الحقِ وَالدّين سلطانُ الاَولِياء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر ٿيس. حجري شريف جي چئني پاسن کان ناچ رنگ ۽ موسيقي جون ناجائز محفلون جاري هيون، گوڙ گهمسان جي ڪري آواز ٻُڌڻ ۾ ئي ڪونہ پيو اچي، اهي ٻئي سڳورا پنهنجي مطمئن دلين سان مواجهہ شريف آڏو حاضر ٿي مشغول ٿي ويا. هن فقير بي توقير بُرائي ۽ گهمسان جي هُجوم جي ڪري دل ۾ پريشاني محسوس ڪئي. دروازي مبارڪ تي بيهي حضرت سلطانُ لاولياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيم تہ سائين! غلام جنهن جي لاءِ حاضر ٿيو آهي، هي آواز ان ۾ رندڪ ٿا وجهن (لفظ اهي هئا يا ان جي ويجهو بهرحال عرض ڪرڻ جو مفهوم اهو

ئي هو) اهو عرض ڪري بِسْمِ اللّٰه چئي ساڄو پير حجري شريف جي دروازي تي رکيم تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان اهي سڀ آواز هڪ دم گم ٿي ويا. مون کي گمان ٿيو تہ شايد هي ماڻهو خاموش ٿي ويا آهن. پر پوئتي مُڙي ڏٺم تہ اهو ئي سلسلو جاري هيو. پير جيڪو اندر رکيل هيو ٻاهر هٿايم تہ وري اهو ئي آوازن جو شور ٻُڌڻ ۾ آيو. وري بِسْمِ اللّٰه پڙهي ساڄو پير اندر رکيم تہ بحمدِاللهِ تَعَالٰي وري ڪن ٿڌا هئا. هاڻي معلوم ٿيو تہ هي مولا عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ۽ حضرت سلطان الاولياء رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي ڪرامت ۽ هن ناچيز ٻانهي تي رحمت ۽ مَعُونَت آهي. شڪرادا ڪيم ۽ مواجهہ شريف آڏو حاضر ٿي مشغول ٿي ويس. ڪو آواز ٻُڌڻ ۾ نہ پئي آيو. جڏهن ٻاهر آيس تہ وري اهو ئي حال هيو جو خانقاهہ شريف کان ٻاهر گهر تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پيو. فقير هي پنهنجي مثان گذريل واقعوعرض ڪيو. (ان جي بيان ڪرڻ جو پهريون سبب هي آهي) تہ اهو (واقعو) الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتِ هئي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿۱۱﴾

(پ 30 سورة الضحیٰ آیت 11)

ترجمون ڪنزالايمان: (پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون ماڻهن سان خوب بيان ڪر.)

ان سان گڏوگڏ (ٻيو سبب هي) تہ هن ۾ ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰي جي غلامن لاءِ خوشخبري ۽ منڪرن لاءِ مصيبت ۽ حسرت آهي. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي پيارن ٻانهن رَضِوَانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي صدقي اسان

کي دنيا و آخرت ۾ ۽ قبر و حشر ۾ پنهنجن محبوبن (رَضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) جي اڻ ڳڻ برڪتن سان مالامال فرماءِ.

(احسن الوعاء لآداب الدعا ص 60 تا61)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي واقعو ”ڀاويهه خواجه جي چائٽ دهلي شريف“ جو آهي. هن ۾ تاجدارِ دهلي حضرتِ سيّدُنا خواجه محبوبِ الاهي نظامُ الدين اولياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي واضح ڪرامت آهي. جڏهن تہ منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بہ اها ڪرامت ئي آهي تہ قبر شريف واري ڪمري ۾ پير رکن پيا تہ کين گانن باجن جا آواز ٻُڌڻ ۾ نہ پيا اچن. هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ بالفرض جيڪڏهن ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مزارن تي جاهل ماڻهو **غير شرعي** ڪم ڪري رهيا هجن ۽ انهن کي روڪڻ جي طاقت نہ هجي، تڏهن بہ ڪو پنهنجو پاڻ کي **الله** وارن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي دربارن جي حاضري کان محروم نہ ڪجي. پر هي واجب آهي تہ انهن بيهوده حرڪتن کي دل ۾ بُرو ڄاڻجي ۽ انهن ۾ شامل ٿيڻ کان بچجي. بلڪ انهن ڏانهن ڏسڻ کان بہ پنهنجو پاڻ کي بچائجي.

پُراسرار پوڙهو ۽ ڪاروجن

مسجدُ النَّبَوِي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُربهار فضائن ۾ هڪ پيري اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽

ٻين صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي وچ ۾ قرآن پاڪ جي فضائل تي مذاڪرو ٿي رهيو هو. انهيءَ وچ ۾ حضرت عَمْرو بن معديڪرب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو، يا اميرالمؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اوهين سڳورا بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي عجائبات کي ڇو وساري رهيا آهيو؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم تمام وڏو عجوبو آهي. اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سڌا ٿي ويهي رهيا ۽ فرمائڻ لڳا، اي ابوثَوْر! (اها حضرت عَمْرو بن معديڪرب جي ڪنيت هئي) توهان اسان کي ڪا عجيب ڳالهه ٻُڌايو، پوءِ حضرت عَمْرو بن **معديڪرب** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو جاهليت جو زمانو هو، ڏڪار جي ڏهاڙن ۾ روزيءَ جي ڳولا ۾ هڪ جهنگ مان گذريس تہ پري کان هڪ خيمي تي نظر پئي ۽ ان جي پرسان هڪ گهوڙو ۽ ڪجهه ٻيا جانور بہ نظر آيا جڏهن ويجهو پهتس تہ اتي هڪ حسين و جميل عورت بہ موجود هئي ۽ خيمي جي اڳڻ ۾ هڪ پوڙهو ٽيڪ لڳائي وينو هو“ مون ان کي ڏمڪائيندي چيو،”جيڪو ڪجهه تو وٽ آهي اهو منهنجي حوالي ڪر!“ ان وراڻيو تہ اي شخص! جيڪڏهن تون مهماني چاهين ٿو تہ اچ ۽ جيڪڏهن توکي مدد گهرجي تہ اسان تنهنجي مدد ڪنداسين.“ مون چيو، ”**بهانا نہ بڻاءِ تو وٽ جيڪو ڪجهه آهي منهنجي حوالي ڪر**“ ان تي اهو پوڙهو ڪمزورن وانگر وڏي مشڪل سان اتي بينو ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ

الرَّحِيْم پڙهي ڪري منهنجي ويجهو آيو ۽ نهايت ئي ڦڙتيءَ سان مون تي حملو ڪيائين ۽ مون کي ڪيرائي منهنجي ڇاتيءَ تي چڙهي وينو ۽ چوڻ لڳو،”هاڻي چئو! مان توکي ذبح ڪيان يا ڇڏي ڏيان؟“، مون گهبرائجي چيم،”ڇڏي ڏي“. هو منهنجي ڇاتيءَ تان لٿو مون دل ۾ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪئي ۽ چيم اي عَمرو! تون عرب جو مشهور پهلوان آهين ۽ هن ڪمزور پوڙهي کان هارائي ڀڄي وڃڻ نامردي آهي هن ذلت کان تہ مري وڃڻ ئي بهترآهي نيٺ مون وري ان کي چيو تہ ” تو وٽ جيڪو ڪجهہ آهي منهنجي حوالي ڪر!“ اهو ٻُڌندي ئي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي اهو پُراسرار پوڙهو وري مون تي حملي آور ٿيو ۽ اک ڇنپ ۾ مون کي ڪيرائي ڇاتيءَ تي چڙهي وينو ۽ چوڻ لڳو،” ٻُڌاءِ توکي ذبح ڪيان يا ڇڏي ڏيان؟ “مون چيو،”مون کي مُعاف ڪر.“ ان مون کي ڇڏي ڏنو پر وري مان ان کان سڄي مال جو مطالبو ڪيم ان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري وري ڪيرائي قابو ڪيو. مون چيو، مون کي ڇڏي ڏي! ان چيو تہ ”هاڻي ٿيون ڀيرو ائين نہ ڇڏيندس“. اهو چئي هن رڙ ڪري چيو، اي ٻانهي تيز تلوار ڪڍي اچ! هوءَ ڪڍي آئي هن منهنجي مٿي جي وارن جي اڳين حصي جي چوٽي ڪٽي ڇڏي ۽ مون کي ڇڏي ڏنو اسان عربن ۾ رواج آهي تہ جڏهن ڪنهن جي چوٽيءَ جا وار ڪٽيا ويندا آهن تہ اهو ٻيهر وار اچڻ کان اڳ پنهنجي گهروارن کي

منهن ڏيڪاريندي شرمائيندو آهي، (**چو تہ چوٽي ڪٽجي وڃڻ شڪست ڪاڏل جي نشاني آهي**) تنهنڪري مان هڪ سال تائين ان پوڙهي جي خدمت جو پابند ٿي ويس، سال پورو ٿي وڃڻ کان پوءِ هو مون کي ميدان ۾ وٺي ويو. اتي هن وڏي آواز سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي تہ سڀ پڪي پنهنجن آڪيرن مان نڪري اڏامي ويا، ٻيهر ائين پڙهڻ تي سيئي درندا (خونخوار جانور) پنهنجي جڳهن کان ٻاهر نڪري ويا وري ٿيهر زور سان پڙهڻ تي **اوني لباس ۾ ملبوس ڪجيءَ جي ٿڙ جيڏو ڊگهو خوفناڪ ڪارو جنّ** ظاهر ٿيو انکي ڏسي منهنجا لڳ ڪانڊارجي ويا **پُراسرار پوڙهي** چيو، ”اي عَمَرو! همت رک، جيڪڏهن هي مون تي غلبو ماڻي وٺي تڏهن هيئن چئجانءِ هن ڀيري منهنجو ساٿي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان غالب ٿيندو، پوءِ اهو **پُراسرار پوڙهو** ۽ **ڪارو جن** پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا **پُراسرار پوڙهو** هارائي ويو ۽ **ڪارو جن** ان تي غالب اچي ويوانهيءَ تي مون چيو هن ڀيري منهنجو ساٿي لات ۽ عُزّٰي (**يعني ڪافرن جي انهن ٻنهي بتن**) جي ڪري ڪٽندو. اهو ٻُڌي ڪري ان **پُراسرار پوڙهي** مون کي ايڏي زور سان ٿڦ هنئي جو مون کي ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا ۽ ائين محسوس ٿيو جو جڻ هاڻي منهنجي سِسي ڏڙ کان ڌار ٿي ويندي. مون معذرت ڪئي، ۽ چيم تہ ٻيهر اهڙي حرڪت نہ ڪندس پوءِ وري ٻنهي ۾ مقابلو ٿيو **پُراسرار پوڙهو** ان **ڪاري**

جن کي قابُو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته مون چيو منهنجو ساٿي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان غالب اچي ويو.“ اهو چوڻ جي دير هئي ته پُراسرار پوڙهي نهايت ئي ڦڙتيءَ سان ان کي زمين ۾ ڪانيءَ وانگر کوڙي ڇڏيو ۽ پوءِ ان جو پيٽ چيري ان مان بتيءَ وانگر ڪا شيءِ ڪڍيائين ۽ چيائين ”اي عَمَرو! هي ان جو دوکو ۽ ڪفر آهي.“ مون ان پُراسرار پوڙهي کان پُڇيو توهان جو ۽ ان ڪاري جنّ جو قصو ڇا آهي؟ چوڻ لڳو، هڪ عيسائي جنّ منهنجو دوست هو، ان جي قوم مان هر سال هڪ جنّ مون سان جنگ ڪندو آهي، ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان مون کي فتح عطا فرمائيندو آهي. پوءِ اسان اڳتي وڌياسين هڪ جڳهه تي جڏهن اهو **پُراسرار پوڙهو** غافل ٿي سمهي پيو ته موقعو ڏسي مون ان جي تلوارکسي ڪري وڏي ڦڙتيءَ سان ان جي پِنين تي زوردار وار ڪيو، جنهن سان ان جون ٻئي جنگهون ڪٽجي جسم کان ڌار ٿي ويون، هو رڙيون ڪري چوڻ لڳو اي غدار!تون مونکي سخت دوکو ڏنو آهي! ”پر مون ان کي سنيرڻ جو موقعو ئي نه ڏنو. لاڳيتا وار ڪري ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيم پوءِ جڏهن مان خيمي ۾ واپس آيس ته ان ٻانهيءَ پُڇيو اي عَمَرو!جنّ سان مقابلي جو ڇا ٿيو؟ مون چيو پوڙهي کي جنّن قتل ڪري ڇڏيو آهي هوءَ چوڻ لڳي تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين اي

بي وفا! ان جا قاتل جنّ نہ پر تون آهين، اهو چئي هن بيقرار ٿي عربي ۾ پنج شعر پڙهيا جن جو ترجمو هي آهي، ﴿1﴾ اي! منهنجي اک تون ان بهادر پهلوان تي خوب روءُ ۽ لڳاتار ڳوڙها ڳاڙ ﴿2﴾ اي عَمرو! تنهنجي زندگيءَ تي افسوس آهي حالانڪ تنهنجي دوست کي زندگيءَ موت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. ﴿3﴾ ۽ (اي عَمْرو! پنهنجي دوست کي پنهنجن هٿن سان) قتل ڪرڻ کانپوءِ تون (پنهنجي قبيلي) بني زُبَيده ۽ ڪافرن (يعني ناشڪرن) جي ٽولي سامهون ڪيئن فخر سان هلي سگهين ٿو؟ ﴿4﴾ مون کي پنهنجي عمر جو قسم!(اي عَمْرو) جيڪڏهن تون وڙهڻ ۾ واقعي سچو هجين ها (يعني بغير دوکو ڏيڻ جي مردن وانگر ان سان مقابلو ڪرين ها) تہ ان جي طرفان تيز ڪٽيندڙ تلوار ضرور تو تائين پهچي ها (۽ تنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏي ها) ﴿5﴾ (اي ان پوڙهي کي قتل ڪرڻ وارا) حقيقي بادشاهہ **الله** عَزَّوَجَلَّ توکي بُرو ۽ ذلت وارو بدلو ڏئي (تنهنجي ڏوهہ جي بدلي ۾) ۽ توکي بہ ان جي طرفان ذلت ۽ خواري واري زندگي ملي (جيئن تون پنهنجي دوست سان ذلت ۽ خواري وارو سلوڪ ڪيو آهي.) مان ڪاوڙ ۾ اچي ان کي قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيس پر هوءَ حيرت انگيز طور تي منهنجي نظرن کان غائب ٿي وئي جڻ هن کي زمين ڳهي وئي هجي!

(ملخص از لقط المرجان في احكام الجان للسيوطي ص 141 تا 143)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جون ڪيتري قدر حيرت انگيز برڪتون آهن. انهن برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي عادت بڻائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪريو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جا مسئلا حيرت انگيز طور تي حل ٿي ويندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان غيبي امدادون ٿينديون.

نيت صاف، منزل آسان مدينه

عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو ڪَپڙَوَنج (گجرات الهند) پهتو، **"علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت"** جي دؤران هڪ شرابيءَ سان اوچتو ملاقات ٿي وئي، عاشقانِ رسول ان تي خوب **انفرادي ڪوشش** ڪئي، جڏهن ان سبز عمامي وارن جون شفقتون ۽ پيار ڏٺو تہ هٿو هٿ انهن سان گڏ هلي پيو، عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان گناهن کان توبهہ ڪيائين، ڏاڙهي مبارڪ وڌايائين، سبز عمامي جو تاج بہ مٿي تي سينگارجي ويس، مدني لباس جو بہ ذهن بڻجي ويس، ڇهن ڏينهن تائين مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪرڻ جي نيّت ڪيائين پر زادِ قافلا يعني سفر لاءِ پئسا ڪانہ هُيس. هڪ ڏينهن هڪ

مائٽ سان ان جي ملاقات ٿي وئي ان جڏهن معاشري جي بدنام ۽ شرابي کي ڏاڙهي، سبز سبز عمامي ۽ مدني لباس ۾ ڏٺو تہ ڏسندي ئي حيران ٿي ويو، جڏهن ان کي ٻُڌايائين تہ هي سڀ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت آهي ۽ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسباب هجڻ جي صورت ۾ وڌيڪ 92 ڏينهن جي سفر جو پختو ارادو آهي. ان تي ان مائٽ چيس، ”پيسن جو فڪر نہ ڪريو. 92 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو خرچ مون کان قبول ڪريو ۽ ان سان گڏ مان 92 ڏينهن تائين توهان جي گهر جو خرچ بہ پنهنجي ذمي کڻان ٿو. اهڙيءَ ريت اهو ديوانو 92 ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو.

غيبي امداد ہو گھر بھی آباد ہو رزق کے دَر کھلیں بَرَکتیں بھی ملیں
چل کے خود دیکھ لیں قافلے میں چلو لطفِ حق دیکھ لیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پنج مدني گل

حضرت سيّدُنا **عبدالله** بن عَمْرو بن العاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ارشادِ سعادت بنياد آهي، پنج عادتون اهڙيون آهن جيڪو بہ انهن کي اختيار ڪري تہ دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت مند بڻجي وڃي. ﴿1﴾ وقت بوقت، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوندو رهي. ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃي (مثلاً بيمار ٿي پوي يا نقصان ٿي وڃي يا پريشاني جي

خبر پُڌي) تہ پڙهي. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ۽ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم ﴿3﴾ جڏهن بہ نعمت ملي تہ شڪراني ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوي. ﴿4﴾ جڏهن ڪنهن (جائز) ڪم جو آغاز ڪري تہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم چوي. ﴿5﴾ جڏهن گناهہ ڪري ويهي تہ هيئن چوي اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ (يعني مان عظمت واري **الله** عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت گهرندي ان جي طرف توبهہ ڪريان ٿو.)

(المنبهات للعسقلاني ص 58)

جهڙو دروازو تهڙي خيرات

مفسّرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، **الله** عَزَّوَجَلَّ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ۾ پنهنجي ذاتي نالي سان گڏ رحمت جي بن صفتن جو بيان فرمايو آهي، جو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ ۾ هَيبَت هئي ۽ رَحْمٰن ۽ رَحِيْم ۾ رحمت. **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو پُڌي نيڪ بانهن کي بہ ڪجهہ عرض ڪرڻ جي جرات نہ ٿيندي هئي پر رَحْمٰن ۽ رَحِيْم پڌي هر ڏوهاري ۽ گناهگارکي بہ عرض ڪرڻ جي همت ٿي ۽ حقيقت بہ اها ئي آهي تہ هن جي جلال جي سامهون ڪير ٿو بيهي سگهي ۽ جمال جي ظاهر ٿيڻ وقت هر هڪ ناز ڪري سگهي ٿو. ” تفسيرِ ڪبير شريف“ ۾ ان جي تحت هڪ **عجيب حڪايت** لکيل آهي هڪ سُوالي (پَينُون) هڪ تمام وڏي مالدار جي عظيم الشّان دروازي تي آيو ۽ ڪجهہ

گهريائين، گهر مان ڪا معمولي شيءِ آئي فقير اها ورتي ۽ هليو ويو. ٻئي ڏينهن هڪ مضبوط ٽيڪم ڪٽي آيو ۽ دروازو کوٽڻ لڳو مالڪ پُڇيس ته هي ڇا ٿو ڪرين؟ فقير چيو،”يا ته عطا (يعني خيرات) کي دروازي جي لائق ڪر يا دروازو عطا جي لائق ڪر“يعني جڏهن دروازو وڏو ٺهرايو اٿئي ته ضروري آهي ته وڏي دروازي تان وڏي ئي خيرات ملي ڇو ته عطا دروازي ۽ نالي جي لائق ئي هئڻ گهرجي اسان فقير گناهگار ٻانها به عرض ڪيون ٿا، اي مولا عَزَّوَجَلَّ اسان کي اسان جي لائق نه ڏي بلڪ پنهنجي سخاوت جي لائق ڏي بيشڪ اسان گناهگار آهيون پر تنهنجي غَفّاري اسان جي گناهگاري کان وسيع آهي.

(تفسيرنعيمي پهريون سيپارو ص ٤٠)

..گُنہِ گدا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سوا
مگر اے عَفُوّ ترے عَفْوُ کا نہ حساب ہے نہ شمار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ يقيناً رَحْمٰن ۽ رَحِيْم آهي جيڪو ان جي رحمت تي نظر رکي ۽ ان سان پنهنجو سنو گمان قائم ڪري ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ ان جا ٻيڙا پار آهن، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان ان کي ڪڏهن به محرومي نٿي ٿي سگهي جيئن ته **تفسيرِ نعيمي** ۾ پهرين سيپاري جي **38** هين صفحي تي آهي.

رحمت پري حڪايت

ٻه ڀائر هئا، هڪ پرهيزگار ٻيو گناهگار. جڏهن گناهگار ڀاءُ مرڻ جي ويجهو ٿيو ته پرهيزگار ڀاءَ چيس، اي ڀاءَ مون توهان کي ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر توهان گناهن کان باز نه آيؤ، هاڻي ٻُڌايو توهان جو ڇا حال ٿيندو؟ ان وراڻيو جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجو رب عَزَّوَجَلَّ منهنجو فيصلو **منهنجي ماءُ** جي حوالي ڪري ڇڏي ته ٻُڌاءِ امڙ مون کي ڪيڏانهن موڪليندي دوزخ ۾ يا جنّت ۾؟ پرهيزگار ڀاءُ وراڻيو ته ماءُ ته واقعي جنّت ۾ ئي موڪليندي. گناهگار جواب ڏنو ته **"منهنجو رب** عَزَّوَجَلَّ **منهنجي ماءُ تان به وڌيڪ مهربان آهي."** ائين چيائين ۽ سندس انتقال ٿي ويو. وڏي ڀاءَ خواب ۾ ڪيس تمام خوشحال ڏنو، بخشش جو سبب پُڇيائينس ته چيائين، مرڻ وقت جي چيل انهيءَ ڳالهه منهنجا سيئي گناه بخشرائي ڇڏيا. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي **انهن** تي **رحمت هجي** ۽ **انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

ہم گنہگاروں پہ تیری مہربانی چاہے
سب گُنہ دُھل جائیں گے رَحمت کا پانی چاہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي زبان مان نڪتل **"هڪ لفظ"** بخشش جو به سبب ٿي

سگهي ٿو ته تباهيءَ جو به. جيئن ته هاڻي توهان واقعي ۾ ٻُڌو ته هڪ جملي ان گناهگارجا ٻيڙا پار ڪرائي ڇڏيا. اهڙيءَ ريت تباهي جو مثال هي آهي ته جيڪڏهن ڪو زبان مان واضح ڪفر بڪي ۽ بنا توبهه جي مري وڃي ته هميشه جي لاءِ جهنَّم ان جو مقدر آهي. تباهيءَ کان پاڻ کي بچائڻ ۽ بخشش حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن پريو سفر پڻ آهي. جيڪڏهن سفر جي سچي نيّت ڪئي وڃي ۽ ڪنهن سبب جي ڪري سفر نصيب نه ٿئي تڏهن به ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻيڙو پار آهي. مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪرڻ واري هڪ خوشنصيب جو ايمان افروز واقعو ٻُڌندا ۽ جهومندا. جيئن ته

باغ جو هِندورو

حيدرآباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ پاڙي ۾ **علا ئقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ** جي دعوت کان متاثر ٿي هڪ مادرن نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏياري وئي ته ان مدني قافلي ۾سفر لاءِ پنهنجو نالو لکرايو، اجان **مدني قافلي** سان سندس روانگي ۾ ڪجهه ڏينهن باقي هئا ته قضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ سان ان جو انتقال ٿي ويو. ڪنهن گهرياتيءَ کيس خواب ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو هو هڪ سرسبز باغ ۾ تمام خوش باش هِندوري

(يعني جهولي) ۾ لُڏي رهيو آهي. ڪانئس پُڇيو ويو، تہ هتي ڪيئن اچي وئين؟ جواب ڏنائين، **"دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي سان گڏ آيو آهيان الله** عَزَّوَجَلَّ **جو وڏو ڪرم ٿي ويو، منهنجي امڙ کي چئجو تہ منهنجو ڏک نہ ڪري هتي آءُ ڏاڍو فرحت سان آهيان."**

خُلد میں ہوگا ہمارا داخِلہ اِس شان سے
یا رسولَ اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

غير نبي جو خواب شريعت ۾ حجت ناهي، پر اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد رکڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ ان جي خفيہ تدبير کان ڊڄڻ بہ گهرجي. هي سڀ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مَشِيَّت تي آهي جو جيڪڏهن چاهي تہ ڪنهن هڪ گناه تي پڪڙ فرمائي ۽ چاهي تہ ڪنهن هڪ نيڪيءَ تي نوازي ڇڏي. يا فقط پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ائين ئي نوازي ڇڏي. جيئن **24** هين سيپاري سورة الزمر **جي آيت نمبر53 ۾ خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ **جو فرمانِ مغفرت نشان آهي.**

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ

ترجمو ڪنزالايمان: تون فرماءِ اي منهنجا اهي بانهؤ جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان ناميد نہ ٿيو بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ سمورا گناه بخشي ڇڏي ٿو.

هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

بخاري شريف جي حديث ۾ هي مضمون موجود آهي تہ

سو ماڻهن جو قاتل بخشيو ويو

بني اسرائيل جو هڪ شخص جنهن **99** قتل ڪيا هئا هڪ راهب (يعني عيسائي عبادت گزار، تارِڪُ الدُّنيا) وٽ پهتو ۽ پُڇيائينس، ڇا مون جهڙي ڏوهاريءَ جي لاءِ ڪا توبهہ جي گنجائش آهي؟ راهب ان کي مايوس ڪري ڇڏيو تہ ان راهب کي بہ قتل ڪري ڇڏيو پر وري شرمسار ٿي توبهہ جو طريقو ماڻهن کان پُڇندو رهيو. آخرڪار ڪنهن چيس تہ فلاڻي ڳوٺ ۾ وڃ (اتي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هڪ ولي آهي اهو تنهنجي رهنمائي ڪندو.) نيٺ هو اوڏانهن هلڻ لڳو پر رستي ۾ بيمار ٿي پيو جڏهن **مرڻ جي ويجهو** ٿيو تہ ان پنهنجو سينو ان ڳوٺ ڏانهن ڪري ڇڏيو ۽ فوت ٿي ويو. هاڻي ان کي وني وڃڻ جي باري ۾ رحمت ۽ عذاب جي فرشتن ۾ اختلاف ٿي پيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ميّت ۽ ڳوٺ جي وچ واري زمين جي حصي کي سوڙهو ٿي ڪري ميّت جي ويجهو ٿيڻ جو حڪم فرمايو ۽ جتان هو هليو هو ۽ جتي پهچي ڪري فوت ٿيو هيو ان زمين جي وچ واري فاصلي کي وڌيڪ ڊگهو ٿيڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ماپ جو حڪم فرمايائين تہ هو جنهن ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ان

طرف هڪ گرانٽ وڏيڪ ويجهو ڏٺو ويو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي. (صحيح بخاري ج 2 ص 466 رقم الحديث 3470)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي بارگاهه ۾ حاضري ۽ انهن جي ڳوٺ جي تعظيم ڪندي ان کي پنهنجي روح جو قبلو بڻائڻ تمام پسنديده عمل آهي. بس **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي جهومندا جو جيڪو پروردگار عَزَّوَجَلَّ **100** ماڻهن جي قاتل کي فقط پنهنجي رحمت سان بخشي ڇڏي ته اهو جيڪڏهن سنّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪرڻ واري ڪنهن خوشنصيب نوجوان تي مهربان ٿي وڃي ته هي به ان جي رحمت ئي رحمت آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي هر شيءِ تي قدرت حاصل آهي. منهنجو مدني مشورو آهي ته **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت جي ڇا ڳالهه ڪجي! يقيناً **عاشقانِ رسول** جي صحبت رنگ لائيندي آهي زندگي ته پنهنجي جاءِ تي، پر ڪجهه موتَ به رِيس جوڳا هوندا آهن اهڙي ئي هڪ قابلِ رشڪ موت جو تذڪرو ٻُڌو ۽ رشڪ ڪيو.

قابلِ رَشک موت

محمد وسيم عطاري (باب المدينه نارٿ ڪراچي) سگِ مدينه **عُفِي عَنه** وٽ تشريف آڻيندا هئا، ويچاري جي هٿ ۾ ڪينسر ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن سندن هٿ ڪٽي ڇڏيو سندن علائقي جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻُڌايو تہ وسيم ڀاءُ تمام گهڻي سور جي ڪري سخت تڪليف ۾ آهن. مان اسپتال ۾ عيادت لاءِ حاضر ٿيس ۽ تسلي ڏيندي چيومانس تہ ديوانا! ڪابہ هٿ ڪٽجي ويو ان جو غم نہ ڪريو. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ساڄو هٿ تہ سلامت آهي ۽ سڀ کان وڏي سعادت هي تہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ايمان بہ سلامت آهي.

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون ان کي ڪافي صابر ڏٺو فقط مسڪرائيندا رهيا، ايتري تائين جو بستري تان اٿي مون کي ٻاهر تائين ڇڏڻ آيا، آهستي آهستي هٿ جي تڪليف تہ ختم ٿي وئي، پر ويچاري جو ٻيو امتحان شروع ٿي ويو اهو هي تہ سندن ڇاتيءَ ۾ پاڻي ڀرجي ويو، سور ۽ تڪليف ۾ ڏينهن گذرڻ لڳا آخر هڪ ڏينهن تڪليف تمام وڌي وئي، هن **الله** عَزَّوَجَلَّ **جو ذڪر ڪرڻ** شروع ڪيو. سڄو ڏينهن **الله الله** جي صدائن سان ڪمرو گونجندو رهيو، سندن طبيعت تمام گهڻي ڳُٽتيءَ جوڳي ٿي چُڪي هئي، ڊاڪٽر وٽ وني وجڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر انڪار ڪري ڇڏيائون، سندن ڏاڏيءَ گهڻي شفقت منجهان هنج ۾

ورتو، زبان تي ڪلمهءِ طيّبه لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاري ٿيو ۽ 22 ورهين جي محمد وسيم عطاري جو روح قفسِ عُنْصُري (يعني جسماني پِجري) مان پرواز ڪري ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

جڏهن مرحوم کي غُسل ڏيڻ لاءِ کڻي وڃڻ لڳا تہ اوچتو چادر منهن تان هٿي وئي، مرحوم جو چهرو گلاب جي گل جيان ٽڙيل هو، غسل کان پوءِ چهري جي بهار ۾ ويتر نکار اچي ويو. تدفين کان پوءِ عاشقانِ رسول نعتون پڙهي رهيا هئا ۽ قبر مان خوشبوءِ جا اهڙا هُڳاءَ اچڻ لڳا جو سنگهڻ جا حواس معطر ٿي ويا پر جنهن خوشبوءِ محسوس ڪئي انهيءَ ئي محسوس ڪئي. گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ انتقال کان پوءِ خواب ۾ مرحوم محمد وسيم عطاري کي گلن سان سينگاريل هڪ ڪمري ۾ ڏٺو ۽ پُڇيو تہ ڪٿي رهندو آهين؟ هٿ سان هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيائون تہ ”هيءَ منهنجي جاءِ آهي هتي مان ڏاڍو خوش آهيان. “پوءِ هڪ سينگاريل بستري تي ليٽي پيا. مرحوم جي والد صاحب پنهنجو پاڻ کي خواب ۾ وسيم عطاري جي قبر وٽ ڏٺو، اوچتو قبر کلي وئي ۽ مرحوم سبز سبز عمامو سجائي اَڇو ڪفن پهريل ٻاهر نڪري آيا، ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون ۽ وري قبر ۾ داخل ٿي ويا ۽ قبر ٻيهر بند ٿي وئي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

يااللہ عَزَّوَجَلَّ منهنجي، مرحوم جي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي بخشش فرماءِ ۽ اسان سيني کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت ڏي ۽ مرڻ مهل ذڪر و درود ۽ ڪلمهءِ طيبه نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عاصی ہوں، مغفرت کی دعائیں ہزار دو
نعتِ نبی سنا کے لحد میں اُتار دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

" بِسْمِ الله ڪريو" چوڻ منع آهي

ڪجهه ماڻهو هيئن چئي ڇڏيندا آهن،"بِسْمِ الله ڪريو! **اچو سائين** بِسْمِ الله! "مون بِسْمِ الله ڪري ڇڏي." واپاري ماڻهو جيڪو ڏينهن ۾ پهريون سودو وڪڻندا آهن ان کي عام طور تي"مُهڙي" چيو ويندو آهي پر ڪجهه ماڻهو ان کي به بِسْمِ الله چوندا آهن. مثلاً منهنجي ته اڄ اجان بِسْمِ الله ئي نه ٿي آهي!" جن جملن جا مثال پيش ڪيا ويا اهي سڀ غلط انداز آهن. اهڙيءَ طرح ماني کائڻ وقت جيڪڏهن ڪو اچي ويندو آهي ته اڪثرڪائڻ وارو ان کي چوندو آهي اچو توهان به کائو ته عام طور تي جواب ملندو آهي، بِسْمِ الله يا هيئن چوندا آهن،"بِسْمِ الله

ڪريو! "بهارِ شريعت جي سورهين حصي جي 32 هين صفحي تي آهي تہ" اهڙي موقعي تي بِسْمِ اللّٰه چوڻ کي عالمن تمام سخت **ممنوع** قرار ڏنوآهي ها ائين چئي سگهو ٿا بِسْمِ اللّٰه پڙهي کائي وٺو. بلڪ اهڙي موقعي تي دعا وارا الفاظ چوڻ بهتر آهي، مثلاً بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ۽ توهان کي برڪت ڏئي يا پنهنجي مادري ٻولي ۾ چئي ڇڏيو **الله** عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏئي.

"بِسْمِ الله" چوڻ ڪڏهن ڪفر آهي؟

"**حرام** ۽ ناجائز ڪم کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه شريف هرگز، هرگز، هرگز نہ پڙهي وڃي جو "فتاوىٰ عالمگيري" ۾ آهي، "شراب پيئڻ وقت، زنا ڪرڻ وقت يا جُوا کيڏڻ وقت بِسْمِ اللّٰه چوڻ ڪفر آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 273)

ملائڪ نيڪيون لکندا رهندا آهن

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ، صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، "اي ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن توهين **وضو** ڪريو تہ بِسْمِ اللّٰهِ وَ الْحَمْدُ لِلّٰه چوندا ڪريو، جيسيتائين توهان جو وضو باقي رهندو انهيءَ وقت تائين توهان جا فرشتا يعني (ڪراماً ڪاتبين) توهان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا." (طبراني صغير ج 1 ص 73رقم الحديث 186)

جيڪو شخص ڪنهن جانور تي سوار ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰه ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه پڙهي وٺي ته ان جانور جي هر قدم تي، سوار جي حق ۾ هڪ نيڪي لکي ويندي . (تفسيرنعيمي ج 1ص 42)

پيڙيءَ ۾ نيڪيون ئي نيڪيون

جيڪو شخص **پيڙيءَ** ۾ سوار ٿيڻ وقت " بِسْمِ اللّٰه ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه " پڙهي وٺي، جيسيتائين هُو اُن ۾ سوار رهندو ان جي لاءِ نيڪيون لکيون ويندیون. (تفسيرِ نعيمي ج 1ص 42)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جا فضائل ايڏا ته گهڻا آهن جو پڙهي يا ٻُڌي دل چاهيندي آهي ته هر وقت " بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم " ئي پڙهندا رهون، پر اها سعادت فقط **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان ئي ملي سگهي ٿي، الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ رهي ڪري، هڪ ٻئي تي **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي به الله عَزَّوَجَلَّ جي مهرباني ٿي وڃي ته بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت ٻڌجي سگهي ٿي. يقيناً دين جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ **انفرادي ڪوشش** جو وڏو عمل دخل آهي. ايتري تائين جو اسان جي مٿي مٿي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سمورن نبين سڳورن (عَلَيْهِمُ السَّلَام) نيڪيءَ جي دعوت جي ڪم ۾ انفرادي ڪوشش فرمائي آهي اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جا مبلغ به انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري سنّت تي

عمل ڪري ماڻهن جي دلين ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۾ مشغول آهن. انهن جي انفرادي ڪوششن جي برڪتن وارا لکيل واقعا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي نظر آڏو اچي ويندا آهن. جيئن تہ

ڊرائيور تي انفرادي ڪوشش

هڪ عاشقِ رسول مون کي هڪ لکيل واقعو ڏنو هو، ان جو خلاصو پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.”دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز **فيضان مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ جمعي جي رات ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مختلف علائقن کان ڀرجي آيل مخصوص بسيون واپسيءَ جي انتظار ۾ جتي بيهنديون آهن، اتان گذريس تہ ڇا ٿو ڏسان جو هڪ خالي بس ۾ گانا وڄي رهيا آهن ۽ ڊرائيور چرس جا سوٽا هڻي رهيو آهي، مون وڃي ڊرائيور سان محبت ڀرئي انداز ۾ ملاقات ڪئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ملاقات جون برڪتون فوراً ظاهر ٿيون ۽ هن پنهنجو پاڻ گانا بند ڪري ڇڏيا ۽ چرس وارو سگريٽ بہ وسائي ڇڏيو مان مُرڪندي سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ **”قبر ڪي پهلي رات“** ان کي پيش ڪئي، ان انهيءَ وقت ئي ٽيپ ۾ لڳائي ڇڏي. مان بہ گڏ ويهي ٻُڌڻ لڳس جو ٻين کي بيان ٻُڌائڻ جو مفيد طريقو اهو ئي آهي تہ پاڻ بہ گڏ ويهي ٻُڌي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ

ان تمام سنو اثر ورتو، ۽ گهبرائجي گناهن کان توبهه ڪيائين ۽ گاڏيءَ مان نڪري مون سان گڏ اجتماع ۾ اچي ويهي رهيو.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بيان جي ڪيست تحفي طور ڏيو

متا متا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! **انفرادي ڪوشش** مان ڪيڏو فائدو ٿئي ٿو، تنهن ڪري هر مسلمان تي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ ۽ ان کي نمازن جي دعوت ڏيڻ گهرجي، اجتماع وغيره جي لاءِ جيڪڏهن بس يا ويگن ۾ اچو تہ ڊرائيور ۽ ڪنڈيڪٽر کي بہ شريڪ ٿيڻ جي درخواست ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو اچڻ جي لاءِ بالفرض تيار نہ ٿو ٿئي، تہ ٻُڌڻ جي درخواست ڪري ان کي بيان جي ڪيسيٽ پيش ڪئي وڃي، ۽ اهو ٻُڌي وٺي تہ اها واپس وٺي ٻئي کي ڏني وڃي، ۽ جيترو ممڪن هجي بيان جي ڪيسيٽ ڏئي بدلي ۾ انهن کان گانن جون ڪيسيٽون وٺي انهن تي بيان ڀرائي ڪري اڳتي وڌائڻ گهرجن، اهڙيءَ طرح ڪجهہ نہ ڪجهہ گناهن ڀريل ڪيسيٽن جو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ خاتمو ٿي ويندو. **انفرادي ڪوشش** ۽ سمجهائڻ کي ڇڏي نہ ڏيڻ گهرجي، الله ربُّ العٰلَمين جل جلاله **27** هين سيپاري سورة الذّٰريٰت جي آيت نمبر**55** ۾ فرمائي ٿو.

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آهي.

ڪو مجي يا نه مجي، پنهنجو ثواب ڪڙو مڙيو

جيڪڏهن ڪو اسان جي ڳالهه نٿو مجي پوءِ به ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ته نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملي ويندو. جيئن ته **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي "**مكاشفة القلوب**" ۾ فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي سڏي، ان کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ بُرائيءَ کان روڪي، ان جي جزا ڇا آهي؟ فرمايائين، "مان ان جي هر ڳالهه تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي." (مكاشفة القلوب ص48)

روءِ زمين جي سلطنت کان بهتر

جيڪڏهن اوهان جي **انفرادي ڪوشش** سان ڪو نمازن ۽ سنّتن جي راهه تي هلي پيو ته توهان جو به بيڙو پار ٿي ويندو. جيئن ته رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ معظّم آهي، "**الله** تعاليٰ هڪ شخص کي تُنهنجي ذريعي سان هدايت فرمائي ته اهو تو لاءِ سڄي روءِ زمين جي سلطنت ملڻ کان بهتر آهي."

(جامع صغير ص 444 رقم الحديث 7219)

زهرِ قاتل بي اثر ٿي ويو

هڪ پيري سيّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڪجهه مجوسين عرض ڪيو تہ اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اسان کي ڪا اهڙي نشاني ٻُڌايو، جنهن سان اسان تي اسلام جي حقانِيَّت واضح ٿئي تہ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ زهرِ قاتل گهرايوءِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ان کي کائي ڇڏيو. بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي برڪت سان زهرِ قاتل پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو. اهو منظر ڏسي ڪري مجوسي (باهه جا پوڄاري) بي اختيار ٿي چوڻ لڳا دينِ اسلام حق آهي.

(تفسيرِ ڪبيرج اول ص 155)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڪائڻ يا پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي وٺڻ سان جتي آخرت جو عظيم ثواب آهي اتي دنيا ۾ بہ ان جو هي فائدو آهي تہ جيڪڏهن ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ ۾ ڪي نقصان ڏيندڙ جُزا شامل هجن بہ تہ اهي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ نقصان ڪونہ ڪندا. حضرتِ سيّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي زهر اثر نہ ڪرڻ جو هي واقعو ٻين ڪتابن ۾ ڪجهه لفظن جي فرق سان بہ ملي ٿو يا هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا اها ڪرامت ظاهر ٿي هجي. جيئن تہ

خوفناڪ زهر

حضرتِ سيّدُنا خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ "حيره" واري جڳهه تي جڏهن پنهنجي لشڪر سان گڏ ترسيا تہ ماڻهن عرض ڪيو، ياسيّدي! اسان ڪي انديشو آهي تہ ڪٿي هي عجمي ماڻهو توهان کي زهر نہ ڏئي وجهن، تنهن ڪري هوشيار رهجو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايائون، "ڪٿي اچو مان ڏسان تہ عجمين جو زهر ڪيئن هوندو آهي؟ "ماڻهن آڻي ڏنو تہ پاڻ بِسْمِ اللّٰه پڙهي ڪائي ڇڏيائون اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪين وار جيترو بہ نقصان نہ پهتو ۽ "ڪلبي" جي روايت ۾ آهي تہ هڪ عيسائي پادري جنهن جونالو عبدالمسيح هو. هڪ اهڙو زهر ڪٿي آيو جنهن جي ڪائڻ ڪان هڪ ڪلاڪ پوءِ موت يقيني هوندو آهي، پاڻ جڏهن ان ڪان زهر وٺي ان جي سامهون ئي بِسْمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ رَبِّ الْاَرْضِ وَالسَّمَآءِ بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَایَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ دَاءٌ پڙهيو ۽ زهرڪائي ڇڏيائون. هي منظر ڏسي ڪري عبدالمسيح پنهنجي قوم کي چيو، "اي منهنجي قوم! انتهائي حيرت واري ڳالهہ آهي جو هي ايڏو خطرناڪ زهر ڪائي ڪري بہ زندهہ آهن، هاڻي بهتر اهو آهي تہ ساڻن ناهہ ڪيو وڃي نہ تہ سندن فتح يقيني آهي. هي واقعو اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خلافت واري دؤر ۾ ٿيو. (ملخص ازحجة الله علي العٰلمين ج 2ص 617)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنواوهان! سيّدُنا خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪيڏو خاص ڪرم هو ۽ يقينًا هي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ڪرامت هئي. ڪرامت جا بيشمار قسم آهن. جن مان هڪ قسم "مُهْلِكات (يعني موتمار شين) جو اثر نہ ڪرڻ "بہ آهي، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى تي بہ زهر وغيره اثر نہ ڪرڻ جا واقعا ملن ٿا. جيئن تہ

باهہ هئي يا باغ؟!

هڪ بدعقيده بادشاهہ هڪ الله واري بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ساٿين سميت گرفتار ڪيو ۽ چيائين تہ "ڪرامت ڏيکاريو، نہ تہ توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ساٿين سميت شهيد ڪيو ويندو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اٺ جي قولڙين ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون تہ اهي ڪٺي اچو ۽ ڏسو تہ اهي ڇا آهن؟ جڏهن ماڻهن انهن کي ڪٺي ڏٺو تہ اهي **خالص سون جا ٽڪرا** هئا، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ خالي پيالي کي ڪٺي گهمايائون ۽ اونڌو ڪري بادشاهہ کي ڏنائون تہ اهو پاڻيءَ سان ڀريل هو ۽ اونڌو هئڻ جي باوجود ان مان هڪ ڦڙو بہ پاڻيءَ جو نہ ڪِريو هو، هي ٻئي ڪرامتون ڏسي **بدعقيده بادشاهہ** چوڻ لڳو تہ هي سڀ نظربندي ۽ جادو آهي پوءِ بادشاهہ باهہ ٻارڻ جوحڪم ڏنو. جڏهن باهہ

جا شعلا بلند ٿيا تہ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ سندن ساٿي باهہ ۾ گهڙي پيا ۽ پاڻ سان گڏ بادشاهہ جي ننڍي شهزادي کي بہ ورتيون ويا. بادشاهہ پنهنجي پٽ کي باهہ ۾ ڪِرندو ڏسي ان جي جُدائيءَ ۾ بي چين ٿي ويو، ڪجهہ دير کان بعد ننڍڙي شهزادي کي ان حال ۾ بادشاهہ جي هنج ۾ وڌو ويو، جو ان جي هڪ هٿ ۾ **صوف** ۽ ٻئي ۾ ڏاڙهون هيو. بادشاهہ پُڇيو تہ ”پٽ! تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟ “ تہ ان چيو مان هڪ **باغ** ۾ هيس. اهو ڏسي ظالم ۽ **بد عقيده بادشاهہ** جا درباري چوڻ لڳا، هن ڪم جي ڪا حقيقت ناهي. (هي جادو آهي) بادشاهہ (ان بزرگ کي) چيو، جيڪڏهن تون هي **زهر** پي وڃين تہ مان توکي سچو مڃيندس. ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بار بار زهر جو پيالو پيتو هر ڀيري زهر جي اثر کان ان بزرگ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيْه جا فقط ڪپڙا ڦاٽندا رهيا پر سندن ذات تي **زهر** جو ڪو اثر نہ ٿيو.

(**ملخص ازحجة الله علي العٰلمين ج2 ص611**)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

فانوس بن کے جس کی حفاظت " ہَوا" کرے
وہ شَمْع کیا بُجھے جسے روشن خدا کرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو ته وڏو شان آهي ۽ انهن جي ڪرامتن جو به ڇا چئجي. اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي غلامي، تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي خاص وصف آهي، ان سان تعلق رکندڙن تي به ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا اهڙا انعام ٿيندا آهن جو عقلَ حيران رهجي ويندا آهن. جيئن ته:

حيرت انگيز حادثو

آڇر جي ڏينهن **26 ربيع النور شريف** ١٤٢٠هـ بمطابق **11.07.1999** ٻيڀهري جي وقت پنجاب جي مشهور شهر لالہ موسيٰ جي هڪ مصروف ترين روڊ تي ڪنهن ٽرالر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ ذميدار مبلغِ دعوتِ اسلامي محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى (رهندڙ محلہ اسلام پوره لالہ موسيٰ) کي بلڪل چيياڻي ڇڏيو. ايتري تائين جو سندن پيٽ وٽان مٿيون ۽ هيٺيون حصو الڳ الڳ ٿي ويو، پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي ته هو پوءِ به زندهہ هيا، حيرت بالاءِ حيرت هي جو سندن حواس ايترا ته بحال هئا جو وڏي آواز سان اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه ۽ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي رهيا هئا. لالہ موسيٰ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي جواب ڏيڻ تي ڪين **گجرات** شهر جي عزيز ٻني اسپتال آندو ويو ڪين اسپتال ڪٽي وڃڻ واري اسلامي ڀاءُ قسم ڪٽي ڳالهہ ڪئي ته اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ محمد مُنير

حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى جي زبان تي پوري رستي سان ائين ئي وڏي آواز سان درود و سلام ۽ ڪلمهءِ طيبه جو ورد جاري هيو. هي مدني منظر ڏسي ڊاڪٽر بہ حيران هئا تہ هي زندهہ ڪيئن آهن! ۽ حواس ايترا بحال جو وڏي آواز سان درود سلام ۽ ڪلمهءِ طيبه پڙهي رهيا آهن! انهن جو چوڻ هو تہ اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو حوصلي وارو ۽ ڪمال وارو مرد پهريون ڀيرو ئي ڏٺو آهي، ڪجهہ دير کان پوءِ ان خوش نصيب عاشقِ رسول محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى محبوبِ ڪريم رؤفُ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ بيحد بيقرار تي ڪري هيئن فرياد ڪئي،

يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهرباني فرمايو!

يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي مدد فرمايو!

يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي مُعاف فرمايو! ان کان پوءِ وڏي آواز سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندي شهادت جو جام پيتو. جي ها جيڪو مسلمان حادثي ۾ فوت ٿي وڃي اهو شهيد آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

واسطہ پیارے کا ایسا ہو کہ جو سُنّی مرے
یوں نہ فرمائیں ترے شاہد کہ وہ فاجر گیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ سنت آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هي واقعو انهن ڏينهن ۾ مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو هيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ شهيدِ دعوتِ اسلامي محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى دعوتِ اسلامي جا ذميدار مبلغ هئا ۽ حادثي کان هڪ ڏينهن اڳ ئي عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي سان سفر تان واپس موٽيا هئا. مرحوم روزانو صداءِ مدينه ۾ لڳائيندا هئا. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر جي نماز لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري عمل کي ”صداءِ مدينه“ چيو ويندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! بيشمار اسلامي ڀائر اها سنّت ادا ڪندا آهن. جي ها، فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ سنّت آهي، جيئن حضرتِ سيّدُنا ابو بَكْرَه رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ (جيڪي بني ثقيف جا هڪ صحابي آهن) فرمائن ٿا. ”مان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ فجر جي نماز لاءِ نڪتس تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنهن ۾ سُتل شخص وٽان گذرن پيا، ان کي نمازجي لاءِ آواز ڏين پيا يا پنهنجي پير مبارڪ سان لوڏين پيا. (ابوداود ج2ص33 رقم الحديث1264)

ڪير پير سان لوڏي؟

جيڪي خوش نصيب **”صداءِ مدينه“** لڳائيندا آهن اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهي سنّت ادا ڪرڻ جو ثواب حاصل ڪندا آهن. ياد رهي تہ پير سان

لوڏڻ جي هر ڪنهن کي اجازت ناهي فقط اهي وڏي عمر وارا ماڻهو پير سان لوڏي سگهن ٿا جن سان سُتل جي دل آزاري نہ ٿيندي هجي، ها جيڪڏهن ڪا شرعي رُڪاوٽ نہ هجي تہ پنهنجي هٿن سان سندس پيرن کي زور ڏئي اٿارڻ ۾ ڪو حرج ناهي. يقينًا اسان جا منا منا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن غلام کي پير مبارڪ سان لوڏين تہ ان جا سُتل ياڳ جاڳائي ڇڏين ۽ ڪنهن خوشنصيب جي مٿي اکين يا ڇاتيءَ تي پنهنجو قدم مبارڪ رکن تہ خدا جو قسم! پنهي جهانن جو چين بخشي ڇڏين.

ایک ٹھوکر میں اُحد کا زلزلہ جاتا رہا رکھتی ہیں کتنا وقار اللہ اکبر ایڑیاں
یہ دِل یہ جگر ہے یہ آنکھیں یہ سر ہے جدھر چاہو رکھو قدم جانِ عالم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مرڻ مهل ڪلمو پڙهڻ جي فضيلت

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ائين تو لڳي تہ محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى جي دعوتِ اسلامي لاءِ ڪيل خدمت رنگ لاتو ۽ ڪين آخري وقت ۾ ڪلمو نصيب ٿي ويو ۽ جنهن کي مرڻ مهل ڪلمو نصيب ٿي وڃي تہ ان جو آخرت ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي تہ ”جنهن جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ

هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. “ (ابوداود شريف ج3 ص132رقم الحديث3116)

فضل و کرم جس پر بھی ہُوا اُس نے مرتے دَم کَلِمَہ
پڑھ لیا اور جنّت میں گیا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٿلهو متارو شيطان

هڪ دفعي ٻن شيطانن ۾ ملاقات ٿي. هڪڙو شيطان ٿلهو متارو هو جڏهن ته ٻيو سنهو ۽ ڏبرو. ٿلهي سنهي کان پُڇيو، ”ياءَ! آخر تون ايڏو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو مان هڪ اهڙي نيڪ ٻانهي سان گڏ آهيان جيڪو گهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ کائڻ پيئڻ وقت بِسْمِ اللّٰه شريف پڙهي ڇڏيندو آهي تنهنڪري مون کي ان کان پري پڄڻو پوندو آهي. يار! اهو ته ٻُڌاءِ تون پنهنجي ڏاڍي جان بڻائي آهي ان ۾ ڪهڙو رازآهي؟ ٿلهي،”چيو ته مان اهڙي غافل شخص تي مقرر آهيان جيڪو گهر ۾ بغير بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ جي داخل ٿي ويندوآهي ۽ کائڻ پيئڻ وقت به بِسْمِ اللّٰه ناهي پڙهندو تنهنڪري مان ان جي سيني ڪمن ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان ۽ ان ٿي جانور جيان سوار رهندو آهيان (اهوئي راز آهي منهنجي صحتمنديءَ جو)“

(اسرار الفاتحه ص155)

نوَ شيطانن جا نالا ۽ ڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هي درس ملي ٿو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪمن ۾ شيطان جي شرڪت ڪان حفاظت ۽ خير و برڪت جا طلبگار آهيون. تہ هر نيڪ ڪم جي شروعات ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهندا رهون ٻي صورت ۾ هر ڪم ۾ شيطان ملعون شريڪ ٿي ويندو. شيطان جي ڪوڙ ساري اولاد آهي ۽ انهن جون مختلف ڪمن تي ڊيوٽيون لڳل آهن، جيئن حضرت علامہ ابن حجر عسقلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي نقل ڪن ٿا، ”اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ شيطان جا اولاد 9 آهن:

(1)زَلِيتُون (2) وَثِين (3) لَقُوس (4)اعوان (5) هفاف (6) مرة (7) مسوط (8) داسم ۽ (9) ولهان

زَلِيتون: بازارن ۾ مقرر آهي، ۽ اتي پنهنجو جهنڊو ڪوڙي وينو هوندو آهي.

وَثِين: ماڻهن کي اوچتو اچڻ وارين آفتن ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ مقرر آهي.

لَقوس: آتش پرست (يعنيباه جي پوڄارين) تي مقرر آهي.

اعوان: حڪمرانن سان گڏ هوندو آهي.

هفاف: شرابين سان گڏ هوندو آهي.

مرة: گانا باجا وڄائڻ وارن تي مقرر آهي.

مسوط: افواهون عام ڪرڻ تي مقرر آهي. هي ماڻهن جي زبانن تي افواهون جاري ڪرائي ڇڏيندوآهي ۽ اصل حقيقتڪان ماڻهو بي خبر رهندا آهن.

دَاسِم: گهرن ۾ مقرر آهي، جيڪڏهن گهر ڏٽي گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت نہ سلام ڪري ۽ نہ ئي بِسْمِ اللّٰه پڙهي قدم اندر رکي تہ هي گهر وارن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيندو آهي ايتري تائين جو طلاق، خُلَع يا مارڪٽ تائين نوبت پهچي ويندي آهي.

ولهان: وضو، نماز ۽ ٻين عبادتن ۾ وسوسا وجهڻ لاءِ مقرر آهي. (المنبهات للعسقلاني ص91)

گهرو جهيڙن جو علاج

مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي پهريان ساڄو پير دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهر وارن کي سلام ڪندي گهر جي اندر اچو، جيڪڏهن گهر ۾ ڪوبہ نہ هجي، تہ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئجي. ڪجهہ بزرگن کي ڏٺو ويو آهي تہ ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ۽ قُل هواللّٰه شريف پڙهي ڇڏيندا آهن جو ان سان گهر ۾ ايڪو بہ رهندو آهي (يعني جهيڙا ناهن ٿيندا) ۽ روزيءَ ۾ **برڪت** بہ.

(مرأة المناجيح ج6 ص9)

یا الٰہی ہر گھڑی شیطان سے محفوظ رکھ
دے جگہ فردوس میں نیز ان سے محفوظ رکھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

کائڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه ضرور پڑهو

کائڻ پيئڻ کان پهريان بِسْمِ اللّٰه پڑهڻ سنّت آهي حضرتِ سيّدُنا حذيفه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي ته جنهن کاڏي تي بِسْمِ اللّٰه نه پڑهي وڃي اهو کاڏو شيطان جي لاءِ حَلال ٿي ويندو آهي (يعني بِسْمِ اللّٰه نه پڑهڻ جي صورت ۾ شيطان ان کاڏي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي.) (صحيح مسلم ج 2ص172 رقم الحديث 2017)

کاڏي کي شيطان کان بچايو

ٿائڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه نه پڑهڻ سان کاڏي ۾ بي برڪتي ٿيندي آهي. حضرتِ سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”اسان تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت، مالڪِ ڪوثر و جنّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين ته کاڏو پيش ڪيو ويو، شروع ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن کاڏي ۾ نه ڏٺي پر آخر ۾ ڏاڍي بي برڪتي ڏٺي سون. اسان عرض ڪيو يا

رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ائين چو تيو؟ ارشاد فرمايائون اسان سيني کائڻ وقت بِسْمِ الله پڙهي هئي. پوءِ هڪ شخص بغير بِسْمِ الله پڙهڻ جي کائڻ لاءِ ويهي رهيو ته ان سان گڏ شيطان کاڏو کائي ورتو. “ (شرح السنه ج6 ص62 رقم الحديث 2818)

اُمُ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون ته **سرڪارِ** مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِقلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي، ته جڏهن ڪو شخص کاڏو کائي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي يعني بِسْمِ الله پڙهي ۽ جيڪڏهن شروع ۾ پڙهڻ وسري وڃيس ته هيئن چوي، ” بِسْمِ اللهِ اَوَّلَه وَاٰخِرَه“. (ابوداود ج3ص356رقم الحديث 3767)

شيطان کاڏو پاهر ڪڍي ڇڏيو

حضرت سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخْشِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهِ غَيُور، محبوبِ ربِّ غَفور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما هئا. هڪ شخص بغير بِسْمِ الله پڙهڻ جي کاڏوکائي رهيو هو جڏهن کائي چُڪو ۽ فقط هڪ ئي گرهه باقي هيو ته اهو گرهه کڻي چيائين بِسْمِ اللهِ اَوَّلَه وَاٰخِرَه تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مُرڪندي فرمايائون. شيطان ان سان گڏ کاڏو کائي رهيو هيو جڏهن هن **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو ته جيڪو ڪجهه ان جي پيٽ ۾ هيو هن اهو الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو.“ (ابوداود ج3ص356رقم الحديث 3768)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نگاهِ مصطفيٰ ﷺ کان کجهه به لڪيل نه آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به ڪاڏو ڪائو ته ياد ڪري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڇڏيندا ڪيو. جيڪو نه ٿو پڙهي ان جو قرين نالي شيطان به ڪاڏي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي. سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخْشِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ واري روايت مان صاف ظاهر آهي، ته اسان جي پياري پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون سڀ ڪجهه ڏسي ونديون آهن تڏهن ئي ته شيطان کي الٿي ڪندي ملاحظه فرمايائون ۽ شيطان جي بدحواسي ڏسي مُرڪي پيا. جيئن مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا ته رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون حقيقت ۾ لڪيل مخلوق کي به ڏسنديون آهن ۽ حديث مبارڪ بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن تاويل جي ضرورت ناهي، جيئن اسان جو پيٽ مڪ وارو ڪاڏو (جڏهن مڪ ان ۾ موجود هجي) قبول ناهي ڪندو ائين ئي شيطان جو معدو بِسْمِ اللّٰه وارو ڪاڏو هضم نٿو ڪري سگهي جيتوڻيڪ ان جو الٿي ڪيل ڪاڏو اسان جي ڪم ناهي ايندو پر مردود بيمار ٿي پوندو آهي ۽ بُکيو به رهجي ويندو آهي ۽ اسان جي ڪاڏي جي وجايل برڪت موٽي ايندي آهي. مطلب ته ان ۾ اسان جو فائدو آهي ۽ شيطان جا به نقصان

۽ ممڪن آهي تہ هو مردود اڳتي اسان سان گڏ بنا بِسْمِ اللّٰه وارو ڪاڏو بہ هن خوف ڪان نہ ڪائي تہ متان هي وچ ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهي وني ۽ مون کي الٽي ڪرٽي پوي. حديث پاڪ ۾ جنهن ماڻهو جو ذڪر آهي غالبًا اهو اڪيلو ڪائي رهيو هو، جيڪڏهن حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪائي ها تہ بِسْمِ اللّٰه نہ وساري ها ڇو تہ اتي حاضرين بِسْمِ اللّٰه وڏي آواز سان چوندا هئا ۽ گڏ وينلن کي بِسْمِ اللّٰه چوڻ جو حڪم فرمائيندا هئا.

(مرآة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 30)

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ بہ ڪائڻ جي شروع ۽ آخر ۾ اڪثر وڏي آواز سان بِسْمِ اللّٰه شريف سان گڏ دعائون پڙهايون ويندیون آهن، مدني قافلن جو مسافر دعائون ۽ سنّتون سکڻ جي سعادت حاصل ڪندو رهندو آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. عاشقانِ رسول جي مدني قافلن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! ٻڌندا ۽ جهومندا:

صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مدني آپريشن فرمايو

هڪ عاشقِ رسول جو بيان پنهنجي لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو، اسان جو مدني قافلو **"ناڪہ تارڙي"** (بلوچستان، پاڪستان) ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ حاضر ٿيو

هيو، مدني قافلي جي هڪ مسافر جي مٿي ۾ چار ننڍيون ننڍيون ڳوڙهيون هيون، جنهن سبب ڪيس اڏ مٿي جو سور رهندو هيو. جڏهن سور ٿيندو هُيس تہ چهري جي سور وارو پاسو ڪارو ٿي ويندو هُيس ۽ هو تڪليف ۾ اچي ايڏو تڙپندو هيو جو ان جي تڪليف ڏٺي نہ ويندي هئي، هڪ رات هو ائين ئي سور جي ڪري تڙپڻ لڳو تہ اسان ڪيس دوا ڪارائي سمهاري ڇڏيو، صبح جو اٿيو تہ چڱو ڀلو هيو. ان ٻُڌايو تہ اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون تي ڪرم ٿي ويو ۽ منهنجي خواب ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چار يار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ ڪرم فرمايو، سرڪارِ دو عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون ڏانهن اشارو ڪندي حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي فرمايو تہ **"هن جو سور ختم ڪري ڇڏيو."** پوءِ يارِ غار و يارِ مزار حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ منهنجو هيئن **مدني آپريشن** ڪيو جو منهنجو مٿو ڪولي ڇڏيائون ۽ منهنجي دماغ مان چار ڪاريون ڳوڙهيون ڪڍي فرمايائون تہ "پٽ! هاڻي توکي ڪجهہ نہ ٿيندو، واقعي اهو اسلامي ڀاءُ بلڪل صحت مند ٿي چُڪو هيو. سفر کان واپسيءَ تي ان ٻيهر **"چيڪ اپ ڪرايو"**. ڊاڪٽرحيران ٿي ڪري چيو واهہ! ڪمال آهي، توهان جي دماغ جون چار ئي ڳوڙهيون غائب ٿي چُڪيون آهن ان تي هن (خوشيءَ ۾) روئي روئي ڪري مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت ۽ خواب جو واقعو ٻُڌايو.

ڊاڪٽر بيحد متاثر ٿيا. ان اسپتال جي ڊاڪٽرن سميت اتي موجود 12 ماڻهن 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفرجون نيّتون لکرايون ۽ ڪجهه ڊاڪٽرن پنهنجي چهري تي هٿوهٿ سَروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني يعني ڏاڑهي مبارڪ سينگارڻ جي نيّت ڪئي.

ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر
آؤ سارے چلیں قافلے میں چلو
سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خواب ۾ علاج جو هي واقعو نئون ناهي. الله جا حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان گناهن جي مريضن جا طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَعطاءِ ربِ مُجيب عَزَّوَجَلَّ مريضن کي شِفاء ڏيندا آهن. جيئن تہ حضرتِ سيّدنا امام يوسف بن اسمٰعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي مشهور ڪتاب ”حُجَّةُ اللهِ عَلَى الْعٰلَمِيْن فِيْ مُعْجِزَاتِ سَيِّدِ الْمُرسَلِيْن“ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻئي جلد مان خواب جي ذريعي شِفا جون پنج حڪايتون ٻُڌو ۽ پنهنجو ايمان تازو فرمايو.

﴿1﴾ آقا ﷺ اکين کي روشن فرمائي ڇڏيو

حضرت سيّدُنا محمد بن مبارڪ حربي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان

آهي تہ علي ابوالڪبير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَدِيْر نابينا هئا، خواب ۾ مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدارِ فيض آثار سان فيضياب ٿيا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو شفا وارو هٿ مبارڪ سندن اکين تي گهمايو صبح جو اٿيا تہ اکيون روشن ٿي چُڪيون هيون. (ملخص از حجة الله علي العٰلمين ج 2ص526)

آنکھ عطا کیجئے اُس میں ضیاء دیجئے
جلوہ قریب آگیا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿2﴾ آقا صلی اللہ علیہ وسلم ڳوڙهين جو علاج فرمايو

حضرتِ سيّدُنا تقِيُّ الدين ابو محمد عبدالسلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْاَنَام فرمائن ٿا تہ منهنجي پاءُ جي ڳلي ۾ ڳوڙهيون ٿي پيون، گهٽي سور جي ڪري پريشان هئا، خواب ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو تہ عرض ڪيائين، يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيماري جي ڪري سخت تڪليف ۾ آهيان. فرمايائون،" توهان جي فرياد ٻُڌي وئي آهي. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ! سرڪارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي برڪت سان منهنجي پاءُ کي شفا حاصل ٿي وئي. (ايضاًص526)

سرِ بالیں اُنہیں رَحمت کی ادا لائی ہے
حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ آقا ﷺ جي ڪرم سان دَمي جي مريض کي شفا ملي

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي تہ مان سخت بيمار هيُس ۽ پنهنجي گهر جي هيٺين منزل تي بستري تي پيل هيُس، منهنجا پيرسن والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **ضِيقُ النَّفَس** (يعني دمہ جي بيماري) جي شدت جي ڪري مٿين منزل تي بستري ۾ هئا نہ مان مٿي چڙهي پئي سگهيس ۽ نہ هو ويچارا هيٺ لهي پيا سگهن! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ خوشقسمتيءَ سان مون هڪ رات سرورِ ڪائنات شاهِ موجودات، سراپا برڪات، مَنبع عنايات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. مون سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وهاڻو پيش ڪيو، سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيڪ لڳائي وينا، مون پنهنجي ۽ پنهنجي پيرسن والد صاحب جي بيماريءَ جي باري ۾ فرياد ڪئي. منهنجي فرياد ٻُڌي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿين منزل تي تشريف وني ويا جڏهن فجر جي نماز جو وقت ٿيو تہ منهنجي ڪنن ۾ **آهہ! آهہ!** جو آواز آيو. دراصل منهنجا والد صاحب ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيا هئا. مون وٽ اچي چوڻ لڳا، پٽ! وڏي مهرباني ٿي وئي، اڄ رات رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي ڪرم فرمايو. مون عرض ڪيو بابا سائين! سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون گناهگار وٽان ئي ٿي ڪري توهان کي نوازڻ لاءِ مٿين منزل تي تشريف کڻي ويا هئا، اَلحَمدُلِلّٰهِ عَلٰی اِحسَانِهٖ ان کان

پوءِ محبوبِ ربُّ العزّت، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، منبع جُود وسَخاوت، سراپا رَحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان اسان ٻئي تندرست ٿي وياسين. (ايضاً ص527)

مریضانِ جہاں کو تم شفاء دیتے ہو دم بھر میں
خدارا دَرد کا ہو میرے دَرماں یارسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ آقا صلی اللہ علیہ وسلم کوڙهه جو علاج فرمايو

حضرت سيّدُنا ابواسحٰق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، منهنجي ڪلهي تي ڪوڙهه جو داغ پيدا ٿي پيو، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ جناب رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت ٿي مون پنهنجي بيماريءَ جي شڪايت ڪئي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفا وارو هٿ گهمايو، صبح جو جاڳيس ته اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪوڙهه جو نالو نشان به نه هيو. (ايضاً531)

مرضِ عصیاں کی ترقّی سے ہُوا ہوں جاں بلب
مجھ کو اچھّا کیجئے حالت مری اچھی نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿5﴾ آقا صلی اللہ علیہ وسلم هٿ جون لڦون ختم فرمايون

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته حضرت حَمّاد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿن ۾ ڦُلُوڪِٽا (يعني لِڦُون) ٿي ڪري ڦاٽي پيا هئا، طبيبن

متفق ٿي راءِ ڏني تہ هٿ ڪنيو وڃي. حضرتِ سيّدُنا حَمّاد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اها رات مون ڏاڍي تڪليف ۽ بيچينيءَ ۾ گذاري ۽ ٻاڏائي (گڙگڙائي ڪري) الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شفا جي دعا گهري. جڏهن سمهي پيس ۽ ظاهري اک بند ٿي تہ دل جي اک کلي وئي، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي، مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي هٿ تي ڪرم جي نظر فرمايو، ارشاد فرمايائون هٿ اڳتي وڌاءِ، مون هٿ اڳتي وڌايو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو ۽ فرمايائون اُتي ٻيهو جڏهن اُتي ٻيٺس تہ اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ! مني مني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان منهنجي هٿ جي بيماري ختم ٿي چُڪي هئي. (ايضًا ص528)

يہ مريض مر رہا ہے ترے ہاتھ ميں شفاء ہے
اے طبيب جلد آنا مَدَنی مدينے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وسوسو: فقط الله عَزَّوَجَلَّ ئي شفا ڏيڻ واروآهي پر هن حڪايت کي ٻُڌي ڪري وسوسا اچن ٿا تہ ڇا الله عَزَّوَجَلَّ کان علاوه بہ ڪوشفا ڏئي سگهي ٿو؟

وسوسي جو علاج: بيشڪ ذاتي طور تي الله عَزَّوَجَلَّ ئي شفا ڏيڻ وارو آهي، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان جا ٻانها بہ شفا ڏئي سگهن ٿا، ها جيڪڏهن ڪو هي دعوٰي ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي

ڏنل طاقت جي بغير فلاڻو ٻئي کي شفا ڏئي سگهي ٿو تہ يقينًا اهو ڪافر آهي، ڇو تہ شفا هجي يا دوا هڪ ذرو بہ ڪو ڪنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا جي بغير نہ ٿو ڏئي سگهي، هر مسلمان جو اهو ئي عقيدو آهي تہ انبياءٓ ۽ اولياءٓ عَلَيْهِمُ السَّلَام وَ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جيڪي ڪجهہ بہ ڏيندا آهن اهي فقط **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڏيندا آهن. معاذ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ڪو هي عقيدو رکي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪنهن نبي يا ولي کي بيماري کان شفا ڏيڻ يا ڪجهہ عطا ڪرڻ جو اختيار ئي نہ ڏنو آهي تہ اهڙو شخص قرآني حڪم کي ڪوڙو سمجهي رهيو آهي. ٽئين سيپاري ۾ سورهءِ آل عمران جي 49 هين آيت ۽ ان جو ترجمو پڙهي ونو انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ وسوسي جي پاڙ پٽجي ويندي ۽ شيطان ناڪام ۽ نامُراد ٿيندو. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قول مبارڪ جو بيان ڪندي **الله تعالي** قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَ اُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَ الْاَبْرَصَ وَ اُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ

"ترجمون ڪنزالايمان: ۽ مان شفا ڏيندو آهيان مادرزاد (پيدائشي) انڌن کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان مئل جيارينڌو آهيان الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان"

ڏنو توهان! حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صاف صاف فرمائي رهيا آهن تہ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل قوت سان

پيدائشي انڌن کي اکيون ۽ ڪوڙهه وارن کي شفا ڏيندو آهيان ايتري تائين جو مُردن کي به زندهه ڪري ڇڏيندو آهيان.

الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان انبيا عَلَيْهِمُ السَّلَام کي مختلف قسمن جا اختيار عطا ڪيا ويا آهن ۽ نبين جي فيض سان ولين کي به عطا ڪيا ويندا آهن تنهنڪري اهي به شفا ڏئي سگهن ٿا ۽ گهڻو ڪجهه عطا فرمائي سگهن ٿا. جڏهن حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اهو شان آهي ته سيّدُنا عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي به آقا، سردارِ انبياء مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ شان ڇا هوندو! هي ياد رکو ته سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي مخلوقات ۽ سيني نبين ۽ رسولن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي ڪمالات جا جامع آهن. بلڪ جنهن کي جيترو مليو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ئي مليو.

معلوم ٿيو ته جڏهن سيّدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مريضن کي شفا،انڌن کي اکيون ۽ مُردن کي زندگي ڏئي سگهن ٿا ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي سڀ بدرجهءِ اوليٰ (يعني ان کان به وڌيڪ) عطا فرمائي سگهن ٿا.

حُسنِ يوسُف دمِ عيسٰى پہ نہيں کچھ موقُوف
جس نے جو پايا ہے، پايا ہے بدولت اُن کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

76 هزار نيڪيون

حضرت سيّدُنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہء مُنَوره، سردارِمڪہءِ مڪرمہ، سرورِ عالم، محبوبِ ڪبريا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ فرحت نشان آهي، ”جيڪو بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم پڙهندو **الله** عَزَّوَجَلَّ هر اکر جي بدلي ان جي نامہءِ اعمال ۾ چار هزار نيڪيون درج فرمائيندو، چار هزار گناه بخشيندو ۽ چار هزار درجا بلند فرمائيندو.“

(فردوس الاخبار ج 4ص 26 رقم الحديث5573)

منا منا اسلامي ڀائرو! خوش ٿي وجو! پنهنجي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي قربان ٿي وجو. ٿورو حساب تہ لڳايو بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ۾ **19** اکر آهن. ائين هڪ پيرو بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم پڙهڻ سان ڇاهتر (**76**) هزارنيڪيون ملنديون آهن، ڇاهتر هزار گناه بخشيا ويندا آهن ۽ ڇاهتر هزار درجا بلند ٿيندا آهن. وَاللّٰہُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِیْم. (۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ وڏي فضل وارو آهي)

ذبح ڪرڻ وقت بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم نہ پڙهڻ جي حڪمت

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اڻ ڪُٽ رحمت جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا تہ ”غور تہ ڪريو جو سورهءِ توبه ۾ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ناهي لکي وئي، اهڙي طرح

ذبح جي وقت پوري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ناهي پڙهي ويندي، بلڪ هيئن چوندا آهن بِسۡمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكۡبَر هن ۾ ڇا حڪمت آهي؟ حڪمت اِها آهي تہ سورهءِ توبه ۾ اول کان آخر تائين جِهاد ۽ قِتال جو ذڪر آهي ۽ هي ڪافرن تي قهر آهي، اهڙي طرح ذَبح ۾ جانورکي ڪُنو ويندو آهي هي بہ جَبر ۽ قهر جو وقت هوندو آهي ان موقعي تي رحمت جو ذڪر نہ ڪريو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! تہ جيڪو شخص پوري بِسۡمِ اللّٰه شريف (يعني بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم) جو ورد ڪندو تہ انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ خدا جي غضب کان محفوظ رهندو. (تفسيرنعيمي ج اول ص43)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اٽويهہ اکرن جون حڪمتون

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جا اٽويهہ اکر آهن ۽ دوزخ تي عذاب ڏيڻ وارا فرشتا بہ اٽويهہ، پوءِ اميد آهي تہ ان جي هڪ هڪ اکر جي برڪت سان هڪ هڪ فرشتي جو عذاب دور ٿي ويندو، ٻي خوبي اها بہ آهي تہ ڏينهن رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن جن مان پنج ڪلاڪ پنجن نمازن جي لاءِ وقف آهن ۽ (باقي) اٽويهہ 19 ڪلاڪن لاءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جا 19 اکر عطا فرمايا ويا. هاڻي جيڪو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جو ورد ڪندو رهندو انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هر هڪ ڪلاڪ عبادت ۾ ڳڻيو ويندو ۽ هر

ڪلاڪ جا گناهه مُعاف ٿيندا. (تفسيرِ ڪبيرج1 ص156)

قبر تان عذاب ڪڇي ويو

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ قبر وٽان گذريا تہ ان ۾ عذاب ٿي رهيو هيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ وري گذريا. ڏٺائون تہ ان قبر ۾ نور ئي نور آهي ۽ اتي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي برسات ٿي رهي آهي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڏاڍو حيران ٿيا ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون تہ مون کي ان جو راز ٻُڌايو وڃي. ارشاد ٿيو، اي عيسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) هي شخص سخت گناهگار هئڻ سبب عذاب ۾ گرفتار هيو، پر مرڻ وقت هن جي گهر واري "اميد" سان هئي، ڪيس ڇوڪرو ڄائو ۽ اڄ ان کي مڪتب (يعني مدرسي) موڪليو ويو آهي ۽ استاد ان کي بِسْمِ الله پڙهائي آهي، مون کي حياءُ آيو تہ مان ان شخص کي زمين جي اندر عذاب ڏيان جنهن جو پٽ زمين جي مٿان منهنجو نالو وٺي رهيو آهي. (تفسيرِ ڪبيرج اول ص155)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اے خدائے مصطفٰے میں، تری رحمتوں پہ قُرباں
ہو کرم سے میری بخشش، بطفیلِ شاہِ جیلاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! اسان

سيني کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي ”ٽاٽا پاپا يا ابا، امان وغيره“ سيکارڻ بدران شروعات ۾ ئي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ سيکاريون، ۽ ائين ناهي تہ فقط مري ويل والدين کي ئي ان جون برڪتون حاصل ٿينديون آهن پر پاڻ سکڻ ۽ سيکارڻ واري کي به ان جون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. تنهنڪري پنهنجي ننڍڙي مدني مُنّي يا مدني مُنّيءَ سان کيڏڻ وقت سيکارڻ جي نيّت سان انهن جي سامهون هر هر **الله الله** ڪندا رهو تہ اهي به ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ زبان کوليندي ئي سڀ کان پهريون لفظ **الله** چوندا.

ٻارجي مدني تربيت جي حڪايت

حضرتِ سيّدُنا **سهل بن عبدالله** تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِي فرمائن ٿا تہ مان ٽن سالن جي عمر جو هيُس تہ رات جي وقت اٿي پنهنجي مامي حضرتِ سيّدُنا **محمد بن سوار** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار کي نماز پڙهندي ڏٺم، هڪ ڏينهن پاڻ مون کي فرمايائون، ڇا توهان ان **الله** عَزَّوَجَلَّ کي ياد نہ ٿا ڪريو جنهن توهان کي پيدا ڪيو؟ مون پُڇيو مان ان کي ڪيئن ياد ڪيان؟ فرمايائون، جڏهن رات جو سمهڻ لڳو تہ زبان کي حرڪت ڏيڻ بجاءِ فقط دل ۾ ئي ٽي پيرا هي الفاظ چئو: اَللّٰهُ مَعِيَ ، اَللّٰهُ نَاظِرٌ اِلَيَّ ، اَللّٰهُ شَاهِدِي. **يعني الله تعاليٰ مون سان گڏ آهي، الله تعاليٰ مون کي ڏسي ٿو، الله تعاليٰ**

منهنجو گواهه آهي.[1] فرمائن ٿا تہ مون ڪجهہ راتيون اهي لفظ پڙهيا ۽ پوءِ ڪين ٻُڌايم، پاڻ فرمايائون هاڻي هر رات ست پيرا پڙهو، مون ائين ئي ڪيو ۽ پوءِ ڪين اطلاع ڏنم، فرمايائون هاڻي هر رات يارهن پيرا اهي ئي لفظ پڙهو (فرمائن ٿا) مون ائين ئي پڙهيو تہ منهنجي دل ۾ ان جي لذت محسوس ٿي. جڏهن هڪ سال گذري ويو تہ منهنجي مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو تہ مون جيڪو ڪجهہ توهان کي سيکاريو آهي ان کي قبر ۾ وجڻ تائين هميشہ پڙهندا رهجو. انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ هي توهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو پهچائيندو. سيّدُنا سهل بن عبدالله تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی فرمائن ٿا مون ڪيترائي سال ائين ئي ڪيو ۽ مون پنهنجي اندر ۾ ان جو ڏاڍو سُرور محسوس ڪيو، مان اڪيلائي ۾ اهو ذڪر ڪندو هيس، پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، اي سهل! الله تعاليٰ جنهن شخص سان گڏ هجي ان کي ڏسندو هجي ۽ ان جو گواهہ هجي ڇا اهو ان جي نافرماني ڪندو آهي؟ هرگز نہ. تنهنڪري توهان پنهنجو پاڻ کي گناهن کان بچايو پوءِ مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون کي مدرسي موڪلي ڇڏيو. مون سوچيو ڪٿي منهنجي ذڪر ۾ خلل نہ اچي وڃي تنهنڪري استاد صاحب سان هي شرط مقرر

[1] ٿي سگهي تہ هي الفاظ لکي ڪري گهر ۽ دڪان وغيره ۾ اهڙي جڳهہ تي ٽنگي ڇڏيو جتي توهان جي نظر پوندي رهي.

ڪيم تہ مان وٽن فقط هڪ ڪلاڪ پڙهندس پوءِ واپس هليو ويندس. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون مدرسي ۾ **چهن ستن سالن** جي عمر ۾ قرآن مجيد **حفظ** ڪري ورتو.

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مان روزانو روزو رکندو هيس ٻارهن سالن جي عمرتائين مان جَوَن جي ماني کائيندو رهيس، تيرهن سالن جي عمر ۾ مونکي هڪ مسئلو پيش آيو، ان جي حل جي لاءِ گهر وارن کان اجازت وٺي مان **بصره** آيس ۽ اتان جي عالمن کان اهو مسئلو پُڇيم، پر انهن مان مون کي ڪنهن بہ مطمئن ڪندڙ جواب ڏنو، پوءِ مان **عَبّادان** جي طرف هليو ويس، اتان جي مشهور عالمِ دين حضرتِ سيّدُنا **ابو حبيب حمزه بن ابي عبدالله** عباداني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي کان مون مسئلو پُڇيو انهن مون کي مطمئن ڪندڙ جواب ڏنو، مان هڪ عرصي تائين سندن صحبت ۾ رهيس. سندن ڳالهين مان فيض حاصل ڪندو رهيس ۽ ڪانئن آداب سکندو رهيس، پوءِ مان **تُستَر** ڏانهن موٽي آيس. مون گذاري جو انتظام هيئن ڪيو هو جو مون لاءِ **هڪ درهم** جا جَوَ شريف ورتا ويندا هئا ۽ انهن کي پيهي ماني پچائي ويندي هئي. مان هر رات سَحَري جي وقت **هڪ اوقيہ (يعني تقريبًا 70گرام)** جَوَ جي ماني کائيندو هيس، جنهن ۾ نہ لوڻ هوندو هو نہ ڀاڄي. اهو **هڪ درهم** مون لاءِ سڄو سال ڪافي هوندو هو. پوءِ مون ارادو ڪيو تہ **ٽي ڏينهن** لاڳيتو ٻُک ڪاٽيندس ۽ ان

کان پوءِ کائيندس، پوءِ **پنج ڏينهن** وري **ست ڏينهن** ۽ پوءِ **پنجويهه ڏينهن** لاڳيتو ٻُک ڪاٽيم (يعني پنجويهه ڏينهن کان پوءِ هڪ پيروڪاڏو ڪائيندو هُيس) ويهه سالن تائين اهو ئي طريقو رهيو، پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين مون سير سفر ڪيو، واپس تُستر آيس تہ جيترو **الله** عَزَّوَجَلَّ چاهيو راتيون جاڳي عبادت ڪندو رهيس. حضرتِ سيّدُنا **امام احمد** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْاَحَد فرمائن ٿا مون مرڻ گهڙيءَ تائين سيدُنا **سهل بن عبدالله** تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى کي لوڻ استعمال ڪندي نہ ڏٺو. (احياءُ العلوم ج3ص91)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشنصيب والدين دنيا جي بدران آخرت جي مُعاملي ۾ پنهنجي اولاد جي لاءِ وڏيڪ فڪرمند رهندا آهن جيئن تہ اهڙي ئي سمجهدار ماءُ پنهنجي پٽ تي **انفرادي ڪوشش** ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ان جي اصلاح ٿي وئي. هي ايمان افروز واقعو پڙهندا ۽ جهومندا.

دعوتِ اسلامي جي
تربيتي ڪورس جي بهار

جهنگ (پنجاب پاڪستان) جي هڪ عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۾ خلاصو پيش ڪيان ٿو، "امڙ سڳوري

ڪافي عرصي ڪان بيمار هئي، ان جي شديد خواهش هئي تہ مان گناهن جي ماحول مان نڪران ۽ سُڌري وڃان، امڙ ڪي **دعوتِ اسلامي** سان ڏاڍو پيار هو. پاڻ پيسا وغيره ڏئي مونکي اصرار ڪري بابُ المدينه ڪراچي موڪليائين تہ عاشقانِ رسول جي عالمي مدني **مرڪز فيضانِ مدينه** ۾ رحمتن واري مدني ماحول ۾ تربيتي ڪورس ڪجانءِ ۽ منهنجي صحت لاءِ بہ دعا گهرجانءِ. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون باب المدينه ڪراچي اچي " **تربيتي ڪورس**" ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، **مدني قافلن** ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيم، امڙ لاءِ گهڻيون دعائون بہ گهريم، فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن گهر آيس تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي ڇو تہ **تربيتي ڪورس** جي دوران **فيضانِ مدينه** ۾ گهريل دعائن جي برڪت سان منهنجي امڙ خوش ٿي چُڪي هئي. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس جي برڪت سان مان نمازي بڻجي ويس ۽ مدني ماحول سان وابستگي نصيب ٿي سنّتن جي خدمت ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر جو جذبو مليو، منهنجي تمنا آهي تہ اسان جي گهر جو هر ڀاتي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رنگجي وڃي ۽ اسان جون تمام پريشانيون دور ٿي وڃن.

فيضانِ مدينہ ميں اللہ کی رَحمت ہے　　امی کو مُيسّر اب صحّت کی سعادت ہے
فيضانِ مدينہ ميں آنے ہی کی بَرَکت ہے　　خوب اور بڑھی مجھ کو سنّت سے محبّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جيڪي ماڻهو پنهنجي اولاد کي فقط دنيا ناهڻ لاءِ ئي وقف رکندا آهن ۽ ڪين سني صحبت کان روڪيندا آهن، اهي پنهنجي آخرت کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ مٿانئن ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به پڇتائڻ جا ڏينهن ايندا آهن. جيئن ته

مدني قافلي کان روڪڻ جو نقصان

مدينة الاولياء احمد آباد شريف (هند) جي هڪ عاشقِ رسول هڪ نوجوان تي **انفرادي ڪوشش** ڪري ان کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو، پر سندس والد صاحب دنياوي تعليم ۾ رڪاوٽ جي خوف کان آخرت جي تعليم جي سفر کان روڪي ڇڏيو. ويچاري کي عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي ملندي رهجي وئي. نتيجي طور هو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اچي ويو ۽ شرابي بڻجي ويو. هاڻي ان جي والد کي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هُن انهيءَ عاشقِ رسول کي گذارش ڪئي ته ”هن کي قافلي ۾ وني وڃو ته جيئن هن کان شراب جي عادت ڇڏائجي وڃي.“ ان نوجوان تي ٻيهر انفرادي ڪوشش ڪئي وئي پر جيئن ته معاملو هٿن مان نڪري چُڪو هو يعني ويچارو تمام گهڻو بگڙي چُڪو هو، تنهنڪري ڪنهن به صورت ۾ **مدني قافلي** ۾ سفر لاءِ تيار نه ٿيو.

والدين کي گهرجي ته پنهنجي اولاد کي شروع کان ئي سنو ۽ مدني ماحول فراهم ڪن نه ته بُري صحبت جي ڪري بگڙي وڃڻ جي صورت ۾ موقعو هٿن مان نڪري ويندو آهي.

سگِ مدينه عفي عنه کي ان جي وڏي ڀيڻ ٻُڌايو تہ هڪ اسلامي ڀيڻ روئي روئي ڪري دعا لاءِ چيو آهي تہ منهنجي پٽ جي اصلاح لاءِ دعا ڪيو، هاءِ! هاءِ! مون پاڻ ئي ان کي برباد ڪيو آهي. ان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾ حافظ ٿيڻ لاءِ ويهاريم تہ سهي پر ويچارو جيڪي سنّتون وغيره سکي ڪري گهر ۾ اچي بيان ڪندو هيو تہ مٿس ٿوڪون ڪندا هئاسين. آخرڪار سندس دل ٿُٿي پئي ۽ ان مدرسة المدينه ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي ٻُرن دوستن جي صحبت ۾ رهي رولو ٿي ويو آهي، اتفاق سان مون کي هاڻي **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول ملي ويو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان تہ افسوس! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَند
(يعني چڱن جي صحبت توکي چڱو بڻائيندي)

صُحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَند
(۽ ٻُرن جي صحبت توکي ٻُرو بڻائيندي)

دردندن جو گهر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدُنا سهل بن **عبدالله** تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى **صديق** (يعني اول درجي جي اوليائن مان) هئا، پاڻ ان لاءِ لوڻ استعمال نہ فرمائيندا هئا جو لوڻ جي ڪري کاڌو لذيذ ٿي ويندو آهي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه لذتن کان پري رهندا هئا. واقعي قورمي برياني وغيره ۾ پلي هزار مصالحہ وجهو پر

جيڪڏهن لوڻ نہ وجهندؤ تہ ڪاڏي جو سڄو مزو خراب ٿي ويندو. هي بہ ياد رهي تہ لوڻ جو هڪ خاص مقدار انساني جسم لاءِ ضروري آهي ۽ هي ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪرامت هئي تہ بغير لوڻ استعمال ڪرڻ جي بہ زندهہ هئا. تُستر شريف ۾ سندن گهر مبارڪ کي ماڻهو "بيت السباع" يعني درندن جو گهر چوندا هئا ڇو تہ وٽن تمام گهڻي مقدار ۾ درندا (شينهن چيتا) وغيره حاضر ٿيندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گوشت جي ذريعي سندن مهماني فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آخري عمر ۾ **معذور** ٿي چُڪا هئا پر جڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ سندن هٿ پير صحيح ٿي ويندا هئا ۽ نماز کان فارغ ٿيندا هئا تہ وري معذور ٿي ويندا هئا. (الرسالة القشيريه ص387)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بخار جو علاج

روايت ۾ آهي تہ هڪ شخص کي بخار ٿي پيو تہ سندس استادِ محترم حضرت شيخ فقيه ولي عمر بن سعيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُعِيْد عيادت ڪرڻ لاءِ تشريف کڻي آيا، وڃڻ وقت ڪيس هڪ **تعويذ** ڏيندي فرمايائون تہ هن کي ڪولي نہ ڏسجانءِ سندن وڃڻ کان پوءِ ان تعويذ ٻڌي ڇڏيو، فوراً بخار لهي ويو، ان کان صبر نہ

ٿي سگهيو، سو تعويذ کولي جو ڏنائين ته بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هيو. دل ۾ وسوسو آيس هي ته ڪو به لکي سگهي ٿو. عقيدت ۾ گهٽتائي ايندي ئي فوراً بخار موٽي آيو، گهبرائجي سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي مُعافي گهريائين انهن تعويذ بٽائي پنهنجي هٿ مبارڪ سان ڪيس ٻَڌي ڇڏيو بخار يڪدم لهي ويو. هن پيري ڏسڻ کان منع نه ڪيائون پر هن خوف کان کولي نه ڏنو. آخرڪار پوري سال کان پوءِ جڏهن کولي ڏنائين ته اهو ئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هيو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀا ئرو! واقعي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جون وڏيون برڪتون آهن ۽ هن ۾ بيمارين جو علاج به آهي. هن حڪايت مان درس مليو ته بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِيۡن جيڪڏهن ڪنهن جائز ڳالهه کان به روڪين ته سمجهه ۾ نه اچڻ جي باوجود به ان کان بچڻ گهرجي، اهو به **درس** مليو ته تعويذ کولي نه ڏسڻ گهرجي جو ان سان يقين ۾ گهٽتائي اچڻ جو انديشو رهندو آهي، ٻيو هي ته ان کي ويڙهڻ جي خاص طريقي سان گڏوگڏ ويڙهڻ جي دوران ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه پڙهيل به هوندو آهي،

تنهنڪري ڪولي ڏسڻ سان ان جي فائدي ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

”يا نبي“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان بخار جا 5 مدني علاج

مدينه 1 لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ﴿۱۳﴾ (پ29 سورة الدهر آيت 13)

(ترجمو ڪنزالايمان: نه ان ۾ اس ڏسندا نه سخت ٿڌ.) هيءَ آيتِ سڳوري ست ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بخار جي شدت ۾ واضح گهٽتائي محسوس ٿيندي ۽ مريض سُڪون محسوس ڪندو. (ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي)

مدينه 2 حضرتِ سيّدُنا امام جعفر صادق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ”سورة الفاتحه 40 ڀيرا (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري بخار واري جي منهن تي ڇنڊا هڻو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بخار لهي ويندو.

مدينه 3 سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بخار هيو ته مٿانئن حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هي دعا پڙهي دم ڪيو هيو:

بِسْمِ اللّٰهِ اَرْقِيْكَ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ يُّؤْذِيْكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ نَفْسٍ اَوْ عَيْنِ حَاسِدٍ اَللّٰهُ يَشْفِيْكَ بِسْمِ اللّٰهِ اَرْقِيْكَ

(ترجمو: ”۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اوهان تي دم ڪريان ٿو، هر ان بيماريءَ جي لاءِ جيڪا توهان کي تڪليف ڏئي ٿي ۽ ٻين جي شر ۽ حسد (ساڙ) ڪرڻ وارن جي بُري نظرکان. الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي شفا عطا فرمائي، مان توهان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان دم ڪيان ٿو.“)

(صحيح مسلم ص 1202 رقم الحديث 2186)

بخار جي مريض کي فقط عربي ۾ دعا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪريو.

مدينه 4 **بخار** وارو ڪثرت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الۡكَبِيۡرِ پڙهندو رهي.

مدينه 5 **حديثِ پاڪ** ۾ آهي ته جڏهن توهان مان ڪنهن کي بخار اچي وڃي ته ان کي ٽن ڏينهن تائين صبح جي وقت ٺڏي پاڻي جا چنڊا هنيا وڃن.

(المستدرک للحاکم ج4 ص223 رقم الحديث7438)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** سان وابسته اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلاميءَ تي ناز آهي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪري دعا گهرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽرن طرفان لاعلاج ڄاڻايل مريضن جون خوشيون به اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڀيهر موتي آيون آهن. جيئن ته

اکيون روشن ٿي ويون

لياقت ڪالوني حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ پاڪستان) ۾ دعوتِ اسلامي جي مبلغ هڪ نوجوان کي **مدني قافلي** جي دعوت پيش ڪئي، جنهن تي هو ڪاوڙجي چوڻ لڳو توهان ڪنهن جي پريشانيءَ جو خيال به فرمائيندا ڪريو، منهنجي والده جي اکين جو آپريشن ڊاڪٽرن غلط ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري سندن نظر ختم ٿي وئي آهي، اسان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي ۽ توهان چئو ٿا ته **مدني قافلي** ۾ سفر ڪريو، مبلغ همدرداڻي انداز ۾ دعا ڏيندي چيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جي والده کي شفا عطا فرمائي ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟ ان چيو ڊاڪٽر چون ٿا ته هاڻي آمريڪا ڪٽي ويندؤ تڏهن به علاج ممڪن ناهي، ائين چوندي هو روئڻهارڪو ٿي ويو، مبلغ وڏي محبت سان سندس پُني نَپيندي تسلي ڏيندڙ لهجي ۾ چيو "ادا! ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي ته مايوس ڇو ٿا ٿيو! **الله** عَزَّوَجَلَّ شفا عطا فرمائڻ وارو آهي ۽ مسافر جي دعا **الله** عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائيندو آهي توهان عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ۽ ان دوران والده جي لاءِ دعا به گهرو، ان مبلغ جي آٿت واري انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ ڏڪايل نوجوان سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو ۽ ان قافلي جي دوران والده جي لاءِ خوب دعائون گهريون، **جڏهن گهر موٽيو ته هي ڏسي سندس خوشيءَ جي انتها نه رهي، جو مدني قافلي جي**

برڪت سان سندس والده جي اکين جو نور واپس اچي چُڪو هيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى اِحسَانِهٖ

لوٹے رَحمتیں قافلے میں چلو ۔۔۔ سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
چشمِ بینا ملے سُکھ سے جینا ملے ۔۔۔ پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشگوار آهي، تہ تن قسمن جون دعائون قبول آهن، انهن جي قبوليت ۾ ڪو شڪ ناهي. ﴿1﴾ مظلوم جي دعا ﴿2﴾ مسافر جي دعا ﴿3﴾ پنهنجي پٽ جي حق ۾ پيءُ جي دعا (جامع ترمذي ج 5 ص280 رقم الحديث 3459) سفر ۽ سو به **مدني قافلي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هجي تہ پوءِ ڇا چئجي؟ ان ۾ دعائون ڇو نہ قبول ٿينديون، هن واقعي مان هي به درس مليو تہ انفرادي ڪوشش ۾ نهايت صبر ۽ بُردباري جي ضرورت آهي، سامهون وارو دڙڪا ڏي بلڪ ماري تڏهن به مايوس ٿيڻ بدران انفرادي ڪوشش جاري رکو، جيڪڏهن توهان ڪاوڙ ۾ اچي ويؤ يا هلڪڙائپ تي لهي آيؤ تہ دين جو تمام گهڻو نقصان ڪري ويهندؤ، سمجهائڻ نہ ڇڏيو ڇو تہ سمجهائڻ ضرور رنگ لائيندو آهي ۽ ڇو نہ رنگ لائي جو27هين سيپاري ۾ سورة الذّٰريٰت جي آيت 55 ۾ اسان جي پياري پياري الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عظمت نشان آهي:

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

ترجموکنزالايمان: ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏئي ٿو.

مٿي جي سور جو علاج

روم جي قيصر بادشاهه اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي خط لکيو تہ مون کي دائمي مٿي جو سور رهندو آهي جيڪڏهن توهان وٽ ان جي دوا هجي تہ موڪلي ڏيندا. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان ڏانهن هڪ ٽوپي موڪلي ڏني. روم جو بادشاهه جڏهن ان کي پائيندو هو تہ سندس مٿي جو سور ختم ٿي ويندو هيو ۽ جڏهن لاهيندو هيو تہ وري سور موٽي ايندو هُيس، ان کي ڏاڍي حيرت ٿي. آخرڪار ان ٽوپي کي اڍيڙيو تہ ان مان هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هيو. (اسرار الفاتحه ص163 تفسيرِ ڪبيرج اول ص 155)

بِسْمِ الله سان علاج جو طريقو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ جنهن کي مٿي جو سور هجي اهو هڪ ڪاغذ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي يا لکرائي ان جو تعويذ مٿي تي بَڌي ڇڏي. لکڻ جو طريقو هي آهي تہ اهڙي مس جيڪا مٽجي نہ سگهي مثلاً بال پين سان لکو ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي ه ۽ ٽنهي " م " جون گولايون

کليل رکو، تعويذ لکڻ جو اصول هي آهي تہ آيت يا عبارت لکڻ ۾ هر گولائي واري اکر جي گولائي کليل هجي يعني هن ريت مثال طور **ط** ، **ظ**، **ه**، **ھ**، **ص**، **ض**، **و**، **م**، **ف**، **ق** وغيره. زير زبر لڳائڻ ضروري ناهن، لکي ڪري موم جامو (يعني ميڻ ۾ پڳل ڪپڙي جو ٽڪرو ويڙهي ڇڏيو) يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڇڏيو پوءِ ڪپڙي ريگزين يا چمڙي ۾ تعويذ بڻايو ۽ مٿي تي ٻڌي ڇڏيو، جن کي عمامي شريف جو تاج سجائڻ جو شرف حاصل آهي اهي چاهين تہ عمامي جي ٽوپي ۾ سبي ڇڏين، اهڙي طرح اسلامي پينرون رَئي يا بُرقعي جي ان حصي ۾ سبي ڇڏين، جيڪو مٿي تي رهندو آهي. جيڪڏهن يقين ڪامل هوندو تہ انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو. سون يا چاندي يا ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي دٻيءَ ۾ مرد کي تعويذ پائڻ جائز ناهي. اهڙيءَ ريت ڪنهن بہ قسم جي ڌاتوءَ جي زنجير چاهي، ان ۾ تعويذ هجي يا نہ هجي مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. ساڳيءَ ريت سون چاندي ۽ اسٽيل وغيره ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي تختي يا ڪڙو (يعني ڪنگڻ) جنهن تي ڪجهہ لکيل هجي يا نہ هجي چاهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو مبارڪ يا ڪلمهءِ طيبه وغيره اکريل هجي اهو پائڻ مرد جي لاءِ ناجائز آهي. **عورت** سون چاندي جي ننڍي دٻليءَ ۾ تعويذ پائي سگهي ٿي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”يا الله“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان اڏ مٿي جي سورجا 6 علاج

1 جيڪڏهن ڪنهن کي اڏ مٿي جوسورهجي ته هڪ دفعو سُوْرَةُ الْاِخْلَاص (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي دم ڪري ڇڏيو، ضرورت مطابق ٽي پيرا، ست پيرا يا يارهن پيرا اهڙي طرح دم ڪريو، يارهن جو عدد پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اڏ مٿي جو سور نيڪ ٿي ويندو.

2 جڏهن سور ٿي رهيو هجي ان وقت سُنڊ (يعني سڪل ادرڪ جيڪا پنساري جي دڪان تان ملي سگهي ٿي) کي ٿورو پاڻي ۾ رڳڙي سُنڊ جو رڳڙيل حصو نرڙ تي مَلڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اڏ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو.

3 سُڪل ڏاڻن جا ٿورا داڻا ۽ ٿوري ڪشمش مٽ جي ٽڏي يا سادي پاڻي ۾ ڪجهه ڪلاڪ ڀڄائي ڪري پيئڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

4 گرم کير ۾ ديسي گيهه مِلائي پيئڻ سان به فائدو ٿيندو آهي.

5 ناريل جو پاڻي پيئڻ سان اڏ مٿي جو سور ۽ پوري مٿي

جي سور ۾ گهٽتائي ايندي آهي.

مدينه 6 اڌ گرم پاڻي جي وڏي ٿانوَ ۾ لوڻ وجهي ٻئي پير **ٻارنهن** منٽن جي لاءِ ان ۾ وجهي ڇڏيو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو (ضرورتًا وقت ۾ گهٽ وڌ ائي ڪري سگهو ٿا.)

"يا مصطفيٰ" جي ستن اکرن جي نسبت سان مٿي جي سور جا 7 علاج

مدينه 1 لَا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ﴿۱۹﴾

ترجموڪنزالايمان: نه انهن کي مٿي ۾ سور پوي ۽ نه ئي هوش ۾ فرق اچي. (سيپارو 27 الواقعه 19) هي آيتِ ڪريمه ٽي ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. (ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي)

مدينه 2 **سورة** الناس ست ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي مٿي تي دم ڪيو ۽ پُڇو جيڪڏهن اجان سور هجي ته ٻيو ڀيرو به ائين ڪيو. جيڪڏهن اجان به سور هجي ته ٽيون ڀيرو به ائين ئي دم ڪيو، سڄي مٿي جو سور هجي يا اڌ مٿي جو، ڪيڏو ئي شديد سُور هجي ٽن ڀيرن ۾ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ختم ٿي ويندو.

مدينه 3 **سڄي** مٿي جو سور هجي يا شقيقه (يعني اڌ مٿي جو سور) ٽيپهري جي نماز کان پوءِ سورة التڪاثر هڪ ڀيرو (اول

۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ سور ۾ فائدو ٿيندو.

4 **زبان** تي هڪ چپٽي لوڻ رکي **12** منٽن کان پوءِ هڪ گلاس پاڻي پي ڇڏيو مٿي ۾ ڪيترو ئي سور هجي ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. (هاءِ بلڊ پريشر جي مريضن جي لاءِ لوڻ جو استعمال نقصان ڪار هوندو آهي.)

5 **هڪ** پاڻي جي ڪوپ ۾ هڪ چمچو هيڊ وجهي اوباري پيئڻ يا باٿ وٺڻ سان ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو (ياڄي وغيره ۾ هيڊ ضرور استعمال ڪريو، روزانو هڪ گرام (يعني چَپٽي جيتري) هيڊ ڪائڻ وارو ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ **ڪينسر** کان محفوظ رهندو.)

6 **ديسي** گيهه ۾ تَريل گرم گرم تازيون **جِليبيون** سج اِيرڻ کان اڳ ۾ ڪائڻ سان ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ مٿي جي سور ۾ آرام اچي ويندو.

7 **ڪڏهن** اتفاق سان مٿي ۾ سور پئجي وڃي ته ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ڊسپرين (DISPRIN) جون ٻه ٽڪيون (يعني گوريون) پاڻي ۾ وجهي پي ڇڏيو ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ نيڪ ٿي ويندؤ. (هر قسم جي سور واري ٽڪي (گوري) ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ئي

استعمال ڪئي وڃي، نہ تہ نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي.)

مدني مشورو: جيڪڏهن دوائن سان متي جو سور نيڪ نہ ٿيندو هجي تہ اکيون ٿيست ڪرايو جيڪڏهن نظر ڪمزور هجي، تہ عينڪ پائڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ **متي جو سور** نيڪ ٿي ويندو. اجان بہ نيڪ نہ ٿئي تہ دماغ جي خصوصي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ ضروري آهي. ان ۾ ڪوتاهي ڪڏهن ڪڏهن سخت نقصان ڏيندڙ ثابت ٿيندي آهي.

نڪهيرا چڻ جو علاج **جيڪڏهن** ڪنهن کي نڪهير اچي ۽ رت وهڻ لڳي تہ شهادت واري آ ڱر سان پيشاني (يعني نرڙ) کان وٺي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکڻ شروع ڪري نڪ جي آخري حصي تي ختم ڪري ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ رت وهڻ بند ٿي ويندو.

دواجي حڪايت

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، "جيڪو بيمار بِسْمِ الله چئي دوا پيئي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ دوا فائدو ڏيندي. هڪ ڀيري سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پيٽ ۾ تمام سخت سور پيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون، ارشاد ٿيو تہ، جهنگ جي فلاڻي ٻوٽي کاءُ." پوءِ پاڻ اها کاڌائون ۽ ڪين جلدي آرام اچي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري اها تڪليف

تي. حضرتِ سيّدُنا موسٰي ڪليم **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وري اها ئي ٻوٽي استعمال ڪئي پر سور ويتر وڌي ويو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! هي ڪهڙو راز آهي؟ دوا هڪڙي اثر ۾! جو پهريون پيرو ان شفا ڏني ۽ هاڻي ويتر بيماري وڌايائين، **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد ٿيو اي موسٰي! پهرئين پيري تون منهنجي طرفان ٻوٽي ڏانهن ويو هئين ۽ هن پيري پنهنجي طرفان. اي موسيٰ! شفا تہ منهنجي نالي ۾ آهي منهنجي نالي جي بغير دنيا جي هر شيءِ **زهرِ قاتل** آهي ۽ منهنجو نالو ئي ان جو تِرياق (يعني علاج) آهي.

(تفسيرِ نعيمي ج اول ص42)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

دوا تي نہ خدا عَزَّوَجَلَّ تي پروسو رکو

معلوم ٿيو تہ پروسو دوا تي نہ، خدا عَزَّوَجَلَّ تي رکڻ گهرجي جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ دوا سان شفا ملندي ۽ اُهو نہ چاهي تہ اها ئي دوا بيماري وڌڻ جو سبب بڻجي ويندي ۽ عام طور ڏنو ويو آهي تہ هڪ ئي دوا سان هڪ بيمار صحت مند ٿي ويندو آهي ۽ اها ئي دوا جيڪڏهن ٻيو مريض پيئندو آهي تہ ان کي منفي اثر (REACTION) ٿي ويندو آهي ۽ وڌيڪ سخت بيماري جي وَر چڙهي ويندو آهي يا معذور ٿي يا موت جو شڪار ٿي ويندو آهي. جڏهن ٻہ دوا پيئو تہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڇڏيو

يا بِسْمِ اللّٰهِ الشَّافِيْ بِسْمِ اللّٰهِ الْكَافِيْ چئي ڇڏيو.

روح جي سيرابي

الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **كليمُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي نازل فرمائي تہ "دنيا مان هر روح اُجارو ويندو سواءِ ان جي جنهن بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهيو هوندو.

(اسرار الفاتحه ص162)

عُمدگيءَ سان پڙهڻ جي فضيلت

حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرخدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم كان روايت آهي "هڪ شخص بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم كي خوب عُمدگيءَ سان پڙهيو تہ ان جي بخشش ٿي وئي.

(شعب الايمان ج 2 ص 546 رقم الحديث 2667)

الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ميناڻ باعثِ نجات آهي

هڪ گناهگار كي مرڻ كان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو هڪ پيري مان هڪ مدرسي جي طرف كان گذريس تہ هڪ پڙهڻ واري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهيو اهو بُڌي منهنجي دل ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي منهنجي نالي جي ميناڻ اثر ڪيو ۽ انهيءَ وقت مون هي غيبي آواز بُڌو، " اسان بن شين كي گڏ نہ ڪنداسين، (١) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي جي ميناڻ (٢) موت

جي ڪوڙاڻ. (انيس الواعظين ص4)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ مان لذت حاصل ڪرڻ وارو رحمتن جي ڇانوَ ۾ دنيا کان رخصت ٿيندو ۽ موت هن جي لاءِ ڇوٽڪاري ۽ بخشش جو پيغام آڻيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، هو نڪتي نواز آهي، بظاهر معمولي نظر ايندڙ عملن جي سبب وڏن وڏن گناهگارن کي بخشيو ويندو آهي.

رَحمتِ حق "بہا" نہ می جُوید رَحمتِ حق "بہانہ" می جُوید

(الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت "بها" (يعني قيمت) ناهي طلب ڪندي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تہ بهانو ڳوليندي آهي.)

قيامت جي لاءِ نرالي سَنَد

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، "تفسيرِ عزيزي" ۾ بِسْمِ الله جي فائدن ۾ لکيل آهي تہ هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي مرڻ وقت وصيّت ڪئي هئي تہ منهنجي ڪفن ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي رکي ڇڏجو، ماڻهن ڪانئن ان جو سبب پُڇيو، جواب ڏنائون تہ قيامت جي ڏينهن هي منهنجو دستاويز (يعني تحريري ثبوت) هوندو، جنهن جي ذريعي سان رحمتِ الاهي جي درخواست ڪندس.

(تفسيرنعيمي سيپارو پهريون ص42)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ملیگا دونوں عالم کا خزانہ پڑھ لو بسم اللہ
خدا چاہے تو ہو جنّت ٹھکانہ پڑھ لو بسم اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تون عذاب کان بچي وئين

فِقْه حنفي جي مشهور ۽ معروف ڪتاب "دُرّمُخْتَار" ۾ آهي هڪ شخص مرڻ کان اڳ ۾ هي وصيّت ڪئي ته مرڻ کان پوءِ منهنجي سيني ۽ پيشانيءَ تي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏجو. آخر ائين ئي ڪيو ويو پوءِ ڪنهن خواب ۾ ان شخص کي ڏسي حال پُڇيو، ان ٻُڌايو ته جڏهن مون کي قبر ۾ رکيو ويو ۽ عذاب جا فرشتا آيا جڏهن پيشاني تي بِسْمِ الله لکيل ڏٺائون ته چيائون تون عذاب کان بچي وئين! (الدرالمختار معہ ردالمحتار ج3 ص156)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪفن تي لکڻ جو طريقو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جڏهن به ڪو مسلمان فوت ٿي وڃي ته بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم وغيره

ضرور لکندا ڪيو. توهان جي ٿوري توجهه ويچاري مرڻ واري جي بخشش جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي. ميّت سان همدرديءَ جي نيڪي توهان جي چوٽڪاري جو سبب به بڻجي سگهي ٿي. حضرت علامه شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ”هيئن به ٿي سگهي ٿو ته ميّت جي پيشانيءَ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکو ۽ سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکو، پر غُسل کان پوءِ ۽ ڪفن پارائڻ کان اڳ ۾ شهادت واري آڱر سان لکو، مس (INK) سان نه. (ردالمحتارج3 ص157) زير زبر لڳائڻ جي ضرورت ناهي ۽ شجرو يا عهدنامو قبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ سنو هيئن آهي ته چهري جي سامهون قبلي ڏانهن پِٽ ۾ ننڍو سوراخ ڪري ان ۾ رکو بلڪ ”دُرّمختار“ ۾ ڪفن تي عهدنامو لکڻ کي جائز چيو آهي ۽ فرمايو اٿن ته ان سان بخشش جي اميد آهي. (بهارشريعت حصو4ص108)

وڃ اسان تو کي بخشي ڇڏيو مدينا

قيامت جي ڏينهن عذاب جا فرشتا هڪ شخص کي پڪڙيندا، حڪم ٿيندو هن جي عضون کي کولي ڏسو ته انهن ۾ نيڪي آهي يا نه؟ پوءِ فرشتا ان جي سيني عضون کي کولي ڏسندا، پر نيڪي نه ملندي پوءِ فرشتا ان کي چوندا، ”هاڻي پنهنجي زبان ڪڍ، ته ان ۾ ڏسون ڪا نيڪي آهي يا نه؟ جڏهن هو زبان ڪڍندو ته ان ۾ اڇي لکت ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل ڏسندا. انهيءَ وقت حُڪم

تيندو ”وڃ اسان توکي بخشي ڇڏيو.“

(نزهة المجالس ج اول ص25)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

گنہگارو نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ
نظرِ رحمت پہ رکھو جنّتُ الفردوس میں جاؤ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ جي ڪرم جي ڳالهه آهي، جو جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي. يقينًا ان شخص اخلاص سان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کي پڙهيو هو، جيڪو ڪيس ڪم آيو ڇو ته اخلاص سان ڪيل ظاهري طور تي ننڍو عمل به وڏو درجو رکي ٿو. جيئن ته امامُ الْمُخْلِصِين، سيِّدُ الْمُرسَلين، رَحمة للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ قبوليّت نشان آهي: اَخْلِصْ دِيْنَكَ يَكْفِكَ الْعَمَلُ الْقَلِيْلُ ترجمو:” پنهنجي دين ۾ مخلص ٿي وڃو ٿورو عمل به ڪافي ٿيندو.“

(المستدرک للحاکم ج 5 ص 435 رقم الحديث7914)

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد غزاليعَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي هڪ بزرگ کان روايت ڪن ٿا، ”هڪ گهڙيءَ جو اخلاص هميشه جي چوٽڪاري جو سبب آهي پر اخلاص تمام گهٽ ڏٺو وڃي ٿو.“

(احياءُ العلوم ج4ص399)

خالص عمل جي سچا ٽپ

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي حوارين سندن خدمت ۾ عرض ڪيو، ڪنهن جو عمل **خالص** هوندو آهي؟ فرمايائون، ”انهيءَ شخص جو عمل **اخلاص** تي مَبني مڃيو ويندو، جيڪو صرف **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عمل ڪري ۽ هن ڳالهه کي ناپسند ڪري تہ ماڻهو ان عمل جي سبب سندس تعريف ڪن. (ايضاً ص 403)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

يا الله عَزَّوَجَلَّ توکي تنهنجي مخلص نبي سيّدُنا عيسٰي عَلَیْهِ السَّلَام جو واسطو اسان کي بي سبب بخشي ڇڏ. **آمين.** هاءِ! هاءِ! نفس ۽ شيطان جي هٿان اسان تيزيءَ سان تباهيءَ جي ڪاهيءَ ۾ ڪِرندا پيا وڃون، آهہ! آهہ! آهہ! ”حوصلہ افزائي“ جي نالي تي جيستائين اسان جي عملن ۽ ديني ڪمن جي تعريف ۽ واهہ واهہ نٿي ڪئي وڃي اسان کي سڪون ئي نٿو ملي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

مصيبتون دور ٿيڻ جو آسان ورد

مولاءِ ڪائنات، حضرت علي المرتضيٰ شيرِخدا کَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِیْم کان روايت آهي تہ سلطان مڪهءِ مڪرمہ، تاجدارِ مدينهءِ

منوره، مڪين گنبذِ خضراء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،”اي علي! رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مان توهان کي ڪجهه اهڙا جملا نہ ٻُڌايان جيڪي توهان مصيبت جي وقت پڙهو. عرض ڪيم ضرور ارشاد فرمايو، توهان تي منهنجي جان قربان، سيئي چڱايون مون توهان کان ئي تہ سکيون آهن.“ ارشاد فرمايائون،”جڏهن توهان ڪنهن مشڪل ۾ اچي وجو تہ هيئن پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡم

پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاهيندو دور فرمائيندو“.ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ **(عمل اليوم والليلة لا بن سني ص120)**

مشڪلاتون حل ٿيندیون ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ بيماري، قرضداري، مقدمي بازي، دشمن جي طرفان ايذاء پهچڻ، بي روزگاري، يا ڪا بہ اوچتي آفت اچي پوي، ڪا شيءِ گم ٿي وجي، ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي صدمو پهچي، ڪو ماري، دل ڏکي پوي، ڏڪ لڳي، گاڏي خراب ٿي پوي، ٽريفڪ جام ٿي وجي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وجي، چوري ٿي وجي، مطلب تہ ننڍي يا وڏي ڪهڙي بہ پريشاني هجي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡم

پڙهندو رهڻ جي عادت بڻايو نيت صاف هوندي تہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ منزل آسان ٿيندي. مشڪل جي آساني لاءِ هڪ عمل هي بہ آهي تہ جمعي جي نماز کان اڳ غسل ڪري پاڪ صاف ڪپڙا پائي اڪيلائي ۾ **يا الله 200** پيرا (اول ۽ آخر تي پيرا درود شريف) پڙهي ونو ڪهڙي بہ مصيبت هوندي دور ٿي ويندي يا ڪهڙي بہ حاجت هوندي پوري ٿي ويندي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ۾ دعائون گهرڻ سان بہ بيشمار اسلامي پائرن جون مشڪلاتون حل ٿيڻ جا واقعا آهن جيئن تہ.

نئين زندگي

هڪڙي مزدور جي بُڪين ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو، مائٽن کيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو، سندس آواره (يعني اڻ سڌريل) ياڻيجو عيادت جي لاءِ آيو. سندس مامو زندگيءَ جون آخري گهڙيون ڳڻي رهيو هو (تنهن تي نوجوان جي) دل ڀرجي آئي ۽ اکين مان نِير نڪري پيس، هُن هي ٻُڌو هو تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر جي دوران دعا قبول ٿيندي آهي، تنهنڪري هو مدني قافلي ۾ سفر تي نڪتو ۽ خوب ٻاڏائي ڪري مامي جي صحت يابيءَ جي لاءِ دعا ڪيائين، **جڏهن هو واپس موٽيو تہ سندس مامو صحت مند ٿي گهر بہ اچي چُڪو هو ۽ هاڻي نماز لاءِ**

گهر کان نڪري آهستي آهستي مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو، اهو رحمت ڀريو منظر ڏسي ان نوجوان گناهن ڀري زندگي کان توبهه ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

مرض گمبھیر ہو، گرچہ دِلگیر ہو ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
غم کے بادَل چھٹیں اور خوشیاں ملیں دل کی کَلیاں کھلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ دل جي گهراين مان نڪتل دعا ڪڏهن به رد نٿي ٿي سگهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ جيڪا به دعا ڪئي وڃي اها قبول ٿيندي آهي ڇوته ٿئي جو پاڻ اسان جي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جو سچو فرمان آهي:

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : ۽ توهان جي رب فرمايو مون کان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس.

وسوسو: خداءِ حميد عَزَّوَجَلَّ ڪلام مجيد ۾ جڏهن پاڻ ارشاد فرمائي ٿو ته مون کان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس. ”پر ڪيترائي ڀيرا دعا جي قبوليّت جو اظهار ناهي ٿيندو، مثلاً دعا گهري ويندي آهي ته فلاڻي جڳهه تي نوڪري ملي وڃي پر ملندي ناهي.

وسوسي جو علاج: قبول هجڻ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ خطا کائڻ جي ڪري شيطان وسوسا وجهندو آهي، دعا قبول ئي قبول آهي، قبوليّت جون صورتون مختلف آهن دعا جي قبوليّت جون ٽي صورتون ملاحظه فرمائيندا. ﴿1﴾ جيڪو ان گهريو اهو نه ڏنو ويو ان لاءِ ته اهو ان جي حق ۾ سٺو نه هو ۽ هو اَرحَمُ الرَّاحمين جل جلاله پنهنجي بانهن جي حق ۾ بهتر ئي چاهيندو آهي. جيئن فرمايو اٿس.

وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱۶﴾ (پ2 البقره 216)

ترجمو ڪنزالايمان: عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالهه اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ پلي هجي ۽ عين ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ بهتر نه هجي الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نه ٿا ڄاڻو.

﴿2﴾ ان دعا گهرڻ واري تي ڪا سخت آفت ۽ مصيبت اچڻ واري هئي. جنهن کي ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان بظاهر قبول نه ٿيڻ واري دعا جي بدلي ۾ هٽائي ڇڏيندو آهي. مثلاً آڇر تي سج لٿي واري نمازڪان پوءِ اسڪوٽر جي حادثي ۾ ان جي ٽنگ ڀڄڻ واري هئي ۽ ٽيپهري جي نمازڪان پوءِ ان دعا گهري، "**يا الله** عَزَّوَجَلَّ فلاڻي تي منهنجو **هزار رپيا** قرض آهي اهو اڄ سج لٿي ڪان پوءِ ملي وڃي، سج لٿي جي نماز پڙهي صحيح سلامت قرضدار

وٽ پهچي ويو، پر ان قرض نہ ڏنو هاڻي دعا گهرڻ واري هي سمجهيو، تہ منهنجي دعا قبول نہ ٿي. پر ان بي خبر کي ڪهڙي خبر تہ قرضدار وٽ پهچڻ کان اڳ حادثي ۾ جيڪا هن جي ٽنگ ڀڃڻي هئي اها هن دعا جي برڪت سان نہ ڀڳي!

﴿3﴾ هي تہ جيڪو گهريائين اهو ڪيس نٿو ڏنو وڃي بلڪ ان جي بدلي ڪيس آخرت ۾ ثواب جو ذخيرو عطا ڪيو ويندو. جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ جڏهن ٻانهو آخرت ۾ پنهنجي انهن دعائن جو ثواب ڏسندو، جيڪي دنيا ۾ قبول نہ ٿيون هيون تہ تمنا ڪندو تہ ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿئي ها ۽ سيئي هتي (يعني آخرت) جي لاءِ جمع ٿي وڃن ها. **(احسن الوعاء ص37 حاشيه مع توضيح)** هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي ”جنهن کي دعا جي توفيق ڏني وڃي، ان جي لاءِ بهشت جا دروازا کوليا ويندا.“ (ايضًا 141)

بِسْمِ اللّٰه جي ديواني

هڪ مبلغ اجتماع ۾ بِسْمِ الله جا فضائل بيان ڪري رهيو هو، هڪ يهودي ڇوڪري بِسْمِ الله جا فضائل ٻُڌي ڪري تمام گهڻي متاثر ٿي ۽ هن اسلام قبول ڪري ورتو. سندس زبان تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جو ورد جاري ٿي ويو، هر وقت اٿندي، ويهندي، سمهندي، جاڳندي گهمندي ڦرندي بِسْمِ الله پڙهندي

رهندي هئي. ڇوڪريءَ جا ڪافر ماءُ پيءُ ان ڪان سخت ناراض رهڻ لڳا. ۽ ڪيس هر طرح جون تڪليفون ڏيڻ لڳا اسلام دشمني جي سبب ان ڪوشش ۾ لڳي ويا تہ پنهنجي ڌيءُ تي ڪو الزام هڻي **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ڪيس قتل ڪرائي ڇڏين، نيٺ هڪ ڏينهن سندس پيءُ جيڪو وقت جي بادشاهہ جو وزير هيو. شاهي مُهَر واري **مُندي** ڌيءُ کي رکڻ لاءِ ڏني، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي اُن ورتي ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. رات جو جڏهن هوءَ سمهي پئي تہ پيءُ سندس کيسي مان **مُندي** ڪڍي درياءَ ۾ وجهي ڇڏي هڪ **مڇيءَ** اها مُندي ڳهي ڇڏي، صبح تي هڪ مهاڻي ڄار اڇلايو تہ اتفاق سان اها ئي مڇي ڄار ۾ ڦاٿي، هن ڪڍي اچي وزير کي تحفي ۾ ڏني، وزير پڇائڻ لاءِ ڇوڪريءَ جي حوالي ڪئي، ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم چئي مڇي ورتي جڏهن ان جو پيٽ چيريائين تہ ان مان مُندي نڪري پئي، ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي کيسي ۾ وجهي ڇڏي ۽ مڇي پڇائي پيءُ جي آڏو رکيائين ڪاڏو ڪائڻ بعد جڏهن دربار جو وقت آيو تہ پيءُ ڇوڪريءَ ڪان مندي گهري ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي کيسي مان ڪڍي ڏني، پيءُ هي ڏسي ڪري حيران رهجي ويو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰه **جي ديوانيءَ** کي قتل ٿيڻ کان محفوظ فرمائي ڇڏيو. (لمعان صوفياء)

الله عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي .

بِسْمِ اللّٰه لکڻ جي فضيلت

حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ ”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي تعظيم جي لاءِ سهڻي صورت ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو.“

(الدر المنثور ج۱ ص27)

سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن جي والد محترم استاد العلماء، رئيس المتڪلمين حضرتِ سيّدُنا شاهہ نقي علي خان قادري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ذوالقعدة الحرام ۱۲۹۷ ھ خميس جي ڏينهن ٻيپهريءَ جي وقت لاڏاڻو ڪيو، سندن زندگيءَ جي آخري تحرير بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم هئي، سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سندن لاڏاڻي ٿيڻ واري وقت جي رقت انگيز منظرڪشي ڪندي فرمائن ٿا، تہ لاڏاڻي واري ڏينهن فجر جي نماز پڙهي هئائون ۽ اجان ٻيپهري جو وقت باقي هو تہ لاڏاڻو فرمايائون، سڪرات ۾ سيني موجود ماڻهن ڏنو تہ اکيون بند ڪري لڳاتار سلام ڪري رهيا هئا (هي ان طرف اشارو معلوم ٿئي ٿو تہ ولين سڳورن جا مقدس روح استقبال لاءِ جمع ٿي رهيا هئا) جڏهن ڪجهہ ساهہ باقي وڃي رهيا تہ هٿن کي وضو وارن عضون تي ائين ڦيرڻ لڳا جڻ وضو ڪري رهيا آهن، ايتري تائين جو نڪ جي صفائي بہ ڪيائون.

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! پاڻ پنهنجي طور تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻيپهريءَ جي نماز بہ ادا ڪري ويا، جنهن وقت روح مبارڪ جدائي فرمائي، فقير سيرانديءَ کان حاضر هو. وَاللهِ العَظِيمِ (يعني عظمت واري رب جو قسم تہ) هڪ حسين نور اعلانيہ نظر آيو (يعني جيڪو بہ اتي موجود هو اهو ڏسي سگهي پيو) جو ڇاتيءَ مبارڪ کان نڪري چمڪندڙ ڪنوڻ جيان چهري مبارڪ تي چمڪيو جيئن سج جي روشني آئيني ۾ نظر ايندي آهي. ان حالت کان پوءِ نور غائب ٿي ويو ان کان پوءِ روح بدن ۾ نہ هيو، آخري لفظ زبان مبارڪ مان جيڪو نڪتو اهو لفظ **الله** عَزَّوَجَلَّ هو ۽ بس. ۽ آخري تحرير جيڪا هٿ مبارڪ سان لکي، اها بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم هئي جو لاڏاڻي کان ٻہ ڏينهن اڳ هڪ ڪاغذ تي لکي هئائون، بعد ۾ فقير (يعني سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه) حضور پير و مرشدِ برحق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي خواب ۾ ڏنو تہ والد ماجد جي مزار تي آيا آهن. غلام عرض ڪيو تہ سائين! هتي ڪيئن“؟ فرمايائون اڄ کان يا هاڻي کان هتي ئي رهنداسين. (حياتِ اعليٰ حضرت ج 1 ص50،51 مکتبة المدينة ڪراچي)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

عرش پر دھومیں مچیں وہ مومنِ صالح ملا
فرش سے ماتم اٹھے وہ طیّب و طاہر گیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکڻ جو عظيم ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٿي سگهي ته ڪڏهن ڪڏهن وضوءَ سان سٺن اکرن سان ڪاغذ وغيره تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکي ڇڏيندا ڪريو پر بي ادبي واري جڳهه تي هرگز نه لکو، ڀتين تي به آيتون ۽ مقدس لفظ نه لکو جو آهستي آهستي لکت جا ذرا زمين تي ڪِري پوندا آهن (تنهنڪري مسجدن ۾ به هن ادب جو خيال رکو) ۽ زمين تي لکڻ جي باري ۾ ته خود **مٺي مٺي آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واضح طور تي منع فرمايو آهي، جيئن ته

زمين تي لکڻ

حضور پُرنُور، شاهِ غيُور، شافع يومُ **النُّشُور** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ جڳهه ڪان گذريا جتي **زمين** تي ڪجهه لکيل هو. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پرسان وينل هڪ نوجوان کان پُڇيو ته ”هي ڇا لکيل آهي؟“ ان عرض ڪيو ”بِسۡمِ اللّٰه“ ته فرمايائون ”ائين ڪرڻ واري تي لعنت هجي، بِسۡمِ اللّٰه کي ان جي جڳهه تي ئي رکو.“

(الدر المنثور ج1ص29)

از خدا خواهيم توفيقِ ادب
بے ادب محروم گشت از فضلِ ربّ

(اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان ادب جي توفيق گهرون ٿا ڇو ته بي ادب الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل کان محروم ٿي دربدر ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي)

هر زبان جي اڪرن جو ادب ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زمين تي ڪنهن به زبان ۾ ڪو لفظ نہ لکڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو سمجهندا آهن تہ انگريزي زبان جو ادب ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اها انهن جي سخت غلط فهمي آهي، غور تہ ڪيو، جيڪڏهن انگريزي ۾ ALLAH لکيل هوندو تہ ڇا توهان ادب نہ ڪندؤ؟ ڪندؤ ۽ يقيناً ڪندؤ. ايتري تائين جو جيڪڏهن بي ادبي جي نيّت سان معاذالله ڪو ان تي پير رکي يا اڇلائي تہ ڪافر ٿي ويندو. بهرحال انگريزي ۽ دنيا جي هر زبان جي اڪرن جو ادب ڪرڻ گهرجي **تفسيرِ ڪبير شريف ج اول ص 396** جي مطابق **دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ تمام زبانون الهامي آهن.** ظاهر آهي تہ زمين تي ڪنهن به زبان ۾ لکڻ سان ان جي بي ادبي يقيني آهي اڄڪلهہ ٽريفڪ وارن جي طرفان رهنمائي لاءِ رستن تي ڪجهہ تحريرون هونديون آهن، اهو غلط طريقو آهي. ڪاش! فقط رنگا رنگي (پر سبز ڪان علاوه) پَٽّن سان ڪم هلايو وڃي ها، دروازن تي اهڙا پائيدان نہ رکيا وڃن جن تي WELL COME لکيل هجي. افسوس اڄڪلهہ اڪرن جو ادب ڪرڻ تقريباً ناممڪن ٿي ويو آهي. عام طور تي وڇائڻ واري قالين، چادر ۽ فوم جي گدن جي استر ۽ پلنگ جي چادر تي ڪمپني يا ڊيڪوريشن جو نالو

لڪيل هوندوآهي، WC تي، چپلن ۽ جوتن جي اندروني حصي بلڪ ٿَرن تي ۽ ڪپڙن جي ڪِناريءَ تي ڪارخاني جو نالو وغيره لڪيل هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن سلائيءَ ۾ پاجامي (شلوار) جي اندر ويهڻ جي جڳهه تي تحرير اچي ويندي آهي تہ لڳاتار بي ادبيءَ جو سلسلو رهندو آهي. بلڪ سڀ کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه هي آهي تہ عام طور تي هر ”ڳاڙهي سر“ تي ۽ ”فلور ٽائل“ جي هيٺان ڪجهه لڪيل هوندو آهي، ٻني جي ڳاڙهين سرن ۽ فلور ٽائلن جي لڪت کي گريندڙ سان ڏاهي سگهجي ٿو ۽ گهڻي مقدار ۾ خريد ڪرڻ وارا ڪارخاني وارن کان بنا لڪت جي بہ نهرائي سگهن ٿا پر ايتري تڪليف کي سهڻ وارو با ادب مدني ذهن ڪيئن نهي؟ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل توفيق سان سڀ ممڪن آهي. هڪ پيري (باب المدينه) ڪراچي ۾ فرش تي رکيل هڪ ڳاڙهي سر جي لڪت ڏسي سگِ مدينه عفي عنه جي دل بيقرار ٿي وئي جو ان تي **عمر** لڪيل هو، ڳاڙهيون سِرون غسل خانن، ليٽرين ۽ هر جڳهه جي پيتين ۽ فرش ۾ استعمال ٿيندڙ آهن. اهي الفاظ لکندي ماضيءَ جي هڪ دل ڏکائيندڙ ياد ذهن تي اچي رهي آهي اها بہ عرض ڪندو هلان.

مدني شريف جي هڪ دل ڏکائيندڙ ياد

مسجد النبوي الشريف عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اوير طرف باب جبريل جي سامهون قديم گهٽي هئي جيڪا **جنّت البقيع** ڏانهن ويندي

هئي ان مقدس گهٽيءَ کي عاشق **بهشتي گهٽي** چوندا هئا. ان ۾ ڪيئي يادگارون مثلاً: اهلِ بيتِ اطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا گهر مبارڪ وغيره هئا. هاڻي اها پياري ۽ مني حقيقي **مدني گهٽي** شهيد ڪئي وئي آهي. سن١٤٠٠هه جي هڪ وڻندڙ شام جو مان (**يعني سگِ مدينه عفي عنه**) انهيءَ **بهشتي گهٽيءَ** کان گذري رهيو هيس تہ گٽر جي هڪ ڍڪڻ جي عربي تحرير تي نظر پئي غور سان ڏٺم تہ ان تي لوهہ سان اپريل اکرن ۾ "**مجاري المدينة**" لکيل هو، مون عقيدت جي جذبي ۾ ان تحرير کي چُمي ورتو ۽ جن بدنصيبن منهنجي مني مديني (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا) جي نالي کي **گٽر** جي ڍڪڻ تي لکرايو، انهن لاءِ منهنجي دل ۾ ايتري شديد نفرت پيدا ٿي جو مان ٻُڌائي نٿو سگهان. چمڻ دوران هڪ يَمني پوڙهي ڏسي مون کي جِهڻڪ ڏني، مان ڪنڌ هيٺ ڪري تيزيءَ سان اڳتي وڌي ويس، اجان ٿورو ئي هليو هوس تہ پٺيان ڪنهن جي سلام ڪرڻ جو آواز آيو، مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ ڪو پاڪستاني هو، ڏاڍي محبت سان مليو ۽ حيرت جي ڳالهہ هي تہ مون سان معذرت ڪندي چوڻ لڳو تہ "ان يمني پوڙهي جي دل ۾ نہ ڪجو." وڌيڪ ان چيو تہ "**مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضري جو انداز ڏسي مون کي ڪشش ٿي ۽ مان لڳاتار توهان جي پٺيان لڳو اچان ٿو ۽ توهان جي سڄي اٿڻ ويهڻ جو جائزو وٺي رهيو آهيان، توهان منهنجي گهر اچي قيام ڪيو." مون جواب ڏنو، "اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون وٽ قيام جي سهولت موجود آهي." وري چيائين "پلا ڪاڏو ڪائي

وجو.“مون جواب ڏنو،” ان جي في الحال ضرورت ناهي. “وري چيائين منهنجي طرفان ڪجهه رقم ئي قبول ڪيو، مون ٿورا مجيندي ڪيس چيو ته آءُ حاجتمند ناهيان. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون وٽ خرچ پڪو موجود آهي. بهرحال هو خوش عقيده شخص هو ۽ ان مون سان تمام گهڻي محبت جو اظهار ڪيو، منهنجي لاءِ هو اڻ واقف هو ان کان پوءِ وري ڪڏهن به ان سان ملاقات ناهي ٿي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اُن کي ان جو عظيم اجر عطا فرمائي ۽ هر مسلمان کي بي ادبي ۽ بي ادبن جي شر کان محفوظ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محفوظ خدا رکھنا سَدا بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سياڻي جو دليل

عربي ۾ ”مدينه“جي معنيٰ ”شهر“ آهي ان لاءِ گٽر جي ڍڪڻ تي مدينه لکڻ ۾ حرج ناهي.

ديواني جو جواب: **عربي** ۾ شهر لاءِ ”بلد“ جو لفظ به مشهور آهي، مدينهءِ منوره جي شهري انتظاميه کي بلديّه ئي چوندا آهن آخر اهڙو پيارو نالو **مدينه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا **گٽر** جي ڍڪڻ تي لکڻ جي ضرورت ڇو پئي؟ عربي زبان کان علاوه **سنڌيءَ** سميت دنيا جي ڪنهن به زبان ۾ جڏهن **مدينه** چيو ويندو ته هر ڪو ان مان مُراد **مدينة النبي** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي

وٺندو، بلڪ علماءِ ڪِبار رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْغَفَّار مدينة المنوره جا ڪيترائي نالا مبارڪ لکيا آهن انهن ۾ مُجرّد (يعني اڪيلو) لفظ "مدينه" بہ شامل ڪيو آهي ۽ ان کي مدينة المنوره جي تاريخ تي لکيل ڪتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً علامہ نورالدين علي بن احمد السّمهودي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى **وفاءُ الوفاء ج 1 ص 22** تي مديني شريف جا ڪيترائي نالا مبارڪ لکيا آهن انهن ۾ هڪ نالو **مدينه** بہ لکيو اٿن. بهرحال ڪنهن بہ لحاظ کان گٹر جي ڍڪڻ تي "**مدينه**" بلڪ "المدينه" لکڻ واري عمل کي عاشقن جي دل تسليم ڪري ئي نہ ٿي سگهي. "**المدينه**" ڇا آهي؟ هي تہ عاشقن جي دل ئي ڄاڻي ٿي. عاشقن جي امام، امامِ اهلسنّت، مجدد دين وملت، پروانۂ شمع رسالت،عاشقِ ماهِ نُبُوَّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن وٽ **مدينه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا جي اهميت ملاحظہ ڪيو. جيئن تہ پاڻ فرمائن ٿا:

نامِ مدينہ لے دیا چلنے لگی نسیمِ خُلد
سوزشِ غم کو ہم نے بھی کیسی ہوا بتائی کیوں (حدائقِ بخشش شریف)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا ڀاءُ حضرت **مولانا حسن رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان تمنا جو اظهار هيئن ڪن ٿا.

رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے
مرا دل بنے یادگارِ مدینہ (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وسوسو: گٽر وري بہ گٽر هوندو آهي ان جو ڍڪڻ چمڻ بلڪل خراب ڳالهہ آهي. **وسوسي جو علاج:** گٽر جو ڍڪڻ مٿي هوندو آهي ۽ مواد اندر. سُڪل ڍڪڻ جنهن تي ناپاڪي جو ڪو ظاهري اثر نہ هجي ان کي ناپاڪ چوڻ جو ڪو سبب ڪونهي، تنهنڪري **مدينة المنوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا جي المدينه لڪيل سڪل ڍڪڻ کي عشق ۽ مستي ۾ چمڻ کي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ دنيا جو ڪوبہ مفتيءِ اسلام ناجائز ڪو نہ چوندو. پياري محبوب، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس شهر جي ڍڪڻ تي لڪيل **المدينه** کي چمڻ ۽ مستي ۾ جهومڻ فقط **عاشقانِ مدينه** ڪثرهم الله تعالي جو حصو آهي، مٿي مٿي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانؤ، مديني جا مستانؤ، شمع بزمِ رسالت جا پروانؤ جهومي جهومي چئو.

”المدينه“ سان اسان کي پيار آ
ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجو ٻيڙو پار آ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شرابيءَ جي بخشش تي وئي مدينہ

هڪ نيڪ ماڻهوءَ پنهنجي ڀاءُ کي نشو ڪرڻ سبب پاڻ وٽ گهرائي سزا ڏني. واپسيءَ ۾ هو پاڻي ۾ ٻُڏي فوت ٿي ويو، جڏهن ان کي دفن ڪري چُڪا تہ انهيءَ رات سندس نيڪ ڀاءَ خواب ڏٺو تہ

سندس مرحوم پاءُ جنّت ۾ سير ڪري رهيو آهي، ان پُڇيو،”تون تہ شرابي هئين ۽ نشي جي حالت ۾ ئي مري ويو هئين پوءِ توکي جنّت ڪيئن نصيب ٿي؟ هو چوڻ لڳو،”توهان کان مار کائڻ کان پوءِ جڏهن مان واپس ٿيس تہ رستي ۾ هڪ ڪاغذ ڏٺم جنهن تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هو، مون ان کي کنيو ۽ ڳهي ڇڏيو. پوءِ پاڻي ۾ ڪري پيس ۽ دم نڪري ويو، جڏهن قبر ۾ پهتس تہ منڪر نڪير جي سوالن تي مون عرض ڪيو، ”توهان مون کان سوال ڪري رهيا آهيو، حالانڪہ منهنجي پياري الله عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو منهنجي پيٽ ۾ آهي، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو صَدَقَ عَبۡدِیۡ قَدۡ غَفَرۡتُ لَهٗ يعني منهنجو بانهو سچ ٿو چوي بيشڪ مون ان کي بخشي ڇڏيو.

(نزهة المجالس ج1ص27 طبع دارالكتب العلميه بيروت)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَى الۡلّٰه اَسۡتَغۡفِرُ الۡلّٰه

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪاش! هر مسلمان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي ڪري سنّتون

سڪڻ سيڪارڻ وارن عاشقانِ رسول ۾ شامل ٿي وڃي. هر درس ۽ هر سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ اول ڪان آخر تائين حاضريءَ جي سعادت حاصل ڪري ۽ ان لاءِ سچي دل سان جدوجهد ڪري. جيئن ته

بخشش جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان آهي هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن باب المدينه ڪراچي ۾ ٽيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀرئي اجتماع جون تياريون زور ۽ شور سان جاري هيون. مدني قافلا آٽڻ لاءِ ڪيترن ئي شهرن مان باب المدينه ڪراچي لاءِ خاص ترينن جو سلسلو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو هڪ مائٽ گذاري ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ مرحوم کي خواب ۾ ڏسي جڏهن حال پُڇيو ته چوڻ لڳو، مون ڪراچيءَ ۾ ٽيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي نيّت سان خصوصي ترين ۾ سيٽ بُڪ ڪرائي هئي، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان سچي نيّت جي سبب منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي.

رَحمتِ حق "بها" نه می جوید　　رَحمتِ حق "بهانه" می جوید

(الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت "بها" يعني قيمت ناهي طلب ڪندي. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ته "بهانو" ڳوليندي آهي.)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سڀ نيت جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ سڀ نيّت جو ڪيڏو بلند رُتبو آهي جو عمل ڪرڻ جو موقعو نہ ملڻ جي باوجود اجتماع ۾ شرڪت جي نيّت ڪرڻ واري خوشنصيب جي بخشش ٿي وئي. حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، انسان کي ڪجهہ ڏينهن جي عمل سان نہ پر سڀ نيّت سان جنّت حاصل ٿيندي. (ڪيمياءِ سعادت ج2 ص861) ياد رکو! نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ۾ ارادو نہ هئڻ جي صورت ۾ خالي ها ڪرڻ سان نيّت جو ثواب نہ ملندو مثلاً ڪنهن کي چيو ويو تہ "سيٺي اچجانءِ". ان ها ڪري ڇڏي ۽ دل ۾ هي ارادو آهي تہ نہ ويندس تہ هي ڪوڙو واعدو ٿيو ۽ ڪوڙو واعدو ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. جڏهن **نبي اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، رَحْمتِ عالم، شاهِ بني آدم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غزوهء تبوڪ لاءِ تشريف ڪڍي ويا تڏهن فرمايائون، مدينهءِ طيبه ۾ ڪجهہ ماڻهو آهن، جو اسان جيڪا بہ وادي پار ڪيون ٿا يا اهڙي جڳهہ کي پيرن هيٺان لتاڙيون ٿا جنهن سان ڪافرن کي ڪاوڙ اچي ٿي ۽ اسان کو مال خرچ ڪيون ٿا يا اسان بُڪايل هجون ٿا تہ هو انهن تمام ڳالهين ۾ اسان سان شريڪ ٿين ٿا، حالانڪہ اهي مدينهءِ منوره ۾ آهن. صحابين سڳورن عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو ڪيئن؟ اهي تہ اسان سان گڏ ناهن. پاڻ صَلَّی اللّٰہ

تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون انهن کي **مجبوريءَ** روڪي رکيو آهي (اهي ان لاءِ ثواب جا حقدار بڻيا جو شرڪت جي پڪي نيّت هئڻ جي باوجود مجبوراً شريڪ نہ ٿي سگهيا هئا.)

(السنن الکبریٰ للبیهقي ج 9 ص24 وغیره)

جيڪو شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ خوشبو لڳائي تہ اهو قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان جي خوشبو ڪستوري کان وڌيڪ مهڪي رهي هوندي. ۽ جيڪو شخص غير خدا جي خاطر خوشبو لڳائي، اهو قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان جي بوءِ مُردار کان وڌيڪ بدبودار هوندي.

(مصنف عبد الرزاق ج4 ص319حدیث 7932 احیاء العلوم ج4 ص813)

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد غزاليعَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی ڪيمياءِ سعادت ۾ حديث پاڪ نقل ڪن ٿا تہ سرڪارِمدينه جو فرمانِ عاليشان آهي،"جيڪو شخص ان نيّت سان قرض وٺي تہ واپس نہ ڪندو تہ اهو چور آهي." **(الترغیب والترهیب ج2 ص602)**

الله تعاليٰ جي خفيہ تدبير

خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! هو بي نياز آهي. ڪهڙي ٻانهي سان ان جي ڪهڙي **خفيه تدبير** آهي، اهو ڪوبہ نٿو ڄاڻي، جڏهن هو نوازڻ تي ايندو آهي تہ ظاهري طور تمام ننڍڙي عمل تي جنّت جي اعليٰ نعمتن سان مالامال فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن پڪڙڻ تي ايندو آهي تہ ڪنهن هڪڙي

صغيره گناهه تي پڪڙي وٺندو آهي، تنهنڪري ٻانهي کي گهرجي تہ ڪنهن بہ نيڪيءَ کي هرگز نہ ڇڏي ۽ گناهه کان هر صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي بچائي ۽ هر حال ۾ پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي **بي نيازيءَ** کان ڊڄندو رهي.

حضرت علامہ عبدالرحمٰن ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا،

لڳ ڪانڌاريندڙ واقعو

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي **ساٿين** سميت وينا هئا، تہ ماڻهو هڪ قتل ٿيل مُردي کي گهليندا اتان گذريا سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن مقتول جي شڪل ڏٺي تہ هڪدم **بيهوش** ٿي زمين تي ڪِري پيا. جڏهن کين هوش آيو تہ ڪنهن سبب پُڇيو، ان تي پاڻ فرمايائون هي **مقتول** ڪنهن وقت تمام وڏو **عابد** ۽ زاهد هو، ماڻهن جو تجسس وڏيو، عرض ڪيائون، سائين! اسان کي تفصيلي واقعو ٻُڌايو، فرمايائون هي عابد هڪ ڏينهن نماز لاءِ گهر کان نڪتو تہ رستي ۾ هڪ عيسائي ڇوڪريءَ تي سندس نظر پئجي وئي ۽ هڪ دم ان جي دل ۾ عشق جي باهه ڀڙڪي، ائين ان جي فتني ۾ پئجي ويو، ان سان شاديءَ جو مطالبو ڪيائين. ان شرط رکيو تہ عيسائي ٿي وڃ. ڪجهه عرصو تہ **عابد** پنهنجو پاڻ کي روڪيو، پر آخرڪار شهوت جي هٿان لاچار ٿي اسلام ڇڏي عيسائي ٿي ويو، جڏهن ان ڇوڪريءَ کي اچي خبر ڏنائين تہ

هوءَ مڃرجي وئي ۽ متس ملامت ڪندي چيائين، **اي بدنصيب!** تنهنجي اندر ڪا ڀلائي ڪانهي تو پنهنجي دين سان وفا ناهي ڪئي تہ ڪنهن ٻئي سان ڪهڙي وفا ڪندين! بدبخت تون شهوت ڪان بدمست ٿي سڄي عمر جي عبادت ۽ رياضت بلڪہ پنهنجي دين کي بہ داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. **ٻُڌ! تون اسلام کان ڦري مُرتَد ٿي چُڪو آهين ۽** اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ **مان عيسائيت کي ڇڏي مسلمان ٿي چُڪي آهيان.** اهو چئي ان سُوْرَةُ الْاِخْلَاص جي تلاوت ڪئي، ڪنهن ٻُڌڻ واري حيرت مان پُڇيو هي توکي ڪيئن ياد ٿي وئي؟ چوڻ لڳي اصل ڳالهہ هي آهي تہ خواب ۾ مان جهنم ۾ داخل ٿيڻ لڳيس، اوچتو هڪ شخص اتي اچي ويو ۽ مون کي تسلي ڏيندي چوڻ لڳو، ”ڊڄ نہ“ تنهنجي بدران انهيءَ شخص کي فديو ٻڌايو ويو آهي ايتري ۾ هي نامُراد عاشق منهنجي بدران جهنم ۾ وڃڻ لاءِ اچي ويو، پوءِ اهو شخص مون کي جنّت ۾ وٺي ويو اتي مون هي لکيل ڏٺو.

يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۚ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿۳۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: الله جيڪي چاهي مٽائيندو ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي.

پوءِ ان مون کي سُوْرَةُ الْاِخْلَاص ياد ڪرائي، جڏهن مان جاڳيس تہ اها مون کي ياد ٿي چُڪي هئي. حضرتِ سيّدُنا حسن بصري

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو اها خوشنصيب چوڪري تہ مسلمان ٿي وئي، پر بدنصيب عابد شهوت جي چنبي ۾ اچي مرتد ٿيڻ کان پوءِ اڄ قتل ڪيو ويو. نَسْأَلُ اللهَ الْعَافِيَة اسين **الله** عَزَّوَجَلَّ کان عافيّت جو سوال ڪريون ٿا. (بحر الدموع الفصل السادس عشر ص76)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي ۽ ان جي **خفيه تدبير** کان هر هڪ کي هر گهڙي ڊڄندو رهڻ گهرجي، اسان مان ڪنهن کي ناهي معلوم تہ اسان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو بہ يا نہ. **آهہ! آهہ! آهہ!** خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسين دنيا ۾ پيدا ٿي ڪري سخت ترين، آزمائش ۾ پئجي وياسين، هن مُعاملي ۾ تہ جانور ۽ ڪيڙا ماڪوڙا سنا رهيا جو نہ انهن کي ايمان کسجڻ جو خوف، نہ سڪرات ۽ قبر و حشر جي سختين جي وحشت، نہ جهنّم جي عذاب جو خوف.

کاش کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہُوا ہوتا
قبر و حشر کا سب غم ختم ہو گیا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا
آہ! کثرتِ عِصیاں ہائے خوف دوزخ کا
کاش! اِس جہاں کا میں نہ بَشَر بنا ہوتا

الله عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي، اسان کي ان کان هر دم ڊڄندو رهڻ گهرجي، ايمان جي حفاظت جي مُعاملي ۾ ڪڏهن بہ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، بُري صحبت ۾ هلاڪت ئي هلاڪت ۽ سٺي صحبت ۽ چڱن سان مَحَبَّت ۽ نِسبت ۾ هر طرح کان عافيّت

آهي. تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ شامل ٿي ڪري جيڪو سڄي عمر وابسته رهي ٿو ان تي اهي رحمتون وسن ٿيون جو بُڌڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويندا آهن. جيئن ته

مديني جو مسافر

باب المدينه (ڪراچي) جي علائقي نيا آباد جي هڪ مبلغ **دعوتِ اسلامي** جو بيان پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو، ان جو چوڻ آهي ته منهنجا والد بزرگوار **حاجي عبدالرحيم عطاري** (پٽني) جن جي عمر اٽڪل **70** سال هئي. ابتدائي دؤر، دنيا جي رنگينين جي حوالي رهين پر پوءِ اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿي وين. **1995ع** ۾ جڏهن ڪين ٻئي پيري حج جي خوشخبري ملي ته سندن خوشي ڏسڻ جي قابل هئي. جيئن جيئن روانگيءَ جو وقت قريب اچي رهيو هيو خوشي ٻيٽي ٿيندي پئي ويئي. آخر سندن خوشين جي معراج جو وقت قريب اچي ويو. **رات 4:00 بجي** ايئر پورٽ جي طرف روانگي هئي. پوري رات خوشي خوشي تياريءَ ۾ مشغول رهيا. مهمانن سان گهر ڀريل هو تقريبًا **3:00** بجي احرام پرسان رکي ڪري پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پيا. مان به ليٽي پيس، اجان مشڪل سان پندرهن منٽ ٿيا هوندا جو منهنجي ڪمري جي دروازي تي

سڏ ٿيو. مون ڇرڪ ڀري دروازو کوليو تہ سامهون والده پريشانيءَ جي عالم ۾ بينيون هيونءِ چئي رهيون هيون تہ تنهنجي والد صاحب جي طبيعت خراب ٿي ويئي آهي. مان جلدي جلدي پريشانيءَ ۾ وٽن پهتس تہ والد صاحب بي قراريءَ سان سينو مَهَٽي رهيا هئا، فورًا اسپتال کڻائي ويس ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ کين هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جو ڪجهہ ئي دير بعد سفرِ مدينه لاءِ روانگي آهي ۽ والد صاحب کي هي ڇا ٿي ويو! افسوس جهاز والد صاحب کي کڻي وڃڻ جي بغير ئي مديني ڏانهن پرواز ڪري ويو. والد محترم **پنج** ڏينهن اسپتال ۾ رهيا. انهيءَ دوران کين وڏيڪ چار ڀيرا دل جو دورو پيو. پر اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي برڪت سان هوش جي عالَم ۾ سندن هڪ بہ نماز قضا نہ ٿي. جڏهن بہ نماز جو وقت ايندو هو تہ ڪَن ۾ کين عرض ڪيو ويندو هو، نماز پڙهي وٺو، پاڻ يڪدم اکيون کولي ڇڏيندا هئا. **تَيَمُّم** ڪرايو ويندو هيو ۽ ڪمزوريءَ جي سبب اشارن سان نماز پڙهي وٺندا هئا. آخري "اٽيڪ" تي وري بيهوش ٿي ويا. عشاء جي اذان تي اکيون ڇنڀيائون تہ مان فورًا عرض ڪيو، بابا سائين نماز لاءِ **تَيَمُّم** ڪرايان؟ اشاري سان چيائون، ها اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون کين **تَيَمُّم** ڪرايو ۽ والد صاحب **الله اکبر** چئي ڪري هٿ ٻَڌي ڇڏيا پر وري بيهوش ٿي ويا. اسين گهبرائجي ڀڄي وڃي ڊاڪٽر کي

وني آياسين. فورًا I.C.U ۾ پهچايو ويو. ڪجهه منٽن کان پوءِ ڊاڪٽر اچي ٻُڌايو تہ توهان جا والد وڏا خوش نصيب هئا انهن بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهيوءِ سندن انتقال ٿي ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾

هڪ سيّد زادي والد مرحوم کي غسل ڏنو. جيئن تہ والد صاحب کي آڳرين تي ڳڻي ڪري وظيفا پڙهڻ جي عادت هئي تنهنڪري سندن آڳريون انهيءَ انداز ۾ هُيون جڻ ڪجهه پڙهي رهيا آهن، هر هر سندن آڳريون سِڌيون ڪيون پيون وڃن. پر ٻيهر انهيءَ انداز ۾ ٿي وڃن پيون، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي اسلامي ڀائر جنازي ۾ شريڪ ٿيا. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڀاءُ جي بہ والد صاحب سان گڏ حج تي وڃڻ جي ترڪيب هئي. اهي حج جي سعادت کان فيضياب ٿيا. وڏي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ مون **مدينهءِ منوره** ۾ روئي روئي ڪري بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو تہ منهنجي مرحوم والد جو حال مون تي منڪشف (يعني ظاهر) ٿئي، جڏهن رات جو سمهيس تہ خواب ۾ ڏٺم تہ والد بزرگوار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار احرام پائي تشريف کڻي آيا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن،”مان عمري جي نيّت ڪرڻ (مديني شريف) آيو آهيان، تو ياد ڪيو تہ هليو آيس، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مان

ڏاڍو خوش آهيان.“ ٻئي سال منهنجي ڀائيٽي مسجد الحرام جي اندر ڪعبة **الله** شريف جي سامهون پنهنجي ڏاڏي يعني منهنجي والد مرحوم حاجي عبدالرحيم عطاري کي بلڪل سڄاڳيءَ جي عالَم ۾ پنهنجي ڀرسان نماز پڙهندي ڏٺو. نماز کان فارغ ٿي ڪري کين گهڻو ئي تلاش ڪيو پر نه ملي سگهيو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مدينے کا مسافر سندھ سے پہنچا مدينے ميں
قدم رکھنے کی نوبت بھی نہ آئی تھی سفينے ميں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نالي جي تعظيم ڪرڻ وارن کان تمام گهڻو خوش ٿيندو آهي ۽ انعام و اڪرام جي برسات فرمائيندو آهي. هي به ان جي **خفيه تدبير** آهي جو سخت گناهگار ۽ شراب خور جي ظاهر ۾ تمام ننڍي عمل کان خوش ٿي توبهه جي توفيق ڏيئي ڪري وليءِ ڪامل بڻائي ڇڏي. جيئن ته

شرابي ولي بڻجي ويو

حضرتِ سيّدُنا بشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي توبهه کان پهريان تمام وڏا شرابي هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ پيري نشي ۾ ڏُٿ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، ته رستي ۾ هڪ ڪاغذ تي سندن نظر پئي جنهن تي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هيو. پاڻ تعظيم خاطر

کنيائون ۽ عطر خريد ڪري معطر ڪيائون پوءِ ان کي هڪ مٿانهين جاءِ تي ادب سان رکي ڇڏيائون. انهيءَ رات هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خواب ۾ بُڏو تہ ڪو چئي رهيو آهي،" وجو! بِشر کي چئي ڇڏيو تہ تو منهنجي نالي کي معطر ڪيو، ان جي تعظيم ڪئي ۽ ان کي بلند جاءِ تي رکيو، اسان بہ توکي پاڪ ڪنداسين." ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه دل ۾ سوچيو تہ بِشر تہ شرابي آهي. شايد مون کي خواب ۾ غلط فهمي ٿي آهي، پوءِ انهن وضو ڪيو، نفل پڙهيا ۽ وري سمهي پيا. ٻئي ۽ ٽئين ڀيري بہ اهو ئي خواب ڏنو ۽ هي بہ بُڏو تہ " اسان جو هي پيغام بِشر جي ئي طرف آهي، وجو انهن کي پيغام پهچايو!" پوءِ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت بِشر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تلاش ۾ نڪري پيا. انهن کي خبر پئي تہ هُو شراب جي محفل ۾ آهن سو اتي پهچي بِشر کي آواز ڏنائون. ماڻهن بُڏايو تہ هُو نشي ۾ بد مست آهن! انهن چيو، کين وجي ڪهڙي طرح بہ بُڏايو تہ هڪ ماڻهو اوهان جي لاءِ ڪو پيغام آندو آهي ۽ اهو ٻاهر بيٺو آهي. ڪنهن وجي ڪري اندر خبر ڏني. حضرت سيّدُنا بِشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي فرمايو، کانئن پُڇو تہ ڪنهن جو پيغام آندو آهي؟ دريافت ڪرڻ تي اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائڻ لڳا، **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پيغام آندو اٿن. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي هيءَ ڳالهہ بُڏائي وئي تہ جهومي اٿيا ۽ يڪدم پيرين اگهاڙي ٻاهر تشريف کڻي آيا پيغامِ حَق

بُڌي ڪري سچيءَ دل سان توبهه ڪيائون ۽ ان بلند مقام تي وڃي پهتا جو مشاهدهءِ حَق عَزَّوَجَلَّ (يعني ديدارِ الاهي) جي غلبي جي شدت کان پيرين اگهاڙي رهڻ لڳا. انهيءَ لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حافي (يعني پيرين اگهاڙي رهڻ وارا) جي لقب سان مشهور ٿيا.
(تذكرة الاولياء ص 68)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

با ادب با نصيب، بي ادب بي نصيب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي لکيل ڪاغذ جي ٽڪري جو ادب ڪرڻ سان هڪ سخت گناهگار ۽ شرابي **وليُّ الله** بڻجي ويو ته جن جي دلين ۾ **ربُّ الاَنام** عَزَّوَجَلَّ جو نالو اڪريل آهي ۽ جن جون دليون **ذِكرُ الله** عَزَّوَجَلَّ سان معمور آهن، انهن نُفوسِ قدسيه جي ادب جي سبب اسان گناهگار، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم کان ڇوفيض ياب نه ٿينداسين؟ ۽ جيڪي اولياء و انبياء جا به آقا آهن يعني سيّد الانبياء، احمدِ مُجْتَبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو ادب اسان جي **رب** عَزَّوَجَلَّ کي ڪيتريقدر محبوب هوندو. يقيني طور تي ڪنهن شان واري جي نالي جو ادب ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي. حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جن **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ادب ڪيو ته عظمت ماڻيائون، ته اڄ اسان جيڪڏهن

شهنشاهِ عالي نسب، سلطانِ عرب، محبوب ربّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نالي جو ادب ڪريون، جتي بُڌون چُمي ڪري اکين سان لڳايون، تہ ڇو نہ عزّت ماڻينداسون؟ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جتي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ڏنو، اتي عطر لڳايو تہ پاڪ ٿي ويا، اسان بہ جتي رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ٿئي اتي عرق **گلاب** ڇٽيون تہ ڇو پاڪ نہ ٿيندا سين؟

کیا مہکتے ہیں مہکنے والے بُو پہ چلتے ہیں بھٹکنے والے
عاصیو! تھام لو دامن اُن کا وہ نہیں ہاتھ جھٹکنے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جانور بہ ولي ءَ جي تعظيم ڪندا آهن

حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي هميشہ پيرين اگهاڙي گهمندا هئا ۽ جيستائين **بغداد شريف** ۾ پاڻ حيات رهيا، ڪنهن جانور رستي ۾ ڇيڻو نہ لاتو ۽ اهو صرف هن حرمت ۽ ادب کي سامهون رکي جو حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي هتي پيرين اگهاڙي گهمندا آهن. هڪ ڏينهن هڪ جانور رستي ۾ ڇيڻو لاتو تہ ان جو مالڪ هيءَ ڳالهہ ڏسي گهبرائجي ويو، جو شايد حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جو انتقال ٿي ويو آهي، نہ تہ هي جانور رستي ۾ ڪڏهن بہ ڇيڻو نہ لاهي ها. پوءِ ٿوري دير کان بعد ان بُڌي ورتو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جو وصال ٿي ويو آهي. (ملخص ازاحسن الوعاءص 137)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

جو کہ اِس دَر کا ہوا خَلْقِ خُدا اُس کی ہوئی　　جو کہ اِس دَر سے پھرا اللہ اُس سے پھر گیا
ٹھوکریں کھاتے پھرو گے اِن کے دَر پر پڑ رہو　　قافِلہ تو اے رضاؔ اوّل گیا آخِر گیا

عقيد تمندن جي بہ بخشش

حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي جي انتقال کانپوءِ قاسم بن مُنَبِّہ خواب ۾ ڏسي ڪري کانئن پُڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو، توکي بلڪ تنهنجي جنازي ۾ جيڪي جيڪي شريڪ ٿيا انهن کي بہ مون بخشي ڇڏيو. تہ مون عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ مون سان محبت ڪرڻ وارن کي بہ بخشي ڇڏ. تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت وڌيڪ جوش ۾ آئي، ۽ فرمايائون **قيامت تائين جيڪي توسان محبت ڪندا انهن سيني کي مون بخشي ڇڏيو.** (شرح الصدور ص 289)

اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، ہے میرے ولی کے در کا گدا
خالق نے مجھے یوں بَخْش دیا، سبحٰن اللہ سبحٰن اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي تعظيم جي برڪت سان سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي جو مرتبو ڪيڏو بلند ٿي ويو جو انهن جي برڪتن مان اسان کي بہ ان جو حصو ملي

رهيو آهي! جي ها! بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪرڻ تي انهن کي ساڻن محبت ڪرڻ وارن جي بخشش جي بہ بشارت ملي وئي. ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي بہ بگڙي بڻجي ويندي، ڇو تہ اسان کي تمام اولياءَ الله سان محبت ۽ وليءِ ڪامل حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي سان پيار آهي.

بشر حافي سان اسان کي پيار آ ان شآءَ الله پنهنجو ٻيڙو پار آ
اوليا سيني سان پنهنجو پيار آ ان شآءَ الله پنهنجو ٻيڙو پار آ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هينئر زمين تان مقدس ڪاغذ ڪڻڻ جي فضيلت پُڌو ۽ خوش ٿيو:

متبرڪ ڪاغذ ڪڻڻ جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ بنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ فضيلت نشان آهي، ”جيڪو زمين تان ڪو اهڙو ڪاغذ ڪٽي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان ڪو بہ نالو هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (ڪڻڻ واري) جو نالو (روحن جي سڀ کان اعليٰ مقام) عِلِّيِّين ۾ بلند فرمائيندو ۽ ان جي والدين جي عذاب ۾ تَخفِيف (يعني گهٽتائي) ڪندو، جيتوڻيڪ ان جا والدين ڪافر ئي ڇو نہ هجن.“

(مجمع الزوائد ج 4 ص300)

مفتيءِ اعظم هندءِ ڪاغذن ءِ اڪرن جي تعظيم

عالم باعمل، فاضل اجل، عاشقِ نبي مرسل، ولي رب لم يزل، آفتاب ولايت، مهتابِ هدايت، تاجدارِ اهلسنّت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت سيّدنا و مولانا الحاج محمّد مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان المعروف "حضور مفتيءِ اعظم هند" **سادن ڪاغذن** ءِ **مفرد اڪرن** جي بہ تعظيم فرمائيندا هئا چو تہ اهي قرآن و حديث ءِ شريعت جون ڳالهيون لکڻ ۾ ڪم ايندا آهن. **1391** هـ ۾ **دارالعلوم رباني** باندهہ (الهند) جي سالياني دستاربندي جي جلسي ۾ **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تشريف ڪڻي آيا، سواريءَ کان لهي ڪري ڪجهہ ئي قدم هليا هئا تہ سندن نظر اردو لکت واري ڪاغذ جي ڪجهہ پراڻن ٽڪرن تي پئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فورًا انهن کي زمين تان کنيو ءِ فرمايائون " **ڪاغذن** ءِ **عربي اڪرن** (جو اردوءَ جا بہ ڪجهہ کان علاوه سيئي اکر عربي آهن) جو احترام ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ جو انهن مان قرآن عظيم و احاديثِ مقدسہ ءِ تفسير وغيره ترتيب ڏنا ويندا آهن.

(ملخصًا مفتيءِ اعظم کي استقامت و ڪرامت ص 124)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ءِ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه
۽ ڏکويلن جي غمخواري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ادب جو جذبو جيڪو شخص حروف تهجي (Alphabets) بلڪ سادي ڪاغذ جو به احترام ڪندو هجي، اهو **احترام مسلم** جو نه ڄاڻ ڪيڏو خيال رکندو هوندو! جيئن ته **حضور مفتيءِ اعظم** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسلمانن جي غمخواري ۽ دلجوئي ڪرڻ ۾ به پنهنجو مٿ پاڻ هئا، مسلمان جي دل ٽوڙڻ کان هر دم پري رهندا هئا ڪين فائدو پهچائڻ جا تمام گهڻا حريص هئا ۽ حريص ڇو نه هجن جو جنهن **مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان والهانه عشق هين، ان ئي آقا جو ارشاد حقيقت بنياد آهي، خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني ”بهترين شخص اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائي.“ (**الجامع الصغير للسيوطي ص 246 حديث 4044 دارالكتب العلميه بيروت**) هن حديثِ پاڪ تي عمل جي مدني جهلڪ پيش ڪندي هڪ **نرالي حڪايت** ملاحظه فرمايو، جيئن ته **حضور مفتيءِ اعظم** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هڪ خاص موقعي تي مدرسي فيض العلوم (ڏتڪي ڊيهه جمشيد پور جهارکنڊ الهند) ۾ دعوت ڏني وئي، واپسيءَ تي ريلوي اسٽيشن وڃڻ جي لاءِ **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رڪشي ۾ تشريف فرما ئي ٿيا هئا ته ايتري ۾ هڪ شخص حاضر ٿي ڪري

عرض ڪيو، حضور! فلاڻي پريشاني ۾ مبتلا آهيان، تعويذ عطا فرمايو، مدرسي جي مهتمم رئيس القلم حضرت علامہ ارشد القادري صاحب ان شخص کي فرمايو. گاڏيءَ جو ٽائيم ٿي چُڪو آهي ۽ توهان اجان تعويذ جي لاءِ چئي رهيا آهيو!

حضورِ مفتيءِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم علامہ زِيْدَ مَجْدُهٗ کي ڪيس روڪڻ کان منع فرمايو، علامہ صاحب عرض ڪيو حضور! گاڏي نڪري ويندي، ان تي **حضور مفتيءِ اعظم هند** قدس سره خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ سان سرشار ۽ ڏکويل امت جي دلجوئي ۾ بيقرار ٿي ڪري جيڪو جواب ڏنو اهو سونهري اکرن سان لکڻ جي قابل آهي، جيئن ته فرمايائون،" نڪري وڃڻ ڏي، بي ٽرين ۾ هليو ويندس، سياڻي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن خداوند ڪريم جل جلاله پُڇي ورتو ته تو منهنجي فلاڻي بانهي جي پريشانيءَ ۾ ڇو مدد نہ ڪئي؟ ته مان ڪهڙو جواب ڏيندس!" اهو فرمائي ڪري رڪشي مان سڄو سامان لهرايائون. (مفتيءِ اعظم کي استقامت و ڪرامت ص 120،121)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

خيال خاطر احباب چاہيے ہر دم
انيس ٹھيس نہ لگ جائے آبگينے[2] کو

---

[1] هي مضمون غالبًا حضرت علامہ ارشد القادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زندگيءَ ۾ لکيو ويو آهي ڇو ته "زيد مجده" زندهہ ماڻهن لاءِ لکڻ جو عرف (يعني رواج) آهي.

[2] آبگينہ يعني دل

مقدس ڪاغذ جي برڪت

حضرتِ سيّدُنا منصور بن عَمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي توبهه جو سبب هي ٿيو تہ هڪ پيري انهن کي رستي ۾ ڪاغذ جو ٽڪرو مليو. جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هيو. انهن ادب سان رکڻ جي ڪا مناسب جاءِ نہ ڏٺي تہ ڳهي ڇڏيائون. رات خواب ڏٺائون تہ ڪو چئي رهيو آهي، هن مقدس ڪاغذ جي احترام جي برڪت سان **الله ربُّ العزت جل جلاله** تو تي حڪمت جا دروازا کولي ڇڏيا. (الرسالة القشيريه ص48)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل ڪاغذ کي ڪٽي ان جي تعظيم ڪرڻ واري کي **الله** عَزَّوَجَلَّ توبهه جي توفيق ڏئي ڪري ولايت جو رتبو عنايت فرمائي **اوتاد** جي عظيم منصب سان سرفراز فرمائي ڇڏيو. جيئن تہ "بهجة الاسرار شريف" ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو بڪر بن هوار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار فرمائن ٿا، عراق جا **اوتاد** ست (7) آهن: ﴿1﴾ حضرت سيّدُنا شيخ **معروف** ڪرخي ﴿2﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ امام **احمد** بن حنبل ﴿3﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ **بِشر** حافي ﴿4﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ منصور بن عَمّار ﴿5﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ جُنيد ﴿6﴾

حضرتِ سيّدُنا شيخ **سهل** بن **عبدالله** تُستري ﴿7﴾ حضرت سيّدُنا شيخ **عبدالقادر جيلاني** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی (اسان جي غوث اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي اجان ولادت بہ نہ ٿي هئي ان لاءِ هي غيب جي خبر ٻُڌي ڪري) عرض ڪيو ويو، عبدالقادر جيلاني ڪير؟ حضرت سيّدُنا شيخ هوار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار جواب ۾ ارشاد فرمايو، "هڪ عجمي "شريف" هوندا. (عربن وٽ ساداتِ ڪرام کي "شريف" ۽ "حبيب" چوندا آهن جڏهن تہ جناب جي جاءِ تي لفظ "سيّد" استعمال ڪيو ويندو آهي، مطلب هي آهي تہ هڪ غير عربي سيّد صاحب) جيڪي بغداد شريف ۾ قيام فرمائيندا، انهن جو ظهور **پنجين صدي هجري** ۾ ٿيندو ۽ اهي صديقين (يعني اولياءِ ڪرام جي سڀ کان اعليٰ قسم) مان هوندا."

اوتاد اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا جا سردار ۽ زمين جا قطب آهن.

(بهجة الاسرار مترجم 385 پروگريسو بُڪس)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

زمين جي ڪنهن حصي يعني شهر وغيره جو انتظام جنهن وليُّ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي سِپُرد (حوالي) هجي ان کي **قطب** چوندا آهن.

چار دعائن جي حڪايت

بِسْمِ الله شريف جي تحرير واري ڪاغذ جي تعظيم جي برڪت سان حضرتِ سيّدُنا منصور بن عَمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار جو شمار اولياءِ ڪِبار ۾ ٿيڻ لڳو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نيڪيءَ جي دعوت جون

ڏومون مڇائيندا هئا، لاتعداد ماڻهو عقيدت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان ٻُڌندا هئا. هڪ ڀيري سندن اجتماع ۾ ڪنهن حقدار (يعني مسڪين) چار درهمن جو سوال ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اعلان فرمايو، جيڪو هن کي چار درهم ڏيندو ان جي لاءِ چار دعائون ڪندس. ان وقت اتان هڪ غلام گذري رهيو هيو هڪ وليءِ ڪامل جو رحمت ڀريو آواز ٻُڌي ان جا قدم بيهجي ويا ۽ ان وٽ جيڪي چار درهم هئا هن اهي ان سائل کي پيش ڪري ڇڏيا. حضرتِ سيّدُنا منصور رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، ٻُڌاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون چار دعائون ڪرائڻ ٿو چاهين؟ عرض ڪيائين، ﴿1﴾ مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان ﴿2﴾ مون کي انهن درهمن جو بدلو ملي وڃي ﴿3﴾ مون کي ۽ منهنجي آقا کي توبهه نصيب ٿئي. ﴿4﴾ منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ تمام حاضرين جي بخشش ٿي وڃي. حضرتِ سيّدُنا منصور بن عَمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار هٿ کڻي دعا فرمائي. غلام پنهنجي آقا وٽ دير سان پهتو. آقا دير سان اچڻ جو سبب پُڇيو تہ ان کيس پورو واقعو ٻُڌايو، آقا پُڇيو، **پهرين دعا** ڪهڙي هئي؟ غلام چيو، مون عرض ڪيو، دعا ڪريو، مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان. اهو ٻُڌي ڪري آقا جي زبان مان بي اختيار نڪتو، ”وڃ تون غلاميءَ مان آزاد آهين.“ پُڇيائين، **ٻي دعا** ڪهڙي ڪرايئي؟ چيائين، جيڪي چار درهم مون ڏئي ڇڏيا آهن انهن جو بدلو

ملي وڃي. آقا چوڻ لڳو، مون توکي چار درهم جي بدلي چار هزار درهم ڏنا. پُڇيائين، **ٽين دعا** ڪهڙي هئي؟ چيائين، مون کي ۽ منهنجي آقا کي گناهن کان توبهه جي توفيق نصيب ٿي وڃي. هي ٻُڌندي ئي آقا جي زبان تي اِسْتِغفار جاري ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، مان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پنهنجي تمام گناهن کان توبهه ڪريان ٿو. **چوٿين دعا** به ٻُڌاءِ، چيائين، مون التجا ڪئي ته منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ اجتماع ۾ شامل تمام حاضرين جي مغفرت ٿي وڃي. هي ٻُڌي ڪري آقا چيو، ٿي ڳالهيون جيڪي منهنجي اختيار ۾ هيون اهي ڪيون آهن، چوٿين سيني جي مغفرت واري ڳالهه منهنجي اختيارکان ٻاهر آهي. انهيءَ رات آقا خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري کي چوندي ٻُڌو، **جيڪو تنهنجي اختيار ۾ هيو اهو تو ڪري ڇڏيو، ۽ مان اَرحَمُ الرَّاحِمِين آهيان مون توکي، تنهنجي غلام کي، منصور کي ۽ تمام حاضرين کي بخشي ڇڏيو.** روض الرياحين ص222، 223)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

دعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی　　بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

متيءَ جو پڳل پيالو

سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرتِ سيّدُنا مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هڪ ڏينهن عام بيت الخلاءَ ۾ پنگيءَ جو صفائي جي لاءِ رکيل گندگيءَ

سان گدلو ۽ ڪناري ڀڳل مٽيءَ جو وڏو پيالو ملاحظہ فرمايو، غور سان ڏٺائون تہ بيتاب ٿي ويا ڇو تہ ان پيالي تي لفظ **الله** اُڪريل هيو! جلدي پيالو ڪنيائون ۽ خادم کان پاڻيءَ جو جڳ نما لوٽو گهرائي پنهنجي هٿ مبارڪ سان خوب مهٽي ڪري چڱيءَ طرح ڌوئي ان کي پاڪ ڪيائون، پوءِ هڪ اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري ادب سان مٿانهين جڳهہ تي رکي ڇڏيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ پيالي ۾ پاڻي پيئندا هئا. هڪ ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان کين الهام فرمايو ويو، ”جهڙي طرح تو منهنجي نالي جي تعظيم ڪئي، مان بہ دنيا ۽ آخرت ۾ تنهنجو نالو مٿانهون ڪريان ٿو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائيندا هئا، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ جو ادب ڪرڻ سان مون کي اهو مقام حاصل ٿيو، جيڪو سؤ سالن جي عبادت ۽ رياضت سان بہ حاصل نہ ٿي سگهي ها!“

(ملخص ازحضرات القدس، دفتر دوم ص113 مڪاشفہ نمبر35)

سادي ڪاغذ جو بہ ادب

سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جا عظيم پيشوا حضرت سيّدُنا شيخ احمد سرهندي المعروف مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي سادي ڪاغذ جو بہ احترام فرمائيندا هئا جيئن تہ هڪ ڏينهن پنهنجي بستري تي تشريف فرما هئا تہ اوچتو بيقرار ٿي هيٺ لهي آيا ۽ فرمائڻ لڳا، معلوم ٿئي ٿو، هن بستري جي هيٺان ڪو ڪاغذ آهي.

(زبدة المقامات ص192)

رستي تي هلندي ڪاغذن ڪي لت نہ هٽو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، سادي ڪاغذ جو بہ ادب آهي ۽ ڇو نہ هجي جو هن تي قرآن و حديث ۽ اسلامي ڳالهيون لکيون ويندیون آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بيان ڪيل حڪايت ۾ حضرتِ سيّدُنا مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي جي ڪليل ڪرامت آهي جو بستري جي هيٺان واري ڪاغذ جي ظاهري طور تي بنا ڏسڻ جي خبر پئجي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هيٺ لهي آيا تہ جيئن غلامن کي بہ ڪاغذن جي ادب جي ترغيب ملي. ”بهارِ شريعت“ ۾ آهي، ڪاغذ سان استنجا ڪرڻ جي منع آهي، جيتوڻيڪ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکيل هجي يا ابوجهل جهڙي ڪافر جو نالو لکيل هجي. (حصہ 2 ص114مطبوعه مدينةالمرشد، بريلي شريف) جيئن تہ لفظ ”ابوجهل“ جا سيئي حروف تهجي (ا ب و ج هہ ل) قرآني آهن. ان لکيل لفظ ”ابوجهل“جي (نہ شخص ابوجهل جي) انهيءَ سبب ڪان تعظيم آهي جو ان کي ناپاڪ يا گندين جڳهن تي وجهڻ ۽ جوتا هڻڻ وغيره جي اجازت ناهي. هن مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي اخبارن کي پُڙيءَ جي طور تي استعمال ڪندا آهن ۽ پوءِ مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ اهي اخبارون بي اَدبين جي مختلف مرحلن مثال طور مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ گهر جي گند اڇلائڻ جي دٻي، گهٽين ۾ پيرن جي هيٺان اچڻ، گندگين ۽ مختلف قسم جي گدلاڻ کان گذرڻ بعد آخرڪار ڪچري جي ڍير تي پهچنديون آهن، ۽ ڪجهہ

ماڻهن جي هي نامعقول عادت هوندي آهي جو گُهمندي گُهمندي رستي ۾ پيل لکائي ٿيل خالي ڊبن، اخبارن ۽ ڪاغذن وغيره کي مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ لتون هڻندا آهن. حالانڪ ثواب ته هن ۾ آهي جو تحريرن وارا ڪاغذ ۽ پانا ڪٽي ادب جي جاءِ تي رکيا وڃن يا ٽڏا ڪيا وڃن. بهرحال لتون هڻڻ ۽ هيڏي هوڏي اڇلائڻ، اخبارن يا لکيل ڪاغذن سان ميز يا ٽانوَ وغيره صاف ڪرڻ، هٿ اگهڻ، انهن تي پير رکڻ يا اخبارون وغيره وڇائي ڪري انهن جي مٿان ويهڻ وغيره ڪان بچڻ تمام ضروري آهي.

قلم جي چِلَ

”بهارِ شريعت“ ۾ آهي، نئين قلم جي چِل هيڏي هوڏي اڇلائي سگهو ٿا پر **مُستَعمل** (يعني استعمال ٿيل) قلم جي چِل اهڙي جڳهه تي نه اڇلائي وڃي جو احترام جي خلاف ٿئي. (جڏهن چِلَ جو احترام آهي ته خود مستعمل قلم جو ڪيڏو احترام هوندو. هي هر سمجهه وارو سمجهي سگهي ٿو.) ۽ جنهن ڪاغذ تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو لکيل هجي ان ۾ ڪا شيءِ رکڻ مڪروه آهي ۽ ٿيلهيءَ تي اسماءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ لکيل هجن ان ۾ رپيا پيسا رکڻ مڪروه ناهي. ڪائڻ ڪان بعد آڱرين کي ڪاغذ سان اُگهڻ مڪروه آهي. (بهارشريعت حصو16ص119، مدينة المرشد بريلي شريف، عالمگيري) ٽِشو پيپر سان هٿ اگهڻ ۽ جتي مفت پيتر وغيره دستياب نه هجن اتي ٽائليٽ پيپر سان استنجي واري جاءِ خشڪ ڪرڻ جي علماء اجازت ڏين ٿا جو ته

هي انهيءَ ڪم جي لاءِ آهي ان تي ڪجهه لکيو ناهي ويندو، جڏهن تہ ڪاغذ لکڻ جي لاءِ بڻايا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مس (INK) جي نقطي جو ادب

حضرتِ سيّدُنا محمد هاشم ڪشمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مان سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرتِ سيّدُنا مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تحريري ڪم ڪري رهيا هئا، حاجت جي خيال سان بيت الخلا ويا پر يڪدم واپس اچي پاڻيءَ جو لوٽو گهرائي ڪاپي هٿ جي آڱوٺي جو نَنهن مبارڪ ڏوئي ڇڏيائون، پوءِ بيت الخلا تشريف وٺي ويا. فراغت کان بعد جڏهن تشريف کڻي آيا تہ فرمايائون، بيت الخلا ۾ جيئن ئي وينس تہ منهنجي نظر ڪاپي هٿ جي آڱوٺي جي نَنهن جي پٺيءَ تي پئي جنهن تي قلم کي آزمائڻ وقت جو (يعني قلم کي چيڪ ڪرڻ جي لاءِ تہ، ڪم ڪري رهيو آهي يا نہ ان وقت جو) مس (INK) جو نقطو لڳل هيو. جيئن تہ هي انهيءَ قلم مان هيو جنهن سان قُرآني حرف (عربي زبان جا سڀ جڏهن تہ فارسي ۽ سنڌيءَ جا اڪثر حرف قرآني آهن) لکيا ويندا آهن ان لاءِ ڪاپي هٿ جي آڱوٺي تي لڳل ان نقطي سان گڏ اتي ويهڻ ادب جي خلاف هيو، حالانڪہ تمام گهڻي شدت سان پيشاب جي حاجت هئي پر ان تڪليف جي مقابلي ۾ هن بي

ادبيءَ جي تڪليف تمام گهڻي هئي تنهن ڪري يڪدم ٻاهر اچي مس جي نقطي کي ڏوئي ڪري پوءِ ويس. (زبده المقامات ص 180)

ڀتين تي اشتهار نه لڳايو

الله! الله! سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرت مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي قلم جي مس جي نقطي جو به ايڏو ادب فرمائيندا هئا جڏهن ته اسان وٽ حالت اها آهي جو لکڻ جي دوران لڳل مس جا نشان ڏوئي ڪري عام طور تي گٽر ۾ وهايا ويندا آهن ۽ ناقابلِ استعمال ٿي وڃڻ تي قلم ۽ ان جي ٿُڪرن کي پهريان گند جي ڊبي ۾ وجهندا آهن. ۽ بعد ۾ گند جي وڏي ڍير جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. بليڪ بورڊ تي چاڪ جي عام لکت ته نهيو اڪثر احاديثِ مبارڪ لکڻ وارا به بنا خيال ڪرڻ جي ڊَسٽر سان اگهي ڪري چاڪ جي ذرڙن جي ادب جو بلڪل خيال ناهن ڪندا. حقوق العباد کان بلڪل بي پرواهه ٿي ديوارن تي ”چاڪنگ“ ڪئي ويندي آهي ۽ دنياوي يا ديني لکت وارا اشتهار ٻين جي سائن بوردن ۽ ماڻهن جي گهرن يا دڪانن وغيره جي ڀتين تي مالڪن جي اجازت جي بغير لڳايا ويندا آهن جيڪي مالڪ کي ناپسند هجڻ جي صورت ۾ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن ۽ ٻار ٻار ڄاڻي ٿو ته ديوار تي چنبڙيل مذهبي اشتهار آخرڪار پراڻا ٿيڻ بعد پُرزا پُرزا ٿي ڪري زمين تي اچي ڪِرندا آهن ۽ جيڪا ڪجهه بي ادبي

ٿيندي آهي، ان جو تصور ئي دل ڏڪائيندڙ آهي. ڪاش! اشتهار چنبڙائڻ جي بجاءِ پاڻن تي لڳائي ڪري مناسب جاين تي ٽنگڻ جي ترڪيب رائج ٿي وڃي. پر ضرورت پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ پاڻن کي بہ لاهي ڇڏڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ضرورت پوري ٿي وڃڻ کان بعد بينرز بہ لاٿا وڃن نہ تہ ڦاٽي پوڻ بعد پُرزا پُرزا ٿي ڇڙوڇڙ ٿي ويندا آهن.

اخبارون رديءَ ۾ نہ وڪڻيو منا منا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ عام طور تي اخبارن ۾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم آياتِ ڪريمہ، احاديثِ مبارڪہ ۽ اسلامي مضمون هوندا آهن ۽ ماڻهو صرف ڪجهہ سڪن جي خاطر انهن کي رديءَ ۾ فروخت ڪندا آهن. افسوس! صد افسوس! اهڙي قسم جون اخبارون گندين نالين ۾ نظر ايندیون آهن. ڪاش مقدس ورقن جو اسان کي ادب نصيب ٿي وڃي. منهنجا زندهہ دل اسلامي ڀائرو! براءِ ڪرم! ٿوري رقم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ردي ۾ وڪڻڻ بدران اخبارون وچ سمنڊ (يا درياءَ) ۾ پاڻيءَ جي حوالي ڪندا ڪريو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿيندا. **منهنجا دڪاندار اسلامي ڀائرو!** اوهان بہ ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ ۽ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ عظمت جي خاطر اخبارن کي پُڙي ٻَڌڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪيو، ڪجهہ ماڻهو مذهبي مضمون

جدا ڪري بقايا اخبارن کي بنڊل وغيره بٽائڻ ۾ استعمال ڪري دل کي ائين مجرائيندا آهن تہ اسان کا بي ادبي ناهي ڪئي. اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ مڪمل اخبار ئي پاڻي حوالي ڪري ڇڏيو، ڇو تہ خبرون هجن يا فلمي اشتهار هر جڳهہ تي اسلامي نالا هوندا آهن ۽ انهن ۾ عام طور تي **"الله"** ۽ **"مُحمّد"** جا الفاظ بہ شامل هوندا آهن. مثال طور **عبدالله**، عبدالرحمٰن، غلام محمد وغيره. اردو هجي يا سنڌي، انگريزي هجي يا هِندي دنيا جي هر زبان ۾ شايع ٿيڻ واري هر اخبار ۾ مقدس نالن جو امڪان موجود آهي. بلڪ دنيا جي هر ٻوليءَ جي حروف تهجي (ALPHABETS) جو ادب ڪرڻ گهرجي ڇو جو **صاحبِ تفسير صاوي شريف جي قول جي مطابق دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ سيئي ٻوليون الهامي آهن.** (تفسير صاوي ج 1 ص 30) تنهنڪري انهن کي ٽڏو ڪري ڇڏڻ (يعني پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏڻ) ۾ ئي عافيّت آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ هن ادب جو اوهان کي ضرور اجر عطا فرمائيندو.

منهنجو والد صاحب ذهني مريض آهي

هڪ پيري سگِ مدينه (**راقم الحروف**) وٽ هڪ نوجوان آيو ۽ چوڻ لڳو تہ مون کي پنهنجي والد صاحب جي لاءِ دعا ڪرائڻي آهي تہ جيئن ان جو ذهن نيڪ ٿي وڃي، هو ذهني مريض آهي. ان تي هڪ ڏُن سوار رهندي آهي ۽ هو **اخبارون**، لکيل **ڪاغذ** روڊن تان چونڊيندو ۽ گڏ ڪري ٽڏو ڪندو آهي، منهنجا پيسا بہ استعمال

ناهي ڪندو. مان معاملو سمجهي ويس. مون ان نوجوان کان پُڇيو ڇا توهان سرڪاري ملازم آهيو؟ ان چيو، ها، تہ مان ان کي چيو، والد صاحب کي منهنجو سلام عرض ڪري، منهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرايو، اوهان بہ ان جي خدمت ڪريو هو اخبارون وغيره ان لاءِ ميڙيندو آهي جو انهن ۾ مقدس تحريرون هونديون آهن ۽ توهان جا پيسا ان لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري جو توهان سرڪاري ملازم آهيو ۽ اڪثر سرڪاري ملازم پوري ڊيوٽي نہ ڪري ناجائز پڳهارون وٺندا آهن. هيءَ ڳالهہ ٻُڌي ان تسليم ڪيو تہ واقعي مان ڊيوٽيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندو آهيان. اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ان نوجوان جي والد صاحب ڪثرَ اللّٰهُ تعالٰي امثالهم (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اهڙن جي ڪثرت ڪري) جيان هر مسلمان ذهني **مدني مريض** ٿي وڃي تہ يقيني طور تي هر طرف انوار و تجليات جي برسات ۽ برڪتن جو وسڪارو ٿي وڃي ۽ اسان جو سڄو مُعاشرو **"مدني مُعاشرو"** بڻجي وڃي.

اے ہمنشیں اَذِیَّتِ فرزانگی نہ پوچھ
جس میں ذرا سی عقل تھی دیوانہ ہو گیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! "مدني سوچ" پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر فرمائيندا رهو،

دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن تي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لطف ۽ ڪرم جو ايمان افروز واقعو ٻُڌو ۽ خوش ٿيو:

مدني قافلي تي سرڪار صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي ڪرم نوازي

هڪ عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۽ الفاظ ۾ خلاصو پيشِ خدمت آهي، اسان جو **مدني قافلو** سنّتن جي تربيت ونڻ جي لاءِ حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) کان سرحد صوبي پهتو. هڪ مسجد ۾ تي ڏينهن گذاري ٻئي علائقي جي طرف ويندي رستو پُلجي اسان جهنگ ۾ وڃي نڪتاسين رات جي اونداهي هر طرف ڦهلجي چُڪي هئي، پري پري تائين آباديءَ جو ڪو نالو نشان نه هيو، جيئن پوءِ تيئن پريشاني وڌندي پئي وئي ايتري ۾ اميد جو هڪ ڪرڻو نظر آيو ۽ ڪافي پري کان هڪ بتي ٽمڪندي نظر آئي. خوشيءَ ۾ پرجي اسان اوڏانهن ڊوڙ پاتي پر افسوس! ڪجهه ئي گهڙين کان پوءِ اها روشني غائب ٿي وئي، اسين اتي ئي بيٺا رهجي وياسين، اسان جي گهبراهٽ ۾ هڪدم اضافو ٿي ويو! ته ڇا ڪريون، ڇا نه ڪريون ۽ ڪيڏانهن وڃون؟ ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هيو. **آهه ! آهه! آهه!**

سُونا جنگل رات اندھیری چھائی بدلی کالی ہے　　سونے والو! جاگتے رہیو چوروں کی رکھوالی ہے

جگنُو چمکے پتّا کھڑکے مجھ تنہا کا دِل دھڑکے ڈر سمجھائے کوئی پَون ہے یا آگیا بیتالی ہے

بادل گرجے بجلی تڑپے دھک سے کلیجا ہو جائے
بَن میں گھٹا کی بھیانک صورت کیسی کالی کالی ہے

پاؤں اٹھا اور ٹھوکر کھائی کچھ سنبھلا پھر اَوندھے مُنہ
مینہ نے پھسلن کر دی ہے اور دُھر تک کھائی نالی ہے

ساتھی ساتھی کہہ کے پکاروں ساتھی ہو تو جواب آئے
پھر جُھنجھلا کر سر دے پٹکوں چل رے مولی والی ہے

پھر پھر کر ہر جانب دیکھوں کوئی آس نہ پاس کہیں
ہاں اِک ٹوٹی آس نے ہارے جی سے رفاقت پالی ہے

تم تو چاند عَرَب کے ہو پیارے تم تو عجم کے سُورج ہو
دیکھو مجھ بے کس پر شب نے کیسی آفت ڈالی ہے

ان پريشانيءَ ۾ خبر ناهي ڪيترو وقت گذري ويو، اوچتو انهيءَ طرف وري روشني ظاهر ٿي، اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ڪري همت ڪئي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر آباديءَ جي اميد تي روشنيءَ ڏانهن تڪڙا تڪڙا قدم کڻي هلڻ لڳاسين. جڏهن ويجهو پهتاسين تہ هڪ شخص روشني ڪنيو بيٺو هيو، ان ڏاڍي محبت ۽ خوش اخلاقي سان اسان جي آجيان ڪئي ۽ اسان کي پنهنجي گهر وٺي ويو، عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي ٻارهن مسافرن جي تعداد مطابق **12 ڪوپ** موجود هئا ۽ چانهہ بہ تيار هئي ان گرم گرم چانهہ جي ذريعي اسان جي **"خير خواهي"** ڪئي. اسان ان غيبي امداد ۽ پورا ٻارهن ڪوپ چانهہ جا پهريان ڪان تيار ٿيل تي حيران هئاسين. پُڇڻ تي اسان جي اڻڄاتل ميزبان انڪشاف ڪيو تہ مان سُتو پيو هيس تہ قسمت جاڳي پئي، **جناب رسالتِ مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **منهنجي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪجهہ هن طرح ارشاد فرمايائون، "دعوتِ**

اسلامي جي مدني قافلي جا مسافر رستو پُلجي ويا آهن. انهن جي رهنمائيءَ جي لاءِ توهان روشني کٽي ٻاهر بيهي رهو.“ منهنجي اک کلي وئي بتي کٽي ٻاهر نڪري پيس ڪجهه دير تائين بينو رهيس پر نظر ڪجهه ڪو نه آيو، وسوسو آيو ته شايد غلط فهمي ٿي آهي، اکين ۾ نند پريل هئي، گهر ۾ داخل ٿي وري سمهي پيس، ظاهري اک بند ٿيندي ئي دل جي اک وري کلي وئي ۽ هڪ پيرو وري مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نُور بار چهرو نظر آيو، چپ مبارڪ چُريا، رحمت جا گل ڇَنجڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهه هيئن ترتيب ماڻي.

”ديوانا! مدني قافلي ۾ ٻارهن مسافر آهن، انهن جي لاءِ چانهه جو انتظام ڪري يڪدم روشني کٽي ٻاهر بيهي رهو.“مون يڪدم ”خير خواهي“ جي ترڪيب ڪئي ۽ روشني کٽي ٻاهر نڪري آيس ته ايتري ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو به اچي پهتو.

آتا ہے فقیروں پہ انہیں پیار کچھ ایسا — خود بھیک دیں اور خود کہیں منگتا کا بھلا ہو
تُم کو تو غُلاموں سے ہے کچھ ایسی محبَّت — ہے ترکِ اَدب ورنہ کہیں ھم پہ فدا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سرکار صلی اللہ علیہ وسلم کا ڈو کارايو مدينا

منا منا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب معلوم ٿيو، اتي دعوتِ اسلامي جي حقانيّت ۽

بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ مقبوليت جي بہ خبر پئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا منا منا مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن غلامن کي هر وقت پنهنجي نظر ۾ رکندا آهن. مصيبت ۾ اٽکي پوڻ جي صورت ۾ امداد فرمائيندا آهن ۽ بُکايلن کي کاڏو کارائيندا آهن، جيئن تہ حضرت امام يوسف بن اسماعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي نقل ڪن ٿا، حضرتِ شيخ ابو العباس احمد بن نفيس تُونِسي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مان هڪ ڀيري مدينهءِ منوره ۾ سخت بُک جي عالم ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پُرانوار تي حاضر ٿي عرض گذار ٿيس، يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بُکايل آهيان، اوچتو اک لڳي وئي، انهيءَ دوران ڪنهن اچي جاڳايو، ۽ مون کي ساڻ هلڻ جي دعوت ڏني، اهڙيءَ طرح مان ان سان گڏ ان جي گهر آيس، ميزبان کارڪون، گيهہ ۽ ڪڻڪ جي ماني پيش ڪري چيو، پيٽ ڀري کائي وٺو، ڇو تہ مون کي منهنجي جَدِّ امجد، مني مڪي مدني محمَّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي ميزبانيءَ جو حڪم ڏنو آهي. آئنده بہ جڏهن بُک محسوس ٿئي اسان وٽ تشريف کڻي ايندا ڪريو. (حجة الله علي العٰلمين ج 2 ص 573)

پيتے ہيں ترے در کا کھاتے ہيں ترے در کا
پانی ہے تِرا پانی دانہ ہے تِرا دانہ (سامانِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هر ٻوليءَ جي اکرن جو ادب ڪريو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ ٻين اسماءِ مقدسہ کي اهڙي جڳهہ تي نہ اڇلايو جتي انهن جي بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي. بلڪہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ زمين تي ڪجهہ نہ لکيو وڃي هر ٻوليءَ جي حروف تهجي (يعني ALPHABETS) جي تعظيم ڪئي وڃي. لکت ڪهڙي بہ زبان ۾ هجي ان تي پير نہ رکيا وڃن. مثلاً: اهڙا پائيدان (DOOR MATE) دروازي جي ٻاهر نہ رکيا وڃن، جن تي (WELLCOME) لکيل هوندو آهي. چپل وغيره تي توڙي انگلش ٻوليءَ ۾ ئي ڪمپني جو نالو لکيل هجي تہ پائڻ کان پهريان ان کي ڊاهي ڇڏڻ گهرجي. اڪثر مصلن تي چِٽ (CHIT) لڳل هوندي آهي جنهن تي عربي، اردو يا انگلش ۾ فيڪٽري وغيره جو نالو لکيل هوندو آهي ۽ اهو بہ اڪثر پيرن جي جاءِ تي. ۽ پڻ پلاسٽڪ جي تڏي، ڪمبل ۽ ٽوال وغيره تي بہ اڪثر لکيل چِٽ هوندي آهي، تنهن ڪري اهڙي چِٽ کي جدا ڪري ٽڏو ڪري ڇڏڻ گهرجي. پلنگ تي وڇايل فوم جي گاديلن جي استر تي عام طور تي MOLTY FOAM وغيره لکيل هوندو آهي. ڪاش! ڪمپنين وارا اسان کي امتحان ۾ نہ وجهن، هي فقهي مسئلو غور سان ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ **"بهارِ شريعت" حصو 16 صفحو 237** تي ردالمحتار جي حوالي سان لکيل آهي. "بستري يا مصلي تي ڪجهہ لکيل هجي تہ ان کي استعمال

ڪرڻ ناجائز آهي هيءَ عبارت ان جي بناوٽ ۾ هجي يا پرٽ سان پريل هجي يا مس سان لکيل هجي جيتوڻيڪ جو حروف مفرده (ALPHABETS) لکيل هجن ڇو تہ حروفِ مفرده (يعني جدا جدا لکيل حرفن) جو بہ احترام آهي.“ **بهارِ شريعت** جا مصنف وڌيڪ فرمائن ٿا، اڪثر دسترخوان تي عبارت لکيل هوندي آهي اهڙي (ڪمپني جي نالي يا شعر لکيل) دسترخوان کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ ان تي کاڌو نہ کائڻ گهرجي. ڪجهہ ماڻهن جي وهاڻن تي اشعار لکيل هوندا آهن انهن کي بہ استعمال نہ ڪيو وڃي.“ بهرحال مصلا هجن يا چادرون، قالين هجن يا ڊيڪوريشن جا غاليچا، وهاڻو هجي يا گاديلو. جنهن شيءِ تي بہ ويهڻ يا پير رکڻ جي ضرورت پوندي هجي ان تي ڪنهن بہ بوليءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو وڃي، نہ ئي ڇپيل ڇِٽ سِلائي ڪئي وڃي. خوبصورت مڪمل قالين (ONE PIECE CARPET) جي پويان عام طور تي ڪمپنيءَ جو نالوءِ ائڊريس لکيل اسٽيڪر چنبڙيل هوندو آهي، ان اسٽيڪر تي پاڻي لڳايو پوءِ ڪجهہ منٽن کان بعد لاهي ڇڏيو. عربي لکڻين جو تہ خاص طور تي ادب ڪرڻ گهرجي جو مني مني عربي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان عربي آهي. قرآن پاڪ جي زبان عربي، جنّت ۾ جنّت وارن جي زبان بہ عربي آهي. **عربي لکڻيون** توڙي کائڻ پيئڻ جي پيڪيٽ تي ئي ڇو نہ هجن انهن کي اڇلائي ڇڏڻ يا مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

گند جي ڍير ۾ اڇلائڻ سخت بي ادبي ۽ بدنصيبي آهي.

نمبرن جون نسبتون **ڪڏهن ڪڏهن** چپل تي جيڪڏهن ڪجهه نه به لکيل هوندو آهي ته نمبر ضرور نقش هوندو آهي ان تي پير رکڻ ۾ به اهلِ محبت جي دل ناهي چوندي، ڇو جو هر نمبر ۾ ڪا نه ڪا نسبت هوندي آهي. مثال طور **اِڪي عدد** (SINGULAR) جي باري ۾ **"احسن الوعاء"** ص **22** تي دعا جي دهرائڻ جي باري ۾ آهي، **"الله** وِتر (يعني اڪيلو) آهي ۽ وتر (يعني هڪ، ٽي، پنج ۽ ست وغيره کي) پسند رکندو آهي، **پنج** بهتر آهن ۽ **ستن** جو عدد **الله** عَزَّوَجَلَّ کي گهڻو محبوب ۽ اقل (يعني گهٽ ۾ گهٽ) **ٽن** جو عدد آهي،" (مطلب هي ته جڏهن به دعا گهرو ته ان کي ست ڀيرا دهرايو نه ته پنج ڀيرا يا گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ئي دهرائي ونو.) **ٻڌي عدد** (PLURAL) ۾ به نسبتون ئي نسبتون آهن. **2 جي نسبت:** مثلاً **2** محرم الحرام جو حضرتِ سيّدُنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ **2** ذيقعدة الحرام تي صدر الشريعة حضرت مولانا امجد علي اعظمي بهارِ شريعت واري جو عرس آهي. **4 جي نسبت:** چار يار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان جنهن کي پيار آهي، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو ٻيڙو پار آهي. **6 جي نسبت : 6** رجب المرجب تي غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڇني شريف. **8 جي نسبت:** جنّتون اٺ آهن ۽ **8** محرم الحرام شيرِ بيشهءِ اهلسنّت حضرت مولانا حشمت علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو عرس مبارڪ. **10 جي**

نسبت: عاشوري جو ڏينهن، امامِ عالي مقام سيّد الشهداء، سلطانِ ڪربلا، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو يومِ شهادت، قرباني ۽ واري عيد ۽ **12،11** جي نسبتن جي تہ عاشقن ۾ هر طرف ڏوم ڏام آهي.

کیا غور جب گیارھویں بارھویں میں — مُعَمّہ یہ ہم پر کھلا غوثِ اعظم
تمہیں وصل بے فصل ہے شاہ دیں سے — دیا حق نے یہ مرتبہ غوثِ اعظم

مقدس ورق ٽڌا ڪرڻ جو طريقو

جيڪي خوش نصيب مسلمان تحريرن جو ادب ڪندي اخبارن ۽ مقدس ڪاغذن ۽ پاڻن وغيره ڪي زمين تي پيل ڏسي ڪٽندا آهن ۽ انهن کي وچ سمنڊ ۾ يا اونهي درياءَ ۾ ٽڌو ڪندا آهن، اهي قابلِ فخر آهن. گهٽ اونهي سمنڊ (يا درياءِ) ۾ **مقدس ورق** نہ اڇلايا وڃن جو عام طور تي وهي ڪري ڪناري تي ايندا آهن، **ٽڌو ڪرڻ جو طريقو** هي آهي تہ مقدس ورق ڪنهن ٿيلهي يا خالي ٻوريءَ ۾ ڀري ان ۾ وزني پٿر وڌو وڃي ۽ ٿيلهي يا ٻوريءَ جي ڪجهہ حصن تي چير ضرور لڳايا وڃن تہ جيئن ان ۾ يڪدم پاڻي ڀرجي وڃي ۽ اهو تَري ۾ هليو وڃي. جو پاڻي اندر نہ وڃڻ جي صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻوري ميلن تائين ترندي ترندي اچي ڪناري تي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جاهل يا ڪافر ٻوري حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ **مقدس ورق** ڪناري تي ئي ڍير ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ ايتريون سخت بي ادبيون ٿيندیون آهن جو ٻُڌي ڪري **عاشقن** جي دل ڏکندي آهي! **مقدس ورقن** جي ٻوري اونهي پاڻيءَ تائين پهچائڻ جي لاءِ مسلمان ٻيڙي واري کان بہ تعاون حاصل ڪري

سگهجي ٿو پر ٻوريءَ کي چير هر حال ۾ ڏيڻا پوندا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مقدس ورق دفن ڪرڻ جو طريقو

مقدس ورقن کي **دفن** ٻه ڪري سگهو ٿا هن جو طريقو ملاحظه فرمايو، جيئن ته **بهارِ شريعت** حصي 16 صفحي نمبر 121 تي عالمگيري جي حوالي سان لکيل آهي، ”جيڪڏهن قرآن شريف جو نسخو پراڻو ٿي ويو، ۽ ان قابل نه رهيو جو ان مان تلاوت ڪئي وڃي ۽ هي انديشو آهي ته هن جا ورق ڇڙوڇڙ ٿي ڪري ضايع ٿيندا ته ڪنهن پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري احتياط واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي ۽ دفن ڪرڻ ۾ ان جي لاءِ (ڪڏو کوٽي ڪري قبلي جي طرف واري ديوار کي ايترو کوٽيو جو سيئي مقدس ورق اچي وڃن اهڙي) **لحد** (يعني سامي) بڻائي وڃي ته جيئن ان ۾ مٽي نه پوي يا (ڪڏي ۾ رکي) ان تي تختو لڳائي ڇت بڻائي ڪري مٽي وجهو جو ان تي مٽي نه پوي، قرآن شريف جو نسخو پراڻو ٿي وڃي ته، ان کي ساڙيو نه وڃي.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”ماڻيو فيضانِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ جي اڻتيهه حرفن جي نسبت سان 29 مدني گل

(ابتدائي ڏهه مدني گل تفسير نعيمي پاره اول صفحي نمبر 44 تان ورتا ويا آهن)

1 بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم قرآن شريف جي پوري آيت آهي پر ڪنهن سورت جو حصو ناهي بلڪ سورتن ۾ فاصلو ڪرڻ جي لاءِ نازل ڪئي وئي آهي، انهيءَ لاءِ نماز ۾ هن کي آهستي ئي پڙهندا آهن، ها جيڪو حافظ تراويح ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪري اهو ضرور ڪنهن نہ ڪنهن سورت سان گڏ هڪ پيرو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم زور سان پڙهي.

2 سورهءِ توبه کان علاوه باقي هر سورة بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان شروع ڪريو. جيڪڏهن **سورهءِ توبه** کان ئي تلاوت شروع ڪريو تہ تلاوت جي لاءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيو.

3 **شامي** ۾ آهي تہ حُقو پيئڻ وقت ۽ بدبودار شيون (ڪچو بصر ۽ ٿوم وغيره) کائڻ وقت بِسۡمِاللّٰه نہ پڙهڻ بهتر آهي.

4 **استنجا** خاني ۾پهچي ڪري بِسۡمِاللّٰه پڙهڻ منع آهي.

5 **نمازي** نماز ۾ جڏهن ڪا سورت پڙهي تہ پهريان آهستي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ مستحب آهي.

6 جيڪو چگو ڪم بغير بِسۡمِاللّٰه جي شروع ڪيو ويندو ان ۾ برڪت نہ ٿيندي.

7 **جڏهن** مردي کي قبر ۾ لاٿو وڃي تہ لاهڻ وارا هي پڙهندا رهن بِسۡمِ اللّٰهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰهِ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

مدينه 8 **جمعه**، عيدن ۽ نڪاح وغيره جو خطبو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سان شروع ڪيو وڃي يعني (شروع ۾) بِسْمِاللّٰه آهستي پڙهي وڃي پوءِ جڏهن قرآن پاڪ جي آيت اچي تڏهن خطيب بلند آواز سان بِسْمِاللّٰه پڙهي.

مدينه 9 **جانورڪي ذبح ڪرڻ وقت** بِسْمِاللّٰه پڙهڻ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ) واجب آهي، جو جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏنو (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو نه ورتو) تہ جانور مردار ٿيندو، جيڪڏهن ڀُل ۾ رهجي ويو تہ جانور حلال آهي.

مدينه 10 **(اضطراري ذبح مثلاً)** شڪاري تير يا ڀالي وغيره تيز ڪپيندڙ شيءِ سان شڪار ڪري ۽ هي شيون اڇلڻ وقت بِسْمِاللّٰه پڙهي وٺي تہ جيڪڏهن جانور ان تائين پهچندي پهچندي مري بہ ويو تڏهن بہ حلال ٿيندو. ائين ئي جيڪڏهن پالتو جانور قبضي مان نڪري ويو مثلاً ڳئون ڪوهہ ۾ ڪري پئي يا اٿ ڀڄي ويو تہ بِسْمِاللّٰه چئي ڪري تير يا ڀالو يا تلوار هنئي وئي تہ جانور حلال آهي (بِسْمِاللّٰه پڙهي ڪري ڏنڊو يا پٿر هڻڻ يا بندوق سان گولي يا ڇُرو لڳڻ سان وحشي جانور يا پکي مري ويو تہ حرام آهي ڇو تہ هي رت وهڻ جي سبب نہ بلڪ ڏڪ لڳڻ سان مئو آهي. ها جيڪڏهن زخمي حالت ۾ هٿ اچي ويو تہ شرعي طور تي ذبح ڪرڻ سان حلال ٿي ويندو. جيڪو وحشي جانور يا

پڪي قبضي ۾ آهي ان جي حلال هئڻ جي لاءِ اختياري ذبح ضروري آهي. يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ان کي قاعدي جي مطابق ذبح ڪرڻو پوندو.)

11 حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو العباس احمد بن علي بوني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو لاڳيتا ست ڏينهن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **786** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر حاجت پوري ٿيندي. پوءِ اها حاجت توڙي ڪنهن ڀلائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي هجي يا بُرائي دور ٿيڻ جي يا ڪاروبار هلڻ جي.

(شمس المعارف مترجم 73)

12 **جيڪو** سمهڻ وقت بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 21 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي وٺي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان رات شيطان، چوريءَ، اوچتي موت ۽ هر طرح جي آفت ۽ مصيبت کان محفوظ رهندو. **(ايضاً ص 73)**

13 جيڪو ڪنهن ظالم جي سامهون بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **50** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي تہ ان ظالم جي دل ۾ پڙهڻ واري جي هيبت پيدا ٿيندي ۽ ان جي شر کان بچيل رهندو. **(ايضاً ص 73)**

14 **جيڪو** شخص سج اڀرڻ جي وقت سج جي طرف منهن ڪري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 300 ڀيرا ۽ درود شريف 300 ڀيرا

پڙهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي جڳهه کان رزق عطا فرمائيندو جتي ان جو گمان به نه هوندو ۽ (روزانو پڙهڻ سان) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ سال جي اندر اندر امير ۽ ڪبير ٿي ويندو. (ايضاً ص 73)

ذهن جو ڪمزور جيڪڏهن بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **786** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏي ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪا ڳالهه ٻُڌندو ڪيس ياد رهندي. (ايضاً ص 73)

16 مدينه **جيڪڏهن** ڏڪار هجي ته بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **61** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهو (پوءِ دعا گهرو) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ برسات ٿيندي. (ايضًا ص 73)

17 مدينه بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ڪاغذ تي **35** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان جو گذر نه ٿيندو ۽ خوب برڪت ٿيندي جيڪڏهن دڪان تي لٽڪايو ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪاروبار خوب چمڪندو. (ايضًا ص 74)

18 مدينه **هرين محرم الحرام** جو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 130 ڀيرا لکي ڪري (يا لکرائي ڪري) جيڪو به پاڻ وٽ رکي (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي پائي ڇڏي، ڏاتوءَ جي ڊبليءَ ۾ ڪنهن قسم جو تعويذ نه پايو

هن جو مسئلو ص 69 تي گذري چُڪو آهي) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ان کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي ڪا بُرائي نہ پهچندي.

(ايضًا ص 74)

19 مدينہ جنهن عورت جا ٻار زندهہ نہ رهندا هجن اها بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 61 ڀيرا لکي ڪري يا (لکرائي ڪري) پاڻ وٽ رکي (چاهي تہ ميڻ لڳل ڪپڙي يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏي يا ٻانهن ۾ ٻَڌي.) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻار زندهہ رهندا. (ايضًا ص74)

20 مدينہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 70 ڀيرا لکي ڪري ميّت جي ڪفن ۾ رکي ڇڏيو. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ منڪر نڪير جو معاملو آسان ٿي ويندو. (بهتر هي آهي جو ميّت جي چهري جي سامهون قبلي جي ديوار ۾ محراب جهڙو جارو بڻائي ان ۾ رکو ان سان گڏوگڏ عهد نامو ۽ ميّت جي پير صاحب جو شجرو وغيره بہ رکي ڇڏيو)

(ايضاً ص84)

21 مدينہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ڪنهن قاري يا عالم کي پڙهي ڪري ٻُڌايو جيڪڏهن حرف صحيح اُچار سان ادا نہ ٿيندا هجن تہ سکي وٺو نہ تہ فائدي جي بدران نقصان جو انديشو آهي.

22 مدينہ لکڻ ۾ اعراب (زير ۽ زبر) لڳائڻ جي ضرورت ناهي.

جڏهن بہ پائڻ، پيئڻ يا لڙڪائڻ جي لاءِ تعويذ جي طور تي ڪا آيت يا عبارت لکو تہ گولائي وارن حرفن جون گولايون ڪليل رکڻيون پونديون مثال طور **"الله"** ۾ "ہ" جي ۽ **رحمٰن** ۽ **رحيم** ٻنهي ۾ "م" جي گولائي ڪُليل هجي.

23 مدينہ **ڪپڙا** لاهڻ وقت بِسْمِ اللّٰه پڙهي ونڻ سان جنّات اوگهڙ نہ ڏسي سگهندا. (عمل اليوم والليلة لابن سني ص8) ڪمري جو دروازو، دريون، الماڙيءَ جا خانا جيترا پيرا کوليو بند ڪريو ۽ پڻ ڪپڙا، ٿانوَ وغيره هر شيءِ رکڻ ڪڻڻ وقت هر پيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت بڻايو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ سرڪش جنّات توهان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ، چوري ڪرڻ ۽ توهان جون شيون استعمال ڪرڻ کان پري رهندا.

24 مدينہ **سواري** (گاڏي) سِلپ تي وجي، يا ان کي جهٽڪو لڳي تہ بِسْمِ اللّٰه چئو.

25 مدينہ **مٿي** ۾ تيل وجهڻ کان پهريان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڇڏيو نہ تہ **70** شيطان مٿي ۾ تيل وجهڻ ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن.

26 مدينہ گهر جو دروازو بند ڪرڻ وقت ياد ڪري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڇڏيو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان ۽ سرڪش جنّات گهر ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. (صحيح بخاري ج6 ص 312)

27 مدينه **رات** جو ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ بِسْمِ اللّٰه شريف پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏيو، جيڪڏهن ڍڪڻ جي لاءِ ڪا شيءِ نه هجي ته بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم چئي ٿانوَن جي منهن تي ڪک وغيره رکي ڇڏيو. (ايضًا) **مسلم شريف** جي هڪ روايت ۾ آهي، سال ۾ هڪ رات اهڙي ايندي آهي جو ان ۾ وبا (يعني بيماري) لهندي آهي جيڪو ٿانءُ ڍڪيل ناهي يا مشڪ (يعني ڪليءَ) جو منهن بَڌل ناهي جيڪڏهن اتان ڪان اها وبا گذرندي آهي ته ان ۾ داخل ٿي ويندي آهي. (مسلم شريف ص 1115رقم الحديث 2114)

28 مدينه **سمهڻ** ڪان پهريان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري ٿي پيرا بستري کي ڇنڊي ونو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ موذيات (يعني ايذاءُ ڏيڻ وارين شين) ڪان پناهه حاصل ٿيندي.

29 مدينه **ڪاروبار** ۾ جائز ڏيتي ليتيءَ جي وقت يعني جڏهن به ڪنهن ڪان ونو ته بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهو ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏيو ته به بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ خوب برڪت ٿيندي.

يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي برڪتن سان مالا مال فرماءِ ۽ هر نيڪ ۽ جائز ڪم جي شروع ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بِسْمِ الله جي ستن اکرن جي نسبت سان 7 حڪايتون

﴿1﴾ ڪاٺير ڪيئن مالدار بڻيو؟

هڪ ڪاٺير روزانو درياءَ جي ٻئي ڪناري تي وڃي ڪاٺيون ڪري ايندو هو ۽ وڪڻي پنهنجن ٻارن ٻچن جو پيٽ پاليندو هيو. پُل جيئن تہ ان جي گهر کان گهڻو پري هئي، ان لاءِ اچڻ وڃڻ ۾ ڪافي وقت صرف ٿيندو هيس ۽ اهڙيءَ ريت مالي طور اهو مضبوط نہ پئي ٿي سگهيو. هڪ ڏينهن ان مسجد جي اندر مبلغ جي بيان ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جا عظيم الشّان فضائل ٻُڌا. مبلغ جي هيءَ ڳالهہ ان جي ذهن ۾ ويهجي ويئي تہ بِسْمِ الله شريف جي برڪت سان وڏي ۾ وڏو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن جهنگ ۾وڃڻ جو وقت ٿيو تہ پُل تي وڃڻ جي بدران بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري هو

درياءَ ۾ گهڙيو ۽ هلندو ويوءِ جلد ئي آسانيءَ سان ٻئي ڪناري تي پهچي ويو، ڪانيون ڪرڻ کان پوءِ ان وري ائين ئي ڪيو، بِسْمِ الله جي برڪتن جو ظهور ٿيڻ لڳو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هو مالدار ٿي ويو. (ملخص از شمس الواعظين)

ہے پاک رُتبہ فکر سے اُس بے نیاز کا
کچھ دَخل عقل کا ہے نہ کام امتیاز کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ پُختي يقين جون بهارون آهن، جيڪڏهن يقين ڪمزور هجي ته هن طرح جا نتيجا نه ٿا نڪري سگهن."پُختي يقين" جي متعلق **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سورهءِ يوسف جي تفسير ۾ هڪ انتهائي **نصيحت ڀري حڪايت** نقل ڪئي آهي. جيئن ته هڪ ڀيري بغدادِ مُعليٰ ۾ هڪ شخص بيهي ڪري ماڻهن کان هڪ درهم جو سوال ڪيو، مشهور محدث حضرتِ **سيّدُنا ابن سماڪ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو، توکي ڪهڙي سورت چڱي طرح ياد آهي؟ ان وراڻيو، **سورةُ الْفا تحه** فرمايائون، هڪ ڀيرو پڙهي ان جو ثواب منهنجي هٿ تي وڪِڻ، مان انهيءَ جي عيوض پنهنجي سڄي دولت تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيندس! سائل چوڻ لڳو، حضرت مان مجبور ٿي ڪري هڪ درهم جو سوال ڪرڻ آيو آهيان

قرآن وڪٽڻ ناهيان آيو. هي چئي ڪري اهو سائل قبرستان جي طرف هليو ويو، ايتري ۾ **برسات** شروع ٿي وئي، ايتري تائين جو ڳڙو پوڻ لڳو، هن هڪ ڇپري هيٺان لِڪڻ لاءِ ڊوڙ پاتي، اتي **ساون ڪپڙن** ۾ هڪ سوار پهريان کان ئي موجود هيو ان چيو، تو ئي **سورةُ الْفاتحه** جو ثواب وڪٽڻ کان انڪار ڪيو هيو؟ چيائين، جي ها. سوار ان کي ڏهه هزار درهمن جي ٿيلهي ڏني ۽ چيو، انهن کي خرچ ڪر. ختم ٿيڻ تي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايترا ئي ٻيا ٻه ڏيندس. **سائل** پُڇيو، توهان ڪير آهيو؟ سوار چيو، مان تنهنجو **يقين** آهيان اهو چئي ڪري سوار هليو ويو.

(ملخص از تفسير سورهء يوسف للغزالي ص 17، 18)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هتي انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي خيرات گهرڻ جي لاءِ تلاوت ڪندا آهن، پيسا ۽ ڪاڏو ملڻ جي لالچ ۾ ختمِ قرآن جون محفلون ۽ اجتماع ذڪر و نعت ۾ شرڪت ڪندا آهن ۽ رقم ملڻ جي شوق ۾ تراويح ۾ قرآن پاڪ پُڌائيندا آهن. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي **اخلاص ۽ يقين** جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی! عزوجل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيني طور تي اخلاص نهايت ئي

عظيم دولت آهي جنهن کي ملي وڃي ان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي. عاشقانِ رسول سان مدني قافلن ۾ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪريو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ عملن ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ جي "مدني سوچ" ٻڌجي ويندي ۽ جڏهن عملن ۾ اخلاص پيدا ٿي ويندو ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ.

جلوے خود آئیں طالبِ دیدار کی طرف

کيست اجتماع ۾ ديدار مصطفيٰ صلی الله علیه وسلم ڏينا

دعوتِ اسلامي جي ٿن ڏينهن واري بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع (صحراءِ مدينه، مدينة الاولياء ملتان) جي پُڄاڻيءَ تي عاشقانِ رسول جا بيشمار مدني قافلا سنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ روانا ٿيندا آهن، جيئن ته هڪ عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۾ خلاصو پيشِ خدمت آهي، سن ١٤٢٣ هه جي بين الاقوامي ٿي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع کان عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو 12 ڏينهن جي لاءِ ضلع لَيهّ (پنجاب پاڪستان) پهتو. جَدوَل جي مطابق هڪ ڏينهن جڏهن **ڪيسيٽ اجتماع** ٿيو ته ڪيسيٽ جو سنّتن ڀريو بيان ٻُڌي ڪري هڪ عاشقِ رسول تي رِقت طاري ٿي ويئي ۽ هُو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو ايتري تائين جو بيهوش به ٿي ويو، جڏهن هوش ۾ آيو ته ڏاڍو خوش هيو، ان ٻُڌايو ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون گناهگار تي فيضانِ ڪرم ٿيو ۽ مون

ڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو شربت نصيب ٿيو، ٻئي ڏينهن وري **ڪيسيٽ اجتماع** ٿيو، ان سان اها ئي ڪيفيت ٿي، هن ڀيري خواب ۾ هو رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪان هن طرح فيضياب ٿيو جو مدني قافلي جا سيئي مسافر به حاضر خدمت هئا.

آنکھیں جو بند ہوں تو مقدّر کھلیں حسنؔ
جلوے خود آئیں طالبِ دیدار کی طرف (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وسوسو: ڪجهه ماڻهو خواب ٻُڌائي ٻڌائي ماڻهن ڪي پنهنجو چاهيندڙ ٻڌائيندا آهن، تنهنڪري جيڪو به خواب ۾ زيارت جي دعويٰ ڪري ان تي اکيون بند ڪري اعتماد نه ڪرڻ گهرجي گهٽ ۾ گهٽ ان کان قسم ته وٺڻ ئي گهرجي.

وسوسي جو علاج: صحيح بخاري شريف جي سي ڪان پهرين حديث آهي، اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ يعني عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي. جيڪڏهن ڪو حُبِ جاهه (يعني شهرت حاصل ڪرڻ) جي ڪري پنهنجو خواب ٻُڌائي تو ۽ پنهنجي شُهرت ۽ واهه واهه چاهي تو ته واقعي گناهگار آهي، ۽ جيڪڏهن سٺي نيّت سان ٻُڌائي تو، مثلاً **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ خوش قسمتيءَ سان ڪنهن سٺو خواب ڏٺو، هاڻي هو

انهيءَ لاءِ بُڌائي رهيو آهي تہ جيئن هن نازڪ دؤر ۾ ماڻهن کي راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر جي ترغيب ملي ۽ انهن کي اطمينان نصيب ٿئي تہ **دعوتِ اسلامي** اهلِ حق ۽ **عاشقانِ رسول** جي سنّتن ڀري تحريڪ آهي ۽ اهڙيءَ ريت ان سان وابستہ ٿي پنهنجي ايمان جي حفاظت جو انتظام ڪن. اها نيّت سني آهي ۽ ان نيّت سان خواب بُڌائڻ واري کي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ثواب ملندو، ۽ پڻ تحديثِ نعمت يعني نعمت جي تشهير ڪرڻ جي نيّت سان بُڌائي ٿو تڏهن بہ جائز آهي. ها جيڪڏهن رياڪاريءَ جو خوف هجي تہ پنهنجي نالو ظاهر نہ ڪري جو ان ۾ وڌيڪ عافيّت آهي. بهرحال دل جي نيّت جو حال **الله** عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي ٿو، مسلمان جي باري ۾ بنا سبب جي بد گماني ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وني وجڻ وارو ڪم آهي، بد گمانيءَ جي قرآن پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ مذمت آئي آهي.

جيئن تہ سيپاري **26** سورة **الحجرا ت** جي ٻارهين آيت ۾ ارشادِ رباني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! گهڻن گمانن کان بچو بيشڪ ڪو گمان گناهہ ٿي ويندو آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي، ”بدگماني کان بچو ڇو تہ بدگماني سڀ

كان وڌيڪ ڪوڙي ڳالهه آهي. (صحيح بخاري شريف ج 6 ص 166 رقم الحديث5143)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويه شريف ۾ نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏسي ورتو تہ فرمايائون ڇا تو چوري نہ ڪئي؟ ان چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون چوري ناهي ڪئي، هي ٻُڌي ڪري پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون، واقعي تو چوري نہ ڪئي منهنجي اکين ڏوڪو ڪاڏو.

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان **احترامِ مسلم** جي اهميت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جو شريعت جي دائري ۾ رهندي مسلمان جي پرده پوشي ڪئي وڃي ۽ ائين نہ ٿئي جو بي سبب ان تي بدگماني ۽ جو دروازو کولي ڪري ان کي ڪوڙو ۽ ٻٽاڪي وغيره قرار ڏئي ڪري پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائيندي پاڻ کي مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ جهنّم جو حقدار بڻايو وڃي.

تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله

ڪوڙو خواب ٻڌائڻ جو عذاب

بالفرض ڪو ڪوڙو خواب ناهي ڪري ٻُڌائي بہ ٿو تہ ان جو هو پاڻ ئي ذميوار، سخت گناهگار ۽ جهنم جي عذابِ جو حقدار آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي. ”جيڪو ڪوڙو خواب بيان ڪندو ان کي قيامت جي ڏينهن جَوَن جي ٻن

داڻن ۾ ڳنڍ لڳائڻ جي تڪليف ڏني ويندي ۽ اهو هرگز ڳنڍ نہ لڳائي سگهندو.“ (صحيح بخاري ج 8 ص 106 رقم الحديث 7042)

بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائڻ وارؤ خبردار!

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي هڪ شخص اهڙو ڳالهائي ٿو جنهن ۾ هو غور ۽ فڪر نہ ٿو ڪري (حالانڪہ هي گفتگو ڪوڙ، غيبت، عيب جوئي يا هٿ نوڪيا خواب ٻُڌائڻ وغيره حرام ڪمن تي مشتمل هوندي آهي) تہ اهو هن ڳالهہ جي سبب جهنم ۾ ايتري مقدار کان بہ وڌيڪ ڪِرندو جيتريقدر اوير ۽ اولهہ جي وچ ۾ فاصلو آهي. (صحيح بخاري ج7 ص 236 رقم الحديث 6477)

خواب ٻُڌائڻ واري کان قسم جو مطالبو شرعي طور تي واجب ناهي ۽ جيڪو مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪوڙو هوندو، ٿي سگهي ٿو اهو ڪوڙو قسم بہ کڻي.

وسوسو: ائين ئي مناسب ٿو لڳي تہ ماڻهن ۾ بيان ڪرڻ بدران خواب کي راز ۾ رکيو وڃي.

وسوسي جو علاج: مناسب ڇا آهي ۽ ڪهڙو مناسب ناهي، هن کي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن اسان کان وڌيڪ بهتر سمجهندا هئا. سنو خواب بيان ڪرڻ کان شريعت منع ناهي فرمايو تہ اسان ڪير آهيون روڪڻ وارا! قرآن مجيد، حديثن ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي ڪتابن ۾ خوابن جو ڪثرت سان تذڪرو آهي. حضرتِ

سيّدُنا امام ابوالقاسم قشيري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "**رسالهءِ قشيريه**" ۾ "**رؤيا القوم**" نالي باب ۾ صفحي **368** کان **377** تائين اولياءِ ڪرام جا **66** خواب نقل ڪيا آهن، حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِى احياءُ العلوم جي چوٿين جلد جي صفحي **540** کان **543** تي "**مَنَامَاتُ الْمَشَائِخ**" نالي باب ۾ **49** خواب نقل ڪيا آهن ۽ پڻ "**حياتِ اعليٰ حضرت**" (**مطبوعه مکتبه نبويه گنج بخش رودِ لاهور**) جي صفحي نمبر **424** کان **432** تي **منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرکت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برکت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جا **14 خواب کانئن ئي زباني مروي آهن.** انهن مان هڪ خواب جي سلسلي ۾ عرض آهي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو خواب

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بن هٿن سان مصافحو (يعني هٿ ملائڻ) جي جواز ۾ **40** صفحن جي رسالو "صفائح اللجين في کون تصافح بکفي اليدين" (يعني چانديءَ جا ورق ٻنهي هٿن جي تِرين سان مصافحو ڪرڻ جي بيان ۾) تحرير فرمايو آهي، ان جي صفحي نمبر3 تي پنهنجو اهو خواب تفصيلي طور تي بيان فرمايو اٿن. جنهن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي حضرتِ سيّدُنا امام

قاضي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان جي زيارت تي آهي. ۽ مسلمانن کي وسوسن کان بچڻ ۽ انهن جي معلومات ۾ اضافو فرمائڻ جي خاطر انهيءَ مبارڪ رسالي ۾ ماڻهن جي آڏو خواب بيان ڪرڻ جا دليل قائم ڪيا آهن. جيئن تہ ڄاڻايل رسالي ۾ فرمائن ٿا:

اڄ ڪنهن خواب ڏٺو؟

احاديثِ **صحيحه** مان ثابت آهي تہ حضور اقدس سيّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کي (يعني خواب کي) امرِ عظيم ڄاڻيندا هئا ۽ هن جي ٻُڌڻ، پُڇڻ، ٻُڌائڻ، بيان فرمائڻ ۾ اعليٰ درجي جو اهتمام فرمائيندا هئا. صحيح بخاري وغيره ۾ حضرت سَمُره بن جُنْدَب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي. حضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي نماز پڙهي ڪري حاضرين کان پُڇڻ فرمائيندا هئا. **" اڄ رات ڪنهن ڪو خواب ڏٺو؟"** جيڪو بہ ڪو ڏسندو هو سو عرض ڪندو هو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تعبير فرمائيندا هئا.

(صحيح بخاري ج 2 ص 127 رقم الحديث 1386)

سرڪارِ اعليٰ حضرت وڌيڪ فرمائن ٿا، احمد ۽ بخاري ۽ ترمذي رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، " جڏهن توهان مان ڪو اهڙو خواب ڏسي جيڪو ان کي پيارو معلوم ٿئي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان آهي، ان کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي واکاڻ ڪري ۽ **ماڻهن جي آڏو بيان ڪري.**

(مُسند امام احمد ج 2 ص 502 رقم الحديث 6223)

بشارتون باقي آهن

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ذڪر ٿيل رسالي ۾ نقل فرمائن ٿا، حضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ نُبُوَّت وئي، هاڻي مون کان پوءِ نُبُوَّت نہ ٿيندي پر بشارتون. اُهي ڇا آهن؟ پلا خواب! جيڪي ماڻهو پاڻ ڏسي يا ان جي لاءِ ڏنو وڃي. (طبراني المعجم الكبير ج 3 ص 179 رقم الحديث 3051)

پنهنجي باري ۾ سٺو خواب ڏسڻ واري کي انعام

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا، هي بہ سنّتِ صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان ثابت آهي جيڪو خواب اهڙو ڏنو ويو جنهن ۾ سندن ڳالهہ جي تائيد نڪتي تہ ان تي خوش ٿيا ۽ ڏسڻ واري جي توقير (عزت ۽ اهميت) وڌايائون. صحيحين ۾ آهي، ”ابو جَمْرَه ضَبْعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تَمَتُّع حج ۾ خواب ڏنو جنهن سان (فقهي مسئلن ۾) ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي مذهب جي تائيد ٿي. ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا (اهو مبارڪ خواب ٻُڌي ڪري پنهنجي مال مان) سندن لاءِ وظيفو مقرر ڪيو ۽ ان ڏينهن کان ڪين پاڻ سان گڏ تخت تي ويهارڻ شروع ڪيائون.

(ملخصًا از صحيح بخاري ج 2 ص 186 رقم الحديث 1567)

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

امام بخاريءَ جي والده جو خواب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! توهان ٻين کي خواب ٻُڌائڻ جي سلسلي ۾ صحيح بخاري شريف

جي حوالي سان بہ ٻہ روايتون ملاحظہ فرمايائون. صحيح بخاري شريف جي مؤلف حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى سخت محنت سان احاديثِ مبارڪ کي جمع فرمايو آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي زباني فرمائن ٿا،" اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان "صحيح بخاري" ۾تقريبًا ڇهہ هزار حديثون ذڪر ڪيون آهن، هر حديث کي لکڻ کان پهريان غسل ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪندو هيس."پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والد ماجد حضرتِ سيّدُنا شيخ اسماعيل رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام نيڪ ماڻهو هئا ۽ سندن جي والده سڳوري نيڪ ۽ مُجَابَةُ الدُّعاء هيون (يعني اها عورت جنهن جي دعا قبول ٿيندي هجي) ننڍپڻ ۾حضرتِ سيّدُنا امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى جي اکين جي روشني ختم ٿي وئي. والده ماجده رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عليها ان صدمي کان روئنديون رهنديون هيون ۽ ٻاڏائي دعا گهرنديون رهنديون هيون. هڪ رات ننڊ ۾ سندن قسمت جو ستارو چمڪي اٿيو، دل جون اکيون کلي ويون، خواب ۾ ڏٺو تہ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي آيا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن،" توهان پنهنجي پٽ جي نظر جي واپسيءَ جي لاءِ دعائون گهرنديون رهيون آهيو مبارڪ هُجيوَ جو توهان جي دعا قبول ٿي چُڪي آهي، الله تبارڪ و تعاليٰ توهان جي پٽ جي نظر بحال فرمائي ڇڏي آهي." جڏهن صبح جو ڏٺائون تہ حضرتِ سيّدُنا امام بخاري عَلَيْهِ

رَحْمَةُاللّٰهِ الْبَارِی جون اکيون روشن ٿي چُڪيون هيون.“

(ملخص از تفهيم البخاري ج اول ص 4 مؤلف شيخ الحديث علامه غلام رسول رضوي)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿2﴾ يهودي ۽ يهودياڻي جي دلچسپ حڪايت

هڪ يهودي مرد هڪ يهودياڻي تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جي عشق ۾ مجنون جي مثل ٿي ويو جو ڪائڻ پيئڻ تائين جو هوش به نه رهيس. آخرڪار حضرتِ سيّدُنا عطاءُ الاکبر عليه رحمة الله الداور جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجو حال عرض ڪيائين، پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيس هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڪري ڏنو ۽ فرمايائون، هن کي ڳهي وجو هن اميد تي جو الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هن جي معاملي ۾ تسلي عطا فرمائي ڇڏي يا توهان کي هن سان نوازي ڇڏي. جڏهن يهودي ان کي ڳهي ورتو، (بس ڳهندي ئي ان جي دل ۾ مدني انقلاب اچي ويو ۽ پوءِ ان) عرض ڪيو، ” اي عطاء! رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون ايمان جي مناڻ کي ماڻي ورتو ۽ منهنجي دل ۾ نور ظاهر ٿي چڪو آهي، مان ان عورت (جي عشق) کي وساري چُڪو آهيان، مون کي اسلام جي باري ۾ آگاهه فرمايو. سيّدُنا عطاء رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان تي اسلام پيش ڪيو. ۽ هو بِسْمِ الله جي برڪت سان مسلمان

تي ويو. هوڏانهن ان يهودياڻي جڏهن ان جي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ٻُڌي تہ حضرتِ سيّدُنا عطاءُ الاڪبر عليہ رحمۃ اللہ الداور جي بارگاهہِ عالي ۾ حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿي،" اي امام المسلمين! مان ئي اها عورت آهيان جنهن جو تذڪرو اسلام قبول ڪرڻ واري يهوديءَ اوهان سان ڪيو ۽ مان گذريل رات خواب ڏٺو تہ هڪ اچڻ وارو مون وٽ اچي چوڻ لڳو، " جيڪڏهن تون **جنّت** ۾ پنهنجو ٽِڪاڻو ڏسڻ چاهين ٿي تہ سيّدُنا عطاءُ الاڪبر عليہ رحمۃ اللہ الداور جي خدمت ۾ حاضر ٿي تہ اهو توکي تنهنجو ٽِڪاڻو ڏيکاريندو." تہ مان اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بارگاهہ ۾حاضر ٿي آهيان. اوهان ٻُڌايو تہ "جنّت ڪٿي آهي؟" ارشاد فرمايائون."جيڪڏهن جنّت جو ارادو اٿئي، تہ پهريان تو کي ان جو دروازو کولڻو پوندو هن کان بعد ئي تون ان (پنهنجي ٽِڪاڻي) جي طرف وڃي سگهندينءَ ." عرض ڪيائين،"مان ان جو دروازو ڪهڙي طرح کولي سگهنديس؟" ارشاد فرمايائون " بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم " پڙهہ. " ان بِسْمِ اللّٰه شريف پڙهي. (بس پڙهندي ئي ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو پوءِ) چوڻ لڳي،"اي عطاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون پنهنجي دل ۾ نور حاصل ڪيوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي خدائيءَ کي ڏسي ورتو، مون کي اسلام کان آگاهہ فرمايو،" پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان تي **اسلام** پيش ڪيائون تہ بِسْمِ اللّٰه شريف جي برڪت سان اها بہ مسلمان ٿي وئي، پوءِ پنهنجي گهر موٽي.

انهيءَ رات جڏهن سُتي تہ خواب جي عالم ۾ جنّت ۾ داخل ٿي ۽ ان جنّت جا محل ۽ گنبذ ڏٺا ۽ انهن مان هڪ گنبذ تي لکيل هو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوۡلُ اللّٰهِ (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) اُن هِن کي (يعني هن عبارت کي) پڙهيو تہ هڪ مُنادي چئي رهيو هيو، ”اي پڙهڻ واري! جيڪو تو پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ اهڙيءَ ريت سڀ جو سڀ توکي عطا فرمائي ڇڏيو.“ عورت جاڳي پئي ۽ عرض ڪيائين، ”يا الاهي عَزَّوَجَلَّ! مان جنّت ۾ داخل ٿي چُڪي هيس پوءِ تو مون کي ان مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قدرت ڪامله جي واسطي مون کي دنيا جي غم مان نجات عطا فرماءِ.“ جڏهن پنهنجي دعا کان فارغ ٿي تہ گهر جي ڇت ان تي ڪِري پئي ۽ هوءَ شهيد ٿي وئي. تہ الله عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان ان تي رحم فرمايو.

(قليوبي حڪايت 26 ص 22، 23)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰه اَسۡتَغۡفِرُاللّٰه

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بسم اللہ کی بَرَکت ہے ہم نے پائی جنّت ہے
کتنی اچّھی قسمت ہے یہ سب ربّ کی رَحمت ہے

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، اهو پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پنهنجي ولين جي آستانن تي موڪلي وڏي ڪان وڏي بگڙيل جي به بگڙي بڻائي ڇڏيندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو ٻچو ٻچو **اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي غلاميءَ تي فخر ڪري ٿو. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا غلام به جڏهن اخلاص سان عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا آهن ته ڪڏهن ڪڏهن ڪافر به اسلام جي دامن ۾ اچي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت قافلي جي هڪ برڪت ملاحظه فرمايو.

هڪ عيسائيءَ جو اسلام قبول ڪرڻ

خانپور(پنجاب) جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي ته باب المدينه ڪراچيءَ کان سنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ تشريف کڻي آيل **مدني قافلي** سان گڏ مون کي به علائقائي دورو ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو، هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري اسان"نيڪيءَ جي دعوت" ڏئي رهيا هئاسين. جڏهن بيان ختم ٿيو ته انهيءَ دڪان جي نوجوان ملازم چيو،"مان **عيسائي** آهيان توهان جي نيڪيءَ جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخل ڪريو." اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهو مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں ہو "دعوت اسلامی"
صَدقہ تجھے اے ربِّ غفار مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ بُزُرگ پهلوان

هڪ ڪافر ڏاڙيل ڪنهن شاندار محل ۾ داخل ٿيو، اتي هڪ پوڙهي بزرگ ۽ سندس نوجوان ڌيءُ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه نه هيو، ان ارادو ڪيو ته ان **بزرگ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي شهيد ڪري سندس ڌيءُ تي مال متاع سوڌو قبضو ڪري وٺان، اهو سوچي ان حملو ڪيو پر اهي **بزرگ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ته ڪي **پهلوان** نڪتا! انهن يڪدم ان نوجوان ڏاڙيل کي ڏسي وڏو! ڏاڙيل ڪنهن به طرح آزاد ٿي وري حملہ آور ٿيو پر **بزرگ پهلوان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻيهر سوڀارا ٿي ويا! ايئن ئي ملهہ هلندي رهي، هر ڀيري اهي پيرسن بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ئي ڪامياب ٿيندا رهيا، ڏاڙيل محسوس ڪيو ته اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهستي آهستي ڪجهہ پڙهي رهيا آهن، ان پڇيو، ڇا ٿا پڙهو؟ بزرگ پنهنجي پهلوانيءَ جو راز کولينديِ مُرڪي چيو، مان ڏاڍو ڪمزورشخص آهيان، بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهان ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ تو تي غلبو عطا فرمائي ٿو. جڏهن ان ڪافر ڏاڙيل هي ٻُڌو ته ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، ۽ چوڻ لڳو، جنهن دين ۾ **فيضانِ**

بسم الله جو هي شان آهي تہ خود ان دين جو خبر ناهي ڇا مَانُ ۽ مرتبو هوندو؟ تنهنڪري هو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پُڌڻ جي برڪت سان مسلمان ٿي ويو. انهن جا پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا ٿي ويا ايتري تائين جو ان بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي لاڏاڻي ڪان پوءِ اهو **شاندار محل** ۽ سڄي دولت ان نئين **مسلمان** کي ملي ويئي ۽ ان بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ڏيءُ سان سندس شادي ٿي وئي.

(ملخص از اسرار الفاتحه ص 165)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

حمد ہے اُس ذات کو جس نے مسلماں کر دیا
عشقِ سلطانِ جہاں سینے میں پِنہاں کر دیا (قبالہ بخشش)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهي بزرگ يقيناً وليُّ الله هئا ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان هو ڪافر ٿي غلبو حاصل ڪري پيا وجن جيڪا سندن ڪرامت هئي ۽ آخرڪار بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان ڪافر ڏاڙيل کي اسلام جي عظيم نعمت ملي وئي. هاڻي هڪ بِسۡمِ الله جي ديوانيءَ جي ايمان افروز حڪايت پُڌو ۽ جهومو:

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ کوهه مان ٿيلهي ڪيئن نڪتي؟

هڪ نيڪ عورت هئي جيڪا هرهر ڳالهه تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهندي هئي، سندس مڙس جيڪو منافق هو اهو ان جي هن عادت کان ڏاڍو چڙندو هيو، آخرڪار ان هيءَ سوچ سوچي تہ مان پنهنجي گهر واريءَ کي اهڙو ذليل ڪندس جو ياد ڪندي. پوءِ ان گهر واريءَ کي هڪ ٿيلهي ڏيندي چيو تہ، ”سنيالي رک“. عورت اها ٿيلهي حفاظت سان رکي ڇڏي. مڙس موقعو ڏسي اها ٿيلهي کنئي ۽ پنهنجي گهر جي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏي تہ جيئن ملڻ ممڪن ئي نہ رهي. ان کان پوءِ هن گهر واريءَ کان ٿيلهي گهري. هيءَ نيڪ ٻانهي ٿيلهيءَ واري جڳهه تي آئي ۽ جيئن ئي بِسْمِ اللّٰه پڙهيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ تيزيءَ سان وڃ ۽ ٿيلهي کوهه مان ڪڍي ڪري انهيءَ جڳهه تي رکي اچ. اهڙي طرح سيّدُنا **جبرئيل** عَلَيْهِ السَّلَام يڪدم اها ٿيلهي کوهه مان ڪڍي ان جڳهه تي رکي ڇڏي. جڏهن عورت کٽڻ جي لاءِ هٿ وڌايو تہ ٿيلهي ائين ئي پئي هئي جيئن ان رکي هئي. مڙس ٿيلهي ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سچيءَ دل سان توبهه ڪئي. (قليوبي حڪايت 11 ص11، 12)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ بِسْمِ اللّٰه جون بهارون آهن جو اٿندي ويهندي ۽ هر جائز ۽ شاندار، ننڍي توڙي وڏي ڪم کان پهريان جيڪو خوش نصيب بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهندو رهندو آهي مصيبت جي وقت ان جي غيب مان مدد ڪئي ويندي آهي.

محبّت ميں ايسا گُمايا الٰهي نہ پاؤں پھر اپنا پتا يا الٰهي

﴿5﴾ فرعون جو محل

فرعون خدائيءَ جي دعويٰ کان پهريان محل بڻايو هيو ۽ ان جي ٻاهرئين دروازي تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکرايو هئائين، جڏهن ان خدائي جي دعويٰ ڪئي ۽ **حضرت سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪيس الله عَزَّوَجَلَّ تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني، تہ ان نافرماني ڪئي، حضرتِ سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو، يا الله! عَزَّوَجَلَّ مان هرهر ان کي تنهنجي طرف سڏيان ٿو پر هي نافرمانيءَ کان نہ ٿو مُڙي، مون کي تہ هن ۾ ڀلائيءَ جا آثار نظر ئي نہ ٿا اچن، الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو، " **اي موسىٰ** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تون ان کي ختم ڪرڻ گهرين ٿو، تون هن جي ڪفر کي ڏسي رهيو آهين ۽ مان پنهنجو نالو ڏسي رهيو آهيان جيڪو انهن پنهنجي دروازي تي لکي ڇڏيو آهي!

(تفسير ڪبير ج اول ص 152)

گهر جي حفاظت جي لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته اسين پنهنجي گهر جي دروازي تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏيون، اِنشآءاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر قسم جي دنياوي آفتن کان حفاظت ٿيندي. حضرتِ سيّدُنا امام فخرالدين رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا. ”جنهن پنهنجي گهر جي ٻاهرئين دروازي (MAIN GATE) تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏيو اهو (فقط دنيا ۾) تباهيءَ کان بي خوف ٿي ويو چاهي ڪافر ئي ڇو نه هجي، ته ڀلا ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو سڄي زندگي پنهنجي دل جي آئيني تي هن کي لکيل رکندو آهي.“ (تفسير ڪبير ج اول ص 152)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿6﴾ توهان انسان آهيو يا جن؟

ڪتابُ النَّصَائِح ۾ آهي، مشهور صحابي حضرت سيّدُنا **ابو الدَّرداء** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ٻانهيءَ کين هڪ ڏينهن عرض ڪيو، سائين! سچ ته ٻڌايو **توهان انسان آهيو يا جنّ؟** فرمايائون، ”اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان انسان ئي آهيان.“ چوڻ لڳي، مون کي ته انسان نه ٿا لڳو ڇو ته مان چاليهن ڏينهن کان لاڳيتو توهان کي زهر کارائي رهي آهيان پر توهان تي ان جو ڪو اثر ئي نه ٿو ٿئي.“ فرمايائون، ڇا توکي معلوم ناهي جيڪي ماڻهو هر حال ۾ الله

عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا رهندا آهن، انهن کي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي، ۽ مان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اسمِ اعظم** سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندو آهيان. پُڇيائين "اهو **اسمِ اعظم** ڪهڙو آهي؟" فرمايائون، (مان هر ڀيري ڪائڻ پيئڻ کان پهريان هي پڙهي ڇڏيندو آهيان)

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِه شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡم

(يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي ۽ اهو ٻُڌڻ ڄاڻڻ وارو آهي)

ان ڪان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪانئس پُڇيائون تہ تو ڪهڙي سبب ڪان مون کي زهر ڏنو؟ عرض ڪيائين مون کي اوهان سان بغض هيو، هي جواب ٻُڌندي ئي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايائون، تون **لِوَجهِ الله** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ) آزاد آهين. ۽ تو مون سان جيڪو ڪجهہ ڪيو اهو بہ مون توکي مُعاف ڪيو.

(حياة الحيوٰنُ الكُبريٰ جلد اول ص 391)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

مانندِ شَمع تیری طرف لو لگی رہے
دے لُطف میری جان کو سوز و گُداز کا

سُبحٰن الله! صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي عظمتن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! اهي سڳورا قرآني حڪم

اِدۡفَعۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ

ترجمو ڪنزالايمان: **اي ٻڌندڙ! برائيءَ کي ڀلائيءَ سان ٽار** (سيپارو 24 سورة حٰم السجدة 34) جي صحيح تفسير هئا، هرهر زهر پيئارڻ واري ٻانهيءَ کي سزا ڏيارڻ بدران آزاد فرمائي ڇڏيائون! هن حڪايت سان ملندڙ ڄُلندڙ هڪ ٻي حڪايت ملاحظہ فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿7﴾ زهر مليل ڪاڏو

حضرتِ سيّدُنا ابو مسلم خولاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي هڪ ٻانهي ساڻن بغض رکندي هئي، هوءَ ڪين زهر ڏيندي هئي پر زهر اثر نہ ڪندو هيو. جڏهن ڪافي عرصي تائين اهو معاملو هلندو رهيو تہ چوڻ لڳي، ”مان ڪافي عرصي کان توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي زهر ڏيندي پئي اچان پر توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي ان جو ڪو اثر ئي نہ ٿو ٿئي! ارشاد فرمايائون، ”تو ائين چو ڪيو؟“ چيائين، ”ان جي لاءِ تہ توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بلڪل ڪراڙا ٿي چُڪا آهيو.“ ارشاد فرمايائون، ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان ڪائڻ، پيئڻ کان اڳ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيندو آهيان.“ (ان جي برڪت سان زهر کان حفاظت ٿيندي رهي) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پوءِ ان کي آزاد فرمائي ڇڏيائون.

(قليوبي حڪايت 64 ص 52)

بے نوا مفلس و محتاج گدا کون؟ کہ میں
صاحبِ جود و کرم وَصف ہے کس کا؟ تیرا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰن اللہ عَزَّوَجَلَّ! بِسْمِ اللّٰه شريف جون ڇا تہ خوب بهارون آهن.

وسوسو: روايتن ۽ حڪايتن مان اهو ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ بِسْمِ اللّٰه شريف پڙهي زهر بہ ڪائون تہ ڪوبہ اثر نہ ٿيندو پر اسان ايڏو وڏو خطرو پنهنجي جان تي ڪيئن ڪٽون! ڇو تہ اسان جو تجربو آهي تہ چاهي بِسْمِ اللّٰه پڙهي ڪري بہ ڪو سڻيو ڪاڏو ڪائون تہ بہ پيٽ ۾ گڙ ٻڙ ٿي پوندي آهي!

وسوسي جو علاج: "ڪارتوس" شينهن کي بہ ماري سگهي ٿو جڏهن تہ بهترين بندوق سان چڱيءَ طرح فائر (FIRE) ڪيو وڃي، ان کي هيئن سمجهو تہ وِردَ ۽ وظيفا ۽ دعائون "ڪارتوس" وانگر آهن ۽ پڙهڻ واري جي زبان بندوق وانگر. تہ دعائون اهي ئي آهن پر اسان جون زبانون صحابين ۽ ولين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جهڙيون ناهن. جنهن زبان سان روزانو ڪوڙ، گلا، غيبت، چُغلي، گارگند، دل آزاري ۽ بد اخلاقي نڪرندي هجي ان ۾ تاثير ڪٿان ڪان اچي؟ اسان **دعا** تہ گهرندا ئي آهيون پر جڏهن مشڪل ايندي آهي تہ **بزرگن** وٽ حاضر ٿي ڪري بہ دعا جي درخواست ڪندا آهيون، ڇو؟ ان لاءِ تہ هر هڪ جو ذهن اهو ئي بڻيل آهي تہ **پاڪ**

زبان مان نڪتل دعا وڏيڪ ڪارگر هوندي آهي. يقيناً بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري حضرتِ **خالد** بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بنا خوف جي زهر پي ڇڏيو، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جي زبان پاڪ، سندن جي دل پاڪ ۽ انهن جو سڄو وجود گناهن کان پاڪ تنهن ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪ نالي جي برڪت سان **زهر** اثر نه ڪيو، اهڙيءَ ريت حضرتِ سيّدُنا **ابُوالدرداء** ۽ سيّدُنا **ابو مسلم** خولاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا پنهنجي پاڪ زبان سان الله عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو وٺندا هئا تہ زهر بي اثر رهجي ويندو هو. نہ تہ زهر وري بہ زهر ئي هوندو آهي. انسان کي ڪٿان جو بہ نہ ڇڏيندو آهي. ان کي هن لڳ ڪانڊاريندڙ **حڪايت** مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، **"ڪتاب الاذڪياء "** ۾ آهي، هڪ حج جو قافلو سفر جي دوران هڪ چشمي تي پهتو، معلوم ٿيو تہ هتي ماهر طبيبن جو گهر آهي، انهن وٽ وڃڻ جو انهن هي بهانو ناهيو تہ جهنگ جي هڪڙي ڪانيءَ سان پنهنجي هڪڙي ساٿيءَ جي (ٿنگ جي) پنيءَ تي **رهڙ** ڏنائون جنهن سان ان مان رت وهڻ لڳو، پوءِ ان کي ڪٽي ان گهر جي دروازي تي پهچي ڪري آواز ڏنائون، "ڇا **نانڪ** جي ڏنگ جو هتي علاج ممڪن آهي؟" آواز ٻُڌي ڪري هڪ ننڍڙي ڇوڪري ٻاهر نڪري آئي، ان پنيءَ جي زخم کي غور سان ڏسي چيو، "هن کي نانگ ناهي ڏنگيو بلڪ جنهن شيءِ سان هن کي رهڙ آئي آهي ان تي ڪو **نر نانڪ** پيشاب

ڪري ويو هوندو، هاڻي هي شخص ڪونہ بچندو، جڏهن سج اڀرندو تہ هي مري ويندو!“ ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو سج اڀرندي ئي ان دم ڏئي ڇڏيو. (ملخص از حيات الحيوان الكبريٰ جلد اول ص 391)

ہر شے سے عیاں مرے صانع کی صَنعتیں
عالم سب آئینوں میں ہے آئینہ ساز کا (ذوق نعت)

يا ربِ مصطفيٰ! عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي هرهر بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي سعادت عطا فرماءِ، گناهن کان نجات عطا ڪري، اسان جي بخشش فرماءِ. **يااللہ** عَزَّوَجَلَّ! اسان کي مدينہء منوره ۾ زيرِ گنبذِ خضرا جلوہء محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ شهادت ۽ **جنّت البقيع** ۾ مدفن ۽ **جنّت الفردوس** ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرماءِ. پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي بخشش فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

همدرديءَ جو ثواب

فرمانِ مصطفيٰ: جيڪو شخص پنهنجي ڪنهن (مسلمان) ڀاءُ جي مصيبت ۾ تعزيت ڪندو (يعني تسلي ڏيندو) آهي، الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کي عزّت جو لباس پهرائيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

محمود غزنوي جي بارگاهِ رسالت ۾ مقبوليت

حضرت سلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه[1] جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته مان گهڻي عرصي کان الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيبِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو آرزو مند هيس قسمت سان گذريل رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت ملي. محبوبِ ڪريم رؤف رحيم، شاهِ غَيُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڏسي ڪري عرض ڪيم، يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آءٌ هڪ هزار درهمن جو مقروض آهيان، هن جي ادائيگيءَ کان عاجز آهيان ۽ ڊڄان ٿو ته جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويس ته قرض جو بار منهنجي مٿان هوندو. رحمتِ عالم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون، محمود سُبُڪتگين وٽ وڃو. اهو توهان جو قرض لاهي ڇڏيندو. مون عرض ڪيو،

---

[1] محمود غزنوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى ڏهين صدي عيسوي ۾ غزني جا تمام وڏا بهادر ۽ عاشقِ رسول بادشاهه گذريا آهن انهن جو نالو سلطان ناصرالدين ابن سُبُڪتگين هيو، انهن ڪافي جنگيون فتح ڪيون. ايتري تائين جو هندوستان تي 22 ڀيرا حملا ڪيا ۽ زبردست ڪاميابيون حاصل ڪيون.

اهي ڪيئن اعتماد ڪندا؟ جيڪڏهن انهن جي لاءِ ڪا نشاني عنايت فرمائي وجي ته وڏو احسان ٿيندو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون، وجي ڪري انکي چئو **اي محمود! توهين رات جي اوّل حصي ۾ ٽيهه هزار ڀيرا درود شريف پڙهندا آهيو ۽ وري سجاڳ ٿي ڪري رات جي آخري حصي ۾ وڏيڪ ٽيهه هزار ڀيرا پڙهندا آهيو اها نشاني ٻڌائڻ سان** (اِنشآءَ الله عَزَّوَجَلَّ) **هو توهان جو قرض لاهي ڇڏيندو.** سلطان محمود عليه رحمة الله الودود جڏهن شاهِ خير الانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رحمتن ڀريو پيغام ٻُڌو ته روئڻ لڳا ۽ تصديق ڪندي ان جو قرض لاهي ڇڏيائون ۽ هڪ هزار درهم وڏيڪ پيش ڪيائون. وزير وغيره متعجب ٿي ڪري عرض گذار ٿيا! عاليجاه! هن شخص هڪ ناممڪن ڳالهه ٻڌائي آهي ۽ توهان به ان جي تصديق فرمائي ڇڏي حالانڪه اسان توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهيون توهان ڪڏهن ايتري تعداد ۾ **درود شريف** پڙهيو ئي ناهي ۽ نه ئي ڪو ماڻهو سڄي رات ۾ ست هزار ڀيرا درود شريف پڙهي سگهي ٿو. سلطان محمود رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو توهان سچ ٿا چئو پر مان علماءِ ڪرام کان ٻُڌو آهي ته جيڪو شخص **ڏهه هزاري درود شريف** هڪ ڀيرو پڙهي وٺي ان جڻ ته ڏهه هزار ڀيرا درود شريف پڙهيا مان ٿي ڀيرا رات جي اول ۾ ۽ ٿي ڀيرا رات جي آخر ۾ **ڏهه هزاري درود شريف** پڙهي ڇڏيندو آهيان. اهڙيءَ طرح منهنجو

گمان هيو تہ مان هر رات ست هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو آهيان. جڏهن ان خوشنصيب عاشقِ رسول، شاهِ خير الانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رحمتن ڀريو پيغام پهچايو، مون کي ان **ڏهہ هزاري درود شريف** جي تصديق ٿي وئي، ۽ روئڻ ان خوشي مان هيو جو علماءِ ڪرام جو فرمان صحيح ثابت ٿيو تہ رسول غيب دان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن تي گواهي ڏني آهي. **(ملخص از: تفسير روح البيان ج 7 ص234 مكتبه عثمانيه ڪوئٽه)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڏهہ هزاري درود شريف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ مَّا اخْتَلَفَ الْمَلَوَانِ وَتَعَاقَبَ الْعَصْرَانِ وَكَرَّ الْجَدِيْدَانِ وَاسْتَقَلَّ الْفَرْقَدَانِ وَبَلِّغْ رُوْحَهٗ وَاَرْوَاحَ اَهْلِ بَيْتِهٖ مِنَّا التَّحِيَّةَ وَالسَّلَامَ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ كَثِيْرًا۔

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي سردار محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل جيستائين جو ڏينهن گردش ۾ رهن ۽ واري واري تي اچن صبح ۽ شام، واري واري تي اچن رات ڏينهن، ۽ جيسيتائين جو ٻہ ستارا بلند آهن. ۽ اسان جي طرف کان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ۽ اهلبيت (رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) جي ارواح کي سلام پهچاءِ ۽ برڪت ڏي ۽ انهن تي تمام گهڻا سلام موڪل.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

چاليهه روحاني علاج

درود شريف جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا شيخ احمد بن منصور عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفُوْر جڏهن وفات فرمائي تہ اهلِ شيراز مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ اهي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بينا آهن ۽ انهن ڪي بهترين حُلو (**يعني جنّتي لباس**) پهريل آهي ۽ مٿي تي موتين وارو تاج سجيل آهي. خواب ڏسڻ واري حال دريافت ڪيو تہ فرمايائون: الله تعاليٰ مون ڪي بخشيو، ڪرم فرمايو ۽ تاج پارائي جنّت ۾ داخل ڪيو. "ڪانئن پُڇيو ويو، ڪهڙي سبب ڪان؟ فرمايائون: "مان تاجدار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو هئس اهو ئي عمل ڪم اچي ويو. **الحمدلله رب العلمين**

(القول البديع ص 254)

هر ورد جي شروع ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو، فائدو ظاهر نہ ٿيڻ جي صورت ۾ شڪايت ڪرڻ بدران پنهنجي

ڪوتاهين جي نحوست تصور ڪيو ءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي مصلحت (يعني حڪمت) تي نظر رکو.

1 مدينه "هُوَ اللّٰهُ الرَّحِيْمُ": جيڪو هر نماز کان پوءِ ست ڀيرا پڙهي ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان جي شر کان محفوظ رهندو ءِ ان جو ايمان تي خاتمو ٿيندو.

2 مدينه "يَامَلِكُ": 90 ڀيرا جيڪو غريب ءِ مسڪين روزانو پڙهندو رهي ته ان شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ غُربت کان ڇوٽڪارو ماڻي مالدار ٿي ويندو.

3 مدينه "يَا قُدُّوْسُ": جيڪو ٻه سفر جي دوران ورد ڪندو رهي ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٽڪاوٽ کان محفوظ رهندو.

4 مدينه "يَا سَلَامُ": 111 ڀيرا پڙهي ڪري بيمار جي مٿان دم ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

5 مدينه "يَا مُهَيْمِنُ": 29 ڀيرا روزانو جيڪو ٻه غمگين پڙهي ونئي ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو غم دور ٿيندو.

6 مدينه "يَا مُهَيْمِنُ": 29 ڀيرا روزانو پڙهڻ وارو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هر آفت ءِ بلا کان محفوظ رهندو.

7 مدينه "يَا عَزِيْزُ": 41 پيرا حاڪم يا آفيسر وغيره وٽ (جائز مقصد لاءِ) وڃڻ ڪان اڳ پڙهي وٺو ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو حاڪم يا آفيسر مهربان ٿي ويندو.

8 مدينه "يَا مُتَكَبِّرُ": 21 پيرا روزانو پڙهي وٺو، پوائتا خواب ايندا هجن ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ نه ڏِجندؤ. (علاج جي مدت شفا حاصل ٿيڻ تائين)

9 مدينه "يَا مُتَكَبِّرُ": گهرواريءَ سان "ميلاپ" ڪان اڳ ۾ 10 پيرا پڙهڻ وارو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ پٽ جو پيءُ ٿيندو.

10 مدينه "يَا بَارِىءُ": ڏهه پيرا جيڪو به هر جمعي تي پڙهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پٽ عطا ٿيندو.

11 مدينه "يَا قَهَّارُ": 100 پيرا جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي ته پڙهو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مشڪل آسان ٿيندي.

12 مدينه "يَا وَهَّابُ": ست پيرا جيڪو روزانو پڙهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مُسْتَجابُ الدَّعوَات ٿيندو. (يعني هر دعا قبول ٿيندي)

13 مدينه "يَا فَتَّاحُ": جيڪو 70 پيرا روزانو فجر جي نماز

كان پوءِ ٻئي هٿ سيني تي رکي پڙهندو رهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل جو زنگ ۽ ميرِ ختم ٿيندو.

مدينہ 14 ''يَا فَتَّاحُ'': 7 ڀيرا، جيڪو روزانو (ڪنهن بہ وقت ڏينهن ۾هڪ ڀيرو) پڙهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل روشن ٿيندي.

مدينہ 15 ''يَا قَابِضُ، يَا بَاسِطُ'': 30 ڀيرا جيڪو هر روز پڙهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دشمن تي فتح حاصل ڪندو.

مدينہ 16 ''يَا رَافِعُ'': 20 ڀيرا روزانو جيڪو پڙهندو رهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مُراد پوري ٿيندي.

مدينہ 17 ''يَا بَصِيْرُ'': ست ڀيرا جيڪو روزانو ٽيپهريءَ جي وقت (يعني ٽيپهريءَ جو وقت شروع ٿيڻ کان سج لهڻ تائين ڪنهن بہ وقت) پڙهندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوچتي موت کان محفوظ رهندو.

مدينہ 18 ''يَا سَمِيْعُ'': 100 ڀيرا روزانو جيڪو پڙهي ۽ ان دوران گفتگو نہ ڪري ۽ پڙهي ڪري دعا گهري. اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهہ گهرندو، سو ماڻيندو.

19 مدينه "يَا حَكِيْمُ": 80 ڀيرا روزانو جيڪو پنجن ئي نمازن ڪان پوءِ پڙهندو رهي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جو محتاج نه ٿيندو.

20 مدينه "يَا جَلِيْلُ": 10 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مال، ملڪيت ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهي چوريءَ ڪان محفوظ رهندا.

21 مدينه "يَا شَهِيْدُ": 21 ڀيرا صبح جو (سج اڀرڻ ڪان پهرين پهرين) نافرمان ٻار (ڇوڪرو يا ڇوڪري) جي پيشانيءَ تي هٿ رکي آسمان جي طرف منهن ڪري جيڪو پڙهندو ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اها ڇوڪريءَ يا ڇوڪرو نيڪ بڻبو.

22 مدينه "يَا وَكِيْلُ": 7 ڀيرا جيڪو روزانو ٽيپهريءَ جي وقت پڙهي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آفتن ڪان پناهه ۾ رهندو.

23 مدينه "يَا حَمِيْدُ": 90 ڀيرا، جنهن جي خراب ڳالهائڻ جي عادت نه وڃي اهو پڙهي ڪري ڪنهن خالي پيالي يا گلاس ۾ دم ڪري، ضرورت آهر ان ۾ پاڻي پيئي اِنْ شَآءَ الله

عَزَّوَجَلَّ خراب ڳالهين جي عادت نڪري ويندي . (هڪ پيرو دم ڪيل گلاس سالن تائين استعمال ڪري سگهجي ٿو)

مدينه 24 ''يَا مُحْصِيُ'' : 1000 پيرا، جيڪو به هر جمعرات (يعني خميس ۽ جمعه جي وچين رات) پڙهندو رهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ قبر ۽ قيامت جي عذاب کان محفوظ رهندو.

مدينه 25 ''يَا مُحْيِيُ'' : 7 پيرا پڙهي ڪري پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏيو، گيس هجي يا پيٽ يا ڪنهن به جڳهه تي سور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع ٿيڻ جو خوف هجي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت شفاءَ حاصل ٿيڻ تائين آهي، روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ پيرو)

مدينه 26 ''يَا مُحْيِيُ، يَا مُمِيْتُ'' : 7 پيرا روزانو پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مٿان دم ڪندو رهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جادو اثر نه ڪندو.

مدينه 27 'يَا وَاجِدُ'' : جيڪو به ماني کائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو رهندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڏو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري ختم ٿيندي.

مدينه 28 ''يَا مَاجِدُ'' : 10 پيرا پڙهي ڪري شربت وغيره تي دم ڪري جيڪو پيئندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بيمار نه ٿيندو.

مدينه 29 ”يَا وَاحِدُ“: هڪ هزار هڪ پيرو جنهن کي اڪيلائپ ۾ خوف ٿيندو هجي سو اڪيلائيءَ ۾ پڙهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل مان خوف ختم ٿي ويندو.

مدينه 30 ”يَا قَادِرُ“: جيڪو وضوءَ جي دوران هر عضوي جي ڏوئڻ وقت پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دشمن ان کي اِغوا نه ڪري سگهندو.

مدينه 31 ”يَا قَادِرُ“: 41 پيرا آفت (مشڪل) اچي وڃي ته پڙهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آساني ٿيندي.

مدينه 32 ”يَا مُقْتَدِرُ“ : 20 پيرا جيڪو روزانو پڙهندو رهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ رحمتن جي ڇانو ۾ رهندو.

مدينه 33 ”يَا مُقْتَدِرُ“ : 20 پيرا جيڪو نند کان سجاڳ ٿيڻ تي پڙهندو ان جي هر ڪم ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل رهندي.

مدينه 34 ”يَا اَوَّلُ“ : 100 پيرا روزانو جيڪو پڙهندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي زال ان سان محبت ڪندي.

مدينه 35 ”يَا مَانِعُ، يَا مُعْطِيُ“: 20 پيرا گهرواري ناراض هجي ته

مڙس، جيڪڏهن مڙس ناراض هجي تہ گهرواري سمهڻ کان پهريان بستري تي ويهي پڙهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ صلح ٿي ويندو. (مدت: مُراد حاصل ٿيڻ تائين)

مدينہ 36 ''يَا ظَاهِرُ'': گهر جي پِٽ تي لکي ڇڏيو، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پِٽ سلامت رهندي.

مدينہ 37 ''يَا رَءُوْفُ'': 10 پيرا جيڪو ڪنهن مظلوم جي، ڪنهن ظالم کان جان ڇڏائڻ چاهي تہ پڙهي، پوءِ ان ظالم سان ڳالهائي، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ظالم ان جي سفارش قبول ڪندو.

مدينہ 38 ''يَا غَنِيُّ'': ڪرنگهي جي هڏي، گوڏن، جوڙن وغيره جسم ۾ ڪٽي بہ سور هجي تہ اُٽندي ويهندي پڙهندا رهو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سور ختم ٿي ويندو.

مدينہ 39 ''يَا مُغْنِيُ'' : هڪ پيرو پڙهي هٿن تي دم ڪري سور جي جڳهہ تي گهمائڻ سان اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سُڪون ملندو.

مدينہ 40 ''يَا نَافِعُ'': 20 پيرا، جيڪو ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پڙهي وٺي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو ڪم ان جي مرضيءَ جي مطابق پورو ٿيندو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

آدابِ طعام

شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏيارڻ هي باب مڪمل پڙهي وٺو، شايد توهان کي احساس ٿئي ته اڄ تائين مونکي "ڪائڻ" ئي نہ ايندو هو!

باڪمال فرشتو

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي "بيشڪ الله تعاليٰ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي جنهن کي تمام مخلوق جا آواز ٻُڌڻ جي طاقت عطا فرمائي اٿس، پوءِ قيامت تائين جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي تہ هو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي فلاڻي پٽ فلاڻي جي توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙهيوآهي." (مجمع الزوائدج 10ص 251 حديث 17291)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! درود شريف پڙهڻ وارو ڪيڏو پاڳ وارو آهي جو ان جو نالو پيءَ جي نالي سميت بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾

پيش ڪيو ويندو آهي، هتي هي نڪتو بہ انتهائي ايمان افروز آهي تہ قبر مبارڪ عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي حاضر فرشتي کي ٻُڌڻ جي قوت ايڏي تہ گهٽي ڏني وئي آهي جو هو دنيا جي ڪنڌ ڪڙڇ مان هڪ ئي وقت ۾ درود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جي انتهائي هلڪي آواز کي بہ ٻُڌي وٺندو آهي ۽ ان کي **علم غيب** بہ عطا ڪيو ويو آهي، جو هو درود پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا بلڪ انهن جي پيئرن جا نالا بہ ڄاڻي وٺندوآهي، جڏهن دربارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خادم جي سماعت (يعني ٻُڌڻ) جي قوت ۽ **علم غيب** جو اهو حال آهي تہ سرڪارِ والا تبار، مڪي مديني جي تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اختيارات ۽ علمِ غيب جو ڇا شان هوندو! پاڻ ڇو نہ پنهنجي غلامن کي سُڃاڻيندا ۽ ڇو نہ سندن جي فرياد ٻُڌي ڪري **باذن الله تعالٰى** امداد فرمائيندا.

میں قُرباں اِس ادائے دَسْتگیری پر مرے آقا
مدد کو آگئے جب بھی پُکارا یا رسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪاڏو ڪائڻ بہ عبادت آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪاڏو اللهعَزَّوَجَلَّ جي تمام پياري نعمت آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ قسمين قسمين لذت بہ رکي وئي آهي، سٺين سٺين نيّتن سان شريعت ۽ سنّت جي مطابق حلال ڪائڻ ثواب جو ڪم آهي، **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت **مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا.

”کاڏو بہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت آهي مومن جي لاءِ.“ وڌيڪ فرمائن ٿا، ڏسو **نڪاح** انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي، پر حضرتِ سيّدُنا **يحييٰ** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا **عيسىٰ** روح اللہ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام نڪاح ناهي ڪيو، پر **ڪاڏو** اها سنّت آهي جو حضرتِ سيّدُنا **آدم** صفي اللہ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان سيّدُنا **محمّد رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين سيني نبين ضرور ڪاڏو آهي. جيڪو شخص ”بُک هڙتال“ ڪري بُک جي ڪري جان ڏيندو اهو حرام موت مرندو. (تفسير نعيمي ج 8 ص51) سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، **”ڪائي ڪري شڪر ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن روزو رکي صبر ڪرڻ وارو.“**

(ترمذي ج 4 ص 219 حديث 2494)

حلال گرهه جي فضيلت

اسان جيڪڏهن اللہ عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت مطابق ڪاڏو ڪائون تہ ان ۾ اسان جي لاءِ برڪتون ئي برڪتون آهن. حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي **احياءُ العلوم** جي ٻئي جلد ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قول نقل ڪن ٿا تہ **مسلمان جڏهن حلال ڪاڏي جو پهريون گرهه ڪائيندو آهي تہ ان جا پهريان جا گناهه مُعاف ڪيا ويندا آهن** ۽ جيڪو شخص حلال (روزيءَ) جي طلب لاءِ ذلت جي جڳهه تي ويندو آهي ان جا گناهه وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن.

(احياءُ علوم الدين ج 2 ص 116)

ڪاڏي ڪائڻ جي نيت ڪيئن ڪجي؟

ڪائڻ وقت بُک لڳل هجڻ سنّت آهي، ڪائڻ وقت هيءَ نيّت ڪريو تہ اللہ ربّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪائي رهيو آهيان.

ڪاڏي مان فقط لذت حاصل ڪرڻ مقصد نہ هجي، حضرت **سيّدُنا ابراهيم بن شيبان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ”مون اسي سالن کان ڪابہ شيءِ رڳو نفس جي لذت جي غرض سان ناهي ڪاڏي. (احياءُ العلوم ج 2ص5) گهٽ ڪائڻ جي نيّت بہ ڪجي، جو عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت تڏهن ئي سچي ٿيندي ڇو تہ پيٽ ڀري ڪائڻ سان عبادت ۾ ويتر رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي! گهٽ ڪائڻ صحت جي لاءِ فائديمند آهي، اهڙي شخص کي ڊاڪٽر جي ضرورت گهٽ ئي پيش ايندي آهي.

ڪاڏو ڪيترو ڪائڻ گهرجي؟

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي،”ماڻهو پنهنجي پيٽ کان وڌيڪ خراب ٿانءُ ناهي ڀريندو، انسان جي لاءِ **ڪجهہ گرهہ** ڪافي آهن جيڪي سندس پُنيءَ کي سڌو رکن جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهي تہ ٽيون حصو ڪائڻ جي لاءِ، ٽيون حصو پاڻي جي لاءِ ۽ هڪ ٽيون حصو ساهہ جي لاءِ هجي.“

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 48 حديث 3349)

نيت جي اهميت

بخاري شريف جي سڀ کان پهرين حديث پاڪ آهي،”اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات“ يعني عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي. (صحيح بخاري ج1 ص 5 حديث 1) جيڪو عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي، ان ۾ ثواب ملندو آهي، رياءَ يعني جيڪڏهن ڏيکاءُ جي لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو ئي عمل گناهہ جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ بہ نِيَّت نہ هجي تہ نہ ثواب ٿيندو نہ گناهہ، جڏهن تہ اهو عمل حقيقت ۾ مُباح (يعني جائز) هجي. مثال طور ڪا حلال

شيءِ جيئن آئسڪريم يا مٺائي يا ماني ڪاڏي ۽ ان ۾ ڪجهه بہ نِيَّت نہ ڪئي تہ نہ ثواب ٿيندو نہ گناهہ. البت قيامت ۾ حساب جو معاملو درپيش ٿيندو، جيئن تہ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، حَلَالُهَا حِسَابٌ وَّ حَرَامُهَا عَذَابٌ يعني: ان جي حلال ۾ حساب آهي ۽ حرام ۾ عذاب.

(فردوس بما ثور الخطاب ج 5 ص 283 حديث 8192)

سرمو چوڏو؟

رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهوءَ کان ان جي هر هر ڪم، ايتري تائين جو اک جي سرمي جي باري ۾ بہ پُڇيو ويندو.“ (حلية الاولياء ج10 ص 31 حديث 14404) تنهنڪري عافيّت ان ۾ ئي آهي تہ پنهنجي هر مباح ڪم ۾ سنيون سنيون نيّتون شامل ڪيون وڃن. جيئن تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ”مان هر ڪم ۾ نيّت پسند ڪندو آهيان، ايتري تائين جو ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ ۽ بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ بہ. (احياءُ العلوم ج 4 ص 126) نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رَحْمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، ”**مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي**“. (طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، زبان سان چوڻ شرط ناهي، بلڪ زبان سان نِيَّت جا لفظ چيا پر دل ۾ نيّت موجود نہ هئي تہ نيّت ئي نہ چَوَرائبي ۽ ثواب نہ ملندو. **ڪاڏي جون 43 نيتون** خدمت ۾ حاضر آهن، انهن مان جيڪي حال موجب هجن ۽ ممڪن هجن اهي ڪري

چڏڻ گهرجن، هي به عرض ڪندو هلان ته اهي نيّتون مڪمل ناهن، نيّت جو علم رکڻ وارو ان جي ذريعي ٻيون ڪيتريون ئي نيّتون ڪري سگهي ٿو، جيتريون نيتون گهڻيون هونديون اوترو ئي ثواب به گهڻو ملندو. اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

ڪاڏي جون 43 نيتون

﴿1،2﴾ڪاڏي ڪان اڳ ۽ پوءِ وارو وضو ڪندس (يعني هٿ ۽ وات جو اڳيون حصو ڏوئندس ۽ گرڙيون ڪندس) ﴿3﴾ ڪاڏو ڪائي ڪري عبادت ﴿4﴾ تلاوت ﴿5﴾والدين جي خدمت ﴿6﴾ علمِ دين حاصل ڪرڻ ﴿7﴾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر﴿8﴾ علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت ﴿9﴾آخرت جي معاملن ۾ ۽ ﴿10﴾ ضرورت مطابق حلال روزي ڪمائڻ خاطر ڀڄ ڊڪ لاءِ قوت حاصل ڪندس. (اهي نيّتون انهيءَ صورت ۾ فائديمند ٿينديون جڏهن ٻُک ڪان گهٽ ڪاڏو وڃي، خوب پيٽ ڀري ڪائڻ سان ويتر عبادت ۾ سُستي پيدا ٿيندي آهي، گناهن ڏانهن رجحان وڌندو آهي ۽ پيٽ جون خرابيون پيدا ٿينديون آهن) ﴿11﴾ زمين تي ﴿12﴾ سنّت جي پيروي ۾ دستر خوان تي ﴿13﴾(چادر يا قميص جي دامن جي ذريعي) پردي ۾ پردو ڪري ﴿14﴾ سنّت جي مطابق ويهي ڪري ﴿15﴾ ڪائڻ ڪان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه ۽﴿16﴾ ٻيون دعائون پڙهي ڪري﴿17﴾ ٽن آڱرين سان﴿18﴾ ننڍا ننڍا گرهه ناهي ڪري﴿19﴾ چڱي طرح چباڙي ڪائيندس ﴿20﴾ هر گرهه تي يَاوَاحِدُ پڙهندس (يا گرهه جي ختم ٿيڻ تي اَلحَمدُلِلّٰه ۽ هر گرهه جي شروع ۾ يَاوَاحِدُ ۽ بِسْمِ اللّٰه) ﴿21﴾جيڪو داڻو وغيره ڪِري پيو اهو ڪٽي ڪري ڪائي ڇڏيندس

﴾22﴿ ماڻهو جو هر گرهه ياڄيءَ جي ٿانوَ جي مٿان ڪري ڀڄندس (تہ جيئن ماڻهوءَ جا ذرڙا ٿانوَ ۾ ئي ڪِرن) ﴾23﴿ هڏيون ۽ گرم مصالحو وغيره چڱي طرح صاف ڪرڻ ۽ چٽڻ ڪانپوءِ اڇلائيندس ﴾24﴿ ٻُک کان گهٽ کائيندس ﴾25﴿ آخر ۾ سنّت جي ادائيگيءَ جي نيّت سان ٿانوَ ۽ ﴾26﴿ٽي ڀيرا آڱريون چٽيندس ﴾27﴿ ڪاڏي جو ٿانءُ ڌوئي پيئي ڪري هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي ثواب جو حقدار بڻجندس ﴾28﴿ جيستائين دسترخوان نہ ڪنيو وڃي ان وقت تائين بنا ضرورت جي نہ اٿندس (جو هي بہ سنّت آهي) ﴾29﴿ ڪاڏي ڪانپوءِ مسنون دعائون اوّل ۽ آخر درود شريف سميت پڙهندس ﴾30﴿ خلال ڪندس. **(يعني ڏندن جي وٿين مان ڪاڏي جا ذرا ڪڍندس)**

ملي ڪري ڪائڻ جون وڏيڪ نيتون

﴾31﴿ دسترخوان تي جيڪڏهن ڪو عالم يا بزرگ موجود هوندو تہ انهن کان اڳ ۾ ڪاڏو شروع نہ ڪندس ﴾32﴿ مسلمانن جي ويجهڙائيءَ جون برڪتون حاصل ڪندس. ﴾33﴿ انهن جي خدمت ۾ ٻوٽي، ڪدو شريف، ڪرڙ ۽ پاڻي وغيره پيش ڪري انهن جي دل خوش ڪندس (ڪنهن جي پليٽ ۾ پنهنجي هٿ سان ڪٽي ڪري وجهڻ آداب جي خلاف آهي، جيڪا شيءِ اسان رکي، ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت ان کي ان جي خواهش نہ هجي) ﴾34﴿ انهن جي سامهون مُرڪي صدقي جو ثواب ڪمائيندس ﴾35﴿ ڪنهن کي مُرڪندو ڏسي ڪري ان جي مسنون دعا پڙهندس (مُرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا اَضْحَکَ اللّٰهُ سِنَّکَ يعني: الله عَزَّوَجَلَّ توکي سدائين ڪِلندو رکي) (صحيح بخاري ج4 ص403 حديث 3294)

﴿36﴾ کاڏي جون نيّتون ۽ ﴿37﴾ سنّتون ٻُڌائيندس ﴿38﴾ موقعو مليو تہ کائڻ کان اڳ ۽ ﴿39﴾ بعد جون دعائون پڙهائيندس. ﴿40﴾ کاڏي جو سنو حصو مثلاً ٻوٽيون وغيره حرص کان بچندي ٻين جي خاطر ايثار ڪندس (تاجدارِ **مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي، ”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي ضرورت هجي ٻئي کي ڏئي ڇڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“) **(اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779)** ﴿41﴾ انهن کي خلال ۽ ﴿42﴾ ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت وجهڻ جي لاءِ ربڙ بينڊ جو تحفو پيش ڪندس﴿43﴾ کاڏي جي هر گرهہ تي ٿي سگهيو تہ ان نيّت سان بلند آواز سان يَا وَاجِدُ چوندس جو ٻين کي بہ ياد اچي وڃي.

کاڏي جو وضو محتاجي دور ڪندو آهي

حضرت سيّدُنا **عبدالله** بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي، کاڏي کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ محتاجي کي دور ڪندو آهي ۽ اها مرسلين (عَلَيْهِمُ السَّلَام) جي سنّتن مان آهي **(المعجم الاوسط ج 5 ص 231 حديث 7166)**

کاڏي جو وضو گهر ۾ پلائي وڏائيندو آهي

حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”جيڪو هي پسند ڪري تہ الله تعالىٰ ان جي گهر ۾ خير (**يعني پلائي**) گهٽي ڪري تہ جڏهن کاڏو حاضر ڪيو وڃي (تہ) وضو ڪري ۽ جڏهن ڪنيو وڃي (تہ) ان وقت بہ وضو ڪري.“ **(ابن ماجه شريف ج 4 ص 9 حديث 3260)**

ڪاڏي جي وضوءَ جون نيڪيون

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”ڪاڏي کان اڳ **وضو** ڪرڻ **هڪ نيڪي** ۽ ڪاڏي کان پوءِ ڪرڻ **ٻه نيڪيون** آهن.“ **(جامع صغير ص 574 حديث 9682)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي کان اڳ ۽ پوءِ هٿ وغيره ڌوئڻ ۾ سُستي نه ڪرڻ گهرجي، خدا جو قسم ”هڪ نيڪيءَ“ جي اصل حقيقت قيامت جي ڏينهن ئي خبر پوندي، جڏهن ڪنهن جي رُڳو هڪ ئي نيڪي گهٽ هوندي اهو پنهنجي عزيزن کان رُڳو هڪ نيڪي جو سوال ڪندو پر ڏيڻ جي لاءِ ڪو تيار نه هوندو.

شيطان کان حفاظت

سرڪارِ مدينه، سلطانِ با قرينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي، ”ڪاڏي کان پهريان ۽ پوءِ وضو (يعني هٿ ۽ وات ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي ڪندو آهي ۽ شيطان کي دور ڪندو آهي.

(ڪنزالعمال ج 10 ص 106 حديث 40755)

بيمارين کان حفاظت جا نسخا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي جي وضوءَ مان مُراد نماز وارو وضو ناهي بلڪ ان ۾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ۽ وات جو اڳيون حصو ڌوئڻو ۽ گرڙي ڪرڻي هوندي آهي. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا ”توريت شريف ۾ ٻه پيرا هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جو حڪم هو ڪاڏي کان اڳ ۾ ۽ ڪاڏي ڪانپوءِ پر يهودين صرف بعد وارو باقي رکيو، پهرئين جو

ذڪر مٿائي ڇڏيو، ڪاڏي ڪان اڳ ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جي ترغيب ان لاءِ آهي تہ عمومًا ڪم ڪار جي ڪري هٿ ۽ ڏند ميرا ٿي ويندا آهن ۽ ڪائڻ ڪان بعد هٿ ۽ وات سٽيا ٿي ويندا آهن، تنهنڪري ٻنهي وقتن تي صفائي ڪئي وڃي. ڪاڏو ڪائي ڪري گرڙي ڪرڻ وارو شخص اِنشآءاللہ عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي موذي مرض پائيريا (PHYORRHEA) کان محفوظ رهندو، وضوءَ ۾ ڏندڻ جو عادي ڏندن ۽ معدي جي بيمارين کان بچيل رهندو آهي. **ڪاڏي ڪان فورًا بعد پيشاب ڪرڻ جي عادت وجهو ان سان گردن ۽ مثاني جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي، هي گهڻو مجرب (يعني آزمايل) آهي.“** (مرآة شرح مشڪوٰة ج6ص 32)

ڊرائيور جو پراسرار موت

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! يقينًا سنّت ۾ عظمت آهي، جتي سنّت تي عمل ڪرڻ ۾ ثواب ملندو آهي اتي ان جا دنياوي فائدا بہ هوندا آهن، ڪاڏي ڪان اڳ ۾ ٻئي هٿ ڪرايُن تائين ڌوئڻ سنّت آهي. وات جو اڳيون حصو ڌوئڻ ۽ گرڙي بہ ڪري ڇڏڻ گهرجي ڇوتہ هٿن سان مختلف ڪم ڪيا ويندا آهن ۽ اهي مختلف شين سان لڳندا رهندا آهن تنهن ڪري مٿانئن مر مٿي ۽ ڪيترن ئي قسمن جا جراثيم لڳي ويندا آهن. ڪاڏي کان پهريان هٿ ڌوئڻ سان انهن جي صفائي ٿي ويندي آهي ۽ ان سنّت جي برڪت سبب اسان ڪيترن ئي بيمارين کان بچي ويندا آهيون،ڪاڏي کان اڳ ۾ ڏوتل هٿ نہ اگهيا وڃن جو ٽوال وغيره جا جراثيم هٿن ۾ لڳي سگهن ٿا. ڇيو وڃي ٿو تہ هڪ ٽرڪ ڊرائيور هوٽل ۾ ماني ڪاڏي ۽ ڪائڻ کان فورًا پوءِ تڙپي تڙپي ڪري مري ويو،

ٻين ڪيترن ئي ماڻهن بہ ان هوٽل ۾ ماني ڪاڌي پر انهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو، تحقيق شروع ٿي تہ ڪنهن ٻُڌايو تہ ڊرائيور ڪاڌي ڪان اڳ ۾ هوٽل جي پرسان ترڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو هيو بعد ۾ هٿ ڌوئڻ بغير ان ماني ڪاڌي هئي. جنهن بعد ترڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو ويو تڏهن اهو انڪشاف ٿيو تہ ڦيٽي جي هينان هڪ زهريلو نانگ ڇِٽجي ويو هو جنهن جو زهر ٽائر تي ڦهلجي ويو ۽ اهو ڊرائيور جي هٿن تي لڳي ويو، **هٿ نہ ڌوئڻ جي سبب ڪاڌي سان گڏ اهو زهر پيٽ ۾ هليو ويو جيڪو ڊرائيور جي ٿُرت موت جو سبب بڻيو.**

اللہ کی رَحمت سے سُنّت میں شَرافت ہے
سرکار کی سنّت میں ہم سب کی حفاظت ہے

بازار ۾ ڪائڻ

حضرت سيّدُنا ابو امامہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ نبيّ ڪريم، رسولِ عظيم، رؤفُ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو،”بازار ۾ ڪائڻ بُرو آهي.“

(جامع صغير ص184حديث3073)

صدرالشريعه بدرالطريقه علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا،”رستي ۽ بازار ۾ ڪائڻ مڪروه آهي.“

(بهارِ شريعت حصو 16 ص19)

بازار جي ماني

حضرت سيِّدُنا امام برهان الدين ابراهيم زَرنُوجي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا، امامِ جليل حضرتِ سيّدُنا محمّد بن فضل رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه تعليم جي دوران ڪڏهن بہ بازار مان ڪاڌو نہ ڪاڌو، سندن والد صاحب هر جمعي تي پنهنجي ڳوٺ ڪان سندن لاءِ ڪاڌو آڻيندا هئا، هڪ ڀيري جڏهن هو ڪاڌو ڏيڻ آيا تہ

سندن ڪمري ۾ بازار جي ماني رکيل ڏسي سخت ناراض ٿيا ۽ پنهنجي پٽ سان ڳالهايائون به نہ، صاحبزادي معذرت ڪندي عرض ڪيو ته ”بابا سائين! هيءَ ماني بازار مان مون ناهي آندي منهنجو دوست منهنجي رضا مندي جي بغير وٺي آيو آهي. والد صاحب اهو ٻُڌي دڙڪا ڏيندي چيو ته جيڪڏهن تنهنجي اندر تقويٰ هجي ها ته تنهنجي دوست کي اها جرئت نہ ٿئي ها. (تعليم المتعلم طريق التعلم ص 67 با ب المدينه ڪراچي)

بازاري ڪاڏو بي برڪت هوندو آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ته اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن تقويٰ جو ڪيڏو خيال رکندا هئا ۽ پنهنجي اولاد جي ڪهڙي زبردست تربيت فرمائيندا هئا، جو هوٽل جون ۽ بازاري غذائون انهن کي کائڻ نہ ڏيندا هئا. حضرت امام زَرنوجي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ”جيڪڏهن ممڪن هجي ته غيرفائديمند ۽ بازاري ڪاڏي کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ڇو ته بازاري ڪاڏو انسان کي خيانت ۽ گندگي جي قريب ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان پري ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو سبب هي آهي ته بازار جي ڪاڏن تي غريبن ۽ فقيرن جون نظرون به پونديون رهنديون آهن ۽ اهي پنهنجي غربت جي سبب ان ڪاڏي کي خريد ڪري ناهن سگهندا ته مايوس ٿي ويندا آهن ۽ ائين ان ڪاڏي مان برڪت ختم ٿي ويندي آهي.“ (ايضًا ص 88)

هوٽل ۾ ڪائڻ ڪيئن آهي؟

بازارن ۾ ريڙهين ۽ اسٽالن وغيره تي قِسم قِسم جي ڇهرين غِذائن جا مزا وٺڻ وارا هن مان درسِ عبرت حاصل ڪن. جڏهن بازار ۾ ڪائڻ

بُرو آهي تہ فلمي گيتن جي آوازن ۾ هوٽل جي اندر وقت بي وقت ڪائڻ، چانهہ جون سُرڪيون پيرڻ ۽ ٺڏا مشروب پيئڻ ڪيڏو نہ بُرو هوندو! جيڪڏهن گانا نہ بہ وڄي رهيا هجن تڏهن بہ هوٽلن جو ماحول اڪثر غفلتن پريو هوندو آهي، ان ۾ وڃي ڪري ويهڻ شريفن ۽ باشرع ماڻهن جي شان وٽان ناهي، تنهنڪري جيڪڏهن ضرورت هجي تڏهن بہ خريد ڪري ڪنهن محفوظ جڳهہ تي ڪائڻ پيئڻ ۾ ئي پلائي آهي، ها جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي، پر جڏهن هوٽل ۾ فلمن ڊرامن يا گانن باجن جو سلسلو هجي تہ اتي نہ وڃي جو ڄاڻي واڻي موسيقيءَ جو آواز ٻُڌڻ گناهہ آهي جيئن تہ

موسيقيءَ جي آواز ڪان بچڻ واجب آهي

حضرتِ سيّدُنا علامہ شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”(جهمريون هڻندي) نچڻ،مذاق اڏائڻ، تاڙيون وڄائڻ، سِتار(يعني تنبوري) جون تارون وڄائڻ ،سُرندو، سَارنگي، رَباب (سارنگي جهڙو ساز) بانسري، قانون (هڪ قسم جو ساز)، جهانجهر (پازيب) ۽ توتارو وڄائڻ مڪروهہ تحريمي (يعني حرام جي قريب) آهي. ڇو تہ اهي سڀ ڪافرن جا طريقا آهن گڏوگڏ بانسري ۽ (موسيقي جي) ٻين سازن کي ٻُڌڻ بہ حرام آهي جيڪڏهن اوچتو ٻُڌي ورتائين تہ معذور آهي ۽ ان تي واجب آهي تہ نہ ٻُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪري. (ردالمحتار ج9 ص566)

ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشنصيب آهن اهي مسلمان جيڪي ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جو ڪلام، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعت ۽ سنّتن پريا

بيانات تہ بُڌندا آهن پر فلمي گانن ۽ موسيقي جي آواز اچڻ تي خوفِ خداوندي جي سبب نہ بُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪندي ڪنن ۾ آڱريون داخل ڪري اتان ڪان هڪدم پري هليا ويندا آهن، جيئن حضرت نافع رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مان ننڍپڻ ۾ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ مِزمار (**يعني باجا**) وڄائڻ جو آواز اچڻ لڳو حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا **پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون** ۽ رستي کان ٻئي طرف هٽي ويا ۽ پري وڃڻ ڪانپوءِ پُڇيائون،"نافع! آواز اچي رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو هاڻي نہ ٿو اچي تہ ڪنن مان آڱريون ڪڍيائون ۽ ارشاد فرمايائون" هڪ ڀيري مان سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙي طرح ڪيو هو جيئن مون ڪيو." (ابوداود ج4 ص 307 حديث 4924)

موسيقيءَ جو آواز ايندو هجي تہ هٿي وڃو

معلوم ٿيو تہ جيئن ئي موسيقيءَ جو آواز اچي تہ هڪدم ڪنن ۾ آڱريون وجهي اتان ڪان پري هٿي وڃجي ڇو تہ جيڪڏهن آڱريون تہ ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون پر اتي بيٺا يا ويٺا رهيؤ يا ٿورو پري هٿي ويؤ، تہ موسيقي جي آواز ڪان بچي نہ سگهندؤ ، آڱريون ڪنن ۾ پلي نہ وجهو پر ڪيئن بہ ڪري موسيقيءَ جي آواز ڪان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي، آهہ ! آهہ! آهہ! هاڻي تہ گاڏين، جهازن، گهرن، دڪانن، گهٽين ۽ بازارن ۾ جنهن طرف بہ هليا وڃو موسيقي جون ڌنون ۽ گانن جا آواز ٻُڌڻ ۾ ايندا

آهن ۽ جيڪو عاشقِ رسول ڪنن ۾ آگريون وجهي ڪري پري هٽي ويندو آهي، ان جو مذاق اڏايو ويندو آهي.

وہ دور آیا کہ دیوانہ نبی کیلئے
ہر ایک ہاتھ میں پتّھر دکھائی دیتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستگي سان اهڙيون تہ حيرت انگيز تبديليون ايندون آهن جو ڪيترائي ڀيرا اسلامي ڀائرن کي چوندي ٻڌو ويو آهي تہ ڪاش! اسان کي گهٽواڳ ۾ دعوتِ اسلامي جو **مدني ماحول** ملي ويو هجي ها! دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** جي برڪتن سان مالامال هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ

گهر درس جي برڪت جي حڪايت

آگولا (مهارا شٽر هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهہ هن طرح جو بيان ڏنو تہ بدمذهبن سان تعلقات جي سبب اسان جو گهراڻو بدعمليءَ سان گڏ بدعقيدگيءَ ڏانهن وڌي رهيو هو. هڪ ڏينهن اسان سيئي گهر وارا ملي ڪري تي وي ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين تہ منهنجو سترنهن سالہ نندو ڀاءُ جيڪو **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ لڳو هو، هو تي وي جي طرف پٺي ڪري هلندي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي ڪا شيءِ الماڙيءَ مان ڪڍي انهيءَ انداز ۾ واپس موٽيو ان جي اها عجيب ۽ غريب حرڪت ڏسي ڪري مون ڪاوڙ ۾ چيو ڇا تنهنجو دماغ خراب ٿي

ويو آهي جو اڄ ٻاراڻي حرڪت ڪري رهيو آهين هو بنا جوابي ڪارروائي ڪرڻ جي بي ڪمري ۾ هليو ويو والده صاحبه وضاحت ڪئي ته ان مون کي ٻُڌايو هو ته مون قسم کنيو آهي ته آئنده ٽي وي ڏانهن ڏسندس به نہ! مون ڪاوڙجي ننڍي ڀاءَ سان ڳالهه ٻولهه بند ڪري ڇڏي، ان گهر ۾ سيني کي گڏ ڪري **فيضانِ سنت** جو درس جاري ڪيو مان ان ۾ نہ ويهندو هئس، هڪ ڏينهن مان ويجهو ٿي ڪري ويهي رهيس ته ٻُڌان ته سهي هي درس ۾ ڇا ٿو ٻُڌائي، ٻُڌم ته ڏاڍو سنو لڳو، تنهنڪري مان روزانو **گهر درس** ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي منهنجي دل جي ڪاراڻ دور ٿيڻ لڳي، ايتري تائين جو دعوتِ اسلامي جي **هفتيوار سنّتن پرئي اجتماع** ۾ حاضري ڏيڻ لڳس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، بدمذهبن جي صحبت مان جان ڇڏايم ۽ چهري تي ڏاڙهي سجايم گڏوگڏ بدعقيده مقرّر جون گمراهه ڪندڙ ڪيسيٽون جيڪي شوق سان ٻُڌندو هئس، هاڻي ان جي جڳهه تي **مكتبة المدينه** جي طرفان جاري ٿيڻ وارن سنّتن پرئي بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ لڳس. اسان جي چئني ڪمرن ۾ ٽي وي (T.V) سيٽ رکيل هئا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گڏيل مشوري سان چار ئي ٽي وي سيٽ گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيا آهن.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر اور اچھوں کے پاس آ کے پامَدَنی ماحول
تمہیں لطف آ جائیگا زندگی کا قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ايمان جي حفاظت جو ذريعو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **گهر درس** ۾ گهر وارن جي ايمان جي تحفظ ۽ عملن جي اصلاح جا اسباب موجود آهن،اهڙي طرح اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اخلاقي تربيت جي لاءِ **فكرِ مدينه** جي ذريعي روزانو **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀرڻ جي به ترڪيب آهي ۽ ان ڪارڊ ۾ درج ٿيل يارهين مدني انعام مطابق هر هڪ کي روزانو **فيضانِ سنت** مان **بـه درس** ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي ترغيب به موجود آهي، انهن ٻنهي درسن ۾ هڪ" گهر درس" به آهي. توهان سيني جي خدمت ۾ گهر درس جاري ڪرڻ جي **مدني التجا** آهي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی
سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی

قبر جي روشني

درس ۾ بيان جي ثواب جي به چا ڳالهه ڪجي! حضرت علامه **مولانا جلال الدين سيوطي الشّافِعي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى "شرح الصّدور" ۾ نقل ڪن ٿا ته " الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي موڪلي، **"پلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، مان پلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي ڪنهن به قسم جي وحشت نه ٿئي."** (حلية الاوليا ج 6 ص 5 حديث 7622)

قبرون جڳ مڳ ڪري رهيون هونديون

هن روايت مان نيڪيءَ جي ڳالهه سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو، سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا

درس ڏيڻ ۽ ٻُڌڻ وارن جا ياڳ ئي ڀلا ٿي ويندا، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندر ڪان جڳ مڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نه ٿيندو، **انفرادي ڪوشش** ڪندي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن، **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ **فڪرِ مدينه** ڪري **مدني انعامات** جو ڪارڊ روزانو ڀرڻ جي ترغيب ڏيارڻ وارن ۽ سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۽ پڻ مبلغين جي نيڪي جي دعوت کي ٻُڌڻ وارن جون قبرون به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضورِ مُفِيْضُ النُّور وصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورُ علىٰ نور ٿيندون.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہو گی جب طلعت رسولُ اللہ کی

گهر وارن جي اصلاح ضروري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جي اصلاح اسان تي ضروري آهي جيئن ته سيپاري 28 سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ جي آيت نمبر 6 ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي،

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

ترجمو ڪنزالايمان: "اي ايمان وارو! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهر وارن کي باهه ڪان بچايو جنهن جا ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن."

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ "گهر درس" جي ذريعي به هن آيتِ ڪريمه ۾ ڏنل حڪم تي عمل ممڪن ٿي ويندو، گڏو گڏ هن ضمن ۾ مڪتبة المدينه ڪان جاري ڪيل سنّتن ڀريا رسالا پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سنّتن

پرئي بيانات ۽ مدني مذاڪري جون ڪيسيٽون گهر ۾ هلائڻ بہ مفيد آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن پرئي رسالن ۽ ڪيسيٽن جي ذريعي بہ ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح جا واقعا ملن ٿا جيئن تہ

مڪتبة المدينہ جي رسالي جي بهار

ضلعي بهاولپور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسڪول ۾ بُري ماحول جي سبب فلمن جو جُنون جي حد تائين شوقين ٿي ويو هئس، صرف فلمون ڏسڻ لاءِ ٻين شهرن مثال طور: لاهور، اوڪاڙه، وغيره ايتري تائين جو ڪراچي تائين پهچي ويندو هئس. فلمن جي (Sex Appeal) مناظر جي نُحُوست جي سبب مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ بي پرده ڇوڪرين جو ڪاليج تائين پيچو ڪرڻ ۽ روزانو ڏاڙهي ڪوڙائڻ منهنجي عادت هئي، نُحُوست مٿان نُحُوست هي تہ مون تي ٽيٽر ۾ ۽ سرڪس ۽ موت جي ڪوهہ جي اندر ڪم ڪرڻ جو ڀوت سوار ٿي ويو، گهر وارا انتهائي پريشان هئا، هڪ ڏينهن والد صاحب **دعوتِ اسلامي** جي ذميدارن سان ڳالهہ ڪري علائقي جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر تي موڪلي ڇڏيو، آخري ڏينهن اميرِ قافلہ مون کي **”ڪالے ڇوڪرو“** (مطبوعہ مکتبة المدينہ) نالي رسالو پڙهڻ جي لاءِ ڏنو، مان پڙهيو تہ ڊڄي ويس، هڪدم گناهن کان توبهہ ڪيم ۽ ڇهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪيم. واپسي تي دعوتِ اسلامي جي ٽيڻ واري هفتيوار **سنّتن پرئي اجتماع** ۾ شرڪت ڪيم ۽ مڪتبة المدينہ جي طرف کان جاري ٿيڻ واري بيان جي ڪيسيٽ جنهن جو

نالو " ڏسل جائے گی يہ جوانی " هيو. خريد ڪيم ۽ جڏهن گهر اچي ڪري بيان ٻُڌم تہ ان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان پابنديءَ سان نمازون پڙهڻ لڳس ۽ دعوتِ اسلاميءَ جو مدني ڪم شروع ڪيم، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن وقت (هي بيان ڏيڻ وقت) مان پنهنجي شهر ۾ **مدني قافلہ ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ملي ڪري ڪائڻ ۾ برڪت آهي

خليفهءِ ثاني امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينهءِ منوّره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي تہ " گڏجي ڪائو الڳ الڳ نہ ڪائو جو برڪت جماعت سان گڏ آهي."

(سنن ابن ماجه شريف ج 4 ص 21 حديث 3287)

ڍؤ ڪرڻ جو نسخو

حضرت سيّدُنا وحشي بن حرب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي ڏاڏي سائين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا تہ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو، " **يارسول الله!** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڪاڏو تہ ڪائيندا آهيون پر **ڍؤ** ناهي ٿيندو؟ " سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، "توهان الڳ الڳ ڪائيندا هوندؤ؟" عرض ڪيائون "جي ها". فرمايائون، گڏجي ويهي ڪاڏو ڪائيندا ڪريو ۽ بِسْمِ الله پڙهي ڇڏيندا ڪريو توهان جي لاءِ ڪاڏي ۾ برڪت ڏني ويندي.

(ابوداود شريف ج3 ص 486 حديث 3764)

ملي ڪري ڪائڻ جي فضيلت

هڪ ئي دسترخوان تي ملي ڪري ڪائڻ وارن کي مبارڪ هجي جو حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ کي هيءَ ڳالهه سڀ کان وڌيڪ پسند آهي ته هو مؤمن ٻانهي کي ٻارن ٻچن سان گڏ دستر خوان تي ويهي ڪري ڪائيندو ڏسي، ڇو ته جڏهن سڀ دستر خوان تي جمع ٿي ويندا آهن ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي رحمت جي نگاهه سان ڏسندو آهي ۽ جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ انهن سڀني کي **بخشي** ڇڏيندو آهي. (تنبيه الغافلين ص343)

ملي ڪري ڪائڻ ۾ معدي جو علاج

پيٿالوجي جي هڪ پروفيسر انڪشاف ڪيو آهي جڏهن ڪاڏو ملي ڪري ڪاڏو ويندو آهي ته سڀ ڪائڻ وارن جا جراثيم ڪاڏي ۾ ملي ويندا آهن ۽ اهي ٻين بيمارين جي جراثيمن کي ماري ڇڏيندا آهن گڏو گڏ ڪڏهن ڪڏهن ڪاڏي ۾ **شفا** جا جراثيم شامل ٿي ويندا آهن جيڪي **معدي بيمارين** کي دور ڪرڻ لاءِ فائديمند هوندا آهن.

هڪ جو ڪاڏو ٻن لاءِ ڪافي آهي

حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون نبيّ ڪريم، رؤفُ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالسَّلٰم کي فرمائيندي ٻُڌو، "هڪ جو ڪاڏو ٻن لاءِ ڪافي آهي ۽ ٻن جو ڪاڏو چئن لاءِ ۽ چئن جو ڪاڏو اٺن لاءِ ڪفايت ڪندو آهي."
(صحيح مسلم ص 1140 حديث 2059)

مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ڪفايت نشان آهي ته "ٻن جو ڪاڏو ٽن لاءِ ۽ ٽن جو ڪاڏو چئن لاءِ ڪافي آهي." (بخاري ج 6 ص 346 حديث 5392)

قناعت جي تعليم

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان هن حديثِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن ڪاڏو ٿورو هجي ۽ ڪائڻ وارا گهڻا تہ انهن کي گهرجي تہ بن ماڻهن جي ڪاڏي تي ٽي ماڻهو ۽ ٽن جي ڪاڏي تي چار ماڻهو گذارو ڪن جيتوڻيڪ پيٽ تہ نہ پربو پر ايترو ڪائڻ سان ڪمزوري بہ نہ ٿيندي، عبادتون چڱيءَ طرح ادا ٿي سگهنديون، هن فرمان عاليشان ۾ قناعت ۽ مُرُوَّت جي اعليٰ تعليم آهي.“ (مرآة ج 6 ص 16)

پگهار گهٽ ڪرائي ڇڏي

خليفةُ الرَّسول حضرت سيّدُنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خلافت جي دؤر جو واقعو آهي، هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهرواريءَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي حلوو کائڻ جي خواهش ٿي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ”ارشاد فرمايائون اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو اسان حلوو خريد ڪري سگهون.“ عرض ڪيائين ”مان پنهنجي گهريلو خرچ مان ڪجهہ ڏينهن ۾ ٿورا ٿورا پيسا بچائي ڪري ڪجهہ رقم جمع ڪري وٺنديس انهيءَ مان حلوو خريد ڪنداسين، فرمايائون ” ائين ئي ڪجو.“ جيئن تہ سندن گهرواري محترمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا رقم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ ڏينهن ۾ ٿورڙي رقم گڏ ٿي وئي. جڏهن انهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ٻُڌايو تہ جيئن پاڻ حلوو خريد ڪن تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها رقم ورتي ۽ بيت المال ۾ موٽائي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ هي اسان جي خرچ کان وڌيڪ آهي. تنهن کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ آئنده جي لاءِ بيت المال مان ملڻ واري پگهار مان اوتري رقم گهٽ ڪرائي ڇڏيائون! (الكامل في التاريخ ج 2 ص 271)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کي ٻڌي ڪري ساراهه ۽ واکاڻ جو نعرو بلند ڪري دل کي خوش ڪري وٺڻ بدران اسان کي به تقويٰ ۽ قناعت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي، بالخصوص حڪمرانن، سرڪاري آفيسرن، مسجدن جي پيش امامن، ديني مدرسن جي استادن ۽ مختلف اسلامي شعبن سان لاڳاپيل اسلامي ڀائرن لاءِ هن حڪايت ۾ قناعت ۽ خود داري اختيار ڪرڻ، حرص ۽ لالچ کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پنهنجي آخرت کي بهتر بڻائڻ لاءِ خوب خوب عبرت جو سامان آهي، ڪاش! اسان سڀ صرف نفس جي خواهش تي پڳهار جي گهاٽي واڌي يعني”هن جي پڳهار تہ ايڏي گهٽي ۽ منهنجي ايتري ٿوري“ چئي ڪري ان طرح جي معاملن ۾ الجهڻ بدران ٿوري آمدني تي قناعت ڪندي نيڪين ۾ ڪثرت جا تمنائي بڻجي وڃون. **سيدُنا صديق اڪبر** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي پرهيزگاري ۽ دنياوي دولت کان بي رغبتي جي متعلق هڪ بي حڪايت ٻڌو جيئن تہ

وقف جي شين جي باري ۾ احتياط

امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، امامِ الهمام حضرت سيّدُنا امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”خليفة الرسول حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي وفات جي وقت اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ **سيّدتنا عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي فرمايو. ڏسو! هي ڏاچي جنهن جو اسين ڪير پيئندا آهيون ۽ هي وڏو پيالو جنهن ۾ ڪائيندا پيئندا آهيون ۽ هي چادر جيڪا مون ويڙهي آهي اهي سڀ بيت المال مان ورتا ويا آهن. اسان انهن مان ان وقت تائين فائدو حاصل

ڪري سگهون پيا جيستائين مان مسلمانن جي خلافت جا معاملا سنڀاليندو هئس، جڏهن مان وفات ڪري وڃان تہ اهو سڀ سامان حضرتِ سيّدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڏئي ڇڏجو. تنهن کانپوءِ جڏهن حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو انتقال ٿي ويو تہ اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيّدتنا عَائِشَه صِديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا اهي سڀ شيون وصيّت مطابق واپس ڪري ڇڏيون. حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (شيون واپس ملڻ تي) فرمايو، الله تعالىٰ مٿانئن رحم فرمائي جو انهن پاڻ کان پوءِ اچڻ وارن کي ٿڪائي ڇڏيو آهي. (تاريخ الخلفاء ص 60)

ڪائڻ واري جي مغفرت جي هڪ صورت

جيڪو بہ شان وارو ڪم شروع ڪيو وڃي ان کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه شريف ضرور پڙهڻ گهرجي جو سنّت آهي، اهڙي طرح ڪائڻ يا پيئڻ کان اڳ ۾ بہ بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ سنّت آهي ۽ ان جون تمام گهڻيون برڪتون آهن، جيئن تہ حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”ماڻهوءَ جي آڏو ڪاڏو رکيو ويندو آهي ۽ ڪڻڻ کان پهريان ئي ان جي مغفرت ٿي ويندي آهي، ان جي صورت هيءَ آهي تہ جڏهن رکيو وڃي (تہ) بِسْمِ اللّٰه پڙهي ۽ جڏهن کنيو وڃي (تہ) الحمدلله چوي.“

(الجامع الصغير ص 122 حديث 1974)

ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ سنت ناهي

صحيح بخاري ۾ حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيّ آخِرُالزَّمان، رَحْمتِ عالميان، ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ميز تي ماني ڪاڏي نہ ئي ننڍين ننڍين پيالين ۾

ڪاڏائون ۽ نہ ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سنهيون چپاتيون(يعني مانيون) پچايون ويو، حضرت سيّدُنا قتاده رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان جڏهن پُڇيو ويو، تہ اهي حضرات ڪهڙي شيءِ تي ڪائيندا هئا؟ فرمايائون، دسترخوان تي. (صحيح بخاري ج 3 ص 532 حديث 5415)

صدرالشريعه فرمائن ٿا

مٿا مٿا اسلامي پائرو! ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ جيتوڻيڪ گناهہ ناهي پر سنّت بہ ناهي، صدرالشريعه بدرالطريقه حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي بهارِ شريعت جي حصي سورهين ۾ فرمائن ٿا تہ ”خوان، ٽِپائي (ننڍي ميز) وانگر مٿانهين شيءِ هوندي آهي جنهن تي امير ماڻهن وٽ ڪاڏو رکيو ويندو آهي تہ جيئن ڪائڻ وقت جهڪڻو نہ پوي ان تي ڪاڏو ڪائڻ تڪبّر وارن جو طريقو هيو، جهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو هن زماني ۾ ميز يعني (ٽيبل) تي ڪائيندا آهن، ننڍين ننڍين پيالين ۾ ڪائڻ امير ماڻهن جو طريقو آهي، انهن وٽ مختلف قسمن جا ڪاڏا ننڍن ننڍن ٿانوَن ۾ رکيا ويندا آهن.

(بهارِ شريعت حصو 16 ص12)

ڪهڙو دسترخوان سنت آهي؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا،”سنّت هي آهي تہ ڪاڏي جي اڳيان ٿورو جهڪي ڪري ويهجي. **دستر خوان ڪپڙي جو، چمڙي جو ۽ ڪجيءَ جي پنن جو هوندو هو**، انهن ٽن قسمن جي دسترخوانن تي ڪاڏو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِہٖوَسَلَّم کاڏو آهي، دستر خوان بہ هيٺ زمين تي وڇائبو هو ۽ پاڻ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ زمين تي تشريف فرما ٿيندا هئا. (مراٰة ج 6 ص 13)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جيتوڻيڪ گناهه ناهي پر زمين تي دسترخوان وڇائي ڪري کائڻ سنّت آهي ۽ سنّت ۾ ئي عظمت آهي، افسوس! اڄڪلهه اها سنّت مسلمانن ڪافي حد تائين ڇڏي ڏني آهي مذهبي گهراڻن ۾ بہ هاڻي ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جو رواج پئجي ويو آهي، شادين ۾ بہ **ٽيبل ڪرسي** بلڪہ هاڻي تہ ڪرسي بہ هٽائي وئي آهي ماڻهو ٽيبل جي چوڌاري ڦري ڦري ڪاڏو کائيندا آهن. آهہ! سنّتن پريو دؤر وري ڪڏهن ايندو!

سنّتيں عام کريں دين کا هم کام کريں
نيک هو جائيں مسلمان مدينے والے

هر گرهہ تي ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ دينا

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، "الله عَزَّوَجَلَّ ان بانهي کان راضي ٿيندو آهي جو جڏهن گرهہ کائيندو آهي تہ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي واکاڻ ڪندو آهي ۽ پاڻي پيئندو آهي تہ ان تي بہ ان جي واکاڻ ڪندو آهي.

(صحيح مسلم ص 1463 الحديث 2734)

هر گرهہ تي پڙهڻ جو طريقو دينا

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جو ڪيڏو آسان نسخو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان وڌيڪ ڪا سعادت ئي ناهي. جنهن کان هو راضي ٿيندو، ان کي پنهنجو ديدار بخشيندو، انهيءَ کي جنّت الفردوس ۾ داخل فرمائيندو، هر گرهہ کائڻ ۽ هر هڪ

ڏڪ پيئڻ تي اللهعَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ ۽ گرهه کائي چڪڻ ۽ ڏڪ پي چڪڻ کانپوءِ اَلحمدُلِلّٰه چوڻ جي عادت بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيئن کائڻ پيئڻ جو وقت بہ غفلت ۾ نہ گذري، تي سگهي تہ هر ٻن گرهن جي وچ ۾ اَلحمدُلِلّٰه ، يا واجِدُ ۽ بِسْمِاللّٰه چوڻ جي عادت بڻايو جو ائين هر گرهه جي شروعات ۾ بِسْمِاللّٰه ۽ يا واجِدُ جي ذڪر سان ۽ هر گرهه جي پُڄاڻي حمد تي ٿيندي. اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ نيڪين جا انبار ۽ ثواب جا انوار ئي انوار ٿيندا. مڪتبة المدينه جي ڇپيل پاڪيٽ سائيز رسالي **40 روحاني علاج**[1] جي ص11 تي آهي يا واجِدُ جيڪو ڪاڏو ڪائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڏو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ مرض دور ٿيندو.

کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
عطا کر دے اپنی رِضا یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي ترڪيب بڻائيندا رهو، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ عملي طور تي ڪاڏي جي سنّتن ڀري تربيت ٿيندي رهندي ۽ اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن تہ اهڙو ڪاڏو ملي ويندو جو توهان جا ڀاڳ کُلي ويندا، جيئن تہ اسلامي ڀائرن سان پيش اچڻ وارو **مدني واقعو** پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

---

[1] هي 16 صفحن جو رحمتن ۽ برڪتن ڀريو رسالو مڪتبة المدينه جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

داتا صاحب جي طرفان مدني قافلي جي خير خواهي

اسان جو مدني قافلو مرڪز الاولياء لاهور داتا دربار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مسجد جي اندر ٿن ڏينهن لاءِ ترسيل هو. اسان مدني قافلي جي جَدوَل جي مطابق سنّتن جي تربيت حاصل ڪري رهيا هئاسين. حلقي جي دوران هڪ شخص آيو. ان **عاشقانِ رسول** سان تمام گهڻي محبت سان ملاقات ڪئي، پوءِ چوڻ لڳو، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ **حضور داتا گنج بخش علي هجويري** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون گناهگار جي خواب ۾ آيا ۽ ڪجهه هن طرح فرمايائون، **"دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول ٿن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن تنهنڪري توهان انهن جي ڪاڏي جو انتظام ڪريو."** تنهنڪري مان مدني قافلي وارن جي خيرخواهيءَ جي لاءِ ڪاڏو آندو آهي، توهان قبول فرمايو.

کیا غرض در در پھروں میں بھیک لینے کیلئے ہے سلامت آستانہ آپکا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن ہو مری امید کا گلشن ہرا داتا پیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

صاحبِ مزار! مدد فرمائي

سُبحٰن اللهِ عَزَّوَجَلَّ! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی مزارن ۾ رهندي به پنهنجي مهمانن جو آڏرياءُ فرمائيندا آهن جيئن ته **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِی ڪجهه هن طرح نقل ڪن ٿا ته، "مڪهءِ مڪرمه جي هڪ شافعي مُجاور (يعني بهاريدار) جو چوڻ آهي، مصر ۾ هڪ غريب

شخص جي گهر ٻار ڄائو ان هڪ سماجي ڪارڪن سان رابطو ڪيو، اهو نئين ڄاول ٻار جي پيءُ کي وٺي ڪيترن ئي ماڻهن سان مليو پر ڪنهن مالي امداد نہ ڪئي، آخرڪار هڪ مزار تي حاضري ڏنائين، ان سماجي ڪارڪن ڪجهہ هن طرح فرياد ڪئي، ”ياسيّدي! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي، توهان پنهنجي ظاهري زندگيءَ ۾ تمام گهڻو ڏيندا هئا، اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کان نئين ڄاول ٻار لاءِ گهريوسين پر ڪنهن بہ ڪجهہ نہ ڏنو.“ اهو چوڻ ڪانپوءِ ان سماجي ڪارڪن ذاتي طور تي اڌ دينار نئين ڄاول ٻار جي پيءَ کي اوڏر تي ڏيندي چيو،”جڏهن بہ توهان وٽ پيسن جي ترڪيب بڻجي وڃي تہ مونکي موٽائي ڏجو“. ٻئي پنهنجي پنهنجي رستي سان هليا ويا. سماجي ڪارڪن کي رات خواب ۾ **صاحبِ مزار جو ديدار** ٿيو، فرمايائون توهان مونکي جيڪو چيو اهو مون ٻُڌي ورتو هو پر ان وقت جواب ڏيڻ جي اجازت نہ هئي، منهنجي گهروارن کي وڃي چئو تہ اهي سِگري (لوهي چلهہ) جي هيٺان واري جڳهہ کوٽين، هڪ گلي نڪرندي ان ۾ 500 دينار هوندا، اها سڄي رقم ان نئين ڄاول ٻار جي پيءَ کي پيش ڪري ڇڏيو.“ پوءِ هو **صاحبِ مزار** جي گهروارن وٽ پهتو ۽ سڄو واقعو ٻُڌايائين. گهر وارن نشاندهي جي مطابق جڳهہ کوٽي ۽ 500 دينار ڪڍي ڪري حاضر ڪيائون، سماجي ڪارڪن چيو اهي سڀ توهان جا ئي آهن، منهنجي خواب جو ڪهڙو اعتبار! انهن چيو،”**جڏهن اسان جا بزرگ دنيا مان پردو فرمائڻ کان پوءِ بہ سخاوت ڪن ٿا تہ اسان ڇو پوئتي هٽون!**“ پوءِ انهن اصرار

ڪندي اهي دينار ان سماجي ڪارڪن ڪي ڏنا ۽ ان وڃي ڪري ان نئين ڄاول ٻار جي پيءُ ڪي پيش ڪري ڇڏيا ۽ سڄو واقعو ٻُڌايائين، ان غريب شخص **اڌ دينار** مان قرض لاٿو ۽ **اڌ دينار** پاڻ وٽ رکندي چيائين"مون لاءِ اهو ئي ڪافي آهي". باقي سڀ ان سماجي ڪارڪن کي ڏيندي چيائين باقي سيئي دينار غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو. راوي جو بيان آهي، مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته انهن سڀني مان ڪير وڏيڪ سخي آهي! (احياءُ علوم الدين ج 3 ص309)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

خالی کبھی پھیرا ہی نہیں اپنے گدا کو — اے سائلو مانگو تو ذرا ہم ہاتھ بڑھا کر
خود اپنے بھکاری کی بھرا کرتے ہیں جھولی — خود کہتے ہیں یارب! مرے منگتا کا بھلا کر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اولياءِ ڪرام وفات ڪانپوءِ به نفعو پهچائيندا آهن

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! پهريان جا ماڻهو بزرگن جي باري ۾ ڪيتري قدر سنو عقيدو رکندا هئا ۽ ضرورت جي وقت انهن کان پنهنجون حاجتون طلب ڪندا هئا. انهن جو هي ذهن بٽيل هوندو هو ته الله وارا الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان مدد ڪندا آهن، بهرحال اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان پنهنجي مزارن ۾ حيات هوندا آهن. ايندڙ ويندڙن جي ڳالهه ٻُڌندا آهن، هدايت ۽ مدد ڪندا آهن ۽ پنهنجي گهرن جي معاملن جي به خبر رکندا آهن تڏهن ئي ته صاحبِ مزار بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب ۾ وڃي ڪري ان سماجي ڪارڪن جي رهنمائي فرمائي ۽ ان نئين

جاول ٻار جي غريب پيءُ جي دستگيري ۽ مالي امداد ڪئي. **حضرت** علامہ ابن عابدين شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ربِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ مختلف درجا رکندا آهن ۽ زائرين کي پنهنجي مُعارف ۽ اسرار جي لحاظ کان نفعو پهچائيندا آهن.

(ردالمحتار ج 1 ص 604)

ہم کو سارے اولیا سے پیار ہے
ان شاءَاللہ اپنا بیڑا پار ہے

ڪهڙو ڪاڏو بيماري آهي؟

حضرت سيّدُنا عقبه بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مڪّي مَدَني، عربي قُرَشي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، ”جنهن ڪاڏي تي الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو نه ورتو ويو هجي اهو **بيماري** آهي ۽ ان ۾ برڪت ناهي ۽ ان جو ڪفارو هي آهي ته جيڪڏهن اجان دسترخوان نه ڪنيو ويو هجي ته بِسْمِ الله پڙهي ڪري ڪجهه کائجي ۽ دسترخوان ڪنيو ويو هجي ته بِسْمِ الله پڙهي آڱريون چٽي وٺجن.“

(الجامع الصغير ص 394 حديث6327)

شيطان جي لاءِ ڪاڏو حلال

حضرت سيّدُنا حُذيفه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي، ”جنهن ڪاڏي تي بِسْمِ الله نه پڙهي وڃي اهو ڪاڏو شيطان جي لاءِ حَلال ٿي ويندو آهي.“ (يعني بِسْمِ الله نه پڙهڻ جي صورت ۾ شيطان ان ڪاڏي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي.)

(صحيح مسلم ص 1116 حديث 2017)

ڪاڏي ڪي شيطان ڪان بچايو

ڪاڏي ڪان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه نہ پڙهڻ سان ڪاڏي ۾ بي برڪتي ٿيندي آهي. حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا،" اسان تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هئاسين، ڪاڏو پيش ڪيو ويو، شروعات ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن ڪاڏي ۾ نہ ڏني، پر آخر ۾ ڏاڍي بي برڪتي ڏني سون اسان عرض ڪيو،"**يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ائين ڇو ٿيو؟" ارشاد فرمايائون،" اسان سيني ڪاڏو ڪائڻ وقت بِسْمِ اللّٰه پڙهي هئي، پوءِ هڪ شخص بغير بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ جي ڪائڻ لاءِ ويهي رهيو ان سان گڏ شيطان ڪاڏو ڪائي ورتو."

(شرح السنة ج 6 ص 62 حديث 2818)

شيطان ڪان حفاظت

حضرت سيّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ رَحمت عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، "جنهن کي هيءَ ڳالهہ پسند هجي تہ شيطان ان وٽ نہ ڪاڏو ڪائي سگهي ۽ نہ قيلوله (نماز ظهر کان بعد آرام) ڪري سگهي ۽ نہ ئي رات گذاري سگهي تہ ان کي گهرجي تہ جڏهن بہ گهر ۾ داخل ٿئي تہ سلام ڪري ۽ ڪاڏي جي لاءِ بِسْمِ اللّٰه پڙهي وٺي."

(مجمع الزوا ئد ج 8 ص 77 حديث 12773)

گهرو جهيڙن جو علاج

مفسرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا،" گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري پهريان ساڄو قدم دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهروارن کي سلام ڪندي گهر جي

اندر اچو، جيڪڏهن گهر ۾ ڪو نه هجي ته اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئو. ڪجهه بزرگن کي ڏٺو ويو آهي ته ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۽ قُلْ هُوَ اللّٰهُ شريف پڙهي وندا آهن جو ان سان گهر ۾ اتفاق ۽ رهندو آهي (يعني جهيڙو ناهي ٿيندو) ۽ روزيءَ ۾ برڪت ٿي. “ (مرآة ج 6ص9)

بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي ته ڇا ڪجي؟

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته تاجدارِ مدينهءِ منوره، سُلطانِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،”جڏهن ڪو شخص کاڌو کائي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي. يعني بِسْمِ اللّٰه پڙهي ۽ جيڪڏهن شروع ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي ته هيئن چوي، بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ.“ (ابوداود شريف ج 3 ص 487 حديث 3767)

شيطان کاڌو ٻاهر ڪڍي ڇڏيو!

حضرت سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخْشِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”هڪ شخص بغير بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ جي کاڌو کائي رهيو هو جڏهن کائي چُڪو، صرف هڪ ئي گرهه باقي رهجي ويو ته اهو گرهه کنيائين ۽ چيائين بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ. تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُرڪڻ لڳا ۽ هي ارشاد فرمايائون ته ”شيطان ان سان گڏ کاڌو کائي رهيو هو، جڏهن ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ذڪر ڪيو ته جيڪو ڪجهه ان جي پيٽ ۾ هو ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. “ (ابوداود ج3 ص356 حديث 3768)

نگاهِ مصطفيٰ ﷺ کان: کجهه لکل ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ کاڏو کائو تہ ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيو. جيڪو نہ ٿو پڙهي ان جو ”**قَرِين**“ نالي شيطان بہ کاڏي ۾ گڏ شريڪ ٿي ويندو آهي.سيّدُنا **اُمَيَّه** بن مَخۡشِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ واري روايت مان صاف ظاهر ٿي رهيو آهي تہ اسان جي **مٺي مٺي آقا** مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نگاهون سڀ ڪجهہ ڏسي وٺنديون آهن تڏهن ئي تہ شيطان کي بدحواسي جي حالت ۾ الٽي ڪندو ڏسي مُرکي ڏنائون، جيئن تہ **مفسرِ** شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا، ”رَحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون حقيقت ۾ لِڪيل مخلوق کي بہ ڏسي وٺنديون آهن ۽ حديثِ مبارڪ بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن تاويل جي ضرورت ناهي، جيئن اسان جو پيٽ مک وارو کاڏو (جڏهن مک ان ۾ موجود هجي) قبول ناهي ڪندو، ائين ئي شيطان جو مِعدو بِسۡمِ اللّٰہ وارو کاڏو هضم ناهي ڪري سگهندو، جيتوڻيڪ ان جو الٽي ڪيل کاڏو اسان جي ڪم جو ناهي پر مردود بيمار ٿي پوندو آهي ۽ بُکيو بہ رهجي ويندو آهي ۽ اسان جي کاڏي جي وڃائجي ويل برڪت موٽي ايندي آهي، مطلب تہ ان ۾ اسان جو فائدو آهي شيطان جا بہ نقصان ۽ ممڪن آهي تہ اهو مردود آئنده اسان سان گڏ بنا بِسۡمِ اللّٰہ پڙهڻ وارو کاڏو بہ ان ڀؤ کان نہ کائي تہ شايد هي وچ ۾ بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي وٺي ۽ مون کي الٽي ڪرڻي پئجي وڃي، حديثِ پاڪ ۾ جنهن ماڻهو جو ذڪر آهي غالبًا اهو اڪيلو کائي رهيو هو،

جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪائي ها تہ بِسْمِ اللّٰه چوڻ نہ وساري ها ڇو تہ اتي حاضرين بِسْمِ اللّٰه بلند آواز سان چوندا هئا ۽ گڏ ويهڻ وارن کي بِسْمِ اللّٰه چوڻ جو حڪم ڪندا هئا. (مراٰة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 30)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۽ بالخصوص **مدني قافلن** ۾ خوب دعائون پڙهڻ ۽ سکڻ جو موقعو ملندو آهي، دعوتِ اسلامي جي بهارن جو تہ ڇا چئجي! باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

ماءُ ڪٽ تان اٿي بيهي رهي!

منهنجي امڙ سخت بيماري جي سبب ڪٽ تان اٿڻ کان بہ لاچار ٿي وئي هئي ۽ ڊاڪٽرن بہ جواب ڏئي ڇڏيو هو. مان ٻُڌندو هوس تہ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ بيماريون دور ٿينديون آهن، آخر مون بہ دل ٻَڌي **دعوتِ اسلامي** جي نور وسائيندڙ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** جي اندر قائم مدني تربيت گاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري ٽن ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جو ارادو ظاهر ڪيو، اسلامي ڀائر نهايت شفقت ۽ محبت سان پيش آيا، عاشقانِ رسول سان گڏ اسان جو **مدني قافلو باب الاسلام** سنڌ جي صحراءِ مدينه جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پهتو سفر جي دوران **عاشقانِ رسول** جي خدمت ۾ دعا جي درخواست ڪندي مون امڙ جي ڳٽتيءَ جوڳي حالت

بيان ڪئي ان تي انهن امڙ لاءِ خوب دعائون ڪندي مون کي ڪافي دلجاءِ ڏني، اميرِ قافله تمام نرمي سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي وڏيڪ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيار ڪيو، مون به نيّت ڪري چڏي. مون امڙ جي صحتيابي جي لاءِ خوب ٻاڏائي دعائون گهريون. تن ڏينهن جي ان مدني قافلي جي تين رات مون کي هڪ روشن چهري واري بزرگ جي زيارت ٿي، انهن فرمايو، ”پنهنجي ماءُ جو فڪر نه ڪريو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هوءَ صحتياب ٿي ويندي.“ تن ڏينهن جي مدني قافلي کان فارغ ٿي ڪري مون گهر اچي دروازو کڙڪايو، **دروازو کليو ته مان حيرت ۾ پئجي ويس ڇو ته منهنجي اها بيمار امڙ جيڪا ڪٽ تان اٿي نه سگهندي هئي ان پنهنجي پيرن سان اچي ڪري دروازو کوليو هو!** مون خوشيءَ وچان ماءُ جا پير چُمي ورتا ۽ مدني قافلي ۾ ڏنل خواب ٻُڌايو ،پوءِ ماءُ کان اجازت وٺي وڏيڪ 30 ڏينهن جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي ويس.

ماں جو بیمار ہو　　قرض کا بار ہو　　رنج و غم مت کریں　　قافلے میں چلو
ربّ کے در پر جُھکیں　　التجائیں کریں　　بابِ رحمت کھلیں　　قافلے میں چلو
دل کی کالک دُھلے　　مرضِ عصیاں ٹلے　　آؤ سب چل پڑیں　　قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي برڪت سان اسلامي ڀاءُ جي علاج کان مايوس ٿي ويل ماءُ شفاياب ٿي وئي، دعا ته وري دعا هوندي آهي، امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪان

روايت آهي تہ مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،

اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ، وَعِمَادُ الدِّيْنِ، وَنُوْرُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ

(مُسند ابي يعليٰ ج1 ص215 حديث 435)

يعني ”دعا مومِن جو هٿيار آهي ۽ دين جو ٿنيو آهي ۽ زمين ۽ آسمان جو نُور آهي“ اچو ان سلسلي ۾ دعا جي مدني گلن سان پنهنجي دلين جي مدني گلدستن کي مهڪايون ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

(تقريبًا سيئي مدني گل احسن الوعاء لاداب الدعا مع شرح ذيل المدعا لاحسن الوعا ڇپيل مڪتبة المدينه ڪراچي تان ورتل آهن)

﴿1﴾ هر روز تقريبًا 20 ڀيرا دعا گهرڻ واجب آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نمازين جو اهو واجب نماز ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ سان ادا ٿي ويندو آهي جو اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝ (ترجمو ڪنزالايمان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ) ۾ دعا ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ (ترجمو ڪنزالايمان: سڀ خوبيون الله لاءِ جيڪو مالڪ سارين جهان وارن جو) چوڻ ۾ دعا آهي (ص 123، 124)

﴿2﴾ دعا ۾ حد کان نہ وڌجي، مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ، گڏوگڏ ٻنهي جهانن جون سموريون ڀلايون ۽ سڀ جو سڀ خوبيون گهرڻ ۾ منع

آهي، انهن خوبين ۾، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي ملي نہ سگهندا. (ص 80،81) ﴿3﴾ جيڪو مُحال (يعني ناممڪن) يا مُحال جي قريب هجي ان جي دعا نہ گهري تنهنڪري هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيّت گهرڻ جو ماڻهو سڄي عمر ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي اهو مُحالِ عادي جي دعا گهرڻ آهي، ائين ئي ڊگهي قد واري ماڻهوءَ جو ننڍو قد هئڻ يا ننڍي اک واري جو وڏي اک جي دعا گهرڻ ممنوع آهي جو هي اهڙي امر جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چُڪو آهي (ص 81) ﴿4﴾ گناهہ جي دعا نہ گهري تہ مونکي پرائو مال ملي وڃي جوگناهہ جي طلب ڪرڻ بہ گناهہ آهي(ص 82) ﴿5﴾ قَطعِ رِحْم (مثلاً فلاڻي مائٽن ۾ جهيڙو ٿي پوي) جي دعا نہ گهري (ص 82) ﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کان صرف حقير شيءِ نہ گهري جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ غني آهي بلڪہ پنهنجي سڄي توجهہ ان جي ئي طرف رکجي ۽ هر شيءِ جو ان کان سوال ڪري (ص84) ﴿7﴾ رنج ۽ مصيبت کان گهبرائجي ڪري پنهنجي مرڻ جي دعا نہ گهرجي. خيال رهي تہ دنياوي نقصان کان بچڻ جي لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف کان جائز. (ص 85،87) ﴿8﴾ بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي مرڻ ۽ برباديءَ جي دعا نہ گهرجي، البت جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين ۽ غالب گمان هجي ۽ (ان جي) جيئڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبهہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، برباد ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ فائديمند هجي تہ اهڙي شخص لاءِ بد دعا ڪرڻ صحيح آهي. (ص86، 89) ﴿9﴾ ڪنهن مسلمان کي هي بددعا نہ ڏي تہ" تون ڪافر ٿي وڃين" جو ڪجهہ علماءَ جي مطابق (اهڙي دعا

گهرڻ) ڪفر آهي ۽ تَحقيق هي آهي تہ جيڪڏهن ڪفر ڪي سنو يا اسلام ڪي بُرو ڄاڻي ڪري چيائين تہ بيشڪ ڪفر آهي نہ تہ وڏو گناهہ آهي جو مسلمان جو بُرو چاهڻ حرام آهي خصوصًا اهو بُرو چاهڻ (تہ فلاڻي جو ايمان برباد ٿي وڃي) تہ سيني بد خواهين کان بدتر آهي. (ص 90) ﴿10﴾ ڪنهن مسلمان تي لعنت نہ ڪري ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نہ چوي ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان تي بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪري، ائين مڇر، هوا ۽ بي جان شين مثال طور پٿر، لوهہ وغيره ۽ حيوانات تي لعنت منع آهي. البت وِڇون وغيره ڪجهہ جانورن تي حديثِ پاڪ ۾ لعنت آئي آهي. (ص 90) ﴿11﴾ ڪنهن مسلمان کي هيءَ بد دعا نہ ڏي تہ " توتي خدا عَزَّوَجَلَّ جو غضب نازل ٿئي ۽ تون (چُلهي ۽) باهہ يا دوزخ ۾ داخل ٿين "، جو حديث پاڪ ۾ ان جي منع آيل آهي. (ص 100) ﴿12﴾ جيڪو ڪافر تي مُئو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا حرام ۽ ڪفر آهي. (ص 101) ﴿13﴾هي دعا ڪرڻ،" خدايا! سيني مسلمانن جا سڀ گناهہ بخشي ڇڏ." جائز ناهي جو ان مان انهن احاديثِ مبارڪ کي ڪوڙو سمجهڻ معلوم ٿئي تو جن ۾ ڪجهہ مسلمانن جي دوزخ ۾ وڃڻ جو ذڪر آهي.(ص 106) البت هيئن دعا ڪرڻ "سڄي امتِ محمّد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت (يعني بخشش) ٿئي يا سمورن مسلمانن جي مغفرت ٿئي جائز آهي. (ص 102) ﴿14﴾ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي دوستن لاءِ (پنهنجي) اهل و مال ۽ اولاد جي لاءِ بد دعا نہ ڪري، ڪهڙي خبر قبوليت جو وقت هجي ۽ بد دعا جو اثر ظاهر ٿيڻ تي ندامت ٿئي (ص107) ﴿15﴾جيڪا شيءِ اڳ ۾ پاڻ وٽ موجود هجي ان جي دعا نہ ڪري مثلاً مرد هيئن نہ چوي تہ "يا الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مرد ڪر" جو اهو استهزا (يعني مذاق اڏائڻ) آهي، البت اهڙي دعا جنهن ۾

شريعت جي حڪم جي پوئِواري يا عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار يا پروردگار عَزَّوَجَلَّ ۽ مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا ديندارن ڏانهن رغبت يا ڪفر ۽ ڪافرن سان نفرت وغيره جا فائدا نڪرندا هجن اها جائز آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالهه جو حاصل ٿيڻ يقيني هجي، جيئن درود شريف پڙهڻ، وسيلي جي، صراط مسقيم جي، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ (ص 108، 109) ﴿16﴾ دعا ۾ تنگي نه ڪري مثلاً هيئن نه گهري ته يا الله عَزَّوَجَلَّ صرف مون تي رحم فرماءِ يا صرف مون کي ۽ منهنجي فلاڻي فلاڻي دوست کي نعمت بخش (ص 109) بهتر هي آهي ته سڀني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪري ان جو هڪ فائدو هي به ٿيندو ته جيڪڏهن پاڻ ان نيڪ ڳالهه ۾ حقدار نه به هوندو ته سنن مسلمانن جي طفيل حاصل ڪري وٺندو ﴿17﴾ حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ”مضبوط عقيدي سان دعا گهري ۽ قبوليت جو يقين رکي.“ (احياءُ العلوم ج 4 ص 770)

ويهڻ جي هڪ سنت

ڪاڏو ڪائڻ جي لاءِ ويهڻ جي هڪ سنّت هي آهي ته ساڄو گوڏو اڀو ڪريو ۽ ڪاٻو پير وڇائي ڪري ان تي ويهي رهو، جڏهن ته هڪ ٻي به ويهڻ جي سنّت آهي، جيئن ته حضرت سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون حضور سراپا نُور، شاهِ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڇوهارا ڪائيندي ڏٺو ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زمين سان لڳي ڪري اهڙي طرح وينا هئا جو سندن ٻئي گوڏا مبارڪ اڀا هئا.

(صحيح مسلم ص 1130 حديث 2044)

گوڏا اڀا ڪري ڪائڻ جا فائدا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ٻئي گوڏا اڀا ڪري زمين تي ويهي ڪري ڪائڻ سان ضرورت جيترو ئي ڪاڏو معدي ۾ ويندو آهي، جنهن جي سبب بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي، هڪ گوڏو اڀو ڪري ۽ ٻيو وڇائي ڪري ڪائڻ جي برڪت سان **ٽِريءَ جي بيمارين** کان بچاءُ ٿيندو آهي ۽ رانن جون مَشڪون مضبوط ٿينديون آهن چون ٿا، پلٿي هڻي ڪائڻ جي عاديءَ جي ٿولهه وڌندي ۽ پيٽ نڪري ايندو آهي، گڏوگڏ پلٿي هڻي ڪائڻ سان قولنج (يعني وڏي آنڊي جو سور) ٿي وڃڻ جو خطرو رهندو آهي، هڪ شخص جو چوڻ آهي”مون هڪ انگريز کي ڏٺو تہ هو ٻئي گوڏا اڀا ڪري زمين تي ويهي ڪري ڪائي رهيو هو، مون حيرت مان ان جو سبب پُڇيو تہ هڪدم پنهنجي نڪتل پيٽ تي هٿ هڻي ڪري چوڻ لڳو،”هن کي اندر ڪرڻ لاءِ“.

ڪاڏو ۽ پردي ۾ پردو

ڪاڏي ۾ سنّت جي مطابق ويهڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي گهرجي تہ گوڏن کان وٺي پيرن تائين چادر سان چڱيءَ طرح پردي ۾ پردو ڪن، جيڪڏهن قميص جو دامن وڏو هجي تہ ان کي چڱي طرح ڦهلائي ڪري پردي ۾ پردو ڪري ڇڏيو، پردي ۾ پردو نہ ڪرڻ سان سامهون وينل ماڻهن جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اکين جي حفاظت تمام مشڪل ٿي ويندي آهي. اڪيلائيءَ ۾ بہ **پردي ۾ پردو** ڪرڻ گهرجي جو اللهعَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ڪرڻ جو سڀ کان وڏو حق آهي. ”اللهعَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ڪري رهيو آهيان اها نيّت ڪندؤ تہ اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جو ڪثير ثواب حاصل ڪندؤ ۽

ٻين جي موجودگيءَ ۾ **پردي ۾ پردو** ڪرڻ وقت هيءَ نيّت ٻه ڪري سگهجي ٿي ته مسلمانن جي لاءِ بدنگاهي جو سبب دُور ڪري رهيو آهيان.“هر ڪم ۾ جيتري قدر ٿي سگهي سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن، جيتريون سنيون نيتون گهڻيون هونديون اوترو ثواب ٻه گهڻو ملندو،الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشان آهي ته” **مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي** .“

(طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ

اعلیٰ حضرت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا ته ” جوتا پائي ڪري ڪائڻ جيڪڏهن هن مجبوري تحت هجي جو زمين تي وينل آهي ۽ فرش (يعني گلم وغيره) ناهي ته پوءِ صرف هڪ **سنّت مُستَحِبّه** تي عمل نه ٿيو، ان جي لاءِ بهتر هي هو ته جوتا لاهي ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن ميز تي ڪاڏو (رڪيل) آهي ۽ هو ڪرسيءَ تي جوتا پائي ڪري ڪائي ته اهو خاص عيسائين جو طريقو آهي، ان کان پري ڀڄي، ڇو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا! **مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ** ترجمو: جيڪو ڪنهن قوم سان مشابهت پيدا ڪري اهو انهن مان ئي آهي.

(ابوداود ج 4 ص 62 حديث 4031)

شادي خانه بربادیءَ جا سبب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلهه اسان وٽ تقريبًا هر مُعاملي ۾ يهودين ۽ عيسائين جي پيروي ڪئي ويندي آهي، شادي يقينًا مني مني سنّت آهي پر افسوس جو هن

عظيم سنّت جي ادائيگيءَ ۾ ٻين مقدس سنّتن بلڪ ڪيترن ئي فرائض تائين جو خون ڪيو ويندو آهي! گانا باجا، فلمون، ڊراما، ورائٽي پروگرام ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا هل هنگاما ڪيا ويندا آهن، گهر جون عورتون خوب دهل وڄائينديون آهن، مَعاذالله ثم مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ ناچ به ڪنديون آهن، آخر ڪهڙو حرام ڪم اهڙو آهي جيڪو اڄڪلهه اسان وٽ شادين ۾ نه ٿو ڪيو وڃي؟ مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ گهوٽ شاديءَ کان اڳ پنهنجي مڱڻديءَ کي پنهنجي هٿ سان منڊي پارائيندو آهي، گڏوگڏ سير ۽ تفريح به ٿيندي آهي، شادي ۾ ٻي حيائيءَ سان ڀرپور تقريبون منعقد ٿينديون آهن، عورتن ۾ غير مرد مُوويز ڀريندا آهن، ڪاڏي جي دعوت به ته ميز ڪرسي تي، بلڪ هاڻي ته وڏيڪ "**ترقي**" ٿيڻ لڳي آهي جو ڪرسيون به هٿايون ويون آهن رُڳو ميز تي قسمين قسمين ڪاڏا رکيا ويندا آهن ۽ ماڻهو گهمندي ڦرندي ميز جي چوڌاري هلندي کائيندا پيئندا آهن، حالانڪه ائين ڪرڻ هرگز سنّت ناهي. توهان غور ته فرمايو جو اڄ "**شادي خانه آبادي**" ٿيندي ڪنهن جي آهي؟ شادي کان پوءِ عام طور تي هر ڪو "**خانه بربادي**" جو شڪار نظر اچي رهيو آهي! ڪٿي ائين ته ناهي جو شادي جهڙي پاڪيزه ۽ مني مني سنّت ۾ غير شرعي رسمن جي دنيا ۾ ئي سزا ڏني ٿي وڃي! جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ غضب فرمايو ته آخرت جي سزا ڪيتري قدر خوفناڪ هوندي !! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي فرنگي تهذيب ۽ فيشن کان نجات عطا فرمائي سنّتن جو آئينه دار بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن ڀري تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان هردم وابسته رهو. اِنْشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ برڪتون ۽ سعادتون ئي سعادتون ماڻيندؤ، هڪ مبلغ **دعوت اسلامي** ۾ پنهنجي شامل ٿيڻ جا جيڪي اسباب بيان ڪيا آهن اهي ٻُڌڻ سان تعلق رکن ٿا، تنهن ڪري سندس جذبات پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

مان دعوت اسلامي ۾ ڪيئن آيس؟

مندن ڳڙهه ضلعو رتناگري مهاراشٽر (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻُڌايو ته **2002ع** جي ڳالهه آهي، مان ٻُري دوستن جي صحبت جي سبب غندا گينگ ۾ شامل ٿي ويو هئس، ماڻهن کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ گاريون ڪڍڻ منهنجو معمول هو، ڄاڻي واڻي جهيڙا ڪندو هئس. جيڪو نئون فيشن ايندو هو اهو سڀ کان پهريان آءُ اختيار ڪندو هئس. ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪپڙا تبديل ڪندو هئس، سواءِ جينز (Jeans) جي ٻي پينٽ نه پائيندو هئس، آواره دوستن سان گڏ گهمي ڦري رات جي آخري حصي ۾ گهر موٽندو هئس ۽ ڏينهن جو دير تائين سمهندو هئس، والد صاحب جو انتقال ٿي چُڪو هو، بيواهه ماءُ سمجهائيندي هئي ته مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ زبان درازي ڪندو هئس، هڪ ڀيري **دعوتِ اسلامي**ءَ جي ڪنهن عمامي واري اسلامي ڀاءُ ملاقات ۾ هڪ رسالو **جنات جو بادشاهه** (مطبوعه مكتبة المدينه) تحفي ۾ ڏنو، پڙهيم ته سنو لڳو، رمضان المبارڪ ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن مسجد ۾ وڃڻ جي سعادت ملي ته اتفاق سان هڪ سبز عمامو ۽ اڇو لباس پهريل سنجيده نوجوان تي نظر پئي، معلوم ٿيو ته هو هِتي معتڪف آهي، ان **فيضان سنت** جو درس ڏنو ته مان ويهي رهيس، درس کان بعد

ان مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول جون برڪتون ٻُڌايون، ان اسلامي ڀاءَ جو لباس ايتري قدر سادو هو جو ڪجهه جڳهن تي چتيون لڳل هيون، جڏهن ان جي لاءِ گهران ڪاڏو آيو تہ اهو بہ بلڪل سادو هو!مان سندس سادگيءَ مان بيحد متاثر ٿيس، مون کي ساڻس محبت ٿي وئي، مان ساڻس ملاقات لاءِ ايندو ويندو رهيس، اتفاق سان عيد الفطر کانپوءِ ان اسلامي ڀاءُ جو نڪاح هو، هو ويچارو غريب ۽ تنگدست هو پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي جو ان هن ڳالهہ جو مون کي ٿورو بہ احساس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جي مالي امداد جو سوال ڪيو، مان اجان وڌيڪ متاثر ٿيس تہ مَاشَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جو **مدني ماحول** ڪيڏو پيارو آهي ۽ ان سان تعلق رکندڙ ڪيتري قدر سادا ۽ خود دار آهن. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪندي وئي ايتري تائين جو مون **عاشقانِ رسول** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ 8 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو. منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، قلب ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ مان گناهن کان سچي توبهہ ڪري پنهنجو پاڻ کي **دعوتِ اسلاميءَ** جي حوالي ڪري ڇڏيم، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون تي اهو مدني رنگ چڙهيو جو اڄڪلهہ مان علائقائي مشاورت جي **خادم** (نگران) جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ **دعوت اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائي رهيو آهيان.

سادگی چاہئے عاجزی چاہئے آپ کو گر چلیں قافلے میں چلو
خوب خودداریاں اور خوش اَخلاقیاں آیئے سیکھ لیں قافلے میں چلو
عاشقانِ رسول لائے سنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! ديـن جي تبليـغ جي لاءِ استري ڪيل، پڙڪيلو لباس ۽ ڪلف لڳل خوبصورت عِمامو ئي ضروري ناهي، چتيون لڳل لباس ۽ سادي عمامي شريف سان بہ ڪم هلي ويندو آهي..... هلندو ئي ناهي ڊوڙندو آهي..... بلڪ ڊوڙندو ئي ناهي ان کي تہ مدني پر لڳي ويندا آهن ۽ اهو مدينهءِ منوره ڏانهن اڏڻ لڳندو آهي، سادي لباس جي تہ ڳالهہ ڪجي!

سادي لباس جي فضيلت

ڪافرن جي پيروي ۾ فيشن ڪرڻ وارا، هر وقت نهي نُڪي رهڻ وارا، نئين نئين ڊزائينن ۽ طرح طرح جي ڪٽ سٽ وارا لباس پائڻ وارا جيڪڏهن سادگي اختيار ڪن تہ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿي وڃن. هاڻي سادي لباس پائڻ جي فضيلت پڙهندا ۽ جهومندا. **تاجدارِ** مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو طاقت هوندي بہ سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (عاجزيءَ) جي طور تي ڇڏي ڏيندو اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي ڪرامت جو حُلّو (جنّتي لباس) پارائيندو.

(ابوداود ج 4 ص 326 حديث 4778)

فيشن پرستو! خبردار!!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهومي وڃو! دولت موجود آهي، عمدو لباس پائڻ جي طاقت آهي، پوءِ بہ الله ربُّ الْعزّت عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر عاجزي اختيار ڪندي سادو لباس پائڻ وارو جنّتي لباس پائيندو ۽ ظاهر آهي تہ جيڪو جنّتي لباس پائيندو اهو يقيني طور تي جنّت ۾ بہ ويندو، ماڻهن تي رعب وجهڻ اميراڻي ڏاڪ جمائڻ ۽ رڳو پنهنجي نفس جي لاءِ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي خاطر ڏيکاءُ، فينسي ۽ پڙڪيلو لباس پائڻ وارا پڙهن عبرت حاصل ڪن، حضرت سيّدنا عبـدالله بن

عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”دنيا ۾ جنهن شهرت جو لباس پاتو، قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ذلت جو لباس پارائيندو“. (سنن ابن ماجه ج 4 ص 163 حديث3606)

شهرت جو لباس ڇا کي چوندا آهن؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مولانا مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا، ”يعني اهڙو لباس پائي جو ماڻهو مالدار سمجهن يا اهڙو لباس پائي جو جنهن سان ماڻهو نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهن، اهي ٻن قسمن جا لباس شهرت جا لباس آهن، مطلب ته جنهن لباس ۾ نيّت هي هجي ته ماڻهو ان جي عزت ڪن اهو ان لاءِ شهرت جو لباس آهي. صاحبِ مرقاة رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو مسخرائپ جو لباس پائڻ جنهن سان ماڻهو ڪلن هي به شهرت جو لباس آهي.

(ملخص از مراة ج 6 ص109)

منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي سخت امتحان آهي لباس پائڻ ۾ تمام گهڻو غور ڪرڻ ۽ ڏيکاءَ ڪان بچڻ جي سخت ضرورت آهي گڏوگڏ جيڪو ماڻهن کي پنهنجي سادگيءَ جو مُعْتَقِد بڻائڻ جي لاءِ سادو لباس، عمامو ۽ چادر وغيره پائيندو آهي اهو رياڪار ۽ جهنم جو حقدار آهي، اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان اخلاص جي خيرات گهرون ٿا.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی
رِیاکاریوں سے سیاہ کاریوں سے بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی

فيشن جي خاطر روز روز نوان لباس پائڻ وارا، ٿورو فيشن تبديل ٿيو يا لباس ٿورو پراڻو ٿيو يا ڪٿان معمولي ڦاٽو ته **چٽيون هٽي** ڪري

ٽپ ٽاپ رهڻ وارن لاءِ لمحه فڪريه

ان کي پائڻ ۾ عيب محسوس ڪرڻ وارا هن روايت کي هرهر پڙهن:

ابو امام اياس بن ثَعْلَبَہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ڇا توهان ٻُڌو نه ٿا؟ ڇا توهان ٻُڌو نه ٿا؟ ته ڪپڙو پراڻو ٿيڻ ايمان منجهان آهي، بيشڪ ڪپڙي جو پراڻو ٿيڻ ايمان منجهان آهي. (سنن ابوداود ج 4 ص 102 حديث 4161)

هن روايت جي تحت حضرت سيّدُنا شاهه عبدالحق محدث دهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته "زينت (يعني ناهه توهه) کي ڇڏي ڏيڻ ايمان وارن جي اخلاق (يعني عمده عادتن) مان آهي." (اشعة اللمعات ج 3 ص 585)

چَتِيون لڳل لباس جي فضيلت

حضرت سيّدُنا عَمرو بن قيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، اميرالمؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ويو، توهان پنهنجي قميص ۾ چَتِيون چو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون، ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومِن ان جي پيروي ڪندو آهي، (يعني مومِن جي دل نرم ئي هئڻ گهرجي)

(حلية الاولياء ج 1 ص 124 حديث 254)

بيهي ڪري ڪائڻ ڪيئن آهي؟

حضرت سيّدُنا انس بن مالک رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته "نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم بيهي ڪري پيئڻ ۽ بيهي ڪري ڪائڻ کان منع فرمايو آهي. (مجمع الزوائد ج 5 ص 23 حديث 7921)

بيهي ڪري ڪائڻ جا طبي نقصان

اٽلي جي هڪ غذائي ماهر ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ته "بيهي ڪري ڪاڏو ڪائڻ سان **تري** ۽ **دل** جون بيماريون ۽ پڻ **نفسياتي بيماريون** پيدا

ٿينديون آهن ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن انسان اهڙو **چريو** ٿي ويندو آهي جو پنهنجن کي به سڃاڻي ناهي سگهندو.“

ساڄي هٿ سان کائو پيئو

ساڄي هٿ سان کائڻ پيئڻ سنّت آهي، حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،” جڏهن ڪو کاڌو کائي تہ ساڄي هٿ سان کائي ۽ پاڻي پيئي تہ ساڄي هٿ سان پيئي.“ **(صحيح مسلم ص1117 حديث 2174)**

شيطان جو طريقو

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ ”ڪو شخص نہ کاڀي هٿ سان کاڌو کائي نہ پيئي جو کاڀي هٿ سان کائڻ پيئڻ شيطان جو طريقو آهي. **(ايضًا)**

ساڄي هٿ سان ئي ڏيو ۽ وٺو

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب وسينہ، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،” توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي، جو تہ شيطان کاڀي هٿ سان کائيندو، کاڀي هٿ سان پيئندو، کاڀي هٿ سان ڏيندو، ۽ کاڀي هٿ سان وٺندو آهي.“

(سنن ابن ماجہ شريف ج4 ص 12 حديث 3266)

هر ڪم ۾ ڪاڀو هٿ ڇو؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلهہ اسان دنيا جي چڪرن ۾ ايتري قدر گِهري چُڪا آهيون جو محبوب باري صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين

سنّتن ڏانهن اسان جي توجهه ئي نه ٿي رهي **ياد رکو!** حديثِ مبارڪ ۾ آهي ته ماڻهوءَ جي رڳن ۾ شيطان رت سان گڏ ترندو آهي. (**صحيح مسلم** ص 1197 حديث 2174) ظاهر آهي ته هو اسان کي سنّتن ڏانهن ڪٿي وڃڻ ڏيندو؟ جيتوڻيڪ اسان ساڄي هٿ سان ئي کاڌو کائيندا آهيون پر پِوءِ به **کابي هٿ** سان ڪجهه داڻا ڦڪي ئي وٺندا آهيون، کائڻ وقت جيئن ته ساڄو هٿ ڀريل هوندو آهي تنهنڪري پاڻي کابي هٿ سان ئي پي وٺندا آهيون چانهه پيئڻ وقت ڪوپ ساڄي هٿ ۾ ۽ پليٽ کابي هٿ ۾ کڻي چانهه پي وٺندا آهيون ڪنهن کي پاڻي پيارڻ وقت جڳ ساڄي هٿ ۾ هوندو آهي جڏهن ته گلاس **کابي هٿ** ۾ ۽ **کابي هٿ** سان گلاس ٻين کي ڏيندا آهيون،"حياتِ مُحَدّثِ اعظم"ص **374** تي آهي، مُحَدّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمّد سردار احمد قادري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته " وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو، اها عادت اهڙي پڪي ٿي وڃي جو سياڻي قيامت ۾ اعمال نامو پيش ٿئي ته انهيءَ عادت مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي، تڏهن ته ڪم بڻجي ويندو." **پيارا اسلامي ڀائرو!** هوش ڪريو ۽ ڏسو اسان جي مني مني آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کابي هٿ سان کائڻ پيئڻ ڪيتري قدر ناپسند هو جيئن ته

تنهنجو ساڄو هٿ، ڪڏهن نه ڪچي!

حضرت سيّدنا سلم بن اَكْوَع رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته هڪ شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون کاڌو کابي هٿ سان کاڌو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّم فرمايائون،”**ساڄي هٿ سان کائو** “ ان چيو مان ساڄي هٿ سان نہ ٿو کائي سگهان (غيب ڄاڻڻ وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمجهي ويا تہ هي تڪبر مان ڳالهائي رهيو آهي پوءِ) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون ”**لَآ اسْتَطَعْتَ** يعني توکي استطاعت نہ ٿئي!“ (مطلب هي تہ تنهنجو ساڄو هٿ ڪڏهن نہ ڪڄي) ان تڪبّر جي سبب ساڄي هٿ سان کاڌو کائڻ کان انڪار ڪيو هو تنهنڪري ان جو ساڄو هٿ ڪڏهن وات ڏانهن نہ ڪڄي سگهيو. (يعني ان جو ساڄو هٿ بيڪار ٿي ويو) . **(صحيح مسلم ص 1118حديث 2021)**

وہ زَباں جس کو سب کن کی کُنجی کہیں
اُس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام

تنهنجو چهرو بگڙي وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبانِ صداقت نشان جو هي شان آهي جو جيڪو فرمائيندا هئا اهو ٿي ويندو هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رتبو تہ تمام عظيم آهي، غلامن جو حال بہ ڏسو، جيئن تہ هڪ عورت مشهور صحابي حضرت سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي جهاتيون پائي ڏسندي هئي، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کيترائي ڀيرا کيس منع ڪيو پر هوءَ نہ مُڙي، هڪ ڏينهن ان جڏهن معمول مطابق جهاتي پائي ڏٺو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي زبان مبارڪ مان هي لفظ نڪتا، ”**شَاهَ وَجْهُكِ**“ يعني (تنهنجو چهرو بگڙي وڃي) پوءِ انهيءَ وقت ان جو چهرو ڪياڙي ڏانهن ڦري ويو. **(جامع کرامات اولياء ج 1 ص 112)**

محفوظ شہا رکھنا سدا بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زبانِ قبوليّت نشان جي اها تاثير دراصل مهرِ مُنير، بشير و نذير، رسولِ شَهير، محبوبِ ربِ قدير صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا جو نتيجو هو،جيئن تہ جامع ترمذي وغيره ۾ آهي، مني مني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رب العلیٰ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ ۾ دعا گهري تہ اَللّٰهُمَّ اِسْتَجِبْ لِسَعْدٍ اِذَا دَعَاكَ يعني ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن بہ سعد تو کان دعا گهري تہ تون قبول فرمائيندو کر“ (ترمذي شريف ج 5 ص418 حديث3772) محدثينِ کرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی فرمائن ٿا ”سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن بہ دعا کندا هئا تہ قبول ٿي ويندي هئي“. (جامع کرامات اولياء ج 1 ص 113)

اِجابَت کا سہرا عنايت کا جوڑا دلہن بن کے نکلی دعائے محمد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)
اِجابَت نے جُھک کر گلے سے لگايا بڑھی ناز سے جب دعائے محمد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابۂ کرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان جو بہ وڏو شان آهي، صحابہ جا غلام يعني اولياءِ کرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی بہ وڏين عظمتن جا مالک هوندا آهن، جيئن تہ

يا الله! صباحيءَ کي انڌو ڪري ڇڏيائين

زبردست عالم ۽ مُحدث حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهْب رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هک لک حديثن جا حافظ هئا، مصر جي حڪمران عُبّاد بن محمد کين قاضي بڻائڻ چاهيو تہ قاضي جي عهدي کان بچڻ جي لاءِ ڪٿي روپوش ٿي ويا، هڪ حاسد ”صباحيءَ“ ڪوڙي چُغلي هڻندي حاڪم کي چيو تہ عبدالله بن وَهْب پاڻ مون سان قاضي بڻجڻ جو حرص ظاهر ڪيو هو پر هاڻي توهان جي ڄاڻي واڻي نافرماني ڪندي

غائب تي ويا آهن.“ حاڪم ڪاوڙ ۾ اچي پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر مبارڪ کي ڊهرائي ڇڏيو، حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهْب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جلال ۾ اچي ڪري ربُّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو، يا الاهي عَزَّوَجَلَّ ”صباحيءَ“ کي انڌوڪري ڇڏ،تنهنڪري انين ڏينهن اهو”صباحي“ انڌو ٿي ويو، حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهْب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو غلبو رهندو هو،هڪ ڀيري قيامت جو ذڪر ٻُڌي ڪري مٿانئن دهشت طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي ويا، هوش ۾ اچڻ کان پوءِ صرف ڪجهه ڏينهن زندهه رهيا ۽ ان دوران ڪجهه به نه ڳالهايائون،197هه ۾ وفات ڪري ويا. (تذكرة الحفاظ ج 1 ص 223)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اَولياء کا جو کوئی ہو بے ادب
نازل اُس پہ ہوتا ہے قہر و غضب

يا ربّ مصطفيٰ! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پياري حبيب شاهِ يرالانام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جو سچو ادب نصيب فرما ۽ انهن جي بي ادبي ۽ انهن جي بي ادبن جي شر کان سدائين محفوظ رک ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سچو ديوانو بڻاءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یارب میں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دم
دیوانہ شَہَنشاہِ مدینہ کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

صاحب مزار جي انفرادي ڪوشش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ بزرگن جو تمام گهڻو ادب ڪيو ويندو آهي، بلڪ سچي ڳالهه هي آهي تہ الله ربُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان دعوتِ اسلامي **فيضانِ اولياءَ** جي ئي سبب هلي رهي آهي جيئن هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪيل هڪ **صاحبِ مزار** وليُّ الله رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي مدني قافلي جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جوايمان افروز واقعو پنهنجي انداز ۾ پيش ڪريان ٿو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جو هڪ مدني قافلو **چڪوال** (پنجاب پاڪستان) ڪان مظفرآباد ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ سنّتن جون بهارون ڦهلائيندو، هڪ جڳهه انوار شريف پهتو، اتان ڪان **هٿو هٿ** چار اسلامي ڀائر تن ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ شريڪ ٿيا انهن چئني مان "انوار شريف" جي صاحبِ مزار بزرگ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي خاندان جو هڪ فرزند بہ هيو، **مدني قافلو** نيڪي جي دعوت جون ڏومون مچائيندي " ڳڙهي دوپٽہ " پهتو. جڏهن انوار شريف وارن جا ٽي ڏينهن مڪمل ٿي ويا تہ صاحبِ مزار رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي مائٽ چيو، مان تہ واپس ڪونہ ويندس ڇو تہ اڄ رات مون پنهنجي "سائين" ڪي خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رهيا هئا "پٽ! موٽي گهر نہ وڃجانءِ" مدني قافلي وارن سان گڏ وڌيڪ اڳتي سفر جاري رکجانءِ، **صاحبِ مزار** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي **انفرادي ڪوشش** جو هي واقعو ٻڌي مدني قافلي ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي، سيني جي حوصلي کي مديني جا 12 چند لڳي ويا ۽ **انوار شريف** ڪان آيل چار

ئي اسلامي ڀائر هتو هٿ مدني قافلي ۾ وڏيڪ اڳتي سفر جي لاءِ هلڻ لڳا.

دیتے ہیں فیضِ عام اَولیائے کرام لوٹنے سب چلیں قافلے میں چلو
اولیا کا کرم تم پہ ہو لاجَرَم مل کے سب چل پڑیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

خواب جي ذريعي گهوڙيءَ جو تحفو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪنهن وليُّ الله جو وفات ڪانپوءِ خواب ۾ رهنمائي ڪرڻ ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها، ربُّ العُليٰ عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا، جيئن ته خواجه امير خرد ڪرماني رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ لکن ٿا ته ”سلطان المشائخ حضرت سيّدُنا محبوب الاهي نظامُ الدّين اولياء رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا ته، ”غِياث پور“ جي قيام ڪان پهريان مان هڪ ڪوهه (يعني تقريبًا ٽي ڪلو ميٽر پري) **ڪيلوڪري** جي مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويندو هئس، هڪ ڀيري اهڙي طرح جمعي نماز جي لاءِ پيادل وڃي رهيو هئس، گرم هوائون هلي رهيون ۽ مان روزي سان هئس مون ڪي چڪر اچڻ لڳا ۽ مان هڪ دڪان تي ويهي رهيس منهنجي دل ۾ خيال آيو جيڪڏهن مون وٽ سواري هجي ها ته سهولت ٿئي ها. بعد شيخ سعدي جو هي شعر منهنجي زبان تي آيو.

مَا قَدَمْ اَزسَرْ کُنِیْمْ دَرْ طَلَبِ دوْسْتَاں
رَاہْ بَجَائے بُرْدْ هَر که بَاَقْدَامْ رَفْتْ

(ترجمو: اسان دوستن جي طلب ۾ مٿي کي پير بٽائي هلندا آهيون، ڇو تہ جيڪو هن راهہ ۾ پيرن سان هلندو آهي اهو اڳتي ناهي وڌي سگهندو)

مون دل ۾ ايندڙ سواري جي خيال کان توبهہ ڪئي، ان واقعي کي ٽي ڏينهن گذريا هئا تہ ”خليفي ملڪ يار پران“ منهنجي لاءِ هڪ **گهوڙي** وٺي آيو ۽ چوڻ لڳو، مان مسلسل ٽن راتين کان خواب ۾ ڏسي رهيو آهيان تہ منهنجا شيخ (يعني مرشد) مون کي فرمائي رهيا آهن، ”فلاڻي شخص کي **گهوڙي** ڏئي اچو.“ تنهنڪري **گهوڙي** حاضر آهي قبول فرمايو. مون چيو، بيشڪ توهان جي شيخ توهان کي فرمايو هوندو پر جيستائين منهنجا شيخ مون کي نہ فرمائيندا، مان هيءَ **گهوڙي** نہ وٺندس انهيءَ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ منهنجا پير و مرشد حضرت سيّدنا شيخ فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون کي فرمائن ٿا، تہ ملڪ يارپران جي دلجوئي جي لاءِ اها **گهوڙي** قبول ڪري وٺو، ٻئي ڏينهن هو **گهوڙي** وٺي آيو تہ مون ان کي خداوندي عطيو سمجهندي قبول ڪري ورتو. (سِيَرُ الاولياء ص 246)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رڳو پنهنجي پاسي کان کائو مدينا

هڪ ٿانوَ ۾ جڏهن هڪ قسم جو کاڌو هجي تہ پنهنجي پاسي کان کائڻ سنّت آهي، جيئن حضرت سيّدُنا عمر بن ابي سَلمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان ٻار هئس ۽ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ هئس (پاڻ اُمُّ الْمومنين سيّدتنا ام سلمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا اهي فرزند هئا جيڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ اچڻ کان اڳ پهرئين مڙس مان هئا.) کائڻ وقت ٿانوَ ۾ هر طرف هٿ هٽان پيو. تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ارشاد فرمايو، ”بِسْمِاللّٰه پڙهو ۽ ساڄي هٿ سان کائو ۽ ٿانوَ جي ان پاسي کان کائو جيڪو توهان جي ويجهو آهي“. (صحيح بخاري ج 3 ص 521 حديث5376)

وچ مان نہ کائو

حضرت سيّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ عظيم، نبي ڪريم رؤف رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم ارشاد فرمايو،” بيشڪ برڪت ڪاڏي جي وچ واري حصي ۾ لهندي آهي تنهنڪري توهان ڪنارن کان کاڏو کائو ۽ وچ مان نہ کائو.

(ترمذي شريف ج3 ص 316 حديث 1812)

توهان ڪٿي وچ مان تہ کاڏو نہ کائيندا آهيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ هن سنّت تي توهان عمل ڪندا آهيو يا نہ؟ منهنجو اڪثر مشاهدو آهي تہ باعمل نظر اچڻ وارن جي بہ اڪثريت هن سنّت تي عمل ڪرڻ کان محروم آهي، جنهن کي ڏسو اهو کاڏي جي پليٽ يا ڀاڄيءَ جي ٿانوَ وغيره جي وچ مان ئي شروع ڪندو آهي الائي ڇو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو برڪت کان محروم ڪرڻ لاءِ شيطان هٿ پڪڙي ڪري وچ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، حقيقت اها ئي آهي تہ شيطان ان ڳالهہ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهندو آهي جو مسلمان ڀلائين کان محروم رهن. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا،” کاڏي جي ٿانوَ جي وچ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ٿيندي آهي وچ مان کائڻ حرص جي نشاني آهي. حريص رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان

محروم آهي.”هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسلمانن جي ڪائڻ مهل بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو نُزول ٿيندو آهي، خاص ڪري جڏهن سنّت جي نِيَّت سان ڪاڏو وڃي. (مرآة شرح مشكوٰة ج 6 ص 33، 34)

پين کي شرمندگي کان بچايو

حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبين جي سلطان، رَحْمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي ”جڏهن دسترخوان وڇائجي تہ هر شخص پنهنجي پاسي کان کائي ۽ پاڻ سان گڏ کائڻ وارن جي پاسي کان نہ کائي ۽ ٿالهيءَ جي وچ مان نہ کائي ڇو تہ برڪت انهيءَ طرف کان ئي ايندي آهي ۽ ڪو بہ دسترخوان کڻڻ کان اڳ نہ اٿي ۽ نہ ئي پنهنجو هٿ روڪي جيستائين سڀ ماڻهو پنهنجو هٿ نہ روڪين، جيتوڻيڪ ڏَؤ ڪري ڇُڪو هجي ۽ ماڻهن سان گڏ کائيندو رهي ڇو تہ ان جو رڪجي وڃڻ باقي ماڻهن جي شرمندگيءَ جو ڪارڻ بڻبو ۽ اهي پنهنجو هٿ روڪي ڇڏيندا جڏهن تہ تي سگهي ٿو انهن کي اڃان بہ کاڏي جي طلب هجي.“ (شعب الايمان ج5 ص 83 حديث 5864)

وڇ ۾ برڪت جي وضاحت

مفسرِ شهير حكيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا ٿانوَ جي ڪنارن وٽان پنهنجي پنهنجي پاسي کان کائو، وچ مان نہ کائو جو ٿانوَ جي وچ ۾ برڪت لهندي آهي، اتان کان ڪنارن تائين پهچندي آهي، جيڪڏهن توهان وچ مان کائڻ شروع ڪري ڏنو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اتي برڪت اچڻ بند ٿي وڃي، مطلب تہ برڪت لهڻ جي جڳهہ ٻي آهي ۽ برڪت وٺڻ جي جڳهہ اڃان ٻي. (مرآة ج 6 ص 63)

ڪاڏي جون پنج سنتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيش ڪيل حديثِ مبارڪ ۾ ڪاڏي جون پنج سنّتون بيان ڪيون ويون آهن.《1》 پنهنجي پاسي کان کائجي.《2》 ڪو گڏ کائي رهيو هجي تہ ان جي اڳيان کان نہ کائجي 《3》 ٽالهيءَ جي وچ مان نہ کائجي 《4》 پهريان دسترخوان کنيو وڃي ان کان بعد کائڻ وارا اٿن. (افسوس! اڄڪلهہ عمومًا اُبتو انداز آهي يعني پهريان کائڻ وارا اٿندا آهن ان کان پوءِ دسترخوان کنيو ويندو آهي) 《5》 ٻيا بہ ڪاڏي ۾ شامل هجن تہ ان وقت تائين هٿ نہ روڪجي جيستائين سيئي فارغ نہ ٿي وڃن، افسوس! جوڪاڏي جي بيان ڪيل انهن سنّتن تي عمل ڪرڻ وارا هاڻي نظر ئي نہ ٿا اچن، سنّتون سکڻ ۽ عوام الناس جي موجودگيءَ ۾ سنّتن تي عمل جي هٻڪ ختم ڪرڻ لاءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر ڪريو ۽ اتي انهن سنّتن جي باقاعده مشق ڪريو، اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان سنّتن تي عمل ڪرڻ تمام آسان ٿي ويندو.

پوائتن خوابن کان ڇوٽڪارو

مدني قافلن جي برڪتن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصوآهي تہ مون کي **پوائتا خواب** ايندا هئا، مون عاشقانِ رسول سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان **پوائتا خواب** اڇڻ بند ٿي ويا، مون کي خواب ۾ مني مديني جي زيارت ٿي ۽ هاڻي خواب ۾ ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي نماز ۾ مشغول ڏسندو آهيان تہ ڪڏهن تلاوت ۾.

خواب میں ڈر لگے بوجھ دل پر لگے خوب جلوے ملیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يَامُتَكَبِّر 21 ڀيرا اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف سمهڻ وقت پڙهي ڇڏيندؤ ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڀوائتا خواب نه ايندا جيڪڏهن مختلف قسمن جا ڪاڏا مثلاً زردو، پلاءُ ۽ ڪٽاڻ وغيره هڪ ئي ٿالهه ۾ هجن ته ان صورت ۾ ٻئي پاسي ڪان ڪٽڻ جي به اجازت آهي جيئن ته

مختلف کارڪن جو ٿالهه

حضرت سيّدُنا عِڪْراش رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي باغ جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ هڪ ٿانءُ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ تمام گهڻو **ثريد** (يعني ڪُٽي) هئي. اسان ان مان ڪائڻ لڳاسين پوءِ مان پنهنجو هٿ ان جي ڪنارن ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ لڳس، ته سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، " اي عِڪْراش! هڪ ئي جڳهه ڪان ڪائو ڇو ته هي هڪ ئي (قِسم جو) ڪاڏو آهي". پوءِ اسان وٽ هڪ ٿالهه آندو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون تازيون ڪارڪون هيون، حضور سراپا نُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ ٿانوَ ۾ هر طرف جلوه فرما ٿي رهيو هو ۽ ارشاد فرمايائون،" اي عِڪْراش! جتان وٽيوَ ڪائو ڇو ته هي (ڪارڪون) مختلف قسمن جون آهن.

(ابن ماجہ شریف ج 4 ص 15 حدیث 3274)

پنج آڱرين سان کائڻ جاهلن جو طريقو آهي

حضرت سيّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبيّ آخرالزمان، سَرورِ ذيشان، بنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آڳوني ۽ شهادت واري آڱر ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو، ”هنن بن آڱرين سان نه ڪائو.“ (بلڪ انهن سان وچين آڱر ملائي ڪري) ٽن آڱرين سان کائو جو اها سنّت آهي ۽ پنجن سان نه کائو جو هي جاهلن جو طريقو آهي.

(کنزالعمال ج5 ص 115حديث 40872)

شيطان جي کائڻ جو طريقو

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نبي اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي ته ”هڪ آڱر سان کائڻ شيطان جو ۽ بن آڱرين سان کائڻ متڪبرين (يعني مغرور ماڻهن) ۽ ٽن آڱرين سان کائڻ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام جو طريقو آهي.“

(جامع صغير ص 184 حديث 3074)

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه، فيض گنجينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن چار مبارڪ آڱرين سان به کاڌو کائڻ فرمائيندا هئا.

(ملخصًا الجامع الصغير ص 250 حديث 6942)

ٽن آڱرين سان کائڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽن آڱرين سان کائڻ ڪري گرهه ننڍو بڻبو، ننڍو گرهه چباڙڻ آسان رهندو، جيترو بهتر طريقي سان چباڙيندؤ اوترو ئي وات مان نڪرندڙ هاضميدار لُعاب ان ۾ شامل

ٿيندو ۽ اهڙي طرح کاڌو جلدي هضم ٿيندو. حضرت سيّدُنا ملا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي فرمائن ٿا، ”پنجن آڱرين سان کائڻ حريصن جو اُهجاڻ آهي“. (مرقاة ج8ص 9) ماني ٽن آڱرين سان کائڻ گهڻو مشڪل به ناهي فقط ٿوري توجهه جي ضرورت آهي، البت چانور ٽن آڱرين سان کائڻ ٿورو ڏکيو هوندو آهي، پر مدني ذهن رکڻ وارن سنّت جي عاشقن جي لاءِ اها به ڪا مشڪل ڳالهه ناهي يقينًا سنّت ۾ ئي عظمت آهي، وڏن گرهن جي حرص ۾ پنجن آڱرين سان کائڻ بدران تربيت جي خاطر ساڄي هٿ جي بِنصَر (يعني چيچ جي پرسان واري آڱر) کي نِوڙائي ان مٿان ننڍو ربڙ چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو هڪ ٽڪر چيچ ۽ پرسان واري آڱر سان تِري جي طرف دبائي رکو، جيڪڏهن جذبو سچو هوندو ته اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت بڻجي ويندي، جڏهن ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت بڻجي وڃي ته هاڻي ربڙ ۽ ماني جو ٽڪر تِري جي طرف دبائڻ جي ضرورت ناهي جيڪڏهن چانورن جا داڻا جدا جدا هجن ۽ ٽن آڱرين ۾ ان جو گرهه نه بڻجي سگهي ته هاڻي چار يا پنج آڱرين سان کائو پر هي احتياط ضروري آهي ته تِريون نه پرجن بلڪ آڱريون به پاڙ تائين نه پرجن.

چمچي سان کائڻ جي حڪايت

چُري ڪاٽڻ ۽ چمچن سان کائڻ سنّت جي خلاف آهي، اسان جا اسلاف (يعني بزرگ) چمچي سان کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا، ڇو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٽن آڱرين سان کائڻ ثابت آهي. حضرت سيّدُنا امام ابراهيم باجوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ته”هڪ پيري عباسي خليفي مامون الرشيد جي سامهون چمچن سان کاڌو

پيش ڪيو ويو. ان وقت جي **قاضي القُضاة** (يعني چيف جسٽس) حضرت سيّدُنا امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چيو، "الله عَزَّوَجَلَّ 15هين سيپاري جي سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل جي آيت نمبر 70 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ اسان آدم جي اولاد کي عزت ڏني.

اي خليفا! هن آيتِ ڪريمه جي تفسير ۾ توهان جا ڏاڏا سائين حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا " اسان انهن جي لاءِ آڳريون بٽايون جن سان اهي کاڌو کائن ٿا" اهو ٻُڌي هُو انهن چمچن کي ڇڏي آڳرين سان کائڻ لڳو.

(المواهب اللدنيه للباجوري ص114)

چمچي سان ڪڏهن کائي سگهجي ٿو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن غذا ئي اهڙي آهي مثلاً کيرٿي (يا پٽڙي) ڏهي وغيره جيڪا آڳرين سان کائي نه ٿي سگهجي ۽ پي به نه ٿي سگهجي يا هٿ ۾ زخم آهي يا هٿ ميرا آهن ۽ ڏوئڻ لاءِ پاڻي ميسر ناهي ته پوءِ ضرورت موجب چمچي جي اجازت آهي، اهڙي طرح گوشت جو پڪل وڏو ٽڪرو يا ران وغيره کي ڇُريءَ سان ڪَٽي ڪري کائڻ جي اجازت آهي.

هٿ سان کائڻ جا طبي فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڊاڪٽرن اعتراف ڪيو آهي ته جيڪي ماڻهو هٿ سان کائيندا آهن، انهن جي آڳرين مان هڪ خاص قسم جي "هاضميدار رطوبت" نڪري ڪري کاڌي ۾ شامل ٿي ويندي آهي

جيڪا جسم ۾ انسولين (Insulin) گهٽ ٿيڻ ناهي ڏيندي ۽ ان سان شگر جي مريضن کي فائدو ٿيندو آهي، ويتر ڪائڻ کان بعد آڱريون چٽڻ سان وڌيڪ هاضميدار رطوبت پيٽ ۾ داخل ٿيندي آهي جيڪا اکين،دماغ ۽ معدي جي لاءِ بيحد فائديمند آهي ۽ هي دل، معدي ۽ دماغ جي بيمارين جو زبردست علاج آهي.

Appendix جو علاج ٿي ويو مدينا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي جون سنّتون پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو، معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو **دعوت اسلاميءَ** جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سڌي رستي تي اچي چُڪا آهن، هن سلسلي ۾ مَٿرا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءِ ڪجهه هيئن بيان آهي ته ”مان هڪ مادرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کي تباهڪاريان“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان **دعوت اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** سان مُنسلڪ ٿي ويس، مونکي Appendix (آنڊن ۾ سوڄ) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهبرائجي ويس ايتري ۾ **دعوت اسلاميءَ** جي هڪ مبلّغ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي تن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي.

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا بارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني **مدني انعامات** جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ گهمي ڦري ڪري **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان.

بے عمل باعمل بنتے ہیں سَر بسَر تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بغير بيهوشيءَ جي آپريشن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! مدني قافلن ۾ سفر جون ڪيتريون برڪتون آهن، هي ياد رکو! ته بيماري ۽ مصيبت مسلمان جي لاءِ عام طور تي رحمت جو ڪارڻ هوندي آهي، هينئر توهان ٻُڌو ته اسلامي ڀاءُ کي **اپينڊڪس** جي تڪليف ٿي. پوءِ شفا جو سبب مدني قافلي جو سفر بڻيو، اهڙيءَ ريت هو **مدني ماحول** ۾ رَلي ملي ويو ۽ سندس مدني ماحول ۾ پڪو ٿي وڃڻ يقينًا رحمت جي حقدار هجڻ جو ڪارڻ آهي، تڪليف اچي ته صبر جي ڪوشش ڪري خوب اجر ۽ ثواب ڪمائڻ گهرجي، اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي صبر ڪرڻ جو انداز ۽ ان تي ثواب ۽ اجر ڪمائڻ جو جذبو به ڇا خوب هو! جيئن ته شارح بخاري فقيه الهند حضرت علامه مولانا **مفتي محمد شريف الحق امجدي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي "نزهة القاري شرح صحيح البخاري" **جلد 2 ص 213 کان 215** تي نقل ڪن ٿا ته "حضرت سيّدُنا عُروه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جا والد صاحب مشهور صحابي حواريءِ رسول

الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا هئا ۽ والده صاحبہ حضرت سيّدتنا اسماء بنت ابوبکر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا هئي. پاڻ اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا ياڻيجا ۽ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن زبير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جا سڳا ڀاءُ ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مشهور "**فقهاءِ سبعہ**" (يعني ست جيّد علماءِ ڪرام) مان هڪ هئا، عابد و زاهد ۽ راتين جو جاڳي عبادت ڪرڻ وارا بزرگ هئا، روزانو بنا وقفي جي **چوٿون حصو قرآن پاڪ** مان ڏِسي ڪري تلاوت فرمائيندا هئا ۽ چوٿون حصو قرآن شريف رات تهجُّد ۾ پڙهندا هئا. خليفو وليد بن عبدالملڪ چوندو هو تہ جنهن کي جنّتي ڏسڻو هجي تہ اهو حضرت سيّدُنا عُروه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڏسي. هڪ ڀيري سفر ڪري وليد بن عبدالملڪ وٽ تشريف کڻي ويا، سندن پير مبارڪ ۾ آڪلہ جي بيماري ٿي وئي، هي اها بيماري هوندي آهي، جيڪا عضون کي ڦٽ وانگر ڳاري ڇڏيندي آهي، ان لاءِ وليد مشورو ڏنو تہ عملِ جَراحت (آپريشن) ڪرائي ڇڏيو تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ راضي نہ ٿيا پر بيماري پنيءَ تائين وڌي آئي. وليد عرض ڪيو، سائين! هاڻي تہ ٽنگ ڪٽائڻ ضروري آهي نہ تہ هيءَ بيماري سڄي جسم ۾ پکڙجي ويندي. تنهن ڪري پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ راضي ٿي ويا، پوءِ طبيب آيو ۽ ان چيو تہ شراب پي ڇڏيو تہ جيئن ڪٽجڻ ۾ تڪليف جو احساس نہ ٿئي، فرمايائون، الله عَزَّوَجَلَّ جي حرام ڪيل شيءِ جي ذريعي مون کي عافيّت نہ ٿي گهرجي، عرض ڪيائين اجازت هجي تہ ڪا ننڍ آڻيندڙ دوا ڏيان. فرمايائون مان نہ ٿو چاهيان تہ ڪو عضوو ڪٽيو وڃي ۽ مون کي تڪليف جو احساس نہ ٿئي ۽ تڪليف ۽ صبر جي ذريعي ملڻ واري اجر کان مان محروم ٿي وڃان، عرض

ڪيو ويو پلا، ڪجهه ماڻهن کي اجازت ڏيو تہ توهان کي سوگهو ڪري جهلين، فرمايائون، ان جي بہ ضرورت ناهي، آخرڪار پهريان ٽنگ جو گوشت چُريءَ سان ۽ پوءِ هڏو آريءَ سان ڪٽيو ويو، پر سندن صبر ۽ تحمل مرحبا! زبان سان آهہ! بہ نہ ڪيائون مسلسل ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مصروف رهيا، ايتري تائين جو جڏهن لوهہ جي چمچن جي ذريعي زيتون شريف جي ٿهڪندڙ تيل سان زخم کي ڏنيو ويو تہ سور جي شدت سبب بيهوش ٿي ويا جڏهن هوش ۾ آيا تہ چهري مبارڪ تان پگهر اگهڻ لڳا ۽ ڪٽيل پير مبارڪ هٿ ۾ ڪڻي ڪري اٿلائيندي پٽلائيندي فرمايائون، ان ذات جو قسم! جنهن مون کي تو تي سوار فرمايو، مان تنهنجي ذريعي ڪڏهن بہ ڪنهن گناهہ جي طرف نہ ويو آهيان. آپريشن جي سڄي ڪارروائي اهڙي طرح ٿي جو وليد ڳالهين ۾مصروف هو ان کي خبر بہ نہ پئي جڏهن ڏنيڻ جي بوءِ ڦهلي تڏهن ڪيس معلوم ٿيو.

شهزادي جي شهادت

هن سفر ۾ حضرت سيّدُنا عُروه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ٻيو امتحان هي ٿيو تہ سندن شهزادا حضرت سيّدُنا محمد بن عُروه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا وليد جي اصطبل ۾ تشريف ڪڻي ويا تہ ڪنهن چوپايي ماري ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. جڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا واپسي ٿي تہ پندرهين سيپاري جي سُوْرَةُالْكَهْفِ جي آيت نمبر 62 جو هي حصو تلاوت ڪيائون.

لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿۶۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اسان پنهنجي هن سفر ۾ وڏي مشقت کي منهن ڏنو.

حضرت عروه جي سخاوت

حضرت سيّدُنا عُروه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جود ۽ سخاوت جو هي عالم هيو جو جڏهن باغ ۾ ميوا پَچي ڪري تيار ٿي ويندا هئا تہ احاطي جي پت ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، ماڻهو اچي ڪري ڪائيندا هئا ۽ بَڌي ڪري ڪٽي بہ ويندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن پنهنجي باغ ۾ تشريف ڪٽي ويندا هئا تہ ڪين **15** هين سيپاري جي سُوْرَۃُ الْکَھْفِ جي آيت نمبر **39** جو هي حصو زبان تي هوندو هو:

وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڇو نہ ٿيو تہ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ وئين تہ چوين ها تہ جيڪو چاهي الله اسان کي ڪا طاقت ناهي پر الله جي مدد جي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ سنّت ناهي

سرڪارِ عالي وقار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهه ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشگوار آهي، ”مان ٽيڪ لڳائي ڪري ناهيان ڪائيندو.“

(کنزالعمال ج 15 ص 102 حديث 40704)

ٽيڪ لڳائي نہ ڪائو

حضرت سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ”توهان ٽيڪ لڳائي ڪري ڪاڏو نہ ڪائو.“

(مجمع الزوائد ج 5 ص22 حديث 7918)

ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ جون چار صورتون

ڪائڻ وقت ٽيڪ لڳائڻ جون چار صورتون آهن. ﴿1﴾ هڪ پاسو زمين ڏانهن ڪري ويهڻ (يعني ساڄي يا کاٻي پاسي جهڪيل رهڻ) ﴿2﴾ پلٿي هڻي ڪري ويهڻ ﴿3﴾ هڪ هٿ زمين تي رکي (ان تي) ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، ﴿4﴾ پِٺ (يا ڪرسي جي پٺ) وغيره سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، اهي چار ئي صورتون مناسب ناهن. گوڏا ڀيڄي ڪري يا اوڪڙو(يعني ٻئي گوڏا اُڀا ڪري زمين سان لڳي) ويهي ڪري ڪائڻ سنو آهي. طبي لحاظ کان ٻه فائديمند آهي، ٻيهي ڪري ڪائڻ سنو ناهي.

(مرآة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 12)

ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ جا طبي نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ سنّت ناهي، هن سنّت تي عمل نه ڪرڻ ۾ تي طبي نقصان آهن، ﴿1﴾ ڪاڏو چڱي طرح چٻاڙجي نه سگهبو ۽ ان ۾ لعاب (يعني وات جي لِٻ) جنهن مقدار ۾ ملڻ گهرجي اوترو نه ملندو جيڪو معدي ۾ وڃي نشاستيدار غذائن کي هضم ڪري سگهي ۽ ائين هاضمي جو نظام متاثر ٿيندو،﴿2﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ سان معدو ڦهلجي ويندو آهي تنهنڪري اهڙيءَ ريت غير ضروري خوراڪ معدي ۾ هلي ويندي آهي ۽ هاضمو خراب ٿي ويندو. ﴿3﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ سان آنڊن ۽ جگر کي نقصان پهچندو آهي.

حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا،" ٽيڪ لڳائي ڪري پاڻي پيئڻ ٻه معدي جي لاءِ نقصانڪار آهي".

(احياءُ العلوم ج2 ص5)

ماني ۽ جو احترام ڪريو

ڪِريل ماني ڪٽي ڪري ڪائي ڇڏڻ سنّت آهي، جيئن تہ ام المؤمنين سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون، ”بنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ ۾ تشريف ڪٽي آيا، ماني ۽ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺائون تہ ان کي ڪٽي ڪري اگهيائون پوءِ ڪاڏائون ۽ فرمائڻ لڳا، ”عائشہ! (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) سني شيءِ جو احترام ڪريو ، جو اها شيءِ (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم کان ڀڳي آهي تہ موٽي ناهي آئي“. (ابن ماجہ ج4 ص50 حديث 3353)

ڪاڏي جي اسراف ۽ ڪان توبہ ڪريو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ هر ڪو بي برڪتي ۽ تنگدستيءَ جي شڪايت ڪري رهيو آهي. تي سگهي ٿو جو ماني ۽ جو احترام نہ ڪرڻ جي اها سزا هجي. اڄ شايد ئي ڪو مسلمان اهڙو هجي، جيڪو ماني ضايع نہ ڪندو هجي، هر طرف ڪاڏي جي بي حرمتي جا دل ساڙيندڙ نظارا آهن، شادي جون تقريبات هجن يا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی جي نياز جا تبرڪات. افسوس صد ڪروڙ افسوس! دسترخوانن ۽ گِلمن تي بيدردي سان ڪاڏو ڪيرايو ويندو آهي، ڪاڏي جي دوران هڏين سان گڏ ٻوٽي ۽ مصالحو بلڪل صاف ناهي ڪيو ويندو. گرم مصالحي سان گڏ بہ ڪاڏي جا بيشمار جزا ضايع ڪيا ويندا آهن، ٿالهن ۾ بچيل ٿورو ڪاڏو ۽ پيالن، ديگڙين ۾ بچيل رس ٻيهر استعمال ڪرڻ جو اڪثر ماڻهن جو ذهن ناهي، اهڙي طرح تمام گهڻو بچيل ڪاڏو عام طور تي ڪچري جي ڊير جي حوالي ڪيو

ويندو آهي، هينئر تائين جيترو بہ اسراف ڪيو اٿئ، براءِ مهرباني ان کان توبهہ ڪريو. آئنده ڪاڏي جي هڪ بہ داڻي ۽ رس جي هڪ بہ قطري جواسراف نہ ٿئي ان جو بہ عهد ڪريو، واللّٰهِ الْعَظِيم! (يعني عظمت واري رب جو قسم) قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ٿيڻو آهي، يقينًا ڪو بہ قيامت جي حساب جي طاقت نہ ٿو رکي، توبهہ سچي توبهہ ڪري ڇڏيو. درودِ پاڪ پڙهي ڪري عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مون جيترو بہ اسراف ڪيو آهي ان کان ۽ تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن کان توبهہ ڪريان ٿو ۽ تنهنجي عطا ڪيل توفيق سان آئنده گناهن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، يا ربّ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي توبهہ قبول فرماءِ ۽ مونکي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے (حدائق بخشش شریف)

انين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ جي آيت نمبر 31 ۾ **الله رب العالمين** عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾

ترجموڪنزالايمان: ڪائو ۽ پيئو ۽ حد کان نہ وڌو بيشڪ حد کان وڌڻ وارا ان کي پسند ناهن

اسراف ڇاکي چئبو آهي؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان تفسير نعيمي ج 8 ص 390 تي فرمائن ٿا، اسراف جا ڪيترائي تفسير

آهن. ﴿1﴾ حلال شين کي حرام ڄاڻڻ ﴿2﴾ حرام شين کي استعمال ڪرڻ ﴿3﴾ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ، پيئڻ يا پائڻ ﴿4﴾ جيڪا دل چاهي اهو کائڻ پيئڻ يا پائڻ ﴿5﴾ ڏينهن رات ۾ هرهر کائيندو پيئندو رهڻ جنهن سان معدو خراب ٿي وڃي يا بيمار ٿي پوي. ﴿6﴾ نقصانڪار شيون کائڻ پيئڻ ﴿7﴾ هر وقت کائڻ پيئڻ ۽ پائڻ جي خيال ۾ رهڻ تہ هاڻي ڇا کائيندس، آئينده ڇا پيئندس (روح البيان ج 3 ص 154) ﴿8﴾ غفلت جي لاءِ کائڻ ﴿9﴾ گناهہ ڪرڻ جي لاءِ کائڻ ﴿10﴾ سنو کائڻ پيئڻ، سنو پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو ڪڏهن معمولي شيءِ کائي پي نہ سگهي. ﴿11﴾ اعليٰ غذائن کي پنهنجي ڪمال جو نتيجو ڄاڻڻ، مطلب تہ هن هڪ لفظ ۾ ڪيترائي احڪام داخل آهن. حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ ”هر وقت پيٽ ڀريل رهڻ کان بچو جو هي جسم کي بيمار، معدي کي خراب ۽ نماز ۾ سُست ڪندو آهي، ڪاڏي پيتي ۾ وڇٽرائپ اختيار ڪريو جو هي بيشمار بيمارين جو علاج آهي، الله تعالي ٿلهي شخص[1] کي ناپسند ڪندو آهي. (ڪشف الخفاء ج 1ص 221 حديث 760) جيڪو شخص شهوت (يعني خواهش) کي پنهنجي دين تي غالب ڪندو اهو هلاڪ ٿي ويندو. (روح المعاني ج 4 ص 163ملتان، تفسير نعيمي ج 8 ص 390 مرڪز الاولياءِ لاهور)

سنهڙي ماڻهوءَ جي فضيلت

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪاڏو گهٽ کائڻ سان گڏوگڏ بالخصوص ميدو، مناڻ ۽ سٽي ۽ ان مان نهيل شين جي استعمال ۾ (طبيب جي مشوري جي

[1] ٿولهہ جي سبب ڪنهن مسلمان تي ڪلي ڪري ۽ چيڙائي ڪري دل ڏکائڻ گناهہ آهي.

مطابق) گهٽتائي ڪرڻ سان جسم جي وزن ۾ گهٽتائي ايندي آهي، نڪتل پيٽ اصلي حالت تي ايندو آهي ۽ ماڻهو سهڻي جسماني بيهڪ وارو (يعني SMART) رهندو آهي. جسم جو وزن گهٽ ڪرڻ جو طريقو معلوم ڪرڻ لاءِ فيضان سنّت (جلد پهريون) جي باب " **پيٽ جو قفلِ مدينه** "ص 72 کان 75 تائين جو مطالعو ڪريو. گهٽ ڪائڻ واري ۽ هلڪي بدن واري مسلمان کي خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائيندو آهي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبيّ ڪريم،رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو،" **الله** عَزَّوَجَلَّ کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ ڪائڻ وارو ۽ هلڪي بدن وارو آهي. **(الجامع الصغير ص 20 حديث 221)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني ماحول ضروري آهي نہ تہ عارضي طور تي جذبو پيدا ٿيندو بہ آهي تہ سٺي صحبت جي اٿهوند سبب استقامت ناهي ملي سگهندي، تنهنڪري **عاشقان رسول** جي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوت اسلامي** جي برڪت سان هر طرف سنّتن جي ڌوم ڌام آهي،اچو دعوتِ اسلامي جي هڪ ايمان افروز"بهار"سان پنهنجي قلب ۽ جگر کي گلِ گلزار ڪريو، جيئن تہ

هڪ غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ

تعلقي ٿانڊا ضلعي آمبيڊڪرنگر (يوپي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن ريت بيان آهي تہ مان ڪفر جي اُونداهہ

وادين ۾ پِٽڪي رهيو هئس، هڪ ڏينهن ڪنهن مونکي مڪتبة المدينه جو هڪ رسالو **احترام مسلم** تحفي ۾ ڏنو، مون پڙهيو تہ حيران ٿي ويس تہ جن مسلمانن کي مون هميشہ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي، انهن جو مذهب اسلام پاڻ ۾ ايتري قدر امن ۽ محبت جو پيغام ڏئي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي منهنجي جگر ۾ لهي وئي ۽ منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت جو چشموچوليون هڻڻ لڳو، هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس تہ، ڪجهہ ڏاڙهي ۽ وارن اسلامي پائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت تہ پيدا ٿي ئي چُڪي هئي، تنهن ڪري مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ انهن مان هڪ اسلامي ڀاءَ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مونکي انهن جو اهو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ مون سان گفتگو شروع ڪئي، هو سمجهي ويو تہ مان مسلمان ناهيان ان مُرڪندي تمام دلنشين انداز ۾ مون کي چيو تہ مان توهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، رسالو **احترام مسلم** پڙهي ڪري جيئن تہ مان پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو چاهيندڙ بڻجي چُڪو هئس، ان جي عاجزاڻي انداز دل تي وڏيڪ اثر وِڌو، مون کان انڪار نہ ٿي سگهيو، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سچيءَ دل سان اسلام قبول ڪري ورتو ، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مسلمان ٿيندي

مون کي چار مهينا ٿي چُڪا آهن، مان پابنديءَ سان نماز پڙهي رهيو آهيان، ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي آهي، دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت بہ حاصل ڪري رهيو آهيان.

کافروں کو چلیں مشرکوں کو چلیں دعوتِ دین دیں قافلے میں چلو
دین پھیلایئے سب چلے آیئے مل کے سارے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ماڻهن کان شرمائي سنت ناهي ڇڏبي!

اسان جا صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، آقاءِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ گم رهندا هئا، دنيا جي ڪابہ ڪشش ۽ بيوفا معاشري جي ڪابہ ڪوڙي "مُروّت" انهن کان سنّت نہ ڇڏائي سگهندي هئي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرت سيّدُنا مَعْقِل بن يسار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (جيڪي اتان جي مسلمانن جا سردار هئا) ڪاڏو ڪائي رهيا هئا تہ سندن هٿ مان گرهہ ڪِري پيو ۽ پاڻ ڪنيائون ۽ صاف ڪري ڪائي ڇڏيائون، اهو ڏسي ڪري ڪجهہ جاهل ماڻهن اکين سان هڪ ٻئي کي اشارو ڪيو (تہ ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي جو ڪِريل گرهہ انهن ڪائي ڇڏيو) ڪنهن پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي چيو تہ "اللہ عَزَّوَجَلَّ امير جو پلو ڪري، اي اسان جا سردار! هي جاهل ماڻهو ٽيڏين نظرن سان اشارو ڪن ٿا تہ امير صاحب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪِريل گرهہ ڪائي ڇڏيو حالانڪہ سندن سامهون

هي ڪاڏو موجود آهي،“ پاڻ فرمايائون، ”انهن عجمين جي ڪري مان ان شيءِ کي نہ ٿو ڇڏي سگهان جنهن کي مون سرڪارِمدينہ، راحت قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي، اسان هڪ ٻئي کي حڪم ڏيندا هئاسين تہ گرهہ ڪري پئي تہ ان کي صاف ڪري ڪاڏو وڃي، شيطان جي لاءِ نہ ڇڏيو وڃي.“ **(ابن ماجہ شريف ج4 ص 17حديث 3278)**

رُوحِ ايماں مَغْزِ قُرآں جانِ ديں
ہَسْت حُبِّ رَحمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن

خوب انفرادي ڪوشش ڪريو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جليل القدر صحابي ءِ مسلمانن جا سردار سيّدُنا مَعْقِل بن يسار رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ سنّتن سان ڪيتري قدر پيار ڪندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عجمين جي اشارن جي ذري برابر بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ بنا ڪنهن جي پرواهہ ڪندي سنتين تي عمل جاري رکيو ۽ اڄ ڪجهہ نادان مسلمان اهڙا بہ آهن جيڪي **”ماڊرن ماحول“** ۾ ڏاڙهي مبارڪ جهڙي عظيم الشان سنّت جي ڇڏڻ کي مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **”حڪمت عملي“** سمجهندا آهن، حقيقي حڪمت عملي اها ئي آهي تہ ڪيڏو بہ بُرو ماحول هجي، ڏارين جو زور هجي،بد مذهبن جو شور هجي، ڪجهہ بہ هجي توهان ڏاڙهي شريف، عمامو شريف ۽ سنّتن پريو لباس پائيندا رهو، ڪائڻ پيئڻ ۽ روزمره جي معمولات ۾ سنّتن جي دامن کي نہ ڇڏيو، ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جاري رکو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو رهندو، حق جو نامياروٿيندو، شيطان جو منهن ڪارو ٿيندو، هر طرف سنّتن جو سوجهرو ٿيندو، دنيا جي دولت جو هر عاشق مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پروانو ٿيندو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهر

گهر ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جو سوجهرو ٿيندو.

خاک سورج سے اندھیروں کا اِزالہ ہوگا　　آپ آئیں تو مرے گھر میں اُجالا ہوگا
ہو گا سیراب سرِ کوثر و تسنیم وُہی　　جس کے ہاتھوں میں مدینے کا پیالہ ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

انفرادي ڪوشش جي هڪ **مدني بهار** ملاحظ فرمايو، جيئن تہ:

ڪافر جو اسلام قبول ڪرڻ

دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ڪان عاشقانِ رسول جو هڪ **92** ڏينهن جو مدني قافلو ڪولمبو (**سي لنڪا**) جي سفر تي هو،جنهن ڏينهن ضلعي "ايرو" ڏانهن **30** ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جي سفر تي روانگي هئي، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ غير مسلم نوجوان کي **امير قافلہ** جي خدمت ۾ آندو،اميرِ قافلہ سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعليٰ ڪردار جي متعلق ڪجهہ خوشبودار مدني گل پيش ڪري ان کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي ان تي ان ڪجهہ سوال ڪيا،جنهن جا جواب ڏنا ويا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **تقريبًا هڪ ڪلاڪ جي انفرادي ڪوشش ڪانپوءِ ۽ اهو غير مسلم مسلمان ٿي ويو.**

کافر آجائیں گے　راہِ حق پائیں گے　اِن شاءَاللہ، چلیں قافلے میں چلو
کُفر کا سر جُھکے　دیں کا ڈنکا بجے　اِن شاءَاللہ، چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

انفرادي ڪوشش جي هڪ **مدني بهار** ملاحظ فرمايو، جيئن تہ:

اولاد کي ڪم عقلي کان بچائڻ جو نسخو

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خيريت نشان آهي،"جيڪو شخص دسترخوان تان ڪاڏي جا **ڪِريل ذرا** ڪٽي ڪري کائيندو اهو ڪشادگي واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ڪم عقلي کان محفوظ رهندي آهي."

(کنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40815)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تنگدستيءَ جو علاج

زبردست محدث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد کي بغداد جي خليفي مامون رشيد پاڻ وٽ گهرايو، ڪاڏي جي آخر ۾ ڪاڏي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا،اهي محدث صاحب چونڊي چونڊي ڪري کائڻ لڳا، مامون حيران ٿي ڪري چيو،اي شيخ! ڇا توهان جو اجان تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون ڇو نہ! دراصل ڳالهہ هي آهي جو مون کي حضرت سيّدُنا حمّاد بن سلمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ حديث بيان فرمائي آهي تہ "جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چونڊي چونڊي ڪري کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو." مان انهيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ٻُڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم ڏانهن اشارو ڪيائين تہ هو هڪ هزار دينار رومال ۾ ٻڌي ڪري ڪٽي آيو، مامون ان کي حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو،حضرت سيّدُنا هُدبہ

بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد فرمايو اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حديث مبارڪ تي عمل جي هٿوهٿ برڪت ظاهر ٿي وئي. (ثمرات الاوراق ج 1 ص 8)

شرمائي ڪري سنتون نہ ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى سنّتن تي عمل جي مُعاملي ۾ دنيا جي وڏي کان وڏي رئيس بلڪہ بادشاهہ جي بہ پرواهہ نہ ڪندا هئا، هن حڪايت مان اسان جي انهن اسلامي ڀائرن کي درس حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي ماڻهن جي مروت جي ڪري ڪائڻ پيئڻ جون سنّتون ڇڏي ڏيندا آهن گڏوگڏ ڏاڑهي شريف ۽ عِمامي مبارڪ جي عزّت واري تاج کي مٿي تي سجائڻ کان ٿنائيندا آهن، يقينًا سنّت تي عمل ڪرڻ ٻنهي جهانن ۾ سعادت جو ڪارڻ آهي، ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ هٿو هٿ ان جون برڪتون ظاهر ٿي ويندیون آهن، جيئن حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد کي شاهي دربار ۾ سنّت تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان هڪ هزار دينار ملي ويا ۽ پاڻ مالدار ٿي ويا.

جو اپنے دل کے گلدستے میں سنّت کو سجاتے ہیں
وہ بے شک رَحمتیں دونوں جہاں میں حق سے پاتے ہیں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙيءَ ريت روزيءَ ۾ برڪت جا اسباب آهن اهڙي طرح روزيءَ ۾ تنگيءَ جا بہ اسباب آهن، جيڪڏهن انهن کان بچيو وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزيءَ ۾ برڪت ئي برڪت ڏسندؤ. توهان جي معلومات جي لاءِ تنگدستيءَ جا 44 سببَ عرض ڪريان ٿو.

تنگدستيءَ جا 44 سبب

﴿1﴾ بنا هٿ ڌوئڻ جي ڪائڻ﴿2﴾ مٿي اگهاڙو ڪائڻ ﴿3﴾ اونداهيءَ ۾ ڪائڻ ﴿4﴾ دروازي تي ويهي ڪري ڪائڻ پيئڻ ﴿5﴾ ميّت جي پرسان ويهي ڪري ڪائڻ ﴿6﴾ جنابت (يعني جماع يا احتلام کان پوءِ غسل کان اڳ) کاڌو ڪائڻ ﴿7﴾ (ٿانوَ ۾) نڪتل کاڌي ڪائڻ ۾ دير ڪرڻ ﴿8﴾ ڪٿ تي بنا دسترخوان وڇائڻ جي ڪائڻ ﴿9﴾ ڪٿ تي پاڻ سيراندي ۽ ڪان ويهڻ ۽ کاڌو پيراندي ۽ کان رکڻ ﴿10﴾ ڏندن سان ماني ڪٽڻ (برگر وغيره ڪائڻ وارا به احتياط ڪن) ﴿11﴾ چيني يا نڪر جا پڳل ٿانوَ استعمال ۾ رکڻ يا ان ۾ پاڻي پيئڻ (ٿانوَ يا ڪوپ جي پڳل حصي جي طرف کان پاڻي، چانهه وغيره پيئڻ مڪروهه آهي، نڪر جا ڏار پيل اهڙا ٿانوَ جن جي اندروني حصي مان ٿوري به مٿي اکڙيل هجي ته ان ۾ کاڌو نه ڪائو چو ته مر مٿي ۽ جراثيم پيٽ ۾ وڃي ڪري بيمارين جوسبب بڻجي سگهن ٿا) ﴿12﴾ کاڌل ٿانوَ صاف نه ڪرڻ ﴿13﴾ کاڌو جنهن ٿانوَ ۾ کاڌو آهي انهيءَ ۾ هٿ ڌوئڻ ﴿14﴾ خلال ڪرڻ وقت جيڪي ذرا نِڪرن انهن کي وري وات ۾ رکي ڇڏڻ ﴿15﴾ کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ نه ڍڪڻ .کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ بِسْمِ الله پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏڻ گهرجن جوبلائون(يعني بيماريون) لهنديون آهن ۽ خراب ڪري ڇڏينديون آهن پوءِ اهو کاڌو ۽ مشروب بيماريون پيدا ڪندوآهي. ﴿16﴾ مانيءَ کي اڇلائڻ جو بي ادبي ٿئي ۽ پيرن ۾ اچي. (ملخصاً سني بهشتي زيور ص 595 تا 601) **حضرت** سيّدُنا امام برهان الدين زرنوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تنگدستي جا جيڪي اسباب بيان فرمايا آهن انهن ۾ هي به آهن﴿17﴾ گهٽي سمهڻ جي عادت

(ان سان جهالت بہ پيدا ٿيندي آهي) ﴿18﴾ اگهاڙوسمهڻ ﴿19﴾ بي حيائيءَ سان پيشاب ڪرڻ (ماڻهن جي سامهون عام رستن تي بنا تڪلف جي پيشاب ڪرڻ وارا غور فرمائن) ﴿20﴾ دسترخوان تي ڪِريل داڻا ۽ ڪاڏي جا ذرا وغيره ڪٽڻ ۾سُستي ڪرڻ ﴿21﴾ بصر ۽ ٿوم جون گلون ساڙڻ ﴿22﴾ گهر ۾ ڪپڙي سان ٻُهاري ڏيڻ﴿23﴾ رات جو ٻُهاري ڏيڻ ﴿24﴾ ڪچروگهر ۾ئي ڇڏي ڏيڻ ﴿25﴾مشائخ جي اڳيان هلڻ ﴿26﴾ والدين کي انهن جي نالي سان سڏڻ ﴿27﴾ هٿن کي گاري يا مٿيءَ سان ڏوئڻ ﴿28﴾ دروازي جي هڪ حصي سان ٽيڪ لڳائي ڪري بيهڻ ﴿29﴾ بيت الخلا ۾ وضو ڪرڻ ﴿30﴾ جسم تي ئي ڪپڙو وغيره سبي وٺڻ ﴿31﴾ چهرولباس سان خشڪ ڪرڻ ﴿32﴾ گهر ۾ڪوريئڙي جو ڄارو لڳل رکڻ ﴿33﴾ نماز ۾ سُستي ڪرڻ﴿34﴾ فجر جي نماز کانپوءِ مسجد مان جلدي نڪري وڃڻ ﴿35﴾ صبح جو سوير بازار وڃڻ ﴿36﴾دير سان بازار مان اچڻ ﴿37﴾ پنهنجي اولاد کي پاراتا ڏيڻ (اڪثر عورتون ڳالهه ڳالهه تي پنهنجي ٻارن کي پاراتا ڏيندیون آهن ۽ پوءِ تنگدستيءَ جي شڪايت بہ ڪنديون آهن!) ﴿38﴾ گناهه ڪرڻ خصوصًا ڪوڙ ڳالهائڻ ﴿39﴾ ڏيئي کي ڦوڪ ڏئي وسائڻ ﴿40﴾ ٿُنل ڦٽي استعمال ڪرڻ ﴿41﴾ ماءُ پيءُ جي لاءِ دعاءِ خير نہ ڪرڻ ﴿42﴾ عمامو ويهي ڪري ٻَڌڻ ۽ ﴿43﴾ پاجامو يا شلوار بيٺي بيٺي پائڻ ﴿44﴾ نيڪ عملن ۾ بهانا ڪرڻ.

(لنوائڻ) (تعليم المتعلم طريق التعلم 73 کان 76 باب المدينه ڪراچي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪِريل ماني ۽ ڪائڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، ڪڏهن ڪڏهن بظاهر عمل تمام ننڍو هوندو آهي پر ان جي فضيلت تمام وڏي هوندي آهي، جيئن حضرت سيّدُنا عبدالله بن اُمِ حرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا. ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”ماني ۽ جو احترام ڪريو جو اها آسمان ۽ زمين جي برڪتن مان آهي،جيڪو شخص دسترخوان تان ڪِريل ماني ۽ ڪي ڪائيندوان جي مغفرت ٿي ويندي.“

(الجامع الصغير ص 88 حديث 1426)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان ٿوري هڪ ختم ڪريون ۽ دسترخوان تي ڪِريل ماني ۽ چانور جا داڻا وغيره ڪٿي ڪري ڪائي ڇڏيون ۽ مغفرت جا حقدار بڻجون.

طالبِ مغفِرت ہوں یااللہ
بخش دے بہرِ مصطفٰے یارب!

ماني ۽ جي ٽڪر جي حڪايت

هڪ پيرو سيّدُنا عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا زمين تي ماني ۽ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺو تہ غلام کي فرمايائون ”ان کي صاف ڪري رکي ڇڏيو، جڏهن غلام کان شام جو افطار جي وقت اهو ٽڪر گهريائون تہ ان عرض ڪيو”اهو تہ مون کائي ڇڏيو ”فرمايائون وجو توهان آزاد آهيو چو تہ مون تاجدار مدينہ، راحتِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي تہ”جيڪو ماني ۽ جو ڪِريل ٽڪر ڪٿي ڪري کائي ڇڏيندو

آهي تہ ان جي پيٽ ۾ پهچڻ کان پهريان ئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.“ هاڻي جيڪو مغفرت جو حقدارتي ويو مان ان کي غلام ڪيئن بڻائي رکان؟ (تنبيه الغافلين ص 348 حديث 514)

مدني سوچ: سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي بزرگن جي بہ ڪهڙي مدني سوچ هوندي هئي جو ڪِريل ماني ڪائي ڪري غلام مغفرت جو حقدار ٿي ويو تہ آقا بہ ڪيس پنهنجي غلاميءَ مان آزاد ڪري ڇڏيو، يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي بہ مدني سوچ ۽ سنّتن سان حقيقي محبت عطا فرماءِ ۽ اسان کي بہ توفيق ڏي جو جڏهن زمين تي ماني ۾ جو ٽڪر ڪِريل ڏسون تہ ادب سان کڻي ڪري، چُمي ڪري ۽ صاف ڪري کائڻ جي سعادت حاصل ڪندا ڪريون، يا الاهي عَزَّوَجَلَّ! سنّتن تي عمل جي معاملي ۾ اسان جي هيڪ ختم ٿي وڃي ۽ اسان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُنّتوں سے مجھے محبّت دے

میرے مرشد کا واسِطہ یارب!

دسترخوان وڏايو!: بزرگن جو معمول اهو آهي تہ ڪاڏي ڪان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هي نہ چوندا آهن تہ ”دسترخوان ڪٽو“ بلڪ چوندا آهن تہ ”دسترخوان وڏايو“ يا ”ڪاڏو وڏايو“ ان ريت چوڻ ۾ دسترخوان وڏڻ ۽ ڪاڏو وڏڻ ۽ برڪت، ڪشادگي ۽ وسعت جي انهيءَ ضمن ۾ دعا هوندي آهي. (ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص 566)

جڏهن مون رسالو ”خوفناڪ اٿ“ پڙهيو....

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ٻنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي **مدني ماحول** سان هردم وابسته رهو، دعوتِ اسلاميءَ جي برڪتن جو تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! ڪلڪتي (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو عرض ڪريان ٿو سندن چوڻ آهي، تہ مان سنّتن ڀري زندگي ڪان تمام پري هڪ فيشن ايبل نوجوان هئس، هڪ رات گهر ڏانهن ايندي رستي ۾ سبز سبز عمامن جون بهارون نظر آيون، ويجهو ويس تہ خبر پئي تہ بمبئيءَ ڪان دعوتِ اسلاميءَ وارن عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيل آهي، جنهن سبب هتي سنّتن ڀريو اجتماع ٿي رهيو آهي، منهنجي دل ۾ خيال آيو هي ڊگهو سفر ڪري اسان جي شهر ڪلڪتي آيا آهن، انهن کي ٻُڌڻ گهرجي تنهنڪري مان اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويس، آخر ۾ انهن مڪتبة المدينه جا ڇپيل رسالا ورهائڻ شروع ڪيا، خوشقسمتيءَ سان هڪ رسالو منهنجي ٻہ هٿ اچي ويو، ان تي لکيل هو” **خوفناڪ اُٿ**“، مان گهر اچي ويس، اهو ذهن بڻائي ڪري رسالو رکي ڇڏيم تہ سياڻي پڙهندس پوءِ سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳس، سمهڻ کان اڳ ائين ئي رسالي **خوفناڪ اٿ** جو مون جڏهن ورق اٿلايو تہ منهنجي نظر هن عبارت تي پئي ”شيطان ڪيڏي ٻہ سُستي ڏياري پر هي رسالو ضرور پڙهي ونو اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جي اندر مدني انقلاب برپا ٿيندو.“ هن جملي منهنجي زبردست رهنمائي ڪئي مون سوچيو تہ واقعي شيطان مونکي هي رسالو ڪٿي پڙهڻ ڏيندو، سياڻي ڪنهن ڏني آهي! نيڪيءَ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، هن کي هاڻي ئي

پڙهڻ گهرجي اهو سوچي مون پڙهڻ شروع ڪيو، ان پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن جي دربار عالي ۾ حاضر ٿي ڪري قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو! جڏهن مون رسالو **خوفناڪ اٿ** پڙهيو تہ ان ۾خبيث ڪافرن جي طرف ڪان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٿيندڙ ظلمن جو پُرسوز بيان پڙهي ڪري مان روئي ويٺس، منهنجي ننڍ ڦٽي وئي ڪافي دير تائين مان روئندو رهيس، راتو رات مون عزم ڪيو تہ صبح جو هٿو هٿ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس جڏهن صبح جو مون والدين جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ انهن خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ مان ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، قافلي وارن مونکي بدلائي ڪري ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو!

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻجي واپس موٽيس، سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ٿي ويس، جسم مدني لباس سان سينگارجي ويو، منهنجي ماءُ جڏهن مونکي تبديل ٿيل ڏنو تہ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ خوب دعائن سان نوازيائين، مٽ مائٽ سڀ مون کان خوش ٿي ويا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! اڄڪلهہ دعوتِ اسلامي جي هڪ تحصيل مُشاورت جي خادم(نگران) جي حيثيت سان وس آهر سنّتن جون ڏومون مچائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

عاشقانِ رسول لائے جنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو
بھاگتے ہیں کہاں آ بھی جائیں یہاں پائیں گے جنّتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رسالا ورهايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول هڪ بي نمازي مادرن نوجوان کي ڪٽان کان ڪٽي پهچائي ڇڏيو! هي به معلوم ٿيو ته **مکتبة المدينه** جي طرفان شايع ٿيل **سنّتن پريا رسالا** ورهائڻ جا ڪيترائي فائدا آهن، ان مادرن نوجوان **خوفناڪ اٿ** نالي رسالو پڙهيو ته تڙپي ڪري هٿو هٿ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو ۽ سر سبز ٿي ويو، تنهنڪري پنهنجي مائٽن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ عرسن ۽ اجتماعات، شادي غمي جي تقريبات، جنازي ۽ ڄڻ ۽ جلوسِ ميلاد ۾ سنّتن پريا رسالا ۽ رنگ برنگي مدني گلن جا جدا جدا پمفليٽ مکتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري خوب خوب تقسيم ڪريو. شادي ڪاردن ۾ به هڪ هڪ رسالو وجهي ڇڏيو، جيڪڏهن توهان جو ڏنل رسالو يا پمفليٽ پڙهي ڪري ڪنهن جي دل تي اثر ٿي ويو ۽ اهو نمازي ۽ سنّتن جو عادي بڻجي ويوته اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جو به ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

ہر مہینے جو کوئی بارہ رسالے بانٹ دے
ان شاءَاللہ دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار ہے

آگريون چٽڻ سنت آهي

حضرت سيّدُنا عامر بن ربيعه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ سَيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽن آگرين سان ڪاڏو ڪائيندا هئا ۽ جڏهن فارغ ٿيندا هئا ته انهن کي چٽي ڇڏيندا هئا.

(مجمع الزوائد ج 5 ص 23 حديث 7923)

خبر ناهي ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي

حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ”تاجدارِ مدينه، قرار قلب و سينه، فيض گنجينه، باعث نزول سڪينه، سلطانِ باقرينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آڳرين ۽ ٿانوَ کي چٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائون ته توهان کي ڄاڻ ناهي ته ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي.“ (صحيح مسلم ص 1122 الحديث 2023)

ڪاڏي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو طريقو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه مسلمانن جي ڪائڻ جو انداز ڏسي ڪري ائين لڳي ٿو ته تمام گهٽ ئي خوشنصيب اهڙا هوندا جيڪي سنّت جي مطابق ڪاڏو ڪائيندا هجن ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪندا هجن، بيان ڪيل حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو،”توهان کي ڄاڻ ناهي ته ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي“، تنهن ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ڪاڏي جو هڪ ذرو به ضايع نه ٿئي، هڏي وغيره کي ايترو چوسڻ ۽ چٽڻ گهرجي جو ان تي ٻوٽيءَ جو ڪو جزو ۽ ڪنهن قسم جا غذائي اثرات باقي نه رهن، ضرورت موجب پليٽ ۾ هڏيءَ کي چندي ڇڏيو ته جيئن ڪو ڍاڻو وغيره اٽڪيل هجي ته ٻاهر اچي وڃي ۽ ڪائي سگهجي ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڪاڏي ۾ پڪل گرم مصالحا مثال طور ڦوٽا، ڪارا مرچ، لونگ، دالچيني وغيره به ڪائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي ٿيندو. جيڪڏهن ڪائي نه سگهو تڏهن به ڪو گناهه ناهي برياني وغيره مان

ثابت ساوا مرچ ڪڍي اڇلائڻ جي بدران ممڪن هجي تہ ڪاڏو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي انهن کي چونڊي ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده ڪنهن ڪاڏي ۾ پيهي ڪري وجهي ڇڏيو، اڪثر ماڻهو مڇيءَ جي گل بہ اڇلائي ڇڏيندا آهن ان کي بہ ڪائي ڇڏڻ گهرجي، مطلب تہ ڪاڏي جي سيني جزن تي غور ڪيو وڃي ۽ ان جي هر نقصان نہ ڏيندڙ شيءِ ڪاڏي وڃي، ۽ پڻ آڳريون ۽ ٿانءُ ايترو صاف ڪيو جو ان ۾ ڪاڏي جا جزا باقي نہ رهن.

آڳريون چٽڻ جي ترتيب

حضرت سيّدُنا ڪعب بن عُجْره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي آڳونو، شهادت واري ۽ وچين آڳر مبارڪ ملائي ڪري تن آڳرين سان ڪائيندي ڏٺو، پوءِ مون ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي اُڳهڻ کان اڳ ۾ چٽي ڇڏيو، سڀ کان پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ پوءِ آڳونو مبارڪ چٽيائون.

(مجمع الزوائد ج 5 ص 29 حديث 7941)

آڳريون ٽي ڀيرا چٽڻ سنت آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! آڳريون ٽي ٽي ڀيرا چٽڻ سنّت آهي جيڪڏهن تن ڀيرن جي باوجود آڳرين تي ڪاڏي جا ذرڙا لڳل هجن تہ وري چٽي ڇڏيو ايتري تائين جو ڪاڏي جو اثر نظر نہ اچي. شمائلِ ترمذي ۾ آهي، ٻنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (ڪائڻ کان بعد) پنهنجون مبارڪ آڳريون ٽي ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

(شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

ٿانءُ چَٽڻ سنت آهي

سردارِ مڪهءِ مڪرمه،سلطان مدينهءِ منوره صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي، جيڪو پليٽ ۽ پنهنجي آڱرين کي چٽي چڏيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ آسودو (يعني خوشحال) رکندو آهي. (طبراني ڪبير ج 18 ص 261 حديث 653)

آخر ۾ برڪت گهٽي هوندي آهي

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، ” ڪاڏي جي ٿانوَ کي نه ڪنيو وڃي ايتري تائين جو ڪائڻ وارو ان کي چٽي چڏي يا ڪنهن ٻئي کي چٽائي چڏي جو،“ ڪاڏي جي آخر ۾ برڪت (گهٽي) هوندي آهي.“ (ڪنز العمال ج 15 ص 111)

ٿانءُ مغفرت جي دعا ڪندو آهي

حضرت نُبَيْشَه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته بِاذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ غفار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو ڪائڻ کان پوءِ ٿانوَ کي چٽيندو اهو ٿانءُ ان جي لاءِ اِستِغْفَار ڪندو.“ (ابن ماجه ج 4 ص 14 حديث 3271)

هڪ روايت ۾ هي به آهي ته اهو ٿانءُ چوندو آهي”اي الله عَزَّوَجَلَّ! ان کي جهنم کان آزاد ڪر جهڙي ريت ان مون کي شيطان کان چوٽڪارو ڏنو. (ڪنزالعمال ج15 ص 111 حديث 40822)

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا،” ياڄي لڳل ٿانءُ بنا صاف ڪرڻ جي پيو رهي ته ان کي شيطان چٽيندو آهي“. (مرآة ج 6 ص52)

ٿانءُ ڇٽڻ جون حڪمتون

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا. ” ٿانوَ ڇٽڻ ۾ ڪاڏي جو ادب آهي، ان کي بربادي کان بچائڻ آهي، ٿانءُ ائين ئي ڇڏي ڏيڻ سان ان تي مڪيون ويهنديون آهن، ٿانءُ ۾ لڳل ڪاڏي جا ذرا مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نالين ۽ گندگين ۾ اچلايا ويندا آهن، جنهن سان ان جي سخت بي ادبي ٿيندي آهي، جيڪڏهن هڪ وقت ۾ هر شخص ڪجهه داڻا به ٿانوَ ۾ ڇڏي ضايع ڪري ته روزانو ڪيترائي مڻ ڪاڏو برباد ٿي ويندو. مطلب ته ٿانوَ ڇٽڻ ۾ ڪيتريون ئي حڪمتون آهن“.

(ملخص از مرآة ج6 ص 38)

ايمان افروز ارشاد!

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،” پيالو ڇٽي ڇڏڻ مونکي ان کان وڌيڪ پيارو آهي جو پيالو ڀري خيرات ڪريان“.(يعني ڇٽڻ ۾ جيئن ته عاجزي آهي تنهنڪري ان جو ثواب ان صدقي جي ثواب کان وڌيڪ آهي.)

(كنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40821)

سنت جون برڪتون

مٿي مٿي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،” جيڪو پليٽ ۽ پنهنجون آڱريون چٽي الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو پيٽ ڀري.“ (يعني دنيا ۾ تنگدستيءَ کان بچي، قيامت جي ٻُک کان محفوظ رهي، دوزخ کان پناهه ڏنو وڃي جو دوزخ ۾ ڪنهن جو پيٽ نه ڀربو)

(طبراني كبير ج18 ص 261 حديث 653)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ڏيڻ

حجةالاسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ”جيڪو ڪاڏي جو ٿانءُ چٽيندو ۽ ڏوئي ڪري ان جو پاڻي پي ڇڏيندو ان کي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي.“ (احياءُ علوم الدين ج2 ص7)

ڏوئي ڪري پيئڻ جو طريقو ڏيڻ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! صرف ڪاڏي جي ئي پليٽ کي چٽڻ ڪافي ناهي، جڏهن به ڪنهن پيالي يا گلاس وغيره ۾ چانهه، ڪير، لسي، فروٽ جو جوس(Juice) وغيره واپرايو، انهن کي به چٽيو۽ ڏوئي ڪري پي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت ڀاجي يا ڪنهن ٻي غذا جو گڏيل وَٽوَ، ڪڙاهي يا ديڳڙو خالي ٿي چُڪو آهي يا ان ۾ معمولي به غذا باقي رهجي وئي آهي ته ان کي ۽ ڪيڻ واري چمچي کي به ممڪن هجي ته صاف ڪري ڇڏيو، عام طور تي ديڳن، ديڳڙين ۽ وڏن ٿانوَن جي اندر ڪجهه نه ڪجهه غذا باقي رهجي ويندي آهي جيڪا ضايع ڪئي ويندي آهي، ائين نه ٿيڻ گهرجي جيترو ممڪن هجي ان مان غذائي جزا ڪڍي ڇڏيو هڪ داڻو به ضايع نه ٿيڻ ڏيو. هي به ٿي سگهي ٿو ته ان کي ڏوئي ڪري پاڻي جمع ڪري فرج ۾ رکيو وڃي ۽ پچائڻ ۾ استعمال ڪيو وڃي پر اهو سڀ خدا عَزَّوَجَلَّ جي توفيق سان ئي ممڪن آهي. هي به ياد رهي ته ٿانوَ يا گلاس وغيره کي چٽڻ يا ڏوئڻ ۾ هي احتياط ضروري آهي ته ان سان ڪاڏي جا جزا ختم ٿي وڃن، جيڪڏهن ٿانوَ ۾ ڪاڏي جا جُزا لڳل رهيا ته ان کي ڏوئڻ نه چئبو، تجربو اهو آهي ته هڪ ڀيرو ڏوئي ڪري پيئڻ سان عمومًا ٿانوَ صاف ناهي ٿيندو تنهنڪري به يا ٽي ڀيرا پاڻي وجهي ڪري

چڱيءَ ريت مٿين ڪنارن سميت هر طرف آڱر ڦيرائي ڪري ڏوئي ڪري پيئو ته بهتر آهي.

ڏوئي ڪري پيئڻ بعد بچيل قطرا

ڏوئي ڪري پيئڻ کان بعد بہ پليٽ يا پيالي وغيره ۾ ڪجهہ قطرا بچي پوندا آهن تنهنڪري آڱر سان جمع ڪري پي ڇڏيو، پاڻي يا مشروب پي ڪري گلاس يا بوتل بظاهر خالي ٿي وڃڻ جي باوجود ڪجهہ گهڙين کان پوءِ ڏسندؤ تہ انهن جي پاسن کان لهي ڪري ٿَري ۾ ڪجهہ قطرا جمع ٿي چُڪا هوندا انهن کي بہ پي ڇڏيو جو حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي" ڪاش! اهڙيءَ ريت ڏوئي ڪري پيئڻ نصيب ٿي وڃي جوڪاڏي جو اهو ٿانءُ، لسي جو گلاس يا چانهہ جو پيالو وغيره اهڙو ٿي وڃي جو سڃاڻپ نہ ٿي سگهي تہ ان ۾ هينئر ڪجهہ ڪاڏو يا شربت وغيره پيتو ويو آهي!

ٿانءُ ڏوئي ڪري پيئڻ جا طبي فائدا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪا سنّت حڪمت کان خالي ناهي. جديد سائنس بہ هاڻي اعتراف ڪري ٿي تہ حياتين يعني وٽامنز خصوصاً " وٽامن بي ڪمپليڪس" ڪاڏي جي مٿين حصي ۾ گهٽ ۽ ٿانوَ جي ٿَري ۾ وڌيڪ هوندا آهن گڏوگڏ غذا ۾ موجود معدني لوڻيات رڳو ٿَري ۾ ئي هوندي آهي جيڪا ٿانوَ کي چٽڻ يا ڏوئي ڪري پي ڇڏڻ سان ڪيترن ئي بيمارين جي انسداد يعني روڪٿام جو سبب بڻجندي آهي.

گردي جي پٿري ڪيئن نڪتي؟

دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويندا آهن ۽ بيشمار بيمارين جو علاج ٿي ويندو

آهي جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح جو بيان آهي تہ اسان جو 12 ڏينهن جو مدني قافلو بلوچستان کان واپسيءَ تي ڪنهن اسٽيشن تي لٿو، قافلي وارا **انفرادي ڪوشش** ۾ مشغول ٿي ويا، انهيءَ دوران اتي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي اهو مدني قافلي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو پنهنجو ذاتي تجربو بيان ڪندي چوڻ لڳو گردي جي پٿري جي سبب سخت تڪليف ۾ هئس ڊاڪٽر آپريشن جو چيو هو، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءَ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي دلاسو ڏنو تہ گهبرايو نہ مدني قافلي ۾ سفر ڪريو سفر ۾ دعا قبول ٿيندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ توهان جو مسئلو حل فرمائيندو. ان جي محبت ڀرئي انداز دل موهي وڌي ۽ مان **ٽن ڏينهن جي مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٽن ڏينهن جي اندر اندر منهنجي پٿري نڪري وئي، مون جڏهن ڊاڪٽر کي ٻُڌايو تہ هو حيران رهجي ويو ڇو تہ شايد منهنجي پٿري ان قسم جي هئي جو بغير آپريشن جي ان جو ڊاڪٽرن وٽ علاج نہ هو.

گرچہ بيماريان تنگ کريں پتھريان پاؤگے صحّتيں قافلے ميں چلو
گھر ميں ناچاقياں ہوں يا تنگدستياں پائيں گے برکتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

گرم کائڻ منع آهي!

حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم رسولِ عظيم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو، ”گرم کاڏو ٽڏو ڪري ونندا ڪريو ڇو تہ گرم کاڏي ۾ برڪت ناهي هوندي“. (مستدرک للحاکم ج4 ص132 حديث 7125)

ڪاڏو ڪيترو ٿڏو ڪيو وڃي!

حضرت سيّدتنا جُويريه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪان روايت آهي ته نبيّ اڪرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪاڏي جي ٻاڦ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ان کي ڪائڻ ناپسند فرمائيندا هئا. (مجمع الزوائد ج 5ص 13 حديث 7883)

گرم ڪاڏي جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڏو ٿڏو ڪري ڪائڻ گهرجي پرهي ضروري ناهي ته ايترو ٿڏو ڪري ڇڏيو جو جمي ڪري بي مزي ٿي وڃي بلڪ ڪجهه ٿڏو ٿيڻ ڏيو جو ٻاڦ نڪرڻ بند ٿي وڃي، **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا ته " ڪاڏي جو ٿورو ٿڏو ٿي وڃڻ ۽ ڦوڪن سان ٿڏو نه ڪرڻ برڪت جو ڪارڻ آهي ۽ اهڙيءَ ريت ڪائڻ ۾ تڪليف به ناهي ٿيندي." (مراٰة ج 6 ص 52) گرم ڪاڏي يا خوب گرما گرم چانهه يا ڪافي وغيره پيئڻ سان وات ۽ ڳلي جا ڇالا، معدي ۾ زخم وغيره ٿيڻ جو انديشو آهي. ويتر مٿانئن هڪدم ٿڏو پاڻي پيئڻ سان مهارن ۽ معدي کي نقصان پهچندو آهي.

ڪاڏي ۾ مڪ

ڪائڻ يا پيئڻ جي ڪنهن شيءِ ۾ مڪ ڪِري پئي ته ان غذا کي اڃلائي ڇڏڻ اسراف ۽ گناهه آهي، مڪ کي غوطا ڏئي ڪري ڪڍي ڇڏيو ۽ اها غذا بنا تڪلف جي استعمال ڪريو. جيئن ته طبيبن جا طبيب، الله عَزَّوَجَلَّ جا حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا ته "جڏهن ڪاڏي ۾ مڪِ ڪري پئي ته ان کي غوطا ڏئي ڇڏيو (۽ اڃلائي ڇڏيو) جو ته ان جي هڪ پر ۾ شفا آهي ۽ ٻئي ۾ بيماري، ڪاڏي ۾ ڪِرڻ وقت پهريان بيماري وارو پر وجهندي آهي تنهنڪري پوري کي ئي غوطا ڏيو". (ابوداود شريف ج3 ص511 حديث 3844)

سائنس جو اعتراف

منا منا اسلامي ڀائرو! نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تان قربان! اسان جي مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه ملاحظه فرمايو هو هاڻي سائنس به ان کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي آهي. جيئن ته سائنسدان اعتراف ڪن ٿا ته مک جي هڪ پر ۾ خطرناڪ وائرس (Virus) ۽ ٻئي ۾ وائرس کي دور ڪندڙ (Antivirus) جراثيم هوندا آهن, مک جڏهن به ڪنهن ڪاڏي يا مشروب يعني چانهه، کير يا پاڻي وغيره ۾ ڪِرندي آهي ته وائرس وارو پر پهريان وجهندي آهي جنهن سان غذا ۾ وائرس ڦهلجي ويندا آهن ۽ ڪائڻ وارو بيماري جو شڪار ٿي سگهي ٿو هاڻي جيڪڏهن مک کي ٽوٻارو ڏيو ته ٻئي پر جا وائرس دور ڪندڙ جراثيم انهن خطرناڪ جراثيمن کي ختم ڪري ڇڏيندا ۽ غذا نقصانڪار نه رهندي.

گوشت پَتي ڪري ڪائو

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته نبيّ رحمت، شفيعِ امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته " گوشت کي (ڪائڻ وقت) ڇُريءَ سان نه ڪٽيو ڇو ته هي عجمين جو طريقو آهي ۽ گوشت کي ڏندن سان پتي ڪائو ڇو ته اهو گهڻو لذيذ ۽ خوشگوار آهي."

(ابوداود شريف ج3 ص511 حديث 3844)

جيڪڏهن گوشت جو وڏو ٽڪرو مثال طور پُڳل ران وغيره هجي ته ضرورت وقت ڇُري سان ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.

ڪڪڙ جي ٽنگ جون ڪاريون ڏوريون ڪڍي ڇڏيو

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي تحقيق جي مطابق ذبح ٿيل جانور ۾ 22 شيون اهڙيون آهن جن جو کائڻ حرام يا مڪروهه ممنوع آهي، انهن مان حرام مغز آهي جيڪو اڇي ڏوريءَ وانگر هوندو آهي ۽ اهو ميڇالي کان وني ڪنڌ کان گذرندو پوري ڪرنگهي جي هڏي ۾ آخر تائين هوندو آهي ۽ پڻ ڪنڌ جي ٻنهي پاسن کان ڦڪي رنگ جون ٻه مضبوط **مشڪون** ڪلهن تائين ڇڪيل هونديون آهن، اهي ڪافي سخت هونديون آهن، آسانيءَ سان ڳرنديون ناهن انهن کي ۽ **غدود** کي کائڻ به حرام آهي، ذبح ڪيل جانور جي گوشت جي اندر جيڪو **رت** رهجي ويو اهو جيتوڻيڪ پاڪ آهي پر ان رت کي کائڻ حرام آهي، تنهنڪري گوشت جا اهي حصّا جن ۾ عام طور تي رت رهجي ويندو آهي، انهن کي چڱيءَ ريت ڏسي ونو، مثال طور ڪڪڙ جي پڪل گوشت مان ڪنڌ، **پَرَ** ۽ ٽنگ وغيره جي اندران **ڪاريون ڏوريون** ڪڍي ڇڏيندا ڪريو جو اهي رت جون نسون هونديون آهن، رت پچڻ کانپوءِ ڪارو ٿي ويندو آهي، ڪڪڙ جي ڪنڌ جون رڳون ۽ حرام مغز به نه کائو.

12 سالن جو گم ٿيل پاءُ ملي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪندا رهو، علمِ دين حاصل ٿيڻ سان گڏو گڏ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دنيا جا مسئلا به حل ٿيندا رهندا،جيئن ته

دعوتِ اسلامي جو هڪ **مدني قافلو** سبزپور (**هري پور، سرحد، پاڪستان**) ۾ سنّتن ڀرئي سفر تي هو، ان ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻُڌايو تہ منهنجو وڏو ڀاءُ روزگار جي سلسلي ۾ ٻاهرئين ملڪ ويل هو، اڄ 12 سال ٿي ويا آهن سندس ڪا خبر چار ناهي سندس ٽن ٻارن ۽ انهن جي والده جا اخراجات اسان جي ذمي آهن ۽ تنگدستيءَ جو عالم آهي، مان **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ۾ دعا جي نيّت سان مدني قافلي جو مسافر بڻيو آهيان. مدني قافلي جي ختم ٿيڻ جي تقريبًا هڪ هفتي کانپوءِ هڪ مدني مشوري ۾ اهو اسلامي ڀاءُ شريڪ ٿيو سندس جذبات ڏسڻ وٺان هئا،روئي روئي ڪري چئي رهيو هو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان ڪرم ٿي ويو، 12 سالن کان لاپتا ٿي ويل ڀاءُ جي فون آئي ۽ ان اسان ڏانهن هڪ لک 25 هزار رپيا بہ روانا ڪيا آهن.

جو کہ مفقود ہو وہ بھی موجود ہو ان شاءَاللہ، چلیں قافلے میں چلو
دُور ہوں سارے غم ہو گا ربّ کا کرم غم کے مارے سُنیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

دعا قبول نہ ٿيڻ ۾ بہ حڪمتون

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن طرح جا ڪيترائي واقعا آهن، جن ۾ قافلن ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جون مُرادون پوريون ٿيون آهن، ڪيترائي اهڙا بہ ملندا، جن جون مُرادون پوريون نہ ٿيون، جيڪڏهن توهان جي دعا جي قبوليّت جا آثار ڪڏهن نظر نہ بہ اچن، تڏهن بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهو جو ڪيترائي پيرا ائين بہ ٿيندو آهي جو اسان

جيڪو ڪجهه گهري رهيا هوندا آهيون، ان جي نه ملڻ ۾ ئي اسان جي لاءِ بهتري هوندي آهي، جيئن ته منهنجي آقا، اعليٰ حضرت جا والد گرامي، **رئيس المتكلمين** حضرت علامه مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان **"احسن الوعاء"** ۾ فرمائن ٿا، خدا عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت آهي جو ڪڏهن تون ناداني ۽ جي سبب ڪا شيءِ ان کان گهرندو آهين ۽ هو مهرباني ڪندي تنهنجي دعا کي تنهنجي حق ۾ نقصانڪار هئڻ جي سبب رد ڪري ڇڏيندوآهي مثال طور تون مال ملڪيت جو طلبگار آهين ۽ ان (جي ملي وڃڻ) ۾ تنهنجي ايمان جوخطرو آهي يا تون تندرستي ۽ عافيّت چاهين ٿو ۽ اها خدا عَزَّوَجَلَّ جي علم ۾ (تنهنجي لاءِ) آخرت جي نقصان جو سبب آهي، اهڙي دعا قبول نه ٿيڻ ئي تنهنجي لاءِ فائدي مند آهي (تون هن آيتِ مبارڪ)

وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ

(سيپارو 2 سورة البقره آيت 216)

ترجمو ڪنزالايمان: عين ممڪن آهي ته جيڪا ڳالهه اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

تي نظر ڪر ۽ ان دعا قبول نه ٿيڻ تي شڪر ادا ڪر. ڪڏهن دعا جي بدلي ۾ آخرت جو ثواب ڏيڻ منظور هوندو آهي تون دنيا جي ذليل دولت طلب ڪندو آهين، ۽ پروردگار عَزَّوَجَلَّ تنهنجي لاءِ آخرت جون اعليٰ نعمتون گڏ ڪندو آهي، سو اهو شڪر جو مقام آهي نه ڪي شڪايت جو.

خلال مدينا

ڪاڏو ڪائڻ ڪانپوءِ ڪنهن ڪاني يا تيليءَ سان خلال ڪرڻ سنّت آهي،ڪجهه اسلامي ڀائر خلال جي لاءِ ماچيس جي تيليءَ جو بارود ڪڍي ڪري اڇلائيندا آهن، ائين نه

ڪرڻ گهرجي جو اهڙي طرح بارود ضايع ٿيندو آهي ڪنهن ٻي تيلي سان خلال ڪيو وڃي، خلال جي اهميت سان احاديثِ ڪريم مالامال آهن. جيئن تہ

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جيڪو شخص ڪاڏو ڪائي (۽ ڏندن ۾ ڪجهہ رهجي وڃي تہ) ان کي جيڪڏهن خلال سان ڪڍي تہ ٿُڪي ڇڏي ۽ زبان سان ڪڍي تہ ڳِهي ڇڏي، جنهن ائين ڪيو سنو ڪيو ۽ نہ ڪيو تہ بہ حرج ناهي.“ (ابو داود شريف ج1ص 46 حديث 35)

ڪراماً ڪاتبين ۽ خلال نہ ڪرڻ وارا

حضرت سيّدُنا ابوايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضور سيّد عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف ڪٽي آيا ۽ فرمايائون ”خِلال ڪرڻ وارا ڪيڏا ڀلا آهن.“ صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪهڙي شيءِ سان خِلال ڪرڻ وارا؟“ فرمايائون، ”وضو ۾ خِلال ڪرڻ وارا ۽ ڪاڏي کان پوءِ خِلال ڪرڻ وارا، وضو جو خِلال گرڙي ڪرڻ، نڪ ۾ پاڻي چڙهائڻ ۽ آڱرين جي وچ ۾ (خِلال ڪرڻ) آهي جڏهن تہ ڪاڏي جو خِلال ڪائڻ ڪانپوءِ آهي ۽ ڪراماً ڪاتبين (يعني اعمال لکڻ وارن ٻنهي بزرگ فرشتن) تي ان کان وڌيڪ ڪا ڳالهہ شديد ناهي تہ اهي جنهن شخص تي مقرر آهن ان کي هن حال ۾ نماز پڙهندي ڏسن جو ان جي ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ هجي.“

(طبراني ڪبير ج 4 ص177 حديث 4061)

پان کائڻ وارا متوجھ ٿين!

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِطريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا،" گهڻو پان کائڻ جا عادي خصوصًا جن کي ڏندن ۾ وٿي هجي اهي تجربي سان ڄاڻن ٿا تہ سوپاري جا ننڍڙا ذرا ۽ پان جا تمام ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا اهڙي طرح وات جي پاسن ۽ ڏندن جي وٿين ۾ گهري ويندا آهن جو ٿي گرڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏهہ ٻارهن گرڙيون بہ انهن جي مڪمل صفائيءَ لاءِ ڪافي ناهن هونديون ۽ نہ خِلال انهن کي ڪڍي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڏندڻ، سواءِ گرڙين جي، جو پاڻي سوراخن ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ حرڪت ڏيڻ سان ڄميل ننڍڙن ذرن کي آهستي آهستي ڇڏائيندو رهندو آهي ان جي بہ ڪا حد بندي نٿي ٿي سگهي جڏهن تہ مڪمل صفائي ڪرڻ جي سخت تاڪيد آئي آهي، ڪيترين ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ جڏهن ٻانهو نماز لاءِ بيهندو آهي تہ فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي اهو جيڪو ڪجهہ پڙهندو آهي ان جي وات مان نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندو آهي ان وقت جيڪڏهن کائڻ جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي تہ فرشتن کي ان سان اهڙي سخت تڪليف ٿيندي آهي جهڙي ٻئي ڪنهن شيءِ سان ناهي ٿيندي.

حُضور اڪرم نورِ مُجَسَّم ،شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو"جڏهن توهان مان ڪو رات جو نماز جي

لاءِ بيهي تہ گهرجي تہ ڏندڻ ڪري ڇو تہ جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قِراءَت ڪندو آهي تہ فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ هن جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“ (کنز العمال ج 9 ص 319) ۽ طبرانيءَ ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابُو ايُّوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪئي آهي تہ ”بنهي فرشتن تي ان کان وڌيڪ ڪا شيءِ ڳري ناهي تہ هو پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ ڪاڏي جا ذرا ڦاٽل هجن.

(معجم الکبير ج 4 ص 1707 ، فتاويٰ رضويه ج 1 ص 624 کان 625 رضا فائونڊيشن مرڪز الاوليٰ لاهور)

ڏندن ۾ ڪمزوري

حضرت سيّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ ”جيڪو ڪاڏو (ٻوٽي جا ذرا وغيره) هوڙن (يعني ڏانڻ) ۾ رهجي ويندو آهي اهو هوڙن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي“. (مجمع الزوائد ج 5 ص 32 حديث 7952)

خِلال ڪهڙو هجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ ڪاڏو يا ڪا غذا کائو، تنهن کان پوءِ خلال جي عادت بڻائڻ گهرجي، بهتر هي آهي تہ خِلال نم جي ڪاني جو هجي جو ان جي ڪوڙاڻ سان وات جي صفائي ٿيندي آهي ۽ اها مهارن لاءِ فائديمند هوندي آهي، بازاري Tooth Picks عمومًا ٿلهيون ۽ ڪمزور هونديون آهن، ناريل جي تيلن جي اڻ استعمال ٿيل ٻهاري جي هڪ تيلي يا ڪجي جي تڏي جي هڪ تيلي مان بليڊ جي ذريعي ڪيترائي مضبوط خِلال تيار ٿي سگهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن وات جي پاسن واري ڏندن ۾ وٽي هوندي آهي ۽ ان ۾ ٻوٽي وغيره جو ذرو

قاسي پوندو آهي جيڪو تيلي وغيره سان نڪري ناهي سگهندو، اهڙي قسم جا ذرا ڪيڏ لاءِ ميڊيڪل اسٽور تي مخصوص قسم جا ڏاڳا (Flossers) ملندا آهن گڏوگڏ آپريشن جي اوزارن جي دڪان تي ڏندن جي اسٽيل جي ڪوٽڻي (Curved Sickle Scaler) بہ ملندي آهي پر انهن شين جي استعمال جو طريقو سکڻ تمام ضروري آهي نہ تہ مهارون زخمي ٿي سگهن ٿيون.

خِلال جون ست نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشان آهي، **"مسلمان جي نيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي."** (طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) خلال شروع ڪرڻ ڪان اڳ بلڪ ڪاڏو شروع ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي هي نيّتون ڪري ثواب جو خزانو حاصل ڪري ڇڏيو. ﴿1﴾ ڪاڏي ڪان بعد خِلال جي سنّت ادا ڪندس ﴿2﴾ خلال شروع ڪرڻ ڪان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهندس ﴿3﴾ ڏندڻ (جي سنّت ادا) ڪرڻ جي لاءِ مدد حاصل ڪندس (ڇو تہ ڏندن جي وٿين ۾ ڦاٽل غذائي جزا جڏهن خراب ٿيندا آهن تہ مهارون ڪمزور ۽ بيمار ٿي پونديون آهن ۽ انهن مان رت وهڻ لڳندو آهي تنهن ڪري ڏندڻ ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي) ﴿4﴾ وضوءَ ۾ مڪمل طور تي گرڙين تي مدد حاصل ڪندس(وات جي اندر هر هر حصي تي ۽ ڏندن جي وچ وارين وٿين ۾ پاڻي وهي وڃي، اهڙي طرح ٿي پيرا گرڙيون ڪرڻ وضوءَ ۾ **سنّت مُؤَڪده** آهي ۽ ذڪر ڪيل طريقي تي غسل ۾ هڪ پيرو گرڙي ڪرڻ فرض ۽ ٿي پيرا سنّت آهي) ﴿5﴾ ڏندن کي بيمارين ڪان بچائڻ جي

ڪوشش ڪري عبادت تي قوت حاصل ڪندس (جو تہ خلال ڪرڻ جي سبب غذا جا جزا نڪري ويندا ۽ ائين مهارن جي بيمارين کان تحفظ حاصل ٿيندو ۽ سڀ صحت سان عبادت تي قوت حاصل ٿيندي آهي).﴿6﴾وات کي بدبو کان بچائي ڪري مسجد جي اندر داخل ٿيڻ کي بحال رکڻ تي مدد حاصل ڪندس (ظاهر آهي تہ ڪاڏي جا جزا ڏندن ۾ ڦاٽل رهندا تہ خراب ٿي ڪري بدبو پيدا ڪندا ۽ جڏهن وات ۾ بدبو هجي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي).﴿7﴾ فرشتن کي ايذاءَ ڏيڻ کان بچندس (وات ۾ غذائي ذرا هوندي نماز ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ سان فرشتن کي ايذاءُ پهچندو آهي).

گرڙي ڪرڻ جو طريقو

وضوءَ ۾ اهڙي طرح گرڙي ڪرڻ ضروري آهي جو وات جي هر حصي ۽ ڏندن جي تمام وٿين وغيره ۾ پاڻي پهچي وڃي، وضوءَ ۾ ٽي ڀيرا اهڙي طرح گرڙيون ڪرڻ سنّت موڪده آهي ۽ غسل ۾ هڪ ڀيرو فرض ۽ ٽي ڀيرا سنّت، جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ غَرڙا بہ ڪريو، گوشت جا ذرا وغيره ڪڍڻ ضروري آهن، ها جيڪڏهن ڪو ذرو يا سوپاري وغيره جو ذرڙو نڪري ئي نہ ٿو تہ هاڻي ايتري بہ سختي نہ ڪريو جو مهارون زخمي ٿي پون ڇو تہ جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي.

خلال جون طبي حڪمتون

اسان جي مني مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڄ کان 1400 سال کان بہ وڌيڪ عرصو اڳ ڪيترن ئي بيمارين کان بچاءَ جي لاءِ خِلال جي اهميت سمجهائي ڇڏي، هينئر صدين کان پوءِ سائنسدانن جي

سمجهه ۾ به اچي ويو. جيئن ته خِلال جون حڪمتون بيان ڪندي طبيب چون ٿا ته" ڪاڏي ڪان پوءِ غذائي جُزا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ ڦاسي پوندا آهن، جيڪڏهن انهن کي خِلال جي ذريعي نه ڪڍيو وڃي ته اهي خراب ٿيندا آهن، جنهن سان هڪ خاص قسم جو پلاسما (Plasma) بڻجي ڪري مهارن کي سُجائيندو آهي ۽ ان کان بعد ڏندن ۽ مهارن جي تعلق کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي نتيجي طور ڏند آهستي آهستي ڪِري پوندا آهن، خِلال نه ڪرڻ سان ڏندن ۾ پائيريا (Phyorrhea) جي بيماري به ٿيندي آهي جنهن ۾ مهارن ۾ پونءِ ٿي ويندي آهي، جيڪا ڪاڏي سان گڏ پيٽ ۾ ويندي آهي ۽ پوءِ خطرناڪ بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن.

ڏندن جو ڪينسر

چانهه ۽ پان جا عادي غذا جي گهٽتائي سان گڏو گڏ چانهه ۽ پان ۾ به گهٽتائيءَ جو ذهن بڻائن، ائين نه ٿئي جو توهان غذا ۾گهٽتائي ڪرڻ وڃو ۽ نفسِ مڪار توهان کي بُک ختم ڪرڻ جي بهاني سان چانهه ۽ پان جي ڪثرت جي آفت ۾ ڦاسائي ڇڏي، چانهه گُردن لاءِ نقصانڪار آهي، پان، گٽڪي، مين پڙي ۽ خوشبودار وڏڦ سوپاري وغيره جي عادت ڪڍي ڇڏڻ ۾ ئي عافيّت آهي، جيڪي انهن جو ڪثرت سان استعمال ڪندا آهن انهن کي، **مهارن، وات ۽ ڳلي جي ڪينسر جو انديشو رهندو آهي،** گهڻو پان واپرائڻ وارن جو وات اندران ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن مهارن ۾ رت يا پونءِ ٿي ويندي ته انهن کي نظر نه ايندي ۽ پيٽ ۾ ويندي رهندي، جيئن ته پونءِ هڪ

عرصي تائين نڪرندي رهندي آهي پر سُور بلڪل ناهي ٿيندو، تنهنڪري انهن کي شايد معلوم به ان وقت ٿيندو جڏهن خدانخواسته ڪنهن خطرناڪ بيماريءَ پاڙ پَڪي ڪري ورتي هوندي.

نقلي ڪٿي جون تباهڪاريون

پاڪستان ۾ غالبًا ڪٿي جي پيداوار ناهي ٿيندي، تنهنڪري دولت جا لالچي ماڻهو جن کي ڪنهن جي دنيا ۽ پنهنجي آخرت جي **برباد** ٿيڻ جو ڪو فڪر ناهي هوندو، اهي **مٽيءَ** ۾ چمڙي رڳڻ جو رنگ ملائي ان مٽيءَ کي ڪٿو چئي ڪري وڪڻندا آهن ۽ ائين ويچارا **پاڪستاني پان خور** گندي مٽي کائي ڪري قسمين قسمين بيمارين جو شڪار ۽ سخت بيمار ٿي ڪري تباهيءَ جي غار ۾ وڃي پوندا آهن، جاڻي واڻي **نقلي ڪٿو** هرگز استعمال نه ڪريو، نقلي ڪٿي جا واپاري، نقلي ڪٿي جو پان وڪڻڻ وارا هن ڪم کان سچي توبهه ڪن، گڏوگڏ جاڻي واڻي مٽي کائڻ وارا به احتياط ڪن، مٽيءَ جي باري ۾ شرعي مسئلو هي آهي ته" **معمولي مقدار ۾ مٽي کائڻ ۾ حرج ناهي پر نقصان پهچڻ جي حد تائين گهٽي نقصانڪار مقدار ۾ کائڻ حرام آهي**".

(رد المحتار ج1 ص 64 ، بهار شريعت حصو 2 ص 63)

ڏندن ۾ رت اچڻ جا سبب

ڪجهه ماڻهن کي ڏندڻ ڪرڻ سان رت ايندو آهي بلڪ اهڙن جي رت ڪاڏي سان گڏ پيٽ ۾ به ويندو هوندو، ان جو هڪ سبب پيٽ جي خرابي به هوندي آهي، اهڙي مريض کي قبض وغيره جو علاج ڪرڻ ضروري

آهي، وزني ۽ بادي غذائن کان پرهيز ڪري ۽ ڪاڏو بُک کان گهٽ ڪائي، بي وقت ڪا شيءِ نہ ڪائي. ٻيو سبب هي آهي ڏندن جي صفائي ۾ لا پرواهي جي سبب ڪاڏي جا جُزا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ جمع ٿي ڪري چوني وانگر سخت ٿي ڪري جمي ويندا آهن، ڊاڪٽري زبان ۾ ان کي ٽاٽر TATAR چوندا آهن، اهڙي صورت ۾ ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، جيڪڏهن نيڪ طبيعت وارو ڊاڪٽر هوندو ۽ ڪا رڪاوٽ نہ هوندي تہ هڪ ئي وقت ۾ تمام ڏندن جي صفائي (SCALING) ڪري ڇڏيندو، نہ تہ ڪجهہ پيرا ڏڪا ڪارائي ٿورو ٿورو ڪم ڪري وڌيڪ پيسا ڪڍندو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڏندن جو بهترين علاج ڏندڻ

صحيح طريقي سان ڏندڻ ڪيو وڃي تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن بہ ڏندن جي بيماري نہ ٿيندي، توهان جي دل ۾ ٿي سگهي ٿو تہ هي خيال اچي تہ مان تہ سالن کان ڏندڻ ڪري رهيو آهيان پر منهنجا ڏند ۽ پيٽ ٻئي خراب آهن، منهنجا سادا اسلامي ڀاءَ! هن ۾ ڏندڻ جو نہ توهان جو پنهنجو ئي قصور آهي، مان سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ اڄ شايد لڪن مان ڪو هڪ اڌ ئي اهڙو هوندو جيڪو صحيح اصولن جي مطابق ڏندڻ استعمال ڪندو هجي! اسان اڪثر جلدي جلدي ۾ ڏندن تي ڏندڻ هڻي وضو ڪري هليا ويندا آهيون، يعني هيئن چئون تہ اسان ڏندڻ نہ بلڪ " ڏندڻ جي رسم" ادا ڪندا آهيون.

”ڏندڻ بهترين سنت آ“ جي چوڏهن اڪرن جي نسبت سان ڏندڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ڏندڻ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي﴿2﴾ ڏندڻ هڪ گرانڻ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي﴿3﴾ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٺي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ﴿4﴾ ڏندڻ تازو هجي ته سنو نه ته ڪجهه دير پاڻيءَ جي گلاس ۾ ڀڄائي ڪري نرم ڪري وٺو، ﴿5﴾ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين فائديمند آهن جيستائين ان ۾ ڪوڙاڻ باقي رهي، ﴿6﴾ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ﴿7﴾ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ﴿8﴾ هر ڀيري ڌوئي وٺو ﴿9﴾ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح کڻو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آگريون مٿان ۽ آڱوٺو ڇيڙي تي هجي. ﴿10﴾ پهريان ساڄي پاسي جي مٿين ڏندن تي پوءِ کاٻي پاسي جي مٿين ڏندن تي وري پوءِ ساڄي پاسي جي هيٺين ڏندن تي پوءِ کاٻي پاسي جي هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو﴿11﴾ سمهي ڪري ڏندڻ ڪرڻ سان تري وڏي وجڻ ۽ ﴿12﴾ مٺ ٻڌي ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿي وجڻ جو انديشو آهي﴿13﴾ ڏندڻ وضوءَ جي سنّت قبليه آهي جڏهن ته **سنّت مُؤڪّده** ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي، (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 223) ﴿14﴾ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا يا اهو (يعني ڏندڻ) استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلائي نه ڇڏيو جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي

احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

(تفصيلي معلومات جي لاءِ بهارِشريعت حصو 2 ص 17 کان 18 تائين مطالعو ڪريو)

ڏندن جي حفاظت جي لاءِ چار مدني گل

﴿1﴾ ڪا به شيءِ کائڻ يا پيئڻ کانپوءِ ٽي پيرا ائين گرڙي ڪريو جو هر پيري پاڻيءَ کي وات ۾ هڪ اڌ منٽ تائين چڱيءَ طرح گهمائڻ کان بعد ڪڍي ڇڏيو ﴿2﴾ جڏهن به موقعو ملي وات ۾ گرڙي پري ڇڏيو ۽ ڪجهه منٽن تائين گهمائيندا رهو پوءِ ڪڍي ڇڏيو، اهو عمل روزانو مختلف وقتن ۾ ڪجهه پيرا ڪريو﴿3﴾ جيڪڏهن ڄاڻايل طريقي ۾ گرڙين جي لاءِ سادي پاڻي جي بدران لوڻ وارو نيم گرم پاڻي استعمال ڪيو وڃي ته اجان وڌيڪ فائديمند آهي، جيڪڏهن پابنديءَ سان ڪندؤ ته اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي وچ ۾ ڦاٽل غذا جا جزا ڏوپجي نڪري ويندا ۽ اهي مهارن ۾ رهندا ئي نه جو خراب ٿين، اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان طرح ڪرڻ سان مهارن ۾ رت جي شڪايت به نه ٿيندي، ﴿4﴾ زيتون شريف جو تيل ڏندن تي ملڻ سان مهارون ۽ لڏندڙ ڏند مضبوط ٿيندا آهن.

وات جي بدبوءِ جو علاج

جيڪڏهن وات مان بدبوءِ ايندي هجي ته ساوا ڏاڻا چباڙي ڪري کائو گڏوگڏ گلاب جي تازن يا سڪل گلن سان ڏند مهٽڻ سان به اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ختم ٿي ويندي، ها جيڪڏهن پيٽ جي خرابيءَ سبب بدبوءِ ايندي هجي ته ”گهٽ کائڻ“ جي سعادت حاصل ڪري ٻُک جون برڪتون ماڻڻ سان اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنگن ۽ جسم جي مختلف حصن

جي سور، قبض، سيني جو ساڙو، وات جا تمام ڇالا يا هرهر ٿيڻ واري نزلي، کنگهه، ڳلي ۾ سور، مهارن ۾ رت اچڻ وغيره تمام گهڻين بيمارين سان گڏوگڏ وات جي بدبوءِ کان به جان ڇٽي پوندي، بُک کان گهٽ کائڻ ۾ 80 سيڪڙو بيمارين کان بچت ٿي سگهي ٿي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت (جلد پهريون) جي باب " پيٽ جو قفلِ مدينه " جو مطالعو ڪريو) جيڪڏهن نفس جي حرص جو علاج ٿي وڃي ته ڪيتريون ئي بيماريون پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندیون.

رضاؔ نفس دشمن ہے دم میں نہ آنا
کہاں تم نے دیکھے ہیں چندرانے والے (حدائقِ بخشش شریف)

وات جي بدبوءِ جو مدني علاج

هي درود شريف جڏهن جڏهن موقعو ملي. هڪ ئي ساهيءَ ۾ 11 ڀيرا پڙهي وٺو، اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ وات جي بدبوءِ ختم ٿي ويندي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى النَّبِيِّ الطَّاهِر

هڪ ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو طريقو

هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو بهتر طريقو هي آهي ته وات بند ڪري آهستي آهستي نڪ مان ساهه کڻڻ شروع ڪريو ۽ جيترو ممڪن هجي اوتري هوا ڦڦڙن ۾ ڀري ڇڏيو، هاڻي دُرود شريف پڙهڻ شروع ڪريو، ڪجهه ڀيرا اهڙي طرح مشق ڪندؤ ته ساهه ٽٽڻ کان اڳ اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪمل 11 ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي ترڪيب ٻڌجي ويندي. ڄاڻايل طريقي تي نڪ مان ڊگهو ساهه کڻي ڪري ممڪن حد تائين روڪي رکڻ ڪانپوءِ وات مان خارج ڪرڻ صحت جي لاءِ

انتهائي فائديمند آهي، سڄي ڏينهن ۾ جڏهن موقعو ملي بالخصوص كليل فضا ۾ روزانو كجهه پيرا تہ ائين كرڻ ئي گهرجي، مونكي (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ كي) هڪ پيرسن حكيم صاحب ٻُڌايو هو تہ مان ساهہ كڻڻ كان بعد (اڏ كلاڪ تائين يا چيائين) ٻن كلاكن تائين هوا كي اندر روكي ڇڏيندو آهيان ۽ ان دوران پنهنجا ورد ۽ وظائف بہ پڙهي سگهندو آهيان، بقول ان حكيم صاحب جي ساهہ روكڻ وارا اهڙا اهڙا مَشّاق (**يعني مشق كري ماهر ٿي ويندڙ ماڻهو**) بہ دنيا ۾ هوندا آهن جيكي صبح جو ساهہ كڻندا آهن تہ شام جو كڏندا آهن!

پنج خوشبودار وات

سركارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ عظيم معجزو ملاحظہ فرمايو، جنهن جي بركت سان پنج خوشنصيب صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جا مبارك وات هميشہ جي لاءِ خوشبودار ٿي ويا، جيئن تہ حضرت سيّدتنا عُمَيره بنت مسعود انصاريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ اسان پنج پينرون حضورِ اكرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ معظم ۾ بيعت كرڻ جي لاءِ حاضر ٿيون سين. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت قديد (سكايل گوشت) كائي رهيا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قديد جو هڪ ٽكرو **چباڙي** نرم كري اسان كي عطا فرمايائون تہ اسان مان هر هڪ ٿورو ٿورو كري كاڌو (ان جي بركت سان) مرڻ گهڙيءَ تائين اسان جي واتن مان هميشہ **خوشبوءِ** ئي آئي.

(الخصائص الكبريٰ ج 1 ص 105)

حضرت سيّدُنا ابو امامہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ هڪ بي شرم ۽ بد زبان عورت هئي، هڪ پيري هوءَ حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽان گذري، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان وقت قديد يعني سُڪل گوشت جا ٽڪرا کائي رهيا هئا، هن بہ ان مان گهريو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي اڳيان واري حصي مان ڪجهہ ڏنو ان چيو نہ اوهان جي وات مبارڪ ۾ جيڪو آهي اهو عطا فرمايو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وات مبارڪ مان ڪڍي ڪري کيس عطا فرمايائون، تہ ان پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ کائي ڇڏيائين ان واقعي کان پوءِ ان عورت کان ڪڏهن بہ بد زباني يا فحش ڪلامي نہ ٻُڌي وئي. **(الخصائص الكبريٰ ج 1 ص 105)**

وڏ ڦڙو مينهن

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلاميءَ جي **مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو، سنّتن پرئي اجتماع ۾ شرڪت فرمائيندا ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آخرت جون بيشمار ڀلايون هٿ ايندين بلڪہ دنياوي پريشانيون بہ دور ٿيندين، عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعائون بہ قبول ٿيندين، امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِیْم کان روايت آهي تہ مڪي مدني سرڪار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ، وَعِمَادُ الدِّيْنِ، وَنُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ **(مُسند ابي يعلیٰ ج 1 ص 215 حديث 435)** يعني ”دعا مومِن جو هٿيار آهي ۽ دين جو ٿنيو آهي ۽ زمين ۽ آسمان جو نور آهي.“ بالخصوص سفر ۾ دعا رد ناهي ڪئي ويندي

۽ جيڪڏهن عاشقانِ رسول جو مدني قافلو هجي تہ پوءِ ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن تہ دعوتِ اسلاميءَ جي عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت جو هڪ مدني قافلو نڪيال (**ڪشمير پاڪستان**) ۾ سفر تي هو، مقامي ماڻهن دعا جي درخواست ڪندي ٻُڌايو تہ نِڪيال جا مسلمان وڏي عرصي کان برسات جي نعمت کان محروم آهن، پوءِ **مدني قافلي** وارن اجتماعي دعا جي ترڪيب ڪئي، نِڪيال جا ڪافي مسلمان شريڪ ٿيا، ڏينهن جو وقت هو، اس نڪتل هئي، **عاشقانِ رسول** ٻاڏائي ڪري رقت انگيز دعا شروع ڪئي، اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڏسندي ئي ڏسندي رحمت جا بادل ڇانئجي ويا ۽ ڪارا ڪڪر گجگوڙ ڪرڻ لڳا ۽ وڏ ڦُڙو مينهن وسڻ لڳو! خوشيءَ جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا، ماڻهو برسات ۾ آلا ٿي ويا، دعوتِ اسلامي جي محبتءِ مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول جي عقيدت سان حاضرين جون دليون مالا مال ٿي ويون، دعوتِ اسلاميءَ وارن تي اللہ عَزَّوَجَلَّ جي هن عظيم ڪرم جو ڪليل اکين سان مشاهدو ڪرڻ جي سبب ڪافي اسلامي ڀائر دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا ۽ نِڪيال ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪم جي ڏوم ڏام ٿي وئي.

قافِلہ میں ذرا، مانگو آ کر دعاء ہوں گی خوب بارشیں قافِلے میں چلو
عاشقانِ رسول لے لو جو کچھ بھی پھول تم کو سنّت کے دیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

هٿن جو سٽيٽ: حضرت سيّدُنا عبداللہ ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ خَلق جي رَهبر، شافعِ مَحشر،

مَحبوب دَاوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي ”جيڪو هن حال ۾ رات گذاري جو ان جي هٿ تي (ڪاڏي جي) سٽي جو اثر هجي ۽ ان کي ڪا مصيبت پهچي تہ سواءِ پنهنجي جان جي ڪنهن ٻئي کي ملامت نہ ڪري. (مجمع الزوائد ج 5 ص 33 حديث 7954)

نانگ جو خطرو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي ڪان بعد هٿن کي صابڻ وغيره سان چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري ٿوال سان اگهڻ گهرجي تہ جيئن ڪاڏي جي بوءِ ۽ سٽي ختم ٿي وڃي نہ تہ توهان ڪنهن سان هٿ ملائيندؤ تہ بوءِ جي سبب ان کي نفرت اچي سگهي ٿي، مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ ”هن حديثِ پاڪ ۾ مصيبت مان مُراد نانگ جو ڏنگڻ يا ڪُوئي جو چڪ هڻڻ آهي، اهي ٻئي جانور ڪاڏي جي خوشبوءِ تي ڊوڙندا آهن، يا ان مان مُراد ڪوڙهہ جي بيماري آهي، جو ڪاڏي هاڻا ڀريل هٿ جسم جي پڳهر سان لڳي ڪري جتي ڇُهن اتي ڪوڙهہ جا اڇا داغ پيدا ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي.“ (مرآة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 38)

خليلِ ملت مفتي محمّد خليل خان برڪاتي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” ڪاڏي ڪان فارغ ٿي ڪري بغير هٿ ڌوئڻ جي سُمجهي تہ شيطان هٿ چٽيندو آهي ۽ مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪوڙهہ جو ڪارڻ بڻبو آهي.
(سنّي بهشتي زيور ص 607)

پين جا ٿانوَ استعمال ڪرڻ ڪيئن آهي؟

ڪنهن جي گهر مان تحفي طور ڪاڏو اچي تہ ٿانوَ ٿُرت خالي ڪري هڪدم موٽائي ڇڏيو، جيڪڏهن ان وقت نہ ڏئي سگهو تہ امانت

طور رکي ڇڏيو ۽ بعد ۾ واپس ڪري ڇڏيو، پر ياد رهي ته ٻين جا اهي ٿانوَ پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ جائز ناهن. (ايضاً ص569) جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اهو گناهه سرزد ٿيو آهي ته ٿانوَ جي مالڪ کان مُعافي وٺي ڇڏيو ۽ خداعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ به توبهه ڪري وٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”نبي پاڪ جي سنت ۾ عظمت ئي عظمت آهي“ جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان ڪاڏي جون 25 سنتون

﴿1﴾ سرڪارِ نامدارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيڪ لڳائي ڪري نه ڪائيندا هئا.

(ملخصاً سنن ابي داود ج 3 ص 488 حديث 3769)

﴿2﴾ ميز تي رکي ڪري ڪاڏو تناول نه فرمائيندا هئا (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 24 حديث 55386) ﴿3﴾ جيڪو ڪجهه ڪين ملي ويندو هو ڪائڻ فرمائيندا هئا (ملخصًا صحيح مسلم ص 1134 حديث 2052) ﴿4﴾ نه گهروارن کان ڪاڏو گهرندا هئا ۽ نه انهن جي سامهون خواهش (يعني فرمائش) ظاهر ڪندا هئا، جيڪڏهن اهي پيش ڪندا هئا ته ڪائي وٺندا هئا ۽ اهي جيڪو ڪجهه سامهون رکندا هئا اهو قبول فرمائيندا هئا ۽ جيڪو ڪجهه پيارينداهئا سو پي ڇڏيندا هئا (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 248)

﴿5﴾ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ اٿي ڪري ڪاڏي پيتي جي شيءِ ڪٽي وٺندا هئا، (ملخصاً سنن ابي داود ج 4 ص 5 حديث 3856) ﴿6﴾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پاسي ڪان (ملخصًا شعب الايمان ج5 ص 79 حديث 5846) ﴿7﴾ ۽ ٽن آڱرين سان ڪائيندا هئا.(ملخصًا المصنف ابي شيبة ج 5 ص 559حديث 3) ﴿8﴾ ۽

ڪڏهن ڪڏهن چار آڱرين سان به ڪائي وٺندا هئا.(ملخصًا جامع الصغير ص 250 حديث 6942)، پر بن آڱرين سان نہ ڪائيندا هئا ارشاد فرمائن تا اهو شيطان جي ڪائڻ جو طريقو آهي .(ملخصًا فيض القدير مع جامع الصغير ج 5ص 249حديث 40 69) ﴿9﴾ جَوَنَ جي اڻ چٽيل اٽي جي ماني ڪائيندا هئا. (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 531 حديث 5410) ﴿10﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪاڏو اڪثر ڪارڪن ۽ پاڻي تي مشتمل هوندو هو. (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 523 حديث 5383) ﴿11﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کير ۽ ڪارڪون گڏائي استعمال فرمائيندا هئا ۽ انهن کي به عمدا ڪاڏا قرار ڏيندا هئا. (ملخصًا مُسند امام احمد ج 5 ص 385 حديث 15893) ﴿12﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده ڪاڏو گوشت هو. (ملخصًا جامع ترمذي ج 5 ص 533حديث 178) ﴿13﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائيندا هئا، گوشت ڪنن ۾ ٻُڌڻ جي طاقت وڌائيندو آهي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاڏن جو سردار آهي. جيڪڏهن مان الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال ڪريان ها تہ مون کي روزانو گوشت عطا ڪري تہ عنايت فرمائي ها.(ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 238) ﴿14﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گوشت ۽ ڪدوءَ مان ثريد (ڪُٽي) ناهي ڪري ڪائيندا هئا. (يعني گوشت ۽ ڪدّو شريف جي ڀاڄيءَ ۾ مانيءَ جا ٽُڪرا چڱيءَ طرح ڀڄائي ڪري ڪائيندا هئا) (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج8 ص 239) ﴿15﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن گوشت ڪائيندا هئا تہ ان ڏانهن منهو مبارڪ نہ جهڪائيندا هئا. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج8 ص 239) بلڪ ان کي پنهنجي وات مبارڪ جي طرف ڪڍندا هئا ۽ پوءِ مبارڪ ڏندن سان پٽيندا هئا. (يعني ڪائڻ فرمائيندا هئا) (ملخصًا جامع ترمذي ج3 ص 329 حديث 1842) ﴿16﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بڪريءَ (۽ ٻڪر) جي گوشت ۾ بازو ۽ ڪلهو پسند هو. (ملخصًا جامع ترمذي

ج3 ص 330 حديث 1842، 1844 ﴿17﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گردا (بُڪيون) (ڪائڻ) ناپسند فرمائيندا هئا جواهي پيشاب جي ويجهو هوندا آهن (ملخصًا كنزالعمال ج 7 ص 41 حديث 18212)﴿ 18﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تِري (ڪائڻ ڪان) نفرت هئي پر ان کي حرام قرار نہ ڏنائون. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 243) ﴿19﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ آڱرين سان ٿالهيءَ کي چٽيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ڪاڏي جي آخر ۾ برڪت گهٽي هوندي آهي (شعب الايمان ج5 ص 81 حديث 5854) ﴿20﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تازن ميون مان گدرو ۽ انگور گهٽو پسند هئا. (ملخصًا كنزالعمال ج7 ص 41 حديث 18200) ﴿21﴾ گدرو ماني ۽ ڳُڙ سان ڪائيندا هئا. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8ص 236) ﴿22﴾ ڪڏهن ڪڏهن تازين ڪارڪن سان (گدرو) ڪائيندا هئا. (ملخصًا جامع ترمذي ج 3 ص 332 حديث 1850) ﴿23﴾ ٻئي هٿ ڪم آڻيندا هئا هڪ ڀيري تازيون ڪارڪون ساڄي هٿ سان ڪائي رهيا هئا ۽ ڪڪڙيون کاڀي هٿ ۾ رکي رهيا هئا، هڪ ٻڪري گذري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڪڪڙيءَ سان اشارو فرمايو، اها پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کاڀي هٿ مان (ڪڪڙيون) ڪائڻ لڳي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي هٿ سان ڪائي رهيا هئا، ايتري تائين جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فارغ ٿي ويا تہ اها بہ هلي وئي. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 237) ﴿24﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪچي ٿوم، ڪچو بصر ۽ گندنا (هڪ بدبودار سبزي جيڪا ٿوم سان مشابهت رکي ٿي) نہ ڪائيندا هئا. (ملخصًا تاريخ بغداد ج2 ص 262) ﴿25﴾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن ڪاڏي کي بُرو نہ چيو جيڪڏهن سنو لڳو تہ ڪائي ڇڏيائون ۽ پسند نہ آيو تہ هٿ مبارڪ روڪي ورتائون. (ملخصًا صحيح مسلم ص 1141 حديث 2064)

ڪاڏي جا 92 مدني گل
ڪاڏي جي نيت ڪري چڏيو

مدينه 1 :ڪاڏي مان مقصد لذت حاصل ڪرڻ ۽ خواهش کي پورو ڪرڻ نه هجي بلڪ ڪائڻ وقت هي نِيَّت ڪريو ته ”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪائي رهيو آهيان. ياد رهي! ڪائڻ ۾ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نِيَّت انهيءَ صورت ۾ سچي ٿيندي جڏهن بُک کان گهٽ ڪائڻ جو به ارادو هجي نه ته هوند نيّت ئي ڪوڙي ٿي پوندي ڇو ته خوب پيٽ ڀري ڪائڻ سان عبادت جي لاءِ قوت حاصل ٿيڻ بدران اجان وڌيڪ سُستي پيدا ٿيندي آهي، ڪاڏي جي عظيم سنّت هي آهي ته بُک لڳل هجي جو بنا بُک جي ڪائڻ سان طاقت ته ڇا ايندي ويتر صحت خراب ۽ دل به سخت ٿي ويندي آهي، حضرت سيّدُنا شيخ ابو طالب مڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته هڪ روايت ۾ آهي ته ” ڍوءُ هئڻ جي حالت ۾ ڪائڻ ڪوڙهه پيدا ڪندو آهي“. (قوة القلوب ج2 ص 326 مرکز اهلسنّت برکات الرضا گجرات هند)

مدينه 2 : اهڙو دسترخوان وڇايو جنهن تي ڪو حرف، لفظ، عبارت، شعر يا ڪمپني وغيره جو نالو سنڌي، اردو، انگريزي ڪنهن به زبان ۾ نه لکيل هجي.

مدينه 3: ڪاڏي ڪائڻ کان اڳ ۽ بعد ۾ ٻئي هٿ مُچن تائين ڌوئڻ سنّت آهي،گرڙيون ڪري وات جو اڳيون حصو ڌوئي چڏيو. پرڪائڻ کان اڳ ڌوتل هٿ نه اگهو، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو،” ڪائڻ کان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني هٿ منهن ڌوئڻ) رزق ۾

ڪشادگي آڻيندو ۽ شيطان کي پري ڪندو آهي.

(کنزالعمال ج 15 ص 106 حديث 40755)

مدينه 4 : جيڪڏهن ڪاڏي جي لاءِ ڪنهن وات نہ ڏوتو تہ ائين نہ چئبو تہ ان سنّت ڇڏي ڏني. (ملخصًا از بهارِ شريعت حصو 16 ص 18 مدينة المرشد بريلي شريف هند)

مدينه 5 :ڪائڻ وقت ڪاٻو پير وڃائي ڇڏيوءِساڄو گوڏو اڀو ڪريو يا ويهڻ واري جڳهہ زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اڀا رکو يا گوڏا ڀيجي ويهو،ٽنهي مان جهڙي طرح بہ ويهندؤ سنّت ادا ٿي ويندي.

پردي ۾ پردي جي عادت بڻايو

مدينه 6 : اسلامي ڀائر هجن يا اسلامي ڀينرون سيئي چادر يا ڀِهراڻ جي دامن جي ذريعي پردي ۾ پردو ضرور ڪن نہ تہ جيڪڏهن ڪپڙا سوڙها هوندا ۽ ڀِهراڻ جو دامن ڪنيل هوندو تہ گهر ڀاتي وغيره بد نگاهيءَ جي گناهہ ۾ پئجي سگهن ٿا، جيڪڏهن ”پردي ۾ پردو“ ممڪن نہ هجي تہ گوڏا ڀيجي ويهو جو سنّت بہ ادا ٿي ويندي ۽ پاڻمرادو پردو بہ ٿي ويندو، ڪاڏي ڪان علاوه بہ ويهڻ ۾ پردي ۾ پردي جي عادت بڻايو.

مدينه 7 : پلٿي هڻي ڪري ويهي ڪائڻ سنّت ناهي، ان سان پيٽ ٻاهر نڪرندو آهي.

مدينه 8 : پهرئين گرهہ تي بِسْمِاللّٰه ٻئي ڪان اڳ بِسْمِاللّٰهِالرَّحْمٰن ۽ ٽئين ڪان اڳ بِسْمِاللّٰهِالرَّحْمٰنِالرَّحِيْم پڙهو. (احياءُ العلوم ج3 ص 6)

مدينه 9 : بِسْمِاللّٰه زور سان پڙهو تہ جيئن ٻين کي بہ ياد اچي وڃي.

مدينه 10 : شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هيءَ دعا پڙهي وڃي، جيڪڏهن ڪاڏي پيتي ۾ زهر به هوندو ته اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اثر نه ڪندو، دعا هي آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَایَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ یَاحَیُّ یَاقَیُّوْمُ

ترجمو: ”الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نه ٿي پهچائي سگهي، اي هميشه زنده ۽ قائم رهڻ وارا.

مدينه 11 : جيڪڏهن شروع ۾ بِسْمِ الله پڙهڻ وسري وڃي ته ڪاڏي جي وچ ۾ ياد اچڻ تي هيئن چئو: بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ **ترجمو**: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ڪاڏي جي شروعات ۽ پُڄاڻي.

ڪائڻ وقت به الله جو ذڪر جاري رکو

مدينه 12 : يَا وَاجِدُ جيڪو ڪاڏو ڪائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڏو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري ختم ٿيندي.

مدينه 13 : هر گرهه کان اڳ ”الله“ يا ”بِسْمِ الله“ چوندا وڃو ته جيئن ڪاڏي جو حرص ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ کان غافل نه ڪري سگهي، هر ٻن گرهن جي وچ ۾ اَلحَمدُلله، يَا وَاجِدُ ۽ بِسْمِ الله چوندا رهو اهڙيءَ ريت هر گرهه جي شروعات بِسْمِ الله سان، وچ ۾ يَا وَاجِدُ ۽ گرهه ختم ڪرڻ تي حمد (**يعني** اَلحَمدُلله) جي ترڪيب تي ويندي.

مدينه 14: ذڪر جي ٿانوَ ۾ ڪائڻ افضل آهي جو ”جيڪو پنهنجي گهر ۾ ذڪر جا ٿانوَ رکندو آهي، فرشتا ان گهر جي زيارت ڪرڻ ايندا آهن.

(ردالمحتار ج 9 ص 495)

مدينه 15 : **پاڄي** يا چٽٽيءَ جي پيالي ماڻيءَ تي نہ رکو. (ايضًا 490)

مدينه 16 : **هٿ** يا چُريءَ کي ماڻيءَ سان نہ اگهو. (ايضًا)

مدينه 17 : **زمين** تي دسترخوان وڇائي ڪري کائڻ سنّت آهي، ٽيڪ لڳائي ڪري، مٿي اگهاڙو يا هڪ هٿ زمين تي رکي ڪري، جوتا پائي ڪري، ليٽي ڪري يا پلٿي هڻي ڪري نہ کائو.

مدينه 18 : **ماڻي** جيڪڏهن دسترخوان تي اچي وئي تہ پاڄيءَ جو انتظار ڪرڻ بدران کائڻ شروع ڪري ڇڏيو. (ردالمحتار ج 9 ص 490)

مدينه 19 :**اوّل** ۽ آخر لوڻ يا چهري (نمڪين) شيءِ کائو جو ان سان ستر بيماريون پري ٿينديون آهن. (ايضاً ص 491)

مدينه 20 : **ماڻي** هڪ هٿ سان نہ ٽوڙيو جو مغرورن جو طريقو آهي.

مدينه 21 : **ماڻي** کاڀي هٿ ۾ پڪڙي ڪري ساڄي هٿ سان ٽوڙيو جو اها سنّت آهي، هٿ وڌائي ڪري ٿالهہ يا پاڄيءَ جي ٿانوَ جي بلڪل وچ ۾ مٿي ڪري ماڻي ۽ ڊبل روٽي وغيره کي ٽُڪرا ڪرڻ جي عادت بڻايو، اهڙيءَ ريت ماڻيءَ جا ذرا پاڄيءَ ۾ ئي ڪِرندا. نہ تہ دسترخوان تي ڪري ضايع ٿي سگهن ٿا.

مدينه 22 : **ساڄي** هٿ سان کائو، کاڀي هٿ سان کائڻ ، پيئڻ، ڏيڻ، وٺڻ شيطان جو طريقو آهي.

ٽن آگرين سان کائڻ جي عادت وجهو

مدينه 23 : **ٽن** آگرين يعني وچين، شهادت واري ۽ آگوٺي سان کاڌو کائو جو اها انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي، عادت بڻائڻ لاءِ

جيڪڏهن چاهيو تہ شروع ۾ ساڄي هٿ جي ٻاچ (يعني چيچ جي ڀرسان واري آڱر) کي جهڪائي ڪري ان تي ربڙ بيند چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو ٽڪر کڻي انهن ٻنهي آڱرين سان تِريءَ جي طرف دٻائي رکو يا ٻئي عمل هڪ ئي وقت ڪريو، جڏهن عادت پئجي ويندي تہ اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ربڙ وغيره جي ضرورت نہ رهندي، حضرت سيّدنا ملا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى فرمائن ٿا، ”پنج آڱرين سان کائڻ حريصن جي نشاني آهي“ (مرقاة ج8 ص9) جيڪڏهن چانورن جا داڻا ڏار ڏار هجن ۽ ٽن آڱرين سان گرهہ ناهڻ ممڪن نہ هجي تہ چار يا پنج آڱرين سان کائي سگهجي ٿو.

مانيءَ جو ڪنارو پَٽِڻ

مدينه 24: ماني جو ڪنارو پَٽي ڪري ڇڏي ڏيڻ ۽ وچ وارو حصّو کائي ڇڏڻ اسراف آهي، ها جيڪڏهن ڪنارا ڪچا رهجي ويا آهن ۽ ان جي کائڻ سان نقصان ٿيندو تہ پٽي سگهجن ٿا اهڙيءَ ريت هي معلوم آهي تہ مانيءَ جا ڪنارا ٻيا ماڻهو کائيندا ۽ ضايع نہ ٿيندا تہ پٽي ڇڏڻ ۾ حرج ناهي، ساڳيو ئي حڪم انهيءَ جو بہ آهي جو ماني ۾ جيڪو حصّو ڦنڊيل آهي اهو کائي ٿو باقي کي ڇڏي ڏئي ٿو. (ملخص از بهارِشريعت حصو 16 ص 18،19)

ڏندن جو ڪم آنڊن کان نہ وٺو

مدينه 25 : گرهہ ننڍو ڪٽو ۽ ان احتياط سان تہ ٻَچ ٻَچ جو آواز پيدا نہ ٿئي ۽ چڱيءَ ريت چٻاڙي کائو جيڪڏهن چڱيءَ ريت چٻاڙڻ بنا ڳهي ويندؤ تہ هضم ڪرڻ ۾ معدي کي سخت تڪليف ٿيندي، تنهن ڪري ڏندن جو (چٻاڙڻ وارو) ڪم آنڊن کان نہ وٺو.

مدينه 26 : جيستائين نِڙيءَ مان هيٺ نہ لهي ٻئي گرهہ ڏانهن هٿ

وڏائڻ يا گرهه ڪٽڻ ڪاڏي جي حرص جي نشاني آهي.

مدينه 27 : ماڻهوءَ کي ڏندن سان پٽي ڪائڻ انتهائي بُرو ۽ بي برڪتيءَ جو سبب آهي، اهڙيءَ ريت بيني بيني ڪائڻ عيسائين جي پيروي آهي.

(سنّي بهشتي زيور ص565)

ڪاڏو ڪائڻ مهل ميوا اڳ ۾ ڪائڻ گهرجن

مدينه 28 : **اسان** وٽ ميوا آخر ۾ ڪائڻ جو رواج آهي، جڏهن تہ **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزاليعَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا تہ ”جيڪڏهن ميوا هجن تہ اڳ ۾ اهي پيش ڪيا وڃن جو طبي لحاظ کان انهن جو ڪائڻ وڌيڪ فائديمند آهي، اهي جلدي هضم ٿي ويندا آهن تنهنڪري انهن کي معدي جي هيٺين حصي ۾ هڻڻ گهرجي ۽ قرآن پاڪ مان بہ ميون جي مقدّم (يعني اڳ ۾) هجڻ تي آگاهي حاصل ٿئي ٿي، جيئن تہ 27 هين سيپاري سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِجي آيت نمبر 20،21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿۲۱﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ميوا جيڪي پسند ڪن ۽ پکين جو گوشت جيڪو چاهن.

(احياءُ العلوم ج2 ص 21)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن روايت نقل ڪن ٿا تہ ”ڪاڏي کان اڳ ۾ هنداڻو ڪائڻ پيٽ کي خوب ڏوئي ڇڏيندو آهي ۽ بيماريءَ کي پاڙ کان ختم ڪري ڇڏيندو آهي.“

(فتاويٰ رضويه جديد ج5 ص 442)

کاڌي مان عيب نہ ڪڍو

مدينه 29 : **کاڌي** مان ڪنهن قسم جو عيب نہ ڪڍو، مثال طور هي نہ چئو تہ ٽيستي (مزيدار) ناهي، ڪچو آهي، لوڻ گهٽ اٿس، ڏاڍو تيز آهي يا ڦڪو آهي وغيره وغيره ، پسند هجي تہ کائو. نہ تہ هٿ روڪي ڇڏيو، ها پچائڻ واري کي مرچ مصالحي جي گهٽ وڌ ڪرڻ جي لاءِ هدايت ڏيڻي هجي تہ اڪيلائي ۾ سمجهائڻ ۾ حرج ناهي.

ميون مان عيب ڪڍڻ وڌيڪ برو آهي

مدينه 30 : **ميون** مان عيب ڪڍڻ انسان جي پڪايل کاڌي جي مقابلي ۾ وڌيڪ بُرو آهي جو کاڌو پچائڻ ۾ انساني هٿن جو وڌيڪ دخل آهي جڏهن تہ ميون جي معاملي ۾ ائين ناهي.

مدينه 31 : **کاڌي** يا ڀاڄي وغيره جي وچ مان نہ ڪٽو جو وچ ۾ **بَرَڪت** نازل ٿيندي آهي.

مدينه 32 : **پنهنجي** پاسي جي ڪناري کان کائو، هر طرف هٿ نہ هڻو.

مدينه 33 : **جيڪڏهن** هڪ ٿالهہ ۾ مختلف قسمن جون شيون آهن تہ ٻئي پاسي کان بہ ڪٽي سگهو ٿا.

کاڌو کائڻ مهل سُٽيون ڳالهيون ڪريو

مدينه 34 : **کاڌو** کائڻ وقت سنو سمجهي ڪري چپ رهڻ باهہ جي پوڄارين جو طريقو آهي، ها ڳالهائڻ لاءِ دل نہ چاهيندي هجي تہ حرج ناهي، هونئن ئي فُضول ڳالهائڻ هرحال ۾ نا مناسب ئي آهي،

تنهنڪري ڪاڏو ڪائڻ مهل سنيون سنيون ڳالهيون ڪندا رهو، مثال طور جڏهن به گهر ۾ مِلي جُلي ڪري يا مهمانن وغيره سان ڪائي رهيا هجو تہ ڪائڻ پيئڻ جون سنّتون بيان ڪريو، زهي نصيب! ڪاڏي جي هنن مدني گلن جون فوٽو ڪاپيون فريم ڪرائي يا پاني تي لڳائي ڪري ڪاڏي جي جڳهہ تي لڳايون وڃن ۽ ڪائڻ مهل وقت بوقت پڙهي ڪري ٻُڌايون وڃن.

مدينه 35 : **ڪاڏو** ڪائڻ مهل ان قسم جي گفتگو نہ ڪريو جنهن سان ماڻهن کي نفرت اچي مثال طور دست، پيچش، الٽي وغيره جو تذڪرو.

مدينه 36 : **ڪاڏو** ڪائڻ واري جا گرهہ نہ تاڙيو.

سنيون سنيون ٻوٽيون ايثار ڪريو

مدينه 37: **ڪاڏي** ۾ سنيون سنيون ٻوٽيون ڪڍي رکڻ يا گڏجي ڪائي رهيا آهيو تہ ان لاءِ وڏا وڏا گرهہ ڪٽي ڪري جلدي جلدي ڪائڻ تہ ڪٽي مان نہ رهجي وڃان يا پنهنجي پاسي کان گهڻو ڪاڏو گڏ ڪري ڇڏڻ، مطلب تہ ڪنهن به طريقي سان ٻين کي محروم ڪرڻ، اهو ڏسڻ وارن کي بدظن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اهو بي مُرُوَّتن ۽ حريصن جو طريقو آهي، سنيون شيون پنهنجي اسلامي ڀائرن يا گهر وارن جي لاءِ ايثار جي نيّت سان ڇڏي ڏيندوتہ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب ماڻيندو، جيئن شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان بخشش نشان آهي تہ ”جيڪو شخص ڪنهن شيءَ جي خواهش رکندو هجي پر ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (**ٻين تي**) اهميت ڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي“.

(اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 779)

ڪِري پيل داڻا ڪائڻ جا فضائل

ڪائڻ مهل جيڪڏهن ڪو داڻو يا گرهه وغيره ڪِري پوي تہ ڪٽي صاف ڪري ڪائي ڇڏيو جو **مغفرت** جي بِشارت (يعني خوشخبري) آهي. **حديث** پاڪ ۾ آهي، ”جيڪو ڪاڏي جا ڪِري پيل ٽڪرا ڪٽي ڪائي تہ اهو خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ۾ ڪم عقلي ڪان حفاظت ٿيندي آهي“. **(كنزالعمال ج15 ص111 حديث40815)**

حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل فرمائن ٿا تہ ماني جي ڪريل ٽڪرن ۽ ذرن کي چونڊي ونو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خوشحالي نصيب ٿيندي، ٻارصحيح سلامت ۽ بي عيب ٿيندا ۽ اهي ٽڪرا حورن جو **مهر** بڻبا.“ **(احياءُ العلوم ج2 ص 7)**

ڪِري پيل ماني کي ڪٽي ڪري چُمڻ جائز آهي. **دسترخوان** تي جيڪي داڻا وغيره ڪِري پون انهن کي ڪڪڙين، جهرڪين، ڳئون يا ٻڪري وغيره کي ڪارائي ڇڏڻ جائز آهي يا اهڙي جڳهہ تي احتياط سان رکو جو ڪِوليون کائين.

ڪاڏي ۾ ڦوڪ هڻڻ منع آهي

مدينه 43 : **ڪاڏي** ۽ چانهہ وغيره کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڦوڪ نہ هڻو جو بي برڪتي ٿيندي، گهڻو گرم ڪاڏو نہ کائو، ڪائڻ جي قابل ٿي وڃڻ جو انتظار فرمايو. **(ملخصًا ردالمحتار ج9 ص 491)**

مدينه 44 : **ڪاڏو** ڪائڻ مهل بہ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو، ائين نہ ٿئي جو هٿ سڻيا هجڻ سبب ڪاڀي هٿ ۾ گلاس پڪڙي ساڄي هٿ جي آڱر ملائي ڪري دل کي مجائي ونو تہ ساڄي هٿ سان پي رهيو آهيان!

پاڻي چوسي ڪري پيئڻ سکو

مدينه 45 : پاڻي هجي يا ڪو بہ مشروب هميشہ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ننڍا ننڍا ڏڪ پرڻ گهرجن پر چوسڻ ۾ آواز پيدا نہ ٿئي، پاڻي هجي يا ڪو ٻيو مشروب وڏا وڏا ڏڪ پري پيئڻ سان **جگر جي بيماري** پيدا ٿيندي آهي، آخر ۾ اَلحَمدُلله چئو. افسوس! چوسي ڪري پيئڻ واري سنّت تي هاڻي شايد ئي ڪو عمل ڪندو هجي. براءِ مهرباني! ان جي لاءِ مَشۡقَ ڪريو ۽ ان سنّت کي اختيار ڪريو.

مدينه 46 : **جڏهن** ڪجهہ ٻُک باقي رهجي وڃي تہ ڪائڻ ڇڏي ڏيو.

لذت صرف زبان جي پاڙ تائين آهي

مدينه 47 : **پيٽ** ۾ ڪائڻ سنّت ناهي، گهڻو ڪائڻ لاءِ دل چوي تہ پنهنجو پاڻ کي هيئن سمجهايو تہ صرف زبان جي چوٽيءَ کان پاڙ تائين لذت رهندي آهي، نِڙي ۾ پهچندي ئي لذت ختم ٿي ويندي آهي، تہ هڪ گهڙيءَ جي ذائقي جي خاطر سنّت جو ثواب ڇڏي ڏيڻ عقلمندي ناهي ويتر گهڻو ڪائڻ سان عضوا ساڻان ٿي پوندا، عبادت ۾ سُستي رهندي، معدو خراب ٿيندو آهي ۽ ڪيترن کي ٿولهہ ٿي پوندي آهي، قبض،گيس، شگر ۽ دل وغيره جي بيمارين جو امڪان وڌي ويندو آهي.

مدينه 48 : فارغ ٿيڻ کان پوءِ پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ آخر ۾ آڱوٺو ٽي ٽي پيرا چٽيو، ”سرڪارِمدينه صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڏي کان پوءِ مبارڪ آڱرين کي ٽي پيرا چٽيندا هئا.

(شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

ٿانءُ چٽي چڏيو

مدينه 49 : **ٿانءُ** بہ چٽي چڏيو، حديثِ پاڪ ۾ آهي،" ڪاڏي ڪانپوءِ جيڪو شخص ٿانءُ چٽيندو آهي تہ اهو ٿانءُ ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، الله تعاليٰ توکي جهنم جي باهہ کان **آزاد** ڪري جيئن تو مون کي **شيطان** کان آزاد ڪيو." (**ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40822**) ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ٿانءُ ان جي لاءِ **استغفار** ڪندو آهي.

(**سنن ابي ماجه ج4 ص 14 حديث 3271**)

مدينه 50 :**جنهن** ٿانوَ ۾ ڪاڏو ان کي چٽڻ کان پوءِ ڌوئي ڪري پي چڏيو اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. (**احياءُ العلوم ج 2ص7**)

ڌوئي ڪري پيئڻ جو طريقو

مدينه 51 : **چٽڻ** ۽ ڌوئڻ ان وقت چَوَرائيندو جڏهن غذا جو ڪو جزو ۽ رس جو اثر وغيره باقي نہ رهي، تنهنڪري ٿورو پاڻي وجهي ٿانوَ جي مٿئين ڪناري کان وني هيٺ تائين هر طرف آڱر وغيره سان چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري پيئڻ گهرجي، بہ يا ٿي پيرا اهڙي طرح ڌوئي ڪري پيئندو تہ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٿانءُ خوب صاف ٿي ويندو.

مدينه 52 : **پيئڻ** ڪانپوءِ پليٽ يا ٿالهہ ۾ معمولي بچيل پاڻيءَ بہ آڱر سان گڏ ڪري پي چڏڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي جو مصالحي جو ڪو ذرو ئي ڪٽي چنبڙيل رهجي وڃي ۽ انهيءَ مان برڪت هلي وڃي جو حديثِ پاڪ ۾ هي بہ آهي تہ " توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي". (**صحيح مسلم ص 11123 حديث 1023**)

مدينه 53 : **پاڄيءَ** جي رس لڳل وَٽي، چمچي ۽ پڻ چانهه لسي، ميون جو رس (JUICES) شربت ۽ ٻين مشروبات لڳل پيالن، گلاسن، جڳ وغيره کي ڏوئي، پِي ڪري ۽ اهڙيءَ ريت صاف ڪري ڇڏيو جو ڪاڏي جو ڪو ذرو يا اثر باقي نه رهي ۽ ائين خوب برڪتون لُٽيو.

مدينه 54 : **گلاس** ۾ بچيل مسلمانن جي صاف ستري اوبر واري پاڻيءَ کي استعمال جي قابل هئڻ جي باوجود هَروِيرو اُڇلائي ضايع ڪرڻ اسراف آهي ۽ اسراف حرام آهي. **(ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص 567)**

مدينه 55 : **آخر** ۾ اَلحَمدُلله چئو، اول ۽ آخر ماثور (يعني قرآن ۽ حديث جون) دعائون به ياد هجن ته پڙهو.

مدينه 56 : **صابڻ** سان چڱيءَ طرح هٿ ڏوئي ڇڏيو ته جيئن بوءِ ۽ سڻپ ختم ٿي وڃي.

ڪائڻ ڪانپوءِ مسح ڪرڻ سنت آهي

مدينه 57 : **حديثِ** پاڪ ۾ هي به آهي ته"(ڪاڏي کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ) سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هٿ ڏوتا ۽ هٿن جي آلاڻ سان چهري مبارڪ، ڪراين مبارڪن ۽ مٿي مبارڪ تي مسح ڪيائون ۽ پنهنجي پياري صحابيءَ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايائون، "عِڪراش! جنهن شيءِ کي باهه ڇهيو **(يعني جيڪا شيءِ باهه سان پچايل هجي)** ان جي ڪائڻ کان پوءِ هي **وضو** آهي." **(ترمذي شريف ج 3 ص 335حديث 1855)**

مدينه 58 : **ڪاڏي** کان پوءِ ڏندن جو **خِلال** ڪرڻ (ڏند کوٽڻ) سنّت آهي.

پويان گناهہ معاف

مدينه 59 : **حضور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص ڪاڏو ڪائي ۽ هي لفظ چوي تہ ان جا پويان تمام **گناهہ مُعاف** ڪيا ويندا آهن، دعا جا لفظ هي آهن:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ

(ترمذي شريف ج 5 ص 284)

ترجمو: تمام خوبيون الله تعاليٰ جي لاءِ آهن جنهن مونکي هي ڪاڏو ڪارايو ۽ منهنجي ڪنهن مهارت ۽ قوت جي بغير مونکي هي رزق عطا فرمايو.

مدينه 60 : **ڪاڏي** ڪان پوءِ هيءَ دعا بہ پڙهو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِيْنَ

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن اسان کي ڪارايو، پياريو ۽ اسان کي مسلمان بڻايو.

(ابوداود ج 3 ص 513 حديث 3850)

مدينه 61 : **جيڪڏهن** ڪنهن ڪارايو هجي تہ هيءَ دعا بہ پڙهو.

(صحيح مسلم ص 136حديث 2055)

اَللّٰهُمَّ اَطْعِمْ مَنْ اَطْعَمَنِيْ وَاسْقِ مَنْ سَقَانِيْ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪاراءِ جنهن مون کي ڪارايو ۽ ان کي پيئار جنهن مونکي پيئاريو.

مدينه 62 : ڪاڏي ڪان پوءِ هيءَ دعا بہ پڙهو:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَاَطْعِمْنَا خَيْرًا مِّنْهُ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ هن ڪاڏي ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کان بهتر ڪاڏو اسانکي ڪاراءِ. (ابوداود شريف ج3 ص475 حديث 3730)

مدينه 63 : ڪير پيٽ ڪان پوءِ هيءَ دعا پڙهو.

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي هن کان وڌيڪ عطا فرماءِ.

مدينه 64 :سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حلوو، ماکي، سُرڪو، ڪارڪون، هنداڻو، ونگي ۽ ڪدو شريف تمام گهڻو پسند هئا.

مدينه 65 : الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻاڪري گوشت ۾ دستي (يعني ٻانهن وارو حصو)، ڪنڌو ۽ چيلهه جو گوشت پسند هو.

مدينه 66 : آقاءِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن ڪارڪون ۽ هنداڻو يا ڪارڪون ۽ ونگي يا ڪارڪون ۽ ماني ملائي ڪري ڪائيندا هئا.

مدينه 67 : ڪُرڙ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هئي.

مدينه 68 : ثَريد (ڪُٽي) يعني ڀاڄيءَ جي رس ۾ ڀڳل ماني‌ء جا ٽڪرا سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏاڍو پسند هئا.

مدينه 69 : هڪ آڳر سان کائڻ شيطان جو ۽ ٻن آڳرين سان کائڻ مغرورن جو طريقو آهي ٽن آڳرين سان کائڻ انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي.

ڪيترو ڪائجي؟

مدينه 70 : ٻُڪ جا ٽي حصا ڪرڻ بهتر آهي. هڪ حصو ڪاڏو، هڪ

حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا. مثلاً ٽن مانين ۾ پيٽ ڀرجي وڃي تو تہ هڪ ماني کائو، هڪ ماني جيترو پاڻي ۽ باقي هوا جي لاءِ خالي ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن ڏؤ ڪري بہ کاڌؤ تہ مباح (يعني جائز) آهي ڪو گناهہ ناهي، پر گهٽ کائڻ جون ديني ۽ دنياوي برڪتون مرحبا! تجربو ڪري ڏسو، اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پيٽ اهڙو صحيح ٿي ويندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ، الله عَزَّوَجَلَّ اسان سيني کي پيٽ جو قفلِ مدينہ نصيب فرمائي، يعني حرام کان بچڻ ۽ حلال کاڌو بہ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ کان بچائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قيلولو سنت آهي

مدينه 71 : **ٻيپهريءَ** جي کاڌي کانپوءِ قيلولو ڪريو جو ٻيپهريءَ جي وقت ليٽڻ کي **قيلولو** چوندا آهن ۽ هي خاص طور تي رات جو عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ سنّت آهي جو ان سان رات جي عبادت ۾ آساني ٿي پوندي آهي، شام جو کاڌي کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ **150** قدم پنڌ ڪيو، شام جي کاڌي کانپوءِ مطلقًا (يعني اصل ۾) گهمڻ بهتر آهي، اهو ڏيڍ سئو قدمن جو قول طبيبن جو آهي.

مدينه 72 : **کاڌي** کان پوءِ اَلحَمدُلله ضرور چئو.

مدينه 73 : **دستر** خوان کڄڻ کان اڳ ۾ نہ اُٿو.

مدينه 74 : **کائڻ** کان پوءِ هٿ چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري اگهي ڇڏيو. صابڻ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا.

مدينه 75 : **ڪاغذ** سان هٿ صاف ڪرڻ جي منع آهي.

مدينه 76 : **ٽوال** سان هٿ اگهي سگهو ٿا، پاتل ڪپڙي سان هٿ نہ اگهو.

برڪت وڃائڻ وارا ڪم

مدينه 77 : **خليل العلماء** حضرت مفتي محمّد خليل خان برڪاتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا،" ڪاڏو جنهن ٿانوَ ۾ ڪاڏو آهي، ان ۾ هٿ ڏوئڻ يا هٿ ڏوئي ڪري پهراڻ جي دامن يا گوڏ يا پَلَئُ سان اگهڻ برڪت کي وڃائي ڇڏيندو آهي". (ملخصًا سني بهشتي زيور ص578)

مدينه 78 : **ڪاڏو** ڪائڻ کان پوءِ سخت ورزش ڪرڻ يا گهڻي وزني شيءِ کي کڻڻ يا گِهلڻ وغيره جهڙن سخت محنت واري ڪمن سان ڇِنُ پوڻ، اپيندڪس (آندي تي سوڄ) تي وڄڻ يا پيٽ وڏي وڄڻ جون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

مدينه 79 : **ڪاڏو** ڪائڻ ڪانپوءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بلند آواز سان ان وقت چئو جڏهن سڀ ڪاڏي کان واندا ٿي ويا هجن، نه ته آهستي چئو. (ردالمحتار ج 9 ص490) ڪائڻ ڪانپوءِ دعائون به ان وقت پڙهايون وڃن جڏهن هر ماڻهو واندو ٿي چُڪو هجي، نه ته جيڪو ڪائي رهيو آهي اهو لڄي ٿيندو.

ڪنهن جي وڻ جو ميوو ڪائڻ ڪيئن آهي؟

مدينه 80 : **باغ** ۾ پهتو اتي ميوا ڪِريل آهن ته جيستائين باغ جي مالڪ جي اجازت نه هجي تيستائين ميوا نٿا ڪائي سگهو، ۽ اجازت ٻنهي طريقن سان ٿي سگهي ٿي يا صراحتًا (واضح طور تي) اجازت هجي مثلاً مالڪ چئي ڇڏيو ته ڪِريل ميوا ڪائي سگهو ٿا يا دلالةً (عام طور تي) اجازت هجي يعني اتي اهڙو عُرف (يعني رواج) ۽ عادت هجي جو باغ وارا ڪِريل ميون کان ماڻهن کي نه روڪيندا هجن. ان

كانسواءِ وڻن مان ميوا پَٽي ڪري ڪائڻ جي اجازت ناهي پر جڏهن تہ ميون جي گهٽائي هجي ۽ پَڪ هجي تہ پَٽي ڪري ڪائڻ سان مالڪ ناراض نہ ٿيندو تڏهن پَٽي ڪري بہ ڪائي سگهو ٿا، پر ڪنهن بہ صورت ۾ اها اجازت ناهي تہ اتان ميوا ڪٽي اچي. (عالمگيري ملخصًا ج5 ص229) انهن سيني صورتن ۾ عرف ۽ عادت جو لحاظ آهي ۽ جيڪڏهن عرف ۽ عادت (يعني رواج) نہ هجي يا خبر هجي تہ مالڪ ناراض ٿيندو تہ ڪِريل ميوا بہ ڪائڻ جائز ناهن.

بنا پڇڻ جي ڪائڻ ڪيئن آهي؟

مدينه 81 : دوست جي گهر ويؤ ڪا شيءِ پڪل ملي سا پاڻ ڪٽي ڪاڌي يا ان جي باغ ۾ ويؤ ۽ ميوا پَٽي ڪاڌؤ جيڪڏهن پَڪ آهي تہ هو ناراض نہ ٿيندو تہ ڪائڻ جائز آهي پر هتي چڱيءَ طرح غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، اڪثر ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪو سمجهندو آهي تہ ناراض نہ ٿيندو، جڏهن تہ مالڪ ناراض ٿيندو آهي. (عالمگيري ملخصًا ج 5 ص 229)

مدينه 82 : ڪُنڊل جانور جو "حرام مغز" ڪائڻ ممنوع آهي تنهن ڪري پچائڻ وقت ڪنڌ چاپ ۽ پُنيءَ جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جي گوشت کي چڱيءَ طرح ڏسي ڪري حرام مغز الڳ ڪري ڇڏيو.

مدينه 83 : ڪڪڙ جو حرام مغز سنهڙو هوندو آهي ۽ ان کي ڪڍڻ مشڪل آهي تنهنڪري پچائڻ ۾ رهجي وڃي تہ ڪو حرج ناهي ، پر ڪاڌو نہ وڃي، اهڙي طرح ڪڪڙ جي ڪنڌ جون مشڪون ۽ ڪاري ڏوريءَ جهڙيون رت جون رڳون بہ نہ ڪائو.

مدينه 84 : ڪُنل جانور جا "غُدُود" (ماس جي اندر پيدا ٿيل ڳوڙهي) ڪائڻ مڪروهِ تحريمي آهي، تنهنڪري پچائڻ کان اڳ ۾ ئي ان کي ڪڍي ڇڏيو.

ڪڪڙ جي دل

مدينه 85 : ڪڪڙ جي دل اڇلائڻ نہ گهرجي. ان کي ڊيگهہ ۾ چار چير ڏئي ڪري يا جيئن بہ ممڪن هجي چيري ڪري ان مان رت چڱي طرح صاف ڪري پوءِ پاڻيءَ ۾ وجهو.

رت جون پڪل رڳون نہ ڪائو

مدينه 86 : ڪُنل جانور جي اندر جيڪو رت رهجي ويو اهو پاڪ آهي پر ان رت کي ڪائڻ ممنوع آهي تنهن ڪري گوشت جا اهي حصا جن ۾ عام طور تي رت رهجي ويندو آهي، انهن کي چڱيءَ طرح ڏسي ڇڏيو، مثلاً ڪڪڙ جي ڪنڌ، پرن ۽ ٽنگن وغيره جي اندران ڪاريون ڏوريون ڪڍي ڇڏيندا ڪريو جو اهي رت جون رڳون هونديون آهن، رت پچڻ کان پوءِ ڪارو ٿي ويندو آهي.

"بِسْمِ اللّٰه ڪيو" چوڻ سخت ممنوع آهي

مدينه 87 : هڪ شخص ڪاڏو ڪائي رهيو آهي تہ ٻيو آيو، پهرئين ان ٻئي کي چيو، "اچو ڪاڏو ڪائو" ٻئي چيو، "بِسْمِ اللّٰه ڪيو!" هي تمام سخت ممنوع آهي، اهڙي موقعي تي دعائيہ الفاظ چوڻ گهرجن مثال طور چوي، "الله برڪت ڏئي"

(ملخصًا از بهارِ شريعت حصو16ص32)

خراب ٿي ويل گوشت کائڻ حرام آهي

مدينه 88 : **گوشت** خراب ٿي ويو تہ ان جو کائڻ حرام آهي، اهڙي طرح جيڪو کاڌو خراب ٿي ويندو آهي، اهو بہ نہ ٿو کائي سگهجي، خراب ٿي وڃڻ جي نشاني هيءَ آهي تہ ان ۾ سينور، بدبوءِ يا ڪٿي بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن رس هجي تہ ان ۾ جهڳ بہ اچي ويندي آهي، داليون، ڪِچڙو ۽ ڪٿائي واري ڀاڄي جلدي خراب ٿي ويندي آهي.

ثابت ساوا مرچ

مدينه 89 : **کاڌي** جي اندر پڪل ثابت ساوا يا ڳاڙها مرچ کائڻ وقت اچلائي ڇڏڻ بدران ممڪن هجي تہ پهريان کان چوندي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ پيهي ڪري ٻيهر ڪم ۾ آڻيو. اهڙيءَ طرح پڪل گرم مصالحا بہ جيڪڏهن استعمال جي قابل هجن تہ ضايع نہ ڪريو.

بچيل مانين جو ڇا ڪجي؟

مدينه 90 : **بچيل** ماني ۽ رس وغيره اچلائي ڇڏڻ اسراف آهي، ڪڪڙ، ٻڪري يا ڳئون وغيره کي کارائي ڇڏيو، ڪجهہ ڏينهن جي بچيل مانين جا ٽڪرا ڪري رس ۾ پچائي ڇڏيو. اِنشآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بهترين کاڌو بڻجي ويندو.

ڪيڪڙو ۽ گانگٽ کائڻ ڪيئن آهي؟

مدينه 91 : **مڇيءَ** کانسواءِ درياهہ جو هر جانور حرام آهي، جيڪا مڇي بنا مارڻ جي پاڻ ئي مري ڪري پاڻيءَ ۾ اونڌي ترڻ لڳي اها حرام

آهي، ڪيڪڙو ڪائڻ بہ حرام آهي، گانگٽ ۾ اختلاف آهي ڪائڻ جائز آهي پر بچڻ بهتر آهي.

مدينه 92 : **ماڪڙ** مئل بہ حلال آهي، ماڪڙ ۽ مڇي ٻئي، بغير ذبح ڪرڻ جي حلال آهن.

يا ربِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اسان جي مغفرت فرماءِ، اسان کي ايترا پيرا " آداب طعام" جو مطالعو ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ جو ڪاڏي جون سنّتون ۽ آداب ياد ٿي وڃن ۽ اسان کي انهن تي عمل ڪرڻ جي بہ توفيق عنايت فرماءِ.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

جنات جي غذائن جو بيان

درود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جيڪو مون تي **جمعي** جي ڏينهن ۽ رات سؤ ڀيرا درود شريف پڙهي الله **تعالى** ان جون سؤ گُهرجون پوريون فرمائيندو، ستر آخرت جون ۽ ٽيهه دنيا جون.

(كنزالعُمال ج1 ص 256 الحديث 2239)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جنات جو وفد بارگاهِ رسالت صلى الله عليه وسلم ۾

حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابنِ مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ جنّات جو هڪ وفد حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو، ”توهان جي امت **هڏي، ڇيڻي** ۽ **ڪوئلي** سان استنجا نه ڪري ڇوته الله **تعالى** ان ۾ اسان جو رزق مقرر فرمايو آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (امت کي) ان کان منع فرمائي ڇڏيو.“

ابو داود ج 1 ص 48 حديث39)

جنات انسانن کان نَوَ پيرا گهڻا آهن

منا مٺا اسلامي ڀائرو! جِنّ الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ مخلوق آهن جنهن کي ٻاهه مان پيدا ڪيو ويو آهي، اهي ڪائيندا پيئندا آهن ۽ نڪاح ٻه ڪندا آهن، انسانن جي مقابلي ۾ انهن جو تعداد **نو پيرا** وڌيڪ آهي. حضرت سيّدُنا عَمْرو بِڪالي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته" **جڏهن انسان جو هڪ ٻار پيدا ٿيندو آهي ته جنّات وٽ نو ٻار پيدا ٿيندا آهن**".

(جامع البيان ج 9 ص 85 حديث 24803)

مسلمان جي دستر خوان تي جِنات

حضرت علامه جلال الدين سيوطي الشافعي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ تابعي بزرگ کان نقل فرمائن ٿا ته " **سيني مسلمانن جي گهرن جي چتين تي مسلمان جِنّات رهندا آهن**. جڏهن ٻيپهري ۽ رات جو دسترخوان لڳايو ويندو آهي يعني گهر ڀاتي ڪاڏو ڪائيندا آهن ته جِنّات ٻه چتين تان لهي ايندا آهن ۽ گڏ ويهي ڪائڻ لڳندا آهن! انهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ **شرير جِنّات** کي ڀڄائي ڇڏيندو آهي.

(لقط المرجان في احكام الجان للسيو طي ص44)

حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم سان نانگ جي سرگوشي

حضرتِ سيّدُنا جابر بن **عبدالله** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته " آءُ رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هئس ته اوچتو هڪ نانگ آيو ۽ ڀاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاسي مبارڪ ۾ بيهي رهيو، پوءِ ان پنهنجو وات حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم،

رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪن مبارڪ جي پرسان ڪري چڏيو جڻ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سرگوشي ڪرڻ لڳو. (يعني ڪن ۾ ڳالهائڻ لڳو) تہ نبيّ ڪريم، رؤفُ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو، ”ها نيڪ آهي.“ پوءِ اهو **نانگ** واپس هليو ويو. مون حُضُورِاقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پُڇيو؟ تہ سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي خبر ڏني تہ اهو **جِنّات** جو هڪ فرد هو ۽ اهو هي چئي ويو آهي تہ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي حڪم فرمائي چڏيو تہ اهي **چيٽن** ۽ پُريل **هڏيءَ** سان استنجا نہ ڪندا ڪن، ان لاءِ جو **الله تعالى** ان ۾ اسان جو رزق بڻايو آهي.

(لقط المرجان في احكام الجان ص 46)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ جِنّات بہ فرياد آڻيندا آهن ۽ هي بہ خبر پئي تہ هڏي ۽ چيٽو جنّات جي غذا آهي. اسان جي لاءِ هڏي، چيٽو ۽ ڪوئلي سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي. انهيءَ ضمن ۾ هڪ ٻي **حڪايت** ملاحظہ ٿئي. جيئن تہ

ڪاري رنگ جا ماڻهو

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، هجرت کان اڳ ۾ هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪّهءِ مڪّرمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّ تَعْظِيْمًا جي پسگردائيءَ ۾ تشريف کڻي ويا، اتي حُضُورِ پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي لاءِ هڪ ليڪ ڪڍي ۽ فرمايائون، جيستائين مان توهان وٽ نہ اچان توهان ڪنهن سان گفتگو نہ

ڪجو. پوءِ فرمايائون ڪا شيءِ ڏسي ڪري گهبرائجو به نہ، پوءِ ٿورڙو اڳتي وڌي ڪري ويهي رهيا، اوچتو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ **ڪاري رنگ جا ماڻهو** آيا جڻ اهي ماڻهو زنگي (يعني حبشي) آهن ۽ اهي ماڻهو ان شڪل سان جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾

ترجموڪنزالايمان: ”پوءِ قريب هو جو اُهي جن ان تي انبوه ڪري مِڙي وڃن.“ (پاره 29 سورته جن آيت 19)

پوءِ اهي حضورِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽان وڃڻ لڳا ته مون انهن کان پُڇو اهي عرض ڪري رهيا هئا، **يا رسول الله!** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جو گهر تمام پري آهي، هاڻي اسان وجون ٿا، توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي زادِ سفر (يعني سفر ۾ استعمال لاءِ ڪجهه) عنايت فرمايو. سلطانِ اِنس وجان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”**چيٽو** توهان جي غذا آهي ۽ توهان جنهن **هڏيءَ** وٽ ويندؤ ان تي توهان جي لاءِ گوشت هوندو ۽ جنهن **چيٽي** ڏانهن ويندؤ اهو توهان جي لاءِ ڪارڪ بڻجي ويندو“. جڏهن اهي ماڻهو واپس هليا ويا ته مون حضورِاقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو، اهي ڪير هئا؟ حُضُور **رَحمة للعٰلمين** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اهي نصيبين شهر جا **جِنّات** هئا.

(لقط المرجان في احكام الجان ص 47)

شَہَنشاہ و گدا جِنّ و بَشَر اور اولیاءُ اللہ
ہے سب کا تیرے ٹکڑوں پر گزارا یا رسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جنات ليمي کان گهبرائيندا آهن

قاضي علي بن حَسَن خلعي جي ”سوانح حيات“ ۾ آهي تہ وٽن جِنّات ايندا رهندا هئا. هڪ پيري وڏي عرصي تائين نہ آيا، تہ قاضي صاحب انهن کان ان جو سبب پُڇيو تہ جِنّن ٻُڌايو تہ **توهان جي گهر ۾ ليمو هو ۽ اسان اهڙي گهر ۾ ناهيون ايندا جنهن ۾ ليمو هوندو آهي.** (ايضاً ص 103)

جنات اڇي ڪڪڙ کان ڊڄندا آهن

بہ **ارشاداتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **﴿1﴾ اڇو ڪُڪڙ** (يعني ٻانگو) رکندا ڪريو ڇو تہ جنهن گهر ۾ **اڇو ڪڪڙ** هوندو تہ، نہ شيطان ان گهر جي ويجهو ايندو ۽ نہ جادوگر انهن گهرن جي ويجهو ايندو جيڪي ان گهر جي آس پاس آهن. **(المعجم الاوسط ج1 ص 1201 حديث 677)**

﴿2﴾ اڇي ڪڪڙ (يعني ٻانگي) کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو ڇو تہ اهو منهنجو دوست آهي ۽ مان ان جو دوست آهيان ۽ ان جو دشمن منهنجو دشمن آهي، جيتري تائين ان جو آواز پهچندو آهي اهو **جِنّات** کي پري ڪندو آهي. **(لقط المرجان في احكام الجان ص 165)**

جنات جي جانورن جي خوراڪ

جنّات جي قوم جا وفد جيڪي حضورِ اڪرم نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ محترم ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي جانورن جي لاءِ خوراڪ طلب ڪيائون، ڪين فرمايائون، توهان جي لاءِ **هڏي** آهي جنهن تي الله عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو

ورتو وجي يعني حلال **مُزَكيٰ** (يعني پاڪ) جانور جي هڏي هجي اها توهان جي هٿ ۾ ان حال ۾ هوندي جيئن ان وقت هئي جڏهن ان تي گوشت پورو ۽ ڪامل هو (يعني گوشت لٿل هڏي توهان کي گوشت سميت ملندي) ۽ هر **قولڙي** توهان جي چوپاين جي لاءِ خوراڪ آهي ۽ پوءِ انسانن کي ارشاد فرمايائون، **هڏي** ۽ **قولڙي** سان استنجا نہ ڪريو جو اهي توهان جي ڀائرن (مسلمان جنّات) جي خوراڪ آهي.

(صحيح مسلم ص 236حديث 450)

جنات اغوا ڪندا آهن!

هڪ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سومهڻيءَ جي نماز جي لاءِ گهر کان نڪتا تہ کين **جِنّات اغوا** ڪري ورتو ۽ ڪيترن ئي سالن تائين غائب رکيو ، پوءِ اهي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ تشريف کڻي آيا تہ امير المؤمنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کانئن ان سلسلي ۾ پُڇيو. پاڻ ٻُڌايائون تہ مون کي **جنّات** پڪڙي کڻي ويا هئا ۽ مان هڪ عرصي تائين انهن وٽ رهيس. ان کانپوءِ **مسلمان جنّات** (انهن جنّن سان) جهاد ڪيو ۽ انهن مان بيشمار ماڻهن سان گڏ مون کي بہ قيد ڪري ڇڏيائون، **مسلمان جنّات** پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هي انسان مسلمان آهي هن کي قيد ڪرڻ مناسب ناهي، پوءِ انهن مون کي اختيار ڏنو تہ چاهي مان انهن وٽ ترسان يا پنهنجي اهل و عيال وٽ واپس هليو وڃان، مون گهر اچڻ کي اختيار ڪيو تہ اهي **جنّات** مونکي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا وٺي آيا، امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن جي غذائن جي

باري ۾ پُڇيو ته ان انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو اهي **لوبيا** (يعني رانهن يا هڪ قسم جون ڦريون جيڪي ڀاڄيءَ وانگر رڌجن) **ڪائيندا آهن** ۽ اهي شيون جن ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ناهي ورتو ويندو. (مثال طور بغير بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ جي ڪاڏي ويندڙ غذا) پوءِ حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن جي پيئڻ جي باري ۾ پُڇيو ته بُڌايائون **جدف** (حياة الحيوان الكبريٰ ج 1 ص 295) جدف مان مُراد يا ته اهو يمني گاهه آهي جنهن جي ڪائڻ واري کي پاڻيءَ جي محتاجي ناهي رهندي، يا ان مان مُراد پاڻيءَ وغيره جو اهو ٿانءُ آهي جنهن کي ڍڪي نه رکيو وڃي.

(النهاية في غريب الحديث والاثر ج 1 ص240)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جنات ۽ جادو ڪان حفاظت جي لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان ڪافر جنّات جون مختلف غذائون سامهون آيون يعني اهي **لوبيا** به ڪائيندا آهن ۽ جن ڪاڏن تي بِسْمِ اللّٰه ناهي پڙهي ويندي انهن کي به استعمال ڪندا آهن گڏوگڏ ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ موجود هئڻ جي باوجود جيڪو ٿانءُ ڪليل ڇڏيو ويندو آهي ان مان به ڪائيندا آهن، ۽ پڻ هي به معلوم ٿيو ته **جنّات** انسانن کي **اغوا** به ڪندا آهن ۽ هي انتهائي ڳٽتيءَ جوڳي ڳالهه آهي، انهن کان حفاظت جي لاءِ دنياوي هٿيار بلڪ انساني فوج به ڪارآمد ناهي، ان جي لاءِ "مدني هٿيار" گهربل آهن، دعوتِ اسلاميءَ جي اداري "مڪتبة المدينه" جي طرفان شايع ڪيل **16** صفحن تي

مشتمل پاڪيٽ سائيز رسالي ” 40 **روحاني علاج**“مان چار ”مدني هٿيار“ حاضر آهن: ﴿1﴾ يَا مُهَيْمِنُ 29 پيرا (ڏينهن ۾ ڪهڙي به وقت) روزانو پڙهڻ وارو اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ هر آفت ۽ مصيبت کان محفوظ رهندو. ﴿2﴾ يَا وَكِيْلُ ست پيرا جيڪو روزانو ٽيپهري جي وقت پڙهندو اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ هر آفت کان پناهه ۾ رهندو ﴿3﴾ يَا مُمِيْتُ ست پيرا روزانو پڙهي ڪري جيڪو پاڻ مٿان دم ڪندو، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ ان تي جادو اثر نه ڪندو. ﴿4﴾ يَا قَادِرُ جيڪو وضوءَ ڪرڻ مهل هر عضوو ڌوئڻ وقت پڙهڻ جو معمول بڻائي، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن (جنّ ۽ انسان) ان کي اغوا نه ٿا ڪري سگهن. (وضوءَ ۾ هر عضوو ڌوئڻ وقت درود شريف به پڙهو جو مستحب آهي ۽ يا قادر به پڙهندا رهو) پنهنجي پير و مرشد جي اجازت سان حفاظت جا اوراد به پڙهندا رهو.[1]

جنات قتل به ڪندا آهن

ڪڏهن ڪڏهن مسلمان جنّات بدڪار انسانن کي سزائون به ڏيندا آهن جيئن ته ابن عقيل ”**ڪتاب الفنون**“ ۾ فرمائن ٿا،” اسان جو هڪ گهر هو جيڪو به ان ۾ رهندو ۽ رات ترسندو هو ته صبح جو ان جو **لاش**

---

[1] اميرِ اهلسنّت **مدظله العالي** اردو زبان ۾ شجره قاديريه رضويه عطاريه مُرتب ڪيو آهي، ان ۾ حفاظت جا مختلف اوراد شامل آهن هن شجري جو دنيا جي مختلف زبانن مثال طور: هي سٺون لکجڻ تائين عربي، سنڌي، هندي، گجراتي، انگلش ۽ ڪريول (**يعني بروڪن فرينچ**) ۾ ترجمو ٿي چُڪو آهي. اميرِ اهلسنّت **مدظله العالي** پنهنجي مريدن ۽ طالبن (مردن ۽ عورتن) کي ان جي پڙهڻ جي عام اجازت ڏني آهي، اهو پاڪيٽ سائيز شجرو **مڪتبة المدينه** جي هر شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ئي ملندو هو! هڪ پيري هڪ مغربي مسلمان آيو ۽ ان هن گهر کي پسند ڪري خريد ڪري ورتو،هن اتي رات گذاري ۽ صبح جو بلڪل صحيح سلامت رهيو، ان ڳالهه تي پاڙيسرين کي تعجب ٿيو، اهو شخص ان گهر ۾ ڪافي عرصي تائين ترسيل رهيو تنهن ڪانپوءِ هُو اتان هليو ويو، جڏهن ان کان (**ان گهر ۾ سلامت رهڻ جو سبب**) پُڇيو ويو تہ ان جواب ڏنو جڏهن مان ان گهر ۾ رات گذاريندو هئس تہ سومهڻيءَ جي نماز ڪانپوءِ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو هئس، هڪ پيري هڪ **پُراسرار نوجوان** ڪوهه مان ٻاهر نڪري مون کي سلام ڪيو، مان ڊڄي ويس، هو چوڻ لڳو، ڊڄو نہ مون کي بہ ڪجهه قرآن ڪريم سيکاريو،پوءِ مان ان کي قرآن ڪريم سيکارڻ لڳس مون ان کان پڇيو هن گهر جو قصو ڇا آهي؟ ان ٻُڌايو، اسان **مسلمان جنّات** آهيون، اسان قرآن پاڪ جي تلاوت بہ ڪندا آهيون ۽ نماز بہ پڙهندا آهيون، **هن گهر ۾ اڪثر ڪري شرابي ۽ بدڪار ماڻهو رهڻ جي لاءِ آيا، ان لاءِ اسان انهن کي گُهٽا ڏئي ماري ڇڏيو.** مون ان کي چيو، رات جو توهان کان خوف ٿو ٿئي مهرباني ڪري ڏينهن ۾ ايندا ڪريو، ان چيو، نيڪ آهي پوءِ هو ڏينهن ۾ ڪوهه کان ٻاهر ايندو هو ۽ مان ان کي پڙهائيندو هئس، هڪ پيري ائين ٿيو جو اهو **جنّ** مون کان قرآن سکي رهيو هو تہ هڪ عمليات ڪرڻ وارو پاڙي ۾ آيو ۽ صدائون هڻڻ لڳو تہ ”مان نانگ جي ڏنگ، بد نظر ۽ جنّن پوتن جو دم ڪندو آهيان“ ان جنّ چيو هي ڪير آهي؟مون چيو تہ هي جهاڙ، ڦيٽو ڪندڙ آهي، جنّ چيو ان کي مون وٽ وٺي اچو، پوءِ

مان ويس ۽ ان کي وٺي آيس، **اوچتو اهو جنّ چت تي هڪ تمام وڏو ازدها (يعني وڏونانگ) بڻجي ويو!** ان **عامل** دم ڪيو تہ اهو ازدها تڙپڻ لڳو ايتري تائين جو گهر جي وچ واري حصي ۾ ڪِري پيو، ان **عامل** (نانگ سمجهي ڪري) ان کي پڪڙي پنهنجي گودڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو، مون ان کي منع ڪئي تہ چوڻ لڳو، هي منهنجو شڪار آهي مان ان کي ڪٽي ويندس، مون کيس هڪ اشرفي ڏني تہ هو ڇڏي هليو ويو، ان جي وڃڻ کانپوءِ ان ازدها حرڪت ڪئي ۽ پهرين واري شڪل ۾ ظاهر ٿيو پر هو ڪمزوريءَ جي ڪري ڦڪو ٿي ويو هو! مون ان کان پُڇيو توکي ڇا ٿي ويو؟ **جنّ** جواب ڏنو تہ **عامل** اسماءِ مبارڪہ پڙهي ڪري دم ڪيو. جنهن سان منهنجي هيءَ حالت ٿي، مون کي زندهہ بچڻ جي اميد نہ هئي، جڏهن توهان کوهہ مان رڙين جو آواز ٻُڌو تہ هتان هليا وڃو. مغربي مسلمان جو چوڻ آهي، مون رات جو **رڙين** جو آواز ٻُڌو تہ مان گهر ڇڏي ڪري پري هليو ويس.

(لقط المرجان في احكام الجان ص 105)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن لڳ ڪانڊاريندڙ حڪايت مان هي سکڻ لاءِ مليو تہ اڪثر ڪري مذاق مهانگي پئجي ويندي آهي، غالبًا ان جنّ ازدها بڻجي ڪري ان عامل کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ ڏسان هي ڇا ٿو ڪري، پر اهو عامل پنهنجي فن ۾ ڪامل نڪتو ۽ ان اسماءِ مبارڪہ پڙهي ڪري اهڙو دم ڪيو جو ان ويچاري جنّ جون وايون بتال ٿي ويون، تنهنڪري ڪنهن کي ڪمزور سمجهي ڪري نہ ڇيڙڻ گهرجي، گڏوگڏ هي بہ خبر پئي تہ

گناهن جي نحوست جي سبب دنيا ۾ بہ مصيبتون ۽ آفتون اچي سگهن ٿيون. جيئن ان جنّات جي اثر واري گهر ۾ اچڻ وارن شرابين ۽ بدڪارن کي جنّات گهٽو ڏئي ماري ڇڏيندا هئا، ان مان گهرن ۾ فلمون ڊراما ڏسڻ وارن ۽ قسمين قسمين جي گناهن ۾ مشغول رهڻ وارن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جو ڪٿي دنيا ۾ بہ گناهن جي بدلي ۾ ڪو جنّ مسلّط نہ ٿي وڃي! گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ عبادت ۽ تلاوت سان مصيبتون پري ٿينديون آهن. جيئن ان پُراسرار گهر جي جنّ نمازي ۽ تلاوت ڪرڻ واري مسلمان جي شاگردي اختيار ڪري ورتي، تنهنڪري پنهنجي گهرن کي نمازن، تلاوتن ۽ نعتن سان آباد رکو ۽ فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جي نحوستن کان پري رهو، اِنشآءاللہعَزَّوَجَلَّ برڪتون ئي برڪتون ٿينديون. گناهن جي عادتن کان ڇوٽڪارو ۽ عبادت جي تربيت لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، آخرت جي عظيم ثوابن سان گڏوگڏ اِنشآءاللہعَزَّوَجَلَّ دنياوي آفتن ۽ بلائن کان ڇوٽڪاري جو بہ سامان ٿيندو جيئن تہ:

منهنجي حرام مغز جو وڪڙ ختم ٿي ويو

باب المدينه ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، **2001**ع ۾ منهنجي حرام مغز ۾ وڪڙ اچي ويو هو، جنهن جي سبب مان سخت تڪليف ۾ هئس، وڏي عرصي تائين علاج ڪرايو پر فائدو نہ ٿيو. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو تہ آپريشن کان علاوه ان تڪليف جو ڪو حل ناهي، پر هي بہ امڪان آهي تہ آپريشن ناڪام ٿي وڃي. هڪ

اسلامي ياءُ جي **انفرادي ڪوشش** جي سبب همت ڪري **30** ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي جي برڪت سان بغير ڪنهن آپريشن جي حرام مغز جو وڪڙ ختم ٿي ويو ۽ مان صحتمند ٿي ويس.**

گر کوئی مرض ہے تو مری عرض ہے پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
دردِ سر ہو اگر یا ہو دردِ کمر پاؤ گے صحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! مدني قافلي ۾ ڪيڏيون برڪتون آهن! هتي هي عرض ڪندو هلان ته ضروري ناهي ته **مدني قافلي جي مسافر** جون بيماريون ۽ پريشانيون ختم ئي ٿي وڃن، اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي تي موقوف (يعني چڏيل) هوندو آهي، توهان سيئي ڄاڻو ٿا ته صحت جي ضمانت نه هئڻ جي باوجود ماڻهو علاج تي لکين روپيا خرچ ڪندا آهن ۽ شفا نه ملڻ جي باوجود ڪو علاج ڪرائڻ بند ناهي ڪندو، بلڪ بهتر کان بهترين علاج ڪرائڻ جي باوجود مريض مري ويندا آهن، پوءِ به علاج معالجي جي ڪو مخالفت ناهي ڪندو، ته جيڪڏهن مدني قافلي ۾ به مرض ختم نه ٿئي ته شيطان جي وسوسن جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. رُڳو دنياوي مسئلن جي حل جي نيّت ڪرڻ بدران مدني قافلي ۾ علمِ دين سکڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جون نيّتون به ڪرڻ گهرجن، ۽ اهو به ذهن ۾ رکو ته شفا به رحمت آهي ۽ بيماري به رحمت جي نازل ٿيڻ جو سبب. اسان

ڪي هر حال ۾ صبر ۽ تحمل ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. بيماري ۽ مصيبت جا بيشمار فضائل آهن ۽ خوشنصيب مسلمان صبر ڪري خوب اجر ڪمائيندا آهن. جيئن تہ

مونکي نابين رهڻ منظور آهي

حضرتِ سَيِّدُنا ابو بصير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَدِيْر نابين هئا، فرمائن ٿا تہ مان هڪ پيري حضرتِ سَيِّدُنا امام باقر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَادِر جي خدمت سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيس پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه منهنجي چهري تي هٿ گهمايائون تہ **اکيون روشن ٿي ويون**، جڏهن ٻيهر هٿ گهمايائون تہ مان وري نابين ٿي ويس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي فرمايائون توهان هنن ٻن ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ اختيار ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ﴿1﴾ توهان جون اکيون روشن ٿي وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن توهان کان **ڏسڻ جي نعمت** ۽ ٻين عملن جو حساب ورتو وڃي. ﴿2﴾ توهان نابين ئي رهو ۽ بنا حساب ۽ ڪتاب جي جنّت ۾ داخل ٿيڻ نصيب ٿي وڃي، حضرت سيّدُنا ابوبصير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَدِيْر فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو، **جنّت** ۾ بي حساب داخل ٿيڻ چاهيان ٿو، مون کي **نابين** رهڻ منظور آهي.

(ملخصًا شواهد النبوة ص 241 مكتبة الحقيقة استنبول تركي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مقبول ٻانهن کي ڪيتري قدر عروج ۽ ڪمال بخشيو آهي جو انڌن کي اکيون بہ ڏئي سگهن ٿا ۽ بي حساب جنّت ۾ داخل ٿيڻ جي بشارت (يعني

خوشخبري) بہ ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ مصيبت تي صبر ڪرڻ سان زبردست اجر ملندو آهي. اکين جي روشني ختم ٿيڻ تي صبر ڪرڻ واري جي لاءِ تہ پاڻ حديثِ قدسي ۾ بہ جنّت جي بشارت موجود آهي، جيئن تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو، ”جڏهن مان پنهنجي ٻانهي جي اکين جي روشني ختم ڪريان ۽ اهو صبر ڪري تہ مان اکين جي بدلي ۾ ان کي جنّت ڏيندس.

(صحيح البخاري ج 4 ص 6 حديث 5653)

ٹوٹے گو سر پہ کوہِ بلا صبر کر، اے مسلماں! نہ تُو ڈگمگا صَبر کر
لب پہ حرفِ شکایت نہ لا صَبر کر کہ یہی سنّتِ شاہِ ابرار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علاقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.
اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

طالبِ غم مدينہ و بقيع و مغفرت و بي حساب جنت الفردوس ۾ آقا جو پاڙو

18 محرم الحرام 1427هـ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ۙ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۙ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۙ

الله عَزَّوَجَلَّ جي مشهور نوانوي نالن جي نسبت سان 99 حڪايتون

درود شريف جي فضيلت

خَاتَمِ الْمُرسَلِين، رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِين، شَفِيعُ الْمُذْنِبِيْن، اَنِيسُ الْغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِكِين، محبوبِ ربُّ العٰلمِين جنابِ صَادِق و اَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن تہ ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهي ٿو۔ (کنز العمال ج 1 ص 250 حديث 2174)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿1﴾ ٽي پڪي

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ امام المتوڪلين، سيّد القانعين، رحمة للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ٽي پڪي تحفي طور پيش ڪيا ويا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پڪي پنهنجي ٻانهيءَ کي ڪائڻ جي لاءِ عطا فرمايو، ٻئي ڏينهن ٻانهي اهو

پڪي ڪٽي آئي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو تہ مون توکي منع نہ ڪيو هو تہ سياٽي جي لاءِ ڪجهہ بچائي نہ رکندي ڪر، بيشڪ الله تعالىٰ هر ٻئي ڏينهن جو رزق عطا فرمائيندو آهي . (شعب الايمان ج2 ص 118 حديث 7 134)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٻئي ڏينهن جي لاءِ جمع ڪري رکڻ نہ ڏينہ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اسان جي مٿي مٿي آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَوَكُّل جو مقام يقينًا سيني کان بلند تر هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي واسطي ٻئي ڏينهن جي لاءِ ڪڏهن بہ کاڌو بچائي ڪري نہ رکندا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مال مان ڪڏهن بہ زڪوٰة نہ ڏني، ان لاءِ جو ڪڏهن مال جمع ئي نہ فرمايائون جو زڪوٰة فرض ٿئي ها. مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (پنهنجي) فرزند جي ڳلي تي ڇُري وهائي، حضرت ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پٽ ابراهيم جي لاءِ دعا ڪئي، خدايا هن کي موت ڏئي ڇڏ، جو هن کي چمڻ جي ڪري مان هڪ گهڙي توکان غافل ٿي ويس. هي انهن بزرگن جو جذبو هو جو ڇڻ "جيڪا شيءِ خدا جي ياد کان غافل ڪري ان کي ختم ڪري ڇڏيو." حضرتِ سيّدُنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ زاهد ترين صحابي هئا. انهن جا جذبات هن شعر جيان هئا.

ڪوڙي نه رکھ ڪفن کو، تج ڏال مال و دھن کو
جس نے دیا ہے تن کو، دیگا وُہی کفن کو

هي ياد رهي! تہ حلال مال جمع ڪرڻ حرام ناهي، ۽ مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا تہ مال گڏ ڪري رکڻ (۽) وفات ڪانپوءِ ڇڏي وڃڻ حلال آهي، جڏهن تہ ان مان زڪوٰة، فطرو، قرباني ۽ حقوق العباد ادا ڪيا ويا هجن. (ملخصًا مرأة ج 3 ص 88، 89)

﴿2﴾ مئل بڪري ڪن چنڊيندي اٿي بيٺي

حضرتِ سيّدُنا ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ حضرت سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضور پُرنُور شافع يومُ النُّشور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ حاضر ٿيا تہ سندن چهري مبارڪ جو رنگ متغير (يعني بدليل) ڏنائون اهو ڏسي ڪري انهيءَ وقت هو پنهنجي گهر پهتا ۽ پنهنجي گهرواريءَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي فرمايائون، ”مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جو رنگ بدليل ڏنو آهي، منهنجو گمان آهي تہ بُک جي سبب ائين آهي، ڇا توهان وٽ ڪجهہ موجود آهي؟ هن وراڻيو، والله عَزَّوَجَلَّ هن بڪري ۽ ٿوري بچيل سچيل اٿي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ،پاڻ هڪدم بڪريءَ کي ذبح ڪري ڇڏيائون ۽ فرمايائون تہ جلدي جلدي گوشت ۽ مانيون تيار ڪريو، جڏهن ڪاڏو تيار ٿي چُڪو تہ هڪ وڏي پيالي ۾ رکي ڪري سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دربار مبارڪ ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪاڏو پيش ڪيائون، رحمتِ عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم،

شافع امم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اي جابِر! پنهنجي قوم کي جمع ڪريو، سو آءُ ماڻهن کي وٺي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، فرمايائون انهن کي جدا جدا ٽوليون ٺاهي ڪري مون وٽ موڪليندا رهو. اهڙيءَ ريت اهي ڪائڻ لڳا، جڏهن هڪ ٽولو ڍؤ ڪري پيو وٺي ته اهو نڪري پيو وڃي وري ٻيو پيو اچي، ايتري تائين جو سڀ ڪائي چُڪا ۽ ٿانوَ ۾ جيترو ڪاڏو پهريان هيو اوترو ئي سيني جي ڪائڻ کان پوءِ به موجود هيو. سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن پيا ته ڪائو ۽ هڏين کي نه ڀڃو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوَ جي وچ ۾ هڏين کي جمع ڪيائون ۽ انهن جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجهه ڪلام پڙهيائون جنهن کي مون نه ٻُڌو، هينئر جنهن جو گوشت ڪاڏو ويو اها ئي ٻڪري هڪدم ڪن ڇنڊيندي اٿي بيٺي! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايائون پنهنجي ٻڪري ڪاهي وڃو! مان ٻڪري پنهنجي گهرواري وٽ آندي. هوءَ (حيرت مان) چوڻ لڳي، هي ڇا؟ مون چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هيءَ اسان جي اها ئي ٻڪري آهي جنهن کي اسان ذبح ڪيو هو. دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان الله عَزَّوَجَلَّ هن کي زندهه ڪيو آهي! اهو ٻُڌي سندن گهرواري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا بي اختيار چوڻ لڳي، مان گواهي ٿي ڏيان ته بيشڪ اهي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.

(الخصائص الكبريٰ ج 2 ص112)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ فوت ٿي ويل مدني منا زندهه ٿي ويا!

مشهور عاشقِ رسول حضرت علامه عبدالرحمٰن جامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه روايت فرمائن ٿا، حضرت سيّدُنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي حقيقي مدني مُنّن جي موجودگيءَ ۾ ٻڪري ذبح ڪئي هئي. جڏهن فارغ ٿي ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تشريف ڪڍي ويا تہ اهي ٻئي مدني مُنّا ڇُري ڪڍي ڇت تي پهتا، وڏي پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو، اچ تہ مان بہ توسان ائين ئي ڪريان جيئن اسان جي والد صاحب هن ٻڪريءَ سان ڪيو آهي. پوءِ وڏي نينگر ننڍي کي ٻَڌوءِ ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي ۽ مُنڍي الڳ ڪري هٿن ۾ ڪڍي ورتي! جيئن ئي سندن والده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هي منظر ڏٺو تہ ان جي پويان ڊوڙيون، اهو ڏڄي ڪري ڀڳو ۽ ڇت تان ڪِريو ۽ فوت ٿي ويو. ان صابره خاتون رڙيون يا ڪنهن قسم جي واويلا نہ ڪئي جو متان عظيم الشّان مهمان، ٻنهي جهانن جا سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پريشان نہ ٿي وڃن، نهايت صبر ۽ تحمل سان ٻنهي ننڍڙن لاشن کي اندر آڻي ڪري انهن تي ڪپڙو وجهي ڇڏيائون ۽ ڪنهن کي خبر نہ ڏنائون، ايتري تائين جو حضرت جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي بہ نہ ٻُڌايائون، سندن دل جيتوڻيڪ صدمي کان رت جا ڳوڙها روئي رهي هئي پر چهري کي ٽڙيل گلن جيان ٻهڪندو رکيائون ۽ ڪاڏو وغيره تيار ڪيائون، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ ڪاڏو سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳيان رکيو ويو، انهيءَ وقت جبريل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو، "يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعاليٰ فرمائي ٿو، جابر کي

فرمايو، تہ پنهنجي نينگرن کي وٺي اچي تہ جيئن اهي اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪاڏي ڪائڻ جو شرف حاصل ڪن. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي فرمايو، پنهنجي فرزندن کي وٺي اچو! پاڻ هڪدم ٻاهر آيا ۽ گهرواريءَ کان پُڇيائون، فرزند ڪٿي آهن؟ انهن چيو تہ حضور پُرنُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪريو تہ اهي موجود ناهن. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ جو فرمان آيو آهي تہ انهن کي جلدي گهرايو! غم سان ڀريل گهرواري روئي وينِي ۽ چوڻ لڳي، اي جابر! هاڻي مان انهن کي نہ ٿي آڻي سگهان. حضرت سيّدُنا جابر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو، آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ روئين ڇو ٿي؟ گهرواريءَ اندر وٺي وڃي ڪري سڄو واقعو ٻُڌايو ۽ ڪپڙو هٽائي ڪري مدني منّا ڏيکاريا، تہ هو بہ روئڻ لڳا، ڇو جو هُو انهيءَ ڳالهہ کان بي خبر هئا. پوءِ حضرت سيّدُنا جابر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ٻنهي جي ننڍين ننڍين لاشن کي کڻي ڪري حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو. ان وقت گهر مان روئڻ جا آواز اچڻ لڳا. الله تعاليٰ جبرئيل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي موڪليو ۽ فرمايو،”اي جبرئيل! منهنجي محبوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو، **الله ربُّ العزّت** فرمائي ٿو، اي پيارا حبيب! توهان دعا گهرو اسان انهن کي زندهہ ڪنداسين. **حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **دعا فرمائي ۽ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي حڪم سان ٻئي مدني منّا انهيءَ مهل زندهہ ٿي ويا.**

(شواهد النبوة ص 105، مدارج النبوت حصو 1 ص 199)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

قلبِ مُردہ کو مرے اب تو جِلادو آقا
جام اُلفت کا مجھے اپنی پلادو آقا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! منهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو بہ ڪيڏو نہ اعليٰ شان آهي، جو ٿورڙو ڪاڏو ڪوڙسارن ماڻهن ڪائي ورتو پوءِ بہ ان ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي نہ ٿي ۽ پوءِ ٻڪري جي گوشت جي بچيل هڏين تي ڪلام پڙهيائون تہ گوشت (۽) ڪل پائي ڪري بلڪل اها ئي ٻڪري ڪن ڇنڊيندي اٿي بيهي رهي. ۽ ان سان گڏوگڏ حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي فوت ٿي ويل ٻن حَقيقي مدني مُنّن کي بہ باذن الله عَزَّوَجَلَّ زندهہ ڪيائون.

مُردوں کو جِلاتے ہیں رَوتوں کو ہنساتے ہیں آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

﴿4﴾ ست ڪارڪون

حضرتِ سيّدُنا عِرباض بن ساريہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ، تبوڪ جي جنگ ۾ هڪ رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، دافع آفات و بَلِيَّات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي فرمايو، اي بلال! توهان وٽ ڪجهہ ڪائڻ لاءِ آهي؟ حضرتِ سيّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو حضور! توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسان تہ ڪاڏي جا توشيدان (يعني ٿيلها) خالي ڪري وينا آهيون.

رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو توهان چڱي طرح ڏسو ۽ پنهنجا **ٿيلها** چنديو شايد ڪجهه نڪري اچي. (ان وقت اسان ٽي جڻا هئاسين) سيني پنهنجا پنهنجا **ٿيلها** جاچيا تہ **ڪل ست ڪارڪون** نڪتيون. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ڪي هڪ صفحي تي رکي ڪري مٿانئن پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ۽ فرمايائون بِسْمِ اللّٰه پڙهي ڪري ڪائو، اسان ٽنهي محبوبِ داور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ جي هيٺان ڪٽي ڪري خوب ڪاڌيون، حضرت سيّدُنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان ككڙيون ڪابي هٿ ۾ رکندو پئي ويس، جڏهن مون ڍؤ ڪري ڪين ڳٽيو تہ **54** ٿيون! اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي صحابين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا بہ **پيٽ ڀري** ڪاڌيون. جڏهن اسان ڪاڌي ڪان هٿ روڪيو تہ سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجو هٿ مبارڪ هٽائي ڇڏيو، **اهي ست ئي ڪارڪون ائين ئي موجود هيون**! شهنشاهِ خوش خِصال، سلطانِ شِيرين مَقال، پَيڪرِ حُسنِ وجمال، بَي مِثل و بي مثال، پنهنجي هر صفت ۾ باڪمال، محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** فرمايو، **اي بلال!** انهن ڪي سنڀالي رکو ۽ انهن مان ڪو بہ نہ ڪائي بعد ۾ ڪم ايندیون، حضرتِ سيّدُنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا اسان انهن ڪي نہ ڪاڌو، جڏهن ٻيو ڏينهن آيو ۽ ڪاڌي جو وقت آيو تہ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ئي **ست ڪارڪون** آڻڻ جو حڪم فرمايو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري ساڳئيءَ ريت انهن تي پنهنجو **هٿ مبارڪ** رکيو ۽ فرمايائون بِسْمِ اللّٰه پڙهي ڪري ڪائو! هينئر اسين **ڏهہ ماڻهو**

هئاسين سيني ڍؤ ڪيو، تڏهن حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو رحمت ڀريو هٿ هٽايو تہ **ست ڪارڪون** اڳ جيان موجود هيون، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون، **اي بلال!** جيڪڏهن مونکي حق تعاليٰ کان حياءُ نہ اچي رهيو هجي ها تہ واپس مديني پهچڻ تائين هنن ئي ست ڪارڪن مان ڪائون ها، پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪارڪون هڪ نيگر کي عطا فرمايون، هُو اهي ڪائي هليو ويو.

(الخصائص الكبريٰ ج 2 ص 455)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! رب ڪائنات عَزَّوَجَلَّ شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيتري قدر وسيع اختيارات سان نوازيو هو. ست ڪارڪن ۾ ڪيتري قدر برڪت ٿي جو ڪيترن ئي صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڍؤ ڪري ڪاڏيون.

مالکِ کونَین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿5﴾ مان روزانو ٻہ فلمون ڏسندو هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول بيشمار ماڻهن جي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جيئن تہ **عطار آباد**

(جيڪب آباد) باب الاسلام سنڌ جي هڪ اسلامي ڀاءَ پنهنجي **مدني ماحول** ۾ اچڻ جو واقعو ڪجهه هن ريت لکيو آهي، مان تمام گهڻو گناهن ۾ غرق رهندو هئس، عام طور تي **روزانو ٻه فلمون ڏسندو هئس** هر وقت پاڻ سان گڏ **ريڊيو** رکندو هئس، هڪ وڪٽنڊو هيس تہ ٻيو خريد ڪندو هيس. رات جو سمهڻ وقت بہ سيرانديءَ کان ريڊيو هلائي رکندو هئس، ريڊيو ٻُڌندي رات جو ٻئين وڳي جڏهن مون کي ننڊ اچي ويندي هئي تہ اٿي ڪري امڙ سائنڊ ريڊيو بند ڪنديون هيون، غالبًا 1416هہ جي رمضان المبارڪ جي ڪنهن خميس جو واقعو آهي تہ مان پنهنجي هڪ دوست سان ملڻ **حيدرآباد** ويس، اهو مون کي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ **فيضانِ مدينه** وٺي ويو، باب المدينه ڪراچي مان توهان (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) جو **ٽيليفونڪ بيان** ٻُڌم، ٻُڌندي ئي منهنجي زندگيءَ ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب مون روئي روئي ڪري گناهن کان توبهہ ڪئي، ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس، عطار آباد ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ عاشقِ رسول **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مونکي **هڪ مٺ ڏاڙهي** شريف رکرائي.

میں تو نادان تھا دانستہ بھی کیا کیا نہ کیا
لاج رکھ لی مرے لجپال نے رُسوا نہ کیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿6﴾ ٿوري ڪاڏي ۾ برڪت

حضرتِ سيّدُنا صُهيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مون تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ٿورو ڪاڏو پَڇايو ۽ دعوت ڏيڻ جي لاءِ حاضر ٿيس ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان سان گڏ تشريف فرما هئا. شرم جي سبب ڪجهه عرض نه ڪري سگهيس ۽ خاموش بيٺو رهيس، **سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون ڏانهن نهاريو مون اشاري سان ڪاڏي جي لاءِ هلڻ جي التجاء ڪئي، فرمايائون ۽ هي؟ (يعني صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان) مون عرض ڪيو نه، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خاموش ٿي ويا ۽ مان انهيءَ جڳهه تي بيٺو رهيس. **حضورِ انور** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيهر مون ڏانهن نظر فرمائي ته مون ساڳيءَ ريت وري اشاري سان عرض ڪيم. فرمايائون ۽ هي؟ مون عرض ڪيو، نه. ٻئين ۽ ٽئين ڀيري جي جواب ۾ مون عرض ڪيو، " **ڏاڍو سٺو** " يعني انهن کي به وٺي هلو ۽ گڏوگڏ هي به عرض ڪيم ته صرف ٿورڙو ڪاڏو توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ئي پَڇايو آهي. **شاهِ خيرالانام** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن تمام صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان سان گڏ تشريف فرما ٿيا، سيني چڱيءَ طرح ڪاڏو تڏهن به ڪاڏو بچي پيو.

(الخصائص الكبريٰ ج2 ص 82)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سَرورِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ عالي صِفات يقيناً برڪتن جي نازل ٿيڻ جو

سبب آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان تي هر دم رحمتن جي برسات آهي. ڪاڏو گهٽ هئڻ جي سبب رُڳو جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت هئي، پر مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، سراپا جُود و سخاوت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان ٿورو ڪاڏو بيشمار صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان لاءِ نہ رُڳو ڪافي ٿي ويو پر بچي پيو.

يہ سُن کر سخي آپ کا آستانہ، ہے دامن پَسارے ہوئے سب زمانہ
نواسوں کا صدقہ نگاہِ کرم ہو، ترے در پہ تیرے گدا آ گئے ہیں

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان ۽ ڪائنڪ ظاهر ٿيڻ وارن معجزن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامن کان بہ عظيم الشّان ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن جيئن تہ :

﴿7﴾ جشن ولادت جي لڏن ۾ برڪت

مُراد آباد (هند) ۾ هڪ عاشقِ رسول هر سال ربيع النور شريف ۾ ڏوم ڌام سان مني مني آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **جشنِ ولادت** ملهائيندا هئا ۽ زبردست **محفلِ ميلاد** منعقد ڪندا هئا، سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جا خليفا، صاحبِ خزائن العرفان حضرت صدرُالافاضل علامہ **مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي ان ۾ خصوصي شرڪت فرمائيندا هئا. هڪ پيري محفل ميلاد ۾ معمول کان گهٽو وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿيا. پُڄاڻيءَ تي معمول موجب پاءُ پاءُ (تقريبًا 250 گرام)

لڏون ورهائجڻ لڳا، پر اهي اڌ تي اڌ گهٽ پئي لڳا. محفل جي باني گهبرائجي ڪري حضرت **صدرُالافاضل** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَیْه جي خدمت باڪرامت ۾ معاملو عرض ڪيو، پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَیْه پنهنجو رومال ڪڍي ڏنو ۽ فرمايائون، لڏونءَ جي ٿانوَ تي وجهي ڇڏيو ۽ تاڪيد فرمايائون تہ تبرڪ رومال جي هيٺان کان ڪڍي ڪري ورهايو وڃي پر ٿانوَ کي کولي نہ ڏنو وڃي اهڙيءَ ريت خوب لڏون ورهايا ويا ۽ هر هڪ شخص کي لڏون ملي ويو. **آخر ۾ جڏهن ٿانءُ کوليو ويو تہ رومال وجهڻ وقت ٿانوَ ۾جيترا لڏون هئا اوترا ئي پوءِ بہ موجود هئا!**

(ملخصًا تاريخ اسلام ڪي عظيم شخصيت صدرالافاضل ص 343)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سردار کا عالم کیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿8﴾ والد صاحب تان عذاب هٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيّتن سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني **ماحول** ۾ شامل ٿيڻ وارا اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن جون ڀلايون حاصل ڪرڻ جا حقدار بڻبا آهن، **هڪ** اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، انهيءَ وچ ۾ **مرحوم والد صاحب** جن کي فوت ٿئي **ٻہ سال** گذري چُڪا آهن، منهنجي **خواب** ۾ تمام سٺي حالت ۾ آيا، مون پُڇيو تہ بابا! وفات کان پوءِ ڇا

ٿيو؟ چيائون ڪجهه عرصو گناهن جي سزا ملي پر هاڻي عذاب هٽي ويو آهي، توهان **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** کي بلڪل نہ ڇڏجو ڇو تہ ان جي برڪت سان ئي مون تي ڪرم ٿيو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت تمام وڏي آهي، نيڪ اولاد صدقهءِ جاريه هوندي آهي ۽ انهن جي دعائن جي صدقي فوت ٿي ويل والدين جي لاءِ آسانيون ٿيندیون آهن. اولاد کي نيڪ بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول هڪ بهترين ذريعو آهي.

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبّت بھرا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز
تم آجاؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول

﴿9﴾ 300 ماڻهو سوئر بڻجي ويا!

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي خدمت سراپا عظمت ۾ حوارين عرض ڪيو تہ (ڇا) توهان جو رب** عَزَّوَجَلَّ **توهان جي دعا سان هيءَ ڪرم نوازي فرمائيندو تہ اسان تي آسمان مان غيبي دسترخوان نعمتن سان ڀريل لاهي؟ ان تي حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **فرمايو، اهڙا سوال نہ**

ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو دل گهريا معجزا نہ گهرو. جيڪڏهن توهان مومن آهيو تہ انهيءَ کان مُڙي وڃو، انهن جواب ۾ عرض ڪريو، سائين! اسان جو هي عرض توهان عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نُبُوَّت يا ربّ تعاليٰ جي قدرتِ ڪامل ۾ ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي طور تي ناهي بلڪ ان جا چار مقصد آهن ﴿1﴾ هڪ هي تہ اسان اهو غيبي ڪاڏو ڪائون، برڪت حاصل ڪريون، ان سان اسان جون دليون منور ٿي وڃن ۽ اسان کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قرب اڃان وڌيڪ حاصل ٿي وڃي. ﴿2﴾ ٻيو هي تہ توهان عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو اسان سان واعدو فرمايو آهي تہ توهان مقبول الدعا آهيوءِ رب تعاليٰ توهان جي (ڳالهہ) مڃيندو آهي ان جو اسان کي عين اليقين (يعني اکين ڏٺو يقين) حاصل ٿي وڃي، اسان جون دليون مطمئن ٿي وڃن، اسان کي پنهنجي ڪامل الايمان هجڻ تي اطمينان ٿي وڃي ﴿3﴾ ٽيون هي تہ اسان کي توهان عَلَيْهِ السَّلَام جي صداقت عينُ اليقين (يعني اکين سان ڏسي يقين) سان معلوم ٿئي ﴿4﴾ چوٿون هي تہ اسان هن آسماني معجزي کي ڏسي وٺون ۽ ٻين جي لاءِ اکين ڏٺا شاهد بڻجي وڃون گڏوگڏ قيامت تائين ماڻهن جي لاءِ اسان جو هي واقعو ايمان جي ڪمال جو سبب بڻجي اسان توهان جا هميشہ زندهہ رهڻ وارا گواهہ بڻجي وڃون، حضرت سيّدُنا سلمان فارسي حضرت عبدالله بن عباس ۽ مفسرين جي هڪ تعداد رَضِوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جو قول هي آهي تہ جڏهن حوارين حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي هر طرح جو اطمينان ڏياريو تہ اسان هي دسترخوان رُڳو شوق يا تفريح جي لاءِ نہ ٿا

گهرون پر ان ۾ اسان جا ديني مقصد آهن، تڏهن حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٽاٽ جو لباس(يعني ڳوٽيءَ يا ٻوريءَ جو لباس) پاتو ۽ روئي روئي ڪري **دعا** ڪئي.

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۱۱۴﴾

(پ 7 سُوْرَةُ الْمَآئِدَة 114)

ترجمو ڪنزالايمان: ”اي الله! اي رب اسان جا! اسان تي آسمان مان هڪ خونچو نازل فرماءِ جيئن اهو اسان جي واسطي عيد ٿئي اسان جي اڳين پويَن جي عيد ۽ تنهنجي طرف ڪان نشاني ۽ اسانکي رزق ڏي ۽ تون سمورن کان ڀلو رزق ڏيندڙ آهين“.

پوءِ ڳاڙهي رنگ جو دسترخوان ڪڪرن ۾ ڍڪيل آيو، اهي سڀ ان کي لهندي ڏسي رهيا هئا. اهو دسترخوان بادلن سميت آهستي هستي هيٺ لٿو ايتري تائين جو ماڻهن جي وچ ۾ رکيو ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان دسترخوان کي ڏسي ڪري ڏاڍو رنا ۽ دعا گهريائون ته **مولا!** مون کي شڪر ڪرڻ وارن مان ٻڌاءِ، **الاهي!** ان کي هنن حوارين جي لاءِ رحمت ٻڌاءِ، عذاب نه ٻڌاءِ، حوارين ان مان اهڙي خوشبوءِ محسوس ڪئي جيڪا ان کان اڳ ڪڏهن نه ڪئي هئائون. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ حواري **سجدهءِ شڪر** ۾ ڪِري پيا. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو، ته هن کي ڪير کولينڊو؟ هي دسترخوان ڳاڙهي غلاف سان ڍڪيل هيو. سيني عرض ڪيو، حضور! اوهان ئي

ڪوليو. پوءِ حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تازو وضو ڪيو، نوافل پڙهيا، دير تائين دعائون گهريون، پوءِ دسترخوان مٿان غلاف هٽايائون، ان ۾ هي شيون هيون، **ست مڇيون، ست مانيون،** انهن مڇين مٿان ڇلر نہ هئا نہ ئي انهن جي اندر ڪنڊا هئا، ان مان روغن (يعني سٽي) ٽِمي رهيو هو، انهن جي مَٿن آڏو سرڪو، پڇ جي طرف کان لوڻ ۽ آس پاس سبزيون هيون. ڪجهہ روايتن ۾ آهي تہ **پنج مانيون** هيون. هڪ ماني تي زيتون ٻئي تي ماکي، ٽئين تي گيهہ، چوٿين تي پنير ۽ پنجينءَ تي پُڳل گوشت هو. **شمعون** حواريءَ پُڇيو تہ اي روح الله! هي ڪاڏو جنّت جو آهي يا زمين جو؟ فرمايائون نہ زمين جو نہ جنّت جو، هي رُڳو قدرتي آهي. اڳ ۾ بيمار ۽ فقراءَ (غريب)، فاقہ مست (يعني بُکن ۾ بہ بي پرواهہ رهن وارا)، ڪوڙهي ۽ معذور گهرايا ويا. پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايائون، **بسم الله** پڙهي ڪري کائو! توهان جي لاءِ **مبارڪ آهي** ۽ منڪرن جي لاءِ **مصيبت**. پوءِ ٻين ماڻهن کي بہ اهو ئي فرمايائون، سو پهرئين ڏينهن **ست هزار ٽي سو ماڻهن** کاڏو، پوءِ اهو دسترخوان مٿي کڄي ويو، ماڻهو ڏسندا رهيا ۽ اهو اڏامندي انهن جي نظرن کان غائب ٿي ويو. **تمام بيمار ۽ مصيبتن جا ماريل چڱا ڀلا ۽ صحتمند ٿي ويا، فقير، غني (يعني غريب مالدار) ٿي ويا** پوءِ اهو دسترخوان چاليهہ ڏينهن مسلسل يا هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن ايندو هيو ۽ ماڻهو کائيندا رهيا. پوءِ حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي وحي آئي تہ هاڻي هن مان صرف **غريب** کائن ڪو مالدار نہ کائي. جڏهن اهو اعلان ٿيو تہ مالدار ماڻهو ناراض ٿي

ويا ۽ چوڻ لڳا هي رُڳو جادو آهي! **اهي منڪرين (يعني انڪار ڪرڻ وارا) ٽي سؤ ماڻهو هئا، اهي رات جو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت خيريت سان سُتا، پر صبح جو اٿيا تہ سوئر (ٻڌجي چُڪا) هئا، رستن تي ڊُڪندا پيا وتن، گندگي پائخانو پيا ڪائين.** جڏهن ماڻهن انهن جو اهو حال ڏٺو تہ حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام وٽ پڇندا آيا ۽ ڏاڍو رُنا، اهي سوئر بہ سندن چوڌاري جمع ٿي ويا ۽ روئي رهيا هئا. حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام انهن (سوئرن) کي نالا وٺي سڏي رهيا هئا اهي جواب ۾ مٿو تہ لوڏي رهيا هئا پر ڳالهائي نہ پئي سگهيا. ٽي ڏينهن نهايت ذلت ۽ خواري سان گذاريائون. چوٿين ڏينهن سڀ جو سڀ مري ويا، انهن ۾ ڪا عورت ۽ ڪو ٻار نہ هيو سيئي مرد هئا. جيتريون قومون دنيا ۾ مسخ ڪيون ويون، (يعني انهن جون شڪليون بگاڙيون ويون) انهن کي هلاڪ ڪيو ويو، انهن جو نسل نہ هليو، اهو قدرت جو قانون آهي. **(ملخصًا التفسير الكبير ج 4 ص 423)**

ترمذي شريف جي حديث ۾ آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رَّحيم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي،" آسمان مان ماني ۽ گوشت جو دستر خوان نازل ڪيو ويو ۽ حڪم ڏنو ويو تہ نہ خيانت ڪريو نہ ٻئي ڏينهن جي لاءِ بچائي رکو، پوءِ انهن خيانت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن جي لاءِ جمع بہ ڪيائون تہ ڪين باندرن ۽ سوئرن جي شڪل ۾ بدلايو ويو. **(جامع ترمذي ج5 ص 44 حديث 3072 وغيره)** انهن کي تاڪيد ڪئي وئي هئي تہ هن دسترخوان مان سياڻي جي لاءِ بچائي ڪري، لڪائي نہ رکن، ڪجهہ ماڻهن سياڻي جي لاءِ بچايو اُهي **سوئر**

بڻايا ويا، حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن عَمرو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جو فرمانِ عبرت نشان آهي قيامت ۾ سخت عذاب دسترخوان وارن عيسائين، فرعوني ماڻهن ۽ منافقن کي ٿيندو.

(الد رالمنثور ج 3 ص 237)

چا سوئر جو نالو وڻڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو شانِ عظمت نشان توهان ڏنو! سندن جي دعا سان الله عَزَّوَجَلَّ نعمتن ڀريو مائده (يعني دسترخوان) نازل فرمايو، دنيا ۾ جيڪا به **نعمت** ملندي آهي عام طور تي ان ۾ **زحمت** به هوندي آهي، نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ وارا ڪامياب ۽ نعمت جي ناشڪري ڪرڻ وارا ناڪام ٿي ويندا آهن، نعمتن جي گهٽائي کي ڏسي ڪري نافرمانيون ڪندڙن آخرڪار ذليل ۽ خوار ٿيندا آهن، جيئن هن قرآني حڪايت مان معلوم ٿيو ته **300** نافرمان **سوئر** (يعني خنزير) بڻجي ويا ۽ تن ڏينهن تائين در در جا ٺاڀا کائيندا رهيا ۽ چوٿين ڏينهن ذليل ٿي ڪري موت جو شڪار ٿيا، اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي سندس قهر ۽ غضب کان پناهه گهرون ٿا، ڪجهه ماڻهن کي اهو وهم هوندو آهي ته "سوئر" يا خنزير جو نالو وڻڻ سان زبان ناپاڪ ٿيندي آهي ۽ وضو ٽُٽي پوندو آهي! اها سراسر غلط فهمي آهي، خنزير جو لفظ قرآن ڪريم ۾ به موجود آهي، تنهنڪري اهو لفظ ڳالهائڻ سان نه زبان ناپاڪ ٿيندي آهي ۽ نه ئي وضو ٽُٽندو آهي.

﴿10﴾ ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو، ”يا روح الله! مان توهان جي صحبت بابرڪت ۾ رهي ڪري خدمت ڪرڻ ۽ شريعت جو علم حاصل ڪرڻ گهران ٿو. پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪيس اجازت ڏئي ڇڏيائون، هلندي هلندي جڏهن ٻئي ڄڻا هڪ درياهه جي ڪناري تي پهتا تہ **پاڻ** عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون” اچو ڪاڏو ڪائون“پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام وٽ ٽي مانيون هيون، جڏهن هڪ هڪ ماني ٻئي کائي چُڪا تہ حضرت سيّدُنا **عيسيٰ** روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام درياهه مان پاڻي پيئڻ لڳا، تہ ان شخص ٽين ماني لِڪائي ڇڏي، جڏهن پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پاڻي پي ڪري واپس آيا تہ ماني نہ ڏسي ڪري پُڇيائون،” **ٽين ماني ڪيڏانهن وئي**؟“ ان ڪوڙ ڳالهائيندي چيو تہ مون کي خبر ناهي، پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام خاموش رهيا. ٿوري ديرڪانپوءِ فرمايائون،”اچو اڳتي هلون“ رستي ۾ هڪ هرڻي ملي جنهن سان ڳڏ ۾ ٻچا هئا، پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **هرڻيءَ** جي هڪ ٻچي کي پاڻ وٽ گهرايو، اهو اچي ويو، پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کي ذبح ڪيو (گوشت کي) پُڇيائون ۽ ٻنهي ملي ڪري ڪاڏو،گوشت کائڻ کان بعد پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڏين کي جمع ڪيو ۽ فرمايائون ”قُمۡ بِاِذۡنِ اللّٰه“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ٿي ڪري اٿي بيهہ) هرڻي جو ٻچو **زنده** ٿي ڪري پنهنجي ماءُ سان هليو ويو. پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان شخص کي فرمايائون توکي ان الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن مون کي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ، **اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي**؟ ان چيو ”مونکي خبر

ناهي“، فرمايائون اچو اڳتي هلون، هلندي هلندي هڪ درياهه تي پهتا ۽ ويهي رهيا، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻيءَ جي مٿان هلندي درياهه جي ٻئي ڪناري پهچي ويا. پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ان شخص کي فرمايائون، ”توکي ان خدا** عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن مونکي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ، **اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي؟** ان چيو مون کي خبر ناهي، فرمايائون،” اچو اڳتي هلون“ هلندي هلندي هڪ ريگستان ۾ پهتا، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام واريءَ جو هڪ ڍير بڻايو ۽ فرمايائون، اي واريءَ جا ڍير! الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان **سون** بڻجي وڃ! ”اهو هڪدم **سون** بڻجي ويو، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان جا **ٽي حصا** ڪيا، پوءِ فرمايائون،”هي هڪ حصو منهنجو آهي ۽ هڪ حصو توهان جو ۽ هڪ ان جو جنهن **اها ٽئين ماني ڪنئي،**“ اهو ٻُڌندي ئي ان شخص جلديءَ ۾ چيو، ” **يا روح الله!** اها ٽئين ماني مون ئي ڪنئي هئي ”پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون،”هي سڄو **سون** تون ئي ڪڻ“ پوءِ ان کي ڇڏي اڳتي تشريف ڪڍي ويا، اهو شخص **سون** کي چادر ۾ ويڙهي اڪيلو ئي روانو ٿي ويو، رستي ۾ ان کي ٻه شخص مليا، انهن جڏهن ڏٺو تہ هن وٽ **سون** آهي تہ ان کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا تہ جيئن **سون** حاصل ڪريون، ان شخص جان بچائڻ خاطر چيو، توهان مون کي ڇو ٿا قتل ڪريو! اسان هن سون کي ٽي حصا ٿا ڪريون ۽ هڪ هڪ حصو ورهائي ڪڍون ٿا، اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو،” بهتر هي آهي تہ اسان مان هڪ ڄڻو ٿورو **سون** ڪڍي ويجهو واري شهر ۾ وڃي ۽ **ڪاڏو** وٺي اچي تہ جيئن ڪائي پي

ڪري **سون** ورهايون.“ پوءِ انهن مان هڪ شخص شهر پهتو، ڪاڏو خريد ڪري واپس ٿيڻ لڳو ته ان سوچيو بهتر هي آهي ته ڪاڏي ۾ **زهر** ملائي ڇڏيان ته جيئن اهي ٻئي ڪائي مري وڃن ۽ سڄو **سون** مان ئي ڪٽي ڇڏيان اهو سوچي ڪري ان **زهر** خريد ڪري ڪاڏي ۾ ملائي ڇڏيو. هوڏانهن انهن ٻنهي سازش ڪئي ته جيئن ئي هو ڪاڏو وٺي ايندو ته اسان ٻئي ملي ڪري ان کي ماري ڇڏينداسين ۽ پوءِ **سڄو سون** اڏو اڏ ڪري ورهائينداسين، پوءِ جڏهن اهو شخص ڪاڏو وٺي آيو ته **ٻنهي ان تي اوچتو حملو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيائون**، ان کانپوءِ خوشي خوشي ڪاڏو کائڻ لاءِ ويٺا ته **زهر** پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ **هي ٻئي ٻه تڙپي تڙپي مري ويا ۽ سون جيئن جو تيئن پيو رهيو**. پوءِ حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام واپس موٽيا ته ڪجهه ماڻهو ساڻن گڏ هئا، پاڻ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **سون ۽ ٽنهي لاشن** جي طرف اشارو ڪري ساٿين کي فرمايائون، ” **ڏسي وٺو دنيا جو هي حال آهي پوءِ توهان تي لازم آهي ته ان کان بچندا رهو.**

(اتحاف السادة ا لمتقين ج9 ص 835)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دولت جي محبت ڪهڙا ڪهڙا فساد مچائيندي آهي، گناهن تي اڀارينديِ آهي، در در رلائيندي، قرمار ڪرائيندي، ايتري تائين جو لاش ڪيرائيندي آهي پر ڪنهن جي هٿ ناهي ايندي ۽ جيڪڏهن ايندي آهي ته بيحد ستائيندي ۽ خوب روئاريندي آهي، تنهن ڪري اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين مال ۽ دولت جي معاملي ۾ نهايت ئي محتاط (يعني چوڪس) هئا، جيئن ته

مال جي مذمّت ۾ بزرگن جا ارشادات

حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا ﴿1﴾ حضرت سيّدُنا **حسن بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ته خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو درهم (يعني دولت) جي عزّت ڪندو آهي الله ربّ العزّت ان کي ذلت ڏيندو آهي، ﴿2﴾ روايت آهي سڀ کان پهريان درهم ۽ دينار بڻيا ته شيطان ان کي کڻي ڪري پنهنجي پيشانيءَ تي رکيو پوءِ ان کي چميائين ۽ چيائين " جنهن هنن سان **محبت** ڪئي اهو منهنجو غلام آهي. (**العِياذُبِاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ) ﴿3﴾ حضرت سيّدُنا **سميط بن عجلان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمايو،" درهم ۽ دينار(مال ۽ دولت) منافقن جا لغام آهن اهي انهن جي ذريعي دوزخ جي طرف ڇڪيا ويندا ﴿4﴾ حضرت سيّدُنا **يحييٰ بن مُعاذ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، "درهم (يا روپيا) **وڇون** آهن، جيڪڏهن توهان ان جي زهر جو ٿوڙ نه ٿا ڄاڻو ته ان کي نه پڪڙيو، ڇو ته جيڪڏهن ان ڏنگ هنيو ته ان جو زهر توهان کي ماري ڇڏيندو، عرض ڪيو ويو ان جو ٿوڙ ڇا آهي؟ فرمايائون حلال طريقي سان حاصل ڪرڻ ۽ ان جا حقوقِ واجبه (يعني ضروري حق) ادا ڪرڻ ﴿5﴾ حضرت سيّدُنا **علاء بن زياد** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، دنيا خوب سينگارجي منهنجي سامهون مثالي صورت ۾ آئي، مون چيو، مان تنهنجي شر کان الله تعاليٰ جي پناهه ٿو گهران، ان چيو جيڪڏهن توهان مون کان محفوظ رهڻ چاهيو ٿا ته درهم ۽ دينار (روپين پيسن) سان نفرت ڪيو ڇو ته درهم ۽ دينار اهي شيون آهن جن جي ذريعي ماڻهو هر قسم جي **دنيا** حاصل

ڪندو آهي تنهنڪري جيڪو انهن ٻنهي (يعني درهم ۽ دينار) کان صبر ڪندو يعني پري رهندو، اهو دنيا کان بہ صبر ڪري وٺندو. وڏيڪ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي عربي اشعار نقل ڪيا آهن، انهن جو ترجمو هي آهي:" مون تہ (هي راز) ڄاڻي ورتو آهي پوءِ توهان بہ هن کان علاوه ڪجهہ ٻيو گمان نہ ڪريو ۽ هي نہ سمجهو تہ تقويٰ هن درهم وٽ آهي تہ جڏهن توهان هن (مال) تي قادر هجڻ جي باوجود ان کي ڇڏي ڏيو تہ ڄاڻي وٺو تہ توهان جي تقويٰ هڪ مسلمان جي تقويٰ آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي قميص تي لڳل چتيون يا پنين کان مٿي ڪيل شلوار يا ان جي پيشاني جنهن تي (سجدن جا) نشان هجن، انهن کي ڏسي دوکو نہ کائجو اهو ڏسجو تہ هو درهم (مال ۽ دولت) سان محبت ڪري ٿو يا ان کان پري رهي ٿو. (احياء العلوم ج3 ص 288)

حُبِّ دنيا سے تُو بچا يارب!
اپنا شيدا مجھے بنا يارب!

﴿11﴾ مدني محبوب صلی اللہ علیہ وسلم جي زلفن جو اسير

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان وڏن وڏن چورن ۽ ڏاڙيلن جي سڌي رستي تي اچڻ جا واقعا ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن. دعوتِ اسلامي جي خوب ڦهليل ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ مدني ڪم کي سهڻي نموني سان هلائڻ لاءِ مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ ڪيتريون ئي مجلسون ٻڌايون ويندیون آهن، جن مان هڪ **مجلس رابطہ** باالعلماء والمشائخ بہ آهي، جيڪا اڪثر علماءِ ڪرام تي مشتمل آهي، هن مجلس جا اسلامي ڀائر مشهور ديني درسگاهہ

جامعہ راشديہ (پير جو ڳوٺ خيرپورميرس) تشريف کڻي ويا، ڳالهيون هلندي **جيل خانن** ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪم جي ڳالهہ نڪتي تہ اتان جا شيخ الحديث صاحب ڪجهہ هن طرح فرمائڻ لڳا، جيل خانن جي مدني ڪم جي شاندار مدني ڪارڪردگي آءُ پاڻ توهان کي ٻُڌايان ٿو،" پير جو ڳوٺ جي ڀرپاسي ۾ **هڪ ڏاڙيل** تباهي مچائي ڇڏي هئي، مان ان کي سجاڻيندو هئس، هر روز پوليس سان ان جي وٺ پڪڙ هلندي رهندي هئي، ڪيترائي ڀيرا گرفتار بہ ٿيو پر اثر رسوخ استعمال ڪري ڇُٽي پئي ويو، آخرڪار ڪنهن ڏوهہ ۾ پڪڙجي باب المدينہ ڪراچيءَ جي پوليس جي هٿ چڙهي ويو، ڪيس سزا ملي ۽ جيل هليو ويو. سزا ڪاٽڻ ڪانپوءِ آزاد ٿيڻ تي مون سان ملڻ آيو، مون پهرئين نظر ۾ ڪيس سجاڻي نہ سگهيس ڇو تہ مون ان کي ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ مٿي اگهاڙو ڏٺو هو، پر هاڻي **سندس چهري** تي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني **نوراني ڏاڙهي شريف** جڳمڳ ڪري رهي هئي ۽ مٿي تي سائي **عمامي شريف** جو تاج پنهنجون بهارون لُٽائي رهيو هو، پيشانيءَ تي نمازن جو **نور** واضح نظر اچي رهيو هو، منهنجي حيرت جو طِلسم ٽوڙيندي هن چيو تہ " قيد جي دوران جيل جي اندر اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مونکي **دعوتِ اسلاميءَ** جومدني ماحول ميسر اچي ويو ۽ **عاشقانِ رسول** جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان مون گناهن جون زنجيرون ٽوڙي پنهنجو پاڻ کي **مدني محبوب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **زلفن جو اسير** بڻائي ڇڏيو آهي.

رَحمتوں والے نبی کے گیت جب گاتا ہوں میں گنبدِ خَضرا کے نظاروں میں کھو جاتا ہوں میں
جاؤں تو جاؤں کہاں میں کس کا ڈھونڈوں آسرا لاج والے لاج رکھنا تیرا کہلاتا ہوں میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿12﴾ هتن ۾ لڦون پئجي ويون

حضرت سيّدُنا سُوَيد بن غفلہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان امير المؤمنين، حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ ،شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ دارالامارة ڪوفي ۾ حاضر ٿيس، سندن آڏو **جَوَن** جي ماني ۽ ڪير جو هڪ پيالو رڪيل هو، ماني خشڪ ۽ ايڏي سخت هئي جو ڪڏهن پنهنجي هتن سان ۽ ڪڏهن گوڏن تي رکي پَيجي رهيا هئا، اهو ڏسي ڪري مون پاڻ كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ٻانهيءَ **فِضّہ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي چيو، توهان کي هنن تي ترس نہ ٿو اچي؟ ڏسو تہ سهي مانيءَ تي بوسو لڳل آهي، سندن لاءِ **جَوَ شريف** چاڻي ڪري نرم ماني پچائيندا ڪريو، تہ جيئن گرهہ پٽڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي، حضرت **فِضّہ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا وراڻيو تہ امير المؤمنين كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم اسان کان عهد ورتو آهي تہ سندن لاءِ ڪڏهن **جَوَ شريف** چاڻي نہ پچايا وڃن، ايتري ۾ امير المؤمنين كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم مون ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون اي ابنِ غفلہ! توهان هن ٻانهيءَ کي ڇا چئي رهيا آهيو؟ مون جيڪو ڪجهہ چيو هو اهو ڪين عرض ڪري ڇڏيم ۽ التجا ڪيم تہ يا امير المؤمنين! توهان پنهنجي جان تي رحم فرمايو ۽ ايڏي تڪليف نہ ڪٿو. تڏهن پاڻ كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايائون، اي ابنِ غفلہ! ٻنهي جهانن جي

مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اهل و عيال ڪڏهن بہ تي ڏينهن لڳاتار ڪٽڪ جي ماني پيٽ ڀري نہ ڪاڏي ۽ نہ ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ اٽو چاڻي پچايو ويو، هڪ ڀيري مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ ٻُک ڏاڍو تنگ ڪيو تہ مان مزدوريءَ لاءِ نڪتس، ڏٺم تہ هڪ عورت مٽيءَ جي ڀترن کي گڏ ڪري انهن کي آلو ڪرڻ پئي چاهيو مون ان سان في ڏول هڪ ڪارڪ مزدوري مقرر ڪئي۽ سورهن ڏول وجهي ڪري ان مٽيءَ کي آلو ڪيم، ايتري تائين جو منهنجي هٿن ۾ لِڦون پئجي ويون، پوءِ اهي ڪارڪون ڪٽي ڪري آءُ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پورو واقعو بيان ڪيم تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهن مان ڪجهہ ڪارڪون ڪاڏيون. (سفينهءِ نوح حصو اول ص99)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿13﴾ دل کي نرم ڪرڻ جو نسخو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضىٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي سادگيءَ تي اسان جي جان قربان وڃي، ايڏيون تڪليفون سهڻ جي باوجود ڪڏهن بہ زبان تي شڪايت جو لفظ نہ آندائون، غذا سان گڏوگڏ سندن لباس بہ انتهائي سادو هوندو هو، هڪ ڀيري پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي

خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ توهان پنهنجي قميص ۾ چتيون ڇو هڻندا آهيو؟ فرمايائون يَخْشَعُ الْقَلْبُ وَيَقْتَدِي بِهِ الْمُؤْمِنُ يعني ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومِن ان جي پيروي ڪندو آهي (يعني مومِن جي دل نرم ئي هئڻ گهرجي). (حلية الاولياء ج 1 ص 124)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿14﴾ جُتي سِبي رهيا هئا

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڏينهن حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم تہ پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي جُتي مبارڪ کي چَتيون هڻي رهيا آهن، مون تعجب ڪيو تہ فرمايائون، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي **نعلين شريفين** (يعني جُتي مبارڪ) ۽ **لباس مبارڪ** کي چَتيون هڻندا هئا ۽ سواريءَ تي پنهنجي پُٺيان ٻئي کي بہ ويهاريندا هئا. (سفينهء نوح حصو اوّل ص 98)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

کہدے کوئی گھیرا ہے بلاؤں نے حسن کو
اے شیرِ خدا بہرِ مدد تیغ بکف جا

﴿15﴾ مزيدار فالودو

اميرالمؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ پيري **مزيدار فالودو** پيش ڪيو ويو، فرمايائون، ان جي خوشبو، رنگ ۽ ذائقو ڪيڏو سنو آهي! (پر) مان

هن ڳالهه کي پسند نه ٿو ڪريان ته پنهنجي نفس کي اهڙي شيءِ جو عادي بڻايان جنهن جي ان کي عادت ناهي. (حلية الاولياء ج 1 ص 123 حديث 247)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

جهڙي نعمت، تهڙو حساب مدينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو نفس کي مارڻ مرحبا! ڪاش! اسان به سخت گرميءَ ۾ نفس جي خواهش تي آئيس ڪريم يا فالودو ڪائڻ وقت يا ٺڏا مشروبات پيئڻ وقت اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي هن ايمان افروز حڪايت کي به ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪندا ڪريون، **ياد رکو!** نفس کي جيترين سهولتن جي عادت وڌي ويندي اهو اوترو ئي ننڙ ۽ عيش پرست ٿي ويندو آهي، ڏسو! جڏهن پکو ايجاد نه ٿيو هو ان وقت به ماڻهو گذارو ڪري ئي وٺندا هئا، ۽ اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کي ايئر ڪنڊيشنڊ روم ۾ سمهڻ جي عادت پئجي وئي آهي انهن کي هاڻي گرمي ۾ A.C کان بغير ننڊ اچڻ مشڪل ٿي وئي هوندي، اهڙيءَ ريت جيڪي عمدا ،لذيذ ۽ گرما گرم ڪاڏن جا عادي آهن، سادو ڪاڏو ڏسي ڪري سندن ”مودِ آف“ ٿي ويندو هوندو، بلڪ ڪڏهن اتفاق سان گهر ۾ انهن جي مرضي جي برخلاف ڪاڏو پيش ڪيو ويندو هوندو، ته بَڪ بَڪ ڪندا، جهيڙا ڪندا، پنهنجي ٻارن جي ماءُ بلڪ پنهنجي ماءُ سان مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ وڙهي پوندا هوندا ۽ اهڙيءَ ريت دل آزارين وغيره جي ڪبيره گناهن ۾ وجي پوندا هوندا، جيڪڏهن توهان ڪڏهن اهڙي ڪا

خطا ڪئي آهي، تہ منهنجو مشورو آهي تہ توبهہ بہ ڪريو ۽ جنهن جنهن جي دل آزاري ڪئي آهي ان کان مُعافي بہ گهري وٺو، نہ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ مرڻ کانپوءِ ڏاڍو پڇتائڻو پوندو. **ياد رکو!** دنيا ۾ نعمت جيتري اعليٰ هوندي قيامت جي ڏينهن ان جو حساب بہ اوترو ئي گهڻو هوندو، آخرت جي حساب جي معاملي ۾ عمدگي جو معيار پنهنجي پنهنجي پسند جي اعتبار سان هوندو، مثال طور جيڪو چانورن بدران ماني کي گهڻو پسند ڪري ٿو ان جي لاءِ چانورن جي مقابلي ۾ ماني وڏي نعمت آهي ۽ انهيءَ نسبت سان ان کان مانيءَ جو حساب وڌيڪ ٿيندو ۽ جيڪو چانورن جو شوقين هوندو ان جي لاءِ ماني جي مقابلي ۾ چانورن جو حساب وڌيڪ **وعليٰ هذا القياس** (يعني ۽ انهيءَ تي هر شيءِ جو اندازو لڳائيندا وڃو) الله تبارڪ و تعاليٰ **30 هين** سيپاري ۾ سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ جي آخري آيتِ ڪريمہ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ”پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جو پُڇاڻو ٿيندو“.

نعمت جا قسم ۽ انهن جي باري ۾ قيامت جا سوال

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان هن آيتِ مبارڪ جي تحت هي بہ فرمائن ٿا تہ، ”اهو سوال هر نعمت جي متعلق ٿيندو، جسماني يا روحاني، ضرورت واري هجي يا عيش و آرام واري، ٿڌي پاڻي، وڻ جي ڇانوَ، راحت جي ننڊ جو بہ. جيئن تہ حديثِ شريف ۾ آهي ۽ ”نعيم“

جي اطلاق (يعني استعمال ٿيڻ) مان (بہ) معلوم ٿئي ٿو. بغير ڪنهن حق هئڻ جي جيڪا عطا ٿئي اها ”نعمت“ آهي، رب عَزَّوَجَلَّ جي هر عطا نعمت آهي چاهي جسماني هجي يا روحاني. ان جا بہ قسم آهن: ﴿1﴾ **ڪَسبي** ﴿2﴾ **وَهبي**. جيڪي نعمتون اسان جي ڪمائي مان ملن، اهي **ڪسبي** آهن. جيئن دولت، سلطنت وغيره، ۽ جيڪي رُڳو رب عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان هجن (يعني محنت سان حاصل ڪري نہ سگهجن) اهي **وَهبي** آهن جيئن اسان جا عضوا، چنڊ، سج وغيره، ڪسبي نعمت متعلق ٽي سوال ٿيندا، ﴿1﴾ ڪٿان حاصل ڪئي؟ ﴿2﴾ ڪٿي خرچ ڪئي ﴿3﴾ انهن جو شڪريو ڪهڙو ادا ڪئي؟ وهبي نعمتن جي متعلق آخري بہ سوال ٿيندا.

(نورالعرفان ص 956)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی　　نام رحمٰن ہے ترا یاربّ
عیب میرے نہ کھول محشر میں　　نام ستّار ہے ترا یاربّ
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفّار ہے ترا یا ربّ

مباح ڪڏهن عبادت بڻبو آهي؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! مُباح (يعني اهڙو عمل جنهن تي نہ ثواب ملي نہ گناهہ) ۾ جيڪڏهن سني نيّت شامل ڪئي وڃي تہ اهو ثواب جو ڪم بڻجي ويندو آهي، سو جيتريون سنيون نيّتون گهڻيون هونديون اوترو ثواب ۾ بہ اضافو ٿيندو ويندو پر ان سني نيّت جو تعلق آخرت جي عمل سان هئڻ ضروري آهي. فقہ جي مشهور ڪتاب **الاشباه والنظائر** ۾ آهي، ”مُباح ڪمن جو مُعاملو نيّتن جي اعتبار ڪان

مختلف هوندو آهي جيڪڏهن انهن مان عبادتن تي قوت حاصل ڪرڻ يا انهن تائين پهچڻ جو ارادو هجي تہ پوءِ اهو (مباح بہ) عبادت آهي.
(الاشباه والنظائر ج 1 ص 28 باب المدينه ڪراتشي)

مزو ونڻ خاطر مباح جو استعمال

ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيڪو بہ مباح (يعني جنهن جو ڪرڻ فقط جائز هجي، ثواب يا گناهہ نہ هجي اهو) ڪم ڪيو وڃي يا مُباح غذا استعمال ڪئي وڃي ان ۾ گهڻي ڪان گهڻيون سنيون نيّتون شامل ڪيون وڃن تہ جيئن خوب خوب ثواب ملي، جيتوڻيڪ سني نيّت ڪان بغير رُڳو مزو ونڻ خاطر مُباح شين کي استعمال ڪرڻ وارو گناهگار نہ آهي، تنهن هوندي بہ حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جو ارشاد مبارڪ آهي،" ان ڪان سوال ضرور ٿيندو ۽ جنهن سان حساب ۾ جهيڙو ٿيو، ان کي عذاب ڏنو ويو ۽ **جيڪو ماڻهو دنيا ۾ مباح شين کي استعمال ڪري ٿو جيتوڻيڪ ان کي قيامت ۾ عذاب نہ ٿيندو پر انهيءَ مقدار ۾ آخرت جون نعمتون گهٽ ٿي ويندين،** غور تہ ڪريو ڪيڏي وڏي نقصان جي ڳالهہ آهي جو انسان فاني نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي تڪڙ ڪري ۽ ان جي بدلي ۾ اُخروي نعمتن ۾ گهٽتائي جي ذريعي نقصان ڪڍي." (احياءالعلوم ج5 ص98)

آخرت ۾ سؤ حصا گهٽتائي

پڙن، پراٺن، ڪبابن، سموسن، گرما گرم پڪوڙن، آئسڪريمن، ٿڌين ٿڌين بوتلن، مزيدار فالودن، منن منن مزيدار شربتن وغيره عمدين غذائن جي شوقينن ۽ پڻ عاليشان بنگلن، ڪشادن گهرن، نئين نئين قيمتي

لباسن، هر طرح جي آسائشن ۽ سهولتن جي طلبگارن، مالدارن، سرمائيدارن، دنيا ۾ خوب خوشيون ماڻڻ وارن، سٺي صحت وارن، اقتدار جي حوَس ۾ بدمست رهڻ وارن جي لاءِ بالخصوص غور ۽ فڪر جو مقام آهي. آهه! آهه! آهه! "تذڪرة الاولياء" ۾ حضرتِ سيّدُنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، " جڏهن دنيا ۾ ڪنهن کي نعمتن سان نوازيو ويندو آهي ته **آخرت ۾ ان جا سؤ حصا گهٽ ڪيا ويندا آهن،** ڇو ته اتي ته صرف اهو ئي ملندو جيڪو دنيا ۾ ڪمايو هوندو، تنهنڪري انسان جي اختيار ۾ آهي ته هُو آخرت جي حصي ۾ گهٽتائي ڪري يا واڌارو. وڌيڪ فرمائن ٿا،" **دنيا ۾ عمده لباس ۽ سٺو ڪائڻ جي عادت نه وجهو جو محشر ۾ انهن شين کان محروم ڪيا ويندؤ.** (تذكرة الاولياء ج1 ص 175)

صَدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جون سموريون لذتون آخرڪار ختم ٿي ويندیون ڪاش! مرڻ کان اڳ ۾ اسان جي حرص جو خاتمو ٿي وڃي. هاءِ! هاءِ! دنيا جا فريب ۽ هن بي وفا دنيا تي ديوانو ٿي پوڻ وارن جون بي نور زندگيون! اچو! مان توهان کي هڪ عبرتناڪ واقعو ٻُڌايان ٿو، آهي ڪو عبرت حاصل ڪرڻ وارو!

﴿16﴾ ناچ گاني جي محفل جاري هئي ته.....

چون ٿا ته 3 رمضان المبارڪ 1426هه بمطابق (8.10.2005) تي اسلام آباد جي عاليشان عمارت "**مارگلہ ٽاور**" ۾ ڪجهه مغربي تهذيب جي چاهيندڙ مسلمانن، يهودين ۽ عيسائين سان ملي ڪري

مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ جي احترام کي نظر انداز ڪندي **شراب** پي خوب **ناچ گانن** جي محفل مچائي. اهي ماڻهو پنهنجي عاقبت جي انجام کان بلڪل بي خبر ٿي ڪري گناهن جي انهن گندن ڪمن ۾ اجان مشغول ئي هئا تہ اوچتو **خوفناڪ زلزلو** آيو ۽ انهن عيش پرستن جي تمام تر خوشين ۽ بدمستين کي **خاڪ** ۾ ملائي ڇڏيو.

يادرکھو! موت اچانک آئيگی
ساری مستی خاک ميں مل جائيگی

زلزلو گناهن جي سبب ايندو آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! **سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليِءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجددِ دين وملت، حاميِءِ سنت، ماحيِءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت، باعث خير و برڪت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا،" (زلزلي جو) اصل ڪارڻ ماڻهن جا گناهہ آهن." (فتاويٰ رضويه ج 27 ص93) آهہ! اڄ ڪلهہ گناهن جو زوردار سيلاب آهي، پاڻ بُراين کان بچڻ تہ هڪ طرف رهيو، نيڪيون ڪرڻ ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ جڻ تہ زمين سوڙهي ڪئي وئي آهي. آهہ! آهہ! آهہ! چنچر جي ڏينهن 3 رمضان المبارڪ 1426هہ 8.10.05 تي ڪجهہ ماڻهو قسمين قسمين گناهن ۾ مشغول هئا تہ اوچتو **خوفناڪ زلزلو** آيو ۽ ان اسان جي پياري پاڪستان جي اوپرندي حصي کي اجاڙي ڇڏيو! زلزلي جي ضمن ۾ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** جي مسافر **عاشقانِ رسول** جا عبرتناڪ تجربا ۽ مُشاهدا

پڙهو ۽ خوب توبهه ۽ اِستغفار ڪريو.

﴿17﴾ زندهه نينگري پريشر ڪُوڪر ۾ اوپاري وئي!

چون ٿا ڪشمير جي ڪنهن علائقي ۾ هڪ شخص کي پنج نينگريون هيون، **چهون** پيرو ويم ٿيڻ وارو هو. ان هڪ ڏينهن پنهنجي **گهرواريءَ** کي چيو ته جيڪڏهن هن پيري بہ تو **ڏيءُ ڄڻي** ته مان توکي نئين ڄاول ڇوڪريءَ سميت **قتل** ڪري ڇڏيندس، رمضان المبارڪ جي **ٽين** رات هڪ پيرو وري نينگريءَ جي ئي ولادت ٿي، صبح جي وقت نينگريءَ جي ماءُ جي رڙين جي پرواهه نہ ڪندي ان بي رحم پيءَ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي گلن جهڙي زندهه نينگريءَ کي پريشر ڪوڪر ۾ وجهي چلهي تي رکي ڇڏيو. اوچتو پريشر ڪوڪر ڦاٽو ۽ گڏوگڏ خوفناڪ زلزلو اچي ويو! ڏسندي ئي ڏسندي اهو ظالم شخص زمين جي اندر زندهه **دٻجي** ويو، نينگريءَ جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ بچايو ويو ۽ غالبًا ان جي ذريعي ان درد ناڪ واقعي جو انڪشاف ٿيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿18﴾ ڪٽيل مُنڊي

اسلام آباد جي زلزلي سٽيل مارگلہ ٽاور جي تباهه ٿيل جاين جي ڊير مان هڪ شخص جي **ڪٽيل مُنڊي** ملي، ڏڙ نہ ملي سگهيو ڪجهه

ماڻهن مُنديءَ کي سجاڻي ڪري ٻُڌايو تہ ”هي بدنصيب شخص جڏهن **اذان** شروع ٿيندي هئي تہ گانن جو آواز ويتر وڌائي ڇڏيندو هو.“

منا منا اسلامي ڀائرو! هن خوفناڪ زلزلي پاڪستان جي اوڀارين حصي ۾ يعني پنجاب جي ڪجهہ جڳهن سان گڏوگڏ ڪشمير ۽ سرحد صوبي ۾ بي حد تباهي مچائي، لڪين ماڻهو مري ويا ۽ زخمين جو تہ ڪو ڳاڻاپو ئي ناهي. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي عاشقانِ رسول جا سنّتن جي تربيت جا ڪجهہ **مدني قافلا** بہ زلزلي متاثر علائقن ۾ گم ٿي ويا، پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهي جلد ئي زندهہ سلامت ملي ويا انهن مان هڪ مدني قافلي جي مدني بهار ملاحظہ ڪيو. جيئن تہ،

﴿19﴾ ”يا رسول الله“ لڪڻ جي برڪت

لانڊي بابُ المدينه ڪراچي جي 7 اسلامي ڀائرن تي مشتمل هڪ 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ ”اسان جو مدني قافلو **عبّاس پور** تعلقي نِڪر بالا ڪشمير جي **جامع مسجد غوثيہ** ۾ ترسيل هو، 3 رمضان المبارڪ 1426ھ (**بمطابق 8.10.05**) جو فجر ۽ اشراق وغيره جي نماز ڪانپوءِ جَدوَل جي مطابق عاشقانِ رسول آرام ڪري رهيا هئا تہ اوچتو زوردار جهٽڪي سان سيئي گهبرائجي جاڳي پيا، ان ڪان اڳ جو حواس بحال ٿين، مسجد جون پٽيون ۽ دروازا ٽڙڪات ڪري ٽُٽڻ لڳا پر **يا رسول الله** جي نعري تي اسان جي جان قربان! مسجد جي ڏاڪڻي پٽ جو اهو حصو جنهن تي **يا رسول الله**

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **لڪيل هو اهو ڪِرڻ ڪان بچي ويو ۽ چت ان تي ڪِري پاسيري ٿي بيهي رهي،** اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **اهڙيءَ ريت** اسان ائين ذري گهٽ بچي ڪري ۽ زندهه سلامت ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. چئني طرف جڳهون ڍهي چُڪيون هُيون، زخمين جي رڙين ۽ دانهن سان فَضا جو سينو دهلجي رهيو هو، هر جڳهه تي ماڻهو ملبي هيٺان ڊبيل هئا، ڪيترائي دم ٽوڙي چُڪا هئا ۽ ڪي پويَن پَساهن ۾ هئا، اسان ماڻهن سان ملي ڪري امدادي ڪم ڪيو. مسجد جي سامهون واري هڪ گهر جي ڍير مان **هڪ ڏيڍ ساله ٻارڙيءَ** کي زندهه ڪڍڻ ۾ ڪاميابي ملي جيئن تيئن ڪري ڪيترن ئي **شهيدن** جا جنازا پڙهيا ۽ انهن جي تدفين ۾ حصو ورتو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي انهن ڪوششن جي سبب تباهه حاليءَ جي باوجود اتان جي مسلمانن جي **دعوتِ اسلاميءَ** سان محبت ڏسڻ وٺان هئي.

يارسولَ اللہ کے نعرے سے ہم کو پیار ہے
جس نے یہ نعرہ لگایا اُس کا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿20﴾ ڏکيو رستو

حضرتِ سيّدُنا ابوالدرداء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڏينهن پنهنجي دوستن سان گڏ وينا هئا، سندن گهرواري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا آئي ۽ چوڻ لڳي، توهان هتي هنن ماڻهن سان وينا آهيو ۽ خدا جو قسم گهر ۾ اٽي جي لَپ به ڪونهي، پاڻ جواب ڏنائون، اهو چو ٿي وسارين ته

اسان جي سامهون هڪ ڏکيو پيچرو آهي جنهن مان هلڪي سامان وارن کان سواءِ ڪوبہ چوٽڪارو نہ ٿو ماڻي سگهي، اهو ٻُڌي ڪري هوءَ خوشيءَ سان واپس هلي وئي. (روض الرياحين ص10 الميمنية مصر)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

شڪايت نہ ڪرڻ گهرجي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! صحابيءِ رسول حضرت سيّدُنا ابوالدرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪيڏا قناعت پسند هئا ۽ سندن گهرواري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا بہ ڪيتري قدر فرمانبردار هئي جو گهر ۾ ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هئڻ جي باوجود سائين جن جو خوفِ خدا سان ڀريل جملو ٻُڌي ڪري خوشيءَ مان واپس موٽي وئي، تنگدستين ۽ گهرو پريشانين کان گهبرائجي ڪري شڪايت ڪرڻ بدران هميشہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ رجوع ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي.

زباں پر شِکوہ رنج واَلم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿21﴾ پريشان حال جي دعا

هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو، سائين! اهل و عيال جي فڪر مون کي پريشان ڪري رکيو آهي، منهنجي حق ۾ دعا فرمايو، جواب ڏنائون، ”تنهنجو گهرياتي جڏهن تو کان اٿو ۽ ماني نہ هئڻ جي شڪايت ڪن ان وقت الله تعاليٰ کان دعا ڪر

جو تنهنجي ان وقت جي دعا قبوليت جي وڏيڪ ويجهو آهي.

(ملخصًا روض الرياحين ص11)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ظاهر آهي تہ جيڪو جيتري قدر گهٽو تنگدست هوندو اوترو ئي اهو گهٽو ڏکايل ۽ غمگين هوندو ۽ ڏکايلن جي دعا قبول ٿيندي آهي، جيئن حضرت رئِيس المتڪلمين حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان پنهنجي ڪتاب مستطاب ”اَحْسَنُ الْوِعَاءِ لِاٰدَابِ الدُّعَاء“ ۾ ص 111 تي جن ماڻهن جون دعائون قبول ٿينديون آهن، انهن ۾ سڀ کان پهرئين نمبر تي لکيو آهي، ” اوّل ڏکايل، ان جي حاشيي ۾ سرڪار اعلٰيٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، ان ڏانهن يعني ڏکايل، لاچار ۽ غمگين جي دعا جي قبوليّت ڏانهن تہ خود قرآن مجيد ۾ ارشاد موجود آهي:

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ

ترجمو ڪنزالايمان: يا اهو جيڪو لاچار جي پُڌندو آهي، جڏهن ان کي پڪاري ۽ دور ڪري ڇڏيندو آهي بُرائي.

(پاره 20 النمل آيت 62)

﴿22﴾ مرحبا! اي فاقہ مستي!

ڪنهن نيڪ شخص کي جڏهن سندن ٻارن ٻچن چيو تہ اڄ رات ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي، فرمايائون، اسان جو اهو مقام ناهي جو الله تعاليٰ اسان کي بُکيو رکي! اهو درجو تہ هو پنهنجي ولين کي عطا فرمائيندو آهي، مشائخ مان ڪن جو هي حال هو جو ڪين

جڏهن تنگدستي پيش ايندي هئي تہ فرمائيندا هئا،”**مرحبا! اي نيڪ پانهن جي نشاني** (يعني اي غربت ۽ فاقہ مستي! تون تہ الله وارن جي نشاني آهين، توکي پليڪار آهي جو تون اسان وٽ آئي آهين.)

(روض الرياحين ص 11)

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پاسکتا
جو رنج و مصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

فضول فِڪر ڇڏي ڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ انهن بي صبرن لاءِ ڪافي درس آهي جيڪي دنياوي مستقبل جي فضول فڪرن ۾ پوندا، اجاين ڳڻتين ۾ ڳرندا ۽ هروڀرو جيءُ جهوريندا رهندا آهن، سندن نياڻيون اجان ننڍڙيون ئي هونديون آهن پوءِ بہ انهن جي شادين جي لاءِ سوچي سوچي پاڳل ٿيندا رهندا آهن. فرض ٿي وڃڻ باوجود حج جي سعادت کان پاڻ کي محروم رکندا آهن ۽ بهانو اهو ئي هوندو اٿن تہ پهريان نياڻين جي شادي جي ”فرض“ کان آجا ٿي وڃون،جڏهن تہ زندگيءَ جو ڪو پروسو ناهي، نياڻين جي جواني تائين پاڻ زندهہ رهندا يا نہ، ان جي ڪنهن وٽ ڪا گارنٽي ناهي يا نياڻيون جوانيءَ جي چانئڻ تي قدم رکڻ کان اڳ ۾ ئي موت جي دروازي کان قبر جي اندر لهي وڃن، ان جي بہ ڪنهن کي خبر ناهي. آهہ! ڪيترائي ماڻهو هاءِ دنيا! هاءِ دنيا! ڪندي دنيا مان هليا ويندا آهن، پر جيئندي جاڳندي آخرت ڏانهن سندن ڪا توجهہ ناهي ويندي، مسلمانن کي همٿ ۽ خوش عقيدگيءَ کان ڪم ونڻ گهرجي، اسان کي هروڀرو ”ٻن جانين“ جي ڳڻتي لڳل آهي جڏهن تہ ٻنهي جهانن جو پالڻهار اسان جو حامي ۽ ناصرآهي.

مصائب میں کبھی حرفِ شکایت لب پہ مت لانا
مصیبت میں خدا بندوں کو اپنے آزماتا ہے

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا اهڙا صابر ٻانها ٿي گذريا آهن، جن مصيبتن کي اهڙيءَ ريت ڳلي لاتو جو الله عَزَّوَجَلَّ کان انهن جي پري ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ کي بہ تسليم ۽ رضا جي مقام جي خلاف ڄاتائون. جيئن تہ

﴿23﴾ عجيب وغريب مريض

حضرت سيّدُنا يونُس عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو مان روءِ زمين جي سڀ کان وڏي عبادت گذار کي ڏسڻ چاهيان ٿو. حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام کين هڪ اهڙي شخص وٽ وني ويا، جنهن جا هٿ پير ڪوڙهہ جي سبب ڳري سڙي ڪري الڳ ٿي چُڪا هئا ۽ هو زبان سان چئي رهيو، ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون جيستائين چاهيو انهن عضون مان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيئي واپس ورتئي ۽ منهنجي اميد صرف پنهنجي ذات ۾ باقي رکيئي، اي مونکي پيدا ڪرڻ وارا! منهنجو تہ مقصود صرف تون ئي تون آهين.“ حضرتِ سيّدُنا يونُس عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو، اي جبريل امين! مان توهان کي نمازي ۽ روزيدار شخص ڏيکارڻ لاءِ چيو هو، حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وراڻيو، هن مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ کان اڳ هي اهڙو ئي هو، هاڻي مون کي هي حڪم مليو آهي تہ هن جي اکين جي روشني بہ ختم ڪريان، پوءِ حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اشارو ڪيو ۽ ان جون

اکيون نڪري پيون، پر عابد زبان سان اها ئي ڳالهه چئي، ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! جيستائين تو چاهيو هنن اکين مان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيئي واپس ورتئي، اي خالق! عَزَّوَجَلَّ منهنجي اميد گاهه صرف پنهنجي ذات کي رکيئي، منهنجو مقصود تہ بس تون ئي تون آهين.“ حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **عابد** کي فرمايو، اسان ۽ تون گڏجي دعا گهرون تہ الله تعاليٰ توکي وري اکيون ۽ هٿ پير موٽائي ڏي ۽ تون اڳي وانگر عبادت ڪرڻ لڳين، عابد چيو تہ هرگز نہ. حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو، آخر ڇو نہ؟ عابد وراڻيو، ”جڏهن منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي رضا انهيءَ ۾ ئي آهي تہ مونکي صحت نہ گهرجي“. حضرتِ سيدُنا يونس عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو، واقعي مون ڪنهن ٻئي کي هن کان وڌيڪ عابد ناهي ڏٺو، حضرت سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام چيو هي اهو رستو آهي جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جي لاءِ هن کان بهتر ٻي ڪا راهه ناهي. (روض الرياحين ص 155)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
میں سکھ نُوں چُلّھے پاواں

مصيبت لِڪائڻ جي فضيلت

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! صابر هجي تہ اهڙو! آخر ڪهڙي اهڙي مصيبت هئي جيڪا ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وجود ۾ نہ هئي، ايتري تائين جو آخرڪار اکين جي روشني بہ هلي وئي، پر سندن صبر ۽ تحمل

۾ ذري برابر فرق نہ آيو، هو خدا عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ واري ان عظيم منزل تي فائز هئا جو اللهعَزَّوَجَلَّ کان شفا طلب ڪرڻ جي لاءِ بہ تيار نہ ٿيا جو جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ بيمار ڪرڻ منظور فرمائي ڇڏيو آهي تہ مان تندرست ٿيڻ نہ ٿو چاهيان. سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! هي سندن ئي حصو هو. اهڙن ئي الله وارن جو قول آهي، نَحْنُ نَفْرَحُ بِالْبَلَاءِ كَمَا يَفْرَحُ اَهْلُ الدُّنْيَا بِالنِّعَمِ يعني: ”اسان آفتن ۽ مصيبتن جي ملڻ تي ائين خوش ٿيندا آهيون جيئن دنيا وارا دنياوي نعمتون هٿ اچڻ تي خوش ٿيندا آهن“. ياد رهي! تہ مصيبت اڪثر ڪري مومِن جي حق ۾ رحمت ئي هوندي آهي ۽ صبر ڪري اجر ڪمائڻ ۽ بي حساب جنّت ۾ وڃڻ جو موقعو فراهم ڪندي آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابن عباسرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، ”**جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ هن ان کي لِڪايو ۽ ماڻهن تي ظاهر نہ ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي**“.(مجمع الزوائد ج10 ص 450 حديث 17872) هڪ ٻي روايت ۾ آهي، ”مسلمان کي بيماري، پريشاني، رنج، تڪليف ۽ غم مان جيڪا مصيبت پهچندي آهي ايتري تائين جو ڪنڊو بہ چُڀندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي سندس گناهن جو ڪفّارو بڻائي ڇڏيندو آهي.“

(صحيح بخاري ج4 ص3 حديث 5641)

چُپ کر سيں تاں موتي مِلسن، صَبر کرے تاں هيرے
پاگلاں وانگوں رَولا پاويں ناں موتي ناں هيرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿24﴾ ٻيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي ايصالِ ثواب جي حڪايت

امام ربّاني حضرت مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِی فرمائن ٿا، پهريان جيڪڏهن مان ڪڏهن ڪاڏو پڇائيندو هئس تہ ان جو ثواب حضور سَرورِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، **عليُّ الْمرتضيٰ**، شيرِ خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم، حضرت خاتونِ جنّت فاطمة الزهراء ۽ حضرت حسنين ڪريمين عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي مقدس روحن جي لاءِ ئي خاص ايصالِ ثواب ڪندو هئس ۽ امهات المؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ جو نالو شامل نہ ڪندو هئس، هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ، جنابِ رسالت مآب، محبوب خداءِ توّاب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن، مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ سلام عرض ڪيو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون ڏانهن توجهہ نہ فرمايائون ۽ چهرو مبارڪ ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائون ۽ مون کي فرمايائون،”مان **عائشہ** (صديقہ) جي گهر ڪاڏو ڪائيندو آهيان، جنهن کي مون ڏانهن ڪاڏو موڪلڻو آهي اهو (حضرت) **عائشہ** جي گهر موڪلي“، ان وقت مونکي معلوم ٿيو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي توجهہ نہ فرمائڻ جو سبب هي هو تہ مان اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي طعام ۾ شريڪ (يعني ايصالِ ثواب) نہ ڪندو هئس، ان ڪان پوءِ مان حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا بلڪہ تمام امهات المؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ کي بلڪہ سڀني اهلبيت کي شريڪ ڪندو آهيان ۽ تمام اهلبيت کي پنهنجي لاءِ وسيلو بڻائيندو آهيان. (مکتوباتِ امام رباني ج2 ص 85)

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

سيني کي ايصالِ ثواب ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته جن کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي، انهن کي پهچي ويندو آهي، هي به خبر پئي ته ايصالِ ثواب محدود بزرگن کي ڪرڻ بدران سيني کي ڪرڻ گهرجي، اسان جيترن کي به ايصالِ ثواب ڪنداسين، سيني کي برابر برابر ئي پهچندو ۽ اسان جي ثواب ۾ به ڪا گهٽتائي نه ٿيندي. (وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه تان رسالو "**فاتحه جو طريقو**" هديو ڏئي حاصل ڪري پڙهو) هي به خبر پئي ته اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمُّ الْمومنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان **بيحد** محبت ڪندا آهن، حضرتِ سيّدُنا عَمْرِو بن العَاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن " غزوهءِ سلاسل" تان واپس موٽيا ته انهن عرض ڪيو "**يا رسول الله!** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کي سيني ماڻهن مان گهڻو محبوب ڪير آهي؟ "فرمايائون عائشه. انهن وري عرض ڪيو، مردن ۾؟ فرمايائون، سندن والد (يعني حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ)

(صحيح بخاري ج 2 ص 519 حديث 3662)

بنتِ صدّيق آرامِ جانِ نبی اُس حَرِيمِ بَراءَت پہ لاکھوں سلام
یعنی ہے سورہ نور جن کی گواہ اُن کی پُرنور صورت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿25﴾ پڍڙي عورت جو ايمان افروز خواب

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** وارن تي ڇما ڇم رَحمت جي برسات وسندي آهي، **علائقائي دوري براءِ نيڪيءَ جي دعوت** جون به

ڇا خوب بهارون آهن، جيئن تہ برمنگهم (انگلينڊ) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو،" اسان هڪ ڀيري مسلمانن جي ڳٽيل آباديءَ واري علائقي **Small health** جنهن کي اسان پنهنجي **مدني ماحول** ۾ "**مڪّي حلقو**" چوندا آهيون ۾ علائقائي دورو ڪندي **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ لاءِ گهر گهر وڃي رهيا هئاسين. ان دوران هڪ گهر جو دروازو کڙڪايو هڪ ٻيڙي عورت نڪتي، جنهن جو ميرپور (ڪشمير) سان تعلق هو، اردو ۽ انگلش کان اڻواقف هئي، اسان مٿو جهڪائي ڪري پنجابيءَ ۾ **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ گهر جي مردن کي فلاڻي وقت مسجد ۾ موڪلجو، اسان جڏهن وڃڻ لڳاسين تہ هوءَ چوڻ لڳي، هاڻي منهنجي بہ ٻُڌو، اسان وٽ وقت گهٽ هو ان لاءِ اڳتي نڪري وياسين پر اسان جو هڪ اسلامي ڀاءُ بيهي رهيو، ٻيڙي چوڻ لڳي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهہ ئي ڏينهن اڳ هي مبارڪ خواب ڏٺو هو تہ "**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سبز سبز عمامي شريف وارن جي ميڙ ۾ مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ڪان ٻاهر تشريف ڪڍي اچي رهيا آهن.**" الله عَزَّوَجَلَّ جي قدرت جو اڄ اهي ئي سائي عمامي وارا منهنجي گهر نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ آيا آهن! ڪيس اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني وئي، هاڻي هوءَ پنهنجي خاندان جي اسلامي ڀينرن سميت باقاعدگيءَ سان هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي آهي.

ہیں غلاموں کے جُھرمَٹ میں بدرالدُّجےٰ
نور ہی نور ہر سُو مدینے میں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اسلامي پينرن ۾ مدني انقلاب

مٿا مٿا اسلامي پائرو! ڏٺو توهان! دعوتِ اسلامي وارن تي سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو وڏو ڪرم آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسلامي پائرن سان گڏوگڏ اسلامي پينرن ۾ به دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪمن جي ڏُوم مَتل آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ لڪين اسلامي پينرن به **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني پيغام کي قبول ڪيو آهي، فيشن پرستيءَ سان سرشار مُعاشري ۾ پرورش ماڻيندڙ بيشمار اسلامي پينرون گناهن جي ڏبڻ مان نڪري امهات المؤمنين ۽ شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جون ديوانيون بڻجي ويون، ڪنڌ ۾ رئو لڙڪائي ڪري شاپنگ سينٽرن ۽ گڏيل تفريح گاهن ۾ ٽٽڪڻ وارين ۽ نائيٽ ڪلبن ۽ سينيما گهرن جي زينت بڻجڻ وارين کي ڪربلا واريُن پاڪ دامن شهزادين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جي شرم ۽ حياءَ جون اهي برڪتون نصيب ٿيون جو **مدني برقعو** سندن لباس جو جُزْوِ لاينْفَک (يعني اهو حصو جيڪو جدا نه ٿي سگهي) بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مَدنِي مُنّين ۽ اسلامي پينرن کي قرآن ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏيڻ لاءِ ڪيترائي مدارس المدينه ۽ عالم بڻائڻ لاءِ پڻ ڪيترائي جامعات المدينه قائم آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪندڙ ۽ عالم ٿيندڙ اسلامي پينرن جو تعداد وڌندو پيو وڃي.

مری جس قدر ہیں بہنیں، سبھی مدنی برقع پہنیں
انہیں نیک تم بنانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿26﴾ باڪمال رُومال

حضرتِ سيّدُنا عُباد بن عبد الصَّمد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ ”اسان هڪ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهر مبارڪ ۾ حاضر ٿياسين، سندن حڪم ٻُڌي ٻانهيءَ دسترخوان وڇايو، فرمايائون رومال بہ ڪڍي اچو، هوءَ هڪ رومال ڪڍي آئي جنهن کي ڏوئڻ جي ضرورت هئي. حڪم ڏنائون، هن کي **تنور** ۾ وجهي ڇڏيو! ان پڙڪندڙ **تنور** ۾ وجهي ڇڏيو! ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ان کي باهہ مان ڪڍيو ويو تہ اهو اهڙو اڇو هو جهڙو کير. اسان حيران ٿي ڪري عرض ڪيو تہ هن ۾ ڇا راز آهي؟ حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو، هي اهو رومال آهي جنهن سان حضورِ پُرنُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجو **پُرنُور چهرو** صاف فرمائيندا هئا. جڏهن ڏوئڻ جي ضرورت پوندي آهي اسان هن کي اهڙي طرح باهہ ۾ ڏوئي وٺندا آهيون! ڇو تہ جيڪا شيءِ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مبارڪ چهرن کي ڇُهي ان کي باهہ ناهي ساڙيندي. (الخصائص الكبرىٰ ج2 ص 134)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! عارفِ ڪامل حضرت سيّدنا مولانا روم عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْقَيُوم ”مثنوي شريف“ ۾ هن واقعي مبارڪ کي لکڻ کان بعد فرمائن ٿا،

اے دلِ تَرسندہ اَزنار وعذاب بایُچناں دَست ولبے کن اِقْتِراب
چُوں جَماوے رایُچناں تشریف داد جانِ عاشِق رایچَما خَواہد کشاد

(يعني اي اها دل جنهن کي دوزخ جي عذاب جو خوف آهي، انهن پيارن پيارن چپن ۽ مقدس هٿن جي ويجهو چونہ ٿي ٿئي جن بيجان شيءِ رومال کي بہ اهڙي فضيلت ۽ مرتبو عطا فرمايو جو اهو باهہ ۾ نہ ٿو سڙي تہ جيڪي سندن عاشق آهن انهن تي دوزخ جو عذاب ڇو نہ حرام ٿيندو!)

آقا کا گدا ہوں اے جہنّم! تُو بھی سُن لے!
وہ کیسے جلے جو کہ غلامِ مَدَنی ہو

﴿27﴾ ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ٿيلهو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ جنگ ۾ اسلامي لشڪر وٽ ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ رهيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي فرمايو، توهان وٽ ڪجهہ آهي؟ مون عرض ڪيو ڪاڏي جي ٿيلهي ۾ ٿوريون ڪارڪون آهن، فرمايائون ڪٽي اچو. مون حاضر ڪيون جيڪي ڪُل 21 هيون. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي مٿان هٿ مبارڪ رکي ڪري دعا گهري پوءِ فرمايائون ڏهن ماڻهن کي گهرايو. مان سڏي آيس اهي آيا،

۽ ڏؤ ڪري ڪاڏائون ۽ هليا ويا. وري ڏهن ماڻهن کي گهرائڻ جو حڪم ڏنائون، اهي بہ ڪائي ڪري هليا ويا، اهڙيءَ ريت ڏهہ ڏهہ ماڻهو ايندا رهيا ۽ ڏؤ ڪري ويندا رهيا، ايتري تائين جو تمام لشڪر ڪاڏيون ۽ جيڪي باقي رهجي ويون، انهن جي باري ۾ فرمايائون، اي ابوهريره! انهن کي پنهنجي **ٿيلهي ۾ رکي چڏيو ۽ جڏهن چاهيو هٿ وجهي ڪري ان مان ڪڍي ونجو پر ٿيلهي کي اونڌو نہ ڪجو!** حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان حضورِ سَرورِ ڪائنات شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتِ مبارڪ جي زماني ۾ ۽ حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق ۽ حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم ۽ حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي خلافت واري دؤر تائين انهن ئي ڪارڪن مان ڪائيندو رهيس ۽ خرچ ڪندو رهيس. اندازًا پنجاهہ وَسَق في سبيل الله ڏنم ۽ بہ سؤ وَسَق کان وڌيڪ مان ڪاڏيون. جڏهن حضرتِ سيّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ شهيد ٿي ويا تہ اهو **ٿيلهو** منهنجي گهر مان چوري ٿي ويو. (الخصائص الكبرىٰ ج2 ص85)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

کون دیتا ہے دینے کو مُنہ چاہئے
دینے والا ہے سچّا ہمارا نبی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! وَسَق ست صَاع جو آهي ۽ هڪ صاع 270 تولن جو (يعني ٽي سير چهہ ڇٽانگ) هوندو آهي، ان حساب سان

21 ڪارڪن مان هڪ هزار مڻ ڪان وڏيڪ ڪارڪون ڪاڏيون ويون. اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جو شانِ ڪرم آهي جو ان پنهنجي پياري حبيبِ مڪرّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار اختيارات ۽ عظيم الشّان معجزن سان نوازيو. يقينًا سرڪارِ دو جهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شانِ عظمت نشان تہ تمام وڏو آهي، سندن صدقي سندن غلامن کي بہ وڏا وڏا ڪمالات عطا ٿيا، جيئن تہ منهنجي آقا، اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي خليفہءَ مجاز حضرت صدر الافاضل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪرامت ملاحظہ فرمايو:

﴿28﴾ صدر الافاضل جي ڪرامت

حضرتِ مولانا منظور احمد صاحب گهوسوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي پنهنجو اکين ڏٺو احوال بيان فرمائن ٿا تہ صاحبِ خزائن العرفان **صدر الافاضل** حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي جو روزانو معمول هو تہ صبح جي نماز پاڙي واري مسجد ۾ باجماعت ادا فرمائيندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مسجد وڃڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ چئن فٽن جي **سماوَر** (سماوَر پتل يا ٽامي جي ان ٻٽي ٿانوَ کي چوندا آهن جنهن جي اندر باهہ ٻرندي آهي ۽ ٻاهر پاڻي گرم ٿيندو آهي يا چانهہ پچندي آهي) ۾ چانهہ جو سامان وڏو ويندو هو ۽ باهہ ٻاري ويندي هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن نماز پڙهي ڪري واپس تشريف کڻي ايندا هئا تہ چانهہ تيار ٿي ويندي هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اوطاق ۾ ويهي رهندا هئا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي عقيدتمندن جو وڏو ميڙ جمع ٿي ويندو هو، عام طور تي پنجاهہ کان ٻہ سؤ ماڻهن تائين

جو ميڙ هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اچڻ وارن جو ايڏو ميڙ هوندو هو جو اوطاق ۽ ٻاهرئين اڳڻ ٻنهي ۾ بلڪل جڳهہ نہ بچندي هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ويهندي ئي خادم چانهہ سان ڀريل هڪ ڪوپ ساسر ۾ لڳائي ڪري چانهہ جي پيالي تي هڪ بسڪيٽ رکي ڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اها پيالي پنهنجي مبارڪ هٿن سان کڻي پنهنجي ساڄي پاسي ويهڻ وارن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ ريت چار ڇهہ پياليون پاڻ ورهائيندا هئا. باقي رهيل پوري مجمعي ۾ خادم اهڙيءَ ريت هڪ هڪ بسڪيٽ ۽ هڪ هڪ چانهہ جي پيالي ورهائيندا هئا، هڪ پيالي چانهہ ۽ هڪ بسڪٽ پاڻ بہ کائيندا هئا. ڇڻ تہ هي سندن صبح جو ناشتو هوندو هو.

حضرت مولانا سيّد منظور احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏي يقين سان فرمائن ٿا، حاضرين ٿورا هجن يا گهڻا مون اها ڳالهہ خاص طور تي نوٽ ڪئي تہ ان ئي هڪ سماوَر جي چانهہ روزانو اچڻ وارن تمام ماڻهن جي لاءِ ڪافي هوندي هئي. ڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ حاضرين جو تعداد گهڻو ٿي ويو هجي ۽ وڌيڪ انتظام ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هجي. حضرت مولانا سيّد منظور احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مٿي ذڪر ڪيل بيان هن ڳالهہ جي طرف واضح اشارو ڏئي رهيو آهي تہ اها حضرت **صدر الافاضل** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي معمولات وارن ڪرامتن مان هڪ انتهائي ڪريماڻي ڪرامت آهي. **(ملخصًا تاريخ اسلام ڪي عظيم شخصيت صدر الافاضل ص 333،ڪان 334 تنظيم افڪار صدر الافاضل بمبئي)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

ہم کو اے عطّار سُنّی عالموں سے پیار ہے
اِن شاءَاللہ عَزَّوَجَلَّ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿29﴾ مَنڊن ٽنڊن کي بہ حصو ملي

حکيم محمّد اشرف قادري چِشتي انارڪلي سردار آباد (فيصل آباد) لکن ٿا، ”منهنجي شادي ٿيڻ جي ڊگهي عرصي ڪانپوءِ تائين اولاد نہ ٿي، **اولاد ٿيڻ** جي لاءِ دوائون استعمال ڪيم، دعائون گهريم ۽ وظيفا پڙهيم پر مُراد پوري نہ ٿي، آخرڪار حضرتِ مُحدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا سردار احمد صاحب **قدس سره العزيز** جي خدمتِ بابرڪت ۾ اولاد کان محروميءَ جو تذڪرو ڪري دعا جو طالب ٿيس، انهن ڏينهن ۾ منهنجي پاڙيسري چوڌري عبدالغفور مون کي ٻُڌايو، تہ ٽن ڏينهن کان خواب ۾ هڪ بزرگ نظر اچن ٿا، سندن سامهون توهان بيٺا آهيو ۽ توهان جي هنج ۾ چند جهڙو خوبصورت **پٽ** آهي. ان بزرگ فرمايو، ”حڪيم صاحب! هڪ ٻڪرو صدقي ۾ ڏيو، جنهن مان **مَنڊن ٽنڊن کي بہ حصو ملي**“، تنهن تي مون حضرتِ **محدثِ اعظم پاڪستان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان جي بارگاهہ ۾ ان خواب جو ذڪر ڪيو ۽ عرض ڪيم تہ منهنجو خيال آهي تہ هڪ ٻڪرو ذَبح ڪري جامعه رضويه جي لنگر ۾ پيش ڪريان، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون، ”حڪيم صاحب! هتي تہ الله تعاليٰ جو ڪرم آهي، ٻڪرا ايندا ئي رهندا آهن، بهتر هي آهي تہ جمعي تي گهر ۾

گوشت ۽ مانيون پچايون وڃن ۽ جمعي جي نماز ڪان پوءِ ختم شريف پڙهيو وڃي، پڪل گوشت مانين سميت اتي ئي غريبن ۾ ورهايو وڃي. توهان زال مڙس بہ ڪائو ۽ ان مان اتان جي **مَنڊن ٿئڻن ڪي بہ حصو ملي.**" هي ياد رهي تہ خواب جو ذڪر ڪرڻ وقت مون مَنڊن ٿئڻن جي متعلق بزرگ جو فرمان قبلہ محدث اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم ڪي عرض نہ ڪيو هو. سائين جن پنهنجو پاڻ ئي ارشاد فرمايو هئائون ۽ اها سندن جي زندهہ ڪرامت هئي جو غيب جي ڳالهہ ٻُڌايائون! پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فرمان موجب عمل ڪيو ويو، ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ پنهنجي فضل و ڪرم ۽ حضرت محدّث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دعائن جي صدقي پٽ عنايت فرمايو. (ملخصًا حيات محدثِ اعظم ص 260)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿30﴾ عقيدت هجي تہ نالو بہ ڪم ڪري ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! استاذ العلماء، سند العرفا، نائبِ اعليٰ حضرت، پيرِ طريقت حضرتِ محدثِ اعظم پاڪستان مولانا محمّد سردار احمد قادري چشتي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى تمام وڏا عالمِ دين هئا، سندن شاگردن ۾ وڏن وڏن علماءِ ڪرام جا نالا آهن پاڻ هڪ باڪرامت بزرگ هئا جيئن تہ مولانا ڪرم دين (خطيب جامع مسجد چڪ نمبر 356 گ ب) بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري آءُ ڍانا ڪوڪرانوالہ نزد شرقپور شريف مينهن وٺڻ ويس، پر ان سفر ۾ مون کي **اڌ مٽي جي سور** ڏاڍو پريشان ڪيو. شرقپور شريف ويجهو ئي هو، اتي حاضر ٿيس پر خبر

پئي تہ ٻئي صاحبزادا حج جي لاءِ ويا آهن. واپس ويندي رستي ۾ سور ڏاڍو پريشان ڪيو، ڪا تدبير سمجهه ۾ ڪانہ پئي آئي. درياهہ جي ڪناري هلندي هلندي سامهون ڪاغذ جو هڪ سادو ٽڪرو نظر آيو، مون ان کي کنيو ۽ ان تي ڪامل ولي **حضرتِ محدّث اعظم پاڪستان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان **جو نالو مبارڪ لکي ڪري سور واري جڳهہ تي ٻڌم، سندن نالي جو تعويذ ٻڌندي ئي** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **سور جهٽ پٽ ختم ٿي ويو ۽ طبيعت بلڪل صحيح ٿي ويئي.** (ايضًا ص 261)

﴿31﴾ ٽيوب لائٽ اطاعت ڪئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جي "نالي" جو اهو شان آهي ان جي "ڪلام" جو ڇا عالم هوندو! تنهنڪري ڪلام جي متعلق ٻہ هڪ ڪرامت ٻُڌندا هلو، جيئن تہ حضرتِ محدّث اعظم پاڪستان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان جهنگ بازار گهنٽہ گهر ۾ منعقد ٿيڻ واري **محفلِ ميلاد** ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، بيان جو موضوع هو، **نورانيتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيو، بيان جاري هو تہ لڳ ڀڳ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سندن توجهہ ساڄي پاسي لڳل هڪ **ٽيوب لائٽ** ڏانهن وئي، اها ٽيوب ڪنهن فني خرابيءَ جي سبب ڪڏهن ٻري پئي، تہ ڪڏهن وسامي پئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ٽيوب** کي مخاطب ٿيندي فرمايائون، "**اڙي ٽيوب!** تون ڪڏهن ٻرين ٿي، ڪڏهن وسامي ٿي وڃين، **حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي نور مبارڪ سان سڄو جهان روشن ٿي ويو** ۽ تون ڇو ٿي ناشڪري ٻڌجين، خبردار! خبردار! تون وسامي وئينءَ تہ ..... پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هن ارشاد سان نعرهءِ رسالت جي گونج پئجي وئي،

سيني حاضرين ڏنوتہ اها **ٽيوب لائٽ** جلسي جي آخر تائين لڳاتار روشن رهي. (ايضًا ص 363)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪٽڪ گُهٽي ڪان بچي، مٽي جو سور مٽي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! باعمل علماءِ ڪرام جو ڪيڏو وڏو شان هوندو آهي! اسان کي هر دم علماءِ اهلسنّت جي دامن سان وابستہ رهڻ گهرجي، علماءِ حق جي عظمتن جو اندازو هن مان لڳايو جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ڪمال الدين الدّميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”ڪجهہ عالمن جي ذريعي مون کي معلوم ٿيو آهي جيڪڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مشهور ”فقهاءِ سبعہ“ يعني ست علماءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جا نالا مبارڪ ڪنهن پرچيءَ ۾ لکي ڪري ڪٽڪ ۾ رکيا وڃن تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سُرو (اناج ۾ لڳندڙ جيت) نہ لڳندو، جيڪڏهن مٽي جي سور واري جي مٽي تي لڙڪايو (يا ٻڌي ڇڏيو) يا اهي ئي ست نالا پڙهي ڪري مٽي تي دم ڪندؤ تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مٽي جو سور ختم ٿي ويندو، اهي ست نالا مبارڪ هي آهن، **عبيدالله**، **عُروَه**، **قاسم**، **سعيد**، **ابوبڪر**، **سليمان**، **خارجہ** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى

(حيٰوة الحيوان الڪبريٰ ج2 ص 53)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ علماءِ حق ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي نالن ۾ بہ عجيب برڪتون هونديون آهن، جن جي نالن جو اهو شان آهي، انهن جي ڪتابن، بيانن، صحبتن ۽ اهڙن جي حاضرين ۽

انهن جي ايصالِ ثواب جي لنگرن جي عظمت جو ڇا بيان ڪجي!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿32﴾ ڳوهيل اٿو ڏئي ڇڏيائون

حضرتِ سيّدُنا حبيب عَجَمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي جي دروازي تي هڪ سائل سوال ڪيو، سندن گهرواري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها **ڳوهيل اٿو** رکي ڪري پاڙي مان باهه ونڻ وئي هئي تہ جيئن هوءَ ماني پچائي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهو ئي اٿو ڪٽي فقير کي ڏئي ڇڏيائون، جڏهن اها باهه وني موتي آئي تہ اٿو ڪونہ هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون، ان کي ماني پچائڻ لاءِ ڪٽي ويا آهن، گهٽو پُڇڻ تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خيرات ڪري ڇڏڻ جو واقعو بُڌايائون، هوءَ چوڻ لڳيون"سبحٰن الله "، اها تہ سني ڳالهہ آهي پر اسان کي بہ تہ ڪجهہ ڪائڻ لاءِ گهربل آهي! ايتري ۾ هڪ شخص هڪ وڏو ٿالهہ گوشت ۽ مانيءَ جو پريل ڪٽي آيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون، "ڏسو توهان کي ڪيڏو جلدي موٽائي ڏنو ويو، جڻ ماني تہ پچائي ڏنئون ويتر گوشت جي ڀاڄي بہ موڪلي ڏنئون! (روض الرياحين ص 152)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صدقو ڪرڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏنل شيءِ هرگز ضايع ناهي ٿيندي، آخرت ۾ اجر ۽ ثواب جي حقداري تہ آهي ئي. ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ اضافي سُوڏو هٿوهٿ ان جو سنو عيوضو عطا ڪيو ويندو آهي ۽ اها يقيني ڳالهہ آهي تہ راهِ

خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏيڻ سان (مال) وڌندو آهي گهٽبو ناهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪّي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، صدقو مال ۾ گهٽتائي ناهي ڪندو ۽ الله تعاليٰ مُعاف ڪرڻ جي سبب ٻانهي جي عزت ئي وڌائيندو آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر عاجزي اختيار ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.

(صحيح مسلم ص 1397 حديث 2588)

ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ سان پاڻي وڌندو آهي

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ " زڪوٰة ڏيڻ واري جي زڪوٰة هر سال وڌندي رهندي آهي، اهو تجربو آهي تہ جيڪو هاري ٻني ۾ ٻج ڇٽيندو آهي، اهو بظاهر ٻوريون خالي ڪندو آهي، پر حقيقت ۾ اضافي سان پريندو آهي، گهر جون ٻوريون ڪوئن يا سُري لڳڻ وغيره جهڙين آفتن جي سبب ختم ٿي ويندیون آهن يا هي مطلب آهي تہ جنهن مال مان صدقو نڪرندو رهي ان مان خرچ ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وڌندو ئي رهندو، ڪوهه مان پاڻي ڪڍندا ويندؤ تہ وڌندو ئي ويندو.

(مرأة المناجيح شرح مشڪوٰة المصابيح ج3 ص93)

زڪوٰة نہ ڏيڻ جا عذاب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! زڪوٰة ادا ڪرڻ جا جتي بيشمار ثواب آهن اتي نہ ڏيڻ وارن جي لاءِ خوفناڪ عذاب بہ آهن جيئن منهنجا آقا، اعلیٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن قرآن و

حديث ۾ بيان ڪيل عذابن جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا تہ ”خلاصو هي آهي تہ جنهن **سون چاندي** جي زڪوٰة نہ ڏني وجي، قيامت جي ڏينهن جهنّم جي باهہ ۾ تپائي ڪري ان سان سندن پيشانين، پاسن ۽ پٺين تي داغ لڳايا ويندا، انهن جي مٿي ۽ ڇاتيءَ تي جهنّم جو گرم پٿر رکندا تہ ڇاتي ٽوڙي ڪري ڪلهي کان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏيءَ تي رکندا تہ هڏا ٽوڙيندو سيني کان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي پاسن کان نڪري ويندو، ڪياڙي ٽوڙي پيشانيءَ کان نڪري ايندو، جنهن **مال** جي زڪوٰة نہ ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو **خبيث خونخوار اژدها** (وڏو نانگ) بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙندو، هي هٿ سان روڪيندو تہ هو هٿ چٻاڙي وڌندو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ بڻجي پوندو، ان جو وات پنهنجي وات ۾ وجهي چٻاڙيندو تہ مان آهيان تنهنجو مال ۽ مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو سمورو جسم چٻاڙيندو. **والعياذ بالله رب العالمين** (فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 10 ص 153) منهنجا آقا اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي قيامت جي عذاب کان ڊيڄاري ڪري سمجهائيندي فرمائن ٿا تہ ”**اي عزيز!** ڇا خدا ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان کي ائين ئي مذاق مسخري سمجهين ٿو؟ يا (قيامت جي هڪ ڏينهن) يعني پنجاهہ هزار ورهين جي عرصي ۾ هي ساهہ سُڪائيندڙ مصيبتون سهڻ آسان ڄاڻين ٿو؟ ٿورو هتان جي باهہ ۾ هڪ اڌ روپيو(ننڍڙو سڪو) گرم ڪري جسم تي رکي ڏس، پوءِ ڪٿي هيءَ هلڪي گرمي، ڪٿي اها قهر (واري) باهہ، ڪٿي هي صرف هڪ روپيو، ڪٿي اهو سڄي عمر

جو گڏ ڪيل مال، ڪٿي هيءَ هڪڙي منٽ جي ديرِ، ڪٿي اها هزار سال ڏينهن جي آفت، ڪٿي هي معمولي داغ، ڪٿي اهو هڏا ٽوڙي ڪري آرپار ٿيڻ وارو غضب. الله تعاليٰ مسلمانن کي هدايت بخشي.

(ايضًا ص 175)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ زڪوٰة خيرات جي ضروري احڪامن جي ڄاڻ ٿيندي رهندي ۽ عمل جي جذبي ۾ به اضافو ٿيندو ويندو. دعوتِ اسلاميءَ سان محبت وڌائڻ جي لاءِ هڪ ”مدني بهار“ خدمت ۾ پيش آهي جيئن ته

﴿33﴾ هڪ ڪورِيَن (Korean) جو اسلام قبولڻ

سنّتن جي تربيت لاءِ **عاشقانِ رسول** جو هڪ مدني قافلو ”ڪوريا“ جي هڪ علائقي ۾ ويو. اتي **هڪ غير مسلم ڪورين** مدني قافلي کي ڏسي ڪري پُڇيو، ڇا اوهان مسلمان آهيو؟ **مدني قافلي** وارن چيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون. ان پُڇيو، هي اوهان جي مٿي تي ڇا ٻڌل آهي؟ جواب ڏنو ويو هي عِمامو شريف آهي جيڪو اسان جي پياري پياري **نبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنّت آهي، اهڙيءَ ريت ان ڏاڙهي شريف جي باري ۾ سوال ڪيو، ڪيس جواب مليو، اها به اسان جي **مٿي مٿي نبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿي مٿي سنّت آهي، هو چوڻ لڳو، مون **اسلام** کي ڪتابن ۾ پڙهيو هو پر نظرن سان نه ڏٺو هو، **اڄ پهريون پيرو اسلام جي عملي تصوير نظرن جي سامهون آئي آهي، جيڪا دل کي بيحد وڻي آهي،**

مهرباني فرمائي ڪري مون کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪريو.“ اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** جي نوراني ڏاڙهين ۽ پُرنُور عِمامن سان جڳمڳ ڪندڙ، نور وسائيندڙ دلربا چهرن جي زيارت جي برڪت سان اهو ڪورِيَن (Korean) غير مسلم مسلمان ٿي ويو.

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و رِیش میں
واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي يا ئرو! مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ مسلمانن جي زندگي گذارڻ جو انداز بيحد خراب ٿيندو پيو وڃي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڪثر مسلمانن جي لباس جي ڊيزائن، مٿي ۽ چهري جو انداز وغيره سڀ ڪجهه ڪافرن جي گندي تهذيب جو عڪس پيش ڪري رهيو آهي. شيطان جي هن وسوسي ۾ نه اچڻ گهرجي ته جيڪڏهن اسان ڏاڙهي ۽ عِمامي شريف ۾ رهنداسين ته ماڻهو اسان کان پري پڄندا. هرگز ائين ناهي، ماڻهو مدني صورت وارن کان نه بُرين حرڪتن، چاپلوسين ۽ بداخلاقين کان پري پڄندا آهن. اوهان انتهائي اخلاص سان سنّتن جي گهمندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجي وڃو، پنهنجا اخلاق سنواريو، زبان کي قابوءَ ۾ رکڻ جي مشق ڪيو، منا بول بوليو، پوءِ ڏسو ڪهڙي طرح ماڻهن جون دليون توهان ڏانهن مائل ٿين ٿيون! هينئر توهان عاشقانِ رسول جي باري ۾ ٻُڌو ته ڪهڙيءَ ريت سنّتن پري صورت واري ۽ مرڪندڙ گل وسائيندڙ منن

مٿن بولن، شيطان جي پوڄاريءَ کي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عاشق بڻائي ڇڏيو! ڏاڙهي شريف ۽ سائي عِمامي شريف سان جڳمڳ ڪندڙ، گل ڇٽيندڙ **عاشقانِ رسول** جي مدني صورتن ۽ ”الله الله الله الله“ جي پُرڪيف صدائن جي برڪتن سان مالا مال هڪ ٻي باڪمال حڪايت ٻُڌو ۽ جهومو. جيئن ته

﴿34﴾ نوراني چِهرا ڏسي ڪري مسلمان ٿي ويو

1425هـ (**جنوري** 2005ع) ۾ دعوتِ اسلاميءَ **مرڪزي مجلس شوريٰ** جي نگران ۽ مجلس بين الاقوامي امور جي ڪجهه اراڪين وغيره جو **مدني قافلو** باب المدينه (ڪراچي) کان سفر ڪري **ڏکڻ آفريڪا** پهتو، سو جڏهن دعوتِ اسلاميءَ جو مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ناهڻ جي جڳهه ڏسڻ لاءِ اهو قافلو هڪ جاءِ تي پهتو ته اتي پهريان کان موجود اسلامي ڀائرن مدني قافلي جي گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي، ان جڳهه جو مالڪ جيڪو عيسائي هو، اهو عِمامي ۽ ڏاڙهي شريف وارن، چمڪندڙ ۽ نوراني چهري وارن عاشقانِ رسول جي جلون ۽ الله الله جي پُرڪيف نغمن ۾ مست ٿي ويو، ٻي قرار ٿي ڪري اڳتي وڌيو ۽ **نِگران شوريٰ** کي چوڻ لڳو، ”مون کي مسلمان ڪريو.“ ان کي هڪدم عيسائي مذهب کان توبهه ڪرائي ڪلمو شريف پڙهائي مسلمان ڪيو ويو، اسلامي ڀائرن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي، الله الله جي زوردار صدائن سان فضا گونججي وئي.

تو داڑھی بڑھالے عمامہ سجالے ہے اچّھا، نہیں ہے بُرا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

﴿35﴾ قاضي صاحب جو خميرو

ڪروڙين حنبلين جي عظيم اڳواڻ حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا صاحبزادا حضرت صالح رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اصفهان جا قاضي هئا، هڪ پيري حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خادم حضرت صالح جي بورچي خاني مان **خميرو** (يعني ڳوهيل اٽو) ڪٽي ماني تيار ڪري امام صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ پيش ڪئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پُڇيائون، ماني ايڏي نرم ڇو آهي؟ خادم ڪين ڳوهيل اَٽي ونڻ جي ڪيفيت ٻُڌائي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايائون، منهنجو پٽ جيڪو اصفهان جو قاضي آهي ان وٽان **خميرو** ڇو ڪٽي آئين! هاڻي هيءَ ماني مان نہ کائيندس، اها ڪنهن سائل کي ڏئي ڇڏيو پر ان کي ٻُڌائجو، تہ هن ماني ۾ قاضيءَ جو خميرو شامل آهي، اتفاق سان چاليهن ڏينهن تائين ڪو سائل نہ آيو، ايتري تائين جو ماني ۾ بوءِ پيدا ٿي وئي، خادم اها ماني دِجلہ درياهہ ۾ اڇلائي ڇڏي، حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي تقويٰ مرحبا! پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان ڏينهن کان پوءِ دِجلہ درياهہ جي مڇي ڪڏهن بہ نہ کاڌائون. (تذكرة الاولياء ص 197)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪيتري قدر مُتَّقي ۽ پرهيزگار هئا جو پنهنجي قاضي پٽ جي مال کان بہ پرهيز ڪندا هئا، قاضي (يعني جج) جي آمدني جيتوڻيڪ حرام جي ناهي هوندي پر پوءِ بہ انهن جو مڪمل طور تي انصاف ڪرڻ مُشڪل هوندو آهي، جيڪڏهن اهي انصاف کان ڪم وٺن

تڏهن بہ، ڇو جو اهي گورنمينٽ جا ملازم هوندا آهن ۽ انهن جي پگهار حڪومت ادا ڪندي آهي ۽ حڪمران عام طور تي ظلم ۽ ناانصافيءَ کان بچي ناهن سگهندا، گڏو گڏ انهن جي خزاني ۾ رقم جو صاف ستڙو هجڻ بہ مشڪل هوندو آهي، جو اهي اڪثر ظلم جي ذريعي مال حاصل ڪندا آهن، تنهنڪري صرف تقويٰ ۽ احتياط جي سبب **حضرتِ** سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قاضيءَ جي خميري واري ماني نہ ڪاڏي ۽ وري اها ئي ماني درياءِ دجلہ ۾ اڇلائي وئي تہ اتان جي مڇي ڪائڻ بہ ڇڏي ڏنائون تہ ڪٿي اهڙي مڇي پيٽ ۾ نہ هلي وڃي جنهن اها ماني ڪاڏي هجي!

﴿36﴾ امام احمد بن حنبل جي ڪرامت

حضرتِ سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڏي شان جا مالڪ هئا، منقول آهي تہ ڪنهن عورت جا هٿ پير شل (يعني بي حس) ٿي ويا، ان پنهنجي پٽ کي دعا جي لاءِ وٽن موڪليو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه احوال ٻُڌڻ کانپوءِ وضو ڪري نماز شروع ڪري ڇڏي، جڏهن اهو نوجوان گهر پهتو تہ سندس ماءُ صحتمند ٿي چُڪي هئي ۽ ان پاڻ اچي ڪري دروازو کوليو. (تذکرة الاولياء ص 196) الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي تعظيم ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، جيئن تہ

﴿37﴾ تعظيم جو فائدو

هڪ شخص کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڇا سلوڪ فرمايو؟ جواب ڏنائين الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي، ان پُڇيو ڪهڙو

عمل ڪم اچي ويو؟ جواب ڏنائين، هڪ پيري حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه درياهه جي ڪناري وضو فرمائي رهيا هئا ۽ اتي ئي آءُ مٿانهين جي طرف وضو ڪرڻ وينس، جڏهن منهنجي نظر امام صاحب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي پئي تہ تعظيم جي طور تي هينانهين جي طرف اچي وينس، بس اهو ئي "**وليءَ جي تعظيم**" وارو عمل ڪم اچي ويو ۽ مان بخشجي ويس. (تذكرة الاولياء ص196)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿38﴾ سون جون جُتيون

مشهور مُحَدِّث حضرتِ سيّدُنا محمّد بن خُزيمه رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ " جڏهن حضرتِ سيّدُنا امام ابو عبدالله **احمد بن حنبل** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وفات ٿي تہ مان سخت غمگين ٿيس، هڪ رات مون ڏنو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏي ناز ۽ لاڏ سان هلي رهيا آهن، مون عرض ڪيو، اي ابو عبدالله! هي ڪهڙو انداز آهي؟ فرمايائون، هي جنت ۾ خادمن جو انداز آهي، عرض ڪيائين، مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ ؟ يعني الله تعاليٰ توهان سان ڇا سلوڪ فرمايو؟ جواب ڏنائون الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي، منهنجي مٿي تي تاج سجايو ۽ پيرن ۾ **سون جون جُتيون** پارايون ۽ فرمايو، "**اي احمد!** هي سڀ ڪجهه ان جي لاءِ آهي تہ تون قرآن کي منهنجو (يعني الله جو) ڪلام چيو، الله عَزَّوَجَلَّ وڏيڪ ارشاد فرمايو. **اي احمد!** مون ڪان اها دعا گهر جيڪا تون دنيا ۾

گهرندو هئين. مون عرض ڪيو،" اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ! هر شيءِ .....“ مان اجان ايترو ئي چئي سگهيس، تہ ارشاد ٿيو، هر شيءِ تو لاءِ موجود آهي، ان تي مون عرض ڪيو، هر شيءِ تي تنهنجي قدرت جي سبب، فرمايائين تو سچ چيو، مون عرض ڪيو يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کان حساب نہ وٺ، بس منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏ، فرمايائين وڃ ائين ئي ڪيو، پوءِ ارشاد ٿيو، **اي احمد** هي جنّت آهي ان ۾ داخل ٿي وڃ. جڏهن مان داخل ٿيس تہ حضرتِ سيّدُنا **سُفيان ثَوري** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه اتي پهريان کان موجود هئا، انهن جا بہ پَرَ هئا جن سان اتي هڪ ڪجيءَ جي وڻ تان ٻئي وڻ تي اڏامي رهيا هئا ۽ سندن زبان تي جاري هو، ”سبحانَ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان سان ڪيل واعدي کي سچ ڪري ڏيکاريو ۽ جنّت جي سرزمين جو اسان کي وارث بڻايو، جنّت ۾ جتي اسان چاهيون اتي پنهنجو ٺڪاڻو بڻايون ٿا تہ عمل ڪرڻ وارن جو اجر تمام بهتر آهي.“ مون پُڇيو حضرتِ سيّدُنا **عبدالوهاب ورّاق** عَلَيْهِرَحْمَةُاللهِالرَّازِق جو ڇا حال آهي؟ تہ چيائون ” مان ڪين نور جي سمنڊ ۾ ڇڏي آيو آهيان، مون حضرت سيّدُنا **بِشر حافي** عَلَيْهِرَحْمَةُاللّٰهِالْكَافِي جو حال معلوم ڪيو تہ فرمايائون، هو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر آهن، سندن سامهون هڪ دسترخوان آهي ۽ رب ڪريم جل جلاله مٿن متوجهہ آهي، فرمائي رهيو آهي، اي دنيا ۾ نہ ڪائڻ ۽ نہ پيئڻ وارا! هن جهان ۾ ڪاءُ ۽ مزو ماڻ.

(شرح الصدور ص 289)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

﴾39﴿ ڪوڙي جي هر ضرب تي معافيءَ جو اعلان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنوتوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دين جي خاطر تڪليفون سهي ڪري دنيا مان جڏهن لاڏاڻو ڪري ويندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو ڪيڏو اعزاز فرمائي ٿو. جي ها ڪروڙين حنبليُن جي عظيم پيشوا حضرتِ سيّدُنا ابو **عبدالله امام احمد بن حنبل** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه حق جي خاطر تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون، جيئن تہ هڪ موقعي تي عباسي خليفي **معُتصِم بالله** جي حڪم تي جلّاد سيّدُنا امام **احمد بن حنبل** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي اگهاڙي پنيءَ تي واري واري سان ڪوڙا وسائڻ لڳو، جنهن سان سندن پُني مبارڪ رتو رت ٿي وئي ۽ ڪل مبارڪ لهي وئي، ان ئي دوران سندن شلوار مبارڪ ڍِلي ٿيڻ لڳي تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا گهريائون، ”يا الله! عَزَّوَجَلَّ تون ڄاڻين ٿو تہ مان حق تي آهيان، مون کي بي پردگيءَ کان بچاءِ.“ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ شلوار مبارڪ وڏيڪ هيٺ لهڻ کان رڪجي ويئي پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه بيهوش ٿي ويا. جيستائين هوش قائم هو **ڪوڙي** جي هر ضرب تي فرمائن پيا، ”مون معتصم جو ڏوهہ مُعاف ڪيو.“ بعد ۾ ماڻهن جڏهن ڪانئن ان جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون، **معتصم بالله** ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُتَعَالٰيعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جي چاچي سائين حضرت سيّدُنا عباس رَضِيَ اللهُتَعَالٰيعَنْهُ جي اولاد مان آهي، مون کي هن ڳالهہ کان شرم ٿو اچي تہ قيامت جي ڏينهن ڪٿي ائين نہ چيو وڃي تہ احمد بن حنبل ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُتَعَالٰيعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جي چاچي سائين جي **آل** کي معاف نہ ڪيو! **(ملخصًا معدن اخلاق حصّو 3 ص**

37 كان 39 دارالكتب الحنفيه باب المدينه ڪراچي) **حضرتِ سيّدُنا فُضيل بن عِياض** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا **امام احمد بن حنبل** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي مسلسل **28** مهينا (سوا ٻہ سالن کان وڌيڪ) قيد ۾ رکيو ويو، ايڏو عرصو کين هر رات ڪوڙا هنيا ويندا هئا، ايتري تائين جو مٿانئن بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي، تلوار جا ڇِهير ڏنا ويا، پيرن هيٺان چيپاٽيو ويو، پر مرحبا! استقامت! ايڏيون ايڏيون مصيبتون پيش اچڻ جي باوجود پاڻ ثابت قدم رهيا. (**الطبقات الكبريٰ ج1ص79**) حضرتِ سيّدُنا علامہ حافظ ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه محمد بن اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان نقل ڪن ٿا. حضرت سيّدُنا امام **احمد بن حنبل** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي 80 ڪوڙا تہ اهڙا هنيا ويا جو جيڪڏهن هاتيءَ کي هنيا وڃن ها تہ اهو بہ رنيون ڪري ها، پر واهہ امام سڳورا! اوهان جو صبر! (**ملخصًا معدن اخلاق حصو 3 ص106 دارالكتب الحنفيه باب المدينه ڪراچي**)

تڑپنا اِس طرح بُلبُل کہ بال و پر نہ ہلیں
ادب ہے لازِمی شاہوں کے آستانے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿40﴾ چور صبر جي تلقين ڪئي

جڏهن مصيبت جي ڏهاڙن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪوڙا هٽندڙ جي سامهون پيش ڪيو ويو تہ الله تعالىٰ "**ابوالهَيثَم عيار**" نالي هڪ شخص جي ذريعي سندن مدد فرمائي، اهو وٽن آيو ۽ چوڻ لڳو، " اي احمد! مان فلاڻو چور آهيان، مون کي **ارڙهن هزار ڪوڙا** هنيا ويا تہ

جيئن چوريءَ جو اقرار ڪريان پر مون اقرار نہ ڪيو جڏهن تہ آءُ ڄاڻان پيو تہ مان ڪوڙو آهيان. توهان ڪٿي ڪوڙي جي مار ڪان گهبرائجي نہ وججو. توهان تہ حق تي آهيو. پوءِ جڏهن ڪين ڪوڙا هٿڻ جي ڪري سور ٿيندو هو تہ پاڻ چور جي ڳالهہ ذهن ۾ آڻيندا هئا پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هميشہ ان جي لاءِ رحمت جي دعا فرمائيندا هئا. (الطبقات الكبريٰ ج1 ص 78،79) حضرتِ سيّدُنا بِشر بن الحارث رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ”ڪين (باهہ جي) بنيءَ (يعني جيل) ۾ وڃهي ڪري آزمايو ويو ۽ پاڻ (استقامت جي سبب) ڳاڙهو سون بڻجي ڪري نڪتا.“ (ايضاً ج 1 ص 80)

ولين تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪرم نوازيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش اچڻ وارين تڪليفن کي خوش مزاجيءَ سان برداشت ڪرڻ وارن جو خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ڪيڏو اعزاز ڪيو ويندو آهي، گڏوگڏ توهان هي بہ ڏٺو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي کي بہ دنيا ۾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ٻُک ۽ اُڃ جون سختيون برداشت ڪرڻ ۽ نفس کي مارڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري لطف ۽ ڪرم سان نوازي رهيو هو، ۽ پڻ اسان جا غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم بہ دنيا ۾ نفس کي مارينداهئا ۽ ڪائڻ پيئڻ جي طرف مائل نہ هوندا هئا، سرڪارِ بغداد، حضورِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جو تذڪرو ڪندي عاشق رسول، وليءِ ڪامل، امام اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ غوثيت مآب ۾ عرض ڪن ٿا،

قسميں ديديے کے کھلاتا ہے پلاتا ہے تجھے
پيارا الله عزوجل ترا چاہنے والا تيرا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي پياري پياري معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون، دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪتن سان مالا مال هڪ ايمان افروز واقعو پُڌو ۽ جهومو:

﴿41﴾ دماغ جي ڳوڙهي غائب ٿي وئي

بَلبهار ضلعوچندر پور مهاراشٽر(هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ پنهنجي شموليت جو واقعو ڪجهه هن طرح بيان ڪيو، ته ستن سالن جي عمر ۾ پٽر لڳڻ جي سبب منهنجي ڪاڀي اک زخمي ٿي پئي. علاج ڪرائڻ تي ڪافي آرام مليو، پر اک جي روشني گهٽ ٿي ويئي، ان مان درسِ عِبرت حاصل ڪرڻ بدران ويتر غفلت جو شڪار ٿي ڪري مان ناچ گانن جي محفلن جو شوقين ٿي ويس، ڊانس ڪلب جي جڳمڳ ڪندڙ روشنين جي سبب منهنجي انهيءَ اک ۾ سخت سُور شروع ٿي ويو، چيڪ اپ ڪرائڻ تي خبر پئي ته **دماغ ۾ رسولي** (BrainTumer) آهي، وڏين وڏين اسپتالن ۾ علاج ڪرايم پر فائدو نه پري رهيو ويتر، "ڪرتوتن جي ملي سزا، جيئن ڪاڏي دوا، تيئن وڏي وبا" جيان ڪنڌ به ٽيڏو ٿي ويو ۽ ڪاڏو ڪائڻ به مشڪل ٿي ويو، منهنجي تڪليف جي سبب گهر وارا بيحد پريشان هئا، انهن ئي ڏينهن ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي **عاشقانِ رسول** جو هڪ **مدني قافلو** اسان جي

ڳوٺ آيو، انهن **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيندي گهر جي تمام مردن کي بيان ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني پر اسان پريشانيءَ جو اظهار ڪري معذرت ڪئي سين، پاڙي واري مسجد مان مبلغ جي بيان جو آواز اسان جي گهر ۾ به اچي رهيو هو، ان بيان کي ٻُڌي ڪري اسان جا گهر وارا بيحد متاثر ٿيا ۽ ”ڏُرُگ“ ۾ ٿيڻ واري **سنّتن پرئي اجتماع** ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ان اجتماع ۾ سنّتن پرئي بيان کانپوءِ **رقت انگيز دعا** ٿي، جڏهن اجتماع کان واپسيءَ تي مو **C.T, Scan** ڪرايو تہ اهو ڏسي ڪري ڊاڪٽر حيران ٿي ويا تہ پوئين سيني رپورٽن ۾ **دماغ ۾ ڳوڙهو** (**BrainTumer**) موجود هو، پر هن پيري **C.T,Scan** ڪرايو تہ رسولي (يعني ڳوڙهي) غائب هئي، ان حيرت انگيز واقعي کان متاثر ٿي ڪري پاڻ گهر وارن منهنجي مٿي تي **عمامي شريف** جو تاج سجايو.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فیضانِ غوث و رضا مَدَنی ماحول
اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخِرت ان شاءَاللہ
تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿42﴾ دِلين جي ڳالهہ ڄاڻي ورتي

حضور داتا گنج بخش حضرت سيّدُنا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ” اسان ٿي دوست حضرت سيّدُنا **شيخ ابن عَلا** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

جي زيارت جي لاءِ " رملّ " نالي ڳوٺ ڏانهن هلياسين، رستي ۾ هي طئي ٿيو تہ اسان مان هر شخص ڪا نہ ڪا مُراد پنهنجي دل ۾ رکي، مون اها مُراد رکي تہ مون کي حضرت سيّدُنا شيخ ابن عَلا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان حسين بن منصور حلّاج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مَناجات ۽ اشعار گهرجن. ٻئي هيءَ مُراد سوچي تہ مون کي تِريءَ جي بيماريءَ مان شفا حاصل ٿي وڃي. ٽئين چيو تہ مون کي برفي کائڻ جي خواهش آهي، جڏهن اسان خدمت ۾ حاضر ٿياسين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرت **سيدُنا حسين بن منصور حلّاج** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا اشعار ۽ مُناجات لکرائي ڪري منهنجي لاءِ تيار رکيا هئائون، جيڪي مونکي عطا فرمائي ڇڏيائون، ٻئي درويش جي پيٽ تي هٿ گهمايائون تہ ان جي تِريءَ جي تڪليف دور ٿي ويئي، ٽئين کي فرمايائون تہ برفي شاهي دربارن جي غذا آهي جڏهن تہ توهان صوفياڻو لباس پاتو آهي، تنهنڪري ٻنهي مان هڪ شيءِ اختيار ڪريو. (کشف المحجوب ص384)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

﴿43﴾ ڇا حسين بن منصور اَنَاالحَقّ ڇيو هو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اولياءُالله ماڻهن جي دلين جا احوال ڄاڻي وٺندا آهن، تڏهن ئي تہ حضرت سيّدُنا شيخ ابن علا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بغير پڇڻ جي داتا گنج بخش حضرتِ سيّدُنا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ سندن ساٿين جون **دلي مُرادون** بيان ڪيون ۽ ٻن جون مُرادون پوريون ڪري ٽئين کي اصلاح جو **مدني گل** عطا فرمايائون، هن حڪايت ۾ حضرت سيّدُنا

حسين بن منصور حَلّاج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذڪر مبارڪ بہ موجود آهي، سندن جي باري ۾ مشهور آهي تہ پاڻ **انا الحق** يعني ”مان حق (خدا) آهيان“ چيو هئائون، انهيءَ غلط فهميءَ جو رد ڪندي منهنجا آقا اعلٰيٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، ”حضرت سيّدُنا حسين بن منصور حلّاج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي عوام ”**منصور**“ چوندو آهي، منصور سندن والد ماجد جو نالو هيو، ۽ سندن نالو مبارڪ **حسين** (هو) **(پاڻ)** اهلِ حال بزرگن منجهان هئا، سندن هڪ ڀيڻ ڪانئن ولايت ۽ معرفت جي مرتبي ۾ تمام گهڻو اڳتي هئي، هوءَ رات جي آخري حصي ۾ جهنگ ڏانهن نڪري ويندي هيون ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ مصروف ٿي ويندي هيون، هڪ ڏينهن سندن اک ڪلي تہ ڀيڻ کي نہ ڏٺائون، گهر ۾ هر جڳهہ ڳوليائون پر نہ مليون. ڪين وسوسو ٿيو. ٻئي رات ڄاڻي واڻي اکيون بند ڪري جاڳندا رهيا، هوءَ پنهنجي وقت تي اٿي ڪري هلڻ لڳيون، پاڻ آهستي آهستي سندن پويان هلڻ لڳا ۽ ڏسندا رهيا تہ **آسمان مان سون جي زنجير سان ياقوت جو پيالو لٿو ۽ سندن وات مبارڪ سان اچي لڳو ۽ انهن پيئڻ شروع ڪيو**، ڪائن صبر نہ ٿي سگهيو تہ اها جنّت جي نعمت (مون کي) نہ ملي، بي اختيار ٿي چوڻ لڳا تہ ادي! اوهان کي اللهعَزَّوَجَلَّ جو قسم ٿورو منهنجي لاءِ بہ بچايو، انهن هڪ ڊڪ بچايو، (جنهن کي) پاڻ پيتائون ان جي پيئڻ سان ئي، هر جڙي ٻوٽي (۽) هر در و ديوار مان ڪين هي آواز اچڻ لڳو تہ ڪير ان جو وڏيڪ حقدار آهي جو اسان جي راهہ ۾ قتل ڪيو وڃي؟ پاڻ

چوڻ شروع ڪيائون، ”اَنَاالْحَقّ (انا۔لَ۔اَحَق) “ يعني بيشڪ مان سيني ڪان وڌيڪ ان جو حقدار آهيان، ماڻهن جي ٻُڌڻ ۾ آيو” اَنَاالْحَقّ (يعني مان حق) آهيان انهن (ماڻهن) خدائي جي دعويٰ سمجهي ۽ اها (يعني خدائي دعويٰ) ڪفر آهي ۽ مسلمان ٿي ڪري جيڪو ڪفر ڪري اهو مُرتد آهي ۽ مُرتد جي سزا قتل آهي. (صحيح بخاري ج2 ص 315حديث 3017) تي آهي تہ) نبين جي سلطان، رَحْمتِ عالميان محبوب رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي، ”جيڪو پنهنجو دين بدلائي ڇڏي ان کي قتل ڪري ڇڏيو.“ (فتاويٰ رضويه ج 26 ص 400)

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابستگي ۽ مدني قافلن ۾ سفر اصلاح عقائد ۽ اعمال جا بهترين ذريعا آهن. جيئن تہ

﴿44﴾ آءُ شرابي ۽ چور هيس

بمبئي (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ مون کي غلط صحبت جي سبب ننڍي عمر ۾ ئي شراب ۽ جوا جي عادت پئجي وئي هئي، هيرن ۽ سون جي اسمگلنگ ۾ مهارت سبب مان ان ميدان ۾ ” ڪنگ “ مشهور هيس، اسان جي گهر جي ويجهو **دعوتِ اسلامي** وارا هر جمعي تي جمع ٿي ڪري درس ۽ بيان جو سلسلو ڪندا هئا، منهنجي ماءُ مون کي شريڪ ٿيڻ لاءِ چوندي هئي، پر مان ٽاري ڇڏيندو هئس، آخرڪار والده جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان هڪ پيري شريڪ ٿي

ئي ويس، مونکي مبلّغ جو اندازِ بيان تہ پسند آيو پر سمجهہ ۾ ڪجهہ ڪونہ آيو، آخر ۾ مون تي مبلغ **انفرادي ڪوشش** ڪندي بمبئيءَ جي علائقي **گونڊي** ۾ ٽيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، مون هائو ڪار ڪري ڇڏي.

اجتماع واري رات دوستن سان گڏ شراب خاني پهتس، پر اڄ دل ڪجهہ بيزار هئي، سيني شراب گهرايو پر مون ڪولڊ ڊرنڪ جو آرڊر ڏنو. ان تي دوستن مون ڏانهن حيرت واري انداز ۾ ڏٺو، مون چيو مون کي ڪنهن اجتماع جي دعوت ڏني آهي، مون کي اتي وعظ ٻُڌڻ وڃڻو آهي، اهو ٻُڌندي ئي سيئي دوست زور زور سان کلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا، يار! ڇا هي **محرم** جو مهينو آهي! وعظ تہ **محرم** ۾ ٿيندا آهن، توسان ڪنهن مذاق ڪئي هوندي ، مان بہ سوچ ۾ پئجي ويس، تہ واقعي وعظ تہ **محرم** شريف ۾ ٿيندا آهن پر وري مون دل ٻَڌي ۽ هي چوندي اٿيس تہ جيڪڏهن وعظ نہ ٿيندو تہ واپس اچي ويندس، ٻاهر نڪري رڪشا ڪري سڌو **اجتماع گاهہ** ۾ وڃي پهتس، اتي گُهري ويندڙ **رقت انگيز** دعا مون کي خوب روئاريو، روئي روئي ڪري مون پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي، اجتماع ختم ٿيڻ کانپوءِ مبلغ **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي **مدني قافلي** ۾ سفر جي دعوت پيش ڪئي. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان **عاشقان رسول** سان گڏ **مدني قافلي** جو مسافر بڻيس، اتي ئي مون ڏاڙهي شريف ۽ عِمامي شريف جي نيت ڪئي، جواري ۽ شرابي دوستن کان جان ڇڏايم ۽ **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ماحول اختيار ڪيم، مون کي

”وات“ نالي هڪ خوفناڪ بيماري هئي، جنهن سبب ائين لڳندو هو تہ جيئن اڪ ۾ پٿري پئي آهي، ڊاڪٽر بہ ان جي علاج کان عاجز هئا، اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪت سان مونکي ان خطرناڪ بيماري کان بہ ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويو.

چھوڑو مے نوشیاں، مت بکو گالیاں توبہ کریں قافلے میں چلو
اے شرابی تو آ، آجو آری تو آ چھوٹیں بدعادتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

قافلن جي دعوت ڏيندا رهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **دعوتِ اسلامي** جي مبلغ جي سنّتن ڀرئي بيان ۽ **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ هڪ جواري ۽ شرابي تائب ٿيو ۽ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ڪري دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويو، **توهان بہ ماڻهن کي مدني قافلن ۾ سفر جي دعوت ڏيندا رهو.** هن حڪايت ۾ توهان هڪ شرابي جو تذڪرو ٻڌو، افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ مسلمانن جو هڪ وڏو انگ مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ شراب پيئڻ جي نحوست ۾ گرفتار آهي تنهنڪري انهيءَ ضمن ۾ شراب جي بابت ڪجهہ عرض ڪندو هلان.

شراب جي هڪ ڊڪ جو عذاب

تاجدارِ نُبُوّت، ماهِ رسالت، درياءِ رحمت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي،”الله عَزَّوَجَلَّ مون کي تمام دنيا وارن جي لاءِ رحمت ۽ هدايت بڻائي ڪري موڪليو آهي، مون کي

ان لاءِ موڪليو ويو آهي تہ مان **ڳائڻ وڄائڻ** جا اوزار ۽ جاهليت جي ڪمن کي مٽائي ڇڏيان، منهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عزّت جو قسم ياد ڪري فرمايو آهي، منهنجو جيڪو ٻانهو **شراب** جو هڪ ڊڪ بہ پيئندو، مان ان کي ان جهڙو **جهنم جو ٿهڪندڙ** پاڻي پيارينداس ۽ منهنجو جيڪو ٻانهو منهنجي خوف کان **شراب** پيئڻ ڇڏي ڏيندو، مان ان کي جنّت ۾ سنن دوستن سان گڏ (پاڪيزه شراب) پيارينداس.

(المعجم الكبير للطبراني ج 8 ص197حديث 7803، 7804)

ڪلمو نصيب نہ ٿيو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! انديشو آهي تہ شرابين ۽ شطرنج کيڏڻ وارن وغيره کي مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿئي، انهيءَ ضمن ۾ **بہ حڪايتون** ملاحظہ ڪيو، **حضرت** علامہ محمد بن احمد ذهبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا "**﴿45﴾** هڪ شخص شرابين جي صحبت ۾ ويهندو هو، جڏهن سندس موت جو وقت ويجهو آيو تہ ڪنهن ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي تہ چوڻ لڳو، "تون بہ پيءُ ۽ مون کي بہ پيار." مَعاذاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بغير ڪلمو پڙهڻ جي مري ويو. (جڏهن شرابين جي صحبت جو اهو حال آهي تہ شراب پيئڻ جو ڇا وبال هوندو!). **﴿46﴾** هڪ شطرنج کيڏڻ واري کي موت مهل ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي وئي تہ چوڻ لڳو "شاهَڪَ (يعني تنهنجو بادشاهہ) اهو چوڻ ڪانپوءِ ان جو دم پرواز ڪري ويو."

(ملخصاً كتاب الكبائر ص 103)

شراب جا طبي نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام شراب پيئڻ کي جيڪو حرام قرار ڏنو آهي ان ۾ بيشمار حڪمتون آهن، هاڻي غير مسلم بہ ان جو نقصان تسليم ڪرڻ لڳا آهن، جيئن تہ هڪ غير مسلم **محقق** جي تاثرات جي مطابق شروع ۾ تہ انساني جسم شراب جي نقصانن جو مقابلو ڪري ويندو آهي ۽ شرابيءَ کي وٽندڙ ڪيفيت ملي ويندي آهي پر جلد ئي داخلي (يعني جسم جي اندروني) برداشت واري قوت ختم ٿي ويندي آهي ۽ لڳاتار هاجيڪار اثر پوڻ شروع ٿيندا آهن. شراب جو سڀ کان گهڻو اثر **جيري (جگر)** تي پوندو آهي ۽ اهو سُسڻ لڳندو آهي، **گردن (بڪين)** تي واڌارو بار پوندو آهي، جيڪي آخرڪار بيحال ٿي ڪري ناڪاره (يعني Fail) ٿي ويندا آهن، ان کان سواءِ شراب جي استعمال جي گهڻائي **دماغ** کي سُڄائي ڇڏيندي آهي، مشڪون (يعني رڳون) ساڻيون ٿي پونديون آهن نتيجي طور مشڪون ڪمزور ۽ پوءِ تباهہ ٿي ويندیون آهن، شرابي جي **معدي** ۾ سوڄ ٿي ويندي آهي، **هڏيون** نرم، ۽ ڪمزور ٿي ويندیون آهن، شراب جسم ۾ موجود **وٽامنز** جي ذخيرن کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي، وٽامن B ۽ C ان جي تباهڪاري جو خاص طور تي نشانو بڻجندا آهن. شراب سان گڏوگڏ جيڪڏهن تماڪ (يعني سگريٽ) جو استعمال ڪيو وڃي تہ اهو ان جي هاجيڪار اثرن کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو آهي ۽ **هاءِ بلڊ پريشر، اسٽروڪ ۽ دل جي دؤري** جو شديد خطرو رهندو آهي، گهڻو شراب پيئندڙ، **ٽڪاوٽ، مٿي جي سور**، دل ڪچي ٿيڻ (الٽيون اچڻ واري ڪيفيت) ۽ **اڄ جي شڏت** ۾ مبتلا رهندو آهي. تمام گهڻو

شراب پيئڻ سان دل ۽ عملِ تنفس (يعني ساهه کڻڻ جو عمل) رڪجي ويندو آهي ۽ شرابي ٿُرت ئي موت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی چڑھائے گا ایسا نشہ مَدَنی ماحول
اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے تو سُدھر جائیں گے گر ملا مَدَنی ماحول
نَمازیں جو پڑھتے نہیں ہیں ان کو لاریب
نمازی ہے دیتا بنا مَدَنی ماحول

﴿47﴾ انڌو شرابي

مون (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ هڪ شوخ مزاج (ڪاوڙيل طبيعت) صحتمند نوجوان جوڙيا بازار، (باب المدينه ڪراچي) ۾ مزدوري ڪندو هيو. هو صحتمند هجڻ ۽ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي سبب نمايان هيو. پوءِ مٿانئس هڪ اهڙو دؤر آيو جو هو انڌو ٿي ويو ۽ نهايت ئي غمگيني سان خيرات گهرندو وتندو هو. معلومات ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي شرابي هيو ۽ هڪ پيري خراب شراب پيئڻ ڪري ان جي اکين جا ڏيئا (چراغ) وسامي ويا!

کرلے توبہ اور تُو مت پی شراب ہوں گے ورنہ دو جہاں تیرے خراب
جو جُو آ کھیلے، پیئے ناداں شراب قبر و حشر و نار میں پائے عذاب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿48﴾ ڪپڙو پنهنجو پاڻ اڻجندو رهيو

حضرت سيّدُنا شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي حضرتِ سيّدُنا قاضي حميد الدين ناگوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا مُريد هئا، تمام باڪمال ۽

صاحب ِحال بزرگ هئا، حضرتِ سيّدُنا شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي تمام گهٽ ڪنهن کي پسند فرمائيندا هئا پر حضرتِ سيّدُنا شيخ احمد نَهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي باري ۾ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان مشغوليت جو وزن ڪيو وڃي تہ ڏهہ صوفين جي مشغوليّت جي برابر هوندي، سندن ڪاروبار ڪپڙا اُٽڻ هو، حضرتِ سيّدُنا شيخ نصيرالدين محمود عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَعبود فرمائن ٿا، گهر ۾ ڪپڙا اٽيندي ڪڏهن ڪڏهن **شيخ احمد نهرواني** قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جو هوش ۾ نہ هوندا هئا پر **ڪپڙو پاڻمرادو اٽجندو رهندو هو**. هڪ ڏينهن سندن **پير و مرشد** حضرتِ سيدُنا قاضي حميد الدين ناگوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ملاقات جي لاءِ تشريف ڪٽي آيا، موڪلائڻ وقت **مرشد** فرمايو، **" اي احمد!** آخر ڪيستائين اهو ڪم ڪندو رهندين؟ اهو فرمائي ڪري اهي تشريف وٺي ويا، شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ان وقت (چرخي جي) ڪِلي ڇِڪڻ لاءِ اٽيا تہ اوچتو سندن هٿ مبارڪ چرخي ۾ ڦاسي ڪري پڄي پيو، ان واقعي ڪانپوءِ شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي بافندگي (يعني ڪپڙا اٽڻ وارو ڌنڌو) بلڪل ڇڏي ڏنو ۽ مڪمل طور تي الله عَزَّوَجَلَّ سان لنئون لڳايائون، سندن مزار مبارڪ بدايُون شريف (هند) ۾ آهي.

(اخبارالاخيار مع مڪتوبات ص47)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿49﴾ گِدري وارو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علماءَ ۽ اولياءَ مسلمانن جي هر قوم ۽ هر ڪاروبار ڪرڻ وارن ۾ ٿيندا رهيا آهن ۽ قيامت تائين ٿيندا رهندا. خداعَزَّوَجَلَّ جو فضل ڪنهن نسل يا قوم ئي سان خاص ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهيندو آهي پنهنجي رَحمت سان نوازيندو آهي. زمين تي بيشمار **اولياءُالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی هر وقت موجود رهندا آهن ۽ انهن جي برڪت سان دنيا جو نظام هلندو آهي. جيئن حضرتِ سيّدُنا شاهه عبدالعزيز محّدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی سان ڪنهن ماڻهوءَ شڪايت ڪئي تہ سائين! ڇا سبب آهي جو اڄڪلهہ دهليءَ جو انتظام ”تمام سُست“ آهن؟ فرمايائون اڄڪلهہ هتان جا صاحبِ خدمت (يعني دهلي جا ابدال) سُست آهن، پُڇيائين ڪير آهن؟ فرمايائون فلاڻا ميوو وڪڻندڙ جيڪي فلاڻي بازار ۾ **گِدرو** وڪڻن ٿا، پُڇڻ وارو شخص وڻن پهتو **گِدرو** کي چتيون هڻندو ۽ چڪي ڪري سي ناپسند ڪندو ٽوڪريءَ ۾ رکندو ويو، ايڏو نقصان ڪندڙ کي بہ انهن ڪجهہ نہ چيو. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڏٺائين تہ انتظام بلڪل درست آهي ۽ حالات بدلجي ويا آهن تہ انهيءَ شخص وري پُڇيو تہ اڄڪلهہ ڪير آهن؟ شاهہ صاحب فرمايو هڪ **ماشڪي** يعني پاڻي پيارينڊڙ آهن جيڪي چاندني چوڪ تي پاڻي پيارينڊا آهن پر هڪ گلاس جو هڪ ڪسيرو (ڪسيرو انهن ڏينهن ۾ سيني ڪان ننڍو سِڪو هو يعني هڪ پيسي جو چوٿون حصو) وننڊا آهن، هو هڪ سِڪو ڪٽي ويو ۽ ان کي ڏئي ڪري ڪانئن پاڻي گهريائين، انهن پاڻي ڏنو

تہ هن پاڻي هاري ڇڏيو ۽ ٻيو گلاس گهريائين، پاڻي پيارينڊ پُڇيو ٻيو سِڪو اٿئي؟ چيائين نہ، انهن ڪيس چمات وهائي ڪڍي ۽ چيائون گِدري وارو سمجهيو اٿئي ڇا؟

(سچي حڪايات حصو ٽيون ص97 مڪتبه جام نور دهلي)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسانجي مغفرت ٿئي.

روحاني حاڪم

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله وارا روحاني حاڪم هوندا آهن ۽ هي ٻه معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون ڳالهيون انهن الله وارن جي علم ۾ هونديون آهن، هر وليءَ جي ولايت جي شهرت ۽ ڏوم ڏام هئڻ ضروري ناهي، اهي بزرگ مُعاشري جي هر طبقي ۾ هوندا آهن، ڪڏهن مزدور جي ويس ۾، ڪڏهن سبزي ۽ ميوا وڪڻندڙ جي صورت ۾ ڪڏهن واپاري يا ملازم جي شڪل ۾، ڪڏهن چوڪيدار يا ڪاريگر جي روپ ۾ وڏا وڏا اولياء هوندا آهن. هر ڪو انهن کي سڃاڻي ناهي سگهندو، اسان کي ڪنهن ٻه مسلمان کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي، ڪجهہ اولياءِ ڪرام باقاعده ”روحاني نظام“ سان ڳنڍيل هوندا آهن. جيئن تہ

356 اولياءِ ڪرام

حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، ”الله **تعاليٰ** جا **300** ٻانها ذرتيءَ تي اهڙا آهن جو انهن جون دليون حضرتِ سيّدُنا آدم **صفي الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **چاليهن** جون دليون حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽

ستن جون دليون حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليل الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **پنجن** جون دليون حضرت سيّدُنا جبريل عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **ٽن** جون دليون حضرتِ سيّدُنا ميڪائيل عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن، ۽ **هڪ** انهن مان اهڙو آهي جنهن جي دل حضرتِ سيّدُنا اسرافيل عَلَیْهِ السَّلَام جي دل مبارڪ تي آهي، جڏهن انهن مان "**هڪ**" وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي "ٽن" مان هڪڙي کي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن انهن "ٽن" مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي "پنجن " مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن "پنجن " مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي "ستن" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن "ستن" مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي"چاليهن" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن "چاليهن " مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي " ٽن سون" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن "**ٽن سون**" مان‌ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي عام ماڻهن مان ڪنهن کي مقرر فرمائيندو آهي، انهن جي ذريعي (وسيلي) سان زندگي ۽ موت ملندو آهي، برسات وسندي آهي، فصل ٿيندا آهن ۽ مصيبتون دور ٿينديون آهن. حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان پُڇيو ويو،" انهن جي ذريعي ڪيئن زندگي ۽ موت ملندو آهي؟" فرمايائون، " اهي الله **تعاليٰ** کان امت جي گهڻائيءَ جو سوال ڪندا آهن تہ امت جو تعداد گهڻو ٿي ويندو آهي ۽ ظالمن جي لاءِ بد دعا ڪندا آهن تہ انهن جي طاقت ختم ٿي ويندي آهي، اهي دعا ڪندا آهن تہ برسات وسندي آهي زمين ماڻهن

لاءِ فصل پيدا ڪندي آهي، ماڻهن کان مختلف قسمن جون مصيبتون دور ڪيون ويندیون آهن. (حلية الاولياء ج1 ص 40 حديث 16)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

ابدال

حضرتِ سيّدُنا امام محمد بن علي حڪيم ترمذي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، تہ حضرتِ سيّدُنا ابو درداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زمين جا اوتاد هئا،جڏهن نُبُوَّت جو سلسلو ختم ٿيو، تہ الله تعاليٰ امتِ احمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هڪ قوم کي انهن جو نائب بڻايو جن کي ابدال چوندا آهن، اهي (فقط) روزي، نماز، تسبيح ۽ تقديس ۾ ڪثرت جي ڪري ماڻهن کان افضل ناهن ٿيا بلڪ پنهنجي حسنِ اخلاق، پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي سچائي، سني نيّتن، تمام مسلمانن کان پنهنجي سينن جي سلامتي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حلم (يعني بردباري)، صبر ۽ دانشمندي، بغير ڪمزوريءَ جي عاجزي ۽ تمام مسلمانن جي خير خواهي جي سبب افضل ٿيا آهن. پوءِ اهي **انبياء ڪرام** عَلَيْهِمُ السَّلَام جا نائب آهن، اهي اهڙي قوم آهن جو الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي ذات مبارڪ جي لاءِ منتخب ۽ پنهنجي علم ۽ رضا جي لاءِ خاص ڪري چڏيو آهي. اهي **40 صديق** آهن، جن مان **30 رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي خليل حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي يقين وانگر آهن. انهن جي ذريعي زمين وارن کان آفتون ۽ ماڻهن کان مصيبتون ٽرنديون آهن. انهن جي ذريعي ئي برسات ٿيندي آهي ۽ رزق ڏنو ويندو آهي، انهن مان ڪو انهيءَ وقت فوت ٿيندو آهي جڏهن الله تعاليٰ ان جي

جانشيني جي لاءِ ڪنهن کي حڪم ڏئي چُڪو هوندو آهي، اهي ڪنهن تي لعنت ناهن موڪليندا، پنهنجي ماتحتن کي تڪليف ناهن ڏيندا، انهن تي (مارڻ لاءِ) هٿ ناهن کڻندا،انهن کي حقير ناهن سمجهندا، پاڻ تي فوقيت رکڻ وارن تي ساڙ ناهن ڪندا، دنيا جو حرص ناهن ڪندا، ڏيکاءَ جي لاءِ خاموشي اختيار ناهن ڪندا، تڪبُّر ناهن ڪندا ۽ ڏيکاءَ جي عاجزي به ناهن ڪندا. اهي ڳالهائن ۾ سيني ماڻهن کان سنا ۽ نفس جي اعتبار کان گهڻا پرهيزگار هوندا آهن، سخاوت انهن جي فطرت ۾ شامل آهي، اسلاف (اڳيان بزرگ) جن (نامناسب) شين کي ڇڏيو، انهن کان محفوظ رهڻ انهن جي صِفَت آهي، سندن اها صِفَت جدا ناهي ٿيندي، جواڄ خوف جي حالت ۾ هجن ۽ سياڻي غفلت ۾ پيل هجن، بلڪ اهي پنهنجي حال تي هميشگي اختيار ڪندا آهن، اهي پنهنجي ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هڪ خاص تعلق رکندا آهن، ڪين آنڌاري واري هوا ۽ بيباڪ گهوڙا نه ٿا پهچي سگهن. انهن جون دليون الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشي (يعني رضا) ۽ شوق ۾ آسمان ڏانهن بلند ٿينديون آهن، پوءِ (28 سيپاري سُوْرَةُالْمُجَادَلَةِ جي) هي آيت (نمبر22) تلاوت ڪيائون،

أُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۲۲﴾

(ترجمو ڪنزالايمان :اها الله (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت آهي، پُڌو بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت وارائي ڪامياب آهن.)

راوي چون ٿا مون عرض ڪيو، ”اي ابودرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ! جيڪو ڪجهه توهان بيان فرمايو آهي ان مان ڪهڙي ڳالهه مون تي ڳري

آهي؟ مون کي ڪيئن معلوم ٿئي تہ مون ان کي ماڻي ورتو؟“ فرمايائون، ”توهان ان جي وچين درجي ۾ ان وقت پهچندؤ جڏهن دنيا سان بغض رکندؤ ۽ جڏهن دنيا سان بغض رکندؤ تہ آخرت جي محبت پنهنجي قريب پائيندؤ ۽ توهان جيترو دنيا کان زهد (يعني بي رغبتي) اختيار ڪندؤ اوترو ئي توهان کي آخرت سان محبت ٿيندي ۽ جيترو اوهان آخرت سان محبت ڪندؤ اوترو ئي پنهنجي نفعي ۽ نقصان وارين شين کي ڏسندؤ (وڏيڪ فرمايائون) جنهن ٻانهي جي سچي طلب خدا عَزَّوَجَلَّ جي علم ۾ هوندي آهي ان کي قول ۽ فعل جي درستي عطا فرمائيندو آهي ۽ پنهنجي حفاظت ۾ وٺي ڇڏيندو آهي. ان جي تصديق الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ موجود آهي پوءِ (14 سيپاري سُوْرَةُ النَّحْلِ جي) هيءَ آيت (نمبر 128) تلاوت فرمائي،

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ الَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿۱۲۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن سان گڏ آهي، جيڪي ڊڄن ٿا ۽ جيڪي نيڪيون ڪن ٿا.

(وڏيڪ فرمايائون) جڏهن اسان هن (قرآن مجيد) ۾ ڏٺو تڏهن هي مليو تہ الله تعاليٰ جي محبت ۽ ان جي رضا جي طلب کان وڏيڪ لذت ڪنهن شيءِ مان حاصل ناهي ٿيندي. (نوادر الاصول للحكيم الترمذي ص168)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

نہ پوچھ ان خرقہ پوشوں کی عقیدت ہے تو دیکھ ان کو
یدِ بَیضاء لئے ہیں اپنی اپنی آستینوں میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿50﴾ بڪايل شاگردن جي فرياد

مشهور محدثينِ ڪرام حضرتِ سيّدُنا امام طبراني، حضرتِ سيّدُنا علامہ ابن المقري ۽ حضرت سيّدنا ابوالشيخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ٽيئي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ علمِ دين حاصل ڪندا هئا. هڪ ڀيري مٿن بُکن جو دؤر آيو، روزن مٿان روزا رکندا رهيا پر جڏهن ڪين **بُک جي شدت** بلڪل ئي بيحال ڪري ڇڏيو تہ ٽنهي رَحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** جي **روضي مبارڪ** تي حاضر ٿي ڪري فرياد ڪئي، تہ **يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "**اَلْجُوْع**!" يعني آقا! بُک! اهو عرض ڪري امام طَبَراني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تہ آستاني مبارڪ تي ئي وينا رهيا ۽ چيائون هن در تي يا تہ **موت** ايندو يا روزي، هاڻي هتان نہ اٿندس.

میں ان کے در پر پڑا رہوں گا پڑے ہی رہنے سے کام ہوگا
نگاہِ رَحمت ضَرور ہوگی بعام کا انتِظام ہوگا

حضرتِ سيّدُنا ابن المقري ۽ حضرتِ سيّدُنا ابوالشيخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى پنهنجي رهائش گاهہ تي واپس موٽي آيا، ٿوري دير ڪانپوءِ ڪنهن دروازو کڙڪايو، دروازو کوليائون تہ ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ **عَلَوي بزرگ** بن غلامن سان ڪاڏو ڪٽي بينا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن تہ توهان **رسول الله** عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ **بُک** جي شڪايت ڪئي، تہ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي هاڻي **خواب** ۾ نبيّ رَحْمت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زيارت کان مشرف فرمائي ڪري مون کي حڪم فرمايائون تہ مان توهان وٽ ڪاڏو پهچايان، ان لاءِ جيڪو ڪجهہ هن وقت مون کان ٿي سگهيو سو

حاضر ڪيو آهي توهان قبول فرمايو. (تذكرة الحفاظ ج3 ص121)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

ہر طرف مدینے میں بھیڑ ہے فقیروں کی
ایک دینے والا ہے کل جہاں سُوالی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بارگاهِ رسالت صلی اللہ علیہ وسلم ۾ فرياد پڌي ويندي آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! اسان جا اسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى علم حاصل ڪرڻ خاطر ڪيڏيون تڪليفون برداشت ڪندا هئا، انهن بُکن تي بُکون ڪاٽي به علمِ دين حاصل ڪيو، انتهائي جاکوڙ ۽ سخت ترين محنت سان تصنيفن ۽ تاليفن (يعني ڪتابن) جا مُشڪبار مدني گلدستا تيار ڪري اسان ڏانهن وڌايا،پرافسوس! هاڻي اڪثر مسلمان انهن ڏانهن بلڪل به توجهه نه ٿا ڪن، انهن بزرگن کي آخرت جي سرمائي جي طلب ۽ شوق هو ۽ اڄ جي مسلمانن جي اڪثريت کي رُڳو دنيا جو مال ڪمائڻ جو شوق آهي،هن حڪايت مان هي به معلوم ٿيو ته اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين تي جڏهن ڏکيو وقت ايندو هيو ته نهايت ئي عقيدت سان بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاجت روائي جي لاءِ فرياد ڪندا هئا. سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ دل جي گهراين سان نڪتل صدا ضرور پُڌي ويندي آهي، منهنجا آقا، اعلیٰ حضرت، عاشق ماهِ رسالت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن حدائقِ بخشش شريف ۾ فرمائن ٿا ته....

واللہ وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اتنا بھی تو ہو کوئی جو "آہ" کرے دل سے

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ بارگاهِ رسالت ۾ ڪيل فرياد هڪدم ٻُڌي وئي ۽ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، شهنشاهِ ابرار، جناب احمد مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بنا دير مشڪل حل ڪئي ۽ پنهنجي ٻُڪايل غلامن لاءِ ڪاڏو به موڪليو.

درِ رسول سے اے راز کیا نہیں ملتا؟
کوئی پلٹ کے نہ خالی گیا مدینے سے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ سفر به آهي، ان سان علم حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ اڪثر ڪري دنياوي تڪليفون به دور ٿي ويندیون آهن. جيئن ته

﴿51﴾ هيپاٽائيٽس C کان نجات

هڪ شخص جي هيپاٽائيٽس C جي بيماري شدت اختيار ڪري چُڪي هئي، هو بستري ۾ داخل ٿي چُڪا هئا، گهمي ڦري به نه پئي سگهيا، ڊاڪٽرن کين لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو هو، سندن پٽ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيو ۽ سفر جي دوران خوب ڀاڏائي ڪري پنهنجي والد صاحب جي صحتيابي لاءِ دعا گهريائون، جڏهن مدني قافلي جي سفر کان واپس آيا ته سندن خوشيءَ جي انتها نه رهي جو سندن والد صاحب صحتمند ٿي ڪري آهستي آهستي گهمي ڦري رهيا هئا.

باپ بيمار ہو، سخت بيزار ہو پائے گا صِحّتيں، قافلے ميں چلو
واہو بابِ کرم، دُور ہوں سارے غم پھر سے خوشياں ملیں، قافلے ميں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿52﴾ روشن ضمير نانوائي

حضرت سيّدُنا **سهل بن عبدالله تُستري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى هڪ موقعي تي فرمايو ته بصري جو فلاڻو نانوائي (يعني مانيون پچائڻ وارو) **ولي الله** آهي، اهو ٻڌي سندن هڪ مُريد زيارت جي شوق ۾ بصري پهتو ۽ ڳوليندو ان **نانوائيءَ** جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو، هو ان وقت مانيون پچائي رهيا هئا (اڳي عام طور سڀ مسلمان ڏاڙهي رکندا هئا تنهنڪري ان دؤر جي نانوائين جي دستورمطابق) ڏاڙهي جي وارن جي سڙڻ کان حفاظت خاطر چهري جي هيٺين حصي تي نقاب پائي ڇڏيو هئائون، ان مُريد دل ۾ چيو ته جيڪڏهن هي ولي هجن ها ته نقاب نه ٻه پائن ها تڏهن ٻه سندن وار نه سڙن ها، ان ڪانپوءِ هن نانوائيءَ کي سلام ڪيو ۽ ڳالهائڻ چاهيو ته ان **روشن ضمير** (يعني دلين جا راز ڄاڻيندڙ) **نانوائيءَ** سلام جو جواب ڏئي ڪري فرمايو، ”تو مون کي حقير تصور ڪيو ان لاءِ منهنجي ڳالهين کان نفعو حاصل نه ٿو ڪري سگهين“. اهو چوڻ کان پوءِ ان **گفتگو** ڪرڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيو. **(الرسالة القشيريه ص 363)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿53﴾ گودڙيءَ جو لعل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته ولي هجڻ لاءِ مشهوري ۽ اشتهار، وڏا وڏا جُبا ۽ دستار ۽ عقيدتمندن جي ڊگهي قطار هئڻ ضروري ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي نوازي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اولياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي ماڻهن ۾ لڪل رکيو آهي تنهنڪري اسان کي هر نيڪ ٻانهي جو احترام ڪرڻ گهرجي اسان کي ڪهڙي خبر ته ڪير **گودڙيءَ جو لعل** (يعني لڪل ولي) آهي! هڪ ڀيري آءُ (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي هئس، اسان جي ريل گاڏي ۾ هڪ سنهي قد بت ۽ بغير ڏاڑهي ۽ بغير ڪشش وارو ڇوڪرو انتهائي سادو لباس پاتل سيني کان الڳ ڪنهن خيال ۾ گم وينو هو. ڪنهن اسٽيشن تي ٽرين بيني، رُڳو ٻن منٽن جو وقفو هو، اهو ڇوڪرو پليٽ فارم تي لهي ڪري هڪ **بينچ** تي ويهي رهيو. اسان سيني ٽيپهريءَ جي نماز جي جماعت شروع ڪئي، اجان مشڪل سان هڪ رڪعت ٿي هئي ته سيٽي وڳي ماڻهن گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ته گاڏي وڃي رهي آهي، سڀ نماز اڌ ۾ ڇڏي ٽرين ڏانهن وڌيا ته اهو **ڇوڪرو** بيهي رهيو ان مون کي اشاري سان ڇڙپ ڏيندي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو! اسان ٻيهر جماعت قائم ڪئي حيرت انگيز طور تي ٽرين بيني رهي. نماز کان فارغ ٿي ڪري اسان جيئن ئي سوار ٿياسين ته ٽرين هلڻ لڳي ۽ اهو ڇوڪرو انهيءَ **بينچ** تي ويهي لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيو، ان مان مون کي اندازو ٿيو هو ته ڪو "**مجذوب**

" هوندو جنهن اسان کي نماز پڙهائڻ جي لاءِ پنهنجي روحاني طاقت سان ٽرين کي روڪي رکيو هو.

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٽي شيون ٽن شين ۾ لڪيل آهن

خليفه اعليٰ حضرت، فقيه اعظم، مولانا ابو يوسف محمّد شريف ڪوٽلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا تہ " الله تعاليٰ ٽن شين کي **ٽن** شين ۾ لڪيل رکيو آهي، **(1)** پنهنجي **راضپي** کي پنهنجي **اطاعت** ۾ **(2)** پنهنجي **ناراضپي** کي نافرماني ۾ **(3)** پنهنجي **ولين** کي پنهنجي بانهن ۾ لڪيل رکيو آهي." تنهن ڪري هر اطاعت ۽ هر نيڪيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي جو خبر ناهي تہ ڪهڙي نيڪيءَ تي هو راضي ٿي وڃي ۽ هر نندي کان نندي گناهہ کان بچڻ گهرجي، ڇو تہ نہ ڄاڻ هو ڪهڙي گناهہ تي ناراض ٿي وڃي. مثال طور ڪنهن جي تيليءَ سان خلال ڪرڻ هڪ معمولي ڳالهہ آهي يا ڪنهن پاڙيسريءَ جي مٿيءَ سان ان جي اجازت جي بغير هٿ ڌوئڻ بظاهر هڪ نندڙي ڳالهہ آهي پر جيئن تہ اسان کي خبر ناهي ان لاءِ ممڪن آهي متان ان برائيءَ ۾ حق تعاليٰ جي ناراضگي لڪيل هجي تہ اهڙين نندين نندين ڳالهين کان بہ بچڻ گهرجي. **(اخلاق الصالحين ص56 مكتبة المدينه باب المدينه كراچي)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دل ۾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو احترام پيدا ڪرڻ لاءِ فيضانِ اولياءِ سان مالا مال **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ**

اسلاميءَ جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت فرمايو، پوءِ ڏسو تہ توهان تي ڪهڙو مدني رنگ ٿو چڙهي! ترغيب خاطر دعوتِ اسلاميءَ جي هڪ ”بهار“ خدمت ۾ پيش آهي، جيئن .....

﴿54﴾ منهنجي بدمعاشيءَ جي عادت ڪيئن ختم ٿي؟

باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ايرندڙ جوانيءَ ۾ سٺي صحت مون کي مغرور بڻائي ڇڏيو هو، نوان نوان فيشني ڪپڙا سبرائڻ، ڪاليج ايندي ويندي بس جي ٽڪيٽ نہ ڏيڻ، ڪنڊيڪٽر گهري تہ بدمعاشيءَ تي لهي اچڻ، رات دير تائين آواره گردي ۾ وقت ضايع ڪرڻ، جوا ۾ پيسا وڃائڻ وغيره هر طرح جو گناهہ مون ۾ گهر ڪري ويو هو، والدين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا هئا، مون بدڪار جي اصلاح جي لاءِ دعائون گهرندي گهرندي منهنجي امڙ جون پنبڻيون آليون ٿي ويندیون هيون، اسان جي علائقي جا هڪ اسلامي ڀاءُ ڪڏهن ڪڏهن سرسري طور تي **دعوتِ اسلاميءَ** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا، مان بہ ٻُڌي ڪري وساري ڇڏيندو هيس، هڪ ڀيري اجتماع واري شام انهيءَ اسلامي ڀاءُ **محبت** ڀرئي انداز ۾ زور ڀريو تہ اڄ توهان کي هلڻو ئي پوندو، مان ٽاريندو رهيس پر انهن نہ مڃيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي انهن رڪشا روڪي ورتو ۽ وڏي منٿ سان ڪجهہ اهڙي انداز ۾ ويهڻ جي درخواست ڪيائون جو هاڻي مون کان انڪار نہ ٿي سگهيو، مان ويهي رهيس ۽ اسان **دعوتِ اسلاميءَ** جي پهرين مدني مرڪز جامع مسجد **گلزارِ حبيب** اچي پهتاسين،

جڏهن دعا جي لاءِ بتيون وسايون ويون تڏهن هي سمجهيو تہ اجتماع ختم ٿي ويو، مان اٿيس، مون کي ڪهڙي خبر تہ اچڻ وارا لمحا منهنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪندا. خير منهنجي ان محسن اسلامي ڀاءُ محبت ڀرئي انداز ۾ سمجهائي ڪري مون کي وڃڻ کان روڪيو، مان ٻيهر ويهي رهيس، اوندهہ ۾ بلند آواز سان ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ جي آواز منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي! خدا جو قسم! مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙي روحانيت نہ ڏني هئي نہ ٻُڌي هئي پوءِ جڏهن **رقت انگيز دعا** شروع ٿي تہ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن جي سڏڪن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، ايتري تائين جو مون جهڙو پٿر دل ماڻهو بہ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو، مون پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جو ٿي ويس.

تمہیں لُطف آ جائے گا زندگی کا قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
تَنَزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی ترقّی کا باعث بنا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر
جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

دعوتِ اسلاميءَ جو پهريون مدني مرڪز

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعو **دعوتِ اسلاميءَ** جي شروع وارن ڏينهن جو آهي. جڏهن 1401 هہ تي باب المدينه ڪراچي ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي نالي سان مدني ڪم جي شروعات ڪئي وئي، تہ ان وقت باب المدينه ۾ مناسب جڳهہ تي ڪنهن وڏي مسجد جي ترڪيب نہ هئي جتي هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع ڪري

سگهجي، انهن ڏهاڙن ۾ مان (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) اهلسنّت جي علماء و مشائخ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري **دعوتِ اسلامي** سان تعاون جون درخواستون پيش ڪندو هئس، ڇو ته منهنجو درد هو ۽ مون تي هڪ ڏُن سوار هئي ته مسلمانن جي عقائد جي تحفظ ۽ احوال و اعمال جي اصلاح جو وسيع پيماني تي مدني ڪم ڪيو وڃي. منهنجي درد کي لفظن جي صورت ۾ ڪجهه هن طرح پيش ڪري سگهجي ٿو،

”مونکي پنهنجي ۽ سڄيءَ دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي (اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ)“

بهرحال ان سلسلي ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي لاءِ تعاون جي مدني التجاء ڪڻي، خطيبِ پاڪستان، واعظِ شيرين بيان، عاشقِ رَحمت عالميان، محب اهلسنّت وصحابهءِ ذيشان، جان نثار اولياءُ الرحمٰن حضرت علامه مولانا الحافظ الشاهه **محمد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي جي گهر شريف تي حاضر ٿيس، مون سندن خدمت ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي باري ۾ عرض ڪيو ته ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پنهنجي دستخط سان **دعوتِ اسلاميءَ** جي لاءِ تائيدي خط لکي ڏنائون، سندن مسلڪ اهلسنّت سان **محبت** صد ڪروڙ مرحبا! بنا گهرڻ جي باب المدينه جي وچ ۾ قائم پنهنجي نگراني هيٺ جامع مسجد گلزارِ حبيب (گلستانِ اوڪاڙوي باب المدينه ڪراچي) ۾ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي سعادت عطا فرمائي. تنهن ڪري **دعوتِ اسلاميءَ جو پهريون مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حبيب بڻيو**. سندن جي **حياتيءَ** ۾ ۽ وفات ڪانپوءِ اسان ورهين تائين اتي هفتيوار سنّتن

پريو اجتماع ڪيو، عاشقانِ رسول جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو، ايتري تائين جو جامع مسجد گلزارِ حبيب اجتماع جي لاءِ ناڪافي ٿي وئي، الله عَزَّوَجَلَّ اسباب مهيا ڪيا، سيني اسلامي پائرن خوب پج ڊڪ ڪئي، تقريبًا سوا ٻہ ڪروڙ پاڪستاني روپين جو چندو گڏ ڪيو ويو ۽ (**پراٽي**) سبزي مَنڊي جي پر ۾ باب المدينه ڪراچيءَ ۾ تقريبًا **ڏهہ** هزار گز جو پلاٽ خريد ڪيو ويو ۽ پوءِ وڌيڪ ڪروڙين روپين جي چندي سان عظيم الشّان **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه** قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ شاندار مسجد، مدني ڪمن جي لاءِ بيشمار مڪاتب (يعني ڪمرا)، ۽ جامعة المدينه جي عاليشان عمارت جي ذريعي لکين مسلمان **فيضانِ مدينه** حاصل ڪري رهيا آهن.

سنّت کی بہار آئی فیضانِ مدینہ میں
رحمت کی گھٹا چھائی فیضانِ مدینہ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿55﴾ خطيبِ پاڪستان جي هڪ حڪايت

خطيبِ پاڪستان حضرت مولانا **محمّد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى زبردست عاشقِ رسول هئا. **مدينهءِ منوره** ۾ سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ کي 1417 هہ ۾ مدينهءِ منوره جي رهائشي حاجي غلام شبير صاحب هي ايمان افروز واقعو ٻُڌايو تہ ”هڪ ڀيري حضرت قبلہ سيّد خورشيد احمد شاهہ صاحب مون کي فرمايو، هڪ ڏينهن مدينهءِ منوره

۾ حضرت خطيب پاڪستان مولانا **محمّد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي مون وٽ روئندا آيا ۽ چوڻ لڳا، توهان مون سان گڏ مُواجَهَه شريف وٽ هلو، مون کي سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مُعافي گهرڻي آهي، پُڇڻ تي ٻُڌايائون تہ ڪالهہ مسجد النبوي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ هڪ بي ادب مقرّر الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان ۾ توهين ڪئي، تہ مون ڪيس اعتراض ڪندي روڪيو، ان تي ڳالهہ وڌي وئي ۽ ان جا حمايتي اچي ويا، انهن مون تي سختيون ڪيون، جنهن سبب مان مايوس ٿي ويس، رات جو خواب ۾ جناب **رسالت مآب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون،”بس منهنجي خاطر ٿورڙي سختي بہ برداشت نہ ڪري سگهيؤ!“

حضرت قبلہ اوڪاڙوي صاحب جو چوڻ هو، ڳالهہ اصل ۾ هيءَ آهي تہ دل ۾ ٿوري وڏائي اچي ويئي ۽ تذليل ڪي مون پنهنجي شان ۾ گهٽتائي تصوّر ڪيم، انهيءَ لاءِ حضورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي تنبيهہ فرمائي، تنهنڪري آءُ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار شريف ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي دل جي وسوسي جي مُعافي گهرڻ چاهيان ٿو.

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

خاک ہو کر عشق میں آرام سے سونا ملا

جان کی اِکسیر ہے الفت رسولُ اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿56﴾ پياري آقا ﷺ جي مدد جي ايمان افروز حڪايت

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! عاشقن جا بہ ڇا خوب انگل برداشت ڪيا ويندا آهن! معلوم ٿيو تہ سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بِاِذْنِ پروردگارعَزَّوَجَلَّ پنهنجي غلامن جي احوال و افڪار کان هر وقت خبردار رهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن خواب ۾ ديدار سان مُشرف فرمائي ڪري انهن جي امداد ۽ اصلاح ڪندا آهن، هن ضمن ۾ هڪ ٻي ايمان افروز حڪايت ملاحظ ڪريو، جيئن تہ

حضرتِ سيّدُنا شيخ يوسف بن اسماعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هڪ حڪايت نقل ڪئي آهي تہ، هڪ خُراساني حاجي صاحب هر سال حج جي سعادت حاصل ڪندا هئا ۽ جڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا حاضر ٿيندا هئا تہ اتي هڪ علوي بزرگ حضرتِ سيّدُنا طاهر بن يحييٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ نذرانو پيش ڪندا هئا هڪ ڀيري مديني شريف ۾ ڪنهن حاسد چيو تہ توهين اجايو پنهنجو مال ضايع ٿا ڪريو! طاهر صاحب غلط جڳهہ تي توهان جو نذرانو خرچ ڪندا آهن، سو مسلسل ٻہ **سال** انهن حضرتِ سيّدُنا شيخ طاهر عَلَيْهِ رَحْمَةُ التَّاصِر جي خدمت نہ ڪئي، **ٽئين سال** حج جي سفر جي موقعي تي حضور انور، **شافعِ محشر**، مديني جي تاجور، باذن رب اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوب داور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُراساني حاجي جي خواب ۾ جلوو فرمائي ڪري ڪجهہ هن طرح تنبيهہ فرمائي، ” توهان تي افسوس! مخالفن جي ڳالهہ ٻُڌي ڪري توهان **طاهر** سان سهڻي ورتاءُ جو رشتو ختم ڪري ڇڏيو! ان نقصان جو پوراءُ ڪريو ۽ ٻيهر تعلق ٽوڙڻ کان

بچو.“ تنهنڪري هو هڪ ڏر جي ڳالهه ٻڌي ڪري **بدگماني** ڪري ويهڻ تي سخت شرمندا ٿيا ۽ جڏهن **مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا حاضر ٿيا تہ سي ڪان پهريان ان علوي بزرگ حضرتِ سيّدُنا شيخ طاهر بن يحيٰ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهه ۾ حاضري ڏنائون، انهن ڏسندي ئي فرمايو،” جيڪڏهن توهان کي پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ موڪلين ها تہ توهان اچڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا، توهان مخالف جي **هڪ طرفي** ڳالهہ ٻڌي ڪري منهنجي باري ۾ غلط گمان قائم ڪري پنهنجي ڪريماڻي عادت ڇڏي ڏني، ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ توهان کي تنبيهہ فرمائي“ اهو ٻڌي ڪري خُراساني حاجي صاحب تي رقت طاري ٿي وئي. عرض ڪيائون، سائين! توهان کي اهو سي ڪيئن معلوم ٿيو؟ فرمايائون مون کي پهرئين سال ئي خبر پئجي وئي هئي، ٻئي سال بہ توهان بي توجهي ڪان ڪم ورتو تہ منهنجي دل صدمي سبب ڏاڍو ڏکي، ان تي **جناب رسالت مآب** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ ڪرم فرمائي ڪري مون کي دلاسو ڏنو ۽ توهان جي خواب ۾ تشريف کڻي اچي ڪري جيڪو ڪجهہ توهان کي فرمايو هئائون سو مون کي ٻُڌايائون، خُراساني حاجي خوب نذرانو پيش ڪيو، هٿ ۽ پيشاني چمڻ کانپوءِ هڪ طرفي ڳالهہ ٻُڌي غلط گمان قائم ڪري دل آزاريءَ جو سبب بڻجڻ تي علوي بزرگ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان مُعافي گهري.

(ملخصًا حجة الله علي العٰلمين ص571)

نہ کیوں کر کہوں یا حبیبی اغثنی[1] اِسی نام سے ہر مصیبت ٹلی ہے
خدا نے کیا تجھ کو آگاہ سب سے دو عالم میں جو کچھ خَفی و جَلی ہے[2]

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

هڪ طرفي ڳالهه ٻڌي ڪري فيصلو نه ڪرڻ گهرجي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي ته اسان جا مٿا مٿا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غلامن جي حالات کان باخبر رهندا آهن، ڏکايلن وٽ اچي ڪري دلاسا ڏيندا آهن، خطا ڪرڻ وارن جي خواب ۾ وڃي ڪري اصلاح فرمائيندا آهن، نيڪيءَ جي دعوت پهچائيندا آهن، گناهن تي توبهه جو حڪم فرمائيندا آهن، فاصلا مٽائيندا ۽ وڇڙيلن کي ملائيندا آهن.خُراساني حاجي صاحب چُغلخور جي ڳالهين ۾ اچي ڪري بدگماني جو شڪار ٿي ڪري هڪ طرفو ذهن بڻايو، ان تي **سيدالمبلغين رحمة للعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تنبيهه فرمائي ان مان اسان کي درس مليو ته نه اسان پاڻ چغلي هڻون نه هڪ طرفي ڳالهه ٻُڌي ڪري ٻئي ڏُر جي باري ۾ ڪو گمان قائم ڪريون. ٻلا ٿين ڀاڳ! بنا شرعي اجازت مسلمان جي خلاف ٻُڌڻ جي عادت ئي ڇڏي ڏيون جو اهڙيءَ ريت اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ غيبتن، چُغلين، بدگمانين، دل آزارين ۽ عيب ڪڍڻ جهڙن بيشمار ڪبيره گناهن جي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارن ڪمن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو.

---

[1] اي منهنجا پيارا منهنجي فرياد لاءِ پهچو!
[2] خفي و جلي يعني لڪيل ۽ ظاهر

چغلخور جنت ۾ نه ويندو

سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرتِ نشان آهي ته چغلخور جنّت ۾ نه ويندو. (صحيح بخاري ج4 ص 115 حديث 6056) هڪ ٻئي جڳهه تي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ته بيشڪ چغلخوري ۽ ڪِينو دوزخ ۾ وٺي ويندا. (الترغيب والترهيب ج3 ص324حديث 5)

عزت گهٽ ڪرڻ واريون شيون

حضرتِ سيّدُنا محمّد بن قُرَظي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو، سائين! عزت گهٽ ڪرڻ واريون ڪهڙيون ڪهڙيون عادتون آهن؟ فرمايائون ﴿1﴾ گهٽو ڳالهائڻ ﴿2﴾ راز کولڻ ﴿3﴾ هر ڪنهن جي ڳالهه (جيڪا ٻئي جي خلاف هجي) مڃي وٺڻ . (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 352)

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو شخص تو وٽ ڪنهن جي چغلي هڻندو آهي اهو تنهنجي خلاف به چغل خوري ڪندو آهي. **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، اهو ان طرف اشارو آهي ته چغل خور ناپسند ڪيو وڃي ۽ ان جي ڳالهه جو اعتبار نه ڪيو وڃي ۽ نه ئي ان کي سچو مڃيو وڃي ۽ ان کي ناپسند ڇو نه ڪيو وڃي جڏهن ته هو ڪوڙ، غيبت، دوکي، خيانت، ڪيني، حسد، منافقت ۽ ماڻهن جي وچ ۾ فساد ڦهلائڻ ۽ فريب ڏيڻ کي نه ٿو ڇڏي ۽ هي انهن ماڻهن مان آهي جيڪي **الله تعاليٰ** جي حڪم جي مخالفت ڪندي ماڻهن کي ملائڻ بدران انهن ۾ نفرتون ۽ ويڇا پيدا ڪندا آهن ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪندا آهن. (احياء العلوم ج3 ص193) جيئن ته :25 **هين** سيپاري ۾ سُوْرَةُ الشُّوْرٰى جي آيت نمبر

42 ۾ ارشاد آهي.

اِنَّمَا السَّبِيۡلُ عَلَى الَّذِيۡنَ يَظۡلِمُوۡنَ النَّاسَ وَيَبۡغُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ اُولٰٓـئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۴۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پڪڙ تہ انهن تي آهي جيڪي ماڻهن تي ظلم ڪن ٿا ۽ زمين ۾ ناحق سرڪشي ڪندا آهن.

چغلخور بہ هن آيتِ مبارڪ ۾ ڏنل حڪم ۾ داخل آهي ۽ ان جي احاديثِ مبارڪ مان بہ تائيد ٿي آهي جيئن تہ

نيڪ پانهي جي سچاڻپ چا آهي؟

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، بيشڪ ماڻهن مان اهي ماڻهو بُرا آهن جن کان ماڻهو صرف انهن جي شر جي سبب بچندا هجن. (مؤطا امام مالک ج2 ص 403 حديث 1719) وڏيڪ ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهه ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي الله تعاليٰ جا نيڪ ٻانها اُهي آهن جن کي ڏسو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ الله تعاليٰ جا بُرا ٻانها اهي آهن جيڪي چُغل خوري ڪندا آهن، دوستن ۾ جُدائي وجهندا آهن ۽ نيڪ ماڻهن جا عيب ڳوليندا آهن. (مُسند امام احمد ج 6 ص 291 حديث18020) هڪ ٻئي جڳهہ تي سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردار مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي تہ خبردار! ڪوڙ چهري ڪي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چغلخوري قبر جي عذاب (جو سبب) آهي. (مسند ابي يعليٰ ج 6 ص 272 حديث 7404) حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجور، ٻاِذن ربِّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، غيبت، طعنا هڻڻ، چُغل خوري ۽ بي گناهہ ماڻهن جا عيب ڳولينڌڙن کي الله تعاليٰ (قيامت جي

ڏينهن) **ڪُتن** جي شڪل ۾ اتاريندو. (الترغيب والترهيب ج3 ص 325)

يا ربِّ محمد تو مجھے نيک بنادے آمراض گناھوں کے مرے سارے مٹادے
ميں غيبت و چغلي سے رہوں دُور ہميشہ ہر خصلتِ بد سے مرا پيچھا توچُھڑادے
ميں فالتو باتوں سے رہوں دور ہميشہ
چُپ رہنے کااللہ! سليقہ توسِکھادے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿57﴾ صاحب مزار امداد فرمائي

تقريبًا ست سئو سال اڳ جو واقعو آهي، سلطان المشائخ حضرتِ سيّدُنا محبوب الاهي نظام الدين اوليا عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، حضرت مولانا ڪٿيلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي مون سان بيان ڪيو تہ دهليءَ ۾ هڪ سال ڏڪار پيو، هڪ موقعي تي بُک کان بي حال ٿي ڪري مون کاڏو حاصل ڪيو ۽ مسلمانن جي خير خواهيءَ جي جذبي جي نيّت سان پنهنجو پاڻ کي چيم هي کاڏو مون کي اڪيلو نہ کائڻ گهرجي ڪنهن ٻئي کي بہ شريڪ ڪرڻ گهرجي. ايتري ۾ هڪ گودڙي پهريل بزرگ منهنجي آڏو گذريا، مون کين دعوت ڏني، انهن قبول ڪئي ۽ اسان ٻئي کائڻ لاءِ ويهي رهياسين، مون گفتگوءَ جي دوران بزرگ آڏو اظهار ڪيم تہ مان ويهہ روپين جو مقروض آهيان، انهن چيو تہ مان توهان کي پيش ڪريان ٿو مون دل ۾ سوچيو تہ هي ڏاڍو غريب لڳي رهيا آهن خبر ناهي ڪيئن ڏيندا! کاڏي کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هو مون کي پاڻ سان گڏ هڪ مسجد ۾ وني ويا، اتي هڪ مزار شريف بہ هئي،

اسان اتي حاضري ڏني، سيرانديءَ کان بيهي ڪري انهن فرياد ڪئي ۽ ٻہ ڀيرا آهستي پنهنجو لڪڻ قبر شريف تي هڻندي چيو،”منهنجي رفيق کي ويهہ روپين جي ضرورت آهي، توهان عنايت فرمايو، “ پوءِ مون ڏانهن رخ ڪري چيائون،” ادا اوهين تشريف کڻي وڃو، اِنْ شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي 20 روپيا ملي ويندا.“ مولانا ڪٿيلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي چون ٿا تہ مون ان بزرگ جو هٿ چُميو، پوءِ ان کان موڪلائي شهر ڏانهن هليو ويس، مان ان وقت حيرت ۾ هئس تہ خبر ناهي اهي ويهہ روپيا مون کي ڪٿان ملندا! مون وٽ امانت طور رکيل هڪ خط هو جيڪو ڪنهن جي گهر ڏيڻو هو، ان لاءِ مان اهو خط کڻي”دروازهءِ ڪمال“ تائين پهتس، هڪ ٿُرڪ شخص پنهنجي گهر جي ڇَپري تي ويٺو هو، ان مون کي سڏ ڪيوءِ پنهنجي غلامن کي ڊوڙايائين، اهي وڏي احترام سان مون کي مٿي وٺي ويا، ٿُرڪ شخص انتهائي محبت سان مون سان مليو، مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪيس سجاڻي نہ سگهيس، اهو ٿُرڪ اهو ئي چوندو رهيو ڇا توهان اهي ئي ناهيو جنهن فلاڻي جڳهہ تي مون سان تمام سٺو سلوڪ ڪيو هو؟ مون ڪيس چيو تہ مان توهان کي نہ ٿو سجاڻان، ان چيو، توهان پاڻ کي ڇو ٿا لڪايو!ڪا ڳالهہ ناهي، مان تہ توهان کي سجاڻان ٿو. ان کانپوءِ ويهہ روپيا کڻي آيو ۽ وڏي محبت سان منهنجي هٿ تي رکيائين.

(فوائد الفواد مجلس بست ويڪم يعني 21 ويهين مجلس ص 124)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

موت ڪير ڏيندو آهي؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت جي راوي حضرت محبوب الاهي نظام الدين اولياء عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي هن واقعي کي بنا ترديد جي بيان ڪري اسان جو ايمان تازو فرمائي ڇڏيو آهي تہ جهڙيءَ ريت ظاهري زندگيءَ ۾ **اولياءَ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کان ڪا شيءِ گهري سگهجي ٿي ائين سندن وفات ڪانپوءِ سندن مزارن تي حاضر ٿي ڪري ڪنهن شيءِ جو مطالبو ڪرڻ بہ جائز آهي. هي ياد رهي تہ حقيقتي طور ڏيڻ وارو **الله تعاليٰ** آهي، **اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي طرف نسبت مجازي آهي، جيئن حقيقت ۾ بيمار کي تندرست ڪرڻ وارو الله آهي پر مريض چوندو آهي، ڊاڪٽر صاحب اسان کي تندرست ڪريو، اهڙي طرح حقيقت ۾ موت ڏيڻ وارو الله **تعاليٰ** آهي پر سندس حڪم سان ان ڪم جي ذميداري ملڪ الموت حضرتِ سيّدُنا عزرائيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي آهي جيئن قرآن پاڪ جي 21 سيپاري سُوْرَةُ السَّجْدَةِ جي يارهين آيت مبارڪ ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي، "

قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِىْ وُكِّلَ بِكُمْ

ترجمو ڪنزالايمان: "تون فرماءِ توهان کي وفات ڏيندو آهي موت جو فرشتو جيڪو توهان تي مقرر آهي"

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اولياءُالله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى وفات ڪانپوءِ عين سجاڳيءَ ۾ زيارت کان نوازي ڪري گفتگو بہ فرمائيندا آهن. جيئن تہ

﴿58﴾ حيات الاولياء

حضرتِ سيّدُنا شاهه وليُّ الله محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا تہ منهنجا والد ماجد حضرتِ سيّدُنا شاهه عبدالرحيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَرِيم فرمائيندا هئا تہ آءُ حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي جي مزار پُرانوار تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس، اهو خيال ڪري تہ مان گناهگار هن قابل ناهيان جو پنهنجي وجود سان هن پاڪ جڳهہ کي ملوث ڪريان بس پري ئي بيٺو رهيس. ان وقت سندن روح مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ فرمايائون اڳتي اچو! مان بہ تي قدم اڳتي وڌيس، ان وقت مون ڏٺو تہ چار فرشتن آسمان مان هڪ تخت سندن قبر شريف وٽ آندو، ان تخت تي حضرتِ سيّدُنا خواجہ بهاءُ الدين نقشبند رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جلوه فرما هئا، ٻئي بزرگ پاڻ ۾ راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪندا رهيا جيڪي مان نہ ٻُڌي سگهيس، پوءِ فرشتا تخت کڻي ويا، حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي پوءِ مون ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون اڳتي اچو! مان بہ تي قدم وڌيڪ اڳتي وڌيس، اهڙي طرح پاڻ فرمائيندا رهيا ۽ مان ٿورو ٿورو اڳتي وڌندو ويس، ايتري تائين جو بلڪل سندن ويجهو تي ويس، ان وقت پاڻ فرمايائون، ”شعر“ جي باري ۾ توهان ڇا ٿا چئو؟ مون عرض ڪيو”شعر هڪ ڪلام آهي، جيڪو سنو آهي اهو سنو آهي جيڪو خراب آهي اهو خراب آهي.“ فرمايائون بَارَكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي برڪت ڏي) سني آواز متعلق توهان ڇا ٿا چئو؟ مون عرض ڪيو، هي الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل آهي جنهن کي

چاهيندو آهي عطا فرمائيندو آهي. فرمايائون، بـــارَڪ الله، وري پُڇيائون جتي هي ٻئي گڏ ٿي وڃن يعني شعر ۾ سنو هجي ۽ آواز ۾ سنو هجي ته پوءِ ڇا ٿا چئو؟، مون عرض ڪيو هي ته نورُ علىٰ نور آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي عطا فرمائي،“ فرمايائون بَارَکَ الله عَزَّوَجَلَّ، هي جيڪو ڪجهه اسان ڪندا آهيون،ان کان اڳ ۾ نه هو، توهان ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ۾ بيت پُڌي وڃندا ڪريو. مون عرض ڪيو، سائين! توهان هيءَ ڳالهه حضرت سيّدُنا خواجه بهاءُ الدين نقشبند رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه جي موجودگيءَ ۾ ڇو نه چئي؟ پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه هنن ٻن مان هڪ ڳالهه چئي هئي ته ادب نه هو يا مصلحت نه هئي.

(انفاس العارفين ص 44)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

درِ والا پہ اِک میلہ لگا ہے عجب اس دَر کے ٹکڑوں میں مزا ہے
یہاں سے کب کوئی خالی پِھرا ہے سخی داتا کی یہ دولت سرا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿59﴾ اعليٰ حضرت ۽ ونگي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير وبرڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِرَحْمَةُالرَّحْمٰن هڪ پيري ڪتي آيل هئا ڪاڏو آندو ويو سيني ڪي سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه جي ڪاڏي شروع فرمائڻ جو

انتظار هو، اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **ونگين** جي ٽالهه مان هڪ ڳِترو ڪٽي ڪاڏو پوءِ ٻيو ..... پوءِ ٽيون ..... هاڻي هڪ ٻئي کي ڏسندي ماڻهن به ونگيءَ جي ٽالهه ڏانهن هٿ وڌايا پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سيني کي روڪي ڇڏيو ۽ فرمايائون سڀ ونگيون مان ڪائيندس ۽ پوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سڀ ختم ڪري ڇڏيون حاضرين حيران ٿيا تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام قليل الغذا يعني گهٽ غذا استعمال فرمائڻ وارا آهن، پر اڄ ايڏيون ساريون ونگيون ڪيئن تناوُل فرمائي ويا! ماڻهن جي پُڇڻ تي فرمايائون، مون جڏهن پهريون ڳِترو ڪاڏو تہ اهو ڪوڙو هو ان کان پوءِ ٻيون ۽ ٽيون به، تنهن ڪري مون ٻين کي روڪي ڇڏيو تہ تي سگهي ٿو ڪو ماڻهو ونگي وات ۾ وجهي ۽ ڪيس ڪوڙي لڳي ۽ اهو ٿُوٿُو ڪرڻ شروع ڪري ڏي. جيئن تہ ونگي ڪائڻ منهنجي منهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتِ مبارڪہ آهي، ان لاءِ مون کي پسند نہ هو تہ ان کي ڪوڪائي ڪري ٿُو ٿُو ڪري اڇلائي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

مجھ کو میٹھے مصطفٰے کی سنّتوں سے پیار ہے

ان شاءَاللہ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪارڪ ۽ ونگي ڪائڻ سنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اعليٰ حضرت ڪيڏا زبردست عاشقِ رسول هئا، واقعي عاشق جو شان اهو ئي هوندو آهي تہ

هو پنهنجي محبوب سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ کي دل ۽ جان سان پسند ڪري ۽ ان جو ادب ڪري، تڏهن تہ سرڪار اعليٰ حضرت، آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند ونگيءَ جو اهڙو ادب ڪيو جو ڪڙي ونگي بہ ڪائي ڇڏيائون، حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن جعفر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون سرڪار مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ونگي ڪارڪن سان گڏ ڪائيندي ڏٺو. (صحيح مسلم ص 1130 حديث 2043) مفسرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا،" ڪارڪون طبعي طور گرم ۽ خشڪ هونديون آهن ۽ ونگي ٿڌي ۽ تر، انهن ٻنهي جي ملڻ سان اعتدال (يعني وچٿرائپ) ٿيڻ ڪري فائدو وڏي ويندو آهي، حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ونگي ۽ ڪارڪن کي معدي ۾ جمع فرمايو جو هڪ ئي وقت ڪڏهن ڪارڪ ڪاڏائون ڪڏهن ونگي. ۽ ڪڏهن ٻئي ملائي ڪري چٻاڙيائون جو ڪارڪ وات مبارڪ ۾ رکيائون ۽ ونگيءَ کي بہ چڪ هنيائون، ۽ ٻئي ملائي ڪري چٻاڙيائون. ڪڏهن ڪارڪون ۽ گِدرو بہ ملائي ڪري ڪاڏا اٿئون. ڪارڪون ۽ ونگي ملائي ڪري ڪائڻ صحت جي لاءِ گهڻو فائديمند آهي اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون (رخصتيءَ کان اڳ ۾ مان ڏاڍي ڪمزور هئس) منهنجي امڙ سڳوري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا مون کي صحتمند ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي هئي تہ جيئن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ موڪلي سگهي جڏهن ڪا تدبير ڪم نہ آئي تہ انهن مون کي ڪارڪون ۽ ونگيون ملائي ڪري ڪارائڻ شروع ڪيون جنهن سان مان (ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي) ڪافي صحتمند ٿي ويس. (سنن ابن ماجه ج4 ص 37 حديث 3324) حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪارڪون تہ پسند هيون ئي پر

ونگي بہ ڏاڍي پسند هين. ڪجهہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فاتحہ ۾ ٻين ڪاڏن سان گڏ ڪارڪون، ونگيون ۽ هنداڻا بہ رکندا آهن، سندن ان عمل جو بنياد ذڪر ڪيل (هيءَ) حديث آهي.

(ملخصاً مراة ج 6 ص 20،21)

﴿60﴾ 15 ڏينهن تائين ڪاڏو نہ ڪائيندس!

حضرت سيّدُنا ابو عبدالله بن خفيف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ جڳهہ تي دعوت ۾ هئا هڪ بُڪايل مُريد پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڪاڏي جي طرف هٿ وڌايو! ان تي هڪ پير ڀائي ناراضگيءَ واري انداز ۾ سندن آڏو ڪاڏي جي ڪا شيءِ رکي ڇڏي جنهن مان هو سمجهي ويا تہ مان پير و مرشد کان اڳ ۾ هٿ وڌائي، ڪاڏي جي آداب جي خلاف ورزي ڪئي آهي تنهنڪري پنهنجي نفس کي سزا ڏيڻ جي لاءِ ان پڪو پهہ ڪيو تہ 15 ڏينهن تائين ڪجهہ نہ ڪائيندس اهڙيءَ ريت انهن پنهنجي بي ادبي کان توبهہ ڪرڻ جي ظاهري صورت ڪڍي جڏهن تہ هو پهريان کان ئي بُڪايل هئا.

(الرسالة القشيريه ص 179)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پهريان بزرگ ڪاڏو شروع ڪن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ملي ڪري ڪائڻ ۾ جيڪڏهن ڪو بزرگ بہ شامل هجي تہ ادب هي آهي تہ جيستائين اهو شروع نہ ڪري ٻيو ڪو بہ نہ ڪائي، ياد رهي! تہ بزرگي جي لاءِ پوڙهو هئڻ شرط ناهي،

علم ۽ عمل درڪار آهي تنهنڪري پوڙهن جي موجودگي ۾ جيڪڏهن ڪو نوجوان عالم آهي تہ پهريان اهو ئي ڪاڏو شروع ڪري، الله وارن جا انداز بہ نرالا هوندا آهن، حضرت سيّدُنا ابو **عبدالله** بن خفيف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا مُريد جيڪي پاڻ هڪ فاقہ مست بزرگ هئا ۽ بي خياليءَ ۾ هت وڌائن ٿا پر پنهنجي پير پائي جي اشاري تي پاڻ کي سنيالن ٿا جڏهن تہ اجان ڪائڻ شروع نہ ڪيو هئائون رُڳو هٿ ئي وڌايو هئائون، پوءِ بہ اٽڄاٽائيءَ ۾ ٿي وڃڻ واري بي ادبيءَ جي پنهنجي لاءِ نرالي سزا مقرر ڪيائون ۽ سخت بُکايل هئڻ جي باوجود پڪو پهہ ڪيائون تہ وڌيڪ 15 ڏينهن تائين ڪجهہ نہ ڪائيندس، الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ بانها پنهنجو پاڻ کي آداب سيکارڻ لاءِ طرح طرح جون عجيب سزائون مقرر ڪندا آيا آهن جيئن تہ،

پائڻ ۾ ڪابي جُتي ڪان شروع ڪرڻ جو ڪفارو

”**ڪيمياءِ سعادت**“ ۾ آهي تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ پيري سنّت جي مطابق ساڄي جتيءَ کان پائڻ شروع ڪرڻ بدران بي خياليءَ ۾ ڪابي جتي پهريان پائي ڇڏي ان سنّت جي رهجي وڃڻ تي ڪين سخت صدمو پهتو ۽ ان جي بدلي ۾ انهن ڪٽڪ جون بہ ٻوريون خيرات ڪيون. **مٿا مٿا اسلامي پائرو!** هي انهن بزرگن جو حصو هو. ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي بزرگن جي طريقن تي هلڻ نصيب ٿي وڃي. ان طرح جون سنّتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ اسلامي پائرن کي گهرجي تہ مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر کي پنهنجو معمول بڻائن، **مدني قافلن** جون بہ ڇا خوب بهارون آهن جيئن تہ

﴾61﴿ مديني جي سفر جي سعادت ملي وئي!

دعوتِ اسلامي جي تنظيمي ترڪيب موجب ترتيب ڏنل ضلعي شيخوپوره جي هڪ تحصيل جي **مدني انعامات** جي ذميدار مون کي (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ کي) جيڪو ڪجهه لکيو ان جو خلاصو آهي، " اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 1424 هه ۾ مون کي عمري شريف ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي حاضريءَ جو شرف مليو، اتي قُصور (پنجاب ، پاڪستان) جي هڪ قاري صاحب سان ملاقات ٿي، ان ٻُڌايو ته مان هن ئي شعبان المعظم 1424 هه ۾ صحراءِ مدينه، مدينةالاولياء ملتان ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلاميءَ جي ٽي روزه بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، اتي بيان جي دوران **مدني قافلن** ۾ سفر جي ترغيب ڏياريندي چيو ويو ته "**مدني قافلن** ۾ سفر ڪري دعائون گهرو، توهان جي جيڪا به **خواهش** هوندي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ پوري ٿيندي." اهو ٻُڌي ڪري مون کي جذبو مليو مون هٿوهٿ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ٽن ڏينهن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اتي خوب روئي ڪري مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي حاضري جي لاءِ دعا گهري، دعا جي قبوليت جا آثار ائين ظاهر ٿيا جو مان مدني قافلي جي سفر کان موٽيس ۽ معمول مطابق ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهائڻ لاءِ ڪنهن جي گهر پهتس. ته گهر جي مالڪ ڪافي مهرباني سان پيش ايندي چيو ته قاري صاحب! مَاشآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان اسان جي ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا آهيو، جيڪڏهن توهان جي ڪا **خواهش** هجي ته ٻُڌايو اسان توهان

کي **خوش** ڪرڻ چاهيون ٿا، شروع ۾ مون ٿاري ڇڏڻ چاهيو پر سندن اصرار تي چيم تہ **مديني جي ديدار** جي آرزو آهي، انهن مون کي بنا ديـر اخراجات (خرچ پَکو) پـيش ڪـري ڇڏيا ۽ ائـين اَلحَمـدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **هٿوهٿ مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي برڪت سان مون جهڙي گناهگار ۽ غريب ماڻهوءَ کي هٿو هٿ مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا **جي حاضري جو شرف نصيب ٿي ويو.**

مجھ گنہگار سا انسان مدینے میں رہے　　بن کے سرکار کا مہمان مدینے میں رہے
یاد آتی ہے مجھے اہلِ مدینہ کی وہ بات　　زِندہ رہنا ہے تو انسان مدینے میں رہے
جان و دل چھوڑ کر یہ کہہ کے چلا ہوں اعظم
آ رہا ہوں مرا سامان مدینے میں رہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿62﴾ جَوَ شريف جي ڪش

حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هڪ ڏينهن اطلاع مليو تہ سپهہ سالار جي بورچيخاني جو روزانو جو خرچ هڪ هزار درهم آهي. ان ڊيڄاريندڙ خبر سان کين سخت افسوس ٿيو. ان جي اصلاح جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جو ذهن بڻايائون ۽ کيس دعوت تي گهرايائون، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه بورچين کي حڪم ڏنائون تہ اعليٰ قسم جي کاڌن سان گڏ **جَوَ شريف جي ڪش** بہ تيار ڪئي وڃي، سپهہ سالار جڏهن دعوت ۾ حاضر ٿيو تہ خليفي ڄاڻي واڻي کاڌو گهرائڻ ۾ ايڏي دير ڪئي جو سپهہ سالار ٻُک سبب بيتاب ٿي ويو،

آخرڪار امير المؤمنين پهريان جَوَ شريف جي ڪش گهرائي. سپهه سالار جيئن تہ تمام بُڪايل هو، ان لاءِ ان **جَوَ شريف جي ڪش** ڪائڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن اعليٰ قسم جا ڪاڏا آيا تہ ان وقت ان جو پيٽ پرجي چُڪو هو، داناءُ خليفي اعليٰ قسم جي ڪاڏن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو،" توهان جو ڪاڏو تہ هاڻي آيو آهي، ڪائو!سپهه سالار انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ "سائين! منهنجو پيٽ تہ ڪش سان ئي پرجي ويو آهي. امير المؤمنين فرمايو، سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! ڪش بہ ايڏو اعليٰ ڪاڏو آهي جو پيٽ بہ پري چڏي، ۽ آهي بہ ايترو سستو جو هڪ درهم ۾ ڏهہ ماڻهن جو پيٽ پري چڏي اهو چئي ڪري نصيحت جا مدني گل ورهائيندي فرمايائون تہ،"جڏهن توهان ڪش مان بہ گذارو ڪري سگهو ٿا تہ آخر روزانو هڪ هزار درهم پنهنجي ڪاڏي تي ڇو ٿا خرچ ڪريو؟ سپهه سالار صاحب! **خدا**عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄو ۽ پنهنجو پاڻ کي گهڻو خرچ ڪرڻ وارن ۾ داخل نہ ڪريو. پنهنجي بورچيخاني ۾ جيڪا رقم انڌا ڏُنڌ خرچ ڪريو ٿا اها الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي لاءِ بُڪايلن، حاجتمندن ۽ غريبن کي ڏئي چڏيو. متّقي خليفي جي **انفرادي ڪوشش** لشڪر جي سپهه سالار جي دل تي گهرو اثر ڪيو ۽ ان عهد ڪيو تہ ٻيهر ڪاڏي ۾ سادگي اختيار ڪندس ۽ گهٽ خرچ مان ڪم وٺندس.

(مغني الواعظين ص491)

اللهعَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بي برڪتيءَ جو سبب فضول خرچيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان نفس کي جيتري قدر لذيذ ڪاڏو ڪارائينداسين اوتري قدر هو بهتر ڪان بهتر طلب ڪندو رهندو، اڄ اسان جي گهڻائي بي برڪتيءَ جي شڪايت ڪندي آهي گڏوگڏ تنگدستي ۽ مٿان وري چيلهه ڇڀي ڪندڙ مهانگائي جو روئڻو روئندي آهي ۽ اڄ تقريبًا هر ڪنهن کي هي چوندي ٻُڌو ويو آهي ته ”پوري نه ٿي پوي! “ يقين ڄاڻو، مهانگائي، بي برڪتي ۽ تنگدستيءَ جو موجوده دؤر ۾ هڪ تمام وڏو سبب غير ضروري خرچ به آهي. ظاهر آهي جڏهن فضول خرچين جو سلسلو جاري رکنداسين، گڏو گڏ اعليٰ ڪاڏي، عاليشان گهرن وري انهن جي اندر سجاوٽن جي قيمتي سامانن، مهانگن مهانگن اعليٰ لباسن سان دل لڳائيندا رهنداسين ته انهن ڪمن لاءِ بي انداز رقم جي ضرورت رهندي ۽ پوءِ ”بي برڪتي“ ۽ ”پوري نه پوڻ“ جا راڳ به جاري رهندا. حضرتِ سيّدُنا امام جعفر صادق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق جو فرمانِ هدايت نشان آهي ته جنهن پنهنجو مال فُضول خرچين ۾ وڃايو ۽ پوءِ چوي ٿو ته اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! مون کي اجان ڏي. ته الله تعاليٰ (اهڙي شخص کي) فرمائيندو آهي، ڇا مون توکي وڇترائيءَ جو حڪم نه ڏنو هو؟ ڇا تو منهنجو (هي) فرمان نه ٻُڌو هو؟

وَالَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَنۡفَقُوۡا لَمۡ يُسۡرِفُوۡا وَلَمۡ يَقۡتُرُوۡا وَكَانَ بَيۡنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿۶۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اهي جڏهن خرچ ڪندا آهن نه حد ڪان وڌن نه تنگي ڪن ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ اعتدال تي رهن. **(پ 19 فرقان 67)**

(ملخصًا احسن الوعا لاداب الدعا ص 75)

بهرحال جيڪڏهن قناعت ۽ سادگيءَ سان سستن ڪاڏن ۽ سادن لباسن کي اختيار ڪيو وڃي. رُڳو گهرج موجب گهر رکيا وڃن، اجاين سجاوٽن ۽ نمائشي دعوتن جي معاملي ۾ پاڻ تي پابندي هنئي وڃي ته پاڻمرادو مهانگائي ختم ٿي وڃي ۽ هُوند غربت جو به خاتمو اچي وڃي پر نفسِ امّاره جي غلاميءَ جو ڪهڙو علاج؟

ٽن ماڻهن جي دعا قبول ناهي

حُضُورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجور، باذن ربّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ٽي شخص (اهڙا) آهن جو تنهنجو ربّ (عَزَّوَجَلَّ) انهن جي دعا کي قبول ناهي ڪندو (1) هڪ اهو جيڪو ويران جڳهه تي رهي، (2) ٻيو اهو مسافر جيڪو وچ رستي تي ترسي يعني رستي کان هٽي ڪري نه لهي بلڪ خاص رستي تي ٿاڪ ڪري ويهي (3) ٽيون اهو جنهن پاڻ پنهنجو جانور ڇڏي ڏنو، هاڻي خدا کان دعا گهري ٿو ته هن کي روڪ.

(احسن الوعاء لاداب الدعا ص 73)

منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت عظيمُ البَرَکت، عظيمُ المَرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مُجَدِدِ دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعثِ خير وبَرَکت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا اَقُولُ وَبِاللّٰهِ التَّوْفِيق (يعني مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل توفيق سان چوان ٿو) هن جي ظاهري معنيٰ ته هي آهي جو انهن خاص ڪمن ۾ ان

جي دعا نہ ٻُڌي ويندي پر ائين ناهي تہ جيڪو ائين ڪري تہ بلڪل ان جي ڪابہ دعا ڪنهن بہ ڪم لاءِ قبول نہ ٿيندي جڏهن تہ انهن ڪمن ۾ قبول نہ هجڻ جو ظاهري سبب هي آهي تہ اهي ڪم سندس پنهنجي هٿن جا ڪيل آهن. تنهنڪري ويران جڳهہ ۾ لهڻ وارو ان جي نقصانن کان آگاهہ آهي، پوءِ جيڪڏهن اتي چوري ٿي وڃي، يا ڪو ڦرلٽ ڪري وڃي يا جِنّ تڪليف پهچائن تہ اهي ڳالهيون پاڻ ان جون قبول ڪيل آهن هاڻي ڇو ٿو انهن جي ختم ٿيڻ جي دعا گهري؟ ائين ئي جڏهن رستي ۾ لٽو تہ هر قسم جا ماڻهو گذرندا، پوءِ جيڪڏهن چوري ٿي وڃي يا هاٿي ۽ گهوڙي جي پيرن مان ڪجهہ نقصان (ٿي پئي)، رات جو نانگ وغيره تڪليف پهچائي، (تہ اهو) ان جو پنهنجو ڪيل آهي، نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمائن ٿا تہ، ”رات جو رستي ۾ نہ ترسو جو الله تعالي پنهنجي مخلوق مان جنهن کي چاهي رستي تي هلڻ جي اجازت ڏيندو آهي، ائين ئي جانور کي پاڻ ڇڏي ڪري ان جي قابو ۾ اچڻ جي دعا تہ ظاهري طور تي بيوقوفي آهي ڇا (هو) **واحد قهار جل جلاله** کي آزمائي ٿو يا **معاذالله** کيس پنهنجو محڪوم(يعني حڪم جو تابع) ٿو سمجهي! **حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪنهن چيو جيڪڏهن خداعَزَّوَجَلَّ جي قدرت تي ڀروسو اٿوَ تہ پنهنجو پاڻ کي هن جبل کان هيٺ ڪيرايو، فرمايائون،”مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي آزمائيندو ناهيان.

(احسن الوعا لاداب الدعا ص 73،74)

پنهنجي گئيءَ جو ڪو علاج ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فارسيءَ ۾ چوڻي آهي ”خود کردہ را علاجے نیست“ يعني پنهنجي هٿن سان مصيبت آڻڻ وارن جو ڪو علاج ناهي. مثال طورَ ڪو پنهنجو مٿو پٿر ۾ هڻندو رهي ۽ روئندو رڙندو رهي ته هاءِ! منهنجو مٿو ڦاٽي پيو! مون کي بچايو!! ته ظاهر آهي ان بيوقوف کي اهو ئي چيو ويندو ته پنهنجو مٿو پٿ ۾ هڻڻ ڇڏي ڏي ته ڪونه ڦاٽندو، اهڙيءَ ريت ڪوڙسارا نادان انسان جيڪو ڪجهه هٿ ۾ ايندو آهي، اهو هڙپ ڪري ويندا ۽ خوب ڳڙڪائي ڪائيندا آهن بعد ۾ ٿولهه، ٻاهر نڪتل پيٽ، قبض ۽ بدهاضميءَ جون دوائون ڳوليندا وتندا آهن ۽ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن تي خوب پيسا خرچ ڪندا آهن پر دوائن مان علاج ناهي ٿي سگهندو، ڇو؟ ان لاءِ جو انهن بيمارين جو علاج انهن جي پنهنجي هٿ ۾ آهي، پيٽ ڀري ڪائڻ ڇڏي ڏين، جيستائين گهٽي ٻُک نه لڳي ان وقت تائين نه ڪائين، حديثِ پاڪ ۾ ٻُڌايل طريقي جي مطابق ٻُک کان گهٽ ڪائو، پِڙن، پرانن، ڪير جي ملائي، مکڻ، ڪيڪ، پيسٽرين، بن ڪبابن، برگرن، سيخ ڪبابن، سموسن، پڪوڙن، ۽ ٻين تريل شين گڏوگڏ سٽي، ميدي ۽ مناڻ وارين شين کي گهٽ ۾ گهٽ استعال ڪن، آئيسڪريمن ٿڌن شربتن ۽ ٿڌين بوتلن کان پاڻ کي بچائين گڏوگڏ چانهه به گهٽي نه پين، (**ضرورت** مطابق ڏينهن رات ۾ به يا ٽي پيرا اڌ اڌ ڪوپ چانهه سان گذارو ڪن)، جيڪڏهن پان، سگريٽن، خوشبودار سوپارين، گٽڪن، مين پڙين ۽ پانن وغيره جي عادت آهي ته انهن

کان پري پيڄن. اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ وزن گهٽ، پيٽ اندر ۽ هاضمو صحيح ۽ پڻ ڪوڙ سارين بيمارين کان بنا ڊاڪٽري علاج جي ڇوٽڪارو ملي ويندو.

ٽلهائپ جو هڪ سبب

منهنجي هنن **مدني مشورن** تي گهڻو نہ تہ صرف **40** ڏينهن سختيءَ سان عمل ڪري ڏسو، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي صحت ۾ حيرت انگيز تبديلي محسوس ڪندؤ، پهريان ڪنهن ليبارٽريءَ ۾ ”لپڊ پروفائيل ۽ شگر“ ٽيسٽ ڪرائي پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ کان بعد هن نيّت سان تہ ”سنئي صحت جي ذريعي عبادت تي قوت حاصل ڪندس“ پرهيز وارو ڪاڏو شروع ڪري ڇڏيو ۽ ان جون برڪتون ماڻيو. ياد رکو! ڪاڏي کان پوءِ پاڻي پيئڻ سان بہ جسم وڌندو آهي ۽ ٿولهہ ايندي آهي، تنهنڪري ڪاڏي ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي پيئو، ها ڪاڏي جي دوران ٿورو ٿورو پاڻي پيئندو رهڻ فائديمند آهي، بهرحال ڪائڻ کان پوءِ گهڻو پاڻي پيئڻ جي عاديءَ جو جسم جيڪڏهن سُجي وڃي تہ ان جو علاج هو دوا سان ڪرڻ بدران پنهنجي عادت جي اصلاح سان ڪندو تڏهن ئي تي سگهندو.

نا سمجھ بيمار کو اَمرَت بھی زہر آميز ہے
سچ يہی ہے سو دوا کی اک دوا پرہيز ہے

خطري ۾ وجهڻ وارين 15 ڳالهين جا مثال

پنهنجي هٿن سان پاڻ کي خطرن ۾ وجهي ڪري وري انهن خطرن کان پنهنجي حفاظت جي لاءِ ڪيون ويندڙ

دعائون قبول ناهن ٿيندیون، اَحسَنُ الوعَاءِ لِاٰدابِ الدُّعَاءِ ۾ پاڻ کي پنهنجي هٿن سان مصيبت ۾ وجهڻ جي ضمن ۾ تمام پيارا مثال ڏنل آهن ﴿1﴾ جيڪو بغير ڪنهن سخت مجبوريءَ جي رات جو اهڙي وقت گهر کان ٻاهر نڪري جو ماڻهو سُتل هجن، پيرن جي هلڻ جو آواز رستن تان هٿيل هجي، صحيح حديث ۾ ان کان ممانعت آيل آهي جو ان وقت مصيبتون ڦهليل هونديون آهن، (يعني جيڪڏهن رات جو دير سان ويران رستي کان گذري ۽ ان کي ڏاڙيل پڪڙين يا جِنّ چنبڙن تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري، جو پاڻ کي ڇو خطري ۾ وڌائين) يا ﴿2﴾ رات جو دروازو کليل ڇڏي ڏي يا بغير بِسْمِ‌الله چوڻ جي بند ڪري جو شيطان ان کي کولي سگهي ٿو ۽ جڏهن بِسْمِ‌الله چئي ڪري ساڄو پير گهر ۾ رکي تہ شيطان جيڪو گڏ آيو هو اهو ٻاهر رهجي ويندو آهي ۽ جڏهن بِسْمِ‌الله چئي ڪري دروازو بند ڪري تہ اهو کولي ناهي سگهندو (هتي بہ جيڪڏهن بي احتياطي ڪئي وئي ۽ شيطان گهر ۾ گهري نقصان پهچايو تہ پاڻ پنهنجي ئي غلطي جي سبب ائين ٿيو هاڻي هن مُعاملي ۾ دعا ڪيئن قبول ٿيندي؟) يا ﴿3﴾ ڪاڏي، پاڻيءَ جا ٿانوَ بِسْمِ‌الله چئي ڪري نہ ڍڪيا جو (انهن ۾) مصيبتون لهنديون آهن ۽ (انهن کي) خراب ڪنديون آهن، پوءِ اهو ڪائڻ ۽ پيئڻ جون شيون بيمارين جو سبب بڻجنديون آهن (ڪاڏو وغيره موجود هوندي ٿانءُ کليل هجي تہ ناپاڪ جنّات استعمال ڪندا آهن تنهن ڪري بي احتياطيون ڪرڻ وارن جي هتي بہ دعا قبول نہ ٿيندي، جنّات ۽ بيمارين کان حفاظت جو هي بهترين نسخو ٻُڌايو ويو آهي) يا ﴿4﴾ ٻارن کي مغرب (يعني سانجهيءَ) جي وقت گهر کان ٻاهر نہ ڪڍجي جو ان وقت

شيطان پڪڙيل هوندا آهن (جيڪڏهن سانجهي ۽ سومهٽيءَ جي وچ ۾ ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪنهن جنّ پڪڙي ورتو تہ توهان جي پنهنجي غلطي آهي تہ ڇو ڪڍيوَ؟) يا ﴿5﴾ ڪاڏي ڪانپوءِ بنا هٿ ڌوئڻ جي سمهي رهيؤ تہ شيطان چٽيندو آهي ۽ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪوڙهہ جو سبب بڻبو آهي يا ﴿6﴾ غسل خاني ۾ پيشاب ڪري جو ان سان وسوسو پيدا ٿيندو آهي يا ﴿7﴾ ڇَڄي جي پرسان سمهي ۽ ڇت جي پاسن کان پت يا ٻنو وغيره نہ هجي تہ ڪِري پوڻ جو امڪان آهي يا ﴿8﴾ ڪاڏو بغير بِسْمِاللّٰه پڙهڻ جي ڪائي جو شيطان گڏ ڪائيندو آهي ۽ جيڪو ڪاڏو ڪجهہ مسلمانن لاءِ ڪافي هوندو آهي اهو هڪ جي ئي ڪائڻ ۾ ختم ٿي ويندو آهي يا ﴿9﴾ زمين جي سوراخن ۾ پيشاب ڪري جو ڪڏهن نانگ وغيره جانورن جو گهر يا جنّ جو گهر هوندو آهي ۽ انسان تڪليف ڏسندو آهي يا ﴿10﴾ پنهنجي توڙي پنهنجي دوست جي ڪا شيءِ پسند اچي وڃي تہ ان تي نظر لڳڻ کان بچاءَ جي دعا: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلَيهِ وَلَا تَضُرُّهُ مَاشَآءَاللّٰهُ لَاقُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه (يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! ان تي برڪت نازل فرماءِ، ۽ ان کي نقصان نہ پهچي، جيڪو ڪجهہ الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو اهو ئي تہ ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي تائيد جي بغير نيڪي ڪرڻ تي ڪا بہ طاقت ناهي) نہ پڙهي جو نظر لڳڻ حق آهي، (جيڪا) ماڻهو کي قبر ۾ ۽ اٺ کي ديڳ ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي، (دعا ياد نہ هجي تہ مَاشَآءَاللّٰه يا **بَارَکَ اللّٰه** بہ چئي سگهو ٿا، مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا جيڪڏهن پسنديده شيءِ کي ڏسي ڪري مَاشَآءَاللّٰه يا بَارَکَ اللّٰه) چئي تہ نظر ناهي لڳندي جيڪڏهن انهن جملن (يعني مَاشَآءَاللّٰه يا

بَارَکَ الله) جي بغير ئي حيرت سان ڏسي ۽ حيرت جا لفظ ڳالهائي ته نظر لڳي ويندي آهي. (مرآة ج 6 ص 244) يا ﴿11﴾ اڪيلو سفر ڪري جو فاسق انسانن ۽ جنّات کان نقصان پهچندو آهي ۽ هر ڪم ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي يا ﴿12﴾ بيني بيني پاڻي پيئي جو (ائين ڪرڻ جگر (جيري) ۾ سور پوڻ جو سبب بڻجندو آهي، (آب زم زم شريف ۽ وضوءَ جو بچيل پاڻي بيني بيني پيئڻ مستحب آهي)، يا ﴿13﴾ بيت الخلا ۾ بغير بِسْمِ الله پڙهڻ (يا بغير دعا پڙهڻ جي) وڃي ته ناپاڪ جنّات کان نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، يا ﴿14﴾ فاسقن، فاجرن، بي ڍنگهن ۽ بدمذهبن وٽ اچ وڃ ڪندو ته جيڪڏهن بالفرض خراب صحبت جي اثر کان بچي به ويو پوءِ به تهمت جو نشانو ضرور بڻجندو. يا ﴿15﴾ ماڻهن جي رستن يا انهن جي اٿڻ ويهڻ جي جڳهه تي پيشاب ڪري جو پاڻ ئي گاريون جهليندو. (ملخصًا احسن الوعاء لاداب الدعاء 76،77)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿63﴾ توهان ڪٿان ڪائيندا آهيو؟

حضرتِ سيّدُنا بايزيد بِسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويا ته نماز پوري ٿيڻ ڪانپوءِ پيش امام پُڇيو ته اي بايزيد! توهان ڪٿان ڪائيندا آهيون؟ فرمايائون تورو ترسو! پهريان توهان جي پويان پڙهيل نماز ٻيهر پڙهان، توهان کي جڏهن مخلوق کي روزي ڏيڻ واري جي باري ۾ ئي شڪ آهي ته پوءِ توهان جي پنيان نماز ڪيئن جائز آهي! (روض الرياحين ص155)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدُنا بايزيد بِسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام وڏا وليُّ الله هئا، يقيناً الله رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ سيني جي روزي جو ڪفيل (يعني ذمو ڪٽندڙ) آهي، اهو ئي **ڪارائيندو** پيارينڊو آهي، پيش امام اهو سوال پُڇي ڪري ته" **توهان ڪٽان ڪائيندا آهيون؟**" سائين جن جي مطابق پنهنجي ضعيف الاِعتقاد (يعني ڪمزور عقيدن وارو) هجڻ جو ثبوت ڏنو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز دهرائي. هي سندن جي تقويٰ هئي. عرف جي طور تي ماڻهو اهڙا سوال جواب پاڻ ۾ ڪندا آهن، شرعي طور ان ۾ ڪو گناهه ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿64﴾ پُڳل پڪي

ابوالحسين علويءَ جو بيان آهي، ته مان هڪ پيري گهر ۾ فرمائش ڪئي ته فلاڻو حلال پڪي پُڇڻ لاءِ تنور ۾ لڙڪائي ڇڏيو. مان مناسب وقت تي اچي ڪائيندس. پوءِ مان حضرت سيّدُنا جعفر خُلدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ زيارت جي لاءِ حاضر ٿيس، پاڻ فرمايائون، رات هتي ترسو، منهنجي دل جيئن ته پڪي ڪائڻ ۾ ڦاٿل هئي ان لاءِ مان ڪو بهانو ڪري گهر پهچي ويس، گرما گرم **پُڳل پڪي** دسترخوان تي رکيو ويو. اوچتو گهر ۾ ڪُتو گهري آيو ۽ جهپڙ ڏئي **پُڳل پڪي** کڻي ڀڄي ويو، ان پڪيءَ جي بچيل رس نوڪرياڻي کڻي اچي رهي هئي ته سندس ڪپڙي جي دامن جو جهٽڪو لڳڻ سان اها سموري رس بہ هارجي پئي، پوءِ صبح جو جڏهن مان حضرتِ سيّدُنا شيخ جعفر

خلدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس تہ مون کي ڏسندي ئي فرمائڻ لڳا، ”جيڪو شخص مشائخ جي دلين جو لحاظ ناهي رکندو ان جي دل کي تڪليف پهچائڻ لاءِ ڪُتو مسلط ڪيو ويندو آهي.

(الرسالة القشيريه ص 362)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ بزرگن جي ڳالهہ نيائڻ ۽ اهي جيڪو حڪم ڏين ان کي بجا آڻڻ ۾ ئي عافيّت آهي. الله وارن سان چالاکي ۽ بهاني بازي ڪم نہ ايندي آهي. هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ **اولياءُالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون ڳالهيون بہ معلوم ٿي ويندیون آهن، جڏهن **اولياءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو اهو شان آهي تہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ڇا مقام هوندو! گڏوگڏ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ خود تاجدارِ مدينہ، حبيبِ ڪبريا، احمدِ مجتبي، محمّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان جو ڪير اندازو ڪري سگهي ٿو منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا تہ

سرِ عرش پر ہے تری گزر دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿65﴾ ڏيءَ پيدا ٿيڻ جي بشارت

الله ربُّ الْعزّت عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا بہ غيب جون خبرون ٻُڌائڻ جا واقعا ڪتابن ۾ ملن ٿا، جيئن تہ

ڪروڙين **مالڪين** جي عظيم المرتبت پيشوا حضرت سيّدُنا امام مالڪ بن انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي مشهورِ زمانہ احاديث جي مجموعي ”مؤطا امام مالڪ“ ۾ فرمائن ٿا تہ **حضرتِ** سيّدُنا عُروه بن زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ **ام المؤمنين** حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمايو، **خليفة الرسول** حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي وفات واري بيماريءَ واري حالت ۾ ڪين **وصيّت** ڪندي ارشاد فرمايو هو تہ ” منهنجي پياري ڏيءَ! اڄ تائين مون وٽ جيڪو منهنجو مال هو اهو اڄ ميراث جو مال آهي، تنهنجا ٻہ ڀائر (عبد الرحمٰن ۽ محمد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا) ۽ تنهنجيون ٻہ **ڀينرون** (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا) آهن، تنهنڪري توهان منهنجي مال کي قرآن مجيد جي حڪم مطابق ورهائجو، اهو ٻُڌي ڪري حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عرض ڪيو، **”بابا سائين!** منهنجي تہ هڪ ئي ڀيڻ ”ٻيبي اسماء“ آهي، **هي منهنجي ٻي ڀيڻ ڪير آهي؟ ڀاڻ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **ارشاد فرمايائون، اها** (تنهنجي ويڳي ماءُ) **”حبيبہ بنت خارجہ“** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **جي پيٽ ۾ آهي منهنجي خيال ۾ اها ڇوڪري آهي** (الموطا للامام مالڪ ج 2 ص 270 حديث 1503) **هن حديث جي تحت حضرت سيّدُنا علّامہ محمد بن عبدالباقي زرقاني** قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي **تحرير فرمائن ٿا، تہ پوءِ ائين ئي ٿيو تہ ڇوڪري ئي ڄائي جنهن جو نالو ” اُمّ ڪلثوم“ رکيو ويو.**

(شرح الزرقاني علي المؤطا ج 4 ص 61)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بہ ڪرامتون ثابت ٿيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث مبارڪ جي باري ۾ حضرت علامہ تاج الدين سبڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي تحرير فرمايو تہ هن حديث مان **خليفة الرسول** حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جون بہ ڪرامتون ثابت ٿين ٿيون. (1) ڪين وفات کان اڳ ئي اهو علم ٿي ويو هو تہ مان هن بيماريءَ ۾ دنيا کان لاڏاڻو ڪري ويندس، ان لاءِ ئي تہ وصيّت ڪرڻ وقت فرمايائون تہ مون وٽ جيڪو مال هو، اهو اڄ ميراث جو مال آهي. (2) جيڪو ٻار ڄمندو اها ڇوڪري آهي.

(حجةالله علي العٰلمين ص 612 مرڪز اهلسنت برڪات رضا گجرات هند)

صديق اڪبر کي علم غيب

هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ **مَا فِي الْاَرْحَام** (يعني جيڪو ڪجهہ ماءُ جي پيٽ ۾ آهي ان) جو علم الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي حاصل ٿي ويو هو. ان مسئلي ڪي سمجهڻ لاءِ قرآني آيت ۽ ان جو تفسير غور سان ٻُڌو، جيئن تہ الله تبارڪ وتعالٰي 21 سيپاري سُوْرَةُ لُقْمٰنَ جي آخري آيتِ مبارڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ (الله عَزَّوَجَلَّ) ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ مائرن جي پيٽ ۾ آهي.

خليفهءِ اعليٰ حضرت، مفسرِ قرآن حضرت صدر الافاضل علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان (مطبوعه بمبئي) ص661 تي هن آيتِ مبارڪ جي تحت

فرمائن ٿا، ” علمِ غيب الله تعاليٰ سان خاص آهي ۽ انبياءِ ۽ اولياءِ کي غيب جو علم الله تعاليٰ جي تعليم ڏيڻ سان معجزي ۽ ڪرامت جي ذريعي عطا ٿيندو آهي، اهو (الله تعاليٰ سان) خاص هئڻ جي خلاف ناهي ۽ بيشمار آيتون ۽ حديثون هن تي دلالت ڪن ٿيون.“ برسات جو وقت ۽ پيٽ ۾ ڇا آهي ۽ سياڻي ڪو ڇا ڪندو ۽ ڪٿي مرندو؟ “ انهن ڪمن جون خبرون ڪثرت سان اولياءِ ۽ انبياءِ ڪرام ئي ڏنيون آهن ۽ قرآن و حديث مان ثابت آهن. حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرشتن حضرتِ سيّدُنا اسحاق عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جي ۽ حضرتِ سيّدُنا زڪريا عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي حضرت سيّدُنا يحييٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جي ۽ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جون خبرون ڏنيون ته انهن فرشتن کي به پهريان کان معلوم هو ته انهن پيٽن ۾ ڇا آهي ۽ انهن کي به جن کي فرشتن اطلاع ڏنا هئا ۽ انهن سيني جو ڄاڻڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي ته آيت جي معنيٰ قطعي طور تي اها ئي آهي ته بغير الله تعاليٰ جي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي. ان جي هيءَ معنيٰ وٺڻ ته الله تعاليٰ جي ٻُڌائڻ سان به ڪو نٿو ڄاڻي اهو بلڪل باطل ۽ سوين آيتن ۽ حديثن جي خلاف آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی به الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان آئنده ٿيڻ واري اولاد جي خبر ٻُڌائي سگهن ٿا جيئن ته

﴿66﴾ پٽ پيدا ٿيڻ جي بشارت

حضرت شاهه وليُّ الله مُحدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا تہ منهنجا والد ماجد حضرت شاهه عبد الرحيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَرِيم فرمائن ٿا تہ، ”مان هڪ پيري حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي جي مزار شريف جي زيارت لاءِ ويس. سندن روح مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ فرمايائون، ”**توهان کي پٽ پيدا ٿيندو ان جو نالو قطب الدين احمد رکجو.**“ جيئن تہ گهرواري پوڙهي ٿي وئي هئي ان لاءِ مون سمجهيو تہ شايد هن فرمان مان مُراد پٽ جو پٽ يعني پوٽو هوندو حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي منهنجي ان دلي خيال ڪان هڪدم آگاهہ ٿي ويا ۽ فرمايائون،” منهنجي اها مُراد ناهي بلڪہ اهو پٽ توهان جي پُٽ مان ٿيندو.“ شاهه وليُّ الله صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا، والد ماجد ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ٻي عورت سان نڪاح ڪيو تہ هي ڪاتب الحروف فقير وليُّ الله پيدا ٿيو، شروع ۾ ڪين اهو واقعو ياد نہ رهيو تہ وليُّ الله نالو رکيائون ۽ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ جڏهن ڪين ياد آيو تہ ٻيو نالو (حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين احمد بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي جي فرمان موجب) قطب الدين احمد رکيو. **(انفاس العارفين ص 44)**

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽ انهن ڪان فيض وٺڻ جو بزرگن جو معمول رهيو آهي، گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ وفات ڪري ويل اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان دلين جو حال

جاڻيندا آهن ۽ ايندڙ وقت جون خبرون بہ ارشاد فرمائيندا آهن. جيئن حضرتِ سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَاقِي حضرتِ شاهہ عبدالرحيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَرِيم ڪي پٽ جي جمڻ جي بشارت (يعني خوشخبري) عنايت فرمائي.

يہيں پاتے ہيں سارے اپنا مطلب ہر اک کے واسطے يہ در کھلا ہے
ميں دَر دَر کيوں پھروں دُر دُر سنوں کيوں مرے آقا! مرا کيا سر پھرا ہے!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿67﴾ مزيدار شربت

حضرتِ سيّدُنا صالح مري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا تہ مون حضرت سيّدُنا عطاء سُلمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِي جي خدمت ۾ بہ ڏينهن مسلسل گيهہ ۽ ماکي ملائي ڪري ستُّو جو مزيدار شربت موڪليو، پر ٻئي ڏينهن پاڻ موٽائي ڏنائون، ان تي ناراضگي جو اظهار ڪندي مون چيو، توهان منهنجو تحفو ڇو واپس ڪيو؟ فرمايائون، ”ناراض نہ ٿيو مان پهرين ڏينهن تہ پي ويس، پر ٻئي ڏينهن پيئڻ ۾ ناڪامي ٿي ڇو تہ جڏهن پيئڻ جي نيّت ڪيم تہ 13 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْمَ جي آيت نمبر 17 ياد اچي ويئي.

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَ يَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآئِهٖ

ترجمو ڪنزالايمان: سخت مشڪل سان ڀُڪ ڀُڪ ڪري ان ڪي پيئندو ۽ نِڙيءَ ڪان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هوندس ۽ ڪيس هر طرف ڪان موت ايندو پر

عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾ مرندو ڪونہ ۽ ان جي پٺيان هڪ سخت عذاب آهي.

حضرتِ سيّدُنا صالح مري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، اهو بُڌي مان روئي وينس ۽ مون دل ۾ چيو تہ مان ڪنهن بي وادي ۾ آهيان ۽ توهان ڪنهن بي واديءَ ۾ آهيو. (ملخصًا احياءُ العلوم ج 3 ص 116)

12 مهينن جي عبادت ڪان وڌيڪ نفعو ڏيندڙ

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين پنهنجي نفس جي جائز خواهشن کي پورو ڪرڻ کان بہ بچندا هئا. اي ڪاش! اسان کي جڏهن سني شيءِ کائڻ يا اعليٰ لباس پائڻ لاءِ دل چوي تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو راضپو حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪڏهن ڪڏهن ان کي ڇڏي ڏيڻ جي سعادت بہ ملي وڃي، مثال طور سخت گرمي آهي ۽ تڏي تڏي لسي پيئڻ لاءِ دل چوي ٿي يا سخت بُک ۾ "ڪڙاهي گوشت کائڻ" جي طلب آهي ۽ اسباب بہ آهن پر خدا عَزَّوَجَلَّ جي راضپي خاطر ان کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪاش! توفيق ملي وڃي. نفس جي خواهش کي ڇڏي ڏيڻ جو فائدو تہ ڏسو! حضرت سيّدُنا ابو سليمان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، **نفس جي ڪنهن خواهش کي ڇڏي ڏيڻ 12 مهينن جي روزن ۽ رات جي عبادتن کان بہ گهڻو دل جي لاءِ نفعو ڏيندڙ آهي.** (احياءُ العلوم ج 3 ص 118) حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، نفس کي جائز خواهش جي لاءِ بہ ڪليل آزادي نہ ڏيڻ گهرجي ۽ نہ ئي هر حال ۾ ان جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ٻانهو جيتري قدر خواهش کي پورو ڪندو

آهي ۽ نفس جي مطالبي تي سُنيون غذائون ڪائيندو آهي ان ڪي اوترو ڍڄڻ بہ گهرجي جو قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي چيو ويندو:

اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ

پ 26 سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ 20

ترجمو ڪنزالايمان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي حياتيءَ ۾ئي فنا ڪري ڇڏيون ۽ انهن مان نفعو وٺي بيٺؤ.

حضور ﷺ جي بڪ شريف

خليفهءِ اعليٰ حضرت، مفسرِ قرآن، حضرت صدر الافاضل علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ تحت فرمائن ٿا، هن آيت ۾ الله تعاليٰ دنياوي لذتون اختيار ڪرڻ تي ڪافرن کي ملامت فرمائي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضور جي اصحاب عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان دنيا جي لذتن کان عليحدگي اختيار فرمائي. بخاري ۽ مسلم جي حديث پاڪ ۾ آهي، حضورِ سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات تائين اهلبيت سڳورن ڪڏهن بہ جَوَن جي مانيءَ بہ ۾ ڏينهن لڳاتار نہ ڪاڏي، اهو بہ حديث ۾ آهي تہ پورو پورو مهينو گذري ويندو هو گهر مبارڪ ۾ (چلهہ ۾) باهہ نہ ٻرندي هئي، ڪجهہ ڪارڪن ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪيو ويندو آهي. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي پاڻ فرمائن ٿا تہ (اي انسانو) مان چاهيان ها تہ توهان کان سنو ڪاڏو ڪاوان ها ۽ توهان کان بهتر لباس پهريان ها پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو. (خزائن العرفان ص 802)

کھانا تو دیکھو جو کی روٹی، بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا، صلی اللہ علیہ وسلم
کون و مکاں کے آقا ہو کر، دونوں جہاں کے داتا ہو کر فاقے سے ہیں شاہِ دو عالم صلی اللہ علیہ وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿68﴾ عاشورا جي خيرات جون بَرَڪتون

عاشورا جي ڏينهن مُلڪ ”ري“ ۾ قاضي صاحب وٽ هڪ سائل اچي عرض گذار ٿيو، تہ مان هڪ تمام غريب ۽ عيالدار ماڻهو آهيان، توهان کي عاشوري جي ڏينهن جو واسطو! منهنجي لاءِ ٻہ سير مانيون، پنج سير گوشت ۽ ڏهہ درهمن جو انتظام ڪريو. الله تعاليٰ توهان جي عزّت ۾ برڪت ڏئي. قاضي صاحب چيو، ٻيپهريءَ کانپوءِ اچجانءِ. فقير ٻيپهريءَ کانپوءِ آيو تہ چيائين ٽيپهريءَ کانپوءِ اچجانءِ. اهو ٽيپهريءَ کان پوءِ پهتو تڏهن ٻہ ڪجهہ نہ ڏنائين، خالي هٿين موٽائي ڇڏيائين. فقير جي دل ٽُٽي پئي، هو ڏکارو ٿي ڪري هڪ عيسائي وٽ پهتو ۽ ان کي چيائين، اڄ جي مقدس ڏينهن جي صدقي مون کي ڪجهہ ڏي. ان پُڇيو، اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ جواب ڏنائين، اڄ **عاشوري جو ڏينهن** آهي اهو ٻُڌائڻ کان پوءِ هن عاشورا جا ڪجهہ فضائل بيان ڪيا. ان ٻُڌي ڪري وراڻيو، توهان وڏي عظمت واري ڏينهن جو واسطو ڏنو آهي، پنهنجي ضرورت بيان ڪريو! سائل ان سان ٻہ اها ئي ضرورت بيان ڪئي. ان ماڻهوءَ ڏهہ ٻوريون ڪٽڪ جون، سؤ سير گوشت ۽ ويهہ درهم پيش ڪندي چيو تہ هي توهان جي اهل و عيال جي خاطر سڄي زندگيءَ لاءِ هر مهيني، هن مبارڪ ڏينهن جي فضيلت ۽ حرمت جي صدقي مقرر

آهي. رات جو قاضي صاحب خواب ڏٺو تہ ڪو چئي رهيو آهي تہ نظر ڪٽي ڏس! **جڏهن نظر ڪنيائين تہ ڪيس ۾ عاليشان محل نظر آيا، هڪ چاندي ۽ سون جي سرن جو ۽ ٻيو ڳاڙهي ياقوت جو هو.** قاضي پُڇيو تہ هي ٻئي محل ڪنهن جا آهن؟ جواب مليو، جيڪڏهن تون سائل جي ضرورت پوري ڪري ڇڏين ها تہ هي توکي ملن ها، پر جيئن تہ تو ان کي ڏکا ڪارائڻ جي باوجود بہ ڪجهہ نہ ڏنو، ان لاءِ هي ٻئي محل فلاڻي عيسائيءَ جي لاءِ آهن. قاضي سڄاڳ ٿيو تہ ڏاڍو پريشان هو. صبح ٿيو تہ عيسائيءَ وٽ ويو ۽ ان کان پُڇيائين تہ ڪالهہ تو ڪهڙي "نيڪي" ڪئي هئي؟ ان پُڇيو، توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ قاضي صاحب پنهنجو خواب ٻُڌايو ۽ پيشڪش ڪئي تہ مون کان هڪ لک درهم وٺ ۽ ڪالهوڪي "نيڪي" مون کي وڪڻي ڇڏ! عيسائيءَ چيو، مان روءِ زمين جي سموري دولت وٺي ڪري بہ ان کي نہ وڪڻندس، **رب العزت جل جلاله** جي رَحمت ۽ عنايت تمام خوب آهي. **ٻُڌو! مان مسلمان ٿو ٿيان** هي چئي ڪري هُن پڙهيو، اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان گواهي ٿو ڏيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي ۽ مان گواهي ٿو ڏيان تہ محمد ان جا خاص ٻانها ۽ ان جا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. (روض الرياحين ص152)

عاشوري جا فضائل

منا منا اسلامي ڀائرو! عاشوراء يعني محرم الحرام جي ڏهين تاريخ تي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوهتي، حضرت بتول جي

جگر جي ٽڪري، امام عاليمقام حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ سندن ساٿين کي ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بي رحمي سان بُکايل ۽ اجايل شهيد ڪيو ويو. عاشوري جي ڏينهن ان کان سواءِ ڪيترائي اهم واقعا ظاهر ٿيا. عاشوري جي ڏينهن ۽ محرم الحرام جي سڄي مهيني کي ئي اسلام ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. رمضان المبارڪ کان پوءِ **محرم الحرام** جا روزا افضل ترين آهن، جيئن ته

”پنجتن“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان 5 احاديث مبارڪ

﴿1﴾ بنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، رمضان کان پوءِ محرم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان بعد افضل نماز **صلوة اليل** (**يعني رات جي نفل نماز**) آهي. (**صحيح مسلم ص 591 حديث 1163**) ﴿2﴾ نبي رَحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، محرم الحرام جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي. (**المعجم الصغير للطبراني ج2 ص 71**) ﴿3﴾ رَحمت عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جنهن محرم الحرام ۾ ٽن ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جو روزو رکيو ان جي لاءِ بن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو. (**مجمع الزوائد ج3 ص 438 حديث 5151**) ﴿4﴾ سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان اڳ يا پوءِ ۾ به

هڪ ڏينهن جو روزو رکو. (مُسند امام احمد ج1 ص 518 حديث 2154) تنهنڪري جيڪو 10 محرم الحرام جو روزو رکي ان کي گهرجي تہ 9 يا 11 تاريخ جو روزو بہ رکي ڇڏي. ﴿5﴾ ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جنهن عاشوري جي ڏينهن پنهنجي گهر ۾ رزق ۾ ڪشادگي ڪئي الله تعالي ان تي سڄو سال ڪشادگي ڪندو.

سڄو سال بيمارين کان حفاظت

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، جيڪو محرم الحرام جي نائين ۽ ڏهين جو روزو رکندو تہ گهٽو ثواب حاصل ڪندو. جيڪو ٻارن ٻچن جي لاءِ ڏهين محرم شريف جو خوب سنا سنا ڪاڏا پچائيندو، تہ اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄو سال سندس گهر ۾ برڪت رهندي، بهتر آهي تہ ڪچڙو پچائي ڪري حضرت شهيد ڪربلا سيّدُنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فاتحه ڏياري تمام مجرب (يعني آزمايل) آهي. جيڪو انهيءَ تاريخ ۾ غسل ڪري تہ سڄو سال بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ ان ڏينهن آبِ زم زم تمام پاڻين ۾ ملي ويندو آهي. (تفسير روح البيان ج4 ص142 ، اسلامي زندگي ص 102) سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن اِثمَد سرمو اکين ۾ لڳائي تہ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون (شعب الايمان ج3 ص 367 حديث 3797)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پاڪستان جو خوفناڪ زلزلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مصيبت جي ماريلن سان همدرديءَ جو ذهن ملندو آهي. هي سٺون لڪجڻ تائين پاڪستان جي تاريخ ۾ اچڻ واري سڀ ڪان وڏي **خوفناڪ زلزلي** جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪيان ٿو. چنچر جي ڏينهن 3 رمضان المبارڪ 1426هـ (8-10-2005) صبح جو تقريبًا 8:45 تي پاڪستان جي اوپرندي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو، جنهن ۾ سرحد ۽ ڪشمير جي هڪ تمام وڏي حصي سان گڏوگڏ پنجاب جو به ڪجهه حصو متاثر ٿيو، **هڪ اطلاع جي مطابق ٻن لکن کان وڌيڪ ماڻهو ان ۾ فوت ٿي ويا** ۽ صحيح ڳالهه هي آهي ته مرڻ وارن جي تعداد جي ڪنهن کي خبر آهي! پورا پورا ڳوٺ، مڪمل وسنديون ۽ ڪيترائي شهر تباهه ۽ برباد ٿي ڪري ملبي جو ڍير بڻجي ويا، جبلن جا جبل زمين مان اکڙجي آبادين تي اچي ڪريا، نه ڄاڻ ڪيترا ڪِلندڙ ڪُڏندڙ انسان اوچتو زندهه دفن ٿي ويا، انهن سيني جي ڳٽپ ڪير ۽ ڪيئن ڪري سگهي ٿو! اسان سيني کي گناهه ڪندي ڪاش! انهيءَ زلزلي کي نظرن آڏو رکڻ جو ذهن بڻجي وڃي ۽ ڪٿي ائين نه ٿئي جو گناهه ڪرڻ مهل ئي اوچتو **زلزلو** اچي وڃي ۽ اک ڇنب ۾ اسان **"چٽجي"** وڃون! (اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان عافيت جا طلبگار آهيون)

619 ٽرڪن جو سامان

دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀائرن زلزلي متاثرين جي امداد لاءِ وڏي چڙهي ڪري حصو ورتو تقريبًا 619 ٽرڪن جو سامان زندگيءَ

جي ضرورتن جي مطابق انهن ۾ ورهايو، امدادي ڪمن ۾ لڳ ڀڳ 12ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **عاشقانِ رسول** جا سنّتن جي تربيت جا ڪجهه **مدني قافلا** ۽ زلزلي سٿيل علائقن ۾ گم ٿي ويا پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهي جلد ئي زندهه سلامت ملي ويا، انهن مان هڪ **مدني قافلي** جي مدني بهار ملاحظ فرمايو.

﴿69﴾ ٻه پيرا موت جي منهن ۾

ڊِرگ ڪالوني ۽ ملير (**باب المدينه ڪراچي**) جي 9 اسلامي ڀائرن تي مشتمل **دعوتِ اسلاميءَ** جو سنّتن جي تربيت جو مدني قافلو سنّتن ڀرئي سفر تي هو ۽ قادرآباد ضلعي"باغ" (ڪشمير) جي هڪ مسجد ۾ ترسيل هو، **عاشقانِ رسول** جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته " آرام جي وقفي مهل پنج اسلامي ڀائر آرام ڪري رهيا هئا جڏهن ته چار اسلامي ڀائر مسجد کان ٻاهر ويل هئا، 3 رمضان المبارڪ 1426هه ڏينهن جي تقريبًا پوڻي نائين وڳي اوچتو **زلزلي** جا زوردار جهٽڪا آيا، اسلامي ڀائرن گهبرائجي ڪري تقريبًا پنج فٽ ڊگهي پٽ کان ٻاهرئين طرف ٽپو ڏئي روڊ جي طرف تيز تيز ڀڄڻ شروع ڪيو، هر طرف ڌماڪن جا **خوفناڪ** آواز اچي رهيا هئا، پوئتي ڪنڌ ورائي جو ڏٺائون ته هڪ ناقابل يقين منظر نگاهن جي سامهون هو ۽ اهو هيءُ ته ٻنهي طرفن کان **جبل آباديءَ** تي اچي ڪريو هو، جڏهن مٿي ۽ دز هٿي ته اتي نه اسان جي مسجد هئي نه ئي ڪو گهر. تمام عاليشان عمارتون ڊهي پٽ تي ڇُڪيون

هيون، هر طرف **قيامتِ صغريٰ** قائم هئي، غالبًا ان آباديءَ جو ڪو بہ ماڻهو زندهہ نہ بچيو هو. **عاشقانِ رسول** ٽڙندا ٽاٻڙندا ويجهي واري علائقي ”نذر آباد“ پهتا، اتي بہ **زلزلي** تباهي مچائي ڇڏي هئي، جڏهن سندن حواس ڪجهہ بحال ٿيا تہ امدادي ڪمن ۾ حصو ورتائون اتي ئي روزو ڪوليائون ۽ **زلزلي** متاثر هڪ مسجد جي باقي بچيل حصي ۾ سانجهيءَ جي نماز ادا ڪيائون پوءِ جيئن ئي ان مسجد مان نڪتا تہ وري هڪ هنيانءُ ڏڪائيندڙ جهٽڪو آيو ۽ مسجد جو بچيل حصو بہ هڪ ڏماڪي سان زمين تي ڪِري پيو ۽ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻئين پيري بہ **عاشقانِ رسول** جي جان محفوظ رهي. قومي اخبار جي ڪالم نگار هي واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ لکيو هو، ” **اهوقافلو سني نيّت سان (يعني نيڪيءَ جي دعوت جون ڏومون مچائڻ لاءِ) ويو هو (شايد) انهيءَ لاءِ الله** عَزَّوَجَلَّ **کين بچايو.**“

زلزلہ آئے گر، آ کے چھا جائے گر　　صِرف حق سے ڈریں قافلے میں چلو
زلزلہ عام تھا ہر سُو کہرام تھا　　اس سے لو عبرتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿70﴾ سُڪل ماڻيءَ جو ٽڪرو

پنهنجي دؤر جي جيّد عالم حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي جي خدمت ۾ ” اهواز“ کان امير (**يعني حڪمران**) سليمان بن علي جو خصوصي نمائندو حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو. شهزادن جي

تعليم ۽ تربيت لاءِ حاڪم توهان کي شاهي دربار ۾ گهرايو آهي، حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی سڪل ماني ۽ جو ٽُڪر ڏيڪاريندي جواب ارشاد فرمايو،"مون وٽ جيستائين سڪل ماني ۽ جو هڪ ٽڪر موجود آهي مون کي شاهي دربار جي نوڪري ۽ جي ڪا ضرورت ناهي." (روحاني حڪايات حصو پهريون ص 106 رومي پبلشرز لاهور)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

جُستجُو میں کیوں پھریں مال کی مارے مارے
ہم تو سرکار کے ٹکڑوں پہ پلا کرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

وزيراعظم جو دعوت نامو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها حڪمرانن کان ڪيتري قدر پري رهندا آهن جڏهن تہ اڄ اسان جهڙن کي بالفرض **صدر يا وزير اعظم جو دعوتنامو** ملي وڃي تہ سيئي مصروفيتون ۽ سيئي معاملا ڇڏي ڏيون ۽ چاهي هزارين ڪلو ميٽرن جو سفر طئي ڪرڻو پوي، اهو بہ ڪري خوب اعليٰ لباس پائي وڏي شان سان اسيمبلي حال جي سامهون پهچي ڪري سيني ڪان پهرين قطار ۾ بيهي رهون! هاءِ نفس جي غلامي!!! بغير سخت مجبوريءَ جي رُڳو دنيا جي مفادن ۽ عهديداريءَ جي لوڀ جي خاطر حڪمرانن ۽ آفيسرن وغيره جي پويان ڦرڻ، انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ، انهن کان تمغا حاصل ڪرڻ، مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ انهن

سان گڏ تصويرون ڪڍرائڻ وري انهن تصويرن کي سنڀالي رکڻ، ماڻهن کي ڏيکاريندو وتڻ انهن جي فريم بڻائڻ ۽ ان کي گهر يا آفيس ۾ ٽنگڻ وغيره وغيره حرڪتون پنهنجي اندر هلاڪتون تہ رکنديون آهن، پر انهن ۾ برڪتون نظر نہ ٿيون اچن. ها اهم ديني مفاد جي لاءِ يا انهن جي شر کان بچڻ جي لاءِ جيڪڏهن انهن وٽ وڃڻو پوي تہ ٻئي ڳالهہ آهي ڇو تہ جيڪو مجبور آهي سو معذور آهي، منقول آهي

بِئْسَ الْفَقِيرُ عَلٰى بَابِ الْاَمِيْرِ

(يعني فقيرن مان اهو شخص ڏاڍو بُرو آهي جيڪو اميرن جي دروازي تي وڃي.)

نِعمَ الْاَمِيرُ عَلٰى بَابِ الْفَقِيرِ

(يعني اميرن مان اهو شخص ڏاڍو سٺو آهي جيڪو فقيرن جي دروازي تي حاضر ٿئي.)

(شيطان کي حڪايات ص 71 کان 72فريد بڪ اسٽال لاهور)

بنهي جهانن ۾ ڪاميابي

بهرحال شيطان جي چال تمام خطرناڪ هوندي آهي،اڪثرڪري هو نفساني خواهشن کي ديني مفاد ڄاڻائي بہ حڪمرانن جي قدمن ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، انهيءَ سبب جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ۽ محتاط ٻانها انهن کان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت سمجهندا آهن. ٻين جي مال تي نظر رکڻ بدران جيڪو قناعت اختيارڪندو، اهو بنهي جهانن ۾ ڪامياب آهي. حڪمرانن، ظالمن ۽ قاضين کان الله وارا ڪيتري قدر بيزاررهندا هئا، ان جو اندازو هن حڪايت مان لڳائي سگهجي ٿو جيئن تہ

﴿71﴾ حضور ﷺ جو سڄاڳيءَ ۾ 75 پيرا ديدار

حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، **حضرت** علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هڪ خط سندن هڪ دوست شيخ عبدالقادر شاذليءَ وٽ **حضرت** سيّدُنا علي خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڏنو. جيڪو ان شخص جي جواب ۾ لکيوهئائون جنهن بادشاهہ وٽ سفارش جي لاءِ هلڻ جي درخواست لکي هئي ان خط جي جواب ۾ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکيو هو،" منهنجا ياءَ! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان هن وقت تائين حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ **75** پيرا سڄاڳيءَ جي حالت ۾ آمهون سامهون حاضر ٿي چُڪو آهيان. جيڪڏهن مون کي بادشاهہ ۽ اميرن وٽ وڃڻ ۾ نبي ڪريم، روف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جي زيارت ڪان محروميءَ جوخوف نہ هجي ها تہ ضرورقلعي ۾ وڃان ها ۽ بادشاهہ کي تنهنجي سفارش ڪيان ها. مان حديث جو هڪ خادم آهيان، جن حديثن کي محدثين ڪرام پنهنجي تحقيق ۾ ضعيف چيو آهي انهن جي تصحيح جي لاءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف محتاج آهيان ۽ بيشڪ ان جونفعوتنهنجي ذاتي نفعي تي ترجيح رکي ٿو. (ميزان الشريعه الڪبريٰ ص48)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! حڪمرانن وٽ اچڻ وڃڻ ۾ روحانيت جو ڪيڏو وڏونقصان ٿي سگهي ٿو! هن سلسلي ۾ هڪ

ٻي **حڪايت** ملاحظہ فرمايو جنهن ۾ حاڪم (گورنر) وٽ وڃڻ جي سبب روحانيت کي سخت نقصان پهچڻ جو واضح بيان آهي جيئن تہ

﴿72﴾ نعت خوان کي ڇو نقصان پهتو

حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا **محمد بن ٿرين** مدّاح رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (يعني نعت خوان) جي **متعلق** مشهورآهي تہ ڪين سجاڳيءَ ۾ **حضور** تاجدارِرسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمهون سامهون زيارت ٿيندي هئي. جڏهن اهي صبح جي وقت روضي اطهر تي حاضر ٿيا تہ **حضورِ** انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڻن پنهنجي قبر مبارڪ مان گفتگو فرمائي. اهي نعت خوان پنهنجي انهيءَ مقام تي فائز رهيا ايتري تائين جو هڪ شخص ڪين درخواست ڪئي تہ شهر جي حاڪم وٽ سندس سفارش ڪن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حاڪم وٽ پهتا ۽ سفارش ڪيائون. ان حاڪم ڪين پنهنجي تخت تي ويهاريو. تڏهن کان سندن زيارت جو سلسلو ختم ٿي ويو. پوءِ هو هميشہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ زيارت جي تمنا پيش ڪندا رهيا، پرزيارت نہ ٿين. هڪ ڀيري هڪ شعر عرض ڪيائون تہ ڪين پري کان زيارت ٿي. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،"**ظالمن جي تخت تي ويهڻ سان گڏ منهنجي زيارت چاهين ٿو، ان جو ڪو رستوناهي.**" حضرت سيّدُنا علي خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ پوءِ اسان کي ان بزرگ جي متعلق خبر نہ ملي تہ ڪين شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي يا نہ ايتري تائين جو سندن وصال ٿي ويو. **(ميزان الشريعة الكبريٰ ص48)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي،

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو ذاتي مفاد خاطر حڪمرانن جي پويان ڀٽڪندا آهن، ڪڏهن ڪنهن وزير يا صدر وغيره وٽ موقعو ملي ته اڏامندي حاضر ٿيندا آهن، صدر تمغو پارائي يا هٿ ملائي ته ان جي تصويرلڳائيندا آهن ٻين کي ڏيکاريندا ۽ ان کي تمام وڏواعزاز سمجهندا آهن، انهن جي لاءِ گذريل حڪايت ۾ گهڻو ڪجهه عبرت جو درس آهي.

اَلْعَاقِلُ تَكْفِيْهِ الْاِشَارَةُ (يعني عقلمند لاءِ اشارو ئي ڪافي آهي)

کس چیز کی کمی ہے مولیٰ تری گلی میں دنیا تری گلی میں عُقبیٰ تری گلی میں
تختِ سکندری پر وہ تھوکتے نہیں ہیں بستر لگا ہے ہوا جن کا تری گلی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿73﴾ شاهي دسترخوان جو وبال

حضرت سيّدُنا قاضي شريڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام وڏا عالم ۽ محدّث ٿي گذريا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حڪمرانن سان ملڻ جُلڻ کان پري رهندا هئا، هڪ ڀيري بغداد جي خليفي مهدي عباسي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي دربار ۾ گهرايو ۽ خوب اصرار ڪيو ته منهنجي ٽن ڳالهين مان هڪ کي اختيار ڪرڻو ئي پوندو ﴿1﴾ قاضي (يعني جج) جو عهدو قبول ڪريو يا ﴿2﴾ منهنجي شهزادن کي تعليم ڏيو يا ﴿3﴾ گهٽ ۾ گهٽ مون سان

گڏ ڪاڏو ئي ڪائو. ٿوري دير غور ۽ فڪر ڪان پوءِ فرمايائون، توهان سان گڏ ڪاڏو ڪائڻ، باقي ڪمن جي نسبت آسان آهي، پوءِ پاڻ دعوت قبول فرمايائون. خليفي بورچيءَ کي سني ڪان سنو ڪاڏو تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو، حضرتِ سيّدُنا قاضي شريڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بادشاهه سان گڏ **شاهي دستر خوان** تي ڪاڏو تناوُل فرمايو. شاهي بورچي سندن خدمت ۾ عرض ڪيو، سائين! هاڻي توهان جو خير ناهي، يعني توهان هاڻي شاهي ڄار ۾ ڦاسي چُڪا آهيو، ان ڪان ڪڏهن به آزاد نه ٿا ٿي سگهو". نيٺ ائين ئي ٿيو، بادشاهه سان گڏ "ڪاڏو" ڪائڻ ڪان بعد شهزادن جا استاد به بڻجي ويا ۽ قاضيءَ جو عهدو به قبول فرمايائون. **(تاريخ الخلفاء ص 221)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

به ٿهائي دين هليو ويندو آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! حڪمرانن ۽ سرمائيدارن کان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي. انهن جون دعوتون ڪائڻ ۽ انهن جا تحفا قبول ڪرڻ ۾ آخرت جي لاءِ شديد خطرا آهن، جو انهن جون دعوتون ڪائڻ ۽ تحفا قبول ڪرڻ واري جو انهن جي خوشامد ڪرڻ ۽ هروپرو ها ۾ ها ملائڻ ڪان بچڻ تمام مشڪل هوندو آهي. حديث شريف ۾ آهي،"جيڪو ڪنهن مالدار جي، ان جي مالداريءَ جي سبب تواضع (يعني ان جي سامهون عاجزي) ڪندو ان جو **به ٿهائي** دين ختم ٿي ويندو آهي. **(ڪشف الخفا ج2 ص 215 حديث 2442)**، اعلیٰ حضرت مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا،" دنيا جي مال لاءِ تواضع **(يعني عاجزي)** خدا جي لاءِ ناهي **(تنهنڪري)** اها حرام ٿي." **(ذيل المدعا لاحسن الوعا ص 12)**

خوشامد جي مذمت

مطلب هي آهي تہ ڪنهن دنيادار مالدار ماڻهوءَ جي بنا شرعي اجازت جي رُڳو ان جي دولت سبب تواضع **(يعني خوشامند)** ڪرڻ حرام آهي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اهو گناهہ اڄڪلهہ تمام گهڻو عام آهي. ”مالدارماڻهو“ عام ماڻهن جي لاءِ امتحان جو سبب هوندو آهي، ڇو تہ دولت جي ڪثرت جي سبب ان جو هڪ خاص رعب هوندو آهي، جيتوڻيڪ هو هڪ ”ڪوتو سڪو“ بہ نہ ڏئي پر پوءِ بہ نفسياتي اثر جي غلبي ۾ اچي هرويرو ساڻس عاجزاڻي ۽ خوشامدانہ انداز سان ماڻهو پيش ايندا آهن. سرڪارِ اعلٰيٰ حضرت جا والد گرامي رئيس المتڪلمين حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان نقل ڪن ٿا، حديث شريف ۾ آيو آهي تہ، ”مسلمان خوشامدي ناهي هوندو.“ ۽ ڪوڙيون ڪوڙيون تعريفون ان ڪان بہ بدتر، جو هڪ تہ خوشامند ٻيو ڪوڙ ٿيون ان شخص جو نقصان، جو منهن تي تعريف ڪرڻ کي حديث ۾ سِسي لاهڻ فرمايو (ويو آهي) ۽ ارشاد ٿيو تہ مداحن (يعني منهن تي تعريف ڪرڻ وارن) جي وات ۾ مٽي وجهي ڇڏيو.“ خاص طور تي جيڪڏهن ممدوح (يعني جنهن جي تعريف ڪئي وڃي) فاسق هجي جو حديث ۾ آهي تہ ”جڏهن فاسق (بدڪار) جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ رب تعاليٰ غضب فرمائيندو آهي ۽ رحمٰن جو عرش لُڏي ويندو آهي.

(احسن الوعا لاداب الدعاء ص 154)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿74﴾ مليدي جو ثواب بہ مليو

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان پنهنجي مرحومہ پڦيءَ کي خواب ۾ ڏسي ڪري حال پُڇيو تہ چيائين، ”خيريت سان آهيان، پنهنجي عملن جو پورو بدلو مليو ايتري تائين جو ان **مليدي** (ديسي گيهہ ،ڳڙ ۽ ماني ۽ جي مني ڪُٽي) جو ثواب بہ مليو جيڪو مون هڪ ڏينهن غريب کي **ڪارايو** هو. (شرح الصدور ص 278)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿75﴾ انگور جو داڻو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي ٿوري بہ نيڪي ضايع ناهي فرمائيندو. ظاهر ۾ ڪيتري بہ معمولي شيءِ هجي ان کي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ڪرڻ ۾ شرمائڻ نہ گهرجي. اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هڪ ڀيري سائل (يعني سواليءَ) کي هڪ انگور جو داڻو عطا فرمايو. ڪنهن ڏسڻ واري حيرت جو اظهار ڪيو تہ فرمايائون هن (انگور) مان تہ ڪيئي ذرا نڪري سگهن ٿا جڏهن تہ **الله تعالٰي** 30 سيپاري سورة الزلزال جي ستين آيت ۾ فرمائي ٿو:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي

خَيْرًا يَّرَهٗ ﴿۷﴾ ڪندو ان کي ڏسندو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ بُڪايل کي مليدو يا ڪو بہ حلال ۽ پاڪ ڪاڏو ڪارائڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي. جيئن تہ سردارِ مڪہءِ مڪرمہ، سلطانِ مدينہءِ منورہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمتِ نشان آهي تہ، جنهن بُڪايل کي ڪاڏو **ڪارايو** ايتري تائين جو ڍؤ ڪيائين تہ ان کي (يعني ڪارائڻ واري کي) الله عرش جي ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو.

(مكارم الاخلاق للطبراني ص 272)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿76﴾ خواب ۾ دم جي برڪت

منا منا اسلامي ڀائرو! بُڪايلن کي ڪارائڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ سنّتن ڀري زندگي اختيار ڪرڻ جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، روحاني برڪتن سان گڏو گڏ جسماني فائدن سان بہ مالا مال ٿي ويندؤ. جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ منهنجو ڀاڻيجو السر جي سبب ڪان سخت تڪليف ۾ هو، ڊاڪٽر بہ علاج ڪان عاجز ٿي چُڪا هئا، ان سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو، واپسيءَ تي سندس طبيعت وڌيڪ بگڙي چُڪي هئي، ان جي تڪليف ڏني نہ پئي وڃي، ان ٻُڌايو تہ مون هي ذهن بڻايو تہ **مدني قافلي** ۾ نہ

خصوصي آرام جو مطالبو ڪندس نہ ئي پرهيز وارو ڪاڏو گهرندس تنهنڪري جيڪو بہ تڪو قڪو ملندو هو اهو ڪائي وٺندو هئس. ان اسلامي ڀاءَ جو چوڻ آهي تہ جڏهن منهنجو ڀاڻيجو رات جو سُتو تہ ان خواب ۾ هڪ پيرسن **دعوتِ اسلامي ءَ جي مبلغ** جي زيارت ڪئي ان مبلغ چيو مان توکان ڏاڍو خوش آهيان، پوءِ شفقت سان طبيعت پُڇيائين تہ منهنجي ڀاڻيجي پنهنجي شديد بيماريءَ جي شڪايت ڪئي **اهو ٻُڌي ڪري ان مبلغ سيني تي آڱر رکي ڪري دم ڪيو**. جڏهن منهنجو ڀاڻيجو صبح جو سڄاڳ ٿيو تہ اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مڪمل طور تي صحتمند ٿي چُڪو هو.

ہے شفا ہی شفا مرحبا! مرحبا!
آ کے خود دیکھ لیں قافلے میں چلو
لوٹ لیں رحمتیں خوب لیں برکتیں
خواب اچھے دِکھیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿77﴾ نرالي شهزادي

حضرت سيّدُنا شيخ شاهہ ڪرماني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِي جي شهزادي جڏهن شادي جي لائق ٿي ۽ پاڙيسري ملڪ جي بادشاهہ وٽان رشتو آيو تڏهن بہ پاڻ انڪار ڪري ڇڏيائون ۽ مسجد مسجد گهمي ڪري ڪنهن نيڪ سيرت نوجوان کي ڳولڻ لڳا، هڪ نوجوان تي سندن نظر پئي جنهن چڱيءَ طرح نماز پڙهي ۽ ٻاڏائي ڪري دعا گهري،

شيخ ان کان پُڇيو توهان جي شادي ٿي چُڪي آهي؟ ان نفيءَ ۾ جواب ڏنو پوءِ پُڇيائون ڇا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڇوڪري قرآن مجيد پڙهندي آهي، نماز روزي جي پابند آهي ۽ خوب سيرت آهي، ان چيو، ڀلا مون سان ڪير رشتو ڪندو! شيخ فرمايو، مان تو ڪريان ونو هي ڪجهه درهم. هڪ درهم جي **ماني**، هڪ درهم جي **ڀاڄي** ۽ هڪ درهم جي **خوشبوءِ** خريد ڪري اچو. اهڙي طرح شاهه ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي پنهنجي ڏيءَ جو نڪاح ان سان پڙهائي ڇڏيو، **ڪنوار** جڏهن گهوٽ جي گهر آئي تڏهن ان ڏنو تہ پاڻيءَ جي گهگهيءَ تي هڪ ماني رکيل آهي، ان پُڇيو، هي ماني هتي ڪيئن؟ گهوٽ چيو تہ اها ڪالهوڪي پاروٽي ماني آهي، مون افطار جي لاءِ رکي آهي، اهو ٻُڌي ڪري هوءَ واپس ٿيڻ لڳي. اهو ڏسي ڪري گهوٽ چيو تہ مون کي خبر هئي تہ شيخ شاهه ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي شهزادي مون غريب انسان جي گهر نہ ٿي رهي سگهي، ڪنوار چيو تہ مان توهان جي غربت جي سبب نہ پر ان لاءِ واپس وڃي رهي آهيان جو **رب العٰلمين** عَزَّوَجَلَّ تي توهان جو يقين ڏاڍو ڪمزور نظر اچي رهيو آهي، تڏهن تہ سياڻي جي لاءِ ماني بچائي رکو ٿا، مون کي تہ پنهنجي پيءُ تي حيرت آهي جو ان توهان کي پاڪيزه خصلت ۽ نيڪ ڪيئن چيو؟ **گهوٽ** اهو ٻُڌي ڪري ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چيائين، ان ڪمزوريءَ لاءِ معذرت تو چاهيان، **ڪنوار** چيو تہ پنهنجي معذرت توهان پاڻ ڄاڻيو پر مان اهڙي گهر ۾ نہ ٿي رهي سگهان، جتي هڪ وقت جي خوراڪ جمع ٿيل هجي هاڻي يا مان رهنديس يا ماني،

گهوٽ هڪدم وڃي ماني خيرات ڪري ڇڏي ۽ اهڙي درويش خصلت نرالي شهزاديءَ جو مڙس ٿيڻ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيائين.

(روض الرياحين ص 103)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! متوڪلين جون به ڇا ته خوب ادائون هونديون آهن. شهزادي هئڻ جي باوجود اهڙي زبردست **توڪل** جو سيڀاڻي جي لاءِ ڪاڏو بچائڻ پسند ئي ناهي! اهي سڀ ڪامل يقين جون بهارون آهن جو جنهن خدا عَزَّوَجَلَّ اڄ ڪارايو آهي اهو سيڀاڻي به ڪارائڻ تي يقيناً قادر آهي. پکي ۽ جانور وغيره ڇا بچائي رکندا آهن! هڪ وقت ڪائڻ کان پوءِ ٻئي وقت جي لاءِ بچائي رکڻ انهن جي فطرت ۾ ئي ناهي. مرغيءَ جي توڪل ملاحظه فرمايو، ان کي پاڻي ڏيو. ضرورت مطابق پيئڻ کانپوءِ پيالي تي پير رکي پاڻي هاري ڇڏيندي آهي. ڄڻ ته اها **خاموش مبلغه** آهي! ۽ اسان کي نصيحت ڪري رهي آهي ته اي انسانو! ورهين جو جمع ڪري وٺڻ باوجود به توهان کي قرار ناهي ايندو! جڏهن ته مان هڪ پيرو پيئڻ کانپوءِ ٻئي پيري لاءِ بي فڪر ٿي ويندي آهيان ته جنهن هاڻي پياريو آهي اهو بعد ۾ به پياريندو.

﴿78﴾ امام بخاريءَ جا استاد

حضرتِ سيّدُنا امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى جي استاد سڳوري حضرتِ سيّدُنا **قُبيصه** بن عُقبه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان ملڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن ڪوهستاني علائقي جو شهزادو پنهنجي خادمن سان گڏ حاضر ٿيو. پاڻ

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه گهر مان نڪرڻ ۾ ڪافي دير لڳايائون، ان تي خادمن سڏ ڪري چيو ته سائين! توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دروازي تي **ملک الجبل** (يعني جبل جي بادشاهه) جو شهزادو بيٺو آهي ۽ توهان آهيو جو گهر کان نڪرو ئي نه ٿا! اهو ٻڌي ڪري حضرت سيّدُنا قُبيصه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **مانيءَ جا ڪجهه سڪل ٽڪرا** ڪٽي ٻاهر تشريف ڪڍي آيا ۽ ڏيکاريندي ارشاد فرمايائون، جيڪو شخص دنيا ۾ ايتري تي ئي قناعت ڪري راضي ٿي چُڪو هجي ان کي **ملک الجبل** سان ڪهڙو ڪم؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان هن سان ڳالهائيندس به نه. اهو فرمائي ڪري دروازو بند ڪري ڇڏيائون. **(تذکرة الحفاظ ج 1 ص 274)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

قناعت ۾ عزت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو سادگي اختيار ڪندو آهي ۽ سادي غذا ۽ لباس تي قناعت ڪندو آهي، ان کي نه دولت جي ضرورت هوندي آهي نه دولتمند جي. مال جي لالچ سني ناهي هوندي، جيڪو ان ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي اهو نقصان ۾ رهندو آهي، جيڪو لالچي هوندو آهي ان جو ڪڏهن به ڍوءُ ناهي ٿيندو، هر وقت ان تي مال ڪمائڻ جي ڌُن سوار رهندي آهي، ايتري تائين جو موت اچي پهچندو آهي. جيئن ته حضرت م شيرِ خدا ولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا ته" عَزَّمَنْ قَنَعَ وَذَلَّ مَنْ طَمَعَ يعني جنهن قناعت ڪئي ان عزّت ماڻي ۽ جنهن لالچ ڪئي اهو ذليل ٿيو." **(روحاني حڪايات حصو پهريون ص 106 رومي پبليڪيشنز مرڪزالاولياء لاهور)**

دنيا کي ڇڏي ڏيو

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بيان آهي تہ نبيّ رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو، اي ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن توهان کي سخت بُک لڳي تہ هڪ ماني ۽ پاڻيءَ جي هڪ پيالي تي گذارو ڪريو ۽ چئو تہ مان دنيا ۽ **دنيا وارن کي ڇڏيان ٿو.**

(الکامل في ضعفاء الرجال ج8 ص 183)

پين جي مال کان مايوس ٿي وڃو

حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ ڳوناڻي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي هڪ مختصر وصيّت فرمايو! فرمايائون،”جڏهن توهان نماز پڙهو تہ زندگيءَ جي آخري نماز (سمجهي ڪري) پڙهو ۽ هرگز اهڙي ڳالهہ نہ ڪريو جنهن سان توهان کي سياڻي معذرت ڪرڻي پوي ۽ ماڻهن وٽ جيڪو ڪجهہ آهي ان کان نا اميد ٿي وڃو. **(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 455 حديث 4171)**

ڪنهن جو مال نہ وٺڻ ۾ ئي پلائي آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ٻين جي مال جي آسري تي رهڻ تہ هو مون سان تمام گهڻي محبت ڪندو آهي، پاڻ ئي مون کي آڇ بہ ڪندو رهندو آهي تہ جڏهن بہ ضرورت هجئي چوندو ڪر. ان لاءِ ڪڏهن بہ ضرورت پئي تہ ان کان گهري وٺندس، منع نہ ڪندو وغيره اميدون بلڪل ڪوڪليون آهن جو ماڻهوءَ جي دل بدلجندي رهندي آهي، ياد رکو! ڏيڻ وارو انسان وٺڻ واري کان متاثر نہ ٿو

ٿي سگهي باقي جيڪڏهن ڪو ڏيڻ اچي ۽ توهان قبول نہ ڪيو تہ ضرور متاثر ٿيندو. **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا تہ عيش ڪجهہ گهڙين جو آهي جيڪو گذري ويندو ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ حالت بدلجي ويندي. پنهنجي زندگيءَ ۾ قناعت اختيار ڪريو، راضي رهندؤ ۽ پنهنجي خواهش ڇڏي ڏيو آزاديءَ سان زندگي گذاريندؤ. ڪيترائي پيرا موت سون، ياقوت ۽ موتين جي سبب (**ڏاڙيلن جي ذريعي**) ايندو آهي. (**احياءُ العلوم ج 3 ص 298**)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ڪنهن جو محتاج نہ ٿئي

حضرت سيّدُنا محمّد بن واسع رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سڪل ماني ۽ ڪي پاڻيءَ ۾ پڄائي ڪري ڪائيندا هئا فرمائيندا هئا جيڪو شخص ان تي قناعت ڪندو آهي اهو ڪنهن جو محتاج ناهي ٿيندو. (**ايضًا ص 295**)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

پيٽ هڪ گراٽ جيترو ئي تہ آهي

حضرت سيّدُنا سميط بن عجلان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ " اي انسان! تنهنجو پيٽ تمام مختصر يعني رُڳو هڪ گراٽ چورس ئي تہ آهي پوءِ اهو تو کي دوزخ ۾ چو وٺي وڃي؟ ڪنهن داناءَ کان پُڇيو ويو توهان جو مال ڇا آهي؟ انهن وراڻيو! ظاهر ۾ سٺي حالت ۾ رهڻ، باطن ۾ وچٽرائي اختيار ڪرڻ ۽ جيڪو ڪجهہ ماڻهن وٽ آهي ان کان مايوس ٿيڻ. (**ايضًا ص 298**)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شمار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ماڻهو پوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ ان جون ٻه خصلتون جوان ٿي ويندیون آهن مال جو حرص ۽ عمر جو حرص.

(صحيح مسلم ص 521 حديث 1047)

رڳو قبر جي مٽي ۽ سان ئي پيٽ ڀرجو

سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، جيڪڏهن انسان جي لاءِ مال جون ٻه واديون هجن ته اهو ٽين واديءَ جي تمنا ڪندو ۽ انسان جي پيٽ کي ته رُڳو مٽي ئي ڀري سگهي ٿي ۽ جيڪو شخص توبهه ڪندو آهي الله تعاليٰ ان جي توبهه قبول فرمائيندو آهي. (صحيح مسلم ص 522 حديث 1050)

سيٺ جي کو فکر تھي اِک اِک کے دس دس کيجئے
موت آ پہنچي کہ مسٹر جان واپس کيجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿79﴾ سؤ مانيون

حافظ الحديث حضرتِ سيّدُنا حجاج بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي جڏهن علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ سفر تي روانا ٿيا ته والده سڳوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها کين سؤ عدد خَميري مان نهيل مانيون هڪ گهڙي ۾ ڀري ڏنيون. پاڻ عظيم محدّث حضرت شبابه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري حديث جو علم پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. مانيون ته امڙ

سڳوريءَ کين اڳ ۾ ئي ڏنيون هيون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ياڄيءَ جو پاڻ ئي بندوبست ڪيو ۽ اها ياڄي به اهڙي جيڪا سوين سال گذرڻ کان پوءِ به سدائين تازي ئي تازي ۽ ان ۾ برڪت اهڙي جو ان ۾ ڪا گهٽتائي ئي ڪانه ٿي اها نرالي ياڄي ڪهڙي هئي؟ دِجلہ درياهہ جو پاڻي، روزانو هڪ ماني دِجلہ درياهہ جي پاڻيءَ ۾ ڀڄائي ڪري کائيندا هئا ۽ ڏينهن رات خوب محنت سان سبق پڙهندا هئا، جڏهن سندن اهي سؤ مانيون ختم ٿي ويون تہ مجبور ٿي کين استاد صاحب کان موڪل وٺڻي پئي. (تذکرة الحفاظ ج2 ص 100)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اڳئين دؤر ۾ اسان جي علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون هيون. آهہ! هڪ اڄ جو دؤر آهي جو ڪاڏي ۽ رهائش جي سهولتن سان علمِ دين پڙهايو ويندو آهي. پوءِ به ماڻهو پڙهڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا. علمِ دين حاصل حاصل ڪرڻ ۾ يقينًا ٻنهي جهانن جون ڀلايون آهن. فرض ڪيو ڪنهن مدرسي يا جامعہ ۾ مستقل داخلا وٺڻ جي ترڪيب نہ ٿي ٻڌجي سگهي تہ دعوتِ اسلاميءَ جي ڪنهن مدني تربيت گاهہ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ئي ڪري ڇڏيو. مدني تربيتي ڪورس جون به ڇا خوب بهارون آهن جيئن تہ

﴿80﴾ الرجي جي بيماري ٺيڪ ٿي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن ريت بيان آهي تہ ”مون کي الرجي جي بيماري هئي اُسَ ۽ سِيءَ ۾ ڪافي تڪليف ٿيندي هئي

اهڙيءَ ريت جڏهن برسات ٿيندي هئي تہ ان وقت مان سور جي شدّت ڪان نهايت بيقرار ٿي مڇيءَ وانگر تڙپندو هئس. مون کي هڪ عاشقِ رسول **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ رهي ڪري **تربيتي ڪورس** ڪرڻ جو مشورو ڏنو. تنهنڪري مون عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچيءَ ۾ 19 نومبر 2004 جو شروع ٿيڻ واري 63 ڏينهن جي تربيتي ڪورس ۾ داخلا ورتي. مان حيران آهيان تہ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ ۽ گهڻي رقم خرچ ڪرڻ جي باوجود الرجي جي جيڪا موذي بيماري ڊگهي عرصي کان ختم ٿيڻ جو نالو ئي ڪانہ پئي وٺي اها عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهي ڪري 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس ڪرڻ جي برڪت سان ختم ٿي ويئي.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اِس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یا اللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تربيتي ڪورس ڇا آهي؟

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جي صحبتن سان مالا مال 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس آخرت جي لاءِ ايتري قدر فائديمند آهي جو ان ۾ جيڪو سڪڻ لاءِ ملندو آهي ان جا تفصيل معلوم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ دين جو درد رکڻ وارو هر مسلمان هيءَ حسرت ڪندو تہ ڪاش مون کي بہ 63 ڏينهن وارو تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي

وڃي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ باب المدينه کان علاوه ٻين شهرن ۾ ٻه تربيتي ڪورس جو سلسلو ڪيو ويندو آهي. **ان ۾ ڪجهه اهي علوم حاصل ٿيندا آهن** جن جو سکڻ هر عاقل بالغ مسلمان تي فرض آهي علمِ دين حاصل ڪرڻ جا بيشمار فضائل آهن، جيئن تہ سُرورِ قلبِ محزون، عالِمِ ماڪان وما يڪون صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جنهن (دين جو) علم حاصل ڪيو تہ اهو سندس گذريل گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو.“ **(جامع ترمذي ج4 ص295 حديث 2657)**

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس ۾ وضو، غسل کان سواءِ نماز جو عملي طريقو سيکاريو ويندو آهي، ميّت جي غسل، ڪفن دفن، جنازي ۽ عيد جي نماز جي تربيت ٿيندي آهي. رحماني قاعدي جي ذريعي صحيح اُچار سان قرآني حرفن جي ادائيگيءَ جي تعليم ڏني ويندي آهي ۽ قرآن ڪريم جون آخري **20** سورتون زباني حفظ ۽ سُوْرَةُ الْمُلْكِ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. ۽ قرآن ڪريم سکڻ جي فضائل جو تہ ڇا بيان ڪجي؟ جيئن تہ

ٻار کي ناظره قرآن پڙهائڻ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان، صاحبِ قرآن، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، جيڪو شخص پنهنجي پٽ کي ناظره قرآن ڪريم سيکاري تہ ان جا سڀ اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. **(مجمع الزوائد ج7 ص 344 حديث 11271)** شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي جيڪو شخص جوانيءَ ۾ قرآن سکي، قرآن ان جي گوشت ۽ رت ۾ شامل

تي ويندو آهي ۽ جيڪو ان کي پوڙهائپ ۾ سکي ۽ ان کان قرآن هرهر وسري ويندو هجي ۽ ان جي باوجود اهو ان کي نہ ڇڏي تہ ان لاءِ بہ اجر آهن. (کنزالعمال ج 1 ص 267 حديث 2378)

تربيتي ڪورس ۾ اخلاقي تربيت

تربيتي ڪورس ۾ اخلاقي تربيت جي حوالي سان هيٺين موضوعن تي خاص توجهہ ڏني ويندي آهي ﴿1﴾ سچائي ﴿2﴾ نرمي ﴿3﴾ صبر ﴿4﴾ عاجزي ﴿5﴾ معافي ۽ درگذر ﴿6﴾ گفتگوءَ جو انداز ﴿7﴾ غيبت جون تباهہ ڪاريون ۽ ﴿8﴾ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جو طريقو وغيره. **مدني قافلي** جي جدول تي عمل ڪرائيندي مدني قافلو تيار ڪرڻ جو طريقو، درس ۽ بيان، علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت سان گڏوگڏ خاص طور دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم جي جان "انفرادي ڪوشش" جو انداز، مدني انعامات جو عملي طريقو سيکاريو ويندو آهي. تربيتي ڪورس جي وچ ۾ وقفي وقفي سان تي تي پيرا تن تن ڏينهن جا ۽ ختم ٿيڻ کان اڳ 12 ڏينهن جي عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ ملندي آهي، 12 ڏينهن جي مدني قافلي کان واپسيءَ کان بعد هڪ ڏينهن امتحان جي تياري، ٻئي ڏينهن امتحان ۽ ٽئين ڏينهن الوداعي دعا ۽ صلوٰة و سلام تي 63 ڏينهن جو **تربيتي ڪورس** ختم ٿيندو آهي. تربيتي ڪورس جي جيڪا ڪيفيت بيان ٿي ان کان سواءِ بہ گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملندو آهي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي صحبت جي نعمت ميسر ايندي آهي. اَلحَمدُلله

عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس جي برڪت سان ڪيترائي بگڙيل ماڻهو نمازي ۽ سنا مسلمان بڻجي ڪري روانا ٿيندا آهن ۽ معاشري ۾ عزّت جو مقام ماڻيندا آهن. تنهنڪري جنهن کي موقعو ملي ان کي ضرور تربيتي ڪورس جي ذريعي علمِ دين حاصل ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي، قيامت جي ڏينهن سڀ کان گهٽي حسرت ان کي ٿيندي جنهن کي دنيا ۾ (ديني) علم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو پر ان حاصل نه ڪيو ۽ (ٻيو) ان شخص کي ٿيندي جنهن علم حاصل ڪيو ۽ ان کي ٻُڌي ڪري ٻين تہ فائدو حاصل ڪيو پر پاڻ ان (پنهنجي علم تي عمل ڪندي) فائدو حاصل نہ ڪيو. (الجامع الصغير ص 69 حديث 1058) جيڪي مڪمل 63 ڏينهن نہ ٿا ڏئي سگهن اهي مدني مرڪز ڏانهن رجوع ڪن تہ انهن جي گهٽ ڏينهن جي لاءِ بہ ترڪيب بڻجي سگهي ٿي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿81﴾ هڪ جي بدلي ڏهہ

پنهنجي دؤر جا ابدال حضرت سيّدُنا ابو جعفر بن خطاب عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ التَّوَّاب فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني سواليءَ) صدا هنئي مون گهرواريءَ کان پُڇيو تہ ڇا تو وٽ ڪجهہ آهي؟ جواب مليو چار انڊا آهن مون چيو، پينوءَ کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏيئي ڇڏيا. سائل انڊا وٺي هليو ويو، اجان ٿوري دير مس گذري تہ مون وٽ هڪ دوست اندن سان پريل هڪ ٽوڪري موڪلي. مون گهران پُڇيو، هن ۾ ڪل

ڪيترا انڌا آهن؟ انهن چيو 30. مون چيو توهان تہ فقير کي 4 انڌا ڏنا هئا، هي 30 ڪهڙي حساب سان آيا! چوڻ لڳيون ٿيهہ انڌا صحيح آهن ۽ باقي 10 پڳل آهن، حضرت سيّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ڪجهہ ماڻهو هن حڪايت جي متعلق بيان ڪن ٿا تہ سائل کي جيڪي انڌا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ پڳل هيو. رب تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏهہ ڏهہ عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ پڳل جي بدلي پڳل. (روض الرياحين ص 151)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! هو مسلمانن کي آخرت ۾ تہ اجر ڏيندو ئي آهي ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ عنايت فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کي ڪليل اکين سان ڏيکاريندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت سندس حوصلو وڌائيندو آهي، جيئن هينئر توهان حڪايت ۾ ٻڌو تہ هٿو هٿ هڪ جي بدلي ۾ ڏهوڻ انڌا ملي ويا. الله تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 8 سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ جي آيت نمبر 160 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن.

هن آيت مبارڪ جي تحت صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا، يعني هڪ

نيڪي ڪرڻ واري کي ڏهن نيڪين جي جزا ملندي ۽ اها بہ حد ۽ انتها جي طريقي تي نہ آهي بلڪ الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ جيترو چاهي، ان جي نيڪين کي وڌائي هڪ جي عيوض ست سؤ ڪري يا بي حساب عطا فرمائي، اصل هي آهي تہ نيڪين جو ثواب صرف فضل تي آهي (خزائن العرفان ص 241)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿82﴾ احسان جو بدلو

حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي هڪ ڏينهن پنهنجي چاليهہ مُريدن جي قافلي سان گڏ بغداد شهر کان ٻاهر تشريف ڪڍي ويا، هڪ جڳهہ تي پهچي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون، اي انسانو! الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي رزق جو ڪفيل (يعني ذمو ڪٽندڙ) آهي، پوءِ پاڻ 28 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الطَّلَاقِ جي ٻي ۽ ٽين آيتِ ڪريمہ جو هي حصو تلاوت فرمايائون.

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي واسطي ڇوٽڪاري جي واٽ ڪڍي ڏيندو، ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هجي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري اهو ان کي ڪافي آهي.

اهو فرمائڻ ڪانپوءِ مُريدن کي اتي ڇڏي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪيڏانهن هليا ويا. تمام مُريد تن ڏينهن تائين اتي ئي بُڪايل پيا

رهيا، چوٿين ڏينهن حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه واپس تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون، اي انسانو! الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن جي لاءِ رزق تلاش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي، جيئن 29 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْمُلْكِ جي آيت نمبر 15 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

هُوَ الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِیْ مَنَاكِبِهَا وَ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اهو ئي آهي جنهن توهان جي واسطي زمين مسخر فرمائي پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ الله جي روزيءَ مان کائو.

ان لاءِ توهان پاڻ مان ڪنهن کي موڪليو، اميد آهي ته اهو ڪجهه نه ڪجهه ڪاڏو وٺي ايندو. مُريدن هڪ غريب شخص کي بغداد شهر ۾ موڪليو، اهو گهٽي گهٽي ڦرندو رهيو، پر روزي ملڻ جي ڪا راهه پيدا نه ٿي، ٿڪجي ٿُنجي هڪ جڳهه تي ويهي رهيو، جنهن جي پرسان هڪ عيسائي طبيب جو دواخانو هو، اهو طبيب وڏو ماهر نباض هو (يعني) صرف نبض ڏسي ڪري مريضن جو حال پاڻ ئي ٻُڌائي ڇڏيندو هو. سڀ هليا ويا ته ان(طبيب) هن **درويش** کي به مريض سمجهي ڪري گهرايو ۽ نبض ڏني پوءِ مانيون، ڀاڄي ۽ حلوو گهرايائين ۽ پيش ڪندي چيائين تنهنجي بيماريءَ جون اهي ئي دوائون آهن. **درويش** طبيب کي چيو ته اهڙي طرح جا 40 مريض ٻيا به آهن. طبيب غلامن جي ذريعي چاليهه ماڻهن جي لاءِ اهڙو ئي ڪاڏو گهرائي درويش سان گڏ روانو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ به لڪي ڪري پويان پويان هلڻ لڳو، ڪاڏو جڏهن سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي

عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان **ڪاڏي ڪي هٿ نہ لڳايائون** ۽ فرمايائون **درويشو!** هن ڪاڏي ۾ تہ عجيب راز لڪل آهي، ڪاڏو آڻڻ واري درويش سڄو واقعو ٻُڌايو، شيخ فرمايو، هڪ عيسائي اسان سان ايتري قدر سنو سلوڪ ڪيو آهي، ڇا اسان ان جو بدلو ڏيڻ کان سواءِ ائين ئي ڪاڏو ڪائون؟ مُريدن عرض ڪيو سائين! اسان غريب ماڻهو هن کي ڇا تا ڏئي سگهون! حضرت سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمايو ڪاڏي کان اڳ ۾ ان جي حق ۾ دعا تہ ڪري سگهون ٿا! پوءِ دعا ڪئي ويئي، هٿوهٿ **دعا جي برڪت** ظاهر ٿي ۽ اها ائين تہ عيسائي طبيب جيڪو سيئي ڳالهيون لڪي ڪري ٻُڌي رهيو هو، ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، ان هڪدم پنهنجو پاڻ کي سيّدُنا شيخ شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي بارگاهہ ۾ پيش ڪري ڇڏيو ۽ توبهہ ڪري ڪلمهءِ شهادت پڙهي مسلمان ٿي ويو ۽ شيخ جي مُريدن ۾ شامل ٿي ڪري بلند درجو ماڻي ورتو.

(روض الرياحين ص 81)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وليءَ جي خدمت رنگ لائيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جو نيڪيءَ جي دعوت جو انداز ڪيڏو نرالو هو! انهن جي خدمت ڪرڻ وارو ڪڏهن خالي ناهي موٽندو، هي بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪو سنو سلوڪ ڪري تہ ان کي دعائن سان نوازڻ گهرجي، گڏوگڏ

جيڪڏهن ڪو ڪافر بہ احسان ڪري تہ ان جي حق ۾ بہ هدايت جي دعا ڪرڻ گهرجي، حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ۽ سندن مُريدن جي هدايت واري دعا رنگ لاتو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن خدمت ڪرڻ وارو عيسائي حڪيم ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي ويو.

دعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

هڪ گرهہ جي سبب ٿي ماڻهو جنتي

ان عيسائي طبيب مسڪين سمجهي ڪري ڪاڏو پيش ڪيو ۽ ايمان جي نعمت سان سرفراز ٿي ويو، تہ جيڪڏهن ڪو مسلمان بہ مسڪين کي ڪاڏو ڪارائيندو تہ اهو بہ جنّت جو حقدار بڻجي ويندو، جيئن تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي تہ هڪ گرهہ ماني ۽ هڪ مٺ خُرما (يعني ڪارڪون يا چوهارا) ۽ ان جهڙي ٻي ڪا شيءِ جنهن مان مسڪين کي فائدو پهچي، ان جي سبب الله تعاليٰ ٽن شخصن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو آهي، هڪ گهر جو مالڪ جنهن حڪم ڏنو، ٻي گهرواري جيڪا ان کي تيار ڪندي آهي، ٽيون خادم جيڪو مسڪين کي ڏئي ايندو آهي، پوءِ حضور سراپا نُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، واڪاڻ آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن اسان جي خادمن کي بہ نہ ڇڏيو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 4 ص 89 حديث 5309)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٻين کي ڪاڏو ڪارائڻ جي فضائل تي مشتمل وڏيڪ 5 ارشاداتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو ﴿1﴾ توهان مان

بهتر اهو آهي جيڪو ڪاڏو ڪارائيندو آهي. (مُسند امام احمد ج9 ص241 حديث 23984) ﴿2﴾ مغفرت کي واجب ڪرڻ وارن ڪمن مان ڪاڏو ڪارائڻ ۽ سلام کي عام ڪرڻ آهي. (مڪارم الاخلاق للطبراني ص 375حديث 158) ﴿3﴾ جيستائين ٻانهي جو دسترخوان وڇايل رهندو آهي، فرشتا ان تي رحمتون نازل ڪندا رهندا آهن. (شعب الايمان ج 7 ص 99 حديث 9626) ﴿4﴾ جيڪو پنهنجي اسلامي ڀاءَ جي ٻُک لاهڻ جو انتظام ڪري ۽ ان کي ڪاڏو ڪارائي، ايتري تائين جو سندس ڍؤ ٿي وڃي تہ الله تعاليٰ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (مجمع الزوائد ج 3 ص 319 حديث4719) ﴿5﴾ جنهن ٻُڪايل کي ڪاڏو ڪارايو الله تعاليٰ ان کي عرش جي ڇانوَ هيٺان جڳهہ عطا فرمائيندو. (مڪارم الاخلاق للطبراني ص 373) اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جون سنّتون سکڻ جو جذبو ملندو آهي ۽ خوب علمِ دين حاصل ٿيندو آهي، گڏو گڏ عاشقانِ رسول جي برڪتن سان ڪڏهن ڪڏهن غير مسلم بہ مسلمان ٿيندا رهن ٿا، جيئن تہ هڪ ايمان افروز واقعو ملاحظہ فرمايو،

﴿83﴾ مدني قافلي جو نرالو مسافر

باندره (بمبئي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي،" تہ مون وات ويندي رستي جي پاسي تي ڪجهہ ماڻهن کي گڏجي بيٺل ڏنو، ويجهو ويس تہ ڪو نوجوان هڪ ڪتاب مان جنهن تي چٽن اکرن ۾ **فيضانِ سنّت** لکيل هو، هو پڙهي ڪري ڪجهہ ٻُڌائي رهيو آهي، مان بہ بيهي رهيس، مون کي سندس

ڳالهيون تمام سنيون لڳيون، آخر ۾ انهن مان هڪ ڄڻو پاڻ اڳتي وڌي مون سان انتهائي محبت سان ملاقات ڪئي ۽ انفرادي ڪوشش ڪري منٿون ڪندي مون کي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، درس جا الفاظ اجان تائين منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا هئا ان لاءِ مون بي اختيار ”ها“ ڪري ڇڏي ۽ سچ پَچ دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ مون کي اهو ڪيف و سُرور حاصل ٿيو جو بيان کان ٻاهر آهي، آخرڪار همت ڪري هڪ مبلغ جي اڳيان مون پنهنجو راز کولي ڇڏيو تہ مان غير مسلم آهيان، هن وقت تائين ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان، توهان جي درس، **انفرادي ڪوشش** ۽ مدني قافلي ۾ حُسنِ اخلاق جي ڀرپور مظاهري منهنجي دل موهي وڌي آهي، مهرباني ڪري مون کي مسلمان ڪري پنهنجو بڻائي ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ توبهہ ڪري ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس، اهو ڊسمبر 2004ع جو واقعو آهي، مسلمان ٿيڻ کان هي ٻُڌائڻ تائين يعني مارچ 2005ع ۾ مون کي صرف چار مهينا ٿيا آهن، مون ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪري ڏني آهي، سجو ڏينهن مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائي رکڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هن وقت دعوت اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ 63 ڏينهن جي لاءِ مسافر آهيان.

آؤ اے عاشقيں، مل کے تبليغِ دين کافروں کو کريں، قافلے ميں چلو
سنّتيں عام ہوں، عام نيک کام ہوں سب کريں کوششيں، قافلے ميں چلو

﴿84﴾ بغداد جو واپاري

بغداد شريف جو هڪ واپاري اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى سان تمام گهڻو بغض رکندو هو، هڪ ڏينهن حضرت سيّدُنا بشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي کي جمعي جي نماز پڙهي ڪري هڪدم مسجد کان ٻاهر نڪرندو ڏسي ڪري دل ۾ چوڻ لڳو، تہ ڏسو تہ سهي! هيءُ ولي بڻيو ٿو وتي! جڏهن تہ مسجد ۾ هن جي دل ئي نہ ٿي لڳي، تڏهن تہ نماز پڙهندي ئي هڪدم ٻاهر نڪري آيو آهي، اهو واپاري اهو ئي سوچيندي ۽ چوندي ان جي پويان پويان هلڻ لڳو، حضرت سيّدُنا بشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي هڪ نانوائيءَ جي دڪان تان ماني خريد ڪئي ۽ شهر کان ٻاهر هلڻ لڳا، واپاريءَ کي اهو ڏسي اجان بہ گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين، هي شخص رُڳو ماني ۽ جي لاءِ مسجد مان تڪڙو ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ هاڻي شهر کان ٻاهر ڪنهن ساوڪ واري جڳهہ تي ويهي ڪري کائيندو، واپاريءَ پيچو جاري رکندي هي ذهن بڻايو تہ جيئن ئي ويهي هي ماني کائڻ لڳندو، مان پُڇندس تہ ڇا ولي اهڙا ئي هوندا آهن جيڪي ماني ۽ جي خاطر مسجد مان هڪدم نڪري اچن! پوءِ واپاري پويان پويان هلڻ لڳو، ايستائين جو حضرت سيّدُنا بشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿي ڪري هڪ مسجد ۾ تشريف کڻي ويا، اتي هڪ بيمار شخص ليٽيو پيو هو، حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي ان بيمار جي سيرانديءَ کان ويهي ڪري کيس پنهنجي مبارڪ هٿن سان ماني کارائي، واپاري اهو معاملو ڏسي حيران ٿي ويو پوءِ ڳوٺ ڏسڻ لاءِ

باهر نڪتو، ٿوري دير بعد جڏهن ٻيهر مسجد ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ مريض اتي ليٽيل آهي پر حضرتِ سيّدُنا بشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي اتي موجود ناهن. ان مريض کان پُڇيو، ڪيڏانهن ويا؟ ان ٻُڌايو تہ اهي تہ بغداد شريف هليا ويا، واپاري پُڇيو تہ بغداد هتان کان ڪيترو پري آهي؟ ان چيو تہ چاليهہ ميل، واپاري سوچڻ لڳو تہ مان تہ ڏاڍي مشڪل ۾ ڦاسي ويس، جو سندن پُنيان ايترو پري نڪري آيس ۽ تعجب آهي تہ ايندي ڪجهہ خبر ئي نہ پئي پر هاڻي واپسي ڪيئن ٿيندي؟ پوءِ ان پُڇيو هاڻي پاڻ ٻيهر ڪڏهن ايندا؟ چيائين ايندڙ جمعي تي. مجبور ٿي واپاري اتي ئي ترسيو جڏهن جمعو آيو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي پنهنجي وقت تي تشريف کڻي آيا ۽ مريض کي ماني کارايائون، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان واپاري کي فرمايائون توهان ڇو منهنجي پويان آيا هيئو؟ واپاريءَ عاجزيءَ سان عرض ڪيو، سائين! منهنجي غلطي هئي! فرمايائون اتو ۽ منهنجي پويان پويان هليا اچو، پوءِ هو سندن پويان پويان هلڻ لڳو ۽ ٿوري دير ۾ بغداد شريف پهچي ويا. **حضرت سيّدُنا بِشر حافي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي **جي زندهہ ڪرامت ڏسي ڪري بغداد جي واپاري اولياءِ ڪرام جي بُغض کان توبهہ ڪئي ۽ آئنده انهن پاڪ ماڻهن جو دل سان معتقد ٿي ويو.** (روض الرياحين ص 118)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

گندو گمان گنديءَ دل مان

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! مسلمان جي باري ۾ بدگماني حرام آهي، سرڪارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن

نقل فرمائن ٿا تہ، ” گندو گمان گنديءَ دل مان ئي پيدا ٿيندو آهي .(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 400) خاص طور تي الله وارن کي ڪڏهن بہ نفرت جي نگاهہ سان نہ ڏسڻ گهرجي، انهن پاڪ ماڻهن جي ادائن ۾ لِلّٰهِيّت ۽ خلوص ۽ انهن جي دلين ۾ خدا جي مخلوق جو درد هوندو آهي ۽ اهي پاڪ ماڻهو ڏينهن جو سفر هڪ گهڙيءَ ۾ طئي ڪري وٺندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن **بدگماني** جي سزا دنيا ۾ هٿوهٿ بہ ملندي آهي جيئن تہ

﴿85﴾ بدگماني ءَ جي سزا

هڪ پيري تمام سخت سياري ۾ حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوالحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خادم ”زيتونہ“ کير ۽ ماني کڻي حاضر ٿي، ان وقت هٿ سيڪڻ لاءِ پرسان ئي ڪوئلا رکيل هئا، جن کي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اٿلائي پٿلائي رهيا هئا ڪوئلن جي ڪاراڻ سندن هٿن تي لڳل هئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪاڏو شروع ڪري ڇڏيائون، انهيءَ مهل ڪوئلن ۾ باهہ ٻڙڪي اٿي ۽ کير پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿن تي وهڻ لڳو. ان (خادم) دل ۾ خيال ڪيو تہ هي ڪهڙا ولي آهن، جو سندن ۾ صفائي ڪونهي! پوءِ ڪنهن ڪم سان سندن گهر ڪان نڪتي تہ اوچتو هڪ عورت ساڻس سان چنبڙي وئي ۽ چوڻ لڳي، تون ئي منهنجي ڪپڙن جي ڳنڍ چورائي آهي ۽ پوءِ ان کي ڪوتوال (پوليس آفيسر) وٽ گهلي وني وئي. حضرت سيّدُنا **شيخ نوري** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اطلاع مليو تہ ڪوتوال وٽ سفارش جي لاءِ تشريف کڻي ويا. ڪوتوال چيو، مان ان کي ڪيئن ڇڏيان، هن تي چوريءَ جو الزام آهي! ايتري ۾ هڪ ٻانهي اها ئي **ڪپڙن جي ڳنڍ** کڻي آئي ۽ پاڻ ڪپڙا ان جي مالڪياڻيءَ جي

حوالي ڪري ”زَيتونہ“ کي فرمايائون، تہ ٻيهر بدگماني ڪندينءَ تہ ولئ الله ڪيئن گدلا هوندا آهن! زَيتونہ چيو، تہ مون کي بدگمانيءَ جي سزا ملي ويئي آهي، ٻيهر جي لاءِ مان توبهہ ڪريان ٿي. (روض الرياحين ص 132)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

بدگماني حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! بدگمانيءَ جي هٿو هٿ سزا ملي ويئي، جيڪڏهن دنيا ۾ سزا نہ بہ ملي تڏهن بہ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ڪرڻ گهرجي، جو **مسلمان تي بدگماني حرام آهي**، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نقل فرمائن ٿا ”تہ گندو گمان، گنديءَ دل مان ئي پيدا ٿيندو آهي. (فتاويٰ رضويه ج22 ص400 رضا فاونديشن مرکز الاولياء لاهور) 15 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل جي آيت نمبر 36 ۾ الله تعاليٰ جو فرمانِ عبرت نشان آهي.

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان ڳالهہ جي پويان نہ پئہ جنهن جي توکي ڄاڻ ناهي بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سمورن کان پُڇا ٿيڻي آهي.

26 هين سيپاري سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارو گهڻن گمانن کان بچو

كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

بيشڪ ڪو گمان گناهه ٿي ويندو آهي.

هڪ موقعي تي سرڪارِ نامدار، باذِن پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن ڳالهه تي ارشاد فرمايو، ”ڇا توهان ان جي دل چيري ڏٺي جو توهان کي خبر پئجي وڃي ها.“ (ابوداود ج3 ص 63 حديث 2643) ، وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا، بدگماني ڪان بچو ڇو ته گمان ڪرڻ سڀ کان ڪوڙي ڳالهه آهي.

(صحيح البخاري ج3 ص 446 حديث 5143)

﴿86﴾ روئڻ واري کي ڏسي توهان به روئي ڏيو

حضرتِ سيّدُنا مڪحول دمشقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جڏهن ڪنهن کي روئندو ڏسو ته ان سان گڏ توهان به روئڻ لڳي وڃو، بدگماني نه ڪريو ته هي رياڪاري ڪري رهيو آهي، هڪ ڀيري هڪ روئڻ واري مسلمان جي باري ۾ مون بدگماني ڪئي هئي ته ان جي سزا ۾ **مان سڄو سال روئڻ تان محروم رهيس.**

(تنبيه المغترين ص 122)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿87﴾ 9 ڪافرن جو اسلام قبول ڪرڻ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** جون به خوب بهارون آهن،

انهن جي برڪت سان جتي بگڙيل مسلمانن جي اصلاح ٿيندي آهي، اتي ڪڏهن ڪڏهن ڪافرن کي به اسلام قبول ڪرڻ جون سعادتون نصيب ٿي ويندیون آهن. جيئن ته هڪ مبلغ جو بيان آهي ته مون تقريبًا 5 سال اڳ پنهنجي ڪاليج جي ڪلاس فيلو هڪ **ڪافر شاگرد** ۽ ان جي دوستن کي **مڪتبة المدينه** کان ياسين شريف بمع **ترجمو ڪنزالايمان** جي ڪيسيٽ ۽ سنّتن ڀرئي بيانات جون ڪجهه ڪيسيٽون ۽ ڪجهه رسالا وغيره تحفي ۾ ڏنا هئا. 5 جنوري 2006ع جو سنّتن جي تربيت جي عاشقانِ رسول جي هڪ مدني قافلي ۾ مون کي سڪرنڊ (باب الاسلام سنڌ) جي سفر جي سعادت حاصل ٿي، اتي انهيءَ **ڪافر ڪلاس فيلو** سان ملاقات ٿي، سندس پورو گروپ گڏ هو، اهي ڪل 15 ڄڻا هئا، مون ڪائنس ڪيسيٽن جي باري ۾ پُڇيو، ان ٻُڌايو ته ياسين شريف جي تلاوت ۽ ترجمو ٻُڌي ڪري مون کي ايترو سُڪون مليو جو ان کان اڳ ڪڏهن زندگيءَ ۾ نه مليو هو، ان کان بعد هر **رمضان المبارڪ** ۾ مسجد کان ٻاهر ويهي ڪري اسپيڪر جي ذريعي، تراويح ۾ ٿيڻ واري تلاوت ٻُڌڻ جو معمول آهي. گڏوگڏ مون بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌيون ۽ رسالا پڙهيا، ان سان منهنجي دل تي تمام گهرو اثر ٿيو، مبلغ جو چوڻ آهي ته مون ڪيس اسلام جي دعوت پيش ڪئي، هو اسلام کان متاثر ٿي چُڪو هو پر مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار نه هو، مون ڪافي دير تائين ان تي ۽ سندس دوستن تي **انفرادي ڪوشش** ڪندو رهيس، **آخرڪار ڪاميابي ٿي ئي وئي.** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **هٿوهٿ 9 ڪافر**

مسلمان ٿي ويا ۽ ٻين چيو اسان غور ڪنداسين.

آؤ علمائے دیں، بہرِ تبلیغِ دیں مل کے سارے چلیں قافلے میں چلو
دور تاریکیاں کُفر کی ہوں میاں آؤ کوشش کریں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿88﴾ ثريد ۽ لذيذ گوشت

حضرتِ سيّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا تہ سفر جي دوران هڪ ڏينهن اسان جو قافلو ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو، هڪ شخص ڳوٺ وارن کان هڪ ديڳڙي وني آيو ۽ ان ۾ حلوو پچايائين ۽ سيني ملي ڪري کاڌو. قافلي جو هڪ ماڻهو غير موجود هئڻ جي سبب نہ کائي سگهيو، ان وٽ ٿورو اٿو هو، اٿو ڪٽي هو پوري ڳوٺ ۾ گهميو پر ڪيس پچائڻ وارو ڪوبہ نہ مليو ايتري ۾ رستي تي ان کي هڪ ضعيف نابين مليو، ان ثواب جي نيّت سان اهو اٿو ان کي ڏئي ڇڏيو (هن حالت کي لطفِ خفي چوڻ گهرجي جو ڄڻ تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت ان کي زبانِ حال سان مخاطب ڪيو تہ هي اٿو هن ضعيف شخص جو رزق آهي، جڏهن تہ تنهنجو رزق اسان پنهنجي ڪرم سان ڏينداسين). الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! ٿوري ئي دير بعد هڪ شخص آيو ۽ ان تمام قافلي وارن مان صرف ان ماڻهوءَ کي گهرايو ۽ پنهنجي گهر وني وجي ڪري ثريد (ڀاڄيءَ ۾ ملايل ماني جا ٽڪر) ۽ لذيذ گوشت کارايو.

(ملخصًا روض الرياحين ص 153)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ معلوم ٿيو تہ راهہِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪاڏو ڪارائڻ ڪڏهن بہ ضايع ناهي ٿيندو، گهڻو ڪري دنيا ۾ هٿوهٿ اجر ملندو آهي ۽ آخرت جي ثواب جو استحقاق بہ باقي رهندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿89﴾ گوشت ۽ حلوو

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مون هڪ مسجد ۾ ڏٺو تہ اتي هڪ مالدار واپاري وينو آهي ۽ ويجهو ئي هڪ فقير هٿ ڪٽي دعا گهري رهيو آهي، يا الله عَزَّوَجَلَّ! گوشت ۽ حلوو ڪاراءِ! ان واپاريءَ ٻُڌو تہ چوڻ لڳو، ”هي فقير دراصل مون کي ٻُڌائي رهيو آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن مون کان گهري وني ها تہ مان ان کي ڪارايان ها پر هاڻي نہ ڪارائيندس.“ ٿوري دير ڪانپوءِ اهو فقير سمهي پيو، ايتري ۾ ڪو شخص هڪ ڊڪيل ٿالهہ کڻي آيو ۽ اسان سينن ڏانهن نظر ڊوڙائڻ ڪانپوءِ ان سُتل فقير کي ڏسي ڪري ٿالهہ هيٺ رکي ان وٽ ويهي رهيو ۽ ان کي جاڳائي ڪري تمام عاجزيءَ سان عرض ڪرڻ لڳو، گوشت ۽ حلوو حاضر آهي، کائو. فقير ان مان ڪجهہ کائي ڪري ٿالهہ واپس ڪري ڇڏيو، ان واپاريءَ حيران ٿي ڪري ڪاڏو آڻڻ واري کان پُڇيو، هي ڇا قصو آهي؟ ان چيو، مان هڪ مزدور آهيان، ڪافي عرصي کان گهروارن کي گوشت ۽ حلوي

ڪائڻ جي خواهش هئي پر غربت جي سبب ڪائي نہ سگهياسين. اڄ ڪافي ڏينهن ڪان پوءِ مزدوريءَ ۾ هڪ مثقال (يعني سادا چار ماشا) سون مليو ان مان گوشت ۽ حلوو تيار ڪيو ويو، مان ٿوري دير جي لاءِ سمهي پيس، اکيون تہ ڇا سُتيون، سُتل قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، مون کي خواب ۾ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو جلوو مبارڪ نظر اچي ويو، مان محبوب جي نظاري ۾ گم هئس تہ لب مبارڪ حرڪت ۾ آيا، رحمت جا گل ڇڙجڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهہ هن طرح ترتيب ماڻي، تہ ”توهان جي مسجد ۾ هڪ ولي موجود آهي جيڪو گوشت ۽ حلوو گهري ٿو توهان هي گوشت ۽ حلوو پهريان هن کي کارايو، هُو پنهنجي خواهش مطابق ڪائي ڪري واپس ڪندو ۽ باقي (بچيل کاڌي) ۾ الله تعاليٰ برڪت عطا فرمائيندو. ان جي بدلي ۾ مان توهان کي جنّت ۾ وٺي ويندس.“ ان لاءِ مان هڪدم هي کاڌو کڻي ڪري هتي حاضر ٿي ويس. اهو ٻُڌي ڪري واپاري چوڻ لڳو، هن کاڌي تي توهان جو ڪيترو خرچ آيو آهي؟ چيائين هڪ مثقال سون. واپاريءَ چيو، مون کان ڏهہ مثقال سون وٺو ۽ پنهنجي هن نيڪ عمل سان مون کي هڪ قيراط جو حصيدار بڻايو. ان وراڻيو، هرگز نہ. واپاري چيو، ويهہ مثقال سون وٺو. ان چيو، نہ. واپاريءَ چيو، پلا پنجاهہ مثقال سون ئي وٺو. ان چيو، سڄي دنيا جا خزانا بہ ڏيندؤ تہ بہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيل سودي ۾ توهان کي شريڪ نہ ڪندس. توهان جي قسمت ۾ اها شيءِ هجي ها تہ توهان مون کان

اڳيرائي ڪري سگهو پيا، پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سان خاص ڪندو آهي جنهن کي چاهي. (روض الرياحين ص 153)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! الله وارن جو هي شان آهي ته اهي پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي تي هلندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو عرض پورو فرمائيندو آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته پنهنجي فاني دولت جي نشي ۾ مست رهي ڪري، الله **رب العزّت** جي نيڪ بانهن کي نفرت جي نظر سان ڏسڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم کان محروم رهجي ويندا آهن، گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان داناءِ غُيُوب (يعني غيبن جا ڄاڻيندڙ) آهن. تڏهن ئي ته فقير کي سُڃاڻي ورتائون ۽ پنهنجي هڪ غلام جي قسمت جاڳائي ان کي جنّت جي بشارت (يعني خوشخبري) ٻُڌائي ڪري خدمت جي لاءِ موڪليائون.

سرِ عرش پر ہے تِری گزر دلِ فرش پر ہے تِری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي به ڄاڻڻ جو موقعو مليو ته ڪنهن مسلمان تي بدگماني ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به پشيماني جو باعث بڻجندي آهي ۽ شرعي طور تي به مسلمان تي بدگماني ڪرڻ حرام آهي.

﴿90﴾ معذور ٻار گهمڻ ڦرڻ لڳو!

ڏاڙيلن جي هڪ جماعت ڦرمار ڪرڻ لاءِ نڪتي، انهيءَ ڏوراڻ رات هڪ مسافرخاني ۾ ترسيا، ۽ اتي هي ظاهر ڪيائون تہ اسان راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جا مسافر آهيون ۽ جهاد جي لاءِ نڪتا آهيون. مسافر خاني جو مالڪ نيڪ ماڻهو هو. ان خدا جو راضپو حاصل ڪرڻ جي نيّت سان انهن جي خوب خدمت ڪئي. صبح جو اهي ڏاڙيل ڪيڏانهن روانا ٿي ويا، ۽ ڦرمار ڪري واپس اتي ئي اچي پهتا، گذريل رات مسافرخاني واري جي جنهن نيگر کي گهمڻ ڦرڻ کان معذور ڏٺو هئائون، اهو اڄ بغير ڪنهن تڪليف جي گهمي ڦري رهيو هو! انهن حيرت سان مسافرخاني واري کان پُڇيو، تہ ڇا هي اهو ڪالهوڪو معذور نينگر ناهي؟ ان وڏي احترام سان جواب ڏنو، جي ها، هي اهو ئي آهي. پُڇيائون، هيءُ ڪيئن صحتمند ٿي ويو؟ جواب ڏنائين هي سڀ توهان جهڙن راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي مسافرن جي برڪت آهي. ڳالهہ هي آهي تہ توهان جيڪو طعام ڪاڏو هيو، ان مان ڪجهہ بچي پيو هو، اسان توهان جي اوبر وارو ڪاڏو شفا جي نيّت سان پنهنجي معذور ٻار کي **ڪارايو** ۽ اوبر واري پاڻيءَ سان ان جي جسم جي مالش ڪئي، **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جهڙن نيڪ ٻانهن جي **اوبر واري ڪاڏي ۽ پاڻيءَ** جي برڪت سان اسان جي معذور ٻار کي شِفا عطا فرمائي. جڏهن ڏاڙيلن اهو ٻُڌو تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، روئندي انهن چيو، اهو سڀ توهان جي سٺي گمان جونتيجو آهي، نہ تہ اسان تہ سخت گناهگار آهيون، ٻُڌو اسان راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ جا مسافر نہ پر ڏاڙيل آهيون، **الله** عَزَّوَجَلَّ

جي هن ڪرم نوازيءَ اسان جي دل جي دنيا کي بدلائي ڇڏيو آهي. اسان توهان کي گواهه بڻائي ڪري توبهه ٿا ڪريون. پوءِ انهن توبهه ڪري نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين توبهه تي ثابت قدم رهيا. (ڪتاب القليوبي ص 20)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جون ڪيڏيون نه بهارون آهن، هي به معلوم ٿيو ته مسلمان تي سني گمان جون به برڪتون آهن، هي به معلوم ٿيو ته مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي، هي به خبر پئي ته فيض حاصل ڪرڻ لاءِ اعتقاد پَڪو هئڻ گهرجي. ڪچي يقين وارو نه هجي، مثلاً ڪو هي سوچيندو هجي ته فلاڻي بزرگ کان يا فلاڻي وليُّ الله جي مزار تي حاضري ڏيڻ سان فائدو ٿيندو يا نه ٿيندو وغيره. اهڙو شخص فيض نه ٿو حاصل ڪري سگهي. گڏوگڏ فيض ملڻ ۾ وقت جي ڪو قيد ناهي پنهنجو پنهنجو مقدر هوندو آهي ڪنهن کي فورًا فيض ملي ويندو آهي ڪنهن جو ورهين تائين ڪم ناهي ٿيندو، ڪم ٿئي يا نه ٿئي "**يڪ در گير و محڪم گير**" يعني هڪ دروازو پڪڙ ۽ مضبوطيءَ سان پڪڙ، جي مثال وانگر پيو رهڻ گهرجي.

کوئی آیا پا کے چلا گیا کوئی عُمر بھر بھی نہ پاسکا

مرے مولیٰ تجھ سے گلہ نہیں یہ تو اپنا اپنا نصیب ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿91﴾ مفلوج جي هٿو هٿ تندرستي

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ صلوٰة و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ مسجدن ۾ اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو هوندو آهي، جنهن ۾ معتڪفين جي سنّتن ۾ري تربيت ڪئي ويندي آهي. معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو اعتڪاف ۾ گناهن کان تائب ٿي زندگي جي نئين دؤرجو آغاز ڪندا آهن.ڪڏهن ڪڏهن رب ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشما ۽ ظاهر ٿيندا آهن، جيئن تہ رمضان المبارڪ 1425هہ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ جتي تقريبًا 2000 معتڪفين هئا، انهن ۾ ضلعي چڪوال (پنجاب) جا 77 ورهين جا پيرسن بزرگ حافظ محمّد اشرف صاحب ۽ معتڪف ٿي ويا، حافظ صاحب جي هٿ ۽ زبان تي فالج جو اثر هيو ۽ ٻُڌڻ جي قوت ۽ جواب ڏئي چُڪي هئي، هو ڏاڍا خوش عقيدا هئا، انهن هڪ پيري افطار جي ڪاڏي ۾ تمام سٺي گمان سان هڪ مبلغ جو اوبر وارو ڪاڏو ڪٽي ڪاڏو ۽ انهيءَ کان دم ۽ ڪرايو، بس سندن سٺي گمان ڪم ڪري ڏيکاريو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي جوش آيو، الله عَزَّوَجَلَّ کين تندرست ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سندن فالج واري بيماري ختم ٿي وئي، انهن

هزارين اسلامي ڀائرن جي موجودگيءَ ۾ فيضانِ مدينه جي منچ (يعني اسٽيج) تي چڙهي ڪري وڏي عقيدت سان پنهنجي صحتمند ٿيڻ جي بشارت ٻُڌائي. اها دل خوش ڪندڙ خوشخبري ٻُڌي ڪري فَضا" الله، الله، الله، الله عَزَّوَجَلَّ " جي پُرڪيف صدائن سان گونجڻ لڳي، انهن ڏينهن ۾ ڪيترن ئي مقامي اخبارن هن فرحت بخش خبر کي شايع ڪيو.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سيد صاحب کي نوڪر رکڻ ڪيئن آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ بابرڪت ۽ انهن جي اوبر ڪائڻ ۾ شفاءِ ۽ صحت جو سبب آهي. منهنجا آقا اعلٰيٰ حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن سيّد زادن جي عظمت ۽ مسلمان جي اوبر وارو ڪاڏو ڪائڻ جي برڪت جي متعلق فرمائن ٿا،" سيّد زادي کان ذلت واري خدمت وٺڻ جائز ناهي ۽ اهڙي خدمت تي ان کي نوڪر رکڻ ۾ ناجائز آهي." جنهن خدمت ۾ ذلت ناهي ان تي ملازم رکي سگهجي ٿو. سيّد زادي کي مارڻ کان استاد مڪمل طور تي بچي. باقي رهيو مسلمان جي اوبر، اها ڪائڻ (۾) ڪا ذلت ناهي، حديثِ پاڪ ۾ ان کي شفا فرمايو ويو. (**ڪشف الخفاء ج1 ص 384 حديث 1403**) اها (اوبر) جيڪڏهن سيّد زادو گهري ته ان کي انهيءَ (يعني مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي) هن نيّت سان ڏني وڃي، پنهنجي اوبر ڏئي رهيو آهيان ان نيّت سان نه ڏجي

(از افادات فتاويٰ رضويه ج 22 ص 568)

﴿92﴾ جنهن کي خدا رکي ان کي ڪير چکي

حضرت سيّدُنا علي بن حرب عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّب بيان فرمايو تہ مان ۽ ڪجھ نوجوان مَوصِل جي ڪناري تان ھڪ ٻيڙيءَ ۾ ويناسين، ٻيڙي ڏھن وچ ۾ پھتي تہ ھڪ مڇي درياھ مان ٽپو ڏئي ٻيڙي ۾ اچي وئي، پاڻ ۾ مشورو ڪري ڀُڄي ڪري ڪائڻ جي لاءِ ٻيڙي جڏھن ھڪ ڪناري تي لڳائي وئي ۽ باھ ٻارڻ لاءِ ڪانيون جمع ڪيون پئي ويون تہ ان دوران اسان ويراني ۾ ھڪ ڏکائيندڙ منظر ڏٺو، ڇا تا ڏسون تہ پراڻن ڪندرن ۽ قديم گھرن جا نشان آھن ۽ ھڪ شخص ليٽيل آھي جنھن جا ٻئي ھٿ پُنيءَ جي پويان ٻَڌل آھن ۽ اتي ھڪ ٻيو شخص ذبح ٿيل پيو آھي ۽ ڀرسان ئي سامان سان سٿيل ھڪ خچر بيٺو آھي، اسان ٻَڌل شخص کان مُعاملو پُڇيو، ان چيو، مون ھن ذبح ٿيل شخص جو خچر ڪرائي تي ورتو ھو، ھي مون کي رستي تان ڀٽڪائي ھتي وٺي آيو ۽ منھنجون ٻانھون ٻَڌي ڇڏيائين ۽ چيائين تہ مان توکي قتل ڪندس، مون ان کي خدا جو واسطو ڏنو ۽ چيم منھنجي قتل جو گناھ پاڻ تي نہ کڻ، بيشڪ ھي سڄو سامان تون کڻ، مون ھي تنھنجي لاءِ مباح (يعني جائز) ڪيو، مان ان جي ڪنھن سان بہ شڪايت نہ ڪندس، پر ھو پنھنجي ارادي تي بيٺو رھيو ۽ مون کي مارڻ جي لاءِ ان پنھنجي چيلھ سان ٻَڌل ڇُرو ڪڍيو پر اھو نہ نڪتو ان تي ھن جڏھن گھڻو زور لڳايو تہ اھو ڇُرو نڪري ڪري ھڪدم جھٽڪي سان ان جي ڳلي تي اچي لڳو، ۽ ائين ھو پنھنجو پاڻ ذبح ٿي ويو ۽ تڙپي تڙپي مري ويو، اھو ٻُڌڻ ڪانپوءِ

اسان ان کي کولي ڇڏيو ۽ اهو شخص خچر ۽ پنهنجو سامان کڻي ڪري پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. پوءِ اسان ٻيڙيءَ ۾ آياسين ته جيئن پُجڻ لاءِ مڇي ڪڍون ته اها ٽپو ڏئي درياهه ۾ وڃي ڇُڪي هئي.

(روض الرياحين ص 139)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً جنهن کي خدا رکي ان کي ڪير چکي! الله عَزَّوَجَلَّ جي شانِ بي نيازي ۽ ڪرم نوازي به ڇا خوب آهي! ظالم قورو پاڻ پنهنجي هٿان ئي ذبح ٿي ڪري ڪيفرِ ڪردار (يعني پنهنجي سزا) کي پهتو ۽ بَدل شخص کي ڇڏائڻ جي لاءِ درياهه مان ٽپو ڏئي مڇي ٻيڙيءَ ۾ پهتي ۽ پُجي ڪري ڪائڻ جي خواهش جي سبب قافلو ڪناري تي لٿو پر مڇي ڪائڻ انهن جي مقدر ۾ ڪٿي! هي ته بَدل مظلوم شخص جي مدد لاءِ اچڻ، ان جي رسي کولڻ جو ثواب ڪمائڻ ۽ قدرت جي ڪرشمي جي عظمت ظاهر ڪرڻ جا بهانا هئا.

جلوے ترے گلشن گلشن، سَطوَت تِری صحرا صحرا
رحمت تِری دریا دریا، سبحٰن اللہ سبحٰن اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿93﴾ روزيءَ جو وسيلو

مسجد الحرام شريف **(مڪهءِ مڪرمه)** ۾ هڪ عابد (عبادت گذار) شخص سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ ڏينهن جو روزو رکندو هو، روزانو هڪ شخص کيس به مانيون ڏئي ويندو هو، جنهن سان هو افطار ڪندو هو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تائين عبادت ۾

لڳي ويندو هو. هڪ ڏينهن ان جي دل ۾ خيال آيو تہ هي ڪهڙو توڪل آهي، جو مان تہ هڪ انسان جي ڏنل ماني ۽ تي ڀروسو ڪري وينو آهيان! ۽ مخلوق جي رزاق عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ناهي ڪيو، شام جو جڏهن ماني ڪٽي اچڻ وارو آيو تہ عابد ڪيس واپس ڪري ڇڏيو، اهڙي ريت تي ڏينهن گذري ويا، جڏهن ٻُک جو غلبو ٿيس تہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي فرياد ڪيائين، رات جو خواب ۾ ڏٺائين تہ هو الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر آهي ۽ الله تعاليٰ فرمائي ٿو، مان پنهنجي ٻانهي جي ذريعي جيڪو ڪجهہ موڪليندو هئس تون اهو ڇو واپس ڪيو؟ عابد عرض ڪيو مولا منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ تو ڪان سواءِ ٻئي تي ڀروسو ڪري وينو آهيان. رب تعاليٰ فرمايو اهي مانيون ڪير موڪليندو هو؟ عابد عرض ڪيو تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ئي موڪلڻ وارو آهين. حڪم ٿيو! تہ هاڻي مان موڪليان تہ واپس نہ موٽائجانءِ، انهيءَ خواب ۾ هي بہ ڏنو تہ مانيون آڻڻ وارو شخص رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضر آهي، الله تعاليٰ ڪانئس پُڇيو تون هن عابد کي مانيون ڏيڻ ڇو بند ڪيون؟ ان عرض ڪيو اي مالڪ ۽ مولا! توکي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. پوءِ پُڇيائين اي ٻانها! اهي مانيون تون ڪنهن کي ڏيندو هئين؟ عرض ڪيائين مان تہ توکي (يعني تنهنجي راهہ ۾ ڏيندو هئس) ارشاد ٿيو تون پنهنجو عمل جاري رک، منهنجي طرفان تنهنجي لاءِ ان جي بدلي ۾ جنّت آهي.

(روض الرياحين ص67)

بنا گهرڻ جي ملي تہ.....

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله وارن جو انداز بہ خوب هوندو آهي، الله رب العٰلمين جل جلاله عبادت گذار ٻانهن تي خوب نوازشون فرمائيندو آهي ۽

انهن جي لاءِ عالمِ غيب مان سبب مُهيا ڪندو آهي. جڏهن ٻين جي مال جو حرص ۽ لالچ نہ هجي، ڏيڻ وارو احسان ورجائڻ وارو نہ هجي، جنهن کان ورتو هجي ان جي دل خوش ٿيڻ جي اميد هجي، جنهن ڏنو ان جي دل ۾ وٺڻ واري جي عزت ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان نہ هجي، وٺڻ جي صورت ۾ ڏيڻ واري يا ڏسڻ واري جي نظر ۾ ڪنهن قسم جي تذليل جو شڪ شبهو نہ هجي، مطلب تہ ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ بنا گهرڻ جي جيڪو ملي اهو قبول ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ حضرت سيّدُنا خالد بن عَدي جُهني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مون تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو تہ جنهن کي ان جي ڀاءُ جي ذريعي ڪا شيءِ بنا گهرڻ ۽ بنا حرص جي ملي تہ ان کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ موٽائڻ نہ گهرجي جو اهو تہ رزق آهي جيڪو ان کي الله عَزَّوَجَلَّ (ڪنهن ٻئي جي ذريعي) موڪليو. (مُسند امام احمد ج 6 ص 676 حديث 17958) معلوم ٿيو تہ بنا سوال ڪرڻ جي ملڻ واري شيءِ وٺڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ ان شيءِ ڏانهن ان کي حرص ۽ لالچ نہ هجي پر جيڪڏهن غني آهي تہ ڏيڻ واري جي دل رکڻ جي لاءِ ورتائين پر وٺڻ کانپوءِ جيڪڏهن ان شيءِ جي ان کي ضرورت نہ هجي تہ ڪنهن ٻئي کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏي يا صدقو ڪري ڇڏي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا عائد بن عَمرو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيّ ڪريم، روف رحيم، محبوب ربّ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشّان آهي تہ جنهن کي ان رزق مان بنا گهرڻ يا بغير حرص جي ڪجهہ ملي تہ ان کي دل سان قبول ڪرڻ گهرجي ۽

جيڪڏهن غني هجي تہ (قبول ڪري) پاڻ کان وڌيڪ ضرورتمند ڏانهن موڪلي ڇڏي.

(مُسند امام احمد ج 7 ص 362 حديث 2673)

تحفو يا رشوت

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تحفو قبول ڪرڻ سنّت آهي پر ياد رهي تہ تحفو ونڻ ۽ ڏيڻ جون مختلف صورتون آهن، هر تحفو قبول ڪرڻ هرگز سنّت ناهي. حضرت سيّدُنا امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي پنهنجي "صحيح بخاري" ۾ باقاعده هڪ باب رکيو آهي، جنهن جو نالو آهي " بَابُ مَنْ لَّمْ يَقْبَلِ الْهَدِيَّةَ لِعِلَّةٍ " يعني "ان شخص جي باري ۾ باب جنهن ڪنهن سبب کان تحفو قبول نہ ڪيو." هن باب ۾ سيّدُنا امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي تعليق ڪئي (يعني ابتدائي سند کان راوي کي ساقط ڪري حديث بيان ڪرڻ) حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو، "حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتي مبارڪ ۾ تہ تحفو تحفو ئي هو پر اڄڪلهہ رشوت آهي." (صحيح بخاري ج2 ص 174)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿94﴾ صوفن جا ٽالهہ

هن روايت جي شرح ڪندي حضرت علامہ بدرالدين عيني حنفي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرت سيّدُنا فُرات بن مُسْلِم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سند سان روايت بيان فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي صوف کائڻ جي خواهش ٿي پر گهر ۾ ڪا

اهڙي شيءِ نہ ملي جنهن جي بدلي ۾ صوف خريد ڪري سگهجن، پوءِ اسان ساڻن گڏ سوار ٿي ڪري نڪتاسين. ڳوٺ جي طرف ڪجهہ ڇوڪرا مليا جيڪي صوفن جا ٿالهہ (تحفي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ) ڪنيون بينا هئا، سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ٿالهہ کڻي ڪري سنگهيو ۽ پوءِ واپس ڪري ڇڏيائون، مون کين ان جي باري ۾ عرض ڪيو تہ فرمايائون مون کي ان جي ضرورت ناهي، مون عرض ڪيو ڇا سيّدُنا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، سيّدُنا ابوبڪر صديق اڪبر ۽ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا تحفو قبول نہ فرمائيندا هئا؟ ارشاد فرمايائون، بيشڪ هي انهن جي لاءِ تحفا ئي هئا پر انهن کان بعد جي عُمّال (يعني حاڪمن يا سندن نمائندن) جي لاءِ رشوت آهن.

(عمدة القاري ج9 ص 418)

ڪير ڪنهن جو تحفو نہ وٺي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تحفي جا صوف قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڄاڻيندا هئا تہ هي تحفو وقت جي خليفي جي حيثيت سان ڏنو پيو وڃي، جيڪڏهن مان خليفو نہ هجان ها تہ ڪو ڇو ڏئي ها؟ ۽ هيءَ ڳالهہ تہ هر عقلمند ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن يا ٻين سرڪاري آفيسرن ۽ چونڊيل نمائندن گڏوگڏ جج صاحبن، ايتري تائين جو پوليس وغيره کي ماڻهو ڇو تحفا ڏيندا آهن ۽ انهن جون ڪهڙي سبب کان خصوصي دعوتون ڪندا آهن. ظاهر آهي يا تہ

”ڪم“ ڪڍڻ مقصد هوندو آهي يا هي ذهن هوندو آهي تہ آئنده ان ڪم جي ضرورت پوڻ جي صورت ۾ آسانيءَ سان ترڪيب بڻجي ويندي، انهن ٻنهي سببن جي ڪري اهڙن ماڻهن کي تحفو ڏيڻ ۽ انهن جي خصوصي دعوت ڪرڻ رشوت جي حڪم ۾ آهي ۽ رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو جهنم جو حقدار آهي. اهڙي موقعي تي عيد جي خرچي، مٺائي، چانهہ، پاڻي يا خوشيءَ سان پيش ڪري رهيو آهيان، محبت ۾ ڏئي رهيو آهيان وغيره جهڙا خوبصورت لفظ رشوت جي گناهہ کان نہ ٿا بچائي سگهن. جيتوڻيڪ واقعي اخلاص سان پيش ڪيا ويا هجن ۽ رشوت جي ڪا صورت نہ بڻجندي هجي تڏهن بہ اهڙن جو پنهنجي ماتحتن کان تحفو يا خصوصي دعوت قبول ڪرڻ ”مَظِنَّۂِ تُهمت“ يعني تهمت جي جڳهہ تي بيهڻ جي برابر آهي. جڏهن تہ سردارِ مڪہءِ مُڪَرمہ، سلطانِ مدينہءِ مُنَوره صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حفاظت نشان آهي تہ جيڪو الله تعاليٰ ۽ آخرت تي ايمان رکندو هجي اهو تهمت جي جڳهہ تي نہ بيهي. (**كشف الخفاء ج 2 ص 227حديث 2499**) ان لاءِ هتي تهمت جي جڳهہ کان بچڻ واجب آهي، تنهنڪري ڏيڻ بہ ناجائز ۽ وٺڻ بہ ناجائز. ها جيڪڏهن عهدو ملڻ کان اڳ ئي پاڻ ۾ تحفن جي ڏي وٺ ۽ خصوصي دعوت جي ترڪيب هئي تہ هاڻي حرج ناهي، پر پهريان گهٽ هو ۽ هاڻي مقدار وڌايو ويو تہ واڌارو حصو ناجائز ٿي ويندو. جيڪڏهن ڏيڻ وارو پهريان جي نسبت مالدار ٿي ويو آهي ۽ ان هن سبب کان وڌايو آهي تہ وٺڻ ۾ حرج ناهي. اهڙيءَ ريت پهرين جي مقابلي ۾ هاڻي جلدي جلدي خصوصي دعوت ٿيڻ لڳي آهي تڏهن بہ ناجائز آهي. جيڪڏهن ڏيڻ

وارو ذَوِالارحَام يعني رت جي رشتيدارن مان آهي تہ ڏيڻ وٺڻ ۾ حرج ناهي. (والدين، ياءُ، پيءُ، نانو، ناني، ڏاڏو، ڏاڏي، پٽ، ڌيءَ، چاچو، مامو، ماسي، پڦي، وغيره مُحَرَمٌ رشتيدار آهن جڏهن تہ پڦڙ، پيٽويو، چاچي، سوٽ، پڦاٽ، ماسات، ماروٽ وغيره ذي رحم يعني محرم رشتيدارن مان خارج آهن) مثال طور پٽ يا پائٽيو جج آهي ان کي پيءُ يا چاچي تحفو ڏنو يا خصوصي دعوت ڪئي تہ قبول ڪرڻ جائز آهي. ها فرض ڪريو پيءُ جو ڪيس جج پٽ وٽ هلي رهيو آهي تہ هاڻي مظنءِ تهمت يعني تهمت جي جڳهہ تي بيهڻ سبب ناجائز آهي. بيان ڪيل احڪام صرف سرڪاري ماڻهن لاءِ ئي نہ آهن، هر سماجي، سياسي، مذهبي ليڊر ۽ اڳواڻ جي لاءِ بہ آهن ايتري تائين جو **دعوتِ اسلامي جي تمام تنظيمي مجلسن جا تمام نگران ۽ ذميدار بہ پنهنجي پنهنجي ماتحتن کان تحفو يا خصوصي دعوت قبول نہ ٿا ڪري سگهن.** ننڍو ذميدار پاڻ کان وڏي ذميدار کان قبول ڪري سگهي ٿو. مثال طور دعوتِ اسلاميءَ جي مرڪزي مجلس شوريٰ جو رڪن نگران شوريٰ کان قبول ڪري سگهي ٿو، پر ٻين دعوتِ اسلاميءَ وارن کان قبول نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نگران شوريٰ پنهنجي ڪنهن بہ ماتحت دعوتِ اسلاميءَ واري جو تحفو نہ ٿو وٺي سگهي، مدرس (يعني استاد) پنهنجي شاگردن يا ان جي سرپرست جو بنا اجازت شرعي تحفو نہ ٿو وٺي سگهي. ها تعليم کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن شاگرد تحفو يا خصوصي دعوت ڏي تہ قبول ڪري سگهي ٿو. اهي علماء و مشائخ جن کي ماڻهو علم ۽ فضل جي سبب نذرانا پيش ڪندا آهن ۽ اهي قبول بہ ڪندا آهن ۽ ماڻهو انهن

تي رشوت جي تهمت بہ نہ ٿا لڳائن جيئن تہ اهڙن ماڻهن جو تحفو قبول ڪرڻ مَظِنَّۂ تُهمت کان خارج هجڻ جي ڪري جائز آهي. منا منا اسلامي ڀائرو! تحفي ۽ رشوت جي متعلق اهم سوال ۽ جواب حاضر آهن. ٿي سگهي تہ انهن کي گهڻ ۾ گهڻ ٿي ڀيرا غور سان پڙهي يا ٻُڌي وٺو.

سوال : **ڇا تحفو قبول ڪرڻ سنّت ناهي؟**

جواب : **بيشڪ تحفو قبول ڪرڻ سنّت آهي پر ان جون صورتون آهن، جيئن تہ علّامہ بدرالدين عيني حنفي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، " نبيّ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ الفت نشان آهي،" تحفي جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪريو، محبت وڌندي."(مجمع الزوائد ج4 ص 260 حديث 6716) **هي ان جي حق ۾ آهي جنهن کي مسلمانن تي عهديدار نہ بڻايو ويو هجي ۽ جنهن کي مسلمانن تي عهدو ڏنو ويو هجي جيئن قاضي يا والي ، تہ هاڻي ان کي تحفو قبول ڪرڻ کان بچڻ ضروري آهي،** خصوصًا ان کي جنهن کي پهريان تحفا نہ پيش ڪيا ويندا هجن ڇو تہ ان جي لاءِ هاڻي هي تحفو رشوت ۽ ناپاڪيءَ جي قسم مان آهي. (البناية شرح الهدايه ج8 ص 244)

عارضي طور تي اسڪوٽر وٺڻ

سوال : عهديدار پنهنجي ماتحت کان قرض جي طور تي ڪا رقم يا عارضي طور تي ڪار، اسڪوٽر يا سائيڪل وغيره وٺي سگهي ٿو يا نہ؟ گڏوگڏ هي بہ ارشاد فرمايو تہ پنهنجي ماتحت کان

ڪا شيءِ ڪنهن حيلي سان سستي خريد ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

جواب : **عهديدار** پنهنجي ماتحت کان نہ قرض وٺي سگهي ٿو نہ عرف ۽ عادت کان هٽي ڪري خريد و فروخت ڪري سگهي ٿو، نہ ئي عارضي طور تي استعمال جي لاءِ شيون وٺي سگهي ٿو، ماتحت پاڻ آڇ ڪري تڏهن بہ نہ ٿو وٺي سگهي. جيئن علامہ شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ” عهديدار کي جنهن جنهن جو تحفو قبول ڪرڻ حرام آهي، ان کان قرض ۽ ڪا (بہ) شيءِ اڌار طور گهرڻ (يعني ڪجهہ مدت جي لاءِ ڪا شيءِ گهرڻ) بہ حرام آهي.“ **(ردالمحتار علي الدُّرُ المختار ج8 ص 48)**

سوال : ڇا تحفن جي باري ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ ڪجهہ رهنمائي فرمائي آهي؟

جواب : منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت ،پير طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ و مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن، فرمائن ٿا، ”مان چوان ٿو انهن جو مثال ڳوناڻن ۽ ڪاروبار ڪرڻ وارن چوڌرين جهڙو آهي جن کي پنهنجي ماتحتن تي تسلط ۽ غلبو هوندو آهي، ڇو تہ انهن چوڌرين جي شر جي خوف يا رواج جي سبب انهن کي تحفا ملندا آهن. **(فتاويٰ رضويه ج19 ص 446)** معلوم ٿيو تہ تحفا قبول ڪرڻ جي منع صرف سرڪاري عهديدارن جي لاءِ ئي ناهي بلڪ هران شخص جي لاءِ بہ آهي جيڪو پنهنجي عهدي يا دبدبي جي سبب ماڻهن کي نفعو يا نقصان پهچائڻ جي طاقت رکندو هجي.

دعوتن جا ٻہ قسم

سوال : ”خصوصي دعوت“ ڇا کي چوندا آهن؟

جواب : خصوصي دعوت يعني اها دعوت جيڪا ڪنهن خاص ماڻهو جي لاءِ رکي وڃي جو جيڪڏهن اهو اچڻ کان انڪار ڪري تہ دعوت منعقد ئي نہ ٿئي.

سوال : ”عمومي دعوت“ جو مطلب بہ ارشاد فرمايو؟

جواب : عمومي دعوت يعني اها دعوت جيڪا ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي لاءِ نہ هجي جو فلاڻو نہ اچي ها تہ اها دعوت ئي نہ رکي وڃي ها.

سوال : جيڪڏهن ماتحت عهديدار کي خصوصي دعوت ڏني ۽ يارهين شريف جي نيّت ڪري ڇڏي تہ پوءِ بہ ناجائز آهي؟

جواب : جي ها. ڇو تہ هي واضح آهي تہ عهديدار شريڪ ٿيڻ جي حامي نہ ٿيو تہ يارهين شريف جو نياز نہ ڪيو ويندو، ها جيڪڏهن نياز ڪيو آهي ۽ ان ۾ عهديدار کي بہ دعوت آهي ۽ هي طئي آهي تہ اهو اچي يا نہ اچي نياز جو سلسلو رهندو تہ اهڙي دعوت جائز آهي، ڇو تہ اها ”عمومي دعوت“ آهي، پرعمومي دعوت ۾ بہ عهديدارکي جيڪڏهن ٻين جي مقابلي ۾سنيون غذائون ڏنائين تہ ناجائز آهي. مثال طور عام مهمانن کي تنور جي ماني ۽ ڳئونءَ جي گوشت جي ڀاڄي ڏنائين پر عهديدار جي خدمت ۾شيرمال ۽ ٻڪري جي گوشت جو قورمو حاضر ڪيائين تہ ائين ڪرڻ ناجائز آهي.

سوال: آفيسرکان ان جو ماتحت تحفو قبول ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

جواب : قبول ڪري سگهي ٿو.

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي جاري ڪيل هن مبارڪ فتويٰ کي جيڪڏهن اسان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا غورسان پڙهنداسين يا ٻُڌنداسين ته اِنْشَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ تحفي ۽ رشوت جو فرق سمجهه ۾ اچي ويندو ته ڪير ڪنهن ڪنهن کان تحفو قبول ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن ڪنهن کان نه. جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا،" جيڪوشخص پاڻمرادو يا حڪمران جي طرف کان ڪنهن به طرح جو غلبو يا طاقت رکندو هجي. جنهن سبب ماڻهن تي ان جو ڪجهه دباءُ هجي جيتوڻيڪ هو ذاتي طورتي انهن تي جبر ۽ زيادتي نه ٿو ڪري ۽ دباءَ به نه ٿو وجهي جيتوڻيڪ هو ڪنهن قطعي فيصلي ڪرڻ يا غير قطعي فيصلي ڪرڻ جو به مجاز (يعني با اختيار) به نه هجي، جيئن ڪوتوال، ٿاڻيدار، جمعدار، يا ڳوناڻن لاءِ زميندار، مقدم يعني تپيدار ايتري تائين جو پنچائتي قومن يا ڪمن لاءِ انهن جا چوڌري، انهن سيني کي ڪنهن به قسم جا تحفا وٺڻ يا خصوصي دعوت قبول ڪرڻ جي بلڪل اجازت ناهي پر ٿن صورتن ۾ پهرين آفيسر (**يعني پاڻ کان وڏي عهديدار**)کان جنهن تي هن جو دباءُ ناهي، نه اتي هي خيال ڪيو ويندو آهي ته ان جي طرف کان هي

تحفو يا دعوت پنهنجي معاملن ۾ رعايت ڪرائڻ لاءِ آهي، ٻئي اهڙي شخص کان جيڪو ان جي عهدي کان اڳ ان کي تحفو ڏيندو هو يا دعوت ڪندو هو بشرطيڪ هاڻي به انهيءَ مقدار تي آهي. نه ته اضافو جائز نه هوندو، مثلاً پهريان تحفي ۽ دعوت ۾ جنهن قيمت جي شيءِ هوندي هئي هاڻي ان کان قيمتي (۽) پُرتڪلفّ ٿيندي آهي يا تعداد ۾ وڌي وئي يا جلدي جلدي ٿيڻ لڳي جو هنن سيني صورتن ۾ اضافو موجود آهي ۽ جائز هئڻ جي صورت ناهي ،پر جڏهن ان شخص جو مال اڳي کان ان اضافي جيترو وڌي ويو هجي. (يعني ڏيڻ وارو وڌيڪ مالدار ٿي ويو هجي) جنهن مان سمجهيو وڃي ته اهو اضافو ان شخص جي عهدي جي سبب نه بلڪ پنهنجي دولت وڌڻ جي سبب آهي. ٽئين پنهنجي ويجهو وارن محرمن کان جيئن ماءُ پيءُ، اولاد، ڀيڻ، ڀاءُ (پر) چاچي مامي ماسي پڦيءَ جا پٽ نه، جو ته اهي محرم ناهن جڏهن ته عرف جي طور انهن کي ڀاءُ چيو ويندو آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا ته سو جتي جتي منع آهي ان جو بنياد رُڳو تهمت ۽ رعايت جي امڪان تي آهي، حقيقي طور تي رعايت جو ملي وڃڻ ضروري ناهي جو ان جو پنهنجي عمل ۾ تبديلي نه آڻڻ يا ان جي مخلصانه عادت کان آگاهه هجڻ جائز ٿي وڃڻ لاءِ دليل ٿي سگهي. دنيا جا ڪم اميد تي ئي هلندا آهن جڏهن هو دعوت ۽ تحفا قبول ڪندو رهندو ته ضرور خيال ٿيندس ته شايد هن ڀيري ڪجهه اثر پوي جو مفت مال ڏيڻ جي تاثيرآزمايل آهي، اُن ڀيري نه ٿي ته هِن ڀيري ٿيندي، هِن ڀيري نه ٿي ته وري ڪڏهن ٿيندي، ۽ هي حيلو ته

ان جو تحفو ۽ دعوت عهدي جي لحاظ کان نہ بلڪ انساني اخلاق جي بنياد تي آهي، (تہ) ان جو رد پاڻ حضورِ اقدس **سيّد المرسلين** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي چُڪا آهن،" جڏهن هڪ شخص کي زڪواة ونڻ تي مقرر فرمائي ڪري موڪليو هئائون، ان زڪواة جو مال حاضر ڪيو ۽ ڪجهہ مال جدا رکيو تہ هي مون کي مليو آهي، فرمايائون پنهنجي ماءُ جي گهر ويهي ڪري ڏسين ها تہ هاڻي توکي ڪيترا تحفا ٿا ملن! يعني اهي تحفا رُڳوانهيءَ عهدي جي ڪري آهن، جيڪڏهن گهر وينو هجين ها تہ (توکي) ڪير اچي ڏئي وڃي ها؟"

(صحيح مسلم ص 1019حديث 1832، فتاويٰ رضويه ج 18 ص 171،170)

سوال : جيڪڏهن شاگرد پنهنجي استاد کي تحفو پيش ڪري تہ قبول ڪري يا نہ؟

جواب : قرآنِ پاڪ يا درسِ نظامي يا ٻيا علم پڙهائڻ وارن کي بہ شاگردن جي طرفان ڏنل تحفا قبول ڪرڻ ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي ڇو تہ مدرس بہ ڪجهہ مسلمانن (مثلاً شاگردن) جي ڪمن تي والي **(يعني حڪمران)** هوندا آهن. عهديدار جي وضاحت ڪندي حضرت علامہ شامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا،" ۽ عهديدارن ۾ بازارن ۽ شهرن جا عهديدار، اوقاف جا مُعاملا هلائڻ وارا ۽ هر اهو شخص شامل آهي جيڪو ڪنهن اهڙي مُعاملي ۾ عهديدار هجي جيڪو مسلمانن سان تعلق رکندو هجي. **(ردالمحتار ج 8 ص 50)** ڄاڻايل عبارت جي روشنيءَ ۾ استاد بہ هڪ طرح جو عهديدار آهي ڇو تہ

شاگردن جي مدرسي ۾ داخلا برقرار رهڻ اڪثراستاد جي ئي مهرباني تي هوندي آهي، استاد ان کي بي قاعدگين تي ڪلاس مان ڪڍي سگهي ٿو، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ داخلا بہ منسوخ (يعني رد) ڪرائي سگهي ٿو يا منسوخ ڪرڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو. ائين ئي امتحانن ۾ ٿيندڙسوالن جي پرچن کي وقت کان اڳ ظاهر ڪرڻ ، امتحانن جي نتيجن ۾ سنا نمبر ڏيڻ يا ناڪام(Fail) ڪري ڇڏڻ بہ استاد جي هٿ ۾ هوندو آهي، ڪيترائي شاگرد اهڙا بہ هوندا آهن جن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق گهٽ هوندوآهي، جڏهن تہ اهي بد اخلاقين ۽ بي قاعدگين ۾ اڳيان اڳيان هوندا آهن، جيئن تہ اهي پنهنجي تعليمي صلاحيتن کان استاد کي خوش ناهن ڪري سگهندا ان لاءِ اهي وقتاً فوقتاً تحفا پيش ڪندا آهن. دعوتون کارائيندا آهن، تہ جيئن انهن کي نہ مدرسي مان ڪڍيو وڃي ۽ نہ ئي ناڪام (Fail) ڪيو وڃي، تنهنڪري استادن کي گهرجي تہ ان قسم جي شاگردن جا تحفا ۽ دعوتون قبول نہ ڪن ۽ جيڪڏهن معلوم ٿي وڃي تہ هي تحفو يا دعوت خاص انهيءَ لاءِ ڪئي وئي آهي تہ ڄاڻايل قسم جي شاگردن جو ڪم بڻجي وڃي، ۽ اهي واقعي ان جو ڪم بڻائي سگهن ٿا يا ڪم بڻائڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا، تہ پوءِ قبول ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي،" **شامي**" ۾ آهي اهڙيءَ ريت عالم کي جڏهن سفارش يا ظلم کي دور ڪرڻ جي لاءِ تحفو ڏنو وڃي تہ اها رشوت آهي، جيڪوحڪم مدرس جو بيان ٿيو اهو ئي هر منتظم جو آهي، چاهي ڪنهن اداري جو هجي يا جماعت جو، چاهي

خالص مذهبي جماعت هجي يا سياسي، ڇو تہ ڪنهن نہ ڪنهن اعتبار ڪان هو بہ مسلمانن جي ڪيترن مُعاملن تي عهديدارهوندا آهن ۽ انهن جي قلم جي حرڪت ۽ زبان هلائڻ سان بيشمار ماڻهن کي فائدو ۽ نقصان پهچندو آهي، تنهنڪري انهن ماڻهن کي بہ تحفو ۽ دعوت قبول ڪرڻ ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي. (رد المحتار ج 9ص 607)

تحفو موٽائي ڏيڻ جون بہ حڪايتون

﴿1﴾ **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ڪان منقول آهي تہ حضرت سيّدُنا شفيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي تحفي ۾ ڪپڙو پيش ڪيو تہ پاڻ مون کي واپس موٽائي ڏنائون، مون عرض ڪيو، سائين! مان توهان جو شاگرد ناهيان، فرمايائون مون کي معلوم آهي پر توهان جي ڀاءَ تہ مون کان حديث پاڪ ٻُڌي آهي، مون کي خوف آهي تہ ڪٿي منهنجي دل توهان جي ڀاءَ جي لاءِ ٻين جي نسبت گهٽي نرم نہ ٿي وڃي. (حلية الاولياءِ ج7 ص 3 حديث 9302)

﴿2﴾ هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دوست جي پٽ حاضر ٿي ڪري ڪجهہ نذرانو پيش ڪيو، پاڻ قبول ڪري ورتائون، پرٿوري دير بعد ان کي گهرايائون ۽ اصرارڪندي اهو تحفوموٽائي ڏنائون، اهوان لاءِ ڪيائون جوسندن دوستي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هئي تنهنڪري کين خوف ٿيو تہ هي تحفو ڪٿي في سبيل الله دوستيءَ جو معاوضو نہ ٿي وڃي! سندن شهزادا سيّدُنا مبارڪ رَحْمَةُ

اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مون عرض ڪيو بابا سائين! توهان ڪي ڇا ٿي ويو آهي؟ توهان جڏهن وني ئي ڇڏيوهو ته اسان جي خاطر رکي به ڇڏيو ها! فرمايائون،“ اي مبارڪ! توهان ته خوشي خوشي ان کي استعمال ڪندؤ پر قيامت جي ڏينهن سوال مون کان ٿيندو.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 408)

سوال : عهديدار کي جيڪڏهن ڪنهن ماتحت مديني شريف جون ڪارڪون يا آبِ زمزم شريف پيش ڪيو ته وني يا نه وني؟

جواب : قبول ڪري وني، جو اِن ۾رشوت جي تهمت جو امڪان ناهي گڏوگڏ رسالن، بيانات جي ڪيسيٽن وغيره تبليغي مواد يا نعل پاڪ جي ڪاردن، تمام گهٽ قيمت واري تسبيح يا سستي قيمت وارا مثلاً ٻن يا ٽن روپين وارا قلم وغيره قبول ڪرڻ ۾حرج ناهي جو اهي ان طرح جا تحفا ناهن، جيڪي مظنۂ تهمت بڻجن، گڏوگڏ حج يا مديني جي سفر يا شادي يا ٻارجي ڄمڻ وارن موقعن تي تحفا ڏيڻ جو رواج آهي، اهڙا تحفا به عهديدارپنهنجي ماتحتن کان وني سگهي ٿو، ها جيڪڏهن عرف کان وڌيڪ جو تحفو ڏنو ويو ته نٿووني سگهي، مثلا 100 رپيا ڏيڻ جو عرف آهي ۽ 500 يا 1200 روپين جو تحفو ڏنو يا اوتري قيمت جي نوٽن جو هار پارايو ته مظنۂ تهمت جي امڪان سبب ناجائز ٿي ويندو.[1]

---

[1] انهن احڪامن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي طرف کان جاري ڪيل مدني مذاڪرو نمبر 71 کان 74 جون ڪيسيٽون ٻڌو. مجلس مڪتبة المدينه

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگيرغير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهندؤ ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪندا رهندؤ ته اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻا احڪامِ شريعت سکڻ لاءِ ملندا رهندا، مدني قافلي ۾سفر جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني قافلي جي مدني بهار ملاحظه فرمايو. جيئن ته

﴿95﴾ زنده قبر ۾ دفن ٿي ويا

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي، ته دعوتِ اسلامي جي 12 عاشقانِ رسول جو سنّتن جي تربيت جو مدني قافلو ڪشمير جي ضلعي ”باغ“ جي علائقي نندرائي جي جامع مسجد نندرائي ۾ ترسيل هو، 3 رمضان المبارڪ 1426هه جو جدول جي مطابق صبح جي وقت آرام جي وقفي ڪانپوءِ ”مدني مشوري“ جو وقت ٿي ويو هو، اميرِ قافله جي حڪم تي اٿ اسلامي ڀائر اٿي تياري ڪري رهيا هئا جڏهن ته مون سميت چار اسلامي ڀائر سُستيءَ جي سبب مسجد سان لاڳاپيل مدرسي ۾ پنهنجي سمهڻ جي جڳهه تي ئي هئا ته اوچتو ائين محسوس ٿيو جڻ اسان ريل گاڏيءَ ۾ سمهي رهيا آهيون ۽ اسان کي جهٽڪا لڳي رهيا آهن، اسان يڪدم گهبرائجي اٿي ويناسين، پتيون ۽ در وغيره سڀ زور زور سان لڏي رهيا هئا، اسان بي اختيار ڊوڙ پاتي پر آهه! اوچتو زمين ڦاٽي ۽ اسان زور سان منهن ڀر ڪِري پياسين، اجان پاڻ کي سنڀالي ئي مس سگهياسين ته هڪ ڏماڪي سان چت ۽ پتيون اسان جي مٿان اچي ڪِريون، هر طرف گهڻو اونداهي

چانئجي وئي، رهيل سهيل حواس بہ خطا ٿي ويا. آهہ! آهہ! آهہ! اسان چار ئي **زندهہ قبر ۾ دفن** ٿي چُڪا هئاسين! اسان گهبرايل انداز ۾ بلند آواز سان ڪلمو شريف پڙهڻ ۽ رڙيون ڪري روئڻ لڳاسين، ظاهري طور **زندهہ** بچي نڪرڻ جي ڪا اميد نہ رهي، تڙپندي هٿ پير هڻندي هڪ اسلامي ڀاءُ جي ڏڪ سان اوچتو هڪ پٿر هٿي ويو ۽ روشني ٿي وئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سوراخ مان هڪ هڪ ٿي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين، **اميرِ قافلہ** جي هڪدم اطاعت ڪرڻ جي برڪت سان **مدني قافلي** جا اٿ عاشقانِ رسول اسان کان اڳ ۾ آسانيءَ سان صحيح سلامت مسجد کان ٻاهر نڪري چُڪا هئا.

زَلزلے سے اماں، دے گارِبِّ جہاں　　سب دعائیں کریں، قافلے میں چلو
ہوں بپا زلزلے، گرچہ آندھی چلے　　صبر کرتے رہیں، قافلے میں چلو

اطاعت نہ ڪرڻ جو نتيجو

ان مان هيءَ بہ خبر پئي تہ **مدني قافلي جي جدول تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان انهن اٿ اسلامي ڀائرن کي ڪا تڪليف نہ ٿي،** اُهي آسانيءَ سان نڪري ويا ۽ اهي چار اسلامي ڀائر جيڪي سستي جي سبب اُونهہ اُونهہ ڪري پيا هئا اهي ڪجهہ دير لاءِ اجتماعي قبر ۾ زندهہ دفن ٿي ويا پر آخرڪار اهي بہ مدني قافلي جي برڪت سان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙي طرح نشانيون ڏيکاريندو آهي جو ڪو تہ موت جي منهن مان بہ صحيح سالم نڪري ايندو آهي جڏهن

تہ ڪو هزارين قلعن ۾ لِڪي وڃي پر وقت پورو ٿي وڃڻ جي صورت ۾ موت کان نہ ٿو بچي سگهي، موت کان ڪوڀڄي ئي نہ ٿو سگهي، جيئن تہ الله تبارڪ و تعاليٰ 28 سيپاري سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ جي آيت8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِیْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِیْكُمْ

ترجمو ڪنزالايمان: ”تون فرماءِ جنهن موت کان توهان ڀڄو ٿا اهو تہ ضرور توهان کي ملڻو آهي.“

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿96﴾ عقلمند بادشاهہ

مصر جو عقلمند بادشاهہ **احمد بن طولون** هڪ ڏينهن ڪنهن ويران جڳهہ ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪاڏو ڪائي رهيو هوجو سندس نظر ڦاٽل ۽ پراڻا ڪپڙا پاتل هڪ فقير تي پئي، بادشاهہ هڪ ماني، هڪ تريل مرغي، هڪ گوشت جو ٽڪر ۽ فالودو غلام هٿان ان ڏانهن ڏياري موڪليا، غلام واپس اچي ڪري ٻُڌايو تہ ”سائين! ڪاڏو ڏسي هوخوش نہ ٿيو.“ اهو ٻُڌي ڪري بادشاهہ ان کي پاڻ وٽ گهرايو، جڏهن هو اچي ويو تہ بادشاهہ ڪانئس ڪجهہ سوال ڪيا جن جا ان نهايت سني طريقي سان جواب ڏنا ۽ ان تي شاهي ديدبي جو ڪو اثر نہ ٿيو، عقلمند بادشاهہ اوچتوچيوتہ تون **مُخبر** (يعني جاسوس) ٿو ڏسجين، اهوچئي ڪري بادشاهہ ڪوڙا هٽڻ واري کي گهرايوان کي ڏسندي ئي ان فقير جهٽ پٽ اعتراف ڪيو تہ مان واقعي **مُخبر**

(يعني جاسوس) آهيان. اها ماجرا ڏسي ڪري ڪنهن بادشاهه کي چيو، سائين، توهان تہ جڻ جادوڪري ڇڏيو، **عقلمند بادشاهہ** چيو، ڪو جادو ناهي ڪيو، مون هن کي پنهنجي اندازي سان پڪڙيوآهي، ڇوتہ ڪاڏو ايتريقدرعمدوهوجو جيڪو پيٽ ڀري ڪائي ڇُڪوهجي ان جي وات ۾ بہ ڏسي ڪري پاڻي ڀرجي اچي ۽ هُوان جي طرف مائل ٿي وڃي پر ظاهري بدحاليءَ جي باوجود هن اهڙي ڪاڏي جي طرف ڪا توجهہ نہ ڏني، ٻيو هي تہ عام ماڻهو شاهي رعب ۽ دبدبي کي ڏسي ڏڪي ويندوآهي، پرهي دليريءَ سان گفتگو ڪري رهيو هو ان لاءِ اندازو ٿيو تہ هي جاسوس آهي (ڇو تہ جاسوس جي مخصوص طريقن سان تربيت ڪئي ويندي آهي) (حياة الحيوان الكبريٰ ج 1 ص 459)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿97﴾ ابن طولون جو قبر ۾ حال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احمد بن طولون انتهائي عقلمند، انصاف پسند، بهادر، عاجزي ڪندڙ، خوش اخلاق، علم دوست، سخي بادشاهہ ٿي گذريو آهي، هو حافظ قرآن هو ۽ هو نهايت خوش الحاني (**يعني بهترين آواز**) سان تلاوت ڪندو هو پرظالم بہ پهرين درجي جو هو، سندس تلوار خونريزيءَ جي لاءِ هر وقت مياڻ مان ٻاهرنڪتل هوندي هئي. چيو وڃي ٿو تہ هُن جن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جيڪي ان جي قيد ۾ مري ويا انهن جو تعداد اڑهن هزار جي لڳ ڀڳ هو! مرڻ کانپوءِ هڪ شخص روزانوسندس قبر تي تلاوت ڪندو هو، هڪ ڏينهن بادشاهہ احمد بن طولون ان کي خواب ۾ نظرآيو ۽ چوڻ لڳو،

منهنجي قبر تي قرآن نہ پڙهندو ڪر، ان پُڇيو ڇو؟ ابن طولون جواب ڏنو، جڏهن بہ ڪا آيت منهنجي طرف ڪان گذرندي آهي، منهنجي مٿي تي ضرب (ڏڪ) هڻي پُڇيوويندوآهي، ڇا تو هي آيت نہ ٻُڌي هئي؟

(حياة الحيوان الكبريٰ ج 1 ص 460)

آهہ! آهہ! آهہ! ظلم جو انجام ڪيڏو پوائتوهوندوآهي! حڪمران طبقي جو ظلم ۽ زيادتين کان بچڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي تنهنڪري حڪومتن ۽ وزارتن جي خوبصورت نظر ايندڙعهدن وغيره کان بالخصوص اڄڪلهہ جي دؤر ۾ پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي، هي بہ معلوم ٿيو تہ حافظ قرآن کي قرآن پاڪ جي احڪامن تي عمل بہ ڪرڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ قبر جي عذاب ۾ مبتلا گناهگار مسلمانن جي ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿98﴾ مغفرت جي دعا ڪرڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي سيني مسلمانن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهڻ گهرجي، ان ۾ پاڻ اسان جي پنهنجي بہ ڀلائي آهي جو جيترن مسلمانن جي مغفرت جي دعا ڪنداسين اوتري تعداد ۾ اسان کي نيڪيون ملنديون، جيئن تہ حضورِ انور، شافع محشر، مديني جا تاجوَر، باذنِ ربّ اڪبر غيبن کان باخبر، محبوب داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ”جيڪو تمام مومن مردن ۽

عورتن جي لاءِ مغفرت طلب ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ مومنہ عورت جي بدلي ۾ هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي. (الجامع الصغير ص 513 حديث 8419) بهرحال اسان ٻين جي ڀلائي چاهينداسين تہ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اسان سان بہ ڀلائي ڪئي ويندي، جيئن تہ حضرت علامہ عبدالرحمٰن صفوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ ”هڪ بزرگ جي فوتگيءَ کانپوءِ خواب ۾ ڏسي ڪنهن پُڇيو، مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ پاڻ ٻُڌايائون تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي، ۽ فلاڻي شخص جي محل جي پرسان مون کي محل عطا فرمايائين حالانڪہ مان ان جي مقابلي ۾ گهڻو عبادتگذار هئس تنهن هوندي بہ هو مون کان اڳتي وڌي ويو، ڇو تہ ان ۾ هڪ خاص عادت هئي جيڪا مون ۾ نہ هئي ۽ اها هي تہ هو دعا گهرندو هو تہ ” اي الله عَزَّوَجَلَّ! گذري ويل، موجود ۽ ايندڙ دؤر جي سيني مسلمانن جي مغفرت فرماءِ.“ (نزهة المجالس ج 2 ص 3)

الٰہی واسطہ پیارے کا سب کی مغفرت فرما
عذابِ نار سے ہم کو خدایا خوف آتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿99﴾ 70 ڏينهن پراڻو لاش

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن جي غمخواري

جو جذبو ۽ دنيا ۽ آخرت جون برڪتون گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ لڪن جا ڀاڳ ڪلي رهيا آهن، **دعوتِ اسلاميءَ** اهل حق جي خالص مدني تحريڪ آهي، اچو ايمان تازوڪرڻ جي لاءِ توهان کي دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪت جي عظيم الشّان بهار ٻُڌايان، 3 رمضان المبارڪ 1426هه (8.10.05) ڇنڇر جي ڏينهن پاڪستان جي اوڀرندي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو جنهن ۾ لڪين ماڻهو مري ويا انهن ۾ مظفرآباد (**ڪشمير**) جي علائقي "ميراتسوليان" جي رهواسي **19** ساله **نسرين عطاريه** بنت غلام مرسلين جيڪا **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هئي، شهيد ٿي وئي. مرحومه جي والد ۽ ٻين گهروارن **8** ذوالقعد **1426**هه (**10.12.05**) سومر جي رات تقريبًا **10** هين وڳي رات جي وقت ڪنهن سبب ڪري قبر کي کوليو ته اوچتو اچڻ واري خوشبوءِ جي سرهاڻ سان دماغ معطر ٿي ويو، شهادت کي **70** ڏينهن گذرڻ باوجود نسرين عطاريه جو ڪفن ۽ جسم بلڪل صحيح سلامت هو.

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

عطائے حبيبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فيضانِ غوث و رضا مَدَنی ماحول
سلامت رہے يا خدا مَدَنی ماحول بچے نظرِ بد سے سدا مَدَنی ماحول
اے اسلامی بہنو! تمہارے لئے بھی سُنو! ہے بہت کام کا مَدَنی ماحول
تمہیں سنّتوں اور پردے کے احکام یہ تعلیم فرمائے گا مَدَنی ماحول

سنور جائيگي آخرت ان شاءَالله

تم اپنائے رکھو سدا مَدَني ماحول

يا رب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، صحابهءِ ڪرام، اهلبيت اطهار ۽ اولياءِ عظام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سچي محبت نصيب فرماءِ، انهن جي نقش قدم تي هلاءِ ۽ انهن جي فيضان سان اسان کي ايمان جي سلامتي ۽ بنهي جهانن ۾ امن امان عنايت فرماءِ، اسان جي مغفرت فرمائي ڪري اسان کي جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخلا ۽ اتي پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

سوال ۽ جواب

هي صفحا ڪائڻ ۽ پڇائڻ وارن يعني سيني جي لاءِ هڪ جيترو فائدي مند آهن، تنهنڪري شيطان ڪيڏي ٻ سستي ڏياري انهن کي مڪمل پڙهي وٺو، مسجد ۽ گهر وغيره ۾ ان جو درس ٻ جاري ڪري ثواب جا خزانا اماڻيو.

درود شريف جي فضيلت

خلق جي رهبر، شافعِ محشر، محبوبِ داور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.“ (الجمع الوسط ج 1 ص 497 حديث 1835)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

19 رَبِيعُ النُّور شريف 1423 هه جمعي ۽ چنچر جي وچ واري رات دعوتِ اسلامي جي مدارس ۽ جامعات (باب المدينه ڪراچي) بورچين ۽ ان جي ناظمن جو مدني مشورو ٿيو.[1] ڪافي شاگردن ٻ شرڪت ڪئي، معمول موجب تلاوت ۽ نعت شريف ڪانپوءِ اميرِ

[1] مدني مشوري جي گفتگو ۾ ضرورت موجب ترميم ۽ ٻين ملفوظات جو اضافو ڪري هن رسالي کي ڪافي جامع ۽ دلچسپ بڻايو ويو آهي.

اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة بيشمار مدني گلن سان نوازيو ۽ عادت موجب مناسب موقعن تي صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! جي دلنواز صدا لڳائي ڪري حاضرين کي درود شريف پڙهڻ جي سعادت بہ عنايت فرمائيندا رهيا، پاڻ سيني کي مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اولىٰ سان هر نماز جي باجماعت ادائيگي، **هفتيوار سنّتن پرئي اجتماع** ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت، هر مهيني **مدني قافلي** ۾ ٽي ڏينهن سفر ۽ هر مهيني **مدني انعامات** جا ڪارڊ جمع ڪرائڻ جي تاڪيد فرمايائون.

ڪاڏو ماڻهن جي حساب سان پچايو

سوال : ڪاڏي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب : ڪاڏو اندازي سان پچايو ۽ اندازي سان ئي ورهايو، مثال طور 92 شاگردن لاءِ برياني پچائڻي آهي، جيئن تہ هڪ ڪلو چانورن کي عام طور تي 8 ماڻهو کائيندا آهن تہ 12 ڪلو چانور جي برياني پچايو. سيني کي ٿالهہ ۾ ايترو ايترو ڪاڏو ڏيو جو ڍؤ ٿي بہ وڃي ۽ بچي بہ نہ پوي، ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪافي سهولت رهندي ۽ ڪاڏي جو زيان بہ گهٽ ٿيندو، صحيح اندازو لڳائڻ کان بغير بچائڻ سان يا گهٽ ٿي پوندو آهي يا تمام گهڻو بچي پوندو آهي. بچيل برياني ٻيهر گرم ڪري ڪاڏي وڃي تہ ان ۾ لذت گهٽ ٿي ويندي آهي.

چهہ لک قيدي!

سوال : ڪاڏو ڪڏهن کان خراب ٿيڻ شروع ٿيو؟

جواب : بني اسرائيل جي دؤر کان. ان جوتفصيلي واقعو عرض ڪريان ٿو. فرعون جي نيل درياهه ۾ غرق ٿيڻ کان بعد خداعَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ڇهه لک** بني اسرائيل کي ساڻ ڪري عمالقه جي قوم سان جهاد ڪرڻ بيت المقدس ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن ويجهو پهتا تہ سندن قوم نافرماني ڪئي ۽ جنگ کان انڪار ڪندي ايتري تائين چئي ڇڏيو، تہ توهان ۽ توهان جو خداعَزَّوَجَلَّ هن زبردست قوم سان جنگ ڪريو، حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کان ڏکارا ٿيا. اهي **ڇهه لک** ماڻهو 27 هزار گز ويڪري ۽ ٽيهه ميل ڊگهي ميدان ۾ **چاليهه ورهين** جي لاءِ قيد ڪيا ويا. سڄو ڏينهن هلندا هئا پرشام جو اتي ئي هوندا هئا جتان هليا هئا. ان جهنگ جو نالو **تِيِّه** پيو. تِيِّه يعني پٽڪندو رهڻ جي جاءِ .“ **(ماخوذ از تفسيرِ نعيمي ج6 ص 336 کان 351)**

مَنّ وَ سَلويٰ

روح البيان ۾ آهي تہ جڏهن حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بني اسرائيل جي **ڇهه لک** ماڻهن سان گڏ **تِيِّه** جي ميدان ۾ ترسيل هئا تہ الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي کائڻ لاءِ آسمان مان ٻہ ڪاڏا لاٿا. هڪ جو نالو **”مَنّ“** ۽ ٻئي جو نالو **”سلويٰ“** هو. مَنّ بلڪل اڇو ماکيءَ وانگر هڪ حلوو هو يا اڇي رنگ جي ماکي ئي هئي جيڪا روزانو آسمان مان برسات وانگر وسندي هئي، ۽ **سلويٰ** پڪل ٻَٽيرا (يعني تِتر) هئا جيڪي ڏکڻ جي هوا سان گڏ آسمان مان نازل ٿيندا هئا.

کاڏو خراب ٿي وڃڻ جو سبب

مَنّ وسلويٰ جي باري ۾ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **کليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي حڪم هو تہ توهان هن کي روزانو کائي ڇڏيندا ڪريو سياڻي جي لاءِ هرگز هرگز بچائي نہ رکجو، پرضعيف الاعتقاد (ڪمزور عقيدي وارن) ماڻهن کي هي خوف ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن من وسلويٰ نہ لڌا تہ اسان هن غير آباد ميدان ۾ بُک مري ويندا سين.”پوءِ انهن ڪجهہ لڪائي ڪري سياڻي جي لاءِ رکي ڇڏيو تہ نبيءَ جي نافرمانيءَ سان اهڙي نحوست ڦهلي جو جيڪو ڪجهہ سياڻي جي لاءِ جمع ڪيو هئائون سو سڀ خراب ٿي ويو ۽ آئنده جي لاءِ انهن جو لهڻ بند ٿي ويو. (تفسير روح البيان ج 1ص 142) انهيءَ لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **بني اسرائيل نہ هجن ها تہ، نہ ڪاڏو ڪڏهن خراب ٿئي ها ۽ نہ گوشت خراب ٿئي ها.** (صحيح مسلم ج2 ص 775 حديث 1470) خبر پيئي تہ ڪاڏي جو خراب ٿيڻ ۽ گوشت جو خراب ٿيڻ انهيءَ تاريخ کان شروع ٿيو، نہ تہ ان کان اڳ نہ ڪاڏو خراب ٿيندو هو نہ ئي گوشت خراب ٿيندو هو.

12 چشما وهي نڪتا

ڏٺو توهان! نبي عَلَیْہِ السَّلَام جي نافرمانيءَ بني اسرائيل کي ڪيتريقدر هلاڪت ۾ وڌو! تِيهہ جي ميدان ۾ قيد ٿيڻ وقت جن جي عمر ويهہ سالن کان مٿي هئي اهي سڀ انهيءَ مدت ۾ اتي ئي فوت ٿي ويا. حضرت سيدُنا موسیٰ **کليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بہ اتي ئي ترسيل هئا تنهنڪري سندن برڪت سان من وسلویٰ نازل ٿيو، پاڻ عَلَیْہِ

السَّلَام پٿر تي پنهنجي عصا (يعني لٺ) مبارڪ هنئي تہ ان مان 12 چشما وهي نڪتا جنهن مان بني اسرائيل پاڻي پيئندا ۽ وهجندا هئا، ان قيد جي دوران جيڪي لباس سندن جسم تي هئا اهي نہ ميرا ٿيندا هئا، نہ ڳرندا نہ ڦاٽندا هئا، انهن جا ٻنهن ۽ وار نہ وڌندا هئا. تنهنڪري ڪين حجامت جي ضرورت نہ پوندي هئي. رات جو هڪ ٿنيو ظاهر ٿيندو هو جنهن مان روشني نڪرندي هئي ائين سمجهو اهو " **ٿيوب لائيٽ** " جو ڪم ڏيندو هو. ڏينهن جو هلڪو بادل انهن تي ڇانوَ ڪندو هو، انهن وٽ جيڪو ٻار پيدا ٿيندو هو، ان تي قدرتي ننهن جو لباس هوندو هو جيڪو ان جي وڌڻ سان گڏوگڏ وڌندو ويندو هو، ان قيد ۾ اهي سموريون نعمتون ڪين الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي برڪت سان حاصل ٿيون. (ماخوذ از تفسير روح المعاني في تفسير القرآن والسبع المثاني حصو6 ص 383)

نوڪر جو نفل پڙهڻ ڪيئن آهي؟

هن قرآني واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ گناهن ۽ نافرمانين جي سبب دنيا ۾ بہ تڪليفون ايندي آهن، مهرباني ڪري! بورچي اسلامي ڀائر بہ پنهنجي ذميداري مڪمل طور تي نياڻين، اڄڪلهہ ڪجهہ ملازم مدني ذهن نہ هئڻ سبب ڊيوٽي پوري ناهن ڏيندا، مقرر ٿيل ڪم ڇاڏي واڻي نامڪمل رکندا آهن پر مزدوري پوري وٺندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي روزي خراب ڪندا آهن، **ياد رکو! ملازم ڊيوٽي جي وقت ۾ سيٺ جي اجازت کان بغير نفل نہ ٿو پڙهي سگهي.** جيڪڏهن ڪمزوريءَ جي سبب ڪم ۾ ڪوتاهي ٿيندي

هجي تہ بغيراجازت جي نفل روزو بہ نہ ٿو رکي سگهي. (ردالمحتار ج ۹ ص 97) ها باجماعت فرض نمازن ۽ رمضان شريف جي روزن کان سيٺ کي روڪڻ جو اختيارناهي، اهو روڪي تڏهن بہ نہ رکجي.

توهان داڻي داڻي جا امين آهيو

سوال : **ڇا جامعة المدينه جي بورچيخاني جو بورچي امين هوندو آهي؟**

جواب : جي ها. جيڪڏهن ڄاڻي واڻي اناج جو هڪ داڻو بہ اجايو خرچ ڪيائين تہ آخرت ۾ جواب ڏيڻو پوندس. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هرطرح جي **امانت** جي حفاظت نصيب ڪري ۽ **خيانت** کان محفوظ فرمائي. خيانت جو عذاب نهايت ئي ڏکوئيندڙ آهي. جيئن تہ **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي مڪاشفة القلوب ۾ نقل ڪن ٿا تہ

خيانت جو پوائتو عذاب

قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو، ارشاد ٿيندو، تو فلاڻي شخص جي امانت واپس ڪئي هئي؟ عرض ڪندو،"نہ"حڪم مِلڻ تي فرشتو ڪيس جهنم ڏانهن وٺي ويندو. اتي جهنم جي اونهائيءَ ۾ان "امانت" کي رکيل ڏسندو ۽ اهو شخص ان امانت ڏانهن ڪِرڻ شروع ٿيندو ايتري تائين جو ستر سالن کانپوءِ اتي پهچندو ۽ ان امانت کي ڪٽي ڪري مٿي چڙهندو. جڏهن جهنم جي ڪناري تي پهچندو تہ پير ترڪي ويندس۽ وري جهنم جي اونهائيءَ ۾وجي ڪِرندواهڙيءَ ريت هو ڪِرندوءِ

چڙهندورهندو ايتري تائين جو سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان ڪيس رب العالمين جل جلاله جي رحمت حاصل ٿي ويندي ۽ امانت جو مالڪ ڪانئس راضي ٿي ويندو. (مڪاشفة القلوب ص 44 ، 45)

مدرسن ۾ ڪاڏو ضايع ٿيڻ جو سبب

سوال: پاڻ (يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) بورچي اسلامي ڀائرن کان پُڇيائون ٻُڌايو! ته هوٽلن ۾ ڪاڏو گهڻو ضايع ٿيندو آهي يا مدرسن ۾؟

جواب مليو ”مدرسن ۾“ ان تي فرمايائون دراصل ڳالهه هي آهي ته هوٽل واري جي پنهنجي ڪيسي مان رقم خرچ ٿيندي آهي، ان ڪي ڪمائي ڪرڻي هوندي آهي تنهنڪري هو ڪاڏي پچائڻ جي سخت نگراني ڪندو آهيءَ بچت ڪان ڪم وٺندو آهي، باقي رهيا مدرسا، ته اهي جيئن ته ماڻهن جي چندن سان هلندا آهن، نه منتظمين جي ڪيسي مان پيسو ويندو آهي نه ئي بورچيءَ جي. تنهنڪري سخت بي احتياطيون ڪيون ويندیون آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته صدقي جو آيل ۽ ذبح ٿيل سڄي جو سڄو ٻڪرو لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن رکيو رهجي ويندو آهي، پوءِ خراب ٿي ويندو آهي، آخرڪار اڇلايو ويندو آهي. آهه ! آهه! آهه! مسلمانن جي چندي جو ايتريقدر بيدرديءَ سان زيان ڪٿي آخرت ۾ نه ڦاسائي وجهي. مدرسن، جامعات ۽ تمام مذهبي ۽ سماجي ادارن جا ذميدار ياد رکن! قيامت جي ڏينهن هڪ هڪ ذري جو حساب ڏيڻو آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ 30 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ جي آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝

ترجمو ڪنزالايمان : تہ جيڪو هڪ ذري برابر هڪ ڀلائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو هڪ ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو.

فريزر ۾ ڪاڏي رکڻ جو طريقو

سوال : گوشت ۽ ڪاڏي جي حفاظت جا ڪجهہ مدني گل عنايت فرمايو؟

جواب : هن ڳالهہ جو بہ خيال رکو تہ" ڊيپ فريزر" صحيح ڪم ڪري رهيوآهي يا نہ، گرمين ۾ ڪڏهن ڪڏهن وولٽيج گهٽ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ٺڏاڻ (Cooling) گهٽ ٿي ويندي آهي۽ غذا خراب ٿي وڃڻ جواڌيشوهوندوآهي. اهڙن موقعن تي ڪاڏي پيتي جي شين کي ڪولي ڪري ڪليل هوا ۾ بہ رکي سگهجي ٿو، گوشت کي ڀِت وغيره جي ٽيڪ کان بغيرڪليل هوا ۾لڙڪائڻ سان دير تائين تازو رهي سگهي ٿو. جڏهن بہ پڪل ڪاڏو يا ڀاڄي فريزر ۾رکوتہ ٿانوَ جو ڍڪڻ ضرورڪولي ڇڏيندا ڪريو تہ جيئن ٺڏاڻ اندر پهچي سگهي، ننڍين ٿانوَن، ٿالهن يا پلاسٽڪ جي ننڍين ٿيلهين ۾رکڻ مناسب هوندو آهي، ڪاڏي سان ڀريل وڏي ڊيڳڙيءَ جي اندروني حصي ۾ ٺڏاڻ نہ پهچڻ سبب ڪاڏو خراب ٿي وڃڻ جواڌيشورهندو آهي. خصوصًا ڪچڙي، پڪل دال ۾گهڻي احتياط جي ضرورت آهي نہ تہ اهي جلدي خراب ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت اهڙيون غذائون جن ۾ ٿماٽا يا ڪٺاڻ گهڻي مقدار ۾ هجي انهن جي بہ جلد خراب ٿيڻ جو امڪان رهندو آهي.

ڪچو گوشت ڪافي ڏينهن تائين خراب نہ ٿئي

سوال : ڪچو گوشت گهٽن ڏينهن تائين خراب نہ ٿئي ان جو ڪو طريقو ٻُڌائي ڇڏيو؟

جواب : ڪچو گوشت جيڪڏهن وڏي ديگڙي يا ٽوڪريءَ ۾ ڀري ڪري ڊيپ فريزر ۾ رکندؤ، تہ اندروني حصي ۾ ٺڏاڻ گهٽ پهچڻ سبب خراب ٿي وڃڻ جو قوي انديشو آهي، تنهنڪري ان جي حفاظت جوطريقو چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو. پهريان ٽوڪريءَ جي تَري ۾ برف رکو پوءِ ان جي مٿان گوشت جو تهہ ڄمايو پوءِ ان تي برف، وري مٿان گوشت جو تهہ، بعد ۾ ڊيپ فريزر ۾ رکي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت هينان، مٿان ۽ اندران هر طرف ٺڏاڻ ئي ٺڏاڻ رهندي ۽ اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڪافي ڏينهن تائين گوشت خراب نہ ٿيندو.

برياني خراب ٿي وڃي تہ ڇاڪجي؟

سوال : ڪاڏوخراب ٿي وڃڻ جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

جواب : ڪاڏو ۽ ڀاڄي خراب ٿيڻ جي نشاني هي آهي تہ ڪٿي بدبوءِ ايندي ۽ جيڪڏهن رس واري غذا آهي تہ مٿان جهڳ بہ اچي ويندي. جيڪڏهن پلاءُ، برياني يا قورمو خراب ٿيڻ شروع ٿئي تہ اڳ ۾ جيئن تہ ۾ ڪٿيون ۽ نرم شيون خراب ٿيڻ شروع ٿي ويندیون آهن، تنهنڪري ٻوٿيون ڪڍي ڏوئي ڪري استعمال ڪريو، جنهن جو گوشت اجان خراب ناهي ٿيو اهڙي ڀاڄي ۽ پلاءُ وغيره ڄاڻي واڻي نہ اڇلايو.

خراب گوشت کائڻ حرام آهي

سوال: گوشت گوشت خراب ٿئي ته ڇا ڪجي؟

جواب : ان کي اڇلائي ڇڏيو جو صدرالشريعه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”جيڪو گوشت خراب ٿي وڃي، بدبوءِ ڪري وڃي ان جو کائڻ حرام آهي، جيتوڻيڪ اهو نجس (يعني ناپاڪ) نه آهي.“

(بهار شريعت حصو ٻيون ص 151)

ڦٽي ويل کير جو استعمال

سوال : ڦٽي ويل کيرڪيئن کائجي؟

جواب : ڦٽي ويل کير جو استعمال ته بلڪل آسان آهي، ماکي يا کنڊ وجهي ڪري چلهي تي چاڙهي ڇڏيو، ان جو پاڻي سڙي ويندو ۽ مائو رهجي ويندو جيڪو ڏاڍو مزيدار هوندوآهي.

ويجيٽيبل گيهه

سوال: ڇا ويجيٽيبل گيهه کائي سگهجي ٿو؟

جواب : ان جو کائڻ جائز آهي پر اڪثر ملاوٽ وارو هئڻ جي سبب صحت لاءِ نقصانڪار آهي، اڇڪلهه عام طور تي ماڻهن جا پيٽ خراب رهندا آهن، ان جو هڪ سبب غير معياري ويجيٽيبل گيهه به آهي. جيڪڏهن اصلي گيهه ميسر نه هجي ته ڪوڪنگ آئل استعمال ڪريو. ڪارن آئل (يعني مڪئي جو تيل) ان کان بهتر ۽ زيت

يعني زيتون شريف جو تيل تہ بهترين آهي.

پوڙهائپ جي آساني لاءِ

سوال : گيهہ يا تيل جي استعمال سان صحت کي نقصان نہ ٿئي تہ ان سلسلي ۾ ڪو مفيد احتياط ارشاد ٿئي؟

جواب : گيهہ، تيل ۽ هر طرح جي سٽي کي هضم ڪرڻ ۾ دير لڳندي آهي ۽ گهڻو استعمال بيمارين ۽ ٿولهہ جو سبب بڻبو آهي. تنهنڪري **جوانيءَ کان ئي تيل، ميدي ۽ ڪنڊ جي استعمال ۾ گهٽتائي شروع ڪئي وڃي تہ زندهہ رهجي وڃڻ جي صورت ۾ پوڙهائپ ۾** اِن شآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ **صحت سٺي رهندي**. منهنجو مدني مشورو آهي تہ توهان کاڌو بچائڻ ۾ جيترو تيل، مصالحو ۽ لوڻ مرچ وغيره وجهندا آهيو بنا هبڪ جي انهن سيني جو مقدار اڌ ڪري ڇڏيو، اِن شآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جا فائدا پاڻ ئي ڏسي ونندؤ. البت مريض کي گهرجي تہ اهو ڊاڪٽر جي مشوري تي عمل ڪري.

بغير تيل جي پچائڻ جو طريقو

سوال: ڇا بغير گيهہ يا تيل جي بہ کاڌو پچائي سگهجي ٿو؟

جواب : ڇو نہ. ڪجهہ کاڌا بغير تيل جي بہ پچائي سگهجن ٿا مثال طور سادا چانور، کچڻي، ڪڙهي ۽ دال وغيره. ٿلهي ٻڪر ۽ ڳئون جي پاون ۾ تيل وجهڻ جي ضرورت ئي ناهي هوندي ڇو تہ ان ۾ موجود سٽي پگهرجي ڪري پاڻ ئي تيل جو ڪم ڏيندو آهي. بلڪہ

هر قسم جي ڀاجي بغير تيل يا گيهه جي پچائي سگهجي ٿي، ان جو طريقو هي آهي تہ تمام گهٽو سائو مصالحو پيهي ڇڏيو بيشڪ پنهنجي پسند جون سبزيون بہ گڏ ئي پيهي وٺو، هاڻي ان جي گهاٽي مڪسچر ۾ ڀاجي پچايو، ضرورت موجب پاڻي، ڏهي، مرچ، گرم مصالحا بہ وجهو، ڪجهہ ڀيرا پچائڻ کانپوءِ توهان کي ان ۾ مهارت حاصل ٿي ويندي. اِنشآءاللہ عَزَّوَجَلَّ

گٽر جي نالي ۽ جي حفاظت

سوال : مطبخ (يعني بورچيخاني) جي صفائيءَ جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل عنايت فرمايو.

جواب : مطبخ (يعني بورچيخاني) جي صفائي رکڻ تمام ضروري آهي. فرش ۽ ڀتين جا داغ صاف ڪري ڇڏيندا ڪريو. غذائن جا ذرڙا هيڏانهن هوڏانهن پکڙيل هوندا آهن ۽ اتي پئي پئي خراب ٿيندا ۽ جراثيمن جي پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجندا آهن، تنهنڪري پابنديءَ سان جيت ماردوائون استعمال ڪرڻ ضروري آهي. هن ڳالهہ جو هميشہ خيال رکو تہ رس، هڏا ۽ ڪنهن بہ قسم جو سٽي ناليءَ ۾ نہ ڪِري، نہ تہ گٽر پرجي سگهي ٿو، تنهنڪري ٿانوَ ڌوئڻ کان اڳ ان ۾ موجود مصالحو ۽ سٽي بُوسي وغيره سان صاف ڪري الڳ ڏبي ۾ وجهي ڇڏيو.

پٿريون ۽ گُهٽو

سوال : چانورن ۾ ڪڏهن ڪڏهن گُهٽو (ننڍڙو ڳاڙهو جيت) ۽ پٿريون بہ گڏ پچي ويندين آهن جيڪڏهن اهي پُل ۾ ڪاڏا وجن تہ؟

جواب : پچائڻ کان اڳ چانورن ۽ دالين وغيره مان مٿي، پٿريون ۽

سرو صاف ڪري ڇڏيو. ياد رهي! مٿي نقصان ڏيڻ جي حد تائين ڪائڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي هڪ بہ گُهٽو ڪاڏو ويو تہ حرام ۽ گناهہ آهي. جيڪڏهن گُهٽو ڪاڏي سان گڏ پچي ويو تہ ان کي ڪڍي ڇڏيو ۽ ڪاڏو ڪائي ڇڏيو. جيڪڏهن پچائڻ ۾ سُستيءَ جي سبب ڄاڻي واڻي منجهس پٿريون وغيره رهڻ ڏيندؤ جنهن سبب ڪائڻ وارن کي تڪليف ٿئي تہ صفائي ڪرڻ جن جي ذميدارين ۾ شامل آهي اهي بورچي گناهگار ٿيندا.

ثابت بُڪي ياڄيءَ ۾ نہ وجهو

سوال : جانور ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت جو ڇا حڪم آهي؟ ۽ پڻ ڇا ثابت بُڪي ياڄيءَ ۾ پچائڻ گهرجي؟

جواب : **گوشت** پچائڻ ۾ تمام گهڻي احتياط جي ضرورت آهي. ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت ناپاڪ ۽ ان جو ڪائڻ حرام آهي. تنهنڪري گوشت کي چڱيءَ طرح ڌوئي ڇڏيو تہ جيئن اهڙو رت جيڪڏهن هجي تہ ڌوپجي وڃي ۽ ان جو اثر ختم ٿي وڃي. **ثابت بُڪيون** ياڄيءَ ۾ ائين نہ وجهو انهن کي **چيري** چڱيءَ طرح ڌوئي ڇڏيندا ڪريو.

سوال : بُڪيون ۽ تِري ڪائڻ ڪيئن آهن؟

جواب : جائز آهي. پر اسان جا منا منا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي شين کي ڪائڻ پسند نہ فرمائيندا هئا، جيئن تہ ٻہ حديثون ملاحظہ ڪريو ﴿1﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُڪيون (ڪائڻ) ناپسند ڪندا هئا چو تہ اهي پيشاب جي ويجهو هونديون آهن. (ملخصاً كنزالعمال ج 7ص41 حديث 18212) ﴿2﴾

سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٽِري (ڪائڻ ڪان) نفرت هئي پران کي حرام قرار نہ ڏنائون. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8ص 243)

سوال : ڇا اسان کي ٽِري ۽ بُڪيون نہ ڪائڻ گهرجن؟

جواب : عشق تہ اهو ئي آهي تہ نہ ڪائجن، پر جيڪو ڪائي ان کي هرگز بُرو نہ چئجي ڇو تہ انهن جو ڪائڻ حلال آهي جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ الْعزت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اسان لاءِ بہ مئل جانور ۽ بہ رت حلال آهن. بہ مُئل مڇي ۽ ماڪڙ ۽ بہ رت جيرو ۽ ٽِري آهي.

(مُسند امام احمد ج2 ص 415 حديث 5727)

سوال : ڇا ڪابہ مڇي حرام ناهي؟

جواب : مڇي بغير مارڻ جي پنهنجو پاڻ مري ڪري پاڻيءَ جي سطح تي اونڌي ٿي ويئي. اها حرام آهي. مڇيءَ کي ماريو ويو ۽ اها مري اونڌي ٿي تَرڻ لڳي تہ حرام ناهي. (الدرالمختار مع ردالمحتار ج 9 ص 445)

فضائي مڇي

مڇيءَ جي باري ۾ هڪ دلچسپ حڪايت پُڌو، اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ توهان جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو. جيئن تہ هڪ پيري خليفي **هارون الرشيد** پنهنجو شڪاري باز فضا ۾ اڏاريو اڏرندي اڏرندي اهو نظرن کان غائب ٿي ويو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ پنهنجي پيرن ۾ هڪ (فضائي)

مڇي پڪڙي لٿو. خليفي کي ڏاڍي حيرت ٿي، ان زبردست عالم حضرت سيّدُنا مقاتل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ فتويٰ پُڇي، فرمائن ٿا تہ، توهان جا جدِ امجد حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابن عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ "فضا ۾ قسمن قسمن جي مخلوق رهندي آهي جن مان ڪي اڇي رنگ جا جانور بہ هوندا آهن، جيڪي مڇي جهڙا ٻچا ڄڻيندا آهن انهن جون ٻانهون تہ هونديون آهن جيتوڻيڪ پَرَ ناهن هوندا ان کان بعد حضرت سيّدُنا مقاتل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي کائڻ جي اجازت ڏني تہ ان جانور جو احترام ڪيو ويو. (حياة الحيوان الكبريٰ ج1 ص 157)

مڇي ٿوري مقدار ۾ کائڻ گهرجي

حضرت امام برهان الدين ابراهيم زرنوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، حڪيم جالنيوس جو قول آهي تہ ڏاڙهونءَ ۾ بيشمار فائدا آهن جڏهن تہ مڇيءَ ۾ تمام گهڻا نقصان آهن. پر ٿوري مڇي کائڻ گهڻا ڏاڙهون کائڻ کان بهتر آهي. (تعليم المتعلم طريق التعلم ص 42)

جالنيوس ڪير هو؟

سوال: جالنيوس ڪير هو؟

جواب : جالنيوس جواصل نالو "**ڪلاڊيسن گيلن**" هو، هو اسان جي پياري آ قا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت (يعني تشريف آوري) کان بہ اڳ ٿي گذريو آهي. **131** ع ۾ پيدا ٿيو ۽ **201** ع ۾ فوت ٿي ويو، قديم يونان جو نهايت ئي ماهر طبيب هو ۽ طب جي فن ۾ تمام يوناني طبيبن کي ان پُنتي ڇڏي ڏنو. يونان جي طبابت تمام گهڻي مشهور آهي، هي

شخص ايڏو ماهر طبيب مجيو ويندو هو جو اڄ 1800 سؤ سالن کان بعد بہ ان جو دنيا ۾ نالو آهي.

ذبح ٿيل جانور جا 22 منع ٿيل جُزا

سوال: ذبح ٿيل جانور جا اهي ڪهڙا جزا جيڪي نہ کائڻ گهرجن؟

جواب : اهڙي قسم جي هڪ سوال جو جواب ڏيندي منهنجا آقا اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: حلال جانور جا سڀ جزا حلال آهن پر ڪجهہ حرام يا ممنوع يا مڪروه آهن. ﴿1﴾ رڳن جورت ﴿2﴾ پِتُو ﴿3﴾ مثانو ﴿5،4﴾ مادي ۽ نر هئڻ جون نشانيون ﴿6﴾ ڪپورا ﴿7﴾ غُدود ﴿8﴾ حرام مغز ﴿9﴾ڪنڌ جون ٻہ مشڪون جيڪي ڪلهن تائين ڇڪيل هونديون آهن﴿10﴾ **جيري جو رت** ﴿11﴾ **تِريءَ جو رت** ﴿12﴾ **گوشت جو رت جيڪو ذبح کان پوءِ گوشت مان نڪرندو آهي** ﴿13﴾ دل جو رت ﴿14﴾ هيڏي رنگ جو ڪڙوپاڻي جيڪو پِتي جي اندر هوندو آهي ﴿15﴾ نڪ جي رطوبت (يعني پاڻيات) جيڪا ردِ ۾ اڪثر هوندي آهي ﴿16﴾ پائخاني واري جڳهہ ﴿17﴾ اوجهري ﴿18﴾ آنڊا ﴿19﴾ نطفو ﴿20﴾ اهونطفو جيڪو رت ٿي ويو ﴿21﴾ ۽ پڻ اهو جيڪو گوشت جو ٽڪر ٿي ويو. ﴿22﴾ اهو جيڪو پورو جانور بڻجي ويو ۽ مردار (يعني مئل) نڪتو يا بنا ذبح ڪرڻ جي مري ويو. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 241، 240) سمجهدار ڪاسائي ڪجهہ منع ٿيل شيون ڪڍي ڇڏيندا آهن، پرڪجهہ جي باري ۾ ڪين بہ معلومات ناهي هوندي يا بي احتياطي ڪندا آهن، تنهنڪري اڄڪلهہ عمومًا

لاعلمي جي سبب جيڪي شيون ياڄيءَ ۾ پچايون ۽ ڪاڌيون ويندیون آهن، انهن مان ڪن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

رت

ذبح ڪرڻ وقت جيڪو رت نڪرندو آهي ان کي ”دمِ مسفوح“ چوندا آهن. اهو ناپاڪ هوندو آهي، ان جو کائڻ حرام آهي. ذبح کان پوءِ جيڪو رت گوشت ۾ رهجي ويندو آهي،مثلاً: ڪنڌ جي ڪٽيل حصي تي، دل جي اندر، جيري ۽ تِريءَ ۾ ۽ گوشت جي اندر وارين ننڍين ننڍين رڳن ۾ اهو جيتوڻيڪ ناپاڪ ناهي پر ان رت جو به کائڻ ممنوع آهي. تنهنڪري پچائڻ کان اڳ صفائي ڪري ڇڏيو، گوشت ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي ننڍين ننڍين رڳن ۾ رت هوندو آهي. انهن جي نظرداري ڪرڻ ڪافي مُشڪل آهي، پچڻ کانپوءِ اهي رڳون ڪاري ڏوريءَ وانگر ٿي ويندیون آهن. خاص طور تي ميڄالي، مُنڊي، پيرن ۽ ڪڪڙ جي ران ۽ پَرَ جي گوشت وغيره ۾ سنهيون ڪاريون ڏوريون ڏنيون ويندیون آهن، ڪائڻ وقت انهن کي ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. **ڪڪڙ جي دل به ثابت نه پچايو، ڊيگهه ۾ چار چير ڏئي ڪري ان جو رت پهريان چڱيءَ طرح صاف ڪري ڇڏيو.**

حرام مغز

هي اڄي ڏوريءَ وانگرهوندوآهي. ميڄالي کان شروع ٿي ڪنڌ کان گذرندو پوري ڪرنگهي جي هڏيءَ جي آخر تائين ويندو آهي. ماهر ڪاسائي ڪنڌ ۽ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي وچ مان به حصا ڪري حرام مغز ڪڍي اڇلائيندا آهن. پر اڪثر ڪري بي احتياطيءَ جي سبب ٿورو

گهٽو رهجي ويندو آهي، ۽ ڀاڄيءَ يا برياني وغيره ۾ پچي به ويندو آهي، ان لاءِ ڪنڌ، چاپ ۽ چيلهه جو گوشت ڏوئڻ وقت حرام مغز ڳولي ڪري ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. اهوڪڪڙ ۽ ٻين پکين جي ڪنڌ ۽ ڪرنگهي جي هڏي ۾ به هوندو آهي پچائڻ کان پهريان ان کي ڪڍڻ تمام مُشڪل آهي تنهنڪري کائڻ وقت ڪڍڻ گهرجي.

سخت مشڪون

ڪنڌ جي مضبوطيءَ لاءِ ان جي ٻنهي طرفن کان ڦڪي رنگ جون به ڊگهيون ڊگهيون سخت مشڪون هونديون آهن جيڪي ڪلهن تائين ڇڪيل هونديون آهن، انهن مشڪن جو کائڻ ممنوع آهي، ڳئونءِ **ٻڪريءَ** جون ته آسانيءَ سان نظر اچي ويندڙ آهن پر **ڪڪڙ** ۽ پکين جي ڪنڌ جون رڳون آسانيءَ سان نظر نه ايندڙ آهن.کائڻ وقت ڳولي يا ڪنهن ڄاڻڻ واري کان پُڇي ڪري ڪڍي ڇڏيو.

غُدُود

ڪنڌ تي، نِڙي ۾ ۽ ڪن جڳهن تي چربي وغيره ۾ ننڍا وڏا ڪٿي ڳاڙهي ته ڪٿي پوري رنگ جا گول گول ڳنڍ هوندا آهن انهن کي عربيءَ ۾ غَدَّه ۽ اردو ۾ غُدود چوندا آهن. اهي به نه کائو، پچائڻ کان اڳ ۾ ڳولي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي جيڪڏهن پڪل گوشت ۾ به نظر اچي وڃي ته ڪڍي ڇڏيو.

ڪپُورا

ڪپورن کي خصيه، فوطه يا بيضه به چوندا آهن انهن جو کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي اهي ٻڪر، سانڍ، ڏاند وغيره يعني نر **(مذڪر)** جانور ۾ واضح هوندا آهن، ڪڪڙ جو پيٽ کولي ڪري آنڊا هٽائيندؤ

تہ پُنيءَ جي اندروني سطح ۾ آني وانگر اچا بہ ننڍا ٻج نظر ايندا، اهي ئي ڪپورا آهن، انهن کي ڪڍي ڇڏيو. افسوس! مسلمانن جي ڪجهہ هوٽلن ۾ دل، جيري کان علاوه ڏاند ۽ ٻڪر جا ڪپورا بہ تئي تي پُجي ڪري پيش ڪيا ويندا آهن، غالبًا هوٽل جي زبان ۾ ان ڊش کي ”ڪٽاڪٽ“ چيو ويندو آهي. (**شايد ان کي ڪٽاڪٽ ان لاءِ چوندا آهن جو گراهڪ جي سامهون ئي دل يا ڪپورا وغيره وجهي ڪري تيز آواز سان تئي تي ڪٽيندا ۽ پُجندا آهن ان مان ”ڪٽاڪٽ“ جو آواز گونجندو آهي.**)

اوجهري

اوجهري جي اندر ناپاڪي ڀريل هوندي آهي، ان جو کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي پر مسلمانن جو وڏو تعداد اڃڪلهہ ان کي شوق سان کائيندو آهي.

منع ٿيل جزن کي ڪيئن سڃاڻجي؟

سوال : **ڄاڻايل ممنوعہ جزن جا تفصيل ڪيئن معلوم ٿين؟**

جواب : تمام بورچين بلڪ سيني اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ اهي ذبح ٿيل جانور جي منع ٿيل شين جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ فتاويٰ رضويه جي **جلد 20 ص 234 کان 241** جو ضرور مطالعو ڪن، سمجهہ ۾ نہ اچي تہ علماءِ ڪرام کان پُڇن، ان ڪانپوءِ ڪنهن گوشت واري سان ملي ڪري انهن شين جي سڃاڻپ حاصل ڪن. يقينًا پڙهڻ فائديمند هوندو آهي پر گڏوگڏ تجربو بہ هجي تہ سون تي سهاڳو.

بي نمازي جي هٿن جي ماني کائڻ کيئن آهي؟

سوال : ڪجهه ماڻهو بي نمازي جي هٿن جي ماني ناهن کائيندا، اسان جا ڪي بورچي به نماز ۾ سُستي ڪندا آهن، انهن کي نصيحت فرمايو.

جواب : بي نمازيءَ جي هٿ جي ماني کائڻ جائز آهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن پرهيزگار ماڻهو بي نمازيءَ جي اصلاح جي لاءِ تنبيهه جي طور تي ان جي هٿ جي ماني نه کائن تہ حرج ناهي، باقي هن وقت جيڪي بورچي اسلامي ڀائر جمع ٿيا آهن انهن جو تعلق تہ اسلامي مدرسن سان آهي، اڪثر مدرسا به مسجدن سان لاڳاپيل آهن انهن بورچين کي تہ فرائض سان گڏوگڏ اوابين، تهجد، اشراق ۽ چاشت جا نفل به نہ ڇڏڻ گهرجن ڇو تہ اسان وٽ ڊيوٽيءَ جي دوران انهن نفلن تي ڪا پابندي ناهي. ياد رکو! فرض نماز نہ بورچيءَ کي مُعاف آهي تہ ان جي مُعاون کي، نہ ئي مانيون لڳائڻ واري کي، جيئن ئي اذان کان اڳ درود شريف جو آواز ٻُڌو، تاڪيد آهي تہ هڪدم چلهو بند ڪري ڇڏيو ۽ تڪبير اوليٰ سان باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي پهرين صف ڏانهن رخ ڪريو. خيرخواهہ[1] اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ اهي جهڙيءَ طرح ٻين شاگردن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا ۽ مسجد ۾ پهچائيندا آهن اهڙيءَ طرح بورچيخاني جو به رخ ڪن ۽ چلهو بند ڪرائي انهن کي نماز جي لاءِ روانو ڪن.

---

[1] نمازن جي لاءِ شاگردن کي مسجد جي صفن ۾ پهچائڻ ۽ درس ۽ بيان جي دوران ماڻهن کي مبلغ جي پرسان ويهارڻ جي خدمت تي مقرر ڪيل اسلامي ڀائرن کي دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ خيرخواهہ چيو ويندو آهي.

علم دين جي شاگردن جي خدمت سعادت آهي

سوال : چا بورچي خوشنصيب ناهن جو انهن کي علم دين جي شاگردن جي خدمت جي سعادت ميسرآهي؟

جواب : چو نہ. واقعي پيارا بورچيو! توهان ڏاڍا خوشنصيب آهيو جو قرآن جي حفظ ۽ علم دين جي طلب ۾ مشغول رهڻ وارا اهي شاگرد توهان جي هٿن جوکاڏو کائيندا آهن، جن تي رحمتون جهومي جهومي ڪري وسنديون آهن. علم دين جي شاگرد جو مرتبو تمام بلند، بالا ۽ عظمت وارو هوندو آهي. حضرت سيّدُنا ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن ڪنهن علمِ دين جي شاگرد کي ڏسندا هئا تہ”مرحبا پلي ڪري آيا“چوندا هئا ۽ فرمائيندا هئا **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان جي باري ۾ (نيڪ سلوڪ ڪرڻ جي) خاص وصيّت فرمائي آهي. (سنّن دارمي ج1 ص 111 حديث 348) يقينًا خاص ڪري نوجوان شاگرد رشڪ جي قابل آهن جو هن عمر ۾ عام طور تي راند روند جو مشغلو هوندو آهي پر انهن پنهنجي جوانيءَ جون بهارون علمِ دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن.

يا الله! شاگردن جي صدقي مون کي بخشي ڇڏ

سوال : جامعات المدينه جي شاگردن جي باري ۾ توهان جا ڪهڙا جذبات آهن؟

جواب : مان **دعوتِ اسلاميءَ** جي جامعات ۽ مدرسن جي شاگردن سان تمام گهڻي محبت ڪندو آهيان ۽ انهن جي صدقي سان پنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهندو آهيان. جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪجهه شرارتي

بہ هوندا آهن پر ٻار جو ٿيا! ٻار ڪيڏا بہ شرارتي هجن پر ماءُ پيءُ کي پيارا هوندا آهن. ڪجهہ شاگردن جي شرارت ڪرڻ سان هر شاگرد خراب تہ ناهي ٿي ويندو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا شاگرد پنج وقتن جي نمازڪان علاوه ٻيا نفل بہ پڙهندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا ڪيترائي شاگرد ملي ڪري **صلوة التوبہ**، تهجد، اشراق ۽ چاشت جي نمازن جو اهتمام ڪندا آهن. هزارين شاگرد مدني انعامات جا ڪارڊ ڀري جمع ڪرائيندا آهن، بيشمار شاگرد مدني قافلن ۾ سفرڪندا آهن. ڪيترائي اهڙا آهن جن جون مدرسن ۽ جامعات جي آس پاس دعوتِ اسلاميءَ جون مدني ڪم جون ذميداريون آهن ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن بيشمار مسجدن کي سنڀاليو ۽ آباد ڪيو آهي. اللهمَّ زد فزد ثُمَّ زد يعني: **اي الله وڌاءِ اڃان وڌاءِ وري وڌاءِ.**

شڪايت ڪرڻ جو طريقو

سوال : بورچي اسلامي ڀائر شاگردن جي شڪايت کي اهميت ناهن ڏيندا؟

جواب : ڏسو! بورچيءَ جي بہ عزّت نفس آهي، جنهن کي دل ۾ آيو اهو وقت بي وقت جيڪڏهن بورچيءَ کي گهٽ وڌ چوندو رهندو تہ ان کي بہ سٺو نہ لڳندو، ظاهر آهي هڪ يا ٻہ بورچي هڪ جامعہ يا مدرسي جي سيني شاگردن کي مطمئن ڪري بہ نہ ٿا سگهن، پيارا شاگردؤ! توهان بہ ياد رکو تہ هرهر شڪايت ڪندو رهڻ سان شڪايت ڪندڙ جو وقار ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهو اثر وجائي ويهندو آهي، تنهنڪري شڪايت هڪ ئي ڀيرو ٿئي پرنرميءَ سان ۽ ڀرپور انداز ۾ ٿيڻ گهرجي بلڪ تحريري هجي تہ وڌيڪ بهتر، تجربو اهو ئي آهي تہ اهڙن مُعاملن

۾ ”تقرير“ جي بجاءِ تحرير وڌيڪ موثر هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ اڪثر طلباءَ پڪي ذهن وارا ناهن هوندا، ۽ اهي عام طور تي ڳالهہ ناهڻ جي بدران بگاڙي ويهندا هوندا ، تنهنڪري ڪوبہ شاگرد ڪنهن بہ بورچيءَ وٽ شڪايت ڪٽي نہ وڃي جنهن کي شڪايت هجي اهو تحريري طور تي پنهنجي جامعة المدينه يا مدرسة المدينه جي بورچيخاني جي ذميدار اسلامي ڀاءُ کي پيش ڪري. (**اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة **جي ان ارشاد تي بورچين تمام گهڻي اطمينان جو اظهار ڪيو**)

جيڪڏهن پچائڻ مهل ڪاڏو سڙي وڃي تہ ان جو ذميدار ڪير آهي؟

سوال : جيڪڏهن بورچي ڪاڏو ساڙي ڇڏي تہ ڇا ان کي مُعاف آهي؟

جواب : جي نہ. بورچي جيڪو مزدوري وٺي پچائي رهيو آهي! اهو ان جو ذميدار آهي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا تہ ”بورچي ڪاڏوخراب ڪري ڇڏي يا ساڙي ڇڏي يا ڪچو ئي لاهي ڇڏي تہ ڪيس ان ڪاڏي جو ضمان (يعني جيڪو نقصان ٿيو هو) ادا ڪرڻو پوندو. (درالمختار مع رد المحتار ج 9 ص 22) هتي ذميدارغورڪن تہ جيڪڏهن بورچيءَ ضمان ادا نہ ڪيو تہ قوم جي چندي جي مُعاملي کي توهان نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهو، جيڪڏهن توهان جي ذاتي رقم هجي ها تہ شايد هڪ هڪ پائي وصول ڪيو ها، تنهنڪري هن وقف جي رقم جي نقصان جو ضمان بهرحال ڏيڻو پوندو، يعني ڪاڏو خراب ٿيڻ جي سبب جيتري رقم جو نقصان ٿيو اهو ادا ڪرڻو پوندو،”هلو ٻيهر

خيال رکنداسين“ اهو چوڻ سان چوٽڪارو نہ ٿو ٿي سگهي پويون سمورو حساب بہ ڏيڻو پوندو.

تنور جي ماني ۽ ڪاڏي جي سوڍا

سوال : تنور جي ماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪائڻ جي سوڍا، گهٽي وڌي ويندي آهي ڇا هي نقصانڪارناهي؟

جواب : هر شيءِ ۾ وچٽرائي ضروري آهي، ظاهر آهي تہ مانيءَ ۾ گهٽي سوڍا هوندي تہ مانيءَ جوذائقو خراب ٿي ويندو ۽ سوڍا جو گهٽو استعمال جسم کي ڳاريندو آهي.

سوال : چٽا اوبارڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب : چٽا اوبارڻا هجن تہ بهتر هي آهي تہ تقريبًا 8 ڪلاڪن جي لاءِ پاڻيءَ ۾ ڀيڄائي رکيا وڃن پرانهن کي نرم ڪرڻ ۽ جلد پچائڻ لاءِ ڪاڏي جي سوڍا بہ وجهي سگهجي ٿي.

پڪو گوشت ڳارڻ جو طريقو

سوال : پڪي (يعني پوڙهي جانور جي) گوشت ڳارڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب : پوڙهي جانور جي گوشت کي پچائڻ وقت جيڪڏهن ڪجهہ پپيتو وڌو وڃي تہ اهو جلدي ڳري ويندو آهي، شيخ ٿي سيڪجندڙ

بوٽين جي مصالحي ۾ بہ ڪجھہ پپيتو وڏو ويندوآهي، هوٽلن ۾ ماڻهو جيڪي مزي مزي سان نهاري ڪائيندا آهن ان ۾عام طور تي اٿ يا پوڙهي ڳئون يا ڪانگهاري مينهن (**يعني اها مينهن جيڪا ڪير ڏيڻ بند ڪري ڇڏي**) يا گهاڻي يا ٻنيءَ جي فارغ ٿيل (**Retired**) پوڙهي ڏاند جو گوشت هوندو آهي اهو پپيتي جو ڪمال آهي جو ان کي ميڻ جيان نرم ڪري ڪائڻ جي لائق بڻائي ڇڏيندو آهي. گڏوگڏ ڪنڊ، ڦودني جون ڏانڊيون ۽ سوپاري وغيره بہ گوشت کي ڳارڻ جي ڪم ايندا آهن، گهڻي دير تائين چلهي تي رکڻ سان بہ گوشت ڳري ويندو آهي. جڏهن ڀاڄي يا پلاءُ وغيره پچايو تہ ڪڪڙ وغيره جي گوشت جا ننڍڙا ٽڪرا وجهو تہ جيئن اندر تائين پچي وڃن. ها وڏي ڪڙهائي ۽ ديگ ۾ وڏا ٽڪرا وڏا وڃن تہ ضرورت مطابق تپش ملي وڃڻ جي صورت ۾ پچي ويندا آهن. منهنجو مدني مشورو آهي تہ هر ڀاڄيءَ ۾ تبرڪ جي طور تي ٿورو ڪَدُّو شريف وجهڻ جو معمول بڻايو وڃي، گوشت ۾ سبزي وجهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ ان سان گوشت جا ڪجھہ منفي اثر دُور ٿي ويندا آهن.

نہ ڳرڻ وارو گوشت

سوال : **جيڪو گوشت ڪنهن صورت ۾ بہ نہ ڳرندو هجي ان جو ڪهڙوعلاج آهي؟**

جواب : ان جو ڪو علاج ناهي، منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امام احمد رضا عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا تہ " **خُنثيٰ جيڪو نرءِ مادي ٻنهي جون**

علامتون رکندو هجي ٻنهي (جڳهن) کان ڪيس برابر پيشاب ايندو هجي، ترجيح جو ڪو سبب نہ رکندو هجي (تہ ڪيس نر چئجي يا مادي!)، ان جو گوشت ڪنهن بہ طرح پچائڻ سان ناهي پچندو، هونئن شرعي ذبح سان حلال ٿي ويندو، جيڪڏهن ڪو ڪچو گوشت کائي، تہ کائي. **ان جي قرباني جائز ناهي.** (ملخصًا فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 20 ص 255)

عمده گوشت جي سڃاڻپ

سوال : عمده گوشت جي سڃاڻپ ڇا آهي؟

جواب : پوڙهي جانور جوگوشت ڳاڙهو هوندو آهي جڏهن تہ جوان جانورجوگوشت پوري رنگ جو هوندو آهي ۽ ان ۾عام طور تي چربي گهٽ هوندي آهي، پورو گوشت وڌيڪ سنو هوندوآهي گهر جي لاءِ آخري بچيل گوشت خريد ڪرڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو ڇو تہ وڪڻڻ وارا جلدي جلدي چربي ۽ هڏا تور ۾وجهي هلائي ڇڏيندا آهن ۽ ائين آخر جي بچيل گوشت ۾ ٻوٽيون گهڻيون هونديون آهن! سبزين ۽ ميون جو معاملو ان کان ابتڙ آهي جو تازا ۽ عمده جلدي جلدي وڪامجي ويندا آهن، ۽ آخر ۾ ڳريل سڙيل وڃي بچندا آهن ان لحاظ کان هي چوڻي صحيح آهي تہ ”سبزي ۽ ميوا شروع ۾ ۽ گوشت آخر ۾ خريد ڪريو.“

جانورن جي مظلوميت

سوال : ڇا ڪو صحابي بہ گوشت جو ڪم ڪندو هو؟

جواب : جي ها! حضرتِ سيّدُنا عَمْرو بن العاص ۽ حضرتِ سيّدُنا زبير

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا گوشت جو ڪم ڪندا هئا، الله عَزَّوَجَلَّ هر گوشت وڪڻڻ واري ڪي انهن صحابہءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي نقشِ قدم تي هلائي. اڄڪلهه هن ڪاروبار ۾ تمام گهڻا گناهه ڪيا ويندا آهن. گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ پرورش ٿيل بي زبان جانور عام طور تي شروع کان ئي ظلم سهندي "**مذبح**" (**يعني ذبح ڪرڻ جي جاءِ**) تائين پهچندو آهي. بيشڪ ذبح ڪرڻ جائز آهي پر اڄڪلهه هن جائز ڪم جي دوران ويچارن جانورن کي ايتري قدر اجايو تڪليفون پهچايون ويندیون آهن جو ڏسو تہ گهبرائجي وڃو.

سوال : **جانورذبح ڪرڻ جا اهي احتياط ارشاد فرمايو جنهن سان ان کي گهٽ کان گهٽ تڪليف ٿئي؟**

جواب : ڳئون وغيره کي ليٽائڻ کان اڳ ۾ ئي قبلي رخ ڪرڻ جو خيال ڪيو وڃي، ليٽائڻ کانپوءِ بالخصوص پٿريلي زمين تي گهلي ڪري قبلي رخ ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي، ذبح ڪرڻ ۾ چار رڳون ڪٽجي وڃن يا گهٽ ۾گهٽ ٽي رڳون ڪٽجي وڃن. ان کان وڌيڪ نہ ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مٿڪي تائين پهچي وڃي جو اها بي سبب جي تڪليف آهي پوءِ جيستائين جانور مڪمل طور تي ٺڏو نہ ٿي وڃي، نہ ان جا پير ڪٽيو نہ ڪل لاهيو، بهرحال ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نہ نڪري وڃي ڇُري بلڪ ڪٽيل مُنڍي تي هٿ بہ بلڪل نہ لڳايو، غور فرمايو توهان جي زخم تي ڪو هٿ يا آڱريون رکي تہ تڪليف ٿيندي يا نہ؟ ڪجهه ماڻهو ڳئون کي جلدي "ٺڏو" ڪرڻ لاءِ ذبح کانپوءِ ڳچيءَ جي ڪل لاهي ڇُري هٿي دل جون رڳون ڪٽيندا آهن، اهڙيءَ ريت ٻڪريءَ کي ذبح ڪرڻ کان هڪدم

پوءِ، ويچاري جو ڪنڌ پَڄي ڇڏيندا آهن، بي زبانن تي اهڙي طرح جا ظلم نہ ڪيا وڃن، جنهن کان ٿي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ جانور کي بنا سبب ايذاءَ پهچائڻ واري کي روڪي، بهارِ شريعت حصو 16 ص 259 تي آهي،" جانور تي ظلم ڪرڻ ذمي ڪافر تي (هاڻي دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان بہ بُروآهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ بُرو آهي ڇو تہ جانور جو ڪو والي ۽ واهر الله عَزَّوَجَلَّ کان سوا ناهي هوندو، ان غريب کي هن ظلم کان ڪير بچائي!".

سوال : ذبح ٿيڻ واري جانور جو تماشو ڏسڻ ڪيئن آهي؟

جواب : بي زبان جانورجي ذبح ٿيڻ کي تماشو بڻائڻ بدران ان تي رَحم ڪرڻ گهرجي، ۽ غور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ان جي جڳهہ تي مون کي ذبح ڪيو وڃي ها تہ منهنجي ڇا حالت هجي ها! ذبح جي وقت جانور تي رَحم ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي، جيئن تہ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **رحمة للعلمين** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو، **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ٻڪري ذبح ڪرڻ تي رَحم ايندو آهي، فرمايائون جيڪڏهن توهان ان تي رَحم ڪندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ بہ توهان تي رَحم فرمائيندو. (**مستدرک للحاکم ج5 ص 327 حديث 7636**) ان حديثِ پاڪ ۾ تہ جائز طريقي سان ذبح ڪرڻ تي رَحم ڪرڻ جو تذڪرو آهي جڏهن بي زبان جانور تي ظلم ٿي رهيو هجي جيئن عرض ڪيو ويو تہ ان کي تماشو بڻائڻ ڪيئن آهي؟ ظاهر آهي جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ظالم کي سمجهائجي ۽ ڪيس ظلم کان منع

ڪجي جيڪڏهن ائين نہ ٿو ڪري سگهجي تہ دل ۾ بُرو ڄاڻيندي اتان کان هٿي وڃجي بلڪ جڏهن جانور ذبح ٿي رهيو هجي تہ بنا ضرورت جي ان ڏانهن ڏسڻ کان ئي پاسو ڪري، ان جي چوڌاري بيهي رهڻ، ان جي رڙڻ، تڙپڻ ۽ ڦٽڪڻ مان مزو وٺڻ، کلڻ، ٺهڪ لڳائڻ، ۽ ان جو تماشو بڻائڻ سراسرغفلت جي نشاني آهي، **بڪريءَ جواحترام ڪرڻ گهرجي ڇو تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ بڪريءَ جي عزّت ڪريو ۽ ان کان مٿي ڇنڊيو ڇوتہ اهو جنّتي جانورآهي.** (الجامع الصغير ج1 ص 88 حديث 1421)

اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال : اڄڪلهہ اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪيوويندوآهي اهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟

جواب : اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪرڻ زيادتي آهي هڪ ئي جڳهہ ڪافي آهي بلڪ اٺ کي **نحر** ڪرڻ سنّت آهي، نِڙي جي آخري حصي ۾ نيزو (يا چهنب واري ڇُري وغيره) ٿُنبي ڪري رڳون ڪٽڻ کي" **نحر** "چوندا آهن. (بهارِ شريعت حصو 15ص 115 مدينة المرشد بريلي شريف) **نحر** ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي هڪ پيرو بہ ڳلي تي ڇري ڦيرڻ يعني ذبح ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

اٺ جي مٿي تي لوهي ڏنڊي جو ڏڪ!

اللہ عَزَّوَجَلَّ هرهراسان سيني کي حج ۽ مديني جو ديدارنصيب فرمائي ۽ منيٰ شريف[1] ۾ قرباني جي سعادت بخشي، **آهہ!** حج 1422هہ جي ڏينهن ۾ اتي ايتريقدر ڏُوٽي ڇڏيندڙ منظر ڏٺا ويا جو

[1] حج جي قرباني منيٰ شريف ۾ ڪرڻ سنّت آهي پر اڄڪلهہ "مذبح" (يعني قرباني جي جڳهہ) مزدلفہ ۾ آهي.

رَحَم دل ماڻهو بيهوش ٿي وڃي! **آهه!** ويچاري غريب اٿ جي مظلوميّت! **هڪ قد آور ڪارو حبشي لوهه جو وزندار ڏنڊو ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي وڏي ڦڙتيءَ سان بي خبر بيٺل اٿ جي مٿي تي زور سان هڻي پيو، جنهن تي اهو غريب رڙندي چڪرائجي ڪِري پيو پوي،** پوءِ ڪجهه ڪاسائي حاوي ٿي ان کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪن پئا. ڪٿي ڪٿي هي به ڏٺو ويو ته پهريان بيٺل اٿ کي **نحر** ڪندا هئا، جنهن سان رت جو ڦوهارو نڪرندو هُو گهبرائجي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ته ان جي مٿي تي **لوهي** ڏنڊي جو زوردار وار ڪيو ويندو هو جنهن سان اهو ويچارو دانهن ڪري زمين تي ڪري پيو، پوءِ ڪيس ٽن جڳهن کان ذبح ڪيو ويندو هو، اهي ڏکوئيندڙ منظر مون پاڻ ناهن ڏٺا **1422هه** جي ”چل مدينه“ واري قافلي جي طرف کان قرباني ڪرڻ جي لاءِ ”مذبح“ (يعني قرباني جي جڳهه) تي ويندڙ اسلامي ڀائرن مون کي اکين ڏٺو حال ٻُڌايو هيو.

گوشت وڪندڙن لاءِ احتياط

سوال : **گوشت وڪڻندڙن لاءِ ڪجهه مدني گل ڏئي ڇڏيو.**

جواب : اڪثر گوشت وڪڻڻ وارا اڄڪلهه تمام گهڻيون غلطيون ڪري گناهه ڪمائيندا آهن. ۽ پنهنجي روزي خراب ڪري ويهندا آهن. انهن مان هڪ هي ته برفخاني مان نڪتل پاروٿي گوشت کي تازو چئي ڪري وڪڻڻ، پوڙهي ڏاند يا پوڙهي مينهن يا پوڙهي سانَ جي گوشت کي ڳئون يا گابي جو گوشت چئي وڪڻڻ يا پوڙهي

ڳئون يا وهڙي جي ران تي ڪنهن ٻئي گابيءَ جا ننڍا ننڍا ٽڻ لڳائي ڏوڪي سان وڪڻڻ جن هڏين ۽ ڇڇڙن کي اڇلائي ڇڏڻ جورواج آهي انهن کي دوڪي سان تور ۾هلائي ڇڏڻ، گوشت يا قيمي کي بغير تورڻ جي صرف اندازي سان تور جي نالي تي ڏيڻ (مثال طور: **ڪنهن اڌ پاءُ قيمو گهريو تہ مٽ ۾ ڪٽي بغير تورڻ جي اڌ پاءُ جي طور تي ڏنو**) وغيره گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وڃي وجڻ وارا ڪم آهن.

اندازي سان تورڻ جي منع

سوال : **هينئر اوهين اندازي سان قيمو تورڻ کان منع فرمائي، ان ۾ تہ آزمائش آهي، ڇو تہ ڪيتريون ئي شيون اڇڪلهہ اندازي سان ئي توري ڏيڻ جو عرف (يعني رواج) آهي، ڇا وٺڻ وارو بہ گناهگار آهي؟**

جواب : جي ها! جيڪڏهن تور جي نالي تي اندازي سان خريد ڪيو ويو تہ وٺڻ وارو بہ گناهگار آهي، ان کان بچڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ جيڪي شيون تور جي نالي تي بغير تورڻ جي اڇڪلهہ ڏنيون ويندیون آهن، اهي توهان تورجي نالي تي نہ گهرو بلڪ ان جي قيمت چئو مثال طور چئو تہ مون کي **5** روپين جي ڏهي ڏيو، **12** روپين جو قيمو ڏيو، پوءِ اهو جهڙي طرح بہ ڏئي، ٻئي گناهہ کان بچي ويؤ.

قيمي جا بازاري سموسا

سوال : **ڇا بغير ڏوئڻ جي قيموکائي سگهجي ٿو؟**

جواب : جيستائين نجاست جي ڄاڻ نہ هجي بغير ڏوئڻ جي کائڻ ۾ حرج ناهي پر احتياط ان ۾ ئي آهي تہ ڏوتو وڃي، بازارن ۽ دعوتن جا

چٽ پٽا سموسا کائڻ وارا توجهه سان ٻُڌن، عام طورتي سموسا ناهڻ وارا قيمو ڏوئندا ناهن، انهن جي چوڻ موجب قيموڏوئي ڪري وجهون تہ ڪباب سموسي جو ذائقو متاثر ٿيندو آهي! قيمي ۾ڪڏهن ڪڏهن ڇا ڇا هوندو آهي، اهو بہ ٻُڌي ونو! ڳئون جي اوجهريءَ جي کل لاهي ان جي ٿلهي گوشت ۾ ٽِري بلڪ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن تہ ڄميل رت وجهي ڪري، مشين ۾ پيهندا آهن اهڙيءَ طرح اڇي ٿلهي گوشت جي قيمي جورنگ گوشت جيان گلابي ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪباب سموسي وارا ان ۾ ضرورت موجب، ادرڪ، ٿوم وغيره بہ گڏ ڪري پيهائي ڇڏيندا آهن، پوءِ ان قيمي کي ڏوئڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، انهيءَ قيمي ۾مرچ مصالحا وجهي ڀُجي ڪري ان جا سموسا ٻٽائي ڪري وڪڻندا آهن، هوٽلن ۾ بہ ان طرح جي قيمي جي ڀاڄيءَ جو انديشو رهندو آهي، گندي ڪباب سموسن واري کان پڪوڙا بہ نہ ورتا وڃن ڇو تہ ڪڙهائي هڪ ۽ تيل بہ اهو ئي گندي قيمي وارو هوندو آهي. خير مان هي نہ ٿو چوان تہ مَعاذالله هر گوشت وڪڻڻ وارو ائين ڪندو آهي يا خدانخواستہ هر ڪباب سموسي وارو ناپاڪ قيمو ئي استعمال ڪندو آهي، يقينًا خالص گوشت جو قيمو بہ ملي سگهي ٿو. عرض ڪرڻ جو مقصد هي آهي، تہ قيمو يا ڪباب سموسا اطمينان جوڳي مسلمان کان وٺڻ گهرجن ۽ جيڪي مسلمان اهڙيون گنديون حرڪتون ڪندا آهن انهن کي توبهه ڪرڻ گهرجي.

مئل ڪڪڙيون

اڄڪلهه بد ديانتي جو دؤر آهي. چون ٿا تہ جڏهن ڪڪڙين ۾ وبا (بيماري) ڦهلجندي آهي تہ ڏوهاري ذهنيت رکڻ وارا ماڻهومُئل

ڪڪڙين جو گوشت بہ شيخ ڪباب وارن ۽ هوٽلن وارن کي دوکي سان سپلاءِ ڪندا آهن.

مرڻ جي ويجهو ٿيل ٻڪريءَ جي ذبح جا احڪام

سوال : جيڪڏهن بيمار ٻڪري مرڻ جي ويجهو ٿي وئي تہ ڇا ان کي ذبح ڪري سگهجي ٿو؟

جواب : ها. پران سلسلي ۾ ڪجهہ ڳالهيون خيال ۾ رکو، بيمار ٻڪري جڏهن ذبح ڪئي ۽ صرف ان جي وات ۾ حرڪت ٿي ۽ اها حرڪت هي آهي تہ وات کوليائين تہ حرام آهي ۽ بند ڪيائين تہ حلال آهي، اکيون کوليائين تہ حرام ۽ بند ڪيائين تہ حلال. پير ڊگهيريائين تہ حرام ۽ سوڙها ڪيائين تہ حلال. وار اڀا نہ ٿيا تہ حرام ۽ اڀا ٿيا تہ حلال. يعني جيڪڏهن صحيح طور تي ان جي زندهہ هجڻ جو علم نہ هجي تہ انهن نشانين کان ڪم ورتو وڃي ۽ جيڪڏهن يقيني طورتي زندهہ هجڻ معلوم آهي تہ انهن شين جو خيال نہ ڪيو ويندو. بهرحال جانورحلال سمجهيو ويندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 286)

ذبح ڪرڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ وسري وڃي تہ

سوال : مسلمان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم چئي ڪري ذبح ڪيو تہ ڇا جانور حلال ٿي ويو؟ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ ئي وسري ويس تہ ڪهڙوحڪم آهي؟

جواب : جي ها حلال ٿي ويو. ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو وٺڻ ضروري آهي، پر بهتر هي آهي تہ بسم اللهِ الله اکبر چوي"عربي" کان علاوه ڪنهن ٻي زبان ۾ بہ اللهعَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتائين تڏهن بہ جانور حلال ٿي ويندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 286) جيڪڏهن ذبح جي وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ وسري ويو تڏهن بہ جانور حلال آهي. ها جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نہ ورتائين تہ حرام ٿي ويندو. تفصيلي احڪام بهارِ شريعت حصي 15 ۾ ملاحظہ فرمايو.

هڏي ڪائي سگهجي ٿي يا نہ؟

سوال : ڇا ذبح ٿيل جانورجي هڏي بہ ڪائي سگهجي ٿي؟

جواب : جي ها! سيّدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، "حلال ذبح ٿيل جانور جي هڏي (ڪائڻ ۾) ڪنهن بہ قسم جي منع ناهي جيستائين ان جي ڪائڻ ۾ نقصان نہ هجي." (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 340) بالخصوص اڇي هڏي جيڪا پلاسٽڪ وانگرلچڪدار هوندي آهي، **اها!** اڪثر نرمءِ لذيذ هوندي آهي، چوپاين جي پيٽ جي پردي جي ويجهو واري نرم هڏي جون پاسريون، هٿ جي هڏي سان مليل اڇي ويڪري هڏي بہ نرم هوندي آهي، ساهہ جي نلي جنهن کي عربي ۾ "**حلقوم**" ۽ سنڌيءَ ۾ "**نِرگهٽ**" چئبو آهي ۽ اها ڦڦڙن سان مليل هوندي آهي، ان کي ڏيگهہ ۾ چيري ڪري صاف ڪرڻ گهرجي، سيني جو گوشت پچڻ ڪانپوءِ ان ۾جيڪا اڇي هڏي هوندي آهي، اها بہ ڪاڏي ويندي آهي ان سان گڏ ئي ڪاري هڏي

هوندي آهي جيڪا پُرٽي، لڏيذ ۽ غذائيت سان ڀرپور هوندي آهي، تقريبًا تمام جوان جانورن جي ڪاري هڏي ڀرٽي هوندي آهي، ان کي خوب چڱيءَ طرح چباڙيوآخر ۾ وات جي اندرجيڪو خشڪ چورو رهجي وڃي اهواچلائي ڇڏيو، جيڪي هڏيون ڪائي يا چباڙي نہ ٿيون سگهجن، انهن جي ڀڳل حصي کي چوسڻ سان لذت بہ ملندي آهي ۽ غذائيت بہ، تنهنڪري جيستائين لذت ايندي رهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت مان فائدوڪٿو، ان کانپوءِ دسترخوان تي رکي ڇڏيو.

سوال : **ڪچي گوشت ۾ڪاري هڏي تہ ڪڏهن بہ ناهي ڏٺي؟**

جواب : ڪچي گوشت ۾ جيڪا هڏي بلڪل ڳاڙهي هوندي آهي اها ئي پچي ڪري ڪاري ٿي ويندي آهي بلڪہ رت بہ جڏهن چڱيءَ طرح پچي وڃي تہ ڪارو ٿي ويندوآهي!

هڏين سان علاج جا مدني گل

سوال : هڏين جا ڪجهہ فائدا بہ بيان ڪري ڇڏيو.

جواب : هڏيون بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهن ۽ انهن ۾ بہ غذائيت رکي وئي آهي جيڪي ماڻهو گهر ۾ پچائڻ جي لاءِ بغير هڏيءَ وارو گوشت خريد ڪندا آهن اهي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهروارن کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نعمت کان محروم ڪندا آهن، يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ کا شيءِ بيڪار ناهي بڻائي، هڏيون غذا سان گڏوگڏ دوا جو ڪم بہ ڏيندڙيون آهن،طبيب ڪجهہ مريضن کي هڏين جو شوروو پيئڻ جو مشورو

ڏيندا آهن بلڪ توهان مان شايد اڪثريت پيتو بہ هوندو، البت خالص ٻوٽيءَ جو سوپ ڪنهن بہ نہ پيتو هوندو، هڏيون انتهائي اهم آهن، طبي طريقي موجب هڏين مان حاصل ڪيل عرق جون سُيون بہ مريضن کي لڳايون ويونديون آهن. ڳئون جا سِڳ پيهي ڪري ڪاڏي ۾ ملائي جنهن کي هر چوٽين ڏينهن بخارايندو هجي ان کي ڪارائڻ سان باذن الله عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي آهي، ڳئونءَ جا وار ساڙي ڪري پاڻي ۾ ملائي پيئڻ سان ڏندن جو سورختم ٿي ويندو آهي. (حيوٰة حيوان الكبريٰ ج1ص219)

ڪبوتر جيڪو حلال پکي آهي ان جي هڏي ساڙي زخم تي لڳائڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان زخم نيڪ ٿي ويندو آهي.

(عجائب الحيوانات ص 147)

ڪڪڙ جي گوشت جا فائدا

سوال : ڪڪڙجي گوشت جا بہ ڪي فائدا بيان ڪريو؟

جواب : ڪڪڙ جو گوشت کائڻ سان حافظو مضبوط ٿيندو آهي گڏوگڏ هي پيٽ جي سورجي لاءِ بہ فائديمند آهي. بهتر هي آهي تہ ديسي ڪڪڙ کاڏي وڃي، ديسي ڪڪڙ خريد ڪرڻ هاڻي آسان ناهي ڇو تہ پولٽري فارم جي ئي ننڍي سائيز جي ڪڪڙ ۽ ننڍن اندن کي رنگ لڳائي ڪري اڃڪلهہ "ديسي" جي نالي ۾ ڪپايو ويندو آهي. ديسي ڪڪڙ جي سڃاڻپ هي آهي تہ سنهي ۽ ننڍي پيٽ واري هوندي آهي جڏهن تہ پولٽري فارم واري ٿلهي متاري ۽ ڀريل گوشت واري هوندي آهي.

ڪڪڙ جون هڏيون ڪائڻ ڪيئن آهن؟

سوال: ڇا ڪڪڙ جون هڏيون ڪائڻ جائز آهن؟

جواب : جي ها. منهنجو تقريبًا ننڍپڻ کان معمول آهي جڏهن به ڪڪڙ کائيندو آهيان ته ان جي اڇي نرم هڏي به کائي ڇڏيندو آهيان. البت عوامڙ مشهورآهي ته ڪڪڙ جي هڏي کائڻ سان نقصان ٿيندو آهي، مون هڪ غذائيات جي ماهر طبيب کان جنهن غذائن جي خاصيتن متعلق ڪتاب به لکيو آهي ڪڪڙ جي هڏين جي نقصانن جي باري ۾ پُڇيو ته هُن اهو ئي جواب ڏنو ته انهن جي کائڻ سان ڪنهن به قسم جو نقصان ناهي ٿيندو.

وَاللّٰهُ وَرَسُولُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مڇيءَ جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

سوال: مڇيءَ جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

جواب : کائي سگهجن ٿيون. مڇيءَ جون هڏيون عام طور تي سخت هونديون آهن ۽ کاڏيون نه ويندیون آهن پر ڪِن جون نرم ۽ ملائم هونديون آهن. مثال طورسمنڊ جي پاپليٽ ۽ سرمائي مڇي وغيره جون هڏيون نرم ۽ لذيذ ٿينديون آهن، انهن کي خوب چٻاڙيو ۽ جيڪڏهن ڳهڻ نه چاهيو ته چڳيءَ طرح چوسي ڪري بچيل چورو اڇلي ڇڏيو.

مڇي جي کل کائڻ ڪيئن آهي؟

سوال : مڇي جي کل کائي سگهجي ٿي يا نہ؟

جواب : کائي سگهجي ٿي، عمومًا ماڻهو مڇيءَ جي کل پهريان کان ئي يا پچڻ کان پوءِ ڪڍي ڪري اڇلي ڇڏيندا آهن، ائين نہ ڪجي جيڪڏهن ڪا مجبوري نہ هجي تہ مڇيءَ جي کل بہ کائڻ گهرجي، ڪجهہ مڇين جي تہ کل ڏاڍي لذيذ هوندي آهي.

ڪيڪڙو کائڻ ۽ وڪڻڻ

سوال : ڪيڪڙو کائڻ ڪيئن آهي؟

جواب : حرام آهي. مڇيءَ کان علاوه درياهہ جو هر جانور کائڻ حرام آهي، ڪيڪڙو وڪڻڻ بہ ناجائزآهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا، مڇيءَ کان علاوه پاڻيءَ جا سيئي جانور ڏيڏر، ڪيڪڙو وغيره ۽ حشرات الارض (**يعني زمين مان نڪرندڙ ڪيڙا ماڪوڙا مثلاً مڪيون، ڪوليون**) ڪوئو، ڇڇوندر، (هڪ قسم جو بدبودار ڪئو) گهونس (هڪ قسم جو وڏو ڪئو) ڪرڙي، سانڍو، ڳوهہ، نانگ ۽ وڇونءَ کي وڪڻڻ ناجائز آهي. **(فتح القدير ج 6 ص 58)**

جيڪڏهن پاڇي سڙي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

سوال : جيڪڏهن پاڇي سڙي وڃي تہ ان جو ڪو حل آهي؟

جواب : مٿان مٿان ٻوٽيون ۽ مصالحو ڪڍي ڇڏيو، ٻي ديڳڙيءَ ۾ تيل

وجهي ڪري بصر ڳاڙها ڪرڻ کان پوءِ اهي ٻوٽيون ۽ مصالحو وغيره وجهي ڪري اڌ ڪوپ ڪير جو وجهي ڇڏيو، ڪيرسان اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڙڻ جي بوءِ ختم ٿي ويندي.

هاضمو ڪيئن صحيح ٿئي؟

سوال: هاضمي صحيح ٿيڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب: ڪاڏي پيتي ۾ احتياط. هر وقت ڪائيندو پيئندو رهڻ سان معدو خراب ۽ هاضمو تباهه ٿي ويندو آهي، جيستائين ٻُک نه لڳي ان وقت تائين ڪائڻ سنّت ناهي، جڏهن به ڪو ڪائي ته ٻُک جا ٽي حصا ڪري، هڪ حصو ڪاڏو، هڪ حصو پاڻي، هڪ حصو هوا. ڪائڻ ڪانپوءِ ڏيڍ يا ٻن ڪلاڪن تائين نه سُمهي، گوشت گهٽ ۽ سبزي ۽ ميون جو استعمال گهڻو ڪري، حتي الامڪان روزانو هڪ ڪلاڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ پيدل هلي رات جو ڪاڏو ڪائي **150** قدم هلي، بدهاضميءَ جون اهي بيماريون جيڪي ڪنهن دوا سان صحيح نه ٿينديون هجن اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ!صحيح ٿي ويندیون. اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي **80** سيڪڙو بيمارين کان حفاظت حاصل ٿيندي جن ۾ دل جو دورو، فالج ۽ لقوو (**فالج جو هڪ قسم**)، دماغي بيماريون، هٿن پيرن ۽ جسم جو سور، زبان ۽ ڳلي جون بيماريون، وات جا ڇالا، ڇاتيءَ ڦڦڙن جو بيماريون سيني ۾ ساڙو، شگر، هاءِ بلڊ پريشر، جگر ۽ پِتي جون بيماريون وغيره شامل آهن.

بدهاضميءَ جا ٻه مدني علاج

﴿1﴾ جنهن شخص کي بدهاضمي جي بيماري هجي ۽ اهو هن آيتِ

ڪريم ڪي پڙهي ڪري پنهنجي هٿ تي دم ڪري ان ڪي پنهنجي پيٽ تي ڦيريندو ۽ ڪاڏي وغيره تي دم ڪري ڪاڏو ڪائيندو تہ اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بدهاضمي جي شڪايت ختم ٿي ويندي. الله تبارڪ و تعاليٰ 29 سيپاري سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ جي 43 ۽ 44 آيت مبارڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۴۳﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۴۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان : ڪائو ۽ پيئو خوشگوار ٿي پنهنجن عملن جو انعام بيشڪ نيڪن ڪي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون .

﴿2﴾ امام ڪمال الدين دميري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪجهہ علماءِ ڪرام کان نقل ڪن ٿا تہ جيڪو گهٽو ڪاڏو ڪائي وينو ۽ ڪيس بدهاضميءَ جو خوف هجي اهو پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريندي ٿي ڀيرا هي چوي

اَللَّيْلَةُ لَيْلَةُ عِيْدِي يَا كَرِشِيْ وَرَضِيَ اللهُ عَنْ سَيِّدِي اَبِيْ عَبْدِاللهِ الْقَرَشِي.

ترجمو : اي منهنجا معدا : اڄ جي رات منهنجي عيد جي رات آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي اسان جي سردار حضرت ابوعبدالله قرشي[1] کان.

۽ جيڪڏهن ڏينهن جو وقت هجي تہ الليلة ليلة عيدي جي بدران اليوم يوم عيدي چوي (حيوٰة الحيوان الكبريٰ ج1 ص460)

---

[1] سيّدي ابوعبدالله قرشي هاشمي مصر جي اڪابر اولياءَ منجهان هئا، سيّدنا غوث اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي زماني ۾ سورهن سترهن ورهين جا هئا 6 ذوالحجه 599 جو بيت المقدس ۾ انتقال فرمايائون. (فتاويٰ افريقه ص 177)

قبض جو طبي علاج

بدهاضميءَ جا ڪيترائي علاج آهن، جن مان ڪجهه هي آهن ﴿1﴾ قبض هجي تہ هڪ ٻن وقتن جو ڪاڏو نہ ڪائجي، اِنْ شآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ پيٽ جو بار هلڪو ٿي ويندو ۽ معدي کي آرام ٻہ ملندو ﴿2﴾ مناسب مقدار ۾ پپيتو ڪائي ڇڏجي ﴿3﴾ اسپنگر جي ڏُهي هڪ يا ٽي چمچا پاڻي سان استعمال ڪجن. جيڪڏهن ان سان ڪم نہ هلي تہ ضرورت موجب ان جو مقدار وڌايو، جيڪڏهن اڪثر قبض رهندو هجي تہ هفتي ۾ هڪ ٻہ پيرا ائين ڪجي. ﴿4﴾ پينل هريڙ چانهہ جي اڌ چمچي جيتري سمهڻ وقت پاڻيءَ سان استعمال ڪريو، ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ چار مهينن تائين روزانو استعمال ڪريو، اِنْ شآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ قبض سان گڏوگڏ تمام گهڻيون بيماريون ختم ٿينديون بلڪ حافظي جي لاءِ ٻہ فائديمند آهي.

شاگرد ڪاڏو نہ ڪيرائن ان جو حل

سوال: شاگرد اڪثر ڪائڻ وقت ڪاڏي جا ذرا ڪافي ڪيرائي ڇڏيندا آهن ان جو حل ارشاد فرمايو؟

جواب: صرف شاگرد ئي نہ اها بلا اڄڪلهہ عام آهي. هزارن لکن ۾ ڪو خوشنصيب مسلمان اهڙوهوندو، جيڪوڪاڏي جا ذرا ضايع ڪرڻ کان بچندو هوندو. شاگردن کي ڪائڻ ۾ هي احتياط ڪرڻ گهرجي تہ ڪو ٻہ ذرو ضايع نہ ٿئي، منتظمين ٻہ ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکن تہ مدرسا وقف جي پيسن مان هلندا آهن غذا جو هڪ هڪ ذرو

شاگردن جي پيٽ ۾ وڃي، ان جو خيال ڪندا ڪريو. ڪاڏو ڪائڻ وقت ڪجهه شاگرد گهمندي ڦرندي باقاعدي ”خيرخواهي“ فرمائيندا رهن[1] شاگردن کي ڪاڏي جي دوران ڪائڻ پيئڻ جون سنتون ٻُڌائيندا رهن، ڪاڏي جون نيتون به ڪرائين، ڪاڏي جون دعائون به پڙهائين، چانورن ۽ مانيءَ جا جيڪي ذرا دسترخوان تي ڪِريل هجن اهي نرمي سان انهن کان ئي ڪٽائي انهن کي ئي کارائين.

ماني ٽوڙڻ جو طريقو

سوال: ماني ٽوڙڻ جو طريقو ٻُڌايو.

جواب : ماني کاڀي هٿ ۾ جهلي ڪري ساڄي هٿ سان ٽوڙڻ سنّت آهي، مانيءَ جا ذرا دسترخوان تي نه ڪرن، ان جو طريقو هي آهي ته پليٽ يا ڀاڄيءَ جي ٿانوَ جي مٿان وچ تائين هٿ وڌائي ڪري ماني ۽ ڊبل روٽي ٽوڙڻ جي عادت بڻايو اهڙيءَ طرح تمام ذرا ٿانوَ ۾ ئي ڪِرندا، اهو ئي احتياط، سموسن، پيٽس، بسڪيٽ، نان ختائي ۽ هران غذا ۾ ڪريو جن جا ذرا ٽوڙڻ سان ڪِرندا آهن، مناسب هي آهي ته جيستائين هڪ مانيءَ جا ٽڪر کاڏا نه وڃن، تيستائين ٻي نه ڀڳي وڃي.

ٻچيل مانين جي استعمال جو طريقو

سوال : جيڪي مانيون يا انهن جا ٽُڪرا ٻچي پوندا آهن انهن جو ڇا ڪيو وڃي؟

---

[1] دعوتِ اسلامي جي جامعات و مدرسن ۾ انهن ڪمن جي لاءِ مجالس جي ترڪيب آهي.

جواب : مدرسن جي چندي جا پيسا مدرسن جي ڪمن ۾ ئي خرچ ٿيڻ گهرجن، ان لاءِ بچيل مانيون ۽ انهن جا ٽڪر بنا شرعي اجازت جي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال نه ڪيا وڃن، انهن کي فريزر ۾ رکي ڇڏيو يا ڪليل هوا ۾ پکيڙي ڇڏيو، ٻئي يا ٽئين ڏينهن ڀاڄيءَ سان گڏ پچائي ڇڏيو. اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڪافي لذيذ ڪاڏو بڻجي ويندو، ڪاڏي جي وقت ٿورو ٿورو ورهائي ڇڏيو، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ شاگرد شوق سان کائيندا.

دستر خوان تي ڪريل داڻا

سوال: دستر خوان تي ڪريل داڻن وغيره جو ڇا ڪجي؟

جواب :انهن کي چونڊي کائي ڇڏيو. گهرن ۾ بچيل غذائي ذرا اڇلائڻ بدران ڍڳين، ٻڪرين، جهرڪين، ڪڪڙين يا ٻلين وغيره کي ڪارائي بي ادبي ۽ اسراف جي گناهه کان بچي سگهجي ٿو.

ڪاڏي جي نيت ڪيئن ڪجي؟

سوال : توهان ڪاڏي جي نيّت جي باري ۾ ٻُڌايو ته ڪاڏي جي نيّت ڪيئن ڪبي آهي؟

جواب : **مسلمان** کي هر مباح ڪم ۾سنيون سنيون نيّتون ڪرڻ گهرجن، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ هر هر سني نيّت تي ثواب ملندو. اهڙيءَ ريت ڪائڻ لاءِ هيءَ نيّت دل ۾ حاضر هجي ته مان عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪاڏو ڪائي رهيو آهيان. پر هيءَ نيّت انهيءَ صورت ۾

صحيح ٿيندي جڏهن بُک کان گهٽ کائجي. خوب ڍؤ ڪري کائڻ سان عبادت تي قوت حاصل ٿيڻ ته پري رهيو ويتر سُستي ايندي آهي.(**ڪاڏي جي ٻين نيّتن جي فهرست آداب طعام ص6 تي ملاحظه فرمايو.**)

چانهه جا احتياط

سوال: چانهه جا احتياط ارشاد فرمايو.

جواب : چانهه گردن ۽ پيشاب جي مريضن لاءِ نقصانڪار آهي، ان جو استعمال گهٽ ئي ٿيڻ گهرجي. چانهه جا ناز نخرا تمام گهڻا آهن نه ته اها صحيح ناهي بڻبي. ان جي لاءِ عمدو ڪير ۽ بهترين چانهه جي پتي گهرجي. پَتي، ڪنڊ ان جا ٿانوَ پيالا، ڇاڻي وغيره سڀ بورچيخاني کان ايترو پري رکيا وڃن جو ڪاڏي جو دونهون به انهن کي نه پهچي، هڪ ڀيرو جنهن ٿانوَ ۾ چانهه ناهي ٻيهر انهيءَ ۾ جيڪڏهن فورًا به ناهڻي هجي ته ڏوئي ڪري ناهي وڃي، چانهه جا ٿانوَ به سيني کان الڳ ٿلڳ ڏوتا وڃن، چانهه جي پَتي جو ڊبو چڱيءَ طرح بند رکيو وڃي نه ته ان جي خوشبو ضايع ٿيندي رهندي، نهڻ کانپوءِ جلد پيتي وڃي، ٻيهر گرم ڪرڻ سان ان جو ذائقو بدلجي ويندو آهي. چانهه جي مٿان جيڪا ملائي جمندي آهي اها ڪڍي ڇڏڻ گهرجي، چون ٿا ته ”جيڪڏهن چانهه جي 100 ڪوپن جي ملائي ٻليءَ کي کارائي وڃي ته هوءَ ان جي زهر کان مري وڃي“.

چانهه ناهڻ جو طريقو

سوال: چانهه ناهڻ جو طريقو به ٻُڌائي ڇڏيو.

جواب :" **کير پتي**" چانهه پيئڻي هجي تہ کير کي خوب گرم ڪريو، ان دوران ڪنڊ بہ وجهي ڇڏيو، هاڻي ابرندڙ کير ۾ ايتري پتي وجهو جو ان جو رنگ تيز ڦڪو ٿي وڃي، بہ ٿي پيرا ابرڻ تائين چمچو گهمايو، ان کان پوءِ لاهي ڇڏيو ۽ چاڻي ڪري استعمال ڪريو. جيڪڏهن پاڻيءَ جي چانهه ناهڻي هجي تڏهن بہ پاڻي ۾ ضرورت مطابق کير ۽ ڪنڊ پهريان کان ئي وجهي خوب پچايو، ان کانپوءِ پَتي وجهي ڪري ڄاڻايل طريقي تي عمل ڪريو، طبيعت پسند ڪندي هجي تہ ننڍا ڦوٽا بہ وجهي سگهو ٿا.

چانهه ۾ ماکي وجهي سگهجي ٿي يا نہ؟

سوال : چا چانهه ۾ماکي وجهي سگهجي ٿي؟

جواب : وجهي سگهجي ٿي بلڪ جنهن کي وسعت هجي اهو ڪنڊ جي بدران ماکي ئي وجهي. عا م طور تي ماڻهو تمام گهڻي ڪنڊ وجهي ڪري خوب مني چانهه پيئندا آهن، اهڙي چانهه گهڻي مقدار ۾ پيئڻ تمام نقصانڪار آهي ۽ ان سان رت ۾ شڪر جو مقدار وڌڻ جي مرض جو امڪان رهندو آهي. ٿڌين بوتلن ۽ آئسڪريم جا شوقين بہ عام طور تي شڪر جا مريض بڻجي ويندا آهن هڪ ٿڌي بوتل ۾ تقريبًا ست چمچا ڪنڊ هوندي آهي، جڏهن تہ آئسڪريم تہ چڱو خاصو "**شڪربم**" آهي!

وَاللّٰهُ وَرَسُولُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

توهان چانهه ۾ جيڪڏهن ماکي نہ ٿا وجهي سگهو تہ معمول کان اڌ مقدار ۾ ڪنڊ وجهي ڇڏيو.

ڏندن جي صفائي جو عمل

سوال : چانهه پيئڻ سان ڏند ڦڪا ٿي وڃن ٿا، ان جو ڪوحل؟

جواب : چانهه پيئڻ کان ڪجهه منٽن کانپوءِ ڪوپ ۾ ٿورو پاڻي وجهي ڪري چڱيءَ طرح لوڏي ان جي گرڙي ڀريو، وات ۾ ٿوري دير ڦيرائي ڪري پي وڃو، اهڙيءَ طرح ٻه ٽي ڀيرا ڪريو ايتري تائين جو ڪوپ ۾ چانهه جو اثر ختم ٿي وڃي، اهو ان لاءِ ڪرڻو آهي تہ چانهه جو ڪو قطرو ضايع ٻہ نہ ٿئي، ڪوپ ٻہ ڏوپڃي وڃي ۽ ڏند ٻہ ڦڪا نہ ٿين، جيڪڏهن گرڙيءَ وارو پاڻي نہ پيئڻ چاهيو تہ اڇلائي ڇڏيو، ڪجهه منٽن کان پوءِ جو ان لاءِ عرض ڪيو آهي جو گرم چانهه کان فورًا بعد ٿڌي پاڻيءَ جواستعمال ڏندن لاءِ نقصانڪار آهي، چانهه کان فورًا بعد ڪوپ ڏوئي ڪري جيڪو پاڻي پيئوان جو مقدار ٿورو هئڻ گهرجي، جيڪڏهن هر غذا کائڻ کان پوءِ هي عمل ڪندؤ تہ اِنشآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ صفائي ٻہ رهندي ۽ مهارن جي بيمارين کان حفاظت ٻہ. اڄڪلهہ ڏندن ۾ رت اچڻ جي شڪايت عام آهي، ان جو هڪ سبب هي ٻہ آهي تہ غذا جا ذرا مهارن جي اندر گڏ ٿي ڪري پٿر وانگر سخت ٿي ويندا آهن، اهڙيءَ ريت ڏندڻ ڪرڻ، ڪائڻ، چبارڻ وغيره سان رت نڪرندو رهندوآهي، جيڪڏهن هر غذا کائڻ کان پوءِ وات ۾ پاڻي ڦيرائڻ وارو عمل ڪندا رهندؤ تہ اِنشآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي صفائي سان گڏوگڏ ڏندن ۾ رت جي شڪايت وغيره بيمارين کان ٻہ حفاظت ٿيندي، خوب ڍؤ ڪري کائڻ سان عام طور تي پيٽ خراب

ٿيندو آهي ۽ مختلف بيمارين سان گڏوگڏ ڪجهه ماڻهن کي مهارن ۾ رت اچڻ جي شڪايت به ٿي پوندي آهي، جيڪڏهن توهان پنهنجي غذا ۾ وچترائي آڻيندؤ ته اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي سالن کان پراڻيون بيماريون ختم ٿيڻ سان گڏوگڏ مهارن ۾ ايندڙ رت به بند ٿي ويندو، نه ته تجربو اهو ئي آهي ته دوائن سان رُڳو عارضي طور تي فائدو ٿيندو آهي ۽ وري بيماري موٽي ايندي آهي!

ڦڪن ڏندن جي صفائي

سوال: جنهن جا ڏند ڦڪا ٿي ويا هجن، اهو ڇا ڪري؟

جواب : خوب چڱيءَ طرح ڏندڻ ڪندا ڪريو، لوڻ ۽ ڪاڏي جي سوڍا، هڪ جيترو وزن ڪٺي ملايو ۽ ڏندن تي اهڙيءَ ريت احتياط سان مَليو جو مهارن کي نه لڳي، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏند حيرت انگيز طور تي صاف ٿي ويندا، پر هي عمل گهٽن ڏينهن تائين لڳاتار نه ڪريو. جنهن جون مهارون ڪمزور هجن ۽ انهن مان رت ايندو هجي ته اهي هي عمل نه ڪن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جيڪڏهن تو هان صحتمند رهڻ چاهيو ٿا تہ

هر ڪاڏي، ڀاجيءَ ۾ تيل مصالحو معمول کان اڌ ۽ چانهہ ۾ ڪنڊ بہ اڌ وجهڻ جي تاڪيد آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان سان صحت بهتر ۽ اسلامي تعليم جي مدني مقصد جي حاصل ڪرڻ ۾ سهولت رهندي، گهرن ۾ بہ ڪاڏي جي لاءِ هن جدول مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

دعوتِ اسلاميءَ جي جامعات المدينہ جي لاءِ جدول براءِ طعام

ڏينهن	صبح	منجهند	شام
جمعو:	چانهہ پاپا	دال گوشت ۽ ماني	دال پالڪ، ماني ۽ چانهہ
چنڊر:	ڪابلي چڻا، چانهہ ۽ ماني	اڇا چانور يا گوشت پلاءُ	مڪس سبزي (پٽاٽا، ڪدو، مٽر ڪدو، گوڪڙو) ، ماني ۽ چانهہ.
آچر:	ڪابلي چڻا، چانهہ ۽ ماني	ڪدو شريف، دال ۽ ماني)	سبزي، ماني ۽ چانهہ
سومر:	ڪابلي چڻا، چانهہ ۽ ماني	دال ۽ ماني	برياني ۽ چانهہ
اڱارو:	چانهہ پاپا يا چانهہ ۽ ماني	مڪس سبزي ۽ ماني	ڪدو شريف، دال، ماني ۽ چانهہ
اربع:	ڪابلي چڻا، چانهہ ۽ ماني	ڪڙهي چانور يا دال چانور	ڪدوشريف، پٽاٽا، ماني ۽ چانهہ
خميس:	پٽاٽن جي ڀاجي ۽ ماني	جَوَن جي ڪش يا پٽاٽا گوشت ۽ ماني	قرين جي ڀاجي، ماني ۽ چانهہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

مكتُوبِ عطار دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

بنام

شهزادهه عطار دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

هي صحت جي حفاظت جي مدني گلن جو حسين گلدستو آهي جيڪو ان مطابق عمل ڪندو اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ طبيبن جو محتاج نه رهندو.....

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سگِ مدينه **محمد الياس** عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنْهُ جي طرف کان **مبلغ دعوتِ اسلامي منهنجي متي متي پٽ الحاج ابو اُسيد احمد عبيد رضا عطاري مدني** سلمه الغني جي خدمتِ عالي ۾ ڪربلا مُعلّي جي گهٽين مان گهمندو، امام عاليمقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي

مزار جي گنبذ ۽ مينار کي چمندو، محرم الحرام جي مهيني جي برڪتن سان مالا مال خوشگوار ۽ خوشبودار سلام:

اَلسّلامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ و بَرَكاتُهٗ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِينَ عَلٰى كُلِّ حال

حديثِ پاڪ ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا جريربن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته،"مون حضور تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان هن ڳالهه تي بيعت ڪئي هئي ته نماز قائم ڪندس ۽ زڪوٰة ادا ڪندس ۽ عام مسلمانن جي خيرخواهي ڪندس(يعني پلائي چاهيندس) **(صحيح مسلم ص 48 حديث 97)** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي مسلمانن جي خيرخواهن ۾ وقف ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي مقدس جذبي جي تحت دعا سان گڏوگڏ صحتمند رهڻ جي لاءِ ڪجهه مدني گل خدمت ۾ حاضر ڪيا آهن. جيڪڏهن رُڳو دنيا جي رنگينين مان مزا ماڻڻ جي لاءِ تندرست رهڻ جي خواهش آهي ته خط پڙهڻ بند ڪريو ۽ جيڪڏهن سٺي صحت جي ذريعي عبادتن ۽ سنّتن جي خدمت تي قوت حاصل ڪرڻ جو ذهن آهي ته ثواب ڪمائڻ جي غرض سان سٺيون سٺيون نيّتون ڪندي درود شريف پڙهي ڪري اڳتي وڌو ۽ خط مڪمل پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ منهنجي، توهان جي ۽ تمام خاندان وارن ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي. اسان کي صحت ۽ عافيّت سان ۽ دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ رهندي اسلام جي خدمت تي استقامت عنايت فرمائي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جون جسماني بيماريون دور ڪري اسان کي بيمارِ مدينه بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ مون کي توهان جي ضرورت آهي. براءِ ڪرم! صحت جي معاملي ۾ غفلت نہ ڪريو اڪثر ڪري معمولي رهڻ بہ وڏندي وڏندي وڏو زخم پوءِ ناسور ۽ آخرڪار موت جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي **مشاهدو**آهي تہ جتي دوائون ڪم نہ ڪنديون آهن اتي پرهيز ڪرڻ سان حيرت انگيز نتيجا نڪرندا آهن! نئون ڪپڙو جيڪڏهن هڪ پيرو بہ ڏوتو وڃي تہ پوءِ ان جي پهريان جهڙي چمڪ باقي رهندي آهي ۽ نہ ئي قيمت. سو دوائن جي ذريعي علاج سان صحت حاصل ڪرڻ بعد انساني جسم بہ جڻ تہ" ڏوتل ڪپڙي" جيان ٿي ويندو آهي، تنهنڪري هر ممڪن صورت ۾دوائن بدران غذا سان ۽ پڻ پرهيز جي ذريعي ڪم هلائڻ ئي عقلمندي آهي جو دوائن جا **منفي اثر** بہ هوندا آهن.

ناسمجھ بیمار کوامرت بھی زہرآمیز ہے　　سچ یہی ہے سودواکی اک دواپرہیز ہے۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪاڏي جي باري ۾ سيني لاءِ مشورو

هر **ڪاڏي** ۾ تيل، لوڻ مرچ ۽ گرم مصالحي جو مقدار اندازي سان نہ بلڪ حساب ڪري پنهنجي گهر جي معمول کان اڌ ڪري ڇڏيو، غذا ۾سبزين جو استعمال وڌائي ڇڏيو، گوشت جي ياڄي هفتي ۾ صرف بہ پيرا ۽ اها بہ گهٽ مقدار ۾ ڪائو، جيڪڏهن گهر ۾ اڪثر ڪري گوشت پچندو هجي تہ **حتي الامڪان** رُڳو هڪ ٻوٽي ڪائڻ جي عادت بڻايو، جيستائين گهٽي بُک نہ لڳي ان وقت

تائين نہ کائو، خوب چباڙي ڪري کائو ڏندن جو (چباڙڻ وارو) ڪم آندن کان نہ ونو ۽ ٿوري ٻُک باقي هئڻ جي صورت ۾ هٿ روڪي ڇڏيو، پيٽ ڀري ڪري کائڻ جي عادت ڪڍي ڇڏيو. ڪنڊ وارا فروٽ جوسز استعمال نہ ڪريو، ميدي، سٽي ۽ ڪنڊ واريون غذائون گهٽ کان گهٽ کائو. آئسڪريمن، ٿڌين بوتلن، ٽَريل غذائن، ديڳن يا بازاري ڪِچن ۾ پڪل کاڌن، ٽافين ڪوڪو چاڪليٽ، سگريٽ پيئڻ، پان، سوپاري، گٽڪي، خوشبودار سوپاري، تماڪ، مين پڙي، پان وغيره کان بچو. چانهہ پيئڻ چاهيو تہ ڏينهن رات ۾ ٻہ يا ٽي پيرا اڌ ڪوپ ۽ ان ۾ ٻہ ڪنڊ جي بدران ماکي وجهو، مجبوري هجي تہ ڪنڊ ضرورت کان اڌ مقدار ۾ وجهو. مٺيون غذائون ماکيءَ ۾ ناهيو جيڪڏهن ان جي سگهہ نہ هجي تہ ڪنڊ گهر جي معمول مان فقط چوٿون حصو وجهو، خوب مٺي چانهہ، مٺي ۾مٺن کاڌن ۽ ڪولڊ ڊرنڪس جي شوقينن جو شگر جي بيماري کان محفوظ رهڻ تمام ڏکيو هوندو آهي (شگر ۽ B.P جي گهٽ يا وڌ هئڻ يا ٻين بيمارين وارا ڊاڪٽر جي هدايتن تي عمل ڪن) روزانو هڪ ڪلاڪ ۽ نہ ٽي سگهي تہ گهٽ ۾گهٽ اڌ ڪلاڪ پيادل هلو، اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جو Lipid profile نارمل ٿيڻ سان گڏوگڏ جسم جو وزن ٻہ وڌرو رهندو، پيٽ ٻاهر نہ نڪرندو، معدو صحيح ٿي ويندو، ڪيتريون ئي بيماريون پري رهنديون ۽ جيڪي موجود هونديون انهن مان اڪثر اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ پاڻمرادو نيڪ ٿي ويندیون اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ توهان عبادت ۽ دين جي خدمت ۽ مدني ڪمن ۾چُستي محسوس ڪندؤ. جيتوڻيڪ هي ڳالهيون نفس تي وزندار آهن پر عادت بڻجي وڃڻ جي صورت ۾ اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ آساني ٿي ويندي. هي ياد رهي تہ غذا

جي لذت فقط نِڙيءَ جي پاڙ تائين هوندي آهي. جيئن ئي گرهه هيٺ لٿو جَوَن جي سڪل ماني ۽ گيهه ۾ ٻُڏل برياني سڀ هڪ ٿي ويا،جڏهن ته جَوَن جي سُڪل ماني زندگيءَ کي خوشگوار بڻائيندي ۽ گيهه واري برياني ڊاڪٽرن وٽ ڏکا کارائيندي! (ٿولهه هئڻ جي صورت ۾ جڏهن وزن گهٽجڻ شروع ٿيندو آهي ته ڪن جوعارضي طور تي Uric Acid وڌڻ لڳندو آهي آخرڪار پاڻ ئي نارمل ٿي ويندو آهي پوءِ به احتياط خاطر انهن ڏينهن ۾ هر ڏيڍ مهيني ڪانپوءِ ان جي ٽيسٽ ڪرائيندا رهو، پاڻي گهڻو پيئڻ سان غير ضروري Uric Acid خارج ٿيندو رهندو آهي.)

ڏينهن ۾ به پيرا ڪائو

ممڪن هجي ته ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪائڻ بدران به پيرا ڪائو، ثواب جي نيّت سان **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي ٻئي پيرا خوب ٻُڪ لڳڻ جي صورت ۾ ئي ڪائو ۽ اجان ٻُڪ باقي هجي ته هٿ روڪي ڇڏيو، وچ ۾ ڪنهن به قسم جي بازاري شيءِ نه ڪائو، ٻُڪ لڳي ته هڪ صوف يا ٿورا ميوا ڪائو، جيتوڻيڪ عمومًا ميوا جسم جو وزن وڌائيندا آهن پر ان جا فائدا بيشمارآهن. ها جنهن جي رت ۾ شگر يا ٽرائيگليسرائيڊز جو مقدار گهٽو آهي اهو مٺن ميون ۾، خشڪ ميون، ۽ بادي سبزين (**يعني اهي سبزيون جيڪي زمين جي اندر پيدا ٿينديون آهن.**) مثال طور گجر، موري، پٽاٽو، لاهوري گجر ۽ چقندر (گوگڙو جهڙي سبزي) وغيره ڪان پرهيز ڪري ۽ ڊاڪٽر جي هدايتن تي عمل ڪري، زهي نصيب! صومِ داودي (يعني هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن روزو) جي رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عادت بڻجي وڃي ته ضمني طورتي ڪائڻ پيئڻ جا ڪيترائي مسئلا حل ٿي وڃن.

رت Test ڪرايو

جيتوڻيڪ هڪ حد تائين انهن شين جي انساني جسم ڪي ضرورت هوندي آهي تنهن هوندي بہ انهن جي گهٽائي نقصانڪار آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ رت جون هي ٽيسٽون ڪرائڻ مناسب آهن.

(1) **Lipid Profile** : (ان ۾ **Cholestrol** بہ شامل آهي ان جي ٽيسٽ لاءِ **12** کان **14** ڪلاڪن تائين پيٽ خالي رهڻ ضروري آهي.)

(2) **Glucose** (خالي پيٽ ۾ نارمل ڪان وڌيڪ هجي تہ ڀريل پيٽ ۾ بہ ڪرايو.)

(3) **Uric Acid** :

(4) **Se rum Creatinine** (هن مان گردي ۾ جيڪڏهن ڪنهن قسم جي خرابي ۽ فيل ٿيڻ جو خطرو شروع ٿيو هجي تہ معلوم ٿي سگهي ٿو ۽ بروقت علاج جي ترڪيب بڻجي سگهي ٿي، ان تي نظرڪڻ تمام ضروري آهي ڇو تہ اڄڪلهہ اسان وٽ گردا فيل ٿيڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن.) الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ روزو رکي ڪري ٽيپهريءَ جي نماز کانپوءِ تمام ٽيسٽون ڪرائي سگهجن ٿيون. نہ تہ رات جلدي کاڌو کائي ڇڏيو ۽ صبح ناشتي کان اڳ ۾ ڪرايو. **نوٽ:** رپورٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، صحتمند کي هر ڇهن مهينن بعد ۽ مريض کي ڊاڪٽر جي هدايتن مطابق اهي ٽيسٽون ۽ ان کان سواءِ جن جو اهي مشورو ڏين ضرورضرورضرور ڪرائيندو رهڻ گهرجن. اهو سوچي ڪري

ٽيسٽون نہ ڪرائڻ تہ جيڪڏهن "**ڪجهہ نڪتو**" تہ علاج ۽ پرهيز جون پريشانيون ٿينديون عقلندي ناهي جو بيماريءَ جي طرف ڪان لاپرواهي، مسئلي جو حل ناهي. ياد رکو! ظاهر ۾ صحتمند نوجوانن وغيره جو جيڪو دل جي دوري سبب انتقال ٿي ويندوآهي ان جو هڪ وڏو سبب "**ليڊپروفائل**" وڌي وڃڻ بہ هوندو آهي.

ڪوليسٽرول جو مريض هنن غذائن کان پرهيز ڪري

(1) هر طرح جو سٽي **(2)** گيهہ ۽ ڪوڪنگ آئل جون ٺهيل شيون **(3)** انڊي جي زردي **(4)** نمڪو ۽ **(5)** بيڪريءَ جون اڪثر شيون، **(6)** ڳئون جو گوشت **(7)** پِزا **(8)** پرانو **(9)** تريل غذائون مثلاً انڊو، آمليٽ، ڪباب، سموسا، پڪوڙا وغيره. **(10)** ملائي، **(11)** مکڻ **(12)** آئسڪريم وغيره (گهڻو ڪوليسٽرول سڌو سنئون دل کي نقصان پهچائيندو آهي تنهنڪري وڏيڪ ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو) **ڪڪڙ** يا مچي گڏوگڏ گهٽ مقدار ۾ ڪارن آئل کائڻ ۾حرج ناهي، ڊاڪٽر مشورو ڏئي تہ چربي ڪڍي ڪري ٻڪري جوگوشت بہ کائي سگهو ٿا. هڪ طبي تحقيق جي مطابق "**زيت**" يعني زيتون شريف جو تيل ڪوليسٽرول جي مريضن لاءِ فائديمند آهي ڇو تہ اهو وڏيڪ گندي ڪوليسٽرول کي رت مان خارج ڪندو آهي رت ۾ ٽرائيگليسرائڊز (**Triglycerides**) گهڻو هئڻ جي صورت ۾ ذڪر ڪيل پرهيزن کان سواءِ مٺاڻ ۽ گانگٽ مچيءَ کان بہ بچڻو پوندو.

يورڪ ايسڊ

Uric Acid مناسب درجي کان گهٽو هجي تہ چمڙي جي بيمارين ۽ سنڌن جي سور کان علاوه گردي ۽ دماغ کي نقصان پهچي سگهي ٿو، ايتري تائين جو گهٽو اڳتي وڌي ڪري مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ جگر جو ڪينسر بہ ٿي سگهي ٿي. هڪ طبي تحقيق جي مطابق رت ۾ يورڪ ايسڊ انهن غذائن سان وڌندو آهي، جن ۾ Purine جو مقدار گهٽو هجي، الڪوحل (وارين دوائن) ۽ پيشاب ڏيارينڌڙ دوائن جو استعمال ۽ پڻ ٿولهہ بہ Uric Acid وڌڻ جا سبب آهن. **يورڪ ايسڊ جي مريضن جي لاءِ پرهيز:** تمام قسمن جو گوشت ۽ انهن مان تيار ٿيل شين، گوشت جي شوروي (Soup)، مڇي، گانگٽ، محري ۽ ان جي دال، ڦريون، مٽرن، پالڪ ۽ گوبي وغيره کان پرهيز ڪري جو ان ۾ پيورين (Purine) جومقدار گهٽو هوندو آهي.

گهٽ پيورين واريون غذائون

کير ۽ ان مان نهيل شيون، انڊو، کنڊ، ڪٽڪ ۽ ان جون نهيل شيون ايرو روٽ (يعني سابوداڻي جي قسم تي هڪ نرم غذا جيڪا وڻن مان حاصل ٿيندي آهي ۽ اها کير ۾ پڄائي بيمارن ۽ ننڍن ٻارن کي ڪارائي ويندي آهي)، سابوداڻا، گيهہ، مارجرين (مکڻ جهڙيون شيون) ميوا ۽ انهن جو جوس،سلاد ڪن کان سواءِ تمام سبزيون، ٽماٽا ۽ ٽڏيون بوتلون وغيره. **ڪن** ڊاڪٽرن جي بقول Uric Acid جي مريض جي لاءِ ڳئون

جو گوشت وڌيڪ نقصانڪار هوندو آهي. پوءِ ان کان گهٽ ٻڪر، پوءِ ڪڪڙ ۽ مڇي.

يورڪ ايسڊ جو پاڻيءَ سان علاج

هڪ ڏينهن رات ۾ 40 گلاس پاڻي پي وجو، بيشڪ پاڻي نڙيءَ تائين اچي وڃي ۽ پيٽ خوب ڀرجي وڃي، گهبرايو نہ جلد ئي پيشاب جي ذريعي خارج ٿي ويندو. اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هڪ ئي ڏينهن ۾ فائدو ٿي ويندو. مثلاً **Uric Acid** جي نارمل رينج 7 کان **3** هجي ۽ توهان جو وڌي **8** تائين پهچي وڃي تہ پوري هڪ ڏينهن رات ۾ **40** گلاس پاڻي پيئڻ سان اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ گهٽتائي ٿيندي رهندي، گهٽو پاڻي پيئڻ سان عارضي طور تي پيشاب گهٽو ايندو، ان سان معدي، آنڊن، گردن ۽ مثاني وغيره جي خوب صفائي ٿي ويندي ۽ اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ضمني طور تي ڪيترائي فاسد مادا خارج ٿي ويندا، پاڻي جي علاج واري ڏينهن ڪاڏو وغيره ڪائڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر هي طبي اصول ياد رکو تہ ڪاڏي کان هڪدم پوءِ پاڻي پيئڻ سان جسم سُڄندو (يعني ٿلهو) ٿيندو آهي، تنهن ڪري ڪاڏي کان هڪ يا ٻہ ڪلاڪ پوءِ پاڻي پيئڻ گهرجي. **(ڪنهن ماهر ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وٺو)**

مدني مشورو : پنهنجي ڊائري ۾ لڳائي ڇڏيو، پنهنجي گهروارن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي گڏ ڪري هي مڪتوب پڙهي ڪري ٻُڌايو، ڄاڻايل ٽيسٽون ڪرائڻ جو مشورو ڏيو ۽ پڻ ضرورت جي مطابق هن مڪتوب جي **Copy** پيش ڪري ثواب ڪمايو.

جيڪڏهن پڙهي ورتو هجي تڏهن بہ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هڪ ڀيرو ٻيهر **فيضانِ سنّت** جو باب **”پيٽ جو قفلِ مدينه“** ص 65 کان 110 جو مطالعو فرمائين.

هڪ چپ

سؤ

سک

والسلام مع الاکرام

طالب غم مدينه

بقيع و مغفرت و

بي حساب

جنت الفردوس

۾ آقا جو پاڙو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

حاجي مشتاق عطاري

درود شريف جي فضيلت

حضور اڪرم، نورِ مجسم، شاه بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهندو ،اهو جڏهن قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو نور سڄي مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سڀني لاءِ ڪافي ٿي وڃي.“ (حيلة اولياء ج 8 ص 49 حديث 11341)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ثنا خوان رسول مقبول، بلبل روضہِ رسول، مداح صحابہ و آل بتول، گلزارِ عطار جي خوشبودار گل، مبلغ دعوت اسلامي الحاج ابو عبيد قاري محمد مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى بن مولانا اخلاق احمد جي ولادت غالبًا آچر ڏينهن 18 رمضان المبارڪ 1386 هہ بمطابق 67-1-1 ع جو بنون (سرحد، پاڪستان) ۾ ٿي، ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ سردار آباد (فيصل آباد، پاڪستان) ۾ بہ ترسيا ءِ بعد ۾ باب المدينہ ڪراچي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون.

❁ مدينه مسجد (اورنگي ٽاؤن باب المدينه) ۾ ڪيترن ئي سالن تائين امامت ڪرائيندا رهيا. ❁1995 ڪان وفات تائين جامع مسجد ڪنزالايمان (بابري چوڪ باب المدينه ڪراچي) ۾ امامت ۽ خطابت جي منصب تي فائز رهيا. ❁ قرآن پاڪ جا اٺ سيپارا حفظ هئا. ❁ تمام سنا قاري هئا. ❁ **درسِ نظاميءَ** جا چار درجا پڙهيا هئائون پر ديني معلومات ڪنهن چڱي ڀلي عالم کان گهٽ نه هئي. ❁ اڪائونٽ ڊپارٽمينٽ ۾ سينيئر آڊيٽر جي حيثيت سان ڪافي سالن تائين گورنمينٽ نوڪري رهي. ❁ **جامعة المدينه** (سبزي مارڪيٽ باب المدينه ڪراچي) ۾ انگريزيءَ جو ڪلاس پڙهائيندا رهيا. ❁ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪين چار ڀيرا حج ۽ **مدينهءِ منوره** جي زيارت جون سعادتون نصيب ٿيون.

اگرچہ دُولتِ دنیا مری سب چھین لی جائے
مرے دل سے نہ ہرگز یادِ نبی تیری وِلا نکلے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حاجي مشتاق عطاري: مدني ماحول ۾

دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان اڳ به حاجي مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الرَّازِق جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مذهبي ذهن هو. باريش نوجوان ۽ خوش الحان نعت خوان هئا، دعوتِ اسلامي ۾ پنهنجي شامل ٿيڻ جو واقعو پاڻ مون کي (سگِ مدينه عُفِيَ عَنهُ کي) ڪجهه هن طرح ٻُڌايو هئائون ته مان جڏهن پهريون ڀيرو **هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ حاضري جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي پهرئين

مرڪز **جامع مسجد گلزارِ حبيب** آيس، اجتماع کان پوءِ ماڻهو پڪڙ لڳا تہ مان بہ هلڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ باريش باعمامہ اسلامي ڀاءُ پاڻ اڳتي وڌي ڪري مون سان مصافحو ڪيو، ان جي ملڻ جو انداز مون کي تمام گهڻو وڻيو، وڏي محبت سان انفرادي ڪوشش ڪندي هن توهان (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) سان منهنجي ملاقات ڪرائي. مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حاجي مشتاق نگران شوريٰ بڻجي ويا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **حاجي محمد مشتاق** عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الرَّازِق کي الله عَزَّوَجَلَّ آواز تمام سُريلو بخشيو هو. وڏن وڏن اجتماعاتِ ذڪر و نعت ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون ٻُڌائڻ ۽ عاشقانِ رسول کي تڙپائڻ لڳا، مبلغ بہ تمام سنا هئا، مدني ڪمن جو جذبو بہ خوب هين، الله عَزَّوَجَلَّ کين تمام گهڻي ترقي عطا فرمائي، جنوري **2000** ۾ پوري شهر جي نگرانن جي منظوريءَ سان **باب المدينه ڪراچي** جا نگران بڻجي ويا ۽ انهيءَ سال آڪٽوبر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران جي منصب تي فائز ٿي ويا.

رضا پر رب کی راضی ہیں تمہارے ہم بھکاری ہیں
ہماری آخرت بہتر بنا دو یارسول اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضور ﷺ پنهنجي مشتاق کي سيني سان لڳائي ڇڏيو

حاجي محمّد مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي جي وفات کان ڪجهه مهينا اڳ مون کي (يعني سگِ مدينه کي) **اسلامي ياءَ** هڪ خط موڪليو هو، ان ۾ هن قسم ڪٽي پنهنجو واقعو ڪجهه هيئن لکيو هو، ”مون خواب ۾ پنهنجو پاڻ کي سونهري ڄارين جي سامهون ڏٺو، ڄاري مبارڪ ۾موجود ٽن سوراخن مان هڪ سوراخ ۾ جڏهن جهاتي پاتم تہ هڪ حسين منظر نظر آيو، ڇا تو ڏسان تہ سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه، فيض گنجينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن ۽ پڻ شيخين ڪريمين يعني حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق ۽ حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا بہ خدمت ۾ حاضر آهن، ايتري ۾ **حاجي محمّد مشتاق عطاري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي **محبوب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بارگاهه** ۾ حاضر ٿيا. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حاجي مشتاق عطاري کي سيني سان لڳايو ۽ پوءِ ڪجهه ارشاد فرمايائون** پر اهو مون کي ياد ناهي پوءِ اک کلي وئي.

آپ کے قدموں سے لگ کر موت کی یا مصطفٰے
آرزو کب آئیگی بَر بیکس و مجبور کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حاجي مشتاق جو حضور ﷺ جي دربار ۾ انتظار

حاجي مشتاق عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ سخت بيمار هئا، مون سندن جي باري ۾ ڏٺل اهو ئي ايمان افروز خواب وارو خط سندن دلجوئي خاطر ڪين پيش

ڪيو، منهنجو حُسن ظن آهي تہ **حاجي مشتاق عطاري** سلّمه الباري تي رحمتِ عالم، نور مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصي نظرِ ڪرم هئي، جيئن تہ هڪ ٻئي اسلامي ڀاءَ مون کي ڪجهہ هن طرح لکيو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سومر ۽ اڳاري جي وچين رات مون هي ايمان افروز خواب ڏٺو تہ **مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رونق افروز آهن ۽ چوڌاري انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، خلفاءِ راشدين، حسنين ڪريمين ۽ بيشمار اولياءِ ڪرام رَضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن حاضرآهن. هر طرف خاموشي طاري هئي، ايتري ۾ منا منا آقا مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي طرف متوجهہ ٿيا، لبن مبارڪن کي حرڪت ٿي، رحمت جا گل ڇڙجڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهہ هيئن ترتيب ماڻي (**اي ابوبڪر!**) **محمّد مشتاق عطاري اچڻ وارا آهن مان ساڻن هٿ ملائيندس، توهان بہ هٿ ملائجو هو هتي اچي اسان کي نعتون پُڌائيندا.**" پوءِ منهنجي اک کلي وئي، جڏهن ڏينهن ٿيو تہ خبر آئي تہ اڄ 29 **شعبان المعظم** 1423 هہ (**بمطابق 5.11.2002** ع صبح سوا اٺ ۽ سادي انين بجي جي وچ ۾ **حاجي مشتاق عطاري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى جي وفات ٿي وئي آهي. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

لب پر نعتِ نبی کا نغمہ کل بھی تھا اور آج بھی ہے
پیارے نبی سے میرا رِشتہ کل بھی تھا اور آج بھی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائر! هن ايمان افروزخواب مان هي حُسن ظن قائم ٿي رهيو آهي ته مرحوم حاجي محمد مشتاق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مقبول ثنا خوان هئا. تڏهن ته وفات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ اچڻ جو انتظار ڪرڻ ۽ نعتون ٻُڌڻ جي بشارت ٻُڌائي وئي.

يہی آرزو ہو جو سُرخرو، ملے دوجہان کی آبرو

میں کہوں غلام ہوں آپ کا، وہ کہیں کہ ہم کو قبول ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حاجي مشتاق جو جنازو

نشتر پارڪ (باب المدينه ڪراچي) ۾ مرحوم جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي.

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے

محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

مون (سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ) وڏن وڏن ماڻهن جي جنازن ۾ حاضري ڏني آهي پر ان کان اڳ ڪڏهن ڪنهن جي جنازي ۾ ماڻهن جو ايڏو هجوم نه ڏٺو هو، جيترو حاجي محمد مشتاق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق جي جنازي ۾ هيو، تمام رقت انگيز منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا، غمِ مشتاق ۾ ديوانا سڏڪا ڀري روئي رهيا هئا، آهُن ۽ سڏڪن جي جگر ڏارينڊ صدائن ۽ ڀِنل اکين سان انتهائي پُرسوز ماحول ۾ مرحوم کي صحراءِ مدينه (ٽول پلازه باب المدينه ڪراچي) جي مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو.

شہا عطّار کا پیارا ہے یہ مشتاق عطّاری
یہی مژدہ اسے تم بھی سنا دو یارسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ايصالِ ثواب جا انبار

دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (باب المدينه ڪراچي) ۾ مرحوم جو ٿيجهو ٿيو، جنهن ۾ بيشمار اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي، حاجي مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى جي ٿيجهي ۾ مختلف شهرن مان جيڪي تحفا آيا، انهن جي مختصر فهرست هي آهي، (1) قرآن پاڪ 13919 (2) متفرق سيپارا 5613 (3) سورهء ياسين 1038 (4) سورة الملڪ 1140 (5) سورهء رحمٰن 165 (6) سورهء مزمل 10 (7) آية الڪرسي 33592 (8) الڳ الڳ سورتون 93186 (8) درود شريف 13888087 (10) ڪلمهء طيبه 348400 (11) مختلف تسبيحات 357200 .

الٰہی! موت آئے گنبدِ خضرا کے سائے میں
مدینے میں جنازہ دھوم سے عطّار کا نکلے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حاجي مشتاق جي ڪردار جون جهلڪيون

هڪ اسلامي ڀاءُ تجربن ۽ مشاهدن جي روشني ۾ الحاج قاري ابو عُبيد محمد مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ

اللّٰهِ الْبَارِی جي باري ۾ تاثرات لکي ڪري ڏنا هئا، جيڪي ڪجهه هيئن هئا، ❁ جن ڏينهن ۾ حاجي محمد مُشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق اورنگي ٽاؤن **باب المدينه ڪراچي** جا رهواسي ۽ **دعوتِ اسلامي**ءَ جا علائقائي نگران هئا، مان به تقريبًا **6** سال اتي ترسيل هيس، ❁ مون کين غيبت ڪندي يا ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ڪنهن کي دڙڪا يا چِڙبُون ڏيندي ڪڏهن نه ڏٺو. ❁ وڏي کان وڏو پنهنجي اسلامي ڀائرن ۾ تڪرار يا تنظيمي مسئلو پيش ايندو هو ته حڪمت عمليءَ سان ڪلي ڳالهائي حل ڪري ڇڏيندا هئا. ❁ ڪو ڪيڏي به دل آزاريندڙ ڳالهه چوندو هو، ٻُڌي ڪري ڪاوڙ ۾ اچڻ ته رهيو هڪ طرف ،ڪڏهن به سندن پيشانيءَ ۾ گُهنج پوندي نه ڏٺا. ❁ جڏهن ڪنهن کي وقت ڏيندا هئا ته **حتي الامڪان** ان جي پابندي ڪندا هئا. ❁ اڪثر ڏٺو ويو ته جڏهن اجتماع ذڪر و نعت ۾نعت شريف پڙهڻ جي لاءِ شرڪت واسطي يا نڪاح پڙهڻ لاءِ سواريءَ جي پيشڪش ڪئي ويندي هئي ته اهو چئي ڪري انڪار ڪندا هئا ته مون وٽ بائيڪ (Bike) موجود آهي اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ تي حاضر ٿي ويندس، بس مون کي ايڊريس ٻُڌائي ڇڏيو،❁ اچڻ وڃڻ جو ڪرايو وغيره گهرڻ ته رهيو هڪ طرف، ڪو پاڻ پيش ڪندو هو تڏهن به اڪثر مرڪندي ٽاري ڇڏيندا هئا ❁ .19.12.1996 جو منهنجو نڪاح هو، منهنجي گذارش تي ڄج سان گڏ لانڊي قائد آباد تشريف کڻي آيا، نڪاح به پڙهايائون ۽ سِهرو به پڙهيائون، واپسيءَ تي گهروارن ڪافي اصرار ڪيو ته توهان کي گهوٽ جي گاڏيءَ ۾ گهر پهچايون ٿا يا ٽيڪسي ڪرائي ڏيون ٿا پر نه مڃيائون ۽ انتهائي عاجزيءَ سان لانڊي قائدآباد کان اورنگي ٽائون جو ڊگهو سفر عام روٽ جي بس ۾ اختيار ڪيائون.

حضرتِ مشتاق عطّاری سے ہم کو پیار ہے
ان شاءاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مشتاق جي دربار ۾ مراد پوري ٿي ويندا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صحراءِ مدينه باب المدينه ڪراچيءَ ۾ مشتاق جي دربار تي ماڻهو حاضري ڏيندا آهن، اسلامي ڀائر پري پري کان ايندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءَ ڪجهه هن طرح جي تحرير پيش ڪئي، منهنجي گهرواري ”اميد“ سان هئي، ميڊيڪل رپورٽ جي مطابق ڏيءَ جي پيدائش ٿيڻي هئي پر مونکي ”پٽ“ جي خواهش هئي ڇو ته هڪ ڏيءَ اڳ ۾ ئي گهر ۾ موجود هئي، مون صحراءِ مدينه ۾ اچي ڪري مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِالرَّازِق جي دربار ۾ حاضري ڏني ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾دعا گهري، ميڊيڪل رپورٽ غلط ثابت ٿي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي گهر ۾ چند جهڙو چهرو چمڪائيندي ۽ خوشين جا گل مهڪائيندي مدني مُنّو تشريف وٺي آيو.

مصطفی کا ہے جو بھی دیوانہ
اُس پہ رحمت مُدام ہوتی ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

گندا اثر ختم ٿي ويا

هڪ اسلامي ڀاءُ جوبيان آهي، مون تي گندا اثر هئا، پنهنجي حلقي جي اسلامي

پائرن سان گڏ صحراءِ مدينه ۾ **مشتاق جي دربارتي** مون حاضري ڏني ۽ دعا گهري، ائين محسوس ٿيو جيئن مونکي ڪنهن پڪڙي ورتو آهي ڪجهه دير ڪانپوءِ اها ڪيفيت ختم ٿي وئي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي طبيعت بهتر ٿي وئي.

سُن لو ہر ایک نیک شخصیّت
قابلِ اِحترام ہوتی ہے

يا رب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي حاجي **محمّد مشتاق عطاري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى، هردعوتِ اسلامي واري ۽ واريءَ ۽ تمام امتِ مسلمه جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

والسلام مع الاکرام
طالب غم مدينه
بقيع و مغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو

هڪ چپ
سؤ
سڪ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُالله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

پيٽ جو قفل مدينہ

شيطان روڪڻ جي لاءِ پورو زور لڳائيندو پر توهان شروع کان آخر تائين پڙهي ڪري حسبِ توفيق عمل ڪري شيطان کي ناڪام بڻايو.

درود شريف جي فضيلت

بيشڪ توهان جا نالا سجاڻپ سميت مون تي پيش ڪيا وڃن ٿا تنهن ڪري مون تي اَحْسَن (يعني خوبصورت لفظن ۾) دُرودِ پاڪ پڙهو. (مصنف عبدالرزاق ج 2 ص 214 رقم الحديث 3111)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيٽ جو قفل مدينہ ڇا آهي؟

پنهنجي پيٽ کي حرام غِذا کان بچائڻ ۽ حلال خوراڪ به ٻُڪ کان گهٽ ڪائڻ ”پيٽ جو قفلِ مدينه“ لڳائڻ آهي. پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائڻ جي تڙپ رکڻ وارن جي لاءِ حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي جو هي ارشاد صحت جي لاءِ بهترين رهنما اُصول آهي. جيئن ته فرمائن ٿا،” ڪائڻ کان اڳ ۾ ٻُڪ لڳل هجڻ ضروري آهي، جيڪو ڪاڏو شروع ڪرڻ وقت به ٻُڪايل

هجي ۽ اجان بُک باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏي تہ اهو (شخص) ڪڏهن بہ طبيب جو محتاج نہ ٿيندو.“ (احياءُ العلوم ج2 ص 5)

يااِلٰهي! پيٽ کا قفلِ مدينہ کر عطا
از پئے غوث و رضا کر بھوک کا گوہرِ عطا

اختياري بک

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! پيٽ ڀري کائڻ مُباح يعني جائز آهي پر **”پيٽ جو قفلِ مدينہ“** لڳائيندي يعني پنهنجي پيٽ کي حرام ۽ شُبهات (يعني اهو کاڌو جنهن ۾ ڪجهہ شڪ هجي) کان بچائيندي حلال غذا بہ بُک کان گهٽ کائڻ ۾ دين ۽ دنيا جا بيشمار فائدا آهن. کاڌو موجود نہ هجڻ جي صورت ۾ مجبوريءَ سبب بُکايل رهڻ کو ڪمال ناهي. گهٽي مقدار ۾ کاڌو موجود هجڻ جي باوجود رُڳو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر بُک برداشت ڪرڻ اهو ئي حقيقت ۾ ڪمال آهي. جيئن تہ روايت آهي، ”سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار، ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اختياري طور تي بُک برداشت فرمائيندا هئا“.

(شعب الايمان ج 5 ص26 حديث 5640)

لوٽ لے رَحمت، لگا قفلِ مدينہ پيٹ کا
پائے گا جنّت، لگا قفلِ مدينہ پيٹ کا

جنت ۾ آقا صلی اللہ علیہ وسلم جو پاڙو

معلوم ٿيو تہ اختياري طور تي بُک برداشت ڪرڻ اسان جي مڪي مدني آقا، مٿي مٿي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مٿي مٿي سنّت آهي. ۽ سنّت جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! پاڻ صاحبِ سنّت،

سراپا رحمت، بِاذن ربُّ العزّت، مالڪِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.“ (مشڪوٰة شريف ص 30) سيپاري 26 سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ جي آيت نمبر 20 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عبرت نشان آهي.

اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ

ترجمو ڪنزالايمان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي حياتي ۾ فنا ڪري ڇڏيون ۽ انهن مان نفعو وٺي بيٺؤ. پوءِ اڄ توهان ڪي بدلو ڏنو ويندو خواري واري عذاب جو.

سرڪار ﷺ جي بُڪ شريف

خليفهءِ اعلىٰ حضرت، مفسرِ قرآن، حضرت صدرالافاضل علامہ مولانا مفتي سيّد محمّد نعيم الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، هن آيت ۾ الله تعاليٰ دنياوي لذتون اختيار ڪرڻ تي ڪافرن کي تَوْبِيْخ (يعني ملامت) فرمائي ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصحاب عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان دنياوي لذتن کان ڪناره ڪشي اختيار فرمائي. بخاري ۽ مسلم جي حديثِ پاڪ ۾ آهي، حُضُور سيّدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفاتِ ظاهري تائين حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهلِ بيتِ اطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪڏهن جَوَن جي ماني به لاڳيتو به ڏينهن نه ڪاڏي. هي به حديث شريف ۾ آهي ته پورو پورو مهينو گذري ويندو

هيو دولت سَراءِ اقدس (**يعني گهر مبارڪ**) جي (چلهه ۾) باهه نہ بَرندي هئي. ڪجهه ڪارڪن ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪيو ويندو هيو. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، پاڻ فرمائن ٿا تہ ”(اي انسانو!) مان چاهيان ها تہ توهان کان سنو ڪاڏو ڪاوان ها ۽ توهان کان بهتر لباس پهريان ها، پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو.“ **(خزائنُ العرفان اردو ص 907)**

کھانا تو دیکھو جو کی روٹی، بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا، صلی اللہ علیہ وسلم
کون و مکاں کے آقا ہو کر، دونوں جہاں کے داتا ہو کر فاقے سے ہیں سرکارِ دوعالم صلی اللہ علیہ وسلم

ڪيئي ڪيئي راتيون فاقو مدينہ

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا، شهنشاهِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيئي ڪيئي راتيون مسلسل فاقو فرمائيندا هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گهروارن کي نانِ شَبينہ (يعني رات جي ماني) مُيسّر نہ هوندي هئي ۽ اڪثر جَوَن جي ماني کائيندا هئا.

(جامع ترمذي ج4 ص 160 رقم الحديث 2367)

اهلبيت جو ڪاڏو مدينہ

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينہءِ منوره، سردارِ مڪہءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جَوَن جي بدران پنهنجي زِرهہ گروي رکي. ۽ آءُ جَوَن جي ماني ۽ پِڳهريل، تبديل ٿيل چربي ڪٽي نبيّ رحمت شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيس، ۽ مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻُڌو، ”**محمّد** (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي آل کي نہ ڪڏهن صبح جو صاع

جيترو (يعني تقريبًا پوٽا تي ڪلو) ڪاڏو مُيَسَّر آيو ۽ نہ شام جو.“ ۽ **محمّد** مدني، رسولِ عربي، شهنشاهِ زَمَني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آل نَوَن (9) گهرن تي مشتمل هئي. (صحيح بخاري ج 3 ص158 رقم الحديث 2508)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ان شاهِ خوش خِصال، محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ حال آهي، جنهن جي هٿن ۾ ٻنهي جهانن جي خزانن جون چاڀيون ڏنيون ويون. منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فَقْر (يعني غُربت) اختياري هيو. نہ تہ خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن کي جيڪو ڪجهہ ملي ٿو اهو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ئي ملي ٿو ۽ ڪائنات جي هر هڪ شيءِ کي نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيض پهچندو آهي. جيئن تہ

هڪ صاحب نظر جي حڪايت

هڪ ولي الله ماڻيءَ جو هڪ ٽڪرو ڪائڻ جي لاءِ ڪنيو پوءِ ان ۾ روحانيّت جي نظر سان غور ڪيائين تہ ان ٽڪري ۾ هڪ نور جي تار نظر آئي پوءِ ان نوري تار جي ذريعي نظر مٿي ڊوڙايائين، تڏهن ڏٺائين تہ اها نوري تار باعث ايجادِ عالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي هڪ شُعاع سان ڳنڍيل آهي. شروع ۾ اهو شعاع هڪ نظر آيو. پوءِ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غَيُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جا شعاع دنيا جي هر نعمت تائين پهچي رهيا آهن. (الابريز ص 229)

کيا نورِ اَحمدی کا چمن میں ظُہُور ہے
ہر گل میں ہر شَجَر میں محمد کا نُور ہے

پيٽ تي پہ پٿر

حضرتِ سيّدُنا ابوطلحه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، اسان مکي مديني جي شهنشاهه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ ٻُک جي شڪايت ڪئي ۽ پنهنجي پيٽن تي هڪ هڪ پٿر ٻَڌل ڏيکاريو. سلطانِ بَحۡر و بَر، مديني جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي شڪمِ اطهر (يعني پيٽ مبارڪ) تان ڪپڙو ڪنيو تہ ان تي پہ پٿر ٻَڌل هئا. حضرتِ سيّدُنا امام ترمذي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ اهي پٿر ٻُک جي سختي ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري پيٽ تي ٻَڌا ويندا هئا.

(شمائلِ ترمذي ص 169،رقم الحديث 372)

آپ بھوکے رہیں اور پیٹ پہ پتھر باندھیں
ہم غلاموں کو ملیں خوانِ مدینے والے

عزت جو سامان

ابوبُجَيۡر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٻُک جي شدت محسوس ٿي تہ هڪ پٿر کڻي پيٽ مبارڪ تي ٻَڌائون ۽ فرمايائون، خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي دنيا ۾ عمده خوراڪ کائڻ وارا ۽ خوشحال زندگي گذارڻ وارا آهن پر قيامت جي ڏينهن ٻُکايل ۽ اگهاڙا هوندا. خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي مُعَزَّز (يعني عزّت وارو) بنائڻ جي ڪوشش ۾ آهن جڏهن تہ اهي ذلت جو سامان ڪري رهيا آهن. خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪندي نظر ايندا آهن پر اهو انهن جي لاءِ عزّت جو سامان آهي. **(المواهب اللدنية ج2 ص 123)**

ديوانگي سان پريل جذبات

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! نبيّ رحمت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت تان اسان جي جان قربان! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بُک سان بيحد محبت هئي ۽ آهه! هڪ اسان جهڙا عشقِ رسول جي دعويٰ ڪرڻ وارا به آهن جو جيڪڏهن ڪاڏو تيار ٿيڻ ۾ ٿوري دير ٿي وڃي يا ڪاڏو اسان جي لذّت چاهيندڙ نفس کي نه وڻي ته گهر وارن تي ڪاوڙجي وڃون. **ڪاش! اسان کي به ڄاڻي واڻي بُکايل رهڻ ۽ بُک جي شدّت جي سبب سنت جي نيت سان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌڻ جي سعادت به نصيب ٿي وڃي ها.** آهه! ڪاش! صد هزار ڪاش! سگِ مدينه انسان جي بجاءِ آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهٽيءَ جو ڪو پٿر هجي ها ۽ جانِ جانان، سلطان ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتان گذر فرمائن ها ۽ ..... ۽..... زهي قسمت! ڪڏهن ڪڏهن مبارڪ قدمن جي مقدس تِريُن کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪريان ها. مون ۾ ايتري همت ته ناهي جو **پيٽ مبارڪ** تي ٻَڌي ڇڏڻ جي خواهش ڪريان، پر ڪاش! ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! ڪڏهن ائين به ٿي وڃي ها جو "بي تاب بُک" کي حاضريءَ جي اجازت ڏئي مون غريب سان لاڳاپيل ڪنهن با مقدر پٿر کي پيٽ مبارڪ جي خاص قُربت عنايت فرمائڻ جي مقصد سان منهنجا مدني محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي طرف پنهنجو دستِ انور وڌائين ها ۽ گڏوگڏ مون کي **هٿ مبارڪ چمڻ** جي خيرات سان نوازي ڇڏين ها.....آهه! آهه! آهه!

میں کہاں اور کہاں اُن کا وُجُودِ مسعود
میری اوقات ہی کیا اُن پہ ہوں سو لاکھ دُرُود

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **کليم الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن مَديَن جي کوهه تي تشريف فرما ٿيا تہ ڪمزوريءَ جي ڪري سبزيءَ جي ساوڪ سندن پيٽ مبارڪ جي ٻاهران نظر پئي اچي. **(شمائلِ رسول مترجم ص 121)** ۽ جن چاليهہ ڏينهن ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيڻ جو شرف ماڻيائون. پاڻ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن ڪجهہ بہ نہ کاڌو. **(احياءُ العلوم ج3 ص 91)**

حضرت داود عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

حضرتِ سيّدُنا قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو لباس اوني ۽ بسترو (جانورن جي) وارن مان اُٽيَل هو، **جَوَ شريف** جي ماني لوڻ سان گڏ تناوُل فرمائيندا هئا. **(شمائل رسول مترجم ص 121)**

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ **روح الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي لاءِ ڪو گهر نہ ٺهرايو، جتي ننڊ قدم بوسي ڪندي هئي آرام فرمائيندا هئا، (جانورن جي) وارن جو لباس پائيندا هئا ۽ **وڻ جا پن** تناوُل فرمائيندا هئا." **(شمائلِ رسول مترجم ص 121)**

حضرت يحيي عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

حضرت سيّدُنا يحيىٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو کاڌو **سائو ٽاهہ** هيو. خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ڪان ايتريقدر روئندا هئا جو سندن

مبارڪ رُخسارن (يعني ڳلن) تي نشان پئجي ويا هئا. (ايضًا)

فاقہ انبیاء کے صَدُقے میں
لذّتِ نَفْس سے بچا یارب! عزوجل

آقا ﷺ جي بک شريف ياد ڪري بيبي عائشہ جو روئڻ

حضرت سيّدُنا مَسرُوق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مان **اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، تہ انهن منهنجي لاءِ ڪاڏو گهرايو ۽ فرمائڻ لڳيون، ”مان جڏهن بہ پيٽ ڀري ڪائيندي آهيان تہ منهنجي دل روئڻ چاهيندي آهي، پوءِ **مان روئڻ لڳندي آهيان**.“ مون عرض ڪيو، ڇو؟ فرمايائون، ”مون کي منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اها حالت ياد ايندي آهي، جنهن تي اسان کان جُدائي فرمايائون جو ڪڏهن بہ ڏينهن ۾ بہ پيرا ماني يا گوشت سان پيٽ ڀرڻ جي نوبت نہ آئي.“

(جامع ترمذي ج 4 ص 159 رقم الحديث 2363)

عائشہ صدّیقہ روتی تھیں نبی کی بھوک پر
ہائے! بھرتے ہیں غذائیں ہم شِکَم میں ٹھونس کر

عاشق غور ڪن

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هڪ طرف **اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو عشقِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي جو ڪڏهن اهي پيٽ ڀري ڪائي بہ وٺن پيون تہ غمِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ روئين پيون ۽ آهہ! ٻئي پاسي اسان گناهگارن جو حال آهي جو ڳلي تائين خوب ڍوءُ ڪري

ڪائي ونون ۽ پيٽ مڪمل ڀرجي وڃي پر دل نہ ڀرجي. ياد رهي! جڏهن بہ روايتن ۾ **اهل الله** جي پيٽ ڀري ڪائڻ جو ذڪر ٻُڌو تہ ان مان پيٽ جي ٽئين حصي جيترو ڪائڻ ئي مُراد وٺو، اسان جي پيٽ ڀري ڪائڻ ۽ انهن جي پيٽ ڀري ڪائڻ ۾ فرق هوندو آهي.

کارِ پاکاں را قِياس اَز خود مگير

(يعني پاڪ هستين جي ڪمن کي پنهنجي ڪمن جيان نہ سمجهو)

اسان جي **اسلامي ڀيڻون** کي بہ **اُمُّ المؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي غمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسلامي ڀينرون **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويندیون ۽ پنهنجي علائقي جي ٿيڻ واري هفتيوار **دعوت اسلامي** جي اجتماع ۾ شرڪت فرمائيندیون رهنديون ۽ **مدني انعامات** تي عمل ڪري **فڪرِ مدينہ** ڪندي روزانو ڪارڊ ڀري پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ وٽ جمع ڪرائيندیون رهنديون تہ اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڀيڙو پار ٿي ويندو. هڪ دعوتِ اسلامي واري اسلامي ڀيڻ جي رقت انگيز حڪايت ملاحظہ فرمايو. جيئن تہ

اسلامي ڀيڻ جي حڪايت

سانگهڙ (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان آهي تہ منهنجي ڀيڻ **بنت عبدالغفار عطاريہ** کي ڪينسر جي موذي مرض اچي ورتو. هوريان هوريان حالت بگڙجندي وئي. ڊاڪٽرن جي مشوري تي آپريشن ڪرايائون. طبيعت ڪجهہ بهتر ٿي پر لڳ ڀڳ هڪ سال کان پوءِ مرض ڀيهر زور پڪڙيو تہ ڪين راجپوتانہ

اسپتال (حيدر آباد بابُ الاسلام سنڌ) ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ هفتو اسپتال ۾ رهيون پر سندن حالت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. اوچتو انهن آواز سان **ڪلمهءِ طيبه** جو ورد شروع ڪري ڇڏيو، ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله به پڙهن پيون. بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ورد ڪرڻ سان سڄو ڪمرو گونجي رهيو هيو، عجيب ايمان افروز منظر هيو، جيڪو اچي پيو طبيعت پڇڻ بدران ان سان گڏ **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ شروع ڪري پيو ڇڏي. ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو عملو حيران هو جو هي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪا مقبول بانهي معلوم ٿي ٿئي، نہ تہ اسان اڄ تائين مريضن جون رڙيون ئي ٻُڌيون آهن ۽ هيءَ مريضہ رڙيون ڪرڻ جي بجاءِ مسلسل **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مصروف آهي. تقريبًا 12 ڪلاڪن تائين اها ئي ڪيفيت رهي. سانجهيءَ جي اذان وقت اهڙيءَ طرح بلند آواز سان **ڪلمهءِ طيبه** جو ورد ڪندي ڪندي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول مرحومہ کي ڪم اچي ويو انهن جو اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ ڪم بڻجي ويو. خدا جو قسم! اهو خوش نصيب آهي جيڪو هن دنيا مان ڪلمو پڙهندي رخصت ٿئي. نبيّ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوب ربُّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن جو آخري

ڪلام لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰه (يعني **ڪلمهءِ طيبه**) هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.

(ابوداود ج3 ص 132 رقم الحديث 3116)

بن ڏينهن ۾ هڪ پيرو ڪائڻ جي پسند جو اظهار

اسان جي مني مني آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **بڪ شريف اختياري** هئي، جيئن ته حضورِ اڪرم، نورِمجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ منهنجي لاءِ هي پيش فرمايو جو منهنجي واسطي مڪهءِ مڪرمه جي جبلن کي سون جو بڻايو وڃي، پر مون عرض ڪيو، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي ته اهو پسند آهي جو جيڪڏهن هڪ ڏينهن کاوان، ته ٻئي ڏينهن بُک ۾ رهان، ته جيئن جڏهن بُکايل رهان ته تنهنجي طرف روئان ۽ ٻاڏايان ۽ توکي ياد ڪريان ۽ جڏهن کاوان ته تنهنجو شڪر ۽ واکاڻ ڪريان.“

(جامع ترمذي ج4 ص 55 رقم الحديث 2354)

سلام اُن پر شکم بھر کر کبھی کھانا نہ کھاتے تھے
سلام اُن پر غمِ اُمّت میں جو آنسو بہاتے تھے

ڏينهن ۾ هڪ پيرو ڪائڻ

روزانو هڪ دفعو ڪائڻ سنّت آهي، جيئن ته حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن صبح جو ڪاڏو ڪائيندا هئا ته شام جو نه ڪائيندا هئا ۽ جيڪڏهن شام جو ڪائيندا هئا ته صبح جو نه ڪائيندا هئا.

(ڪنزالعمال ج7 ص 39رقم الحديث 18173)

ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪائڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ عام طور تي ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪائڻ جو معمول آهي. جيتوڻيڪ اهو گناهه ناهي پر سنّت بہ ناهي، ڪائڻ پيئڻ جي شوق اهو انداز ڏنو آهي. هيءَ ڳالهہ ذهن نشين فرمائي ڇڏيو تہ جيڪو جيترووڏيڪ ڪائيندو قيامت ۾ ان جو حساب ان لاءِ اوترو ئي وڌيڪ ٿيندو. روزانو هڪ پيرو ڪائڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت عادِيَّہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن سنّت تي عمل ڪندي ڪيترن ئي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو ڏينهن ۾ رُڳو هڪ پيرو ڪائڻ جو معمول رهيو آهي. باقي جيڪڏهن ڪو شخص هن سنّت تي عمل نہ ڪري تہ ان کي ملامت نہ ڪئي ويندي. اهي **عاشقانِ رسول** جيڪي سنّتن جو تمام گهڻو درد رکندا آهن ۽ قدم قدم تي سنّت جي ڳالهہ ڪندا آهن انهن جي لاءِ فڪر جي ڳالهہ آهي. جيڪي ڏينهن ۾ چار يا پنج پيرا ڪائيندا آهن انهن جي لاءِ ضرور افسوس جو مقام آهي. اهڙن ماڻهن جو دنياوي طور تي گهٽ ۾ گهٽ اهو نقصان تہ ضرور ٿيندو آهي جو اهي گهڻو ڪري پيٽ جي خرابيءَ جا شڪايتي رهندا آهن. **اُمُّ المؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون، سلطانِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفاتِ ظاهري کان پوءِ سڀ کان پهرين بدعت، پيٽ ڀري ڪائڻ جي پيدا ٿي جڏهن ماڻهن جا پيٽ ڀرجي ويندا آهن تہ انهن جا نفس دنيا جي طرف سرڪش (يعني نافرمان) ٿي ويندا آهن.“ (هن قول ۾ بدعتِ مُباح يعني جائز بدعت مُراد آهي)

(قوت القلوب ج 2 ص327)

وسوسو: هڪ طرف تہ هڪ پيرو ڪائڻ سنّت آهي ۽ ٻئي طرف سَحَري ۽ افطاري بہ سنّت آهي جيڪا ٻن وقتن جي ڪاڏي تي مشتمل آهي. ان جو حل ڇا آهي؟

وسوسي جو علاج : بيشڪ سَحَري ۽ افطاري سنّت آهي." افطار" جي لغوي معنيٰ آهي، "روزو کولڻ " تنهن ڪري جيڪڏهن هڪ ڇولو(چڻو) بہ ڳهي ويو تہ افطار ٿي ويو، پر هنن ٻنهي وقتن ۾ مُرَوَّجہ ڪاڏو يعني پيٽ ڀري ڪائڻ ئي سنّت ناهي، هڪ اڏ ڪارڪ يا پاڻيءَ جي ڊڪ جي ذريعي بہ سَحَري ۽ افطار ڪري سگهجي ٿي. جنهن غذا کي عرف ۾ " ڪاڏو "چون ٿا، يعني ماني ڀاڄي وغيره، تہ جيڪڏهن ان ڪاڏي کي ڪو شخص ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو ڪائي ڇڏي ۽ انهيءَ ڏينهن وڌيڪ ٿي ڀيرا هڪ هڪ ڪارڪ بہ ڪائي يا هڪ هڪ ڪوپ چانهہ جو پي ڇڏي ان جي باري ۾ يقينًا ڪو بہ هي نہ چوندو تہ هن ڪاڏو چار ڀيرا ڪاڏو، پر ايئن ئي چيو ويندو تہ هن ڪاڏو رُڳو هڪ ڀيرو ڪاڏو. تنهن ڪري افطار ۾ هڪ اڏ ڪارڪ يا پاڻيءَ تي گذارو ڪري ۽ سَحَري ۾ مُرَوَّجہ ڪاڏو ڪائي سَحَري ۽ افطاري جي سنّتن جي ادائيگيءَ سان گڏوگڏ ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو ڪائڻ جي سنّت کي بہ نِڀائي سگهجي ٿو. " افطار" ۾ جيئن ماڻهو ڊوٺ ڪري "ميوا پَڪوڙا " ڪائي سگهن انهيءَ ڪري اڄ ڪلهہ رمضان المبارڪ ۾ عام طور تي مسجدن ۾ مغرب جي جماعت دير سان ٿيندي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن افطار ۾ ڪيتريون ئي ڪارڪون، ميوا، پڪوڙا وغيره ڪائي ڇڏيا تہ هي هڪ وقت جو ڪاڏو ٿي ويو جو ڪاڏو رُڳو

قورمو ماني ۽ پلاءُ برياني کي ئي ناهن چوندا! هاڻي جيڪڏهن سَحَري ۾ بہ کاڌائين تہ هي بہ وقت کاڌو کائڻ چيو ويندو. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سَحَري ۽ افطار جو انداز ملاحظہ فرمايو. جيئن

روزي ۾ هڪ وقت کائڻ

حضرت مولانا محمد حُسين ميرني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي تہ مان رمضان المبارک جي 20 تاريخ کان اعتکاف ڪيم. اعليٰ حضرت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا تہ فرمايائون، ” دل تہ چاهي ٿي تہ مان بہ اعتکاف ڪريان، پر (ديني مصروفيتن جي سبب) فرصت نہ ٿي ملي“. آخر 26 رمضان المبارک تي فرمايائون،”اڄ کان مان بہ معتکف ئي ٿي وڃان“. مولانا محمد حسين ميرني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا،”شام جو (کارک وغيره سان روزو تہ افطار فرمائيندا هئا پر) اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي کاڌو کائيندي مون ڪنهن ڏينهن بہ نہ ڏٺو. سَحَريءَ جي لاءِ رُڳو هڪ ننڍڙي پيالي ۾ کيرڻي ۽ هڪ پيالي ۾ چٽڻي ايندي هئي ۽ اهي نوش فرمائيندا هئا.“ هڪ ڏينهن مون پڇيو، ”حضور! کيرڻي ۽ چٽڻيءَ جو ڇا جوڙ؟ “فرمايائون،” لوڻ سان کاڌو شروع ڪرڻ ۽ لوڻ تي ئي ختم ڪرڻ سنّت آهي.“ان لاءِ چٽڻي ايندي آهي.

(حياتِ اعليٰ حضرت ج1 ص 41)

سُبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! پيڪرِ سنّت، سيّدي اعليٰ حضرت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مني کيرڻي کان اڳ ۾ ۽ پوءِ ان لاءِ نمڪين چٽڻي استعمال فرمائيندا هئا جو کاڌي کان اڳ ۽ پوءِ لوڻ استعمال ڪرڻ جي سنّت

ادا ٿي وڃي ڪاڏي ڪان اڳ ۽ پوءِ لوڻ (يا نمڪين شيءِ) ڪائڻ سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ستر بيماريون ختم ٿي ويندیون آهن.

روزي ۾ هڪ پيرو ڪائڻ

چوندڙ يل حديثن جي مجموعي "رياض الصّٰلحين" جا مؤلف حضرتِ سيّدُنا امام مُحي **الدين ابو زڪريا يحيىٰ شرف النووِي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی **صائم الدَّهر** (يعني هميشه روزا رکڻ وارا هئا) ڏينهن ۾ رُڳو هڪ پيرو يعني بعد نمازِ عشاء ڪاڏو ڪائيندا هئا ۽ رُڳو پاڻي پي ڪري سَحَري ڪندا هئا ۽ رات جو رُڳو ڪجهه گهڙيون آرام فرمائيندا هئا.

(پيش لفظ رياض الصّٰلحين اردو مترجم ص 12)

خوب روزا رکو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن دين ۽ دنيا جي ڪمن ۾ رڪاوٽ نه پوندي هجي، والدين وغيره به ناراض نه ٿيندا هجن، ته خوب نفلي روزا رکڻ گهرجن جو اڪثر بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ائين ڪندا رهيا آهن. هڪ هڪ گهڙي اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عبادت ۾ گذرندي ۽ سڄو ڏينهن ڪائڻ پيئڻ کان به بچيل رهنداسين ۽ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ ۾ به سهولت رهندي. ها پر سَحَري ۽ افطار ۾ گهٽ ڪائڻ جي ترڪيب رکو. پنهنجي اندر نفلي روزن جو شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ **فيضانِ رمضان** مان "نفلي روزن جو بيان" پڙهو يا ٻُڌي ڇڏيو ڇو ته گناهن کان بچڻ جي لاءِ انهن جي عذاب ۽ نيڪ عملن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ انهن جا فضائل ڄاڻڻ انتهائي مفيد هوندو آهي. هتو هٿ روزي جي هڪ فضيلت ٻُڌو ۽ جهومي ونو، جيئن ته

زمين جيڏو سون

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رغبت نشان آهي، ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو نفل روزو رکيو ۽ زمين جيڏو سون ان کي ڏنو وڃي تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو، ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو.“ (مسند ابي يعلىٰ ج5 ص 253)

سون جو دسترخوان

حضرتِ سيّدُنا ابوالدرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو قول آهي، ”قيامت جي ڏينهن روزيدارن جي لاءِ عرش جي هيٺان سون جا دسترخوان وڇايا ويندا. جن ۾ موتي ۽ جواهرات جڙيل هوندا، انهن تي جنّتي ميوا، جنّتي مشروبات ۽ مختلف قسمن جا کاڌا سَجايل هوندا، روزيدار کائيندا ۽ مزا ماڻيندا جڏهن تہ ٻيا ماڻهو سخت حساب ۽ ڪتاب کان پريشان هوندا. (البدور السافرة ص 260)

فضلِ ربّ سے رَاحتوں کا حَشْر میں سامان ہے
روزہ داروں کیلئے سونے کا دستر خوان ہے

دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات**[1] جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدارن جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

روزانو ٿي پيرا ڪائڻ واري جي نِندا

حضرتِ سيّدُنا سهل بن عبدالله تُستري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان ڪنهن سوال ڪيو، ڏينهن ۾ هڪ پيرو ڪائڻ ڪيئن آهي؟

---

[1] مدني انعامات جو ڪارڊ مڪتبة المدينه مان ملندو آهي هن ۾ ڏنل سوالن جا جواب لکڻ جي عادت بڻائڻ عملن جي اصلاح جو بهترين ذريعو آهي.

فرمايائون، هي صديقين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى (**جيڪو اولياءِ ڪرام جو سڀ کان افضل قسم آهي انهن**) جو ڪاڏو آهي، عرض ڪيو ويو، ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا ڪائڻ ڪيئن آهي؟ فرمايائون، هي مومنين جو ڪاڏو آهي، عرض ڪيو، جيڪڏهن ڪو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڪائي ته؟ فرمايائون، اهڙي شخص جي گهروارن کي گهرجي ته ان کي ٿان (**يعني جانورن جي واڙي**) ۾ رکن. (**جتي جانورن جيان هر وقت ڪائيندو پيئندو رهي!**) (**الرسالة القشيريه ص 142**)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيّدنا سهل بن **عبدالله** تُستري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اولياءِ صديقين مان هئا، پاڻ ويهن ويهن ڏينهن تائين ڪاڏو نه ڪائيندا هئا پر عام مسلمانن جي لاءِ بن وقتن جي ڪاڏي کي انهن مَعيوب (**يعني بُرو**) نه چيو چو ته رُڳو هڪ ڀيرو ڪائي سڄو ڏينهن گذارڻ، ڪم ڪار ڪرڻ ۽ محنت ۽ مشقت ڪرڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهه ناهي. پر ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڪائڻ انهن کي سخت ناپسند هيو. جيئن جو انهن جي ارشاد مان ظاهر آهي.

مجھ کو بھوک و پیاس سہنے کی خدا توفیق دے
گُم تِری یادوں میں رَہنے کی سدا توفیق دے

ڪارڪ ۽ پاڻي ۽ ٽي گذارو

حضرتِ سيّدُنا عُرْوَه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اُمُّ المؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت ڪن ٿا ته اهي فرمائينديون هيون. اي ڀاڻيجا! اسين هڪ چنڊ کان پوءِ ٻيو چنڊ ڏسنديون هيوسين، ٻن مهينن ۾ ٽي چنڊ ڏسندا هئاسين ۽ حضورِ سراپا نُور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهرن ۾ باهه نه ٻرندي هئي. عُرْوَه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن

ٿا، مون عرض ڪيو، اي ماسي! اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو گذر سفر ڪيئن ٿيندو هيو؟ فرمايائون، اسان جو گذر سفر بن ڪارين شين يعني ڪارڪ ۽ پاڻيءَ تي ٿيندو هيو. سواءِ ان جي جو ڪجهه انصار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پاڙيسري هئا. انهن ڪجهه ڪير واريون ڏاچيون (يا ٻڪريون) سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيون هيون ۽ اهي انهن جو ڪير سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ موڪليندا رهندا هئا ۽ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو ڪيراسان کي پياريندا هئا.

(صحيح بخاري ج7ص232 رقم الحديث 6459)

سڄي رات جي عبادت کان افضل

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيّدُنا ابو سليمان عَلَيْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، مون کي رات جي ڪاڏي مان هڪ گرهه گهٽ ڪري ڇڏڻ سڄي رات جي عبادت کان وڌيڪ عزيز آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا، بُڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي خزانن مان هڪ خزانو آهي ۽ هي رُڳو پنهنجي پسنديده ٻانهن کي ئي عطا فرمائيندو آهي. (احياءُ العلوم ج3 ص 90)

دعا ہے کچھ نہ کچھ لقمے خدا کے واسطے چھوڑوں
رِضائے حق کی خاطر لذّتِ دنیا سے منہ موڑوں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان کي بہ اختياري بُڪ يعني ڄاڻي واڻي گهٽ ڪائڻ جو مدني خزانو ۽ پيٽ جو قفلِ مدينه نصيب ٿي وڃي! سبحٰن الله! الله وارن جي لاءِ بُڪ رحمت جو خزانو آهي ۽

اهو خزانو رُڳو نيڪ ٻانهن کي نصيب ٿيندو آهي ۽ جنهن کي نصيب ٿيندو آهي اهو ان خزاني جي شڪراني ۾ ڇا ڪندو آهي اهو هن حڪايت مان سمجهندا جيئن ته

بک جو خزانو ۽ ان جو شڪرانو

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُعظم بلخ جا بادشاهه هئا، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بادشاهي ڇڏي فقيري اختيار ڪئي هئائون. هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪائڻ جي لاءِ ڪجهه به نه مليو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي شڪراني ۾ چار سؤ رڪعتون نفل ادا ڪيائون. ڪين ٻئي ڏينهن به ڪاڏو نه مليو ته اهڙيءَ طرح چار سؤ رڪعتون نماز ادا ڪيائون. ستن ڏينهن تائين ايئن ئي ٿيو. ڪمزوري وَڌي ويئي ته بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا ربَّ العزت! تنهنجي عبادت تي قُوَّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه ڪائڻ جي لاءِ عنايت ٿي وڃي ته ڪرم ٿيندو. انهيءَ وقت هڪ نوجوان حاضر ٿي عرض ڪيو، حضور! اسان جي گهر اوهان جي دعوت آهي، قدم مبارڪ ڪٽي ايندا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان سان گڏ تشريف ڪٽي ويا. جڏهن ان نوجوان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي غور سان ڏٺو ته بي اختيار ٿي چوڻ لڳو، حضور! مان اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو يَڳل غلام آهيان ۽ جيڪو ڪجهه مون وٽ آهي اهو سڀ اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ئي آهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون، مون تو کي آزاد ڪيو ۽ جيڪو ڪجهه تو وٽ آهي اهو سڀ توکي بخشيو. ان جي اجازت وٺي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اتان ڪان روانا ٿيا ۽ بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا الله عَزَّوَجَلَّ! مان هاڻي توکان سواءِ ڪنهن کي نه چاهيندس

جو مون تہ توکان رُڳو ماڻيءَ جو ٽڪرو گهريو هيو پر تو ايڏي سڄي دنيا منهنجي سامهون ڪري ڇڏي! (تذكرة الاولیا ص 96)

کثرتِ دولت کی آفت سے بچانا یاخدا
دے مجھے عشقِ محمّد کا خزانہ یاخدا

هڪ خراب گرهہ جون تباهڪاريون

جيڪو هٿ ۾ آيو بنا سوچڻ سمجهڻ جي پيٽ ۾ پلٽيندو ڏڪيندو رهڻ ڳٽتيءَ جو ڳو آهي، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا مَعروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، رُڳو **هڪ خراب گرهہ** ڪڏهن ڪڏهن دل جي ڪيفيت کي ايتريقدر تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي جو پوءِ سڄي عمر دل راهِ راست تي ناهي ايندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو اهو ئي خراب گرهہ سڄي سال تائين تهجُّد جي نعمت کان ماڻهوءَ کي محروم ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ پڻ ڪنهن وقت هڪ پيرو بدنگاهي ڪرڻ وارو عرصي تائين تلاوتِ قرآن پاڪ جي سعادت کان محروم ڪيو ويندو آهي. (منهاج العابدين ص 157)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

چاليهن ڏينهن جون نمازون نامقبول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جن کي عبادت ۽ تلاوت ۾ دل نہ لڳڻ، نعت شريف ۽ دعا ۾ سوز ۽ رقت نہ ملڻ ۽ هزار ڪوشش جي باوجود تهجُّد ۾ اک نہ کلڻ جهڙيون شڪايتون آهن انهن جي لاءِ حضرتِ سيّدُنا مَعروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان ۾ عبرت جو تمام گهڻو سامان آهي. حرام جي روزيءَ کان هر هڪ کي بچڻ لازمي آهي

نہ تہ تباهي ۽ بربادي ۽ کان سواءِ ڪجهہ هٿ نہ ايندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنہ جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي، ”جنهن حرام جو هڪ گرهہ کاڌو ان جي چاليهہ ڏينهن جون نمازون قبول نہ ڪيون ويندين ۽ ان جي دعا چاليهن ڏينهن تائين قبول نہ ٿيندي.“

(فردوس الاخبار ج4 ص 243 رقم الحديث 6263)

حرام گرهہ جي سزا

منقول آهي،”انسان جي پيٽ ۾ جڏهن **حرام گرهہ** پوندو آهي، تہ زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي ان وقت تائين لعنت ڪندو آهي جيستائين جو اهو حرام گرهہ ان جي پيٽ ۾ رهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو تہ ان جو نِڪاڻو جهنّم هوندو.“ (مڪاشفة القلوب ص10)

نور سان پرپور سينو

سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رغبت نشان آهي، ” جڏهن ٻانهو پنهنجي ڪاڏي ۾ گهٽتائي ڪري ٿو ان جو جَوف (يعني سينو) نُور سان معمور ڪيو ويندو آهي.

(الجامع الصغير ص 35رقم الحديث 469)

چار نصيحتون

حضرت سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَعْظَم فرمائن ٿا مان ڪوهِ لبنان ۾ ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي صحبت ۾ رهيس. انهن مان هر هڪ مون کي اها ئي وصيّت ڪئي تہ جڏهن ماڻهن ۾ وڃو تہ هنن چئن ڳالهين جي نصيحت ڪجو﴿1﴾ **جيڪو پيٽ پري** ڪائيندو ان کي

عبادت جي لذت نصيب نہ ٿيندي. ﴿2﴾ جيڪو **وڏيڪ سمهندو** ان جي عمر ۾ برڪت نہ ٿيندي. ﴿3﴾ جيڪو رُڳو ماڻهن جو راضپو چاهي اهو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان مايوس ٿي ويندو. ﴿4﴾ جيڪو **غيبت** ۽ **فضول گوئي** وڏيڪ ڪندو اهو دينِ اسلام تي نہ مرندو.

(منهاج العابدين ص 107)

بُري خاتمي جو خوف

منا منا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي تہ ڏؤ ڪري ڪائڻ سان پيٽ وزندار ٿي ويندو آهي، عضوا ساڻا ٿي پوندا آهن ۽ بدن سُست ٿي پوندو آهي ۽ عبادتن ۾ دِلي سُڪون نصيب ناهي ٿيندو، هن جو تجربو **رمضان المبارڪ** جي **تراويح** ۾ گهڻن کي ٿيندو هوندو. جوتہ "فوڊ ڪلچر" جو دؤر آهي، ڪيترن ئي قسمن جون غذائون ڊبي ڊبي پيٽ ۾ وِڌيون ويندیون آهن، نتيجي ۾ پوءِ ڪباب، سموسا پڪوڙا وغيره پيٽ ۾ "گڙ گڙ" ڪندا آهن، ٿڌي ۾ ٿڌو پاڻي، مزيدار شربت ۽ ڪٿين شين جي گهڻي استعمال جي سبب ڪنگهڻ، ۽ اوڳرايون ڏيڻ سان اڄ ڪلهہ مسجدون گونجي رهيون هونديون آهن! ۽ وري جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي ڪنگهہ ايندي آهي تہ غالبًا نفسياتي طور تي ٻئي کي بہ اچڻ لڳندي آهي ۽ ائين ڪنگهہ جي شور ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي! حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَعْظَم جو چوتون ارشاد بہ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي تہ جيڪو غيبت ۽ فضول گوئي وڏيڪ ڪندو اهو دينِ اسلام تي نہ مرندو. آهہ! شايد لڪين مسلمانن ۾ ڪو هوندو جيڪو اڄ غيبت ۽ فضول گوئي کان بچڻ جو ذهن رکندو هجي. يا الله عَزَّوَجَلَّ اسان جو ايمان سلامت رک.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مسلماں ہے عطارؔ تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی عزوجل

دين جو غلاف

حضرتِ سيّدُنا حامد لفّاف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ شخص نصيحت جو طلبگار ٿيو، فرمايائون، دين جي حفاظت جي لاءِ قرآن پاڪ جيان غلاف بڻايو. عرض ڪيائين، دين جو غلاف ڇا آهي؟ فرمايائون ضرورت کان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ کان بچڻ، ماڻهن سان بنا ضرورت جي ميل جول نہ رکڻ ۽ ضرورت کان **وڌيڪ نہ ٽائڻ**. وڌيڪ فرمايائون، جيڪڏهن توهان ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي تہ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ شاهِ خير الانام ۽ صحابهءِ ڪرام صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ ايمان وارن جي جنّت ۾ ڪهڙي مهماني ٿيندي تہ هن دنيا جي ڪجهہ ڏينهن واري زندگي ۾ ڪڏهن پيٽ ڀري ڪاڏو نہ ڪائو ها. (تذكرة الواعظين ص 234)

عبادت جي مٺاڻ

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، پيٽ ڀري ڪائڻ سان عبادت جي مٺاڻ غائب ٿي ويندي آهي. اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو، جڏهن ڪان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ **پيٽ ڀري** ناهي ڪاڏو، تہ جيئن عبات جي مٺاڻ نصيب ٿئي ۽ جڏهن ڪان مان مسلمان ٿيو آهيان ديدارِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي جام پيئڻ جي شوق ۾ ڪڏهن **ڀڙ ڪري ناهي پيتو**. (منهاج العابدين ص 193)

بھوک کی اور پیاس کی مولیٰ مجھے سوغات دے
یا الٰہی! حشر میں دیدار کی خیرات دے

حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ارشاد آهي عبادت هڪ فن آهي جنهن جي سِکڻ جي جڳهه خَلوَت (يعني تنهائي) آهي ۽ ان جو اوزار **بُک** آهي. (ايضًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

قيامت ۾ ڪيرن بکيو هوندو

حضرتِ سيّدُنا **ابوبُجَيْر** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي. مٺي مٺي مصطفيٰ، سلطانِ انبياء، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، "ڪيترائي ماڻهو دنيا ۾ عمده خوراڪ کائڻ وارا ۽ خوشحال زندگي گذارڻ وارا آهن پر قيامت جي ڏينهن اهي بُکايل ۽ اگهاڙا هوندا." **(شعب الايمان ج2ص 170رقم الحديث 1461)**

بُھوک کی نعمت بھی دے اور صَبْر کی توفیق دے
یا خدا ہر حال میں تو شُکر کی توفیق دے

حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب ، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص جي اوڳرائي ٻُڌي تہ فرمايائون، پنهنجي اوڳرائي (جو آواز) گهٽ ڪر، ان ڪري جو قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ بُکيو اهو هوندو جيڪو دنيا ۾ وڌيڪ پيٽ ڀري ٿو. **(ترمذي ج4 ص 217 رقم الحديث 2486)**

حضرتِ سيّدُنا ابو طالب المکي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جن اوڳرائي ڏني هئي اهي صحابي **(يعني ابوجُحيفه)** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، تہ الله جو قسم! جنهن ڏينهن سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اها ڳالهہ ارشاد فرمائي.ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين مون ڪڏهن بہ

پيٽ ڀري ناهي ڪاڏو ۽ مون کي الله عَزَّوَجَلَّ مان اميد آهي تہ آئنده بہ منهنجي (پيٽ ڀري ڪائڻ ڪان) حفاظت فرمائيندو. (قوة القلوب ج2 ص 325)

مجھے بھوک کی دے سعادت الٰہی
پئے غوث دے استقامت الٰہی

سائي ڪل وارو بزرگ

حضرت سيّدُنا ابو طالب المکي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه چوٿيءَ جا عالم، محدث ۽ مفڪر، تمام وڏا ولـــيُّ الله ۽ تصوف جا زبردست امام ٿي گذريا آهن، حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللهِ الْوَالِي تصوف ۾ سندن جي ڪتاب "قوة القلوب" مان ڪافي فيض حاصل ڪيو آهي پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تقويٰ جو عالم هي هيو جو ڪجھ عرصي تائين ڪائڻ ئي ڇڏي ڏنو هئائون رُڳو مباح قدرتي طور تي ڦٽندڙ گاهہ ڪائي گذارو فرمائيندا رهيا. رُڳو سائو سائو ڪاهہ ڪائيندا هئا ان لاءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪل سائي ٿي ويئي هئي!

جنازي تي ڪنڊ ۽ بادام جي ورڪا ڪئي وئي

وفات جي وقت ڪنهن حضرتِ سيّدُنا ابو طالب المکي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ عرض ڪيو، حضور مون کي ڪجھ وصيت فرمايو، فرمايائون، جيڪڏهن منهنجو خاتمو خير تي ٿي وڃي تہ منهنجي جنازي تي بادام ۽ ڪنڊ ڇٽجو، عرض ڪيو، مون کي ڪيئن خبر پوندي؟ فرمايائون مون وٽ وينو رهہ ۽ پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏئي ڇڏ. جيڪڏهن مون تنهنجو هٿ زور سان دبائي ڇڏيو تہ سمجهي وڃجانءِ تہ منهنجو خاتمو ايمان تي ٿيو

آهي. اهڙيءَ طرح ان هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏيو. جڏهن رخصت جو وقت قريب آيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جو هٿ زور سان دبائي ڇڏيائون ۽ روح مبارڪ جسم مان پرواز ڪري ويو. **جڏهن جنازو مبارڪ ڪنيو ويو تہ ان تي ڪنڊ ۽ بادام جي ورڪا ڪئي ويئي.** سندن يومِ عرس 6 جمادي الآخره سن 386 هہ آهي. بغداد معليٰ ۾ "**مقبرهِ مالڪيَّه**" ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزارِ فائض الانوار عام ۽ خاص جي لاءِ زيارت گاهہ آهي.

(المنتظر في تاريخ الملوك والامم ج14 ص 385 وغيات الاعيان ج4ص 121ملتقطًا)

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِن شآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

دنيا جي ڪنجي

حضرت سيّدُنا ابوسليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، "دنيا جي ڪنجي پيٽ پري ڪائڻ ۽ آخرت جي ڪنجي بُک آهي." **(نزهة المجالس ج اول ص 177)**

قيامت ۾ ڪنهن جو پيٽ پريل هوندو!

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هر وقت لذيذ شيون ڳهي ڇڏڻ وارن ۽ **بُک** لڳي نہ لڳي تہ جهٽ پٽ پيٽ پري ڪائڻ وارن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. خدا جو قسم! قيامت جي بُک برداشت

نہ ٿي سگهندي قيامت ۾ ڏؤ ٿيڻ لاءِ بهترين عمل دنيا ۾ بُڪايل رهڻ آهي، جيئن تہ سلطانِ ڪريم و جواد، راحتِ هر قلبِ ناشاد، حبيبِ ربُّ العباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بُنياد آهي، ”جيڪي دنيا ۾ بُڪايل رهندا هئا اهي قيامت جي ڏينهن سير (يعني پيٽ ڀريل) هوندا.“ (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 17)

حضرتِ سيّدُنا ابو هريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، تاجدارِ رسالت، شفيع امت، مالڪِ ڪوثر و جنّت، سراپا رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، ”(قيامت جي ڏينهن) حساب جي سختي ان بُڪايل تي نہ ٿيندي جنهن (دنيا ۾) فاقي ۽ بُک تي صبر ڪيو هوندو.“ (البدور السافرة 212)

يا الٰهي! جب زبانيں باہر آئيں پياس سے
ساقي کوثر شہ جود و عطا کا ساتھ ہو

قيامت جي ساڙيندڙ گرمي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! قيامت جو مُعاملو ڪيتريقدر سخت آهي. دنيا ۾ رُڳو ڪجهہ منٽن جي نفس جي لذت خاطر خوب پيٽ ڀري کائڻ پيئڻ وارن جي لاءِ ڪيتريقدر سخت آزمائش آهي. آهہ! آهہ! آهہ! هڪ تہ قيامت جي ساڙيندڙ اس، مٿان وري زمين بہ تامي جي، وري پير بہ اگهاڙا، ۽ ويتر بُک ۽ اڃ جي شدت **الامان والحفيظ** نفس جي فرمانبرداري ۾ تباهي ئي تباهي آهي. جيئن تہ

نفس جهنم ۾ پهچائي ڇڏيو

حضرتِ سيّدُنا ابوالحسن رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي والد کي فوت ٿيڻ جي ٻن سالن کان پوءِ خواب ۾ ڊامبر جي لباس ۾ ڏسي پُڇيو،

هي ڇا! اوهان کي جهنّمين جي لباس ۾ ڏسي رهيو آهيان! والد جواب ڏنو، پيارا پٽ! منهنجو نفس مون کي جهنّم ۾ وٺي ويو، توهان نفس جي دوکي کان بچي رهجو. (مکاشفة القلوب ص20)

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتُوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا! کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

يا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نفس جي شرارتن کان بچاءِ ۽ رُڳو پنهنجي رِضا جي لاءِ "پيٽ جو قفلِ مدينہ" لڳائيندي بُک ۽ اڄ برداشت ڪرڻ جو جذبو نصيب فرماءِ ۽ اسان کي قيامت جي شديد بُک ۽ اڄ ۽ هر سختي ۽ جهنّم جي عذاب کان امان ڏي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاالٰہی! خوب ڈٹ کر کھانا پینا چھوڑ دوں
کر کرم کہ نفسِ اَمّارہ سے رِشتہ توڑ دوں

بک جا ڏهه فائدا مدينا

﴿1﴾ دل جي صفائي ﴿2﴾ رقتِ قلبي ﴿3﴾ مسڪينن جي بُک جو احساس ﴿4﴾ آخرت جي بُک ۽ اڄ جي ياد ﴿5﴾ گناهن جي رغبت ۾ گهٽتائي ﴿6﴾ ننڊ ۾ گهٽتائي ﴿7﴾ عبادت ۾ آساني ﴿8﴾ توري روزي ۽ ۾ ڪفايت ﴿9﴾ تندرستي ﴿10﴾ بچيل کاڌو خيرات ڪرڻ جو جذبو.

(احياءُ العلوم ج3 ص 91 کان 96 تان مختصر ڪري)

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن فرمائن ٿا، اَلْجُوعُ رَأْسُ مَالِنَا يعني بُک اسان جو بهترين سرمايو آهي. هن مان مُراد هي آهي تہ اسان کي

جيڪي وسعت، سلامتي، عبادت، حلاوت ۽ علمِ نافع حاصل ٿيندو آهي، هي **الله تبارڪ و تعاليٰ** جي لاءِ بُک ۽ ان تي صبر ڪرڻ جي سبب حاصل ٿيندو آهي. **(منهاج العابدين ص108)**

بھوک سرمایہ بنے میرا خدائے ذُوالجلال
از طُفیلِ مصطفٰے کر بھوک سے مجھ کو نہال

قيامت جي ڏينهن دعوت

مشهور تابعي حضرتِ سيّدُنا **ڪعب الاحبار** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائين ٿا، قيامت جي ڏينهن منادي ندا ڏيندو. اي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ بُکيا اجارا رهڻ وارؤ اٿو! هي پُڌي بُک سهڻ وارا اچي دسترخوان تي ويهي رهندا جڏهن تہ ٻين ماڻهن جو اجان حساب ڪتاب جاري هوندو. **(نزهة المجالس ج اول ص 178)**

گدا بھی مُنتَظِر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضِیافت کا (حدائق بخشش شریف)

جنت ۽ دوزخ جا دروازا

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی فرمائن ٿا، **پيٽ** ۽ **شرمگاهہ** جهنّم جي دروازن مان هڪ دروازو آهي ۽ ان جو اصل (يعني حقيقت) پيٽ ۾ري ڪائڻ آهي ۽ **عاجزي** ۽ انڪساري جنّت جي دروازن مان هڪ دروازو آهي ۽ ان جي پاڙ (يعني بنياد) **بُک** آهي. پنهنجي مٿان جهنّم جو دروازو بند ڪرڻ وارو يقيني طور تي پنهنجي لاءِ جنّت جو دروازو کولي ٿو ڇو تہ انهن ٻنهي مُعاملن منجهہ هڪ ٻئي ۾ اوير ۽ اولهہ جيان فرق آهي، انهيءَ ڪري انهن مان هڪ دروازي جي ويجهو ٿيڻ يقيناً ٻئي کان پري ٿيڻ آهي. (يعني جيڪو

بُک جي ذريعي عاجزي اختيار ڪري جنّت جي ويجهو ٿيو تہ اهو جهنّم کان پري ٿيو ۽ جيڪو پيٽ پري ڪائڻ جي ذريعي پيٽ ۽ شرمگاهہ جي آفتن ۾ مبتلا ٿيو اهو جهنّم جي ويجهو ٿي جنّت کان پري وڃي پيو).

(احياءُ العلوم ج3 ص 92)

دور آفت ہو ڈٹ کے کھانے کی
کاش! صورت ہو، خُلد پانے کی

بدن جي اصلاح

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”توهان پيٽ پري ڪائڻ پيئڻ کان بچو ڇو تہ هي جسم کي خراب ڪندو آهي، بيماريون پيدا ڪندو آهي ۽ نماز ۾ سُستي آڻيندو آهي ۽ توهان تي ڪائڻ پيئڻ ۾ وِچٿرائي لازم آهي ڇو تہ ان سان جسم جي اصلاح ٿيندي آهي ۽ فضول خرچيءَ کان نجات ملندي آهي. **(کنزالعمال ج15 ص 183 رقم الحديث 41706)**

پيٽ پري ڪائڻ جون ڇهہ آفتون

حضرت سيّدُنا ابوسليمان داراني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، پيٽ پري ڪائڻ ۾ ڇهہ آفتون آهن: **﴿1﴾** مُناجاتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان محرومي **﴿2﴾** علم ۽ حڪمت جي حفاظت ۾ مشڪلات **﴿3﴾** مخلوق تي شفقت ڪرڻ کان خالي. ڇو تہ پيٽ پريل سمجهندو آهي تہ سيني جو پيٽ پريل آهي تنهنڪري مسڪينن ۽ بُڪايلن جي همدردي کانئس گهٽ ٿي ويندي آهي.**﴿4﴾** عبادت ٻوجهہ محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. **﴿5﴾** خواهشن جو ميڙ گڏ ٿيندو آهي **﴿6﴾** نمازي مسجدن جي طرف وڃي رهيا هوندا آهن ۽ گهڻو ڪائڻ وارا بيت الخلا جا چڪر لڳائيندا رهندا آهن. **(احياءُ العلوم ج3 ص 92)**

خشڪ ماني ۽ لوڻ ڏينا

حضرتِ سيّدُنا محمد بن واسع عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ النَّافِع خشڪ (يعني رُڪي) ماني لوڻ سان ڪائي وٺندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ”جيڪو دنيا ۾ ايتري مقدار ۾ راضي ٿي ويندو آهي اهو ڪنهن جو محتاج ناهي رهندو.“ (مكاشفة القلوب ص 122)

ڪاڏو عقل ڪي ڪائي ڇڏيندو آهي ڏينا

ابن نجيح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چون ٿا، امام اعظم ابو حنيفه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مون کي فرمايو، جڏهن دنيا جو ڪو اهم ڪم اچي وڃي ته ان کي پورو ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪاڏو نہ ڪائو ڇو ته فَاِنَّ الْاَكْلَ يُغَيِّرُ الْعَقْلَ يعني ڪاڏو عقل کي ڪائي ڇڏيندو آهي. (مناقب ابي حنيفه للكردي ص 351)

دل جي سختيءَ جا سبب ڏينا

حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، دل جي سختيءَ جا ٻہ سبب آهن: ﴿1﴾ پيٽ پري ڪائڻ ﴿2﴾ گهٽو ڳالهائڻ.

ياوہ گوئی کی، ڈٹ کے کھانے کی

دُور عادت ہو یا خدایاربّ!

ست گرهہ ڏينا

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ستن يا نَوَن گرهن کان وڌيڪ ڪاڏو نہ ڪائيندا هئا.

(احياءُ العلوم ج3 ص 97)

پيٽ پرڻ جون پريشانيون ڏينا

پيٽ پري ڪائڻ جون آفتون بيان ڪندي حُجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا. (پيٽ پري ڪائڻ واري جي اکين ۾) گهٽي قدر ننڊ پريل هوندي آهي پوءِ جيڪڏهن ان حالت ۾ تهجُّد ٻہ پڙهيائين تڏهن ٻہ عبادت جو ميناج حاصل ڪري نہ سگهندو. پوءِ

مُجَرَّد (يعني غير شادي شده) شخص جڏهن پيٽ ڀري سمهندو آهي تہ ان کي احتلام ٿي ويندو آهي هاڻي جيڪڏهن ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪيائين تہ اهو بہ تڪليف وارو عمل آهي جيڪڏهن وِتر کي تهجد تائين ٿاري ڇڏيائين تہ تهجد تہ ويو، وتر پڙهڻ کان بہ محروم ٿي ويندو آهي هي سڀ پيٽ ڀرڻ جو جنجال آهي. (احياء العلوم ج3 ص 94)

احتلام جو هڪ سبب

حضرتِ سيّدُنا ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، احتلام هڪ عقوبت (مصيبت) آهي". ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي ان سبب ڪان ارشاد فرمايائون تہ بنا موقعي غسل جي تڪليفن جي سبب اهڙيءَ طرح گهڻيون عبادتون نڪري ويندیون آهن. بس نندِ آفتن جو ميڙ، پيٽ ڀرڻ ان جو سبب ۽ بُکيو رهڻ انهن (آفتن) کي قطع ڪرڻ (يعني ڪٽڻ) آهي. (ايضًا)

شيطان رت ۾ گردش ڪندو آهي

هڪ حديثِ مُرسل ۾ آهي، بيشڪ شيطان انسان ۾ رت جيان گردش ڪندو آهي تہ بُک ۽ اڃ جي ذريعي ان جا رستا سوڙها ڪري ڇڏيو.

(اتحاف السادة المتقين ج9 ص 12)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! روايت ۾ **مرسل حديث** جو ذڪر آهي، **مرسل حديث** ان حديث کي چوندا آهن. "جنهن ۾ تابعي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪري ۽ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڇڏي ڏي.

(نزهة النظر في توضيح نخبة الفكر ص 63)

بہ نهرون

سلف صالحين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن فرمائن ٿا، "**پيٽ ڀري** ڪائڻ نفس ۾ هڪ نهر آهي جتي شيطان پهچي ويندو آهي

۽ بُک روح ۾ هڪ نهر آهي جيڪا فرشتن جي گذرگاهه آهي.“
(سبع سنابل مترجم اردو ص 241)

ہمیں بارِ خدایا پیٹ کا قفلِ مدینہ دے
وسیلہ مصطفٰے کا پیٹ کا قفلِ مدینہ دے

چاليهن ڏينهن جو فاقو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن بُک ۽ اڄ جي ذريعي شيطان جو رستو سوڙهو ڪندا هئا. حضرتِ سيّدُنا سَهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چاليهه ڏينهن بُکايل رهندا هئا پوءِ ڪجهه ڪائيندا هئا. (احياءُ العلوم ج 3 ص 98) ڪين سڄي سال جي ڪاڏي لاءِ رُڳو هڪ درهم ڪافي هوندو هو. (الرسالة القشيريه ص 401)

چهه مدني گل

حضرتِ سيّدُنا سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا چهه فرمان ملاحظه فرمايو. ﴿1﴾ قيامت جي ڏينهن ڪو عمل ضرورت کان وڌيڪ ڪائڻ کي ترڪ ڪرڻ کان افضل نه هوندو ڇو ته هي سُنّت نَبَوي آهي﴿2﴾ سمجهدار ماڻهو دين ۽ دنيا ۾ بُک کي تمام گهڻو نفعي بخش قرار ڏين ٿا. ﴿3﴾ آخرت جي طلبگارن جي لاءِ ڪاڏي کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ کي مان نقصانڪار نه ٿو سمجهان. ﴿4﴾ علم ۽ حڪمت کي بُک ۾ ۽ گناهه ۽ جهالت کي پيٽ ڀري ڪائڻ ۾ رکيو ويو آهي. ﴿5﴾ جيڪو پنهنجي نفس کي بُکيو رکي ٿو ان کان وسوسا ختم ٿي وڃن ٿا. ﴿6﴾ ٻانهو جڏهن بُکيو، بيمار ۽ امتحان ۾ مبتلا هوندو آهي ان وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ان جي طرف متوجهه ٿيندي آهي پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ چاهي.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 91)

يا الٰہی بھوک کی دولت سے مالا مال کر
دو جہاں میں اپنی رحمت سے مجھے خُوشحال کر

پيٽو ذليل آهي

قوة القلوب ۾ آهي، ”بُک بادشاهه ۽ پيٽ پرڻ غلام آهي، بُکايل عزّت وارو ۽ (وڏيڪ) پيٽ پريل ذليل آهي“ ۽ هي به چيو ويو، ”بُک سڄي جي سڄي عزّت آهي جڏهن ته پيٽ پرڻ سراسر ذلت آهي“ ۽ ڪجهه اسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کان منقول آهي، فرمايائون، ” بُک آخرت جي ڪنجي ۽ زُهد (يعني دنيا کان بي رغبتي) جو دروازو آهي جڏهن ته پيٽ پرڻ دنيا جي ڪنجي آهي ۽ (دنيا جي طرف) رغبت جو دروازو آهي. (قُوة القلوب ج2 ص 332)

بکايل رهڻ جي تاڪيد ڇو؟

حضرتِ سيّدُنا بايزيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيد جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو، اوهان بُکيو رهڻ تي ايڏو زور ڇو ڏيندا آهيو؟ فرمايائون جيڪڏهن **فرعون** بُکيو هجي ها ته ڪڏهن به خدائيءَ جي دعويٰ نه ڪري ها ۽ جيڪڏهن **قارون** بُکيو هجي ها ته ڪڏهن به بغاوت نه ڪري ها. (مطلب ته انهن تي مال جي گهٽائي ٿي ته نافرمان ٿي ويا.)

(ڪشف المحجوب مترجم ص 647)

الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيه تدبير کان بي خوف ٿيڻ ڪبيره گناهه آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي صحت جي نعمت ۽ دولت جي ڪثرت اڪثر گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي، تنهن ڪري جيڪو

خوب جاندار يا مالدار يا صاحبِ اقتدار هجي ان کي خداءِ عليم و خبير عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان تمام گهڻو ڊڄڻ جي ضرورت آهي جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائين ٿا، ”جنهن شخص تي الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ (روزي ۾ خوب ڪثرت، فرمانبردار اولاد جي نعمت، مال ۽ دولت، سٺي صحت، منصبِ وجاهت عهدو ۽ وزارت يا صدارت يا حڪومت وغيره جي ذريعي) فراخي ڪري پر ان کي جيڪڏهن هي انديشو نہ ٿيندو هجي تہ ڪٿي هي (آسائشون) الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير تہ ناهي اهڙو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان غافل آهي.“

(تنبيه المغترين ص 54)

حضرتِ سيّدُنا امام محمد بن احمد ذهبي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي تصنيف ”**کتاب الکبائر**“ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان نہ ڊڄڻ کي ڪبيره گناهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي، تنهن ڪري سرمائيدارن وغيره سان گڏوگڏ نادارن (غريبن) بيمارن ۽ مصيبت جي ماريلن کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄڻ لازمي آهي جو ٿي سگهي ٿو انهن آفتن جي ذريعي آزمائش ۾ وڌو ويو هجي ۽ ناجائز شڪوه، غير شرعي بي صبري، غربت ۽ مصيبت کي حرام وسيلن جي ذريعي ختم ڪرڻ جون ڪوششون آخرت جي تباهيءَ جو سبب بڻجي وڃن. راحتن ۾ زندگي گذارڻ وارن کي بہ رب عزيز و قدير عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄڻ واجب آهي جو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مليل دنياوي نعمتن جي ذريعي تڪبُّر، نافرماني ۽ مختلف قسمين جي گناهن جو سلسلو وڌندو رهي ۽ نهيل نڪيل خوبصورت بدن ۽ مال ۽ ملڪيت جهنم جي ٻارڻ جو سبب بڻجي وڃي. هن سلسلي ۾ حديثِ نبوي ۽ فرمانِ خداوندي ٻُڌندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڏڪندا.

الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڊر

حضرت سيّدُنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، نبي اڪرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عطا فرمائي ٿو ۽ اهو پنهنجي گناهہ تي قائم آهي تہ هي ان جي طرف کان ڊر آهي. پوءِ هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمايائون.

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾

(پاره 7 سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ آيت 44)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جڏهن انهن وساري ڇڏيو جيڪي انهن کي نصيحتون ڪيون ويون اسان انهن تي هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا ايسيتائين جو جڏهن خوش ٿيا ان تي جو ڪين مليو تہ اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي تڏهن اهي ناااميد رهجي ويا.

(مُسند امام احمد ج6 ص 122 رقم الحديث 17313)

گناهن کي سٺو سمجهڻ ڪفر آهي

مفسرِ شهير مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان هن آيتِ ڪريمہ جي تحت فرمائن ٿا، ”معلوم ٿيو تہ تمام عذابن مان سخت ترين عذاب دل جي سختي آهي جو جنهن جي سبب تعليمِ نبي اثر نہ ڪري. هن آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو تہ گناهہ ۽ معاصي جي باوجود دنياوي راحتون ملڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڏمر ۽ عذاب آهي جو ان سان انسان اجان وڏيڪ غافل ٿي گناهہ ڪرڻ تي دلير ٿي ويندو آهي. بلڪہ ڪڏهن خيال ڪري ٿو تہ

گناهہ سني شيءِ آهي نہ تہ مون کي هي نعمتون نہ ملن ها اهو ڪفر آهي. (يعني گناهہ کي گناهہ تسليم ڪرڻ فرض آهي ان کي ڄاڻي واڻي سنو چوڻ يا سنو سمجهڻ ڪفر آهي) هي بہ معلوم ٿيو تہ نيڪوڪار تي تڪليفون اچڻ رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جو ذريعو آهي جو ان سان ان صالح (يعني نيڪ ٻانهي) جا درجا بلند ٿيندا آهن. " (نورالعرفان ص 210)

دعاءِ مصطفي صلي الله عليه وسلم

الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر هيءَ دعا گهرندا رهندا هئا.

يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰى دِيْنِكَ ۔

يعني اي دلين کي ڦيرڻ وارا منهنجي دل کي پنهنجي دين تي قائم رک.

(مُسند امام احمد ج4 ص 515 رقم الحديث 13697)

يا خدا تُو مرا ايمان سلامت رکھنا

از پئے غوث ورضا سايہ رحمت رکھنا

چاليهہ هزارن مان چار

حضرت سيّدُنا عبدالله بن مبارک رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، هڪ حڪيم (يعني داناءُ) چاليهہ هزار ڳالهين مان هنن چئن جو انتخاب ڪيو: ﴿1﴾ هر عورت تي هر مُعاملي ۾ اعتماد نہ رکو. ﴿2﴾ڪڏهن پنهنجي دولت تي ڀروسو نہ ڪريو﴿3﴾ پنهنجي معدي تي ان جي طاقت کان وڌيڪ ٻوجهہ نہ وجهو (يعني خوب پيٽ ڀري نہ کائيندا ڪريو) ﴿4﴾ اهڙي علم (يعني معلومات ۽ خبرن وغيره) جي پويان نہ لڳو جنهن مان توهان نفعو نہ حاصل ڪري سگهو.

(المنبهات للعسقلاني ص 47)

ست آندا مدينا

الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، **مومن** هڪ آندي ۾ ڪائيندو آهي ۽ ڪافر يا **منافق** ستن آندن ۾ ڪائيندو آهي.

(صحيح بخاري ج 6 ص 246 رقم الحديث 5394)

ستن آندن جو مطلب مدينا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان هي مُراد ناهي تہ مسلمان جو هڪ آندو ۽ ڪافر جا ست آندا هوندا آهن. هر شخص جا ست ئي آندا هوندا آهن. هتي هن ڳالهہ جي طرف اشارو آهي تہ تمام گهڻو ڪائڻ هي ڪافر جو مشغلو آهي. **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي هن حديثِ مبارڪ جي شرح بيان ڪندي فرمائن ٿا، يعني **مومن** جي مقابلي ۾ **منافق** ستُوڻ تي وڌيڪ ڪائيندو آهي يا منافق جي خواهش مومن جي خواهش کان ست ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي، آندي جو ذڪر خواهش ڏانهن اشارو آهي ڇو تہ خواهش ڪاڏي کي اهڙيءَ طرح قبول ڪندي آهي جهڙيءَ طرح آندو. هي مطلب ناهي تہ منافق جا آندا مومن جي آندن کان وڌيڪ هوندا آهن.

(احياءالعلوم ج3 ص 89)

مومن ۽ منافق جي خوراڪ ۾ فرق مدينا

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مومن هڪ ننڍڙي ٻڪريءَ جيان آهي جنهن کي هڪ مٺ ڇوهارا هڪ لپ جَوَ ۽ هڪ ڊڪ پاڻي ڪافي آهي ۽ منافق هڪ درندي (يعني خونخوار جانور) جيان هڙپ هڙپ ڪري ڪائيندو ۽ ڳهندو آهي. ان جو پيٽ پنهنجي ’پاڙيسريءَ جي خاطر ناهي سُسندو ۽ پنهنجي ڀاءُ تي پنهنجي ڪنهن شيءِ جو ايثار ناهي ڪندو.“ (قوت القلوب ج2 ص 324)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غذا

منهنجا آقاءِ نعمت، سرڪارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن تمام گهٽ غذا استعمال فرمائيندا هئا، جيئن تہ حضرت سيّد ايوّب علي شاهه صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غذا وڌ کان وڌ **هڪ پيالي ٻڪريءَ** (جي گوشت) **جو شوروو بغير مرچ جي ۽ هڪ يا ڏيڍ عدد سوجيءَ جو بسڪيٽ ۽** اهو بہ روزانو نہ، ڪڏهن ڪڏهن ناغو بہ ٿي ويندو هيو.

(حياتِ اعليٰ حضرت ج1 ص 27)

کر عطا احمد رضائے احمدِ مرسَل ہميں
ميرے مولیٰ حضرتِ احمد رضا کے واسطے

ست مدني گل

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، **عقلمند** کي گهرجي تہ ستن ڳالهين کي ستن ڳالهين تي فوقيت ڏي: **﴿1﴾** غربت کي مالداري تي **﴿2﴾** ذلت کي عزت تي **﴿3﴾**عاجزي کي خود پسنديءَ تي **﴿4﴾ ٻُڪ** کي پيٽ ڀرڻ تي **﴿5﴾** غم کي خوشيءَ تي **﴿6﴾** غريب نيڪو ڪارن کي بلند پائي جي دنيادارن تي ۽ **﴿7﴾** موت کي زندگيءَ تي.

(المنبهات للعسقلاني ص 85)

پارهن ڏينهن ۾ هڪ پيرو وضو

حضرتِ سيّدُنا عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، ”مون کافي **اهل الله** رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى کي ٻُڪ ۾ نهايت ثابت قدم ڏٺو ايتري تائين جو انهن مان ڪجهہ تہ سڄي هفتي ۾ هڪ پيرو رفع حاجت جي لاءِ ويندا هئا ڇو تہ اهي هرهر بيت الخلا ۾ وڃي اگهاڙي ٿيڻ ۾ الله تبارک

وتعالى كان شرمائيندا هئا. سيّدي شيخ تاج الدين ذاكر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَادِر تہ هن معاملي ۾ ايتري تائين پهچي ويا هئا جو كين بارهن ڏينهن ۾ رُڳو هڪ پيرو وضوءَ جي حاجت پيش ايندي هئي.“

(تنبيه المغترين ص 36)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مدني قافلي جو هڪ مسافر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائيندي گهٽ كائڻ سان اج بہ گهٽ لڳندي آهي ۽ پاڻي گهٽ پيئڻ سان ننڊ بہ گهٽ ايندي آهي. يعني گهٽ ننڊ سان گذارو تي ويندو آهي ۽ ماڻهو چُست تي ويندو آهي. **دعوت اسلامي** جي شروعات ۾ هڪ پيرو اسان جو **مدني قافلو** (باب المدينه ڪراچي) مان پنجاب جي سفر تي هيو. قافلي ۾ شامل هڪ سفيد ريش بزرگ دورانِ سفر مون كي (يعني راقم الحروف كي) ٻُڌايو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ ڏينهن تي چُڪا آهن منهنجو وضو اجان تائين سلامت آهي. ۽ پنهنجي مرحوم پير ۽ مرشد جي باري ۾ ٻُڌايائين تہ انهن جو **پندرهن ڏينهن تائين وضو** باقي رهندو هيو! هي سڀ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ يعني گهٽ كائڻ جون بركتون آهن جو هن سان ننڊ ۽ رفع حاجت جي ضرورت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي ۽ ائين عبادت ۽ دين جي مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ خوب وقت ملي ويندو آهي.

ميں كم بولوں كم سوؤں كم كھاؤں ياربّ!
تِرى بندگى كا مزا پاؤں يا ربّ!

ٽن ڏينهن جو فاقو

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، خاتونِ جنّت سيّدة النساء، فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ماني ءَ جو هڪ ٽڪرو کڻي هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دربار ۾ حاضر ٿيون مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پُڇيو، هي ٽڪرو ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيائين، مون ماني پچائي هئي ته اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بغير کائڻ پسند نه ڪيم ان لاءِ هي ٽڪرو حاضر ڪيو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، **ٽن ڏينهن کان پوءِ هي پهريون کاڌو آهي جيڪو توهان جي والدِ جي** (مبارڪ) **وات ۾ داخل ٿيو آهي.**

(المعجم الكبير للطبراني ج1 ص 259 رقم الحديث 750)

دونوں جہاں کے داتا ہو کر، کون و مکاں کے آقا ہو کر
فاقہ سے ہیں سرکارِ دو عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الله اکبر! ٻنهي جهانن جا خزانا جن جي هٿن ۾ آهن انهن جي دنيا کان ايتريقدر بي رغبتي! هي محبوب رب باري صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اختياري ٻُک شريف هئي نه ته ٻين کي جهوليون ڀري ڀري نوازيندا هئا جيئن ته

کير جو هڪ پيالو ۽ ستر صحابہ عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ان خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي، مان ٻُک جي سبب کان پنهنجو پيٽ زمين تي رکندو هيس ۽ ٻُک جي سبب پيٽ تي پٿر ٻُڌندو هيس هڪ ڏينهن مان ان رستي تي ويهي رهيس

جتان ماڻهو ٻاهر ويندا هئا. ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽان گذريا تہ مون کي ڏسي مُرڪيا ۽ منهنجو چهرو ڏسي منهنجي حالت سمجهي ويا. ارشاد فرمايائون، اي ابوهريره! مون عرض ڪيو، **لبيك يا رسول الله** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) فرمايائون، مون سان گڏ اچو. مان پويان هلڻ لڳس. جڏهن شهنشاهِ بَحْر و بَر مديني جا تاجوَر، ساقيءِ حوضِ ڪوثر، حبيبِ داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ گهر ۾ جلوه گر ٿيا تہ اجازت وٺي مان بہ اندر داخل ٿيس. سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيالي ۾ ڪير ڏنو تہ فرمايائون، ”هي ڪير ڪٿان آيو آهي؟ گهروارن عرض ڪيو. فلاڻي صحابيءَ يا صحابيہ اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ تحفي طور موڪليو آهي. فرمايائون. ابوهريره! مون عرض ڪيو، **لبَّيك يا رسول الله** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) فرمايائون، وڃو، اهلِ صُفّہ کي وٺي اچو. ” **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، تہ اهلِ صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اسلام جا مهمان آهن، نہ انهن کي گهر ٻار سان رغبت آهي نہ مال ۽ دولت سان ۽ نہ اهي ڪنهن شخص جو سهارو وٺندا آهن. جڏهن محبوبِ رب ذوالجلال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ صدقي جو مال ايندو هو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو مال انهن (**اصحاب صُفّہ** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي طرف موڪلي ڏيندا هئا ۽ پاڻ ان مان ڪجهہ نہ ڪٽندا هئا ۽ جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ڪو هديو ايندو هيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وٽ موڪليندا هئا ان مان پاڻ بہ استعمال ڪندا هئا ۽ انهن کي بہ شريڪ فرمائيندا هئا. مون کي هي ڳالهہ ڏکي لڳي ۽ دل ۾ خيال آيو اهلِ صُفہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان)

جو هن کير مان ڇا ٿيندو، مان ان جو وڏيڪ مستحق هيس جو هن کير مان ڪجهه ڏُڪَ پيئان ها ۽ ڪجهه قوت حاصل ڪيان ها. جڏهن اصحابِ صُفّہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) اچي ويندا تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ئي ارشاد فرمائيندا، تہ انهن کي کير پيش ڪر. انهيءَ صورت ۾ تمام مشڪل آهي جو کير جا ڪجهه ڍڪ مون کي ميسر ٿين. پر الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪان بغير چارو نہ هيو. مان اصحابِ صُفّہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) وٽ ويس ۽ انهن کي سڏي آيس. اهي آيا، انهن تاجدارِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اجازت طلب ڪئي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت عطا فرمائي ۽ اهي گهر ۾ حاضر ٿي ويهي رهيا. مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،" ابوهريره !" مون عرض ڪيو، **لبيك يا رسول الله** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). فرمايائون، "پيالو کڻو ۽ هنن کي کير پياريو. " حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، مون پيالو کنيو. مان اهو پيالو هڪ شخص کي ڏيان پيو اهو ڍؤ ڪري پيئي پيو پوءِ پيالو مون کي موٽائي پيو ڏئي. ايسيتائين جو مان پيارينڊو پيارينڊو آقاءِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي ويس ۽ سيئي ماڻهو ڍؤ ڪري چُڪا هئا. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيالو کڻي پنهنجي **دستِ اقدس** تي رکيو. پوءِ منهنجي طرف ڏسي تبسُّم فرمايائون، ۽ ارشاد فرمايائون،"**ابو هريره!** مون عرض ڪيو، **لبيك يا رسول الله** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). فرمايائون، هاڻي مان ۽ توهان باقي رهجي ويا آهيون. عرض ڪيم، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سچ فرمايو، فرمايائون، ”ويهو ۽ پيئو.“ مان ويهي رهيس ۽ کير پيئڻ لڳس. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون، ” پيئو“. مون پيتو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسلسل فرمائيندا رهيا،”پيئو “. ايسيتائين جو مون عرض ڪيو، نہ، قسم آهي ان ذات جو جنهن اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حق سان مبعوث فرمايو، هاڻي وڌيڪ گنجائش ناهي، فرمايائون،” مون کي ڏيکاريو.“ مون پيالو پيش ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله تعالىٰ جي واڪاڻ بيان ڪئي، بِسْمِ اللّٰه پڙهي بچيل کير نوش فرمائي ڇڏيو. (صحيح بخاري ج7ص 230 رقم الحديث 6452)

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي سرڪارِ مڪهءِ مڪرمه، تاجدارِ مدينهءِ منوّره صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عظيم معجزو آهي جو تمام يعني ستر اهلِ صُفّہ عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ملي ڪري بہ کير جو هڪ پيالو پورو نہ پي سگهيا. منهنجا آقا اعلىٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهيءَ ايمان افروز واقعي جي طرف اشارو ڪندي عرض گذار آهن.

کيوں جنابِ بُو هريره! تها وُه کيسا جامِ شير
جس سے ستّر صاحبوں کا دُودھ سے مُنہ پھر گيا

ماڻهن کان بي نيازي

حضرتِ سيّدُنا ابو يحيىٰ مالڪ بن دينار عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، مان حضرتِ سيّدُنا ابو عبدالله محمد بن واسع عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ النَّافِع کي چيو، اي ابو عبدالله! خوش نصيب آهي اهو شخص جنهن وٽ ٿورو اناج هجي ۽ ان کي ڪفايت ڪري ۽ ائين اهو ماڻهن کان بي نياز رهي. اهو ٻُڌي انهن مون کي

فرمايو، اي ابو يحييٰ! ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي جيڪو صبح ۽ شام بُڪيو هجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي هجي.

(احياءُ العلوم ج3 ص 90)

نصيحت بي اثر

منقول آهي،" پيٽ پريل جي نصيحت بي اثر هوندي آهي ۽ جڏهن ان کي نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ ان جو ذهن قبول ناهي ڪندو." (نزهة المجالس ج اول ص 178)

موت جي وقت بدبوءِ

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو، پنهنجو پاڻ کي پيٽ پري ڪائڻ کان بچايو جو هي زندگيءَ ۾ **بوجهہ** ۽ موت جي وقت **بدبوءِ** آهي. (احياءُ العلوم ج3 ص 90)

ڪاڏو وڏيڪ تہ ڪمائڻ بہ وڏيڪ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! سچ فرمايو آهي سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، واقعي **پيٽ جو قفلِ مدينہ** نہ لڳائڻ ۽ خوب پيٽ پري ڪائڻ زندگيءَ ۾ بوجهہ بڻيل رهندو آهي جو وڏيڪ ڪائڻو هجي تہ ان جي لاءِ وڏيڪ ڪمائڻو پوي تو ۽ خوب محنت سان پچائڻو پوي تو، وري پيٽ ۾ دير تائين ان جو بوجهہ ڪٽڻو پوي تو، گهڻو ڪاڏو هاضمي جي سرشتي کي مُتاثر ڪندو آهي، تنهن ڪري قبض، گيس ۽ نہ ڄاڻ پيٽ جون ڪيتريون تڪليفون ڪٽيون پون ٿيون. مطلب تہ وڏيڪ ڪائڻ ۾ خريداريءَ تي بہ خرچ وڏيڪ، گهڙي ڪن زبان جي ذائقي کان پوءِ نڙيءَ کان هيٺ لهندي ئي لذت جو خاتمو ۽ دير تائين پيٽ ۾ "گڙ ٻڙ" جو بوجهہ، وڏيڪ بوجهہ وڌڻ تي ڊاڪٽرن ۽ دوائن وغيره جي خرچن جو بار. تہ اهڙيءَ طرح اهو سڀ بوجهہ بوجهہ ۽ بوجهہ ئي

آهي. ڪاش! ڪجهہ گهڙين جي لذتن جي خاطر تاحيات ٻوجهہ ۽ موت جي وقت جي بدبوءِ جهڙن خطرن کان بچڻ جو ذهن بنائڻ ۾ اسين ڪامياب ٿي وڃون!

عبادت جي لذت کان محروميءَ جو سبب

منقول آهي، جيڪڏهن تون پيٽ ڀري کائڻ جو عادي آهين تہ عبادت ۾ لذت جي اميد نہ رک، ۽ عبادت کان بغير دل ۾ نور ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن عبادت ئي بي لذت هجي تہ اهڙي عبادت سان دل ۾ نور ڪهڙي طرح اچي سگهي ٿو؟ **(منهاج العابدين ص 107)**

بک جي سبب کان بيهوشيءَ جو سبب

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مون (بُک جي ڪري) پنهنجي هي حالت بہ ڏٺي جو مديني جي تاجوَر، محبوبِ رب اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي منبر شريف ۽ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي حُجري مبارڪ جي وچ ۾ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هيس، ڪو ماڻهو ايندو هو ۽ منهنجي ڪنڌ تي پير رکي ڇڏيندو هيو، هو سمجهندو هيو تہ مون تي جُنون جي ڪيفيت طاري آهي، حالانڪہ مون کي جُنون وغيره ڪجهہ نہ هوندو هيو هيءَ حالت بُک جي سبب کان هوندي هئي.“ **(صحيح بخاري ج 8 ص 193 رقم الحديث 7324)**

بخش دے میری ہر خطا یارب!

فاقہ مستوں کا واسِطہ یارب!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو علمي شوق هيو جو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪري سَروَرِ ڪونين، رحمتِ دارين، راحتِ قلب بيچين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمين

شريفين ۾ پيا رهندا هئا. بُکن تي بُکون سهندا هئا ۽ علم حاصل ڪندا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ئي هي اعزاز حاصل آهي جو سڀ کان وڌيڪ احاديثِ مبارڪ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهن. خوب ڊوڙ ڪرڻ، خواهش ناموري، حرص ۽ طمع ۽ حب جاه جي نحوستن جي آلودگين سان تعليم ۽ تعلم (درس ۽ تدريس) ۾ روحانيت جي تلاش ڪندڙن کي منزل ملڻ هڪ ڏکيو امر (يعني ڪم) آهي. تحصيلِ علمِ دين ۾ سراپا اخلاص بڻجي وڃو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جون خوب رحمتون ماڻيو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جي ذريعي بہ علم حاصل ٿيندو آهي ۽ بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون آهن، دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي** جي بهار ملاحظہ فرمايو.

نامعلوم سورٿ

پاڪستان جي صوبي پنجاب جي هڪ اسلامي ياءُ جو بيان آهي، مان دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ "تربيتي ڪورس" جي لاءِ آيو هيس، ان دوران هڪ ڏينهن خميس جو صبح تقريبًا چئين وڳي پيٽ جي ڪابي طرف اوچتو سور پيو، سور ايتريقدر شديد هيو جو **ست انجيڪشن** لڳا تڏهن آرام آيو، معمول موجب جمعرات جو ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي اجتماع جي لاءِ (مدني مرڪز فيضانِ مدينه) ۾ شام جو حاضر ٿيس. رات ڏهين وڳي وري سُور شروع ٿيو پر اجتماع ۾ گُهري ويندڙ اجتماعي دعا جي وقت نيڪ ٿي ويس، هڪ ڪلاڪ کان پوءِ وري تمام **شديد سور** پيو. ڊاڪٽر **ٽي انجيڪشن** لڳايا پوءِ ڪجهه فائدو ٿيو. پوءِ حالت هيءَ ٿي ويئي جو

جڏهن بہ ڪاڏو ڪائيندو هيس **سور** شروع ٿي ويندو هيو. روزانو ٿي چار ٽڪا لڳندا هئا. ڊرپ چڙهندي هئي، الٽرا سائونڊ بہ ڪرايم، پر ڊاڪٽرن کي سُور جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو. مان اسپتال ۾ پيو هيس اتي مون کي معلوم ٿيو تہ مون سان گڏ آيل اسلامي ڀائر سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **12** ڏينهن جي لاءِ سفر جي تياري ڪري رهيا آهن، ڊاڪٽر سفر کان گهڻو روڪيو پر مون کان رهي نہ سگهيو. آءُ **ڊيره بگٽي** (بلوچستان) وڃڻ واري مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. **ڊيره بگٽي** ويندي رستي ۾ ٿورڙو سُور پيو، پوءِ اتان کان اسان "سئي" اچي جمعرات جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوءِ **ڊيره بگٽي** واپس آياسين. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي جي برڪت سان سور اهڙو ختم ٿيو جڻ ڪڏهن هيو ئي نہ ۽** اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مون کي ٻيهر اها تڪليف نہ ٿي ۽ **سڀ کان وڏي سعادت هي ملي جو مون کي مدني قافلي ۾ خواب ۾ مديني جي تاجدار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو ديدار ٿي ويو.**

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
دردِ سر ہو اگر دُکھ رہی ہو کمر — پاؤ گے صِحّتیں قافلے میں چلو
ہے طلب دید کی، دید کی عید کی — کیا عَجَب وہ دِکھیں قافلے میں چلو

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

ڪاش! بڪ خريد ڪري سگهجي ها!

حضرت سيّدُنا يحيىٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن **بُڪ** بازار ۾ وڪرو ٿئي ها ته آخرت جا طلبگار ضرور ان جي خريداري ڪن ها.“ **(الرسالة القشيريه ص 141)**

هر طرف ڪاڏو خريد ڪيو پيو وڃي!

الله! الله! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مدني ذهن جي به ڇا ڳالهه آهي! حضرتِ سيّدُنا يحيىٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”بُڪ“ خريدڻ جي ڳالهه فرمائي رهيا آهن، جڏهن ته نادان ماڻهن ۾ گهٽي ڪائڻ جا باقاعده مقابلا ڪيا وڃن ٿا، جيڪو سيني ڪان وڌيڪ ڪاڏو ڪائي وڃي ان کي وڏو بهادر تصور ڪيو ويندو آهي. افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلهه ماڻهو پيسا ڏئي ڪري ڪاڏي جون بازاري شيون ۽ ان سان گڏوگڏ طرح طرح جا ”امراض“ خريد ڪرڻ ۾ مصروف آهن، هر طرف ڪائڻ پيئڻ جي شين جي خريداريءَ جي ڏُوم مَتل آهي، **فوڊ ڪلچر** جو دؤر هلي رهيو آهي، هڪ هڪ محلي ۾ ڪيترائي ريسٽوران ڪليل آهن، هر طرف هوٽل چمڪي رهيا آهن، چئن پاسن ڪان ڪباب سموسن جا بستا، ڏهي بڙا ۽ آلو چولي جا پريل ٿالهه مسڪرائيندي نظر اچي رهيا آهن چئن ئي طرفن ڪان سيخ ڪباب ۽ چڪن تڪن جي خوشبو ڦهليل آهي، آئسڪريم ۽ سوڊا ليمن جي بوتلن جي دڪانن جون خوب بهارون آهن. ضرورتمند خريدارن سان گڏوگڏ ڪيترائي ماڻهو فقط نفس جي لذت جي خاطر ڪائڻ پيئڻ جي شين متان بي تاب انداز ۾ ڦيريون پيا

ڏين. جيڪو هٿ ۾ آيو ڦڪي رهيا آهن، جيڪو مليو هڙپ ڪري رهيا آهن، نہ ڪنهن کي دنياوي نقصان جو فڪر، نہ بيماريءَ جي پرواهہ ۽ نہ ئي آخرت جي حساب جي لڳل آهي، هر هڪ جي آرزو آهي ڪاوان، ڪاوان ۽ بس ڪاوان ۽ ڪائيندو ئي رهان ڇڻ هر طرف ڪان صدائون بلند ٿي رهيون آهن.

ڪائو پيئو، جان بڻايو!

ڪاش! سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام و شهيدان ڪربلا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مبارڪ بُک اسان کي ياد رهي. هاءِ! افسوس! اسان "ڪاوان ڪاوان" جا نعرا لڳائي رهيا آهيون ۽ انهن مقدس هستين جي طرف ڪان " بُک بُک"جا پيغام ملي رهيا آهن. اسين جيتوڻيڪ هر گهڙي ڪائڻ پيئڻ ۾ مشغول آهيون پر ڪا تہ ڳالهہ آهي جو تمام انبياء، صحابہ ۽ اولياء عَلَيْهِمُ السَّلَام و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي طرف ڪان **ڏهڻ ڪائڻ** جو درس ملي رهيو آهي.

شوق کھانے کا بڑھ چلا یارب! نفس کا داؤ چل گیا یارب!
خوب کھانے کی خو مٹا یارب! نیک بندہ مجھے بنا یارب!

گهڻو ڪائڻ ڪافرن جي صفت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رُڳو نفس جي لذت جي لاءِ ڪابہ شيءِ ڪائڻ صحيح ناهي. صدرالشريعہ، بدرالطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، قرآن ڪريم ۾ **ڪافرن جي صفت** اها بيان ڪئي ويئي آهي تہ ڪاڏي مان انهن جو مقصد تلذُّذ و تنعُّم (يعني رُڳو لطف ۽ لذت حاصل ڪرڻ) هوندو

آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ ڪثرت خوري (يعني گهڻو کائڻ) ڪافرن جي صفت ٻُڌائي وئي آهي. (ماخوذ از بهارشريعت حصو 16 ص 30)

"کھاؤں کھاؤں" کی خُو نکل جائے
نَقلِ کُفّار سے بچا یا ربّ

بک ۾ طاقت نه ڏيندي

حضرت سيّدُنا سهل بن **عبدالله** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي حالت اها هئي جو جڏهن بُکايل هوندا هئا تہ **طاقتور** هوندا هئا پر جڏهن ڪجهہ کائيندا هئا تہ **ڪمزور** ٿي ويندا هئا!

(الرسالة القشيريه ص 142)

ڪنهن فارسي شاعر ڇا تہ پياري ڳالهہ چئي آهي.

اگر لذّتِ ترکِ لذّت بدانی
دِگر لذّتِ نَفْس، لذّت نخوانی

(يعني جيڪڏهن تون لذتن کي ڇڏڻ جي لذت کي ڄاڻي وٺين تہ پوءِ نفس جي لذت کي ڪڏهن بہ لذت نہ ڄاڻندين.)

تصوف کي حاصل ڪرڻ

حضرت سيّدُنا جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا، اسان تصوف کي قِيل ۽ قال (يعني بحث ۽ مباحثہ) سان نہ پر **بُک**، دنيا کان دوري ۽ نفساني لذتن کي ترڪ ڪري (پوءِ) حاصل ڪيو آهي. **(سبع سنابل مترجم ص 241)**

مان سڀ کان برو آهيان

حضرتِ سيّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، نيڪ ٻانهن جون پنج نشانيون آهن: **《1》** سني صحبت ۾ رهندو آهي. **《2》** زبان ۽ شرمگاهہ جي حفاظت ڪندو آهي **《3》** دنيا جي نعمت کي جنجال ۽ ديني نعمت کي ربّ ذوالجلال جو فضل تصور ڪندو آهي **《4》** حلال کاڌو بہ

هن خوف کان پيٽ ڀري ناهي کائيندو جو ان ۾ ڪٿي حرام نہ مليل هجي. ﴿5﴾ پاڻ کان علاوه سيني مسلمانن کي نجات يافتہ تصور ڪندو آهي ۽ پاڻ کي گناهگار سمجهندي پنهنجي هلاڪت جو خطرو محسوس ڪندو آهي. (المنبهات للعسقلاني باب الخماسي 59)

ہائے! حُسنِ عمل نہیں پلے حشر میں ہوگا کیا مرا یا ربّ!
خوف آتا ہے نارِ دوزخ سے ہو کرم بہرِ مصطفٰے یاربّ!

بُک جي ڪري ڪري پوندا هئا

حضرت سيّدُنا فضالہ بن عُبيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، حبيبِ ڪبريا، امام الانبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا تہ ڪجهہ صحابہ عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان نماز ۾ ئي قيام جي حالت ۾ بُک جي سختيءَ جي ڪري ڪِري پوندا هئا، ۽ اهي اصحابِ صُفہ هوندا هئا. ايستائين جو اعرابي (ڳوٺاڻا) چوڻ لڳندا هئا، هي ماڻهو ديوانا آهن. جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز مان فارغ ٿيندا هئا تہ انهن ڏانهن ڏيان ڏئي فرمائيندا هئا، جيڪڏهن توهان کي ڄاڻ ٿي وڃي تہ توهان جي لاءِ الله تعالى وٽ ڇا (اجر ۽ ثواب) آهي تہ توهان ان ڳالهہ کي پسند ڪريو ها تہ توهان جي بُک ۽ حاجت منديءَ ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي. (جامع ترمذي ج4 ص 162 رقم الحديث 2375)

فاقہ مَستی کی دُھن ملے یاربّ
دل کا مُرجھایا گل کھلے یاربّ

ڪيترن ئي ڏينهن جو فاقو

صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی مان ڪيترائي، ڪافي ڏينهن تائين نہ ڪائيندا هئا جيئن حجة الاسلام امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی فرمائن

تا، حضرتِ **سيّدُنا صديق اڪبر** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ڇهن ڏينهن** تائين ڪجهه تناوُل نه فرمائيندا هئا، حضرتِ **سيّدُنا عبدالله** بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ستن ڏينهن** تائين نه ڪائيندا هئا، حضرتِ **سيّدُنا عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جا شاگردِ رشيد حضرت **ابو الجوزا** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ستن ڏينهن** بکايل رهندا هئا، حضرتِ **سيّدُنا ابراهيم بن ادهم** ۽ حضرتِ **سيّدُنا سفيان ثوري** رَحِمَهُمَا اللّٰہُ تَعَالٰی هر **ٽن ڏينهن** کان پوءِ ڪاڏو تناوُل فرمائيندا هئا. هي سڀ حضرات **بُک** جي ذريعي آخرت جي رستي تي هلڻ ۾ مدد حاصل ڪندا هئا. (احياءُ العلوم ج3 ص 98)

فاقہ مَستوں کا واسِطہ مولیٰ بخش دے میری ہر خطا مولیٰ

سڄي سال جو فاقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترن ئي ڏينهن تائين بُکايل رهڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهه ناهي، اهو انهن حضرات جو حصو ۽ انهن جي **ڪرامت** هئي، حقيقت اها آهي ته انهن کي روحاني غذا حاصل هئي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڪجهه اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی چاليهن چاليهن ڏينهن تائين نه ڪائيندا هئا بلڪه اسان جا غوثِ الاعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ **هڪ سال** بغير ڪائڻ پيئڻ جي گذاريو آهي. شهنشاهِ بغداد اسان جي غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪارائيندو ۽ پيارينندو هيو. جيئن ته منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو هڪ مبارڪ شعر آهي،

قسميں دے دے کے کھلاتا ہے پِلاتا ہے تجھے
پیارا اللہ ترا چاہنے والا تیرا (حدائق بخشش)

بغير ڪائڻ پيئڻ جي ماڻهو ڪيترا ڏينهن زندهه رهندو آهي؟

ڊگهي عرصي تائين نه ڪائڻ پيئڻ جي باوجود جيئڻ ۽ زندگيءَ جي معمولات ۾ فرق نه اچڻ جا مُعاملات "خواص" جا آهن، انهن کي روحاني غذائون ملنديون آهن. "**عوام**" هنن ڊگهن فاقن (يعني بُکن) کي برداشت نه ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن ڪو جذبات ۾ اچي فاقو (يعني بُک ڪاٽڻ) شروع ڪري به ڇڏي ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حوصلو هاري ويهندو ۽ پوءِ شايد ٻيهر همت به نه ڪري سگهي. هڪ ڊاڪٽر جي تحقيق جي مطابق بغير ڪجهه ڪائڻ جي **18** ڏينهن ۽ جيڪڏهن تمام گهڻو طاقتور هجي ته وڌ کان وڌ **25** ڏينهن ۽ پڻ بغير پاڻي پيئڻ جي ٿي ڏينهن ۽ آڪسيجن کان سواءِ هڪ منٽ کان وني وڌ ۾ وڌ پنج منٽن تائين انسان زندهه رهي سگهي ٿو.

عوام ڪيترو ڪائي؟

عام ماڻهو جي لاءِ ايترو به ڪافي آهي جو هو جيڪڏهن گهڻي ڪائڻ جو عادي آهي ته رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ لاءِ "**پيٽ جو قفلِ مدينه**" لڳائيندي هوريان هوريان گهٽ ڪندي ڪندي ٿيون حصو پيٽ ڀرجي وڃي ايتري خوراڪ تي ڪفايت (يعني گذارو) ڪرڻ سکي وني. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بُک جون برڪتون به حاصل ٿينديون، ڪمزوري به نه ٿيندي ۽ حيرت انگيز طور تي صحت به بهتر ٿي ويندي ۽ پڻ ڊاڪٽرن جي وڏين وڏين فِيُن ۽ دوائن جي خرچن مان به تقريبًا جان ڇٽي پوندي. يقين نه ايندو هجي ته تجربو ڪري ڏسو.

مری ڈٹ کے کھانے کی عادت مٹادے
مجھے متّقی تُو بنا یا الٰہی عزوجل

بيمار دل جون دوائون

حضرت سيّدُنا عبدالله انطاكي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ بيمار دل جون پنج دوائون آهن: (1) نيڪن جي صحبت (2) تلاوتِ قرآن پاڪ (3) گهٽ کائڻ (4) تهجد جي پابندي (5) رات جي آخري حصي ۾ روئڻ ۽ ٻاڏائڻ.

(المنبهات للعسقلاني باب الخماسي ص 60)

هڪ هزار سال جيئڻ وارو پکي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! ڪجهه ماڻهو ايڏو گهڻو کائيندا آهن جو پيٽ بہ الامان الامان پڪاريندو آهي ۽ هٿو هٿ سُستي اچي ويندي آهي. هلڻ تہ هڪ طرف رهيو سندن اٿڻ بہ مشڪل ٿي پوندو آهي. هتي شايد ڳجهہ پکيءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جو ڳجهہ جڏهن ڪنهن مردار کي کائڻ جي لاءِ لهندو آهي تہ ان جي هيبت کان ٻيو ڪو پکي ويجهو بہ ناهي ڦڙڪندو پر ايترو گهڻو کائيندو آهي جو ان جي لاءِ اڏامڻ مشڪل ٿي ويندو آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ ان کي ڪو ڪمزور شخص (بلڪ ٻار) بہ پڪڙڻ چاهي تہ پڪڙي سگهي ٿو! ڏنو توهان! پيٽ جو قفلِ مدينه نہ لڳائڻ يعني تمام گهڻو کائي ڇڏڻ مردار خور ڳجهہ جي صفت آهي. ڳجهہ هڪ هزار سال تائين زندهہ رهندو آهي. بدبوءِ ان کي پسند آهي، خوشبوء کان سخت نفرت ڪندو آهي جيڪڏهن سنگهي وٺي تہ مري ويندو آهي. حضرتِ سيّدُنا امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ارشاد

آهي ڳجهہ جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ چوندو آهي،" اي انسان! جيترو چاهين زندهہ رهي وٺ آخر هڪ ڏينهن موت اچي رهندو."

(حياة الحيوان الكبريٰ ج2 ص474)

موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ جان جاکر ہی رہے گی یاد رکھ
قبر میں میّت اُترنی ہے ضَرور
جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور

دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفرءِ روزانو **فڪرِ مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

مڇراٽ کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! لذت جو حرص موت جو ڪارڻ ٿيندو آهي، **مڇر** انساني رت جو حريص ٿيندو آهي، هي رت جي رڳ جي مٿين چمڙيءَ تي جيڪا نسبتًا نرم ٿيندي آهي. ان تي ويهي پنهنجي ڪوڪلي سُونڊ وجهي ڪري رت چوسڻ ۾ مشغول ٿي ويندو آهي ڪڏهن تہ ايترو گهڻو پي وٺندو آهي جو اڏرڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي يا ان جو پيٽ ئي ڦاٽي پوندو آهي ۽ مري ويندو آهي! **مڇر** ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هيءَ قوت رکي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن **اُٺ** کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي، بلڪ هر چوپائي کي قتل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. **مڇر** جي ڏنگ سان مري ويل جانورن کي جيڪو بہ درندو يا

پڪي ڪائيندو آهي، اهو بہ ٿُرت مري ويندو آهي. پُراڻي زماني ۾ عراق جي بادشاهن وٽ **موت جي سزا** جو انتهائي درد ناڪ طريقو هيو ۽ اهو هي تہ ڏوهاريءَ کي اگهاڙو ٻڌي **مڇرن** جي نالين وٽ رکي ڇڏيندا هئا ۽ اهو مڇرن جي هرهر ڏنگڻ جي ڪري ڦٽڪي ڦٽڪي آخرڪار مري ويندو هو. (نمرود کي بہ مڇر ئي ماريو هو) **(حياة الحيوان الكبريٰ ج اول ص 184)**

ٿلهو مڇر

حضرتِ سيّدُنا ربيع بن انس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مڇر جيستائين بُکيو رهي ٿو تہ جيئرو رهي ٿو ۽ جڏهن کائي پئي ڍؤ ڪري تہ ٿلهو ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ٿلهو ٿي وڃي ٿو تہ مري وڃي ٿو. اهو ئي حال ماڻهوءَ جو آهي جو جڏهن هُو دنيا جي نعمتن کان مالا مال ٿيندو آهي تہ ان جي دل مرده ٿي ويندي آهي.“

(تنبيه المغترين ص 54)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مڇر تہ **ٿلهو** ٿيندي ئي موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي ۽ خاڪ ۾ ملي ويندو آهي پر افسوس! انسان جڏهن **مٽارو** ٿي ويندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن قسمين قسمين آفتن کان دنيا ۾ ئي پريشان ٿيندو آهي ۽ مختلف قسمن جي گناهن ۾ پئجي **الله** ۽ **رسول** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ سڪرات ۽ قبر ۽ حشر جي سختين ۽ جهنّم جي درد ناڪ عذابن ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي. جيئن تہ

مَٽاري بدن جون آفتون

حضرت سيّدُنا يحيىٰ مُعاذ رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو **پيٽ پري ڪائڻ جو عادي** ٿي ويندو آهي ان جي بدن تي **گوشت** وڌي ويندو آهي ۽ جنهن

جي بدن تي گوشت وڌي وڃي ٿو، اهو **شهوت** (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا **گناهہ** وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهہ وڌي ويندا آهن ان جي دل سخت ٿي ويندي آهي ۽ جنهن جي دل سخت ٿي ويندي آهي اهو **دنيا** جي آفتن ۽ رنگينين ۾ غرق ٿي ويندو. **(المنبهات للعسقلاني باب الخماسي 59)**

کھانے کی حرص سے تُو یارب نَجات دیدے
اچّھا بنا دے مجھ کو اچّھی صِفات دیدے

پيٽو تي گناهن جي پرمار

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڳٽتي سخت ڳٽتيءَ جي ڳالهہ آهي جو پيٽ ڀري کائڻ گناهن ۾ انسان کي غرق ڪري ٿو ڇڏي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ارشاد فرمائن ٿا گهٽو کائڻ سان عضون ۾ فتنو پيدا ٿئي ٿو ۽ فساد پيدا ڪرڻ ۽ اَڏنگو ڪم ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ٿيندي آهي، ڇو تہ جڏهن انسان خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي تہ ان جي جسم ۾ تڪبر ۽ اکين ۾ **بدنگاهي** جي خواهش پيدا ٿيندي آهي ڪَنَ ٻُريون ڳالهيون ٻُڌڻ جا مشتاق رهندا آهن، زبان **فحش گوئي** تي آماده ٿيندي آهي، شرمگاهہ شهوت رانيءَ جي تقاضا ڪندي آهي. پير ناجائز جڳهن جي طرف هلڻ جي لاءِ بيقرار ٿيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انسان ٻُکيو هجي تہ بدن جا سيئي عضوا پُرسڪون رهندا ۽ نہ ئي ڪنهن ٻُرائيءَ جي لالچ ڪندا ۽ نہ ئي ٻُرائي کي ڏسي ڪري خوش ٿيندا. **حضرت** استاد ابو جعفر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْبَر جو ارشادِ گرامي آهي، ”پيٽ جيڪڏهن

بُکيو هجي تہ جسم جا باقي عضوا سير يعني پُرسُڪون هوندا آهن، ڪنهن شيءِ جو مطالبو ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن پيٽ ڀريل هجي تہ ٻيا عضوا بُکيا رهڻ جي سبب مختلف بُراين ڏانهن رجوع ڪندا آهن. (منهاج العابدين ص 92)

هلڪي بدن جي فضيلت

حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي، نبيّ ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو،"الله عَزَّوَجَلَّ کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ کائڻ وارو خفيف (يعني هلڪي) بدن وارو آهي. (الجامع الصغير ص 20 رقم الحديث 221)

مرد ۽ عورت جو وزن ڪيترو هئڻ گهرجي

گهٽو کائڻ جي هڪ آفت جسم جو وزن وڌي وڃڻ ۽ ٻاهر پيٽ نڪري اچڻ بہ آهي ۽ اڄ وڏو تعداد هن مرض ۾ مبتلا آهي. وزن جو مقدار پنهنجي پنهنجي قد جي لحاظ سان هوندو آهي. وچولي قد (سادا پنج فٽ يعني 66 انچ) واري مرد جو وزن 150 پاؤنڊ (يعني 68 ڪلوگرام) ۽ وچولي عورت (سوا پنج فٽ يعني 63 انچ) جو 130 پاؤنڊ (يعني 59 ڪلوگرام) کان هرگز وڌڻ نہ گهرجي. پنهنجو قد ماپي ڏنل اندازي موجب جيڪو بہ چاهي پنهنجي وزن جو حساب لڳائي سگهي ٿو.

سيدنا يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو وزن

جيڪو جيڏو ڊگهي قد جو هجي ان حساب سان ان جو وزن بہ وڌيڪ هئڻ ضروري آهي، پهريان جي دؤر ۾ قد تمام وڏو هوندو هيو انهيءَ حساب سان وزن بہ وڌيڪ هوندو هيو. جيئن تہ **مفسرِ** شهير

مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، عزيزِ مصر، مصر جي بازار ۾ حضرتِ سيّدُنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي هن ريت خريد ڪيو جو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي وزن جي برابر سون، اوتري ئي چاندي، اوترو ئي تتاري مُشڪ، اوترا ئي موتي ۽ اوترو ئي ريشمي ڪپڙو ڏنو هو. ان وقت پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جو وزن چار سؤ رطل (هڪ رطل اڌ سير جي برابر ٿيندو آهي ان حساب سان) **پنج منڻ** هيو ۽ عمر شريف **بارهن سال** هئي. (نورالعرفان ص 378) پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام سهڻي بيهڪ وارا ۽ انتهائي حسين هئا ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي وزن موجب يقيناً قد آور به هئا.

ٿلهو ٿيڻ جا سبب

ياد رهي! جيڪو ويچارو هن مرض ۾ مبتلا هجي ان تي ڪِلڻ، ٽوڪ ڪرڻ يا بنا شرعي اجازت جي ڪهڙي طرح به دل آزاريءَ جو ذريعو بڻجڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. گڏوگڏ هي ضروري به ناهي ته رُڳو ڪائڻ پيئڻ جي ڪثرت جي سبب پيٽ نڪتل هجي. ڪيترائي گهڻو ڪائڻ وارا به ڏُبرا هوندا آهن! بهرحال ويهي دير تائين لکڻ پڙهڻ يا دفتري ڪم ڪار ڪرڻ ۽ پيادل هلڻ بدران رُڳو اسڪوٽر ڪار وغيره ۾ سفر ڪرڻ، پلٿي هڻي ڪائڻ، ميز ڪرسي تي پير لٽڪائي ڪائڻ، گهڻو گرم ڪائڻ، بدن جو وزن اڪثر ڪاٻي طرف رکڻ مثلاً وينڊي يا ڪاڏو ڪائيندي ڪاٻو هٿ زمين تي رکڻ، پِٽ وغيره تي ڪاٻي طرف سهارو وٺڻ جي عادت وغيره سان به پيٽ ۽ وزن وڌي سگهن ٿا. جيڪو **پيٽ جو قفل مدينه** نه ٿو لڳائي يعني خوب پيٽ ڀري ڪائيندو آهي، پزّا (PIZZA) پَراٺا ۽ هر قسم جون مُرغن (يعني

تيل، گيهہ سان پريل) غذائون هڙپ ڪري وڃي ٿو. آئسڪريم ۽ ٿڌا مشروبات بہ پيٽ ۾ وجهندو رهي ٿو ۽ ان جو وزن بہ وڌيڪ ۽ پيٽ بہ نڪتل آهي تہ ان کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ مون پاڻ ئي پنهنجو وزن وڌائي ڇڏيو آهي. ماڻهو شايد ٿڌين بوتلن کي بہ نقصانڪار نہ سمجهندا هوندا جڏهن تہ 250 ملي ليٽر جي هڪ **ٿڌي بوتل ۾ تقريبًا ست چمچا ڪنڊ هوندي آهي** ۽ آئسڪريم چڱو ڀلو "شوگر بم" آهي، وزندار ماڻهوءَ کي تہ **ٿڌي بوتل ۽ آئسڪريم** ڏانهن ڏسڻ بہ نہ گهرجي جو هي ان جي حق ۾ منو زهر آهي! خاص طور تي ٽي شيون بدن جو وزن وڌائيندڙيون آهن.(1) ميدو(2) سٽي۽ (3) مناڻ. اسان جي تقريبًا هر غذا ۾ اهي ٽئي شيون موجود هونديون آهن. هڪ حد تائين انساني جسم جي لاءِ هنن جو هجڻ بہ ضروري آهي. جنهن جي رت ۾ شوگر وڌي وڃي اهو بہ مريض ۽ جنهن جي رت ۾ شوگر ضرورت کان گهٽ ٿي وڃي اهو بہ مريض ٿي ويندو آهي تہ جيڪو پيٽ ڀري کائڻ وارو هوندو ان جي پيٽ ۾ هنن ٽنهي شين جا جُزا ضرورت کان وڌيڪ مقدار ۾ ٿي ويندا ۽ ٿي سگهي ٿو ائين بدن جو وزن بہ وڌندو وڃي ۽ انهيءَ سبب ڪان ڪيٽريون ئي بيماريون بہ ٿينديون رهن. ڪجهہ ماڻهن جي قدرتي طور تي بناوٽ اهڙيءَ طرح ٿيندي آهي جو اهي ڪيترو بہ کائن تہ بدن ناهي وڌندو، سنهڙا ئي رهندا آهن، ان جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ ڪين وڌيڪ کائڻ نقصان نہ ڪندو. انهن کي بہ گهڻي کائڻ سان پيٽ جي خرابي ۽ دل جي بيماري وغيره جي شڪايت ٿي سگهي ٿي. دل جي مرضن

جو تعلق جيتوڻيڪ گهڻي ڪائڻ سان آهي پر فڪر ۽ پريشاني (TENSION) جي ڪري به دل جو دؤرو پئجي سگهي ٿو ۽ انسان جو هارٽ فيل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن **جوانيءَ** ۾ ئي ميدو، سٽي ۽ مناڻ وارين شين جو استعمال گهٽ ڪيو وڃي ته زندهه رهڻ جي صورت ۾ **پوڙهائپ** ۾ سهولت ٿي سگهي ٿي.

جواني جي تعريف

لُغتن جي ڪتابن مطابق (بالغ ڪان وٺي) 30 يا 40 سالن تائين ماڻهو **جوان** رهندو آهي. 30 يا 50 سال جواني ۽ پوڙهائپ جو وچون وقفو يعني **اڌڙوٽ** ۽ ان ڪان پوءِ **پوڙهائپ** اچي ويندي آهي بهتر ته اهو ئي آهي ته هڪ ڏينهن جي ٻار جي غذا ۾ به احتياط ڪجي ۽ پڻ بالغ ٿيندي ئي پرهيزيءَ ڏانهن توجهه وڌائي وڃي. جيڪڏهن 30 سال جو ٿي وڃڻ جي باوجود جيڪو هٿ ۾ آيو اهو ڪائيندو رهيو ته ان جو نقصان پاڻ ئي ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيندو. پوءِ جيئن جيئن عمر وڌندي ويندي بيماريون پاڙ پڪڙڻ شروع ڪنديون. جيڪڏهن ڪو 50 سالن جو ٿي وڃي پوءِ به هر شيءِ ڪائي ته اهو اهڙو آهي جڻ اردو چوٽي جيان چئي رهيو هجي ته، "آ بيل مجھے مار." اهڙن جو شوگر، ڪوليسٽرول وغيره ڪان بچڻ تمام مشڪل هوندو آهي. **30** سالن جي عمر ڪان پوءِ عام طور تي رت ۾ مرضَ پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن، تنهن ڪري هر ڇهن مهينن ڪان پوءِ مختلف ٽيسٽون ڪرائيندو رهڻ مفيد آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مرض نڪري اچي ته علاج سان گڏوگڏ هر ڏيڍ مهيني ڪانپوءِ ان جي ٽيسٽ ٿيڻ گهرجي. اهو سوچي ٽيسٽ نه ڪرائڻ تمام

وڏي پُل آهي جو ڪجهه نڪتو تہ ٽينشن ٿيندو. هي ذهن ۾ رکو تہ مرض جي طرف کان لاپرواهي ڪرڻ مرض جو علاج ناهي. هي لاپرواهي اڳتي هلي نقصان جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي. باقي ويچارن هن عمر جي ڪيترن ئي ماڻهن جو ڏينهون ڏينهن هارٽ فيل ٿي رهيو آهي. لقوو ۽ فالج (يعني اڌ رنگ) جون شڪايتون بہ عام آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان سيني جي حفاظت فرمائي ۽ اسان کي آزمائش کان بچائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پزا (PIZZA) جا نقصان

پزا ۽ تيل ۽ گيهه وارا ٻيا بازاري ڪاڌا (FASTFOOD) تيزيءَ سان ٿلهائپ آڻيندا آهن، هي صحت جي لاءِ انتهائي نقصانڪار آهن، بازاري ڪاڌن ۾ عام طور تي سَستيون ۽ ڪيترن ئي ڏينهن جون پاروٿيون شيون بہ استعمال ڪيون ويندیون آهن. خاص طور تي گرميءَ جي موسم ۾ پڪل پاروٿين شين کي جلد سينوَر يعني ڄارو (FUNGUS) نالي جراثيم جو تهه ڄمي ويندو آهي. جنهن ڪري فوڊ پوائزن جو شڪار ٿي بيمار يا موت سان منهن ڏيڻ جو انديشو رهندو آهي. **عرب امارات** جتي هوٽلن جي ڪاڌن جو ڪافي اعليٰ معيار مڃيو ويندو آهي، اتان جي انگلش اخبار ”خليج ٽائمز“ جي **4** آگسٽ **2004** جي شماري ۾ هڪ تنقيدي مضمون شايع ٿيو جنهن ۾ متحده عرب امارات جي گاديءَ واري هنڌ **ابوظهبي** جي هوٽلن جي فاسٽ فوڊ يعني تيل گيهه واري تيار ٿيل ڪاڌن ۽ بالخصوص پِزا (PIZZA) جي ڪافي نِندا ڪئي

ويئي. اخباري بيان (جو خلاصو آهي) ابوظهبي جي اڪثر اسپتال ۾ دواخانن ۾ هفتي ۾ ٽي يا چار مريض اهڙا ايندا آهن جن کي پِزا وغيره کائڻ جي سبب کان فوڊ پوائزن هوندو آهي! ان جي مرضن ۾ **النّيون، دست، بد هاضمو، ڪمزوري ۽ جسم ۾ سُستي** وغيره شامل آهن. هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي، گذريل هفتي مون وٽ ٽي مريض آيا ٽنهي پِزا کاڌا هئا، هنن مان هڪ مريض بن ڏينهن تائين داخل رهيو. هن مضمون ۾ ٻين ڊاڪٽرن جا بيان به شامل هئا، سيني جي راءِ جو خلاصو اهو سامهون آيو ته **بازاري غذائون ۽ پِزا وغيره کائڻ بيماريءَ کي هٿوهٿ سيني لائڻ آهي.**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پِزا فاسٽ فوڊ ۽ مُرغن (روغنيات واريون) غذائون کائڻ سان رت ۾ ڪوليسٽرول جو مقدار وڌندو آهي، ڪوليسٽرول جا اثرات شريانين (يعني رت جي ننڍين ننڍين رڳن) کي سخت ۽ سوڙهو به ڪندا آهن، جن سان سِڌو سنئون دل کي نقصان پهچڻ جو هر وقت امڪان رهندو آهي. جيڪڏهن مريض کي ان سان گڏ شوگر به هجي ۽ اهو سگريٽ جو به عادي هجي ته **STROKE** يعني چڪرائجي ڪِري پوڻ يا هارٽ اٽيڪ جو خطرو ويتر وڌي ويندو آهي. جسماني صحت جي لاءِ سادي ۽ تازي خوراڪ ۽ وزن جو تناسب صحيح رکڻ تمام ضروري آهي جو ان سان ٽلهائپ ۽ غير ضروري ڪوليسٽرول کي روڪڻ ۾ مدد ملندي آهي.

هڪ پزا خور جي حڪايت

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته آءُ سنهڙو ۽ ڪمزور هيس، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جون برڪتون حاصل ٿيڻ کان اڳ مادرن

دوستن جي صحبت ۾ هئس، اسان جي فريندڙ سرڪل ۾ ” ڪائڻ“ جا مقابلا ٿيندا هئا ۽ آءُ اڪثر گهٽي مقدار ۾ ڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هيس پر بدن پوءِ بہ سنهو ئي هيو. آخرڪار ڪنهن **پزّا** ۽ **پيپسي ڪولا** جي عادت وجهي ڇڏي. مون پهريون پيرو **پزا** ڪاڏو ان وقت شايد منهنجو وزن **60** ڪان **62** ڪلو گرام هيو. شروعات ۾ مهيني ٻن مهينن ۾ هڪ پيرو ڪائيندو هيس پوءِ چسڪو وڌيو تہ هفتي ۾ هڪ پيرو ڪڏهن بہ پيرا ڪائيندو هيس، ان سان گڏ پيپسي (يا ڪابہ ڪولا ڊرنڪ يعني ڪاري بوتل جيئن ڪوڪا ڪولا وغيره) ۽ مايونيز (MAYONNAISE) (هڪ قسم جي مخصوص سٽي) واري سلاد جو مزو وٺندو هيس، آهستي آهستي منهنجو وزن وڌڻ شروع ٿيو، آءُ خوش فهمي ۾ هئس تہ ”واهہ! پنهنجي تہ جان نهي رهي آهي!“ مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ جان نهڻ بدران برباد ٿي رهي آهي! “ مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ هن بازاري **پزّا** رت ۾ ڪوليسٽرول CHOLESTEROL پيدا ڪري هوريان هوريان منهنجي دل کي نقصان پهچائڻ شروع ڪيو آهي! آهہ! **60** ڪلو گرام کان وڌي منهنجو وزن **95** ڪلو گرام ٿي ويو! مان ٿلهو ٿي ويس ۽ منهنجو پيٽ ڦوڪجي دهل بڻجي ويو، رت ۾ ڪوليسٽرول وڌي ويو ۽ ڪجهہ مرض دائمي طورتي ڳچيءَ ۾ پئجي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ خوش قسمتيءَ سان **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** جي برڪت سان **پيٽ جي قفلِ مدينه** جا فضائل ٻُڌي منهنجو ذهن نهيو ۽ مون گهٽ ڪائڻ شروع ڪيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ (بيان ڏيڻ تائين) منهنجو **5** ڪلو

گرام وزن گهٽ ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ پنهنجي اندر چُستي ۽ هلڪائپ محسوس ڪري رهيو آهيان. مون کي سفر وڌيڪ ڪرڻا هوندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي ان ۾ بہ ڪافي آساني ٿي ويئي آهي. جيئن تہ پيٽ جو قفلِ مدينه معدي کي حيرت انگيز طور تي درست ڪري قبض وغيره کي پاڙان پَٽي ڇڏيندو آهي تنهن ڪري سڀ کان عظيم فائدو هي ٿيو آهي جو هر وقت باوضو رهڻ واري "**مدني انعام**" تي عمل ٿيڻ شروع ٿي چُڪو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گهر ۾ جَوَ شريف جي ماني پَچائڻ جي ترڪيب بڻجي ويئي آهي. دعا ڪريو تہ مون کي استقامت ملي وڃي ۽ هر مسلمان کي پيٽ جي قفلِ مدينه جي معرفت نصيب ٿي وڃي. ها ٻِڙا وغيره جي باري ۾ منهنجا هي جذبات آهن تہ " ڪنهن کي ٻِڙا، پيپسي ڪولا ۽ ڪوڪا ڪولا وغيره ڊرنڪس جي عادت وجهڻ دوستيءَ جي آڙ ۾ دشمني آهي."

ٽلهائپ کان بچڻ جي تدبير

رضاءِ رب ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي ڪاڏو گهٽ ڪائڻ جي عادت وجهڻ سان گڏوگڏ وزن ۽ ڪيترين ئي بيمارين کان حفاظت ٿي سگهي ٿي. اسپتال جي بستري تي وڃي ڊاڪٽرن جي مشوري تي پرهيز ڪرڻ جي بدران ڪيڏو نہ سنو ٿيندو جو طبيبن جي طبيب، الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن حڪم جي روشنيءَ ۾ اسين هينئر کان ئي پرهيز شروع ڪري ڇڏيون. جيئن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، " ماڻهو پنهنجي پيٽ کان وڌيڪ بُرو ٿانءُ ناهي ڀريندو، انسان جي لاءِ ڪجهہ گرهہ ڪافي آهن جيڪي ان جي پُنيءَ کي سڌو رکن،

جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهي تہ (پيٽ جو) ٽيون حصو (1/3) ڪاڏي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو (1/3) پاڻي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو ساهہ جي لاءِ هجي.“ (ابن ماجه ج 4 ص 48، رقم الحديث 3349)

پهريان رت ٽيسٽ ڪرايو

جن جو وزن وڌيڪ آهي انهن جي خدمت ۾ مشوري طور عرض آهي تہ ڪنهن ليبارٽري ۾ وڃي امراضِ قلب (دل جي مرضن) جي متعلق رت جون چار ٽيسٽون جن جي مجموعي کي ”ليپڊ پروفائيل“ (LIPID PROFILE) چئبو آهي، اهي ڪرايو. ان ۾ **ڪوليسٽرول** جي ٽيسٽ بہ شامل آهي، 14 ڪلاڪ خالي پيٽ هجي تہ ڪوليسٽرول جي ٽيسٽ جو نتيجو وڌيڪ صحيح ايندو آهي. **شوڪر** بہ ٽيسٽ ڪرايو. زهي نصيب! رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ روزو رکي سج لهڻ کان پهريان هي سڀ ٽيسٽون ڪرايون وڃن. پوءِ پنهنجي ڊاڪٽر جي هدايت جي مطابق پنهنجو وزن گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. هر صحتمند کي بہ هر ڇهن مهينن کان پوءِ اهي ٽيسٽون ڪرائيندو رهڻ فائديمند آهي تہ جيئن بيماري پاڙ پڪڙي ان کان پهريان ئي بچاءُ جي ترڪيب ڪري سگهجي.

ٽلهائپ جو علاج

وزن گهٽ ڪرڻ جي لاءِ **سبزيون** (پٽاٽا، وغيره بادي شين کان علاوه) بهترين نعمت آهن. پر رُڳو پاڻيءَ ۾ اوباريل هجن يا هڪ فرد جي لاءِ رُڳو چانهہ وارو هڪ **چمچو** ”زيت“ يعني **زيتون شريف** جو تيل وجهي پچايون ويون هجن. مرچ مصالحو ۽ هيڊ وجهڻ ۾ حرج ناهي. روزانو هڪ گرام

(يعني چپٽي جيتري) **هيڊ** سيني جي پيٽ ۾ وڄڻ گهرجي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **ڪينسر** کان حفاظت ٿيندي. هر وقت جي ڪاڏي ۾ ڄاڻايل طريقي موجب تيار ٿيل سبزيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ پوري پليٽ ڪائي ڇڏيو. جيڪڏهن ماني ۽ چانور وغيره ڪائڻ ضروري هجن تہ رُڳو اڌ چَپاتي (قلڪو)، پاڻي ۾ اوباريل چانور رُڳو اڌ ڪوپ، ننڍڙي هڪ ٻوٽي، انب ڪائڻ ضروري هجي تہ سڄي ڏينهن ۾ رُڳو اڌ انب، چانهہ پيئڻ چاهيو تہ ”اسڪيمڊ ملڪ“ جي ڦڪي ئي پي ڇڏيو جيڪڏهن نہ پي سگهو تہ ڊاڪٽر جي مشوري سان چانهہ جي ڪوپ ۾ CANDEREL جي هڪ ٽڪي وجهي ڇڏيندا ڪريو. جيڪڏهن شوگر جو مرض نہ هجي تہ ڪنڊ جي ٻدران ماکي وجهي ڇڏيندا ڪريو. سلاد، ونگي، ڪيرو(يعني بادرنگ) وغيره ٻہ ڪثرت سان استعمال ڪريو. هر قسم جي ڪاڏي ۽ ڀاڄيءَ وغيره ۾ زيتون شريف جو تيل بهترين رهندو نہ تہ ڪارن آئل CORN OILاهو ٻہ گهٽ ۾ گهٽ مقدار ۾ استعمال ڪريو، ڪائڻ کان پهريان ڀاڄيءَ جي پيالي جي مٿان چمچي جي ذريعي گيهہ يا تيل اهڙيءَ طرح سان ڪڍي ڇڏيو جو هڪ قطرو ٻہ نظر نہ اچي. ها بنا شرعي اجازت جي هي تيل اڇلائي ڇڏڻ **اسراف** ۽ گناهہ آهي ٻيهر پچائڻ جي لاءِ استعمال فرمايو. چانور، ڳئون ۽ ٻڪريءَ جو گوشت، گيهہ، مکڻ، انڊي جي زردي، ڪيڪ پيسٽريون، ڪوڪو چاڪليٽ ۽ ٽافيون، نمڪو وارن جون ٽَريل شيون CREAM لڳل يا منيون غذائون، منايون، آئسڪريم، ٿڌا شربت، پڪوڙا، ڪباب، سموسا وغيره هر اها شيءِ جنهن ۾ **ميدو** ، **سٽيڊ** يا

مثال شامل هجي ان کان بچندا رهو. اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ وزن ۾ گهٽتائي ايندي. ۽ اوهان اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ خوش بدن (SMART) ٿي ويندؤ. ڊاڪٽرن وٽ ڪاڏي جو " چارٽ " ملندو آهي ان جي ذريعي به وزن جو تناسب برقرار رکي سگهجي ٿو. پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وزن گهٽ ڪرڻ وڌيڪ مناسب آهي. جيترو ٿي سگهي هڪ ئي ڊاڪٽر کان علاج جو سلسلو رکڻ گهرجي. ان سان اهو فائدو ٿيندو تہ اهو ڊاڪٽر اوهان جي جسماني ڪيفيت کان واقف ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح علاج بهتر طريقي تي ٿي سگهندو. ٻي صورت ۾ ڊاڪٽر بدلائيندا رهندؤ تہ هر نئون ڊاڪٽر نئين طريقي سان علاج شروع ڪندو ۽ اوهان تي هر هڪ تجربو ڪندو رهندو.

قبض جا چار علاج

قوت القلوب ج 2 ص 365 تي نقل آهي تہ " **چهن** ڪلاڪن کان اڳ جيڪڏهن ڪاڏو نڪري وڃي تڏهن به **معدو** بيمار ۽ جيڪڏهن24 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت تائين خارج نہ ٿئي تڏهن به سمجهي وڃو تہ **معدو** بيمار آهي. **جوڙن** (سنڌن) **جو سور** پيٽ جي هوا روڪڻ جو نتيجو آهي. جهڙيءَ طرح نهر جو هلندڙ پاڻي جيڪڏهن روڪيو وڃي تہ نهر جي ڪنارن کي نقصان ٿيندو ۽ ڪنارا ٽُٽي پاڻي وهڻ لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح **پيشاب** روڪڻ سان جسم کي نقصان ٿيندو آهي." پنهنجو هاضمو درست رکو، نہ تہ ٿلهائپ جو علاج ڏکيو آهي، **سبزيون** ۽ **ميون** جو استعمال ڪريو. جيڪڏهن قبض رهندو هجي تہ ﴿1﴾ چار، پنج عدد بج سميت **پَڪل زيتون** (امرود) يا ﴿2﴾ مناسب مقدار ۾ **پپيتو** کائي ڇڏيو

اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ** صاف ٿي ويندو. **﴿3﴾** هر چوٿين ڏينهن چار **چمچا** اسپغول جو چِلڪو (يعني ڏُهي) يا هڪ چمچو ڪا بہ هاضميدار سفوف (يعني ڦڪي) پاڻيءَ سان پي چڏيو. اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ جي صفائي** ٿيندي رهندي. روز روز جيڪڏهن اسپغول يا هاضمي جي ڦڪي استعمال ڪئي وڃي تہ گهٽو ڪري بي اثر ٿي ويندي آهي **﴿4﴾** جيڪڏهن اوهان جو **ڊاڪٽر اجازت ڏئي** تہ هر ٻن يا ٽن مهينن کانپوءِ پنجن ڏينهن تائين صبح ۽ شام هڪ ٽِڪي گراميڪس 400 ملي گرام **GRAMEX 400 m.g.** **(Metronidazole)** استعمال ڪريو. ان کي قبض، بدهاضمي وغيره مرضن ۽ پيٽ جي اصلاح جي لاءِ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ بهترين دوا ڏسندؤ. پر جڏهن بہ هي ٽِڪيون وٺڻ شروع ڪريو تہ مسلسل پنج ڏينهن پورا ڪرڻ ضروري آهي. خالي پيٽ ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. هاضمي جي خرابيءَ جو سڀ کان بهترين علاج **پيٽ جو قفلِ مدينه** آهي.

بي وقتو ننڊ اچڻ جو علاج

هڪ گلاس پاڻي (ٿورو گرم هجي تہ وڌيڪ بهتر) ۾ هڪ چمچو ماکي ملائي نيراني (يعني صبح جو ڪجهہ کائڻ کان اڳ) ۽ روزو هجي تہ افطار جي وقت بنا وقفي جي هميشہ استعمال ڪريو. ٿلهائپ ۽ سيني بيمارين خاص ڪري پيٽ جي بيمارين کان اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ حفاظت ٿيندي. بهتر اهو آهي تہ ان ۾ هڪ سڄو يا اڌ ليمو بہ نِپوڙي چڏيو تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ فائدا وڌي ويندا. جيڪڏهن **مطالعو** ڪندي ڪندي يا اجتماع وغيره ۾ ويني ويني بي وقت ننڊ ايندي هوندي تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ان کان بہ چوٽڪارو ملي ويندو.

ٿلهائپ جو سڀ کان بهترين علاج

سڀ کان بهترين علاج الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تجويز فرمايل آهي، ”بُک جا ٽي حصا ڪيا وڃن هڪ حصو غذا، هڪ حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا“. جيڪڏهن ڪائڻ ۾ **اهو طريقو** اختيار ڪيو وڃي ته اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ نه ڪڏهن بدن ٿلهو ٿيندو نه ڪڏهن گيس، بادي، پيٽ ۾ گڙٻڙ، قبض وغيره جو عارضو. پر هاءِ! لذت خور نفس جون بهاني بازيون.

آئينِ نَو سے ڈرنا طرزِ کُہن پہ اڑنا
منزِل يہی کٹھن ہے قوموں کی زندگی ميں

گهڻو ڪائڻ سان ٿيڻ وارا مرض

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائڻ جي بدران گهڻي ڪائڻ سان پيٽ خراب ٿيندو آهي، گهڻو ڪري قبضي به ٿيندي آهي ۽ چوٽي آهي، اَلْقَبْضُ اُمُّ الْاَمْرَاض يعني ”قبضي بيمارين جي ماءُ آهي“. طبيبن جي قول موجب 80 سيڪڙو بيماريون پيٽ جي خرابيءَ سان پيدا ٿينديون آهن، انهن مان مرضن جا 12 قسم هي آهن: ﴿1﴾ دماغي مرض ﴿2﴾ اکين جون بيماريون ﴿3﴾ زبان ۽ ڳلي جون بيماريون ﴿4﴾سيني ۽ ڦڦڙن جا مرض ﴿5﴾فالج ۽ لقوو ﴿6﴾جسم جي هيٺين حصي جو سُن ٿي وڃڻ ﴿7﴾ شوگر ﴿8﴾هاءِ بلڊ پريشر ﴿9﴾ دماغي شريان (يعني مغز جي رڳ) ڦاٽي پوڻ ﴿10﴾ نفسياتي مرض (يعني پاڳل ٿي وڃڻ وغيره) ﴿11﴾ جگر ۽ پِتي جا مرض ۽ ﴿12﴾ ڊپريشن.

تندرست رهڻ جو نسخو

حضرت سيّدُنا ابن سالم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا جيڪڏهن ڪو شخص ڪٽڪ جي سُڪل ماني ادب جي مطابق ڪائي ان کي موت کانسواءِ ڪا بيماري نہ ٿي اچي سگهي يعني اهو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو. پُڇيو ويو، ادب ڇا؟ فرمايائون، **بٽ لڳڻ تي ٽائي ۽ ڍؤ ڪرڻ تان پهريان هٿ روڪي.** (احياءُ العلوم ج3 ص 95)

نا سمجھ بيمار کو اَمرُوت بھی زَہر آميز ہے
سچ يہی ہے سو دواء کی اِک دوا پرہيز ہے

بک جو اهڃاڻ

سنّت اها آهي تہ جيستائين بُک نہ لڳي ان وقت تائين نہ ڪاڏو وڃي. رُڳو ڪائڻ جي خواهش تي ڪائي ڇڏڻ يا بُک نہ هجڻ جي باوجود مقرر وقت تي لازمي طور ڪائڻ مفيد ناهي، بُک جي تعريف بيان ڪندي **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، " **بُک** جي نشاني اها آهي تہ رڳو ماني هٿ ۾ اچي تہ ڀاڄيءَ ڪانسواءِ شوق سان ڪائڻ شروع ڪري. مطلب تہ جيڪا بہ ماني هٿ ۾ اچي وڃي شوق سان ڪائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن نفس رُڳو ماني ئي گهري يا مانيءَ سان گڏ ڀاڄيءَ جي ضرورت پوي تہ سمجهو تہ اڃان زور سان **بُک** ناهي لڳي". (احياءُ العلوم ج3 ص 97)

بک ڪان وڏيڪ ڪائڻ

بٽ ڪان گهٽو ڪائڻ **حرام** آهي، گهٽي جو مطلب اهو آهي تہ ايڏو ڪائي ڇڏي جو **پيٽ خراب** ٿيڻ جو شڪ ٿئي مثال طور دست ٿيندا ۽ طبيعت خراب ٿي پوندي.

(بهارِشريعت حصو 16 ص 30)

هر ڪنهن جي خوراڪ هڪ جهڙي ناهي ٿيندي

ڪنهن کي گهٽو ڪائيندو ڏسي حقير ڄاڻڻ يا بدگماني ڪرڻ جائز ناهي، ڇاڪاڻ جو اول تہ پيٽ ڀري ڪائڻ گناهہ ناهي ۽ ٻيو اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان جي خوراڪ ئي وڌيڪ هجي. جي ها جهڙيءَ طرح هرهڪ جي ننڊ هڪجهڙي ناهي ٿيندي، يعني ڪو بہ ڪلاڪ آرام ڪري وٺي تہ سڄو ڏينهن چُست ۽ جيڪڏهن ڪو ڏهہ ڪلاڪ سُتو پيو هجي تڏهن بہ سُست جو سُست ئي رهندو آهي ائين ئي خوراڪ ۾ بہ آهي يعني ڪنهن جو رُڳو هڪ مانيءَ ۾ ڍؤ ٿي ويندو آهي ۽ ڪو ڪو تہ چار يا پنج مانيون ڪائي وڃي تڏهن بہ سندس ڍؤ نہ ٿيندس! تہ هاڻي پوءِ پنجن مانين وارو جيڪڏهن ٿي مانيون ڪائي تہ يقينًا هن بُک ڪان گهٽ ڪاڏو ۽ هڪ ماني واري جي مقابلي ۾ قرباني ڏيڻ ۾ وڌي ويو. بهرحال ٻين جي تلاش ۾ پوڻ جي بدران پنهنجي عملن جي جاچ پڙتال ڪرڻ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جو ڀلو آهي. جو جڏهن ڪنهن ڏانهن هڪ آڱر سان اشارو ڪندا آهيون تہ ٽن آڱرين جو رخ پاڻمرادو پنهنجي طرف ٿي ويندو آهي ڄڻ ان ۾ اشارو آهي تہ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ کي ڏس!

حِرص کھانے کی دور کر یارب! قلب کو نور کر یارب!
بد گمانی کی خُو نکل جائے دُور دل سے غُرور کر یارب!

گهٽو ڪائڻ واري جي دل ڏکائڻ حرام آهي

گهٽو ڪائڻ واري شخص تي بنا شرعي اجازت جي ملامت ڪري ان جي دل ڏکائڻ ڪبيره گناهہ، حرام ۽ جهنّم ۾

وني وڃڻ وارو ڪم آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ گهڻو ڪائڻ مجبوري بہ ٿيندي آهي مثال طور **جوع البقر** (يعني ڳئون جيتري بُک) نالي بيماري ۾ مريض کي ايتري تہ بُک لڳندي آهي جو ڪيترو بہ ڪائي وڃي پر بُک جو احساس ئي ختم ناهي ٿيندو! نفس ناهي چاهيندو پر پوءِ بہ هر هر ڪائڻو پوندو آهي اهڙيءَ طرح معدي ۾ **السر** هجي تہ خالي پيٽ ۾ تڪليف وڌندي آهي تنهنڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪائڻو پوي ٿو. بهرحال جيڪڏهن ڪو وڏيڪ ڪائيندو هجي ان جي باري ۾ بہ سنو گمان ڪرڻ ضروري آهي جو گهٽ ڪائڻ مستحب آهي جڏهن تہ مسلمان تي بدگُماني ڪرڻ حرام.

دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدارن جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

ڊوڪري پاڻي پيئڻ مدينہ

سخت گرميءَ جي موسم هجي، روزو هجي، سخت اُڃ لڳل هجي ۽ افطار جي وقت ٿڌو پاڻي ۽ منو منو شربت موجود هجي اهڙي موقعي تي فقط رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ شربت کي ڇڏي پاڻي بہ ايترو گهٽ پيئڻ جو اڄ ختم نہ ٿئي اهو افضل عمل ۽ اهلِ تقويٰ جو طريقو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو ايترو پاڻي ۽ شربت پيئي جو اڄ ختم ٿي وڃي تہ ان ۾ ڪنهن قسم جو گناهہ ناهي. گردي جي پٿري وغيره جي علاج جي

لاءِ مجبوريءَ جي طور پاڻي بہ ڪثرت سان پيئڻو پوي ٿو ۽ هونئن بہ ڍؤ (يعني ايڏو پاڻي پي ڇڏڻ جو اڄ ختم ٿي وڃي) ڪانپوءِ زبردستي وڌيڪ پاڻي پيئڻ نفس تي ڏکيو ٿي پوندو آهي. **آبِ زم زم** جي تہ ڳالهہ ئي ڪجهہ ٻي آهي."ان کي عبادت جي نيّت سان ڏسڻ سان هڪ سال جي عبادت جو ثواب ملندو آهي، ان کي پي ڪري جيڪا بہ دعا گهري وڃي اها قبول ٿيندي آهي."

(المسلک المتقسط المعروف مناسک الملا علي قاري ص495)

ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ان کي پيٽ ڀري پيئڻ گهرجي. مُحسنِ اهلسنّت، **صدرالشريعه، بدرالطريقه** حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، "اتي جڏهن پيئو تہ پيٽ ڀري پيئو." حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ اسان ۾ ۽ منافقن ۾ اهو فرق آهي تہ اهي **زم زم** پيٽ ڀري ناهن پيئندا.

(بهارشريعت حصو 6 ص 47، المستدرک للحاکم ج1ص 646 رقم الحديث 1738)

يہ زم زم اُس لئے ہے جس لئے اس کو پئے کوئی
اِسی زم زم میں جنّت ہے اسی زم زم میں کوثر ہے

پيادل گهمو مدينا

فزيو ٿراپسٽ سان مشورو ڪري پنهنجي عمر جي حساب سان روزانو هلڪي قلڪي ورزش ڪندو رهڻ گهرجي ۽ پڻ رات جو ڪاڏي کان پوءِ طبيبن جي قول موجب گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سؤ قدم پيادل هلڻ گهرجي. منهنجو مدني مشورو آهي تہ هلندي هلندي گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ ڀيرا هي درود شريف: صلی الله تعالٰی علٰی محمّد پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **150** کان وڌيڪ قدم هلڻ ٿي ويندو. هر هڪ کي

روزانو هڪ ڪلاڪ پيادل هلڻ گهرجي. جنهن کي بلڪل عادت ناهي اهو شروعات ۾ رُڪو 12 منٽ هلي يا هلندي هلندي صلی الله تعالیٰ علیٰ محمّد 313 ڀيرا پڙهي ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو وعلیٰ اٰلہٖ وَاَصْحٰبِہٖ وَبارَک وسلَّم چوي، ٿورو اطمينان سان پڙهڻ سان اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ هڪ ڪلو ميٽر ٿي ويندو. ايئن هوريان هوريان وڌائيندي وڌائيندي ٿيهه ڏينهن جي اندر اندر روزانو پنج ڪلو ميٽرن تائين هلڻ جي ترڪيب بڻائي. اسلامي ڀينرون گهر جي چار ديواريءَ ۾ گُهمن، پنهنجا ورد ويهي پڙهڻ جي بدران گُهمندي ڦرندي پڙهڻ جي عادت بڻائين. منهنجي درخواست قبول ڪندي پيادل گهمو ٻي صورت ۾خدانخواسته ڊاڪٽر جي چوڻ تي ڪٿي ندامت ۽ ٽينشن جو ٻوجهه ڪٽندي ”ڊوڙڻو“ نه پوي!

طاقت کان وڌيڪ ٻوجهه ڏينہ

ٽئين سيپاري، سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ جي آخري آيتِ ڪريمہ ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ رحمت نشان آهي.

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جان تي بار نه رکندو پر سندس طاقت آهر.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن تي ان جي طاقت کان وڌيڪ ٻوجهه ناهي وجهندو. پر افسوس صد ڪروڙ افسوس! ان حريص ٻانهي تي جيڪو نفس جي لذت جي لاءِ هڪ ڪاڏو خوب پيٽ ڀري ڪائي ٿو، مٿان وري فقط لذتن جي خاطر ڏينهن رات جي مختلف وقتن ۾ ٻه ڪجهه نه ڪجهه ڪائي پنهنجي **معدي** تي ان جي طاقت کان

وڏيڪ ٻوجهه وجهندو پيو وڃي. ظاهر آهي جيڪو شخص هڪ مڻ ڪٽي سگهندو هجي ان تي اڍائي مڻن جو وزن رکيو وڃي تہ ڏڪندي ٽڙڪندي ڪِري پوندو. اهڙيءَ طرح **معدي** جي ڪم ڪرڻ جي بہ هڪ حد آهي تہ جيڪڏهن چڱيءَ طرح بغير چٻاڙڻ جي يا ضرورت کان وڏيڪ غذائون هن ۾ وڌيون ويندیون تہ ويچارو آخر ڪهڙي ڪهڙي شيءِ کي ڪهڙيءَ طرح هضم ڪري سگهندو؟ نتيجي طور هاضمي جو سرشتو درهم برهم ٿي ويندو. **معدو** بيمار ٿي پوندو ۽ پوءِ سڄي جسم کي مرض فراهم (supply) ڪرڻ لڳندو. جيئن تہ طبيبن جي طبيب، محبوب رب مجيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حڪمت نشان آهي،" **معدو** بدن ۾ حوض جي مثل آهي ۽ (بدن جون) نالیون (يعني رڳون) معدي جي طرف اچڻ واريون آهن جيڪڏهن معدو صحتمند هجي تہ رڳون (معدي مان) صحت وني واپس ٿين ٿيون ۽ جيڪڏهن معدو خراب هجي تہ رڳون بيماري وني واپس ويندیون آهن."

(شعب الايمان ج5 ص 66 رقم الحديث 5796)

مرضِ عصیاں کی ترقّی سے ہُوا ہوں جاں بلب
مجھ کو اچّھا کیجئے حالت مری اچّھی نہیں

مان کاڏو تمام گهٽ کائيندو آهيان

ڪجهه اهڙا اسلامي پائر جيڪي يا تہ وزني هوندا آهن يا پيٽ جي بيمارين جو شڪار، اهي چوندا وتندا آهن، "مان کاڏو تمام گهٽ کائيندو آهيان" . انهن مان ڪجهه تہ سخت دليءَ جي ڪري ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ بي خوف هوندا آهن ۽ ڪجهه ماڻهو وري غلط

فهميءَ جي ڪري ائين چئي ڇڏيندا آهن. پر انهن جي پوري ڏينهن جي غذائي معمولات تي نظر وجهجي تہ خبر پوندي آهي تہ هي جنهن کي ”گهٽ ڪاڏو“ چئي رهيا آهن انهن جي ناشتي ۾ انڊو پَراٺو، مسڪ بن (يعني مکڻ مليل) ملائي، حلوو، چولا پوري وري سڄي ڏينهن جي اضافي غذا ”هڪ ٻہ ٽڏيون بوتلون، هڪ اڌ آئس ڪريم، ٽي چار پيرا چانهہ، بسڪيٽ، برگر، چولا پٽاٽا، ڪيڪ پيس، ٽورڙي مٺائي وغيره بہ شامل هوندي ۽ اهڙيءَ طرح معدي جي تباهي، وزنداري يا بيماريءَ جو راز فاش ٿي ويندو آهي! جيڪڏهن ڪنهن جو واقعي ٽورڙو ڪائڻ ۾ پيٽ پرجي ويندو آهي تہ ان کي بہ گهرجي تہ اجان گهٽ ڪري ايتريقدر جو بُک باقي رهي. جڻ تہ ڪِوِل پنهنجي ”ڪٽي“ مان گهٽ ڪري ۽ هاٿي پنهنجي ”مڻ“ مان گهٽ ڪري.

خدا ہم کو سچ بولنے کی دے توفیق
تو مُنہ سوچ کر کھولنے کی دے توفیق

گهٽ ڪائڻ جا احتياط

مدينہ 1: پيءُ يا ماءُ حڪم ڏئي تہ پيٽ پري ڪائو تہ انهن جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪريو.

مدينہ 2: جيڪڏهن ملازمت ڪريو تا ۽ گهٽ ڪائڻ سان ڪمزوري ٿيندي هجي ۽ ڪم ۾ گهٽتائي ٿي ٿئي تہ گهٽ ڪائڻ جي لاءِ سيٺ جي اجازت ضروري آهي.

مدينہ 3: اهڙيءَ طرح اسلامي تعليم ۽ تعلم (پڙهائڻ ۽ پڙهڻ) ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي تہ ضرورت موجب ڪائو.

مدينه 4: اوهان جو مهمان گڏ ڪائي رهيو هجي ۽ امڪان آهي تہ اوهان جي گهٽ ڪائڻ جي ڪري اهو بہ شرمندو ٿي هٿ روڪي وٺندو تہ ان جو ساٿ ڏيو.

مدينه 5: جيڪڏهن ميزبان زور ڀري ۽ ڪا مجبوري نہ هجي تہ بُک باقي هجڻ جي صورت ۾ ڪجهہ وڌيڪ کائو جو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ ثواب آهي. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب ، مُنزّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مسرَّت نشان آهي، ”جيڪو شخص مسلمان جي گهروارن ۾ خوشي داخل ڪري الله تعالى ان جي لاءِ جنّت کان علاوه ڪنهن شيءِ کي پسند ناهي ڪندو.“ **(طبراني صغير ج2 ص 51)**

گهٽ کائڻ افضل پر ڪوڙ ڳالهائڻ حرام

دعوت ۾ جڏهن **ميزبان** چوي، اچان ڪٿو! تہ جيڪڏهن توهان فارغ ٿي چُڪا آهيو ۽ بُک باقي هجڻ جي باوجود وڌيڪ کائڻ نہ ٿا چاهيو تہ تمام سنيالي ڪري جواب ڏيندا. مثال طور چئو ”الله عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏئي،“ ”جزاك الله خيرًا.“ ” اَلحَمدُلله آءُ پنهنجي حساب سان کائي چڪو آهيان“ وغيره. هرگز هرگز ڪوڙا فقرا (يعني ڪا ڪوڙي ڳالهہ) نہ چئو. گهٽ کائڻ جي باوجود ڳالهايا ويندڙ ڪوڙن جملن جا مثال هي آهن: ”**مون** پيٽ ڀري کاڌو آهي.“ ”**منهنجو** پيٽ فل ٿي ويو آهي،“ ”نہ **نہ** هاڻي پيٽ ۾ بلڪل گنجائش ناهي،“ ”**سچ** ٿو چوان بلڪل بُک باقي ناهي“ وغيره وغيره. **ياد رکو! ڪوڙ ڳالهائڻ گناهِ ڪبيره، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.** راهِ تقويٰ تي تمام سنيرجي هلڻو آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو بُک کان گهٽ کائڻ جو مُستحب ۽ افضل ڪم ڪرڻ وڃو ۽ نفس ڪٿي

ڪري رياڪاري، ڪوڙ، تڪبر، ماءُ پيءُ جي نافرماني ۽ مسلمان جي تحقير ۽ بدگماني وغيره وغيره حرام ڪمن ۾ وجهي ڪري جهنّم جو حقدار بڻائي ڇڏي. ڇو تہ **نفس** جو ڪم ئي بُراين تي اڀارڻ آهي. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نفس تہ برائيءَ جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي.

نَفْس کی چال سے بچا یارب
اس کے جنجال سے بچا یارب

نفس کي مارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي جو جيڪو نفس کي مارڻ ۽ ان کي بُري خواهشن کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ان جي لاءِ جنّت جي بشارت (يعني خوشخبري) آهي جيئن تہ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ جنّت نشان آهي:

وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اهو جيڪو پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيائين تہ بيشڪ جنّت ئي (ان جو) ٺڪاڻو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نفس چا کي چوندا آهن؟

جيڪڏهن رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر "پيٽ جو قفلِ مدينه" لڳائي بُک جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان جو ذهن بڻجي ويو آهي تہ هي ڏيان ۾ رکندا تہ نفس سان سخت مقابلو رهندو. نفس آسانيءَ سان

قابو ۾ اچڻ وارو ناهي. حضرتِ سيّدُنا بايزيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيد فرمائن ٿا،" **نفس** هڪ اهڙي صفت آهي جنهن جي باطل ڪان سواءِ تسڪين ٿيندي ئي ناهي."(يعني نفس بُرائين سان ئي خوش رهندو آهي) حضرتِ سيّدُنا سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا،" **نفس جي مخالفت افضل ترين عمل آهي**. " (كشف المحجوب ص 395، 396)

اللہ، اللہ کے نبی سے فریاد ہے نفس کی بدی سے
ایماں پہ بہتر موت او نفس تیری ناپاک زندگی سے

دل جي لاءِ سڄي سال جي عبادت ڪان بهتر

حضرتِ سيّدُنا ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، " نفس جي خواهشن مان ڪنهن هڪ خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏڻ دل جي لاءِ هڪ سال جي روزن ۽ سڄي سال جي راتين جي قيام کان به وڌيڪ فائديمند آهي." (جذب القلوب ج2 ص 336)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

لومڙيءَ جو بچو

بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جو ڪڏهن ڪڏهن نفس کي مثالي صورت ۾ ڏسڻ ثابت آهي، جيئن ته حضرتِ سيّدُنا محمد بن عليان نسوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا، ابتدائي حال ۾ جڏهن **نفس** جي هلاڪتن جي باري ۾ معلومات ٿي ته مون کي ان سان سخت دشمني ٿي وئي. هڪ ڏينهن **لومڙيءَ جي بچي** جهڙو ڪو جانور اوچتو منهنجي نِڙيءَ کان نڪري پيو! الله عَزَّوَجَلَّ مونکي ان جي سڃاڻپ ڪرائي ۽ آءُ سمجهي ويس ته هي منهنجو **نفس** آهي مون هڪدم ان تي حملو ڪيو ۽ پنهنجي پير سان ان کي ڪُچلڻ ۽ چيپاڻڻ لڳس پر **يا للعجب**! مان جيئن جيئن

ان کي ڏک هٽندو پيو وڃان اهو قد آور ٿيندو پيو وڃي. مون چيو اي نفس! هر شيءِ تڪليف ۽ زخمن سان هلاڪ ٿيندي آهي پر تون آهين جو ويتر وڌندو ٿووجين! ان جواب ڏنو، منهنجو مُعاملو ئي ابتڙ آهي، جن شين سان ٻين کي تڪليف ٿيندي آهي مون کي انهن سان راحت ملندي آهي ۽ جن شين سان ٻين کي راحت ملندي آهي مون کي انهن کان تڪليف پهچندي آهي!

(ڪشف المحجوب مترجم باب مجاهداتِ نفس ص 407)

نِہنگ[1] و اَژدہا مارا اگرچہ شیرِ نَرمارا
بڑے موذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گرمارا

ڪائڻ جي لاءِ جيئڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! نفس کي مارڻ تمام ئي مشڪل امر آهي. بس ڪهڙي طرح به هن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هن جو هڪ طريقو هي به آهي ته نفس جيڪو چوي ان جي ابتڙ ڪرڻ گهرجي. مثال طور اهو سنن سنن ڪاڏن، چٽپٽي شين جو مشورو ڏئي يا پيٽ ڀري ڪائڻ جي ترغيب ڏياري ان وقت هن جي نه مڃجي، رُڳو ضرورت موجب ئي ڪائجي، حضور داتا صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، بُک، صديقين جي غذا ۽ مريدن جي راهِ سُلوڪ آهي.“ پهريان ماڻهو جيئرو رهڻ جي لاءِ ڪائيندا هئا پر توهان ڪائڻ جي لاءِ جيئرا آهيو.“

(ڪشف المحجوب مترجم ص 605)

مريض پاڻ طبيب بڻجي ويو

منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا شيخ خواجہ محبوب الٰاهي **نظام الدّين اولياء** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سخت بيمار ٿي پيا. مريدن عرض ڪيو،

[1] يعني مانگر مچ

حضور هتي هڪ پنڊت ”جهاڙ ڦوڪ“ ڪندو آهي ۽ ان جو علاج گهٽو هلندو آهي جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ ان وٽ وڃي هلون. فرمايائون، مان علاج جي لاءِ ڪافر وٽ نہ ويندس. مرض وڌيڪ شدت اختيار ڪئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيهوش ٿي ويا. مُريد ڪٽي انهيءَ ”پنڊت“ وٽ ويا ان ڦوڪ هنئي تہ ڪين هوش آيو ۽ صحتياب ٿي ويا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو پاڻ کي صحت مند ڏٺائون، پنڊت کي ڏسي پُڇيائون، توکي علاج ۾ هيءَ مهارت ڪيئن حاصل ٿي؟ ان وراڻيو، منهنجي گرو (يعني استاد) مون کان عهد ورتو آهي تہ **نفس جيڪو ڪجهہ چوي ان جي ابتڙ ڪجانءِ**. تنهن ڪري جڏهن ٿڌو پاڻي پيئڻ جي خواهش ٿيندي آهي تہ **گرم** پيئندو آهيان، **چانور** کائڻ لاءِ دل چوندي آهي تہ **ماني** کائيندو آهيان اهڙيءَ طرح **نفس** جي چوڻ جي ابتڙ ڪندو رهڻ سان مون ۾ هيءَ **قوت** پيدا ٿي چُڪي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو. هي ٻُڌاءِ تنهنجو نفس توکي مسلمان ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو يا نہ؟ چيائين منع ٿو ڪري، فرمايائون هي مسلمان ٿيڻ کان منع ٿو ڪري تہ تنهنجي اصول جي موجب توکي ان جي چوڻ جي ابتڙ ڪندي **مسلمان** ٿيڻ گهرجي. هيءَ ڳالهہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪجهہ اهڙي تہ دلنشين انداز ۾ ارشاد فرمائي جو تاثير جو تير بڻجي ان جي دل ۾ اثر ڪري ويئي ۽ هُو بي اختيار ٿي چوڻ لڳو، مان پنهنجي **ڪفر** کان توبهہ ڪري **مسلمان** ٿو ٿيان ۽ پڙهيائين.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! ان حضرت خواجہ نظام الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين جي ظاهر جو علاج ڪيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جو احسان لاهيندي ان جي **باطن** جو علاج ڪري ڇڏيائون، ان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي **جسم** جو

علاج ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي **روح** جو علاج ڪري ڇڏيائون، ان **ظاهري** مرض ختم ڪيو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي باطني يعني **ڪفر** جي مرض کي ختم ڪري ڇڏيائون!

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

ڏندن جي مهارن جو ڪينسر

چانهہ پان جا عادي غذا سان گڏوگڏ چانهہ پان ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو ذهن بڻائين ائين نہ ٿئي جو توهان غذا ۾ گهٽتائي ڪرڻ وجو ۽ نفس مڪار اوهان کي بُک مِٽائڻ جو ڏٽو ڏيئي چانهہ ۽ پان جي ڪثرت جي آفت ۾ ڦاسائي ڇڏي. چانهہ گُردن (يعني بُڪين) جي لاءِ نقصانڪار آهي. پان، گٽڪو، مين پوري ۽ خوشبودار سونف سُپاري وغيره جي عادت ڪڍي ڇڏڻ ۾ ئي عافيّت آهي. جيڪي ماڻهو انهن جو ڪثرت سان استعمال ڪن ٿا انهن کي **مهارن**، **وات ۽ ڳلي جي ڪينسر جو انديشو رهي ٿو**. گهڻو پان کائڻ وارن جو وات، اندران ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن مهارن ۾ رت يا گند ٿي ويو تہ انهن کي نظر نہ ايندو ۽ پيٽ ۾ ويندو رهندو. شايد انهن کي معلوم بہ ان وقت ٿيندو جڏهن خدانخواستہ ڪنهن **خطرناڪ بيماريءَ** پاڙ پڪڙي ورتي هوندي!

نقلي ڳٽي جون تباهڪاريون

پاڪستان ۾ گهڻو ڪري **ڪٽي** جي پيداوار ناهي ٿيندي تنهن ڪري دولت جا حريص ماڻهو جن کي دنيا ۽ آخرت جي **برباد** ٿيڻ جو ڪو فڪر ناهي هوندو اهي **مٽيءَ** ۾ چمڙو رنگڻ جو رنگ ملائي "

ڪٿي ڇڏو بٽائيي " وڪٽندا آهن! ۽ ائين ويچارا پان ڪائڻ وارا قسمين قسمين مرضن جو شڪار ٿي تباهه ۽ برباد ٿيندا رهن ٿا.

ڪاڏي جو مزو رُڳو نڙيءَ تائين هوندو آهي

جَوَن جي سُڪل ماني هجي يا گيهه ۾ تَريل پَرانو، پيٽ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ ٻئي هڪ ٿي ويندا آهن. جيئن ئي گرهه نِڙيءَ کان هيٺ لٿو ان جو ذائقو ختم. جيڪو هٿ ۾ آيو اهو پيٽ ۾ وڃي ڇڏڻ ۽ پيٽ ڀري ڪائڻ ۾ زبان جو مزو ته رُڳو ڪجهه گهڙين جي لاءِ هوندو آهي پر هن جا ديني ۽ دنياوي نقصان گهڻو عرصو رهندا آهن. جيڪڏهن ڪو ٿڌي دل سان غور ڪري ته ان تي ظاهر ٿي ويندو ته **ٻن منٽن** جي لذت جي خاطر آخرت جي ڊگهي حساب جو بار کڻڻ ۽ وري سالن تائين هلڻ واريُن بلڪه قبر تائين پيچو ڪرڻ وارين بيمارين کي پاڻ گهرائڻ هرگز دانشمندي ناهي تنهن ڪري "پيٽ جو قفل مدينه" لڳائيندي گهٽ ڪائڻ ۾ ئي عافيّت آهي، حضرتِ سيّدُنا ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، " هڪ گهڙيءَ جي لاءِ خواهش جي پيروي ڊگهي غم جو ڪارڻ بڻبي آهي."

یاوہ گوئی ڈٹ کے کھانا خوب سونا چھوٹ جائے

دنیوی لذات سے دل کاش میرا اٹوٹ جائے

لذيذ گرهه جي عجيب حقيقت

غور ڪريو! وات ۾ پاڻي آڻڻ وارو، خوشبوءِ سان معطر، گيهه ۾ رسڻيو، لذيذ ترين، چٽ پٽو گرهه وڏي شوق سان جيڪڏهن ڪو پنهنجي وات ۾ وجهي ۽ چاٻا ڏئي ڪري چٻاڙي جيئن ئي نِڙيءَ کان هيٺ

لاهي ۽ پوءِ جهٽڪي ۾ الٽي اچي ۽ ڪاڏو ٻاهرنڪري اچي ته هاڻي ان جي طرف ڏسڻ لاءِ به ان جي دل نہ چاهيندي. هي آهي ان **لذيذ گرهہ جي حقيقت**، وڏيڪ هن لذيذ ڪاڏي جي حقيقت کي هن حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

دل جلائڻ واري حڪايت

هڪ پاڙي ۾ بيت الخلا جي صفائي ٿي رهي هئي ۽ فضلو (يعني پائخانو) پڪڙيل هيو. ماڻهو نڪ تي رومال رکي اتان ڪان تيزيءَ سان گذري رهيا هئا ته پائخاني زبان حال سان سڏي چيو، **اي پيچڻ وارؤ!** ٿورو ترسو! مون کي سجاڻو ٿا مان ڪير آهيان! مان اهو آهيان جنهن کي توهان خوب مشقت سان ڪمايو، وڏي محنت سان پچايو ۽ مزو وني ڪاڏو، ۽ پنهنجي معدي ۾ لِڪايو. افسوس! توهان جي ٿوري دير جي صحبت منهنجو هي حال بڻايو! مون کان ڇو ٿا پڇو! مان ته توهان جي لذيذ **بريانيءَ** آهيان،..... مان توهان جو گيهہ سان پريل **پراٺو** آهيان، ..... مان ته توهان جو چَهرو **قورمو** آهيان

دیکھو مجھے جو دِیدہ عبرت نگاہ ہو

پنهنجي اوقات ياد ڏيارڻ واري تنبيهہ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! عبرت ئي عبرت آهي ڪاڏو جيڏو **سٺو** هوندو آهي ان جو **انجام** اوترو ئي بُرو هوندو آهي. انسان جيترو وڏيڪ لذيذ ۽ سڻيو ڪاڏو ڪائيندو آهي ان جو پائخانو به اوترو ئي وڏيڪ گندو ۽ بدبودار ٿيندو آهي. جڏهن ته گاهہ ڪائڻ وارن جانورن جو ڇيڻو انسانن جي پائخاني جي مقابلي ۾ نهايت ئي گهٽ گندو ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو انهن ڳالهين کي پڙهي يا ٻُڌي ڪنهن

جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ نفس ڪاوڙ ڏياري تہ انهن جي خدمت ۾ هي عرض آهي تہ اوهان جو ناراض ٿيڻ بيڪار آهي، اوهان جي ناراضگي بہ سراسر عبرت آهي، **غور ڪريو** تہ اسان جهڙو گناهگار انسان خوب آڪڙ ۽ غُرور ڪري ٿو ۽ ايترو نٿو سوچي تہ منهنجي اوقات ئي ڇا آهي! مان تہ اهو بيڪار آهيان جو بهترين ڪاڏا بہ مون سان گڏ ٿورڙي دير رهڻ کان پوءِ ايتريقدر تباهہ ۽ تبديل ٿي وڃن ٿا جو پوءِ انهن جو تذڪرو ٻُڌڻ خود مونکي پسند ناهي! حضرتِ سيّدُنا طاؤس رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪنهن کي آڪڙ سان هلندو ڏسي فرمايائون، اها چال ان جي نہ آهي جنهن جي پيٽ ۾ گندگي ڀريل هجي! حضرتِ سيّدُنا مطرف رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حجّاج بن يوسف جي لشڪر جي سپهہ سالار مُهَلَّب کي ريشمي لباس پهري آڪڙ ۾ هلندي ڏٺو تہ ٿوڪيو تہ هُو چوڻ لڳو، ”مون کي سجاڻين نہ ٿو تہ مان ڪير آهيان! فرمايائون،“ آءُ توکي چڱيءَ طرح سجاڻان ٿو تہ شروع ۾ تون هڪ گندو قطرو هئين ۽ آخر ۾ خراب ٿي ويل مُردو ٿيندين ۽ اها بہ سيني کي خبر آهي تہ تون پيٽ ۾ گندگي کنيون ڦرندو ٿو وتين. اِها گرِي گفتگو ٻُڌي هُو شرمائجي ويو ۽ آڪڙ ڪري هلڻ واري چال کان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا مُصْعب بن زبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، حيرت آهي تہ، انسان تڪبُّر ڪري ٿو جڏهن تہ اهو بہ پيرا پيشاب واري جاءِ مان نڪتو آهي!

ڇا توهان گهٽ ڪائڻ جي عادت بڻائڻ چاهيو ٿا؟

جيڪڏهن توهان **پيٽ جو قفلِ مدينہ** لڳائڻ يعني گهٽ ڪائڻ جي عادت بڻائڻ ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ **منهنجي** هنن **مدني** مشورن تي عمل ڪريو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو فائدو ٿيندو. پنهنجو ذهن هيئن بڻايو جيئن

حجة الاسلام امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا،" آخرت ۾ حساب ۽ ڪتاب جي سختين ۽ موت جي سڪرات جي سختيءَ جو هڪ سبب پيٽ ڀري کائڻ به آهي، **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي وڌيڪ فرمائن ٿا، گهڻو کائڻ سان آخرت جي ثواب ۾ گهٽتائي واقع ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري توهان جيتريقدر لذتون دنيا جي اندر حاصل ڪري وٺندؤ اوترو حصو آخرت ۾ گهٽ ٿي ويندو. (منهاج العابدين ص 94)

ڈٹ کے کھانے کی محبّت قلب سے میرے نکال
نزع میں دے مجھ کو راحت اے خدائے ذُوالجلال

جهنّمين جو ڪاڏو پيٽو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! زبان جي ڪجهه منٽن جي لاءِ ذائقي خاطر ايتريقدرخوفناڪ مُعاملات جي پرواهه نه ڪرڻ عقلمندي ناهي. **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي گهٽ، گهٽ ۽ گهٽ کائڻ ۾ ئي عافيّت آهي. پيٽ ڀري يا لذيذ شيون کائڻ ۽ ٿڌا مشروبات پيئڻ لاءِ دل خواهش ڪري ته جهنّمين جي دل ڏڪائيندڙ ڪاڏي پيٽي کي ياد ڪريو. جن کي ڪافرن جي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. جيئن سيپاري 25 سُوْرَةُ الدُّخَانِ جي آيت نمبر 43 کان 46 ۾ دوزخين جي هوش وجائيندڙ ڪاڏي جو تذڪرو ڪندي خداءِ قهار و جبّار **جلّ جلاله** ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ ﴿۴۳﴾ طَعَامُ الْاَثِيْمِ ﴿۴۴﴾ كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِيْ فِي الْبُطُوْنِ ﴿۴۵﴾ كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ ﴿۴۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ ٿوهر جو وڻ گناهگارن جو ڪاڏو آهي. ڳريل. تامي وانگر پيٽن ۾ ٿهڪي ٿو. ٿهڪندڙ پاڻيءَ جي جوش وانگر.

جهنّمين جي تباهه ڪندڙ مشروب جي باري ۾ سيپاري 26 سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ جي پندرهين آيت ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَسُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ﴿۱۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جن کي تهڪندڙ پاڻي پيئاريو ويندو جيڪو انهن جا آندا ٽڪر ٽڪر ڪري رکندو.

نانگن جي زهر جو پيالو

مُغيث بن سمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، جڏهن ڪنهن کي دوزخ ۾ آندو ويندو تہ ان کي چيو ويندو، انتظار ڪر توکي هڪ تحفو ڏيون ٿا، پوءِ **نانگن جي زهر جو پيالو** ان کي ڏنو ويندو. جڏهن هُو ان کي پنهنجي وات جي ويجهو ڪندو تہ ان جي چهري جو گوشت ۽ هڏيون ڪٽجي ڪِري پوندا. (البدور السافرة ص 442)

کرم از پئے مصطفےٰ یاالٰہی
جہنم سے مجھ کو بچایاالٰہی

دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

وڏي نعمت جو حساب به وڏو

گهر جا سيئي ڀاتي متفق هجن ته کاڌي جي ڀاڄي وغيره ۾ جيڪو تيل ۽ مصالحو وجهو تا ان جو مقدار اڌ ڪريو. ٿي سگهي ٿو کاڌي جي لذت گهٽ ٿي وڃي. جڏهن لذت ۾ گهٽتائي ٿيندي ته شوق ۾ به گهٽتائي ٿيندي ۽ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ يعني کاڌو گهٽ کائڻ ۾ آساني ٿي پوندي. **ماني** جو معمولي ٽڪرو جنهن سان پيٽ تي بار وڌو ويو يعني بُک ختم ڪئي وئي ته ان جو قيامت ۾ حساب نه ٿيندو. نه ته ياد رکندا! دنيا ۾ غذا جيتري قدر ڀلي ۽ لذيذ کائيندؤ اوترو ئي قيامت ۾ حساب به سخت کان سخت ٿيندو، مثال طور **کچڻي** جو حساب نسبتًا هلڪو هوندو جڏهن ته **برياني** جو اُن کان سخت. انهيءَ ۾ به ترڪيب هيءَ هوندي ته جنهن شخص کي جيڪا شيءِ وڌيڪ پسند هوندي اها ان جي لاءِ وڏي نعمت ڳڻي ويندي. مثال طور جنهن کي برياني جي مقابلي ۾ ڪِچڻي وڌيڪ پسند هوندي ان جي لاءِ ڪِچڻي وڏي نعمت ۽ پوءِ برياني جي مقابلي ۾ ڪِچڻي جو حساب سخت. **سادي** پاڻيءَ جي مقابلي ۾ **ٿڌي** پاڻي جو، سادن کاڌن جي مقابلي ۾ لذيذ کاڌن جو حساب وڌيڪ سخت هوندو، پلاءُ ۽ قورمو ماني وغيره **گرما گرم** هجن ته حساب وڌيڪ ۽ جيڪڏهن **بلڪل ٿڌا** ۽ بي مزي ٿي ويا هجن، ڇو ته اهي نفس کي وڻندڙ ناهن هوندا ان لاءِ حساب به گهٽ. آهه! آهه! آهه! هر نعمت جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن پُڇيو ويندو.

هر نعمت جي باري ۾ ٿي سوال

حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا قيامت جي ڏينهن هر شيءِ جي باري ۾ هي ٿي سوال ٿيندا! ﴿1﴾ تو اها شيءِ ڪيئن حاصل ڪئي ﴿2﴾ ان کي ڪٿي خرچ ڪيُئي ۽ ﴿3﴾ڪهڙي نيّت سان خرچ ڪيُئي؟ (منهاج العابدين ص100)

سيپاري 30 سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ جي آخري آيت ۾ ارشادِ الاهي عَزَّوَجَلَّ آهي،

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان : پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پُڇا ٿيندي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! دنيا جي رنگينين ۾ گم مالدار ۽ صاحبِ اقتدار جي مقابلي ۾ سنّتن جو پابند غريب ۽ نادار وڌيڪ خوش نصيب ۽ بخت بيدار آهي، ۽ اهو آخرت ۾ ڪامياب آهي جيڪو غُربت، مرض ۽ آفتن ۾ مبتلا هئڻ جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اطاعت گذار آهي. هڪ عبرتناڪ روايت پُڌندا ۽ عبرت سان سوچيندا. جيئن:

جهنم جو غوطو

حضرتِ سَيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان مروي آهي، فرمائن ٿا، ته حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهه غيور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، " قيامت جي ڏينهن ڪافرن مان ان شخص کي آندو ويندو جيڪو دنيا ۾ تمام گهٽين نعمتن سان مالا مال ٿيو هوندو. چيو ويندو، ان کي باهه ۾ غوطو ڏيو. اهڙيءَ طرح ان کي باهه ۾ غوطو ڏنو ويندو، پوءِ ان کي چيو

ويندو، اي فلاڻا! ڇا ڪڏهن تون نعمتن سان مالا مال ٿيو هئين؟ تہ هُو چوندو.”نہ، مون ڪا نعمت نہ ڏٺي“ ۽ مسلمانن مان ان شخص کي آندو ويندو جيڪو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مصيبت ۾ گهيريل ۽ بدحال هيو، چيو ويندو هن کي جنّت ۾ هڪ غوطو ڏيو اهڙيءَ طرح ان کي جنّت ۾ هڪ **غوطو** ڏنو ويندو پوءِ پُڇيو ويندو، اي فلاڻا! ڇا تو ڪڏهن سختي ڏٺي، ڇا تون ڪڏهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئين؟ تہ هُو چوندو ”نہ مان ڪڏهن سختي ڏٺي ۽ نہ ئي مان ڪڏهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيس.“ **(ابن ماجه ج4 ص 530 رقم الحديث 4321)**

معلوم ٿيو تہ جهنّم ايتريقدر دهشتناڪ آهي جو ان جو رُڳو هڪ غوطو دنيا جون سڀئي رنگينيون، عيش عشرتون ۽ راحتن جا سامان وساري ڇڏيندو ۽ ان جو هي ذهن بڻجي ويندو تہ مان تہ هميشہ پريشان ئي رهيو آهيان گڏوگڏ جنّت جو هڪ غوطو ايتريقدر فرحت بخش آهي جو دنيا ۾ ڪنگال ۽ طرح طرح جي مصيبتن جي سبب بدحال رهڻ وارو رُڳو جنّت جي هڪ غوطي جي سبب سڀئي غم وساري ڇڏيندو ۽ ان جو هي ذهڻ بڻجي ويندو تہ مون ڪڏهن بہ تڪليف ڏٺي ئي ڪونہ، تہ ڪيئن ٿيندي آهي!

میزاں پہ سب کھڑے ہیں، اَعمال تُل رہے ہیں
رکھ لو بھرم خدارا عطّارؔ قادِری کا

گهٽ ڪائڻ جي عادت بڻائڻ جو مدينه

گهٽي ڪائڻ جي عادت وارو **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي جيڪڏهن جذبات ۾ اچي هڪ دم ڪائڻ گهٽ ڪري ڇڏيندو تہ قوي امڪان

آهي تہ ڪمزور ٿي وڃي ۽ ان جو حوصلو بہ پَست ٿيڻ لڳي. تنهن ڪري ٿورو ٿورو گهٽ ڪري. مثال طور هڪ ڏينهن ۾ 12 مانيون کائي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي 6 مانين تي آڻڻ چاهي ٿو تہ انهن 12 مانين کي 60 حصن ۾ تقسيم ڪري ۽ روزانو هڪ حصو گهٽ ڪندو وڃي يعني پهرين ڏينهن 59 ٽڪرا کائي، ٻئي ڏينهن 58، اهڙيءَ طرح هڪ مهيني ۾ 30 ٽڪرن يعني 6 مانين تائين پهچي ويندو ۽ اِن شآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ڪمزوري وغيره بہ نہ ٿيندي. جيڪڏهن صرف چانور کائيندو آهي تہ ان جي بہ اهڙيءَ طرح ترڪيب ڪري سگهجي ٿي، مثال طور روزانو هڪ گرهہ گهٽ ڪندو رهي ۽ اهڙيءَ طرح گُهربل مقدار تي پهچي ۽ دل مضبوط رکي، ائين نہ ٿئي جو لذيذ غذا سامهون اچي وڃي يا دعوت ۾ پهتو ۽ نفس چيو تہ اڄ وڌيڪ کائي وٺ سياڻي وري پنهنجي معمول تي اچجانءِ تہ جيڪڏهن نفس جي ڳالهين ۾ اچي ويو تہ پوءِ استقامت مشڪل ٿيندي، چاهي ڪيڏو ئي لذيذ ترين کاڌو سامهون اچي وڃي جيڪو پنهنجي معمول تي قائم رهي اهو ئي ڪامياب آهي. ها جڏهن گهٽ کائڻ جي عادت ۾ پڪو ٿي ويو هجي هاڻي جيڪڏهن ڪنهن بہ دعوت وغيره ۾ معمول کان هٿي ڪري ڪجهہ وڌيڪ کائي ورتو تہ اِن شآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ رڪاوٽ نہ ٿيندي.

بھائیو بہنو سبھی عادت بناؤ بھوک کی
پاؤ گے رَحمت ذرا زحمت اُٹھاؤ بھوک کی

ڪاڏي جو مقدار مقرر فرمائي ڇڏيو

پنهنجي لاءِ ڪاڏي جو مقدار (مثال طور اڌ ماني، هڪ چمچو چانور، ست ڳٽرا ڪدو شريف، وڏي هجي ته هڪ نه ته ٻه ٻُوٽيون، هڪ ٽڪرو پٽاٽو، ٽي چمچا شوروو وغيره) مقرر فرمائي ڇڏيو جو ايترو ڪائڻ کان پوءِ چاهي ڪيتري ئي بُک باقي هجي ته به وڌيڪ نه کائيندس. اهڙيءَ طرح جڏهن به کائڻ ويهو ته ٽي سگهي ته مقرر ڪيل مقدار ۾ ڪاڏو اڳ ۾ ئي پنهنجي پليٽ ۾ الڳ ڪري ڇڏيو ڇو ته **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ جي خواهشمند جي لاءِ شايد ان کان بهتر ڪو طريقو هجي. ها، جيڪڏهن نفس پنهنجي ٽالهيءَ ۾ گهڻو وجهرائي به ڇڏي ته گهٽ ڪري ڇڏيو. هڪ پيرو کڻي چُڪا آهيو پوءِ چاهي لک پيرا خواهش هجي ڪاڏو نه کڻو نه ته نفس مطالبا وڌائيندو ويندو! ڪڏهن چوندو، هڪ ٻوٽي اجان کڻ، ڪڏهن چوندو پٽاٽو کڻ، هڪ چمچو دال جو وڌيڪ کڻ وغيره. دعوتن ۾ به ان انداز کي مدِ نظر رکو. ڇوته "پيٽ جو قفلِ مدينه" لڳائڻ يعني بُک کان گهٽ کائڻ جي اجان تائين جنهن جي عادت ناهي نهي اهو جيڪڏهن عام رواج جي مطابق وڏي ٽانوَ مان هرهر ٽورو ٽورو ڪڍندو رهندو ته انديشو آهي ته نفس ان کي ڏوکي ۾ وجهي ڪري گهڻو ڪارائي. جيڪڏهن ٽالهه ۾ سڀ ملي ڪري ڪائي رهيا هجن ۽ پنهنجائپ جو ماحول هجي مثال طور سنّتن جي تربيت جو مدني قافلو هجي يا **دعوتِ اسلامي** جي جامعة المدينه جو مدني ماحول ته جيڪو اسلامي ڀاءُ يا طالبِ علم "پيٽ جو قفلِ مدينه" لڳائڻ چاهي اهو"مدني انعامات" جي مطابق

ٿالهه مان پنهنجي **نڪر جي ٿانوَ** ۾ ضرورت جو ڪاڏو ڪڍي وٺي پر ٿالهه جي ويجهو ويهي ملي ڪري کائي. اهڙي موقعي تي جيڪڏهن گڏ کائڻ وارن کي بُرو لڳي ته سيني سان گڏ ملي ڪري ٿالهه ۾ ئي کائي. تنهن ڪري سيني کان محفوظ طريقو به اهو ئي آهي ته ڪاڏي جا گرهه مخصوص ڪري ڇڏي مثال طور **12** گرهن جي عادت بڻائي آهي ته سيني سان گڏ ملي ڪري کائڻ ۾ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا پريشاني نه ٿيندي جو تصوُّر ۾ ڳٽپ ڪري گرهه پورا ڪري سگهجن ٿا.

بھوک کا یا الٰہی قَرینہ ملے پیٹ کا مجھ کو قفلِ مدینہ ملے
استِقامت کا مَدَنی خزینہ ملے حِرصِ لذّاتِ دنیا کبھی نا ملے

ملائي (MIX) ڪري به ڪاڏو ڪائي سگهجي ٿو

جيڪڏهن گهر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڪاڏا آهن مثال طور ماني، چانور، ڀاجي، سموسا، مٺائي وغيره. ته ائين به ٿي سگهي ٿو ته ضرورت موجب سيني مان ٿورو ٿورو هڪ ئي ٿانوَ ۾ ڪڍي ڇڏيو ۽ سيني کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو هن ريت جيڪڏهن لذت گهٽ به ٿي وڃي ته حرج ناهي جو اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ان سان نفس تي ڪجهه نه ڪجهه دٻاءُ پوندو. پر عام دعوت ۾ احتياط ڪريو. ها جيڪڏهن **مدني ماحول** ۾ ئي دعوت آهي ۽ اوهان ڄاڻو ٿا ته ميزبان کي بُرو محسوس نه ٿيندو ۽ رياڪاري ۾ پوڻ جو به خطرو ناهي ته ملائي ڇڏڻ ۾ حرج ناهي. بهتر هي آهي ته ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ ميزبان کي هي چئي ڇڏي، ”**جيڪو** جهڙيءَ ريت کائڻ چاهي ڪيس ان ريت کائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيو“ هاڻي جيڪڏهن اهو ها ڪري ته

سڀ جي لاءِ اجازت ٿي ويئي. ڪنهن سڳِ مدينه کي ٻُڌايو هيو تہ مون هڪ شخص کي ڏٺو تہ جڏهن دسترخوان تي مختلف قسم جا ڪاڏا آيا تہ انهن سيني مان ٿورو ٿورو کڻي پنهنجي ٿالهيءَ ۾ وجهي ڪري ملائي ڇڏيو! ڪنهن تعجب جو اظهار ڪيو، تہ چوڻ لڳا، "**پيٽ** ۾ وڃي سيئي ڪاڏا ملي ويندا آهن مون اڳ ۾ ئي ملائي ڇڏيا."

نَفْس کی چال میں نہ آئیں کاش!
ڈٹ کے کھانا کبھی نہ کھائیں کاش!

پين جي موجودگي ۾ گهٽ کائڻ جو طريقو

پين جي موجودگيءَ ۾ رياڪاري يا ميزبان وغيره جي اصرار کان بچڻ جي لاءِ هڪ طريقو هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ **ٽن آڱرين** سان ننڍا ننڍا گرهہ کڻي خوب چباڙي کائو ۽ هميشہ انهن **سنّتن** جو خيال رکو. خاص ڪري دعوتن ۾ اڪثر ماڻهو جلدي جلدي کائيندا آهن انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ڪاڏي جي مشغوليت انهن کي توهان کان بي توجهہ رکي. جيڪڏهن پوءِ بہ اوهان پاڻ کي جلد فارغ ٿيندو محسوس ڪريو تہ اطمينان سان هڏيون چوسيندا رهو. اميد آهي تہ اهڙيءَ ريت توهان سيني سان گڏ فراغت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ. سيني جي آڏو جلدي جلدي هٿ روڪي وٺڻ جيڪڏهن **ريا** يعني ڏيکاءُ جي خاطر هجي جو ماڻهو سمجهن تہ نيڪ ماڻهو آهي ۽ تقويٰ جي سبب کان گهٽ ٿو کائي تہ ائين ڪرڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. رياڪاريءَ کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ تمام ضروري آهي **سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

عبرت نشان آهي،" الله عَزَّوَجَلَّ ان عمل کي قبول ناهي فرمائيندو جنهن ۾ هڪ ذري برابر به ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي."

(الترغيب والترهيب ج1 ص 87)

جيڪڏهن ڪو تحديثِ نعمت جي لاءِ يا پيشوا پنهنجي ماتحتن، استاد پنهنجي شاگردن ۽ پير پنهنجي مريدن جي ترغيب جي لاءِ پنهنجو عمل ظاهر ڪري تہ حرج ناهي. پر هتي به چڱيءَ طرح غور ڪرڻو پوندو جو واقعي تحديثِ نعمت يا ترغيب مقصود آهي يا نہ. **جيڪڏهن دل جي گهرائيءَ ۾ به پنهنجي پرهيزگاريءَ جي ڏاڪ ڄمائڻ جي نيّت لِڪيل هجي تہ پوءِ رياڪاري ۽ جهنّم جي حقداري آهي.**

اخلاص قبوليت جي ڪنجي آهي

بيشڪ سڄي عمر پيٽ پري ڪائي تڏهن به گناهگار ناهي ۽ جيڪڏهن زندگيءَ ۾ هڪ پيرو به رياڪار بڻيو تہ گناهگار ۽ باهه جي عذاب جو حقدار آهي. اسلامي ڀائرن جي سامهون تہ احتياط ڪري ٿورو ڪائي تہ جيئن اهو تاثر قائم ٿئي تہ واهہ واهہ! هن پيٽ جو قفلِ مدينه لڳايو آهي ۽ پوءِ " ڪاوان ڪاوان" ڪندو گهر پهچي ۽ ٻُڪايل شير جيان غذائن تي ڪِري پوي. اهڙو شخص پڪو رياڪار ۽ دوزخ جو حقدار آهي. بيشڪ اهو اسلامي ڀاءُ تمام عقلمند آهي جيڪو ٻين جي سامهون اهڙي طرح ڪائي جو ان جي گهٽ ڪائڻ جو ڪنهن کي اندازو نہ ٿي سگهي ۽ گهر وغيره ۾ خوب چڱيءَ طرح **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائي رکي. عمل مُرُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هئڻ گهرجي ڇوتہ **اخلاص قبوليت جي ڪنجي آهي.**

گهٽ کائڻ واري جو امتحان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ يعني گهٽ کائڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ رياضت جي شروعات ڪري ان جو امتحان هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ابتدائي طور تي ڪمزوري محسوس ٿئي، طبيعت ۾ چڙ پيدا ٿيڻ لڳي، ڪجهہ همدرد بہ سمجهائڻ لڳن، ڪمزوريءَ کان ڊيڄارڻ لڳن ۽ اهڙيءَ ريت نفسياتي دباءُ وڌي. پوءِ گهٽ کائڻ جي برڪت سان هاضمي جي سرشتي ۾ بهتري اچڻ جي سبب ٿي سگهي ٿو ڪاڏو جلد هضم ٿئي ۽ جلدي جلدي ٻُک لڳڻ شروع ٿئي اهڙيءَ طرح کائڻ جو شوق ويتر وڌڻ لڳي. پوءِ جڏهن بہ ڪٿي ڪاڏو پچي رهيو هوندو تہ ان جي خوشبوءِ سان دماغ معطر ٿي ويندو ۽ وات پاڻي پاڻي ٿي ويندو، دل چوندي بس اڄ تہ پيٽ ڀري ئي کاوان اهڙيءَ ريت گهر ۾ مختلف قسمن جون غذائون، انهن جي خوشبو بالخصوص **رمضان المبارڪ** ۾ افطار جي وقت شديد ٻُک ۽ اڄ ۽ سامهون وري لذيذ ڪاڏن جو ٿالهہ ۽ قرباني‌ء واري عيد ۾ گوشت جا انبار، سيخ تي چڙهيل ٻوٽين جي ڀُڄڻ جي ٻُک وڌائڻ واري خوشبوءِ ۾ ڀريل دونهون ۽ قسم قسم جا ڪاڏا توهان جو امتحان وٺندا رهندا، پر توهان همت نہ هاريو، هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪندا رهو،

اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا يعني عبادتن ۾ افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) وڌيڪ آهي.

(ڪشف الخفاء ج1 ص175)

لڳاتار چاليهن ڏينهن تائين گهٽ کائو

ائين بہ تي سگهي ٿو جو ڪجهہ ڏينهن پيٽ جو قفلِ مدينه لڳل رهي ۽ پوءِ استقامت نہ رهي ۽ خوب کائڻ پيئڻ جو سلسلو شروع ٿي وڃي پر توهان همت نہ هاريو، جدوجهد جاري رکو، هر پيري نئين طريقي سان ترڪيب ٻڌائيندا رهو. مثال طور ڪڏهن نيّت ڪريو تہ بِسْمِ اللّٰه جي ستن اکرن جي نسبت سان ست ڏينهن **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندس. انهيءَ ريت ربيع النور شريف جا 12 ڏينهن، شعبان المعظم جا 15 ڏينهن، رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳايو. ڪوشش ڪريو تہ ڪڏهن لڳاتار 40 ڏينهن تائين گهٽ کائڻ جي بہ سعادت ملي وڃي. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان استقامت بہ ملي ويندي. جيئن حضرتِ سيّدُنا وهب بن منبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، " **پانهو جنهن بہ ڪنهن شيءِ ڪي چاليهن ڏينهن تائين پنهنجي عادت بڻائي تہ الله تبارڪ وتعالٰي ان ڪي** (يعني ان شيءِ ڪي) **ان جي طبيعت بڻائي ڇڏيندو آهي.**

(الرسالة القشيريه ص 243)

میں کم کھانا کھانے کی عادت بناؤں
خدایا کرم! استِقامت بھی پاؤں

گهٽ کائڻ تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ

پيٽ جو قفلِ مدينه لڳي وڃي ۽ بُک ڪان گهٽ کائڻ جي عادت پئجي وڃي ان نيت سان ڪڏهن ڪڏهن بہ رڪعتون **صلوٰة الحاجت** (عام نفلن وانگر) ادا ڪري ۽ ڪڏهن ائين ئي پيٽ جي قفلِ مدينه تي استقامت ۽ ڪاڏي جو لالچ ۽ شوق

ختم ٿيڻ جي لاءِ دعا ڪريو. گڏوگڏ **فيضان سنت** (جلد پهريون) جو اهو ئي باب يعني **"پيٽ جو قفلِ مدينه"** هر مهيني يا جڏهن ڪاڏي جو حرص وري وڌڻ لڳي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهي يا ٻُڌي ونو، ۽ پڻ احياءُ العلوم ج 3 مان بہ پيٽ ڀري ڪائڻ جي آفتن وارو مضمون پڙهي ونو، تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۽ هيءَ ڳالهہ چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهاريو تہ **پيٽ جو قفلِ مدينه** يعني ٻُک کان گهٽ کائڻ توهان کي رُڳو ڪجهہ ڏينهن ڏکيو لڳندو ۽ اهو بہ گهڻي قدر ان وقت تائين جو **دسترخوان** تي وينا هوندؤ، دسترخوان کڻڻ کان پوءِ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ توجهہ هٽي ويندي. انهيءَ ڪانپوءِ جڏهن **پيٽ جي قفلِ مدينه** جي عادت پئجي ويندي ۽ ان جي برڪتن جو مشاهدو فرمائيندؤ تہ وڌيڪ کائڻ لاءِ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ دل بہ نہ چاهيندي. توهان همت ڪريو اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڏکيائي کان پوءِ آساني ٿي ئي ويندي. الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۙ﴿۵﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ؕ﴿۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان : پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي، بيشڪ ڏک پٺيان سک آهي.

(پ 30 سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ آيت ۵-۶)

ڪڙي نصيحت: **جيڪڏهن ٻُک** کان گهٽ کائڻ جي اجان تائين ترڪيب نہ بہ هئي تہ جنهن جو **مدني ذهن** هوندو اهو پاڻ ئي اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي ترڪيب بڻائيندو ۽ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائي ونندو ۽ جيڪڏهن سندس پڪو **ارادو** هوندو تہ ان جو طريقيڪار بہ پاڻ ئي بڻائي ونندو ۽ جيڪو ويچارو **"جوع الکلب"**

جو مريض ۽ گهڻو ڪائڻ تي حريص هوندو ان جي لاءِ ڪوڙ ساريون تحريرون ۽ ڪيترائي بيانات بہ ناڪافي آهن. شايد هيءَ تحرير بہ ان جي نظر کان گذري ويندي، ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيندو، ٿڌيءَ دل سان غور ڪرڻ جي زحمت گوارا (يعني پسند) نہ ڪندو. بلڪ عين ممڪن آهي تہ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ "پيٽ جو قفلِ مدينه" تي تنقيد تي لهي اچي. اهڙي شخص جي بابت ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه بلڪل سچ فرمايو، " پيٽ ڀري ڪائڻ واري کي جڏهن نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ ان جو ذهن قبول ئي ناهي ڪندو. "(نزهة المجالس ج1 ص 178) تہ اهڙو شخص نفس ۽ شيطان جي مشوري موجب بلڪل نين لذتن جي لاءِ راهون سِڌيون ڪندو رهندو ۽ مختلف قسمن جا ڪاڏا بڻائڻ جا طريقا معلوم ڪرڻ جي لاءِ بازار مان ڪتاب آڻيندو۽ مختلف حيلن بهانن سان لذيذ غذائون گهرائيندو، هرهر ڪائيندو، بيت الخلا جا خوب چڪر لڳائيندو، جسم تي چربي چاڙهيندو، بدن وڌائيندو، ڊاڪٽرن کي پنهنجو بگڙيل پيٽ ڏيکاريندو ۽ علاج تي پاڻي جيان پيسا هاريندو رهندو. جڏهن تہ هن جي بيمارين جو علاج پاڻ هن وٽ موجود آهي، جيڪڏهن **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائي تہ بيمارين ۽ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي خرچ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. پر جنهن پنهنجي زندگيءَ جو اصول "خور دن براءِ زيستن "يعني" جيئڻ جي لاءِ ڪائڻ " جي بدران " يستن براءِ خوردن"يعني" **ڪائڻ جي لاءِ جيئڻ " بڻايو آهي. اهو نادان صحتمند زندگي گذاري ئي نہ ٿو سگهي.**

پھول کی پتّی سے کٹ سکتا ہے ہیرے کا جگر
مردِ ناداں پر کلامِ نَرم ونازُک بے اثر

يا ربّ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي اسان جي مٿي مٿي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ٻُک ۽ ان جي سبب پيٽ مبارڪ تي ٻڌل بامقدّر نوراني پٽ جو واسطو اسان کي گهٽ ڪائڻ، گهٽ سمهڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمتن سان نواز. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي ٻُک شريف جو صدقو اسان سيني کي بہ عافيّت واري ٻُک ۽ پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي سعادت عطا فرماءِ.

الٰہی پیٹ کا قفل مدینہ کر عطا ہم کو
کرم سے استقامت کا خزینہ کر عطا ہم کو

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

52 حڪايتون

(1) سيدنا جابر جي گهر دعوت

مشهور صحابي حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، **غزوهءِ خندق** جي موقعي تي اسين خندق (يعني کاهي) کوٽي رهيا هئاسين تہ هڪ سخت ڇپَ سامهون اچي ويئي. صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان بارگاهِ خيرالانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو، ڪاهيءَ ۾ هڪ ڇپَ سامهون اچي ويئي آهي، فرمايائون، ”آءُ لهي ٿو اچان“. پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اٿيا ۽ **پاڻ سڳورن** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻَڌل هئا ۽ اسان بہ ٽن ڏينهن کان ڪجهہ نہ چکيو** (کاڌو) هو. مدني لڄپال، سيّده آمنہ جي لال، محبوب رب ذوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽيڪم ڪنيو ۽ ڏڪ هنيو تہ اها ڇپَ پَڄي ٽُٽي ڪري مٿيءَ جو ڍير بڻجي وئي. مون عرض ڪيو، يا رسول الله! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! مون کي گهر وڃڻ جي اجازت عطا فرمايو. (اجازت ملڻ تي گهر اچي) مون پنهنجي گهرواري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي چيو، مون تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ان حالت ۾ ڏٺو آهي جو صبر نہ ٿو ڪري سگهان. ڇا توهان وٽ ڪا (کائڻ جي) شيءِ آهي؟ انهن وراڻيو. جَوَ ۽ هڪ **ٻڪري** آهي. مون ٻڪريءَ کي ذبح ڪيو ۽ جَوَن کي پيسيو ايسيتائين جو اسان ٻنهي گوشت ديگڙيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. آءُ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيس ان وقت اٿو نرم ٿي ماني پَڄڻ جي قابل ٿي ويو هيو ۽ ديگڙي چلهہ تي پَڄڻ واري هئي. (مون عرض ڪيو) **يا رسول الله!** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ ٿورڙو

ڪاڏو آهي. اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وني هلو ۽ هڪ يا ٻن ماڻهن کي پاڻ سان گڏ وني هلو. فرمايائون،" ڪاڏو ڪيترو آهي؟" مون مقدار ٻُڌايو تہ فرمايائون، "تمام گهڻو آهي ۽ ڀلو آهي." "(پنهنجي گهرواريءَ کي) چئو تہ منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ چلهہ تان ديڳڙي لاهي ۽ نہ ئي تنور مان مانيون ڪڍي." (پوءِ) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي) فرمايائون:" اٿو " مهاجرين ۽ انصار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اٿي بيٺا. (سيّدُنا جابر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا) آءُ پنهنجي گهرواريءَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ ويس ۽ چيم ،"توهان جو ڀلو ٿئي، سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهاجرين، انصار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ جيڪي ماڻهو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئا تشريف فرما ٿيا آهن." چوڻ لڳيون، "ڇا سرڪار عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کان پُڇيو هيو؟"مون چيو،"ها."(ايتري ۾) رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي) فرمايو،" اندر داخل ٿيو ۽ رش نہ ڪريو. حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، نَيِّرِاعظم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (پنهنجي هٿ مبارڪ سان) **ماني ٽوڙڻ ۽ ان تي گوشت رکڻ شروع ڪيو جڏهن پاڻ سڳورا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ماني ۽ گوشت ڪڍي پيا وٺن تہ ديڳڙي ۽ تنور کي ڍڪي پيا ڇڏين**، ۽ ڪاڏو صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي عطا فرمائيندا پيا وڃن ۽ پوءِ وري ڍڪڻ لاهن پيا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙيءَ طرح ماني‌ءَ کي ٽوڙيندا ۽ ديڳڙيءَ مان گوشت ڪڍندا رهيا، ايتري تائين جو صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڍوءُ ڪري ويا ۽ ڪاڏو بچي پيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(انهن کي) فرمايائون، ”توهان پاڻ بہ کائو ۽ ماڻهن کي تحفي ۾ بہ ڏيو ڇو تہ ماڻهو **بُک** ۾ مبتلا آهن.“ (صحيح بخاري ج5 ص 55 رقم الحديث 4101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن **مدني حڪايت** مان درس مليو تہ اسان جي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بُک مبارڪ اختياري هئي تڏهن تہ هڪ پاسي بُک کان پيٽ مبارڪ تي پٿر بَڌي رکيو هئائون ۽ ٻئي پاسي هڪ ئي ديگڙيءَ مان بيشمار صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ڍؤ ڪرايائون. هن **معجزي** ۾ حڪمت جا هزارين مدني گل آهن انهن مان هڪ هيءُ بہ **مدني گل** آهي تہ اسان جا مدني حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاچار ۽ مجبور ناهن، پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ٻنهي جهانن جي خزانن جا مالڪ ۽ مختار آهن. هن مدني حڪايت مان هيءُ بہ **درس** مليو تہ شاهِ خيرالانام ۽ صحابهءِ ڪرام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان خوب تڪليفون برداشت ڪري، بُک ۾ رهي ڪري ۽ پنهنجي مبارڪ پيٽ تي پٿر بَڌي ڪري نيڪيءَ جي دعوت عام فرمايائون ۽ آهہ! هڪ اسان بہ آهيون جو هر قسم جون آسائشون موجود هجڻ جي باوجود راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ معمولي تڪليف ڪڍڻ جي لاءِ بہ تيار ناهيون ٿيندا. يقينًا هاڻي ڪو نبي نہ ايندو. مسلمانن کي ئي **نيڪيءَ جي دعوت** جو عظيم فرض نڀائڻو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اڄ مسلمانن جي حالت تمام خراب ٿي چُڪي آهي. مسجدن جي ويراني ڏسي دل رت روئي رهي آهي. هڪ عبرت انگيز واقعو سماعت فرمايو:

(2) مدني قافلي مسجد آباد ڪئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، سنّتن جي تربيت لاءِ دعوتِ اسلامي واري عاشقانِ رسول جو 12 ڏينهن جو **مدني قافلو** بابُ المدينه (ڪراچي) کان پنجاب جي هڪ شهر **سوهاوا** جي هڪ مسجد ۾ پهتو، دروازي تي تالو هيو، جيئن تيئن چابي حاصل ڪئي، دروازو کوليو تہ هر شيءِ متيءَ سان ڀريل هئي، ائين پئي لڳو جڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند پئي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان ملي جُلي ڪري صفائي ڪئي، **علائقائي دورو** ڪري شهر جي ماڻهن کي **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪري مسجد ۾ اچڻ جي التجا ڪئي. افسوس! اسان جي اخلاص جي گهٽتائي جي سبب هڪ شخص بہ گڏ نہ آيو، پر اسان همت نہ هاري. الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو ونی ويجهو ئي راند جي ميدان ۾ داخل ٿياسين ۽ ڊڄندي ڊڄندي راند ۾ مشغول نوجوانن جي خدمت ۾ **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي سون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دل تي اثر ٿيو، ڪيترائي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏ هلڻ لڳا، مسجد اچي اسان سان گڏ نمازون پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، اسان جي گذارش تي انهن هن مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيّت ڪئي، اهو منظر ڏسي اتي موجود تقريبًا 70 ورهين جا هڪ بزرگ روئي ڪري فرمائڻ لڳا، مان تہ ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جي لاءِ چوندو هيس پر منهنجي ٻُڌي ڪير؟ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اڄ عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي ويئي آهي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(3) 80 صحابہءِ ٿورڙو ڪاڏو

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا **ابو طلحه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ (گهر تشريف ڪٽي اچي) حضرتِ سيّدتنا ام سُليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪي فرمايو، مون حضور پُرنُور، شافع يوم النُّشُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪمزور آواز ڪي ٻُڌو جنهن سان مون ڪي سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻُک جو علم ٿيو. ڇا توهان وٽ ڪا (ڪائڻ جي) شيءِ آهي؟ ام سُليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا عرض ڪيو، جي ها. پوءِ انهن جَوَ جي ماني ڄا ڪجهه ٽڪرا ڪڍيا، پنهنجو رئو ڪٽي ان جي هڪ حصي ۾ ماني ڪي ويڙهيو ۽ ان ڪي منهنجي ڪپڙن جي هيٺان لِڪائي ڇڏيو ۽ رَئي جو باقي حصو منهنجي (يعني سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي) مٿان ويڙهي ڇڏيائون ۽ پوءِ مون ڪي تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت سراپا عظمت ۾ موڪليائون. آءُ اها ماني ڪٽي حاضر ٿيس، تڏهن ڏٺم تہ راحتِ هر قلبِ ناشاد، محبوبِ ربُّ العباد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪثير ماڻهن سان گڏ مسجد ۾ تشريف فرما آهن. آءُ اتي بيهي رهيس تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو، ڇا توهان ڪي **ابو طلحه** موڪليو آهي؟ مون عرض ڪيو، جي ها **يا رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

فرمايائون ڇا ڪاڏي جي لاءِ؟“ مون عرض ڪيو، جي سرڪار. شاهِ خيرالانام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي فرمايو، ”هلو. سيئي هلڻ لڳا ۽ آءُ انهن جي آڏو آڏو هلڻ لڳس. ايسيتائين جو مان حضرتِ سيّدُنا ابوطلحه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ آيس ۽ انهن ڪي صورت حال ڪان آگاهه ڪيم. حضرتِ سيّدُنا ابو طلحه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو. اي امّ سُليم! (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) مديني جا شهنشاهه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن سان گڏ تشريف ڪڻي اچي رهيا آهن ۽ اسان وٽ ڪجهه ناهي جو انهن سيني ڪي ڪارايون. حضرتِ سيّدتنا امِ سُليم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وراڻيو، **الله ورسوله اعلم يعني الله تعاليٰ** ۽ ان جا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي بهتر ڄاڻين ٿا. حضرتِ سيّدُنا ابوطلحه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هليا ايتري تائين جو سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. شهنشاهِ ڪونين، رحمتِ دارين، ڏڪويل دلين جي چين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان گڏ گهر تشريف وٺي آيا. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، اي ام سُليم! جيڪو ڪجهه توهان وٽ آهي ڪڻي اچو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا اهي ئي مانيءَ (جا ٽڪرا) ڪڻي آيون مديني واري آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان ماني ڪي ٽوڙيو ويو. پوءِ حضرتِ سيّدتنا ام سُليم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ان تي گيهه جو ٿانءُ پَلٽيو. ۽ ان ڪي ڀاڄيءَ جي طور تي استعمال ڪيائون. پوءِ سرڪارِ نامدار، باذن پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه الله عَزَّوَجَلَّ ڪي منظور هيو اهو ان تي پڙهيو. پوءِ فرمايائون،“ **ڏهن** ڪي اندر اچڻ جي

اجازت ڏيو.“ انهن ڏهن ماڻهن کي گهرايو. انهن کاڏو ايسيتائين جو ڍؤ ڪري ويا. پوءِ ٻاهر نڪتا. پوءِ فرمايائون ”وڏيڪ **ڏهن** کي گهرايو.“ انهن ڏهن کي گهرايو. انهن بہ کاڏو ۽ ٻاهر هليا ويا. وري فرمايائون، ” وڏيڪ **ڏهن** کي گهرايو.“ ايسيتائين جو سڄي قوم ماني کاڏي ۽ سي ڍؤ ڪري ويا. اها قوم **ستر** يا **اسي** صحابه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي مشتمل هئي (مسلم ج2 ص 178رقم الحديث 2040) **هڪ** روايت ۾ آهي. لڳاتار ڏهہ ڏهہ ماڻهو اندر داخل ٿيندا رهيا ۽ ڏهہ ماڻهو ٻاهر نڪرندا رهيا ايتري تائين جو انهن مان ڪو بہ اهڙو نہ رهيو جنهن اندر وڃي کاڏو نہ کاڏو هجي ۽ سي ڍؤ ڪري ويا. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کاڏي کي گڏ ڪيو تہ اهو اوتروئي هيو جيترو کائڻ کان پهريان هيو. **هڪ** ٻي روايت ۾ آهي، ڏهہ ڏهہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کاڏو تناوُل فرمائيندا رهيا ايتري تائين جو اسي صحابه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کاڏو کائي ورتو. تنهن کان پوءِ شهنشاهِ زمانه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اهلِ خانہ (يعني گهر وارن) ماني کاڏي ۽ پوءِ بہ کاڏو **بچي** پيو. **وڏيڪ هڪ** روايت ۾ هي بہ آهي، ”جيڪو کاڏو بچي پيو اهو انهن پاڙيسرين کي ڏنو.“

(صحيح مسلم ج2 ص 178 رقم الحديث 2040)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو **معجزو** هيو ڇو تہ ظاهري طور تي مختصر کاڏو 80 صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي کائڻ جي باوجود اوتري جو اوترو ئي رهيو.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! تاجدارِ رسالت، قاسمِ نعمت، سراپا رحمت، مالکِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ ڇا تہ شان ۽ عظمت آهي؟ جو پاڻ بُکايل رهن ۽ پنهنجي غلامن کي خوب خوب نعمتون کارائين. سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان ايمان جي تازگيءَ جو ذريعو آهي.

اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللّٰهُ يُعْطِيْ — يعني الله عَزَّوَجَلَّ عطا ڪندو آهي ۽ آءٌ تقسيم ڪندو آهيان

(بخاري ج1 ص 30 رقم الحديث 71)

ربّ ہے مُعطی یہ ہیں قاسم — رِزْق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا — پیتے ہم ہیں پِلاتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ — دیتا وہ ہے دلاتے یہ ہیں
اِنَّا اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَر — ساری کثرت پاتے یہ ہیں

کہہ دو رضاؔ سے خوش ہو خوش رَہ
مژدہ رِضا کا سناتے یہ ہیں

(4) وڏي قدواري مڇي

حضرتِ سيّدُنا ابوعبدالله جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، امام المبلغين، سرور دنيا و دين، محبوب ربُّ العٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان (ٽي سؤ ماڻهن) کي قريش جي مقابلي تي موڪليو ۽ حضرتِ سيّدُنا ابوعُبيده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اسان جو سپهه سالار مقرّر فرمايو ۽ ڪارڪن جي هڪ ٻوري بطور زادِ راهه (سفر ۾ ڪائڻ لاءِ) عنايت فرمائي. حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اسان کي (روزانو) هڪ هڪ ڪارڪ عطا فرمائيندا هئا. پُڇيو ويو، اوهان حضرات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم هڪ ڪارڪ سان ڪيئن گذارو ڪندا هئا؟ تڏهن

فرمايائون، اسان ان کي چوسيندا هئاسين جهڙيءَ طرح ٻار چوسيندو آهي ۽ پوءِ مٿان پاڻي پي ڇڏيندا هئاسين. تہ اها (ڪارڪ) ان ڏينهن رات تائين اسان جي لاءِ ڪافي ٿي ويندي هئي. اسان پنهنجي نيزن سان وڻن جا پن (جن کي اُٺ کائيندا آهن) ڪيرائيندا هئاسين ۽ انهن کي پاڻيءَ ۾ ڀڄائي کائيندا هئاسين. فرمائن ٿا، اسان **سمنڊ جي ڪناري** کان گذري رهيا هياسين تہ (پري کان) ڪناري تي واريءَ جي وڏي دڙي جيان ڪا شيءِ نظر آئي. اسين ويجهو پهچي ڏٺوسين تہ اهو جاندار (جو مُردو) آهي جنهن کي عنبر (مڇي) چيو وڃي ٿو. حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو، هي مُردار آهي. وري پاڻ ئي فرمايائون، نہ پر اسان **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا موڪليل آهيون ۽ اسين راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ (گهرن کان نڪتا) آهيون ۽ اوهان حضرات (عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان) اضطراري (يعني مجبوريءَ جي) حالت ۾ آهيو ان لاءِ (هن کي) کائي وٺو. اسان هڪ مهينو ان تي گذارو ڪيو ۽ اسان ٿي سؤ (ماڻهو) هئاسين ايسيتائين جو اسين ڪافي صحتمند ٿي وياسين. مون کي ياد آهي تہ اسان ان جي اک جي ڪوپي مان مٽ ڀري ڀري چربي ڪڍندا هئاسين ۽ اسان ان (مڇيءَ) مان ڏاند جيترا وڏا وڏا ٽڪرا ڪٽيندا هئاسين. (هن مڇي جي اک جو ڪوپو ايڏو تہ وڏو هو جو) حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اسان مان تيرهہ ماڻهن کي ان جي اک جي ڪوپي ۾ ويهاري ڇڏيو (تہ سڀ ويهجي وياسين). ان جي هڪ **پاسراٽيءَ** کي پڪڙي (ڪمان جيان) سڌو ڪري پوءِ هڪ وڏي **اُٺ** تي ڏولي رکي سون تہ اهو ان (پاسراٽيءَ جي ڪمان) جي هيٺان گذري

ويو، ۽ اسان ان جي خشڪ گوشت جا ٽڪرا بطور زادِ راهه (يعني سفر ۾ استعمال لاءِ) ساڻ رکي ڇڏيا. جڏهن اسان مدينهءِ منوره پهتاسين ۽ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ان جو ذڪر ڪيوسين تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،"اهو رزق هيو جيڪو الله تعالى توهان جي لاءِ پيدا فرمايو. ڇا توهان وٽ ان گوشت مان ڪجهه آهي؟ (جيڪڏهن هجي تہ) اسان کي بہ ڪارايو. اسان حضور پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ان (مڇيءَ) جو گوشت موڪليو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تناوُل فرمايو. (صحيح مسلم ج2 ص 147 رقم الحديث 1935)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(5) اَمِيْنُ الْاُمَّة

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي جذبي ۽ ولولي تان قربان! اهڙي تنگي ۽ مفلسي جو روزانو هڪ ڪارڪ ۽ وڻن جا پن کائي ڪري بہ راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ دشمنن سان وڙهندا ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪندا هئا. هاڻي جيڪا حڪايت اوهان ملاحظہ فرمائي هن مهم جو نالو سيفُ البَحر آهي. هن کي "جيش العسره" بہ چوندا آهن. ٽي سؤ جانبازن جي فوج جا سپهہ سالار حضرتِ سيّدُنا ابو عبيده بن الجراح رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ "عشرهءِ مبشره" مان هئا، بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان انهن کي "اَمِيْنُ الْاُمَّة (يعني امت جا امانت دار) جو پيارو لقب عطا ٿيو هو. اسلام جي ابتدا ۾

حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مسلمان ٿيا هئا. نهايت ئي دليرِ، شير دل، قد آور هئا ۽ چهري مبارڪ تي گوشت گهٽ هيو. غزوهءِ احد جي موقعي تي مديني جي تاجدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رخسار پُرانوار ۾ خود (يعني لوهہ جو ٽوپ جيڪو جنگ ۾ بچاءَ لاءِ پاتو وڃي ٿو) جون ٻہ ڪڙيون (گوشت ۾) گِهڙي ويون هيون. انهن (يعني ابو عبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) پنهنجي (مبارڪ) ڏندن سان انهن کي ڇڪي ڪڍيو هن سبب کان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ٻہ اڳيان ڏند شهيد ٿي ويا هئا.

(الاصابه ج3 ص 476)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! **جيش العسره** جي موقعي تي **قد آور ميڄيءَ** جو ملي وڃڻ، هڪ مهيني تائين ساڻ ڪٽي وڃڻ، مدينهءِ منوره ٻہ ساڻ ڪٽي اچڻ، **ميڄيءَ جي گوشت** جي ذائقي ۾ تغيّر (يعني تبديلي) نہ اچڻ هي سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان سيّدُنا ابو عبيده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جون برڪتون ۽ ڪرامتون هيون. راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جيڪو ٻہ سفر ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جون ان تي خوب رحمتون هونديون آهن. مصيبتن ۾ ٻہ عظمتون حاصل ٿينديون آهن ۽ راحتون تہ وري ٻہ راحتون آهن. هر مسلمان کي صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي انهن عظيم قربانين مان **درس** حاصل ڪندي اسلام جي خدمت جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي هر فرد جو هي مدني مقصد آهي .”**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.**“ هن مدني مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جا **مدني قافلا** سنّتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ سفر ڪندا رهندا آهن، هر مسلمان کي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ گهرجن. راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر تي نڪتل مقدس افراد جي **قد آور مڇيءَ** جي ذريعي غيبي امداد جي حڪايت اوهان هاڻي ملاحظ فرمائي.

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ بہ جيڪي اخلاص سان اسلام جي خدمت جي تڙپ کڻي گهرن کان نڪرن ٿا اهي محروم ناهن رهندا. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي جي بهار** ملاحظ فرمايو:

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ اَسْتَغْفِرُاللّٰہ

(6) دل جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي دل جي تڪليف ٿي، ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ توهان جي دل جون ٻہ نليون بند آهن، اينجيو گرافي (ANGIOGRAPHY) ڪرايو. علاج تي هزارين روپيا خرچ اچڻو هيو، هي ويچارا غريب گهبرايل هئا، هڪ اسلامي ڀاءُ انهن تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي **دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري اتي دعا گهرڻ جي ترغيب

ڏياري، اهڙيءَ ريت اهي ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جا مسافر بڻيا، واپسيءَ تي طبيعت کي بهتر محسوس ڪيائون. جڏهن ٽيسٽ ڪرايائون تہ سيئي رپورٽون درست هيون. **ڊاڪٽر** حيرت مان پُڇيو تہ توهان جي دل جون ٻہ بند نليون ڪُلي چُڪيون آهن. آخر هي ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏنائون اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ جي برڪت سان مون کي خطرناڪ مرض کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي.**

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو

دل میں گرد رَد ہو ڈر سے رُخ زَرد ہو

پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(7) يحييٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ شيطان

منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا يحييٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڀيري شيطان وٽ تمام گهڻا چار ڏسي پُڇيو، هي ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو، هي **شهوتن** (خواهشن) **جا چار** آهن جن سان مان ماڻهن جو شڪار ڪندو آهيان. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پُڇيائون، ڇا مون کي ڦاسائڻ جي لاءِ ان مان ڪو چار آهي؟ ان وراڻيو، ”نہ، پر رُڳو هڪ رات اوهان (عَلَيْهِ السَّلَام) کاڏو پيٽ ڀري کاڏو، تہ مون ان رات اوهان (عَلَيْهِ السَّلَام) تي نماز کي ڏکيو ڪري ڇڏيو. حضرتِ سيّدُنا يحييٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٻُڌي فرمايو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ٻيهر آءُ ڪڏهن ٻہ پيٽ ڀري نہ کائيندس.“ شيطان چوڻ لڳو، ”مان ٻہ ٻيهر ڪڏهن ٻہ ڪنهن کي اهڙي (فائدي واري) ڳالهہ نہ ٻُڌائيندس.

(منهاج العابدين ص 93)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

عبادت ۾ ڪڏهن لذت ايندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي حڪايت نقل ڪرڻ کان بعد حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”هي ان معصوم هستيءَ جو حال آهي جنهن سڄي عمر ۾ هڪ پيرو ڊوڙ ڪري ڪاڏو، تہ ان جو ڇا حال هوندو جنهن سڄي عمر ۾ رُڳو هڪ پيرو (اهو بہ ڪنهن مجبوريءَ جي تحت) پيٽ کي ٻُکيو رکيو هجي؟ڇا اهڙو شخص عبادت ۾ لذت جي اميد ڪري سگهي ٿو؟ پيٽ ڀري ڪري ڪائڻ سان عبادت ۾ گهٽتائي واقع ٿيندي آهي. ڇو تہ انسان جڏهن خوب پيٽ ڀري ڪري ڪائي وٺندو آهي تہ ان جو بدن وزندار ٿي ويندو آهي، اکين ۾ ننڊ ڀرجي ويندي آهي، ۽ عضوا سُست ٿي ويندا آهن، ڪوشش جي باوجود ڪو ڪم ناهي ڪري سگهندو، هر وقت زمين تي مُردي جيان پيو رهندو آهي، چيو ويو آهي،”جڏهن تون **پيٽُو** ٻڌجي وڃين تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي زنجير ۾ جڪڙيل سمجهہ“. حضرتِ سيّدُنا **ابو سليمان** داراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا، ” آءُ عبادت ۾ سيني کان وڌيڪ ميناج ان وقت محسوس ڪندو آهيان جڏهن بُک جي سبب کان منهنجو پيٽ پُنيءَ سان لڳل هجي.“

(منهاج العابدين ص 93)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(8) کير الٽي ڪري ٻاهر ڪڍيو!

هڪ ڀيري اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي غلام پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خدمت ۾ **کير** آندو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کي پي ڇڏيائون. غلام عرض ڪيو، مان پهريان جڏهن بہ ڪا شيءِ پيش ڪندو هيس تہ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي بابت پُڇندا هئا پر هن **کير** بابت ڪجهہ نہ پُڇيو؟ اهو ٻُڌي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پُڇيائون، هي کير ڪهڙو آهي؟ غلام وراڻيو تہ مون جاهليت واري زماني ۾ هڪ بيمار تي **منتر** ڪيو هيو جنهن جي معاوضي ۾ اڄ ان هي **کير** ڏنو آهي. حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هي ٻُڌي پنهنجي نِڙيءَ ۾ آڱر وجهي **کير الٽي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيو**. ان ڪان پوءِ نهايت عاجزيءَ سان دربارِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون،" **يا الله!** عَزَّوَجَلَّ جنهن تي مان قادر هيس مون ڪري ڇڏيو. ان جو ٿورو حصو جيڪو رڳن ۾ رهجي ويو آهي مُعاف فرماءِ. (منهاج العابدين ص97)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪيڏا زبردست متقي هئا. ڪافر اڪثر ڪفريہ ڪلمات پڙهي ڪري مريضن تي جهاڙ ڦوڪ ڪندا آهن. جاهليت واري دؤر ۾ بہ اهڙيءَ طرح ٿيندو هيو، ان غلام جيئن تہ جاهليّت واري زماني ۾ دم ڪيو هيو، تنهن ڪري ان خوف جي سبب جو ان ڪفريہ منتر پڙهي دم ڪيو هوندو، ان جي اجرت جو **کير** سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو.

یقیناً منبعِ خوفِ خُدا صدّیقِ اکبر ہیں　　حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صدّیقِ اکبر ہیں
نہایت متّقی و پارسا صدّیقِ اکبر ہیں　　تقی ہیں بلکہ شاہِ اتقیا صدّیقِ اکبر ہیں

(9) پُڳل بڪري

حضرتِ سيّدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪجهه ماڻهن وٽان گذريا جن جي سامهون **پُڳل بڪري** پئي هئي، انهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڪائڻ ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هي فرمائيندي ڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون ته شهنشاهِ خوش خِصال، سلطانِ شيرين مقال، محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان حال ۾ دنيا مان رخصت ٿيا جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن به جَوَن جي ماني به پيٽ ڀري نه ڪاڌي. (صحيح بخاري ج6 ص 252 رقم الحديث 5414)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

خدايا ميں عمده غذائيں نہ کھاؤں　　غمِ مصطفٰے ميں بس آنسو بہاؤں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تنوري ران مدينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ پاسي حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو غمِ مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هيو جو پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻُک شريف کي ياد ڪري **پُڳل بڪري** ڪائڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيائون، ۽ آهه! ٻئي پاسي اسان جهڙا نالي جا "**عاشق**" آهن جو جيڪڏهن تنوري ٻڪرو بلڪ **تنوري ران** ئي سامهون اچي وڃي ته عشق ۽ مستي سي وساري ٻُڪايل شينهن جيان ان تي ڪڙڪي پئون ۽ ٻنهي هٿن سان پٽي پٽي ڪائڻ ۾ اهڙا مشغُول ٿي وڃون جو شايد نمازِ باجماعت جو به هوش نه

رهي آهہ! اڄڪلهہ گهڻين دعوتن ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. ايتري تائين جو بزرگن جي نياز جي دعوت جهڙو نفلي ڪم بہ ڪندا آهيون، تہ مَعاذاللہ اڪثر نمازي ڪاڏي جي لالچ جي سبب جماعت ڇڏي ڏيندا آهن. مدني التجا آهي جو جڏهن بہ دعوت ڪريو تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ ڪا نماز وچ ۾ نہ اچي، جيڪڏهن اچي وڃي تہ پوءِ ڪيڏي بہ مصروفيّت هجي جلدي ميزبان ۽ مهمان سڀ جا سڀ مسجد جو رخ ڪن، جيسيتائين شرعي مجبوري نہ هجي ان وقت تائين مسجد جي جماعتِ اولىٰ ۾ حاضر ٿيڻ واجب آهي جيڪڏهن گهر ۾ جماعت ڪري بہ ورتي تہ ترڪِ واجب جو گناهہ انهن تي ٿيندو، بلڪ ڪجهہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي ويجهو اقامت کان پهريان مسجد ۾ نہ اچڻ وارو گناهگار آهي.

ڪفر تي خاتمي جو خوف مدينہ

افطار پارٽين، دعوتن، نياز ۽ نعت خوانين وغيره جي سبب فرض نمازن جي جماعتِ اولىٰ (يعني پهرين جماعت) ترڪ ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي، ايتري تائين جو ماڻهو گهر يا هال يا بنگلي جي ڪمپائونڊ وغيره ۾ تراويح جي جماعت قائم ڪندا آهن ۽ ويجهو مسجد موجود آهي تہ انهن تي بہ واجب آهي تہ پهريان فرض رڪعتون جماعتِ اولىٰ سان مسجد ۾ ادا ڪن. جيڪي ماڻهو بنا شرعي عذر جي، سگهہ جي باوجود فرض نماز مسجد ۾ جماعتِ اولىٰ سان ادا نہ ٿا ڪن انهن کي ڊڄڻ گهرجي، جو حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جو فرمان آهي ”جنهن کي هي

پسند هجي تہ سياڻي الله **تعالى** سان مسلمان تي ملي تہ اهو انهن پنج نمازن (جي جماعت) جي اتي پابندي ڪري جتي اذان ڏني ويندي آهي ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سُنَنِ هُديٰ مَشروع ڪيون ۽ هي (باجماعت) نمازون بہ سننِ هديٰ مان آهن ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهندا رهندؤ جيئن پويان رهڻ وارو گهر ۾ پڙهي وٺندو آهي تہ توهان پنهنجي نبيءَ جي سنّت ڇڏي ڏيندؤ ۽ جيڪڏهن پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ڇڏيندؤ تہ گمراهہ ٿي ويندؤ.“ **(مسلم شريف ج1 ص 232 رقم الحديث 258)**

هن حديثِ مبارڪ مان اشارو ملي ٿو تہ جماعت اوليٰ جي پابندي ڪرڻ واري جو **خاتمو بالخير** ٿيندو ۽ جيڪو بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد جي جماعتِ اوليٰ ڇڏي ڏئي ان جي لاءِ مَعاذالله **ڪفر تي خاتمي جو خوف آهي**. جيڪي ماڻهو هروڀرو سُستيءَ جي سبب پُوري جماعت حاصل ناهن ڪندا اهي توجهہ فرمائين جو منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، بَحرُالرَّائِق ۾ آهي، قنيه ۾ آهي، جيڪڏهن اذان ٻُڌي دُخولِ مسجد (يعني مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ) اقامت جو انتظار ڪندو رهيو تہ گناهگار ٿيندو.“ **(فتاوىٰ رضويه ج7 ص 102، البحرالرائق ج1 ص 604)**

فتاوىٰ رضويه شريف جي انهيءَ صفحي تي آهي. ” جيڪو اذان ٻُڌي گهر ۾ اقامت جو انتظار ڪندو آهي ان جي شهادت (يعني گواهي) قبول ناهي.“

(البحرالرائق ج 1 ص451)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جيڪو اقامت تائين مسجد ۾ ناهي ايندو ڪجهہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي ويجهو اهو گناهگار ۽ مردود الشهادت يعني گواهيءَ جي لائق ناهي تہ جيڪو بنا شرعي عذر جي گهر ۾ جماعت قائم ڪندو آهي يا بغير جماعت جي نماز پڙهندو آهي يا مَعاذَالله نماز ئي ناهي پڙهندو ان جو ڇا حال هوندو!

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پنج ئي نمازون مسجد جي جماعتِ اولىٰ ۾ پهرين صف جي اندر تڪبير اوليٰ سان ادا ڪرڻ جي هميشہ سعادت نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعَت
ہو توفیق ایسی عطا یا اِلٰہی عزوج

(10) رقت انگيز خطبو

حضرتِ سيّدُنا خالد بن عُمير عَدَوي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ بصره جي حاڪم حضرتِ سيّدُنا عتبہ بن غزوان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ موقعي تي اسان کي هن طرح **خطبو** ڏنو. **الله تعاليٰ** جي حمد و ثنا ڪانپوءِ فرمايائون. اَمَّا بَعد! (يعني هن کان بعد) بيشڪ دنيا پنهنجي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ اها انتهائي تيزيءَ سان رخصت ٿي رهي آهي. ۽ (هاڻي) هن دنيا مان ايتريقدر باقي رهجي ويو آهي جيترو ٿانوَ جو گيرٿ (جيڪو ٿورڙو تري ۾ رهجي وڃي ان کي گيرٿ چوندا آهن) ۽ ان (ٿانوَ) جو مالڪ ان (گيرٿ) مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. توهان هن دنيا مان ان گهر ڏانهن منتقل ٿيڻ وارا آهيو

جنهن کي فنا ناهي. ان لاءِ توهان وٽ جيڪا سڀ کان بهتر شيءِ آهي ان کي ڪٽي ان (اخروي) گهر جي طرف انتقال ڪريو. اسان کي هي بُڌايو ويو آهي تہ،" **جهنّم** جي ڪناري کان هڪ پٿر اڇلايو ويندو جيڪو **ستر سالن** تائين هيٺانهينءَ ڏانهن ڪِرندو ويندو پر ان جي باوجود اهو جهنّم جي تري تائين نہ پهچندو". ۽ خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ان جهنّم کي ضرور ڀريو ويندو. ڇا توهان کي ان تي تعجب آهي؟ ۽ اسان کي هي بہ بيان ڪيو ويوآهي تہ، "**جنّت** جي دروازن جي ٻن طاقن جي وچ ۾ **چاليهہ سالن** جو فاصلو هوندو ان تي هڪ ڏينهن ضرور اهڙو ايندو جو اهو ميڙ سان ڀرجي ويندو." مون پنهنجو پاڻ کي ڏٺو تہ آءُ سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ست ماڻهن مان ستون هيس. اسان وٽ وڻ جي **پنن** کان علاوه ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هيو. ايتري تائين جو (پن ڪائڻ جي سبب) اسان جي چپن جا پاسا زخمي ٿي پيا. مون هڪ چادر حاصل ڪئي ۽ انکي (وچ مان ڦاڙي) پنهنجي ۽ **سعد** بن مالڪ (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي وچ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيم، اڌ چادر گوڏ جي طور تي مون استعمال ڪئي ۽ اڌ سعد بن مالڪ (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ). (هڪ تہ اهو غربت جو دؤر هيو) ۽ اڄ اسان مان هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن شهر جو حاڪم آهي. مان هن ڳالهہ کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهران ٿو جو مان تہ (خوش فهمي جي سبب) پنهنجو پاڻ کي عظيم سمجهي ويهان پر خدا عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مان تمام حقير سمجهيو وڃان. (مسلم شريف ج2 ص 408 رقم الحديث 2967)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏنو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ خوب ٻُک برداشت ڪئي ايتري تائين جو وطن جا پن ڪائي ڪري ۽ خوب سختيون برداشت ڪري اسلام جي وڻ کي پاڻي ڏنائون. واقعي ان وقت حالتون انتهائي خراب هيون. جيئن جو هڪ ٻئي روايت مان بہ ظاهر آهي. جيئن تہ

(11) راهہ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سڀ کان پهريون تير هلايو

عَشَرَهءِ مُبَشره مان هڪ جنّتي صحابي حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقّاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، مان اهو پهريون عَرَب آهيان جنهن راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سڀ کان **پهريون تير** هلايو. اسان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، محبوب ربُّ الْعزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معيّت (يعني همراهيءَ) ۾ جهاد ڪندا هئاسين. ۽ اسان وٽ ٻير جي وڻ جي پنن کانسواءِ ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هوندو هيو. قضاءِ حاجت جي وقت اسان جي اجابت ٻڪري جي ڦولڙين وانگر هوندي هئي، جنهن تي چنبڙندڙ مادي جو نالو ۽ نشان نہ هوندو هيو.

(صحيح بخاري ج7 ص 231 رقم الحديث 6453)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بعد ۾ سهولتون ملي وڃڻ کان پوءِ بہ انهن صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جذبو ختم تہ ڇا گهٽ بہ نہ ٿيو پر خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ اجان وڏي ويو جو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان

پنهنجو پاڻ کي بزرگ تصوُّر ڪري ويهون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان ناراض ٿي وڃي. الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ اسان کي به انهن صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي صدقي **نيڪيءَ جي دعوت** عام ڪرڻ جي تڙپ ۽ ان جي خاطر قربانيون پيش ڪرڻ جو جذبو عطا فرمائي. آمين. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته اهو پنهنجو هي ذهن بڻائي ته **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ قربانين کي خراجِ تحسين پيش ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري دين ۽ دنيا جون برڪتون حاصل ڪري. مدني قافلي جي هڪ **بهار** پيشِ خدمت آهي.

(12) هٿن جا داڻا

ٽنڊو آدم (سنڌ، پاڪستان جي) هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، آءٌ تقريبًا ٻن سالن کان ٻانهن تي داڻن جي سبب پريشان هيس. علاج تي ڪافي رقم خرچ ڪيم، هڪ ڀيري آپريشن به ڪرايم پر ”جيئن جيئن دوا ڪئي مرض وڌندو ويو“ ان چوٽيءَ مطابق داڻن جي تعداد ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو رهيو، دل ۾ هڪ خوف ويهجي ويو هيو ته انهن داڻن ۾ شايد **ڪينسر** ٿي ويندو ۽ منهنجي ٻانهن ڪٽي ويندي. الله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي صوبائي مجلسِ مُشاورت (بلوچستان) کي هميشه سلامت رکي. آمين. انهن صوبائي سطح تي **ڪوئٽه** ۾ به روزه سنّتن ڀريو اجتماع (27، 28 جمادي الاولىٰ سن 1425هـ) رکيو. قسمت سات ڏنو ۽ آءٌ

بہ سنّتن ۾ پرئي **اجتماع** ۾ شريڪ ٿيس، **دعوتِ اسلامي** جا بيشمار **مدني قافلا** دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هر وقت سفر تي رهن ٿا ۽ ڳوٺ ڳوٺ گهٽي گهٽي نيڪيءَ جي دعوت جون ڏومون مچائيندا رهن ٿا، مون ٻُڌو هيو تہ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن جون دعائون قبول ٿينديون آهن مون بہ همت ڪئي ۽ ڪوئٽہ مان دعوتِ اسلامي جي سنتن جي تربيت جي 12 ڏينهن واري **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو پيش ڪري روئي روئي دعا گهريم. مون گناهگار تي ڪرم ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجا سيئي داڻا ختم ٿي ويا. حيرت انگيز ڳالهہ هي آهي تہ جن داڻن جو آپريشن ڪرايو هيم انهن جا نشان باقي آهن پر 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ختم ٿيڻ وارن داڻن جا تہ نشان ئي غائب ٿي ويا!

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَلٰى احسانہٖ وكرمہٖ

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
زَخم بگڑے بھریں پھوڑے بُھنسی مٹیں گرہوں مَسّے جَھڑیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن نفس ۽ شيطان ڪان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ورهين تائين جدوجهد فرمائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنجويهه (25) سالن تائين عراق شريف جي جهنگن ۾ اڪيلائيءَ ۾ رياضتون ڪندا رهيا.

تُو ہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شَیدا تیرا
تُو ہے وہ غَیث کہ ہر غَیث ہے پیاسا تیرا

(13) ٽڏيءَ رات ۾ چاليهه ڀيرا غسل

بَهجَة الأسرَار شريف ۾ آهي، سرڪارِ بغداد حضورِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ ڪرخ جي جهنگن ۾ ڪيئي ورهيہ رهيس، وڻن جي پنن ۽ ٻوٽين تي منهنجو گذارو ٿيندو هيو. مون کي پائڻ جي لاءِ هر سال هڪ شخص صَوف (يعني اُنَّ) جو هڪ جُبّو آڻي ڏيندو هيو. مون دنيا جي محبت ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ هزار جتن ڪيا، آءُ گمنام رهيس، منهنجي خاموشيءَ جي سبب ماڻهو مون کي گونگو ۽ ديوانو چوندا هئا، ڪَندَن تي پيرين اگهاڙو گهمندو رهيس، خوفناڪ غارن ۽ ڀوائتي ميدان ۾ بناخوف جي داخل ٿي ويندو هيس، دنيا ٻڌجي سنورجي منهنجي سامهون ظاهر ٿيندي هئي پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان ان جي طرف توجهہ نہ ڪندو هيس. منهنجو نفس ڪڏهن تہ منهنجي آڏو عاجزي ڪندو هيو تہ توهان جي جيڪا مرضي هوندي ائين ئي ڪندس ۽ ڪڏهن مون سان وڙهندو هيو. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي هن تي فتح نصيب ڪندو هو. مان ڪافي عرصي تائين "مَدِيَن" جي بيابانن ۾ رهيس ۽ پنهنجي

نفس کي مجاهدات ۾ لڳائيندو رهيس. **هڪ سال تائين ڪِريل شيون کائيندو هيس ۽ بلڪل پاڻي نہ پيئندو هيس وري هڪ سال رُڳو پاڻيءَ تي گذارو ڪندو هيس ۽ ڪِري پيل شيءِ يا ڪا ٻي غذا نہ کائيندو هيس وري هڪ سال بغير ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي فاقي (يعني ٻُک) سان گذاريندو هيس.** مون تي سخت آزمائشون ايندیون هيون. هڪ ڀيري سخت سياري جي رات ۾ منهنجو هيئن امتحان ورتو ويو جو هرهر اک لڳي ويندي هئي ۽ مون تي غسل فرض ٿي ويندو هيو. مان ان وقت جلدي نهر تي ويندو هيس ۽ غسل ڪندو هيس اهڙيءَ طرح سياري جي هڪ سرد رات جي ڪڙڪندڙ ٿڌ ۾ چاليهہ ڀيرا مون ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪيو. **(بتغير از بهجة الاسرار ص 164، 154)**

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(14) زمين مان چوندي چوندي ٽڪرا کائڻ

سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، آءُ شهر ۾ جڏهن کائڻ جي ارادي سان ڪِريل ۽ هيٺ پيل ٽڪرا يا جهنگ جو ڪو گاهہ يا ننڍا پن کڻڻ چاهيندو هيس ۽ ڏسندو هيس تہ ٻيا فقير بہ ان جي ڳولا ۾ آهن تہ پنهنجي اسلامي ڀائرن تي ايثار ڪندي نہ کڻندو هيس بلڪہ ايئن ئي چڏي ڏيندو هيس تہ جيئن اهي کڻي وڃن ۽ پاڻ ٻُکايل رهندو هيس جڏهن ٻُک جي سبب ڪمزوري حد کان وڌي ويئي ۽ آءُ قريب المرگ تي ويس تہ گلن واري بازار مان هڪ کائڻ جي شيءِ جيڪا زمين تي پيل هئي اها مون کنئي ۽ هڪ ڪنڊ

۾ وڃي ان کي کائڻ جي لاءِ ويهي رهيس. ايتري ۾ هڪ عجمي نوجوان آيو ان وٽ تازيون مانيون ۽ پُڳل گوشت هيو اهو ويهي کائڻ لڳو. ان کي ڏسي منهنجي کائڻ جي خواهش هڪدم شدت اختيار ڪئي. جڏهن اهو کائڻ جي لاءِ گرهه کڻندو هيو تہ بُک جي شدت جي سبب بي اختيار دل چاهيندي هئي تہ وات کولي ڇڏيان تہ جيئن هُو منهنجي وات ۾ گرهه وجهي ڇڏي. آخر مون پنهنجي نفس کي دڙڪو ڏنو تہ ”بي صبري نہ ڪر الله عَزَّوَجَلَّ مون سان گڏ آهي. چاهي ڪجهہ بہ ٿي وڃي پر مان ان نوجوان کان گهري هرگز نہ کائيندس.“ اوچتو اهو نوجوان منهنجي طرف متوجهہ ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ياءُ! اچو ۽ اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ کائڻ ۾ شريڪ ٿي وڃو، مون انڪار ڪيو. ان اصرار ڪيو، منهنجي نفس مون کي کائڻ جي لاءِ تمام گهڻو اڀاريو، پر مون وري بہ انڪار ڪيو. پر ان نوجوان جي گهڻي اصرار تي مون ٿورڙو کاڌو کاڌو.ان مون کان پُڇيو، ڪٿان جا رهڻ وارا آهيو؟ مون ورندي ڏني **جيلان** جو. هُو چوڻ لڳو، مان بہ **جيلان** جو ئي آهيان. چڱو هي ٻُڌايو تہ توهان مشهور عابد و زاهد ۽ **ولي الله** حضرتِ سيّد **عبدالله صومعي** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڏوهٽي **عبدالقادر** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي سڃاڻو ٿا؟ مون چيو، اهو تہ مان ئي آهيان، اهو ٻُڌي هو بيقرار ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ مان **بغداد** اچڻ لڳس تہ اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي والده ماجده رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عليها اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڏيڻ جي لاءِ مون کي سون جون اٺ اشرفيون ڏنيون هيون، مان هتي بغداد اچي اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڳولهيندو رهيس پر اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ڪنهن پتو نہ ڏنو ايتري

تائين جو منهنجي تمام رقم خرچ ٿي ويئي، مون کي ٽن ڏينهن جو فاقو آهي، مان جڏهن بُک کان بيحال ٿي ويس ۽ جان پوري ٿيڻ جو خوف ٿيو، تہ مان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي امانت مان هي مانيون ۽ پُڳل گوشت خريد ڪيو. حُضُور! اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ خوشيءَ سان هن کي تناوُل فرمايو ڇو تہ هي اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ئي مال آهي، پهريان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منهنجا مهمان هئا ۽ هاڻي مان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مهمان آهيان. بقايا رقم پيش ڪندي چوڻ لڳو، مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اضطراري (يعني مجبوريءَ جي) حالت ۾ مان اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي رقم مان ئي ڪاڏو خريد ڪيو هيو“. مان تمام گهڻو خوش ٿيس. مون بچيل ڪاڏو ۽ وڏيڪ ڪجهہ رقم ان کي پيش ڪئي اها هن قبول ڪئي ۽ هليو ويو. (نانگ جهڙو جنّ ص11،12)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

طلب کا منہ تو کس قابل ہے یا غوث
مگر تیرا کرم کامل ہے یا غوث

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايتريقدر بُک برداشت ڪرڻ ۽ جان جوکي ۾ هئڻ جي صورت ۾ بہ پنهنجي ئي رقم ملي وڃڻ جي باوجود ان کي ايثار ڪري ڇڏڻ هي واقعي تمام وڏي ڳالهہ آهي ۽ هي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جن جو ئي حصو آهي. اسان جي غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو فاقو صد مرحبا! ۽ سندن (رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) جو ايثار صد هزار مرحبا! ڪاش اسان جي اندر بہ ايثار جو جذبو پيدا ٿي

وڃي. هاءِ افسوس! اسان تہ خوب پيٽ پري وٺڻ کان پوءِ بچيل کاڌو بہ ايثار ڪرڻ جو حوصلو ناهيون رکندا بلڪہ آئنده کائڻ جي لاءِ ان کي فِرِج ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا آهيون. ڪاش! ايثار جو عظيم الشان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جو بہ ذهن بڻجي وڃي ها.

(15) ڏکيائيءَ کان بعد آساني

حضرت علامہ امام شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ”طبقاتِ ڪبريٰ“ ۾ حُضُور غوث الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو هي ارشاد نقل ڪن ٿا، ابتدا ۾ مون تي تمام گهڻيون سختيون رکيون ويون ۽ جڏهن سختيون انتها تي پهچي ويون تہ آءُ عاجز ٿي زمين تي ليٽي پيس ۽ منهنجي زبان تي قرآن پاڪ جون هي بہ آيتون جاري ٿي ويون.

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۙ﴿۵﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ؕ﴿۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي. بيشڪ ڏک پُنيان سک آهي.

(پ 30 سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ آيت ۵-۶)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن آيتن جي برڪت سان اهي سيئي سختيون مون کان پري ٿي ويون.

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. اسان جي غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم پنهنجي رب رحمٰن ۽ خداءِ حنان ومنان عَزَّوَجَلَّ جو قرب ۽ پنهنجي نانا جان رحمتِ

عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشي حاصل ڪرڻ، نفس ۽ شيطان تي غالب اچڻ، دنيا جي محبت کان پيڇو ڇڏائڻ، گناهن جي مرض کان پاڻ کي بچائڻ، مخلوقِ خدا عَزَّوَجَلَّ کي راهِ راست تي آڻڻ، مبلغ جو عظيم شرف حاصل ڪري ڪثير ثواب ڪمائڻ، نيڪيءَ جي دعوت جي دنيا ۾ ڌوم مچائڻ ۽ بيشمار ڪافرن کي اسلام جي دامن ۾ داخل فرمائڻ جي لاءِ ورهين تائين جدوجهد فرمايائون. خير اسان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيان رياضتون ڪرڻ کان تہ قاصر آهيون. پر همت هارڻ بدران ٿوري گهڻي ڪوشش تہ ڪريون.

سچ ہے انسان کو کچھ کھوکے مِلا کرتا ہے
آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جویا تیرا (ذوقِ نعت)

سرڪارِ بغداد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارا اسلامي ڀائرو! سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنجويهہ سال الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عراق جي جهنگن ۾ گذاريا. بيمثال بُک ۽ اڃ برداشت ڪئي. ڪاش! اسان کي بہ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي خاطر ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۽ ملڪ ملڪ سفر ڪرڻ واري مدني قافلن جو مسافر بڻجڻ نصيب ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(16) هر ڏينهن جي غذا ڏهہ منقا

حضرت ابو احمد صغير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَبِير فرمائن ٿا تہ مون کي حضرتِ سيّدُنا ابو عبدالله بن خفيف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه حڪم ڏنو تہ هر رات

سندن افطاري جي لاءِ **منقا** جا ڏهہ داڻا پيش ڪندو ڪريان. هڪ رات رحم ڪائي مون ڏهن جي بدران پندرهن داڻا حاضر ڪيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون ڏانهن ڏٺائون ۽ فرمايائون. توکي (پندرهن داڻا) آڻڻ جو ڪنهن حڪم ڏنو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه رُڳو ڏهہ ڪاڏائون ۽ باقي (پنج) ڇڏي ڏنائون.

(الرسالة القشيريه ص143)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

منقا جا حيرت انگيز فائدا

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! حضرتِ سيّدُنا ابو عبدالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه روزانو رُڳو **منقا** جي **ڏهن داڻن** تي گذارو فرمائيندا هئا. اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نفس مارڻ جون ادائون مرحبا! انهن منقا جو خوب انتخاب فرمايو. سڪل ننڍين انگورن کي **ڪشمش** ۽ سُڪل وڏن انگورن کي مُنَقّا چوندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حڪمت نشان آهي، ”هن کي ڪائو هي(منقا) بهترين ڪاڏو آهي، (منقا) اعصاب (يعني رڳن ۽ مشڪن) کي مضبوط ڪندو آهي، ڪمزوريءَ کي ختم ڪندو آهي، ڪاوڙ کي ٽڏو ڪندو آهي، بلغم کي ختم ڪندو آهي، چهري جي رنگت کي اُجاريندو آهي ۽ وات کي خوشبودار ڪندو آهي.“

(ڪشف الخفاء ج2 ص 431 رقم الحديث 284)

حضرت مولیٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي روايت ڪيل حديث ۾ آهي تہ (مُنَقّا) ڪمزوريءَ کي ختم ڪندو آهي، مزاج کي خوشگوار بڻائيندو آهي، ساهہ کي خوشبودار ڪندو آهي ۽ غم کي ختم ڪندوآهي.

(ڪنزالعمال ج10 ص 18، رقم الحديث28261)

ڪشمش جو پاڻي پيئڻ سنت آهي

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪشمش ڀڄائي ويندي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو پاڻي ان ڏينهن، ٻئي ڏينهن ڪڏهن ڪڏهن ان کان پوءِ واري ڏينهن شام تائين بہ نوش فرمائيندا هئا. ان کان پوءِ ان جي بابت حڪم فرمائيندا هئا تہ خادمين (يعني غلام) ان کي پي ڇڏيندا هئا يا ان کي هاري ڇڏيندا هئا. (ڇو تہ بعد ۾ ان ۾ تغيُّر (يعني ڪجهہ تبديلي) اچي ويندي هئي ان لاءِ ان کي هاريو ويندو هو) (ابوداود شريف ج3 ص 337 رقم الحديث 3713)

منقا دوا بہ آهي ۽ غذا بہ، ان کي چاهيو تہ ايئن ئي يا چاهيو تہ ڪل لاهي مناسب مقدار ۾ ڪائي ڇڏيو. مشهور محدث حضرتِ سيّدُنا امام زهري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جنهن کي احاديثِ مبارڪہ جي حفظ ڪرڻ جو شوق هجي اهو (مناسب مقدار ۾) **منقا** ڪائي، منقا ٻج سميت بہ ڪائي سگهو ٿا بلڪہ امام زهري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مُنقا جا ٻج معدي جي اصلاح ڪن ٿا“ . مُنقا ڪجهہ ڪلاڪ پاڻي ۾ ڀڄائي رکي ڇڏيو پوءِ هن جي ڪل لاهي ڳر ڪڍي ونو. **مُنقا جي ڳر** ڦڦڙن جي لاءِ اڪسير ۽ پراڻي کنگهہ جي لاءِ فائديمند آهي. گردي ۽ مثاني جي سور کي مٽائيندي آهي، جگر ۽ تِريءَ کي طاقت ڏيندي آهي، پيٽ کي نرم ڪندي آهي، معدي کي مضبوط ۽ هاضمي کي درست ڪندي آهي.

کنگهہ جو علاج

روزانو ڪشمش جا **40** داڻا (جيڪڏهن طبيعت کي پسند ايندا هجن تہ ٻيڻا ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي) ۽ ٽي عدد بادام ڪٽي ان تي **11** ڀيرا درود شريف پڙهي دم ڪري ڪائي

ڇڏيو. هن جي مٿان ٻن ڪلاڪن تائين پاڻي نہ پيئو. اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنگهہ ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيندو. بلغم نڪرندو ۽ وڏيڪ نہ نهندو. (ضرورت جي مطابق ڪشمش جو تعداد وڌائي ڇڏيو) تمام ننڍن ٻارن جي لاءِ ضرورت جي مطابق مقدار ڪجهہ گهٽ ڪري ڇڏيو. شفا حاصل ٿيڻ تائين علاج جاري رکندا.

ڳاڙها منقا مدينہ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي، جيڪو روزانو **21** عدد ڳاڙها **مُنقا** کائيندو ڪري اهو انهن سيني بيمارين کان محفوظ رهندو جن کان خوفزده آهي. (ابو نعيم)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(17) واڳڻ جي خواهش

حضرتِ سيّدُنا ابو نصر تمار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ڀيري رات جي وقت حضرت سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي اسان جي گهر تشريف کڻي آيا. مون وليءِ ڪامل جي آمد تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو پوءِ عرض ڪيو، "**ياسيّدي!** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اسان وٽ خُراسان مان ڪپهہ آئي هئي ان مان منهنجي ڌيءُ ست ڪَتيو ۽ ان کي وڪڻي گوشت خريد ڪيو آهي، براءِ ڪرم! اسان وٽ افطار فرمايو." فرمايائون، " جيڪڏهن مان ڪنهن وٽ ڪائڻ جو ارادو ڪيو تہ پوءِ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ اوهان (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه) وٽ ڪائيندس." پوءِ فرمائڻ لڳا، " ڪيترن ئي سالن کان **واڳڻ جي خواهش** ڪري رهيو آهيان پر اجان تائين ڪائي نہ سگهيو آهيان " مون عرض ڪيو." **ياسيّدي!** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه

حُسنِ اتفاق سان هن گوشت ۾ حلال ڪمائيءَ جا واڳڻ بہ وِڌا آهن.“ فرمايائون، ” مان تہ ان وقت واڳڻ ڪائيندس جڏهن ان جي محبت منهنجي دل مان نڪري وڃي! “ (الرسالة القشيريه ص 143)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏنو! **اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى نفساني خواهشات جي پيروي ڪان ڪيتريقدر پرهيز ڪندا آهن. نفس جي مطالبي جي سبب حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي ڪيترن ئي ورهين کان **واڳڻ** نہ ڪائي رهيا هئا. انهن حضرات جو بہ خوب **مدني انداز** هوندو آهي جو نفس چوي ڪاءُ، تہ نہ ڪائين، جيڪڏهن چوي تہ نہ ڪاءُ، تہ ڪائي ڇڏيندا هئا. مطلب تہ نفس جي خواهش جي ابتڙ ڪندا هئا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(18) خوب ڪاءُ ۽ پيءُ

منقول آهي ڪيترن ئي ورهين تائين حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي **الڪافي جي باقلا** (يعني سبزيءَ جي ٻج واريون ڦريون جيڪي پچائي ڪاڌيون ويندين آهن، مثال طور مٽر، لوبيا وغيره) ڪائڻ لاءِ دل چاهيندي رهي پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي نفس کي مارينداِ رهيا ۽ ڦريون نہ ڪاڌائون. وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو. مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙوسلوڪ فرمايو؟“ جواب ڏنائون، ” الله عَزَّوَجَلَّ مغفرت جي بشارت ڏئي فرمايو،”اي اهي انسان! جنهن دنيا ۾ نہ ڪاڌو نہ پيتو هاڻي خوب ڪاءُ ۽ پيءُ.“ (الرسالة القشيريه مترجم ص 406)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا (حدائق بخشش شریف)

(19) کائڻ جو مقصد

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار جو بيان آهي، ”منهنجو معمول هيو تہ **ٽئين ڏينهن** کاڏو کائيندو هيس، هڪ دفعي سفر جي درڙان جهنگ کان گذري رهيو هيس ۽ ڪجهہ کائڻ کان بغير ٻيا ٽي ڏينهن شروع ٿي چُڪا هئا، شديد بُک لڳي هئي. ڪمزوريءَ جي سبب بي حال ٿي هڪ جاءِ تي ويهي رهيس، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو، **ابو سعيد!** نفس کي خوش ڪرڻ جي لاءِ طعام جو خواهشمند آهين يا بغير ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي ڪمزوري ختم ڪرڻ چاهين ٿو؟“مون عرض ڪيو،” يا الله عَزَّوَجَلَّ آءُ تہ رُڳو **قوت** چاهيان ٿو. ”پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي تہ منهنجي اندر اهڙي قوت پيدا ٿي ويئي جو اٽيُس ۽ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي بغير وڏيڪ **ٻارهن منزلون** سفر ڪري ورتم.“ (كشف المحجوب مترجم ص 453)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ٻائرو! اوهان ڏٺو! الله وارا لذت جي لاءِ نہ بلڪ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪائيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ

جو انهن تي وڏو ڪرم هوندو آهي جو ڪائڻ پيئڻ جي بغير انهن کي روحاني قوت حاصل ٿي ويندي آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار بغير ڪائڻ پيئڻ جي رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل قوت سان وڏيڪ ٻارهن منزلون سفر طئي ڪري ورتو. هڪ ڏينهن ۾ جيترو سفر طئي ٿيندو آهي ان کي **منزل** چوندا آهن. ان جو مطلب هي ٿيو تہ پاڻ بغير ڪائڻ پيئڻ جي وڏيڪ 12 ڏينهن جو سفر فرمايائون!

نہ ہو کار گر نَفْس کا مجھ پہ حِیلہ
کرم یا الٰہی! نبی کا وسیلہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(20) ڪائڻ ڪان بچڻ لاءِ لڪي پيا

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، ”هڪ پيري قافلي سان گڏ سفر ۾ **فاقي** (يعني سخت بُک) جو عالم هيو، تہ (سامهون) ڪارڪن جو باغ نظر آيو، نفس کي دلجاءِ ٿي تہ هاڻي ڪارڪون ڪائيندس. پر آءُ نفس جي ڳالهہ ڪيئن مجيان! قافلي وارا اتي ترسي پيا پر مان پري وڃي جهنگ ۾ لِڪي پيس تہ جيئن نفس ڪارڪون ڏسي ڪري ڪائڻ جو مطالبو نہ ڪندو رهي. ٿوري ئي دير ۾ هڪ همسفر ڳولهيندو اچي پهتو ۽ اصرار ڪري پاڻ سان باغ ڏانهن وٺي هليو، مون پُڇيو تہ مان هتي آهيان اها توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟“ چوڻ لڳو، ”مُون غيب مان هڪ آواز ٻُڌو، اسان جو هڪ ولي فلاڻي جاءِ تي واريءَ ۾ لِڪيل آهي ان کي پاڻ سان گڏ وٺي اچو.“

(تذكرة الاولياء ج2ص 36)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ سنّتن جون بهارون لٽائي رهي آهي. هر مسلمان کي گهرجي تہ دنيا ۽ آخرت جي بهتريءَ جي خاطر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي پنهنجو هي ذهن بڻائي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنياجي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ

(21) ولي جي صحبت جو فيض

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ پيري جهنگ ۾ هئا. اوچتو هڪ شخص اچي پهتو ۽ چوڻ لڳو، ”مان اوهان جي صحبت ۾ رهڻ چاهيان ٿو.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن ان تي نظر ڪيائون تہ دل ۾ ان کان نفرت پيدا ٿي ويئي. ايتري ۾ هُو چوڻ لڳو، ”مان **نصراني** (عيسائي) راهب آهيان. ۽ روم کان اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبت ۾ رهڻ جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري نفرت جو راز ظاهر ٿي ويو. يعني ان شخص جي ڪافر هجڻ جي سبب ائين ٿيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه راهب کي فرمايائون، ”مون وٽ ڪائڻ پيئڻ جي ڪا شيءِ ناهي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو تون تڪليف ۾ اچي وڃين.“ هن وراڻيو. ”**ياسيّدي!** دنيا ۾ اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نالي جي ڏوم مَتل آهي ۽ اوهان اجان تائين ڪائڻ پيئڻ جي فِڪر ۾ لڳل آهيو! ان جي ڳالهہ کان ڪين تعجب ٿيو

۽ ان کي صحبت ۾ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائون.“ ست ڏينهن رات بغير کائڻ پيئڻ جي گذري ويا. هُو گهبرائجي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”**ياسيّدي!** هاڻي مُعاملو منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿي چُڪو آهي کاڏي پيتي جو ڪو انتظام فرمايو.“ تنهن ڪري پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سجدي ۾ هليا ويا ۽ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون .” **يا الله** عَزَّوَجَلَّ هن ڪافر منهنجي باري ۾ **حُسن ظن** قائم ڪيو آهي. منهنجي لج تنهنجي هٿ ۾ آهي مون کي هن ڪافر جي آڏو رسوا نہ ڪجانءِ .“ دعا گهري **جڏهن سجدي مان مٿو کنيائون تہ هڪ خوانچو (يعني ٿالهہ) موجود هيو جنهن ۾ ٻہ مانيون ۽ ٻہ گلاس پاڻيءَ جا رکيل هئا.** کائي پي ٻئي اتان هلي پيا. وڏيڪ ست ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن جاءِ تي بيٺا تہ ان راهب سجدي ۾ وڃي ڪري دعا گهري . **ڏسندي ئي ڏسندي هڪ ٿالهہ ظاهر ٿيو جنهن تي چار مانيون ۽ چار گلاس پاڻيءَ جا موجود هئا!** پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حيرت ۾ پئجي ويا ۽ پنهنجو هي ذهن بڻايائون تہ هن مان ڪجهہ نہ کائيندس ڇوتہ هي کاڏو هڪ ڪافر جي لاءِ آيو آهي. اهو چوڻ لڳو.” **يا سيّدي!** کائو! ۽ ٻن ڳالهين جي خوشخبري ٻہ سماعت فرمايو،” هڪ تہ آءُ اسلام قبول ڪريان ٿو هي چئي ڪري ان شهادت جو ڪلمو پڙهيو. ٻي هي تہ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو تمام وڏو مقام آهي.“ مون سجدي ۾ سر رکي هيءَ دعا گهري هئي، يا الله! **محمَّدِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن رسولِ برحق آهن تہ مون کي ٻہ مانيون ۽ ٻہ گلاس پاڻيءَ جا عطا فرماءِ ۽ جيڪڏهن **ابراهيم خواص** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

تنهنجا ولي آهن تہ وڌيڪ بہ مانيون ۽ بہ گلاس پاڻي عطا فرماءِ“. دعا گهري مون جيئن ئي مٿو کنيو تہ ڪاڏي جو هي **ٿالهہ** موجود هيو، بعد ۾ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهو پُڌڻ کان پوءِ ڪاڏو تناوُل فرمايائون ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو نئون مسلمان ولايت جي اعليٰ درجي تي فائز ٿيو. **(ملخص از كشف المحجوب ص 433 كان 435)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ڪيترن ئي ڏينهن تائين فاقو (يعني ٻُک) برداشت ڪندا آهن. انهن جي امداد ڪئي ويندي آهي ۽ انهن جي لاءِ غيب مان دسترخوان ظاهر ٿيندا آهن، سيّدُنا ابراهيم خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبت ۾ رهي ڪري ڪافر بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان مسلمان ٿي ڪري ولايت جو اعليٰ درجو ماڻي ورتو. هر هڪ کي گهرجي تہ ٻُري صحبت کان پري رهي ۽ نيڪن جي صحبت اختيار ڪري. **حديثِ** پاڪ ۾ آهي ”سنو دوست اهو آهي جو ان جي ڏسڻ سان توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ ان جي ڳالهين سان توهان جي (نيڪ) اعمال ۾ اضافو ٿئي ۽ ان جو عمل توهان کي آخرت جي ياد ڏياري .“ **(جامع صغير جزء ثاني ص 247 رقم الحديث 4063)**

يک زمانہ صُحبتِ با اَولياء

بِہتر از صَد سالہ طاعَت بے رِيا

(يعني اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى **جي گهڙي ڪن جي صحبت سؤ سال جي خالص عبادت کان بهتر آهي)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(22) سٿي صحبت سٿو موت

جيئن تہ اردو جو محاورو آهي خربوزہ کو دیکھ کر خربوزہ رنگ پکڑتا ہے تر کي گلاب جي گل ۾ رکي ڇڏيو تہ ان جي صحبت ۾ رهي ڪري گلابي ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ رهڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهرباني سان بي قدرو پٿر بہ انمول هيرو بڻجي، خوب چمڪي پوندو آهي ۽ اهڙي شان سان موت جي پيغام کي **لبيڪ** چوندو آهي جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو رشڪ جي آتش ۾ پچي پوندو آهي ۽ جيئڻ بدران اهڙي موت جي آرزو ڪرڻ لڳندو آهي جيئن **ٽنڊو الله يار** (سنڌ) جي هڪ شخص **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول مان متاثر ٿي عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان پنج وقتن جي نماز جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري **سنّتن ڀريي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ ويهي رهيا، ڏهن ڏينهن ۾ قرآن پاڪ جون ڪجهہ سورتون، دعائون ۽ سنّتون ياد ڪري ورتيون، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائڻ جي نيت سان گڏوگڏ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ بہ نالو لکرايائون، مطلب تہ سندن زندگي ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. عاشقانِ رسول

جي صحبت رنگ لاتو، گناهن کان توبهہ ڪري سنّتن ڀري زندگي گذارڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڪپڙن ۾ باهہ لڳڻ جي سبب ويچارا بُري طرح سڙي پيا. ڪين اسپتال نيو ويو، ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ ان جو جسم 80 سيڪڙو سڙي چُڪو آهي پر ڏسڻ وارا حيران هئا تہ تڪليف جو اظهار ڪرڻ جي بدران اهي **ذڪر و درود** ۾ مشغول هُئا، اعتڪاف جي دؤران **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ رهي جيڪي سورتون ۽ دعائون ياد ڪيون هئائُون انهن کي هو پڙهي رهيا هئا. تقريبًا 48 ڪلاڪن تائين وقفي وقفي سان قرآن پاڪ جون سورتون ۽ دعائون وغيره پڙهندا رهيا ۽ صبح جو **اذانِ فجر** جي وقت بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهيائون ۽ سندن روح جسم منجهان پرواز ڪري ويو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(23) بري صحبت برو موت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو حُسن ظن آهي تہ مرحوم زندگيءَ جي بازي کٽي ويو، اڄ ڪلهہ جي بُري صحبت ۽ گهرن جو فينسي ماحول T.V ۽ INTERNET جي ذريعي فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ جي منحوس عادتن جي تباهہ ڪارين کان ڊيڄاريندڙ، خبردار ڪندي هڪ ڏڪائيندڙ ۽ **عبرت انگيز** حڪايت بہ ملاحظہ فرمائيندا. جيئن تہ هاڻي جيڪا حڪايت توهان ٻُڌي ان مرحوم جو

علاج ڪرڻ وارن ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي، عجيب اتفاق آهي جو ان دعوتِ اسلامي واري نوجوان ماشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي ۽ ڪلمو طيب پڙهندي پڙهندي جنهن واردِ ۾ جان ڏني ڪجهه ڏينهن پهريان هڪ نوجوان (مادرن) چوڪرِي بہ باهہ ۾ سڙي ڪري انهيءَ واردِ ۾ پهتي پر موت جي وقت ان چوڪريءَ جي زبان تي (مَعاذالله) هي هيو، **گانا ٻُڌايو! گانا ٻُڌايو! ناچ ڏيکاريو! ناچ ڏيکاريو!** هن طرح چوندي چوندي ان بدنصيب چوڪريءَ جو انتقال ٿي ويو، **جيڪڏهن اها چوڪري مسلمان هئي تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ويچاريءَ جي مغفرت فرمائي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينًا هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان کي بہ مرڻو آهي. اي ڪاش! آخري وقت ڪلمو طيب پڙهندي درود و سلام پيش ڪندي مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ اسان جو روح قبض ٿئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ سنّتن جون بهارون لٽائي رهي آهي. هر مسلمان کي گهرجي تہ دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي خاطر دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي پنهنجو هي ذهن بڻائي تہ **مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ.

(24) بکيو شينهن

حضرتِ سيّدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مون شيخ احمد حمّادي سَرخَسي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى کان سندن **توبهہ** جو سبب پُڇيو تہ چوڻ لڳا، ”هڪ ڀيري آءُ پنهنجي اُنن کي وني ”سرخَس“ کان روانو ٿيس. سفر جي دؤران جهنگ ۾ هڪ **بُڪئي شينهن** منهنجو هڪ اُٺ زخمي ڪري ڪيرائي ڇڏيو ۽ وڏي دڙي تي چڙهي گجگوڙ ڪرڻ لڳو، ان جو آواز ٻُڌندي ئي گهڻا درندا گڏ ٿي ويا شينهن هيٺ لٿو ۽ ان انهيءَ **زخمي اُٺ** کي چيري ٽڪرا ڪيو پر پاڻ ڪجهہ نہ کاڌائين بلڪ ٻيهر ان دڙي تي وڃي وينو، جمع ٿيل درندا اُٺ تي ڪڙڪي پيا ۽ ڪائي ڪري هليا ويا، باقي بچيل گوشت کائڻ جي لاءِ شينهن قريب آيو تہ هڪ **منڊي لومڙي** پري کان اچڻ لڳي، شينهن واپس پنهنجي جاءِ تي هليو ويو. لومڙي ضرورت موجب کائي جڏهن هلي ويئي تڏهن شينهن ان گوشت مان ٿورڙو کاڌو. مان پري کان هي سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيس، **اوچتو شينهن مون ڏانهن رخ ڪيو ۽ صاف لفظن ۾ چوڻ لڳو، ”احمد! هڪ گرهہ جو ايثار تہ ڪُتن جو ڪم آهي راهِ حق جا مرد تہ پنهنجي جان بہ قربان ڪري ڇڏيندا آهن.“** مون هن انوکي واقعي مان متاثر ٿي پنهنجي تمام گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ دنيا کان پاسو ڪري پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ سان دل لڳائي.“

(کشف المحجوب تبخير مترجم ص 383)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ڪڪڙ جي توڪل: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! **بُڪئي شينهن** پنهنجو شڪار ٻين جانورن تي ايثار ڪري بُک برداشت ڪرڻ جو بهترين مثال قائم ڪيو ۽ وري الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان ڪيڏي زبردست نصيحت ڪئي جو ”هڪ گِرهه جو ايثار تہ ڪُتن جو ڪم آهي مرد کي گهرجي تہ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي.“ پر افسوس! اڄ جا اسان جهڙا بي عمل مسلمان هڪ گرهه جو ايثار تہ ڇا ڪندا، جن کان جيترو ٿي سگهي ٿو اهي ٻين جي وات مان بہ گرهه کسي وٺن ٿا بلڪ هڪ گرهه جي خاطر ڪڏهن ڪڏهن تہ قرلٽ ۽ قتلام کان بہ ناهن مُڙندا. ڪوڙ ساريون غذائون موجود هجڻ جي باوجود هڪ هڪ ” ٽڪري “ جي خاطر فساد برپا ڪندا وتندا آهن. چيو وڃي ٿو،”رُڳو ٽي ساهه وارا اهڙا آهن جيڪي غذائن جو ذخيرو ڪندا آهن، **(1)** (اسان جهڙا گناهگار) انسان **(2)** ڪوئو ۽ **(3)** ڪِوِل“. انهن کان علاوه ڪو بہ حيوان ٻي وقت جي لاءِ بچائي نہ ٿو رکي. توهان **ڪڪڙ جي توڪل** تہ ڏني هوندي، ان کي پاڻيءَ جو پيالو پيش ڪيو ويندو آهي تہ پي چُڪڻ کان پوءِ پيالي جي ڪناري تي پير رکي ان کي اونڌو ڪري ڇڏيندي آهي، ان کي پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل ڀروسو هوندو آهي تہ جنهن هاڻي پيئاريو آهي تہ اڄ لڳڻ تي ٻيهر بہ پيئاريندو. ۽ مزي جي ڳالهہ هي آهي تہ ان کي پيئارڻ جي خدمت بہ انسان کان ورتي ويندي آهي. ها الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي توڪل بيمثال هوندي آهي. توڪل جي هڪ تعريف هي بہ آهي تہ ”رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت

تي پروسو ڪري ۽ جيڪو ڪجهه ماڻهن وٽ آهي ان کان مايوس ٿي وڃي.“ (ملخص از الرسالة القشيريه ص 169 باب توکل)

الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل توڪل ڪرڻ وارن جو به ڇا شان هوندو آهي، جيئن ته

(25) متوَڪل نوجوان

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خواص رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه فرمائن ٿا،”ملڪ شام جي رستي ۾ هڪ الله واري نوجوان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه سان منهنجي ملاقات ٿي. انهن مون کي چيو،” ڇا اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه منهنجي صحبت ۾ رهڻ پسند فرمائيندو؟“مون چيو،”آءُ ته **بُڪايل** رهندو آهيان “ چوڻ لڳا ، ” اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ آءُ به بُڪ ۾ رهندس “ چار ڏينهن اهڙيءَ طرح فاقي ۾ گذري ويا. ان ڪانپوءِ ڪٿان ڪان ڪا غِذا اچي ويئي، مون کين چيو،” اچو ڪائي وٺو.“ جواب ڏنائون، ”مون عهد ڪيو آهي ڪنهن جي ذريعي ڪا شيءِ نه وٺندس.“ مون خوش ٿي چيو، ”مرحبا! اوهان تمام نازڪ نُڪتو بيان فرمايو.“ هي ٻُڌي اهي چوڻ لڳا،” اي ابراهيم (رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه)! منهنجي ڪوڙي تعريف نه ڪريو ڇو ته پرڪڻ وارو پروردگار عَزَّوَجَلَّ اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جي حال ۽ توڪّل کي خوب ڄاڻي ٿو. “ پوءِ فرمائڻ لڳا، ” **توڪّل** جو گهٽ ۾ گهٽ درجو هي آهي جو فاقي تي فاقو اچڻ جي باوجود دل الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي طرف متوجهه نه ٿئي. “

(الرسالة القشيريه ص 168 باب توکل)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

سچ ہے انسان کو کچھ کھو کے مِلا کرتا ہے
آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جَو یا تیرا (ذوقِ نعت)

يا رب **مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي نفس ۽ شيطان جي شرارتن کان محفوظ فرماءِ ۽ بُک جي عظيم نعمت سان نوازي پنهنجو صابر ۽ شاڪر ٻانهو بڻاءِ.

بھوک کی نعمت سے تُو نواز مولیٰ عزوجل
صَبْر کی دولت سے تُو نواز مولیٰ عزوجل

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(26) رزق پاڻ ڳولي رهيو هو

حضرتِ سيّدُنا ابو يعقوب اقطع بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا. ”هڪ پيري آءُ مڪهءِ مڪرمه ۾ ڏهن ڏينهن تائين بُڪايل رهيس، جنهن جي ڪري مون کي ڪمزوري اچي ويئي ۽ جهنگ ڏانهن هلي پيس تہ شايد ڪجهہ غذا ملي وڃي جيڪا منهنجي ڪمزوريءَ کي روڪي، رستي ۾ هڪ ڪِريل **گوگڙو** نظر آيو، ڪنيم تہ ”پُراڻو“ ٿي چُڪو هيو، مون کي محسوس ٿيو جڻ ڪو چئي رهيو آهي، ”توهان ڏهہ ڏينهن بُڪايل رهيؤ ڇا ان کان پوءِ اهو ئي هڪ گوگڙو توهان لاءِ رهجي ويو هيو!“ مون ان کي واپس رکي ڇڏيو ۽ **مسجدالحرام شريف** ۾ حاضر ٿيس. ايتري ۾ هڪ **عجمي** (يعني هر غير عربيءَ کي عجمي چوندا آهن) مون وٽ آيو ۽ هڪ ننڍڙي پيتي پيش ڪندي چوڻ لڳو، ”هي اوهان جي آهي“. مون چيو، منهنجي ڪيئن ٿي ويئي؟ چوڻ لڳو، اسان ڏهن ڏينهن کان سمنڊ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين

طوفان اچي ويو ۽ اسان جي ٻيڙي ٻُڏڻ جي ويجهو ٿي ويئي تہ اسان سيني نيّتون ڪيون هيون تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڇوٽڪارو بخشي تہ اسان خيرات ڪنداسين. مون بہ هيءَ نيّت ڪئي هئي تہ مسجد الحرام شريف ۾ مون کي جيڪو پهريون ماڻهو نظر ايندو ان کي هي پيش ڪندس. سو اوهان ئي اهي پهريان شخص آهيو جيڪي مون کي مليا آهيو.“ **مون جڏهن پيتي کولي تہ ان ۾ مصري ميدي جو ڪيڪ، چليل بادام ۽ قند سفيد (هڪ قسم جي مٺائي) جون چَڪيون هيون.** مون دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي چيو تہ تنهنجو رزق ڏهن ڏينهن کان تنهنجي طرف اچي رهيو هيو پر تون هن کي جهنگ ۾ تلاش ڪرڻ جي لاءِ نڪري پيو هئين! مون ان مان ٿوريون ٿوريون شيون پنهنجي لاءِ ڪڍي بقايا ان کي موٽائيندي چيو. ” آءُ قبول ڪري چُڪو آهيان هاڻي هي اوهان کڻي وڃوءِ منهنجي طرف کان پنهنجي ٻارن کي تحفو ڏئي ڇڏيو.“

(الرسالة القشيريه ص 169، 170 باب : توکل)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي اولياءِ ڪرام جي توڪل جو بہ ڇا اعليٰ شان هوندو آهي. ڏهن ڏينهن جو فاقو هجڻ جي باوجود جڏهن ڪائڻ جون شيون مليون تڏهن بہ ٿوري قبول ڪري بقايا واپس ڏئي ڇڏيون. هڪ وقت ڪائي ڇڏڻ کان پوءِ هن ڳالهہ جي انهن کي پرواهہ نہ هوندي هئي تہ بعد ۾ ڇا ڪائينداسين! انهن جو

ذهن نهيل هيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جيستائين زندهہ رکڻ منظور فرمايو آهي اُن وقت جي لاءِ رزق پاڻ ئي فراهم ڪري ڇڏيندو. جيئن جو ٻارهين سيپاري جي شروع ۾ آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

(پاره 12 سوره هود آيت 6)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ زمين تي چُرندڙ ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نہ هجي

منا منا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ مدني نُڪتو قابلِ غور آهي ۽ اهو هي تہ الله عَزَّوَجَلَّ هر هڪ جي روزي پنهنجي ذمي رکي آهي پر هر هڪ جي مغفرت جو ذمو ناهي کنيو. تہ اهو مسلمان ڪيتريقدر نادان آهي جيڪو رزق جي لاءِ ڌِڪا ٽاپا کائيندو وتي پر مغفرت جي طلب ۾ دل نہ جلائي!

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ عاشقانِ رسول جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ آخرت ۽ مغفرت جي طلب جو ذهن ڏنو ويندو آهي جيئن

(27) جوشيلو مبلغ

عاشقانِ رسول جو هڪ **مدني قافلو** جهلم (پنجاب) جي هڪ ڳوٺ ۾ **12** ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي خاطر پهتو. جنهن مسجد ۾ قيام هيو، ان جي سامهون واري گهر ۾ رهڻ واري هڪ نوجوان تي هڪ عاشقِ رسول **انفرادي ڪوشش** ڪندي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري. اهي نوجوان رُڳو 2 ڏينهن گڏ رهڻ جي

لاءِ تيار ٿيا ۽ مدني قافلي وارن سان گڏ سنّتون سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف ٿي ويا. رُڳو ٻہ ڏينهن مدني قافلي ۾ گذارڻ جي برڪت سان پنهنجي گهر ۾ نمازن جي تلقين ڪئي. جيئن تہ گهر جا ٻا اثر شخص هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تقريبًا سيني نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. انهن پاڙي ۾ مامي جي گهر ٻہ وڃي **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي. گهروارن کي **ٽي وي** جون تباهہ ڪاريون ٻُڌائي ان کي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ جو ذهن ڏنائون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سيني جي رضامنديءَ سان گهر مان **ٽي وي** ڪڍي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪپڙن تي اِستري ڪندي اوچتو ڪين ڪرنٽ لڳو ۽ انهيءَ وقت انهن دم ڏنو. گهروارن جو چوڻ آهي تہ اسان واضح طور تي ٻُڌو تہ وفات جي وقت ان جي زبان تي **ڪلمهءِ طيبه** لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاري هيو.

(28)اندو ماني

حضرتِ سيّدُنا ابو تُراب نخشبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” سفر جي دؤران منهنجي نفس رُڳو هڪ پيرو **اندو ماني** کائڻ جي خواهش ڪئي، جيئن تہ آءُ هڪ ڳوٺ ۾ پهتس. اتي هڪ شخص اوچتو مون سان چنبڙي ويو ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو. ”هي ٻہ چورن سان گڏ هيو“. وڏو ميڙ ٿي ويو ۽ ماڻهن چورن جو ساٿي سمجهي ڪري مون کي ستر دُرا (يعني چهبڪ) هنيا. ان کان پوءِ انهن مان هڪ ماڻهوءَ مون کي سجاڻي ورتو ۽ چيو، ” هي چور نٿا ٿي سگهن. هي تہ ابو تُراب نخشبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهن.ان تي ماڻهن شرمسار ٿي مون کان

معذرت گهري. انهن مان هڪ شخص مون کي پنهنجي گهر وٺي ويا ۽ خير خواهي ڪندي حُسن اتفاق سان **انڊو مانيءَ** کائڻ جي لاءِ پيش ڪيائون. مون نفس کي چيو، ”ستر ڏُرا کائڻ کان پوءِ تنهنجو مطالبو پورو ٿيو هاڻي **انڊو مانيءَ** کائي وٺ“. (الرسالة القشيريه ص 144)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(29) اچو پيالو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي الله وارن جو نظام بہ خوب هوندو آهي، انهن کي نفس جي پيروي کان بچايو ويندو آهي، جن جو هاڻي واقعو بيان ڪيو ويو اهي حضرت سيّدُنا ابو تُراب نخشبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه باڪرامت **ولي الله** هئا جيئن تہ هڪ ڀيري **سفرِ مدينه** جي دؤران برپٽ بيابان ۾ ساڻن ڪنهن مُريد اڄ جي شڪايت ڪئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زمين تي پير مبارڪ هنيائون تہ **مني پاڻيءَ جو چشمو** ظاهر ٿيو. هي ڏسي ٻئي مريد عرض ڪيو، ”مان تہ پيالي ۾ پيئندس“. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زمين تي هٿ مبارڪ هنيائون تہ هڪ **اچو پيالو** ظاهر ٿيو. هن واقعي جا راوي حضرت شيخ ابو العباس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ”اهو **اچو پيالو** مڪهءِ مڪرمه تائين اسان سان گڏ رهيو.“

(تذكرة الاولياء ج اول ص 264)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ہوگا سَيراب سرِ کوثر و تسنيم وُہی
جس کے ہاتھوں میں مدینے کا پِیالہ ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وسوسو: اندو ماني ڪائڻ ڪو گناهه نه ناهي، پوءِ آخر هڪ ولي الله ڪي ان جي خواهش تي ايتري زبردست سزا ڇو ملي؟

وسوسي جو علاج: اهلُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي انهيءَ ريت تربيت به ٿيندي آهي ۽ آزمائش به ۽ اهڙيءَ طرح انهن جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن. عام مسلمان به نه ڪڏهن ڪڏهن بظاهر بي قصور هئڻ جي باوجود آفتن ۽ مصيبتن جو شڪار ۽ بيمار ٿي پوندو آهي! ان جي حڪمتن مان هي به آهي نه هن طرح سندن گناهه مٽايا ويندا آهن ۽ درجا وڌايا ويندا آهن. انبياء و صحابه ۽ شهداءِ ڪربلا عَلَيْهِمُ السَّلَام و رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم تي به نه امتحان آيا. پاڻ اسان جي مٿي مٿي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به ڪفار بدڪار هر طرح سان ستايو.

شان موجب امتحان: حضرتِ سيّدُنا سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو، نه نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ڪان پُڇيو ويو نه ڪهڙا ماڻهو سخت آزمائش ۾ مبتلا ٿيندا آهن؟ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، (سڀ ڪان پهريان) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام پوءِ انهن ڪان بعد جيڪي افضل آهن. پوءِ انهن ڪان بعد جيڪي افضل آهن يعني حسب مَراتب (يعني رُتبن جي حساب سان)، ماڻهوءَ جو دين سان جهڙو تعلق هوندو آهي انهيءَ اعتبار سان مصيبت ۽ تڪليف ۾ مبتلا ڪيو ويندوآهي. جيڪڏهن دين ۾ سخت (يعني پابند) آهي نه ان تي تڪليف

بہ سخت ايندي ۽ جيڪڏهن دين ۾ ڪمزور آهي تہ ان تي آساني ڪئي ويندي آهي. اهو ئي سلسلو هميشہ رهندو آهي، ايتري تائين جو زمين تي اهو ائين هلندو آهي جو ان تي ڪوبہ گناهہ ناهي رهندو.

(جامع ترمذي ج4 ص 170 رقم الحديث 2406)

بهرحال هي سڀ **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي مرضيءَ سان ٿيندو آهي ۽ نيڪ ٻانها صبر ڪري اجر جا خزانا جمع ڪندي زبان حال سان چوندا آهن.

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
تے میں سُکھ نوں چُلّھے پاواں

(يعني جيڪڏهن محبوب منهنجي ڏُکئي ٿيڻ تي خوش آهي تہ پوءِ مان سک چين کي چلهہ (يعني باهہ) ۾ اڇلايان ٿو)

پريشانين ۽ بيمارين تي خوش رهڻ جي سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظہ فرمايو جيئن تہ:

(30) بخار ۾ سدا بهار

هڪ ڏينهن حضور سيّد عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو،"مسلمان جي بدن تي جيڪا بہ مصيبت اچي ٿي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي سبب ان جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي". اهو ٻُڌي حضرتِ سيّدُنا ابيّ بنِ ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ دعا گهري، " **يا الله** عَزَّوَجَلَّ مان توکان پنهنجي موت تائين اهڙو **بخار** طلب ڪريان ٿو جيڪو مون کي نماز، روزي ، حج ۽ عمري ۽ تنهنجي راهہ ۾ جهاد کان نہ روڪي ". سندن دعا مقبول ٿي. ۽ پوءِ

راويءَ جو بيان آهي تہ حضرت سيّدنا ابيّ بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪي هر وقت **بخار** رهندو هو ايتري تائين جو سندن وفات تي وئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان حالت ۾ بہ مسجد ۾ نماز جي لاءِ حاضري ڏيندا هئا، روزو رکندا هئا، حج ۽ عمرو ڪندا ۽ جهاد ڪندا هئا.“

(کنزالعمال ج3 ص 299 رقم الحديث 8633)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بخار جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بخار جي فضيلت جو بہ چا چئجي! حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ نبي ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جي خدمت ۾ بخار جو ذڪر ڪيو ويو تہ هڪ شخص بخار کي بُرو چيو. تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”بخارکي بُرو نہ چئو، ان لاءِ جو اهو (مومن کي) گناهن کان اهڙيءَ ريت پاڪ ڪري ٿو جيئن باهہ لوهہ جي ڪٽ (يعني زنگ) کي صاف ڪري ڇڏيندي آهي.“

(سنن ابن ماجه ج4 ص 104، رقم الحديث 3469)

پھونک دے جو مری خوشیوں کے چمن کو آقا
چاک دل چاک جگر سوزشِ سینہ دیدو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(31) مهري دال جي فيس

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن شيبان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، ”آءُ چاليهن ورهين تائين ڪڏهن بہ ڇت جي هيٺان ڪا رات نہ گذاري.

پيٽ ۾ري **مهريءَ جي دال** کائڻ لاءِ دل تمام گهڻو چاهيندي هئي. هڪ ڀيري ملڪ شام ۾ پڪل مهريءَ جي دال جو پيالو کنهن ڏنو، مون ان مان کاڌو، جڏهن ٻاهر نڪتس تہ هڪ دڪان تي بوتلون لٽڪيل نظر آيون، مون سمجهيو هي سرڪو آهي ۽ غور سان ڏسڻ لڳس، ڪنهن چيو، " اوهان ڇا ڏسي رهيا آهيو هي تہ شراب آهي " ۽ مٽن جي طرف اشارو ڪري چيو، " هن ۾ بہ شراب آهي " مون کي جوش اچي ويو مان دڪان جي اندران شراب جا مٽ ٻاهر ڪڍي اچي زمين تي هارڻ شروع ڪري ڇڏيا، منهنجي دليريءَ جي سبب دڪاندار تي منهنجو رعب ڇائنجي ويو ۽ هُو مون کي **آورنمينٽ** جو ماڻهو سمجهي وينو انهيءَ ڪري چپ چاپ ڏسندو رهيو، جڏهن حقيقت حال جو انڪشاف ٿيو تہ دڪاندار مون کي مصر ۽ شام جي حاڪم ابن طُولُون جي حوالي ڪري ڇڏيو، مون کي بہ سؤ بيد (يعني ڏنڊا) هنيا ويا ۽ ڊگهي عرصي جي لاءِ جيل ۾ بند ڪيو ويو. آزاديءَ جي صورت هيئن ٿي جو منهنجا استاد محترم حضرت سيّدنا ابو **عبدالله** مغربي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ان شهر ۾ تشريف ڪڍي آيا. مون کان پُڇيائون، "توهان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هيو؟" عرض ڪيم، **پيٽ ۾ري مهريءَ جي دال ڪاڌي ۽ ان جي فيس ۾ قيد کان علاوه بہ سؤ بيد (ڏنڊا) بہ ڪاڌا، فرمايائون، سستو سودو ٿيو**، ۽ شراب جي مٽن وارو قصو بہ بيان ڪيم. انهن سفارش ڪري مون کي آزاد ڪرايو. **(الرسالة القشيريه 153 باب نفس کي مخالفت)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارا نفس جي پيروي ڪان هر وقت پرهيز فرمائيندا آهن جيڪڏهن ڪڏهن بہ نفس جو مطالبو پورو ڪري ويهندا آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪين سخت آزمائش ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت انهن جا درجا وڌيڪ بلند ٿيندا آهن. هي سڀ محب ۽ محبوب جا راز ۽ نياز آهن.

مکتبِ عشق کا دستور نِرالا دیکھا
اُس کو چُھٹّی نہ ملی جس کو سبق یاد رہا

(32) مچيءَ جو ڪنڊو

حضرتِ سيّدُنا ابوالخير عسقلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ڪيترن ئي سالن تائين مچي کائڻ جي خواهش ڪندا رهيا. آخرڪار حلال طريقي سان ڪين اها ڳالهہ ميسر اچي ويئي پر جيئن ئي کائڻ لاءِ هٿ وڌايائون تہ ڪين مچيءَ جو ڪنڊو آڳر ۾ چُڀي پيو. زخم ايتريقدر بگڙيو جو آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هٿ ضايع ٿي ويو. ان تي بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، **يا الله!** عَزَّوَجَلَّ هي تہ ان شخص جو حال آهي جنهن هڪ حلال شيءِ جي خواهش ڪئي ۽ ان جي طرف هٿ وڌايو، ان شخص جو ڇا ٿيندو جيڪو حرام شيءِ جي خواهش سان ان جي طرف هٿ وڌائيندو.“ **(الرسالة القشيريه ص 142)**

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارن جا انداز نرالا هوندا آهن، اهي تڪليف پهچڻ تي ان جا مثبت (يعني بهتر) نُڪتا ڪڍندا آهن ۽ خوب

عاجزي فرمائيندا آهن، اسان جو حُسن ظن آهي تہ حضرتِ سيّدُنا ابوالخير عسقلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي کي **مڃيءَ جو ڪنڌو** درجا بلند ٿيڻ جي لاءِ لڳو هيو، عام ماڻهوءَ کي بہ مڃي ڪائڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن نِڙيءَ ۾ ڪنڌو اٽڪي پوندو آهي. جيڪر ڪڏهن بہ ائين ٿئي تہ صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو تہ مسلمان کي جيڪا بہ تڪليف پهچي ٿي ان سان يا تہ ان جا گناهہ مُعاف ٿيندا آهن يا ان جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن جيئن:

ڪنڌو لڳڻ جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا ابوسعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم فرمايو، تہ مسلمان کي ڪو رنج، ڪو ڏک، ڪو فڪر، ڪا تڪليف، ڪا اذيت ۽ ڪو غم ناهي پهچندو ايتري تائين جو **ڪنڌو** جيڪو ان کي لڳي پر **الله تعالى** ان جي سبب ان جي گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي.“

(بخاري شريف ج7 ص 3 رقم الحديث 5641، 5642)

مصيبت جي حڪمت

حضورِ اڪرم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، تہ بانهي جي لاءِ علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ جڏهن ڪو ڪمال وارو مرتبو مقدر ۾ هوندو آهي ۽ پنهنجي عمل سان ان مرتبي تائين ناهي پهچندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي جسم يا مال يا اولاد تي مصيبت وجهندو آهي پوءِ هن تي صبر عطا فرمائيندو آهي، ايتري تائين جو ڪيس ان مرتبي تائين پهچائي ڇڏيندو آهي جيڪو ان جي لاءِ علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقدر ٿي چُڪو آهي.

(سنن ابو داود ص 123 رقم الحديث 3090)

وہ عشقِ حقيقي کي لذّت نہيں پاسکتا
جو رنج و مصيبت سے دوچار نہيں ہوتا

(33) گجر ۽ ماکي

بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن نفس جي سخت مخالفت فرمائيندا هئا. جيئن حضرتِ سيّدُنا شيخ سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، منهنجو نفس ٽيهه يا چاليهه ورهين کان مطالبو ڪري رهيو آهي تہ رُڳو هڪ گجر ماکي ۾ ڀڄائي کاوان پر اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون نفس جي ڳالهہ نہ مڃي." (الرسالة القشيريه ص 153)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

(34) انجير ڪڍي ڇڏيو

حضرتِ سيّدُنا جعفر بن نصير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَدِيْر فرمائن ٿا، حضرت سيّدُنا شيخ جُنيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي هڪ درهم ڏئي ڪري **وزيري انجير** آڻڻ جو حڪم فرمايائون، مون حاضر ڪيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه افطار جي وقت وات ۾ انجير رکيو ۽ جلدي ڪڍي ڇڏيائون ۽ روئي وينا ۽ فرمايائون، **انجير** هتان کان ڪٽو. مون سبب پُڇيو تہ فرمايائون، منهنجي ضمير مان آواز آيو، " توکي شرم نہ ٿو اچي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ خواهش کي ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ وري ان جي تڪميل ڪرڻ لڳو آهين." (ايضًا ص 154)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪنهن بلڪل سچ چيو آهي. ”پنهنجو لغام ”خواهش“ جي هٿ ۾ نہ ڏيو هي توهان کي اونداهيءَ جي طرف وٺي ويندي.“

(ايضًا ص 154)

(35) حلوائيءَ گرهہ کارايا

شيخُ المُحقِّقِين، خاتَمُ المُحَدِّثين حضرت شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا، ” منهنجي پير و مرشد سيّدي **شيخ عبدالوهاب متَّقي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ انهن جو هڪ دوست هڪ پيري ڏُڪار جي زماني ۾ مسجد جي الڳ الڳ ڪنڊ ۾ عبادت ۾ محو هئا. ٻنهي پهريان ڪان ئي پاڻ ۾ طئي ڪري ڇڏيو هيو تہ نہ پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين، نہ ڪنهن ڪان ڪاڏو گهرنداسين ۽ نہ ئي پنهنجي هٿ سان ڪجهہ ڪائينداسين. لڳاتار **ويهہ ڏينهن** اهڙيءَ طرح گذري ويا. **ايڪويهين ڏينهن** هڪ **حلوائيءَ** مسجد ۾ اچي ٻنهي جي وچ ۾ ڪاڏو رکيو ۽ هليو ويو. (جو جو هي طئي ٿيو هيو تہ پنهنجي هٿن سان ڪجهہ نہ ڪائينداسين تنهن ڪري) انهن ٻنهي ان مان ڪجهہ نہ ڪاڏو، **ٻاويهين ڏينهن** اهو وري آيو ۽ ڪاڏو رکي ويو، هن پيري بہ ٻنهي ڪاڏي کي هٿ نہ لڳايو، **ٽيويهين ڏينهن ان حلوائيءَ اچي پنهنجي هٿن سان گرهہ ٺاهي انهن ٻنهي کي ڪاڏو کارايو.“**

(اخبار الاخيار ص 278 مطبوعه مڪتبه نوريه رضويه سکر)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(36) گوشت جون بيڪار هڏيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالوهاب متّقي قادري شاذلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي تمام وڏا فاقہ مست ولـــي الله هئا، هڪ ڀيري رياضتن ۽ ٻئي کان سوال نہ ڪرڻ ۽ ٻُک جو تذڪرو نڪتو تہ فرمايائون، ”هڪ دؤر اهو هيو جو مان قصاب (يعني ڪاسائي) وٽ اڇلڻ واريون **بيڪار هڏيون** ۽ ڪٽڪ جا تيلا جيڪي فصلن ۾ اڇلايا ويندا آهن ڪٺندو هيس، ڏوئي ڪري ديڳڙيءَ ۾ اوباري ان جي شوروي جو هڪ پيالو پي ڪري گذارو ڪندو هيس، ماڻهن کي جڏهن ان جو اطلاع مليو تہ اهي قسمين قسمين جا ڪاڏا آڻڻ لڳا. هي حال ڏسي آءُ اتان روانو ٿي ويس ۽ پوءِ ڪنهن جڳهہ تي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ قيام نہ ڪرڻ جو معمول بڻائي ڇڏيم. **(ايضًا ص 277)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

بھوک کی عادت بنے اور اِستقامت بھی ملے
خاتِمہ بِالخیر ہو اللہ! جنّت بھی ملے

(37) ڪائڻ کان اڳ خوف

حضرتِ سيّدُنا وهب بن ورد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ هڪ يا ٻہ ٻہ يا ٽي ٽي ڏينهن ٻُک ۾ رهڻ کان پوءِ هڪ ماني وٺندا هئا ۽ هيئن دعا ڪندا هئا، ”**يا الله!** عَزَّوَجَلَّ تون ڄاڻين ٿو تہ مان ان کي ڪائڻ ڪانسواءِ، تنهنجي عبادت جي طاقت نہ ٿو رکان ۽ مون کي ڪمزوري ۽ **الم** (يعني غم) جو خوف آهي. **يا الله!** عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن هن مانيءَ ۾ ڪا خرابي يا حرام هجي تہ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ منهنجي پيٽ ۾ وڃڻ تي مون کي هن ڪاڏي

تي پڪڙ نہ ڪجانءِ ". هي دعا گهرڻ کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ماني ۽ کي پاڻي ۾ پسائيندا ۽ تناوُل فرمائيندا هئا". (منهاج العابدين ص 98)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪائي روئڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي فڪر تي هر شيءِ ڪائيندو وڃڻ ڳٽتيءَ جو ڳي ڳالهہ آهي، آخرت جي حساب ڪان اسان کي ڊڄڻ گهرجي، حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي احياءُ العلوم ۾ فرمائن ٿا، ڪائي روئڻ وارو ۽ ڪائي لهو و لعب (يعني راند روند، يا ڪِل مذاق) ۾ پوڻ وارو ٻئي برابر نہ ٿا ٿي سگهن. (احياءُ العلوم ج2 ص 8) وڏيڪ فرمائن ٿا، شڪ واري ڪاڏي تي استغفار ۽ غم جو اظهار ڪري تہ جيئن ان جي ڳوڙهن ۽ غم جي سبب ان جي حق ۾ جهنّم جي باهہ وسامي وڃي جيڪا اهڙي ڪاڏي جي سبب ڪان پيش اچي. ڇو تہ حضورُ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،"جيڪو گوشت حرام مان پليو هجي باهہ ان جي وڏيڪ مستحق (يعني حقدار) آهي."

(شعب الايمان ج5ص56 حديث 5761)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(38) سڪل ماني ۽ جو ٽڪرو

حضرتِ سيّدُنا جُنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا. هڪ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا حارث بن اسد مُحاسِبي قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي منهنجي گهر جي پرسان گذريا، مون انهن ۾ بُک جا آثار ڏٺا تہ عرض ڪيم،

”چاچا سائين! تشريف کٽي اچو ۽ ڪجهه کائو“. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تشريف کٽي آيا، گهر ۾ ٻيو ڪجهه تہ نہ هيو، پاڙي مان **شاديءَ جو ڪاڏو** آيو هيو، اهو ئي حاضر ڪري ڇڏيم. انهن هڪ گرهه کنيو ۽ وات ۾ ڪيترائي ڀيرا گهمايو پوءِ گهر کان ٻاهر وڃي ڪڍي ڇڏيو ۽ تشريف کٽي ويا. پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن کين ٻيهر ڏٺم تہ مون انهيءَ ڏينهن کانئن نہ کائڻ جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون،” مون کي بُک لڳي هئي تنهن ڪري مون چاهيو تہ توهان جو ڪاڏو کائي وٺان ۽ توهان کي خوش ڪري ڇڏيان پر منهنجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هي عهد آهي تہ جنهن ڪاڏي ۾ ”شبهو“ هجي اهو منهنجي نِڙيءَ کان هيٺ نہ لهندو، اهو ئي سبب هيو جو آءُ ان کي کائي نہ سگهيس“. مون عرض ڪيو،” اهو ڪاڏو منهنجي پاڙيسريءَ وٽان شاديءَ جو آيو هيو، اڄ وري گهر ۾ تشريف آڻيو،“ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تشريف کٽي آيا. مون **سڪل مانيءَ جو ٽڪرو** پيش ڪيو. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اهو تناوُل فرمائي ڇڏيو ۽ فرمايائون، ”درويشن کي اهڙو ئي ڪاڏو پيش ڪندا ڪريو.“

(الرسالة القشيريه ص 429، 430)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(39) آڳر جي رڳ ٽڙڪي اٿي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪيڏي بہ ڪٽي بُک ڇونہ هجي پر **اولياءالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی مشڪوڪ ڪاڏي کي تناوُل نہ فرمائيندا هئا. حضرتِ سيّدُنا حارث مُحاسِبي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مٿان الله عَزَّوَجَلَّ جو

خاص ڪرم هيو. حضرت سيّدُنا ابو علي دقاق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الرَّازِق ڪان منقول آهي،”جڏهن بہ حضرت سيّدُنا حارث مُحاسبي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّبِّي ڪنهن مشڪوڪ ڪاڏي جي طرف هٿ وڌائيندا هئا تہ سندن جي هڪ آڱر جي رڳ ٽڙڪندي هئي ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه اهو ڪاڏو نہ ڪائيندا هئا.“(ايضًا ص 429) ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى سان اهڙي طرح جون ڪرامتون منسوب آهن جو انهن کي حرام ۽ شڪ واري ڪاڏي جي خبر پئجي ويندي هئي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(40) عابد ۽ ڏاڙهون ۽ جووڻ

روايت آهي. هڪ عابد ڪنهن پهاڙ تي رهندو هيو. اتي **ڏاڙهون ۽ جو وڻ** هيو. هر روز تي ڏاڙهون ان ۾ ايندا هئا، انهن کي ڪائيندو ۽ عبادت ڪندو هو. حق عَزَّوَجَلَّ کي **امتحان** وٺڻ منظور ٿيو. هڪ ڏينهن ڏاڙهون نہ مليا. صبر ڪيائين. ٻئي ڏينهن وري اهو ئي حال ٿيو. ٽئين ڏينهن (ٻُک ڪان) پريشان ٿي پهاڙ تان هيٺ لٿو. ان جي هينان هڪ نصراني (يعني عيسائي) رهندو هيو. ان ڪان سوال ڪيائين، نصرانيءَ **چار مانيون** ڏنس. ان (نصرانيءَ) جو ڪُتو پونڪڻ لڳو، عابد هڪ ماني اڇلائي ڏنس. ڪتي ڪائي ڪري پوءِ بہ پيچو ڪيو، ٻي ماني اڇلائي ڏنائينس، ڪتي اها بہ ڪائي ڇڏي پر پيچو نہ ڇڏيو. جڏهن چار ئي ڪائي ڇڏيون ۽ پونڪڻ ڪان بس نہ ڪئي تہ عابد چيو، ”اي ناحق ڪوشش ڪرڻ وارا لالچي توکي شرم نہ ٿو اچي تہ

مان تنهنجي گهر مان سوال ڪري مانيون آنديون ۽ تو مون کان سڀ کسي ورتيون، هاڻي بہ پيچو نہ تو ڇڏين.“ **ڪتي** چيو، ” مان توکان وڌيڪ بي شرم ناهيان جو جنهن مالڪ ڪيترائي ورهيہ بنا محنت ۽ مشقت جي اهڙو نفيس رزق توکي ڪارايو، (ٿورو امتحان وٺڻ ۽) تي ڏينهن نہ ڏيڻ تي (ٻُک ڪان) ايترو پريشان تي وئين جو ان جي دشمن (نصراني) جي گهر خيرات پنڻ لاءِ آئين!“

(احسن الوعا ص 144 مكتبة المدينه)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان اهو درس مليو تہ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ايتريقدر نعمتن سان نوازي ٿو پوءِ جيڪڏهن انهيءَ جي طرفان ڪا امتحان جي صورت پيدا ٿئي تہ بي صبريءَ جو مظاهرو ۽ شڪايت ڪرڻ جي بدران صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ کي هن حڪايت مان سمجهو:

(41) محمود و اياز ۽ ونگيءَ جي ڦار

منقول آهي، مشهور عاشقِ رسول بادشاهہ، سلطان محمود غزنوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي وٽ ڪو شخص **ونگي** ڪٽي حاضر ٿيو، سلطان **ونگي** قبول فرمائي ۽ پيش ڪرڻ واري کي انعام ڏنو. پوءِ پنهنجي هٿ سان ونگيءَ جي **ڦار** ڪٽي پنهنجي منظورِ نظر غلام **اياز** کي عطا فرمائي. اياز وني ڏاڍو مزي سان کائي ڇڏي. پوءِ سلطان ٻي ڦار ڪٽي ۽ پاڻ کائڻ لڳو تہ اها ايتريقدر ڪڙي هئي جو زبان تي رکڻ مشڪل هيو. سلطان حيرت سان اياز ڏانهن نهاريو ۽ فرمايائين،

”**اياز!** ايتري ڪڙي ڦار تون ڪيئن ڪائي وئين؟ واهہ! تنهنجي چهري تي تہ ذري برابر ناپسنديدگي جا اثر بہ ظاهر نہ ٿيا؟“ اياز عرض ڪيو، ”عالي جاہ! ونگي واقعي تمام گهڻي ڪڙي هئي. وات ۾ وڌي تہ **عقل** چيو، ”ٿُڪي ڪڍ“ پر **عشق** چئي ڏنو،”اياز خبردار! هي اهي ئي هٿ آهن جن سان روزانو منيون منيون شيون ڪائيندو رهيو آهين، جيڪڏهن هڪ ڏينهن ڪڙي شيءِ ملي ويئي تہ ڇا ٿيو! هن کي ٿُڪي ڪڍڻ آدابِ محبت جي خلاف آهي تنهن ڪري عشق جي رهنمائيءَ تي مان ونگيءَ جو ڪڙي ڦار ڪائي ويس“.

(رهبرِ زندگي ص 167)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهو ئي شان بحيثيت مسلمان اسان جو بہ هجڻ گهرجي جو جنهن ربّ العباد عَزَّوَجَلَّ اسان تي لاتعداد احسان فرمايا آهن، جيڪڏهن ڪڏهن بہ ان جي طرف کان ڪا مصيبت ۽ تڪليف اچي وڃي، تہ ان کي خوش مزاجيءَ سان قبول ڪريون. باڪمال اهو ناهي جيڪو محبوب جي طرف کان محبت ۽ پيار ملڻ جي سبب وفادار رهي. باڪمال تہ اهو آهي جيڪو محبوب جي طرف کان ڏڪارڻ باوجود بہ ان جو وفادار ۽ جان نثار رهي.

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پاسکتا
جو رنج و مصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

(42) عيسائي راهب جو اسلام قبول ڪرڻ

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ **عيسائي راهب** تي انفرادي ڪوشش فرمائيندي ان کي اسلام جي دعوت ڏني، تمام گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ ان چيو، ”حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو معجزو هيو تہ 40 ڏينهن تائين ڪجهہ نہ ڪائيندا هئا ۽ هي ڪمال رُڳو نبي عَلَيْهِ السَّلَام يا صديق کي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو“. ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، ”جيڪڏهن مان 50 ڏينهن تائين بُکايل رهان تہ ڇا ڪفر ڇڏي مسلمان ٿي ويندين؟“ ۽ ان ڳالهہ کي مڃي وٺندين تہ اسلام ئي حق آهي ۽ تون باطل مذهب جو پيروڪار آهين“ ان وراڻيو، ”ها“. اهڙي طرح اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ وٽ ترسي پيا ۽ 50 ڏينهن تائين ڪجهہ نہ ڪاڌائون، پوءِ وڌيڪ 10 ڏينهن وڌائي 60 ڏينهن تائين فاقو ڪيائون. اهو راهب اها **ڪرامت** ڏسي مسلمان ٿي ويو.

(احياءُ العلوم ج3 ص 98)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان هرگز ڪو هي نہ سمجهي تہ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه، مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان وڌي ويا اسلام جو اهو تسليم ٿيل **عقيدو** آهي تہ ڪنهن بہ نبي عَلَيْهِ السَّلَام کان ڪو غير نبي افضل ٿي نہ ٿو سگهي ۽ جيڪو غير نبي کي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کان افضل ڄاڻي اهو **ڪافر** آهي، ڳالهہ دراصل هي آهي تہ مسلمان ٿيڻ کان پهريان اهو

راهب اهو سمجهندو هيو تہ حضرت عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان پوءِ هاٿي ڪو غلامِ مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 40 ڏينهن جو فاقو ڪري ئي نہ ٿو سگهي. ان لاءِ ان بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪرامت ڏيکاري ان غلط فهميءَ کي ختم ڪري ڇڏيو تہ 40 ڏينهن جو فاقو حضرت سيّدنا عيسىٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي لاءِ خاص نہ آهي. غلامانِ مصطفىٰ 40 ڏينهن تہ نهيو پر 60 ڏينهن بہ ٻُک ۾ رهڻ جي باوجود زندهہ رهي سگهن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کا یا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالم کیا ہو گا

(43) مچي چانور

هڪ بصري بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي بابت منقول آهي، ويهہ سالن تائين انهن جو نفس مچي چانور ۽ ماني ۽ جو مطالبو ڪندو رهيو پر اهي پنهنجي نفس کي مارينداا رهيا ۽ هي شيون نہ ڪاڏائون. وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰہُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان مون کي جيڪي ڪجهہ نعمتون عطا ڪيون ويون اهي بيان کان ٻاهر آهن. سي کان پهريان مچي چانور ۽ ماني ڏئي ڪري چيو ويو، اڄ جيتريقدر دل چاهي ڪائو. (احياء العلوم ج3 ص 103)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! نفس جي پيروي نہ ڪرڻ وارن جو ڪيتريقدر اعليٰ مقام هوندو آهي. جيڪي خوش نصيب ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر نفس کي ماريندي دنيا جي نعمتن کان پرهيز ڪندي ٻُک برداشت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن انهن کي مبارڪ هجي جو مرڻ کان پوءِ انهن کي جنّت جون اعليٰ نعمتون عنايت ٿيندڙيون. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان : ڪائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

(44) دل جي لاءِ فائديمند

حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا، ”نفس جي ڪنهن خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏڻ دل جي لاءِ هڪ سال جي روزن ۽ شبِ بيداريءَ کان بہ وڌيڪ فائديمند آهي.“ (ايضًا ج3 ص 103)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(45) جنت جو وليمو

حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ” آخرت جي راهہ تي هلڻ وارن بزرگانُ دين عَلَيْهِمُ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين نفس جي خواهشن جي تڪميل کان بچندا هئا ڇو تہ انسان

جيڪڏهن خواهش جي مطابق لذيذ شيون کائيندو رهي تہ هن سان ان جي نفس ۾ **آڪڙ** (يعني مغروري) پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ان جي **دل** سخت ٿي ويندي آهي ۽ پڻ اهو دنيا جي لذيذ شين جو ايتريقدر عادي ٿي ويندو آهي جو دنيا جي لذتن جي محبت ان جي دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ اهو **رب ڪائنات** جل جلاله جي ملاقات ۽ ان جي بارگاهِ عالي ۾ حاضري کي وساري ويهندو آهي. ان جي حق ۾ دنيا جنّت ۽ موت قيدخانو بڻجي ويندو آهي، جيڪو پنهنجي نفس تي سختي ڪري ۽ ان کي لذتن کان محروم رکي تہ دنيا ان جي لاءِ قيدخانو بڻجي ويندو آهي ۽ هن ۾ هُو مُونجهہ محسوس ڪندو آهي، هاڻي ان جو **نفس** دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ ۽ موت جي ذريعي زندگي جي قيد مان آزاد ٿي وڃڻ پسند ڪندو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي طرف اشارو ڪندي حضرت سيّدنا **يحيىٰ معاذ** رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، **اي** صديقين جا گروهہ! **جنّت جو وليمو** کائڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي بُکيو رکو ڇو تہ نفس کي جيتريقدر بُکيو رکيو وڃي ايتريقدر کائڻ جي خواهش وڌندي آهي. (يعني جڏهن شدت سان بُک لڳل هوندي آهي ان وقت کاڌو کائڻ ۾ وڌيڪ لطف ايندو آهي، ان جو تجربو عام طور تي هر روزيدار کي ٿيندو آهي، تنهن ڪري دنيا ۾ خوب بُکيا رهو تہ جيئن جنّت جي اعلىٰ نعمتن مان خوب مزا ماڻي سگهو)

(ايضًا ص99)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(46) اس ۾ سڪل اٿو

حضرتِ سيّدُنا **عتبة الغلام** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام اٿو ڳوهي اس ۾ سُڪائي تناوُل فرمائيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ”هڪ ماني ۽ جي ٽڪري ۽ لوڻ تي گذارو ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن قيامت جي ڏينهن پُڳل گوشت ۽ سنو سنو ڪاڏو ملي“. (احياءُ العلوم ج3 ص 100)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(47) 40 سالن تائين کير نہ پيتو

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَبَّار جي باري ۾ منقول آهي، سندن نفس **40** سالن تائين کير جي خواهش ڪندو رهيو پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نہ پيتائون. هڪ ڏينهن نذراني ۾ ڪنهن ڪجهہ ڪارڪون ڏنيون تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه شاگردن کي عنايت ڪندي فرمايائون، اوهان ڪائو مون **40** سالن کان ڪارڪ (ڪائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي) چکي بہ ناهي. (ايضًا ص 101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(48) گوشت ماني

حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام ستن سالن تائين **گوشت** جي خواهش کي ٿاريندا رهيا پوءِ هڪ ڏينهن ماني ۽ گوشت جي هڪ ٻوٽي خريد فرمائي. ٻوٽي ڀُجي ڪري ماني تي رکيائون، ايتري ۾ هڪ **يتيم** ٻار اچي ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي ماني ۽ ٻوٽي

عنايت فرمائي ڇڏي. پوءِ روئي پيا ۽ سيپاري 29 سُوْرَةُ الدَّهْرِ جي انين آيتِ ڪريمہ تلاوت ڪرڻ لڳا:

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪاڏو ڪارائن ٿا ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي.

(پ29 الدَّهر آيت 8)

حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام ان کان پوءِ ڪڏهن بہ ماني ۽ پُڳل گوشت نہ چکيو. (ايضًا ص211)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(49) پوائتي آنڌوڪار

حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام فرمائن ٿا، ڪيترن ئي سالن تائين نفس ڪارڪ جي خواهش ڪندو رهيو، مون هڪ ڏينهن ڪجهہ ڪارڪون خريد ڪري افطاري جي لاءِ رکيون، ايتري ۾ ايتريقدر خوفناڪ مٽيءَ جو طوفان (يعني آنڌوڪار) هليو جو هر طرف اونداهي ڇانئجي وئي ۽ ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. هي ڏسي مون پنهنجو پاڻ کي چيو، هي تنهنجي جرئت ۽ (نفس جي پيروي جي لاءِ) ڪارڪ خريد ڪرڻ جي سبب ٿيو ۽ تنهنجي گناهن جي سبب ماڻهو هن طوفان ۾ مبتلا ٿيا. پوءِ عهد ڪيائون، هاڻي هن کي نہ کائيندس. (ايضًا ص 210)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام جي عاجزي هئي جو طوفان آيو تہ ان تي پنهنجو پاڻ کي قصور وار ڪيائون! بزرگن جي برڪت سان مصيبتون ايندين ناهن پر ٿري ويندين آهن، ڪهڙي خبر جو **زلزلو** اچڻ وارو هو ۽ اهو انهن جي برڪت سان **طوفان** ۾ بدلجي ويو هجي! منقول آهي، " نيڪ ماڻهن جي تذڪري جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي". (**ڪشف الخفاء ج 2 ص91 رقم الحديث 1772**) جڏهن صرف تذڪري تي نُزولِ رحمت جي بشارت آهي تہ جتي **ولی الله** جو وجودِ مسعود موجود هجي تہ رحمتن جو ڇا عالم هوندو!

جو ولیوں کے مزاروں پر مسلماں آتے جاتے ہیں
خدا کی رَحمتوں سے حصہ وافرُوہ پاتے ہیں

(50)سبز پيالو

حضرتِ سيّدُنا شفيق بن ابراهيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَرِيم فرمائن ٿا، آءُ مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعظِيمًا ۾ سرڪارِ مڪهءِ مڪرمه، سردار مدينهءِ منوره صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ولادت شريف** واري گهر جي ويجهو حضرتِ سيّدُنا **ابراهيم** بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ رَبِّ الْاَعْظَم سان مليس تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رستي جي ڪناري تي ويهي روئي رهيا آهن. مان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ وڃي ويهي رهيس ۽ پُڇيو، " اي ابو اسحاق! (هي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪنيت هئي) هي روئڻ ڇا جو؟ " ارشاد فرمايائون، **"خير آهي"** مان پنهنجي ڳالهہ کي ٻہ ٽي ڀيرا اصرار سان چيو تہ ارشاد فرمايائون، " اي شفيق (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) !منهنجو پردو رکجو. " مون چيو. "جيڪو دل ۾ اچي اوهان فرمايو!" فرمايائون منهنجو نفس ٿيهن

سالن کان **سکباج** (يعني سرڪو، گوشت ۽ خوشبودار مصالحي سان تيار ٿيل ڀاڄي) جي خواهش ۾ بيچين هيو پر مان ان کي منع ڪندو رهيس. گذريل رات جڏهن تہ مان وينو هيس مون کي ننڊ اچي ويئي. هڪ نوجوان کي هٿ ۾ **سبز پيالو** ڏٺم جنهن مان **سکباج** جي خوشبودار ٻاڦ نڪري رهي هئي. مان همت ڪري ان کان پري هٽيس تہ ان (نوجوان) اهو پيالو منهنجي طرف وڌائي چيو، " اي ابراهيم (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) ڪائو! "مون جواب ڏنو،" مان نہ ڪائيندس، مان ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڇڏي ڇُڪو آهيان" چيائين،" الله عَزَّوَجَلَّ ئي اوهان کي نوازيو آهي، ڪائو! " مون وٽ ڪو جواب نہ بچيو مان روئي ڏنو، تہ چيائين، " ڪائو الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي." مون چيو، " اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ جيسيتائين يقين نہ ٿئي تہ ڪٽان آيو آهي پنهنجي پيٽ ۾ نہ وجهو". چوڻ لڳو، " ڪائو الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي عافيّت بخشي، مون کي هي ڪاڏو ڏيئي ڪري چيو ويو تہ **اي خضر** (عَلَيْهِ السَّلَام)! **ان کي** ڪٽي وجو ۽ ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ رَبِّ الْاَعْظَم جي نفس کي ڪارايو جو الله عَزَّوَجَلَّ هن کي (سڪباج کان) روڪي رکڻ تي هن ڊگهي صبر جي سبب ان تي رحم فرمائي ڇڏيو. اي ابراهيم (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) !مون فرشتن کي چوندي ٻُڌم،"جنهن کي عطا ڪيو وڃي ۽ اهو نہ وٺي تہ پوءِ طلب ڪرڻ تي بہ انکي نہ ڏنو ويندو". مون چيو،" جيڪڏهن اهڙو معاملو آهي تہ مان الله تعالی سان ڪيل واعدي جي سبب اوهان جي سامهون اهڙو ئي آهيان (يعني نہ ڪائيندس) " پوءِ مان واپس ٿيس تہ هڪ نوجوان انهن کي ڪا شيءِ ڏيندي چيو،" **اي خضر** (عَلَيْهِ السَّلَام)! انهن کي پاڻ ڪارايو ". اهڙيءَ طرح پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام مون کي گرهہ ڏيندا رهيا ايسيتائين جو منهنجي

اک ڪُلي ويئي. مان اٿيس تہ وات ۾ ان جو ذائقو موجود هيو". سيّدُنا شفيق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، "مون عرض ڪيو، "پنهنجو هٿ ڏيکاريو!" مون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هٿ پڪڙيو ان کي چمي ورتو." الخ

(احياءُ العلوم ج3 ص 100،101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ايمان تي خاتمي جو عمل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو اوهان! حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ رَبِّ الْاَعْظَم نفساني خواهش کي ڪيئن ختم ڪندا هئا، **ٽيهن سالن تان سکباڄ** کائڻ جي خواهش کي ماري رکيو هئائون. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان حضرتِ سيّدُنا خضر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي اچي ڪري انهن کي پنهنجي پيارن پيارن هٿن سان **سکباڄ** کارايو. حضرتِ سيّدُنا خضر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي آهن جيڪي اجان تائين ظاهري حيات سان متصف (يعني نوازيل) آهن. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي برڪت جو هڪ مدني گل پيش ڪريان ٿو ان کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ ضرور سجائي ڇڏيو جيئن تہ تفسيرِ صاوي شريف ۾ آهي، جيڪوبہ ڪو حضرتِ **سيّدُنا خضر** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو نالو ڪُنْيَت ۽ ولديت ۽ لقب سميت ياد رکندو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جو **ايمان تي خاتمو** ٿيندو. پاڻ (عَلَيْهِ السَّلَام) جو نالو ڪُنْيَت ۽ ولديت ۽ لقب سميت هن طرح آهي. **اَبُو الْعَبَّاس بَلْيَا بِنْ مَلْكَان الْخِضَر**

(تفسير صاوي ج2 ص 1207)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(51) نفس سان گفتگو

حضرتِ سيّدُنا امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا شهزادا حضرت سيّدُنا حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَوَاد فرمائن ٿا، ” مان حضرتِ سيّدُنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، گهر جي اندران آواز اچي رهيو هيو، ” اي نفس! تو گجر جي خواهش ڪئي مون ڪارائي وري تو ڪارڪ جو مطالبو شروع ڪري ڇڏيو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توکي ڪڏهن بہ ڪارڪ نہ ڪارائيندس. مان سلام ڪري اندر داخل ٿيس تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڪيلا هئا. “(يعني پاڻ هي ڳالهيون پنهنجي نفس سان ڪري رهيا هئا.) (ايضًا ص 101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

(52) سبزي نہ ڪائيندس

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن ضَيْغَم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا، هڪ ڀيري مان بصري جي بازار مان گذريس تہ هڪ سبزي تي نظر پئي نفس مطالبو ڪيو تہ اڄ رات هيءَ سبزي ڪاراءِ. مون قسم کنيو تہ چاليهہ راتين تائين اها سبزي نہ ڪائيندس.“ (ايضًاص 101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فضائل رمضان شريف

شيطان ڪيڏي بـ سستي ڏياري پر توهان همٿ ڪري هي باب (هر سال) مڪمل پڙهي وٺو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ.

دُرود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تَقَرُّب نِشان آهي،"بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اُهو هوندو جيڪو مون تي سيني کان وڌيڪ دُرود موڪلي. " (ترمذي ج 2 ص 27 حديث 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو ان اسان کي **ماهِ رمضان** جهڙي عظيم الشّان نعمت سان سرفراز فرمايو. رمضان جي مهيني جي فضيلتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن جي تہ هر گهڙي رحمت ڀري آهي. هن مهيني ۾ اجر ۽ ثواب تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر ڀيرا (وڌيڪ) ڪيو ويندو آهي. بلڪ هن مهيني ۾ تہ روزيدارن جو سمهڻ بہ عبادت ۾ ڳڻيو ويندو آهي. عرش کڻڻ وارا فرشتا روزيدارن جي دعا تي

آمين چوندا آهن ۽ هڪ حديثِ پاڪ موجب **”رمضان جي روزيدار جي لاءِ درياءَ جون مڇيون افطار تائين مغفرت جي دعا ڪنديون رهنديون آهن“.**

(الترغيب والترهيب ج2 ص 55 حديث 6)

عبادت جو دروازو

روزو باطني (يعني لڪيل) عبادت آهي، جو تہ اسان جي بُڌائڻ کان سواءِ، ڪنهن کي هيءَ خبر نہ ٿي پئجي سگهي تہ اسان کي روزو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ باطني عبادت کي وڌيڪ پسند فرمائي ٿو. هڪ حديثِ پاڪ جي مطابق **”روزو عبادت جو دروازو آهي“.** (الجامع الصغير ص 146 حديث 2415)

قرآن جو نُزول

هن مبارڪ مهيني جي هڪ خصوصيّت هي بہ آهي، جو الله عَزَّوَجَلَّ هن ۾ قرآن پاڪ نازل فرمايو آهي. جيئن تہ مقدس قرآن ۾ خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو نُزولِ قرآن ۽ ماهِ رمضان جي باري ۾ فرمانِ عاليشان آهي:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْیَصُمْهُ ؕ وَ مَنْ كَانَ مَرِیْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَیَّامٍ اُخَرَ ؕ یُرِیْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْیُسْرَ وَ لَا یُرِیْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾ (پ2 البقره 185)

ترجمو ڪنزالايمان : رمضان جو مهينو جنهن ۾ قرآن لٿو، ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي رهنمائي ۽ فيصلي جون چٽيون ڳالهيون آهن سو توهان مان جيڪو هي مهينو لهي، اهو ضرور ان جا روزا رکي ۽ جيڪو بيمار يا سفر ۾ هجي تہ اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي آساني ڪرڻ گهري ٿو ۽ توهان تي اوڪائي ڪرڻ نہ ٿو گهري ۽ ان لاءِ تہ جيئن توهان ڳڻپ پوري ڪريو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي وڏائي بيان ڪريو. انهيءَ تي تہ ان اوهان کي هدايت ڪئي ۽ توهان حق گذار ٿيو.

رمضان جي تعريف

هنن مقدس آيتن جي ابتدائي حصي شَهۡرُ رَمَضَانَ الَّذِيۡٓ جي تحت مفسرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا:" رمضان " يا ته "رحمٰن عَزَّوَجَلَّ "وانگر الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو آهي ڇو ته هن مهيني ۾ ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري هن کي "شهرِ رمضان" يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو چيو وڃي ٿو. جيئن مسجد ۽ ڪعبي کي الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر چوندا آهن، جو اتي الله عَزَّوَجَلَّ جا ئي ڪم ٿيندا آهن. تيئن ئي رمضان الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي جو هن مهيني ۾ به الله عَزَّوَجَلَّ جا ئي ڪم ٿين ٿا. روزا تراويح وغيره ته آهن ئي الله عَزَّوَجَلَّ جا، پر روزي جي حالت ۾ جيڪا جائز نوڪري ۽ جائز واپار وغيره ڪيو وڃي ٿو اهي به الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪمن ۾ ڳڻجن ٿا. ان لاءِ هن مهيني جو نالو رمضان يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. يا هي "رمضاءُ " مان نڪتل آهي. رمضاءُ خريف جي موسم واري برسات کي چوندا آهن. جنهن سان زمين ڏوپجي وڃي ٿي ۽ "ربيع" جو فصل سٺو ٿيندو آهي. جيئن ته هي مهينو به دل جي دز ۽ ڏُنڌ کي ڏوئي ڇڏي ٿو ۽ ان سان عملن جي پوک به سرسبز رهي ٿي انهيءَ لاءِ هن کي رمضان چوندا آهن. "سانوڻ ۾ روزانو برساتون گهرجن ۽ "بَدَو " ۾ چار وري "آڪاڙ" ۾ هڪ. انهيءَ هڪ سان فصل پَڪي ويندا آهن، ته اهڙيءَ طرح يارهن مهينا لڳاتار نيڪيون ڪيون پئي ويون، پوءِ رمضان جي روزن انهن نيڪين جي پوک کي پَڪائي ڇڏيو. يا هي"رمض" مان نهيو

جنهن جي معنيٰ آهي ”گرمي يا سڑڻ“ چو ته هن ۾ مسلمان بُک ۽ اڃ جي تپش برداشت ڪندا آهن يا هي گناهن کي ساڙي ڇڏي ٿو. ان لاءِ هن کي **رمضان** چيو وڃي ٿو. (ڪنزالعمال جي انين جلد جي صفحي ۾ سؤ سترهن تي حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت نقل ڪئي وئي آهي ته نبي ڪريم، رؤفُ رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هن مهيني جو نالو **رمضان** رکيو ويو آهي ڇو ته هي گناهن کي ساڙي ڇڏي ٿو.“)

مهينن جي نالي جو سبب

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ڪجهه مفسرين رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی فرمايو ته جڏهن مهينن جا نالا رکيا ويا ته جنهن موسم ۾ جيڪو مهينو هيو انهيءَ سان ان جو نالو پيو. جيڪو مهينو گرمي ۾ هيو. ان کي **رمضان** چيو ويو ۽ جيڪو بهار جي موسم ۾ هيو ان کي **ربيع الاول** ۽ جيڪو سردي ۾ هيو، جڏهن پاڻي جمي رهيو هيو ان کي **جمادي الاولیٰ** چيو ويو. اسلام ۾ هر نالي جو ڪو نه ڪو سبب هوندو آهي ۽ نالو ڪم موجب رکيو ويندو آهي. ٻين اصطلاحن ۾ اها ڳالهه ناهي. اسان وٽ وڏي جاهل جو نالو ”محمد فاضل“ ۽ بزدل جو نالو ”شير بهادر“ هوندو آهي. ۽ بدصورت کي ”يوسف خان“ چوندا آهن اسلام ۾ اهو عيب ناهي. رمضان گهڻين خوبين جو جامع هيو انهيءَ لاءِ ان جو نالو **رمضان** ٿيو.

(تفسير نعيمي ج 2 ص 205)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سون جي دروازي وارو محل

سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي:”جڏهن رمضان جي مهيني جي پهرين رات ايندي آهي تہ آسمانن ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا. جيڪو بہ ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن بہ رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ان جي لاءِ **پندرهن سؤ نيڪيون** لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ **ڳاڙهي ياقوت** جو گهر بڻائيندو آهي. جنهن ۾ ست هزار دروازا هوندا، ۽ هر دروازي جا تاڪ سون جا نهيل هوندا جن ۾ ڳاڙها ياقوت جڙيل هوندا. پوءِ جيڪو رمضان جي مهيني جو پهريون روزو رکي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ مهيني جي آخري ڏينهن تائين ان جا گناهہ مُعاف فرمائي ڇڏي ٿو، ۽ ان جي لاءِ صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** مغفرت جي دعا ڪندا رهن ٿا. رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن بہ هُو سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ڪيس (جنّت ۾) هڪ هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو وڃي ٿو جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار **پنج سؤ سالن** تائين هلندو رهي.“

(شعب الايمان ج 3 ص 314 حديث 3635)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! خداءِ حنان و منان عَزَّوَجَلَّ جو ڪيتريقدر عظيم احسان آهي جو ان اسان کي پنهنجي حبيبِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي اهڙو رمضان جو مهينو عطا فرمايو جو انهيءَ مڪرم مهيني ۾ جنّت جا تمام دروازا کلي

ويندا آهن ۽ نيڪين جو اجر تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. بيان ڪيل حديث جي مطابق رمضان المبارڪ جي راتين ۾ نماز ادا ڪرڻ واري کي هر هڪ سجدي جي بدلي ۾ **پندرهن سؤ نيڪيون** عطا ڪيون ويندين آهن ۽ جنّت جو **عظيم الشّان محل** ان کان علاوه. هن حديثِ مبارڪ ۾ روزيدارن جي لاءِ هي بشارتِ عُظميٰ (يعني تمام وڏي خوشخبري) به موجود آهي ته صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابسته عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ ماهِ رمضان المبارڪ جون برڪتون لٽڻ جو تمام گهڻو ذهن نهندو آهي، نه ته بُري صحبتن ۾ رهي ڪري هن مبارڪ مهيني ۾ به اڪثر ماڻهو گناهن ۾ مشغول رهندا آهن. اچو! گناهن جي ڏُٻڻ ۾ ڦاٽل هڪ **فنڪار** جو واقعو پڙهو جنهن کي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو. جيئن ته

مان فنڪار هيس

اورنگي ٽاؤن (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: افسوس صد ڪروڙ افسوس! مان هڪ **فنڪار** هُيس، ميوزيڪل پروگرامز ۽ فنڪشنز ڪندي زندگيءَ جون انمول

گهڙيون برباد ٿي رهيون هيون، دل ۽ دماغ تي غفلت جا ڪجهه اهڙا پردا پيل هئا جو نہ نماز جي توفيق هئي نہ ئي گناهن جو احساس. صحراءِ مدينه ٽول پلازه سپر هاءِ وي باب المدينه ڪراچي ۾ بابُ الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري **ٽن ڏينهن واري سنّتن پرئي اجتماع** (سن1424هه، 2003ء) ۾ حاضريءَ جي لاءِ هڪ ذميدار اسلامي ڀاءَ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ترغيب ڏياري. زهي نصيب! ان ۾ شرڪت جي سعادت ملي ويئي. ٽن ڏينهن واري اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي **رقت انگيز دعا** ۾ مون کي پنهنجي گناهن تي تمام گهڻي شرمساري ٿي، مان پنهنجي جذبات کي قابو ۾ نہ آڻي سگهيس ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳس، بس روئڻ ڪم ڏيکاريو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ماحول ملي ويو ۽ مان ناچ گانن جي محفلن کان **توبهه** ڪئي ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ورتو. 25 ڊسمبر 2004ء جو مان جڏهن **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي رهيو هُيس تہ ننڍي ڀيڻ جي فون آئي، روئڻهارڪي آواز ۾ ان پاڻ وٽ ٿيڻ واري **نابينا ڌيءُ** جي ولادت جي خبر ٻُڌائي ۽ گڏوگڏ چيائين، ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو آهي تہ هن جون اکيون روشن نہ ٿيون ٿي سگهن. ايترو چوڻ کان پوءِ سندس سيني ۾ غم جو ڊيل طوفان اکين منجهان ڳوڙهن ذريعي وهي هليو ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. مون هي چئي ڪري ڪيس دلجاءِ ڏني تہ اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ دعا ڪندس. مان **مدني قافلي** ۾ پاڻ بہ گهڻيون دعائون ڪيون ۽ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** کان بہ دعائون ڪرايون. جڏهن مدني قافلي مان موٽيس تہ ٻئي ڏينهن ئي ننڍي

پيٽ جي مُرڪندي فون آئي ۽ ان خوشيءَ مان هي فرحت اثر خبر ٻُڌائي تہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **منهنجي نابينا ڌيءَ مهڪ جون اکيون روشن ٿي ويون آهن ۽ ڊاڪٽر تعجب ڪري رهيا آهن تہ اهو ڪيئن ٿي ويو! ڇو تہ اسان جي ڊاڪٽريءَ ۾ انهيءَ جو ڪو علاج ئي ڪونہ هو.** هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي بابُ المدينه ڪراچي ۾ علائقائي مُشاورت جي هڪ رڪن جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جون سعادتون حاصل آهن.

آفتوں سے نہ ڈر، رکھ کرم پر نظر　　روشن آنکھیں ملیں، قافلے میں چلو
آپ کو ڈاکٹر، نے گو مایوس کر　　بھی دیا مت ڈریں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪيڏو نہ پيارو آهي جو هن جي دامن ۾ اچي ڪري مُعاشري جا نہ ڄاڻ ڪيترائي بگڙيل ماڻهو باڪردار ٻڌجي سنّتن ڀري باعزت زندگي گذارڻ لڳا گڏوگڏ مدني قافلن جون بهارون بہ توهان جي آڏو آهن. جهڙيءَ طرح مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترن جي ئي دنياوي مصيبت ٿري ويندي آهي. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ تهڙيءَ طرح تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، سراپا رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان آخرت جي آفت بہ راحت ۾ تبديل ٿي ويندي.

ٹوٹ جائیں گے گنہگاروں کے فوراً قید و بند
حشر کو کھل جائے گی طاقت رسول اللہ کی

پنج خصوصي ڪرم

حضرتِ سيّدُنا جابر بن **عبدالله** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالميان، سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، حبيبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي:" منهنجي امت کي رمضان جي مهيني ۾ **پنج شيون** اهڙيون عطا ڪيون ويون جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي عَلَیْہِ السَّلَام کي نہ مليون.

﴾1﴿ جڏهن رمضان المبارڪ جي پهرين رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن جي طرف الله عَزَّوَجَلَّ رحمت جي نظر فرمائي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو.

﴾2﴿ شام جي وقت ان جي وات جي بوءِ (جيڪا بُک جي ڪري ٿيندي هي) الله **تعاليٰ** جي ويجهو مُشڪ جي خوشبوءِ کان بہ بهتر آهي. ﴾3﴿ فرشتا هر رات ۽ ڏينهن ان جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا رهندا آهن. ﴾4﴿ الله **تعالى** جنّت کي حڪم ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو. "منهنجي (نيڪ) بانهن جي لاءِ مُزَيَّن (يعني سينگارجي) وڃ عنقريب اهي دنيا جي مشقت کان منهنجي گهر ۽ ڪرم ۾ راحت ماڻيندا.

﴾5﴿ جڏهن ماهِ رمضان جي آخري رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. قوم مان هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا هي **ليلة القدر** آهي؟ ارشاد فرمايائون نہ، ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ مزدور جڏهن پنهنجي ڪمن مان فارغ ٿيندا آهن تہ انهن کي مزدوري ڏني ويندي آهي".

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 56 حديث 7)

صغيره گناهن جو ڪفارو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، حضورِ پُرنُور، شافع يوم النُّشُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي، ”پنج نمازون، ۽ جمعو ايندڙ جمعي تائين ۽ رمضان جو مهينو ايندڙ ماهِ رمضان تائين گناهن جو ڪفارو آهن جڏهن تہ ڪبيره گناهن کان بچيو وڃي.“

(صحيح مسلم ج 1 ص 144حديث 233)

توبهہ جو طريقو

سُبحٰن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ ۾ رحمتن جون ڇماڇم برساتون ۽ صغيره گناهن جي ڪفاري جو سامان ٿي ويندو آهي، **گناهِ ڪبيره** توبهہ سان مُعاف ٿيندا آهن. **توبهہ ڪرڻ جو طريقو** هي آهي تہ جيڪو گناهہ ٿيو خاص ان گناهہ جو نالو وٺي دل ۾ بيزاري ۽ ٻيهر ان کان بچڻ جو پڪوپهہ ڪري توبهہ ڪرڻي پوندي. مثال طور: ڪوڙ ڳالهايو تہ بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪري يا اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون جيڪو هي ڪوڙ ڳالهايو، ان کان توبهہ ڪريان ٿو ۽ ٻيهر نہ ڳالهائيندس. توبهہ جي دؤران دل ۾ ڪوڙ کان نفرت هجي ۽ ”ٻيهر نہ ڳالهائيندس“ چوڻ وقت دل ۾ هي ارادو بہ هجي تہ جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهيان ائين ئي ڪندس تڏهن اها **توبهہ** آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي آهي تہ **توبهہ** سان گڏوگڏ ان ماڻهوءَ کان مُعاف ڪرائڻ بہ ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ اَسْتَغْفِرُاللّٰہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **ماهِ رمضان** جي فضيلتن سان حديثن جا ڪتاب مالامال آهن. رمضان المبارڪ ۾ ايتريقدر برڪتون ۽ رحمتون آهن جو اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري تائين ارشاد فرمايو،”جيڪڏهن ماڻهن کي معلوم هجي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! پورو سال رمضان ئي هجي. (صحيح ابن خُزيمه ج 3 ص 190 حديث 1886)

آقا صلی اللہ علیہ وسلم جو بيانِ جنّت نِشان

حضرتِ سيّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ”محبوبِ رحمٰن، رحمتِ عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان مهيني جي آخري ڏينهن بيان فرمايو، ”اي انسانو! توهان وٽ عظمت وارو برڪت وارو مهينو آيو. اهو مهينو جنهن ۾ هڪ رات (اهڙي بہ آهي جيڪا) هزار مهينن کان بهتر آهي. هن (مبارڪ مهيني) جا روزا الله عَزَّوَجَلَّ فرض ڪيا ۽ ان جي رات ۾ قيام (يعني تراويح) تَطَوُّع (يعني سنّت) آهي. جيڪو هن ۾ نيڪيءَ جو ڪم ڪري تہ اهو ائين آهي جيئن ٻئي ڪنهن مهيني ۾ **فرض** ادا ڪيائين ۽ هن ۾ جنهن فرض ادا ڪيو تہ اهو ائين آهي جيئن ٻين ڏينهن ۾ **ستر فرض** ادا ڪيائين. هي مهينو **صبر** جو آهي ۽ صبر جو ثواب جنّت آهي ۽ هي مهينو مُؤَاسات (يعني غمخواري ۽ ڀلائيءَ) جو آهي ۽ هن مهيني ۾ مومن جو **رزق** وڌايو ويندو آهي. جيڪو هن ۾ روزيدار کي **افطار** ڪرائي ان جي گناهن جي لاءِ **مغفرت** آهي ۽ ان جو ڪنڌ باهه کان آزاد ڪيو ويندو ۽ هن افطار ڪرائڻ واري کي اهڙو ئي ثواب ملندو جهڙو روزي رکڻ واري کي ملندو، بغير ان

جي، جو اُن جي اجر ۾ ڪجهه گهٽتائي ٿئي.“ اسان عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان مان هر شخص وٽ اها شيءِ ناهي جنهن سان روزو افطار ڪرائي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون:

الله تعالى هي ثواب (تہ) ان (شخص) کي ڏيندو، جيڪو هڪ ڍُڪ ڪير يا هڪ ڪارڪ يا هڪ ڍُڪ پاڻيءَ سان روزو افطار ڪرائي ۽ جنهن روزيدار کي پيٽ ڀري کارايو، ان کي الله تعالى منهنجي حوض مان پيئاريندو جو ڪڏهن اجارو نہ ٿيندو. ايتري تائين جو جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. هي اهو مهينو آهي جو ان جو اوّل (يعني شروعاتي ڏهه ڏينهن) رحمت آهي ۽ ان جو وچ (يعني وچيان ڏهه ڏينهن) مغفرت آهي ۽ آخر (يعني آخري ڏهه ڏينهن) جهنّم کان آزادي آهي. جيڪو پنهنجي غلام تي هن مهيني ۾ تخفيف ڪري (يعني ڪم گهٽ وٺي) الله تعالى ان کي بخشي ڇڏيندو ۽ جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو. هن مهيني ۾ چار ڳالهين جي ڪثرت ڪريو. انهن مان بہ اهڙيون آهن جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ ۽ بقايا بن کان توهان کي بي نيازي ناهي. پوءِ اهي بہ ڳالهيون جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ اهي هي آهن. ﴿1﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي گواهي ڏيڻ. ﴿2﴾ استغفار ڪرڻ. جڏهن تہ اهي بہ ڳالهيون جن کان توهان کي غنا (بي نيازي) ناهي اهي هي آهن. (1) الله تعالى کان جنّت طلب ڪرڻ. (2) جهنم کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه طلب ڪرڻ .“ (صحيح ابن خُزيمه ج 3 ص 191حديث 1887)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هاڻي جيڪا حديث شريف بيان ڪئي وئي ان ۾ ماهِ رمضان المبارڪ جي رحمتن، برڪتن ۽ عظمتن جو گهڻو

ذڪر آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ ڪلمو شريف گهڻي تعداد ۾ پڙهي ڪري ۽ بار بار استغفار يعني خوب توبهه جي ذريعي الله تعالى کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ۽ انهن ٻنهي ڳالهين کان تہ ڪنهن بہ صورت ۾ لاپرواهي ناهي ڪرڻي. يعني الله تعالى کان جنّت ۾ داخلا ۽ جهنّم کان پناهه جون تمام گهڻيون التجائون ڪرڻيون آهن.

رمضان المبارڪ جا چار نالا

الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ!رمضان جي مهيني جو بہ ڪيڏو فيضان آهي. مفسرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن تفسير نعيمي ۾ فرمائن ٿا. ” هن مبارڪ مهيني جا ڪل چار نالا آهن ﴿1﴾ ماهِ رمضان ﴿2﴾ ماهِ صبر ﴿3﴾ ماهِ مؤاسات ۽ ﴿4﴾ ماهِ وسعتِ رزق. وڏيڪ فرمائن ٿا روزو صبر آهي جنهن جي جَزا رب عَزَّوَجَلَّ آهي ۽ اهو انهيءَ مهيني ۾ رکيو ويندو آهي ان لاءِ هن کي ماهِ صبر چوندا آهن مؤاسات جي معنيٰ آهي پلائي ڪرڻ جيئن تہ هن مهيني ۾ سيني مسلمانن سان خاص ڪري قريبي رشتيدارن سان پلائي ڪرڻ وڏيڪ ثواب آهي. ان لاءِ هن کي ماهِ مؤاسات چوندا آهن. هن ۾ رزق جي ڪشادگيءَ بہ ٿيندي آهي جو غريب بہ نعمتون کائي وٺندا آهن انهيءَ لاءِ هن جو نالو ماهِ وسعتِ رزق بہ آهي.“ (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 208)

”ماهِ رمضان مبارڪ“ جي تيرهن اڪرن جي نسبت سان 13 مدني گل

(هي سيئي مدني گل تفسير نعيمي جلد 2 مان ورتا ويا آهن)

مدينه 1 : ڪعبهءِ معظمه مسلمانن کي گُهرائي ڪري ڏيندو آهي ۽ هي پاڻ اچي رحمتون ورهائيندو آهي. جڻ اهو (يعني ڪعبو) ڪوهه آهي ۽ هي (يعني رمضان شريف) درياءُ، يا اهو (يعني ڪعبو) درياءُ آهي ۽ هي (يعني رمضان) برسات.

مدينه 2 : هر مهيني ۾ خاص تاريخون ۽ تاريخن ۾ به خاص وقت ۾ عبادت ٿيندي آهي. مثال طور قرباني واري عيد جي ڪجهه (مخصوص) تاريخن ۾ **حج**، مُحرَّم جي ڏهين تاريخ افضل، پر **رمضان جي مهيني** ۾ هر ڏينهن ۽ هر وقت عبادت ٿيندي آهي. روزو عبادت، افطار عبادت، افطار کان پوءِ تراويح جو انتظار عبادت، تراويح پڙهي سَحَري جي انتظار ۾ سُمهڻ عبادت، پوءِ سَحَري کائڻ به عبادت مطلب ته هر گهڙي ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو شان نظر ايندو آهي.

مدينه 3 : **رمضان** هڪ بني آهي جيئن ته بني خراب لوهه کي صاف ۽ صاف لوهه کي مشين جو پُرزو بڻائي قيمتي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سون کي زيور بڻائي استعمال جي لائق ڪري ڇڏيندي آهي. ائين ئي **رمضان جو مهينو** گناهگارن کي پاڪ ڪندو ۽ نيڪ ماڻهن جا درجا وڌائيندو آهي.

مدينه 4 : **رمضان** ۾ نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي.

مدينه 5 : **ڪجهه** علماء فرمائن ٿا ته جيڪو رمضان ۾ مري وڃي ان کان قبر جا سوال به ناهن ٿيندا.

مدينه 6 : هن مهيني ۾ شبِ قدر آهي. گذريل آيت مان معلوم ٿيو ته قرآن رمضان ۾ آيو ۽ ٻي جاءِ تي فرمايو:

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِیْ لَیْلَةِ الْقَدْرِ ۝۱

ترجمو کنزالايمان: بيشڪ اسان ان کي (يعني قرآن کي) شبِ قدر ۾ لاٿو.

ٻنهي آيتن جي ملائڻ سان معلوم ٿيو ته شبِ قدر رمضان ۾ ئي آهي ۽ اها گهڻو ڪري ستاويهين رات آهي. ڇو ته لَيْلَةُ الْقَدْر ۾ نَوَ اکر آهن ۽ هي لفظ سورهءِ قدر ۾ ٽي ڀيرا آيو. جنهن سان ستاويهه حاصل ٿيا، معلوم ٿيو ته اها ستاويهين رات آهي.

مدينه 7 : **رمضان** ۾ ابليس کي قيد ڪيو ويندو آهي ۽ دوزخ جا دروازا بند ٿي ويندا آهن، جنّت کي سينگاريو ويندو آهي، ان جا دروازا کوليا ويندا آهن. انهيءَ لاءِ انهن ڏينهن ۾ نيڪين جي گهڻائي ۽ گناهن جي گهٽتائي ٿئي ٿي. جيڪي ماڻهو گناه ڪندا به آهن اهي نفسِ اماره يا پنهنجي ساٿي شيطان (قرين) جي ورغلائڻ سان ڪندا آهن.

مدينه 8 : **رمضان** جي ڪائڻ پيئڻ جو حساب ناهي.

مدينه 9 : **قيامت** ۾ رمضان ۽ قرآن روزيدار جي شفاعت ڪندا جو رمضان ته چوندو مولیٰ عَزَّوَجَلَّ مون هن کي ڏينهن ۾ ڪائڻ کان روڪيو هيو ۽ قرآن عرض ڪندو ته يا رب عَزَّوَجَلَّ مون هن کي رات ۾ تلاوت ۽ تراويح جي ذريعي سمهڻ کان روڪيو.

مدينه 10 : **حضورِ** پُرنُور، شافع يوم **النُّشُور** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ ۾ هر قيديءَ کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ هر سائل (يعني سوالي)

ڪي عطا فرمائيندا هئا. رب عَزَّوَجَلَّ بہ رمضان ۾ جهنمين ڪي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري گهرجي تہ رمضان ۾ نيڪ ڪم ڪيا وڃن ۽ گناهن کان بچيو وڃي.

مدينه 11: قرآن ڪريم ۾ رُڳو رمضان شريف جو ئي نالو ورتو ويو ۽ ان جا ئي فضائل بيان ٿيا. ڪنهن ٻئي مهيني جو نہ ايڏي وضاحت سان نالو آهي نہ اهڙا فضائل. مهينن ۾ صرف **ماهِ رمضان** جو نالو قرآن شريف ۾ ورتو ويو. عورتن ۾صرف **بي بي مريم** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جو نالو قرآن ۾ آيو. صحابه ۾ صرف حضرتِ سيّدُنا **زيد ابنِ حارثه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو نالو قرآن ۾ ورتو ويو جنهن سان انهن ٿنهي جي عظمت معلوم ٿي.

مدينه 12: رمضان شريف ۾ افطار ۽ سَحَريءَ جي وقت دعا قبول ٿيندي آهي. يعني افطار ڪرڻ وقت ۽ سَحَري ڪائي ڪري. هيءَ فضيلت ڪنهن ٻئي مهيني ڪي حاصل ناهي.

مدينه 13: رمضان ۾ پنج حرف آهن **ر** ، **م** ، **ض** ، **ا** ، **ن** . **ر** مان مراد رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ **ميم** مان مراد محبتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **ض** مان مراد ضمانِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **الف** مان مراد امانِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **ن** مان مراد نورِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۽ **رمضان** ۾ پنج عبادتون خاص طور تي ٿينديون آهن. روزو، تراويح ، قرآن جي تلاوت اعتڪاف، شبِ قدر ۾ عبادتون. تہ جيڪو دل جي سچائيءَ سان هي **پنج عبادتون** ڪري اهو انهن **پنجن انعامن** جو حقدار آهي. (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 208)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جنت سجائي ويندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارک جي استقبال لاءِ سڄو سال جنّت کي سينگاريو ويندو آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي،”بيشک جنّت ابتدائي سال کان ايندڙ سال تائين رمضان المبارک جي لاءِ سجائي ويندي آهي ۽ فرمايائون، رمضان شريف جي پهرين ڏينهن جنّت جي وڻن جي هينان وڏين وڏين اکين وارين حورن تي هوا هلندي آهي ۽ اهي عرض ڪنديون آهن، ”اي پروردگار! عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن مان اهڙن ٻانهن کي اسان جو مڙس بڻاءِ جن کي ڏسي اسان جون اکيون ٺڏيون ٺين ۽ جڏهن اهي اسان کي ڏسن تہ انهن جون بہ اکيون ٺڏيون ٺين.“ (شعب الايمان ج 3 ص 312 حديث 3633)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ جنّت جي عظمت جي ڇا تہ ڳالهہ آهي! ڪاش! اسان کي بي حساب بخشيو وڃي ۽ جنّت الفردوس ۾ مديني واري آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي مدني تحريک آهي، دعوتِ اسلامي وارن تي ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿينديون آهن ان جي هڪ مدني جهلڪ ملاحظہ فرمايو:

جنت ۾ آقا ﷺ جي پاڙي جي بشارت

اسلامي پائرن ۽ اسلامي پيئرن کي مفت درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ڪرائڻ جي لاءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي زيرِ اهتمام ڪيترائي جامعات،"جامعة المدينه" جي نالي سان قائم آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 1427ھ ۾ دعوتِ اسلامي جي انهن جامعات المدينه (بابُ المدينه ڪراچي) جي تقريبًا 160 شاگردن هتوهت 12 مهينن جي لاءِ **راهِ خدا** عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر اختيار ڪيو. منڊ ۾ **مدني قافله ڪورس** ڪرائڻ جي ترڪيب بڻي، انهيءَ وچ ۾ شاگردن ۾ اسلام جي خدمت واري جذبي کي وڌيڪ **مديني جا** 12 **چنڊ** لڳي ويا ۽ انهن مان تقريبًا 77 شاگردن سڄي عمر جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مدني قافلن جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو! هن عظيم قرباني تي حوصلہ افزائي جي وڏي زبردست صورت بڻي ۽ اها هي تہ خواب ۾ **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان هڪ **عاشقِ رسول** جون اکيون ٿڌيون ٿيون، چَپَ مبارڪ چُرڻ لڳا ۽ رحمت جا گل ڇڪجڻ لڳا ۽ مبارڪ لفظن ڪجهہ هيئن ترتيب ماڻي: **جنهن جنهن پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو آهي مان ان کي جنّت ۾ پاڻ سان گڏ رکندس.** خواب ڏسڻ واري عاشقِ رسول جي دل ۾ حسرت ٿي تہ ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! مون کي بہ خوش نصيبن ۾ شامل ڪيو وڃي ها. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي دل جي ڳالهہ ڄاڻي ورتي ۽ فرمايائون،"جيڪڏهن توهان بہ

انهن ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو.“

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دل فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے، نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

خوش نصيب عاشقانِ رسول کي تمام وڏي خوشخبري هجي! الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظر رکندي پُختي اميد آهي تہ جن خوش نصيبن جي لاءِ هي **مدني خواب** ڏٺو ويو آهي اِنشآءالله عَزَّوَجَلَّ انهن جو خاتمو ايمان تي ٿيندو ۽ اهي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طُفيل، جنّت الفردوس ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ماڻيندا. بهرحال هي ياد رهي! تہ امتي جيڪو خواب ڏسي اهو شرعي طور تي حُجت ناهي هوندو، خواب جي بشارت (خوشخبري) جي بنياد تي ڪنهن کي قطعي جنّتي نہ ٿو چئي سگهجي.

اِذْن سے تیرے سرِ حَشر کہیں کاش! حُضُور
ساتھ عطّار کو جنّت میں رکھوں گا یا ربّ

هر رات ست هزار جي بخشش

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابنِ مسعود** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ ذيشان، مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمتِ نشان آهي،”**رمضان شريف** جي هر رات آسمانن ۾ صبح صادق (پرهہ ڦٽيءَ) تائين هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هي نِدا ڪندو آهي،” اي سُنائي گهرڻ وارا! مڪمل ڪر (يعني الله تعاليٰ

جي فرمانبرداري جي طرف اڳتي وڌ) ۽ خوش ٿي وڃ ۽ اي شرير! شر کان رڪجي وڃ ۽ عبرت حاصل ڪر. **آهي ڪو مغفرت جو طالب!** جو ان جي طلب پوري ڪئي وڃي. **آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو!** جو ان جي توبهه قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو دعا گهرڻ وارو!** جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو سائل** جو ان جو سوال پورو ڪيو وڃي. الله **تعالىٰ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ افطار جي وقت ست هزار گناهگارن کي دوزخ مان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي، ۽ عيد جي ڏينهن سڄي مهيني جي برابر گناهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.“** (الدرالمنثور ج 1 ص 146)

مديني جا ديوانؤ! رمضان المبارڪ جي جلوه گري ته ڇا ٿيندي آهي، اسان غريبن جا پاڳ پلا ٿي ويندا آهن. الله تعالىٰ جي فضل و ڪرم سان **رحمت** جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ خوب **مغفرت** جون سَنَڌُون ورهايون ويندون آهن. ڪاش! اسان گناهگارن کي **ماهِ رمضان** جي صدقي، سرورِ ڪون و مڪان، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت پري هٿن سان جهنّم کان آزاديءَ جي ڇني ملي وڃي. امامِ اهلسنّت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪن ٿا.

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رِہائی کی چِٹّھی ملی ہے

روزانو ڏهه لک گناهگارن جي دوزخ کان آزادي

الله تعاليٰ جي عنايتن، رحمتن ۽ بخشش جو تذڪرو ڪندي هڪ موقعي تي تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايو: ”جڏهن رمضان جي پهرين رات ٿيندي آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق جي طرف نظر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي جي طرف نظر فرمائيندو آهي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ۽ هر ڏينهن، ڏهہ لک (گناهگارن) **کي جهنّم کان آزاد فرمائيندو آهي ۽ جڏهن اڻتيهين رات ايندي آهي تہ سڄي مهيني ۾ جيترا آزاد ڪيا انهن جي ڪل تعداد برابر انهيءَ هڪ رات ۾ آزاد فرمائيندو آهي.** پوءِ جڏهن عيدالفطر جي رات ايندي آهي. ملائڪ خوشيون ملهائيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نور جي خاص تجلي فرمائيندو آهي. ۽ فرشتن کي فرمائيندو آهي، اي ملائڪو! ان مزدور جو ڇا بدلو آهي جنهن ڪم پورو ڪري ورتو؟“ فرشتا عرض ڪندا آهن، ”ان کي پورو پورو اجر (يعني بدلو) ڏنو وڃي.“ الله تعالىٰ فرمائيندو آهي، ” مان توهان کي گواهہ ٿو ڪريان تہ مان انهن سيني کي بخشي ڇڏيو.“

(کنزالعمال ج 8 ص 219 حديث 23702)

جمعي جي هر هر گهڙيءَ ۾ ڏهہ لکن جي بخشش

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ محبوبِ ربُّ العٰلمين، سيّدُ الانبياءِ وَالمُرسَلين، شفيعُ الْمُذنِبين، جنابِ رحمةٌ لّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي،” الله عَزَّوَجَلَّ رمضان جي مهيني ۾ روزانو افطار جي وقت ڏهہ لک اهڙن گناهگارن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي جن تي گناهن جي سبب کان جهنّم واجب ٿي چُڪو هيو ۽ پڻ **جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن** (يعني خميس ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) **جي هر هر گهڙيءَ ۾ اهڙن ڏهہ ڏهہ لک**

گناهگارن کي جهنّم مان آزاد ڪيو ويندو آهي جيڪي عذاب جا حقدار تي چُڪا هوندا آهن.“ (کنزالعمال ج 8 ص 223 حديث 23716)

عِصیاں سے کبھی ہم نے کنارہ نہ کیا پَر تُو نے دِل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تَو جہنَّم کی بہَت کی تجویز لیکن تِری رَحمت نے گوارا نہ کیا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جاٽايل احاديثِ مبارڪ ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي ڪيتريقدر عظيم الشّان انعام و اڪرام جو ذڪر آهي. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! روزانو ڏهه لک اهڙن گناهگارن جي بخشش تي ويندي آهي جيڪي پنهنجي گناهن جي سبب جهنّم جا حقدار تي چُڪا هوندا آهن ۽ پڻ جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن جي ته هر هر گهڙيءَ ۾ ڏهه ڏهه لک گناهگار جهنّم جي عذاب کان آزاد قرار ڏنا ويندا آهن، ۽ پوءِ رمضان المبارڪ جي آخري رات جي ته ڇا بهار آهي جو سڄي **رمضان المبارڪ** ۾ جيترا بخشيا ويا هئا انهن جي تعداد برابر گناهگار انهيءَ هڪ رات ۾ عذابِ نار کان نجات حاصل ڪندا آهن. اي ڪاش! **الله تعالى** اسان گناهگارن ۽ بدڪارن کي به انهن مغفرت ماڻيندڙن ۾ شامل ڪري.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جب کہا عِصیاں سے میں نے سخت لاچاروں میں ہوں
جن کے پلّے کچھ نہیں ہے اُن خریداروں میں ہوں
تیری رَحمت کیلئے شامل گُنہگاروں میں ہوں
بول اُٹھّی رَحمت نہ گھبرا میں مددگاروں میں ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پلائي ئي پلائي

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائيندا هئا، ”ان مهيني کي پليڪار آهي جيڪو اسان کي پاڪ ڪرڻ وارو آهي. پورو **رمضان** خير ئي خير آهي، ڏينهن جو روزو هجي يا رات جو قيام. هن مهيني ۾ خرچ ڪرڻ جهاد ۾ خرچ ڪرڻ جو درجو رکي ٿو. (تنبيه الغافلين ص 176)

خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو

حضرتِ سيّدُنا ضَمُره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته نبي ڪريم رؤفُ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان معظم آهي: ”ماهِ رمضان ۾ گهر وارن جي خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو ڇو ته **ماهِ رمضان** ۾ خرچ ڪرڻ **الله تعالى** جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جيان آهي.“ (الجامع الصغير ص 162 حديث 5716)

وڏين وڏين اکين واريون حورون

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان مروي آهي ته رحمتِ عالم، نورِ مجسم، حبيبِ اکرم، نبي محترم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي:”جڏهن رمضان شريف جي پهرين رات ايندي آهي ته عرشِ عظيم جي هيٺان مَثيره نالي هوا هلندي آهي جيڪا جنّت جي وڻن جي پنن کي لوڏيندي آهي. ان هوا جي هلڻ سان اهڙو دلڪش آواز بلند ٿيندو آهي جو ان کان بهتر آواز اڄ تائين ڪنهن نه ٻڌو. انهيءَ آواز کي ٻڌي **وڏين وڏين اکين واريون حورون** ظاهر ٿينديون آهن ايتري تائين جو

جنّت جي بلند محلن تي بيهجي ويندیون آهن ۽ چونديون آهن: ” آهي ڪو جيڪو اسان کي الله تعالى کان گهري وٺي تہ اسان جو نڪاح ان سان ٿئي؟ “ پوءِ اهي حورون جنّت جي داروغي (حضرت) رضوان (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کان پُڇنديون آهن. ” اڄ هيءَ ڪهڙي رات آهي؟ (حضرت) رضوان (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جواب ۾ تلبيه (يعني لبيڪ) چوندا آهن. ۽ چوندا آهن هي ماهِ رمضان جي پهرين رات آهي. جنّت جا دروازا امتِ محمّديه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روزيدارن جي لاءِ کوليا ويا آهن.“

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 60 حديث 23)

پہ اونداهيون پري

منقول آهي تہ الله تعاليٰ حضرتِ سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو تہ مان امتِ محمديه کي پہ نور عطا ڪيا آهن تہ جيئن اهي پن اونداهين جي نقصان کان محفوظ رهن. سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ اهي پہ نور ڪهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو، ”نورِ رمضان ۽ نورِ قرآن“. سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: پہ اونداهيون ڪهڙيون آهن؟ ”فرمايو، ”هڪ قبر جي ۽ ٻيو قيامت جي.“ درة الناصحين ص 9)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو اوهان؟ خداءِ حَنَّان و مَنَّان عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان جي قدر دان تي ڪيڏو مهربان آهي. پيش ڪيل بنهي روايتن ۾ ماهِ رمضان جي ڪيتريقدر عظيم رحمتن ۽ برڪتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ماهِ رمضان جو قدردان روزا رکي خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪري جنّتن جون ابدي ۽ سرمدي (يعني ختم نہ ٿيندڙ) نعمتون

حاصل ڪندو آهي. گڏوگڏ ٻي حڪايت ۾ ٻن نورن ۽ ٻن اونداهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اونداهين کي پري ڪرڻ جي لاءِ روشني جو وجود اڻٽر آهي. **خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي انهيءَ عظيم احسان تان قربان! جو ان اسان کي **قرآن ۽ رمضان** جا ٻه نور عطا ڪري ڇڏيا تہ جيئن قبر ۽ قيامت جون ڀوائتيون اونداهيون پري ٿين ۽ نور ئي نور ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

روزو ۽ قرآن شفاعت ڪندا

روزو ۽ قرآن قيامت جي ڏينهن مسلمان جي لاءِ شفاعت جو سامان ٻه فراهم ڪندا. جيئن تہ مديني جا سلطان، سردارِ دوجهان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:”روزو ۽ قرآن ٻانهي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا. روزو عرض ڪندو، **اي ربّ ڪريم** عَزَّوَجَلَّ! مون کائڻ ۽ خواهشن کان ڏينهن ۾ هن کي روڪي ڇڏيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول فرماءِ. **قرآن** چوندو، مون هن کي رات ۾ سمهڻ کان پري رکيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول ڪر. پوءِ ٻنهي جون شفاعتون قبول ٿينديون.“ **(مسند امام احمد ج 2 ص 586 حديث 6637)**

بخشش جو بهانو

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا،”جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ کي **امتِ محمدي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عذاب ڪرڻ مقصود هجي ها تہ ان کي رمضان ۽ **سورهء قل هو الله شريف** هر گز عنايت نہ فرمائي ها.“ **(نزهة المجالس ج 1 ص 216)**

ڈر تھا کہ عِصیاں کی سَزا اب ہوگی یاروزِ جَزا
دی اُن کی رَحمت نے صَدایہ بھی نہیں،وہ بھی نہیں

لک رمضان جو ثواب

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ حبيبِ پروردگار، ٻنهي جهانن جا مالک و مختار، مديني جا تاجدار، باذنِ پروردگار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن مکهءِ مکرمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا ۾ رمضان جو مهينو ماڻيو ۽ روزو رکيو ۽ رات ۾ جيترو ٿي سگهيو قيام ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ **ان جي لاءِ ٻين جڳهن جي هڪ لک رمضان جو ثواب لکندو** ۽ هر ڏينهن هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر رات هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر روزجهاد ۾ گهوڙي تي سوار ڪري ڇڏڻ جو ثواب ۽ هر ڏينهن ۾ نيڪي ۽ هر رات ۾ نيڪي لکندو.“ **(ابن ماجه ج 3 ص 523 حديث 3117)**

ڪاش عيد مديني ۾ ٿئي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله جي حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت مبارڪ جو شهر مکهءِ مکرمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا آهي. الله تعالىٰ پنهنجي حبيبِ مکرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ڪيتريقدر لطف ۽ ڪرم فرمايو آهي جو شاهِ انام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪو غلام جيڪڏهن **رمضان جو مهينو** مکهءِ مکرمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا ۾ گذاري ۽ اتي ئي روزا رکي ۽ رات جو توفيق مطابق نوافل وغيره ادا ڪري تہ ان کي ٻين جاين

جي **هڪ لک رمضان** جي برابر ثواب عطا ڪيو ويندو ۽ هر ڏينهن ۽ رات هڪ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هڪ هڪ عظيم الشّان نيڪي ان کان علاوه.

اي ڪاش! اسان کي به مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ رمضان جو مهينو گذارڻ جي عظيم سعادت نصيب ٿي وڃي ۽ ان ۾ خوب عبادت ڪرڻ جي به توفيق ملي ۽ پوءِ **رمضان المبارڪ جو مهينو** گذاري جلد ئي **عيد** ملهائڻ جي لاءِ پنهنجي مني مني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي حاضر ٿي وڃون ۽ اتي روئي روئي "عيد" جي خيرات گهرون ۽ سبز سبز گنبذ جي مڪين، رحمة للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جوش ۾ اچي وڃي ۽ اي ڪاش! سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دستِ پُر انوار (هٿ مبارڪ) مان اسين گناهگار "عيدي" حاصل ڪيون ۽ هي سي ڪجهه انهن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان ئي ممڪن آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

آقا صلی اللہ علیہ وسلم عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جي مهيني ۾ اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي وڏ ۾ وڏ عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ هر اهو ڪم ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا هجي. جيڪڏهن هن مهيني ۾ به ڪو پنهنجي بخشش نه ڪرائي سگهيو ته پوءِ ڪڏهن ڪرائيندو؟ اسان جا پيارا پيارا

۽ منا منا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مبارڪ مهيني جي آمد سان ئي عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ تمام گهڻو مگن ٿي ويندا هئا. جيئن ته اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون،"جڏهن رمضان جو مهينو ايندو هو ته منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا ۽ پورو مهينو پنهنجي بستري تي تشريف نه آڻيندا هئا."

(الدرالمنثور ج 1 ص 449)

آقا ﷺ رمضان ۾ خوب دعائون گهرندا هئا

وڌيڪ فرمائن ٿيون ته جڏهن رمضان جو مهينو تشريف وٺي ايندو هيو ته حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رنگ مبارڪ مُتَغَيَّر (يعني تبديل) ٿي ويندو هيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز جي ڪثرت فرمائيندا ۽ خوب روئي روئي دعائون گهرندا هئا، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي طاري رهندو هو.

(شعب الايمان ج 3 ص 310 حديث 3625)

آقا ﷺ رمضان ۾ خوب خيرات ڪندا هئا

منا منا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ مهيني ۾ گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪرڻ به سنّت آهي. جيئن ته سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا،" جڏهن رمضان جو مهينو ايندو هو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هر قيديءَ کي آزاد ڪري ڇڏيندا ۽ هر سائل (يعني سوالي) کي عطا فرمائيندا هئا. "

(الدرالمنثور ج 1 ص 449)

سڀ کان وڌيڪ سخي

سيّدُنا عبدالله ابنِ عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا روايت فرمائن ٿا: ”رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ **سڀني کان وڌيڪ سخي آهن** ۽ سندن سخاوت جو درياءُ سڀ کان وڌيڪ ان وقت جوش ۾ ايندو هيو، جڏهن **رمضان** ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان جبرئيل امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جبرئيل امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (رمضان مبارڪ جي) هر رات ۾ ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا ۽ رسولِ ڪريم، رؤفُ رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم ساڻن گڏجي قرآنِ عظيم جو دور فرمائيندا هئا.“ مطلب تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تيز هلڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ خير (يعني پلائي) جي معاملي ۾ سخاوت فرمائيندا هيا.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 9 حديث 6)

ہاتھ اٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم
ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

هزار پيرا ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **رمضان شريف جي مهيني** ۾ نيڪين جو **اجر** (يعني بدلو) گهڻو وڌي ويندو آهي تنهن ڪري ڪوشش ڪري گهڻي کان گهڻيون نيڪيون هن مهيني ۾جمع ڪري وٺڻ گهرجن. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم نخعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:” **رمضان جي مهيني** ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ هزار ڏينهن جي روزن کان افضل آهي ۽ **رمضان جي مهيني** ۾ هڪ پيرو تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) هن مهيني کان علاوه هڪ هزار پيرا تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله

چوڻ) کان افضل آهي ۽ **ماهِ رمضان** ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ علاوه رمضان جي هڪ هزار **رڪعتن** کان افضل آهي. (الدرالمنثور ج 1 ص 454)

رمضان ۾ ذڪر جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولِ انور، مديني جي تاجوَر، نبين جي سَروَر، محبوبِ ربّ اڪبر، سيّده آمنه جي دلبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو فرمانِ رحمت نشان آهي:

ذَاكِرُ اللّٰهِ فِيْ رَمَضَانَ يُغْفَرُلَهٗ وَسَائِلُ اللّٰهِ فِيْهِ لَايَخِيْبُ۔

(ترجمو) ”رمضان ۾ ذڪرُ الله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ واري کي بخشيو ويندو آهي ۽ هن مهيني ۾ الله تعاليٰ کان گهرڻ وارو محروم ناهي رهندو.“

سنتن پريو اجتماع ۽ ذڪرالله

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهي ماڻهو ڪيڏا خوش نصيب آهن جيڪي هن ماهِ مبارڪ ۾ خصوصيّت سان **سنّتن پرئي اجتماعات** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جو سوال ڪندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي جو سنّتن پريو اجتماع** شروع کان آخر تائين **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ تي ئي مشتمل هوندو آهي. جو ته تلاوت، نعت شريف، سنّتن پريو بيان، دعا ۽ صلوٰة و سلام وغيره سي **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ داخل آهن. **دعوتِ اسلامي** جي اجتماع جي برڪتن جي هڪ جهلڪ ملاحظ ٿئي جيئن ته:

چهن ڏيئرن کان پوءِ اولادِ نرينہ

مرڪزالاولياءَ (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان بِالتَّصَرُّف (يعني پنهنجي طرفان ضروري جوڙجڪ سان) عرض ڪريان ٿو: غالبًا 2003ء جي ڳالهہ آهي هڪ اسلامي ڀاءَ مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي سنّتن پرئي اجتماع** (صحراءِ مدينہ، مدينة الاولياء ملتان) ۾ شرڪت جي دعوت عنايت فرمائي. مون عرض ڪيو، مان چهن ڏيئرن جو پيءُ آهيان، منهنجي گهر ۾ وري ولادت مُتَوَقّع (يعني ٽيڻ جي اميد) آهي، دعا فرمايو تہ هن پيري نرينہ اولاد (يعني پُٽ) ٿئي. اهي اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش جو نرالو انداز اختيار ڪندي فرمائڻ لڳا: سُبحٰن اللہ عَزَّوَجَلَّ! هاڻي تہ توهان کي ٽن ڏينهن جي سنّتن پرئي اجتماع ۾ حاضري جي گهڻي ضرورت آهي، حج کان پوءِ تعداد جي لحاظ کان **عاشقانِ رسول** جي سڀ کان وڏي اجتماع (ملتان شريف) ۾ اچي دعا گهرو نہ ڄاڻ ڪنهن جي صدقي ۾ ٻيڙو پار ٿي وڃي. ان جي ڳالهہ منهنجي دل کي لڳي وئي ۽ مان **سنّتن پرئي اجتماع** (ملتان شريف) ۾ حاضر ٿيس. اتان جي روح پَروَر نظارن کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مون وٽ لفظ ناهن، مون کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايتريقدر زبردست روحاني سُڪون نصيب ٿيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي **چنڊ جهڙو مدني مُنّو** عطا فرمايو. گهر وارن جي خوشي، بيان کان ٻاهر آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي وڏيڪ هڪ ٻئي **مدني منّي** سان بہ نوازي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان

ڏيڻ وقت مون گناهگار کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ **قافله ڏميدار** جي حيثيت سان خدمت جي سعادت مليل آهي.

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۽ سنّتن ڀرئي اجتماعات ۾ رحمتون ڇو نازل نه ٿينديون جو انهن **عاشقانِ رسول** ۾ نه ڄاڻ ڪيترا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی هوندا. منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جماعت ۾ برڪت آهي ۽ **دعاءِ مَجمعِ مُسلِمين اَقْرب بَقَبُول**. (يعني مسلمانن جي مجمعي ۾ دعا گهرڻ قبوليّت جي گهڻو ويجهو آهي) علماء فرمائن ٿا: **جتي چاليهه مسلمان صالح (يعني نيڪ مسلمان) گڏ ٿيندا آهن، انهن مان هڪ وليُّ الله ضرور هوندو آهي.** (فتاويٰ رضويه جديد ج 24 ص 184، تيسير شرح جامع صغير ، تحت الحديث 714 ج 1 ص 312 دارالحديث مصر)

بالفرض دعا جي قبوليّت جو اثر ظاهر نه ٿئي تڏهن به شڪايت وارو حرف زبان تي نه آڻڻ گهرجي. اسان جي ڀلائي ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي ان کي يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان گهڻو بهتر ڄاڻي ٿو. اسان کي هر حال ۾ پاڪ پروردگار جو شڪر گذار ٻانهو بڻجي رهڻ گهرجي. اهو پڻ ڏئي تڏهن به ان جو شڪر، ڏيءُ ڏئي تڏهن به شڪر، ٻئي ڏئي تڏهن به شڪر ۽ نه ڏئي تڏهن به شڪر، هرحال ۾ شڪر شڪر ۽ شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي. 25 **هين** سيپاري ۾ سُوْرَةُ الشُّوْرٰی جي آيت 49 ۽ 50 ۾ ارشاد باري تعالیٰ آهي.

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا

ترجمو ڪنزالايمان: الله جي واسطي آهي آسمانن ۽ زمين جي

يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾

بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي، جنهن کي گهري ڏيئرون عطا فرمائيءَ جنهن کي وٽيس پٽ ڏئي يا پٽ ۽ ڏيئرون ٻئي ملائي ۽ جنهن کي چاهي سنڌ ڪري بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا، اهو مالڪ آهي پنهنجي نعمت کي جهڙيءَ طرح چاهي تقسيم ڪري جنهن کي چاهي ڏئي. انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ به اهي سڀ صورتون ڏنيون وڃن ٿيون.

حضرتِ سيّدُنا **لوط** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا **شعيب** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي صرف ڏيئرون هيون ڪو پٽ نه هيو ۽ حضرتِ سيّدُنا **ابراهيم** خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا صرف پٽ هئا، ڪا نياڻي ٿي ئي نه هئي ۽ سيّدُ الانبياء حبيبِ خُدا، **مُحمَّد مصطفٰى** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي الله تعالٰى چار فرزند عطا فرمايا ۽ چار صاحبزاديون ۽ حضرتِ سيّدُنا **يحيٰى** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا **عيسٰى** روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪا اولاد ئي ناهي.

(خزائن العرفان ص 777)

رمضان جو ديوانو

محمد نالي هڪ شخص سڄو سال نماز نه پڙهندو هيو. جڏهن **رمضان شريف** جو بابرڪت مهينو ايندو هو ته هُو اَڇا اُجرا ڪپڙا پهريندو هو ۽ پنج ئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهندو هو ۽ گذريل سال جون قضا

نمازون بہ ادا ڪندو هو ماڻهن ڪانئس پُڇيو تہ تون ائين ڇو ٿو ڪرين؟ ان جواب ڏنو تہ هي مهينو رحمت، برڪت، توبهہ ۽ مغفرت جو آهي، شايد الله تعالىٰ مون کي منهنجي انهيءَ عمل جي سبب بخشي ڇڏي. جڏهن ان جو انتقال ٿي ويو تہ ڪنهن کين خواب ۾ ڏٺو تہ پُڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ ؟ يعني الله تعالىٰ توسان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان جواب ڏنو، **”منهنجي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي رمضان شريف جو احترام بجا آڻڻ جي سبب بخشي ڇڏيو.** (درة الناصحين ص 8)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان جي قدردان تي ڪيتريقدر مهربان آهي جو سال جا باقي مهينا ڇڏي رُڳو **ماهِ رمضان** ۾ عبادت ڪرڻ واري جي مغفرت فرمائي ڇڏي. هن حڪايت مان ڪٿي ڪو هي نہ سمجهي ويهي جو هاڻي تہ (مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ) سڄو سال نماز کان فراغت ملي وئي! رُڳو رمضان المبارڪ ۾ روزا ۽ نمازون ادا ڪري وٺنداسين ۽ سڌو جنّت ۾ هليا وينداسين. پيارا اسلامي ڀائرو! دراصل بخشڻ ۽ عذاب ڪرڻ هي سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. اهو بي نياز آهي ڪنهن مسلمان کي تہ بظاهر ڪنهن ننڍي نيڪ عمل تي ئي بخشي ڇڏي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ وڏين وڏين نيڪين جي باوجود ڪنهن کي رڳو هڪ ننڍي کان ننڍي گناهہ تي پنهنجي عدل سان پڪڙ ڪري.

ٽئين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ جي آيت نمبر 284 ۾ ارشادِ ربّ بي نياز آهي:

فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ته جنهن کي وٽيس (پنهنجي فضل سان ايمان وارن کي) معاف فرمائيندو ۽ جنهن کي گهري (پنهنجي عدل سان) عذاب ڏيندو.

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شُمار جرم
دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

ٽن جي اندر ٽي لڪيل

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪا به نيڪي ڇڏڻ نه گهرجي خبر ناهي الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪهڙي نيڪي پسند اچي وڃي ۽ ڪو ننڍي کان ننڍو گناهه به نه ڪرڻ گهرجي جو نه ڄاڻ ڪهڙي گناهه تي الله تعالىٰ ناراض ٿي وڃي ۽ ان جو دردناڪ عذاب اچي گهيرو ڪري. خليفهءِ اعلىٰ حضرت، فقيه اعظم سيّدُنا **ابو يوسف محمد شريف** محدث ڪوٽلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل فرمائن ٿا:" الله عَزَّوَجَلَّ ٽن شين کي ٽن شين ۾ مخفي (يعني لڪيل) رکيو آهي. ﴿1﴾ پنهنجي رضا کي پنهنجي فرمانبرداري ۾ ۽ ﴿2﴾ پنهنجي ناراضگيءَ کي نافرماني ۾ ۽ ﴿3﴾ پنهنجي اولياء کي پنهنجي ٻانهن ۾". هي قول نقل ڪرڻ کان پوءِ فقيه اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "انهيءَ ڪري هر فرمانبرداري ۽ هر نيڪيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي جو خبر ناهي ڪهڙي نيڪيءَ تي هُو راضي ٿي وڃي ۽ هر بَديءَ کان بچڻ گهرجي جو خبر ناهي ڪهڙي بَديءَ تي هُو ناراض ٿي وڃي. توڙي اها

بَدي ڪيتري ئي صغيره (يعني ننڍي) هجي. مثال طور (بغير اجازت جي) ڪنهن جي ڪک سان ڏند کوٽڻ بظاهر هڪ معمولي ڳالهه آهي. يا ڪنهن پاڙيسريءَ جي متيءَ سان ان جي اجازت جي بغير هٿ ڌوئڻ ڇڻ ته هڪ ننڍڙي ڳالهه آهي. پر ممڪن آهي ته انهيءَ بُرائي ۾ ئي حق تعالىٰ جي ناراضگي مخفي (يعني لڪيل) هجي، ته اهڙين ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کان به بچڻ گهرجي.“ (اخلاق الصالحين ص 56)

ڪتي کي پاڻي پيئارڻ واري بخشجي ويئي

رحمت جا طلبگارو! جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ بخشڻ تي ايندو آهي ته ظاهر ۾ نيڪي ڪيتري ئي ننڍي هجي هُو انهيءَ جي سبب ڪرم فرمائي ڇڏيندو آهي. جيئن ته انهيءَ ضمن ۾ ڪيتريون ئي حديثون موجود آهن مثال طور هڪ عورت کي رُڳو ان لاءِ بخشيو ويو جو ان هڪ اجايل ڪتي کي پاڻي پياريو هو. (بخاري ج 2 ص 409 حديث 3321) هڪ حديث ۾ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ عاليشان به ملي ٿو ته هڪ شخص رستي مان هڪ وڻ کي انهيءَ لاءِ هٽائي ڇڏيو ته جيئن ماڻهن کي ان کان تڪليف نه پهچي. الله عَزَّوَجَلَّ خوش ٿي ان جي بخشش فرمائي ڇڏي. (صحيح مسلم ج 2 ص 1410 حديث 1914) هڪ صحيح حديث ۾ آهي ته تقاضا ۾ نرمي (يعني قرض جي وصوليءَ ۾ آساني) ڪرڻ واري هڪ شخص جي نجات (يعني ڇوٽڪارو) ٿي وڃڻ جو واقعو به آيو آهي. (صحيح بخاري ج 2 ص12 حديث 2078) الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جا واقعا جمع ڪرڻ ۾ پئون ته ايڏا آهن جو اسان جمع ئي ڪونه ٿا ڪري سگهون.

مژده باداے عاصِیو! ذاتِ خُدا غفّار عَزَّوَجَلَّ ہے
تَہنِیَت اے مجرِمو! شافعِ شہِ اَبرار B ہے (حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ اَسْتَغْفِرُاللّٰہ
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

عذاب کان چوٽڪاري جا سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ رحمت ڪرڻ تي ايندو آهي تہ هيئن بہ سبب ناهيندو آهي جو ڪنهن بہ هڪ عمل کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبوليّت جو شرف عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. ۽ پوءِ انهيءَ جي سبب ان تي رحمتن جي برسات وسائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت هينئر هڪ حديثِ مبارڪ پيش ڪئي وڃي ٿي جنهن ۾ ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جو بيان ڪيو ويو آهي جو اهي ڪنهن نہ ڪنهن نيڪيءَ جي سبب الله تعالىٰ جي پڪڙ کان بچي ويا ۽ رحمتِ خُداونديءَ عَزَّوَجَلَّ سان ڪين چوٽڪارو ملي ويو. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عبدالرحمٰن بن سَمُره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، هڪ ڀيري حضورِ اڪرم، نورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم، نبيّ محترم رحمتِ عالم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون، ” اڄ رات مون هڪ عجيب خواب ڏٺو تہ:

مدينہ 1 : هڪ شخص جو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ ملڪ الموت (عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) تشريف وني آيا پر ان جو ماءُ پيءُ جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪرڻ (جو عمل) سامهون اچي ويو ۽ اهو بچي ويو.

مدينه 2 : **هڪ** شخص تي قبر جو عذاب ڇانئجي ويو پر ان جي **وضوءَ** (جي نيڪيءَ) کيس بچائي ورتو.

مدينه 3 : **هڪ** شخص کي شياطين گهيري ورتو پر **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ (ڪرڻ جي نيڪيءَ) ان کي بچائي ورتو.

مدينه 4 : **هڪ** شخص کي عذاب جي فرشتن گهيري ڏنو پر ان کي (ان جي) نماز بچائي ورتو.

مدينه 5 : **هڪ** شخص کي ڏنو تہ اُڄ جي شدت جي ڪري هُو زبان ڪڍيون پيو وتي ۽ هڪ حوض تي پاڻي پيئڻ پيو وڃي. پر کيس موٽايو پيو وڃي تہ ايتري ۾ ان جا **روزا** اچي ويا (۽ ان نيڪيءَ) ان کي ڍؤ ڪرائي ڇڏيو.

مدينه 6 : **هڪ** شخص کي ڏٺم تہ جتي انبياءِ ڪرام(عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) حلقا بڻائي تشريف فرما هئا، هُو انهن وٽ وڃڻ چاهي پيو پر کيس ڏڪاريو پيو وڃي تہ ايتري ۾ ان جو **جنابت وارو غسل** آيو ۽ (ان نيڪيءَ) ان کي مون وٽ ويهاري ڇڏيو.

مدينه 7 : **هڪ** شخص کي ڏٺم تہ ان جي اڳيان پويان، ساڄي کاٻي هيٺ متي اونداهي ئي اونداهي آهي ۽ هُو اونداهيءَ ۾ حيران ۽ پريشان آهي تہ ان جا حج ۽ عمرا آيا ۽ (انهن نيڪين) کيس اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ پهچائي ڇڏيو.

مدينه 8 : **هڪ** شخص کي ڏٺم تہ اهو مسلمانن سان گفتگو ڪرڻ چاهي پيو پر ڪوبہ کيس رُخ نہ پيو ڏئي. تہ **صلهءِ رحمي** (يعني رشتيدارن سان

حُسنِ سلوڪ ڪرڻ واري نيڪيءَ) مؤمنن کي چيو تہ هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو، تہ مسلمانن ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ شروع ڪئي.

مدينہ 9 : هڪ شخص جي جسم ۽ چهري جي طرف ٻاهہ وڌي رهي آهي ۽ هُو پنهنجي هٿ سان بچائي رهيو آهي تہ ان جو **صدقو** آيو ۽ ان جي آڏو ڍال بڻجي ويو ۽ ان جي مٿان ڇانوَ ڪري بيهي رهيو.

مدينہ 10 : هڪ شخص کي زبانيہ (يعني عذاب جي مخصوص فرشتن) چئن ئي طرفن کان گهيري ورتو پر ان جو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ آيو (يعني نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ جي نيڪي آئي) ۽ انهيءَ ڪيس بچائي ورتو ۽ رحمت جي فرشتن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

مدينہ 11 : هڪ شخص کي ڏٺم جيڪو گوڏن پر وينو آهي پر ان جي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ حجاب (يعني پردو) آهي پر ان جو **حسن اخلاق** آيو ۽ ان (نيڪيءَ) هن کي بچائي ورتو ۽ الله تعاليٰ سان ملائي ڇڏيائين.

مدينہ 12 : هڪ شخص کي ان جو اعمال نامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو پئي ويو تہ ان جو **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ آيو (ان عظيم نيڪيءَ جي برڪت سان) سندس اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو.

مدينہ 13 : هڪ شخص جي نيڪين جو وزن هلڪو رهيو پر ان جي **سخاوت** اچي ويئي ۽ نيڪين جو وزن وڌي ويو.

مدينہ 14 : هڪ شخص جهنم جي ڪناري تي بيٺو هو پر ان جو **خوفِ خُدا** عَزَّوَجَلَّ آيو ۽ هُو بچي ويو.

مدينه 15 : هڪ شخص جهنّم ۾ ڪِري پيو پر ان جا خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ وهايل ڳوڙها اچي ويا ۽ (انهن ڳوڙهن جي برڪت سان) اهو بچي ويو.

مدينه 16 : هڪ شخص پُلصراط تي بيٺو هو ۽ ٿاريءَ جيان ڏڪي رهيو هو پر ان جو الله عَزَّوَجَلَّ سان حُسنِ ظَن (يعني الله عَزَّوَجَلَّ سان سٺو گمان ته اهو رحمت ئي ڪندو) آيو (۽ ان نيڪيءَ) ان کي بچائي ورتو ۽ هُو پلصراط تان گذري ويو.

مدينه 17 : هڪ شخص پلصراط تي ريڙهيون پائيندو هلي رهيو هو. ته ان جو مون تي درود شريف پڙهڻ اچي ويو ۽ (ان نيڪيءَ) کيس اُٿاري پلصراط کان پار ڪرائي ڇڏيو.

مدينه 18 : **منهنجي** امت جوهڪ شخص جنّت جي دروازن وٽ پهتو ته اهي سيئي ان لاءِ بند هئا ته ان جو لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي گواهي ڏيڻ آيو ۽ ان جي لاءِ جنّتي دروازا کلي ويا ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿي ويو.

چُغليءَ جو دردناڪ عذاب

مدينه 19 : **ڪجهه** ماڻهن جا چَپَ ڪٽيا وڃن پيا مون جبرئيل (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کان پُڇيو، هي ڪير آهن؟ انهن وراڻيو ته هي ماڻهن جي وچ ۾ **چُغل خوري** ڪرڻ وارا آهن.

گناهه جي الزام جي خوفناڪ سزا

مدينه 20 : **ڪجهه** ماڻهن کي زبانن سان ٽنگيو ويو هو. مون جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان انهن جي باري ۾ پُڇيو، انهن ٻُڌايو ته هي ماڻهن تي هرويرو **گناهه جو الزام** لڳائڻ وارا آهن. (شرح الصدور 182)

ڪاڀ نيڪي نہ ڇڏڻ گهرجي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏنو، والدين جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) وضو، نماز، روزو، ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ، حج ۽ عمرو، صلهء رحمي، اَمْرٌ بِالْمَعْرُوفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ، صَدَقو، حُسنِ اخلاق، سخاوت، خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ روئڻ ، ۽ پڻ الله عَزَّوَجَلَّ سان حُسنِ ظن وغيره وغيره نيڪين جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ مُعَذَّبِين (يعني جيڪي ماڻهو عذاب ۾ مبتلا هئا انهن) تي ڪرم فرمائي ڇڏيو ۽ انهن کي ڏمر ۽ عذاب کان ڇوٽڪارو ملي ويو. بهرحال هي ان جي فضل ۽ ڪرم جا مُعاملا آهن. هو مالڪ و مختار عَزَّوَجَلَّ آهي. جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي، جنهن کي چاهي عذاب ڏئي، هي سڀ ان جو عدل ئي عدل آهي. جتي هو ڪنهن هڪ نيڪيءَ مان خوش ٿي پنهنجي رحمت سان بخشي ڇڏيندو آهي اتي ڪنهن هڪ گناهه تي جڏهن هُو ناراض ٿي ويندو آهي تہ ان جو قهر ۽ غضب جوش ۾ ايندو آهي ۽ پوءِ ان جي پڪڙ نهايت ئي سخت هوندي آهي. جيئن جو هينئر گذريل ڊگهي حديث جي آخر ۾ **چُغل خورن** ۽ ٻين تي **گناهه جي تهمت** هڻڻ وارن جو انجام بہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمائي ڪري اسان کي ٻُڌائي مُتَنَبِّہ (يعني خبردار) ڪيو تنهن ڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو بظاهر ڪا ننڍڙي بہ نيڪي هجي ان کي نہ ڇڏي، جو ٿي سگهي ٿو اها ئي نيڪي ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ ظاهر ۾ گناهه ڪيترو ئي معمولي نظر ايندو هجي هرگز هرگز نہ ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”قهار“ جي چار اکرن جي نسبت سان گناهگارن جون چار حڪايتون

(1) قبر ۾ باهه پڙڪي اٿي!

حضرتِ سيّدُنا عَمْرو بن شُرَحْبِيل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ اهڙو شخص انتقال ڪري ويو جنهن کي ماڻهو مُتَّقِي (يعني پرهيزگار) سمجهندا هئا. جڏهن ان کي دفن ڪيو ويو تہ ان جي قبر ۾ عذاب جا فرشتا اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا، اسين توکي الله عَزَّوَجَلَّ جي **عذاب جا سؤ ڪوڙا** هڻنداسين. هن ڊڄندي چيو تہ مون کي ڇو هڻندؤ؟ مان تہ پرهيزگار ماڻهو هيُس، تڏهن انهن چيو، چڱو ڀلا پنجاهه ئي هڻون ٿا، پر هُو لڳاتار بحث ڪندو رهيو. ايسيتائين جو فرشتا هڪ تي آيا ۽ انهن هڪ ڪوڙو هڻي ڪڍيو. جنهن سان سڄي **قبر ۾ باهه پڙڪي اٿي** ۽ اهو شخص سڙي خاڪ ٿي ويو. وري ڪيس زندهه ڪيو ويو تہ ان درد کان تڙپندي ۽ روئندي فرياد ڪئي، آخر مون کي هي ڪوڙو ڇو هنيو ويو؟ تڏهن انهن وراڻيو، **هڪ ڏينهن تو بنا وضوءَ جي نماز پڙهي هئي، ۽ هڪ ڏينهن هڪ مظلوم تو وٽ دانهن ڪٽي آيو پر تو سندس دانهن ڪانہ ٻُڌي.** (شرح الصدور ص 165)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيو تہ هُن نيڪ ۽ پرهيزگار شخص جي بہ پڪڙ فرمائي۽ هُو قبر جي عذاب ۾ اچي ڦاتو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي هيٺي حال تي رحم فرمائي ۽ اسان جي بي حساب بخشش فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(2) ماپڻ ۾ بي احتياطي جي سبب ڏمر

حضرتِ سيّدُنا حارث مُحَاسِبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڪيّال (اناج ماپڻ واري) انهيءَ ڪم کي ڇڏي ڏنو ۽ عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول ٿيو. جڏهن هُو مري ويو تہ سندس ڪجهہ دوستن ڪيس خواب ۾ ڏٺو تہ پُڇيو مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان وراڻيو،"منهنجو اهو پيمانو (يعني ٿانءُ) جنهن ۾ اناج وغيره توريندو هئس ان ۾ منهنجي بي احتياطيءَ جي سبب ڪان ڪجهہ مٿي جمي وئي هئي جنهن کي مون لاپرواهيءَ جي سبب صاف نہ ڪيو ۽ هر پيري تورڻ جي وقت مٿيءَ جيترو گهٽ ٿي ويندو هيو. مان انهيءَ قُصُور جي سبب عِتاب (يعني غضب) ۾ گرفتار آهيان."

(اخلاق الصالحين ص 56)

(3) قبر مان رڙين جو آواز

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو شخص بہ پنهنجي تارازيءَ تان مٿي وغيره کي صاف نہ ڪندو هو ۽ انهيءَ ريت شيءِ توري ڏيندو هو. جڏهن اهو مري ويو تہ ان کي بہ قبر ۾ عذاب شروع ٿي ويو. ايتري تائين جو **ماڻهن ان جي قبر مان رڙين ۽ ڪُوڪن جو آواز ٻُڌو.** ڪجهہ صالحين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين (يعني نيڪ ماڻهن) کي قبر مان رڙين ڪُوڪن جو آواز ٻُڌي ڪري رحم اچي ويو ۽ انهن هِن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري تہ ان جي برڪت سان الله تعالىٰ مٿس عذاب کي هٽائي ڇڏيو.

(اخلاق الصالحين ص 56)

حرام جي ڪمائي ڪيڏانهن ويندي آهي؟

ڄاڻايل ٻنهي ڇرڪائيندڙ حڪايتُن مان اهي ماڻهو ضرور عبرت جو درس حاصل ڪن جيڪي نڳي ڪندا آهن ۽ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪندا آهن. مسلمانو! نڳيءَ سان گهٽ تور يا ماپ ڪري ڪڏهن ڪڏهن بظاهر مال ۾ ڪجهه گهٽائي نظر اچي ٻه ويندي آهي پر اهڙي آمدني ڪهڙي ڪم جي! ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ ٻه اهڙي قسم جو مال جنجال بڻجي ويندو آهي. تي سگهي ٿو ته ڊاڪٽرن جي فيسن، بيمارين جي دوائن، ڪيسا ڪٽيندڙن، چورن يا رِشوت خورن جي هٿن ۾ اهو مال هليو وڃي، ۽ وري مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ آخرت جو سخت عذاب ٻه پوءِ ڳٽو پئجي وڃي.

کرلے توبہ ربّ عَزَّوَجَلَّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

باهه جا ٻه پهاڙ

روح البيان ۾آهي،”جيڪو شخص ماپ ۽ تور ۾ خيانت ڪري ٿو، قيامت جي ڏينهن ان کي دوزخ جي اونهاين ۾ وِڌو ويندو ۽ ڪيس **باهه جي ٻن پهاڙن** جي وچ ۾ ويهاري حڪم ڏنو ويندو ته هنن پهاڙن جي تور ۽ ماپ ڪر! جڏهن تورڻ لڳندو ته باهه ڪيس ساڙي ڇڏيندي.“

(تفسير روح البيان ج 10 ص 364)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوب غور فرمايو! مختصر زندگيءَ ۾ ڪجهه فاني سڪا حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن تور ۾ نڳي ڪئي تہ ڪيتريقدر شديد عذاب جي وَعيد آهي. اڄ معمولي گرمي برداشت ناهي ٿيندي تہ جهنم ۾ باهہ جي پهاڙن جي تپش ڪهڙيءَ طرح برداشت ٿيندي! خدارا! پنهنجي حال تي رحم ڪندي مال جي حرص ڪان پري رهو. ٻي صورت ۾ حرام مال ٻنهي جهانن ۾ وبال ئي وبال ثابت ٿيندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(4) ڪڪ جو ٻوجهہ

حضرتِ سيّدُنا وَهَب بن مُنَبِّہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا،"بني اسرائيل جي هڪ نوجوان هر قسم جي گناهن کان توبهہ ڪئي پوءِ ستر سالن تائين لڳاتار عبادت ڪندو رهيو. ڏينهن جو روزو رکندو هيو، رات جو جاڳندو هو. ان جي تقويٰ جو هي حال هو جو نہ ڪنهن ڇانوَ هيٺان آرام ڪندو هو ۽ نہ ئي ڪا وڻندڙ غذا کائيندو هو. جڏهن ان جو انتقال ٿي ويو تہ ان جي ڪجهہ دوستن کيس خواب ۾ ڏسي پُڇيو، مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توسان ڇا معاملو ڪيو؟ ان ٻُڌايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو حساب ورتو. پوءِ سمورا گناهہ بخشي ڇڏيائين، پر آهہ! هڪ ڪڪ جنهن کي مون سندس مالڪ جي مرضيءَ کان بغير کڻي ورتو هو ۽ ان سان ڏند کوٽيا هئا اهو ڪڪ ان جي مالڪ کان مُعاف ڪرائڻ رهجي ويو هو. افسوس صد افسوس! انهيءَ سبب کان اڃان تائين مون کي جنّت کان روڪيو ويو آهي.

(تنبيه المغترين ص 51)

گناهہ آخر گناهہ آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڊپ منجهان ڪَنبي وڃو! جو جڏهن غضبِ جَبَّارعَزَّوَجَلَّ ۽ قَهرِ قَهار عَزَّوَجَلَّ جوش ۾ ايندو آهي تہ اهڙي گناهہ تي بہ پڪڙ ٿي ويندي آهي جنهن کي دنيا وارن آڏو تمام ئي معمولي تصوُّر ڪيو ويندو آهي. جيئن جو هينئر حڪايت ۾ گذريو تہ هڪ عابد و زاهد ۽ نيڪ ٻانهو مُرُڳو انهيءَ سبب ڪري جنّت کان روڪيو ويو جو ان هڪ **معمولي ڪڪ** سندس مالڪ جي اجازت کان بغير کڻي ان سان ڏند کوٽيا ۽ پوءِ بغير مُعاف ڪرائڻ جي، هُو انتقال ڪري ويو تہ ڦاسي پيو. ٿوروسوچيو! غور ڪريو!! هڪ ڪڪ تہ ڇا شيءِ آهي؟ اڄڪلهہ تہ ماڻهو نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون امانتون هڙپ ڪري ويندا آهن ۽ اوڳرائي بہ ناهن ڏيندا.

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

بغير مهلت وٺڻ جي قرض جي ادائيگي ۾ دير ڪرڻ گناهہ آهي

مسلمانو! ڊڄي وڃو! حقوق العباد جو مُعاملو نهايت ئي سخت آهي. جيڪڏهن اسان ڪنهن ٻانهي جو حق ڦٻايو، يا ان کي گار ڏني، تارا ڏيکاري ڊيڄاريوسون، ڏمڪايوسين، ڪاوڙ ۽ داب دڙڪا ڏناسون جنهن سان ان جي دل ڏکي. مطلب تہ ڪهڙيءَ بہ طرح شريعت جي اجازت کان بغير ان جي دل آزاري ڪئي يا قرض ڦٻائي ڇڏيو، بلڪ بغير صحيح مجبوريءَ جي قرض جي ادائيگي ۾ دير ئي ڪئي. اهي سڀ ٻانهن جون حق تلفيون آهن. ياد رکو! جيڪڏهن اوهان ڪنهن

كان قرض ورتو ۽ ادائيگيءَ جي لاءِ رقم اوهان وٽ ناهي پر گهر جو سامان ۽ فرنيچر وغيره وڪڻي ڪري قرض ادا ڪري سگهجي ٿو تہ ائين بہ ڪرڻو پوندو. قرض ادا ڪرڻ جي ممڪن صورت هجڻ جي باوجود قرضدار کان مُهلت وٺڻ بغير، اوهان قرض جي ادائيگيءَ ۾ جيسيتائين دير ڪندا رهندؤ گناهگار ٿيندا رهندؤ. پوءِ چاهي اوهان جاڳي رهيا هُجو يا سُمهي رهيا هُجو هڪ هڪ گهڙيءَ جو گناهہ لکجندو رهندو. جڻ تہ قرض جي ادائيگيءَ تائين مسلسل اوهان جي گناهن جو ميٽر هلندو رهندو. اَلاَمَان وَالحَفِيْظ. جڏهن قرض جي ادائيگيءَ ۾ دير جو هي جنجال آهي تہ جيڪو پورو قرض ئي ڦبائي ڇڏي، ان جو ڇا حال ٿيندو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٽن پيسن جو جنجال

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان قرض جي ادائيگيءَ ۾ سُستي ۽ ڪوڙا حيلا بهانا ڪرڻ واري شخص زيد جي باري ۾ استفسار ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايائون:”زيد فاسق ۽ فاجر، ڪبيره گناهہ ڪندڙ، ظالم، تمام وڏو ڪوڙو ۽ عذاب جو حقدار آهي.“ ان کان وڌيڪ ٻيا ڪهڙا لقب پنهنجي لاءِ چاهي ٿو! جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو ۽ قرض ماڻهن جو هن تي باقي رهيو تہ هن جون نيڪيون انهن قرض خواهن جي مطالبي ۾ ڏنيون ويندیون. (يعني ڪهڙي طرح ڏنيون ويندیون اهو بہ ٻُڌي وٺو) تقريبًا ٽي پيسا قرض جي عيوض **ست سؤ نمازون باجماعت** (ڏيڻيون پونديون) جڏهن هن (قرض ڦبائڻ واري) وٽ نيڪيون نہ رهنديون تہ انهن (قرض خواهن) جا

گناهه هن (مقروض) جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ کيس باهه ۾ اڇلايو ويندو.

(ملخصًا فتاویٰ رضویه ج 25 ص69)

مت دبا قرضہ کسی کا نا بکار

روئے گا دوزخ میں ورنہ زار زار

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ! اَسْتَغْفِرُاللّٰہ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ ڪنهن تي ذري برابر ظلم ڪرڻ وارو جيسيتائين مظلوم کي راضي نه ڪري وٺندو ان وقت تائين ان جي خلاصي (يعني ڇوٽڪارو) ناممڪن آهي. ها الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن چاهيندو ته پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان قيامت جي ڏينهن ظالم ۽ مظلوم ۾ صلح ڪرائي ڇڏيندو. ٻي صورت ۾ ان مظلوم کي ظالم جون نيڪيون ڏنيون ويندیون. جيڪڏهن ان سان به مظلوم يا مظلومن جا حقوق ادا نه ٿيا ته مظلومن جا گناهه ظالم جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ اهڙي طرح اهو ظالم جيتوڻيڪ دنيا ۾ نيڪ ۽ پرهيزگار رهي وڏيون وڏيون نيڪيون ڪٽي ڪري قيامت ۾ آيو هوندو. پر ماڻهن جا حقوق ضايع ڪرڻ جي سبب بلڪل مفلس ۽ ڪنگال ٿي ويندو ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جهنّم جي حوالي ڪيو ويندو. وَالْعِیاذُ بِاللّٰہِ تعالٰی۔عَزَّوَجَلَّ

قيامت ۾ مفلس ڪير؟

تاجدارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کان استفسار فرمايو،"ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته **مفلس** ڪير آهي؟" صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان مان **مفلس** اهو آهي جنهن وٽ درهم ۽ دنياوي ساز و سامان نه

هجي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: ”منهنجي امت جو **مفلس ترين** شخص اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا، زڪوٰة تہ ڪٽي ايندو پر گڏوگڏ ڪنهن کي گار بہ ڏني هوندائين، ڪنهن تي تهمت لڳائي هوندائين، هُن جو ناحق مال کاڌو هوندو، ان جو رت وهايو هوندائين، هُن کي ماريو هوندائين، سو انهن سيني گناهن جي بدلي ۾ ان جون نيڪيون ورتيون ويندیون. تنهن کانپوءِ جيڪڏهن ان جون نيڪيون ختم ٿي وڃن ۽ ٻيا حقدار باقي هجن تہ انهن (يعني مظلومن) جا گناه وٺي بدلي ۾ ان (يعني ظالم) جي مٿان رکيا ويندا. پوءِ ان (ظالم) شخص کي جهنّم ۾ اڇلايو ويندو.“ (صحيح مسلم ج 2 ص 1394 حديث 2581)

ظالم مان مراد ڪير آهي؟

ياد رهي! هتي ظالم مان مُراد صرف قاتل، ڏاڙيل، يا مارڪٽ ڪرڻ وارو ئي ناهي. بلڪ جنهن بظاهر ڪنهن جي ٿورڙي بہ حق تلفي ڪئي مثال طور هڪ اڌ روپيو ئي ڦٻايو هجي، بنا شرعي اجازت جي، داٻ دڙڪو ڏنو هجي يا ڪاوڙ ۾ گهوريو هجي ٽوڪ ڪئي هجي وغيره تڏهن بہ هي ظالم آهي ۽ هُو مظلوم. اها جدا ڳالهہ آهي تہ هن ”مظلوم“ بہ ”ان ظالم“ جون ڪجهہ حق تلفيون ڪيون هجن. هن صورت حال ۾ ٻئي هڪ ٻئي جي حق ۾ مخصوص مُعاملن ۾ ”ظالم“ بہ آهن ۽ ”مظلوم“ بہ. ساڳيءَ ريت ڪيترائي ماڻهو هوندا جيڪي ڪن ماڻهن جي حق ۾ ”ظالم“ ۽ ڪن جي حق ۾ ”مظلوم“ هوندا.

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** انيس رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو،”ڪو دوزخي دوزخ ۾ءِ ڪو جنّتي جنّت ۾

داخل نہ ٿئي، جيستائين هُو **حقوق العباد** جو بدلو ادا نہ ڪري.“ يعني جنهن ڪنهن جو حق، جنهن بہ دٻايو هوندو ان جو فيصلو ٿيڻ تائين ڪو دوزخ يا جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (اخلاق الصالحين،ص55) **حقوق العباد** جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڇپيل تحريري بيان ” “ جو ضرور مطالعو فرمائيندا. **يااللہ** عَزَّوَجَلَّ اسان سيني مسلمانن کي هڪ ٻئي جي حق تلفي ڪرڻ کان بچاءِ ۽ جيڪي ڪجهہ ان سلسلي ۾ ڪوتاهيون ٿي چُڪيون آهن انهن کي پاڻ ۾ مُعاف ڪرائي ڇڏڻ جي توفيق مرحمت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ماهہ رمضان ۾ مرڻ جي فضيلت

جيڪو خوش نصيب مسلمان **رمضان جي مهيني** ۾ انتقال ڪري وڃي ان کي قبر جي سوالن کان امان ملي ويندي آهي ۽ اهو قبر جي عذاب کان بہ بچي ويندو آهي ۽ جنّت جو حقدار قرار ڏنو ويندو آهي. جيئن تہ حضراتِ محدثينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو قول آهي،**”جيڪو مؤمن هن مهيني ۾ مرندو اهو ستو جنّت ۾ ويندو ڇڻ ان جي لاءِ دوزخ جو دروازو بند آهي.“** (انيس الواعظين ص 25)

ٽن ماڻهن جي لاءِ جنت جي بشارت

حضرتِ سيّدُنا عبداللہ ابن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي، نبين جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، ٻاِذن پروردگار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي:”جنهن

کي **رمضان جي پُڄاڻيءَ مهل** موت آيو اهو **جنّت** ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن کي موت **عرفه** جي ڏينهن (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جي ختم ٿيڻ وقت آيو اهو به جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن جو موت **صدقي** ڏيڻ جي حالت ۾ آيو اهو به جنّت ۾ داخل ٿيندو.“ **(حلية الاولياء ج 5 ص 26 حديث 6187)**

قيامت تائين جي روزن جو ثواب

امُّ الْمُؤمنين سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جوارشادِ بشارت بنياد آهي:”جنهن جو **روزي** جي حالت ۾ انتقال ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت تائين جي روزن جو ثواب عطا فرمائيندو آهي.“

(الفردوس بماثور الخطاب ج 3 ص 504 حديث 5557)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! روزيدار کيتريقدر نصيب وارو آهي جو جيڪڏهن روزي جي حالت ۾ موت سان همڪنار ٿئي تہ قيامت تائين جي روزن جي ثواب جو حقدار قرار ڏنو ويندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالک رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو،”هي رمضان توهان وٽ اچي ويو آهي، هن ۾ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جهنّم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ شياطين کي قيد ڪيو ويندو آهي، محروم آهي اهو شخص جنهن رمضان کي ماڻيو ۽ ان جي مغفرت نہ ٿي جو جڏهن ان جي رمضان ۾

مغفرت نہ ٿي تہ پوءِ ڪڏهن ٿيندي؟ “ (مجمع الزوائد ج3 ص345 حديث 4788)

جنت جا دروازا ڪلي ويندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جو مهينو تہ ڇا ايندو آهي رحمت ۽ جنّت جا دروازا ڳُلي ويندا آهن ۽ دوزخ ڪي تالا لڳي ويندا آهن ۽ شياطين قيد ڪيا ويندا آهن. جيئن تہ حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابهءِ ڪرام رَضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن کي خوشخبري ٻُڌائيندي فرمائيندا هئا: ”**رمضان** جو مهينو اچي ويو آهي جيڪو تمام ئي برڪت وارو آهي. **الله تعالى** هن جا روزا توهان تي فرض ڪيا آهن، هن ۾ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ **جهنم** جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. **سرڪش شيطانن** کي قيد ڪيو ويندو آهي. هن ۾ **الله تعالى** جي هڪ رات **شبِ قدر** آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي جيڪو ان جي ڀلائي کان محروم ٿيو اهو ئي محروم آهي.“

(سنّن نسائي ج 4 ص129)

شياطين زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا آهن

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، شافعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن رمضان ايندو آهي تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن.“ (صحيح البخاري ج اول ص626 حديث 1899) ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ دوزخ جا دروزا بند ڪيا ويندا آهن

شياطين زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا آهن. هڪ روايت ۾ آهي تہ رحمت جا دروازا کوليا ويندا آهن. (صحيح مسلم ص 543 حديث 1079)

شيطان قيد ۾ هجڻ جي باوجود گناهہ ڇو ٿيندا آهن؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: سچ هي آهي تہ **ماهِ رمضان** ۾ آسمانن جا دروازا بہ ڪُلندا آهن جن منجهان الله عَزَّوَجَلَّ جون خاص رحمتون زمين تي لهنديون آهن ۽ جنّتن جا دروازا بہ، جنهن جي سبب ڪان جنّت جي حورن ۽ غلمانن کي خبر پئجي ويندي آهي تہ دنيا ۾ **رمضان** اچي ويو ۽ اهي روزيدارن جي لاءِ دعائن ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. **ماهِ رمضان** ۾ واقعي دوزخ جا دروازا ئي بند ٿي ويندا آهن جنهن جي ڪري هن مهيني ۾ گناهگارن بلڪ ڪافرن جي قبرن تي بہ دوزخ جي گرمي ناهي پهچندي. اهو جيڪو مسلمانن ۾ مشهور آهي تہ **رمضان** ۾ قبر جو عذاب ناهي ٿيندو ان جو اهو ئي مطلب آهي ۽ حقيقت ۾ ابليس کي پنهنجي اولاد سميت قيد ڪيو ويندو آهي. **هن مهيني ۾ جيڪو بہ ڪو گناهہ ڪندو آهي اهو پنهنجي نفسِ اماره جي شرارت سبب ڪندو آهي نہ ڪو شيطان جي ورغلائڻ سان.** (مرآة المناجيح ج 3 ص 133)

گناهن ۾ گهٽتائي تہ اچي ئي ويندي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بهرحال عام مشاهدو اهو ئي آهي تہ رمضان المبارڪ ۾ اسان جون مسجدون غير رمضان جي مقابلي ۾ وڌيڪ آباد ٿي ويندیون آهن. نيڪيون ڪرڻ ۾ آساني رهندي آهي ۽ ايترو ضرور آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ گناهن جو سلسلو ڪجهہ

نہ ڪجھ گھٽ ٿي ويندو آهي.

جيئن ئي شيطان آزاد ٿيندو آهي

رمضان المبارڪ جي موڪلاڻي ٿيندي ئي، شيطان آزاد ٿي ويندو آهي ۽ گناهن جو زور خوب وڌي ويندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن تہ ايتريقدر گناهن جي ڪثرت ٿي ويندي آهي جو اهي سينيما گھر جيڪي شايد سڄي سال ۾ ڪڏهن بہ نہ پرجندا هجن انهن تي بہ ”هائوس فل“ جو بورڊ لڳي ويندو آهي، پوري سال ۾ جن تماشن جا ميلا نہ لڳندا هئا اهي بہ عيد جي ڏينهن ضرور لڳي ويندا آهن. ڄڻ ائين معلوم ٿيندو آهي تہ هڪ مهيني جي قيد جي سبب شيطان وڏيڪ مڃرجي ڇُڪو آهي ۽ رمضان جي مهيني جي سڄي ڪسر هو عيد جي ڏينهن ئي ڪڍڻ چاهي ٿو. سيئي تفريح گاهون بي پرده عورتن ۽ مردن سان پرجي ويندیون آهن سيني ڊراما گاهن ۾ وڏي رش لڳل هوندي آهي بلڪہ عيد جي لاءِ نيون نيون فلمون ۽ جديد ڊراما لڳايا ويندا آهن. آهہ! شيطان جي هٿان لاتعداد مسلمان رانديڪا بڻجي ويندا آهن پر ڪيئي خوش نصيب مسلمان اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد ڪان لاپرواهي ناهن ڪندا ۽ شيطان جي فريب کان محفوظ رهندا آهن.

آتش پرست تي رحمت

بُخارا ۾ هڪ مجوسي (باهہ جو پوڄاري) رهندو هو هڪ ڀيري **رمضان شريف** ۾ هو پنهنجي پٽ سان گڏ مسلمانن جي بازار مان گذري رهيو هيو. ان جي پٽ ڪا شيءِ سرِعام کائڻ شروع ڪئي. مجوسيءَ جڏهن هي ڏٺو تہ پنهنجي پٽ کي هڪ چماٽ وهائي ڪڍيائين ۽ خوب

چڙپ ڏئي چيائين، توکي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مسلمانن جي بازار ۾ کائيندي شرم نہ ٿو اچي؟ چوڪري وراڻيو بابا سائين اوهان بہ تہ رمضان شريف ۾ کائيندا آهيو. والد چيو، مان پنهنجي گهر ۾ لِڪي ڪري کائيندو آهيان، مسلمانن جي سامهون ناهيان کائيندو ۽ هن مبارڪ مهيني جي بي حرمتي ناهيان ڪندو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان شخص جو انتقال ٿي ويو. ڪنهن خواب ۾ ان کي جنّت ۾ گهمندي ڏٺو تہ حيرت مان پُڇيائينس، تون تہ مجوسي هُئين جنّت ۾ ڪيئن اچي وئين؟ چوڻ لڳو،" واقعي آءُ مجوسي هيس پر جڏهن موت جو وقت ويجهو آيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان جي احترام جي برڪت سان مون کي ايمان جي دولت سان ۽ مرڻ کان بعد جنّت سان سرفراز فرمايو.**"

(نزهة المجالس ج 1 ص 217)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رمضان المبارڪ ۾ علي الاعلان کائڻ جي دنياوي سزا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ رمضان جي مهيني جي تعظيم جي سبب هڪ آتش پرست کي الله عَزَّوَجَلَّ نہ رُڳو ايمان جي دولت سان نوازي ڇڏيو بلڪ ان کي جنّت جي لازوال نعمتن سان بہ مالامال فرمائي ڇڏيو. هن واقعي مان خاص طور تي اسان جي انهن اسلامي ڀائرن کي عبرت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي مسلمان هئڻ جي باوجود رمضان المبارڪ جو بلڪل احترام ناهن ڪندا. پهريان تہ اهي روزو ناهن رکندا ويتر چوري ۽ سينہ زوري اهڙي جو روزيدارن جي سامهون ئي سگريٽ جا ڪش لڳائيندا آهن، پان چبائيندا آهن

ايسيتائين جو ڪي تہ ايڏا بي ادب ۽ بي مُرَوَّت جو سرِعام پاڻي پيئندا بلڪ ڪاڏو ڪائيندي بہ ناهن شرمائيندا. ياد رکندا! فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص رمضان المبارڪ ۾ ڏينهن جي وقت بغير ڪنهن مجبوري جي، اعلانيہ طور تي ڄاڻي واڻي ڪائي پيئي ان کي (بادشاهِ اسلام جي طرف کان) قتل ڪيو وڃي.“ (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 392)

ڇا توهان کي مرڻو ناهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! خوب سوچيو!! جڏهن روزي خورن جي، دنيا ۾ ئي ايتريقدر سخت سزا تجويز ڪئي ويئي آهي (اها سزا صرف اسلام جو حاڪم ئي ڏئي سگهي ٿو) تہ آخرت جي سزا ڪيتريقدر ڀوائتي ۽ تباهہ ڪندڙ هوندي؟ مسلمانو! هوش ۾ اچو !!ڪيستائين هن دنيا ۾ مزا ماڻيندؤ؟ ڇا توهان کي مرڻو ناهي؟ ڇا هن دنيا ۾ هميشہ اهڙيءَ طرح عيش ڪندا رهندؤ؟ ياد رکو! هڪ نہ هڪ ڏينهن موت ضرور ايندو ۽ توهان جو حياتيءَ سان رشتو منقطع ڪري (يعني ٽوڙي) نرم ۽ فرحت بخش گاديلن کان ڪٽي مٽيءَ ۾ سمهاريندو. هر طرح جي فرحت بخش شين سان سجايل ڪمرن مان ڪڍي اونداهي قبرن ۾ پهچائي ڇڏيندو، پوءِ پَڇتائڻ سان ڪجهہ هٿ نہ ايندو. هاڻي بہ موقعو آهي، گناهن کان سچي توبهہ ڪري ونو ۽ روزي ۽ نماز جي پابندي اختيار ڪريو.

کرلے توبہ ربّ عَزَّوَجَلَّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ماڻڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ سوڀ نصيب ٿيندي. توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ نهايت ئي خوشگوار ۽ خوشبودار **مدني بهار** توهان جي خدمت ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. جيئن تہ

سنتن ڀرئي بيانات جون برڪتون

پاڪستان جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي حلفيہ بيان جو خلاصو آهي:

مان 1987 کان 1990 تائين هڪ سياسي پارٽيءَ سان وابستہ رهيس. روز روز جي فسادن کان بيزار ٿي گهروارن مون کي پاڪستان کان ٻاهر موڪلڻ جو پڪو ارادو ڪيو. اهڙيءَ طرح 90.11.3 تي آءُ سلطنت عمان جي گادي واري هنڌ **مسقط** جي هڪ گارمينٽ فيڪٽريءَ ۾ ملازم ٿي ويس. 1992 ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪم جي سلسلي ۾ اسان جي فيڪٽريءَ ۾ پرتي ٿيو. ان جي **انفرادي ڪوشش** سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻيس. فيڪٽريءَ جو ماحول تمام خراب هو، رُڳو اسان جي شعبي کي ئي ونو ان ۾ اَٺ يا نَوَ ٽيپ رڪارڊر هئا جن جي ذريعي مختلف زبانن، مثال طور اردو، پنجابي، پشتو ، هندي ۽ بنگالي وغيره ۾ بلند آواز سان گانا هلائڻ جو سلسلو رهندو هو. دعوتِ اسلامي واري **عاشقِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان گانن باجن کان نفرت ڪرڻ لڳس. گڏيل مشوري سان اسان ٻنهي مڪتبة المدينه تان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀرئي

بيانات جون ڪيسٽون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. شروع ۾ ڪجهه ماڻهن اسان جي مخالفت به ڪئي پر اسان همت نه هاري. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀرئي بيانات هلائڻ جي برڪتن جو پاڻ مون تي به ظهور ٿيڻ لڳو. بالخصوص، قبر کی پہلی رات، نیر نگیءِ دنیا، بدنصیب دولہا، قبر کی پکار اور تین قبریں نالي بيانات مون کي ڪَنبائي ڇڏيو، (هي تمام بيانات پنهنجي پنهنجي شهر جي مڪتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي طلب ڪري سگهجن ٿا.) آخرت جي تياري جي **مدني سوچ** ملي ۽ منهنجي دل گناهن کان نفرت ڪرڻ لڳي. انهيءَ دؤران ڪجهه ٻيا ماڻهو به سنّتن ڀرئي بيانات کان متاثر ٿي ويجهو اچي ويا. جنهن اسان جي دلين ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو هو، اهو **عاشقِ رسول** ملازمت ڇڏي پاڪستان موٽي ويو. اسان پاڪستان مان سنّتن ڀرئي بيانات جون 90 ڪيسٽون گهرايون. **پهريان اسان جي فيڪٽريءَ ۾ رُڳو 50 يا 60 نمازي هئا بيانات ٻُڌي ٻُڌي ڪري نمازين جو تعداد وڌندو وڌندو** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 200 **کان** 250 **ٿي ويو**. اسان ملي ڪري 400 واٽ جو قيمتي اسپيڪر خريد ڪري پنهنجي منزل جي ديوار تي نصب ڪري ورتو ۽ ڏوم ڏام سان ڪيسيٽون هلائڻ لڳاسين روزانو صبح 7 کان 8 بجي ڪلام پاڪ جي تلاوت جي ڪيسيٽ، 8 کان 9 تائين نعت شريف ۽ 9 کان 10 تائين سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ هلائڻ جو معمول بڻائي ورتو. هوريان هوريان اسان وٽ 500 ڪيسيٽون جمع ٿي ويون . مون سميت **پنجن اسلامي ڀائرن** پنهنجو پاڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مسجد ۾ درس جو آغاز ٿي ويو. پوءِ آهستي آهستي اسان جي فيڪٽريءَ ۾ **هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع**

شروع ٿي ويو،اجتماع ۾ اٽڪل 250 اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا هئا، **مدرسة المدينه** (براءِ بالغان) ۾ قائم ٿي ويو. سنّتن جون بهارون اچڻ لڳيون، ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن پنهنجي چهري تي **مدني آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي مبارڪ سجائي ورتي. 20 کان 25 اسلامي ڀائرن جي مٿي تي **عمامن** جا تاج جرڪڻ لڳا. اسان جي فيڪٽري جو مينيجر شروع ۾ ڪيسيٽون هلائڻ وغيره کان منع ڪندو رهيو پر بيانات جي ڪيسيٽن جو آواز ان جي ڪنن کي ۾ فيضياب ڪندو رهيو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آخرڪار اهو ۾ متاثر ٿي ويو نه رُڳو متاثر ٿيو بلڪ نمازي ۾ بڻجي ويو ۽ هڪ مٺ ڏاڙهي ۾ سجائي ڇڏيائين.

اسلامي ڀاءُ جو وڏيڪ بيان آهي، هاڻي مان واپس پاڪستان اچي چُڪو آهيان ۽ هي واقعو بيان ڪرڻ وقت باب المدينه ڪراچي جي هڪ ڊويزن جي مُشاورت جي **خادم** (نگران) جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت لاءِ ڪوشان آهيان. جيئن ته **مڪتبة المدينه** تان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀرئي بيانات جي ڪيسيٽن منهنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو آهي تنهنڪري منهنجي خواهش آهي ته هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنّتن ڀرئي بيان جي يا **مدني مذاڪري** جي ڪيسيٽ ٻُڌڻ جو معمول بڻائي، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اُهي برڪتون ملنديون جو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مڪتبة المدينه تان جاري ڪيل بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ جون ۾ ڪيڏيون نه برڪتون آهن! هي سڀ مقدر وارن جا سودا آهن نه ته بيشمار افراد اهڙا ۾ ڏٺا ويندا

آهن جو اهي سالن کان سنّتن پرئي اجتماع ۾ حاضر ٿيندا آهن پر مٿن مدني رنگ ناهي چڙهي سگهندو. شايد ان جو هڪ وڏو سبب هي به آهي ته اهي ويهي ڪري توجهه سان بيان ناهن ٻڌندا. لاپرواهيءَ سان هيڏي هوڏي ڏسندي يا ڳالهيون ڪندي ٻڌڻ سان بيانات جون برڪتون ڪٿان ملنديون! لاپرواهيءَ سان نصيحت ٻڌڻ ڪافرن جي صفت آهي مسلمانن کي هن حرڪت کان بچڻ ضروري آهي جيئن 17 هين سيپاري سُوْرَةُ الْاَنْۢبِيَآءِ جي آيت نمبر 2 ۽ 3 ۾ رب العزّت جو ارشادِ پاڪ آهي:

مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَهُمْ يَلْعَبُوْنَ ۙ﴿۲﴾ لَاهِيَةً قُلُوْبُهُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انهن جي رب وٽان انهن وٽ ڪا نئين نصيحت اچي ٿي ته ان کي نئا ٻڌن پر راند ڪندي، انهن جون دليون راند جي غفلت ۾ آهن.

تنهنڪري ڏيان سان **سنّتن پرئي بيانات جون ڪيسيٽون** ٻڌڻ جي ترڪيب ٻڌايو.

اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي اهي برڪتون نصيب ٿينديون جو توهان حيران رهجي ويندؤ.[1]

سچي سال جون نيڪيون برباد

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابن عباس** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو

[1] (سنّتن پرئي بيانات جي ڪيسيٽن جي برڪتن جي تفصيلات ڄاڻڻ لاءِ "بيانات کی کیسٹوں کی کرشمے" نالي رسالو مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪندا. **مجلس مكتبة المدينه**

فرمانِ عاليشان آهي: ”بيشڪ جنّت رمضان جي مهيني جي لاءِ هڪ سال ڪان ٻئي سال تائين سجائي ويندي آهي، پوءِ جڏهن رمضان جو مهينو ايندو آهي تہ جنّت چوندي آهي،“ اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي هن مهيني ۾ پنهنجي ٻانهن مان (منهنجي اندر) رهڻ وارا عطا فرماءِ ۽ وڏين اکين واريون حورون چونديون آهن، ”اي الله عَزَّوَجَلَّ هن مهيني ۾ اسان کي پنهنجي ٻانهن مان مڙس عطا فرماءِ.“ پوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:” جنهن هن مهيني ۾ پنهنجي نفس جي حفاظت ڪئي، جو نہ ئي ڪا نشو ڏيندڙ شيءِ واپرايائين ۽ نہ ئي ڪنهن مومن تي **تهمت** لڳايائين ۽ نہ ئي هن مهيني ۾ ڪو **گناهه** ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ هر رات جي بدلي ان جو **سؤ حورن** سان نڪاح فرمائيندو ۽ ان جي لاءِ **جنّت** ۾ سون، چاندي، ياقوت ۽ زمرد جو اهڙو محل بڻائيندو جو جيڪڏهن سڄي دنيا جمع ٿي وڃي ۽ هن محل ۾ اچي وڃي تہ هن محل جي ايتري ئي جڳهہ والاريندي جيترو ٻڪرين جو هڪ واڙو دنيا ۾ جڳهہ والاريندوآهي، ۽ **جنهن هن مهيني ۾ ڪا نشي واري شيءِ پيتي يا ڪنهن مؤمن تي بهتان هنيو يا هن مهيني ۾ ڪو گناهه ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هڪ سال جا اعمال برباد فرمائي ڇڏيندو.**

بس توهان رمضان جي مهيني (جي حق) ۾ ڪوتاهي ڪرڻ کان ڊڄو، ڇو تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. الله تعالى توهان جي لاءِ يارهن مهينا ڪري ڇڏيا تہ ان ۾ نعمتن مان مزا ماڻيو ۽ لذت حاصل ڪريو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ مهينو خاص ڪري ڇڏيو آهي سو توهان ماهِ رمضان جي مُعاملي ۾ ڊڄو“.

(المعجم الاوسط ج 2 ص 414 حديث 3688)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جتي ماهِ رمضان المبارک جي تعظيم ڪرڻ وارن جي لاءِ اخروي انعامن ۽ اڪرامن جون بشارتون آهن اتي هن مبارک مهيني جي ناقدري ڪندي هن ۾ گناهہ ڪرڻ وارن جي لاءِ وَعيدون بہ آهن. هن حديثِ پاڪ ۾ نشي واري شيءِ واپرائڻ ۽مؤمن تي بهتان هڻڻ جو خصوصيّت سان ذڪر آهي. ياد رکندا! شراب اُمُّ الخَبائِث (يعني بُراين جي ماءُ آهي) ان جو پيئڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:" جيڪا شيءِ وڏيڪ مقدار ۾ نشو ڏئي ان جو ٿورڙو مقدار بہ حرام آهي ." (سنن ابوداود ج 3 ص 459 حديث 3681)

دوزخين جو رت ۽ پوءِ

مؤمن تي بهتان هڻڻ بہ حرام ۽ جهنّم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي:" جيڪو ڪنهن مؤمن جي باري ۾ اهڙي شيءِ چوي جيڪا ان ۾ نہ هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (بهتان هڻندڙ) کي ان وقت تائين "ردغة الخبال" ۾ رکندو جيتري تائين جو اهو پنهنجي چَيَل ڳالهہ مان نڪري وڃي.
(سنن ابوداود ج 3 ص 427 حديث 3597)

"ردغة الخبال" جهنّم ۾ اها جاءِ آهي جتي دوزخين جو رت ۽ پوءِ جمع ٿيندي آهي. (مرآة المناجيح ج 5 ص 313) ان جي تحت مُحَقّق عَلَي الاِطلاق حضرت شاهہ عبدالحق محدث دهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا:" ايتري تائين جو اهو پنهنجي چيل ڳالهہ مان نڪري وڃي." مراد هي آهي تہ " ان گناهہ کان توبهہ جي ذريعي يا جنهن عذاب جو اهو حقدار ٿي چُڪو آهي ان کي پوڳڻ کان پوءِ پاڪ ٿي وڃي." (اشعة اللمعات ج 3 ص 290)

رمضان ۾ گناهه ڪرڻ وارو

سيّدتُنا اُمّ هاني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”منهنجي امت ذليل ۽ خوار نہ ٿيندي جيسيتائين اها ماهِ رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي.“ عرض ڪيو ويو يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون،” هن مهيني ۾ سندن حرام ڪمن جو ڪرڻ، پوءِ فرمايائون، **جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪيو يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين الله عَزَّوَجَلَّ ۽ جيترا آسماني فرشتا آهن سيئي ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن هي شخص ايندڙ ماهِ رمضان کي حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي مري ويو تہ وٽس ڪا اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا کيس جهنّم جي باهہ کان بچائي سگهي. سو توهان ماهِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو تہ جهڙيءَ طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون ويندیون آهن تهڙيءَ طرح گناهن جو بہ مُعاملو آهي.“** (المعجم الصغير للطبراني ج 9 ص 60 حديث 1488)

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ! اَسْتَغْفِرُاللّٰہ

بي قدرؤ خبردار!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنبي وجو! **ماهِ رمضان** جي بيقدريءَ کان بچڻ لاءِ خصوصيّت سان اهتمام ڪري وٺو. هن مبارڪ مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ جهڙيءَ طرح نيڪيون وڌايون ويندیون آهن تهڙيءَ طرح ٻين مهينن جي مقابلي ۾ گناهن جون هلاڪتون بہ وڌي ويندیون

آهن. **ماهِ رمضان** ۾ شراب پيئڻ وارو ۽ زنا ڪرڻ وارو ته اهڙو بدنصيب آهي جو ايندڙ رمضان کان پهريان پهريان مري ويو ته هاڻي وٽس ڪا نيڪي اهڙي نه هوندي جيڪا ڪيس جهنم جي باهه کان بچائي سگهي. **ياد رهي!** اکين جو زنا بدنگاهي، هٿن جو زنا ڏاري عورت کي، (يا شهوت سان اَمَرَد يعني خوبصورت چوڪر) کي چُهڻ آهي، انهيءَ ڪري خبردار! خبردار! خبردار! **ماهِ رمضان** ۾ خصوصي طور تي پنهنجو پاڻ کي بدنگاهي ۽ اَمَرَد کي ڏسڻ کان بچايو. جيترو تي سگهي "اکين جو قفلِ مدينه" لڳائي ڇڏيو يعني نگاهون هيٺ رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو. افسوس! صد هزار افسوس! ڪڏهن ڪڏهن ته نمازي ۽ روزيدار به ماهِ رمضان جي بي حرمتي ڪري قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار جو شڪار تي عذابِ نار ۾ گرفتار تي ويندا آهن.

دل تي ڪارو نقطو

حديثِ مبارڪ ۾ اچي ٿو، "جڏهن ڪو انسان گناهه ڪندو آهي ته ان جي دل تي هڪ ڪارو نقطو بڻجي ويندو آهي، جڏهن ٻئي ڀيري گناهه ڪندو آهي ته ٻيو ڪارو نقطو بڻجي ويندو آهي ايستائين جو ان جي دل ڪاري تي ويندي آهي. نتيجي ۾ ڀلائيءَ جي ڳالهه سندس دل تي اثر انداز ناهي ٿيندي. **(الدرالمنثور ج 8 ص 446)**

هاڻي ظاهر آهي جنهن جي دل ئي زنگجي خراب ۽ ڪاري تي چُڪي هجي ان تي ڀلائيءَ جي ڳالهه ۽ نصيحت ڪٿي اثر ڪندي؟ ماهِ رمضان هجي يا غيرِ رمضان اهڙي انسان جو گناهن کان پري ۽ بيزار رهڻ نهايت ئي ڏکيو تي ويندو آهي. ان جي دل نيڪيءَ جي طرف مائل

ئي ناهي ٿيندي. جيڪڏهن هُو نيڪيءَ جي طرف اچي به ويو ته اڪثر ان جي دل انهيءَ ڪاراڻ جي سبب نيڪيءَ ۾ ناهي لڳندي ۽ هُو سنّتن پرئي مدني ماحول مان پَڄڻ جون تدبيرون ئي سوچيندو آهي. ان جو نفس ان کي ڊگهيون اميدون ڏيارينندو آهي، غفلت ان کي گهيرو ڏيندي آهي ۽ اهو بدنصيب سنّتن پرئي مدني ماحول کان پري وڃي پوندو آهي. **ماهِ رمضان** جون مبارڪ گهڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پوريون پوريون راتيون اهڙو شخص راند روند، گانن باجن، تاس ۽ شطرنج، گپ شپ وغيره ۾ برباد ڪندو آهي.

دل جي ڪاراڻ جو علاج

هن قلبي ڪاراڻ جو علاج ضروري آهي ۽ هن جي علاج جو هڪ اثرائتو ذريعو ڪامل پير به آهي. يعني ڪنهن اهڙي بزرگ جي هٿ ۾ هٿ ڏنو وڃي جيڪو پرهيزگار ۽ سنّتن جو پيروڪار هجي، جنهن جي زيارت خدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ڏياري، جنهن جون ڳالهيون صلوٰة و سنّت جو شوق اپارڻ واريون هجن. جنهن جي صحبت موت ۽ آخرت جي تياريءَ جو جذبو وڌائيندي هجي. جيڪڏهن خوش قسمتي سان اهڙو ڪامل پير هٿ اچي ويو ته اِن شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل جي ڪاراڻ جو ضرور علاج ٿي ويندو. پر ڪنهن مُعَيَّن گناهگار مسلمان جي باري ۾ هي چوڻ جي اجازت ناهي ته ان جي دل تي مهر لڳي ويئي يا ان جي دل ڪاري ٿي ويئي تڏهن ته نيڪيءَ جي دعوت ان تي اثر نٿي ڪري. يقيناً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهه تي قادر آهي ته ان کي توبهه جي توفيق عطا فرمائي جنهن سان هو حق ۽ سچ جي واٽ تي اچي وڃي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اسان جي دل جي ڪاراڻ کي ختم فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هڪ عبرت انگيز حڪايت پيش ڪريان ٿو انهيءَ کي پڙهندا ۽ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڪنبندا! خاص ڪري اهي ماڻهو هن حڪايت مان عبرت جو درس حاصل ڪن. جيڪي روزو رکڻ جي باوجود تاس، شطرنج، لُوڊو، وڊيو گيمز، فلمون ڊراما، گاناباجا وغيره وغيره بُراين کان پري نه ٿا رهن، جيئن ته منقول آهي،

قبر جو پوائنٽو منظر!

هڪ پيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وني ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پَين. ڪين ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. سو بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. يا الله عَزَّوَجَلَّ هن ميّت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سندن التجا هڪدم ٻُڌي ويئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا. هينئر هڪ قبر جو پوائنٽو منظر سندن آڏو هو. ڇا ٿا ڏسن ته مُردو باهه ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي:

يَا عَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِي النَّارِ وَحَرِيْقٌ فِي النَّارِ

يعني: ”يا علي! كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم مان باهه ۾ ٻُڏل آهيان ۽ باهه ۾ سڙي رهيو آهيان.“ قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي دردناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ

اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ هٿ کنيائون ۽ نهايت ئي عاجزي سان ان ميّت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو ."اي علي (كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم) اوهان (كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم) هن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود هي شخص رمضان المبارک جي بي حرمتي ڪندو هو. رمضان المبارک ۾ بہ گناهن کان ڪونہ مُڙندو هو. ڏينهن جو روزا تہ رکندو هو پر راتين جو گناهن ۾ مُبتلا رهندو هو. مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم اِهو ٻُڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي. هن ٻانهي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آهي منهنجا مالک عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي هن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، هن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ هن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم روئي روئي مُناجات ڪري رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي! (كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم) اسان تنهنجي شڪستہ دليءَ جي سبب هن کي بخشي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب کنيو ويو. (انيس الواعظين ص25)

کیوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو! تم نے بگڑی مری بنائی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مُردن سان گفتگو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي عظمت ۽ شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي! الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ قبر وارن سان گفتگو

فرمائي وڃندا هئا. هڪ ٻي **حڪايت** خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي جيئن ته حضرت علامہ جلال الدين السيوطي الشافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيّدُنا سعيد بن مُسيَّب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”اسان اميرالمؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم سان گڏ قبرستان مان گذرياسين. حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمايو. اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَااَهْلَ الْقُبُورِ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ. توهان اسان کي پنهنجون خبرون ٻُڌايو ٿا يا اسان توهان کي پنهنجون خبرون ٻُڌايون؟ راوي چون ٿا ته اسان هڪ قبر جي اندران آواز ٻُڌو وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ يَا اَميرَالمؤمِنين كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم اوهان اسان کي ٻُڌايو ته اسان کان پوءِ دنيا ۾ ڇا ٿيو؟ ته پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايائون .”توهان جون گهرواريون نيون شاديون ڪري چُڪيون، توهان جا مال ورهائجي چُڪا، ۽ اولاد يتيمن جي تولي ۾ شامل آهي. اهي گهر جيڪي توهان پُختا نهرايا هئا انهن ۾ توهان جا دشمن آباد ٿي ويا. هاڻي توهان پنهنجو حال ٻُڌايو.“ ته هڪ قبر مان آواز آيو، ڪفن ڦاٽي چُڪا، وار کنڊري ويا، ڪلون ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي ويون، اکيون ڳِڻن تي وهي پيون ۽ ناسن مان پونءِ وهي رهي آهي، جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي پيئي. جيڪو ڇڏي آياسين ان ۾ نقصان ڪنيوسين ۽ هينئر عملن جي بدلي گِروي آهيون. “ (يعني جن جا عمل سُنا هوندا آخرت ۾ آسائش ماڻيندا ۽ بُري عملن وارا پنهنجي ڪئيءَ جو نتيجو پوڳيندا)

(شرح الصدور ص 209)

رمضان جي راتين ۾ راندروند

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گذريل ٻنهي حڪايتن ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا بيشمار **مدني گل** آهن. زندهه انسان خوب ڪُڏندو آهي پر جڏهن موت جو شڪار ٿي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي. ان وقت اکيون بند ٿيڻ بدران حقيقت ۾ ڪُلي ويندیون آهن. سٺا اعمال ۽ خُداءِ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڏنل مال ته ڪم ايندو آهي پر جيڪو ڪجهه مال ۽ دولت پويان ڇڏي ايندو آهي. ان ۾ ڀلائي جو امڪان نه هئڻ جي برابر هوندو آهي. وارثن مان اميد گهٽ ئي هوندي آهي. جو اهي پنهنجي مرحوم عزيز جي آخرت جي بهتري جي لاءِ ڪثرت سان مال خرچ ڪن. بلڪ مرڻ وارو جيڪڏهن حرام ۽ ناجائز مال مثال طور گناهن جا اسباب جيئن موسيقيءَ جا اوزار، وڊيوگيمز جو دڪان، ميوزڪ سينٽر، سينما گهر، شراب خانو، جُوا جو اڈو ۽ ملاوٽ واري مال جو ڪاروبار وغيره پويان ڇڏيا ته ان جي لاءِ مرڻ کان بعد سخت ترين ۽ ناقابلِ تصوُّر نقصان آهي.” قبر جو ڀوائتو منظر“ نالي حڪايت ۾ رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪرڻ واري جو خوفناڪ انجام پيش ڪيو ويو آهي. ان مان عبرت جو درس حاصل ڪريو.

افسوس!صد افسوس! رمضان المبارڪ جي پاڪيزه راتين ۾ اسان جا ڪيترائي نوجوان محلي ۾ ڪرڪيٽ، فٽ بال وغيره راندیون ڪيڏندا آهن ۽ خوب هُل مچائيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي بدنصيب پاڻ ته عبادت کان محروم رهندا ئي آهن پر ٻين جي لاءِ به بيحد پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻبا آهن. نه پاڻ عبادت ڪندا آهن ۽ نه ئي ٻين کي ڪرڻ ڏيندا

آهن. اهڙي قسم جون رانديون الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪرڻ واريون آهن. نيڪ ماڻهو ته انهن راندين کان سدائين پري ئي رهندا آهن. پاڻ کيڏڻ ته نهيو، اهڙيون رانديون ۽ تماشا ڏسندا به ناهن بلڪ ان قسم جي راندين جو اکين ڏٺو حال (Commentary) به ناهن ٻُڌندا. تنهن ڪري اهڙين حرڪتن کان هميشه بچڻ گهرجي ۽ خاص طور تي **رمضان المبارڪ** جون بابرڪت گهڙيون ته هرگز هرگز اهڙيءَ طرح برباد نه ڪرڻ گهرجن.

روزي ۾ وقت "پاس" ڪرڻ جي لاءِ.....

ڪافي نادان اهڙا به ڏٺا ويندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ روزو ته رکندا آهن پر پوءِ انهن ويچارن جو وقت "پاس" ناهي ٿيندو. تنهن ڪري اهي به رمضان شريف جي احترام کي هڪ طرف رکي حرام ۽ ناجائز ڪمن جو سهارو وني ڪري وقت "پاس" ڪندا آهن ۽ ائين **رمضان شريف** ۾ شطرنج، تاس، لوڊو، گانن باجن وغيره ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. **ياد رکندا!** شطرنج ۽ تاس وغيره تي ڪنهن قسم جي بازي يا شرط نه به لڳائي وڃي تڏهن به اهي رانديون ناجائز آهن. بلڪ تاس ۾ جيئن ته جاندارن جون تصويرون به هونديون آهن. ان لاءِ منهنجي آقا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تاس کيڏڻ کي قطعي طور تي حرام لکيو آهي. جيئن ته فرمائن ٿا، گنجفه (پتن جي ذريعي کيڏي ويندڙ هڪ راند ۽) تاس حرامِ مُطلق آهن جو انهن ۾ لهو و لَعِب کان علاوه تصويرن جي تعظيم آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 24 ص 141)

افضل عبادت ڪهڙي؟

اي جنّت جا طلبگار روزيدار اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مقدس گهڙين ڪي فضوليات ۽ بيهودگين ۾ برباد ٿيڻ ڪان بچايو! زندگي تمام مختصر آهي ان کي غنيمت ڄاڻيو، تاس جي پَتن ۽ فلمي گانن جي ذريعي وقت "پاس" (بلڪ برباد) ڪرڻ بدران قرآن شريف جي تلاوت ۽ ذڪر و درود ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش فرمايو. بُک ۽ اڃ جي شدت جيتري قدر زياده محسوس ٿيندي، صبر ڪرڻ تي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ثواب به اوتري قدر وڌيڪ ملندو. جيئن منقول آهي، " اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا "يعني افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) گهڻي آهي." (كشف الخفاء و مزيل الالباس ج1 ص141 حديث 459) امام شرف الدين نَوَوِي عَلَيْهِرَحْمَةُاللّٰهِالْقَوِي فرمائن ٿا،"يعني عبادتن ۾ تڪليف ۽ خرچ زياده ٿيڻ سان ثواب ۽ فضيلت زياده ٿي ويندي آهي. (شرح صحيح مسلم للنووي ج 1 ص 390) حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه جو فرمانِ معظم آهي، "دنيا ۾ جيڪو نيڪ عمل جيڏو ڏکيو هوندو قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ اوترو ئي وڏيڪ وزن دار ٿيندو." (تذكرة الاولياء ص 95)

هنن روايتن مان صاف ظاهر ٿيو ته اسان جي لاءِ روزو رکڻ جيترو ڏکيو ۽ بدڪار نفس جي لاءِ جيڏو اٿوٽندڙ هوندو، اِن شآءَاللهالغفار عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن عمل جي تارازيءَ ۾ اوترو ئي وڏيڪ وزندار ٿيندو.

روزي ۾ گهٽو سمهڻ

حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا، "روزيدار جي لاءِ سنّت هي آهي ته ڏينهن

جي وقت گهڻي دير تائين نہ سمهي بلڪ جاڳندو رهي تہ جيئن بُک ۽ ضعف (يعني ڪمزوري) جو اثر محسوس ٿئي.“(ڪيمياءِ سعادت ص 185) (جيتوڻيڪ افضل گهٽ سمهڻ ئي آهي وري بہ جيڪڏهن ضروري عبادتن کان علاوه ڪو شخص سُتل رهي تہ گناهگار نہ ٿيندو)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صاف ظاهر آهي تہ جيڪو سڄو ڏينهن روزي ۾ سمهي وقت گذاري ڇڏي ان کي روزي جي خبر ئي ڇا پوندي؟ ٿورو سوچيو تہ سهي! حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي تہ گهڻي سمهڻ کان بہ منع فرمائن ٿا جو اهڙيءَ طرح سان بہ وقت فالتو”پاس“ ٿي ويندو، تہ جيڪي ماڻهو راند تماشن ۽ حرام ڪمن ۾ وقت برباد ڪندا آهن اهي ڪيتريقدر محروم ۽ بدنصيب آهن. هن مبارڪ مهيني جو قدر ڪريو. ان جو احترام ڪريو. هن ۾ خوش دلي سان روزا رکو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو راضپو حاصل ڪريو.

اي اسان جا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ فيضانِ رمضان سان هر مسلمان کي مالامال فرماءِ. هن مبارڪ مهيني جو اسان کي قدر ۽ عزّت نصيب ڪر ۽ هن جي بي ادبيءَ کان بچاءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ جي احترام جو دل ۾ جذبو وڌائڻ، ان جون خوب برڪتون ماڻڻ، ڪوڙ ساريون نيڪيون ڪمائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول کي اپنائڻ ۽ **عاشقانِ رسول** سان سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن ڀريو سفر فرمائڻ جي سعادت حاصل ڪريو. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اهي فائدا

حاصل ٿيندا جو توهان جو عقل حيران رهجي ويندو. هڪ عاشقِ رسول جو روح پرور واقعو پُڙندا ۽ جهومندا جيئن ته.....

روزانو فڪر مدينہ ڪرڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءَ جي تحرير جو خلاصو آهي: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي **مدني انعامات** سان پيار آهي ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** ڪرڻ جو منهنجو معمول آهي هڪ ڀيري آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي** سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ بلوچستان جي سفر تي هيس. انهيءَ دوران مون گناهگار تي ڪرم جو دروازو کُلي ويو. ٿيو هيئن ته رات جو جڏهن سُتس ته قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، **جناب رسالتِ مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، اجان جلون ۾ ئي گم هيس ته لب مبارڪن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل ڇڙجڻ لڳا لفظن ڪجهه هن طرح ترتيب ماڻي، جيڪي مدني قافلي ۾ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندس

شکریہ کیوں کرادا ہو آپ کا یا مصطفےٰ B
کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فڪر مدينہ ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!! مسلمانن جي دنيا ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ سوالنامي جي صورت ۾ اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ديني شاگردن جي لاءِ 92 ۽ ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83 جڏهن ته مدني مُنَنَ ۽ مُنّين جي لاءِ 40 **مدني انعامات** پيش ڪيا ويا آهن. **مدني**

انعامات جو ڪارڊ مڪتبة المدينه تان ملي سگهي ٿو. روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي ان کي پري ڪري مدني مهيني جي 10 هين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻو هوندو آهي. پنهنجي گناهن جو احتساب ڪرڻ، قبر و حشر جي باري ۾غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ پنهنجي چڱن ۽ بُرن ڪمن جو جائزو وٺندي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پرڻ کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ **"فڪرِ مدينه"** ڪرڻ چوندا آهن. توهان به ڪارڊ حاصل ڪري وٺو جيڪڏهن في الحال پرڻ نٿا چاهيو ته نه سهي، ايترو ته ڪريو جو وليءِ ڪامل، عاشقِ رسول، **اعليٰ حضرت** امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي پنجويهين شريف جي نسبت سان روزانو گهٽ ۾گهٽ 25 سيڪنڊن جي لاءِ ان کي ڏسي وٺو. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏسڻ سان پڙهڻ ۽ پڙهندو رهڻ سان **فڪرِ مدينه** ڪرڻ ۽ هن ڪارڊ کي پرڻ جو ذهن بڻبو ۽ جيڪڏهن پرڻ جو معمول بڻجي ويو ته اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندا.

مَدَنی انعامات پر کرتا ہے جو کوئی عمل
مغفرت کر بے حساب اس کی خدائے لم یَزَل

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

روزن جا احڪام[1] (حنفي)

دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدُنا شيخ احمد بن منصور عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفُوْر جڏهن فوت ٿيا تہ شيراز وارن مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ اهي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن ۽ ڪين بهترين جنّتي لباس پهريل آهي ۽ مٿي تي موتين وارو تاج سجايل آهي. خواب ڏسڻ واري حال دريافت ڪيو تہ وراڻيائون:" **الله تعاليٰ** مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون تي ڪرم فرمايو ۽ مون کي تاج پهرائي جنّت ۾ داخل ڪيو." ان پُڇيو، ڪهڙي سبب کان؟ فرمايائون،" آءُ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو هئس ۽ اهو ئي عمل ڪم اچي ويو." اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِين . **(القول البديع ص 254)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڪيڏو وڏو ڪرم آهي جو ان اسان تي ماهِ رمضان المبارڪ جا روزا فرض ڪري اسان جي لاءِ پرهيزگاري ۽ پنهنجي راضپي جو سامان فراهم ڪيو. الله عَزَّوَجَلَّ ٻئين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْبَقَرَة جي آيت 183 کان 184 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:-

---

[1] فيضانِ سنّت ۾ هر جڳهہ تي مسائل فقه حنفي جي مطابق ڏنا ويا آهن. تنهن ڪري شافعي، مالڪي، حنبلي اسلامي ڀائر فقهي مسائل جي معاملي ۾ پنهنجي پنهنجي علماءِ ڪرام سان رجوع ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَ عَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَ اَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾

ترجمو ڪنزلايمان: اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا. من اوهان پرهيزگار ٿيو، ڳڻيل ڪجهه ڏينهن آهن، سو اوهان مان جيڪو بيمار يا سفر ۾ هجي تہ اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي ۽ جن کي روزن رکڻ جي طاقت نہ هجي، اهو هڪ مسڪين جو کاڌو فديو ڏئي پوءِ جيڪو پاڻ ئي وڌيڪ نيڪي ڪري تہ اهو ان لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ڄاڻو تہ روزو رکڻ اوهان لاءِ وڌيڪ ڀلو آهي.

روزو ڪنهن تي فرض آهي؟

توحيد ۽ رسالت جو اقرار ڪرڻ ۽ تمام ضروريات دين تي ايمان آڻڻ کان پوءِ جهڙيءَ طرح هر مسلمان تي نماز فرض قرار ڏني وئي آهي، اهڙيءَ طرح **رمضان شريف** جا **روزا** بہ هر مسلمان (مرد ۽ عورت) عاقل و بالغ تي **فرض** آهن. درِ مختار ۾ آهي، روزا 10 شعبان المعظم 2 هہ ۾ فرض ٿيا.

(درِ مختار مع ردالمحتارج 3ص330)

روزا فرض ٿيڻ جو سبب

اسلام ۾ اڪثر اعمال ڪنهن نہ ڪنهن روحُ پَروَر واقعي جي ياد تازي ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن مثال طور: **صفا** ۽ **مَروَه** جي وچ ۾ حاجين جي سعي حضرتِ سيّدتنا **هاجره** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي يادگار آهي. **پاڻ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي لختِ جگر حضرتِ سيّدُنا **اسماعيل ذبيح الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خاطر پاڻي تلاش ڪرڻ جي لاءِ انهن ٻنهي

پهاڙن جي وچ ۾ ست پيرا گهميون ۽ ڊوڙيون هيون. الله عَزَّوَجَلَّ کي حضرتِ سيّدتنا هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اها ادا پسند اچي ويئي. تنهن ڪري انهيءَ بيبي هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سنّت کي الله عَزَّوَجَلَّ باقي رکندي **حاجين** ۽ **عمري** ڪرڻ وارن جي لاءِ **صفا** ۽ **مروه** جي سعي کي واجب ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ماهِ رمضان المبارڪ مان ڪجهه ڏينهن اسان جي پياري سرڪار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن غارِ حرا ۾ گذاريا هئا، انهيءَ دوران پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏينهن جو ڪائڻ کان پرهيز ڪندا هئا ۽ رات جو **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول رهندا هئا تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن ڏينهن جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ روزا فرض ڪيا تہ جيئن سندس محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت قائم رهي.

انبياءِ ڪرام عَلَیْهِمُ السَّلَام جا روزا

روزو گذريل امتن ۾ بہ هو پر ان جي صورت اسان جي روزن کان مختلف هئي. روايتن مان خبر پوي ٿي تہ "حضرتِ سيّدُنا **آدم صَفِيُّ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام 13، 14، 15 تاريخ تي روزو رکيو."

(کنزالعمال ج8 ص258 حديث 24188)

"حضرتِ سيّدُنا نوح **نَجِيُّ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هميشہ روزيدار رهندا هئا."

(ابن ماجه ج 2 ص333 حديث 1714)

"حضرتِ سيّدُنا عيسیٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هميشہ روزا رکندا هئا ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندا هئا." (کنز العمال ج 8 ص304 حديث 24624)

"حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا."

(صحيح مسلم ص584 حديث 1189)

حضرت سيّدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي ڏينهن مهيني جي شروع ۾ تي ڏينهن وچ ۾ ۽ تي ڏينهن آخر ۾ (يعني مهيني ۾ 9 ڏينهن روزا رکندا هئا). (كنز العمال ج 8 ص 304 حديث 24624)

روزيدار جو ايمان ڪيڏو نه پختو آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سخت گرمي آهي. اڄ کان نِڙي سُڪي چُڪي آهي، چَپَ خشڪ تي ويا آهن، پاڻي تہ موجود آهي پر روزيدار ان جي طرف ڏسي ئي ڪونہ ٿو، ڪاڏو بہ موجود آهي، بُک جي شدت سبب حال هيٺو آهي پر هو ڪاڏي ڏانهن واجهائي بہ ڪونہ ٿو. اوهان اندازو فرمايو، ان شخص جو خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ تي ڪيڏو نہ پُختو ايمان آهي جو تہ هُو ڄاڻي ٿو تہ هن جي حرڪت سڄي دنيا کان تہ لِڪي سگهي تي پر الله عَزَّوَجَلَّ کان ڳجهي نہ تي رهي سگهي. الله عَزَّوَجَلَّ تي ان جو هي ڪامل يقين روزي جو عملي نتيجو آهي. جو تہ ٻيون عبادتون ڪنهن نہ ڪنهن ظاهري حرڪت سان ادا ڪيون وڃن ٿيون پر روزي جو تعلق باطن سان آهي ان جو حال الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي جيڪڏهن هُو لِڪي ڪري ڪائي پي وٺي تہ بہ ماڻهو تہ اهو ئي سمجهندا تہ هي روزيدار آهي. پر هُو رڳو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب ڪائڻ پيئڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائي رهيو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تي سگهي تہ پنهنجي ٻارڙن ۾ بہ جلدي جلدي روزو رکڻ جي عادت وجهو تہ جيئن اهي جڏهن بالغ ٿين تہ ڪين روزو رکڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. جيئن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا. ”ٻار جي عمر ڏهہ سالن جي تي وڃي ۽ ان ۾ روزو رکڻ

جي طاقت هجي تہ ان کي رمضان المبارڪ ۾ **روزو** رکرايو وڃي. جيڪڏهن پوري طاقت هجڻ جي باوجود نہ رکي تہ ڪيس مار ڏئي رکرائجي. جيڪڏهن رکي ڪري پَڇي ڇڏي تہ قضا جو حڪم نہ ڏبو ۽ نماز توڙي تہ ڪيس ٻيهر پڙهايو. (رد المحتار ج3 ص385)

چاروزو رکڻ سان ماڻهو بيمار ٿي پوندو آهي؟

ڪجهہ ماڻهن ۾ هي تاثر ڏٺو ويندو آهي تہ **روزو** رکڻ سان انسان ڪمزوريءَ جي ڪري بيمار ٿي پوندو آهي. جڏهن تہ ائين ناهي. الملفوظ حصي ٻئي ص 143 تي آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ارشاد فرمائن ٿا:”هڪ سال رمضان المبارڪ کان توورو عرصو پهريان منهنجا والد مرحوم حضرت رئيس المتڪلمين سيّدُنا و مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن خواب ۾ تشريف وني آيا ۽ فرمايائون: پٽ! ايندڙ رمضان المبارڪ ۾ توهين سخت بيمار ٿي پوندؤ، پر خيال رکجو ڪو **روزو** قضا نہ ٿيڻ گهرجي. تنهن بعد پنهنجي والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ارشاد موجب واقعي رمضان المبارڪ ۾ آءُ سخت بيمار ٿي پيس. پر ڪو روزو نہ ڇڏيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! روزن جي ئي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ مون کي صحت عطا فرمائي ۽ صحت ڇو نہ ملي ها جو سيّد المحبوبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ بہ تہ آهي: ” صُوْمُوْا تَصِحُّوا يعني **روزو** رکو صحتياب ٿي ويندؤ“. (در منثورج 1 ص440)

روزي سان صحت ملندي آهي

امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪان مروي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول،

رسولِ مقبول، سيّده آمنا جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو فرمانِ صحت نشان آهي،" بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ بني اسرائيل جي هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ توهان پنهنجي قوم کي خبر ڏيئي ڇڏيو تہ جيڪو بہ ٻانهو منهنجي راضپي لاءِ هڪ ڏينهن جو روزو رکندو آهي تہ مان ان جي جسم کي صحت بہ عطا فرمائيندو آهيان ۽ ان کي عظيم اجر بہ ڏيندس.

(شعب الايمان ج 3 ص 412 حديث 3923)

معدي جي سوچ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ احاديثِ مبارڪ مان واضح ٿيو تہ روزو اجر ۽ ثواب سان گڏوگڏ صحت جي حصول جو بہ ذريعو آهي. هاڻي تہ سائنسدان بہ پنهنجي تحقيقات ۾ انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪرڻ لڳا آهن. جيئن تہ آڪسفورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر مُور پالڊ (Moore Palid) چوي ٿو تہ،" مان اسلامي عُلوم پڙهي رهيو هئس، جڏهن روزي جي باري ۾ پڙهيم تہ اَچرج ۾ پئجي ويس تہ اسلام پنهنجي مجڻ وارن کي ڪيڏو نہ عظيم الشّان نسخو ڏنو آهي! مون کي بہ روزو رکڻ جو شوق ٿيو تنهن ڪري مون بہ مسلمانن جي طرز تي روزا رکڻ شروع ڪري ڏنا، ڪافي عرصي کان منهنجي معدي ۾ سوڄ هئي. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ مون کي تڪليف ۾ گهٽتائي محسوس ٿي، مان روزو رکندو رهيس ايتري تائين جو هڪ مهيني ۾ منهنجو مرض بلڪل ختم ٿي ويو!"

حيرت انگيز انڪشافات

هالينڊ جو پادري ايلف گال (Alf Gaal) چوي ٿو، مون شگر، دل ۽ معدي جي مريضن کي مسلسل 30 ڏينهن روزا رکرايا، نتيجو اهو نڪتو جو

شگر وارن جي شگر ڪنٽرول ٿي وئي، **دل** جي مريضن جي گهبراهٽ ۽ اُيساهي (يعني دم جي بيماريءَ) ۾ گهٽتائي ٿي ۽ **معدي** جي مريضن کي سيني کان وڌيڪ فائدو ٿيو. هڪ انگريز ماهرِ نفسيات سِگمنڊ فرائيڊ (Sigmend Fride) جو بيان آهي، روزي سان جسم جي آڪڙجڻ، ذهني ڊپريشن ۽ نفسياتي مرضن جو خاتمو ٿيندو آهي.

ڊاڪٽرن جي تحقيقاتي ٽيم

هڪ اخباري رپورٽ موجب جرمني، انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ماهر ڊاڪٽرن جي تحقيقاتي ٽيم رمضان المبارڪ ۾ پاڪستان آئي ۽ انهن باب المدينه **ڪراچي**، مرڪزالاولياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى لاهور ۽ ديارِ محدثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **سردار آباد** (فيصل آباد) جي چونڊ ڪئي. جائزي (Survey)ڪان پوءِ انهن هيءَ رپورٽ پيش ڪئي،”جيئن ته مسلمان نماز پڙهندا آهن ۽ رمضان المبارڪ ۾ ان جي گهٽي پابندي ڪندا آهن، ان لاءِ وضو ڪرڻ سان **E.N.T** يعني نڪ، ڪن ۽ ڳلي جي مرضن ۾ گهٽتائي واقع ٿي ويندي آهي ۽ پڻ مسلمان روزا رکڻ ڪري گهٽ ڪائيندا آهن انهيءَ ڪري معدي، جگر، دل ۽ اعصاب (يعني مَشڪُن) جي مرضن ۾ گهٽ مبتلا ٿيندا آهن“.

پيٽ ڀري ڪائڻ سان بيماريون پيدا ٿيندڙيون آهن

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! حقيقت ۾ روزو رکڻ سان ڪو بيمار ناهي ٿيندو پر سحَري ۽ افطار ۾ بي احتياطين ۽ بد پرهيزين جي سبب ۽ پڻ ٻئي وقت خوب مُرغن (يعني تيل، گهه وارين) غذائن جي استعمال ۽ سڄي رات وقفي

وقفي سان ڪائڻ پيئڻ جي ڪري روزيدار بيمار ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري سَحَري ۽ افطاري جي وقت ڪائڻ پيئڻ ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ رات جي وقت پيٽ ۾ ڪاڏي جو ايڏو ذخيرو نه ڪيو وڃي جو سڄو ڏينهن اوڳرايون ايندیون رهن ۽ روزي ۾ بُک ۽ اڄ جو احساس ئي نه رهي. ڇو جو جيڪڏهن بُک ۽ اڄ جو احساس ئي نه رهيو ته پوءِ روزي جو لطف ئي ڪهڙو؟ **روزي** جو ته مزو ئي ان ڳالهه ۾ آهي جو سخت گرمي هجي، اڄ جي شدت کان چَپَ سُڪي ويا هجن ۽ بُک جي ڪري حال هيٺو ٿي چُڪو هجي، اي ڪاش! **مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مني مني گرمي ۽ ٿڌي ٿڌي اُس جي ياد تازي ٿئي، ۽ اي ڪاش! ڪربلا جي تپندڙ صحرا ۽ گُلستانِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبودار نئين ٽِڙندڙ گلن، ٽن ڏينهن جي بُک ۽ اڄ سبب تڙپندڙ ۽ سڏڪندڙ مديني جي "حقيقي مدني مُنّن" ۽ شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بُڪايل ۽ اجايل مظلوم شهزادن جي ياد تڙپائڻ لڳي ۽ جنهن وقت بُک ۽ اڄ ڪجهه وڌيڪ ئي ستائي ان وقت تسليم و رضا جي پيڪر، مديني جي تاجوَر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيٽ مبارڪ تي بَڌل بامقدر پٿر به ياد اچي وڃن ته ڇا ڳالهه ڪجي! تنهن ڪري منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي روزا ته ائين هئڻ گهرجن جو اسان پنهنجي آقائن ۽ سرڪارن جي خوبصورت يادن ۾ گم ٿي وڃون.

کیسے آقاؤں کا ہوں بندہ رضاؔ
بول بالے مری سرکاروں کے (حدائق بخشش شریف)

بغير آپريشن جي ولادت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي نورانيّت ۽ روحانيّت حاصل ڪرڻ ۽ مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول، سنّتن ڀرئي اجتماعات ۽ مدني قافلن جون به ڇا خوب بهارون ۽ برڪتون آهن. جيئن ته حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: غالبًا 1998ع جو واقعو آهي، منهنجي گهر واري "اميد" سان هئي، ڏينهن به پورا ٿي ويا هئا. ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته شايد آپريشن ڪرڻو پوندو. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو بين الاقوامي **ٽن ڏينهن جو سنّتن ڀريو اجتماع** (صحراءِ مدينه ملتان) ويجهو هو. اجتماع کان پوءِ سنّتن جي تربيّت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جي منهنجي نيّت هئي. اجتماع جي لاءِ روانگيءَ جي وقت سامانِ قافله ساڻ ڪڻي اسپتال پهتس، جيئن ته خاندان جا ٻيا ماڻهو به تعاون جي لاءِ موجود هئا. گهرواري روئڻهارڪي ٿي مون کي سنّتن ڀرئي اجتماع (ملتان) جي لاءِ الوداع ڪيو. منهنجو هي ذهن نهيل هو جو هينئر ته مون کي بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع ۽ پوءِ اتان کان 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ ضرور سفر ڪرڻو آهي جو ڪاش! ان جي برڪت سان عافيّت سان ولادت ٿي وڃي. مون غريب وٽ ته آپريشن جو خرچ به نه هو. بهرحال مان مدينة الاولياء **ملتان شريف** حاضر ٿيس

سنّتن ۾ئي اجتماع ۾ خوب دعائون گهريم. اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي رِقّت انگيز دعا ڪانپوءِ مون گهر فون ڪئي ته منهنجي امڙ فرمايو، اوهان کي **مبارڪ هجي!گذريل رات ربِ ڪائنات** عَزَّوَجَلَّ **بغير آپريشن جي توهان کي چند جهڙي مدني مُنّي عطا فرمائي آهي.** مون خوشيءَ مان جُهومندي عرض ڪيو امان سائنڻ! منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ اچان يا 30 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** جو مسافر ٿيان؟ امڙ فرمايو،"پٽ! بي فڪر ٿي مدني قافلي ۾ سفر ڪريو." پنهنجي **مدني منّيءَ** جي زيارت جي حسرت دل ۾ رکي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان روانو ٿيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان منهنجي مشڪل آسان ٿي ويئي هئي. **مدني قافلن جي بهارن** جي برڪت جي سبب گهر وارن جو تمام زبردست مدني ذهن بڻجي ويو، ايتري تائين جو منهنجي ٻارن جي ماءُ جو چوڻ آهي، جڏهن توهان **مدني قافلي** جا مسافر ٿيندا آهيو ته مان ٻارن سميت پنهنجو پاڻ کي محفوظ تصوُّر ڪندي آهيان.

آپريشن نہ ہو، کوئی الجھن نہ ہو　　غم کے سائے ڈھلیں، قافلے میں چلو
بیوی بچّے سبھی، خوب پائیں خوشی　　خیریت سے رہیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

گذريل گناهن جو ڪفارو

حضرت سيّدُنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان روايت آهي ته اسان جا منا منا آقا، مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:" جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان جي حدن کي سڃاتو ۽ جنهن شيءِ

کان بچڻ گهرجي ان کان بچيو تہ جيڪي (ڪجهہ گناهہ) پهريان ڪري چُڪو آهي انهن جو ڪفّارو ٿي ويو.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص183 حديث 3424)

روزي جي جزا

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سلطانِ مدينہ، سُرُورِ قلب وسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”ماڻهوءَ جي هر نيڪ ڪم جو بدلو ڏهن کان ست سؤ پيرن تائين ڏنو ويندو آهي.“ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اِلَّا الصَّوْمَ فَاِنَّـهٗ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ ” روزي کانسواءِ جو روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ڏيندس. الله عَزَّوَجَلَّ جو وڌيڪ ارشاد آهي، ٻانهو پنهنجي خواهش ۽ کاڌي کي صرف منهنجي سبب کان ڇڏي ڏئي ٿو. روزيدار جي لاءِ بہ خوشيون آهن. هڪ افطار جي وقت ۽ هڪ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات جي وقت. روزيدار جي وات جي بوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مُشڪ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي.“ (صحيح مسلم ص580 حديث 1151)

وڌيڪ ارشاد آهي،” روزو سِپَر (يعني ڍال) آهي ۽ جڏهن ڪنهن جي **روزي** جو ڏينهن هجي تہ هُو نہ اڍنگو ڳالهائي ۽ نہ ئي رڙيون ڪري. پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ان کي گارگند ڪري يا وڙهڻ چاهي، تہ هُو کيس چوي ”مان روزيدار آهيان.“ (بخاري ج1 ص 624 حديث 1894)

روزي جو خصوصي انعام

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ ۾ **روزي** جون ڪيتريون ئي خصوصيّتون ارشاد فرمايون ويون آهن. ڪيڏي نہ پياري خوشخبري آهي ان روزيدار جي لاءِ جنهن اهڙيءَ طرح **روزو** رکيو جهڙي طرح

روزو رکڻ جو حق آهي. يعني ڪائڻ پيئڻ ۽ جماع ڪان بچڻ سان گڏوگڏ پنهنجي سيني عضون کي به گناهن کان پري رکيائين ته اهو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي لاءِ تمام پوئين گناهن جو ڪفارو ٿي ويو ۽ حديثِ مبارڪ جو هي فرمانِ عاليشان ته خاص طور تي قابلِ توجُّهه آهي. جيئن ته سرڪارِ نامدار، شفيع روز شمار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ خوشگوار ٻُڌائن ٿا:

فَاِنَّهٗ لِيْ وَاَنَا اَجْزِيْ بِهٖ "يعني روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ئي ڏيندس. حديثِ قدسي جي هن ارشاد پاڪ کي ڪجهه محدثين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى "اَنَا اُجْزِيْ بِهٖ" به پڙهيو آهي جيئن ته **تفسيرِ نعيمي** وغيره ۾ آهي ته پوءِ معنيٰ هيءَ ٿيندي،"**روزي** جي جزا مان پاڻ ئي آهيان".سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ يعني روزو رکي روزيدار پاڻ **الله تبارڪ و تعاليٰ** جي ذات کي ئي ماڻي وٺندو آهي.

نيڪ اعمال جو بدلو جنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ۾ مختلف جڳهن تي بيان ٿيو آهي ته جيڪو سٺا عمل ڪندو ان کي جنّت ملندي جيئن ته **الله تبارڪ و تعاليٰ** 30 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ جي آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۚ جَزَآؤُهُمْ

ترجمو ڪنزالايمان : بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. اهي ئي سموري مخلوق ۾ بهتر آهن. انهن جو

عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِیَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾

انعام سندن رب وٽ ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. جن ۾ هميشه هميشه رهندا، الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا هي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي.

غير صحابيءَ جي لاءِ "رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ" چوڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالهه بلڪل غلط آهي ته رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ چوڻ ۽ لکڻ صرف صحابيءَ جي نالي لاءِ مخصوص آهي. پيش ڪيل آيت جي هن آخري حصي: رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِیَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾ (ترجمو ڪنزالايمان: الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا. هي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي) هن عوامي غلط فهميءَ کي پاڙ کان پٽي ڇڏيو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ واري هر مومن جي لاءِ هيءَ عاليشان خوشخبري ارشاد فرمائي وئي آهي ته جيڪو به الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو آهي اهو رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ جي گروهه ۾ داخل آهي. هن ۾ صحابي ۽ غير صحابي جي ڪا تخصيص (يعني قيد) ناهي، **هر صحابي ۽ هر ولي جي لاءِ** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **لکڻ ۽ ڳالهائڻ بلڪل درست ۽ جائز آهي.** جنهن به ايمان جي حالت ۾ سرڪار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهريءَ ۾ سندن هڪ گهڙيءَ جي به صحبت ماڻي يا ڏنو ۽ ان جو ايمان تي خاتمو ٿيو اهو **صحابي** آهي. وڏي ڪان وڏا ولي، **صحابيءَ** جي مرتبي کي نه ٿا

حاصل ڪري سگهن، هر **صحابي** عادل ۽ قطعي جنّتي آهي. رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڳالهه تہ ضمناً اچي وئي دراصل ٻڌائڻ جو مقصد هي هيو تہ نماز، حج، زڪوات، غريبن جي امداد، بيمارن جي عيادت، مسڪينن جي خبرگيري وغيره سڀني سٺن عملن سان جنّت ملندي آهي. پر روزو اها عبادت آهي جنهن سان جنّت وارو يعني پاڻ ”مالڪ حقيقي عَزَّوَجَلَّ ئي ملي ويندو آهي.“ چون ٿا تہ

مون کي موتين وارو گهرجي

هڪ پيري محمود غزنوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ڪجهه قيمتي موتي پنهنجي آفيسرن آڏو اچلائيندي فرمايو:” ميڙي وٺو ۽ پاڻ اڳتي هليا ويا. ٿورو اڳتي وڃڻ کان پوءِ ڪنڌ ورائي ڏٺائون تہ اياز گهوڙي تي سوار پويان اچي رهيو آهي. پُڇيائون، اياز! ڇا توکي موتي نہ گهرجن؟ اياز عرض ڪيو. ”عاليجاه! جيڪي موتين جا طالب هئا اهي موتي ميڙي رهيا آهن، مون کي تہ موتي نہ بلڪ موتين وارو گُهرجي.“

اسان رسول الله صلی الله علیه وسلم جا جنت رسول الله صلی الله علیه وسلم جي

ان سلسلي ۾ هڪ حديثِ مبارڪ بہ ملاحظہ فرمايو. حضرتِ سيّدُنا ربيعه بن ڪعب اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، هڪ پيري مون کي حضور، سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وضو ڪرايو تہ **رحمةٌ للعٰلمين** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿي ڪري ارشاد فرمايو: سَلْ رَبِيعَةُ ! يعني ربيعه! گهر ڇا ٿو گهرين؟ حضرت ربيعه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو. اَسْئَلُکَ مُرَافَقَتَکَ فِي الْجَنَّة يعني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت

۾ اوهان جي رفاقت (يعني پاڙو) گهرجي (جڻ تہ عرض ڪري رهيا هئا).

تجھ سے تجھی کو مانگ لوں تو سب کچھ مل جائے
سو سُوالوں سے یِہی ایک سُوال اچّھا ہے

درياءِ رحمت ويتر جوش ۾ آيو ۽ فرمايائون " اَوَغَيْرَ ذٰلِكَ؟ يعني ڪجهہ ٻيو گهرڻو اٿئي؟" مون عرض ڪيو"بس رُڳو اهو ئي."(يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنّت الفردوس ۾ اوهان جو پاڙو گهرڻ کان پوءِ هاڻي دنيا ۽ آخرت جي ٻي ڪهڙي نعمت رهجي وڃي ٿي جيڪا گُهري وڃي!)

تجھ سے تُجھی کو مانگ کر مانگ لی ساری کائِنات
مجھ سا کوئی گدا نہیں، تجھ سا کوئی سَخی نہیں

جڏهن حضرتِ سيّدُنا ربيعه بن ڪعب اسلمي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جنّت جي رفاقت (يعني پاڙو) طلب ڪري چُڪا ۽ وڏيڪ ڪنهن حاجت جي طلب کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ تي سرڪارِ ابدِ قرار، باذن پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:"فَاَعِنِّيْ عَلٰى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْد" يعني پنهنجي نفس مٿان سجدن جي ڪثرت (يعني زياده نفلن) ذريعي منهنجي مدد ڪر. (صحيح مسلم ص 253 حديث 489)

(يعني اسان توهان کي جنّت تہ عطا ڪري ئي ڇڏي هاڻي توهان ٻہ شڪراني جي طور تي نوافل جي ڪثرت ڪندا رهو.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو چاهيو گهري وٺو!

سبحن الله! سبحن الله! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! هن حديثِ مبارڪ تہ ايمان ئي تازو ڪري ڇڏيو. حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرار قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحب معطر پسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بنا ڪنهن تَقْيِيْد وتَخْصِيص مُطْلَقاً فرمائڻ، سَلّ؟ يعني گُهر ڇا ٿو گهرين؟ هن ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ سمورا ئي مُعاملات سَرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ ۾ آهن، جيڪو چاهين، جنهن کي چاهين، پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان عطا ڪري ڇڏين. علامہ بوصيري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه **قصيده برده شريف** ۾ فرمائن ٿا.

فَاِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَهَا وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

يعني: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۽ آخرت اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي سخاوت جو حصو آهي ۽ لوح و قلم جو علم تہ اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علوم مبارڪ جو هڪ حصو آهي.

اگر خيريتِ دُنيا و عُقبٰی آرزُوداری
بَدَرْ گاهَش بيَادِ هرچہ مَنْ خواهی تمنّا کن

يعني دنيا ۽ آخرت جي پلائي چاهيو ٿا تہ هن آستانِ عرش نشان تي اچو ۽ جيڪو چاهيو گهري وٺو.

(اشعة اللمعات ج1 ص 424 ، 425)

خالقِ کل نے آپ کو مالک کل بنادیا
دونوں جہان دے دیئے قبضہ و اِختیار میں

جنتي دروازو

حضرت سيّدُنا سهل بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، ماهِ نُبُوَّت، مهرِ رسالت، منبع جود و سخاوت، قاسمِ نعمت، سراپا رحمت، شافع امت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، ”بيشڪ جنّت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي رَيَّان چيو ويندو آهي ان مان قيامت جي ڏينهن روزيدار داخل ٿيندا انهن کان علاوه ڪوبه ٻيو داخل نه ٿيندو، چيو ويندو روزيدار ڪٿي آهن؟ پوءِ اهي بيهي رهندا انهن کان سواءِ ڪو ٻيو هن دروازي مان داخل نه ٿيندو. جڏهن اهي داخل ٿي ويندا ته دروازو بند ڪيو ويندو انهن کان پوءِ ڪوبه ان دروازي مان داخل نه ٿيندو.

(صحيح بخاري ج1 ص625 حديث 1896)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبحٰن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ روزيدارن جو به ڪيڏو سهڻو مقدر آهي! قيامت جي ڏينهن انهن جو خصوصي اعزاز ٿيندو. وڃڻو جنّت ۾ ئي آهي ٻيا خوش نصيب به قافلن جي صورت ۾ جنّت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا. پر روزيدار خصوصي طور تي ”بابُ الرَيّان“ مان جنّت ۾ داخل ٿيندا.

هڪ روزي جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا سلمه بن قيصر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، رسولن جي سالار، نبين جي سردار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، باذن پروردگار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي، جنهن به هڪ ڏينهن جو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ رکيو. الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيڏو هڪ

ڪانءُ، جيڪو پنهنجي ننڍپڻ ڪان اڏامڻ شروع ڪري ايتري تائين جو پوڙهو ٿي مري وڃي. (مسند ابي يعلىٰ ج 1 ص383 حديث 917)

ڪانوَ جي عمر

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪانءُ وڏي عمر ماڻڻ وارو پکي آهي. غُنْيَةُ الطَّالِبِين ۾ آهي، چيو وڃي ٿو، ”ڪانوَ جي عمر پنج سؤ سالن تائين ٿيندي آهي“.

ڳاڙهي ياقوت جو گهر

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان مروي آهي، نبي ڪريم، رؤفُ رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جو فرمانِ عظيم آهي،”جنهن رمضان جي مهيني جو هڪ روزو بہ خاموشي ۽ سُڪون سان رکيو، ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ڳاڙهي ياقوت يا سبز زمرد جو بڻايو ويندو.“ (مجمع الزوائد ج3 ص346 حديث 4792)

جسم جي زڪوٰة

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان مروي آهي، حضورِ پُرنُور، شافع يومُ النشور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي،”هر شيءِ جي لاءِ **زڪوٰة** آهي ۽ جسم جي **زڪوٰة** روزو آهي ۽ روزو اڌ صبر آهي“. (سنن ابن ماجه ج2 ص 347 حديث 1745)

سمهڻ بہ عبادت آهي

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن ابي اوفىٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي، مديني جي تاجوَر، دلبرن جي دلبر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُنوَّر آهي، ”**روزيدار** جو سمهڻ عبادت ۽ ان جي خاموشي تسبيح ڪرڻ ۽ ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول هوندو آهي.“

(شعب الايمان ج3 ص 415 حديث 3938)

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! روزيدار ڪيڏونہ بختور آهي جو سندس سمهڻ بندگي، خاموشي تسبيح خداوندي عَزَّوَجَلَّ، دعائون ۽ نيڪ عمل بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول آهن.

تیرے کرم سے اے کریم! کون سی شے ملی نہیں
جھولی ہماری تنگ ہے، تیرے یہاں کمی نہیں

عضون جو تسبيح ڪرڻ

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجي سرتاج، صاحب معراج صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:" جيڪو ٻانهو روزي جي حالت ۾ صبح ڪري ٿو، ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ ان جا عضوا **تسبيح** ڪندا آهن ۽ آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا (فرشتا) ان جي لاءِ سج لهڻ تائين **مغفرت** جي دعا ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن اهو هڪ يا ٻہ رڪعتون پڙهي ٿو تہ اهي آسمان ۾ ان جي لاءِ نور ٿي ويندیون آهن ۽ **حُورِعِين** (يعني وڏين اکين وارين حورن) مان ان جون گهرواريون چونديون آهن، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي اسان ڏانهن موڪلي ڏي، اسين سندس ديدار جي لاءِ تمام گهڻيون مُشتاق آهيون ۽ جيڪڏهن اهو لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ يا سُبحٰن الله يا اللهُ اَكْبَر پڙهي ٿو تہ ستر هزار فرشتا ان جو ثواب سج لهڻ تائين لکندا رهن ٿا. (شعب الايمان ج3 ص 299 حديث 3591)

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! روزيدار جا تہ پاڪ ئي پيلا آهن جو ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کُلن، ان جي

جسم جا عضوا الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح ڪن، آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا فرشتا سج لهڻ تائين ان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرن، نماز پڙهي تہ ان جي لاءِ آسمان ۾ روشني ٿئي ۽ حورِ عين يعني وڏين وڏين اکين واريون حورون جيڪي ان جي لاءِ مقرر ٿيون آهن اهي جنّت ۾ ان جي آمد جو انتظار ڪن. لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ يا سُبحٰن الله يا اللّٰهُ اَكْبَر چوي تہ ستر هزار فرشتا سج لهڻ تائين ان جو ثواب لکن.

جنتي ميوا

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، علـيُّ الْمرتضىٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪان روايت آهي، امام الصَّابرين، سيّد الشّاڪرين، سلطان الْمتوڪّلين، مُحِبُّ الْفُقراءِ والمساڪين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: ”جنهن کي روزي ڪائڻ يا پيئڻ ڪان روڪي ڇڏيو جنهن جي ان کي خواهش هئي تہ الله تعالى ان کي جنّتي ميون مان ڪارائيندو ۽ جنّتي شراب سان ڍؤ ڪرائيندو.“ (شعب الايمان ج3 ص410 حديث 3917)

سون جو دسترخوان

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڪان مروي آهي، مالڪِ جنّت، ساقيءِ ڪوثر، محبوبِ ربّ داور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُراثر آهي: ”قيامت واري ڏينهن روزيدارن جي لاءِ هڪ سون جو دستر خوان رکيو ويندو. جڏهن تہ ماڻهو (حساب ڪتاب جا) منتظر هوندا.“

(كنز العُمال ج8 ص214 حديث 23640)

ست قسمن جا اعمال

حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤفُ رحيم، محبوبِ

ربّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:" الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو اعمال ست قسمن جا آهن ۽ عمل واجب ڪرڻ وارا، ۽ن عملن جي جزا (انهن جي) مثل، هڪ عمل جي جزا پاڻ کان ڏهوڻ، هڪ عمل جي ست سؤ پيرن تائين ۽ هڪ عمل اهڙو آهي جو ان جو ثواب الله تعالى کان سواءِ ڪوبه نه ٿو ڄاڻي. پوءِ جيڪي به واجب ڪرڻ وارا آهن. (1) اهو شخص جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ مليو جو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت اخلاص سان اهڙي طرح ڪيائين جو ڪنهن کي ان جو شريڪ نه ڄاڻايائين ته ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويئي. (2) ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ مليو جو ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڄاڻايائين ته ان جي لاءِ دوزخ واجب ٿي وئي ۽ جنهن هڪ گناهه ڪيو ته ان جي مثل (يعني هڪ ئي گناهه جي) جزا ماڻيندو ۽ جنهن صرف نيڪيءَ جو ارادو ڪيو ته هڪ نيڪيءَ جي جزا ماڻيندو ۽ جنهن نيڪي ڪئي ته اهو ڏهن (نيڪين جو اجر) حاصل ڪندو ۽ جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو ته ان جي خرچ ڪيل هڪ درهم کي ست سؤ درهمن ۽ هڪ دينار کي ست سؤ دينارن ۾ وڌايو ويندو ۽ روزو الله تعالى جي لاءِ آهي ان جي رکڻ واري جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو به نه ٿو ڄاڻي."

(كنزالعمال ج 8 ص 211 حديث 23616)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جنهن جو ايمان تي خاتمو ٿيندو اهو يا ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان بي حساب يا مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ گناهن جو عذاب ٿيو تڏهن به آخرڪار يقيني طور تي جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽

جنهن جو (مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ) خاتمو ڪفر تي ٿيو تہ اهو هميشہ هميشہ دوزخ ۾ رهندو. جنهن هڪ گناهہ ڪيو ان کي هڪ ئي گناهہ جو بدلو ملندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! صرف **نيڪيءَ جي نيّت** ڪرڻ تي هڪ نيڪيءَ جو ثواب ۽ جيڪڏهن نيڪي ڪري ورتي تہ ثواب ڏهوڻ آهي، راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ واري کي بہ ست سؤ پيرا ۽ **روزيدار** جي بہ ڪيڏي زبردست عظمت آهي جو ان جي ثواب کي الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ نٿو ڄاڻي.

بي حساب اجر

حضرتِ سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا: ”قيامت جي ڏينهن هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هن طرح نِدا ڪندو، هر پوکڻ واري (يعني عمل ڪرڻ واري) کي ان جي پوک (يعني عمل) جي برابر اجر ڏنو ويندو سواءِ قرآن وارن (يعني قرآن جي عالمن) ۽ روزيدارن جي جو انهن کي بيحد ۽ **بي حساب اجر** ڏنو ويندو.“ **(شعب الايمان ج3 ص413 حديث 3928)**

منا منا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ جهڙو ڀج پوکيندؤ تهڙو ئي فصل لڻندؤ. علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ۽ روزيدار ڏاڍا نصيب وارا آهن جو قيامت جي ڏينهن انهن کي بي حساب ثواب سان نوازيو ويندو.

سائي (يرقان) کان صحت ملي وئي

روزن جي برڪتن ۾ واڌارو آڻڻ ۽ پنهنجي باطن کي علمِ دين سان اُجرو ڪرڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** کي اختيار ڪريو. پنهنجي اصلاح جي خاطر مڪتبة المدينه تان **مدني انعامات** جو

ڪاردِ حاصل ڪري ان کي ٻري پوءِ هر مدني مهيني جي 10 هين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي **دعوتِ اسلامي** جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان سنّتن ڀرئي سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. **مدني قافلي** جون به ڇا خوب بهارون آهن. جيئن ته حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي. گهڻو ڪري 1994ع جي ڳالهه آهي. منهنجي ٻارن جي ماءُ جو سائيءَ جو مرض (يعني يرقان) ڪافي وڌي ڇُڪو هو ۽ هوءَ بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيڪن وٽ زيرِ علاج هئي. مون 63 **ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ باب المدينه ڪراچي حاضري ٿي، فون تي رابطو ڪيم، طبيعت ڪافي ڳڻتيءَ جوڳي هئي، بلوربن (Blorbin) خطرناڪ حد تائين وڌي ڇُڪو هو تقريبًا 25 گلوڪوز جون ڊرپون لڳائڻ جي باوجود مناسب فائدو نه ٿيو. مون ڪين تسلي ڏيندي چيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ **مدني قافلي جو مسافر** آهيان، عاشقانِ رسول جون صحبتون مُيَسَّر آهن. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان سڀ ڪجهه بهتر ٿي ويندو. ان ڪان پوءِ به مون لڳاتار رابطو رکيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڏينهون ڏينهن صحت بهتر ٿيندي پئي ويئي. پنجين ڏينهن باب المدينه کان اڳتي سفر درپيش هو. مون جيئن ئي فون ڪئي ته مون کي هيءَ فرحت بخش خبر ٻُڌڻ لاءِ ملي، اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ **بلوربن جي رپورٽ نارمل آئي آهي ۽ ڊاڪٽر اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.** الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي مان خوشيءَ وچان **عاشقانِ رسول** سان

گڏ مدني قافلي ۾ وڃڻ اڳتي سفر تي روانو ٿي ويس.

زوجہ بیمار ہے، قرض کا بار ہے　　آؤ سب غم مٹیں، قافلے میں چلو
کالا ير قان ہے، کیوں پریشان ہے　　پائے گا صحّتیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جهنم کان دوري

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ رسولن جي سالار، نبين جي سردار، غيبن تي خبردار، بِاِذن پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُشڪبار آهي،”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ هڪ ڏينهن جو **روزو** رکيو الله عَزَّوَجَلَّ **ان جي چهري کي جهنّم کان ستر سالن جو مفاصلو پري ڪري ڇڏيندو.**　　(صحيح بخاري ج2 ص265 حديث 2840)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جتي روزو رکڻ جا بيشمار فضائل آهن اتي بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي، رمضان المبارڪ جو روزو ڇڏي ڏيڻ تي سخت وَعيدون (سزا جا واعدا) بہ آهن. **رمضان شريف** جو هڪ روزو جيڪو بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڄاڻي واڻي ضايع ڪري ڇڏي تہ هاڻي سڄي عمر بہ جيڪڏهن روزا رکندو رهي تڏهن بہ ان ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت کي حاصل نہ ڪري سگهندو. جيئن تہ

هڪ روزو ڇڏڻ جو نقصان

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جا مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن رمضان جي هڪ ڏينهن جو روزو بغير

مرض جي افطار ڪيو (يعني نہ رکيو) تہ زماني ۾ جا **روزا** بہ ان جي قضا نہ ٿي سگهندا. جيتوڻيڪ جو بعد ۾ رکي بہ وٺي“.

(صحيح بخاري ج1 ص638 حديث 1934)

يعني اها فضيلت جيڪا **رمضان المبارک** ۾ روزو رکڻ جي هئي هاڻي ڪهڙي طرح بہ حاصل نٿي ڪري سگهجي. تنهنڪري اسان کي هرگز هرگز غفلت جو شڪار ٿي رمضان جي روزي جهڙي عظيم الشّان نعمت نہ ڇڏڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو **روزو** رکي بغير صحيح مجبوريءَ جي، يَجي ڇڏيندا آهن. اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان خوب ڊڄن. جيئن تہ

اونڌا تڪيل ماڻهو

حضرتِ سيّدُنا ابواُمامہ باهلي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مون سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، سُرور قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻُڌو،” آءُ سُتو پيو هيس تہ خواب ۾ بہ شخص مون وٽ آيا ۽ مون کي هڪ دشوار گذار (يعني ڏکئي رستن واري) پهاڙ تي وٺي ويا جڏهن مان پهاڙ جي وِچئين حصي تي پهتس تہ اتي وڏا سخت آواز اچي رهيا هئا، مون چيو، ”هي ڇا جا آواز آهن؟ “تنهن تي مون کي ٻُڌايو ويو تہ هي جهنّمين جا آواز آهن. پوءِ مون کي اجان اڳتي نِيو ويو **تڏهن مان ڪجهہ اهڙن ماڻهن وٽان گذريس جو انهن کي سندن پيڏيُن جي رڳن ۾ ٻَڌي ڪري (اونڌو) ٽنگيو ويو هو ۽ انهن جون ڄاڙيون چيريون ويون هيون جن مان رت وهي رهيو هو.** مون پُڇيو،”هي ڪير آهن؟“تڏهن مون کي ٻُڌايو ويو تہ هي روزو

افطار ڪندا هئا ان ڪان پهريان جو روزو افطارڪرڻ حلال ٿئي.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان ج9ص 286 حديث 7448)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! رمضان جو **روزو** بنا شرعي اجازت جي ٽوڙي ڇڏڻ تمام وڏو گناهه آهي. وقت ڪان پهريان افطار ڪرڻ مان مُراد هي آهي جو **روزو** ته رکيو پر سج لهڻ ڪان پهريان پهريان ڄاڻي واڻي ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي بغير ٽوڙي ڇڏيو. هن حديثِ پاڪ ۾ جيڪو عذاب بيان ڪيو ويو آهي، اهو **روزو** رکي ٽوڙي ڇڏڻ واري جي لاءِ آهي ۽ جيڪو بنا شرعي عذر جي **رمضان جو روزو** ڪونه ٽو رکي اهو به سخت گناهگار ۽ عذابِ نار (جهنّم) جو حقدار آهي. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب ڪان بچائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ٿي بدبخت مدينا

حضرتِ سيّدُنا جابر بن **عبدالله** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڪان مروي آهي، تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب وسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي:”جنهن **ماهِ رمضان** کي ماڻيو ۽ ان جا **روزا** نه رکيا اهو شخص شقي (يعني بدبخت) آهي. جنهن پنهنجي والدين يا ڪنهن هڪ کي ڏٺو ۽ انهن سان سهڻو سلوڪ نه ڪيو اهو به شَقي (يعني بدبخت) آهي ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نه پڙهيو اهو به شقي (يعني بدبخت) آهي.“

(مجمع الزوائد ج3 ص340 حديث 4773)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ان شخص جو نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ منهنجو ذڪر ڪيو ويو تہ ان منهنجي مٿان درود شريف نہ پڙهيو ۽ ان شخص جو نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي جنهن تي رمضان جو مهينو داخل ٿيو پوءِ ان جي مغفرت ٿيڻ کان پهريان گذري ويو. ۽ ان ماڻهوءَ جو نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ ان جي والدين پوڙهائپ ماڻي ۽ ان جي والدين کيس جنّت ۾ داخل نہ ڪيو. (يعني پوڙهي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري جنّت حاصل نہ ڪري سگهيو) (مسند احمد ج3 ص61 حديث 7455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

روزي جا ٽي درجا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جو جيتوڻيڪ ظاهري شرط اهو آهي تہ روزيدار ڄاڻي واڻي کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان پري رهي. اهڙيءَ طرح روزي جا ڪجهہ باطني آداب بہ آهن جن جو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ جيئن حقيقي معنيٰ ۾ اسان روزي جون برڪتون حاصل ڪري سگهون. سو روزي جا ٽي درجا آهن.

(1) عوام جو روزو (2) خواص جو روزو (3) اخص الخواص جو روزو

(1) عوام جو روزو

روزي جي لغوي معنيٰ آهي: ”رڪجڻ“ انهيءَ ڪري شريعت جي اصطلاح ۾ صبح صادق (يعني پرهہ ڦٽيءَ) کان وٺي سج لهڻ تائين ڄاڻي واڻي کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان ”رُڪيل رهڻ“ کي روزو چئبو آهي ۽ اهو ئي عوام يعني عام ماڻهن جو روزو آهي.

(2) خواص جو روزو

ڪائڻ پيئڻ ۽ جماع کان رڪيل رهڻ سان گڏوگڏ جسم جي تمام عضون کي بُرائين کان ”روڪڻ“ **خواص** يعني خاص ماڻهن جو روز آهي.

(3) اخص الخواص جو روزو

پنهنجو پاڻ کي تمام معاملن کان ”روڪي“ ڪري صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف متوجهه ٿيڻ، هي **اخصُّ الْخواص** يعني خاص الخاص ماڻهن جو روزو آهي.

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ضرورت هن ڳالهه جي آهي جو ڪاڏي پيتي وغيره کان ”رُڪيل رهڻ“ سان گڏوگڏ پنهنجي بدن جي سيني عضون کي به روزي جو پابند بڻايو وڃي.

داتا صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ارشاد

حضرتِ سيّدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”روزي جي حقيقت ”رڪجڻ“ آهي ۽ رڪيل رهڻ جا گهڻائي شرط آهن مثلاً: **معدي** کي ڪائڻ پيئڻ کان روڪي رکڻ، **اک** کي بُري نظر کان روڪي رکڻ، **ڪن** کي غيبت ٻُڌڻ، **زبان** کي فضول ۽ فتني واريون ڳالهيون ڪرڻ ۽ **جسم** کي حڪمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي مخالفت کان روڪي رکڻ ”**روزو**“ آهي. جڏهن ماڻهو انهن سيني شرطن جي پيروي ڪندو، تڏهن اهو **حقيقي طور تي روزيدار** ٿيندو.

(ڪشف المحجوب ص354 ، 353)

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان جا اڪثر اسلامي ڀائر **روزي** جي آداب جو بلڪل ئي لحاظ ناهن ڪندا اهي رُڳو ”بُڪايل ۽

اُجارو“ رهڻ کي ئي وڏي بهادري تصوُّر ڪندا آهن. **روزو** رکي ڪري بيشمار اهڙا ڪم ڪندا آهن جيڪي شريعت جي خلاف هوندا آهن. ائين فقهي اعتبار کان روزو ٽي ته ويندو. پر اهڙو روزو رکڻ سان روحاني ڪيف ۽ سُرور حاصل نه ٿي سگهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

روزو رکي ڪري به گناهه! توبهه! توبهه!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدارا عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي هيٺي حال تي ترس کائيندا ۽ غور فرمائيندا ته روزيدار هن مهيني ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي جڏهن ته هي کائڻ پيئڻ ان کان اڳ ڏينهن جي وقت به بلڪل جائز هيو. سو پاڻ ئي سوچيندا ته جيڪي شيون رمضان شريف کان پهريان حلال هيون. اهي به جڏهن هن مبارڪ مهيني جي مقدس ڏهاڙن ۾ منع ڪيون ويون ته جيڪي شيون **رمضان شريف** کان پهريان به حرام هيون، مثال طور: ڪوڙ، غيبت، چُغلي، بدگماني، گارگند، فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ، والدين کي ستائڻ ، بنا شرعي اجازت جي ماڻهن جي دل ڏکائڻ وغيره اهي رمضان المبارڪ ۾ ڇو نه اجان به وڌيڪ حرام ٿي ويندیون؟ روزيدار جڏهن رمضان شريف ۾ حلال ۽ پاڪ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏئي ٿو، حرام ڪم ڇو نه ڇڏي؟ هاڻي ٻُڌايو! جيڪو شخص پاڪ ۽ حلال کائڻ پيئڻ ته ڇڏي ڏئي پر حرام ۽ جهنّم ۾ وڃڻ وارا ڪم بدستور (يعني اڳ جيان) جاري رکي. اهو ڪهڙي قسم جو روزيدار آهي؟

الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪابہ ضرورت ڪانهي

ياد رکو! سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي،”جيڪو بُري ڳالهہ چوڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نہ ڇڏي تہ ان جي بُڪايل ۽ اُجارو رهڻ جي الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪابہ ضرورت ڪانهي.“ **(صحيح بخاري ج1 ص 628 حديث 1903)**

هڪ ٻي جاءِ تي فرمايائون،”رُڳو ڪائڻ ۽ پيئڻ ڪان پري رهڻ جو نالو **روزو** ناهي بلڪہ **روزو** تہ هي آهي جو واهيات ۽ بيڪار ڳالهين ڪان بچيووجي.“ **(مستدرک للحاکم ج2 ص67 حديث1611)**

مان روزيدار آهيان

مطلب هي تہ روزيدار کي گهرجي تہ هُو روزي ۾ جتي ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ٿو ڏئي، اتي ڪوڙ غيبت، چُغلي، بدگماني، الزام تراشي ۽ بد زباني وغيره گناهہ بہ ڇڏي ڏئي. هڪ جاءِ تي حضور سراپا نُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان سان جيڪڏهن ڪو جهيڙو ڪري، گار ڏئي تڏهن توهان ان کي چئي ڏيو تہ آءُ **روزي سان آهيان.** **(الترغيب والترهيب ج1 ص87 حديث 1)**

روزو توسان ڪو ليندس

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ تہ مُعاملو ئي ابتڙ ٿي ويو آهي يعني جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان وڙهي بہ پوي ٿو تہ هُو گجگوڙ ڪري هيئن چوندو آهي.”چپ ٿي وڃ! نہ تہ ياد رکجانءِ مان روزي سان آهيان ۽ **روزو توسان ئي ڪوليندس“** يعني توکي ڪائي ڇڏيندس. (مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ) توبهہ! توبهہ! اهڙي قسم جي ڳالهہ هرگز زبان مان نہ نڪرڻ گهرجي بلڪہ عاجزيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. انهن سموري آفتن ڪان

اسين رُڳو انهيءَ صورت ۾ بچي سگهون ٿا جو پنهنجي **عضون کي روزي جو پابند** ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

عضون جي روزن جي تعريف

عضون جو روزو يعني ”جسم جي سيني حصن کي گناهن کان بچائڻ“ هي رُڳو **روزي** جي لاءِ ئي مخصوص ناهي پر سڄي زندگي انهن عضون کي گناهه کان بچائڻ ضروري آهي ۽ هي تڏهن ئي ممڪن آهي جو اسان جي دلين ۾ **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ مضبوط ٿي وڃي. آهه! قيامت جي ان هوش وجائيندڙ منظر کي ياد ڪيو جڏهن هر طرف ”نفسي نفسي“ جو عالم هوندو، سج باهه وسائي رهيو هوندو. زبانون اُڃ جي شدت سبب وات کان ٻاهر نڪتل هونديون. زال، مڙس کان، ماءُ، پنهنجي لختِ جگر کان ۽ پيءُ پنهنجي نورِ نظر کان نظر بچائي رهيو هوندو، ڏوهارين کي پڪڙي پڪڙي ڪري آندو ويندو. سندن وات تي مهر لڳائي ويندي ۽ انهن جا عضوا سندن گناهن جو داستان بُڌائي رهيا هوندا جنهن جو قرآن پاڪ جي ”سُوْرَةُ يٰسٓ“ ۾ هيئن تذڪرو ڪيو ويو آهي:

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰۤى اَفْوَاهِهِمْ وَ تُكَلِّمُنَاۤ اَيْدِيْهِمْ وَ تَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۶۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اڄ اسان انهن جي وات تي مهر هڻي ڇڏينداسين ۽ انهن جا هٿ اسان سان ڳالهيون ڪندا ۽ انهن جا پير انهن جي ڪمن جي شاهدي ڏيندا.

آهه! اي ڪمزور ۽ لاچار اسلامي ڀائرو! قيامت جي ان ڏکئي وقت کان پنهنجي دل کي ڏيڃاريو ۽ هر وقت پنهنجي بدن جي سيني

عضون کي معصيت (يعني گناهن) جي مصيبت کان پري رکڻ جي ڪوشش جاري رکو. هينئر عضون جي روزي جو تفصيل پيش ڪيو وڃي ٿو.

اک جو روزو مدينا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اک جو روزو هن طرح رکڻ گهرجي جو اک جڏهن به کڇي ته صرف ۽ صرف جائز ڪمن ڏانهن ئي کڇي. اک سان مسجد ڏسو، قرآن مجيد ڏسو، مزاراتِ اوليا رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي زيارت ڪريو ۽ علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عِظام رَضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن ۽ الله تبارڪ و تعالی جي نيڪ ٻانهن جو ديدار ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ ڏيکاري ته ڪعبهءِ معظمه جا انوار ڏسو، مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جون سُرهاڻ پريون گهٽيون ۽ اتان جون واديون ۽ ڪوهستان ڏسو، مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جا در ۽ ديوار ڏسو، سبز سبز گنبد ۽ مينار ڏسو، مني مني مديني جا ريگستان ۽ گلزار ڏسو، سونهري ڄارين جا انوار ڏسو، جنّت جي پياري پياري باغيچي جي بهار ڏسو. تاجدارِ اهلسنّت حضور مفتيءِ اعظم هند سيّدُنا محمد مصطفیٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪن ٿا.

کچھ ایسا کردے مرے کردگار آنکھوں میں ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں
انہیں نہ دیکھا تو کس کام کی ہیں یہ آنکھیں کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار آنکھوں میں
(سامانِ بخشش شریف)

پيارا روزيدارو! اک جو روزو رکو ۽ ضرور رکو بلڪ **اک جو روزو** ته ڊبل ٻارنهن ڪلاڪ، ٽيهه ئي ڏينهن ۽ ٻارنهن مهينا هجڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل اکين سان هرگز هرگز **فلم** نه ڏسو،

ڊراما نہ ڏسو، نامحرم عورتن کي نہ ڏسو، بُري نظر سان **امردن** (يعني خوبصورت ڇوڪرن) کي نہ ڏسو، ڪنهن جي اوگهڙ نہ ڏسو، بلڪ بغير ضرورت جي پنهنجي اوگهڙ بہ نہ ڏسو. اللهعَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪرڻ وارا **کيل تماشا**، مثال طور: رچ ۽ باندر جو ناچ وغيره نہ ڏسو، (انهن کي نچائڻ ۽ ناچ ڏسڻ ٻئي ناجائز آهن) ڪرڪيٽ، ڪوڏي ڪوڏي (وَنجهوَتي)، فٽبال، هاڪي، تاس، شطرنج، وڊيو گيمز، ٽيبل فٽبال وغيره وغيره راندين نہ ڏسو. (جڏهن ڏسڻ جي اجازت ناهي تہ کيڏڻ جي اجازت ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿي؟ ۽ انهن ۾ ڪجهہ راندين تہ اهڙيون آهن جيڪي نيڪر يا چڊي پائي کيڏين وڃن ٿيون. جن جي سبب گوڏا بلڪ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ رانُون بہ ڪُليل رهنديون آهن ۽ اهڙيءَ ريت ٻين جي آڏو رانُون يا گوڏا کليل رکڻ گناهہ آهي ۽ ٻين کي ان طرف نظر ڪرڻ بہ گناهہ) ڪنهن جي گهر ۾ بغير اجازت جي نہ واجهايو، ڪنهن جو **خط** يا چٺي (شرعي اجازت جي بغير) نہ ڏسو، ڪنهن جي **ڊائريءَ** جي تحرير بہ بغير اجازت جي نہ ڏسو ۽ **ياد رکو**! حديثِ پاڪ ۾ آهي،"جيڪو پنهنجي ٻاءَ جي خط کي بغير اجازت جي ڏسي ٿو جڻ تہ اهو باهہ ۾ ڏسي ٿو."

(مستدرک للحاکم ج5 ص 384 حديث 7779)

اٹھے نہ آنکھ کبھی بھی گناہ کی جانب — عطا کرم سے ہو ایسی ہمیں حیا یارب!
کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور — سنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یارب

دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی
بس ان کے جلووں میں آجائے پھر قضا یارب

ڪن جو روزو

ڪنن جو روزو هي آهي تہ مُرڳو جائز ڳالهيون ٻُڌن. مثال طور: **ڪنن** سان تلاوت ۽ نعت ٻُڌو، سنّتن ڀريو بيان ٻُڌو، اذان و اقامت ٻُڌو. ٻُڌي جواب ڏيو، هرگز هرگز دهل، باجا ۽ موسيقي نہ ٻُڌو، گانا ۽ نغما ۽ فضول يا واهيات لطيفا نہ ٻُڌو، ڪنهن جي غيبت نہ ٻُڌو، ڪنهن جي چُغلي نہ ٻُڌو، ڪنهن جا عيب هرگز نہ ٻُڌو، ۽ جڏهن ٻہ ماڻهو لِڪي ڪري ڳالهہ ڪن تہ ڪن لڳائي نہ ٻُڌو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"جيڪو شخص ڪنهن قوم جون ڳالهيون ڪن لڳائي ٻُڌي ۽ اهي هن ڳالهہ کي ناپسند ڪندا هجن تہ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وڌو ويندو.“**

(المعجم الكبير ج11 ص 198)

سنیں نہ فُحش کلامی نہ غیبت و چغلی　　تِری پسند کی باتیں فقط سنا یا ربّ
اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر　　کروں گا کیا جو تو ناراض ہو گیا یا ربّ

رسولِ پاک اگر مسکراتے آجائیں
تو گورِ تیرہ میں ہو جائے چاندنا یا ربّ

زبان جو روزو

زبان جو روزو هي آهي جو **زبان** مُرڳو نيڪ ۽ جائز ڳالهين جي لاءِ ئي حرڪت ۾ اچي، مثال طور: **زبان** سان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريو، ذڪر و درود جو ورد ڪريو، نعت شريف پڙهو، درس ڏيو، سنّتن ڀريو بيان ڪريو، نيڪيءَ جي دعوت ڏيو، سنيون سنيون ۽ پياريون پياريون ديندارياءَ واريون ڳالهيون ڪريو. فُضول "بَڪ بَڪ" کان بچندا رهو. خبردار! گارگند، ڪوڙ، غيبت، چُغلي وغيره سان زبان ناپاڪ نہ ٿيڻ گهرجي

جو ”چمچو جيڪڏهن نجاست ۾ وِڌو وڃي تہ هڪ ٻہ گلاس پاڻيءَ سان پاڪ ٿي ويندو پر زبان بي حيائيءَ جي ڳالهين سان ناپاڪ ٿي ويئي تہ ان کي ست سمنڊ بہ نہ ڌوئي سگهندا.“

زبان جي بي احتياطيءَ جون تباهڪاريون

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي هڪ ڏينهن روزو رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ ارشاد فرمايائون:”جيستائين مان توهان کي اجازت نہ ڏيان، توهان مان ڪو بہ افطار نہ ڪري“. ماڻهن روزو رکيو. جڏهن شام ٿي تہ تمام صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان هڪ هڪ ڪري خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪندا رهيا،” يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان روزي سان رهيس. هاڻي مون کي اجازت ڏيو تہ جيئن مان روزو کولي ڇڏيان.“ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين اجازت عطا فرمائيندا رهيا هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حاضر ٿي عرض ڪيو. آقا! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي گهروارن مان ٻہ نوجوان ڇوڪريون بہ آهن جن روزو رکيو ۽ اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ اچڻ کان شرمائن ٿيون. کين اجازت ڏيو تہ جيئن اهي بہ روزو کولين.“ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کانئن رخ انور ڦيري ڇڏيو. انهن ٻيهر عرض ڪيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري بہ چهرو انور ڦيري ڇڏيو. جڏهن ٽئين ڀيري انهن ڳالهہ ورجائي تہ غيب دان رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايو: ”انهن ڇوڪرين **روزو** نہ رکيو اهي ڪهڙيون روزيدار آهن؟ اهي تہ سڄو ڏينهن ماڻهن جو گوشت کائينديون رهيون! وجو انهن ٻنهي کي حڪم ڏيو تہ اهي جيڪڏهن روزيدار آهن تہ الٽي ڪري ڇڏين.“ اهي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن وٽ تشريف وني ويا ۽ کين **فرمانِ شاهي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌايو. انهن ٻنهي الٽي ڪئي، تہ الٽي ۾ رت ۽ ڇڇڙا نڪتا. ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ واپس حاضر ٿي صورتحال عرض ڪئي. **مدني آقا** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ” ان ذات جو قسم! جنهن جي قدرت جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن هي انهن جي پيٽ ۾ باقي رهي ها تہ انهن ٻنهي کي باهہ کائي ها. “ (ڇو تہ انهن غيبت ڪئي هئي.) **(الترغيب و الترهيب ج3 ص328 حديث 15)**

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ جڏهن سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابيءَ کان منهن ڦيريو تہ اهي سامهون آيا ۽ عرض ڪيائون،” **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ٻئي فوت ٿي چُڪيون آهن يا چيائون تہ اهي ٻئي مرڻ جي ويجهو آهن.“ **سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حڪم فرمايو،” انهن ٻنهي کي مون وٽ وني اچو. اهي ٻئي حاضر ٿيون. **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ پيالو گهرايو ۽ انهن مان هڪ کي حڪم فرمايائون، هِن ۾ الٽي ڪريو! ان رت ۽ پونءِ واري الٽي ڪئي، ايسيتائين جو پيالو ڀرجي ويو. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيءَ کي حڪم ڪيو تہ توهين ٻہ هن ۾ الٽي ڪريو. ان ٻہ اهڙي ئي الٽي ڪئي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**هنن ٻنهي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي حلال ڪيل شين** (يعني ڪائڻ پيئڻ وغيره) **کان تہ روزو رکيو پر جن شين کي الله** عَزَّوَجَلَّ (روزي ڪانسواءِ) **حرام رکيو انهن حرام شين سان روزو افطار ڪري ڇڏيو.** ٿيو هيئن تہ هڪ ڇوڪري ٻي ڇوڪريءَ وٽ ويهي رهي ۽ ٻئي ملي ڪري ماڻهن جو گوشت کائڻ لڳيون. (يعني ماڻهن جي غيبت ڪرڻ لڳيون)[1] (الترغيب والترهيب ج2 ص95 حديث 8)

مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم جو علم غيب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان روشن ڏينهن جيان واضح ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اسان جي مني مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب حاصل آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي غلامن جا تمام مُعاملا معلوم ٿي ويندا آهن. تڏهن تہ انهن ڇوڪرين جي باري ۾ مسجد شريف ۾ ويني ويني **غيب جي خبر** ارشاد فرمائي ڇڏيائون. هن حڪايت مان هي بہ خبر پيئي تہ غيبت ۽ ٻين گناهن جو ارتڪاب ڪرڻ سان سڌوسنئون ان جو اثر **روزي** تي بہ پئجي سگهي ٿو. جنهن جي سبب کان **روزي** جي تڪليف ناقابل برداشت ٿي سگهي ٿي. بهرحال روزو هجي يا نہ هجي هر حال ۾ **زبان** کي قابو ۾ ئي رکڻ گهرجي نہ تہ هي اهڙا ٻول ٻوليندي جو توبهہ! جيڪڏهن هنن **ٽن اصولن** کي آڏو رکيو وڃي تہ اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ وڏو نفعو حاصل ٿيندو: (1) بُري ڳالهہ چوڻ هر حال ۾ بُرو آهي (2) فضول ڳالهہ کان خاموشي

[1] مڪتبة المدينه جي طرفان شايع ڪيل منفرد رسالو” غيبت جون تباهہ ڪاريون“ (46 صفحات) پڙهو. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ غيبت جهڙي گناهِ ڪبيره کان ويتر بچڻ جو ذهن ٺهندو.

افضل آهي. (3) سنئي ڳالهه ڪرڻ خاموشيءَ کان بهتر آهي.

مری زبان پہ قفلِ مدینہ لگ جائے فُضُول گوئی سے بچتا رہوں سدا یارب!
کریں نہ تنگ خیالاتِ بد کبھی کردے شُعُور وفکر کو پاکیزگی عطا یا ربّ!
بَوَقتِ نَزع سلامت رہے مرا ایماں مجھے نصیب ہو کلِمہ ہے التجاء یارب!

هٿن جو روزو

هٿن جو روزو هي آهي تہ جڏهن بہ هٿ اٿن رُڳو نيڪ ڪمن جي لاءِ اُٿن مثال طور: پاڪائيءَ سان قرآن شريف کي هٿ لڳايو، نيڪ ماڻهن سان هٿ ملايو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن (يعني هٿ ملائن) ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان اڳ ۾ بنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلىٰ ج 3 ص 95 حديث 2951)

ٿي سگهي تہ ڪنهن يتيم جي مٿي تي شفقت سان هٿ ڦيريو جو هٿ جي هيٺان جيترا وار ايندا هر وار جي عيوض هڪ هڪ نيڪي ملندي. (ٻارڙو يا ٻارڙي ان وقت تائين يتيم آهن جيستائين نابالغ آهن جيئن ئي بالغ ٿيا يتيم نہ رهيا. ڇوڪرو ٻارهن کان پندرهن سالن جي وچ ۾ بالغ ٿيندو آهي ۽ ڇوڪري نَوَنِ کان پندرهن سالن جي وچ ۾ بالغ ٿيندي آهي) خبردار! ڪنهن تي ظلم ڪرڻ لاءِ هٿ نہ اُٿن، **رشوت** ڏيڻ وٺڻ جي لاءِ نہ اٿن، نہ ڪنهن جو مال **چورائين**، نہ **تاس** کيڏن، نہ لغڙ اڏارين، نہ ڪنهن **نامَحرم عورت** سان مصافحو ڪن. (بلڪہ شهوت جو انديشو هجي تہ "**اَمْرَد**" (يعني خوبصورت ڇوڪر) سان بہ هٿ نہ ملايو، سندس دل آزاري نہ ٿئي اهڙيءَ طرح حڪمت عمليءَ سان لنوائي وجو.)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ!
کہیں کا مجھ کو گناہوں نے اب نہیں چھوڑا عذابِ نار سے بہرِ نبی بچا یاربّ!
الٰہی ایک بھی نیکی نہیں ہے نامے میں
فقط ہے تیری ہی رحمت کا آسرا یاربّ

پيرن جو روزو

پيرن جو روزو هي آهي جو پير اٿن تہ رُڳو نيڪ ڪمن جي لاءِ اٿن. مثال طور: پير هلن تہ مسجدن جي طرف هلن، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مزارن جي طرف هلن، عالمن ۽ صالحن جي زيارت لاءِ هلن، سنّتن پرئي اجتماع جي طرف هلن، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ هلن، سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ هلن، نيڪ صحبتن جي طرف هلن، ڪنهن جي مدد جي لاءِ هلن، **ڪاش! مڪهءِ مڪرمه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي طرف هلن، منيٰ ۽ عرفات ۽ مزدلفہ هلن، طواف ۽ سعي ۾ هلن، هرگز هرگز سينيما گهرن جي طرف نہ هلن، ڊراما گاهن جي طرف نہ هلن، بُرن دوستن جي مجلسن جي طرف نہ هلن، شطرنج، لوڊو، تاس، ڪرڪيٽ، فٽ بال، وڊيو گيمز، ٽيبل فٽبال وغيره وغيره راندين کيڏڻ يا ڏسڻ جي طرف نہ هلن، ڪاش! پير ڪڏهن تہ ائين بہ هلن جو بس مدينو ئي مدينو چَپن تي هجي ۽ سفر بہ مديني جو هجي.

رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یاربّ!
مدینے جائیں پھر آئیں دوبارہ پھر جائیں اِسی میں عمر گزر جائے یا خدا یاربّ!
بقیعِ پاک میں مدفَن نصیب ہو جائے
برائے غوث و رضا مرشدی ضیا یاربّ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي حقيقي معنيٰ ۾ روزي جون برڪتون ته انهيءَ وقت نصيب ٿينديون جڏهن اسين سيني عضون جو روزو رکنداسين. ٻئي صورت ۾ ٻُک ۽ اڃ کانسواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو جيئن ته حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: ”ڪيترائي روزيدار اهڙا آهن جو کين سندن روزي مان ٻُک ۽ اڃ کان سواءِ ڪجهه به حاصل ناهي ٿيندو ۽ ڪيترائي قيام (راتين جو جاڳي نمازون ادا ڪرڻ) ڪرڻ وارا اهڙا آهن جو کين سندن قيام مان جاڳڻ کانسواءِ ڪجهه حاصل ناهي ٿيندو. (سنن ابن ماجه ج2 ص 320 حديث 1690)

يعني ڪجهه ماڻهو روزو ته رکندا آهن پر پنهنجي عضون کي جيئن ته بُراين کان ناهن بچائيندا ان لاءِ کين روزي جي نورانيت ۽ ان جي اصل روح کان محرومي ئي رهندي آهي. گڏوگڏ جيڪي ماڻهو هروڀرو رات جاڳي گپ شپ لڳائيندا آهن. انهن کي وقت، صحت، ۽ آخرت جي نقصان کان سواءِ ڪجهه به هٿ ناهي ايندو.

K.E.S.C. ۾ نوڪري ملي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي نورانيّت ۽ روحانيّت حاصل ڪرڻ ۽ مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو. سُبحٰن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول، سنّتن ڀرئي اجتماعات ۽ مدني قافلن جون به ڇا خوب بهارون ۽ برڪتون آهن. جيئن ته اورنگي ٽائون (بابُ

المدينه ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءَ پنهنجي مدني ماحول ۾ اچڻ ۽ روزگار جو سلسلو حاصل ڪرڻ جو واقعو ڪجهه هن طرح ٻُڌايو: 2003.06.19 تي هڪ اسلامي ڀاءَ جي دعوت ڏيڻ تي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي طرف رخ ٿيو پر پابندي نه هئي. بي روزگاريءَ جي سبب پريشاني هئي، هڪ اسلامي ڀاءَ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مون **مدني قافله ڪورس** جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ داخلا ورتي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جي صحبتن ۽ برڪتن مون گناهگار تي مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو ۽ جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ڇڏيو. **مدني قافله ڪورس** پورو ڪرڻ جي ٻئين يا ٽئين ڏينهن ڪجهه دوستن ٻُڌايو تہ **K.E.S.C.** کي ملازمن جي ضرورت آهي، اسان بہ درخواستون جمع ڪرايون آهن، توهان بہ ڪرائي ڇڏيو. مون عرض ڪيو، اڃڪلهہ رُڳو درخواستن تي ڪٿي! سفارش (بلڪ رِشوتن) تي نوڪرين جي ترڪيب بڻجندي آهي! پاڻ وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي. آخرڪار سندن اصرار تي مون "**درخواست**" جمع ڪرائي ڇڏي. شروع ۾ تحريري ٽيسٽ پوءِ انٽرويو کان پوءِ ميڊيڪل ٽيسٽ ٿي. بيشمار اثر رسوخ وارين درخواستن جي باوجود مان واحد اهڙو هئس جو هر جڳهہ ڪامياب رهيس! فائينل انٽرويو ۾ گهروارن زور ڀريو تہ پينٽ شرٽ پائي وڃو پر مان تہ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان انگريزي لباس پهرڻ ڇڏي ڇُڪو هئس. تنهن ڪري اڇي لباس ۾ ئي پهچي ويس. آفيسر **مذهبي حُليو** ڏسي ڪري مون کان ڪجهہ اسلامي معلومات جا سوال ڪيا. جن جا مون آسانيءَ سان جواب ڏئي ڇڏيا ڇوتہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون اهي سڀ **مدني**

قافله ڪورس ۾ سڪيا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن سفارش ۽ رِشوت ڪانسواءِ مون کي ملازمت ملي ويئي. اسان جا گهر وارا **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافله ڪورس ۽ مدني ماحول جي برڪت ڏسي ڪري حيران رهجي ويا ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جا مُحب بڻجي ويا. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان دعوتِ اسلامي جي **علائقائي مُشاورت** جي خادم (نگران) جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ **سنّتن** جي خدمت ڪري رهيو آهيان ۽ **مدني انعامات** ۽ مدني قافلن جون ڏومون مچائي رهيو آهيان.

نوکری چاہیئے ،آیئے آیئے　　قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو
تنگدستی مٹے،دورآفت ہٹے　　لینے کو برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

روزي جي نيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي لاءِ به اهڙيءَ طرح **نيّت** شرط آهي جهڙيءَ طرح نماز **زڪوٰة** وغيره جي لاءِ. تنهن ڪري "**روزي جي نيّت ڪانسواءِ**" جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ صبح صادق (يعني ڀرهه ڦُٽيءَ) کان وٺي سج لهڻ تائين بلڪل نه ڪائي پيئي تڏهن به ان جو روزو نه ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 331) **رمضان شريف** جو روزو هجي يا نفل يا نذرِمُعَيَّن جو روزو يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن مخصوص ڏينهن جي **روزي** جي باس باسي هجي مثال طور: پاڻ ٻُڌي سگهي ايتري آواز سان هيئن چيو هجي ته " آءُ هن سال ربيع النور شريف جي هر سومر شريف جو روزو رکندس". ته هي **نذرِ مُعَيَّن** (يعني مقرر ڪيل باس) آهي ۽ هن باس جو پورو ڪرڻ واجب ٿي ويو. هنن ٽنهي قسمن جي

روزن جي لاءِ سج لهڻ کان وٺي "نصفُ النّهار شرعي" (ان کي ضحوهءِ ڪُبريٰ ۽ چوندا آهن) کان پهريان پهريان تائين جڏهن ۽ نيّت ڪري وٺو تہ روزو ٿي ويندو. (ردالمحتار ج3 ص 332)

نِصف النّهار شرعِي جو وقت معلوم ڪرڻ جو طريقو

شايد توهان جي ذهن ۾ هي سوال ايري رهيو هوندو تہ **نصفُ النّهار** شرعي جو وقت ڪهڙو آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ جنهن ڏينهن جو **نصفُ النّهار** شرعي معلوم ڪرڻو هجي ان ڏينهن جي صبح صادق کان وٺي سج لهڻ تائين جي وقت جو اندازو لڳايو ۽ ان سڄي وقت جا ٻہ حصا ڪري ڇڏيو، پهريون اڌ حصو ختم ٿيندي ئي "**نصفُ النّهارشرعي**" جو وقت شروع ٿي ويو. مثال طور: اڄ صبح صادق ٺيڪ پنجين وڳي آهي ۽ سج لهڻ جو وقت ٺيڪ **ڇهين وڳي** آهي تہ ٻنهي جو وچيون وقت ڪل تيرهن ڪلاڪ ٿيو، ان جا ٻہ حصا ڪريو تہ هر حصو ساڍا ڇهہ ڪلاڪن جو ٿيو، هاڻي صبح صادق جي پنجين وڳي کان پوءِ وارا ابتدائي ساڍا ڇهہ ڪلاڪ ساڻس ملايو، تہ اهڙيءَ طرح ڏينهن جي ساڍي يارهين وڳي "**نصفُ النّهار شرعي**" جو وقت شروع ٿي ويو تہ هاڻي انهن ٽنهي قسمن جي روزن جي **نيّت** نہ ٿي سگهندي.

(ردالمحتار ج3 ص 341 ملخصًا)

بيان ڪيل ٽن قسمن جي روزن کان سواءِ ٻيا جيترا ٻہ روزن جا قسم آهن انهن سيني جي لاءِ هي لازمي آهي تہ راتو رات يعني سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين **نيّت** ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن صبح صادق ٿي ويئي تہ هاڻي **نيّت** نہ ٿي سگهندي. مثال طور: رمضان جا قضا

ٿيل روزا، ڪفاري جا روزا، نفلي روزن جي قضا (نفلي روزو شروع ڪرڻ سان واجب ٿي ويندو آهي. هاڻي بغير شرعي عذر جي ٽوڙڻ گناهه آهي جيڪڏهن ڪهڙيءَ طرح سان به ٿُتي ويو توڙي عذر سان هجي يا بغير عذر جي، ان جي قضا بهرحال واجب آهي) ”روزو نذرِ غير مُعَيَّن“: (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ روزي جي باس تہ باسي هئي پر ڏينهن مخصوص نہ ڪيو هو، ان باس جو به پورو ڪرڻ واجب آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ باسيل هر جائز باس جو پورو ڪرڻ واجب آهي. جڏهن تہ زبان سان هن طرح جا لفظ ايتري آواز سان چيا هجن جو پاڻ ٻُڌي سگهي. مثال طور هن ريت چيو، ”آءُ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر هڪ روزو رکندس“. هاڻي جيئن تہ هن ۾ ڏينهن مخصوص ناهي ڪيو تہ ڪهڙو روزو رکندس. انهيءَ ڪري زندگي ۾ جڏهن به باس جي نيّت سان روزو رکي ڇڏيندو باس ادا ٿي ويندي. باس جي لاءِ زبان سان چوڻ شرط آهي ۽ هي بہ شرط آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ايتري آواز سان چئجي جو پاڻ ٻُڌي سگهجي. باس جا الفاظ ايتري آواز سان ادا تہ ڪيا جو پاڻ تہ ٻُڌي وٺي ها پر ٻوڙائپ يا ڪنهن هل هنگامي وغيره جي ڪري ٻُڌي نہ سگهيا تڏهن به باس ٿي ويئي ان جو پورو ڪرڻ واجب آهي) وغيره وغيره انهن سيني روزن جي **نيّت** رات ۾ ئي ڪري ڇڏڻ ضروري آهي. **(ملخص از ردالمحتار ج3 ص 344)**

”مون کي رمضان سان پيار آهي“ جي ويهن اکرن جي نسبت سان روزي جي نيت جا 20 مدني گل

مدينه 1: رمضان المبارڪ جا **ادا** روزا ۽ **نذرِ مُعَيَّن** ۽ نفل روزن جي لاءِ نيّت جو وقت سج لهڻ کان ضحوهءِ ڪبريٰ يعني **نصف النهار شرعي** کان پهريان پهريان تائين آهي هن پوري وقت جي وچ ۾ اوهان جڏهن به **نيّت** ڪري ڇڏيندؤ هي روزا ٿي ويندا. **(رد المختار ج 3 ص 332)**

مدينه 2: **نيّت** دل جي ارادي جو نالو آهي زبان سان چوڻ شرط ناهي پر زبان سان چئي ڇڏڻ **مُسْتَحَب** آهي جيڪڏهن رات جو رمضان جي روزي جي **نيّت** ڪريو تہ هيئن چئو:

نَوَيتُ اَنْ اَصُوْمَ غَدًا لِلّٰهِ تَعَالٰى مِنْ فَرْضِ رَمَضَان۔

ترجمو: مون نيّت ڪئي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن رمضان جو فرض روزو سياڻي رکندس.

مدينه 3 : جيڪڏهن ڏينهن جو **نِيَّت** ڪريو تہ هيئن چئو.

نَوَيتُ اَنْ اَصُوْمَ هٰذَا الْيَوْمَ لِلّٰهِ تَعَالٰى مِنْ فَرْضِ رَمَضَان۔

ترجمو: مون نيّت ڪئي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن رمضان جو فرض روزو رکندس.

(ردالمحتار ج3 ص 332)

مدينه 4 : **عَرَبيءَ** ۾ نِيَّت جا لفظ ادا ڪرڻ انهيءَ وقت "**نِيَّت**" چَورائيندا جڏهن تہ انهن جي معنيٰ بہ ايندي هجي. ۽ هي بہ ياد رهي تہ زبان سان **نِيَّت** ڪرڻ، توڙي ڪهڙي بہ زبان ۾ هجي، انهيءَ وقت ڪارآمد ٿيندي، جڏهن تہ ان وقت دل ۾ بہ **نِيَّت** موجود هجي. **(ايضًا)**

مدينه 5 : **نِيَّت** پنهنجي مادَري زبان ۾ بہ ڪري سگهجي ٿي. پر شرط هي آهي تہ عربيءَ ۾ ڪريو يا ڪنهن بِئي زبان ۾. **نِيَّت** ڪرڻ وقت دل ۾ بہ ارادو موجود هجي، نہ تہ بي خياليءَ ۾ رُڳو زبان سان رٽيل جملا ادا ڪرڻ سان **نِيَّت** نہ ٿيندي. ها جيڪڏهن فرض ڪريو زبان سان رٽيل **نِيَّت** چئي ڇڏي پر بعد ۾ **نِيَّت** جي لاءِ مقرر وقت جي اندر دل ۾ بہ نيّت ڪري ڇڏي تہ هاڻي نيّت صحيح آهي. (رد المحتار ج 3 ص 332)

مدينه 6 : **جيڪڏهن** ڏينهن ۾ **نِيَّت** ڪريو تہ ضروري آهي تہ هيءَ **نِيَّت** ڪريو تہ مان صبح کان روزيدار آهيان. جيڪڏهن هن طرح **نِيَّت** ڪئي تہ

هاڻي روزيدار آهيان صبح کان نہ، تہ روزو نہ ٿيو. (الجوهرة النيرة ج1 ص 175)

مدينه 7 : **ڏينهن** ۾ اها **نِيَّت** ڪم جي آهي جو صبح صادق کان **نِيَّت** ڪرڻ وقت تائين روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪم نہ ٿيو هجي، پر جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ پُل ۾ ڪائي پيئي ڇڏيو يا **جماع** ڪري ورتو تڏهن بہ **نِيَّت** صحيح ٿي ويندي. ڇو تہ پُل ۾ جيڪڏهن ڪو ڍؤ ڪري ڪائي پيئي وڃي تہ ان سان **روزو** ناهي ويندو.

(ملخص از ردالمحتار ج3 ص 367)

مدينه 8 : **توهان** جيڪڏهن هيئن **نِيَّت** ڪئي تہ "سيٺي ڪٽي دعوت ٿي تہ **روزو** ناهي ۽ نہ ٿي تہ "**روزو** آهي". اها **نِيَّت** صحيح ناهي بهرحال توهان روزيدار نہ ٿيا. (عالمگيري ج1 ص 195)

مدينه 9 : **ماهِ رمضان** جي ڏينهن ۾ نہ روزي جي **نِيَّت** ڪئي نہ ئي هي تہ "روزو ناهي" جيتوڻيڪ معلوم آهي تہ هي رمضان المبارک جو مهينو آهي تہ **روزو** نہ ٿيندو. (عالمگيري ج 1 ص 195)

مدينه 10 :**سج** لهڻ جي بعد کان وڃي رات جو ڪهڙي مهل بہ **نِيَّت** ڪئي پوءِ ان کان بعد رات ۾ ئي کاڌو پيتو تہ **نِيَّت** نہ ٿُئي اها ئي پهرين ڪافي آهي ٻيهر **نِيَّت** ڪرڻ ضروري ناهي. (الجوهرة النيرة ج1 ص 175)

مدينه 11 : **توهان** جيڪڏهن رات ۾ روزي جي **نِيَّت** تہ ڪئي پر پوءِ راتو رات پڪو ارادو ڪري ڇڏيو تہ "روزو نہ رکندس" تہ هاڻي توهان جي ڪيل **نِيَّت** ختم ٿي ويئي جيڪڏهن نئين **نِيَّت** نہ ڪئي ۽ سڄو ڏينهن روزيدارن جيان بُکايل اُجارا رهيؤ تڏهن بہ روزو نہ ٿيو.

(در مختار مع ردالمحتار ج3 ص 345)

مدينه 12 : **نماز** جي دوران ڪلام (ڳالهه ٻولهه) جي **نِيَّت** تہ ڪئي پر ڳالهه نہ ڪئي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي. اهڙيءَ ريت **روزي** جي دوران ٽوڙڻ جي رُڳو **نِيَّت** ڪري ڇڏڻ سان روزو نہ ٽُٽندو جيستائين ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم نہ ڪري. **(الجوهرة النَّيِّره ج1 ص 175)**

يعني رُڳو هي **نِيَّت** ڪئي تہ بس هاڻي مان روزو ٽوڙيان ٿو تہ اهڙيءَ طرح ان وقت تائين **روزو** نہ ٽُٽندو جيسيتائين نِڙيءَ کان هيٺ ڪا شيءِ نہ لاهيندو يا ڪو اهڙو فعل نہ ڪري گذرندو جنهن سان **روزو** ٽُٽندو هجي.

مدينه 13 :سَحَري ڪائڻ بہ **نِيَّت** ئي آهي توڙي ماهِ رمضان جي روزي لاءِ هجي يا ڪنهن ٻئي روزي لاءِ. پر جڏهن **سَحَري** ڪائڻ وقت هي ارادو آهي تہ صبح جو **روزو** نہ رکندس تہ هي سَحَري ڪائڻ **نِيَّت** ناهي. (الجوهرة النيرة ج 1 ص 176)

مدينه 14 : **رمضان المبارڪ** جي هر **روزي** جي لاءِ نئين **نِيَّت** ضروري آهي. پهرين تاريخ يا ڪنهن بہ ٻئي تاريخ ۾ جيڪڏهن پوري **ماهِ رمضان** جي روزن جي **نِيَّت** ڪري بہ ڇڏي تہ هيءَ **نِيَّت** رُڳو انهيءَ هڪ ڏينهن جي حق ۾ آهي، باقي ڏينهن جي لاءِ ناهي. **(الجوهرة النيرة ج 1 ص 167)**

مدينه 15 : رمضان المبارڪ جا ادا روزا ۽ **نذرِ مُعَيَّن** ۽ نفل ڪان سواءِ باقي روزا مثال طور رمضان المبارڪ جا قضا روزا ۽ **نذرِ غير مُعَيَّن** ۽ نفل جي قضا (يعني نفلي روزو رکي ٽوڙيو هو ان جي قضا) ۽ نذرِ مُعَيَّن (يعني مقرر باس) جي قضا ۽ ڪفاري جو روزو يا

تَمتُّع[1] جوروزو انهن سيني ۾ عين پرهه ڦٽڻ وقت يا رات ۾ **نِيَّت** ڪرڻ ضروري آهي ۽ هي به ضروري آهي ته جيڪو **روزو** رکڻو آهي خاص انهيءَ مخصوص روزي جي **نِيَّت** ڪريو. جيڪڏهن هنن روزن جي **نِيَّت** ڏينهن ۾ (يعني صبح صادق کان وٺي ضحوهءِ ڪبريٰ کان پهريان پهريان) ڪئي ته هاڻ اهي روزا نفل ٿيا پوءِ به انهن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي. ٽوڙيندؤ ته قضا واجب ٿيندي. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه توهان جي علم ۾ هجي ته مان جيڪو **روزو** رکڻ چاهيان ٿو هي اهو **روزو** ناهي بلڪ نفل ئي آهي. (درمختار مع ردالمحتار ج3 ص 344)

مدينه 16 : **توهان** هي گمان ڪري روزو رکيو ته منهنجي ذمي روزي جي قضا آهي. هاڻي رکڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته گمان غلط هيو. جيڪڏهن جلدي ٽوڙي ڇڏيو ته ڪوبه حرج ناهي. پر بهتر اهو آهي ته پورو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن معلوم ٿيڻ کان پوءِ جلدي نه ٽوڙيو ته هاڻي لازم ٿي ويو ان کي نه ٿا ٽوڙي سگهو جيڪڏهن ٽوڙيندؤ ته قضا واجب آهي. (رد المحتار ج3 ص 346)

---

[1] حج جا ٽي قسم آهن (1) قِران (2) تَمَتُّع (3) اِفراد . قِران ۽ تَمَتُّع واري تي حج ادا ڪرڻ کان بعد شڪراني جي طور تي حج جي قرباني ڪرڻ واجب آهي جڏهن ته اِفراد واري جي لاءِ مستحب. جيڪڏهن قِران ۽ تَمَتُّع وارا تمام مسڪين ۽ محتاج آهن پر قِران ۽ تَمَتُّع جي نيّت ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي انهن وٽ نه ڪو قرباني جي لائق جانور آهي نه رقم نه ئي ڪو اهڙو سامان جنهن کي وڪڻي قربانيءَ جو انتظام ڪري سگهن ته هاڻي قرباني جي عيوض انهن تي ڏهه روزا واجب ٿيندا. ٽي روزا حج جي مهينن ۾ يعني پهرين شوال المڪرم کان نائين ذي الحجه تائين احرام بڌڻ کان پوءِ ان وچ ۾ جڏهن چاهين رکي ڇڏين. ترتيب وار رکڻ ضروري ناهن، وقفي سان به رکي سگهن ٿا. بهتر هي آهي ته ست، اٺ ۽ نائين ذي الحجه جو رکن ۽ پوءِ تيرهين ذي الحجه کان بعد باقي ست روزا جڏهن چاهين رکي سگهن ٿا بهتر هي آهي ته گهر وجي رکن.

مدينه 17 : **رات** ۾ توهان قضا روزي جي **نيّت** ڪئي، جيڪڏهن هاڻي صبح شروع ٿي وڃڻ کان بعد ان کي نفل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نہ ٿا ڪري سگهو. (ردالمحتار ج3 ص 345)

مدينه 18 : **نماز** جي دوران بہ جيڪڏهن روزي جي **نِيَّت** ڪئي تہ هيءَ **نِيَّت** صحيح آهي. (در مختار، ردالمحتار ج3 ص 345)

مدينه 19 : **ڪيترائي** روزا قضا هجن تہ **نِيَّت** ۾ هي هئڻ گهرجي تہ ان رمضان جي پهرين روزي جي قضا، ٻئي جي قضا ۽ جيڪڏهن ڪجهہ هن سال جا قضا ٿي ويا ڪجهہ گذريل سال جا باقي آهن تہ هي **نِيَّت** هئڻ گهرجي تہ هن رمضان جي قضا ۽ ان **رمضان** جي قضا ۽ جيڪڏهن ڏينهن کي مُعَيَّن (يعني مقرر) نہ ڪيو، تڏهن بہ ٿي ويندا. (عالمگيري ج1 ص 196)

مدينه 20 : مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ توهان **رمضان** جو روزو ڄاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏيو هو تہ توهان تي ان **روزي** جي قضا بہ آهي ۽ (جيڪڏهن ڪفاري جا شرط ڏنا ويا تہ) سٺ روزا ڪفاري جا بہ. هاڻي توهان **ايڪهٺ روزا** رکي ڇڏيا قضا جو ڏينهن **مقرر** نہ ڪيو تہ هن ۾ قضا ۽ ڪفارو ٻئي ادا ٿي ويا. (عالمگيري ج1 ص 196)

ڏاڙهيءَ واري پارڙي! **روزي** ۽ ٻين عملن جون نيّتون سکڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن

پريو سفر ڪريو ۽ ٻنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪريو. توهان جي ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشگوار ۽ خوشبودار مدني بهار توهان جي خدمت ۾ بيان ڪريان ٿو جيئن ته رنچوڙ لائين (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي ته هڪ پيري **عاشقانِ رسول** جي ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ تقريبًا 26 ساله هڪ اسلامي ڀاءُ به سفر ۾ شريڪ هيو، اهو دعا ۾ تمام گهڻو روئندو هو. پُڇڻ تي ٻُڌايائين ته منهنجي هڪ ئي **مدني مُنّي** آهي ۽ ان جي چهري تي ڏاڙهيءَ جا وار ڦٽڻ شروع ٿي ويا آهن! ان ڪري مون کي سخت ڳڻتي آهي، ايڪسري ۽ ٽيسٽ وغيره سان سبب سامهون نٿو اچي ۽ ڪوبه علاج ڪارائتو نٿو ٿئي. ان جي گذارش تي شرڪاءِ مدني قافله ان جي مدني مُنّيءَ جي لاءِ دعا ڪئي. سفر مڪمل ٿي وڃڻ کان پوءِ جڏهن ٻئي ڏينهن ان ڏکويل اسلامي ڀاءَ سان ملاقات ٿي ته ان خوشيءَ مان جهومندي هيءَ خوشخبري ٻُڌائي ته ٻارڙيءَ جي ماءَ ٻُڌايو ته توهان جي **مدني قافلي** جي سفر تي رواني ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن ئي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي مدني مُنّيءَ جي چهري تان وار ائين غائب ٿي ويا جڻ ته ڪڏهن هئا ئي نه!

ہو گا لطف خدا آؤ بھائی دعا مل کے سارے قافلے میں چلو

غم سے روتے ہوئے جان کھوتے ہوئے مرحبا! ہنس پڑے قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

”حضرت سيدنا علي اصغر“ جي سورنهن اکرن جي نسبت سان کير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪتن جون ٻه ڇا خوب بهارون آهن ٻارن کي بيمارين کان بچائڻ جي لاءِ اڳواٽ ڪيون ويندڙ احتياطي تدبيرون ڪافي فائديمند ٿي سگهن ٿيون. ان سلسلي ۾ 16 **مدني گل** ملاحظه فرمايو: **(1)** ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هڪدم بعد يَا بَرُّ ست پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي ڪري جيڪڏهن ٻار تي دم ڪيو وڃي ته اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بالغ ٿيڻ تائين آفتن کان حفاظت ۾ رهندو. **(2)** پيدائش کان پوءِ ٻار کي پهريان لوڻ مليل نيم گرم پاڻيءَ سان وهنجاريو پوءِ سادي پاڻيءَ سان غسل ڏيو ته اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻار ڦٽ ڦرڙيءَ کان محفوظ رهندو **(3)** لوڻ مليل پاڻيءَ سان ٻارڙن کي ڪجهه ڏينهن تائين وهنجاريندا رهو جو هي ٻارڙن جي تندرستيءَ لاءِ بيحد مفيد آهي ۽ پڻ **(4)** وهنجارڻ کان پوءِ بدن تي سرنهن جي تيل جي مالش ٻارڙن جي صحت جي لاءِ اڪسير آهي **(5)** ٻارڙن کي کير پيارڻ کان پهريان روزانو ٻه تي پيرا هڪ آگر ماکي چٽائڻ ڪافي فائديمند آهي **(6)** توڙي پينگهي ۾ لوڏيو يا بستري تي سمهاريو يا هنج ۾ ڪيڏاريو هر حال ۾ ٻارڙن جو مٿو اوچو رکو، مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ٿيڻ نه ڏيو جو نقصان ڏيندڙ آهي **(7)** ولادت کان پوءِ تمام تيز روشنيءَ واري جڳهه تي رکڻ سان ٻار جي نظر ڪمزور ٿي ويندي آهي **(8)** جڏهن ٻار جون مهارون سخت ٿي وڃن ۽ ڏند

نڪرندا معلوم ٿين ته مهارن تي ڪڪڙ جي چربي مَليندا ڪريو ۽ ﴿9﴾ روزانو هڪ ٻه ڀيرا مهارن تي ماکي مَليندا رهو ۽ ٻار جي مٿي ۽ ڪنڌ تي تيل جي مالش ڪرڻ مفيد آهي﴿10﴾ جڏهن ڪير ڇڏائڻ جو وقت اچي ۽ ٻار کائڻ لڳي ته خبردار!خبردار!ان کي ڪا سخت شيءِ چباڙڻ نه ڏيو، ڪيس تمام ئي نرم ۽ جلد هضم ٿيڻ واريون غذائون کارايو. ﴿11﴾ ڳئون يا ٻڪريءَ جو ڪير ٻه پيارينداِ رهو ﴿12﴾ حيثيت مطابق ٻارن کي ان عمر ۾ چڱي خوراڪ ڏيو جو ان عمر ۾ جيڪا طاقت بدن ۾ اچي ويندي اها جيڪڏهن ٻار زندهه رهيو ته اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ڪم ايندي. ﴿13﴾ ٻارڙن کي هر هر غذا نه ڏيڻ گهرجي جيستائين هڪ غذا هضم نه ٿئي ٻي غذا هرگز نه ڏيو. ﴿14﴾ ٿافيون، منائي ۽ ڪٿائي جي عادت کان بچائڻ تمام تمام تمام ضروري آهي ڇو ته هي شيون ٻارن جي صحت جي لاءِ تمام نقصان ڪار آهن ﴿15﴾ٻارڙن کي خُشڪ ميوا ۽ تازا ميوا کارائڻ تمام سنو آهي.﴿16﴾ ختنو جيتري ننڍي عمر ۾ ٿي وڃي بهتر آهي تڪليف ٻه گهٽ ٿيندي ۽ زخم ٻه جلدي ڀرجي ويندو آهي.

عورت ۽ ٻار جي حفاظت جو روحاني نسخو

لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ ڪنهن ڪاغذ تي 55 ڀيرا لکي ڪري (يا لکرائي ڪري) ضرورت مطابق تعويذ جيان ويڙهي ڪري موم جامو يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي يا ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ڪري **حامله** پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي يا ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏي اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ **حمل** جي حفاظت ۽ ٻار ٻه آفت ۽ مصيبت کان سلامت رهي جيڪڏهن

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پنجونجاهه ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري رکي ڇڏيو ۽ پيدا ٿيندي ئي **ٻار جي منهن** تي لڳائي ڇڏيو ته اِن شآءاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ٻار ذهين ٿيندو ۽ ٻارن کي ٿيڻ وارين بيمارين کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن اهو ئي پڙهي ڪري **زيت** (يعني زيتون شريف جي تيل) تي دم ڪري ٻار جي جسم تي نرميءَ سان مليو وڃي ته بيحد مفيد آهي. اِن شآءاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ڪيڙا ماڪوڙا ۽ ٻيا موذي جانور ٻار کان پري رهندا. ان طرح جو پڙهيل زيت وڏن لاءِ جسماني سور ۾ مالش جي لاءِ به نهايت ڪارائتو آهي.

سحري ڪرڻ سنت آهي

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو ان اسان کي روزي جهڙي عظيم نعمت عطا فرمائي ۽ گڏوگڏ قوت جي لاءِ **سَحَري** جي نه رُڳو اجازت عطا فرمائي، بلڪ هن ۾ اسان جي لاءِ ڍير ثواب به رکي ڇڏيائين. اسان جا پيارا آقا، **مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ ڪائڻ پيئڻ جا اسان جيان محتاج نه هئا. تڏهن به اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان غلامن جي خاطر **سَحَري** فرمائيندا هئا ته جيئن محبت وارا غلام پنهنجي محسن آقا، شاهِ خيرالانام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت سمجهي **سَحَري** ڪندا رهن. ائين ڪين ڏينهن جي وقت روزي ۾ قوت سان گڏو گڏ **سنّت** تي عمل ڪرڻ جو ثواب به هٿ اچي. ڪجهه اسلامي ڀائرن کي ڏٺو ويو آهي ته ڪڏهن **سَحَري** ڪرڻ کان رهجي ويندا آهن ته فخر سان لَٻاڙون هڻندي پنهنجو ڪارنامو هيئن ٻُڌائيندا آهن، اسان ته **سَحَري**ءَ جي بغير ئي روزو رکي ورتو آهي.“ مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِہٖوَسَلَّم جا ديوانؤ! **سَحَريءَ** ڪان بغير روزو رکڻ ڪو ڪمال تہ ناهي جنهن تي فخر ڪيو وڃي. بلڪ **سَحَري جي سنّت** رهجي وڃڻ تي شرمسار ٿيڻ گهرجي، افسوس ڪرڻ گهرجي جو تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ عظيم سنّت رهجي ويئي.

هزار سالن جي عبادت ڪان بهتر

حضرتِ سيّدُنا شيخ شَرَفُ الدّين المعروف بابا بُلبُل شاهه رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، الله تبارک وتعالی مون کي پنهنجي رحمت سان ايڏي طاقت بخشي آهي جو مان بغير ڪائڻ پيئڻ ۽ بغير ساز وسامان جي پنهنجي زندگي گذاري سگهان ٿو. پر جيئن تہ اهي ڪم مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت ناهن انهيءَ لاءِ انهن ڪان بچندو آهيان، ”منهنجي ويجهو سنّت جي پيروي هزار سال جي عبادت ڪان بهتر آهي.“ بهرحال تمام تر اعمال جو حُسن و جمال، اتباع سنّتُ محبوبُ ربّ ذوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ ئي لڪيل آهي.

سمهڻ ڪان پوءِ سَحَريءَ جي اجازت نہ هئي

شروع ۾ رات جو اٿي **سَحَري** ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. روزي رکڻ واري کي سج لهڻ کان پوءِ رُڳو ان وقت تائين ڪائڻ، پيئڻ جي اجازت هئي جيستائين اهو سمهي نہ پوي. جيڪڏهن سُمهي پيو تہ پوءِ سُجاڳ ٿي ڪائڻ پيئڻ منع ٿيل هيو. پر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پيارن بانهن تي احسانِ عظيم فرمائيندي **سَحَريءَ** جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي ۽ ان جو سبب هيئن ٿيو. جيئن تہ ”خزائِنُ العرفان“ ۾ حضرت صدرالافاضل حضرتِ علّامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْھَادِی نقل ڪن ٿا:

سحري جي اجازت جي حڪايت

حضرتِ سيّدُنا صَرمَه بن قَيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا محنتي شخص هئا. هڪ ڏينهن روزي جي حالت سان پنهنجي زمين ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪري شام جو گهر آيا. پنهنجي گهرواريءَ کان کاڌو طلب ڪيائون، هو پڇائڻ ۾ مصروف ٿي ويون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ٿڪيل هئا، اڪ لڳي ويئي. کاڌو تيار ڪري جڏهن کين جاڳايو ويو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو ته انهن ڏينهن ۾ (سج لهڻ کانپوءِ) سُمهڻ واري جي لاءِ کائڻ پيئڻ منع ٿيل هو. اهڙيءَ طرح کائڻ پيئڻ کان بغير پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻئي ڏينهن به روزو رکي ڇڏيائون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪمزوريءَ جي سبب **بيهوش** ٿي ويا (تفسيرِ الخازن ج1 ص126) سندن حق ۾ هيءَ آيتِ مقدسه نازل ٿي:

وَكُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين جو اوهان لاءِ باڪ جو اڇو سڳو ڪاري سڳي کان ظاهر ٿئي پوءِ رات جي اچڻ تائين روزا پورا ڪريو.

هن آيتِ مقدسه ۾ رات کي ڪاري ڏوري سان ۽ صبح صادق (پرهه ڦٽيءَ) کي سفيد ڏوريءَ سان تشبيهه (يعني پيٽ) ڏني ويئي. معنيٰ هي آهي ته توهان جي لاءِ رمضان المبارڪ جي راتين ۾ کائڻ پيئڻ مباح (يعني جائز) قرار ڏنو ويو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مان هي به معلوم ٿيو ته روزي جو **فجر** جي اذان سان ڪوبه تعلق ناهي، يعني **فجر** جي اذان ٿيڻ مهل کائڻ پيئڻ جو ڪو جواز ئي ناهي. اذان اچي يا نه اچي، توهان تائين آواز

پهچي يا نہ پهچي صبح صادق (پرهہ ڦٽي) ٿيندي ئي توهان کي کائڻ پيئڻ بلڪل بند ئي ڪرڻو پوندو.

”سحري سنت آهِ“ جي نواڪرن جي نسبت سان سَحَري جي فضائل تي مشتمل 9 فرامينِ مصطفيٰ ﷺ

مدنيه 1: ”سَحَري کائيندا ڪريو ڇو تہ سَحَري ۾ برڪت آهي.“

(صحيح بخاري ج1 ص 633حديث 1923)

مدنيه 2: اسان جي ۽ اهلِ ڪتاب جي وچ ۾ **سَحَري** کائڻ جو فرق آهي.

(صحيح مسلم ص 552حديث 1096)

مدنيه 3: الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا **سَحَري** کائڻ وارن تي رحمت نازل فرمائيندا آهن. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص 194 حديث3458)

مدنيه 4 : **نبيّ ڪريم**، رؤفُ رَّحيم، محبوبِ ربِ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ سان گڏ جڏهن بہ ڪنهن صحابيءَ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي سَحَري کائڻ جي لاءِ گهرائيندا هئا تہ ارشاد فرمائيندا هئا، ”اچو برڪت جو کاڌو کائي ونو“.

(سنن ابو داود ج 2 ص 442 حديث 2344)

مدنيه 5 : **روزو** رکڻ جي لاءِ **سَحَري** کائي قوت حاصل ڪريو ۽ ڏينهن (يعني ٻنپهرن) جي وقت آرام (يعني قيلولو) ڪري رات جي عبادت لاءِ طاقت حاصل ڪريو. (سنن ابن ماجه ج2 ص 321 حديث1693)

مدنيه 6 : **سَحَري** برڪت جي شيءِ آهي جيڪا الله تعاليٰ توهان کي عطا فرمائي آهي، ان کي نہ ڇڏجو. (السنن الكبري، للنسائي ج2 ص 79 حديث 2472)

مدنيه 7: **ٽي** ماڻهو جيترو بہ کائين. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهن سان ڪو

حساب نہ ٿيندو پر شرط اهو آهي تہ ڪاڏو حلال هجي. (1) روزيدار افطار جي وقت (2) **سَحَري** ڪائڻ وارو (3) مجاهد جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي واٽ ۾ اسلام جي سرحد جي حفاظت ڪري. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 90 حديث 9)

مدنيه 8: **سَحَري** سَڄي جو سَڄي برڪت آهي تنهنڪري توهان نہ ڇڏيو چاهي ائين ئي ٿئي جو پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ پئي وٺو. بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا رحمت موڪليندا آهن سَحَري ڪرڻ وارن تي.

(مُسند امام احمد ج 4 ص 88 حديث 11396)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي چين دليُن جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حرمين، سَروَرِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هنن تمام فرمانن مان اسان کي اهو ئي درس ملي ٿو تہ **سَحَري** اسان جي لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي جنهن سان بيشمار جسماني ۽ روحاني فائدا حاصل ٿيندا آهن. انهيءَ لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي مبارڪ ناشتو چيو آهي. جيئن تہ

مدنيه 9: حضرت سيّدُنا عِرباض بن ساريه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري رمضان المبارڪ ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي پاڻ سان گڏ **سحري** ڪائڻ جي لاءِ گهرايو ۽ فرمايائون "اچو مبارڪ ناشتي جي لاءِ."

(سنن ابوداود ج 2 ص 442 حديث 2344)

چا روزي جي لاءِ سَحَري شرط آهي؟

ڪنهن کي هيءَ غلط فهمي نہ ٿي وڃي تہ **سَحَري** روزي جي لاءِ شرط آهي. ائين ناهي **سَحَري** کان بغير بہ **روزو** ٿي سگهي ٿو. پر جاڻي واڻي **سَحَري** نہ ڪرڻ مناسب ناهي ڇو جو اها هڪ عظيم

سنّت کان محرومي آهي ۽ هي به ياد رهي ته **سَحَري** ۾ گهٽو پيٽ ڀري کائڻ ئي ضروري ناهي. ڪجهه کارڪون ۽ پاڻي ئي جيڪڏهن **سَحَري**ءَ جي نِيَّت سان استعمال ڪري ڇڏيو تڏهن به ڪافي آهي بلڪ کارڪن ۽ پاڻي سان ته **سَحَري** ڪرڻ سنّت به آهي جيئن ته

ڪارڪن ۽ پاڻيءَ سان سحري ڪرڻ سنت آهي

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **سَحَري** جي وقت مون کي فرمائيندا هئا:"منهنجو روزي رکڻ جو ارادو آهي مون کي ڪجهه کارايو. ته آءُ ڪجهه کارڪون ۽ هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي پيش ڪندو هئس. (السنن الکبریٰ للنسائي ج 2 ص 80 حديث 2477)

ڪارڪ بهترين سحري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته روزيدار جي لاءِ هڪ ته **سَحَري** ڪرڻ پاڻ **سنّت** آهي ۽ کارڪ ۽ پاڻيءَ سان **سَحَري** ڪرڻ ٻي سنّت بلڪ کارڪ سان سَحَري ڪرڻ جي ته اسان جي آقا و مولیٰ، مديني واري مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ترغيب به ڏياري آهي. جيئن ته سيّدُنا سائب بن يزيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو "نِعْمَ السَّحُوْرُ التَّمْرُ". يعني کارڪ بهترين **سَحَري** آهي." (الترغيب والترهيب ج 2 ص 90حديث 12)

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون،"نِعْمَ سَحُوْرُالْمُؤْمِنِ التَّمْرُ" يعني کارڪ مؤمن جي بهترين سَحَري آهي." (سنن ابو داود ج 2ص 443 حديث 2345)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! کارڪ ۽ پاڻيءَ جو جمع ڪرڻ به **سَحَري** جي لاءِ شرط ناهي رُڳو ٿورڙو پاڻي به جيڪڏهن **سَحَري**ءَ جي نيّت

سان پي ڇڏجي ته ان سان به **سَحَريءَ جي سنّت** ادا ٿي ويندي.

سَحَري جو وقت ڪڏهن ٿيندو آهي؟

عربي جي مشهور لغت جي ڪتاب ”قاموس“ ۾ آهي ته ”سَحَر ان ڪاڏي کي چوندا آهن جيڪو صبح جي وقت ڪاڏو وجي.“ حنفين جي زبردست پيشوا حضرت علامه مولانا علي بن سلطان محمد المعروف ملا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي فرمائن ٿا: ”ڪن جي ويجهو **سَحَري** جو وقت **اڌ رات** کان شروع ٿي ويندو آهي.

(مرقات المفاتيح شرح مشكوٰة المصابيح ج 4 ص 477)

سَحَري ۾ دير ڪرڻ افضل آهي جيئن جو حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو ته حضرتِ سيّدُنا يعلىٰ بن مُرَّه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته پياري سرڪار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ٽن شين کي الله عَزَّوَجَلَّ محبوب رکي ٿو (1) افطار ۾ جلدي (2) **سَحَريءَ** ۾ دير (3) نماز(جي قيام) ۾ هٿ تي هٿ رکڻ.“ **(الترغيب والترهيب ج 2 ص 91 حديث 4)**

سَحَري ۾ دير مان ڪهڙو وقت مراد آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! **سَحَري** ۾ دير ڪرڻ مستحب آهي ۽ دير سان **سَحَري** ڪرڻ ۾ وڏيڪ ثواب ملندو آهي پر ايتري دير به نه ڪئي وجي جو صبح صادق جو شڪ ٿيڻ لڳي! هتي ذهن ۾ هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ”دير“ مان مُراد ڪهڙو وقت آهي؟ مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان ”تفسيرِ نعيمي“ ۾ فرمائن ٿا ته هن مان مُراد **رات جو چهون حصو** آهي وري ذهن ۾ سوال اڀريو ته رات جو چهون حصو ڪيئن معلوم

ڪيو وڃي؟ ان جو جواب هي آهي تہ **سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين رات چَوَرائيندي آهي.** مثال طور: ڪنهن ڏينهن **ستين** وڳي شام جو سج لٿو ۽ پوءِ **چئين** وڳي صبح صادق ٿي. اهڙيءَ طرح سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين جيڪو نون (9) ڪلاڪن جو وقفو گذريو اهو رات چَوَرائيندو. سو رات جي نون (9) ڪلاڪن جا برابر ڇهہ حصا ڪري ڇڏيو. هر حصو **ڏيڍ ڪلاڪ** جو ٿيو هاڻي رات جي آخري ڏيڍ ڪلاڪ (يعني اڍائي وڳي کان چار وڳي) جي دوران صبح صادق کان پهريان پهريان جڏهن بہ **سَحَري** ڪئي اها سَحَري دير سان ڪرڻ سڏبي. سَحَري ۽ افطار جو وقت عام طور تي روزانو تبديل ٿيندو رهندو آهي. ڄاڻايل طريقي موجب جڏهن بہ چاهيو رات جو ڇهون حصو ڪڍي سگهو ٿا جيڪڏهن رات **سَحَري** ڪري ڇڏي ۽ روزي جي نِيَّت بہ ڪري ڇڏي. بلڪہ عوامي اصطلاح ۾ ”روزو بند“ بہ ڪري ڇڏيو تڏهن بہ بقايا رات ۾ جڏهن چاهيو ڪائي پيئي سگهو ٿا. نئين سري سان نِيَّت جي حاجت (يعني ضرورت) ناهي.

اذانِ فجر نماز لاءِ آهي روزو بند ڪرڻ لاءِ ناهي

سَحَري ۾ ايتري دير بہ نہ ڪريو جو صبح صادق جو شڪ ٿيڻ لڳي. بلڪہ ڪي ماڻهو تہ صبح صادق کانپوءِ جڏهن فجر جون اذانون ٿي رهيون هونديون آهن تڏهن ڪائيندا پيئندا رهندا آهن ۽ ڪن لڳائي ٻُڌندا آهن تہ اجان فلاڻي مسجد جي اذان ختم ناهي ٿي يا هو ٻُڌو پري کان اذان جو آواز اچي رهيو آهي! ۽ ائين ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪائي وٺندا آهن. جيڪڏهن ڪائيندا ناهن تہ

پاڻي پي ڪري پنهنجي اصطلاح ۾ ”روزو بند“ ضرور ڪندا آهن. آهه! ويچارا انهيءَ ريت ”روزو بند“ تہ ڇا ڪندا آهن، روزي کي بلڪل ئي ”ڪليل“ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ائين انهن جو روزو ٿيندو ئي ناهي ۽ سڄو ڏينهن بُک ۽ اڄ ڪانسواءِ ڪين ڪجهہ هٿ ايندو ئي ناهي. ”روزو بند“ ڪرڻ جو تعلق فجر جي اذان سان ناهي. صبح صادق کان پهريان پهريان ڪائڻ پيئڻ بند ڪرڻ ضروري آهي. جيئن جو آيتِ مقدسہ جي تحت گذريو. الله عَزَّوَجَلَّ هر مسلمان کي صحيح سمجهہ عطا فرمائي ۽ صحيح اوقات جي معلومات ڪري روزا نماز وغيره عبادتون صحيح صحيح ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو

اڄ ڪلهہ علمِ دين کان پري ٿيڻ سبب عام طور تي ماڻهن جو اهو ئي معمول ڏٺو ويو آهي تہ اهي اذان يا سائرن تي ئي **سَحَري** ۽ افطار جو دارومدار رکندا آهن بلڪ ڪجهہ تہ فجر جي اذان جي دوران ئي ”روزو بند“ ڪندا آهن. هن عام غلطي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيڏو نہ سنو ٿئي جو رمضان المبارڪ ۾ روزانو صبح صادق کان ٿي منٽ پهريان هر مسجد مان بلند آواز سان صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد چوڻ کان پوءِ هن طرح ٿي ڀيرا اعلان ڪيو وڃي، ”روزو رکڻ وارؤ! اڄ سَحَري جو آخري وقت (مثال طور) چار لڳي ٻارهن منٽ آهي. وقت ختم ٿي رهيو آهي، جلدي جلدي ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو. اذان جو هرگز انتظار نہ فرمايو، اذان سَحَريءَ جو وقت ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ نمازِ فجر لاءِ ڏني ويندي

آهي.“ هر هڪ کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ فجر جي اذان لازمي طور تي صبح صادق کانپوءِ ئي ٿيندي آهي ۽ اها ”**روزو بند** “ڪرڻ جي لاءِ ناهي. بلڪ صرف نمازِ فجر جي لاءِ ڏني ويندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مدني قافلي جي نيت ڪندي ئي مشڪل آسان ٿي ويئي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر فرمائيندا رهو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون هٿ ايندیون. توهان جي ذوق کي وڌائڻ جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ بهار ٻُڌايان ٿو جيئن تہ لانڊي (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان **بِالتَّصَرُّف** عرض ڪريان ٿو: منهنجي وڏي ڀاءَ جي شاديءَ جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا، خرچ پَکي جو انتظام ڪونہ هو، مون کي ڪافي ڳڻتي هئي، قرض وٺڻ جو ذهن بہ ڪونہ پيو بڻجي ڇوتہ ادائيگيءَ ۾ دير جي صورت ۾ منهنجي جان کان بہ پياري مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي نالي تي داغ پئجي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن انتهائي پريشانيءَ جي عالم ۾ نمازِ ظهر ادا ڪيم ۽ دل ئي دل ۾ نيّت ڪيم جيڪڏهن رقم جو انتظام ٿي ويو تہ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندس. نماز جي فراغت کان پوءِ اجان نمازين سان ملاقات ۽ **انفرادي ڪوشش** ۾ رُڌل هئس تہ امام صاحب جيڪي رشتي ۾ منهنجا وڏا چاچا آهن ۽ منهنجي

پريشانيءَ کان واقف بہ آهن. انهن مون کي گهرايو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بغير سوال جي پاڻ ئي رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيائون. مان ٻئي ڏينهن ئي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان منهنجي پريشاني ختم ٿي وئي. تاريخ ٻڌجڻ وقت اسان قرض جي بار کان پريشان هئاسين. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ وڏي ڀاءَ جي شادي بہ ٿي وئي ۽ قرض بہ لهي ويو.

قلب بھی شاد ہو، گھر بھی آباد ہو　　شادیاں بھی رچیں، قافلے میں چلو
قرض اتر جائے گا، زخم بھر جائیگا　　سب بلائیں ٹلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! ننڍي ڀاءَ جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان قرض جي ادائيگيءَ جو انتظام، رقم جو اهتمام ۽ وڏي ڀاءَ جي شاديءَ وارو ڪم ٿي ويو.

قرض کان نجات جو عمل

هر نماز کان پوءِ ست ڀيرا سورهء قريش (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دعا گهرو. جبل جيڏو قرض هوندو تڏهن بہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ادا ٿي ويندو. مُراد پوري ٿيڻ تائين عمل کي جاري رکو.

قرض لاهڻ جو وظيفو

اَللّٰهُمَّ اکْفِنِیْ بِحَلَالِکَ عَنْ حَرَامِکَ وَاَغْنِنِیْ بِفَضْلِکَ عَمَّنْ سِوَاکَ

(**ترجمو:** يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن کان بي نياز ڪري ڇڏ) مُراد

پوري ٿيڻ تائين هر نماز کان پوءِ 11،11 ڀيرا ۽ صبح ۽ شام100،100 ڀيرا روزانو (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو). مروي آهي ته هڪ مڪاتب[1] حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضىٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو:" مان پنهنجي ڪتابت (يعني آزاديءَ جي قيمت) ادا ڪرڻ کان عاجز آهيان منهنجي مدد فرمايو." پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايائون:" آءُ توهان کي ڪجهه ڪلمات نه سيکاريان جيڪي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي سيکاريا آهن. جيڪڏهن توهان تي جبلِ صِير جيڏو قرض هوندو ته الله تعالىٰ توهان جي طرف کان ادا ڪري ڇڏيندو توهان هيئن چوندا ڪريو،"

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(ترجمو: يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن کان بي نياز ڪري ڇڏ) ."

(جامع ترمذي ج5 ص329 حديث3574)

مدني التجاءِ: عمل شروع ڪرڻ کان پهريان حضور غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ يارنهن روپين جو نياز ۽ ڪم تي وڃڻ جي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه روپين جو نياز امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪريو. (جاڻايل رقم جا ديني ڪتاب بہ تقسيم ڪري سگهجن ٿا)

صبح ۽ شام جي تعريف: اڌ رات کان بعد کان وني سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين صبح ۽ ظهر جي شروعاتي وقت کان سج لهڻ تائين شام چَوَرائيندي آهي.

---

[11] مڪاتب ان غلام کي چوندا آهن جنهن پنهنجي آقا سان مال جي ادائگيءَ جي بدلي آزاديءَ جو معاهدو ڪيو هجي. (المختصر القدوري ، كتاب المكاتب ص 376) صِير هڪ جبل جو نالو آهي. (النهاية ج 3 ص 61)

مدني مشورو: پريشان حال اسلامي ڀاءَ کي گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪري اتي دعا گهري جيڪڏهن پاڻ مجبور آهي مثال طور اسلامي ڀيڻ آهي تہ پنهنجي گهر مان ڪنهن ٻئي کي سفر تي موڪلي.

افطار جو بيان

جڏهن سج لهڻ جو يقين ٿي وڃي تڏهن افطار ڪرڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي. نہ سائرن جو انتظار ڪريو، نہ اذان جو. جلدي ڪا شيءِ کائي پيئي ڇڏيو پر **کارڪ** يا ڇوهاري يا پاڻيءَ سان افطار ڪرڻ سنّت آهي. **کارڪ** کائي يا پاڻي پيئي ڇڏڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو.[1]

افطار جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ لَکَ صُمْتُ وَبِکَ اٰمَنْتُ وَعَلَیْکَ تَوَکَّلْتُ وَعَلٰی رِزْقِکَ اَفْطَرْتُ۔

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي لاءِ روزو رکيو ۽ توتي ايمان آندو ۽ توتي ئي ڀروسو ڪيو ۽ تنهنجي ڏنل رزق سان روزو افطار ڪيو. (عالمگيري ج 1 ص 200)

افطار جي لاءِ اذان شرط ناهي

افطارجي لاءِ اذان شرط ناهي. ٻي صورت ۾ انهن علائقن ۾ روزو ڪيئن کُلندو جتي مسجدون ئي ناهن يا اذان جو آواز ناهي ايندو. بهرحال مغرب جي اذان نمازِ مغرب جي لاءِ هوندي آهي. جتي مسجدون هجن اتي ڪاش هي دستور رائج ٿي وڃي تہ جيئن ئي سج لهڻ جو

---

[1] افطار جي دعا عام طور تي افطار کان پهريان پڙهڻ جو رواج آهي پر اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن "فتاويٰ رضويه ج 10 ص 631" ۾ پنهنجي تحقيق اها ئي پيش ڪئي آهي تہ دعا افطار کان بعد پڙهي وڃي.

يقين تي وڃي. بلند آواز سان صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد چوڻ کان پوءِ هن ريت اعلان ڪيو وڃي: ”روزيدارو! روزو افطار ڪري وٺو“

”ياغوث الاعظم“ جي يارنهن اکرن جي نسبت سان افطار جا 11 فضائل

مدينه 1: حضرتِ سيّدُنا سهل بن سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته بحر و بر جا بادشاهه، ٻنهي جهانن جا شهنشاهه، امت جا خير خواهه، آمنه جا مهر و ماهه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا: ”هميشه ماڻهو خير سان رهندا جيستائين افطار ۾ جلدي ڪندا.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 645 حديث 1957)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جيئن ئي سج لهڻ جو يقين ٿي وڃي، بنا دير جي ڪارڪ يا پاڻي وغيره سان روزو کولي ڇڏيو ۽ دعا به هاڻي روزو کولڻ کان پوءِ گهرو ته جيئن افطار ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ٿئي.

مدينه 2: سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مُشڪبار آهي: ”منهنجي امت منهنجي سنّت تي رهندي جيستائين افطار ۾ ستارن جو انتظار نه ڪري.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان ج5ص209 حديث3501)

مدينه 3: حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي سلطانِ دو جهان، مديني جا سلطان، رحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”منهنجي ٻانهن ۾ مون کي وڌيڪ پيارو اهو آهي جيڪو افطار ۾ جلدي ڪندو آهي.“ (ترمذي ج 2 ص 164 حديث 700)

سبحٰن الله! الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو بڻجڻو آهي تہ افطار جي وقت ڪنهن قسم جي مشغوليّت نہ رکو، بس جلدي افطار ڪري ڇڏيو.

مدينہ 4: حضرتِ سيّدُنا انس بن مالک رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا مون الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن بہ هن طرح نہ ڏٺو جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم افطار کان پهريان سانجهيءَ جي نماز ادا فرمائي هجي چاهي هڪ ڍُڪ پاڻيءَ جو ئي هوندو هو. (پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان سان افطار فرمائيندا هئا).

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 91حديث 91)

مدينہ 5 : حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ والا تبار، باِذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”هي دين هميشہ غالب رهندو جيستائين ماڻهو افطار ۾ جلدي ڪندا رهندا جو يهود و نصاريٰ دير ڪندا آهن.“

(سنن ابوداود ج 2 ص 446حديث2353)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ ۾ بہ افطار ۾ دير ڪرڻ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ويو آهي ۽ افطار ۾ دير ڪرڻ جيئن تہ يهود و نصاريٰ جو فعل آهي ان لاءِ انهن جي مُشابهت (يعني نقل) کان روڪيو ويو آهي.

مدينہ 6: حضرتِ سيّدُنا زيد بن خالد جُهَنِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينهءِ منوره، سلطانِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

مَنْ جَهَّزَ غَازِياً اَوْحَاجًّا اَوْ خَلَفَهٗ فِيْ اَهْلِهٖ اَوْ فَطَّرَصَائِماً كَانَ لَهٗ مِثْلُ اَجْرِهٖ مِنْ غَيْرِ اَنْ يَّنْقُصَ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ

(السنن الكبرىٰ للنسائي ج 2 ص 256 حديث 3330)

ترجمو: جنهن غازي يا حاجيءَ کي سامان (سفر جو سامان) ڏنو يا ان جي پويان ان جي گهروارن جي سار سنڀال ڪئي يا ڪنهن روزيدار جو روزو افطار ڪرايو تہ ان کي بہ انهن جي مثل اجر ملندو بغير ان جي جو انهن جي اجر ۾ ڪجهہ گهٽتائي ٿئي.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ ڪيڏي پياري بشارت (يعني خوشخبري) آهي جو غازي کي جهاد جو سامان فراهم ڪرڻ واري کي غازيءَ جيترو، حج تي وڃڻ واري جي مالي مدد ڪرڻ تي حاجيءَ جهڙو ۽ افطار ڪرائڻ واري کي روزيدار جيترو ثواب ڏنو ويندو ۽ وڏي ۾ وڏو ڪرم هي آهي جو انهن جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي. ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ. (يعني هي سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل آهي) پر شريعت جو هي حڪم ياد رکو تہ حج ۽ عمري جي لاءِ سوال ڪرڻ حرام آهي ۽ ان سوال ڪرڻ واري کي ڏيڻ بہ گناهہ آهي.

افطار ڪرائڻ واري جي عظيم فضيلت

مدينہ 7 : **حضرتِ** سيّدُنا سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجوَر، باذنِ ربِ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَرصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پَروَر آهي:”جنهن حلال ڪاڏي يا پاڻيءَ سان (ڪنهن مسلمان کي) روزو افطار ڪرايو، فرشتا ماهِ رمضان جي اوقات ۾ ان جي لاءِ **استغفار** ڪندا آهن ۽ جبريل (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) شبِ قدر ۾ ان جي لاءِ **استغفار** (يعني بخشش جي دعا) ڪندا آهن.“

(طبراني المعجم الكبير ج 6 ص 262حديث 6162)

سبحٰن الله! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! قربان وڃجي **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي عنايت ۽ رحمت تان جو ڪو بہ مسلمان ماهِ رمضان ۾ جيڪڏهن ڪنهن روزيدار کي هڪ اڌ **ڪارڪ** ڪارائي يا پاڻيءَ جو هڪ ڍُڪ پياري روزو افطار ڪرائي تہ ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جا معصوم فرشتا رمضان المبارڪ جي اوقات ۾ ۽ فرشتن جا سردار حضرتِ سيّدُنا جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام شبِ قدر ۾ مغفرت جي دعا فرمائيندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ

جبريل امين جي هٿ ملائڻ جو اهڃاڻ

مدينه 8: هڪ روايت ۾ اچي ٿو،"جيڪو حلال ڪمائيءَ سان رمضان المبارڪ ۾ روزو افطار ڪرائي. رمضان جي سيني راتين ۾ فرشتا ان تي دُرود موڪليندا آهن ۽ شبِ قدر ۾ جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان سان مصافحو ڪندا آهن ۽ جنهن سان جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هٿ ملائن ان جون اکيون (خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ کان) روئڻهارڪيون ٿي ويندیون آهن ۽ ان جي دل نرم ٿي ويندي آهي. (کنزالعمال ج 8 ص 215 حديث 23653)

روزيدار کي پاڻي پيارڻ جي فضيلت

مدينه 9: هڪ ٻئي روايت ۾ آهي،"جيڪو روزيدار کي پاڻي پيارينده الله عَزَّوَجَلَّ ان کي منهنجي حوض مان پيارينده جو جنّت ۾ داخل ٿيڻ تائين اجارو نہ ٿيندو." (صحيح ابن خزيمه ج3 ص192 حديث 1887)

مدينه 10: حضرتِ سيّدُنا سلمان بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي خاتمُ الْمرسلين، رَحْمةٌ لِّلْعٰلمين، شفيعُ الْمُذْنِبين، انيسُ الْغَرِيبين، سِراجُ السَّالِکين، محبوبِ ربُّ الْعٰلمين، جنابِ صادق و امين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جو فرمانِ برڪت نشان آهي:”جڏهن توهان مان ڪو روزو افطار ڪري تہ **ڪارڪ** يا چوهاري سان افطار ڪري جو اها برڪت آهي ۽ جيڪڏهن نہ ملي تہ پاڻيءَ سان جو اهو پاڪ ڪرڻ وارو آهي.“

(جامع ترمذي ج 2 ص 162 حديث 695)

هن حديثِ پاڪ ۾ هيءَ ترغيب ڏياري ويئي آهي تہ ٿي سگهي تہ **ڪارڪ** يا چوهاري سان ئي افطار ڪيو وڃي جو هي سنّت آهي ۽ جيڪڏهن **ڪارڪ** موجود نہ هجي تہ پاڻيءَ سان افطار ڪري ڇڏيو جو هي بہ پاڪ ڪرڻ وارو آهي.

مدينہ 11: حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي،”طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز کان پهريان تازي **ڪارڪ** سان روزو افطار فرمائيندا هئا، تازي **ڪارڪ** نہ هوندي هئي تہ ڪجهہ خشڪ **ڪارڪ** يعني چوهارن سان ۽ هي بہ نہ هوندا هئا تہ ڪجهہ ڍڪ پاڻي پيئندا هئا. (سنن ابو داود ج 2 ص 447حديث 2356)

هن حديثِ پاڪ ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي تہ اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اول تہ تازي **ڪارڪن** سان روزو افطار ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا جيڪڏهن اهي حاضر نہ هونديون هيون تہ پوءِ چوهارن سان، اهي بہ جيڪڏهن موجود نہ هوندا هئا تہ پوءِ پاڻيءَ سان روزو افطار فرمائيندا هئا. تنهنڪري اسان جي پهرين ڪوشش هي هئڻ گهرجي تہ افطار جي لاءِ مٺي مٺي **ڪارڪ** ملي وڃي جيڪا مٺي مٺي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّت آهي اها نہ ملي تہ پوءِ چوهارا ۽ اهي بہ موجود نہ هجن تہ پوءِ هاڻي پاڻيءَ سان ئي روزو افطار ڪري ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مبارڪ ۾ سَحَري ۽ افطار ۾ **ڪارڪ** جي استعمال جي ڪافي ترغيب موجود آهي **ڪارڪ** ڪائڻ، ان کي پسائي ان جو پاڻي پيئڻ. ان سان علاج تجويز ڪرڻ اهي سڀ سنّتون آهن. مطلب ته هن ۾ لاتعداد برڪتون ۽ بيشمار بيمارين جو علاج آهي.

”امام احمد رضا جي پنجويهين شريف“ جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان ڪارڪ جا 25 مدني گل

مدينه 1: طبيبن جي طبيب، الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، عالي رُتبه **عَجْوه** (مدينهءِ منوره جي سڀ کان عظيم **ڪارڪ** جو نالو) ۾ هر بيماريءَ کان شفا آهي. علامه بدرالدين عيني حنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي روايت موجب”ستن ڏينهن تائين روزانو ست عدد عَجْوه **ڪارڪ** ڪائڻ جُذام (يعني ڪوڙهه) کي روڪيندو آهي.“ **(عمدة القاري ج 14 ص 446حديث 5768)**

مدينه 2: مني مني آقا مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي:” **عَجْوه ڪارڪ** جنّت مان آهي هن ۾ زهر کان شفا آهي.“ **(ترمذي ج 4 ص 17حديث2073)** بخاري شريف جي روايت موجب جنهن نيراني **عَجْوه ڪارڪ** جا ست داڻا ڪائي ڇڏيا ان ڏينهن ان کي جادو ۽ زهر به نقصان نه ڏئي سگهندا.

(صحيح بخاري شريف ج 6 ص 540حديث 5445)

مدينه 3: سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، **ڪارڪ** ڪائڻ سان قولنج (يعني وڏي آنڊي جو سور جنهن کي انگريزيءَ ۾ اپينڊڪس APPENDIX چوندا آهن) ناهي ٿيندو. **(ڪنزالعمال ج 10 ص 12 حديث24191)**

مدينه 4: طبيبن جي طبيب الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاءِ نشان آهي:"نيراني **ڪارڪ** ڪائو ان سان پيٽ جا ڪيڙا مري ويندا آهن ." (الجامع الصغير ص 398 حديث6394)

مدينه 5: حضرت سيّدُنا ربيع بن خُثيم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، "منهنجي ويجهو حامله (يعني ڳورهاري) جي لاءِ **ڪارڪ** ڪان ۽ مريض جي لاءِ ماڪيءَ ڪان بهتر ڪنهن شيءِ ۾ شفا ناهي." (درمنثور ج 5 ص 505)

مدينه 6: سيّدي محمد احمد ذهبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا حامله (ڳورهاري) کي **ڪارڪ** ڪارائڻ سان اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ چوڪرو پيدا ٿيندو جيڪو خوبصورت، بُردبار ۽ نرم مزاج هوندو.

مدينه 7: جيڪو بُک جي سبب ڪان ڪمزور ٿي ويو هجي ان جي لاءِ **ڪارڪ** تمام مفيد آهي ڇو تہ هي غذائيّت (يعني ڪاڏي جي طاقتور جُزن) سان ڀرپور آهي هن جي ڪائڻ سان جلد توانائي بحال ٿي ويندي آهي تنهنڪري **ڪارڪ** سان افطار ڪرڻ ۾ اها حڪمت به آهي.

مدينه 8: روزي ۾ هڪدم برف جو ٿڌو پاڻي پيئڻ سان گيس، تَبَخِّيرِ مِعده (معدي جي گرمي) ۽ جگر جي ورم (يعني سوڄ) جو سخت خطرو آهي. **ڪارڪ** ڪائي ٿڌو پاڻي پيئڻ سان نقصان جو خطرو ٿري ويندو آهي. پر تمام ٿڌو پاڻي پيئڻ هر وقت نقصان ڪار آهي.

مدينه 9: ڪارڪ ۽ ڪيرو (يعني بادرنگ) يا ونگي ۽ پڻ **ڪارڪ** ۽ هنداڻو گڏ ڪائڻ سنّت آهي. هن ۾ به حڪمتن جا مدني گل آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي عمل جي لاءِ تہ هن جو سنّت هجڻ ئي ڪافي آهي، طبيبن جو

چوڻ آهي تہ ان سان جنسي ۽ جسماني ڪمزوري ۽ ڏہرائپ ختم ٿيندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي،" **مکڻ** سان گڏ **کارڪ** کائڻ بہ سنّت آهي."

(سنّن ابن ماجه ج 4 ص 41 حديث 3334)

پُراڻيون ۽ تازيون کارڪون ملائي ڪري کائڻ بہ سنّت آهي. **ابنِ ماجه** ۾ آهي، جڏهن شيطان ڪنهن کي ائين ڪندي ڏسندو آهي تہ افسوس ڪندو آهي تہ پراڻي سان گڏ نئين **کارڪ** کائي ڪري ماڻهو تنومن (يعني مضبوط جسم وارو) ٿي ويو.

(سنّن ابنِ ماجه ج4ص40حديث 3330)

مدينه 10: کارڪ کائڻ سان پُراڻو قبض ختم ٿيندو آهي.

مدينه 11: اُيساهي (دمو)، دل، گردي، مثاني، پِتي ۽ آنڊن جي مرضن ۾ **کارڪ** مفيد آهي. هيءَ بلغم خارج ڪندي آهي وات جي خشڪيءَ کي ختم ڪندي آهي، قُوّتِ باهه وڌائيندي ۽ پيشاب آڻيندڙ آهي.

مدينه 12: دل جي بيماري ۽ ڪاري موتي (يعني جسم تي ڦرڙيون ٿيڻ) جي لاءِ **کارڪ** کي ککڙيءَ سميت ڪُٽي کائڻ مفيد آهي.

مدينه 13: کارڪ کي پسائي ان جو پاڻي پيئي ڇڏڻ سان جگر جون بيماريون ختم ٿينديون آهن. دستن جي بيماريءَ ۾ بہ هي پاڻي مفيد آهي. (رات جو پسائي صبح جو نيراني ان جو پاڻي پيئو پر پسائڻ جي لاءِ فريزر ۾ نہ رکو.)

مدينه 14: کارڪ کي کير ۾ اوہاري کائڻ بهترين مقوي (يعني طاقت ڏيڻ واري) غذا آهي. هيءَ غذا بيماريءَ کان پوءِ جي ڪمزوري ختم ڪرڻ جي لاءِ بيحد مفيد آهي.

مدينه 15: ڪارڪ ڪائڻ سان زخم جلدي پرجي ويندو آهي.

مدينه 16: يرقان (يعني سائيءَ) جي لاءِ **ڪارڪ بهترين دوا آهي.**

مدينه 17: تازي پڪل **ڪارڪ** صفرا (يعني"پتي" مان اٿيءَ ذريعي نڪرندڙ پيلو ۽ ڪوڙو پاڻي) ۾ تيزابيّت (يعني Acidity) کي ختم ڪندي آهي.

مدينه 18: ڪارڪ جي ڪڪڙين کي باهه ۾ ساڙي ان جو منجن (يعني ٿُوٿ پائوڊر) ناهيو. هي ڏندن کي چمڪدار ۽ وات جي بدبوءِ کي ختم ڪندو آهي.

مدينه 19: ڪارڪ جي سڙيل ڪڪڙين جي ڪيري (يعني خاڪ) لڳائڻ سان زخم جو رت بند ٿي ويندو آهي ۽ زخم پرجي ويندو آهي.

مدينه 20: ڪارڪ جي ڪڪڙين کي باهه ۾ وجهي واس وٺڻ بواسير (يعني موڪن) کي خشڪ ڪندو آهي.

مدينه 21: ڪجيءَ جي وڻ جي پاڙن يا پَنن جي ڪيري ڏندن جي سور جي لاءِ مفيد آهي. پاڙن يا پنن کي پاڻي ۾ ڪاڙهي ان سان گرڙيون ڪرڻ بہ ڏندن جي سور ۾ فائديمند آهي.

مدينه 22: جنهن کي **ڪارڪ** ڪائڻ سان ڪنهن قسم جو نقصان (Sideeffect) ٿيندو هجي تہ ڏاڙهون جو رس يا خس خس يا ڪاري مرچ سان گڏ استعمال ڪري اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

مدينه 23: اڌ پڪل ۽ پُراڻي **ڪارڪ** هڪ ئي وقت ڪائڻ نقصانڪار آهي اهڙيءَ ريت **ڪارڪ** سان گڏ انگور يا **ڪشمش** يا مُنَقّا ملائي ڪائڻ، **ڪارڪ** ۽ انجير هڪ ئي وقت ڪائڻ، بيماريءَ مان اٿندي ئي ڪمزوريءَ ۾ گهٽي

ڪارڪ ڪائڻ ۽ اکين جي بيماريءَ ۾ **ڪارڪ** ڪائڻ نقصانڪار آهي.

مدينه 24: هڪ وقت ۾ 5 تولا (يعني تقريبًا 60 گرام)ڪان وڌيڪ **ڪارڪ** نه ڪائو. پُراڻي **ڪارڪ** ڪائڻ وقت ڪولي اندران ڏسي ونو ڇو ته هن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ننڍا ننڍا ڳاڙها جيت هوندا آهن) تنهن ڪري صاف ڪري ڪائو. جنهن **ڪارڪ** ۾ ڪيڙا هجڻ جو گمان هجي ان کي صاف ڪرڻ کان سواءِ ڪائڻ مڪروهه آهي. (عون المعبود ج10 ص246) ڪپائڻ وارا چمڪائڻ جي لاءِ اڪثر سرنهن جو تيل لڳائي ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري بهتر هي آهي ته **ڪارڪ** کي ڪجهه منٽن جي لاءِ پاڻي ۾ پسائي رکو، ته جيئن مڪين جون وِنيون ۽ ڪِن ڪچرو صاف ٿي وڃي پوءِ ڌوئي استعمال ڪيو. وڻ جي پڪل **ڪارڪ** وڌيڪ مفيد هوندي آهي.

مدينه 25: مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي **ڪارڪن** جون ڪڪڙيون هيڏي هوڏي نه اڇلايو، ڪنهن ادب جي جاءِ تي رکي ڇڏيو يا درياءَ ۾ وجهي ڇڏيو بلڪ ٿي سگهي ته ڪنهن شيءِ سان ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري دبيءَ ۾ وجهي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ سوپاريءَ جي جاءِ تي استعمال ڪري ان جون برڪتون ماڻيو. مديني مان ٿي آيل هر شيءِ توڙي اها دنيا جي ڪنهن به خطي جي هجي اها مديني پاڪ جي فضائن ۾ داخل ٿيندي ئي مديني جي ٿي وئي. تنهن ڪري عاشق ان جو ادب ڪندا آهن.

افطار جي وقت دعا قبول ٿيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزيدار ڪيڏو خوش نصيب آهي جو هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪندو رهندو آهي. ايتري تائين جو جڏهن افطار جي وقت هو جيڪا به دعا گهري

تو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان قبول فرمائيندو آهي جيئن ته سيّدُنا **عبدالله ابن** عَمْر و بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته امامُ الْمُتَوَكِّلِين، سيّدُ القانِعين، رَحْمةٌ لِّلعٰلمين، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي:

اِنَّ لِلصَّآئِمِ عِنْدَ فِطْرِهٖ لَدَعْوَةً مَّاتُرَدُّ

ترجمو: "بيشڪ روزيدار جي لاءِ افطار جي وقت هڪ اهڙي دعا هوندي آهي جيڪا رد ناهي ڪئي ويندي."

(الترغيب والترهيب ج2 ص53 حديث 29)

سيّدُنا ابُوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پَيڪرِ جُود و سَخاوت، سراپاءِ رحمت، محبوبِ رَبُّ الْعِزَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُر عظمت آهي: "ٽن شخصن جي دعا رد ناهي ڪئي ويندي. (1) هڪ روزيدار جي افطار جي وقت (2) ٻيو عادل بادشاهه جي ۽ (3) ٽيون مظلوم جي. انهن ٽنهي جي دعا الله عَزَّوَجَلَّ بادلن (يعني ڪڪرن) کان به مٿي کڻي ڇڏيندو آهي ۽ آسمان جا دروازا ان جي لاءِ کُلي ويندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: "مون کي منهنجي عزّت جو قسم! مان تنهنجي ضرور مدد فرمائيندس. جيتوڻيڪ ڪجهه دير پوءِ ٿئي.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 349 حديث 1752)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اسين ڪائڻ پيئڻ ۾ رهجي ويندا آهيون

پيارا روزيدارؤ! توهان کي مبارڪ هجي جو توهان جي لاءِ هيءَ بشارت (يعني خوشخبري) آهي ته افطار جي وقت جيڪا دعا گهرندؤ، اها قبوليّت واري درجي تائين پهچي ويندي. پر افسوس

جو اڄڪلهه اسان جي حالت ڪجهه اهڙي ته عجيب ٿي چُڪي آهي جو ڳالهه ئي نه پُڇو! افطار جي وقت اسان جو نفس وڏي سخت آزمائش ۾ اچي ويندو آهي ڇو ته عام طور تي افطار جي وقت اسان جي آڏو مختلف قسمن جا ميوا، ڪباب، سموسا، پڪوڙن سان گڏوگڏ گرمي جي موسم هجي ته ٺڏا ٺڏا شربت جا جام به موجود هوندا آهن بُک ۽ اڄ جي شدت جي سبب اسين بي حال ته ٿي ئي چُڪا هوندا آهيون. بس جيئن ئي سج لٿو، ڪاڏن ۽ شربت تي ائين ڪِري پوندا آهيون جو دعا ياد ئي ناهي رهندي! دعا ته دعا اسان جا بيشمار اسلامي ڀائر افطار جي دوران ڪائڻ پيئڻ ۾ ايڏو ته مشغول ٿي ويندا آهن جو ڪين سانجهيءَ جي نماز جي پوري جماعت به ناهي ملندي. بلڪه مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪجهه ته ايتريقدر سُستي ڪندا آهن جو گهر ۾ ئي افطار ڪري اتي ئي بغير جماعت جي نماز پڙهي ڇڏيندا آهن توبهه!توبهه!!

جنّت جا طلبگارو! ايڏي به غفلت نه ڪريو!!جماعت سان نماز ادا ڪرڻ جي شريعت ۾ نهايت ئي سخت تاڪيد آئي آهي ۽ هميشه ياد رکو! ڪنهن صحيح شرعي مجبوريءَ ڪانسواءِ مسجد جي پنج وقتي نماز جي جماعت ڇڏي ڏيڻ گناهه آهي.

افطار جا احتياط: **بهتر** هي آهي ته هڪ اڌ **ڪارڪ** سان افطار ڪري فورًا چڱيءَ طرح وات صاف ڪري ونجي ۽ باجماعت نماز ۾ شريڪ ٿي وڃجي. اڄڪلهه مسجد ۾ ماڻهو ميوا پڪوڙا وغيره ڪائڻ کان پوءِ وات کي چڱيءَ طرح صاف ناهن ڪندا فورًا جماعت ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن جڏهن ته

ڪاڏي جو معمولي ذرو يا ذائقو بہ وات ۾ نہ هئڻ گهرجي جو هڪ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي بہ آهي: **ڪرامًا ڪاتبين** (يعني اعمال لکڻ وارن ٻن بزرگ فرشتن) تي ان ڪان وڌيڪ ڪا ڳالهہ شديد ناهي جو اهي جنهن شخص تي مقرر آهن ان کي هن حال ۾ نماز پڙهندي ڏسن جو ان جي ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ هجي.“ **(طبراني ڪبير ج4 ص 177 حديث 4061)** منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪيترن ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ جڏهن ٻانهو نماز جي لاءِ بيهندو آهي تہ فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي، هو جيڪو ڪجهہ پڙهندو آهي ان جي وات مان نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندو آهي ان وقت جيڪڏهن ڪاڏي جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي فرشتي کي ان ايڏي تہ سخت تڪليف ٿيندي آهي جو ٻي ڪنهن شيءِ کان ناهي ٿيندي.

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:” جڏهن توهان مان ڪو نماز جي لاءِ بيهي تہ ڪيس گهرجي تہ ڏندڻ ڪري وٺي ڇو تہ جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قراءَت ڪندو آهي تہ فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ ان جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“ **(ڪنزالعمال ج9 ص 319)** ۽ طبرانيءَ، ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ ٻنهي فرشتن تي ان کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ ڏکي ناهي جو اهي پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن

۾ ڪاڏي جا ذرا ڦاٽل هجن.“ (فتاویٰ رضویه ج1 ص 624 کان 625) مسجد ۾ افطار ڪرڻ وارن کي اڪثر ڪري وات جي صفائي ڏکي لڳندي آهي ڇو ته چڱيءَ طرح صفائي ڪرڻ لاءِ ويهن ته جماعت نڪري وڃڻ جو انديشو هوندو آهي تنهن ڪري مشورو آهي ته رُڳو هڪ اڌ ڪارڪ ڪائي ڪري پاڻي پي وٺندا. پاڻيءَ کي وات جي اندر خوب جنبش ڏيندا يعني گهمائيندا ته جيئن ڪارڪ جي مٿاڻ ۽ ان جا ذرا الڳ ٿي پاڻيءَ سان پيٽ ۾ هليا وڃن، ضرورت موجب ڏندن ۾ خلال به ڪندا جيڪڏهن وات صاف ڪرڻ جو موقعو نه ملندو هجي ته آساني انهيءَ ۾ آهي ته رُڳو پاڻيءَ سان افطار ڪري ڇڏيو. مون کي انهن روزيدارن تي وڏو پيار ايندو آهي جيڪي قسمين قسمين نعمتن جي ٿالهن کان بي نياز ٿي ڪري سج لهڻ کان پهريان پهچي مسجد جي پهرين صف ۾ ڪارڪ ۽ پاڻي ڪٽي اچي ويهي ويندا آهن ته جيئن افطار کان جلدي فراغت به ملي، وات کي صاف ڪرڻ ۾ به آساني رهي ۽ پهرين صف ۾ تڪبير اوليٰ سان باجماعت نماز به نصيب ٿئي.

افطار جي دعا

هڪ اڌ ڪارڪ وغيره سان روزو افطار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ دعا ضرور گهرندا ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ڪا هڪ دعاءِ ماثوره[1] ئي پڙهي ڇڏيو. ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي مختلف وقتن ۾ جدا جدا دعائون گهريون آهن انهن مان گهٽ ۾ گهٽ ڪا هڪ دعا ته ياد ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ انهيءَ کي

[1] قرآن ۽ حديث ۾ جيڪي دعائون ڄاڻايل آهن انهن کي دعاءِ ماثوره چئبو آهي.

پڙهي ونڻ گهرجي. افطار کان پوءِ جي هڪ مشهور دعا اڳ ۾ ص 139 تي گذري چڪي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻي روايت ملاحظ فرمايو. جيئن ته ابوداود (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي روايت ۾ اچي ٿو ته سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم افطار جي وقت هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰھُمَّ لَکَ صُمْتُ وَعَلٰی رِزْقِکَ اَفْطَرْتُ۔

(سنن ابوداود ج2 ص447 حديث 2358)

ترجمو:اي الله عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي لاءِ روزو رکيو ۽ تنهنجي ئي عطا ڪيل رزق سان افطار ڪيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گذريل حديثِ مبارڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته ”افطار جي وقت دعا رد ناهي ڪئي ويندي.“ ڪڏهن ڪڏهن دعا جي قبوليّت جي ظاهر ٿيڻ ۾ دير ٿي ويندي آهي ته ذهن ۾ هيءَ ڳالهه ايندي آهي ته **دعا** آخر قبول ڇو نه ٿي! جڏهن ته حديثِ مبارڪ ۾ ته دعا جي قبوليّت جي بشارت آيل آهي. پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بظاهر دير کان نه گهبرايو. سيّدي **اعلیٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي والد گرامي حضرت رئيسُ الْمُتَکَلِّمين سيّدُنا نقي علي خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن اَحسَنُ الْوِعاءِ لِاٰدَابِ الدُّعاءِ جي ص 7 تي نقل ڪن ٿا:

دعا جا ٽي فائدا

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: **دعا** ٻانهي جي، تن ڳالهين کان خالي ناهي هوندي (1) يا ان جو گناهه بخشيو ويندو آهي يا (2) ان کي فائدو حاصل ٿيندو آهي يا (3) ان جي لاءِ آخرت ۾ ڀلائي جمع ڪئي ويندي آهي، جو جڏهن ٻانهو آخرت ۾ پنهنجي

دعائن جو ثواب ڏسندو جيڪي دنيا ۾ مُستجاب (يعني مقبول) نہ ٿيون هيون تڏهن تمنا ڪندو، ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪابہ دعا قبول نہ ٿئي ها ۽ سڀ هتان (يعني آخرت) جي واسطي جمع ٿين ها.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 315)

دعا ۾ پنج سعادتون

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ دعا بيڪار تہ ويندي ئي ناهي. انهيءَ جو دنيا ۾ جيڪڏهن اثر ظاهر نہ بہ ٿئي تہ آخرت ۾ ان جو اجر ۽ ثواب ملي ئي ويندو. تنهن ڪري دعا ۾ سُستي ڪرڻ مناسب ناهي.

"يا عَفُوُّ" جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل

مدينہ 1: پهريون فائدو هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي پيروي ٿئي ٿي جو ان جو حڪم آهي تہ مون کان دعا گهرندا ڪريو. جيئن جو قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس

مدينہ 2: دعا گهرڻ سنّت آهي جو اسان جا پيارا پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقتن ۾ دعا گهرندا هئا. انهيءَ ڪري دعا گهرڻ ۾ **اتباع سنّت** جو بہ شرف حاصل ٿيندو.

مدينہ 3: دعا گهرڻ ۾ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) بہ آهي جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا جي پنهنجي غلامن کي تاڪيد فرمائيندا رهندا هئا.

مدينه 4: دعا گهرڻ وارو عابدن جي زُمري (يعني گروهه) ۾ داخل ٿيندو آهي جو دعا هونئن ئي هڪ عبادت بلڪ عبادت جو به مغز آهي. جيئن جو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي.

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ۔

ترجمو: دعا عبادت جو مغز آهي
(جامع ترمذي ج5 ص243 حديث 3382)

مدينه 5: دعا گهرڻ سان يا ته ان جو گناهه مُعاف ڪيو ويندو آهي يا دنيا ۾ ئي ان جا مسئلا حل ٿيندا آهن يا وري اها **دعا** ان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻجي ويندي آهي.

خبر ناهي ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! دعا گهرڻ ۾ **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت به آهي دعا گهرڻ سنّت به آهي دعا گهرڻ سان عبادت جو ثواب به ملندو آهي ۽ پڻ ڪيترائي دنيا ۽ آخرت جا فائدا به حاصل ٿيندا آهن ڪجهه ماڻهن کي ڏنو ويو آهي ته اهي دعا جي قبوليّت جي لاءِ تمام گهڻي تڪڙ ڪندا آهن بلڪ مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻَنَاڪون هڻندا آهن جو اسان ته هيتري عرصي کان دعائون گهري رهيا آهيون بزرگن کان به دعائون ڪرائيندا رهيا آهيون ڪوبه پير، فقير ناهي ڇڏيو هي وظيفا پڙهندا آهيون هو ورد پڙهندا آهيون، فلاڻي فلاڻي مزار تي به وياسين پر الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حاجت پوري ڪري ئي نه ٿو پر ڪن کي ته هيئن به چوندي ٻُڌو ويندو آهي: ”خبر ناهي اهڙو ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي.“

نماز نہ پڑھڻ تہ ڇڻ خطائي ناهي!!!

اهڙي ”اندر جي باهہ“ ڪيڏ واري ڪان جيڪڏهن سوال ڪيو وڃي تہ ڀائو! توهان نماز تہ پڙهندا ئي هوندؤ؟ تہ شايد جواب ملي ”جي نہ“ ڏنو توهان! زبان تي تہ بي اختيار جاري ٿي رهيو آهي تہ خبر ناهي الائي ڪهڙي خطا اسان ڪان اهڙي ٿي آهي؟ جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي! ۽ نماز ۾ سندن غفلت تہ ڪين نظر ئي نہ ٿي اچي!ڇڻ نماز نہ پڙهڻ تہ (مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ) ڪو گناهہ ئي ناهي! نادان! پنهنجي مختصر وجود تي ئي ٿوري نظر وجهي تہ ڏسو!مٿي جا وار انگريزي، انگريزن جيان مٿو بہ اگهاڙو، لباس بہ انگريزي، چهرو دشمنانِ مصطفیٰ آتش پرستن جهڙو يعني تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظيم سنّت ڏاڙهي مبارڪ چهري تان غائب! رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقا اسلام جي دشمنن جهڙا، نماز بہ نہ پڙهن حالانڪہ نماز نہ پڙهڻ زبردست گناهہ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام، ويتر سڄو ڏينهن ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وعدي خلافي، بدگماني، بدنگاهي، والدين جي نافرماني، گار گند، فلمون ڊراما، گانا باجا، وغيره وغيره نہ ڄاڻ ڪيڏا گناهہ ڪندا وڃن. پر اهي گناهہ ”صاحب“ کي نظر ئي نہ ٿا اچن. ايڏا گناهہ ڪرڻ جي باوجود شيطان غافل ڪري ڇڏي ٿو ۽ زبان مان هي شڪايت وارا لفظ نڪري رهيا هوندا آهن.

کیا خط ہم سے ایسی ہوئی ہے؟ جس کی ہم کو سزا مل رہی ہے!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جنهن دوست جي ڳالهه اسان نه مڃون ٿا

ٿورو سوچو ته سهي! توهان جو ڪو جگري دوست توهان کي ڪيترائي ڀيرا ڪو ڪم چوي پر اوهان ان جو ڪم نه ڪيو ۽ ڪڏهن اوهان جو پنهنجي انهيءَ دوست ۾ ڪم پئجي وڃي ته ظاهر آهي ته اوهان پهريان کان ئي لڄي هوندؤ جو مون ته ان جو هڪ به ڪم ناهي ڪيو هاڻي هو ڀلا منهنجو ڪم ڪيئن ڪندو! جيڪڏهن توهان همت ڪري ڳالهه ڪري به ڏني ۽ واقعي ان ڪم نه به ڪيو تڏهن به توهان شڪايت نه ڪري سگهندؤ ڇو ته توهان به ته پنهنجي دوست جو ڪو ڪم ڪونه ڪيو هو.

هاڻي ٿڌيءَ دل سان غور ڪريو ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪيڏا ڪم ٻُڌايا. ڪهڙا ڪهڙا احڪام جاري فرمايا. پر اسين سندس ڪهڙن ڪهڙن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيندو ته ان جي ڪيترن ئي حڪمن جي فرمانبرداريءَ ۾ اسان کان نهايت ئي ڪوتاهيون واقع ٿيون آهن. اميد آهي ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هوندي جو پاڻ ته پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن تي عمل نه ڪريون ۽ هو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه (يعني دعا) جو اثر ظاهر نه فرمائي ته ڏک، ڏوراپو ڪٽي ويهي رهون. ڏسو نه! جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪنهن جگري دوست جي ڪا ڳالهه هرهر ٽاريندا رهو ته ٿي سگهي ٿو ته اهو توهان کان دوستي ئي ختم ڪري ڇڏي. پر الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي ڪيتريقدر مهربان آهي جو سڄي عمر سندس فرمان جي خلاف ورزي ڪيون پوءِ به هُو پنهنجي ٻانهن جي فهرست مان خارج نٿو ڪري. هُو لطف ۽ ڪرم فرمائيندو ئي رهي ٿو. ٿورو

غور تہ فرمايو! جيڪي ٻانها احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن هُو بہ سزا جي طور تي پنهنجا احسان ڪانئن روڪي ڇڏي تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟ يقيني طور تي ان جي عنايت ڪانسواءِ هڪ قدم بہ ڪونہ ڪٽي سگهندا. سوچيو! جيڪڏهن هو پنهنجي عظيم الشّان نعمت هوا کي، جيڪا بلڪل مفت عطا فرمائي اٿس جيڪڏهن ڪجهہ گهڙين جي لاءِ روڪي ڇڏي تہ گهڙي پل ۾ ئي لاشن جا انبار لڳي وڃن!!

دعا جي قبوليت ۾ ديرجو هڪ سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڪثر ڪري دعا جي قبوليّت جي دير ۾ ڪافي **مصلحتون** بہ هونديون آهن جيڪي اسان جي سمجهہ ۾ ناهن ايندیون. حضور سراپا نُور، فيض گنجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪو پيارو **دعا** گهرندو آهي تہ الله تعالىٰ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) کي ارشاد فرمائيندو آهي، ”ترسو! هاڻي نہ ڏيوس تہ جيئن ٻيهر گهري جو مون کي انهيءَ جو آواز پسند آهي.“ ۽ جڏهن ڪو ڪافر يا فاسق **دعا** گهرندو آهي تہ فرمائيندو آهي، ”اي جبريل(عَلَيْهِ السَّلَام)! هن جو ڪم جلدي ڪري ڇڏيو تہ جيئن ٻيهر نہ گهري جو مون کي ان جو آواز مڪروهہ (يعني ناپسند) آهي. (كنزالعمال ج 2 ص 39 حديث 3261)

حڪايت

حضرت سيّدُنا يحيىٰ بن سعيد بن قطان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ الله عَزَّوَجَلَّ کي خواب ۾ ڏنو، عرض ڪيائين، الاهي عَزَّوَجَلَّ مان اڪثر ڪري **دعا** گهرندو آهيان ۽ تون قبول ناهين فرمائيندو؟ حڪم ٿيو، ”اي يَحْيىٰ! مان تنهنجي آواز کي دوست رکان ٿو. انهيءَ

ڪري تنهنجي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ڪندو آهيان.“ (احسن الوعا ص 35)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هينئر جيڪا حديثِ پاڪ ۽ حڪايت گذري ان ۾ هي ٻُڌايو ويو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجي نيڪ ٻانهن جو روئڻ ۽ ٻاڏائڻ پسند آهي تہ ائين بہ عام طور تي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ٿيندي آهي. هاڻي انهيءَ مصلحت کي اسين ڪيئن ٿا سمجهي سگهون! بهرحال تڪڙ نہ ڪرڻ گهرجي. ”احسن الوعاءِ“ جي صفحي 33 تي **آدابِ دعا** بيان ڪندي حضرت رئيس المتڪلمين مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي

(دعا جي آداب مان هي بہ آهي تہ) **دعا** جي قبوليّت ۾ تڪڙ نہ ڪجي. حديث شريف ۾ آهي تہ **الله تعالي** ٽن ماڻهن جي **دعا** قبول ناهي ڪندو. هڪ اهو جيڪو گناهہ جي **دعا** گهري. ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهہ چاهي جيڪا قطع رِحْم هجي. ٽيون اهو جيڪو قبولجڻ ۾ تڪڙ ڪري تہ مون **دعا** گهري اجان تائين قبول ناهي ٿي.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 314حديث 9)

هن حديث ۾ فرمايو ويو آهي تہ ناجائز ڪم جي دعا نہ گهري وجي جو اها قبول ناهي ٿيندي ۽ پڻ ڪنهن رشتيدار جو حق ضائع ٿيندو هجي اهڙي دعا بہ نہ گهرجي ۽ **دعا** جي قبوليّت جي لاءِ تڪڙ بہ نہ ڪجي نہ تہ **دعا** قبول ڪونہ ڪئي ويندي.

” اَحسَنُ الْوِعاءِ لِاٰدَابِ الدُّعاء“ تي اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن حاشيو تحرير فرمايو آهي ۽ ان

جو نالو" ذَيلُ الْمُدَّعا لِاَحسَنِ الْوِعاء" رکيو آهي. انهيءَ حاشيي ۾ هڪ جاءِ تي دعا جي قبوليّت ۾ تڪڙ ڪرڻ وارن کي پاڻ پنهنجي مخصوص ۽ نهايت ئي علمي انداز ۾ سمجهائيندي فرمائن ٿا:

آفيسرن وٽ تہ هر هر ڏکا ڪائيندا آهيو! **سگانِ دنيا** (يعني دنياوي آفيسرن) جي اميدوارن (يعني انهن کان ڪم ڪڍڻ جي خواهشمندن) کي ڏنو ويندو آهي تہ ٽن ٽن سالن تائين اميدواري (۽ انتظار) ۾ گذاريندا آهن، صبح ۽ شام سندن دروازن تي پَڄندا آهن، (ڏکا ڪائيندا آهن) ۽ اهي (آفيسر) آهن جو ڪين رخ بہ ناهن ڏيندا، جواب ناهن ڏيندا، دڙڪا ڏيندا آهن خار ڪائيندا ۽ چهري ۾ گُهنج وجهندا آهن، اميدواريءَ ۾ خرچ ڪيو تہ بيڪار (بيڪار محنت) مٿي تي گنئي، هي حضرت (يعني اميدوار) گرهہ (يعني ڪيسي) منجهان ڪائيندا آهن گهر کان گهرائيندا، هروپرو بيڪار (يعني فضول محنت) جي مصيبت سر تي سهندا آهن ۽ اتي (يعني آفيسرن وٽ ڏکا ڪائڻ ۾ ڪين) سال گذرن تہ بہ جڻ پهريون ڏينهن آهي پر هي (دنياوي آفيسرن وٽ ڏکا ڪائڻ وارا) نہ اميد ٽوڙين نہ (آفيسرن جو) پيچو چڏين ۽ اَحْكَمُ الْحَاكِمِين، اَكْرَمُ الْاَكْرَمِيْن، عَزَّجَلَالُهٗ جي دروازي تي پهريان تہ اچي ئي ڪير ٿو! ۽ اچي بہ تہ بي دليو تي، تڪڙ ۾، سياڻي ٿيڻ وارو ڪم اڄ تي وڃي. هڪ هفتو ڪجهہ (ورد) پڙهندي تہ ڇا گذريو، هاڻي شڪايت ٿيڻ لڳي، سائين! پڙهيو تہ هو پر ڪجهہ اثر نہ ٿيو! اهي بيوقوف پنهنجي لاءِ اجابت (يعني قبوليّت) جو دروازو پاڻ بند ڪري چڏيندا آهن. مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللهِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَالَمْ يُعَجِّلْ يَقُوْلُ دَعَوْتُ فَلَمْ يَسْتَجِبْ لِي۔
(صحيح البخاري ج4ص200حديث 6340)

ترجمو: ”توهان جي دعا قبول ٿيندي آهي جيستائين تڪڙ نه ڪريو هي نه چئو ته مون دعا گهري هئي قبول نه ٿي.“

ڪجهه ته ان تي اهڙا بي قابو ٿي ويندا آهن جو اعمال واَدْعِيَه (يعني وردن ۽ دعائن) جي اثر کان بي اعتقاد، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم جي واعدي کان بي اعتماد ٿي ويندا آهن جو وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ الْكَرِيْمِ الْجَوَاد. اهڙن کي چيو وڃي ته اي بي حيا! بي شرمو!! ٿورو پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ڏسو. جيڪڏهن ڪو توهان جو هڪ جيڏو دوست توهان کي هزار ڀيرا ڪجهه پنهنجا ڪم چوي ۽ توهان ان جو هڪڙو ڪم به نه ڪريو ته پنهنجو ڪم ان کي چوندي، اوّل ته پاڻ لڄي ٿيندؤ جو اسان ته سندس چوڻ ورتو ئي ناهي هاڻي ڪهڙي منهن سان ان کي ڪم لاءِ چئون؟ ۽ جيڪڏهن مطلب پيو ته چئي به ڏنؤ ۽ ان (جيڪڏهن توهان جو ڪم) نه ڪيو ته ڪهڙيءَ ريت به ڏوراپو ڪونه ڏيندؤ. ظاهر آهي پاڻ ئي سمجهو ٿا جو مون (ان جو ڪم) ڪٿي ڪيو هو؟ جو هُو ڪندو! هاڻي ڏسو ته توهان مالِکَ عَلَى الْاِطْلَاق عَزَّجَلَالُهٗ جي ڪيترن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ ان جا حڪم نه مڃڻ ۽ پنهنجي گذارش جي هر صورت ۾ قبوليّت چاهڻ ڪيڏي نه بي حيائي آهي!

او بي عقل! پوءِ فرق ڏس! پنهنجي مٿي کان پيرن تائين غور سان نظر ڪر، هڪ هڪ لُونءَ ۾ هر وقت، هر گهڙي، ڪيتريون ڪيتريون هزار در هزار، در هزار، صد هزار بيشمار نعمتون آهن. تون سمهين ٿو ۽ ان جا معصوم ٻانها (يعني فرشتا) تنهنجي حفاظت جي لاءِ پهرا ڏيئي رهيا آهن، تون گناهه ڪري رهيو آهين ۽ (پوءِ به) مٿي کان

پيرن تائين صحت ۽ عافيّت، آفتن کان حفاظت، ڪاڏي جو هاضمو، فُضَلات (يعني جسم جي اندرين گندگين) جو نڪرڻ، رت جي رواني، عضون ۾ طاقت، اکين ۾ روشني، بي حساب ڪرم بنا گهرڻ جي بنا چاهڻ جي توکي نصيب ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪڏهن تنهنجون ڪجهه گهرجون پوريون نه ٿين ته ڪهڙي منهن سان شڪايت ڪرين ٿو؟ توکي ڪهڙي خبر ته تنهنجي لاءِ ڀلائي ڇا ۾ آهي!تو کي ڇا خبر ته ڪهڙي سخت مصيبت اچڻ واري هئي جيڪا هن (ظاهر ۾ قبول نه ٿيڻ واري) دعا ٽاري ڇڏي. تون ڇا ٿو ڄاڻين ته هن دعا جي عيوض ڪيڏو ثواب تنهنجي لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي، ان جو واعدو سچو آهي ۽ قبوليّت جون هي ٽي صورتون آهن جن مان هر پوئين، پهرين کان اعليٰ آهي. ها، بي اعتقادي آئي ته يقين ڄاڻجان ته تون خساري ۾ آهين ۽ ابليس لعين توکي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰى (۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه، اهو پاڪ آهي ۽ عظمت وارو)

اي ذليل خاڪ! اي آبِ ناپاڪ! پنهنجو منهن ڏس ۽ هن عظيم شرف تي غور ڪر، جو پنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ، پنهنجو پاڪ ۽ مُتعالي (يعني بلند) نالو ونڻ، پنهنجي طرف منهن ڪرڻ، پنهنجي پُڪارڻ جي توکي اجازت ڏئي ٿو. لڪين مُرادون هن فضلِ عظيم تان گهور.

او بي صبرا! ڪجهه ٻِنڻ سِک، هن بلند آستاني جي خاڪ تي ليٽڙيون پاءِ. چنبڙيل رهه ۽ لڳاتار ديد لڳائي رک ته هاڻي ڏين ٿا هاڻي ڏين ٿا! بلڪ پُڪارڻ، ڪانئس ٻِنڻ جي لذت ۾ ائين گم ٿي وڃ جو ارادو ۽ مُراد ڪجهه ياد ئي نه رهي، يقين رک ته هن دروازي کان

هرگز محروم نہ موتندين جو مَنْ دَقَّ بَابَ الْكَرِيْمِ اِنْفَتَحَ (جنهن ڪريم جو دروازو ڪڙڪايو تہ اهو ان لاءِ ڪُلي ويو) وَبِاللّٰهِ التَّوْفِيْقُ ۽ توفيق الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي)

(ذيل المدعا لاحسن الوعاءِ ص 34 کان 37)

دعا جي قبوليت ۾ ديرتہ ڪرم آهي

حضرت سيّدُنا مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، اي عزيز! تنهنجو پروردگار عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ

ترجمو ڪنزالايمان: مان دعا گهرڻ واري جي دعا قبول ڪندو آهيان جڏهن مون کان دعا گهري.

فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَلْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿۱۸۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ اسان ڪهڙا نہ سنا قبول فرمائڻ وارا آهيون.

اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس.

تنهن ڪري يقين سمجهہ تہ هو توکي پنهنجي در کان محروم نہ ڪندو ۽ پنهنجي واعدي کي وفا فرمائيندو. هُو پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائي ٿو.

وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سوالي کي نہ جهڙڪ.

تہ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪيئن پنهنجي سخا جي در کان پري ڪندو؟ جڏهن تہ هُو توتي پنهنجي ڪرم جي نگاهہ رکي ٿو. جنهن ڪري تنهنجي دعا کي قبول ڪرڻ ۾ دير ڪندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ۔

(احسن الوعاءِ ص 33)

عِرق النساء جو سور ختم ٿي ويو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪافي واقعا ٻُڌڻ لاءِ ملندا آهن. هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان پنهنجي انداز ۾ عرض ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. اسان جو **مدني قافلو** نٿي شهر ۾ داخل ٿيو قافلي وارن مان هڪ اسلامي ڀاءَ کي **عِرقُ النّساء** (يعني ٽنگ جي رڳ) جو شديد سور پوندو هو. ويچارو سور جي شدت کان پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتل مڇيءَ جيان ڦٽڪندو هو. هڪ ڀيري سور جي سبب سڄي رات سُمهي ڪونہ سگهيو. آخري ڏينهن **امير قافلا** فرمايو: اچو سيئي ملي ڪري هن جي لاءِ دعا ٿا ڪريون. جيئن ئي دعا شروع ٿي ان اسلامي ڀاءَ جو بيان آهي: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعا جي دوران ئي سور ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ **عِرق النساء** جو سور بلڪل ختم ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت ڪافي عرصو ٿي چُڪو آهي اهي ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن مون کي وري ڪڏهن **عِرقُ النّساء** جي تڪليف نہ ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مون کي علائقائي **مدني قافلا** ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون ڏومون مچائڻ جي خدمت مليل آهي.

گر ہو عرِقِ النسا، یا عارِضہ کوئی سا　　پاؤ گئے صِحّتیں، قافلے میں چلو
دُور بیماریاں، اور پریشانیاں　　ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان **عِرق النساء** جهڙي مُوذي مرض کان نجات ملي ويئي. **عِرقُ النّساء** جي سڃاڻپ هي آهي جو هن ۾ ران جي جوڙ کان وني پيرن جي پيڏيُن تائين شديد سور ٿيندو آهي هي مرض سالن تائين پيچو ناهي ڇڏيندو.

عرق النساء جا 2 روحاني علاج

(1) سور جي جاءِ تي هٿ رکي ڪري اول ۽ آخر درود شريف، سورة الفاتحه هڪ پيرو ۽ ست پيرا هيءَ دعا پڙهي ڪري دم ڪري ڇڏيو: اَللّٰهُمَّ اذْهِبْ عَنِّيْ سُوءَ مَا اَجِدُ (اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کان مرض ختم فرماءِ) جيڪڏهن ٻيو دم ڪري ته **عَنّي** جي جاءِ تي **عنهُ** (يعني ان کان) چوي.

(مدت: تاحصولِ شفاء) (2) ''يَا مُحْيِيُ'' ست پيرا پڙهي ڪري گيس هجي يا پُني يا پيٽ ۾ تڪليف يا عِرقُ النّساء يا ڪنهن به جڳهه تي سور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع تي وجڻ جو خوف هجي، پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏيو اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت: تا حصولِ شفا)

''صدقي يارسول الله'' جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان روزو ٽوڙڻ وارين ڳالهين جا 14 نڪتا

مدينه 1: ڪائڻ، پيئڻ يا همبستري ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوي ته جڏهن ته روزيدار هجڻ ياد هجي. (ردالمحتار ج 3 ص 365)

مدينه 2: حقو، سگار، سگريٽ، چرس وغيره ڇڪڻ سان به **روزو** ٽُٽي پوي ٿو. جيتوڻيڪ جو پنهنجي خيال ۾ نِڙيءَ تائين دونهون نه پهتو هجي.

(بهارِ شريعت حصو پنجون ص 117)

مدينه 3: پان يا صرف تماڪ کي ڪائڻ سان بہ **روزو** ٽُٽي پوندو. جيتوڻيڪ جو توهان هر هر ان جي ٽڪ اُڇلائيندا رهو. ڇو تہ نِڙيءَ ۾ ان جا سنهڙا جزا ضرور پهچندا آهن. (ايضًا)

مدينه 4 :ڪنڊ وغيره اهڙيون شيون جيڪي وات ۾ رکڻ سان ڳري ويندیون آهن سي وات ۾ رکڻ ۽ ٿُڪ ڳهي ڇڏڻ سان **روزو** ٽُٽي پوندو. **(ايضًا)**

مدينه 5: ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ چٽي جيتري يا وڏيڪ هئي ان کي ڪائي ويو يا گهٽ ئي هئي پر وات مان ڪڍي وري ڪاڏائين تہ **روزو** ٽُٽي پيو. **(درمختار ج 3 ص 394)**

مدينه 6: ڏندن مان رت نڪري نِڙيءَ کان هيٺ لٿو ۽ رت ٿُڪَ کان وڏيڪ يا برابر يا گهٽ هيو پر ان جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيو تہ روزو ٽُٽي پيو ۽ جيڪڏهن گهٽ هيو ۽ مزو بہ نِڙيءَ ۾ محسوس نہ ٿيو تہ **روزو** نہ ويو. **(درمختار، رد المحتار ج 3 ص 368)**

مدينه 7: روزو ياد هئڻ جي باوجود حُقنو (يعني ڪنهن دوا جي پِچڪاري پويان واري جاءِ ۾ چڙهائڻ جنهن سان پائخانو جاري ٿئي) ورتو. يا نڪ جي ناسن مان دوا چڙهائي تہ **روزو** ٽُٽي پيو. **(عالمگيري ج 1 ص 204)**

مدينه 8: گرڙي ڪري رهيا هيو. بنا ارادي جي پاڻي نِڙيءَ کان هيٺ لٿو يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو ۽ دماغ ڏانهن چڙهي ويو تہ روزو ٽُٽي پيو پر جيڪڏهن روزيدار هجڻ پُلجي ويا هُجو تہ نہ ٽُٽندو، جيتوڻيڪ جو جاڻي واڻي ٿئي. ائين ئي روزيدار ڏانهن ڪنهن ڪا شيءِ اڇلائي، اها ان جي نِڙيءَ ۾ هلي وئي تہ **روزو** ٽُٽي پيو. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 178)**

مدينه 9 : سمهڻ ۾ (يعني ننڊ جي حالت ۾) پاڻي پيتو يا ڪجهه ڪائي ڇڏيو يا وات ڪُليل هو، پاڻيءَ جو قطرو يا برسات جو ڳڙو نِڙي ۾ هليو ويو تہ **روزو** ٽُٽي پيو. (الجوهرة النيّرة ج 1 ص 178)

مدينه 10: ٻئي جي ٿُڪ ڳهي ويو يا پنهنجي ٿُڪَ هٿ ۾ ڪڍي وري ڳهي ويو تہ **روزو** ٽُٽي پيو. (عالمگيري ج 1 ص 203)

مدينه 11: جيستائين ٿُڪ يا بلغم وات جي اندر موجود هجي ان کي ڳهي وڃڻ سان **روزو** نہ ويندو. هر هر ٿُوڪيندو رهڻ ضروري ناهي.

مدينه 12: وات ۾ رنگين ڏاڳا وغيره رکيا جنهن سان ٿُڪَ رنگين ٿي ويئي پوءِ اها ئي رنگين ٿُڪَ ڳهي ويو تہ **روزو** ٽُٽي پيو. (عالمگيري ج 1 ص 203)

مدينه 13: ڳوڙها وات ۾ هليا ويا ۽ توهان ڳهي ويو. جيڪڏهن قطرو يا ٻہ قطرا آهن تہ روزو نہ ويو ۽ وڏيڪ هئا ۽ ان جي ڇَهراڻ پوري وات ۾ محسوس ٿي تہ ٽُٽي پيو. پڳهر جو ٻہ اهو ئي حڪم آهي. (عالمگيري ج 1 ص 203)

مدينه 14: استنجي واري جاءِ ٻاهر نڪري آئي تہ حڪم هي آهي تہ چڱيءَ طرح ڪنهن ڪپڙي وغيره سان اگهي اتو تہ جيئن آلاڻ باقي نہ رهي. جيڪڏهن ڪجهه پاڻي ان تي باقي هيو ۽ اتي بيٺو جنهن جي ڪري پاڻي اندر هليو ويو تہ **روزو** فاسد ٿي ويو(ٽُٽي پيو). تنهن ڪري فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا تہ روزيدار **استنجا** ڪرڻ مهل ساهہ نہ ڪڍي. (عالمگيري ج 1 ص 204)

روزي ۾ الٽي اچڻ

عام طور تي جڏهن روزي ۾ **الٽي** اچي ويندي آهي تہ ماڻهو پريشان ٿي ويندا آهن

بلڪ ڪي سمجهندا آهن تہ روزي ۾ پاڻمرادو **الٽي** اچڻ سان بہ روزو ٽُٽي پوندو آهي. حالانڪہ ائين ناهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان مروي آهي تہ حضور پُرنُور، شافع يومُ النُّشُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ترجمو: ”جنهن کي رمضان ۾ پاڻمرادو **الٽي** آئي ان جو روزو نہ ٽُٽو ۽ جنهن ڄاڻي واڻي **الٽي** ڪئي ان جو روزو ٽُٽي پيو.“ (کنز العمال ج8 ص230 حديث 23814)

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون، ”جنهن کي پاڻمرادو الٽي آئي ان تي **قضا** ناهي ۽ جنهن ڄاڻي واڻي **الٽي** ڪئي اهو **روزي** جي **قضا** ڪري.
(ترمذي ج 2 ص 173حديث 720)

”ڪرم يا رب!“ جي ستن اکرن جي نسبت سان الٽيءَ جي باري ۾ 7 نڪتا

مدينہ 1: روزي ۾ پاڻمرادو ڪيتري بہ الٽي اچي وڃي (توڙي جو بالٽي ئي پرجي وڃي) ان سان **روزو** ناهي ٽُٽندو. **(درمختار ج 3 ص 392)**

مدينہ 2: جيڪڏهن روزو ياد هجڻ جي باوجود (ڄاڻي واڻي) **الٽي** ڪئي ۽ جيڪڏهن اها وات پريل آهي (وات پريل جي تعريف اڳتي اچي ٿي) تہ هاڻي **روزو** ٽُٽي ويندو. **(درمختار ج 3 ص 392)**

مدينہ 3: ڄاڻي واڻي وات پريل الٽيءَ سان بہ ان صورت ۾روزو ٽُٽندو جڏهن تہ الٽي ۾ ڪاڏو يا (پاڻي) يا صفراء (يعني ڪوڙو پاڻي) يا رت اچي. **(ايضًا)**

مدينہ 4: جيڪڏهن الٽيءَ ۾رُڳو بلغم نڪتو تہ **روزو** نہ ٽُٽندو.
(درمختار ج 3 ص 394)

مدينہ 5: ڄاڻي واڻي الٽي ڪئي پر ٿورڙي آئي وات پر نہ آئي تہ هاڻي بہ **روزو** نہ ٽُٽندو. **(درمختار ج 3 ص 393)**

مدينه 6: وات پريل کان گهٽ الٽي آئي ۽ وات منجهان ئي ٻيهر موٽي ويئي يا پاڻ ئي موٽائي ڇڏي. انهن ٻنهي صورتن ۾ ٻه **روزو** نه ٿُٽندو. **(ايضًا)**

مدينه 7: وات پريل الٽي بي اختيار اچي وئي ته **روزو** نه ٿُٽو. باقي جيڪڏهن ڪو انهيءَ مان هڪ چٽي جيترو ٻه واپس موٽائي ڇڏي ته **روزو** ٿُٽي پوندو ۽ هڪ چٽي کان گهٽ هجي ته **روزو** نه ٿُٽندو.

(درمختار ج 3 ص 392)

وات پريل الٽيءَ جي تعريف

وات پريل **الٽيءَ** جي معنيٰ هي آهي،"انهيءَ کي آسانيءَ سان روڪي نه سگهجي."

(عالمگيري ج 1 ص 204)

"مدينه" جي پنجن اکرن جي نسبت سان وضوءَ ۾ الٽيءَ جا 5 شرعي احڪام

مدينه 1: وضو جي حالت ۾ (جاڳي واڻي الٽي ڪري يا پاڻمرادو ٿي وڃي ٻنهي صورتن ۾) جيڪڏهن وات پريل **الٽي** آئي ۽ ان ۾ ڪاڏو، پاڻي يا صفراء (ڪوڙو پاڻي) آيو ته وضو ٿُٽي پوندو. **(بهار شريعت حصو ٻيو ص26)**

مدينه 2: جيڪڏهن بلغم جي وات پريل الٽي آئي ته وضو نه ٿُٽندو. **(ايضًا)**

مدينه 3: وهندڙ رت جي **الٽي** وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي.

مدينه 4: وهندڙ رت جي **الٽيءَ** سان **وضو** ان وقت ٿُٽندو آهي جڏهن ته رت ٿُڪ تي حاوي هجي. **(ردالمحتار ج1 ص267)** يعني رت جي سبب الٽي ڳاڙهي ٿي چُڪي آهي ته رت حاوي آهي **وضو** ٿُٽي پيو ۽ جيڪڏهن ٿُڪ وڌيڪ آهي ۽ رت گهٽ ته **وضو** نه ٿُٽندو. رت گهٽ هئڻ جي نشاني هي آهي ته پوري الٽي جيڪا ٿُڪَ تي مشتمل آهي

اها زرد (يعني پيلي) هوندي.

مدينه 5: جيڪڏهن **الٽيءَ** ۾ جميل رت نڪتو ۽ اهو وات ڀريل ڪان گهٽ آهي ته وضو نه ٽُٽندو. **(ملخص از بهارِ شريعت حصو 2 ص 26)**

ضروري هدايت: وات ڀريل **الٽي** (بلغم ڪانسواءِ) ناپاڪ آهي. ان جو ڪو ڇَنڊو ڪپڙي يا جسم تي نه ڪري ان جو احتياط فرمايو. اڄڪلهه ماڻهو انهيءَ ۾ وڏيون بي احتياطيون ڪندا آهن ڪپڙن تي ڇنڊا پوڻ جي ڪا پرواهه ناهن ڪندا ۽ منهن وغيره تي جيڪا ناپاڪ **الٽي** لڳي ويندي آهي ان کي به بنا ڪنهن هٻڪ جي ڪپڙن سان اگهي وٺندا آهن. الله **رب العزت** عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر قسم جي نجاست (پليديءَ) کان بچڻ جو ذهن عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پُل ۾ ڪائڻ پيئڻ سان روزو ناهي ٽُٽندو: **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان مروي آهي سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:”ته جنهن روزيدار پُل ۾ ڪاڏو پيتو اهو پنهنجي **روزي** کي پورو ڪري جو ڪيس الله عَزَّوَجَلَّ کارايو ۽ پياريو.“

(صحيح بخاري ج 1ص 636حديث 1933)

”ماهِ رمضان جي ڇا ته ڳالهه ڪجي!
“جي ايڪويهه اڪرن جي نسبت سان روزو نه ٽوڙڻ وارين شين جي متعلق 21 نڪتا

مدينه 1: **پُل** ۾ ڪاڏو، پيتو يا جماع ڪيو روزو فاسد نه ٿيو. توڙي

اهو روزو فرض هجي يا نفل. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 365)

مدينه 2: ڪنهن روزيدار کي انهن ڪمن ۾ ڏسو تہ ياد ڏيارڻ واجب آهي. ها جيڪڏهن روزيدار گهڻو ئي ڪمزور هجي جو ياد ڏيارڻ تي هو ڪائڻ ڇڏي ڏيندو جنهن جي سبب کان ڪمزوري ايڏي وڌي ويندي جو ان جي لاءِ **روزو** رکڻ ئي ڏکيو ٿي پوندو، ۽ جيڪڏهن ڪائيندو تہ روزو بہ چڱيءَ طرح پورو ڪندو ۽ ٻيون عبادتون بہ بخوبي ادا ڪري سگهندو. (۽ جيئن تہ پُل ۾ ڪائي پيئي رهيو آهي ان لاءِ ان جو روزو تہ ٿي ويندو) تنهن ڪري ان صورت ۾ ياد نہ ڏيارڻ ئي بهتر آهي ڪجهہ مشائخ ڪرام (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى) فرمائن ٿا، نوجوان کي ڏسو تہ ياد ڏياريو ۽ پيرسن کي ڏسو تہ ياد نہ ڏيارڻ ۾ حرج ناهي. پر هي حڪم اڪثر جي لحاظ کان آهي ڇو تہ نوجوان اڪثر قوي (يعني طاقتور) هوندا آهن ۽ پيرسن اڪثر ڪمزور. جيئن تہ اصل حڪم اهو ئي آهي جو جواني ۽ پوڙهائپ کي ڪو دخل ناهي. بلڪ قوت ۽ ضعف (يعني طاقت ۽ ڪمزوري) جو لحاظ آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن **نوجوان** ايتري قدر ڪمزور هجي تہ ياد نہ ڏيارڻ ۾ حرج ناهي ۽ **پوڙهو** قوي (يعني طاقتور) هجي تہ ياد ڏيارڻ واجب آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 365)

مدينه 3: روزو ياد هجڻ جي باوجود بہ مک، مٽي يا دز يا دونهون نِڙيءَ ۾ هلي وڃڻ سان **روزو** نہ ٽُٽندو. توڙي دز اٽي جي هجي جيڪا چڪي پيسجڻ يا اٽو ڇاڻڻ ۾ اڏامندي آهي يا اناج جي دز هجي يا هوا سان خاڪ اڏامي يا جانورن جي ڪُرن يا گهوڙي جي سُنب مان. (درمختار، ردالمحتار ج 3 ص 366)

مدينه 4: اهڙيءَ طرح بس يا ڪار جو دونهون يا ان مان دز اڏامي نِڙيءَ ۾ پهتي جيتوڻيڪ جو روزيدار هجڻ ياد هيو تہ بہ **روزو** نہ ويندو.

مدينه 5: اگربتي ٻَري رهي آهي ان جو دونهون نڪ ۾ ويو تہ **روزو** نہ

ٿُنندو. ها جيڪڏهن لوبان يا اگربتي ٻَري رهي آهي ۽ روزو ياد هئڻ جي باوجود منهن ويجهو ڪٽي وڃي ان جو دونهون نڪ سان سنگهيو تہ **روزو** فاسد ٿي ويندو. (ردالمحتار ج 3 ص 366)

مدينه 6: پري سگّي[1] لڳرائي يا تيل يا سرمو لڳايو تہ **روزو** نہ ويو توڙي جو تيل يا سرمي جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيندو هجي بلڪ ٿُڪ ۾ سرمي جو رنگ بہ ڏسڻ ۾ ايندو هجي تڏهن بہ **روزو** نہ ٿُٽندو.

(الجوهرة النيّره ج 1 ص 179)

مدينه 7: غسل ڪيو ۽ پاڻي جي ٿڌاڻ اندر محسوس ٿي تڏهن بہ **رزو** نہ ٿُٽندو. (عالمگيري ج 1 ص 230)

مدينه 8: گرڙي ڪئي ۽ پاڻي بلڪل هاري ڇڏيو رُڳو ڪجهہ آلاڻ وات ۾ باقي رهجي ويئي هئي ٿُڪ سان گڏ ان کي ڳهي ويو، **روزو** نہ ٿُٽندو. (ردالمحتار ج 3 ص 367)

مدينه 9: دوا ڪٽي ۽ نِڙيءَ ۾ ان جو مزو محسوس ٿيو تہ **روزو** نہ ٿُٽندو. (ايضًا)

مدينه 10 : ڪن ۾ پاڻي هليو ويو تڏهن بہ **روزو** نہ ٿُٽندو بلڪ پاڻ پاڻي وِڌو تڏهن بہ **روزو** نہ ٿُٽندو. (درمختار ج 3 ص 367)

مدينه 11: ڪک سان ڪن اندر ڪنهيو ۽ ان تي ڪن جو گند لڳو پوءِ وري اهو گند لڳل ڪک ڪن ۾ وِڌو جيتوڻيڪ جو بہ تي ڀيرا ائين ڪيو هجي تڏهن بہ **روزو** نہ ٿُٽندو. (ايضًا)

---

[1] هي سور جي علاج جو هڪ مخصوص طريقو آهي جنهن ۾ سوراخ ڪيل سِگ سور جي جاءِ تي رکي وات جي ذريعي جسم جي گرمي ڇڪيندا آهن.

مدينه 12: ڏند يا وات ۾ معمولي شيءِ بي خبريءَ ۾ رهجي وئي جيڪا ٿُڪ سان گڏ پاڻ ئي لهي ويندي ۽ اها لهي ويئي تہ **روزو** نہ ٽُٽندو. **(ايضًا)**

مدينه 13: ڏندن مان رت نڪري نِڙيءَ تائين پهتو پر نِڙيءَ کان هيٺ نہ لٿو تہ **روزو** نہ ٽُٽو. **(فتح القدير ج 2 ص 258)**

مدينه 14: مک نِڙيءَ ۾ هلي ويئي تہ روزو نہ ٽُٽو ۽ ڄاڻي واڻي ڳِهي ڇڏيو تہ **روزو** ٽُٽي ويو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

مدينه 15: پُل ۾ ڪائي رهيو هو، ياد ايندي ئي گرهہ اڇلائي ڇڏيو يا پاڻي پي رهيو هو ياد ايندي ئي وات جو پاڻي هاري ڇڏيو تہ **روزو** نہ ٽُٽو. جيڪڏهن وات جو گرهہ يا پاڻي ياد اچڻ جي باوجود ڳِهي ويو تہ **روزو** ٽُٽي ويو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

مدينه 16: صبح صادق کان پهريان کائي يا پي رهيو هو ۽ صبح ٿيندي ئي (يعني سَحَريءَ جو وقت ختم ٿيندي ئي) وات مان سڀ ڪجهہ ڪڍي ڇڏيو تہ **روزو** نہ ٽُٽو ۽ جيڪڏهن ڳِهي ورتو تہ **روزو** ٽُٽي پيو. (عالمگيري ج 1 ص 203)

مدينه 17: غيبت ڪئي تہ **روزو** نہ ويو **(در مختار ج 3 ص 326)** جيتوڻيڪ غيبت سخت ڪبيره گناهہ آهي قرآن مجيد ۾ غيبت ڪرڻ جي باري ۾ فرمايو ويو"جيئن پنهنجي مُئل ڀاءَ جو گوشت کائڻ" ۽ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو، "غيبت زنا کان بہ سخت تر آهي. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 331 حديث 24) غيبت جي سبب **روزي** جي نورانيّت ختم ٿي ويندي آهي.

(بهارِ شريعت حصو 5 ص 611)

مدينه 18: جنابت (يعني غسل فرض ٿيڻ) جي حالت ۾ صبح ڪئي بلڪہ جيتوڻيڪ سڄو ڏينهن جنب (يعني ناپاڪ) رهيو **روزو** نہ ٽُٽو. **(درمختار ج**

3 ص 372) پر ايتري دير تائين جاڻي واڻي غسل نہ ڪرڻ جو نماز قضا ٿي وڃي گناهہ ۽ حرام آهي. حديث شريف ۾ فرمايو ويو جنهن گهر ۾ جنبي هجي ان ۾ رحمت جا فرشتا ناهن ايندا. (بهار شريعت حصو 5 ص 116)

مدينہ 19: تِر يا تِر جي برابر ڪا شيءِ چباڙي ۽ **ٿُڪ** سان گڏ نِڙيءَ کان لهي وئي تہ **روزو** نہ ويو پر جڏهن تہ ان جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيندو هجي تہ روزو ٽُٽي پيو. (فتح القدير ج 2 ص 259)

مدينہ 20: ٿُڪ يا بلغم وات ۾ آيو پوءِ ان کي ڳهي ويو تہ **روزو** نہ ويو. (ردالمحتار ج 3 ص 373)

مدينہ 21: اهڙيءَ طرح نڪ ۾لِمَ(سنگهہ) جمع ٿي ويئي ساهہ جي ذريعي ڇڪي ڳهي ڇڏڻ سان بہ روزو نہ ويندو. (ايضًا)

روزن جا مڪروهات

هاڻي روزن جي مڪروهات جو بيان ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪرڻ سان **روزو** ٿي تہ ويندو پر ان جي نورانيّت هلي ويندي آهي. لفظ "**نبي**"جي ٽن اکرن جي نسبت سان پهريان **ٽي احاديثِ مبارڪ** ٻُڌو، پوءِ فقهي احڪام عرض ڪيا ويندا.

(1) **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيڪو بُري ڳالهہ چوڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نہ ڇڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي ان جي ڪابہ حاجت ناهي جو ان کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي.

(صحيح بخاري ج 1 ص 628 حديث 1903)

(2) **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي نُوْرِ مُجَسَّم،

شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، غريبن جي همدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي:”**روزو** سِپر (يعني ڍال) آهي جيسيتائين ان کي ڦاڙيو نہ هجي، عرض ڪيو ويو ڪهڙي شيءِ سان ڦاڙيندو؟ فرمايائون ”ڪوڙ يا غيبت سان.“

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 94 حديث 3)

(3) **حضرتِ** سيّدُنا عامر بن ربيعه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي: ”مون ڪيترائي ڀيرا سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي **روزي** ۾ ڏندڻ ڪندي ڏٺو.

(ترمذي ج 2 ص 176 حديث 725)

”رمضان المبارڪ“جي ٻارهن اڪرن جي نسبت سان روزن جي مڪروهات تي مشتمل 12 نڪتا

مدينه 1: ڪوڙ، چُغلي، غيبت، بدنگاهي، گار ڏيڻ، بنا شرعي اجازت جي ڪنهن جي دل ڏکائڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ وغيره شيون هونئن بہ ناجائز ۽ حرام آهن ۽ روزي ۾ اجان بہ وڌيڪ حرام ۽ انهن جي سبب کان روزي ۾ ڪراهيّت ايندي آهي ۽ روزي جي نورانيّت هلي ويندي آهي.

مدينه 2: روزيدار کي بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڪنهن شيءِ کي چڪڻ يا چٻاڙڻ مڪروهہ آهي. چڪڻ جي لاءِ عذر هي آهي تہ مثال طور: عورت جو مڙس بدمزاج آهي لوڻ گهٽ وڌ ٿيندو تہ ان جي ناراضگيءَ جو سبب ٿيندو. ان سبب کان چڪڻ ۾ حرج ناهي، چٻاڙڻ جي لاءِ عذر هي آهي تہ ايترو ننڍو ٻار آهي جو ماني چٻاڙي نٿو سگهي ۽ ڪا نرم

غذا بہ ناهي جيڪا ڪيس ڪارائي وڃي، نہ حيض ۽ نفاس[1] واري يا ڪو ٻيو اهڙو آهي جيڪو ڪيس ڇڀاڙي ڏئي. تہ ٻار کي ڪارائڻ جي لاءِ ماني وغيره ڇڀاڙڻ مڪروهہ ناهي. (درِ مختار ج 3 ص 395) پر پورو احتياط رکو جيڪڏهن نِڙيءَ کان هيٺ ڪجهہ لهي ويو تہ روزو بہ ويو.

چڪڻ ڇا کي چئبو آهي؟

چڪڻ جي معنيٰ اها ناهي جيڪو اڄڪلهہ عام محاورو آهي يعني ڪنهن شيءِ جو مزو معلوم ڪرڻ جي لاءِ ان مان ٿورو کاڌو ويندو آهي! جو ائين ٿئي تہ ڪراهيّت ڇاجي، **روزو** ئي ٽُٽي پوندو. بلڪ ڪفاري جا شرط ڏنا ويا تہ ڪفارو بہ لازم ٿيندو. چڪڻ مان مُراد هي آهي تہ رُڳو زبان تي رکي مزو معلوم ڪري وٺو ۽ ان کي ٿوڪي ڇڏيو. ان مان نِڙيءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ وڃڻ گهرجي.

مدينہ 3: ڪا شيءِ خريد ڪئي ۽ ان جو چڪڻ ضروري آهي جو جيڪڏهن نہ چکبو تہ نقصان ٿيندو، تہ اهڙي صورت ۾ چڪڻ ۾ حرج ناهي نہ تہ مڪروهہ آهي.

(درِ مختار ج 3 ص 395)

مدينہ 4: گهرواريءَ کان چُمي وٺڻ ۽ ڀاڪر پائڻ ۽ بدن کي ڇُهڻ مڪروهہ ناهي. ها جيڪڏهن هي انديشو هجي تہ **انزال** ٿي ويندو يا جماع ۾ مبتلا ٿيندو ۽ چَپَ ۽ زبان چوسڻ روزي ۾ **مطلقًا** (عام طور

---

[1] حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ عورت کي روزو، نماز، تلاوت ناجائز ۽ گناهہ آهي. نماز معاف آهي پر فراغت کان پوءِ روزو قضا ڪرڻ لازمي آهي.

تي) مڪروهه آهن. اهڙيءَ طرح مُباشرتِ فاحشه (يعني شرمگاهه سان شرمگاهه ٽڪرائڻ) پڻ. (ردالمحتار ج 3 ص 396)..... [1]

مدينه 5: گلاب يا مُشڪ وغيره سنگهڻ، ڏاڙهي ۽ مُڇن ۾ تيل لڳائڻ ۽ سُرمو لڳائڻ مڪروهه ناهي. (در مختار ج 3 ص 397)

مدينه 6: روزي جي حالت ۾ هر قسم جو **عطر** سنگهي به سگهو ٿا ۽ ڪپڙن تي لڳائي به سگهو ٿا. (ردالمحتار ج 3 ص 397)

مدينه 7: روزي ۾ ڏنڊ ڪرڻ مڪروهه ناهي بلڪ جيئن ٻين ڏينهن ۾ سنّت آهي ائين ئي **روزي** ۾ به سنّت آهي. ڏنڊ خشڪ هجي يا تازو. يا پاڻيءَ سان آلو ٿيل هجي. زوال کان پهريان ڪريو يا پوءِ، ڪنهن وقت به مڪروهه ناهي. (ردالمحتار ج3 ص399)

مدينه 8: اڪثر ماڻهن ۾ مشهور آهي ته ٻنپهرن کان پوءِ روزيدار جي لاءِ ڏنڊ مڪروهه آهي هي اسان جي مذهبِ حنفيه جي خلاف آهي.
(ردالمحتار ج 3 ص 399)

مدينه 9: جيڪڏهن ڏنڊ چٻاڙڻ سان تاندورا جُدا ٿين يا ذائقو محسوس ٿيندو هجي ته اهڙو ڏنڊ روزي ۾ نه ڪرڻ گهرجي. (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 10 ص511) جيڪڏهن روزو ياد هئڻ باوجود ڏنڊ جو تاندورو يا ڪو ذرو نِڙيءَ جي اندر هليو ويو ته **روزو** فاسد ٿي ويندو(يعني ٽُٽي پوندو).

مدينه 10: وضو ۽ غسل ڪانسواءِ ٽڏاڻ پهچائڻ جي غرض سان گرڙي

---

[1] شادي شده نيّتن وغيره جي معلومات جي لاءِ فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج23 ص 385، 386 تي مسئلو نمبر 41،42 جو مطالعو فرمائن

ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ يا ٽڏڪار جي لاءِ وهنجڻ بلڪ بدن تي آلو ڪپڙو ويڙهڻ به مڪروهه ناهي. ها پريشاني ظاهر ڪرڻ جي لاءِ آلو ڪپڙو ويڙهڻ مڪروهه آهي جو عبادت ۾ سُست ٿيڻ سني ڳالهه ناهي.

(ردالمحتار ج 3 ص 399)

مدينه 11: ڪجهه اسلامي ڀائر **روزي** جي حالت ۾ هرهر ٿوڪيندا رهندا آهن شايد اهي سمجهندا آهن ته **روزي** ۾ ٿُڪ نه ڳهڻ گهرجي، ائين ناهي. باقي وات ۾ ٿُڪ گڏ ڪري ڳهي ڇڏڻ هي ته بغير **روزي** جي به ناپسنديده آهي ۽ **روزي** ۾ مڪروهه آهي. (بهارِ شريعت حصو پنجون ص 129)

مدينه 12: رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪم ڪرڻ جائز ناهي جنهن سان اهڙو ضعف (يعني ڪمزوري) اچي وڃي جو **روزي** ٽوڙڻ جو ظنِ غالب ٿئي تنهن ڪري نانوائيءَ کي گهرجي ته ٻنپهرن تائين مانيون پچائي پوءِ باقي ڏينهن ۾ آرام ڪري. (در مختار ج 3 ص 400) اهو ئي حڪم رازي ۽ مزدور ۽ ٻين سخت محنت جو ڪم ڪرڻ وارن جو آهي. وڏيڪ ضعف (يعني ڪمزوري) جو انديشو هجي ته ڪم ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏين ته جيئن **روزو** ادا ڪري سگهن.

آسمان مان ڪاغذ جو ٽڪرو ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزن جا شرعي احڪام سکڻ جو جذبو اجاگر ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. هڪ ڀيرو سفر ڪري تجربو ڪري ونو اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي اهي ديني فائدا حاصل ٿيندا جو توهان

حيران رهجي ويندؤ. توهان جي ترغيب جي لاءِ **مدني قافلي** جي هڪ بهار ٻُڌائي وڃي ٿي. جيئن تہ قصبہ ڪالوني (بابُ المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: ”اسان جي خاندان ۾ ڇوڪريون ڪافي هيون ڇاڇي وٽ ست ڇوڪريون هيون تہ وڏي ڀاءَ وٽ 9 ڇوڪريون! منهنجي شادي ٿي تہ مون وٽ بہ ڇوڪريءَ جي ولادت ٿي سيني کي ڳٽتي ٿيڻ لڳي ۽ اڇڪلهہ جي هڪ عام ذهن جي مطابق سيني کي وهم ٿيڻ لڳو تہ ڪنهن جادو ڪري اولادِ نرينہ جو سلسلو بند ڪرائي ڇڏيو آهي!مون باس باسي تہ مون کي نينگر پيدا ٿيو تہ 30 **ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس. منهنجي مدني منّيءَ جي ماءُ هڪ پيري خواب ڏٺو تہ آسمان مان ڪو ڪاغذ جو ٽڪرو ان جي ويجهو اچي ڪِريو، ڪٽي جو ڏنائين تہ ان تي لکيل هيو **بلال**. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت سان مون وٽ **مدني مُنّي** جي آمد ٿي ويئي! نہ رُڳو هڪ بلڪ اڳتي هلي ڪري هڪ ٻئي پُنيان بہ **مدني منّا** وڌيڪ پيدا ٿيا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ڏسو! 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت صرف مون تائين محدود نہ رهي. اسان جي خاندان ۾ جيڪو بہ اولادِ نرينہ کان محروم هيو، سيني وٽ خوشين جون بهارون لٽائيندي **مدني مُنّا** پيدا ٿيا. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان علاقائي مدني قافلا ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جو بهارون لُٽائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهيان.

آ کے تم باادب، دیکھ لو فضلِ ربّ — مدنی منّے ملیں، قافلے میں چلو
کھوٹی قسمت کھری، گود ہو گی ہری — مُنّا مُنّی ملیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

گهربل مراد نہ ملڻ به انعام!

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان ڪهڙي طرح من جون مُرادون پوريون ٿيندڙيون آهن! اميدن جا سُڪل فصل سرسبز ٿي ويندا آهن دلين جون ڪومايل مڪڙيون ٽِڙنديون آهن ۽ اجڙيلن جون وجايل خوشيون ڀيهر موٽي ايندڙيون آهن. پر هي ذهن ۾ رهي ته ضروري ناهي هر هڪ جي دلي مُراد لازمي طور تي پوري ٿئي. اڪثر ائين ٿيندو آهي جو ٻانهو جيڪو طلب ڪندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر ناهي هوندو ۽ ان جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو، ان جي گهربل مُراد نہ ملڻ ئي ان جي لاءِ انعام هوندو آهي. مثال طور: اهو ئي ته هُو اولادِ نرينہ گهري ٿو پر ان کي مدني منّين سان نوازيو وڃي ٿو ۽ اهو ان جي حق ۾ بهتر هوندو آهي. جيئن ته ٻي سيپاري ۾ سورة البقرة جي آيت نمبر 216 ۾ ربُّ العباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي:

عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْـٔـًا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: قريب آهي جو ڪا ڳالهہ توهان کي پسند اچي ۽ اها توهان جي حق ۾ خراب هجي.

ڏيءَ جا فضائل

ياد رکو! ڏيءَ جي فضيلت ڪهڙيءَ ريت بہ گهٽ ناهي ان سلسلي ۾ **نبي فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُڌو.

﴿1﴾ جنهن پنهنجي ٽن ڏيئرن جي پرورش ڪئي اهو جنّت ۾ ويندو ۽ ان کي راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ان جهاد ڪرڻ واري جي مثل اجر ملندو جنهن جهاد جي دوران روزا رکيا ۽ نماز قائم ڪئي.

(الترغيب والترهيب ج3 ص 46 حديث 26 دارالكتب العلميه بيروت)

﴿2﴾ جنهن جون ٽي نياڻيون يا ٽي ڀينرون هجن ۽ هو انهن سان سهڻو سلوڪ ڪري ته جنّت ۾ داخل ٿيندو.

(جامع ترمذي ج 3 ص 366 حديث 1919 دارالفكر بيروت)

﴿3﴾ جيڪو شخص ٽن نياڻين يا ڀينرن جي اهڙيءَ طرح پرورش ڪري جو ڪين ادب سيکاري ۽ ساڻن مهرباني جو ورتاءُ ڪري ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ ڪين بي نياز ڪري ڇڏي (يعني اهي بالغ ٿي وڃن يا سندن نڪاح ٿي وڃي يا اهي صاحبِ مال ٿي وڃن. (**اشعة اللمعات ج 4 ص 132**) ته الله تعالى ان جي لاءِ جنّت واجب فرمائي ڇڏيندو آهي. هي ارشاد نبوي ٻُڌي ڪري صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو جيڪڏهن ڪو شخص ٻن ڇوڪرين جي پرورش ڪري؟ ته ارشاد فرمايائون ته ان جي لاءِ به اهو ئي اجر ۽ ثواب آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن ماڻهو هڪ جو ذڪر ڪن ها ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ به اهو ئي فرمائن ها.

(شرح سنّت للبغوي ج 6 ص 452 حديث 3351)

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون ته مون وٽ هڪ عورت پنهنجي ٻن ڌيئرن کي ساڻ ڪري گهرڻ لاءِ آئي (ڪجهه مجبورين ۾ گهرڻ جائز آهي. هي بيبي صاحبه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا انهن مجبورين ۾ قائل هوندي ان لاءِ سوال درست هوندو. **مراة المناجيح ج6 ص 545**) ته هڪ ڪارڪ ڪانسواءِ ان مون وٽ ڪجهه نه ڏنو، اها ئي هڪ ڪارڪ مون ڪيس ڏئي ڇڏي ته ان اها ڪارڪ پنهنجي ٻن نياڻين ۾ ورهائي ڇڏي ۽ پاڻ نه ڪاڏائين ۽ ڌيئرن کي ساڻ ڪري هلي وئي. ان کان پوءِ جڏهن رسول**الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف

ڪٽي آيا ۽ مون ان واقعي جو تذڪرو حضور سان ڪيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو. جيڪو شخص انهن ڏيئرن سان مبتلا ڪيو ويو ان انهن ڏيئرن سان سهڻو سلوڪ ڪيو تہ اهي ڏيئرون ان جي لاءِ باهہ (يعني جهنّم) کان پردو ۽ اوٽ بڻجي ويندیون.
(صحيح مسلم ص 414 حديث 2629 دار ابن حزم بيروت)

منا منا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۽ سنّتن ڀرئي اجتماعات ۾ رحمتون ڇو نازل نہ ٿينديون جو انهن عاشقانِ رسول ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هوندا. منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جماعت ۾ برڪت آهي ۽ **دعاءِ مجمعِ مسلمين اقرب بقبول** (يعني مسلمانن جي ميڙ ۾ دعا گهرڻ قبوليّت جي تمام ويجهو آهي.) علماءَ فرمائن ٿا تہ، **جتي چاليهہ مسلمان صالح (يعني نيڪ) جمع ٿيندا آهن انهن مان هڪ وليِ الله ضرور هوندو آهي.** (فتاویٰ رضويه تخريج شده ج24 ص184،تيسير شرح جامع صغير ، تحت الحديث 714 ج1 ص312 طبع دار الحديث مصر)

بالفرض دعا جي قبوليّت جو اثر ظاهر نہ ٿئي تڏهن بہ شڪايت وارو اکر زبان تي نہ آڻڻ گهرجي. اسان جي بهتري ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي ان کي يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. اسان کي هر حال ۾ ان جو شڪر گذار ٻانهو بڻجي رهڻ گهرجي. هُو پٽ ڏئي تڏهن بہ سندس شڪر، ڏيءَ ڏئي تڏهن بہ ان جو شڪر، ٻئي ڏئي تڏهن بہ شڪر، ۽ نہ ڏئي تڏهن بہ شڪر هر حال ۾ شڪر، شڪر ۽ شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي پنجويهين سيپاري سُوْرَةُ الشُّوْرٰى جي آيت نمبر 49 ۽ 50 ۾ ارشادِ باري تعالیٰ آهي:

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: الله جي لاءِ ئي آهي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪو چاهي، جنهن کي چاهي ڏيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن کي چاهي پٽ ڏئي يا ٻئي ملائي ڏئي پٽ ۽ ڏيئرون ۽ جنهن کي چاهي سنڌ ڪري ڇڏي بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

صدر الافاضل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا اهو مالڪ آهي پنهنجي نعمت کي جهڙيءَ طرح چاهي ورهائي جنهن کي چاهي ڏئي. انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ به اهي سڀ صورتون ڏنيون وڃن ٿيون. حضرتِ سيّدُنا **لوط** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا **شعيب** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي رُڳو نياڻيون هيون ڪو پٽ نه هيو ۽ حضرتِ سيّدُنا **ابراهيم خليل الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي رُڳو پٽ هئا ڪا نياڻي ئي نه هئي ۽ سيّدالانبياء حبيبِ خُدا **محمدِ مصطفٰى** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي **الله تعالٰي** چار فرزند عطا فرمايا ۽ چار صاحبزاديون ۽ حضرت سيّدُنا **يحيٰى** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت **عيسٰى** روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪا اولاد ئي ناهي. **(خزائن العرفان ص 777)**

روزو نه رکڻ جون مجبوريون

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪجهه مجبوريون اهڙيون آهن جن جي سبب رمضان المبارڪ ۾ روزو نه رکڻ جي اجازت آهي پر هي ياد رهي ته مجبوري ۾ روزو مُعاف ناهي اها مجبوري ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ان جي **قضا** رکڻ فرض آهي. البت **قضا** جو گناهه نه ٿيندو. جيئن ته "بهارِ شريعت" ۾ "درِ

مختار“ جي حوالي سان لڪيل آهي تہ سفر ۽ حمل ۽ ٻار کي ڪير پيارڻ ۽ مرض ۽ پوڙهائپ ۽ خوفِ هلاڪت و اڪراهہ (يعني جيڪڏهن ڪو جان سان ماري ڇڏڻ يا ڪنهن عضوي جي ڪٽي ڇڏڻ يا سخت مار جي صحيح ڏمڪي ڏئي ڪري ڇئي تہ روزو ٽوڙي ڇڏ جيڪڏهن روزيدار کي پڪ هجي تہ هي چوڻ وارو جيڪو ڪجهہ چوي ٿو اهو ڪري ئي رهندو تہ اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙي ڇڏڻ يا نہ رکڻ گناهہ ناهي. ”اڪراهہ مان مُراد اها ئي آهي.“) ۽ عقل ضايع ٿيڻ ۽ جهاد اهي سڀ روزو نہ رکڻ جا عذر آهن. انهن سببن کان جيڪڏهن جي ڪو روزو نہ رکي تہ گناهگار ناهي. (درِ مختار، ردالمحتار ج 3 ص 402)

سفر جي تعريف

سفر جي دؤران بہ **روزو** نہ رکڻ جي اجازت آهي سفر جو مقدار بہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو. سيّدي و مُرشِدي امامِ اهلسنّت، **اعلیٰ حضرت**، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي تحقيق جي مطابق شرعًا **سفر** جو مقدار سادا **ستونجاهہ ميل** (يعني تقريبًا ٻيانوي ڪلوميٽر) آهي جيڪو بہ ايتري مقدار ۾ سفر ڪرڻ جي مقصد سان پنهنجي شهر يا ڳوٺ جي آباديءَ کان ٻاهر نڪري آيو، اهو هاڻي شرعًا **مسافر** آهي. ان کي **روزو** قضا ڪري رکڻ جي اجازت آهي ۽ **نماز** بہ هُو **قصر** ڪندو. **مسافر** جيڪڏهن **روزو** رکڻ چاهي تہ رکي سگهي ٿو پر چار رڪعتن واري فرض نمازن ۾ ڪيس قصر ڪرڻ واجب آهي نہ ڪندو تہ گناهگار ٿيندو ۽ جهالتًا (يعني علم نہ هجڻ جي ڪري) پوريون (چار) پڙهيائين تہ ان **نماز** جو ورائي پڙهڻ بہ واجب آهي. **(ملخصًا فتاویٰ رضويہ تخريج شده ج 8 ص 270)**

يعني معلومات نہ هجڻ جي سبب اڄ تائين جيتريون بہ نمازون **سفر** ۾ پوريون پڙهيون آهن انهن جو حساب لڳائي چار رڪعتي فرض

قصر جي نيّت سان ٻہ ٻہ ڪري ٻيهر پڙهڻا پوندا. ها **مسافر** کي مقيم امام جي پويان فرض چار پورا پڙهڻا پوندا آهن. سنّتون ۽ وتر ورائي پڙهڻ جي ضرورت ناهي. **قصر** رُڳو ظهر، عصر، ۽ عشاءِ جي فرض رڪعتن ۾ ڪرڻو آهي يعني انهن ۾ چار رڪعت فرض جي جاءِ تي ٻہ رڪعتون ادا ڪيون ويندیون. باقي سنّتون ۽ وتر جون رڪعتون پوريون ادا ڪيون ويندیون. ٻئي شهر يا ڳوٺ ۾ پهچڻ کان پوءِ جيستائين پندرهن ڏينهن کان گهٽ عرصي تائين قيام جي نيّت هئي **مسافر** ئي چورائيندو ۽ **مسافر** جا احڪام رهندا ۽ جيڪڏهن **مسافر** اتي پهچي پندرهن ڏينهن يا ان کان وڌيڪ قيام جي نيّت ڪري ڇڏي تہ هاڻي **مسافر** جا احڪام ختم ٿي ويندا ۽ اهو مقيم چورائيندو. هاڻي ڪيس **روزو** ٻہ رکڻو پوندو ۽ نماز ٻہ قصر نہ ڪندو. سفر جي متعلق ضروري احڪام جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ بهارِ شريعت حصي چوٿين جي باب "**مسافر جي نماز جو بيان**" جو مطالعو فرمايو.

معمولي بيماري کان مجبوري ناهي

ڪو سخت بيمار هجي ۽ ان کي **روزو** رکڻ جي صورت ۾ مرض وڌي وڃڻ يا دير سان شفايابي جو غالب گمان (پڪ) هجي تہ اهڙي صورت ۾ ٻہ **روزو قضا** ڪرڻ جي اجازت آهي (هن جا تفصيلي احڪام اڳتي اچي رهيا آهن) پر اڃڪلهہ معمولي **نزلو**، بخار يا متي جي سور جي سبب کان ماڻهو **روزو** ڇڏي ڏيندا آهن يا مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ رکي ٽوڙي ڇڏيندا آهن. ائين هرگز نہ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن صحيح شرعي مجبوري

جي بغير ڪو روزو ڇڏي ڏي جيتوڻيڪ بعد ۾ سڄي عمر ۾ روزا رکي تڏهن به ان هڪ روزي جي فضيلت کي حاصل نه ڪري سگهندو.

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ان کان پهريان جو روزو نه رکڻ جي عذرن (يعني مجبورين) جو تفصيلي بيان ڪيو وڃي. لفظ "**ڪوم**" جي ٿن اکرن جي نسبت سان ٿي احاديثِ مبارڪ بيان ڪيون وڃن ٿيون.

سفر ۾ چاهي روزو رکو، چاهي نه رکو

مدينه 1: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدُتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون حضرتِ سيّدُنا حمزه بن عَمْرو اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن گهڻا روزا رکندا هئا. انهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود وسخاوت، سراپا رَحْمت، مَحْبوبِ رَبُّ الْعِزَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو سفر ۾ روزا رکان؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون. "**چاهي رکو چاهي نه رکو .**"

(صحيح بخاري ج 1 ص 640حديث 1943)

مدينه 2: حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سورهين رمضان جو سَرور ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ اسين جهاد ۾ وياسين اسان مان ڪِن روزو رکيو ۽ ڪِن نه رکيو ته نه روزيدارن غير روزيدارن تي عيب لڳايو ۽ نه انهن هنن تي.

(مسلم شريف ص 564 حديث1116)

مدينه 3: حضرتِ سيّدُنا اَنَس بن مالک کَعْبِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مديني جي تاجدار، غريبن جي غمگسار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشگوار آهي:" الله عَزَّوَجَلَّ **مسافر** کان اڌ نماز مُعاف فرمائي ڇڏي." (يعني چار رڪعت واري فرض نماز ۾ رڪعتون ڪري پڙهي) ۽ مسافر

۽ ڪير پيارڻ واري ۽ **حامله** کان **روزو** مُعاف فرمائي ڇڏيو آهي. (اجازت آهي ان وقت نہ رکن بعد ۾ اهو مقدارپورو ڪن) **(جامع ترمذي ج2 ص 170 حديث 715)**

" اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِى يَا رَسُوْلَ اللّٰه "

جي ٽيٽيهہ اکرن جي نسبت سان روزو نہ رکڻ جي اجازتن تي مبني 33 نڪتا

(پر اها مجبوري ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ هر روزي جي بدلي هڪ روزو قضا رکڻو پوندو)

مدينه 1: مسافر کي **روزو** رکڻ يا نہ رکڻ جو اختيار آهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 403)**

مدينه 2: جيڪڏهن پاڻ ان **مسافر** کي ۽ ان سان گڏ سفر ڪرڻ واري کي **روزو** رکڻ ۾ ضرر (يعني نقصان) نہ پهچي تہ **روزو** رکڻ **سفر** ۾ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ٻنهي يا انهن مان ڪنهن هڪ کي نقصان ٿي رهيو هجي تہ **روزو** نہ رکڻ بهتر آهي. (درمختار ج 3 ص 405)

مدينه 3: مسافر ضحوهءِ ڪبريٰ[1] کان اڳ ۾ اقامت ڪئي ۽ اجان ڪجهہ نہ ڪاڏو تہ **روزي** جي نيّت ڪري ڇڏڻ واجب آهي. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 186)** مثال طور: توهان جو گهر پاڪستان جي مشهور شهر حيدرآباد ۾ آهي ۽ توهان بابُ المدينه ڪراچي کان حيدرآباد جي لاءِ هليا ۽ صبح جو ڏهين وڳي پهچي ويا ۽ صبح صادق کان پوءِ رستي ۾ ڪجهہ ڪاڏو پيتو نہ هو تہ هاڻي روزي جي نيّت ڪري ڇڏيو.

مدينه 4: ڏينهن جو جيڪڏهن سفر ڪيو تہ ان ڏينهن جو **روزو** ڇڏڻ جي

---

[1] ضحوهءِ ڪبريٰ جي تعريف روزي جي نيّت واري بيان ۾ گذري چُڪي آهي.

لاءِ اڄ جو سفر عذر ناهي. جيڪڏهن سفر جي دوران ٽوڙي ڇڏيندؤ تہ ڪفارو لازم نہ ايندو پر گناهہ ضرور ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 416) ۽ روزو قضا رکڻ فرض رهندو.

مدينہ 5: جيڪڏهن سفر شروع ڪرڻ کان پهريان ٽوڙي ڇڏيو پوءِ سفر ڪيو تہ (جيڪڏهن ڪفاري جا شرط ڏنا ويا تہ) **ڪفارو** بہ لازم ايندو. **(ايضًا)**

مدينہ 6: جيڪڏهن ڏينهن ۾ **سفر** شروع ڪيو (۽ سفر جي دوران روزو ٽوڙيو نہ هيو) ۽ گهر ۾ ڪا شيءِ وساري هئي ان کي کڻڻ لاءِ واپس آيو ۽ هاڻي جيڪڏهن اڄي روزو ٽوڙي ڇڏيو تہ (شرائط موجود هئڻ جي صورت ۾) **ڪفارو** بہ واجب آهي. جيڪڏهن سفر جي دوران ئي ٽوڙي ڇڏيو هجي ها تہ صرف **قضا** رکڻ فرض ٿئي ها جيئن نمبر 4 ۾ گذريو. **(فتاوىٰ عالمگيري ج1ص207)**

مدينہ 7: ڪنهن کي **روزو** ٽوڙڻ تي مجبور ڪيو ويو تہ **روزو** ٽوڙي سگهي ٿو پر صبر ڪيائين تہ ڪيس اجر ملندو. (مجبوريءَ جي تعريف ص 186 جي حاشيي ۾ گذري) **(ردالمحتار ج 3 ص 402)**

مدينہ 8: نانگ ڏنگيو ڇڏيو ۽ جان خطري ۾ پئجي ويئي تہ **روزو** ٽوڙي ڇڏيو. **(ردالمحتار ج 3 ص 402)**

مدينہ 9: جن ماڻهن ڄاڻايل مجبورين جي سبب **روزو** ٽوڙيو انهن تي فرض آهي تہ انهن روزن جي **قضا** رکن ۽ انهن **قضا** روزن ۾ ترتيب فرض ناهي. تنهنڪري جيڪڏهن انهن روزن جي قضا ڪرڻ کان پهريان **نفلي روزا** رکيا تہ هي نفلي روزا ٿي ويا پر حڪم هي آهي تہ عذر گذري وڃڻ کان پوءِ ايندڙ رمضان المبارڪ جي اچڻ کان

پهريان پهريان **قضا** رکي وٺن. حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو، ”جنهن تي گذريل **رمضان المبارڪ** جي قضا باقي آهي ۽ اهو نہ رکي، ان جا هن **رمضان المبارڪ** جا روزا قبول نہ ٿيندا.“ (مجمع الزوائد ج 3 ص 415)

جيڪڏهن وقت گذرندو ويو ۽ قضا روزا نہ رکيا ايتري تائين جو ٻيو **رمضان شريف** اچي ويو تہ هاڻي **قضا** روزا رکڻ بدران پهريان هن ئي رمضان المبارڪ جا **روزا** رکي ڇڏيو. **قضا** بعد ۾ رکجو. بلڪ جيڪڏهن غير مريض ۽ مسافر **قضا** جي نيّت ڪئي تڏهن بہ **قضا** ناهي. بلڪ هن ئي رمضان شريف جا روزا آهن. (درمختار ج 3 ص 405)

مدينه 10: حمل واري يا کير پيارڻ واري عورت کي جيڪڏهن پنهنجي يا ٻار جي مري وڃڻ جو صحيح انديشو آهي تہ اجازت آهي تہ ان وقت **روزو** نہ رکي. توڙي کير پيارڻ واري ٻار جي ماءُ هجي يا دائي. جيتوڻيڪ رمضان المبارڪ ۾ کير پيارڻ جي نوڪري اختيار ڪئي هجي. (در مختار ، ردالمحتار ج 3 ص 403)

مدينه 11: بُک ۽ اڃ اهڙي هجي جو فوت ٿيڻ جو صحيح خوف هجي يا عقل جي نقصان جو انديشو هجي تہ **روزو** نہ رکو.

(درمختار، ردالحتار ج 3 ص 402)

مدينه 12: مريض کي مرض وڌي وڃڻ يا دير ۾ بهتر ٿيڻ يا تندرست کي بيمار ٿي وڃڻ جو غالب گمان هجي تہ اجازت آهي تہ ان ڏينهن **روزو** نہ رکي. (بلڪ بعد ۾ قضا ڪري ڇڏي) (در مختار ج 3 ص403)

مدينه 13: انهن صورتن ۾ غالب گمان جو قيد آهي محض وهم ناڪافي آهي. غالب گمان جون ٿي صورتون آهن. (1) پهرين صورت

هي آهي جو ان جي ظاهري نشاني ڏني وڃي. (2) ٻين هي تہ ان شخص جو ذاتي تجربو آهي. (3) ٽين هي تہ ڪنهن مسلمان حاذق (يعني تجربيڪار ۽ پنهنجي طب واري فن ۾ ماهر) طبيبِ مستور يعني غيرِ فاسق ان جي خبر ڏني هجي ۽ جيڪڏهن نہ ڪا علامت هجي نہ تجربو نہ ان قسم جي طبيب ڪيس ٻُڌايو بلڪ ڪنهن ڪافر يا فاسق طبيب (مثال طور ڏاڙهي ڪوڙ ڊاڪٽر) جي چوڻ تي افطار ڪري ڇڏيو يعني روزو ٽوڙي ڇڏيو تہ شرط موجود هئڻ جي صورت ۾ **قضا** سان گڏوگڏ **ڪفارو** بہ لازم ايندو. **(ردالمحتار ج 3 ص 404)**

مدينه 14: حيض يا نفاس جي حالت ۾ نماز، روزو حرام آهي ۽ اهڙي حالت ۾ نماز روزا صحيح ٿيندا ئي ناهن ۽ پڻ قرآن پاڪ جي تلاوت يا قرآن پاڪ جي آياتِ مقدسہ يا انهن جو ترجمو ڇُهڻ هي سڀ حرام آهي. **(بهارِ شريعت حصو 2 ص88،89)**

مدينه 15: حيض و نفاس واريءَ جي لاءِ اختيار آهي تہ لِڪي ڪري ڪائي يا ظاهري طور. روزيدار جيان رهڻ ان تي ضروري ناهي.
(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 186)

مدينه 16: پر لِڪي ڪري ڪائڻ بهتر آهي خاص طور حيض واريءَ جي لاءِ. **(بهارِ شريعت حصو 5 ص 135)**

مدينه 17: "شيخ فاني" يعني اهي وڏي عمر وارا بزرگ جن جي عمر ايتري تہ وڏي ڇُڪي آهي جو هاڻي اهي ويچارا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ئي ٿيندا ويندا. جڏهن اهي بلڪل ئي روزو رکڻ کان عاجز ٿي وڃن. يعني نہ هاڻي رکي سگهن ٿا نہ ايندڙ روزي جي طاقت اچڻ جي اميد

آهي. انهن کي هاڻي روزو نہ رکڻ جي اجازت آهي. تنهنڪري هر روزي جي بدلي ۾ (فديي جي طور تي) هڪ **صدقهءِ فطر** (صدقهءِ فطر جو مقدار سوا ٻہ سير يعني تقريبًا ٻہ ڪلو پنجاهہ گرام ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان ڪڻڪ جي رقم) جو مقدار **مسڪين** کي ڏيئي ڇڏين. (درمختار ج 3 ص410)

مدينه 18: جيڪڏهن اهڙو پوڙهو گرمين ۾ روزو نہ ٿو رکي سگهي تہ نہ رکي پر ڪيس ان جي بدلي سياري ۾ رکڻ فرض آهي. (رد المحتارج3 ص472)

مدينه 19: جيڪڏهن فديو ڏيڻ کان پوءِ روزو رکڻ جي طاقت اچي ويئي تہ ڏنل **فديو** صدقهءِ نفل ٿي ويو. انهن روزن جي قضا رکن.
(عالمگيري ج 1 ص 207)

مدينه 20: هي اختيار آهي تہ رمضان جي شروع ۾ ئي پوري رمضان جو هڪدم **فديو** ڏئي ڇڏين يا آخر ۾ ڏين.
(عالمگيري ج 1 ص 207)

مدينه 21: فديو ڏيڻ ۾ هي ضروري ناهي تہ جيترا فديا هجن اوترن ئي مسڪينن کي الڳ الڳ ڏين. بلڪہ هڪ ئي مسڪين کي ڪيترن ئي ڏينهن جا ٻہ ڏئي سگهجن ٿا. (درمختار ج 3 ص 410)

مدينه 22: نفل روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ واري تي هاڻي پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙي ڇڏيائين تہ **قضا** واجب ٿيندي. (ردالمحتار ج 3 ص 411)

مدينه 23: جيڪڏهن اوهان هي گمان ڪري **روزو** رکيو تہ منهنجي ذمي ڪو **روزو** آهي پر **روزو** شروع ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ مون تي ڪنهن ٻہ قسم جو ڪو **روزو** ناهي. هاڻي جيڪڏهن جلدي ٽوڙي ڇڏيو تہ **ڪجهہ** ناهي

۽ هي معلوم ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن جلدي نہ ٽوڙيو تہ هاڻي نہ ٽا ٽوڙي سگهو، جيڪڏهن ٽوڙيندؤ تہ **قضا** واجب ٿيندي. (درمختار ج 3 ص 411)

مدينه 24: نفل روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيو بلڪ بنا اختيار جي ٿُٿي پيو. مثال طور **روزي** جي دؤران عورت کي حيض اچي ويو تڏهن بہ **قضا** واجب آهي. (درمختار ج 3 ص 412)

مدينه 25: عيدالفطر يا قرباني واري عيد جي چئن ڏينهن يعني 10،11،12،13 **ذوالحجة الحرام** مان ڪنهن بہ ڏينهن جو **نفل** روزو رکيو تہ (چو تہ هنن پنجن ڏينهن ۾ روزو رکڻ **حرام** آهي تنهن ڪري) ان روزي جو پورو ڪرڻ واجب ناهي. نہ ئي انهن جي ٽوڙڻ تي **قضا** واجب. بلڪ انهن جو ٽوڙي ڇڏڻ ئي **واجب** آهي ۽ جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ روزو رکڻ جي باس باسي تہ باس پوري ڪرڻ واجب آهي پر هنن ڏينهن ۾ نہ بلڪ ٻين ڏينهن ۾. (ردالمحتار ج 3ص 412)

مدينه 26: نفل روزو بنا عذر جي ٽوڙي ڇڏڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ کائيندو تہ ان کي ڏک ٿيندو يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نہ کائيندو تہ ميزبان کي تڪليف ٿيندي تہ **نفل** روزو ٽوڙي ڇڏڻ جي لاءِ هي عذر آهي. (**سبحٰن الله** شريعت کي احترامِ مسلم جو ڪيتري قدر لحاظ آهي) پر شرط هي آهي جو پروسو هجي تہ ان جي قضا رکي وٺندو ۽ **ضحوهءِ ڪبريٰ** کان پهريان ٽوڙي ڇڏي بعد ۾ نہ. (عالمگيري ج 1 ص 208)

مدينه 27: دعوت جي سبب **ضحوهءِ ڪبريٰ** کان پهريان روزو ٽوڙي سگهي ٿو جڏهن تہ دعوت ڪرڻ وارو رُڳو ان جي موجودگيءَ تي راضي نہ هجي ۽ ان جي نہ کائڻ سبب ناراض ٿئي بشرطيڪ هي

پروسو هجي تہ بعد ۾ رکي وٺندو، تنهن ڪري هاڻي روزو ٽوڙي ڇڏي ۽ ان جي قضا رکي. پر جيڪڏهن دعوت ڪرڻ وارو رُڳو ان جي موجودگيءَ تي راضي ٿي وڃي ۽ نہ ڪائڻ تي ناراض نہ ٿئي تہ روزو ٽوڙڻ جي اجازت ناهي. (فتاویٰ عالمگيري ج1 ص208 ڪوئٽہ)

مدينہ 28: نفل روزو زوال کان پوءِ ماءُ پيءُ جي ناراضگيءَ جي سبب ٽوڙي سگهي ٿو ۽ هن ۾ ٽيپهريءَ کان پهريان تائين ٽوڙي سگهي ٿو ٽيپهري کان پوءِ نہ. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 414)

مدينہ 29: عورت مڙس جي اجازت جي بغير نفل ۽ باس ۽ قَسم جا روزا نہ رکي ۽ رکي ڇڏيا تہ مڙس ٽوڙائي سگهي ٿو پر ٽوڙيندي تہ **قضا** واجب ٿيندس پر ان جي **قضا** ۾ بہ مڙس جي اجازت لازمي آهي. يا مڙس ۽ ان جي وچ ۾ جُدائي ٿي وڃي يعني طلاقِ بائن (طلاقِ بائن ان طلاق کي چوندا آهن جنهن سان گهرواري نڪاح کان ٻاهر ٿي ويندي آهي، هاڻي مڙس رجوع نٿو ڪري سگهي) ڏئي ڇڏي يا مري وڃي. ها جيڪڏهن **روزو** رکڻ ۾ مڙس جو ڪو حرج نہ هجي. مثال طور اهو سفر ۾ آهي يا بيمار آهي يا احرام ۾ آهي تہ انهن حالتن ۾ بغير اجازت جي بہ **قضا** رکي سگهي ٿي بلڪ اهو منع ڪري تڏهن بہ رکي سگهي ٿي. پر انهن ڏينهن ۾ بہ مڙس جي اجازت کان بغير نفلي روزو نہ ٿي رکي سگهي. (ردالمحتار ج 3 ص 415)

مدينہ 30: رمضان المبارک ۽ قضاءِ رمضان المبارک جي لاءِ مڙس جي اجازت جي ڪا ضرورت ناهي بلڪ سندس منع ڪرڻ تي بہ رکي. (در مختار، ردالمحتار ج3 ص415)

مدينه 31 : جيڪڏهن توهان ڪنهن جا ملازم آهيو يا ان وٽ مزدوريءَ تي ڪم ڪندا آهيو تہ ان جي اجازت جي بغير **نفل روزو** نہ ٿا رکي سگهو ڇو تہ **روزي** جي ڪري ڪم ۾ سُستي اچي ويندي. ها جيڪڏهن **روزو** رکڻ جي باوجود توهان باقاعده ڪم ڪري سگهو ٿا، ان جي ڪم ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نہ ٿي ٿئي، ڪم پورو ٿي وڃي ٿو تہ هاڻي **نفلي روزي** جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 416)**

مدينه 32 : نفل روزي جي لاءِ ڏيءُ کي پيءُ، ماءُ کي پٽ، ڀيڻ کي ڀاءُ کان اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 416)**

مدينه 33: ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفلي روزي** کان منع ڪري ڇڏين انهيءَ سبب کان جو مرض جو انديشو آهي تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري. **(ردالمحتار ج 3 ص 416)**

هاڻي " لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ " **جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان "12 نُڪتا" انهن شين جي متعلق بيان ڪيا وڃن ٿا جن جي ڪرڻ سان رُڳو قضا لازم ايندي آهي. قضا جو طريقو هي آهي تہ هر روزي جي بدلي رمضان المبارڪ کان پوءِ قضا جي نيّت سان هڪ روزو رکي ڇڏيو.**

قضا جي باري ۾ 12 نڪتا

مدينه 1: هي گمان هيو تہ صبح ناهي ٿيو ۽ ڪاڏو، پيتو يا جماع ڪيو بعد ۾ معلوم ٿيو تہ صبح ٿي چُڪو هو تہ **روزو** نہ ٿيو. هن **روزي جي**

قضا ڪرڻ ضروري آهي يعني هن **روزي** جي بدلي ۾ هڪ **روزو** رکڻو پوندو. (ردالمحتار ج 3 ص 380)

مدينه 2: ڪائڻ تي سخت مجبور ڪيو ويو. يعني اڪراهِ شرعي ڏنو ويو. هاڻي جيئن ته مجبوري آهي، انهيءَ ڪري توڙي پنهنجي هٿ سان ئي ڪاڏو هجي رُڳو **قضا** لازم آهي. (درمختار ج 3 ص 402) هن مسئلي جو خُلاصو هي آهي جو ڪو قتل يا عضوو ڪٽي ڇڏڻ يا شديد مار ڏيڻ جي صحيح ڌمڪي ڏئي ڪري چوي ته روزو توڙي ڇڏ، جيڪڏهن روزيدار هي سمجهي ته ڌمڪي ڏيڻ وارو جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهي اهو ڪري گذرندو ته هاڻي "اڪراهِ شرعي" ڏنو ويو ۽ اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙڻ جي اجازت آهي پر بعد ۾ هن روزي جي **قضا** لازمي آهي.

مدينه 3 :پُل ۾ ڪاڏو، پيتو يا جماع ڪيو هو يا نظر ڪرڻ سان انزال ٿيو هو يا احتلام ٿيو يا الٽي آئي ۽ انهن سڀني صورتن ۾ هي گمان ڪيو ته **روزو** ٽُٽي پيو. هاڻي ڄاڻي واڻي ڪائي ڇڏيو ته رُڳو **قضا** فرض آهي. (در مختار ج 3 ص 375)

مدينه 4: روزي جي حالت ۾ نڪ ۾ دوا چڙهائي ته روزو ٽُٽي پيو ۽ ان جي **قضا** لازم آهي. (درمختار ج 3 ص 376)

مدينه 5: پٿر، پِتر، مٽي (اهڙي مٽي جنهن جي ڪائڻ جو رواج نه هجي) ڪپهه، چِپر، ڪاغذ وغيره اهڙيون شيون ڪاڏيون جن کان ماڻهو ڪراهت ڪندا هجن انهن سان به **روزو** ته ٽُٽي پوندو پر رُڳو **قضا** رکڻو پوندو.

(در مختار ج 3 ص 377)

مدينه 6 : برسات جو پاڻي يا ڳڙو نِڙيءَ ۾ هليو ويو تڏهن بہ **روزو** ٽُٽي ويو ۽ **قضا** لازم آهي. (در مختار ج 3 ص 378)

مدينه 7: تمام گهڻو پگهر يا ڳوڙها ڳهي ويو تہ روزو ٽُٽي ويو **قضا** ڪرڻي پوندي. (درمختار ج 3 ص 378)

مدينه 8 : گمان ڪيو تہ اجان تہ رات باقي آهي، سَحَري ڪائيندو رهيو ۽ بعد ۾ خبر پئي تہ سَحَريءَ جو وقت ختم ٿي چُڪو هو. هن صورت ۾ بہ روزو ويو ۽ **قضا** ڪرڻي پوندي. (رد المحتار ج3 ص 380)

مدينه 9 : اهڙيءَ طرح گمان ڪري جو سج لهي چُڪو آهي. ڪائي پي ورتائين ۽ بعد ۾ معلوم ٿيو تہ سج نہ لٿو هو تڏهن بہ **روزو** ٽُٽي پيو ۽ **قضا** ڪريو. (ردالمحتار ج3 ص 380)

مدينه 10 : جيڪڏهن سج لهڻ کان پهريان ئي **سائرن** جو آواز گونجي اٿيو يا مغرب جي **اذان** شروع ٿي وئي ۽ توهان روزو افطار ڪري ورتو ۽ پوءِ بعد ۾ خبر پئي تہ **سائرن** يا **اذان** تہ وقت کان پهريان ٿي ويا هئا. ان ۾ توهان جو قُصُور هجي يا نہ هجي بهرحال **روزو** ٽُٽي پيو ان کي **قضا** ڪرڻو پوندو. (ماخوذ من ردالمحتار ج3 ص 383)

مدينه 11: اڄ ڪلهہ جيئن تہ لاپرواهيءَ جو دؤر هلي رهيو آهي انهيءَ لاءِ هر هڪ کي گهرجي تہ پاڻ پنهنجي روزي جي حفاظت ڪري. سائرن (گهگهو) ريڊيو. ٽي. وي. جي اعلان بلڪ مسجد جي اذان تي بہ ڪفايت ڪرڻ بدران پاڻ **سَحَري ۽ افطار** جي وقت جي صحيح صحيح معلومات حاصل ڪجي.

مدينه 12: وضو ڪري رهيو هو پاڻي نڪ ۾ وِڌو ۽ دماغ تائين

چڙهي ويو يا نِڙيءَ ڪان هيٺ لهي ويو، روزيدار هجڻ ياد هيو تہ **روزو** ٽُٽي ويو ۽ **قضا** لازم آهي. ها جيڪڏهن ان وقت روزيدار هجڻ ياد نہ هيو تہ **روزو** نہ ويو. (عالمگيري ج 1 ص 202)

ڪفاري جا احڪام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو روزو رکي ڪري بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي ڄاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏڻ سان ڪجهہ صورتن ۾ رُڳو **قضا** لازم ايندي آهي ۽ ڪجهہ صورتن ۾ قضا سان گڏ **ڪفارو** بہ لازم ٿي ويندو آهي. ان جي باري ۾ **ڪجهہ احڪام** بيان ٿين انهيءَ کان پهريان هي بہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ **روزي جو ڪفارو** ڇا آهي.

روزي جي ڪفاري جو طريقو

روزو ٽوڙڻ جو ڪَفّارو هي آهي جو ممڪن هجي تہ هڪ ٻانهي يا غلام آزاد ڪري ۽ هي نہ ڪري سگهي مثلاً ان وٽ نہ ٻانهي نہ غلام آهي نہ ايترو مال آهي جو خريد ڪري سگهي، يا مال تہ آهي پر غلام مُيَسَّر ناهي، جيئن جو اڄڪلهہ ٻانهيون ۽ غلام ناهن ملندا تہ هاڻي **لڳاتار ست روزا** رکي. هي بہ جيڪڏهن ممڪن نہ هجي تہ **ست مسڪينن کي پيٽ ڀري ٻئي وقت کاڌو کارائي.** هي ضروري آهي تہ جنهن کي هڪ وقت کارائي ٻئي وقت بہ ان کي ئي کارائي. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ **ست مسڪينن کي هڪ هڪ صدقهءِ فطر** يعني تقريبًا ٻہ ڪلو 50 گرام ڪڻڪ يا ان جي رقم جو مالڪ ڪيو وڃي. هڪ ئي مسڪين کي گڏ ست صدقهءِ فطر نٿا ڏيئي

سگهو. ها هي ڪري سگهو ٿا جو هڪ ڪي ئي سٺ ڏينهن تائين روزانو هڪ هڪ صدقهءِ فطر ڏيو. روزن جي صورت ۾ (ڪفاري جي دوران) جيڪڏهن وچ ۾ هڪ ڏينهن جو بہ روزو ڇڏيو تہ هاڻي وري نئين سري سان **سٺ روزا** رکڻا پوندا، پهريان جا روزا حساب ۾ شامل نہ ٿيندا جيتوڻيڪ **اٺهٺ** رکي چُڪو هيو. چاهي بيماري وغيره ڪنهن بہ سبب جي ڪري ڇڏيو هجي. ها جيڪڏهن عورت کي حيض اچي وڃي تہ حيض جي سبب کان جيترا رهجي ويا. هي رهيل شمار نہ ڪيا ويندا. يعني پهريان جا روزا ۽ حيض کان پوءِ وارا ٻئي ملائي سٺ ٿي وڃڻ سان **ڪفارو** ادا ٿي ويندو.

(ملخص از ردالمحتار ج 3 ص 390)

جيڪو رات کان ئي روزي جي **نيّت** ڪري چُڪو هجي ۽ پوءِ صبح يا ڏينهن ۾ ڪنهن بہ وقت بلڪ جيڪڏهن افطار کان هڪ گهڙي بہ پهريان ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي بغير ڪنهن اهڙي شيءِ جنهن کان انساني طبيعت نفرت نہ ڪندي هجي. (مثال طور: کاڌو، پاڻي، چانهہ، ميوا، بسڪٽ، شربت، ماکي، مٺائي وغيره) سان ڄاڻي واڻي روزو ٽوڙي ڇڏي تہ هاڻي **رمضان شريف** کان پوءِ انهيءَ روزي جي **قضا** جي نِيَّت سان هڪ **روزو** رکڻو پوندو ۽ پوءِ ان جو **ڪفّارو** بہ ڏيڻو پوندو، جنهن جو طريقو گذريو.

"يااللہ ڪرم ڪر" جي يارهن اکرن جي نسبت سان ڪفاري جي متعلق 11 نڪتا

مدينه 1: رمضان المبارڪ ۾ ڪنهن عاقل بالغ مُقيم (يعني جيڪو

مسافر نہ هجي) رمضان جي روزن کي ادا ڪرڻ جي نيّت سان روزو رکيو ۽ بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي ڄاڻي واڻي جِماع ڪيو يا ڪرايو، يا ڪا بہ شيءِ لذت جي لاءِ کاڌي يا پيتي تہ روزو ٽُٽي ويو ۽ انهيءَ جي **قضا** ۽ **ڪفّارو** ٻئي لازم آهن. **(ردالمحتار ج 3 ص 388)**

مدينه 2 : جنهن جاءِ تي روزو ٽوڙڻ سان **ڪفّارو** لازم ٿيندو آهي، ان ۾ شرط هي آهي تہ **رات** کان ئي رمضان المبارڪ جي روزي جي نِيَّت ڪئي هجي. جيڪڏهن **ڏينهن** ۾ نِيَّت ڪئي ۽ ٽوڙي ڇڏيو تہ **ڪفارو** لازم ناهي رُڳو **قضا** ڪافي آهي. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 180)**

مدينه 3: الڻي آئي يا پُل ۾ ڪجهہ کاڌو يا جماع ڪيو ۽ هنن سيني صورتن ۾ ڪيس معلوم هيو تہ **روزو** نہ ويو پوءِ بہ ڪائي ڇڏيائين تہ **ڪفّارو** لازم ناهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 375)**

مدينه 4: احتلام ٿيو ۽ ان کي معلوم بہ هيو تہ روزو نہ ٽُٽو ان جي باوجود ڪائي ڇڏيائين تہ **ڪفارو** لازم آهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 375)**

مدينه 5: پنهنجو لُعاب ٿوڪي وري چَٽي ڇڏيائين. يا ٻئي جي ٿُڪ ڳهي ڇڏيائين تہ **ڪفارو** ناهي پر محبوب جي لذت يا معظمِ ديني (يعني بزرگ) جي تبرڪ جي طور تي ٿُڪ ڳهي ڇڏي تہ **ڪفارو** لازم آهي.
(عالمگيري ج 1 ص 203)

مدينه 6: گلري يا هنداڻي جي کل کاڌي. جيڪڏهن خشڪ هجي يا اهڙي هجي جو ماڻهو ان جي کائڻ کان ڪراهت ڪندا هجن، تہ **ڪفارو** ناهي، نہ تہ آهي. **(عالمگيري ج 1 ص 202)**

ڪچا چانور، ٻاجهري، مهري، مڳ ڪاڏي تہ **ڪَفّارو** لازم ناهي اهو ئي حڪم ڪچي جَوَن جو آهي ۽ پُڳل هجن تہ **ڪفارو** لازم.

(عالمگيري ج 1 ص 202)

مدينه 7: سَحَري ۾ هڪ گرهہ وات ۾ هيو تہ صبح صادق جو وقت ٿي ويو يا پُل ۾ ڪائي رهيا هيو، گرهہ وات ۾ هيو تہ ياد اچي ويو، پوءِ بہ ڳهي ڇڏيو تہ انهن ٻنهي صورتن ۾ **ڪَفّارو** واجب آهي ۽ جيڪڏهن گرهہ وات مان ڪڍي وري ڪائي ڇڏيو هجي تہ رُڳو **قضا** واجب ٿيندي **ڪَفّارو** نہ. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

مدينه 8: واري سان بُخار ايندو هيو ۽ اڄ واري جو ڏينهن هيو انهيءَ ڪري هي گمان ڪيو تہ بُخار ايندو، روزو ڄاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏيؤ تہ انهيءَ صورت ۾ **ڪَفّارو** ساقط آهي (يعني ڪَفّاري جي ضرورت ناهي رُڳو قضا ڪافي آهي) ائين ئي عورت کي مقرر تاريخ تي حيض ايندو هيو ۽ اڄ حيض اچڻ جو ڏينهن هيو ان ڄاڻي واڻي روزو ٽوڙي ڇڏيو ۽ حيض نہ آيو تہ **ڪَفّارو** ساقط ٿي ويو. (يعني ڪَفّاري جي ضرورت ناهي رُڳو قضا ڪافي آهي). **(درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 391)**

مدينه 9: جيڪڏهن بہ روزا ٽوڙيا تہ ٻنهي جي لاءِ بہ **ڪَفّارا** ڏئي. جيتوڻيڪ جو پهريان جو اجان **ڪَفّارو** ادا نہ ڪيو هو. جڏهن تہ ٻئي ٻن رمضانن جا هجن ۽ جيڪڏهن ٻئي روزا هڪ ئي رمضان جا هجن ۽ پهرين جو **ڪَفّارو** ادا نہ ڪيو هجي تہ هڪ ئي **ڪَفّارو** ٻنهي جي لاءِ ڪافي آهي. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 182)**

مدينه 10: ڪَفَّارو لازم هجڻ جي لاءِ هي ضروري آهي تہ روزو ٽوڙڻ کان پوءِ ڪو اهڙو عمل واقع نہ ٿيو هجي جيڪو روزي جي منافي هجي يا بي اختيار اهڙو عمل نہ ڏٺو ويو هجي جنهن جي ڪري روزو ٽوڙڻ جي اجازت هجي ها. مثال طور عورت کي ان ڏينهن حيض يا نفاس اچي ويو يا روزو ٽوڙڻ کان پوءِ انهيءَ ڏينهن ۾ اهڙو بيمار ٿيو جنهن ۾ روزو نہ رکڻ جي اجازت آهي تہ ڪَفَّارو ساقط آهي ۽ سفر سان ساقط نہ ٿيندو جو هي اختياري امر (مرضيءَ وارو ڪم) آهي. **(الجوهرة النيّرة ج1 ص181)**

مدينه 11 : جن صورتن ۾ روزو ٽوڙڻ تي ڪَفَّارو لازم ناهي انهن ۾ شرط آهي تہ هڪ ڀيرو ائين ٿيو هجي ۽ معصيت (يعني نافرمانيءَ) جو ارادو نہ ڪيو هجي نہ تہ انهن ۾ ڪَفَّارو ڏيڻو پوندو. **(الدر المختار و ردالمحتار ج3 ص 440)**

روزو برباد ٿيڻ کان بچايو!

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ اسلامي معلومات کان اڪثر مسلمان بلڪل غافل ٿيندا پيا وڃن ۽ اهڙيون اهڙيون غلطيون ٿا ڪن جو ڪڏهن ڪڏهن تہ عبادت ئي ضايع ٿي ويندي آهي. **افسوس!** جو هاڻي تمام تر توجهہ صرف ۽ صرف دنياوي علوم ۽ فُنون جي حصول تي ئي آهي. آهہ! هاڻي سنّتون سکڻ جي لاءِ ۽ عبادتن جي احڪامات جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي اڪثريت کي فرصت آهي نہ شوق. بلڪ جيڪڏهن ڪو درد مند **اسلامي ڀاءُ** سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري بہ تہ ناگوار گذرندو آهي. عبادتن ۾ ايتريقدر غلط ڳالهيون ملايون ويون آهن جو **خُدا** عَزَّوَجَلَّ **جي پناهہ!** انهن مان **سَحَري** ۽ **افطار** بہ آهي. ان جي باري ۾ بہ ڪجهہ ماڻهو مختلف قسمن جون ڳالهيون ٻُڌائيندا آهن ۽ پوءِ ان تي ضد بہ ڪندا آهن. مثال طور **سَحَري** جي آخري وقت جي

باري ۾ ڪجهه ماڻهو چئي ڇڏيندا آهن. جيستائين صبح جي ايتري روشني ڦهلجي وڃي جو ڪِوليون نظر اچڻ لڳن ان وقت تائين سَحَري جو وقت باقي رهي ٿو.“!!! اهڙيءَ ريت ڪجهه ماڻهو هي سمجهندا آهن تہ جيستائين **فجر** جي **اذان** جو آواز ايندو رهي سَحَري کائڻ پيئڻ ۾ حرج ناهي ۽ جتي گهڻين اذانن جا آواز ايندا آهن اتي آخري اذان جي آواز ختم ٿيڻ تائين کائيندا پيئندا رهندا آهن.

عجيب تماشو آهي! ٿورو سوچيو تہ سهي جيڪڏهن اوهان اهڙي جڳهہ تي هجو جتي **اذان** جو آواز ئي نہ اچي تہ هاڻي ڇا ڪندؤ؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جو شوق رکڻ وارؤ! پنهنجي عبادت کي ڪجهہ منٽن جي غفلت جي سبب برباد نہ ڪريو. **سَحَري**ءَ جي بيان ۾ ص 129 تي بہ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ جي هيءَ آيتِ مقدسہ گذري، هن کي وري غور سان ملاحظہ فرمايو.

وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪائو ۽ پيئو ايستائين جو اوهان لاءِ باڪ جو اڇو سڳو ڪاري سڳي کان ظاهر ٿئي پوءِ رات جي اچڻ تائين روزا پورا ڪريو.

ظاهر آهي هن آيتِ مقدس ۾ نہ ڪِوليون جو ذڪر آهي نہ فجر جي اذان جو بلڪہ صبح صادق (يعني باڪ ڦٽڻ) جو ذڪر آهي انهيءَ ڪري اذان جو انتظار نہ ڪندا ڪريو. معتبر (يعني اعتبار جوڳو) نقشو نظام الاوقات (ٽائيم ٽيبل) ۾ صبح صادق ۽ سج لهڻ جو وقت ڏسي انهيءَ جي مطابق سَحَري ۽ افطار ڪريو.

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عين شريعت و سنّت جي مطابق ماهِ رمضان المبارڪ جو احترام ڪرڻ، ان ۾ روزا رکڻ، تراويح ادا ڪرڻ، ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ نوافل جي ڪثرت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ، ۽ اسان جون عبادتون قبول فرماءِ ۽ محض پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مان بدلجي ويس!

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جو ڇا چئجي ۽ مدني قافلن جي به ڇا ڳالهه آهي. ترغيب جي لاءِ ٻُڌو. شاليمار ٽاؤن (مرڪز الاولياءُ لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هيئن بيان آهي مان بيحد بگڙيل انسان هئس، فلمن ۽ ڊرامن جو شوقين هجڻ سان گڏوگڏ جوان ڇوڪرين سان ڇيڙ ڇاڙ، بدمعاش نوجوانن سان دوستيون، رات جي آخري حصي تائين انهن سان آواره گرديون وغيره منهنجا معمولات هئا. منهنجي بدخصلتن جي سبب خاندان وارا به مون کان لهرائيندا هئا ۽ پنهنجي گهرن ۾ منهنجي اچڻ کان گهبرائيندا هئا، گڏوگڏ پنهنجي اولاد کي به منهنجي صحبت کان جهليندا هئا. منهنجي گناهن ڀري ۽ بي رونق شام جي صبح بهاران بڻجڻ جي سبيل هيئن ٿي، جو هڪ **دعوتِ اسلامي** واري **عاشقِ رسول** جي مون تي مني نظر پئجي وئي، ان نهايت ئي شفقت سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي **مدني قافلي** ۾ سفر جي ترغيب ڏياري. ڳالهه منهنجي دل ۾ گهري وئي ۽ مون مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبتن مون پاپي ۽ بدڪار جي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو. گناهن کان توبهه جو تحفو ۽ سنّتن ڀرئي **مدني لباس** جو جذبو مليو، مٿي تي **سبز سبز عمامو** سجيو ۽ مون جهڙو گناهگار ۽ **ابوالفُضول** سنّتن جا مدني گل لُٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. جيڪي عزيز ۽ قريب ڏسي لهرائي ويندا هئا.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي اهي ڳلي لڳائيندا آهن. پهريان مان خاندان جي اندر بدترين هيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي** جي برڪت سان هاڻي عزيز ترين ٿي ويو آهيان.

جب تک بکے نہ تھے کوئی پوچھتا نہ تھا
تُونے خرید کر مجھے انمول کردیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بي نمازين وٽ ويهڻ ڪيئن؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ٻُرين صحبتن جو ڪيڏو زبردست نقصان ٿيندو آهي. ٻُري صحبت ۾ رهي ڪري بگڙيل ماڻهوءَ تي ماڻهو ٿُو ٿُو ڪندا آهن ۽ سٺين صحبتن جي به ڇا خوب برڪت آهي جو گناهن کان به بچت ٿيندي رهندي آهي ۽ ماڻهو به محبت ڪندا آهن. هميشه اهڙي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان عبادت جو شوق ۽ سنّت تي عمل ڪرڻ جو ذوق وڌي. دوست اهڙو هجي جنهن کي ڏسي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي، ان جي ڳالهين سان نيڪين جي طرف لاڙو ٿئي، دنيا جي محبت ۾ گهٽتائي ۽ آخرت جي الفت

۾ واڌارو ٿئي. دوست اهڙو هجي جو ان جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ اضافو ٿئي. غير سنجيده حرڪتون ڪرڻ وارن، فيشن پرستن ۽ بي نمازين جي صحبت کان بچڻ گهرجي. بي نمازين جي باري ۾ پُڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: (بي نمازين کي) نرميءَ سان سمجهايو ترڪِ نماز، ترڪِ جماعت، ۽ ترڪِ مسجد تي قرآنِ عظيم ۽ احاديث ۾ جيڪي سخت وَعيدون آهن، هرهر ٻُڌايو جن جي دلين ۾ ايمان آهي انهن کي ضرور نفعو پهچندو. **الله تبارک و تعالیٰ** ستاويهين سيپاري سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ جي آيت نمبر 55 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪلام ۽ احڪام ياد ڏياريو جو بيشڪ ان جو ياد ڏيارڻ ايمان وارن کي نفعو ڏيندو ۽ جيڪو ڪهڙيءَ طرح بہ نہ مڃي ان تي جيڪڏهن ڪنهن جو دباءُ آهي تہ ان جي ذريعي کان دباءُ وجهو ۽ ائين بہ پري نہ ٿئي تہ ان سان سلام ۽ ڪلام، ميل جول هڪدم ختم ڪري ڇڏيو، **قال الله تعالیٰ** (يعني **الله تبارک و تعالیٰ** ستين سيپاري سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ جي آيت نمبر 68 ۾ فرمائي ٿو:)

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان ڀُلائي ڇڏي تہ ياد اچڻ ي ظالمن وٽ نہ ويهہ.

(فتاویٰ رضويه تخريج شده ج6 ص 191، 192)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فيضانِ تراويح

دُرود شريف جي فضيلت

امير المؤمنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: ”دعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ لٽڪيل رهندي آهي ان مان ڪجهه به مٿي ناهي چڙهندو (يعني دعا قبول ناهي ٿيندي) جيستائين توهان پنهنجي نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي **درود** نه موڪليو.“

(جامع ترمذي ج2 ص28 حديث 486)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سنت جي فضيلت

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ ۾ جتي اسان ڪي بيشمار نعمتون ميّسر ايندیون آهن انهن ۾ **تراويح جي سنّت** به شامل آهي ۽ **سنّت** جي عظمت جي ڇا ڳالهه ڪجي! الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه جي گلشن جي مهڪندڙ گل، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي،”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.

(جامع ترمذي ج 4ص310 حديث 2687)

رمضان ۾ 61 پيرا ختم قرآن

تراويح سنّت مُؤَڪَّده آهي ۽ ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو ختمِ قرآن بہ سنّت مُؤَڪده. اسان جا امام اعظم سيّدُنا امام ابو حنيفه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ رمضان المبارڪ ۾ ايڪهٺ (61) پيرا قرآن ڪريم جو ختم پورو ڪندا هئا. ٽيهہ ڏينهن ۾، ٽيهہ راتين ۾ ۽ هڪ تراويح ۾، ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنجيتاليهہ ورهيہ سومهڻيءَ جي وضوءَ سان فجر جي نماز ادا فرمائي.

(بهارِ شريعت حصو 4 ص37)

هڪ روايت جي مطابق امام اعظم عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْاَکْرَم زندگيءَ ۾ 55 حج ڪيا ۽ جنهن گهر ۾ وفات ڪيائون ان ۾ ست هزار پيرا قرآنِ مجيد ختم فرمايائون. (عقود الجمان ص221)

تلاوت ۽ اهل الله

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: امام الائمه سيّدُنا امام اعظم (ابو حنيفه) رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٽيهہ سال ڪامل هر رات هڪ رڪعت ۾ قرآن ڪريم ختم ڪيو آهي.

(فتاویٰ رضويه تخريج شده ج7 ص476)

علماءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی فرمايو آهي، سلف صالحين (رَحِمَہُمُ اللّٰہُ الْمُبِیْن) مان ڪجهہ اڪابر ڏينهن رات ۾ بہ ختم فرمائيندا هئا، ڪجهہ چار، ڪجهہ اَٺ، ميزان الشريعة از امام عبدالوهاب شعراني (قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی) ۾ آهي تہ سيّدي علي مرصفي قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِی هڪ رات ڏينهن ۾ ٽي لک سٺ هزار ختم فرمائيندا هئا. (ميزان الشريعة الكبرىٰ ج1، ص79) آثار ۾ آهي، اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَہُ الْکَرِیْم ڪابو پير رڪاب ۾ رکي ڪري قرآن مجيد شروع فرمائيندا هئا ۽ سندن ساڄو پير رڪاب تائين ڪونہ پهچندو هو تہ

ڪلام شريف **ختم** ٿي ويندو هو. (**فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 7 ص 477**)
حديث شريف ۾ ارشادِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي حضرتُ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي سواري تيار ڪرڻ جو حڪم فرمائيندا هئا ۽ ان ڪان پهريان جو سواريءَ تي سنج سنجيا وڃن (پاڻ) زبور شريف **ختم** فرمائيندا هئا. (**صحيح بخاري ج 2، ص 447 حديث 3417**)

منا منا اسلامي ڀائرو! تي سگهي ٿو ڪنهن کي وسوسو اچي ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا بلڪ گهڙي ڀر ۾ **ختمِ** قرآن پاڪ يا ختمِ زبور شريف ڪيئن ممڪن آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته هي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جون ڪرامتون ۽ حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو معجزو آهي ۽ معجزو ۽ ڪرامت اهي ئي آهن جيڪي عادةً مُحال يعني ناممڪن هجن.

حرف چپاڙڻ!

افسوس! اڄڪلهه ديني مُعاملات ۾ سُستيءَ جو دور هلي رهيو آهي. عمومًا **تراويح** ۾ قرآن مجيد هڪ ڀيرو به صحيح معنىٰ ۾ ختم نه ٿو ٿئي. **قرآن پاڪ** ترتيل سان يعني آهسته آهسته پڙهڻ گهرجي، پر حال هي آهي جو جيڪڏهن ڪو ائين ڪري ته ماڻهو ان سان گڏ تراويح پڙهڻ جي لاءِ تيار ئي ناهن ٿيندا. هاڻي اهو ئي **حافظ** پسند ڪيو وڃي ٿو، جيڪو **تراويح** مان جلد فارغ ڪري ڇڏي. ياد رکو! **تراويح** کان علاوه به تلاوت ۾ حرف چپاڙڻ حرام آهي. جيڪڏهن جلدي جلدي پڙهڻ ۾ حافظ صاحب پوري قرآن مجيد مان صرف هڪ حرف به چپاڙي ويو ته **ختمِ قرآن** جي سنّت ادا نه ٿيندي. انهيءَ ڪري ڪنهن آيت ۾ ڪو

حرف"چبجي" ويو يا پنهنجي"مخرج" سان نہ نڪتو تہ ماڻهن کان شرمائي بغير واپس ٿيو ۽ صحيح پڙهي پوءِ اڳتي وڌو. هڪ افسوس ناڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ حافظن جو هڪ تعداد اهڙو بہ هوندو آهي جن کي **ترتيل** سان پڙهڻ ئي ناهي ايندو! تيزيءَ سان نہ پڙهن تہ ويچارا پُلجي ويندا آهن! اهڙن جي خدمت ۾ همدرداڻو مدني مشورو آهي. ماڻهن کان نہ شرمايو، خدا جو قسم! الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي تمام ڳوري پوندي تنهن ڪري بنا دير جي تجويد سان پڙهائڻ واري ڪنهن قاري صاحب جي مدد سان شروع کان آخر تائين پنهنجو حفظ درست فرمائي ڇڏيو. مد ۽ لين[1] جو خيال رکڻ لازمي آهي ۽ پڻ **مَد غُنَّه، اِظهار، اِخْفا** وغيره جي بہ رعايت فرمايو. صاحبِ بهارِ شريعت، حضرت صدرالشريعه، بدرالطريقه، علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا،" **فرضن** ۾ آهستي آهستي قراءَت ڪرڻ ۽ **تراويح** ۾ مُتَوَسّط (يعني وچتري) انداز ۾ ۽ **رات جي نوافل** ۾ جلدي پڙهڻ جي اجازت آهي پر اهڙو پڙهي جو سمجهہ ۾ اچي سگهي يعني گهٽ ۾ گهٽ"مد" جو جيڪو درجو قارين رکيو آهي ان کي ادا ڪري نہ تہ حرام آهي ان لاءِ جو ترتيل سان(يعني خوب آهستي آهستي) قرآن پڙهڻ جو حڪم آهي".

(الدرالمختار و ردالمحتار ج 2، ص262)

---

[1] واؤ، ي ۽ الف ساڪن ۽ اڳين حرف جي حرڪت موافق هجي تہ ان کي مد ۽ واؤ ۽ ي ساڪن ۽ ما قبل مفتوح کي لين چوندا آهن (نصاب التجويد ص 9 المدينة العلميه باب المدينه) ، (يعني واؤ کان پهريان پيش ۽ ي کان پهريان زير ۽ الف کان پهريان زبر.)

اٽنيهين سيپاري سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ جي چوٿين آيت ۾ ارشادِ رباني آهي.

وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ قرآن خوب آهستہ آهستہ پڙهو.

منهنجا آقا **اعلىٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ڪمالين علي حاشيه جلالين جي حوالي سان** "ترتيل" جي وضاحت ڪندي نقل ڪن ٿا: "يعني قرآن مجيد اهڙيءَ طرح آهستي ۽ بيهي بيهي پڙهو جو ٻُڌڻ وارو ان جون آيتون ۽ لفظ ڳڻي سگهي. "(فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 6، ص276) ۽ پڻ فرض نماز ۾ هن طرح تلاوت ڪري جو جدا جدا هر حرف سمجهه ۾ اچي، تراويح وچتري طريقي سان ۽ رات جي نوافل ۾ ايترو تيز پڙهي سگهي ٿو جنهن کي هو سمجهي سگهي. (درمختار ج 1، ص80) **مدارک التنزيل** ۾ آهي: قرآن کي آهستي ۽ بيهي بيهي ڪري پڙهو، ان جي معنىٰ هي آهي تہ اطمينان سان حُروف جدا جدا، وقف جي حفاظت ۽ تمام حرڪات (زبر، زير ۽ پيش) جي ادائيگيءَ جو خاص خيال رکڻو آهي."ترتيلا" هن مسئلي ۾ تاڪيد پيدا ڪري رهيو آهي تہ هيءَ ڳالهہ تلاوت ڪرڻ واري جي لاءِ نهايت ئي ضروري آهي.

(تفسير مدارک التنزيل ج 4،ص 203 ، فتاويٰ رضويه تخريج شده ج6، ص 278، 279)

تراويح بغير اجرت جي پڙهايو ڏينا

پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارن کي پنهنجي اندر **اخلاص** پيدا ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن **حافظ** پنهنجي تيزي ڏيکارڻ، خوش آوازي جو داد حاصل ڪرڻ ۽ نالو چمڪائڻ جي لاءِ قرآن پاڪ پڙهندو تہ ثواب تہ پري جي ڳالهہ آهي ابتو **شهرت جي چاهت ۽ رياڪاريءَ** جي تباهہ

ڪاريءَ ۾ وڃي پوندو. اهڙيءَ طرح **اجرت** جي ڏي وٺ بہ نہ هجي. طئي ڪرڻ ڪي ئي اجرت ناهن چوندا بلڪ جيڪڏهن هتي **تراويح** پڙهائڻ انهيءَ لاءِ ايندا آهن جو خبر آهي تہ هتي ڪجهہ ملندو آهي. جيتوڻيڪ مقرر نہ ٿيو هجي تہ اها بہ اجرت ئي آهي. اجرت رقم جو ئي نالو ناهي بلڪ ڪپڙي يا اناج وغيره جي صورت ۾ بہ اجرت، اجرت ئي آهي. ها جيڪڏهن حافظ صاحب اصلاح نِيَّت سان صاف صاف چئي ڏئي تہ مان ڪجهہ نہ وٺندس يا پڙهائڻ وارو چئي ڏي، نہ ڏيندس. پوءِ بعد ۾ حافظ صاحب جي خدمت ڪن تہ حرج ناهي جو حديثِ مبارڪ ۾ آهي، اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات. يعني عملن جو دارو مدار نيّتن تي آهي.

(صحيح بخاري ج1 ص 6 حديث 1)

تلاوتءِ ذڪر و نعت جي اجرت حرام آهي

منهنجي آقا اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهہ ۾ اجرت ڏئي ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ختم قرآن ۽ ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ ڪرائڻ جي متعلق جڏهن عرض ڪيو ويو تہ جواب ۾ ارشاد فرمايائون :"**تلاوتِ قرآن ۽ ذڪرِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ **تي اجرت ڏيڻ وٺڻ ٻئي حرام آهن.** ڏيڻ وٺڻ وارا ٻئي گناهگار ٿيندا آهن ۽ جڏهن هي فعلِ حرام جا مرتڪب آهن تہ ثواب ڪهڙي شيءِ جو اموات (يعني مرڻ وارن) کي موڪليندا؟ گناهہ تي ثواب جي اميد رکڻ تمام گهڻو سخت ۽ اشد (يعني شديد ترين گناهہ) آهي. جيڪڏهن ماڻهو چاهين تہ ايصالِ ثواب بہ ٿئي ۽ جائز شرعي طريقو بہ حاصل ٿئي (يعني شرعاً جائز بہ رهي) تہ ان جي صورت هي

آهي تہ پڙهڻ وارن کي ڪلاڪ يا ٻن ڪلاڪن جي لاءِ نوڪر رکي ڇڏيو ۽ پگهار اوتري ديڙ جي هر شخص جي مقرر ڪري ڇڏيو. مثال طور پڙهائڻ وارو چوي،”مون توکي اڄ فلاڻي وقت کان فلاڻي وقت جي لاءِ هن اجرت تي نوڪر رکيو (تہ) جيڪو ڪم چاهيندس وٺندس.“ هُو چوي ،”مون قبول ڪيو.“ هاڻي اهو اوتري ديڙ جي واسطي اَجِير(يعني ملازم) تي ويو. جيڪو ڪم چاهي وٺي سگهي ٿو ان کان پوءِ ان کي چوي فلاڻي ميّت جي لاءِ هيترو قرآن عظيم يا هيتريقدر ڪلمهءِ طيبه يا درود پاڪ پڙهي ڇڏ. هيءَ صورت جواز(يعني جائز ٿيڻ) جي آهي“. (فتاویٰ رضويه تخريج شده ج10 ص 193، 194)

تراويح جي اجرت جو شرعي حيلو

هن مبارڪ فتويٰ جي روشنيءَ ۾ **تراويح** جي لاءِ حافظ صاحب جي بہ ترڪيب ٿي سگهي ٿي. مثال طور مسجد جي ڪميٽي وارا اجرت طئي ڪري حافظ صاحب کي ماهِ رمضان المبارڪ ۾ نماز عشاءَ جي لاءِ **امامت** تي رکي ڇڏين ۽ حافظ صاحب بالتَّبَع يعني گڏوگڏ تراويح بہ پڙهائيندو ڪري ڇو تہ رمضان المبارڪ ۾ تراويح بہ عشاءَ جي نماز سان گڏ ئي شامل هوندي آهي. يا هيئن ڪريو جو رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ روزانو ٽن ڪلاڪن جي لاءِ (مثال طور 8 کان11 تائين) حافظ صاحب کي نوڪري جي آفر ڪندي چئو تہ اسين جيڪو ڪم چونداسين توهان کي اهو ڪرڻو پوندو، کين پگهار جي رقم بہ ٻُڌائي ڇڏيو. جيڪڏهن حافظ صاحب منظور فرمائيندا تہ ملازم ٿي ويندا. هاڻي روزانو حافظ صاحب جي هنن ٽن ڪلاڪن جي اندر ڊيوٽي لڳائي ڇڏيو تہ اهو **تراويح** پڙهائيندو

ڪري. ياد رکو! چاهي امامت هجي يا خطابت، مُؤَذِّني هجي يا ڪنهن قسم جي مزدوري جنهن ڪم جي لاءِ بہ **اجارو** ڪرڻ وقت هي معلوم ٿئي تہ هتي اجرت يا پگهار جو ڏيڻ وٺڻ يقيني آهي تہ پهريان کان رقم **طئي ڪرڻ واجب** آهي، نہ تہ ڏيڻ وارو ۽ وٺڻ وارو ٻئي گناهگار ٿيندا. ها جتي اجرت جي پهريان کان مقرر رقم معلوم هجي مثال طور بس جو ڪرايو، يا بازار ۾ ٻوري ڀرڻ، ڪٽي وڃڻ جي في ٻوري مزدوري جي رقم وغيره. تہ هاڻي هرهر طئي ڪرڻ جي حاجت ناهي. هي بہ ذهن ۾ رکو تہ جڏهن حافظ صاحب کي (يا جنهن کي بہ جنهن ڪم جي لاءِ) نوڪر رکيو ان وقت هي چوڻ جائز ناهي تہ اسين جيڪو مناسب هوندو ڏينداسين يا توهان کي راضي ڪري ڇڏينداسون پر واضح طور تي رقم جو مقدار ٻُڌائڻو پوندو، مثال طور: اسين اوهان کي 12 هزار روپيا پيش ڪنداسين ۽ هي بہ ضروري آهي تہ حافظ صاحب بہ منظور فرمائي ڇڏي. هاڻي ٻارهن هزار ڏيڻا ئي پوندا. چاهي چندو ٿي سگهي يا نہ ٿي سگهي. ها حافظ صاحب کي مطالبي کان بغير جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان طئي ٿيل کان وڌيڪ ڏئي ڇڏيو تڏهن بہ جائز آهي. جيڪي حافظ صاحبان، يا نعت خوان بغير پيسن جي **تراويح**، قرآن خواني يا نعت خواني ۾ حصو نہ ٿا وٺي سگهن. اهي شرم جي سبب کان ناجائز ڪم جو ارتڪاب نہ ڪن. **منهنجي آقا** اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ٻُڌايل طريقي جي مطابق عمل ڪري پاڪ روزي حاصل ڪن ۽ جيڪڏهن سخت مجبوري نہ هجي تہ حيلي جي ذريعي رقم حاصل ڪرڻ کان بہ پاسو ڪن. جو **جنهن جو عمل هجي بي غرض ان جي جزا ڪجهہ بي آهي**. هڪ امتحان سخت امتحان هي آهي تہ جيڪو ملڻ واري

رقم قبول ناهي ڪندو ان جي ڪافي واهه!واهه! ٿيندي آهي ۽ اهو ويچارو پنهنجو پاڻ کي نہ ڄاڻ ڪهڙي طرح **رياڪاريءَ** کان بچائيندو هوندو! **زهي مقدر**! اهڙو جذبو نصيب ٿي وڃي جو بيان ڪيل حيلي جي ذريعي رقم حاصل ڪري وٺي ۽ چپ چاپ خيرات ڪري ڇڏي پر پنهنجي قريبي اسلامي ڀاءُ بلڪ گهر جي ڪنهن فرد کي بہ نہ ٻُڌائي نہ تہ **رياڪاريءَ** کان بچڻ مشڪل ٿي ويندو. مزو تہ انهيءَ ۾ آهي جو ٻانهو ڄاڻي ۽ ان جو رب عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

ختم قرآن ۽ رقت

جتي تراويح ۾ هڪ پيرو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي وڃي اتي بهتر هي آهي تہ **ستاويهين رات** جو **ختم** ڪريو. رقت ۽ سوز سان پُڄاڻي ٿئي ۽ هي احساس دل کي تڙپائي ڇڏي تہ مون نہ صحيح معنيٰ ۾ قرآن پاڪ پڙهيو نہ ٻُڌو، ڪوتاهيون بہ ٿيون، دل ۾ اطمينان بہ نہ رهيو، **اخلاص** ۾ بہ گهٽتائي هئي. **صد هزار افسوس**! دنيا جي وڏي ماڻهوءَ جو ڪلام تہ توجهہ سان ٻُڌو ويندو آهي پر سيني جي خالق ۽ مالڪ پنهنجي پياري پياري **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جو پاڪيزه ڪلام ڌيان سان نہ ٻُڌو، ان سان گڏوگڏ هي بہ غم هجي تہ افسوس!هاڻي رمضان المبارڪ ڪجهہ گهڙين جو مهمان رهجي ويو آهي، نہ ڄاڻ ايندڙ سال ان جي تشريف آوري جي وقت ان جون بهارون ماڻڻ لاءِ مان زندهہ رهندس يا نہ!ان طرح جا خيالات دل ۾ جمائي ڪري پنهنجي لاپرواهين تي پاڻ کي شرمندو ڪري ۽ تي سگهي تہ روئي، جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي شڪل بڻائي جو سنن جو نقل بہ سنو

آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي اک مان قرآن پاڪ جي محبت ۽ رمضان شريف جي وڇوڙي ۾ هڪ اڌ ڳوڙهو وهي ڪري بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول ٿي ويو ته پري ناهي جو انهيءَ جي صدقي خداءِ غفار عَزَّوَجَلَّ سيني حاضر ٿيندڙن کي بخشي ڇڏي.

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یاربّ!
عیب میرے نہ کھول محشر میں نام ستّار ہے ترا یاربّ!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یاربّ!
تو کریم اور کریم بھی ایسا
کہ نہیں جس کا دوسرا یاربّ!

تراويح جي جماعت بدعت حسنه آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ به تراويح ادا فرمائي ۽ ان کي خوب پسند به فرمايائون، جيئن ته صاحبِ قرآن، مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، جيڪو ايمان ۽ ثواب ماڻڻ خاطر **رمضان** ۾ **قيام** ڪري ان جا اڳيان ۽ پويان گناهه بخشيا ويندا. (يعني صغيره گناهه) پوءِ انهيءَ گمان کان ڇڏيائون؟ ته جيئن امت تي (تراويح) فرض نه ڪئي وڃي. پوءِ امير المؤمنين حضرت سيّدُنا **عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (پنهنجي دؤرِ خلافت ۾) ماهِ رمضان المبارڪ جي هڪ رات مسجد ۾ ڏٺو ته ماڻهو جدا جدا انداز ۾ (تراويح) ادا ڪري رهيا آهن. ڪو اڪيلو ته ڪجهه حضرات ڪنهن جي اقتدا ۾ پڙهي رهيا آهن. هي ڏسي ڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايائون: مان مناسب خيال ڪريان ٿو ته هنن سيني کي

هڪ امام سان جمع ڪريان. اهڙيءَ ريت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرت سيّدُنا اُبيّ ابن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سيني جو امام بڻائي ڇڏيائون. پوءِ جڏهن ٻي رات تشريف کڻي آيا ۽ ڏٺائون تہ ماڻهو باجماعت (تراويح) ادا ڪري رهيا آهن (تہ ڏاڍا خوش ٿيا ۽) فرمايائون،" نِعْمَ الْبِدْعَةُ هٰذِهٖ. يعني"هيءَ سني بدعت آهي". (صحيح بخاري ج1 ص658 حديث 2010)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محبوب ربِ ذوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اسان جو ڪيڏو خيال آهي! رُڳو انهيءَ خوف کان **تراويح** تي هميشگي نہ فرمايائون جو ڪٿي امت تي فرض نہ ڪئي وڃي. هن حديثِ پاڪ مان ڪجهہ **وسوسن** جو علاج بہ ٿي ويو. مثال طور **تراويح** جي باقاعده جماعت سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ جاري فرمائي سگهن پيا پر نہ فرمايائون ۽ اهڙيءَ ريت اسلام ۾ سنن سنن طريقن کي رائج ڪرڻ جو پنهنجي غلامن کي موقعو فراهم ڪيائون. جيڪو ڪم شاهِ خيرالانام عَزَّوَجَلَّ نہ ڪيو اهو ڪم سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ رُڳو پنهنجي مرضيءَ سان نہ ڪيو بلڪ سرڪارِ عالمِ مدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن قيامت تائين اهڙا سنا سنا ڪم ڪندو رهڻ جي پنهنجي حياتِ ظاهريءَ ۾ ئي اجازت عطا فرمائي ڇڏي هئائون. جيئن تہ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ با قرينہ آهي: "جيڪو بہ اسلام ۾ ڪو **سنو طريقو** جاري ڪري ان کي ان جو ثواب ملندو ۽ ان جو بہ جيڪي (ماڻهو) ان کان پوءِ ان تي عمل ڪندا ۽ ان جي ثواب مان ڪجهہ گهٽ نہ ٿيندو ۽ جيڪو شخص اسلام ۾ **بُرو طريقو** جاري ڪري ان تي انهيءَ جو گناهہ

بہ آهي ۽ انهن (ماڻهن) جو بہ جيڪي ان ڪان پوءِ ان تي عمل ڪن ۽ انهيءَ جي گناهہ ۾ ڪجهہ گهٽتائي نہ ٿيندي.

(صحيح مسلم ص 1438 حديث 1017)

”ڪرم يا نبي الله“ جي پارهن اڪرن جي نسبت سان 12 بدعاتِ حسنہ

هن حديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو، قيامت تائين اسلام ۾ سنا سنا نوان طريقا ڪڍڻ جي اجازت آهي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪڍيا بہ وڃن ٿا جيئن تہ ﴿1﴾ امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **تراويح** جي باقاعده جماعت جو اهتمام ڪيو ۽ ان کي پاڻ سنئي بدعت بہ قرار ڏنائون. ان مان هي بہ معلوم ٿيو تہ سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال ڪان پوءِ صحابهءِ ڪرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان بہ جيڪو سنو نئون ڪم جاري ڪن اهو بہ **بدعتِ حسنہ** چَوَرائيندو آهي. ﴿2﴾ مسجد ۾ امام جي لاءِ طاق نما **محراب** نہ هوندو هو. سي ڪان پهريان حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد النبوي الشريف عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ **محراب** بڻائڻ جي سعادت حاصل ڪئي انهيءَ نئين ايجاد (بدعتِ حسنہ) ڪي ايتريقدر مقبوليّت حاصل آهي جو هينئر سڄي دنيا ۾ مسجد جي سڃاڻپ انهيءَ سان آهي. ﴿3﴾ اهڙيءَ طرح مسجدن تي **گنبد ۽ مينار** بڻائڻ بہ بعد جي ايجاد آهي. بلڪ ڪعبي جا **مينار** بہ سرڪارِ مدينہ ۽ صحابهءِ ڪرام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان جي دؤر ۾ نہ هئا ﴿4﴾ ايمانِ مفصل ﴿5﴾ ايمانِ مجمل ﴿6﴾ ڇهہ ڪلما انهن جو تعداد ۽ ترڪيب جو هيءُ

پهريون هيءُ بيون ۽ انهن جا نالا ﴿7﴾ قرآن پاڪ ۾ ٽيهه سيپارا بڻائڻ، اعراب لڳائڻ انهن ۾ رڪوع بڻائڻ، رموزِ اوقاف جون علامتون لڳائڻ. بلڪ نقطا بہ بعد ۾ لڳايا ويا، خوبصورت جُلدَ ڇاپڻ وغيره ﴿8﴾احاديثِ مبارڪ کي ڪتابي شڪل ڏيڻ، انهن جي سَنَدُن تي جرح ڪرڻ، انهن جا صحيح، حسن، ضعيف ۽ موضوع وغيره قسم بڻائڻ ﴿9﴾ فقه ، اصولِ فقه و علم ڪلام﴿10﴾ زڪوٰة ۽ فطرو سڪهءِ رائج الوقت بلڪ باتصوير نوٽن سان ادا ڪرڻ ﴿11﴾ اُنن وغيره جي بدران بحري يا هوائي جهاز جي ذريعي **سفرِ حج** ڪرڻ ﴿12﴾ شريعت و طريقت جا چار سلسلا يعني حنفي، شافعي، مالڪي، حنبلي. اهڙيءَ طرح قادري نقشبندي، سهروردي ۽ چشتي.

هر بدعت گمراهي ناهي

ٿي سگهي ٿو جو ڪنهن جي ذهن ۾ هي سوال پيدا ٿئي تہ هنن بنهي احاديثِ مبارڪ (1) كُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ وَّكُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النَّار يعني هر **بدعت** (نئين ڳالهہ)گمراهي آهي ۽ هرگمراهي جهنم ۾ (وٺي وڃڻ واري) آهي (سنن النسائي ج2، ص189) (2) شَرَّ الْاُمُوْرِ مُحْدَثَاتُهَا وَكُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَة يعني بدترين ڪم نوان طريقا آهن هر **بدعت** (نئين ڳالهہ)گمراهي آهي. (صحيح مسلم 430 حديث 867) جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ ٻئي احاديثِ مبارڪ حق آهن. هتي بدعت مان مُراد بدعت سَيِّئَهَ يعني **بُري بدعت** آهي ۽ يقيناً هر اها بدعت بُري آهي جيڪا ڪنهن سنّت جي خلاف يا سنّت کي مٽائڻ واري هجي. جهڙيءَ طرح ٻين احاديث ۾ هن مسئلي جي وڌيڪ وضاحت موجود آهي جيئن تہ اسان جي پياري پياري آقا

مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هر اها گمراهه ڪرڻ واري **بدعت** جنهن سان الله ۽ ان جو رسول راضي نه هجي ته ان گمراهي واري **بدعت** کي جاري ڪرڻ واري تي ان **بدعت** تي عمل ڪرڻ وارن جي مثل گناهه آهي،ان کي گناهه ملي وڃڻ ماڻهن جي گناهن ۾ گهٽتائي نه ڪندو. **(جامع ترمذي ج4 ص309 حديث 2686)**

هڪ ٻي حديثِ مبارڪ ۾ وڌيڪ وضاحت ملاحظه ڪريو جيئن ته **اُمُّ الْمؤمنين** حضرت سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مروي آهي ته الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:" مَنْ أَحْدَثَ فِيْ أَمْرِنَا هَذَا مَا لَيْسَ فِيْهِ فَهُوَ رَدٌّ. "

(صحيح بخاري شريف ج6 ص211 حديث 2697)

يعني "جيڪو اسان جي دين ۾ اهڙي نئين ڳالهه ڪڍي جيڪا ان (جي اصل) مان نه هجي اها مردود آهي." انهن احاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو ته اهڙي نئين ڳالهه جيڪا سنّت کان پري ڪري گمراهه ڪرڻ واري هجي، جنهن جو اصل دين ۾ نه هجي اها **بدعتِ سَيِّئه** يعني بُري بدعت آهي جڏهن ته دين ۾ اهڙي نئين ڳالهه جيڪا سنّت تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ واري هجي ۽ جنهن جو اصل دين مان ثابت هجي اها بدعتِ حسنه يعني سني بدعت آهي.

حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي حديث پاڪ، وَّكُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النَّار " جي تحت فرمائن ٿا، جيڪا **بدعت** اصول ۽ قواعد سنّت جي موافق ۽ ان جي مطابق قياس ڪيل آهي (يعني شريعت ۽ سنّت سان نه ٿي ٽڪرائي) ان کي **بدعتِ حسنه** چوندا

آهن ۽ جيڪا ان جي خلاف آهي اها **بدعتِ ضلالت** يعني گمراهي واري بدعت چَوَرائيندي آهي.

(اشعة اللمعات ج1 ص 135)

بدعت حسنه جي بغير گذارو ناهي

بهرحال سنئي ۽ بُري بدعتن جي تقسيم ضروري آهي نه ته ڪيتريون ئي سنيون سنيون بدعتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن انهن کي رُڳو ان لاءِ ترڪ ڪيو وڃي جو **قُرونِ ثلاثه** يعني شاهِ خير الانام، صحابهءِ ڪرام و تابعين عِظام، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مبارڪ دؤر ۾ نه هيون، ته دين جو موجوده نظام ئي نه هلي سگهي. جيئن ديني مدارس، انهن ۾ درسِ نظامي، قرآن و احاديث ۽ اسلامي ڪتابن جي پريس ۾ ڇپائي وغيره وغيره اهي سيئي ڪم پهريان نه هئا بعد ۾ جاري ٿيا ۽ **بدعتِ حسنه** ۾ شامل آهن. بهرحال رب ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يقيناً هي سڀ سنا سنا ڪم پنهنجي حياتِ ظاهريءَ ۾ به رائج فرمائي سگهن پيا. پر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامن جي لاءِ ثوابِ جاريه ڪمائڻ جا بيشمار موقعا فراهم ڪري ڏنا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ بانهن صدقهءِ جاريه جي خاطر جيڪي شريعت سان نه ٿيون ٽڪرائن اهڙيُن نَيُن ايجادن جي ڏوم مچائي ڏني، ڪنهن اذان کان پهريان درود وسلام پڙهڻ جو رواج وڌو، ڪنهن عيد ميلاد ملهائڻ جو طريقو ڪڍيو وري ان ۾ چراغان (يعني لائيٽنگ) ۽ سبز سبز پرچمن ۽ مرحبا جون ڏومون مچائيندي مدني جلوس جو سلسلو ٿيو، ڪنهن يارهين شريف ته ڪنهن اعراس بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو بنياد رکي ڇڏيو ۽ هينئر به اهي سلسلاجاري آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ

دعوتِ اسلامي وارن اجتماعات وغيره ۾ **اذكروالله!** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪريو!) ۽ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! (يعني حبيب تي درود موڪليو!) جي نعري لڳائڻ جي بلڪل نئين ترڪيب ڪڍي ڪري "الله الله" ۽ درود و سلام جي پُرڪيف صدائن جو حسين نظارو قائم ڪري ڇڏيو!

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

سبز گنبذ جي تاريخ مدينه

سبز سبز گنبذ جنهن جي ديدار جي لاءِ هر عاشق جي دل بي قرار هوندي آهي ۽ نماڻا نيڻ نير وهائيندا آهن. اهو به **بدعتِ حسنه** آهي ڇوته اهو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات ڪان سوين سال پوءِ ٺهيو آهي. ان جي مختصر طور تي معلومات به حاصل ڪري وٺو.

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي سي ڪان پهريان گنبذ شريف 678 هه (1269ع) ۾ تعمير ٿيو ۽ ان تي ڦڪو رنگ ڪرايو ويو تنهنڪري ڪيس پيلو **گنبذ** سڏيو ويندو هو، پوءِ مختلف دورن ۾ تبديليون ٿينديون رهيون. ايتري تائين جو 888هه (1483ع) ۾ ڪاري پٿر سان نئون گنبدِ بڻايو ويو ۽ ان تي اڇو رنگ ڪرايو ويو. عاشق ان کي قُبَّةُ الْبَيْضَا يا " گنبذِ بيضاء"يعني **اڇو گنبذ** چوڻ لڳا. سنه 980هه (1572ع) ۾ انتهائي حسين گنبذ بڻايو ويو ۽ ڪيس رنگ برنگي پٿرن سان سجايو ويو تنهن ڪري سندس هڪ رنگ نه رهيو. گهڻو ڪري ڇٽساليءَ جي من موهيندڙ ۽ پُرڪشش نظاري جي ڪري ان کي **رنگ برنگي گنبذ** سڏيو ويندو هيو. سنه1233هه (1818ع) ۾ نئين سر ان جي تعمير ڪئي ويئي ۽ ان تي سائو رنگ

ڪيو ويو. جيڪو اَلْقُبَّةُ الْخَضْراء يعني سبز گنبذ جي نالي سان مشهور ٿيو. ان کان پوءِ هينئر تائين ڪنهن بہ ان ۾ تبديلي ناهي ڪئي. ها سبز رنگ کي هيءَ سعادت ملندي آهي جو اهو خادمن جي هٿان مٿي وڃي چنبڙي پوندو آهي. گنبذ خضرا جيڪو يقيني ۽ قطعي طور تي بدعتِ حسنہ آهي اهو هاڻي سڄي دنيا جي مسلمانن جو مَرجَع (يعني اها جاءِ جنهن ڏانهن سيئي مسلمان رجوع ڪن)، اکين جو نُور ۽ دل جو سُرور آهي. اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي دنيا جي ڪا طاقت نہ مِٽائي سگهندي. جيڪو ان کي بغض جي سبب مِٽائڻ چاهيندو اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ اهو پاڻ ئي مِٽجي ويندو.

گنبدِ خَضرا خدا تجھ کو سلامت رکھے
دیکھ لیتے ہیں تجھے پیاس بجھا لیتے ہیں

ان جهڙن تمام نَوَن ايجاد ڪيل نيڪ ڪمن جو بنياد اها ئي حديث پاڪ آهي جيڪا مسلم شريف جي حوالي سان ص 219 تي گذري جنهن ۾ فرمايو ويو آهي، جيڪو اسلام ۾ سنو طريقو جاري ڪري ان کي ان جو ثواب ملندو ۽ ان جو بہ جيڪو ان کان پوءِ ان تي عمل ڪن[1].

ديدارِ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم: مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! عقائد و اعمال جي اصلاح ۽ ضروري معلومات جي حصول جي خاطر تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي

[1] مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان جي ڪتابِ مستطاب "جاءَ الحق وزهق الباطل" ۾ بدعات ۽ ان جي قِسمن وغيره جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلات ڏسي سگهو ٿا.

چڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي سنّتن ڀري تحريڪ آهي.ان جي هڪ ايمان افروز بهار ٻُڌو ۽ جهومو جيئن ته تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن **واري بين الاقوامي** سنّتن ڀرئي اجتماع (ملتان شريف) جي پُڄاڻيءَ تي **عاشقانِ رسول** جا بيشمار **مدني قافلا** سنّتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ سفر تي روانا ٿيندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ بين الاقوامي اجتماع (1426هـ) کان آگره تاج ڪالوني **(باب المدينه ڪراچي)** جو هڪ مدني قافلو سفر ڪندو ترڪيب جي مطابق هڪ مسجد ۾ ترسيو. رات جو جڏهن سڀ سُمهي پيا ته **مدني قافلي** ۾ شريڪ هڪ نئين اسلامي ڀاءَ جي قسمت جاڳي پئي ۽ ان کي خواب ۾ **مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿي ويو. هو تمام گهڻو خوش ٿيو، **دعوتِ اسلامي** جي حقانِيَّت جو دل و جان سان مُعترف ٿي ڪري **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويو.

کوئی آیا پاکے چلا گیا کوئی عمر بھر بھی نہ پاسکا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

چڱن سان محبت جا فضائل

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءَ کي تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي ويئي. تنهن ڪري هميشه چڱي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ چڱن سان محبت رکڻ گهرجي. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن خوش نصيبن کي چڱن سان محبت ڪرڻ جو

بهترين موقعو نصيب ٿي ويندو آهي. رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ چڱن سان محبت رکڻ جا **ست فضائل** ٻُڌو ۽ جهومو.

(1) الله تعالى قيامت جي ڏينهن فرمائيندو ڪٿي آهن جيڪي منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا هئا اڄ مان انهن کي پنهنجي سايي ۾ رکندس. اڄ منهنجي سايي کانسواءِ ڪو سايو ناهي.

(صحيح مسلم، ص 1388، حديث 2566)

(2) الله تعالى ارشاد فرمائيندو آهي جيڪي ماڻهو منهنجي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي وٽ ويهندا آهن ۽ پاڻ ۾ ملندا جُلندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن انهن سان منهنجي محبت واجب ٿي وئي.

(المُؤطا ج 2 ص439 حديث 1828)

(3) الله تعالى فرمايو: جيڪي ماڻهو منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا آهن انهن جي لاءِ نُور جا منبر هوندا. انبيا و شهداءَ انهن تي رشڪ ڪندا. **(سنن الترمذي ج4، ص174 حديث 2397 دارالفكر بيروت)**

(4) ٻن شخصن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوير ۾ آهي ٻيو اولهه ۾ قيامت جي ڏينهن الله تعالى ٻنهي کي گڏ ڪندو ۽ فرمائيندو هي اهو ئي آهي جنهن سان تو منهنجي لاءِ محبت ڪئي هئي.

(شعب الايمان ج 6، ص 492 حديث 9022 دارالكتب العلميه بيروت)

(5) جنّت ۾ ياقوت جا ٿنيا آهن انهن تي زمرد جا ڪمرا آهن اهي اهڙا روشن آهن جيئن چمڪندڙ ستارا. ماڻهن عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ۾ ڪير رهندو؟ فرمايائون: اهي ماڻهو جيڪي الله

عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکندا آهن هڪ جڳهه تي ويهندا آهن پاڻ ۾ ملندا آهن. (شعب الايمان ج 6، ص 487 حديث 9002 دارالكتب العلميه بيروت)

(6) الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسيءَ تي هوندا.

(المعجم الكبير ج 4، ص 150 حديث 3973 داراحياء التراث العربي، بيروت)

(7) جيڪو ڪنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر محبت رکي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر دشمني رکي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ڏئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر منع ڪري ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ورتو.

(سنن ابي داود ج4، ص 290، حديث 4681)

"تراويح پڙهو خدا ۽ رسول جون رحمتون حاصل ڪريو"
جي 35 اڪرن جي نسبت سان تراويح جا 35 مدني گل

مدينه 1: تراويح هر عاقل و بالغ اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ جي لاءِ سنّت موڪده آهي. (در مختار ج 2، ص 493) ان جو ترڪ جائز ناهي.

مدينه 2: تراويح جون ويهه رڪعتون آهن. سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دؤر ۾ ويهه رڪعتون ئي پڙهيون ويندیون هيون.

(السنن الكبريٰ بيهقي ج 2، ص 699 حديث 4617)

مدينه 3: تراويح جي جماعت سنّتِ مُؤَكَّده عَلَي الكِفَايه آهي. جيڪڏهن مسجد جي سيني ماڻهن ڇڏي ڏني تہ سڀ **اِساءَت** جا مرتڪب ٿيا (يعني بُرو ڪيائون) ۽ جيڪڏهن ڪجهه ماڻهن باجماعت پڙهي ورتي تہ اڪيلو پڙهڻ وارو جماعت جي فضيلت کان محروم رهيو. (هدايه ج 1، ص 70)

مدينه 4: تراويح جو وقت عشاءَ جي فرض پڙهڻ کان پوءِ کان وٺي صبح صادق تائين آهي. عشاءَ جي فرض ادا ڪرڻ کان پهريان جيڪڏهن پڙهي ڇڏي تہ نہ ٿيندي. **(عالمگيري ج 1، ص115)**

مدينه 5: عشاء جي فرض ۽ **وتر** کان پوءِ بہ تراويح پڙهي سگهجي ٿي. **(الدرالمختار ج 2، ص494)** جيئن تہ ڪڏهن ڪڏهن29 تي رُويَتِ هلال (يعني پهرين تاريخ جو چنڊ نظر اچڻ) جي گواهي ملڻ ۾ دير جي سبب ائين ٿي ويندو آهي.

مدينه 6: مستحب هي آهي **تراويح** ۾ رات جي ٽئين حصي تائين دير ڪريو جيڪڏهن اڌ رات کان پوءِ پڙهو تڏهن بہ ڪراهت ناهي.

(الدرالمختار ج2 ، ص495)

مدينه 7: تراويح جيڪڏهن فوت ٿي تہ ان جي قضا ناهي.

(الدرالمختار ج 2، ص 494)

مدينه 8: بهتر هي آهي تہ تراويح جون ويهہ رڪعتون بہ بہ ڪري ڏهن سلامن سان گڏ ادا ڪريو. **(الدرالمختار ج 2، ص 495)**

مدينه 9: تراويح جون ويهہ رڪعتون هڪ سلام سان بہ ادا ڪري سگهجن ٿيون، پر ائين ڪرڻ مڪروه آهي. هر ٻن رڪعتن تي **قعده** ڪرڻ فرض آهي. هر **قعده** ۾ التحيات کان پوءِ درود شريف بہ پڙهو ۽ اڪي رڪعت (يعني پهرين، ٽين، پنجين وغيره) ۾ ثنا پڙهو ۽ امام تعوذ ۽ تسميه بہ پڙهي. **(الدرالمختار ج 2، ص 496)**

مدينه 10: جيڪڏهن ڪو بہ بہ رڪعتون ڪري پڙهي رهيو آهي تہ هر ٻن رڪعتن تي الڳ الڳ نِيَّت ڪري ۽ جيڪڏهن ويهہ رڪعتن جي گڏ نِيَّت ڪري ڇڏي تڏهن بہ جائزآهي. **(الدرالمختار ج 2 ص 494)**

مدينه 11: بنا عذر جي تراويح ويهي پڙهڻ مڪروهه آهي بلڪ ڪجهه فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي ويجهو تہ ٿيندي ئي ناهي. (الدرالمختار ج 2 ص 499)

مدينه 12: تراويح مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ افضل آهي. جيڪڏهن گهر ۾ باجماعت ادا ڪئي تہ ترڪِ جماعت جو گناهہ نہ ٿيو پر اهو ثواب نہ ملندو جيڪو **مسجد** ۾ پڙهڻ جو هيو. **(عالمگيري ج 1 ص 116)** عشاءَ جو فرض مسجد ۾ با جماعت ادا ڪري گهر يا هال ۾ تراويح ادا ڪريو. جيڪڏهن بنا شرعي عذر جي مسجد جي بجاءِ گهر يا هال وغيره ۾ عشاءَ جي فرض جي جماعت قائم ڪري ورتي تہ واجب ڇڏڻ جا گناهگار ٿيندؤ. ان جو تفصيلي مسئلو فيضانِ سنّت جلد اول جي باب "پيٽ جو قفلِ مدينه" جي ص 128 تي ڏسو.

مدينه 13: نابالغ امام جي پويان رُڳو نابالغ ئي تراويح پڙهي سگهن ٿا.

مدينه 14: بالغ جي تراويح (بلڪ ڪابہ نماز ايستائين جو نفل بہ) نابالغ جي پويان ناهي ٿيندي.

مدينه 15: تراويح ۾ پورو ڪلام الله شريف پڙهڻ ۽ بُڌڻ سنّتِ مُؤَڪَّده آهي. (فتاويٰ رضويه شريف تخرج شده ج 7ص458)

مدينه 16: جيڪڏهن باشرائط حافظ نہ ملي سگهي يا ڪنهن سبب ڪان ختم نہ ٿي سگهي تہ **تراويح** ۾ ڪهڙيون بہ سورتون پڙهي ڇڏيو جيڪڏهن چاهيو تہ اَلَم تَرَ ڪان وَالنَّاس بہ ڀيرا پڙهي ڇڏيو اهڙيءَ ريت ويهہ رڪعتون ياد رکڻ آسان رهندو. (عالمگيري ج 1 ص 118)

مدينه 17: هڪ ڀيرو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ جهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهڻ سنّت آهي ۽ هر سورة جي ابتدا ۾ آهستي پڙهڻ مستحب آهي.

مُتَاَخِّرين (يعني بعد ۾ اچڻ وارن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى) **ختم تراويح** ۾ ٽي ڀيرا **قل هو الله** شريف پڙهڻ مستحب چيو ۽ پڻ بهتر هي آهي ته ختم جي ڏينهن پوئين رڪعت ۾ **الم** کان **مفلحون** تائين پڙهو.

(بهارِ شريعت حصو 4 ص37)

مدينه 18: جيڪڏهن ڪنهن سبب کان (تراويح) جي نماز فاسد ٿي وڃي ته جيترو قرآن پاڪ انهن رڪعتن ۾ پڙهيو هيو ان جو اعادو ڪريو(يعني دهرايو) ته جيئن ختم ۾ نقصان نه رهي. **(عالمگيري ج 1ص 118)**

مدينه 19: امام غلطيءَ سان ڪا آيت يا سورة ڇڏي اڳتي وڌي ويو ته مستحب هي آهي ته ان کي پڙهي پوءِ اڳتي وڌي. **(عالمگيري ج 1ص 118)**

مدينه 20: الڳ الڳ مسجد ۾ **تراويح** پڙهي سگهو ٿا جڏهن ته ختم قرآن ۾ نقصان نه ٿئي. مثال طور ٽي مسجدون اهڙيون آهن جن ۾ روزانو سوا سيپارو پڙهيو ويندو آهي ته ٽنهي ۾ روزانو واري واري سان وڃي سگهو ٿا.

مدينه 21: ٻن رڪعتن کان پوءِ ويهڻ وسري ويو ته جيستائين ٽينءَ جو سجدو نه ڪيو هجي ته ويهي رهي آخر ۾ سهو جو سجدو ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن ٽينءَ جو سجدو ڪري ڇڏيو ته چار پوريون ڪري وٺي پر هي ٻه ئي ڳٽيون ويندیون. ها جيڪڏهن ٻن تي قعده ڪيو هو ته چار ٿيون. **(عالمگيري ج 1ص 118)**

مدينه 22: ٽي رڪعتون پڙهي سلام ورايائين جيڪڏهن ٻي تي وينو نه هيو ته نه ٿيون ان جي بدلي جون ٻه رڪعتون ٻيهر پڙهي.

(عالمگيري ج 1ص 118)

مدينه 23: سلام ورائڻ کان پوءِ ڪو چوي ٿو ۽ ٽيون ڪو چوي ٿو ٿي، ته امام کي جيڪو ياد هجي ان جو اعتبار آهي، جيڪڏهن امام پاڻ ۾ ٻڌتر جو شڪار هجي ته جنهن تي اعتماد هجي ان جي ڳالهه مڃي وٺي. **(عالمگيري ج 1ص 117)**

مدينه 24: **جيڪڏهن** ماڻهن کي شڪ هجي ته ويهه ٽيون يا ارڙهن؟ ته ۽ رڪعتون اڪيلا اڪيلا پڙهن. **(عالمگيري ج 1ص 117)**

مدينه 25: افضل هي آهي جو سيني شُفعن ۾ قراءَت برابر ٿئي جيڪڏهن ائين نه ڪيائين تڏهن به حرج ناهي اهڙيءَ ريت هر شفع (جيڪو ٻن رڪعتن تي مشتمل هوندو آهي ان) جي پهرين ۽ ٻي رڪعت جي قراءَت مساوي (يعني برابر) هجي ٻئي جي قراءَت پهرين کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي. **(عالمگيري ج 1ص 117)**

مدينه 26: **امام** ۽ مقتدي هر ٻن رڪعتن جي پهرين رڪعت تي ثنا پڙهن (امام اعوذ ۽ بسم الله به پڙهي) ۽ التحيات کان پوءِ درود ابراهيم ۽ دعا به. **(درالمختار ج 2ص 498)**

مدينه27: **جيڪڏهن** مقتدين کي ڏکيائي ٿيندي هجي ته تشهد کان بعد اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ تي ڪفايت ڪري. **(درالمختارج 2ص 499)**

مدينه 28: **جيڪڏهن** ستاويهين جو (يا ان کان پهريان) قرآن پاڪ ختم ٿي ويو تڏهن به رمضان جي آخر تائين **تراويح** پڙهندا رهو جو سنّت مؤڪده آهي. **(عالمگيري ج 1ص 118)**

مدينه 29: هر چار رڪعتن ڪان پوءِ اوتري دير آرام وٺڻ جي لاءِ ويهڻ مستحب آهي جيتري دير ۾ چار رڪعتون پڙهيون آهن. هن وقفي کي **ترويحه** چوندا آهن. (عالمگيري ج 1ص 115)

مدينه 30: **ترويحه** جي دوران اختيار آهي تہ چُپ وينو رهي يا ذڪر و درود ۽ تلاوت ڪري يا اڪيلو نفل پڙهي. (درالمختار ج 2ص 497) هيءَ تسبيح بہ پڙهي سگهو ٿا:

سُبْحَانَ ذِى الْمُلْكِ وَ الْمَلَكُوْتِ ۞ سُبْحَانَ ذِى الْعِزَّةِ وَ الْعَظَمَةِ وَ الْهَيْبَةِ وَ الْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْجَبَرُوْتِ ۞ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِىْ لَايَنَامُ وَلَايَمُوْتُ ۞ سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَّبُّنَا وَرَبُّ الْمَلٰئِكَةِ وَالرُّوْحِ ۞ اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِى مِنَ النَّارِ ۞ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ ۞ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۞

مدينه 31: ويهہ رڪعتون تي چُڪڻ ڪانپوءِ پنجون ترويحه بہ مستحب آهي، جيڪڏهن ماڻهن کي ڏکيائي ٿيندي هجي تہ پنجين پيري نہ ويهي. (عالمگيري ج 1ص 115)

مدينه 32: **ڪجهہ** مقتدي ويهي رهندا آهن جڏهن امام رڪوع ڪرڻ وارو هوندو آهي ان وقت بيهندا آهن. هي منافقين جي مشابهت آهي. جيئن سورة النساء جي آيت نمبر 142 ۾ آهي. وَاِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى (**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ (منافق) جڏهن نماز لاءِ اٿندا آهن تہ ڀڳل دل سان) فرض جي جماعت ۾ بہ جيڪڏهن امام رڪوع مان

اٿي ويو تہ سجدن وغيره ۾ جلدي شريڪ ٿي وڃو ۽ پڻ امام قعده اوليٰ ۾ هجي تڏهن بہ ان جي اٿي بيهڻ جو انتظار نہ ڪريو بلڪ شامل ٿي وڃو. جيڪڏهن **قعده** ۾ شامل ٿي ويو ۽ امام اٿي ويو تہ التحيات پوري ڪرڻ بغير نہ اٿو. **(بهارِ شريعت حصو 4 ص36 غنية المتملي ص410)**

مدينه 33: رمضان شريف ۾ **وتر** جماعت سان پڙهڻ افضل آهي پر جنهن عشاءَ جو فرض بغير جماعت جي پڙهيو اهو **وتر** بہ اڪيلو پڙهي.

(بهارِ شريعت حصو 4 ص36)

مدينه 34: هڪ امام جي پويان عشاءَ جي فرض، ٻئي امام جي پويان **تراويح** ۽ ٽئين امام جي پويان وتر پڙهي ان ۾ حرج ناهي.

مدينه 35: حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرض ۽ وتر جي جماعت ڪرائيندا هئا ۽ حضرت سيّدُنا اُبَيّ بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **تراويح** پڙهائيندا هئا. **(عالمگيري ج 1، ص 116)**

اي اسانجا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي نيڪ، مخلص ۽ صحيح پڙهڻ واري حافظ صاحب جي پويان اخلاص ۽ دلي سُڪون سان هر سال **تراويح** ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪر ۽ قبول بہ فرماءِ-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪينسر جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيحد ڪرم آهي. اڪثر ٻُڌڻ ۾ آيو تہ ڊاڪٽرن جن مريضن کي لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو انهن جو مدني قافلن ۾ خير سان علاج ٿي

ويو. جيئن تہ ماڙي پور (بابُ المدينه ڪراچي) جو هڪ اسلامي ڀاءَ هڪ ايمان افروز واقعو لڪي ڏنو. جنهن جو مضمون ڪجهہ هيئن هيو: هاڪس بي (بابُ المدينه ڪراچي) جا هڪ رهواسي اسلامي ڀاءُ جيڪي ڪينسر جا مريض هئا انهن تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. سفر جي دوران ڪافي خوفزده ۽ مايوس هئا. قافلي وارا ڪين دلجاءِ ڏيئي رهيا هئا ۽ انهن جي لاءِ دعائون بہ فرمائين پيا. هڪ ڏينهن صبح جي وقت ويني ويني اوچتو ڪين الٽي آئي ۽ ان ۾ هڪ گوشت جي ٻوٽي نِڙيءَ مان نڪري پيئي الٽيءَ کان پوءِ ڪين ڪافي سڪون ملي ويو. مدني قافلي مان واپسيءَ تي جڏهن انهن ڊاڪٽرن سان رجوع ڪيو ۽ ٻيهر ٽيسٽ ڪرائي تہ ڪين تمام گهڻي حيرت ٿي تہ **مدني قافلي** ۾ سفر جي برڪت سان سندن ڪينسر جي بيماري ختم ٿي چُڪي هئي.اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هُو بلڪل تندرست ٿي ويا.

اَلسَّر و کینسر یاہو درد کمر　　دیگا مولیٰ شفا، قافلے میں چلو
دور بیماریاں، اور پریشانیاں　　ہوں بفضلِ خُدا، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ　　اَسْتَغْفِرُاللّٰہ
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فيضانِ لَيلَةَ القَدر

دُرُود شريف جي فضيلت

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن مون تي ڏينهن ۾ **هڪ هزار پيرا درود پاڪ** پڙهيو، اهو مرندو نہ جيستائين **جنّت** ۾ پنهنجو ٺڪاڻو نہ ڏسي ونيِ.“ (الترغيب والترهيب ج 2 ص 328 حديث 22)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ليلة القدر انتهائي برڪت واري رات آهي ان کي ليلة القدر انهيءَ ڪري چوندا آهن. جو انهيءَ ۾ سڄي سال جا احڪام نافذ ڪيا ويندا آهن. يعني فرشتا رجسٽرن ۾ ايندڙ سال ٿيڻ وارا مُعاملات لکندا آهن. جيئن جو ”تفسير صاوي جلد 6 ص 2398 تي آهي، تہ ” اَىْ اِظْهَارُ هَا فِىْ دَوَا وِيْنِ الْمَلَاءِ الْاَ عْلٰى “ ترجمو: انهيءَ ڪي (يعني تقدير جي امور کي) مقرب فرشتن جي رجسٽرن ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي.“ ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شرافتون هن مبارڪ رات کي حاصل آهن. مفسرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان نقل فرمائن ٿا:” هن رات کي ليلة القدر ڪجهہ سببن جي ڪري چوندا آهن. (1) هن ۾ ايندڙ سال جا معاملا مقرر ڪري

فرشتن جي حوالي ڪيا ويندا آهن قدر بمعنيٰ تقدير يا قدر بمعنيٰ عزّت يعني عزّت واري رات (2) هن ۾ قدر وارو قرآن پاڪ نازل ٿيو. ٿيو. (3) جيڪا عبادت هن ۾ ڪئي وڃي ان جو قدر آهي (4) قدر جي معنيٰ تنگي يعني فرشتا هن رات ۾ ايتريقدر ايندا آهن جو زمين تنگ ٿي ويندي آهي. انهن سببن جي ڪري ان کي **شبِ قدر** يعني قدر واري رات چوندا آهن .“ **(مواعظِ نعيميه ص 62)**

بُخاري شريف جي حديث ۾ آهي،”جنهن هن رات ۾ ايمان ۽ **اخلاص** سان قيام ڪيو تہ ان جي سڄي عمر جا پويان گناهہ مُعاف ڪيا ويندا. “ **(صحيح بخاري ج 1 ص 660 حديث 2014)**

83 سال 4 مهينن کان ۽ وڌيڪ عبادت جو ثواب

تنهن ڪري هن مقدس رات کي هرگز هرگز غفلت ۾ نہ گذارڻ گهرجي. **هن رات ۾ عبادت ڪرڻ واري کي هڪ هزار مهينن يعني ٽياسي (83) سال چار مهينن کان بہ وڌيڪ عبادت جو ثواب عطا ڪيو ويندو آهي.** ۽ هن ”وڌيڪ“ جو علم الله عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي يا ان جي ٻُڌائڻ سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن تہ ڪيترو آهي. هن رات ۾ حضرتِ سيّدُنا جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) ۽ فرشتا نازل ٿيندا آهن ۽ پوءِ عبادت ڪرڻ وارن سان مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن. هن مبارڪ رات جي هر هڪ گهڙي سلامتي ئي سلامتي آهي ۽ هيءَ سلامتي صبح صادق تائين برقرار رهندي آهي. هي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص الخاص ڪرم آهي جو هيءَ عظيم رات رُڳو پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ۽ سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي عطا ڪئي ويئي آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِیْ لَیْلَةِ الْقَدْرِ ۝۱ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا لَیْلَةُ الْقَدْرِ ۝۲ لَیْلَةُ الْقَدْرِ ۙ۬ خَیْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ۝۳ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓىٕكَةُ وَ الرُّوْحُ فِیْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۝۴ سَلٰمٌ ۛ۬ هِیَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ۝۵

ترجمو ڪنزالايمان: الله نهايت ٻاجهاري جي نالي سان شروع بيشڪ اسان ان کي شبِ قدر ۾ لاٿو ۽ توکي ڪهڙي خبر شبِ قدر ڇا آهي؟ شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي ان ۾ ملائڪ ۽ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) لهندا آهن پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان، هر ڪم جي واسطي، اها سلامتي آهي صبح چمڪڻ تائين.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر ڪيتريقدر اهم رات آهي جو ان جي شانِ مبارڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پوري سورة نازل فرمائي. جنهن کي هينئر اوهان ملاحظ ڪيو. هن سورهءِ مبارڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هن مبارڪ رات جون ڪيتريون ئي خصوصيّتون ارشاد فرمايون آهن.

مفسرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى انهيءَ سورهءِ قدر جي ضمن ۾ فرمائن ٿا،”هن رات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد کي لوح محفوظ کان آسمانِ دنيا تي نازل فرمايو ۽ پوءِ تقريبًا ٽيويهه ورهين جي عرصي ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ان کي وقفي وقفي سان نازل ڪيو.“ (از تفسير صاوي ج 6 ص 2398)

سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم غمگين ٿي ويا!

”تفسيرِ عزيزي“ ۾ آهي ته جڏهن اسان جي پياري پياري ۽ مٺي مٺي آقا مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳين انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي امتن جي ڏِگهين عُمرن ۽ پنهنجي امت جي ننڍين عمرن کي ملاحظ فرمايو ته غمخوارِ امت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

مبارڪ دل شفقت کان پرجي آئي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **غمگين ٿي ويا** ته منهنجا امتي جيڪڏهن گهڻي کان گهڻيون نيڪيون ڪن تڏهن به انهن جي برابري نه ڪري سگهندا. سو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جوش ۾ آئي ۽ ان پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي **ليلة القدر** عطا فرمائي. (تفسيرِ عزيزي ج 4 ص 434)

ايمان افروز حڪايت

سورهءِ قدر جو شانِ نُزول بيان ڪندي ڪجهه مفسرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هڪ نهايت ئي **ايمان افروز حڪايت** بيان ڪئي آهي هن جو مضمون ڪجهه هن ريت آهي ته **حضرت شَمْعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هزار مهينا هن ريت عبادت ڪئي جو رات جو قيام ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ سان گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڪافرن سان جهاد به ڪندا هئا. اهي ايتريقدر **طاقتور** هئا جو لوهه جي وزني ۽ مضبوط **زنجيرن** کي پنهنجي هٿن سان توڙي ڇڏيندا هئا.

ڪفارِ ناهنجار جڏهن ڏٺو ته **حضرتِ شَمْعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي ڪا به اٿڪل ڪارائتي نه ٿي ٿئي ته گڏيل مشوري کان پوءِ گهڻي مال و دولت جي لالچ ڏيئي سندن گهرواريءَ کي انهيءَ ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته اها ڪنهن رات ننڊ جي حالت ۾ ڏسي ته ڪين نهايت ئي **مضبوط رسين** سان چڱيءَ طرح جڪڙي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي. پوءِ **بي وفا گهرواريءَ** ائين ئي ڪيو. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سُڄاڳ ٿيا ۽ پاڻ کي **رسين** سان بَڌل ڏٺو ته جلدي پنهنجي عضون کي حرڪت ڏنائون. ڏسندي ئي ڏسندي رسيون ٽُٽي پيون ۽ پاڻ

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آزاد ٿي ويا. پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کان پُڇا ڪيائون ته، ”مون کي ڪنهن ٻڌي ڇڏيو هو؟ **بي وفا گهرواريءَ** وفاداري جي نقلي ادائن سان ڪوڙ هڻندي چئي ڏنو، مان ته توهان جي طاقت جو اندازو ڪري رهي هيس ته توهان (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) هنن رسين کان ڪهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي آزاد ٿا ڪريو.“ ڳالهه ٽري ويئي. هڪ پيرو ناڪام ٿيڻ جي باوجود **بي وفا گهرواريءَ** همت نه هاري ۽ مسلسل انهيءَ ڳالهه جي تاڙ ۾ رهي ته ڪڏهن ٿي پاڻ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) تي ننڊ طاري ٿئي ۽ هوءَ کين ٻڌي ڇڏي.

آخرڪار هڪ پيرو وري موقعو ملي ئي ويس. ساڳيءَ ريت جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي ننڊ جو غلبو ٿيو ته ان ظالم نهايت ئي چالاڪيءَ سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي **لوهي زنجيرن** ۾ چڱيءَ طرح جڪڙي ڇڏيو. جيئن ئي سندن اک کلي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ئي جهٽڪي ۾ **زنجير** جي هڪ هڪ ڪڙي کي الڳ ڪري ڇڏيائون ۽ آسانيءَ سان آزاد ٿي ويا. گهرواري اهو منظر ڏسي حيران ٿي ويئي پر وري دغابازيءَ مان ڪم وٺندي اها ئي ڳالهه دهرايائين ته مان ته توهان (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) کي آزمائي رهي هيس. گفتگوءَ جي دؤران (حضرت) **شمعون** (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) پنهنجي گهرواريءَ جي آڏو پنهنجو راز ظاهر ڪري ڇڏيو ته مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏو ڪرم آهي ان مون کي پنهنجي ولايت جو شرف عنايت فرمايو آهي. مون تي دنيا جي ڪا شيءِ اثر نٿي ڪري سگهي پر ها، ”**منهنجي مٿي جا وار**“ چالاڪ عورت سڄي ڳالهه سمجهي ويئي.

افسوس! ان کي دنيا جي محبت انڌو ڪري ڇڏيو هو. آخرڪار هڪ پيري موقعو ڏسي ان پاڻ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) کي سندن جي ئي انهن **اٺن زلفن** سان ٻڌي ڇڏيو جن جي ڊيگهه زمين تائين هئي. (هي اڳئين امت جا بزرگ هئا. اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جي سنّت وڌ کان وڌ ڪلهن تائين آهي) پاڻ اک ڪُلڻ تي وڏو زور لڳايائون پر آزاد نه ٿي سگهيا. دنيا جي دولت جي نشي ۾ بدمست بي وفا عورت پنهنجي نيڪ ۽ پرهيزگار مڙس کي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪُفّارِ بدِ اطوار **حضرت شَمْعُون** (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) **کي هڪ ٿنيي سان ٻڌي ڇڏيو ۽ انتهائي بي دردئ ۽ بي رحميءَ سان سندن نڪ، ڪن ڪٽي ڇڏيا ۽ اکيون به ڪڍي ڇڏيون.** پنهنجي وليءِ ڪامل جي بيڪسيءَ تي **ربُّ الْعزّت** عَزَّوَجَلَّ جي غيرت کي جوش آيو. قهرِ قهار و غضبِ جبار **جل جلاله** ظالم ڪافرن کي زمين جي اندر دٻائي ڇڏيو ۽ دنيا جي لالچ ۾ اچي بي وفائي ڪرڻ واري **بدنصيب گهرواريءَ** تي قهرِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ جي ڪِنوڻ ڪِري ۽ اها به سڙي خاڪ ٿي ويئي.

(ماخوذ از مكاشفة القلوب ص 306)

اسان جون عمريون تہ تمام قليل آهن

حضراتِ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جڏهن حضرت **شَمْعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عبادات و جهاد ۽ تڪاليف و مصائب جو تذڪرو ٻُڌو تہ انهن کي **حضرت شَمْعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي وڏو رشڪ آيو ۽ ماهرِ نُبُوَّت، آقاءِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو،"يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي تہ تمام ٿوريون عمريون مليون آهن. ان مان به ڪجهه حصو

نند ۾ گذرندو آهي ۽ ڪجهه رزق جي ڳولا ۾، ڪجهه ڪائڻ پچائڻ ۾ ۽ ٻين دنياوي ڪمن ۾ به ڪجهه وقت گذرندو آهي تنهن ڪري اسان ته حضرتِ شَمْعُون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وانگر عبادت ڪري ئي نه سگهنداسين. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل اسان کان عبادت ۾ وڌي ويندا. "

اُمَّت جا غمخوار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻُڌي غمگين ٿي ويا. انهيءَ ئي وقت حضرتِ سيّدُنا **جبريل امين** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان **سورهِ قدر** پيش ڪئي ۽ تسلي ڏني وئي ته **پيارا حبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غمگين نه ٿيو. توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي اسان هر سال ۾ هڪ اهڙي رات عطا فرمائي آهي جو **جيڪڏهن اهي انهيءَ رات ۾ منهنجي عبادت ڪندا ته حضرتِ شَمْعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جي هزار مهينن جي عبادت کان وڌي ويندا .** (ماخوذ از تفسير عزيزي ج 4 ص 434)

آهه! اسان کي قدر ڪٿي؟

الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ! منهنجا منا منا اسلامي ڀائرو! خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوبِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت تي ڪيتريقدر مهربان آهي ۽ ان اسان غلامن تي اسان جي مني مني آقا نبي آخِرُ الزَّمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ڪيتريقدر عظيم الشّان احسان فرمايو جو جيڪڏهن **شبِ قدر** ۾ عبادت ڪريون ته **هڪ هزار مهينن** کان به وڌيڪ جي عبادت جو ثواب ماڻيون. پر **آهه!** اسان کي شبِ قدر جو قدر ڪٿي! هڪ صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان به ته هئا جو انهن جي حسرت تي اسان سيني کي ايڏو وڏو **انعام** بغير ڪنهن خواهش

جي ملي ويو. انهن تہ هن جو قدر بہ ڪيو پر اسان ناقدرن ڪي تہ عبادت لاءِ واندڪائي بہ ناهي ملندي. **آهہ!** هر سال ملڻ واري هن عظيم الشّان **انعام** ڪي اسان غفلت جي نذر ڪري ڇڏيندا آهيون.

مدني انعامات جي ڪارڊ جي برڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي دل ۾ عظمت وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀرئي زندگي گذارڻ جي لاءِ عبادات و اخلاقيات جي متعلق اسلامي ڀائرن لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ۽ علمِ دين جي شاگردن لاءِ 92، ديني شاگرڊياڻين جي لاءِ 83، ۽ مدني منّن ۽ مدني منّين جي لاءِ 40 **مدني انعامات** سوالن جي صورت ۾ مرتب ڪيا ويا آهن، **فڪرِ مدينہ** (يعني پنهنجي عملن جو محاسبو) ڪندي روزانو **مدني انعامات جو ڪارڊ** ڀري ڪري دعوتِ اسلامي جي مقامي ذميدار وٽ هر مدني مهيني يعني اسلامي مهيني جي شروعاتي 10 تاريخ جي اندر اندر جمع ڪرائڻو هوندو آهي. مدني انعامات نہ ڄاڻ ڪيترن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو آهي. ان جي هڪ جهلڪ ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهہ هن طرح جو بيان آهي: علائقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي **دعوتِ اسلامي** سان وابستہ آهن انهن **انفرادي ڪوشش** ڪندي منهنجي وڏي ڀاءَ کي **مدني انعامات** جو هڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو هو گهر ڪٽي آيا ۽ پڙهيائون تہ حيران رهجي ويا تہ هن

مختصر ڪاردِ ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايڏو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي! **مدني انعامات جو ڪاردِ** ملڻ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪين **نماز** جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگيءَ لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هينئر پنج وقته **نمازي** بڻجي چُڪا آهن، **ڏاڑهي مبارڪ** به سجائي ورتائون ۽ **مدني انعامات** جو ڪاردِ به پريندا آهن.

مدنی انعامات کا عامل پر ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

مدني انعامات جي عاملين لاءِ بشارت عظميٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات جو ڪاردِ پڙهڻ وارا ڪيتريقدر خوشنصيب هوندا آهن ان جو اندازو هن **مدني بهار** مان لڳايو، جيئن ته حيدرآباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهه هن طرح حلفيه بيان آهي ته ماهِ رجب المرجب 1426ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ **مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ لبن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل ڇنجڻ لڳا الفاظ ڪجهه هيئن ترتيب ۾ آيا : **جيڪو هن مهيني روزانو پابنديءَ سان مدني انعامات جي متعلق فڪرِ مدينه ڪندو، الله** عَزَّوَجَلَّ **ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.**

مَدَنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تمام پلائين کان محروم ڪير آهي؟

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، هڪ ڀيري جڏهن ماهِ رمضان تشريف فرما ٿيو تہ سلطانِ دوجهان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان وٽ هڪ مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي بہ آهي جيڪا هزار مهينن کان افضل آهي جيڪو شخص ان رات کان محروم رهجي ويو، ڇڻ سڄي جي سڄي پلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ ان جي پلائي کان محروم ناهي رهندو پر اهو شخص جيڪو حقيقت ۾ محروم آهي. (سنن ابن ماجه ج 2 ص 298 حديث 1644)

هڪ هزار شهزادا

سورۃُ الْقَدْر جو هڪ ٻيو شانِ نُزول مشهور تابعي حضرتِ سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان منقول آهي. جيئن تہ سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا. بني اسرائيل ۾ هڪ نيڪ خصلت بادشاهہ هيو. اللهعَزَّوَجَلَّ ان زماني جي نبي عَلَیْہِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ فلاڻي کي چئو تہ پنهنجي خواهش بيان ڪري. جڏهن ان کي پيغام مليو تہ ان عرض ڪيو، ”اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ منهنجي خواهش آهي تہ مان پنهنجي مال، اولاد ۽ جان سميت جهاد ڪريان.“ اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي هڪ هزار پٽ عطا فرمايا. هُو پنهنجي هڪ هڪ شهزادي کي پنهنجي مال سميت لشڪر جي لاءِ تيار ڪندو هو ۽ پوءِ ڪيس اللهعَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ مجاهد بڻائي ڪري موڪلي ڇڏيندو هو. اهو هڪ مهينو جهاد ڪري نيٺ شهيد ٿي ويندو هو وري ٻئي شهزادي کي لشڪر ۾ تيار ڪندو هو

ائين هر مهيني سندس هڪ شهزادو شهيد ٿي ويندو هو. ان سان گڏوگڏ بادشاهه رات جو قيام ڪندو هو ۽ ڏينهن جو روزو رکندو هو. هڪ هزار مهينن ۾ ان جا هڪ هزار شهزادا شهيد ٿي ويا. پوءِ پاڻ اڳتي وڌي جهاد ڪيائين ۽ شهيد ٿي ويو. ماڻهن چيو تہ هن بادشاهه جو رُتبو ڪوبہ شخص نہ ٿو ماڻي سگهي. تہ الله عَزَّوَجَلَّ هيءَ آيت نازل فرمائي " لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ۝ " (ترجمو ڪنزالايمان : شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي) يعني ان بادشاهه جي هزار مهينن کان جيڪي ان راتين جي قيام، ڏينهن جي روزن ۽ مال، جان ۽ اولاد سميت راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد ڪري گذاريا ان کان بهتر آهي.

(تفسيرِ قُرطبي ج 20 سيپارو 30 ص 122)

هزار شهرن جي بادشاهت

حضرت سيّدُنا ابوبڪر وَرّاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ سيّدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بادشاهيءَ ۾ پنج سؤ شهر هئا ۽ سيّدُنا ذوالقرنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي بادشاهيءَ هيٺ بہ پنج سؤ شهر هئا. ائين انهن ٻنهي جي بادشاهيءَ ۾ هڪ هزار شهر ٿيا تہ الله عَزَّوَجَلَّ هن رات جي عمل کي جيڪو هن کي ماڻي ان جي لاءِ هنن ٻنهي جي بادشاهيءَ کان بهتر ٻڌايو آهي.

(تفسيرِ قُرطبي ج 20 سيپارو 30 ص 122)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هيءَ رات هر طرح سان خيريت ۽ سلامتيءَ جي ضامن آهي. هيءَ رات اول کان آخر تائين رحمت ئي رحمت آهي مفسرينِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا، "هيءَ رات نانگ ۽ وڇون، آفتن ۽ بلائن ۽ پڻ شياطين کان بہ محفوظ آهي هن رات ۾ سلامتي ئي سلامتي آهي."

پرچم ڪشائي

روايت آهي تہ شبِ قدر ۾ سدرة المنتهىٰ جي فرشتن جي فوج حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي سرداريءَ ۾ زمين تي لهندي آهي ۽ انهن سان **چار جهنڊا** هوندا آهن، **هڪ جهنڊو** حضورِ انور، شافع محشر، مديني جي تاجوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَبرِ مُنَوَّر تي، **هڪ جهنڊو** بيتُ الْمُقَدَّس جي چت تي ۽ **هڪ جهنڊو** ڪعبهءِ معظمه جي چت تي، هڪ جهنڊو طورِ سينا (پهاڙ) تي ڦڙڪائيندا آهن. پوءِ اهي فرشتا مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف وٺي وڃي هر مومن مرد ۽ عورت کي سلام ڪندا آهن ۽ چوندا آهن سلام (عَزَّوَجَلَّ) (سلام الله عَزَّوَجَلَّ جو صفاتي نالو آهي) **توهان تي سلامتي موڪلي ٿو**. پر جن گهرن ۾ **شرابي** يا **خنزير** جو گوشت کائڻ وارو يا بنا شرعي عذر جي پنهنجي **رشتي داري ڪٽي ڇڏڻ وارو** رهندو هجي انهن گهرن ۾ هي فرشتا داخل ناهن ٿيندا. “

(تفسيرِ صاوي ج 6 ص 2401)

هڪ روايت ۾ هي به آهي تہ”انهن فرشتن جو تعداد سڄي زمين جي پٿرين کان به گهڻو هوندو آهي ۽ هي سڀ سلام ۽ رحمت ڪٽي نازل ٿيندا آهن.“ **(تفسير در منثور ج8 ص579)**

سائو جهنڊو

هڪ ٻئي طويل حديث جنهن کي حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا روايت ڪئي آهي هن ۾ **شبِ قدر** جي باري ۾ سرڪارِ مدينه، سُرور قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان نقل ڪيو ويو آهي: ”جڏهن **شبِ قدر** ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ

سائو **جهنڊو** ڪٽي فرشتن جي تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نُزول فرمائيندا آهن ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبهءِ معظمه تي ڦڙڪائيندا آهن. حضرتِ جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا سؤ پر آهن جن مان ٻه پر صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوپر ۽ اولهه ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن ته جيڪو به ڪو مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول آهي ان سان **سلام** ۽ **مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ ان جي دعائن تي آمين به چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي. صبح ٿيڻ تي حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي واپسيءَ جو حڪم صادر فرمائيندا آهن. فرشتا عرض ڪندا آهن اي **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي **پياري حبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **امت** جي حاجتن جي باري ۾ ڇا ڪيو؟ حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمائيندا آهن، **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن تي خصوصي ڪرم جي نظر فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ سيني ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ ارشاد فرمايائون (1) هڪ ته عادي شرابي (2) ٻيا ماءُ پيءُ جا نافرمان (3) ٽيان قطع رحمي ڪرڻ وارا. (يعني رشتيدارن کان تعلقات ٽوڙڻ وارا) ۽ (4) چوٿان اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ وير ۽ ڪِينو رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ قطع تعلق ڪرڻ وارا." **(شعب الايمان ج 3 ص 336 حديث3695)**

بدنصيب ماڻهو!

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ **شبِ قدر** ڪيتري قدر عظمت واري رات آهي هن رات

۾ هر خاص ۽ عام کي بخشيو ويندو آهي تنهن هوندي به شراب جا عادي، ماءُ پيءُ جا نافرمان، قطع رِحمي ڪرڻ وارا ۽ پاڻ ۾ بغير ڪنهن شرعي مجبوريءَ جي ڪينو رکڻ وارا ۽ انهيءَ سبب پاڻ ۾ تعلقات توڙڻ وارا هن عام بخشش کان محروم ڪيا ويندا آهن.

توبهه ڪري وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ جي لاءِ ڇا هي ڳالهه ڪافي ناهي؟ ۽ شبِ قدر جهڙي بابرڪت رات به جن مجرمن جي بخشش نه ٿي ڪئي وڃي اهي ڪيتريقدر شديد ڏوهاري هوندا؟ انهن گناهن کان صدقِ دل سان توبهه ڪئي وڃي ۽ حقوق العباد (ٻانهن جا حق) وارا مُعاملات به حل ڪيا وڃن بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم بيحد ۽ بي انتها آهي.

جهيڙي جو جنجال

حضرتِ سيّدُنا عُباده بن صامِت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف کڻي آيا ته جيئن اسان کي شبِ قدر جي باري ۾ ٻُڌائين (ته ڪهڙي رات ۾ آهي) به مسلمان پاڻ ۾ **جهيڙو ڪري** رهيا هئا. پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون:”مان ان لاءِ آيو هئس ته توهان کي شبِ قدر ٻُڌايان پر فلاڻا فلاڻا شخص **جهيڙو** ڪري رهيا هئا ان ڪري ان جو تَعَيُّن ڪنيو ويو و ۽ ممڪن آهي ته انهيءَ ۾ توهان جي بهتري هجي. هاڻي ان کي (آخري ڏهاڪي جي) **نائين، ستين ۽ پنجين** راتين ۾ ڳوليو.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 663 حديث 2023)

اسين تہ شريف سان شريف ۽.....

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ ۾ اسان جي لاءِ ڪيتريقدر **درس عبرت** آهي جو اسان جا پيارا پيارا آقا مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پُڌائڻ وارا ئي هئا تہ **شبِ قدر** ڪهڙي رات آهي تہ ٻن مسلمانن جو پاڻ ۾جهيڙو رڪاوٽ بڻجي ويو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ **شبِ قدر** کي ڳجهو رکيو ويو. **هن مان اندازو ڪريو تہ مسلمانن جو پاڻ ۾ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ رحمت کان ڪيتريقدر دوريءَ جو سبب بڻجي ويندو آهي.** پر آهہ! هاڻي ڪير ڪنهن کي سمجهائي؟ اڄ تہ وڏي فخر سان چيو پيو وڃي تہ ”ميان هن دنيا ۾ شريف رهي ڪري تہ گذارو ئي نٿو ٿئي، اسان تہ شريف سان شريف ۽ بدمعاشن سان بدمعاش آهيون!“رڳو هن چوٽيءَ تي ئي گذارو ناهي. هاڻي تہ معمولي ڳالهہ تي پهريان زبان درازي (گارگند) پوءِ دست اندازي (ويڙهہ) ان کان پوءِ چاقو بازي بلڪ گوليون پڻ هلي ويندیون آهن. **افسوس!** اڄ ڪلهہ مسلمان ڪڏهن **پٺاڻ** بڻجي ڪڏهن **پنجابي** سڏائي، ڪڏهن **مهاجر** تي ڪري، ڪڏهن **سنڌي** ۽ **بلوچ** قوميت جو نعرو لڳائي ڪري هڪبئي کي قتل ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي جي مال ۽ ملڪيت کي باهيون لڳائي رهيا آهن. پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف رُڳو نسلي ۽ لساني (يعني ٻوليءَ جي) فرق جي بنياد تي محاذ آرائي ٿي رهي آهي. مسلمانو! توهان تہ هڪ ٻئي جا محافظ هئا. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان تہ هي آهي تہ”مؤمنن جو مثال هڪ جسم جيان آهي جو

جيڪڏهن هڪ عضوي کي تڪليف پهچي تہ سڄو جسم ان تڪليف کي محسوس ڪندوآهي.“ (صحيح بخاري ج 4 ص 103 حديث 6011)

هڪ شاعر ڪيڏي نہ پياري انداز ۾ سمجهايو آهي.

مُبتَلائے دَرْد کوئی عُضْو ہو روتی ہے آنکھ
کس قَدَر ہمدرد سارے جسم کی ہوتی ہے آنکھ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پاڻ ۾ لڙائي جهيڙو ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي همدردي ۽ غمگساري ڪرڻ گهرجي. مسلمان هڪٻئي کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ لُٽڻ، هڪ ٻئي جي دڪانن ۽ جڳهن کي ساڙڻ وارو ناهي هوندو.

مسلمان مومن ۽ مهاجر جي تعريف

سيّدُنا فُضاله بن عُبيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ الْعزّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حجة الوداع جي موقعي تي ارشاد فرمايو: ”ڇا توهان کي **مؤمن** جي باري ۾ خبر نہ ڏيان؟ پوءِ ارشاد فرمايائون: **مُؤمن** اهو آهي جنهن کان ٻيا مسلمان پنهنجي جان ۽ پنهنجي مال کان بي خوف هجن ۽ **مسلمان** اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن ۽ **مجاهد** اهو آهي جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانبرداريءَ جي مُعاملي ۾ پنهنجي نفس سان جهاد ڪيو ۽ **مهاجر** اهو آهي جنهن خطا ۽ گناهن کان عليحدگي اختيار ڪئي. (المستدرک للحاکم ج 1 ص 158) ۽ ارشاد فرمايائون ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي تہ اهو ڪنهن ٻئي مسلمان جي طرف (يا ان جي باري ۾)

اهڙي قسم جي اشاري يا مطلب کان ڪم وٺي جو ان جي **دل آزاريءَ** جو سبب ٿئي ۽ هي بہ حلال ناهي جو ڪا اهڙي حرڪت ڪئي وڃي جيڪا ڪنهن مسلمان کي ڊيڄاري يا **خوفزده** ڪري ڇڏي.

(اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 177)

طریقِ مصطفٰے کو چھوڑنا ہے وجہِ بربادی
اِسی سے قوم دنیا میں ہوئی بے اقتدار اپنی

ناقابل برداشت خارش

حضرتِ سيّدُنا مجاهد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ دوزخين کي اهڙي خارش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو جو ڪنهي ڪنهي انهن جون ڪلون لهي پونديون ايستائين جو انهن جون هڏيون ظاهر ٿي ويندیون. پوءِ ڪين پُڪار ٻُڌڻ ۾ ايندي تہ چئو ڪيئن رهي اها تڪليف؟ اهي چوندا تہ انتهائي سخت ۽ **ناقابلِ برداشت** آهي تڏهن ڪين ٻُڌايو ويندو تہ "دنيا ۾ جيڪو توهان مسلمانن کي ستائيندا هُيؤ هي ان جي سزا آهي."

(اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 175)

تڪليف دور ڪرڻ جو ثواب

حضورِ اڪرم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، شافعِ امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:"مون هڪ شخص کي **جنّت** ۾ گهمندي ڏٺو جو جيڏانهن چاهي هليو پيو وڃي. ڄاڻو ٿا ڇو؟ رُڳو ان لاءِ تہ ان هن دنيا ۾ هڪ وڻ رستي تان انهيءَ لاءِ ڪَٽي ڇڏيو هو جو مسلمانن کي واٽ ويندي تڪليف نہ ٿئي.

(صحيح مسلم ص 1410حديث 1914)

وڙهڻو آهي ته نفس سان وڙهو!

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هنن احاديثِ مبارڪ مان درس حاصل ڪريو ۽ پاڻ ۾ **جهيڙو جهڳڙو** ۽ ڦرمار کان پرهيز ڪريو. جيڪڏهن وڙهڻو آهي ته مردود شيطان سان وڙهو، **نفسِ اماره** سان جهيڙو ڪريو. جهاد جي وقت دين جي دشمنن سان جنگ ڪريو. پر پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ بڻجي رهو. پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ جو عظيم نقصان ته توهان ڏسي ئي ورتو جو **شبِ قدر** جو تعيُّن ڪنيو ويو ان کان علاوه به پاڻ ۾ لڙائي جهيڙو ڪرڻ سان نه ڄاڻ ڪهڙين ڪهڙين عظيم نعمتن ۽ رحمتن کان اسان کي محروم ڪيو ويندو هوندو؟

الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي هيٺي حال تي رحم فرمائي ۽ هن ڳالهه کي سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي جو اسان جيتوڻيڪ **پنجابي**، **پٺاڻ**، **سنڌي**، **بلوچ**، **سرائڪي**، **مهاجر**، **بنگالي**، **بهاري** وغيره قوميّت سان تعلق رکندا هجون پر آهيون" **عربي آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلام" اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه "پٺاڻ" آهن نه "پنجابي" ، نه "بلوچ" آهن، نه "سنڌي" بلڪ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته "**عربي**" آهن. اي ڪاش! اسان حقيقي معنيٰ ۾ **عربي آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان وابسته رهون ۽ سيني نسلي ۽ لساني اختلافات کي وساري ڪري هڪ ۽ نيڪ بڻجي وڃون.

فرد قائم ربطِ ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرونِ دریا کچھ نہیں

مدني انعامات جا ڪاردڙ سي آقا ﷺ مرڪي رهيا هئا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ڪنهن به قسم جو لساني ۽ قومي اختلاف ناهي، هر زبان ڳالهائڻ وارو ۽ هر برادري سان تعلق رکڻ وارو عربي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم ۾ پناهه ورتيون وينو آهي. توهان به هر دم دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معمور زندگي گذارڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مدني انعامات جي ڏنل طريقي سان سنواري ڇڏيو. ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ خوشبودار مدني بهار توهان کي ٻڌايان ٿو. جيئن ته 5 فيبروري 2005ء ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي ۾ مدني قافله ڪورس ڪرڻ لاءِ آيل راولپنڊي جي هڪ مبلغ جيڪو ڪجهه حلفيه لکي ڪري ڏنو، ان جو خلاصو آهي ته آءُ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ سُتو پيو هئس، چهري جون اکيون ته ڇا بند ٿيون اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دل جون اکيون کُلي ويون، خواب جي عالم ۾ ڏٺم ته سرڪارِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ بلند چبوتري تي جلوه افروز آهن ويجهو ئي مدني انعامات جي ڪاردڙن جون ٻوريون رکيل آهن، سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدني انعامات جي هڪ هڪ ڪاردڙ کي مُرڪندي غور سان ملاحظه فرمائي رهيا آهن. پوءِ منهنجي اک کُلي ويئي.

مَدَنی انعامات سے عطّار ہم کو پیار ہے
ان شاءاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جادوگر جو جدوناڪام ٿيندو

حضرتِ سيّدُنا اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا."هيءَ رات سلامتيءَ واري رات آهي يعني هن ۾ تمام شين کان فرمانِ سلامتي آهي. هن رات ۾ بيماري، شر ۽ آفتن کان سلامتي آهي. اهڙيءَ طرح طوفان، کنوڻ وغيره اهڙيون ڳالهيون جن سان خوف پيدا ٿيندو هجي انهن کان به سلامتي آهي بلڪ هن رات ۾ جيڪو ڪجهه نازل ٿيندوآهي. اهو سلامتي، نفعي ۽ خير تي مشتمل هوندو آهي ۽ نه ئي هن ۾ شيطان بُرائي ڪرائڻ جي طاقت رکندو آهي ۽ نه ئي جادوگر جو جادو هن ۾ هلندو آهي بس هن رات ۾ سلامتي ئي سلامتي آهي ."

(روح البيان ج 10 ص 485)

شبِ قدر جا اُهجاڻ

حضرتِ سيّدُنا عُباده بن صامِت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ شبِ قدر جي باري ۾ سوال ڪيو ته سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين يعني ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين يا اٺٽيهين رات يا رمضان جي آخري رات ۾ آهي. ته جيڪو به ايمان سان ثواب جي نيّت خاطر هن مبارڪ رات ۾ عبادت ڪري. ان جا سيئي گذريل گناهه بخشيا ويندا آهن. ان جي اُهجاڻن مان هي به آهي ته اها مبارڪ رات ڪُليل، روشن ۽ بلڪل صاف و شفاف هوندي آهي. هن ۾ نه گهٽي گرمي ٿيندي آهي نه گهٽو سيءُ بلڪ هيءَ رات مُعتَدِل (وچتري) هوندي آهي.

مطلب تہ هن ۾ چنڊ ڪُليل هوندو آهي. هن پوري رات ۾ شياطين کي آسمان جا ستارا ناهن هنيا ويندا. وڌيڪ نشانين مان هي به آهي جو هن رات جي گذرڻ کان پوءِ جيڪو صبح ايندو آهي ان ۾ سج بغير ڪرڻن جي ايرندو آهي ۽ اهو ائين هوندو آهي جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ. الله عَزَّوَجَلَّ هن ڏينهن سج ايرڻ سان گڏ شيطان کي نڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.(هن هڪ ڏينهن کانسواءِ هر ڏينهن سج سان گڏ شيطان به نڪرندو آهي)

(مسند امام احمد ج 8 ص 414 حديث 22829)

سمنڊ جو پاڻي مٺو ۽ ٿي ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اڪي راتين** مان يا آخري رات ۾ چاهي اها 30 هين رات هجي ڪا هڪ رات شبِ قدر آهي. هن رات کي مخفي رکڻ ۾ هزارين حڪمتون آهن. جن ۾ يقينًا هڪ حڪمت هيءَ به آهي تہ مسلمان هر رات انهيءَ رات جي جُستجو ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪن نہ ڄاڻ ڪهڙي رات شبِ قدر هجي. انهيءَ حديثِ پاڪ ۾ **شبِ قدر** جون ڪجهہ نشانيون به ارشاد فرمايون ويون آهن. انهن نشانين کان سواءِ ٻين روايتن ۾ به وڌيڪ ليلة القدر جي نشانين جو بيان ڪيو ويو آهي. انهن نشانين کي حاصل ڪرڻ سيني جي وس جي ڳالهہ ناهي .بلڪ هي تہ رُڳو اهلِ نظر جو ئي حصو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خاص ٻانهن تي ان جو ظهور فرمائيندو آهي. شبِ قدر جو هڪ اُهڃاڻ هي به آهي تہ هن رات ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي مٺو ٿي ويندو آهي. پڻ انسان ۽ جنّات کان علاوه ڪائنات جي هر شيءِ الله عَزَّوَجَلَّ

جي بزرگيءَ جي اعتراف ۾ سجده ريز ٿي ويندي آهي پر هي هر هڪ کي نظر ناهي ايندو.

حڪايت مدينا **حضرتِ** سيّدُنا عُبَيْد ابنِ عمران رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”مان هڪ رات بُحَيْرَه قُلْزُم (قلزم نالي سمنڊ) جي ڪناري تي هئس ۽ اتي ڪاري پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ لڳس جڏهن مون اهو پاڻي چکيو تہ **ماکيءَ** کان بہ وڌيڪ منو معلوم ٿيو. مون کي بيحد تعجب ٿيو. مون جڏهن حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان هن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو تہ پاڻ فرمايائون:”**اي عُبَيْد!** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها ليلة القدر هوندي.“ وڌيڪ فرمايائون:” جنهن شخص هيءَ رات الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ گذاري ان جڻ تہ هزار مهينن کان بہ وڌيڪ عرصو عبادت ڪئي ۽ الله تعالى ان جي تمام گناهن کي معاف فرمائي ڇڏيندو.“ **(تذكرة الواعظين ص 626)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

حڪايت مدينا **حضرتِ** سيّدُنا عثمان ابنِ ابي العاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي غلام کين عرض ڪيو،” اي آقا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ! مون کي ٻيڙي هلائيندي هڪ عرصو گذريو آهي. مون درياءَ جي پاڻيءَ ۾ هڪ عجيب ڳالهہ محسوس ڪئي آهي جنهن کي منهنجو عقل تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي.“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پُڇيائون، ”اها ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي؟“ عرض ڪيائين،” اي آقا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ! هر سال هڪ اهڙي رات بہ ايندي آهي جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي منو ٿي ويندو آهي.“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ غلام کي فرمايائون،” هن ڀيري خيال رکجو جيئن ئي رات جو پاڻي منو ٿي وڃي تہ مون کي آگاهہ ڪجو.

جڏهن رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات آئي تہ غلام آقا کي عرض ڪيو تہ آقا! اڄ سمنڊ جو پاڻي منو تي چُڪو آهي.“ (روح البيان ج 10 ص 481)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔

اسان کي نشانيون ڇو نظر ناهن ايندیون؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي ڪجهہ نشانين جو ذڪر گذريو. اسان جي ذهن ۾ هي سوال ايري سگهي ٿو تہ اسان جي عمر جا ڪافي سال گذريا هر سال شبِ قدر ايندي رهندي آهي تہ ڇا سبب آهي جو اسان کي ڪڏهن بہ ان جون علامتون نظر ناهن ايندیون؟ ان جي جواب ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا انهن ڳالهين جو علم هر هڪ کي نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ ان جو تعلق **ڪشف (ڳجهي ڄاڻ)** ۽ **ڪرامت** سان آهي ان کي تہ اهو ئي ڏسي سگهي ٿو جنهن کي بصيرت (يعني قلبي نظر) جي نعمت حاصل هجي. هر وقت گناهن جي نُحُوست ۾ مشغول رهڻ وارو گناهگار انسان هنن نظارن کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟

آنکھ والا ترے جوبن کا تماشہ دیکھے
دِیدہ کور کو کیا آئے نظر کیا دیکھے

اکي راتين ۾ ڳولهيو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مَشِيَّت جي تحت شبِ قدر کي پوشيده رکيو آهي انهيءَ ڪري اسان کي يقين سان ناهي خبر تہ **شبِ قدر** ڪهڙي رات ٿيندي آهي.

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**شبِ قدر** کي رمضان المبارک جي آخري ڏهاڪي جي **اڪي راتين** يعني ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين ۽ اٺتيهين راتين ۾ ڳوليو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 662حديث 2020)

آخري ستن راتين ۾ تلاش ڪريو

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا روايت ڪن ٿا تہ بَحر و بر جي بادشاهہ، بنهي جهانن جي شهنشاهہ، امت جي خيرخواهہ، آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي مهر و ماهہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحابهءِ ڪرام رَضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن مان ڪجهہ ماڻهن کي خواب ۾ آخري ستن راتين ۾ **شبِ قدر** ڏيکاري وئي. منہ منہ آقا مکّي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”مان ڏسان ٿو تہ توهان جا خواب آخري ستن راتين ۾ متفق ٿي ويا آهن. ان لاءِ ان جي تلاش ڪرڻ وارو ان کي **آخري ستن راتين** ۾ تلاش ڪري.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 660حديث 2015)

ليلة القدر پوشيده چو؟

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي سنّتِ ڪريمه آهي جو ان ڪجهہ اهم ترين مُعاملن کي پنهنجي مشيّت جي مطابق بانهن تي پوشيده رکيو آهي جيئن جو منقول آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي **راضپي** کي نيڪين ۾، پنهنجي **ناراضگيءَ** کي گناهن ۾ ۽ پنهنجي اولياء رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی کي پنهنجي بانهن ۾ پوشيده رکيو آهي.“ ان جو خلاصو اهو ئي آهي تہ بانهو ڪنهن بہ نيڪيءَ کي ننڍي سمجهي ڪري ڇڏي نہ ڏئي. ڇو تہ

اهو نٿو ڄاڻي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪهڙي نيڪي تي راضي ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ جيڪا نيڪي ظاهر ۾ تمام ئي ننڍي نظر ايندي هجي ان سان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿي وڃي. متعدد (يعني ڪيترن ئي) احاديثِ مبارڪ مان اها ئي خبر پوي ٿي. مثال طور قيامت جي ڏينهن هڪ بدڪار عورت رُڳو ان نيڪي جي عيوض بخشي ويندي جو ان هڪ اجاري ڪتي کي دنيا ۾ پاڻي پياريو هيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ناراضگيءَ کي گناهن ۾ پوشيده رکڻ جي حڪمت اها ئي آهي تہ ٻانهو ڪنهن گناهہ کي ننڍو تصور ڪري نہ ويهي. بلڪ هر گناهہ کان بچندو ئي رهي. ڇو تہ ٻانهو نہ ٿو ڄاڻي تہ الله تبارڪ و تعالىٰ ڪهڙي گناهہ کان ناراض ٿي ويندو. تنهن ڪري هو هر گناهہ تان پرهيز ئي ڪري. اهڙيءَ ريت اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کي ٻانهن ۾ انهيءَ لاءِ پوشيده (ڳجهو) رکيو آهي جو انسان هر نيڪ مسلمان جي رعايت و تعظيم ڪري ۽ سوچي تہ ٿي سگهي ٿو جو "هي" وليُّ الله هجي. ٿي سگهي ٿو "هو" وليُّ الله هجي ۽ ظاهر آهي جڏهن اسين نيڪ ماڻهن جو ادب ۽ تعظيم ڪرڻ سکي وٺنداسين. بدگماني جي عادت ڪڍي ڇڏينداسين ۽ سڀني مسلمانن کي پنهنجو پاڻ کان سٺو تصوُّر ڪرڻ لڳنداسين تہ اسان جو مُعاشرو بہ صحيح ٿي ويندو ۽ اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ اسان جي آخرت بہ سنورجي ويندي.

حڪمتن جا مدني گل

امام فخرالدين رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي مشهور تفسير، تفسيرِ ڪبير ۾ فرمائن ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ **شبِ قدر** کي ڪجهہ سببن جي بنياد تي پوشيده رکيو آهي. **پهريون** هي تہ جهڙيءَ طرح ٻين شين

کي ڳجهو رکيائين، مثال طور الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي **راضپي** کي اطاعتن ۾ پوشيده فرمايو تہ جيئن ٻانها هر اطاعت ۾ رغبت حاصل ڪن. پنهنجي ذڪر کي گناهن ۾ پوشيده فرمايائين تہ جيئن هر گناهہ کان بچندا رهن. پنهنجي **ولي** کي ماڻهن ۾ ڳجهو رکيائين تہ جيئن ماڻهو سيني جي تعظيم ڪن، **قبوليّتِ دعا** کي دعائن ۾ پوشيده رکيائين جيئن سيني دعائن ۾ مبالغو(وڌاءُ) ڪن ۽ **اسمِ اعظم** کي اسماء (يعني نالن) ۾ پوشيده رکيائين تہ جيئن سيني اسماء جي تعظيم ڪن ۽ **صلوٰة وسطيٰ** (وِچين نماز) کي نمازن ۾ پوشيده رکيائين جيئن تمام نمازن تي محافظت ڪن ۽ **توبهہ** جي **قبوليّت** کي پوشيده رکيائين جيئن مڪلف (ٻانهو) توبهہ جي سيني قسمن تي هميشگي اختيار ڪري ۽ موت جو وقت پوشيده رکيائين جيئن **مڪلف** (ٻانهو) خوف کائيندو رهي. اهڙيءَ طرح **شبِ قدر** کي بہ پوشيده رکيو جيئن رمضان جي سيني راتين جي تعظيم ڪن. ٻيو هي تہ جڻ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو،" جيڪڏهن مان شبِ قدر کي مقرر ڪري ڇڏيان ها ۽ هي تہ مان گناهہ تي تنهنجي جرات کي بہ ڇاڻان ٿو تہ جيڪڏهن ڪڏهن بہ شهوت توکي هن رات ۾ معصيّت (يعني گناهن) جي ڪناري آڻي ڇڏي ها ۽ تون گناهہ ۾ مبتلا ٿي وڃين ها تہ تنهنجو هن رات کي ڇاڻڻ جي باوجود گناهہ ڪرڻ لاعلمي سان گناهہ ڪرڻ کان وڌيڪ سخت هجي ها. سو انهيءَ سبب جي ڪري مان هن کي پوشيده رکيو. مروي آهي تہ **سرڪار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ شخص کي سُتل ڏسي اشارو فرمايائون،" **اي علي** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان کي اٿاريو تہ وضو ڪري.

حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان کي جاڳايو، پوءِ عرض ڪيائين، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ نيڪي جي طرف وڌيڪ سبقت فرمائڻ وارا آهيو. اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ان کي سجاڳ ڇو نہ فرمايو؟ ارشاد فرمايائون: ”ان لاءِ جو ان جو توکي انڪار ڪري ڇڏڻ ڪفر ناهي تنهن ڪري مون ان جي گناهہ ۾ تخفيف جي لاءِ ائين ڪيو.“ تہ جڏهن رحمتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي حال آهي تہ هاڻي ان تي رب عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي قياس ڪريو تہ ان جو ڇا عالم هوندو! ڄڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي رهيو آهي،”جيڪڏهن توهان **شبِ قدر** کي ڄاڻو ها ۽ ان ۾ عبادت ڪريو ها تہ هزار مهينن کان وڌيڪ ثواب ڪمايو ها ۽ جيڪڏهن ان ۾ گناهہ ڪريو ها هزار مهينن جي سزا ماڻيو ها ۽ سزا جو ٿارڻ ثواب وٺڻ کان اولىٰ (يعني بهتر) آهي. ٿيون هي تہ مون هن رات کي پوشيده رکيو تہ جيئن مڪلف (ٻانهو) ان جي طلب ۾ محنت ڪري ۽ ان محنت جو ثواب ڪمائي. **چوٿون** هي تہ جڏهن ٻانهي کي شبِ قدر جو يقين حاصل نہ ٿيندو تہ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ ڪوشش ڪندو هن اميد تي تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها ئي رات شبِ قدر هجي تہ انهن سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي بہ تنبيهہ فرمائي ۽ ارشاد فرمايو تہ توهان انهن (انسانن) جي باري ۾ چوندا هيؤ تہ جهيڙا ڪندا ۽ رت وهائيندا. حالانڪہ هي انهن جي گمان ڪيل رات ۾محنت ۽ ڪوشش آهي. جيڪڏهن مان انهن کي هن رات جو علم عطا ڪري ڇڏيان ها تہ پوءِ ڪيئن هجن ها...؟ تہ هتي الله عَزَّوَجَلَّ جي ان قول جو راز کليو جيڪو فرشتن جي جواب ۾

ارشاد فرمايو هيو. جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي ارشاد فرمايو ته

اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةً ؕ

ترجمو کنزالايمان: مان زمين ۾ پنهنجو نائب پيدا ڪرڻ وارو آهيان.

ته فرشتن عرض ڪيو:

قَالُوْۤا اَتَجْعَلُ فِیْهَا مَنْ یُّفْسِدُ فِیْهَا وَ یَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَ نَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَ نُقَدِّسُ لَكَ ؕ

ترجمو کنزالايمان: چيائون ڇا اهڙي کي نائب ڪندين جيڪو ان ۾ فساد پکيڙيندو ۽ خونريزي ڪندو ۽ اسان توکي ساراهيندي تنهنجي تسبيح پڙهون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا.“

ته پوءِ هي ارشاد فرمايو ته:

قَالَ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾

ترجمو کنزالايمان: فرمايو مون کي معلوم آهي جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو.“

ته اڄ انهيءَ قول جو راز کوليو ويو. (تفسيرِ ڪبيرج11ص229)

سال ۾ ڪا به رات شبِ قدر ٿي سگهي ٿي

جيئن ته بيشمار مصلحتن جي بنياد تي ليلة القدر کي پوشيده رکيو ويو آهي ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ بانها ان جي تلاش ۾ سڄو سال ئي رُڌل رهن. ۽ ائين هر حال ۾ اهي نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪوشان رهن. ان جي تعين (مقرر ٿيڻ) ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو تمام گهڻو اختلاف ڏٺو ويندو آهي. ڪجهه بزرگن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي نزديڪ شبِ قدر پوري سال ۾ ڦرندي رهندي آهي مثلاً حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو فرمان آهي شبِ قدر کي اهو ئي شخص ماڻي سگهي ٿو جيڪو سڄو سال ئي راتين ۾ متوجهه رهي. انهيءَ قول جي تائيد ڪندي امام العارفين سيّدُنا شيخ محي الدين ابنِ عربي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون شعبان

المعظم جي پندرهين رات (يعني شبِ براءَت) ۽ هڪ پيرو شعبان المعظم جي ئي اٽويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماڻيو آهي ۽ پڻ رمضان المبارڪ جي تيرهين رات ۽ ارڙهين رات ۾ به ڏنو ۽ مختلف سالن ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي هر اکي رات ۾ ان کي حاصل ڪيو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا ته جيتوڻيڪ گهڻو ڪري **شبِ قدر** رمضان شريف ۾ ئي ڏٺي ويندي آهي تنهن هوندي به منهنجو تجربو ته اهو ئي آهي جو هي پورو سال گهمندي رهندي آهي يعني هر سال جي لاءِ ان جي ڪا هڪ ئي رات مخصوص ناهي.

رحمتِ ڪونين ﷺ جي شيخين سميت جلوه گري

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي اعتڪاف جون خوب بهارون هونديون آهن، دنيا جي مختلف جڳهن تي اسلامي ڀائر مسجدن ۾ ۽ اسلامي ڀينرون "مسجدِ بيت" ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا ۽ خوب جلوا ماڻيندا آهن ترغيب جي لاءِ هڪ بهار توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. جيئن ته تحصيل لياقت پور ضلع رحيم يار خان (پنجاب) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ حلقه قافله ذميدار جي بيان جو خلاصو آهي ته مان فلمن جو ايڏو شوقين هوندو هئس جو پنهنجي ڳوٺ جي سي ڊيز جي دڪان جون تقريباً اڌ سي ڊيز ڏسي چُڪو هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي طلباني ڳوٺ جي **مدني مسجد** ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (1422هه، 2001ء) جي اعتڪاف جي سعادت نصيب ٿي وئي. دعوتِ اسلامي جي **عاشقان رسول** جي صحبت جي برڪتن جو ڇا چئجي! 27 رمضان المبارڪ جو اڻ وسرندڙ ايمان افروز واقعو

تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو: سڄي رات سجاڳ رهي ڪري مون خوب روئي روئي **سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان ديدار جي خيرات گهري. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صبح ٿيندي ئي مون تي خصوصي بابِ ڪرم ڪلي ويو، مون غنودگي جي عالم ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن مسجد جي اندر موجود ڏٺو، ايتري ۾ ڪنهن اعلان ڪيو: "**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تشريف ڪٽي ايندا ۽ نماز جي امامت فرمائيندا.**" ڪجهه ئي دير ۾ رحمتِ ڪونين، سلطانِ دارين، ناناءِ حسنين اسان ڏکايل دلين جي چين ۽ شيخين ڪريمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضُوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن سميت جلوه نما ٿي ويا ۽ منهنجي اک ڪلي وئي. رُڳو هڪ جهلڪ نظر ايندي ئي اهو **حسين جلوو** نگاهن کان غائب ٿي ويو، ان تي دل هڪ دم ڀرجي آئي ۽ نيٽن منجهان نير جاري ٿي ويا. ايتري تائين جو روئندي روئندي آءُ سڏڪن ۾ پئجي ويس اي ڪاش!

اتنی دیر تک ہو دیدِ مُصحَف عارِض نصیب
حفظ کرلوں ناظرہ پڑھ پڑھ کے قراٰنِ جمال

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کان پوءِ منهنجي دل ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي محبت ويتر وڌي وئي بلڪ مان **دعوتِ اسلامي** جو ئي ٿي ڪري رهجي ويس. گهر مان ترڪيب بڻائي ڪري مون بابُ المدينه ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ **درسِ نظامي** ڪرڻ جي لاءِ جامعة المدينه ۾ داخلا ورتي. هي بيان ڏيڻ وقت درجه اوليٰ ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي طور تي هڪ ذيلي حلقي جي **قافله ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي

مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

جلوہ یار کی آرزو ہے اگر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
میٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر، مَدَنی ماحول میں کرلو تُم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

امام اعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا پہ فرمان

حضرتِ سَيِّدُنا امامِ اعظم ابو حنيفه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان انهيءَ جي باري ۾ بہ قول منقول آهن.

(1) ليلة القدر رمضان المبارڪ ۾ ئي آهي پر ڪا رات مقرر ناهي. جڏهن تہ سيّدُنا امام **ابو يوسف** ۽ سيّدُنا **امام محمد** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمَا جي ويجهو رمضان جي **آخري پندرنهن** راتين ۾ ليلةالقدر هوندي آهي.

(2) سيّدُنا امامِ اعظم **ابوحنيفه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ مشهور قول هي آهي تہ ليلة القدر پورو سال گهمندي رهندي آهي ڪڏهن ماهِ رمضان المبارڪ ۾ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ٻين مهينن ۾. اهو ئي قول حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس، حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ مسعود ۽ سيّدُنا عڪرمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم اَجْمَعِیْن کان بہ منقول آهي.

(عمدة القاري ج 8 ص 253 حديث 2015)

سيّدُنا امام شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ويجهو شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ آهي ۽ ان جو ڏينهن مقرر آهي ان ۾ قيامت تائين تبديلي نہ ٿيندي. **(عمدة القاري ج 8 ص 253 حديث 2015)**

شبِ قدر بدلجندي رهندي آهي

سيّدُنا امام مالک رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ويجهو شبِ قدر رمضان المبارک جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ هوندي آهي پر ان جي لاءِ ڪا رات مخصوص ناهي. هر سال انهن اڪي راتين ۾ گهمندي رهندي آهي. يعني ڪڏهن ايڪويهين رات ليلة القدر ٿي ويندي آهي ته ڪڏهن ٽيويهين، ڪڏهن پجويهين، ته ڪڏهن ستاويهين ۽ ڪڏهن ڪڏهن اٺتيهين رات به شبِ قدر ٿي ويندي آهي.

(تفسيرِ صاوي ج 6 ص 2400)

ابوالحسن عراقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ شبِ قدر

ڪجهه بزرگن حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوالحسن عراقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ارشاد نقل ڪيو آهي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، مان جڏهن کان بالغ ٿيو آهيان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ائين نه ٿيو جو مون شبِ قدر کي نه ماڻيو هجي. پوءِ پنهنجو تجربو ارشاد فرمائن ٿا، ”جڏهن به آچر يا اربع جو پهريون روزو ٿيو ته اٺتيهين رات، جيڪڏهن سومر جو پهريون روزو ٿيو ته ايڪويهين رات، جيڪڏهن پهريون روزو اڳاري يا جمعي جو ٿيو ته ستاويهين رات جيڪڏهن پهريون روزو خميس جو ٿيو ته پنجويهين رات ۽ جيڪڏهن پهريون روزو چنڊ جو ٿيو ته مون ٽيويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماڻيو. (نزهة المجالس ج 1 ص 223)

ستاويهين رات شبِ قدر

جيتوڻيڪ بزرگانِ دين ۽ مفسرين و محدثين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِيْن جو شبِ قدر جي تَعيُّن ۾ اختلاف آهي بهرحال اڪثريت جي راءِ اها

ئي آهي تہ هر سال **شبِ قدر** ماهِ رمضان المبارڪ جي **ستاويهين رات** جو ئي ٿيندي آهي.

حضرتِ سيّدُنا اُبَيّ بْنِ ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ رمضان **جي ستاويهين رات** ڪي ئي شبِ قدر چون ٿا. (تفسير صاوي ج 6 ص 2400)

حضورِ غوثِ اعظم سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي بہ انهيءَ جا قائل آهن حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا بہ اهو ئي فرمائن ٿا.

حضرتِ سيّدُنا شاهہ عبدالعزيز مُحَدّث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ **شبِ قدر** رمضان شريف جي **ستاويهين رات** جو ئي ٿيندي آهي. پنهنجي بيان جي تائيد جي لاءِ انهن بہ دليل بيان فرمايا آهن، پهريون هي تہ "ليلة القدر" جو لفظ نَوَن اکرن تي مشتمل آهي ۽ هي ڪلمو **سورةُ القدر** ۾ ٽي ڀيرا استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٽن کي نَوَن سان ضرب ڏيڻ تي حاصل ضرب "ستاويهہ" اچي ٿو. جيڪو هن ڳالهہ جي طرف اشارو ڪري ٿو تہ شبِ قدر **ستاويهين** تي ٿيندي آهي. ٻيو دليل هي پيش ڪن ٿا تہ هن سورهءِ مبارڪ ۾ ٽيهہ ڪلمات (يعني ٽيهہ لفظ) آهن. **ستاويهو ڪلمو** "هی" آهي جنهن جو مرڪز **ليلة القدر** آهي. جڻ الله تبارڪ وتعالیٰ جي طرف کان نيڪ ماڻهن جي لاءِ هي اشارو آهي تہ رمضان شريف جي **ستاويهين** جو **شبِ قدر** ٿيندي آهي. (تفسير عزيزي ج 4 ص 437)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ **شبِ قدر** کي پوشيده رکي ڪري جڻ پنهنجي ٻانهن کي رات ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ عبادت ڪرڻ جي

ترغيب عطا فرمائي آهي جيڪڏهن هُو **شبِ قدر** جي لاءِ ڪنهن هڪ رات کي مخصوص فرمائي ظاهري طور تي ان جو علم اسان کي عطا فرمائي ڇڏي ها تہ پوءِ هن ڳالهہ جو امڪان هيو تہ اسان سال جي ٻين راتين جي مُعاملي ۾ غافل ٿي وڃون ها. رُڳو انهيءَ هڪ رات جو اهتمام ڪريون ها. هاڻي جيئن تہ ان کي مخفي (يعني ڳجهو) رکيو ويو آهي. ان لاءِ **عقلمند** اهو ئي آهي جيڪو سڄو سال هن عظيم الشّان رات جي جستجو ۾ رهي جو خبر ناهي ڪهڙي رات **شبِ قدر** ٿئي. واقعي جيڪڏهن ڪو سچيءَ دل سان ان کي سڄو سال تلاش ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي محنت کي ضايع ناهي فرمائيندو. اهو ضرور پنهنجي فضل و ڪرم سان ان کي هن رات جي سعادت عطا فرمائيندو.

هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

”غرائب القرآن“ جي ص 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ **هيءَ دعا ٽي پيرا** پڙهي وٺندو، تہ ان جڻ **شبِ قدر** کي ماڻي ورتو. تنهن ڪري هر رات هن دعا کي پڙهي ڇڏڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ،سُبحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم يعني: خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.

رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جا خواهشمندؤ! تي سگهي تہ سڄو سال ئي هر رات ۾ خاص اهتمام سان ڪجهہ نہ ڪجهہ نيڪ عمل ضرور ڪري

چڏڻ گهرجي، جو نہ ڄاڻ ڪڏهن **شبِ قدر** تي وڃي. هر رات ۾ بہ فرض نمازون ايندیون آهن. ٻين نمازن سان گڏوگڏ سانجهي ۽ سومهٽيءَ جي نمازن جي جماعت جو بہ خوب اهتمام ڪرڻ گهرجي، جو جيڪڏهن **شبِ قدر** ۾ انهن جي جماعت نصيب ٿي وئي تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ٻيڙو ئي پار آهي. بلڪ اهڙيءَ طرح پنجن نمازن سان گڏوگڏ روزانو عشاء ۽ فجر جي جماعت جي بہ خصوصيّت سان عادت بڻائي چڏيو. مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:" جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي. ان ڄڻ اڌ رات قيام ڪيو ۽ جنهن فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي ان ڄڻ پوري رات قيام ڪيو."

(صحيح مسلم ص 329حديث 656)

امام جلال الدين سُيوطي شافِعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان نقل ڪن ٿا،"جنهن عشاءَ جي نماز باجماعت پڙهي تحقيق ان ليلة القدر مان پنهنجو حصو حاصل ڪري ورتو."

(الجامع الصغير ص 532 حديث 8796)

ستاويهين رات جو قدر ڪريو

اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي تلاش ڪرڻ وارؤ! جيڪڏهن سڄو سال اها ئي جماعت جي عادت رهي تہ شبِ قدر ۾ بہ انهن ٻنهي نمازن جي جماعت اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ نصيب ٿي ويندي ۽ سڄي رات سُتل رهڻ جي باوجود بہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ روزانو جيان شبِ قدر ۾ بہ سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملي ويندو.

اگر قدر دانی تو ہر شب، شبِ قدر است

جن راتين ۾ **شبِ قدر** هجڻ جو وڏيڪ امڪان آهي مثلاً رمضان المبارڪ جو آخري ڏهاڪو يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي **اڪي راتين** ۾ ته عبادت جو خاص اهتمام ٿيڻ گهرجي ۽ خاص ڪري **ستاويهين رات** جو ان رات جي باري ۾ گهڻو گمان **شبِ قدر** هجڻ جو آهي. هن رات کي ته غفلت ۾ گذارڻ ئي نه گهرجي. **ستاويهين رات** ته خاص طور تي توبهه و استغفار ۽ ذڪر و درود جي ورد ۾ گذارڻ گهرجي.

شبِ قدر ۾ پڙهو

امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضىٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا، جيڪو به **شبِ قدر** ۾ **سورةُ الْقدر ست ڀيرا** پڙهي ٿو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي هر مصيبت کان محفوظ فرمائي ڇڏي ٿو ۽ **ستر هزار فرشتا** ان جي لاءِ جنّت جي دعا ڪندا آهن ۽ جيڪو (سڄي سال ۾ جڏهن به) **جمعي** جي ڏينهن نمازِ جمعه کان پهريان **ٽي ڀيرا** پڙهي ٿو الله عَزَّوَجَلَّ ان ڏينهن جي تمام نماز پڙهڻ وارن جي تعداد جي برابر نيڪيون لکندو آهي.“ (نزهة المجالس ج 1 ص 223)

شبِ قدر جي دعا

اُمُّ الْمُؤمِنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون مون پنهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو، ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مون کي **شبِ قدر** جو علم ٿي وڃي ته ڇا پڙهان؟“ سرڪارِ ابدقرار، شفيع روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”هن طرح دعا

گهرو: اَللّٰهُمَّ اِنَّکَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّي يعني: اي الله عَزَّوَجَلَّ بيشڪ تون مُعاف فرمائڻ وارو آهين ۽ مُعافي ڏيڻ کي پسند ٻه ڪندو آهين تنهن ڪري مون کي ٻه مُعاف فرماءِ. (جامع ترمذي ج 5 ص 306 حديث 3524)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش! روزانو رات جو اسين هن دعا کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ئي پڙهي ڇڏيندا ڪريون جو ڪڏهن ته **شبِ قدر** نصيب ٿي ويندي. نه ته گهٽ ۾ گهٽ ستاويهين رات ته هن دعا کي هرهر پڙهڻ گهرجي. ان کان علاوه ٻه **ستاويهين رات** جو الله عَزَّوَجَلَّ توفيق ڏئي ته شبِ بيداري ڪري درود ۽ سلام جي ڪثرت ڪريو. **اجتماع ذڪر و نعت** مُيَسّر ٿئي ته ان ۾ ٻه شرڪت فرمايو ۽ نوافل ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش ڪريو.

شبِ قدر جا نوافل

حضرتِ سيّدُنا اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه" تفسيرِ روح البيان" ۾ هي روايت نقل ڪن ٿا، جيڪو **شبِ قدر** ۾ سچي نيّت سان نوافل پڙهندو. ان جا اڳيان پويان گناهه مُعاف ٿي ويندا. (روح البيان ج 10 ص 480)

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن رمضان المبارڪ جا **آخري ڏهه ڏينهن** ايندا هئا ته عبادت لاءِ تيار ٿي ويندا هئا انهن ۾راتين جو جاڳندا هئا ۽ پنهنجي اهل (يعني گهرياتين) کي جاڳائيندا هئا.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 357 حديث 1768)

حضرتِ سيّدُنا اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل ڪن ٿا ته **بزرگانِ دين** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين هن ڏهاڪي جي هر رات ۾ ٻه رڪعتون نفل **شبِ قدر** جي نيّت سان پڙهندا هئا ۽ پڻ ڪجهه اڪابر کان منقول آهي ته جيڪو **هر رات ڏهه آيتون** ان نِيَّت سان پڙهي ونئي ته ان جي برڪت

۽ ثواب کان محروم نہ ٿيندو ۽ **فقيه ابوالليث سمرقندي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، **شبِ قدر** جي گهڻ ۾ گهڻ نماز ٻہ رڪعتون آهي ۽ وڌ کان وڌ **هزار رڪعتون** (نوافل) ۽ وچيون درجو ٻہ سؤ رڪعتون آهن ۽ هر رڪعت ۾ اوسط قِراءَت هي آهي تہ سورهءِ فاتحه کان پوءِ هڪ ڀيرو سورهءِ قدر ۽ ٽي ڀيرا سورهءِ اخلاص پڙهي ۽ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ سلام ڦيري ۽ سلام کانپوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪلي ۽ پوءِ نماز جي لاءِ اٿي بيهي ايتري تائين جو پنهنجي ٻہ سؤ رڪعتن جو يا ان کان گهڻ يا ان کان وڌيڪ جو جيڪو ارادو ڪيو هئائين پورو ڪري تہ ائين ڪرڻ هن شبِ قدر جي جلالتِ قدر جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ بيان فرمائي ۽ جيڪو سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جي قيام جي مُتَعَلّق ارشاد فرمايو آهي ان جي لاءِ هن کي ڪفايت ڪندو. (روح البيان ج 10 ص 483)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيني طور تي هيءَ رات برڪتن جو سرچشمو آهي جيئن تہ حضورِ انور، شافع محشر، مديني جي تاجوَر، باذنِ ربِ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان تي هڪ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. جيڪو هن رات کان محروم رهجي ويو اهو مڪمل ڀلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ **شبِ قدر** جي ڀلائي کان محروم ناهي رهندو پر اصلي محروم. **(مشڪوٰة ج1 ص 372 حديث 1964)**

اهڙي رحمتن ۽ برڪتن واري رات کي ضايع ڪرڻ وڏي محروم هجڻ جو دليل آهي. تنهن ڪري سيني کي گهرجي تہ شبِ

قدر جي پوري رمضان المبارڪ ۾ تلاش ڪن نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ستاويهين رات جو تہ ضرور عبادتن ۾ گذارين.

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گناهگارن کي ليلة القدر جي برڪتن سان مالا مال ڪر ۽ وڏ کان وڏ پنهنجي عبادت جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لَيْلَةُ الْقَدْر میں مَطْلَعِ الْفَجْر حق
مانگ کی استِقامت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش)

سجاڳيءَ ۾ ديدار ٿي ويو..... ڪنهن جو؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن و سنّت جي عالگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريي سفر کي معمول بڻايو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شبِ قدر ماڻڻ جو جذبو نصيب ٿيندو. ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشبودار بهار توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو: جيئن تہ نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خُلاصو آهي، مون پهريون پيرو 12 **ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، نوابشاه (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ مسجد ۾ اسان جو مدني قافلو ترسيل هو. نيڪين جي طرف رغبت گهٽ هئڻ جي سبب دل ويڳاڻي هئي. هڪ ڏينهن مسجد جي اڳڻ ۾ جدوَل جي مطابق **سنّتن ڀريو حلقو** قائم هو تہ اس اچي ويئي. هڪ اسلامي ڀاءُ اٿي ڪري مسجد جي اندرئين حصي ۾ هليو ويو. ڪجهہ ئي دير پوءِ

مسجد جي اندرئين حصي مان هڪ صدا بلند ٿي. سڀ ان طرف متوجهه ٿيا. ايتري ۾ اهو ئي اسلامي ڀاءُ روئندي ٻاهر نڪتو ۽ چوڻ لڳو هاڻي هاڻي سجاڳيءَ جي حالت ۾ مون کي سبز سبز عمامو سجايل، روشن چهري وارا هڪ بزرگ نظر آيا جيڪي ڪجهه هن طرح فرمائي رهيا هئا ،"**اڳڻ جي اس ۾ سنّتون سکڻ وارا گهڻو ثواب ڪمائي رهيا آهن.**" اهو ٻُڌي ڪري تمام شرڪاءِ مدني قافله روئڻهارڪا ٿي ويا ۽ آءُ به تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون دل ئي دل ۾ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو ته هاڻي ڪڏهن به **دعوتِ اسلامي** جو **مدني ماحول** نه ڇڏيندس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي ته **مدني قافلن** ۾ سفر جي عادت منهنجي فطرتِ ثانيه بڻجي چُڪي آهي. هڪ ڀيري اسان جو مدني قافلو ميرپور خاص (بابُ الاسلام سنڌ) ۾ ترسيل هو. هڪ عاشقِ رسول ٻُڌايو ته تهجد جي وقت مون ڏٺو ته سمورن قافلي وارن تي نُور جي برسات ٿي رهي آهي ان سان ويتر جذبو وڌيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مون کي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن مان **مدني انعامات** جي علائقائي ذميداري مليل آهي.

اڌ اس ۾ نه ويهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي وارن تي ڇا خوب ڪرم جون برساتون ٿين ٿيون شايد اها موسم سخت گرمين جي نه هوندي ۽ صبح جي ٿڌي ٿڌي اس ۾ ديوانا سنّتون سکڻ ۾ مشغول هوندا ۽ انهن جي حوصلہ افزائي جي ترڪيب بڻي هوندي نه ته بنا سبب جي سخت اس ۾ سنّتون سکڻ جو حلقو لڳائڻ مناسب

ناهي ڇو تہ ان سان مڪمل ڏيان حاصل ناهي ٿيندو ۽ سڪڻ ۾ بہ غلط فهمين جو امڪان رهندو. تحصيلِ علمِ دين جي لاءِ پُرسُڪون ماحول هئڻ گهرجي جسم جي ڪجهہ حصي تي اس اچي رهي هجي تہ سنّت هي آهي تہ اتان کان اٿي وڃجي. يعني يا تہ مڪمل ڇانوَ ۾ رهي يا وري مڪمل اس ۾. جيئن حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفقت نشان آهي: ”جڏهن ڪو شخص ڇانوَ ۾ هجي ۽ ڇانوَ گهٽجي ويئي، ڪجهہ ڇانوَ ۾ ٿي ويو ڪجهہ اُس ۾ تہ اتان اٿي وڃي. (سنن ابي داود ج 4 ص 338 حديث 4821)

اولیا کا کرم، خوب لوٹیں گے ہم آؤ مل کر چلیں، قافلے میں چلو
دھوپ میں چھاؤں میں، جاؤں میں آؤں میں سب یہ نیّت کریں، قافلے میں چلو
ہوتی ہیں سب سنیں نور کی بارشیں
سب نہانے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جنت ۾ بہ علماءَ جي حاجت هوندي

مديني جي سلطان، رحمتِ عاليان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرنُور آهي :”جنتي جنت ۾ علماءِ ڪرام جا محتاج هوندا، ان لاءِ جو اهي هر جمعي جو الله تعاليٰ جي ديدار تان مشرف ٿيندا. الله تعالى فرمائيندو: تَمَنَّوْا عَلَيَّ مَا شِئْتُمْ يعني”مون کان گهرو، جيڪو چاهيو،“ اهي جنّتي علماءِ ڪرام جي طرف متوجهہ ٿيندا تہ پنهنجي ربّ ڪريم کان ڇا گهرون؟ اهي فرمائيندا، هي گهرو، هو گهرو، جيئن اهي ماڻهو دنيا ۾ علماءِ ڪرام جا محتاج هئا، جنّت ۾ بہ انهن جا محتاج ٿيندا.“ (الفردوس بما ثور الخطاب ج 1، ص 230 حديث 880 ، الجامع الصغير للسيوطي ص 135 حديث: 2235)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فيضانِ اعتكاف

دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شفيعُ المُذنِبين رحمةٌ لّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد دلنشين آهي:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

ترجمو: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام جو درود پاڪ پڙهيو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻيندو.

(مجمع الزوائد ج 10 ص 163 حديث17022)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارک جي برڪتن جو ڇا چئجي! هونئن تہ ان جي هر هر گهڙي رحمت ڀري ۽ هرهر ساعت پنهنجي اندر بيشمار برڪتون رکيون آهن. پر ان ماهِ محترم ۾ شبِ قدر سي ڪان وڌيڪ اهميت جي حامل آهي. ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان المبارک جو پورو مهينو بہ اعتڪاف فرمايو آهي ۽ آخري ڏهن ڏينهن جو تمام گهڻو اهتمام هو. ايتري تائين جو هڪ ڀيري ڪنهن خاص عذر جي تحت ”پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان المبارک ۾

اعتكاف نہ ڪري سگهيا تہ **شوال المكرم** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتكاف** فرمايائون.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 671حديث 2031)

”هڪ ڀيري سفر جي ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو **اعتكاف** رهجي ويو تہ اڳئين رمضان شريف ۾ ويهن ڏينهن جو **اعتكاف** فرمايائون.“ (جامع ترمذي ج 2 ص 212 حديث 803)

اعتكاف پراڻي عبادت آهي

پوئين اُمَّتن ۾ بہ **اعتكاف** جي عبادت موجود هئي. جيئن تہ پهرين سيپاري جي سورة البقره جي آيت نمبر125 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل (عَلَيْهِمَا السَّلَام) ڪي تاڪيد ڪيو تہ منهنجي گهر ڪي طواف ڪندڙن ۽ اعتكاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدو ڪرڻ وارن لاءِ چڳيءَ طرح پاڪ ڪريو.

مسجدن ڪي صاف ڪرڻ جو حڪم آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! نماز ۽ **اعتكاف** جي لاءِ ڪعبهءِ مشرفه جي پاڪيزگي ۽ صفائيءَ جو پاڻ ربّ ڪعبه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان فرمان جاري ڪيو ويو آهي. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ مسجدن کي پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، اتي گندگي ۽ بدبودار شيءِ نہ آندي وڃي هي سنّتِ انبياء آهي. هي بہ معلوم ٿيو تہ اعتكاف عبادت آهي ۽ پوئين امتن جي نمازن ۾ رڪوع ۽ سجدا ٻئي هئا هي بہ معلوم

ٿيو تہ مسجدن جو متولي هئڻ گهرجي، ۽ متولي صالح (پرهيزگار) انسان هئڻ گهرجي. وڌيڪ فرمائن ٿا: طواف، نماز ۽ اعتڪاف گهڻيون پُراڻيون عبادتون آهن جيڪي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ بہ هيون.

(نور العرفان ص29)

ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف

ان ڪان پوءِ الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هيءُ معمول ٿي ويو تہ هر رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا ۽ انهيءَ سنّتِ ڪريمه کي زندهہ رکندي امهات المؤمنين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ بہ **اعتڪاف** فرمائيندڙ رهيون. جيئن تہ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (يعني آخري ڏهن ڏينهن) جو اعتڪاف فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ کين وفاتِ (ظاهري) عطا فرمائي پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ سندن ازواج مطهرات رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ **اعتڪاف** ڪنديون رهيون.

(صحيح بخاري ج1 ص664 حديث 2026)

عاشقن جي ڏن

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ اعتڪاف جا بيشمار فضائل آهن پر عاشقن جي لاءِ تہ ايتري ئي ڳالهہ ڪافي آهي جو آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف سنّت آهي. هي تصوُّر ئي ذوق وڌائيندڙ آهي تہ اسان پياري سرڪار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ پياري سنّت ادا ڪري رهيا آهيون.

عاشقن جي تہ ڏن اها ئي هوندي آهي تہ فلاڻو فلاڻو ڪم اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيو آهي بس ان لاءِ اسان کي بہ ڪرڻو آهي. پر عمل ڪرڻ جي لاءِ هي ضروري آهي تہ اسان جي لاءِ ڪا شرعي مُمانعت نہ هجي مثال طور اعتڪاف ۾ ڪٿ رکڻ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي پر اسان نہ ٿا رکي سگهون ڇو تہ نماز جي لاءِ جڳهہ جي تنگي بہ ٿيندي ۽ مسلمانن جي لاءِ فڪر جو باعث بہ.

ڏاچيءَ سان ڦيرا لڳائڻ جي حڪمت

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا تمام وڏا مُتبع سنّت هئا. انهن کي جڏهن بہ ڪا سنّت معلوم ٿي ويندي هئي تہ ان جي ادائيگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي سُستيءَ جو مظاهرو نہ فرمائيندا هئا. جيئن تہ "هڪ ڀيري ڪنهن جاءِ تي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڏاچيءَ سان ڦيرا لڳائي رهيا هئا، هي ڏسي ڪري ماڻهن کي تعجب ٿيو. پُڇڻ تي ارشاد فرمايائون: هڪ ڀيري مون مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هتي اهڙيءَ ريت ڪندي ڏٺو هو، تنهن ڪري اڄ مان انهيءَ جاءِ تي انهيءَ اداءِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ادا ڪري رهيو آهيان." (الشفاء ج2 ص 30)

بتاتا ہوں تم کو میں کیا کر رہا ہوں — میں پھیرے جو ناقے کو لگوا رہا ہوں
مجھے شاد مانی اسی بات کی ہے — میں سنّت کا ان کی مزا پا رہا ہوں

هڪ ڀيرو تہ اعتڪاف ڪري ئي وٺو!

آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت جا ديوانؤ! تي سگهي تہ هر سال نہ تہ زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو تہ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪري ئي ڇڏڻ

گهرجي ۽ هونئن بہ مسجد ۾ پيو رهڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ معتڪف جي تہ ڇا ڳالهہ آهي جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تمام مشغلن کان فارغ ڪري مسجد ۾ ديرو ڄمائيندو آهي. فتاوىٰ عالمگيري ۾ آهي،"**اعتڪاف** جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن ڇو تہ ان ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا جي انهن تمام مشغلن کان ڪناره ڪش ٿي ويندو آهي، جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قرب جي راهہ ۾ رڪاوٽ هوندا آهن ۽ معتڪف جو سمورو وقت حقيقت ۾ يا قاعدي موجب نماز ۾ گذرندو آهي. (ڇو تہ نماز جو انتظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکندو آهي) ۽ اعتڪاف جو اصلي مقصد جماعت سان نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽ معتڪف انهن (فرشتن) سان مشابهت رکندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجهہ ڪين حڪم ملندو آهي ان کي پورو ڪندا آهن، ۽ انهن سان مشابهت رکندو آهي جيڪي رات ۽ ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (يعني پاڪائي) بيان ڪندا رهندا آهن ۽ ان کان ڪيبائيندا ناهن."

(فتاوىٰ عالمگيري ج 1 ص 212)

هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي فضيلت

جيڪو رمضان المبارڪ کان سواءِ بہ رُڳو **هڪ ڏينهن** مسجد جي اندر اخلاص سان **اعتڪاف** ڪري ان جي لاءِ بہ زبردست ثواب جي بشارت آهي. جيئن تہ **اعتڪاف** جي ترغيب

ڏيارينديءَ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خوشنوديءَ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو **اعتڪاف** ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ ٽي خندقون (ڪاهيون) رڪاوٽ بڻائي ڇڏيندو، جن جو مفاصلو اوير ۽ اولهه جي مفاصلي کان به وڌيڪ هوندو.“ **(الدر المنثور ج1 ص 486)**

اڳين گناهن جي بخشش

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي ته سرڪارِ ابد قرار، شفيع روز شمار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي:

مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَهٗ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ

(جامع صغير ص 516 الحديث 8480)

ترجمو: ”جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا تمام پويان گناهه بخشيا ويندا.“

آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعتڪاف واري جاءِ

حضرتِ سيّدُنا نافع رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ چون ٿا ته حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماهِ رمضان جي **آخري ڏهاڪي** جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا. حضرتِ سيّدُنا نافع رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا مون کي مسجد ۾ اها جڳهه ڏيکاري جتي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعتڪاف فرمائيندا هئا.

(صحيح مسلم ص 597 حديث 1171)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! مسجد نبوي الشريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ جنهن جاءِ تي اسان جا مٿا مٿا آقا مڪي مدني مصطفٰى صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اعتڪاف جي لاءِ ڪجي شريف جي ڪانيءَ مان نهيل مبارڪ ڪٽ رکندا هئا. اتي يادگار جي طور هڪ مبارڪ ٽنيو"**اسطوانة السرير**" نالي اڄ به قائم آهي. خوش نصيب عاشق ان جي زيارت ڪندا آهن ۽ برڪت ماڻڻ جي لاءِ اتي نوافل ادا ڪندا آهن.

سڄي مهيني جو اعتڪاف

اسان جا پيارا پيارا ۽ رحمت وارا آقا، منا منا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ خاص طور تي رمضان شريف ۾ عبادت جو خوب اهتمام فرمائيندا هئا. جيئن ته **ماهِ رمضان** ۾ ئي **شبِ قدر** کي به پوشيده رکيو ويو آهي. تنهن ڪري هن مبارڪ رات جي ڳولا ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو **پوري ماهِ مبارڪ جو اعتڪاف** فرمايائون. جيئن ته **حضرتِ** سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي هڪ پيري سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهرين رمضان کان ويهين رمضان تائين **اعتڪاف** ڪرڻ کانپوءِ ارشاد فرمايو: مون شبِ قدر جي ڳولا جي لاءِ رمضان جي پهرئين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ مون کي ٻُڌايو ويو ته شبِ قدر آخري ڏهاڪي ۾ آهي تنهن ڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري وٺي." (صحيح مسلم ص594 حديث 1167)

ترڪي خيمي ۾ اعتڪاف

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، "سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ **ترڪي خيمي** جي اندر رمضان المبارڪ جي پهرين ڏهاڪي جو اعتڪاف

فرمايو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو، پوءِ متو مبارڪ ٻاهر ڪڍي فرمايائون،”مون **پهرين ڏهاڪي جو اعتڪاف** شبِ قدر جي ڳولا ڪرڻ لاءِ ڪيو، پوءِ انهيءَ مقصد جي تحت ٻئي **ڏهاڪي جو اعتڪاف** ٻه ڪيو پوءِ مون کي الله تعالى جي طرف کان هيءَ خبر ڏني ويئي ته شبِ قدر **آخري ڏهاڪي** ۾ آهي. تنهن ڪري جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪري. ان لاءِ ته مون کي پهريان شبِ قدر ڏيکاري وئي هئي پوءِ ان کي وساريو ويو ۽ هاڻي مون اهو ڏٺو آهي ته مان **شبِ قدر** جي صبح جو آلي متيءَ ۾ سجدو ڪري رهيو آهيان. تنهنڪري هاڻي توهان شبِ قدر کي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ تلاش ڪريو. حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته ان رات برسات تي ۽ مسجد شريف جي ڇتِ وهڻ لڳي. جيئن ته ايڪويهين رمضان المبارڪ جي صبح جو منهنجي اکين مني مني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ان حالت ۾ ڏٺو جو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيشاني مبارڪ تي پاڻي واري آلي متيءَ جو نشانِ عالي شان هو.

(مشڪوٰة شريف ج 1ص 392 حديث 2086)

اعتڪاف جو عظيم مقصد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه جيڪڏهن هر سال نه سهي گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو هن اداءِ مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ادا ڪندي پوري ماهِ رمضان المبارڪ جو اعتڪاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. رمضان المبارڪ ۾ اعتڪاف ڪرڻ جو سڀ کان وڏو

مقصد شبِ قدر جي ڳولا آهي ۽ راجح (يعني غالب) اهو ئي آهي تہ شبِ قدر رمضان المبارک جي آخري ڏهن ڏينهن جي اِڪي راتين ۾ هوندي آهي. هن حديثِ مبارک مان هي بہ معلوم ٿيو تہ ان پيري شبِ قدر ايڪيويهين رات هئي پر هي فرمائڻ تہ آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ ان کي تلاش ڪريو.“ هن ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ شبِ قدر هر سال بدلجندي رهي ٿي. يعني ڪڏهن ايڪويهين، ڪڏهن ٽيويهين، ڪڏهن پنجويهين، ڪڏهن ستاويهين تہ ڪڏهن اٺتيهين رات. مسلمانن کي شبِ قدر جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي ترغيب ڏياري ويئي آهي ڇو تہ معتڪف ڏهہ ڏينهن مسجد ۾ ئي پيو رهندو آهي ۽ انهن ڏهن ڏينهن ۾ ڪا هڪ رات شبِ قدر هوندي آهي. تنهن ڪري اهو هيءَ رات مسجد ۾ گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. هڪ ٻيو نُڪتو هن حديثِ پاڪ مان هي بہ معلوم ٿيو تہ رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاک، سيّاح افلاک صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿيءَ تي سجدو فرمايو. تڏهن تہ مٿيءَ جا خوشنصيب ذرا سَرورِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني پيشانيءَ سان بي تابيءَ وچان چنبڙي پيا هئا.

بغير رڪاوٽ جي زمين تي سجدو ڪرڻ مستحب آهي

الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ! اسان جا سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتريقدر سادگي پسند آهن، يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي حضور سجدي ۾ پنهنجي پيشاني خاڪ تي رکڻ ۽ پيشاني مبارک تي خاڪِ پاڪ جي ذرن جو چنبڙي پوڻ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام وڏي عاجزي آهي. فقهاءِ

ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: زمين تي بنا حائل (يعني مصلو، ڪپڙو وغيره نہ هجي ائين ئي) سجدو ڪرڻ مستحب آهي. (مراقي الفلاح حصو 3 ص 85) " مكاشفة القلوب " ۾ آهي،"حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ رُڳو مٿيءَ تي ئي سجدو ڪندا هئا." مكاشفة القلوب ص181)

ٻہ حج ۽ ٻن عمرن جو ثواب

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم كان روايت آهي تہ محمدِ مصطفیٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشنما آهي:

مَنِ اعْتَكَفَ فِيْ رَمَضَانَ كَانَ كَحَجَّتَيْنِ وَعُمْرَتَيْنِ۔

ترجمو:"جنهن رمضان المبارڪ ۾ (ڏهن ڏينهن جو) اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جيئن ٻہ حج ۽ ٻہ عمرا ڪيا."

(شعب الايمان ج2 ص 425 حديث 2966)

گناهن کان تحفظ

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سلطانِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تحفظ نشان آهي:

هُوَ يَعْكِفُ الذُّنُوْبَ يُجْرٰى لَهٗ مِنَ الْحَسَنَاتِ كَعَامِلِ الْحَسَنَاتِ كُلِّهَا۔

ترجمو:"اعتڪاف ڪرڻ وارو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ تمام نيڪيون لکيون ويندين آهن جيئن ان جي ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن."

(ابن ماجه ج 2 ص 365 حديث 1781)

بغير ڪجهہ ڪرڻ جي نيڪين جو ثواب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اعتڪاف جو هڪ تمام وڏو فائدو هي ٻہ آهي جو جيترا ڏينهن مسلمان اعتڪاف ۾ رهندو گناهن کان بچيل رهندو ۽ جيڪي

گناهه هو ٻاهر رهي ڪري ها انهن کان ٻه محفوظ رهندو. پر هي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت آهي جو ٻاهر رهي ڪري جيڪي نيڪيون هو ڪندو هو، اعتڪاف جي حالت ۾ جيتوڻيڪ هو انهن کي ڪري نٿو سگهي پر پوءِ به ان جي نامهءِ اعمال ۾ بدستور لکيون ويندين ۽ ان کي ان جو ثواب به ملندو رهندو. مثال طور ڪو اسلامي ڀاءُ مريضن جي عيادت ڪندو هو، ۽ **اعتڪاف** جي سبب کان اهو ڪم نه ڪري سگهيو ته اهو ان جي ثواب کان محروم نه ٿيندو بلڪ ان کي اهڙو ئي ثواب ملندو رهندو جيئن هو پاڻ ان کي انجام ڏيندو رهيو هجي.

روزانو حج جو ثواب

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان منقول آهي،"معتڪف کي هر روز **هڪ حج جو ثواب** ملندو آهي."

(شعب الايمان ج3 ص 425 حديث 3968)

اعتڪاف جي تعريف

"مسجد ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي لاءِ اعتڪاف جي نيّت سان ترسڻ اعتڪاف آهي". هن جي لاءِ مسلمان جو عاقل ۽ جنابت ۽ حيض کان پاڪ هجڻ شرط آهي. بالغ هجڻ شرط ناهي نابالغ به جيڪو تميز رکي ٿو، جيڪڏهن **اعتڪاف** جي نيّت سان مسجد ۾ ترسي ته ان جو **اعتڪاف** صحيح آهي.

(عالمگيري ج 1 ص 211)

اعتڪاف جي لفظي مني

اعتڪاف جي لُغوي معنيٰ آهي،**"ڌرڻو هڻڻ"** مطلب هي ته **معتڪف الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ عظمت ۾ ان جي عبادت تي سندرو ٻَڌي ڌرڻو هڻي پيو رهي ٿو. ان جي اها ئي ڏُن هوندي آهي ته ڪهڙي طرح

بہ ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي تي وڃي.

هاڻي تہ غنيءَ جي در تي بسترو وڇائي ڇڏيو آهي

حضرتِ سيّدُنا عطاء خُراساني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا مُعْتَكِف جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو الله تعالىٰ جي در تي اچي پيو هجي ۽ هي چئي رهيو هجي "يا الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ! جيستائين تون منهنجي مغفرت نہ فرمائيندين مان هتان کان نہ هٽندس." (شعب الايمان ج 3 ص 426 حديث 3970)

ہم سے فقیر بھی اب پھیری کو اٹھتے ہوں گے
اب تو غنی کے در پر بستر جمادیئے ہیں (حدائقِ بخشش)

اعتكاف جا قسم

اعتكاف جا ٽي قسم آهن (1) **اعتكافِ واجب** (2) **اعتكافِ سنت** (3) **اعتكافِ نفل**.

اعتكافِ واجب

اعتكاف جي نذر (يعني باس) باسي. يعني زبان سان چيو تہ: "مان **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ فلاڻي ڏينهن يا هيترن ڏينهن جو **اعتكاف** ڪندس." تہ هاڻي جيترن بہ ڏينهن جو چيو اوترن ڏينهن جو **اعتكاف** واجب ٿي ويو. هيءَ ڳالهہ خاص طور تي ياد رکو تہ جڏهن بہ ڪنهن قسم جي **باس** باسي وڃي ان ۾ هي شرط آهي تہ **باس** جا الفاظ **زبان** سان ادا ڪيا وڃن. رُڳو دل ئي دل ۾ **باس** جو ارادو يا نيّت ڪري ڇڏڻ سان **باس** صحيح ناهي ٿيندي. (اهڙي باس جو پورو ڪرڻ واجب ناهي هوندو) (ردالمحتار ج 3 ص 430)

اعتكافِ سنت

باس جو **اعتكاف** مرد مسجد ۾ ڪري عورت **مسجدِ بيت** ۾. هن ۾ روزو بہ شرط آهي.

(عورت گهر ۾ جيڪا جڳهه نماز جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏي ان کي ”مسجدِ بيت“ چوندا آهن.) **رمضان** المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ” سنَّتِ مُؤَكَّدَه عَلَى الْكِفايه “ آهي. (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 430) يعني پوري شهر مان ڪنهن هڪ ڪري ڇڏيو تہ سيني جي طرفان ادا ٿي ويو ۽ جيڪڏهن ڪنهن هڪ بہ نہ ڪيو تہ سيئي مجرم ٿيا.

(بهارِ شريعت حصو پنجون ص 152)

هن اعتڪاف ۾ هي ضروري آهي تہ رمضان المبارڪ جي **ويهين** تاريخ جو سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد جي اندر **اعتڪاف جي نِيَّت** سان موجود هجي ۽ **اڻتيهين** جي چنڊ کان پوءِ يا **ٽيهين** جي سج لهڻ کان پوءِ مسجد کان ٻاهر نڪري. (بهار شريعت حصو پنجون ص 151)

جيڪڏهن 20 رمضان المبارڪ جو سج لهڻ کان پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو تہ **اعتڪاف** جي سنّت مُؤَكَّده ادا نہ ٿي بلڪ سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد ۾ داخل تہ ٿي چُڪو هو پر **نيت** ڪرڻ وساري ويو يعني دل ۾ **نيّت** ئي نہ هئي (نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن) تہ هن صورت ۾ بہ **اعتڪاف** جي سنّت مُؤَكَّده ادا نہ ٿي. جيڪڏهن سج لهڻ کان پوءِ **نِيَّت** ڪئي تہ **نفلي اعتڪاف** ٿي ويو. دل ۾ نِيَّت ڪري ڇڏڻ ئي ڪافي آهي. زبان سان چوڻ شرط ناهي. جڏهن تہ دل ۾ نِيَّت جو حاضر هجڻ ضروري آهي ان سان گڏوگڏ زبان سان بہ چئي ڇڏڻ وڌيڪ بهتر آهي.

اعتڪاف جي نيت هن طرح ڪريو

”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي سنّتِ

اعتكاف جي نيّت ڪريان ٿو.“

اعتكاف نفل

باس ۽ سنّتِ مُؤَڪَّده ڪان علاوه جيڪو اعتكاف ڪيو وڃي اهو مستحب (يعني نفلي) ۽ سنّتِ غير مُؤَڪَّده آهي. **(بهارِ شريعت حصو 5 ص 152)**

هن جي لاءِ نہ روزو شرط آهي نہ ڪو وقت جو قيد جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو **اعتكاف** جي نِيَّت ڪري ڇڏيو. جيستائين مسجد ۾ رهندؤ ڪجهہ پڙهو يا نہ پڙهو اعتكاف جو ثواب ملندو رهندو. جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرندؤ **اعتكاف** ختم ٿي ويندو. منهنجا آقا اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مذهبِ مفتىٰ بهٖ تي (نفلي) اعتكاف جي لاءِ روزو شرط ناهي ۽ هڪ گهڙيءَ جو بہ ٿي سگهي ٿو جڏهن کان داخل ٿيو ٻاهر اچڻ تائين (جي لاءِ) اعتكاف جي نِيَّت ڪري وٺي، نماز جي انتظار ۽ اداءِ نماز سان گڏوگڏ اعتكاف جو بہ ثواب ماڻيندو. **(فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 5 ص 674)** هڪ ٻئي جاءِ تي فرمائن ٿا:”جڏهن مسجد ۾ وڃي اعتكاف جي نِيَّت ڪري ڇڏي، جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتكاف جو بہ ثواب حاصل ڪندو.“ **(فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 8 ص 98)** **اعتكاف** جي نِيَّت ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي. نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، جيڪڏهن دل ۾ ئي اوهان ارادو ڪري ڇڏيو تہ ”مان **سنّتِ اعتكاف** جي نِيَّت ڪريان ٿو.“ اهو ئي ڪافي آهي ۽ جيڪڏهن دل ۾ نِيَّت حاضر آهي ۽ زبان سان بہ اهي ئي الفاظ ادا ڪري ڇڏيو تہ وڌيڪ بهتر آهي، پنهنجي **مادري زبان** ۾ بہ نِيَّت ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن

عربي ۾ **نِيَّت** ياد ڪري ڇڏيو ته وڌيڪ مناسب آهي. ٿي سگهي ته توهان هيءَ عربي نِيَّت ياد ڪري ڇڏيو: جيئن ته "الملفوظ "حصو 2 ص 272 تي آهي:

نَوَيْتُ سُنَّةَ الْاِعْتِكَاف

ترجمو: مون سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي.

مسجِدُ النَّبَوِيّ الشَّريف عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قديم ۽ مشهور دروازي "باب الرحمة" مان داخل ٿيو ته سامهون ئي ٿنيو مبارڪ آهي ان تي يادگيري جي لاءِ قديم زماني کان نمايان طور تي نَوَيْتُ سُنَّةَ الْاِعْتِكَاف لکيل آهي.

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن به توهان ڪنهن عبادت مثال طور نماز، روزو، احرام، طوافِ ڪعبه وغيره جي عربي ۾ نِيَّت ڪريو ته هن ڳالهه جو خاص خيال رکو ته هن عربي عبارت جي معنيٰ به توهان سمجهي رهيا هجو ڇو ته نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن جيڪڏهن توهان رٽو هٽي "عربي نِيَّت" جا الفاظ ادا ڪري ڇڏيا يا ڪتاب مان ڏسي ڪري پڙهي ورتا ۽ ڏيان ڪنهن ٻئي طرف لڳل هيو ۽ ارادو دل ۾ موجود نه هيو ته نِيَّت شروع کان ٿيندي ئي نه. مثال طور توهان مسجد ۾ داخل ٿي "نَوَيْتُ سُنَّةَ الْاِعْتِكَاف" چئو ته دل ۾ به ارادو هجڻ لازمي آهي ته مان هن **اعتڪاف** جي نِيَّت ڪري رهيو آهيان ۽ هيءَ ڳالهه خاص طور تي ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته هيءُ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ناهي هيءُ **نفلي اعتڪاف** آهي ۽ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به ڪري سگهجي ٿو.

توهان جڏهن بہ مسجد مان ٻاهر نڪرندؤ هي **نفلي اعتڪاف** انهيءَ وقت ختم ٿي ويندو.

مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ

ياد رکو! مسجد جي اندر ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي شرعي طور تي اجازت ناهي، جيڪڏهن **اعتڪاف** جي نِيَّت هئي تہ ضمنًا ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي اجازت بہ ٿي ويندي. اسان وٽ اڪثر مسجدن ۾ درود و سلام وغيره جو ورد ٿيندو آهي پوءِ پاڻيءَ تي دم ڪري اسان جا اسلامي ڀائر ان کي تبرڪ جي طور تي پيئندا آهن. بيشڪ هيءُ هڪ تمام سنو عمل آهي. پر ڪنهن اسلامي ڀاءَ کي **اعتڪاف** جي نيّت نہ هجي تہ اهو مسجد ۾ هي پاڻي نہ ٿو پي سگهي. اهڙيءَ طرح رمضان المبارڪ ۾ مسجد جي اندر جنهن اعتڪاف جي نيّت ڪئي هئي اهو ئي مسجد جي اندر رمضان المبارڪ ۾ افطار ڪري سگهي ٿو. مسجد الحرام شريف ۾ بہ **آبِ زم زم** شريف پيئڻ، افطار ڪرڻ يا سمهڻ جي لاءِ اعتڪاف جي نِيَّت هجڻ گهرجي. مسجد النبوي شريف عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ بہ **بغير نيّتِ اعتڪاف** جي پاڻي وغيره نہ ٿا پي سگهو. هتي هيءَ ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏڻ ضروري آهي تہ اعتڪاف جي نيّت رُڳو ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي لاءِ نہ ڪئي وڃي بلڪ ثواب جي لاءِ ڪئي وڃي. ردالمحتار (شامي) ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيّت ڪري ڇڏي. ڪجهہ دير ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري. (يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پيئي يا

سمهي سگهي ٿو.) (ردالمحتار ج 2 ص 435)

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان دنيا جي مختلف ملڪن جي جدا جدا شهرن ۾ اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرفان باقاعده تربيتي جدوَل پيش ڪيو ويندو آهي. انهن معتڪفين جي لاءِ نيّتن جي فهرست حاضر ڪئي آهي. جيڪي اجتماعي اعتڪاف ڪان الڳ هجن، اهي بہ ضرورت موجب نيّتون ڪري پنهنجي ثواب ۾ اضافي جي ترڪيب فرمائن.

اجتماعي اعتڪاف جون 41 نيّتون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ ”مسلمان جي نِيَّت ان جي عمل کان بهتر آهي .“ (طبراني معجم ڪبير حديث 5942 ج6 ص 185)

پنهنجي اعتڪاف جي عظيمُ الشّان نيڪي سان گڏ وڌيڪ سنيون سنيون نيّتون شامل ڪري ثواب ۾ خوب اضافو ڪريو. مڪتبة المدينه جي طرفان شايع ڪيل ڪاردِ مان سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان ڪيل مسجد ۾ وڃڻ جي 40 نيّتن سان گڏوگڏ وڌيڪ هي نيّتون ڪري گهر مان نڪرو، (مسجد ۾ اچي ڪري بہ حال موجب نيّتون ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن بہ سنيون سنيون نيّتون ڪريو ثواب جي نيّت پيشِ نظر رکندا ڪريو.)

﴿1﴾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهه ڏينهن (يا پوري مهيني) جي سنّتِ اعتڪاف جي لاءِ وڃي رهيو آهيان. ﴿2﴾ تصوف جي انهن مدني اصولن (الف) تقليلِ طعام (يعني گهٽ کائڻ) (ب) تقليلِ ڪلام

(يعني گهٽ ڳالهائڻ) (ج) تقليلِ مَنام (يعني گهٽ سمهڻ) جي پابندي ڪندس. ﴿3﴾ روزانو پنج ئي نمازون پهرين صف ۾ ﴿4﴾ تڪبير اولىٰ سان ﴿5﴾ باجماعت ادا ڪندس ﴿6﴾ هر اذان ۽ ﴿7﴾ هر اقامت جو جواب ڏيندس ﴿8﴾ هر پيري اول ۽ آخر درود شريف سان گڏ اذان ڪانپوءِ جي دعا پڙهندس. ﴿9﴾ روزانو تهجد ﴿10﴾ اشراق ﴿11﴾ چاشت ۽ ﴿12﴾ اوابين جا نوافل ادا ڪندس ﴿13﴾ تلاوت ۽ ﴿14﴾ درود شريف جي ڪثرت ڪندس ﴿15﴾ روزانو رات جو سورة الملڪ پڙهندس يا ٻُڌندس ﴿16﴾ گهٽ ۾ گهٽ اڪي راتين ۾ صلوٰة التسبيح ادا ڪندس ﴿17﴾ تمام سنّتن ۾ پريي حلقن ۽ ﴿18﴾ بيانات ۾ اول ڪان آخر تائين شرڪت ڪندس ﴿19﴾رشتيدارن ۽ ملاقاتين کي به **انفرادي ڪوشش** ڪري سنّتن ۾ پرئي حلقن ۾ ويهاريندس. ﴿20﴾زبان تي **قفلِ مدينه** لڳائيندس يعني فضول گوئي کان بچندس ۽ ممڪن ٿيو ته ان سني نيّت سان ضروري ڳالهه به پوري ڪوشش ڪري لکي ڪري يا اشاري سان ڪندس ته جيئن فضول يا بُرين ڳالهين ۾ نه وڃي پوان يا گوڙ جو سبب نه بڻجي وڃان ﴿21﴾ مسجد کي هر طرح جي بدبوءِ کان بچائيندس ﴿22﴾ مسجد ۾ نظر اچڻ وارا ڪک ۽ وارن جا ڇُڳا ڪٽندو رهڻ جي لاءِ پنهنجي ڪيسي ۾ شاپر رکندس. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مسجد مان تڪليف جي شيءِ ڪڍي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر بڻائيندو. (سنن ابن ماجه ج1 ص 419 حديث 757) ﴿23﴾ پنهنجي پگهر، وات جي ڳِگ وغيره جي گدلاڻ کان مسجد جي فرش

يا فراسيءَ کي بچائڻ جي لاءِ رُڳو پنهنجي چادر يا تڏيءَ تي ئي سمهندس. ﴿24﴾ حيا جي نيّت سان سمهڻ ۾ **پردي ۾ پردي** جو هر طرح کان خيال رکندس (سمهڻ وقت شلوار تي گوڏ ٻڌي ڪري، مٿان کان چادر اوڍڻ فائديمند آهي، مدني قافلي ۾، گهر ۾ ۽ هر جڳهه تي ان جو خيال رکڻ گهرجي) ﴿25﴾ وضوخانو فناءِ مسجد ۾ هئڻ جي صورت ۾ (جيڪڏهن ڪو وضو جي لاءِ منتظر هجي تہ جڳهه کان هٽي ڪري تيل ڦٽي ڪريو) تيل ڦٽي اتي ڪندس ۽ جيڪي وار ڇٽندا اهي ڪٽندس ﴿26﴾ بغير اجازت جي ڪنهن جي ڪا شيءِ مثال طور استنجاءِ خاني وڃڻ جي لاءِ ٻين جي چپل وغيره استعمال نہ ڪندس بلڪ ﴿27﴾ چپل، چادر وهاڻو وغيره ڪنهن شيءِ جي لاءِ ٻين کان سوال بہ نہ ڪندس ﴿28﴾ ڪاڏو فناءِ مسجد ۾ اهو بہ ڪاڏي جي مخصوص فراسيءَ تي ڪائيندس، نماز جي لاءِ وڃايل فراسيءَ تي هرگز نہ ڪائيندس ﴿29﴾ ڪاڏو گهٽ هئڻ جي صورت ۾ ايثار جي نيّت سان آهستي آهستي ڪائيندس تہ جيئن ٻيا اسلامي ڀائر وڌيڪ ڪائي سگهن. ايثار جو ثواب بيشمار آهي، جيئن تہ تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: ”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي حاجت هجي ٻئي کي ڏيئي ڇڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779) ﴿30﴾ پيٽ جو **قفلِ مدينه** لڳائيندس يعني خواهش کان گهٽ ڪائيندس. ﴿31﴾ جيڪڏهن ڪنهن ڏاڍائي ڪئي تہ صبر ڪندس ۽ ﴿32﴾ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ مُعاف ڪندس ﴿33﴾ پاڙيسري

معتڪف سان حُسنِ سلوڪ ڪندس. ﴿34﴾ پنهنجي اعتڪاف جي حلقي جي **نگران** جي اطاعت ڪندس﴿35﴾ **فڪرِ مدينه** ڪندي روزانو **مدني انعامات** جو ڪاردِ پريندس ﴿36﴾ اسلامي ڀائرن جي سامهون مُرڪي مُرڪي ڪري صدقو ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس ﴿37﴾ ڪو منهنجي طرف ڏسي ڪري مُرڪندو تہ هيءَ دعا پڙهندس: اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ يعني (الله عَزَّوَجَلَّ توکي ڪِلندو رکي) ﴿38﴾ پنهنجي لاءِ، گهروارن، ساٿين ۽ سڄي امت جي لاءِ دعائون ڪندس ﴿39﴾ جيڪڏهن ڪو معتڪف بيمار ٿي پيو تہ ممڪن حد تائين ان جي دلجوئي ۽ خدمت ڪندس ﴿40﴾ پيرسن معتڪفين سان تمام گهڻو حُسنِ سلوڪ ڪندس. ﴿41﴾ دورانِ اعتڪاف توفيق آهر لنگرِ رسائل ورهائيندس (هر معتڪف اسلامي ڀاءَ جي خدمت ۾ درد پري مدني التجا آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 25 روپين جا مڪتبة المدينه جا رسالا يا سنّتن پرئي مدني گلن جا مدني پمفليٽ ضرور تقسيم فرمائن ۽ جيڪڏهن حيثيت هجي تہ وڌيڪ تقسيم ڪن . اچڻ وارن ملاقاتين کي سنّتن پرئي بيان جي ڪيسيٽ يا رسالو يا گهٽ ۾ گهٽ مدني گلن جو هڪ پمفليٽ ضرور تحفي ۾ پيش ڪيو وڃي جو رمضان المبارڪ ۾ ثواب وڌيڪ ملندو. ورهائڻ ۾ بد نظمي نہ ٿئي ان جو خيال رکڻ ضروري آهي)

اعتڪاف ڪهڙي مسجد ۾ ڪجي؟

اعتڪاف جي لاءِ سيني مسجدن کان مسجد الحرام شريف افضل آهي. پوءِ **مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پوءِ **مسجدِ اقصيٰ** شريف (بيت المقدس) پوءِ اهڙي مسجد جنهن ۾ پنج وقتي نماز باجماعت ٿيندي هجي. جيڪڏهن جامع مسجد ۾ جماعت نہ ٿيندي

هجي تہ پوءِ پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ اعتڪاف ڪرڻ افضل آهي. (فتح القدير ج 2 ص 308) **جامع مسجد** هجڻ اعتڪاف جي لاءِ شرط ناهي بلڪ جماعت واري مسجد ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. جماعت واري مسجد اها آهي جنهن ۾ امام ۽ مُؤَذّن مقرر هجن جيتوڻيڪ ان ۾ پنج وقت نماز نہ ٿيندي هجي ۽ آساني انهيءَ ۾ آهي جو عام طور تي هر مسجد ۾ **اعتڪاف** صحيح آهي. جيتوڻيڪ اها جماعت واري مسجد نہ هجي. (ردالمحتار ج 3 ص 429) خاص ڪري هن زماني ۾ تہ ڪجهہ مسجدون اهڙيون آهن جو جن ۾ نہ امام آهن نہ مُؤَذّن.

(بهارِ شريعت حصو 5 ص 151)

معتڪف ۽ احترام مسجد

پيارا معتڪف اسلامي ڀائرو! جيئن تہ توهان کي ڏهہ ڏينهن مسجد ۾ ئي گذارڻا آهن. ان لاءِ مناسب اهو ئي آهي تہ ڪجهہ ڳالهيون احترامِ مسجد جي متعلق سکي ڇڏيو. اعتڪاف جي دوران مسجد جي اندر ضرورت موجب دنياوي ڳالهہ ڪرڻ جي اجازت آهي پر هلڪي آواز سان ۽ احترامِ مسجد کي ڌيان ۾ رکندي ڳالهہ ڪريو. هي نہ ٿيڻ گهرجي جو توهان رڙيون ڪري ڪنهن اسلامي ڀاءَ کي سڏي رهيا هجو ۽ اهو بہ توهان کي رڙيون ڪري جواب ڏئي رهيو هجي، ”اڙي اوءِ“ ۽ شور شرابي سان مسجد گونجي رهي هجي. هي انداز ناجائز ۽ گناهہ آهي. ياد رکو! مسجد ۾ بنا ضرورت دنياوي ڳالهہ ٻولهہ جي **معتڪف** کي بہ اجازت ناهي.

انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ سان ڪو ڪم ناهي

سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذي شان آهي:

يَأْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ يَكُوْنُ حَدِيْثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ فَلَا تُجَالِسُوْهُمْ فَلَيْسَ لِلّٰهِ فِيْهِمْ حَاجَةٌ۔

(شعب الايمان ج 3 ص 87 حديث 2962)

ترجمو: ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون، توهان انهن سان نہ ويهو جو انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ سان ڪو ڪم ناهي.

الله تنهنجي گم ٿيل شيءِ نہ ملائي

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

مَنْ سَمِعَ رَجُلًا يَنْشُدُ ضَالَّةً فِي الْمَسْجِدِ فَقُوْلُوْا لَارَدَّهَا اللّٰهُ عَلَيْكَ فَاِنَّ الْمَسَاجِدَ لَمْ تُبْنَ لِهٰذَا

(صحيح مسلم ج 1 ص 284 حديث 568)

ترجمو: جيڪي ڪنهن کي مسجد ۾ با آواز بلند گم ٿيل شيءِ ڳولينديءُ ٻڌن تہ چون، "الله عَزَّوَجَلَّ اها گم ٿيل شيءِ تو کي نہ ملائي." ڇو تہ مسجدون ان ڪم جي لاءِ نہ بڻايون ويون آهن.

مسجد ۾ جتيون تلاش ڪندو رهڻ

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو پنهنجيون جُتيون يا ڪا بي شيءِ گم ٿي وڃڻ تي مسجد ۾ شور ڪندي ڳولينديا وتندا آهن انهن کي بيان ڪيل حديثِ مبارڪ مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. معلوم ٿيو تہ

هر ان ڪم کان مسجد کي بچائڻ ضروري آهي، جنهن سان مسجد جو تقدس پامال ٿيندو هجي. دنياوي ڳالهيون، کل مذاق ۽ انهيءَ قسم جي واهيات ڳالهين جي لاءِ مسجدون ناهن بڻايون ويون بلڪ مسجدون تہ عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ بڻايون ويون آهن. مسجد ۾ بلند آواز سان گفتگو ڪرڻ کي صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪيڏو ناپسند ڪندا آهن ان جو هن روايت مان اندازو لڳايو، جيئن تہ

تہ توهان کي سزا ڏيان ها

حضرتِ سيّدُنا سائب بن يزيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، مان مسجد ۾ بيٺو هئس تہ مون کي ڪنهن پٿري هنئي. مون ڏٺو تہ اهي حضرتِ سيّدُنا اميرالمؤمنين عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هئا. انهن مون کي (اشارو ڪري) فرمايو: ”انهن ٻنهي شخصن کي مون وٽ وٺي اچو!“. مان انهن ٻنهي کي وٺي آيس. حضرتِ سيّدُنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهن کان استفسار فرمايو، ”توهان ڪهڙي شهر سان ٿا تعلق رکو؟ عرض ڪيائون، طائف سان.“ فرمايائون، ”جيڪڏهن توهان مدينهءِ منوره جا رهڻ وارا هجو ها (جو تہ اهي مسجد جا آداب بخوبي ڄاڻين ٿا) تہ مان توهان کي ضرور سزا ڏيان ها (جو تہ) توهان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند ٿا ڪريو!

(صحيح بخاري ج1 ص178 حديث 470)

مباح ڪلام نيڪين کي ڪائي ڇڏيندو آهي

حضرت سيّدُنا مُلّا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي، محقق علي الاطلاق شيخ ابن هُمام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ السَّلَام جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا:

اَلْكَلَامُ الْمُبَاحُ فِي الْمَسْجِدِ مكروهٌ يَاكُلُ الْحَسَنَاتِ۔

ترجمو: ”مسجد ۾ مباح (يعني جائز) ڳالهائڻ مڪروهِ (تحريمي) آهي ۽ نيڪين کي کائي ڇڏيندو آهي.“

(مرقاة المفاتيح ج 2 ص 449)

سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

اَلضَّحْكُ فِي الْمَسْجِدِ ظُلْمَةٌ فِي الْقَبْرِ

ترجمو: ”مسجد ۾ ڪِلڻ قبر ۾ اونداهي (آڻيندو) آهي.“

(الجامع الصغير 322 حديث 5231)

قبر ۾ اونداهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿي ڄاڻايل روايتن کي هرهر پڙهو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏکي وجو! ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مسجد ۾ داخل تہ ثواب ڪمائڻ لاءِ ٿيو پر خوب ڪِلي ڳالهائي سيئي نيڪيون برباد ڪري ئي ٻاهر نڪرو ڇو جو مسجد ۾ دنيا جي جائز ڳالهہ بہ نيڪين کي کائي ڇڏيندي آهي. تنهن ڪري مسجد ۾ پُرسُڪون ۽ خاموش رهو. بيان بہ ڪريو يا ٻُڌو تہ سنجيدگيءَ سان، ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ٿئي جنهن سان ماڻهن کي ڪِل اچي. نہ پاڻ ڪِلو نہ ماڻهن کي ڪِلڻ ڏيو جو مسجد ۾ ڪِلڻ قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي. ها ضرورت جي وقت مُرڪڻ منع ناهي. مسجد جي احترام جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻُڌايان ٿو: جيئن تہ

مفتيءِ دعوت اسلامي جو اعتڪاف

حَويليان ڪينٽ (سرحد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر 52 سال) جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ مان سڄو سارو گناهن ۾

بُڏل هئس، ٻار جوان ٿي چُڪا هئا، پوءِ بہ فيشن جو پوت نہ لٿو هو. ماهِ رمضان المبارک ۾ باب المدينہ ڪراچي مان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** جو 30 ڏينهن جو مدني قافلو **حويليان** تشريف کڻي آيو. ان **مدني قافلي** جي خصوصيّت اها هئي تہ ان ۾ دعوتِ اسلامي جي مجلسِ شوريٰ جا رڪن **مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج محمد فاروق عطاري مدني** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِى بہ شريڪ هئا. منهنجو وڏو پٽ مون کي **مدني قافلي** وارن **عاشقانِ رسول** سان ملائڻ وٺي ويو. **مفتيءِ دعوت اسلامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِى جي انفرادي ڪوشش سان مان سندن مدني قافلي سان گڏ آخري ڏهاڪي ۾ مُعْتَكِف ٿي ويس. **مفتيءِ دعوتِ اسلامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِى جي حُسنِ اخلاق منهنجي دل کڻي ورتي، ٻين **عاشقانِ رسول** بہ مون تي خوب انفرادي ڪوشش ڪئي. ايتري تائين جو مون جهڙو سخت دل انسان بہ ميڻ ٿي ويو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. مون فيشن کان منهن موڙيو، سنّتن سان رشتو جوڙيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ ڇڏيم. بُرائين کان ناتو ٽوڙيم ۽ پرپور طريقي سان مدني ماحول سان تعلق ڳنڍيم. مطلب تہ مون گناهن کان توبهہ ڪري ورتي، ڏاڙهي رکي ڇڏيم ۽ **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجائي ورتم. هاڻي منهنجي ڪوشش اها هوندي آهي تہ جيڪا بہ سنّت معلوم ٿي وڃي ان تي عمل ڪريان. هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ جي لاءِ تنظيمي طور تي **حلقي سطح جو ذميدار** آهيان.

آئیں گی سنّتیں جائیں گی فیشنیں نیکیاں بھی ملیں کیجئے اعتِکاف
بَرَکتیں پائیں گے اور سُدھر جائیں گے مَدَنی ماحول میں کیجئے اعتِکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مفتيءِ دعوت اسلامي وفات کانپوءِ بہ مدني قافلي جي دعوت

مفتيءِ دعوتِ اسلامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی جي بہ چا ڳالھ ڪجي! مدني ماحول ۾ رهي ڪري پاڻ مدني قافلن ۾ خوب سفر ڪيائون ۽ بي شمار اسلامي پائرن جي اصلاح ڪري پنهنجي لاءِ ثواب جاريه جو ذخيرو ڪري 18 محرم الحرام 1427 ھ 17-02-2006 جو جمعي نماز کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويا ۽ هينئر دنيا مان وڃڻ کان بعد بہ خواب ۾ اچي ڪري انفرادي ڪوشش جي ذريعي هڪ اسلامي ڀاءَ کي مدني قافلي جو مسافر بڻائي ڇڏيائون ۽ پوءِ مدني قافلي ۾ پهچي ڪري بہ ان کي جلوو ڏيکاريائون ۽ باذن الله عَزَّوَجَلَّ مثاني جي بيماريءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريائون، جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان آهي، منهنجي مثاني ۾ ڪجهہ عرصي کان تڪليف هئي، مون خواب ۾ حضرت قبله مفتيءِ دعوتِ اسلامي مولانا محمد فاروق عطاري مدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی جي زيارت ڪئي، پاڻ مون کي مدني قافلي ۾ سفر جو حڪم فرمايائون. مون سفر جي نيّت ڪري ڇڏي پر جمادي الاولیٰ (1427ھ) تي سفر نہ ڪري سگهيس. 24 جمادي الآخر (1427 ھ) جو مون تي روزه مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيو. قافلي واري مسجد ۾ پهچي ڪري جڏهن ليٽيس

تہ **مفتيءِ دعوتِ اسلامي** قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی منهنجي خواب ۾ تشريف کٽي آيا، ان وقت پاڻ **پردي ۾ پردو** ڪري (يعني جهوليءَ ۾ چادر ڦهلائي ڪري رانون وغيره لڪائي) تشريف فرما هئا ۽ ڪجهه ملفوظات کان نوازي رهيا هئا جيڪو مان سمجهي نہ سگهيس. جڏهن کان مدني قافلي کان واپس آيو آهيان. هي بيان ڏيڻ وقت تقريبًا هڪ هفتو ٿي چُڪو آهي. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مون کي مثاني جي تڪليف کان نَجات ملي چُڪي آهي.**

درد گرچہ تمہارے مَثانے میں ہے، نَفع پر آخِرت کے بنانے میں ہے
کہتے فاروق ہیں قافِلے میں چلو سب مُبلّغ کہیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

"بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" جي اٽويهه اکرن جي نسبت سان مسجد جي متعلق 19 مدني گل

مدينه 1: مروي آهي تہ هڪ مسجد پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪرڻ هلي تہ ماڻهو مون ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن. فرشتا ان کي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انهن (مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ وارن) کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهيون.

(فتاویٰ رضويه ج16 ص 312)

مدينه 2: روايت ڪئي وئي آهي تہ جيڪي ماڻهو غيبت ڪندا آهن (جيڪا سخت حرام ۽ زنا کان بہ اشد آهي) ۽ جيڪي ماڻهو مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن انهن جي وات مان گندي بدبوءِ نڪرندي آهي جنهن سان فرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪندا

آهن.“سبحٰن الله جڏهن مباح ۽ جائز ڳالهه بغير شرعي ضرورت جي ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ ويهڻ تي هي آفتون آهن تہ (مسجد ۾) حرام ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ جو ڇا حال هوندو! (ايضًا)

مدينه 3: درزيءَ کي اجازت ناهي جو مسجد ۾ ويهي ڪپڙا سبي. ها جيڪڏهن ٻارن کي روڪڻ ۽ مسجد جي حفاظت جي لاءِ وينو تہ حرج ناهي. اهڙيءَ طرح ڪاتب کي(مسجد ۾) اجرت تي ڪتابت ڪرڻ جي اجازت ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 110)

مدينه 4: مسجد جي اندر ڪنهن قسم جو گند ڪچرو هرگز نہ اڇلايو، سيّدُنا شيخ عبدالحق مُحَدّث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى ”جذبُ القلوب“ ۾ نقل ڪن ٿا تہ مسجد ۾جيڪڏهن خَس (يعني معمولي ڪک يا ذرو) بہ اڇليو وڃي تہ ان سان مسجد کي ايتريقدر تڪليف پهچندي آهي جيتريقدر تڪليف انسان کي پنهنجي اک ۾ ڪک (يعني معمولي ذرو) پئجي وڃڻ سان ٿيندي آهي. (جذب القلوب ص 257)

مدينه 5: مسجد جي ديوار، ان جي فرش، تڏي يا فراسيءَ جي مٿان ۽ ان جي هيٺان ٿوڪڻ، نڪ سڻڪڻ، نڪ يا ڪن مان گند ڪڍي لڳائڻ، مسجد جي فراسيءَ يا تڏيءَ مان ڏاڳو يا تيلو وغيره ڪڍڻ سڀ ممنوع آهي.

مدينه 6: ضرورت جي وقت پنهنجي رومال وغيره سان نڪ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

مدينه 7: مسجد جو ڪچرو ٻُهاري اهڙي جاءِ تي نہ اڇلايو جتي بي ادبي ٿئي.

مدينه 8: **جُتيون** لاهي مسجد ۾ ساڻ ڪٽي وڃڻ چاهيو تہ مٽي وغيره ٻاهر ڇنڊي وڻو. جيڪڏهن پيرن جي تِرين ۾ مٽيءَ جا ذرا لڳل هجن تہ پنهنجي رومال وغيره سان اگهي پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو.

مدينه 9 : مسجد جي وضو خاني تي وضو ڪرڻ کان پوءِ پير وضو خاني تي ئي چڱيءَ طرح خشڪ ڪري ڇڏيو. آلا پير ڪٽي هلڻ سان مسجد جو فرش گندو ۽ فراسيون ميريون ۽ خراب ٿي ويندیون آهن.

هاڻي منهنجي آقا اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مجددِ دين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي ملفوظاتِ شريفہ مان ڪجهہ مسجد جا آداب پيش ڪيا وڃن ٿا:

مدينه 10: **مسجد** ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان ڊڀڪو پيدا ٿئي منع آهي.

مدينه 11: وضو ڪرڻ کان پوءِ وضو واري عضون مان هڪ بہ قطرو پاڻيءَ جو مسجد جي فرش تي نہ ڪري.

(ياد رکو!وضو وارن عضون مان وضو جي پاڻيءَ جا قطرا مسجد جي فرش تي ڪيرائڻ ناجائز آهي)

مدينه 12: مسجد جي هڪ درجي کان ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ وقت (مثال طور اگڻ ۾ داخل ٿيو تڏهن بہ ۽ اگڻ کان اندرئين حصي ۾ وڃو تڏهن بہ) ساڄو پير وڌايو وڃي ايستائين جو جيڪڏهن صف وچايل هجي ان تي بہ ساڄو پير رکو ۽ جڏهن اتان کان هٽو تڏهن بہ ساڄو پير مسجد جي فرش تي رکو (يعني ايندي ويندي هر وچايل صف تي پهريان

ساڄو پير رکو) يا خطيب جڏهن منبر تي وڃڻ جو ارادو ڪري . پهريان ساڄو پير رکي ۽ لهي ته (به) ساڄو پير لاهي.

مدينه 13: مسجد ۾ جيڪڏهن نِڇ اچي ته ڪوشش ڪريو آهستي آواز نڪري اهڙيءَ طرح ڪنگهه به. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ زور سان نِڇ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. اهڙي طرح اوڳرائيءَ کي به ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ نه ٿئي ته وس آهر آواز کي ضبط ڪيو وڃي جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر ڇو نه هجو. خصوصي طور تي مجلس ۾ يا ڪنهن مُعَظم (يعني بزرگ) جي سامهون بي تهذيبي آهي. حديث ۾ آهي،"هڪ شخص دربار اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اوڳرائي ڏني پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: "اسان کان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رکو جو دنيا ۾ جيڪي گهڻي عرصي تائين پيٽ ڀريندا آهن اهي قيامت جي ڏينهن گهڻي عرصي تائين بُکايل رهندا." (شرح السنة ج 7 ص 294 حديث 2944) ۽ اوباسيءَ ۾ آواز ڪٿي به نه ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلا هجو ڇو ته هي شيطان جو ٿهڪ آهي. جڏهن اوباسي اچي ته جيترو ٿي سگهي وات بند رکو. وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ اڇلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نه رکجي ته مٿين ڏندن سان هينين چپ کي دبائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح به نه رکجي ته جيترو ٿي سگهي وات گهٽ کوليو ۽ کابي هٿ جو پويون پاسو وات تي رکي ڇڏيو. جيئن ته اوباسي شيطان جي طرف کان آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کان محفوظ آهن. انهيءَ ڪري اوباسي اچي ته هي تصوُّر ڪريو ته

انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي اوباسي نہ ايندي هئي. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جلدي رڪجي ويندي. (ردالمحتار ج 2 ص 413)

مدينه 14: مسخري هونئن ئي ممنوع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز.

مدينه 15: مسجد ۾ ڪِلڻ منع آهي جو قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي. موقعي جي لحاظ کان تَبَسُّم (يعني مُرڪڻ) ۾ حرج ناهي.

مدينه 16: مسجد جي فرش تي ڪا شيءِ اڇلائي نہ وجي بلڪ آهستي رکي ڇڏجي. گرميءَ جي موسم ۾ ماڻهو ونجڻا هڻندي هڻندي اڇلائي ڇڏيندا آهن (مسجد ۾ ٽوپي ، چادر وغيره بہ نہ اڇلايو ۽ چادر يا رومال سان فرش اهڙيءَ طرح نہ ڇنڊيو جو آواز پيدا ٿئي) يا ڪاني،ڇَٽي وغيره رکڻ وقت پري ڪان اڇلائيندا آهن.ان جي ممانعت آهي. مطلب تہ مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

مدينه 17: مسجد ۾ حَدَث (يعني ريح خارج ڪرڻ) منع آهي ضرورت هجي تہ (جيڪي اعتڪاف ۾ ناهن اهي) ٻاهر هليا وڃن. تنهن ڪري معتڪف کي گهرجي تہ اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ ڪائي. پيٽ هلڪو رکي جو قضاءِ حاجت جي وقت ڪانسواءِ ڪنهن وقت ريح خارج ڪرڻ جي حاجت نہ ٿئي. هو ان جي لاءِ ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهي. (باقي مسجد جي احاطي ۾ موجود بيت الخلا ۾ ريح خارج ڪرڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو)

مدينه 18: قبلي جي طرف پير ڦهلائڻ تہ هر جڳهہ تي منع آهي. مسجد ۾ ڪنهن طرف نہ ڦهلايو جو هي دربار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجد ۾ اڪيلا وينا هئا. پير ڦهلائي ڇڏيائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو. ”ابراهيم!

بادشاهن جي حضور ۾ ائين ويهبو آهي؟“ جلدي پير سوڙها ڪري ڇڏيائون ۽ اهڙا سوڙها ڪري ڇڏيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا. (ننڍن ٻارن کي به پيار ڪرڻ، ڪٽڻ، سمهارڻ وقت احتياط ڪريو جو انهن جا پير قبلي جي طرف نه ٿين. پائخانو ڪرائڻ مهل به ضروري آهي ته ان جو رخ قبلي جي طرف نه هجي.)

مدينه 19: استعمال ٿيل جُتيون مسجد ۾ پائي وڃڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي. **(ملخصًا از الملفوظ حصو ٻيو ص 377)**

مسجدن کي خوشبودار رکو!

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون، ”حضور پُرنُور، **شافع يومُ النُّشُور** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڙن ۾ مسجدون بڻائڻ جو حڪم ڏنو ۽ هي ته اهي صاف ۽ خوشبودار رکيون وڃن.“ **(سنن ابي داود ج 1 ص 197 حديث 455)**

ايئر فريشنر سان ڪينسر ٿي سگهي ٿو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته مسجدون ناهڻ ۽ انهن کي عُود لُوبان ۽ اگربتي وغيره سان خوشبودار رکڻ ثواب جو ڪم آهي. پر مسجد ۾ ماچيس جي تيلي نه ٻاريو جو ان سان بارود جي **بدبوءِ** نڪرندي آهي ۽ مسجد کي **بدبوءِ** کان بچائڻ واجب آهي. بارود جو **بدبودار** دونهون اندر نه اچي اوترو ٻاهر کان لوبان يا اگربتي وغيره ٻاري مسجد ۾ آڻيو. اگربتين کي ڪنهن وڏي ٿالهه وغيره ۾ رکڻ ضروري آهي ته جيئن انهن جي خاڪ مسجد جي فرش وغيره تي نه ڪري. اگربتي جي پيڪيٽ تي جيڪڏهن جاندار جي

تصوير نهيل هجي تہ ان کي ڏاهي ڇڏيو. مسجد (۽ پڻ گهرن ۽ ڪارن وغيره) ۾ ”ايئرفريشنر“ (AIR FRESHNER) سان خوشبوءِ نہ ڪريو جو ان جا ڪيميائي مادا فضا ۾ ڦهلجي ويندا آهن ۽ ساهہ جي ذريعي ڦڦڙن ۾ پهچي ڪري نقصان پهچائيندا آهن. هڪ طبي تحقيق جي مطابق ايئر فريشنر جي استعمال سان چمڙيءَ جو ڪينسر يعني (SKIN CANCER) ٿي سگهي ٿو.

وات ۾ بدبوءِ هجي تہ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ٻُک کان گهٽ ڪاڏو ڪائڻ جي عادت بڻايو يعني اجان خواهش باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏيو. جيڪڏهن خوب پيٽ ڀري کائيندا رهيؤ، ۽ وقت بي وقت سيخ ڪباب، برگر، آلو چولا، پزّا، آئس ڪريم، ٿڌيون بوتلون وغيره پيٽ ۾ پهچائيندا رهيؤ، پيٽ خراب ٿي ويو ۽ خدا نخواستہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري لڳي وئي تہ سخت امتحان ٿي ويندو، ڇوتہ وات مان **بدبوءِ** ايندي هجي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ **حرام** آهي، ايتري تائين جو جنهن وقت وات مان **بدبوءِ** اچي رهي هجي ان وقت باجماعت نماز پڙهڻ جي لاءِ بہ مسجد ۾ اچڻ گناهہ آهي. ڇو تہ فڪرِ آخرت جي گهٽتائيءَ سبب ماڻهن جي وڏي اڪثريت ۾ ڪاڏي جو حرص گهٽو ۽ اڄ ڪلهہ هر طرف ”فوڊ ڪلچر“ جو دؤر هلي رهيو آهي. هن سبب کان وڏو تعداد آهي جنهن جي وات مان **بدبوءِ** ايندي آهي. منهنجو ڪافي تجربو آهي تہ جڏهن ڪو وات ويجهو ڪري ڳالهہ ڪندو آهي تہ ان جي **وات جي بدبوءِ** جي سبب ساهہ

روڪڻو پوندو آهي. ڪڏهن تہ امام ۽ مؤذن کي بہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جو مرض ٿي ويندو آهي، ائين هجي تہ انهن کي موڪل وٺي علاج ڪرائڻ گهرجي ڇوتہ وات ۾ **بدبوءِ** هجڻ جي صورت ۾ مسجد جي اندر داخل ٿيڻ **حرام** آهي. افسوس! بدبودار وات وارا ڪيترائي ماڻهو مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مسجد جي اندر معتڪف بہ ٿي ويندا آهن. رمضان المبارڪ ۾ ڪباب سموسا ۽ ٻيون تريل شيون ۽ قسمين قسمين سٽيبون غذائون کائڻ جي سبب وات جي بدبوءِ جي مريضن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ان جو بهتر علاج هي آهي تہ سادي غذا اها بہ ٻُک کان گهٽ کائي ۽ هاضمو درست رکي. رُڳو وات جي ئي **بدبوءِ** ناهي بلڪ هر قسم جي بدبوءِ کان مسجد کي بچائڻ **واجب** آهي.

وات ۾ بدبوءِ هجي تہ نماز مڪروهہ ٿيندي آهي

فتاوىٰ رضويه جلد 7 صفحي 384 تي آهي: وات ۾ **بدبوءِ** هجڻ جي حالت ۾ (گهر ۾ پڙهي ويندڙ) نماز بہ مڪروه آهي ۽ اهڙي حالت ۾ مسجد وڃڻ **حرام** آهي جيستائين وات صاف نہ ڪري وٺي ۽ ٻئي نمازي کي ايذاءُ پهچڻ **حرام** آهي، ۽ ٻيو نمازي نہ بہ هجي تہ بہ **بدبوءِ** سان فرشتن کي ايذاءُ پهچندو آهي. حديث ۾ آهي: ”جنهن شيءِ سان انسان تڪليف محسوس ڪندا آهن فرشتا بہ ان سان تڪليف محسوس ڪندا آهن.“ **(صحيح مسلم ص 282 حديث 564)**

بدبودار ملم لڳائي مسجد ۾ اچڻ جي ممانعت

منهنجا آقا **اعلىٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جنهن جي بدن ۾ **بدبوءِ** هجي جو ان سان نمازين کي

تڪليف ٿئي مثال طور مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ جنهن کي **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري هجي ۽ جنهن کي **بغل مان بدبوءِ** اچڻ جو مرض هجي يا جنهن **خارش** وغيره جي سبب **گندرف** مَليو (يا ڪا بدبودار ملم يا لوشن لڳايو) هجي ان کي بہ مسجد ۾ اچڻ نہ ڏنو وڃي.“

(فتاویٰ رضویه تخریج شده ج 8 ص 72)

ڪچو بصر ڪائڻ سان بہ وات بدبودار ٿي ويندو

ڪچي مُوري، ڪچو بصر، ڪچي ٿوم ۽ هر اها شيءِ جنهن جنهن جي **بوءِ** ناپسند هجي اها ڪائي مسجد ۾ ان وقت تائين وڃڻ جائز ناهي جيستائين هٿ وغيره ۾ **بوءِ** باقي هجي جو فرشتن کي ان سان تڪليف ٿيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:” جنهن بصر، ٿوم يا گندنا (ٿوم جهڙي هڪ ڀاڄي) ڪاڌي اهو اسان جي مسجد جي ويجهو هرگز نہ اچي.“ ۽ فرمايائون:” جيڪڏهن ڪائڻ ئي چاهيو تہ پچائي ان جي بوءِ ختم ڪريو.“

(صحيح مسلم ص 282 حديث 564 دار ابن حزم بيروت)

صدر الشريعه بدر الطريقه علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:”مسجد ۾ ڪچو بصر ۽ ڪچي ٿوم ڪائڻ يا ڪائي وڃڻ جائز ناهي جيستائين **بوءِ** باقي هجي. اهو ئي حڪم هر ان شيءِ جو آهي جنهن ۾ **بوءِ** هجي جيئن گندنا (هي ٿوم سان ملندڙ جُلندڙ سبزي آهي) مُوري، ڪچو گوشت ۽ گاسليٽ، اها ماچيس جي تيلي جنهن جي رڳڙڻ ۾ بوءِ ڦهلجندي هجي، ريح خارج

ڪرڻ وغيره وغيره. جنهن کي **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري هجي يا ڪو بدبودار زخم هجي يا ڪا بدبودار دوا لڳائي هجي تہ جيستائين بوءِ ختم نہ ٿئي ان کي مسجد ۾ آڻڻ جي ممانعت آهي.

(بهارِ شريعت حصو 3 ص 154)

ڪچي بصر واري ڪچونبر ۽ رائتي کان احتياط ڪريو

ڪچي بصر وارن چٽن، چولن، رائتي ۽ ڪچونبر ۽ پڻ ڪچي ٿوم واري ڪٽاڻ چٽني وغيره کائڻ کان نماز جي اوقات ۾ پرهيز ڪريو. ڪڏهن ڪڏهن ڪباب سموسي وغيره ۾ ڪچي بصر ۽ ڪچي ٿوم جي بوءِ ايندي آهي، تنهن ڪري نماز کان پهريان انهن کي بہ نہ کائو. اهڙيون بوءِ واريون شيون مسجد ۾ آڻڻ جي بہ اجازت ناهي.

بدبودار وات ڪٽي مسلمانن جي ميڙ ۾ وڃڻ جي ممانعت

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: مسلمانن جي ميڙن، درسِ قرآن جي مجلسن، علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين جي بارگاهن ۾ بدبودار وات ڪٽي نہ وڃو. **(مرآة ج 6 ص 25)** وڌيڪ فرمائن ٿا: جيستائين وات ۾ **بدبوءِ** رهي گهر ۾ ئي رهو، مسلمانن جي جلسن، ميڙن ۾ نہ وڃو. حقو پيئڻ وارن، تماڪ وارا پان کائي ڪري گرڙي نہ ڪرڻ وارن کي هن مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا: جنهن کي **وات ۾ بدبوءِ** جي بيماري هجي ان کي مسجدن جي حاضري مُعاف آهي.

(مرآة ج 6 ص 26)

نماز جي وقتن ۾ ڪچو بصر ڪائڻ ڪيئن؟

سوال: ”وات ۾ بدبوءِ واري بيماري“ واري کي مسجد جي حاضري مُعاف آهي، ته ڇا ڪچي بصر وارو رائتو يا ڪچونبر يا اهڙا ڪباب سموسا جن ۾ ٿوم بصر صحيح پڪل نه هجن ۽ انهن جي بوءِ ايندي هجي يا مهٽيل ٻاجهريءَ جي ماني جنهن ۾ ڪچي ٿوم شامل هوندي آهي اهڙي غذا وغيره جماعت کان ڪجهه دير پهريان ان نِيَّت سان کائي سگهون ٿا جو وات ۾ بوءِ ٿي وڃي ۽ مسجد جي جماعت واجب نه رهي!

جواب: ائين ڪرڻ جائز ناهي. مثال طور نمازِ مغرب کان پوءِ اهڙو ڪچونبر يا سلاد وغيره نه کائي جنهن ۾ ڪچي موري يا ڪچو بصر يا ڪچي ٿوم هجي ڇو ته عشاء جي نماز جو وقت ويجهو هوندو آهي ۽ ايترو جلدي وات صاف ڪري مسجد ۾ پهچڻ ڏکيو هوندو آهي. ها جيڪڏهن جلد وات صاف ڪرڻ ممڪن آهي يا ڪنهن ٻئي سبب کان مسجد جي حاضري کان معذور آهي مثال طور عورت. يا نماز پڙهڻ ۾ اجان ڪافي دير آهي ان وقت تائين **بوءِ** ختم ٿي ويندي ته کائڻ ۾ حرج ناهي. منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪچي ٿوم يا بصر کائڻ بيشڪ حلال آهي ۽ ان کي کائي جيستائين **بوءِ** ختم نه ٿئي مسجد ۾ وڃڻ ممنوع پر جيڪو حقو اهڙو گهاٽو ۽ بي اهتمام هجي جو مَعاذاللہ تغيّر باقي (يعني ديرپا بدبوءِ) پيدا ڪري جو جماعت جي وقت تائين گرڙيءَ سان به مڪمل طور ختم نه ٿئي ته جماعت جي وقت ويجهو اچڻ تي ان

جو پيئڻ شرعي طور تي ناجائز آهي جو هاڻي هو جماعت چڏڻ، سجدو ترڪ ٿيڻ يا **بدبوءِ** سان مسجد ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بڻجندو ۽ اهي بئي ممنوع ۽ ناجائز آهن ۽ (هي شرعي اصول آهي ته) هر مباح في نفسه (يعني هر اهو ڪم جيڪو حقيقت ۾ جائز هجي پر) امرِ ممنوع (منع ٿيل ڪم) جي طرف وني وڃڻ وارو هجي، ممنوع ۽ نا روا (يعني ناجائز) آهي.

(فتاوىٰ رضويه ج 25 ص 94)

وات جي بدبوءِ معلوم ڪرڻ جو طريقو

جيڪڏهن وات ۾ ڪا بدبوءِ هجي ته جيترا پيرا ڏندڻ ۽ گرڙين سان ان (بدبوءِ) کي دور ڪرڻ ممڪن هجي(اوترا پيرا گرڙيون وغيره ڪرڻ) لازم آهي، ان جي لاءِ ڪا حد مقرر ناهي. بدبودار گهاٽو حقو بي احتياطيءَ سان پيئڻ وارن کي ان جو خيال (رکڻ) سخت ضروري آهي ۽ ان کان وڌيڪ سگريٽ واري کي جو ان جي **بدبوءِ** مرڪب تماڪ کان سخت تر ۽ تمام گهڻي دير تائين هلندڙ آهي انهن سيني کان وڌيڪ اشد ضرورت تماڪ کائڻ وارن کي آهي جن جي وات ۾ ان جو جِرم (يعني دونهي جي بجاءِ پاڻ تماڪ ئي) ڊبيل آهي ۽ وات کي پنهنجي **بدبوءِ** سان ڀري ڇڏيندو آهي. اهي سيئي ماڻهو ان وقت تائين ڏندڻ ۽ گرڙيون ڪن جيستائين وات بلڪل صاف ٿي وڃي ۽ **بوءِ** جو اصل نشان ئي نه رهي ۽ ان جو امتحان هيئن آهي ته پنهنجو هٿ وات جي قريب آڻي وات کولي ڪري زور سان ٿي پيرا نڙيءَ کان پوري طرح ساهه ڪڍي هٿ تي آڻيو ۽ هڪدم سنگهو. ان کان بغير، اندر جي **بدبوءِ** پاڻ کي گهٽ محسوس ٿيندي آهي ۽ جڏهن

وات ۾ **بدبوءِ** هجي تہ مسجد ۾ وڃڻ حرام، نماز ۾ داخل ٿيڻ منع۔ والله الهادي (فتاویٰ رضویه تخریج شده ج پهريون ص 623)

وات جي بدبوءِ جو علاج

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ڪائڻ جي سبب وات ۾ **بدبوءِ** ايندي هجي تہ ساوا ڏاٽا چباڙي ڪري ڪائو گڏوگڏ گلاب جي تازن يا سڪل پنن سان ڏندن کي صاف ڪريو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. ها جيڪڏهن پيٽ جي خرابي جي ڪري **بدبوءِ** ايندي هجي تہ ”گهٽ ڪائڻ“ جي سعادت حاصل ڪري ٻُک جون برڪتون حاصل ڪرڻ سان اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٽنگن ۽ بدن جي مختلف حصن جي سور، قبض، سيني جو ساڙو، وات جا ڇالا، هرهر ٿيڻ واري نزلي کنگهہ ۽ ڳلي جو سور، مهارن مان رت اچڻ وغيره تمام گهڻن بيمارين سان گڏوگڏ **وات جي بدبوءِ** کان بہ جان ڇٽي پوندي. ٻُک باقي رهي اهڙيءَ طرح سان گهٽ ڪائڻ ۾ 80 سيڪڙو بيمارين کان بچت ٿي سگهي ٿي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جي باب ”پيٽ جو قفلِ مدينه“ جو مطالعو فرمايو) جيڪڏهن نفس جي حرص جو علاج ٿي وڃي تہ ڪيترائي جسماني ۽ روحاني مرض پاڻمرادو ختم ٿي ويندا.

رضا نفس دشمن ہے دم میں نہ آنا
کہاں تم نے دیکھے ہیں چندرانے والے

وات جي بدبوءِ جو مدني علاج

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى النَّبِيِّ الطَّاهِرِ مٿيون ڏنل درود شريف موقعي جي مناسبت سان هڪ ئي ساهيءَ ۾ يارهن ڀيرا پڙهي ڇڏيو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **وات جي بدبوءِ** ختم

تي ويندي . هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ وات بند ڪري آهستي آهستي نڪ مان ساهہ ڪڍڻ شروع ڪريو ۽ ممڪن حد تائين هوا ڦڦڙن ۾ ڀري ڇڏيو. هاڻي درود شريف پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڀيرا هن طرح مشق ڪندؤ تہ ساهہ تڻڻ کان پهريان اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ مڪمل يارهن ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي ترڪيب ٻڌجي ويندي. ڄاڻايل طريقي تي نڪ مان گهرا ساهہ ڪڍي ممڪن حد تائين روڪي رکڻ کان پوءِ وات مان خارج ڪرڻ صحت جي لاءِ ڏاڍو فائديمند آهي. سڄي ڏينهن ۾ جڏهن بہ موقعو ملي بالخصوص ڪليل فضا ۾ روزانو ڪجهہ ڀيرا تہ ائين ڪري ونڻ ئي گهرجي. مون کي (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ کي) هڪ وڏي عمر واري حڪيم صاحب ٻُڌايو هيو تہ مان ساهہ ڪڍڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ تائين (يا چيائين) ٻن ڪلاڪن تائين هوا کي اندر روڪي وٺندو آهيان ۽ انهيءَ دوران پنهنجا ورد وظيفا بہ پڙهي سگهان ٿو. بقول ان حڪيم جي ساهہ روڪڻ جا اهڙا مَشّاق (يعني مشق ڪري ماهر ٿي وڃڻ وارا ماڻهو) بہ دنيا ۾ هوندا آهن جيڪي صبح جو ساهہ ڪڍندا آهن تہ شام جو ڪڍندا آهن!

استنجا خانا مسجد کان ڪيترو پري هئڻ گهرجن

بارگاهِ رضويت ۾ سوال ٿيو تہ نمازين جي لاءِ استنجا خانا مسجد کان ڪيترو پري هجڻ گهرجن؟ ان تي منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ۾ ارشاد فرمايو: مسجد کي **بوءِ** کان بچائڻ واجب آهي تنهن ڪري مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ **حرام**، مسجد ۾ بدبودار بارود واري ماچيس جي تيلي ٻارڻ

حرام، ايتري تائين جو حديث ۾ ارشاد ٿيو: مسجد ۾ ڪچو گوشت ڪٽي وڃڻ جائز ناهي. (ابن ماجه ج1 ص 413 حديث 748 دار المعرفه بيروت) حالانڪه ڪچي گوشت جي بوءِ تمام خفيف (يعني هلڪي) آهي تہ جتان ڪان مسجد ۾ بوءِ پهچي اوتري تائين (استنجا خانا بڻائڻ جي) ممانعت ڪئي ويندي. (فتاوىٰ رضويه ج 16 ص 232) ڪچي گوشت جي بدبوءِ هلڪي ٿيندي آهي جڏهن هي بہ مسجد ۾ ڪٽي وڃڻ جائز ناهي تہ ڪچي مڇي ڪٽي وڃڻ بدرجهءِ اولىٰ ناجائز ٿيندو ڇو تہ ان جي بوءِ گوشت ڪان وڌيڪ تيز ٿيندي آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پچائڻ وارن جي بي احتياطيءَ جي سبب هن جو ڪاڏو ڪائڻ سان بہ هٿ ۽ وات ۾ اڻ وڻندڙ بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي. اهڙي صورت ۾ بوءِ ختم ڪرڻ ڪانسواءِ مسجد ۾ نہ وڃو. استنجا خانن جي جڏهن صفائي ڪئي ويندي آهي ان وقت بدبوءِ ڪافي ڦهلجي ويندي آهي تنهن ڪري (استنجا خانن ۽ مسجد جي وچ ۾) ايترو فاصلو رکڻ ضروري آهي جو صفائيءَ جي موقعي تي بہ بدبوءِ مسجد ۾ داخل نہ ٿي سگهي. استنجا خانا مسجد جي چؤديواري ۾ ڳُلندا هجن تہ ضرورت جي طور تي ديوار کي ٽوڙي ڪري ٻاهر جي طرف ڪان دروازي مان ڪڍي بہ بدبوءِ ڪان مسجد کي بچائي سگهجي ٿو.

پنهنجي لباس وغيره تي غور ڪرڻ جي عادت بڻايو

مسجد ۾ بدبوءِ ڪٽي وڃڻ حرام آهي. گڏوگڏ بدبوءِ واري شخص جو داخل ٿيڻ بہ حرام آهي. مسجد ۾ ڪنهن ڪک سان خِلال بہ نہ ڪريو جو جيڪي پابنديءَ سان

هر ڪاڏي ڪان پوءِ خِلال جا عادي ناهن هوندا انهن جي ڏندن جي وِٿين مان **بدبوءِ** نڪرندي آهي. معتڪف فناءِ مسجد ۾ بہ ايترو ئي پري ڏندن جو خِلال ڪري جو **بدبوءِ** اصل مسجد ۾ داخل نہ ٿئي. بدبودار زخم وارو يا اهو مريض جنهن پيشاب واري ٿيلهي (URINBAG OR STOOL BAG) لڳائي آهي اهي مسجد ۾ داخل نہ ٿين. اهڙيءَ طرح ليبارٽري ٽيسٽ ڪرائڻ جي لاءِ ورتل رت يا پيشاب جي شيشي، ذبيحه جي ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت سان خراب ٿيل ڪپڙا وغيره ڪنهن شيءِ ۾ لڪائي بہ مسجد ۾ نہ ٿا آڻي سگهو. جيئن تہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا: مسجد ۾ نجاست ڪڍي وڃڻ جيتوڻيڪ ان سان مسجد خراب نہ ٿئي يا جنهن جي بدن تي نجاست لڳل هجي ان کي مسجد ۾ وڃڻ منع آهي. (ردالمحتار ج1 ص 614) مسجد ۾ ڪنهن ٿانوَ جي اندر پيشاب ڪرڻ يا مريض جو رت وڻڻ بہ جائز ناهي.“(درمختار ج1ص614) پاڪ **بدبوءِ** لڪل هجي جيئن اڪثر ماڻهن جي بدن ۾ پگهر جي **بدبوءِ** هوندي آهي پر لباس ۾ لڪل هوندي آهي تہ هن صورت ۾ مسجد جي اندر وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي، اهڙيءَ ريت رومال وغيره ۾ جيڪڏهن پگهر وغيره جي بدبوءِ آهي تہ مسجد جي اندر نہ ڪڍي، ڪيسي ۾ ئي رکيل رهي، جيڪڏهن عمامي يا ٽوپي لاهڻ سان پگهر يا مر وغيره جي بدبوءِ ايندي هجي تہ مسجد ۾ نہ لاهي. اهڙيءَ طرح ڪچو گوشت يا ڪچي مڇي وغيره ائين پيڪ ٿيل آهن جو بدبوءِ نہ ٿي اچي تہ مسجد ۾ ڪڍي وڃڻ ۾ حرج ناهي. جيئن تہ ان جو مثال ڏيندي **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي

احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ”ها جيڪڏهن ڪنهن صورت سان گاسليٽ جي بدبوءِ ختم ڪئي وڃي يا اهڙيءَ طرح ليمپ وغيره ۾ بند ڪيو وڃي جو ان جي بدبوءِ ظاهر نه ٿئي ته (مسجد ۾) جائز آهي.“ (فتاوىٰ نعيميه ص 65) هر مسلمان کي پنهنجي وات، بدن، رومال، لباس، جُتي ۽ چپل وغيره تي غور ڪندو رهڻ گهرجي جو ان ۾ ڪٿان ڪان بدبوءِ ته نه ٿي اچي ۽ اهڙو ميرو لباس پائي ڪري به مسجد ۾ نه اچو جنهن سان ماڻهن کي ڪراهت اچي. افسوس!! دنياوي آفيسرن وغيره وٽ ته عمده لباس پائي ڪري وڃون ۽ پنهنجي پياري پياري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضريءَ جي وقت نفاست (يعني صفائيءَ) جو ڪو اهتمام نه ڪريون. مسجد ۾ اچڻ مهل انسان گهٽ ۾ گهٽ اهو لباس ته پائي جيڪو دعوتن ۾ پائي ويندو آهي. پر هن ڳالهه جو خيال رکجو ته لباس شريعت ۽ سنّت مطابق هجي.

مسجد ۾ ٻار کي آڻڻ جي ممانعت

سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، صاحب معطر پسينه، باعثِ نُزولِ سڪينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي: مسجدن کي ٻارن ۽ پاڳلن ۽ خريد و فروخت ۽ جهڳڙن ۽ آواز بلند ڪرڻ ۽ حدود قائم ڪرڻ ۽ تلوارون ڪڍڻ کان بچايو. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 415 حديث 750)

اهڙو ٻار جنهن مان نجاست (پيشاب وغيره ڪري ڇڏڻ) **جو خطرو هجي ۽ پاڳل کي مسجد جي اندر وٺي وڃڻ حرام آهي جيڪڏهن نجاست جو خطرو نه هجي ته مڪروه.** جيڪي ماڻهو جُتيون

مسجد جي اندر ڪٽي ويندا آهن انهن کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي جو جيڪڏهن نجاست لڳل هجي تہ صاف ڪري ڇڏين ۽ جوتا پائي مسجد ۾ هلي وڃڻ بي ادبي آهي. (رد المحتارج4 ص 518)

ٻار يا پاڳل (يا بيهوش يا جنهن تي جِنّ آيو هجي ان) کي دم ڪرائڻ جي لاءِ بہ مسجد ۾ وني وڃڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. ننڍي ٻار کي چڱيءَ طرح ڪپڙي ۾ ويڙهي بلڪہ "پيڪنگ" ڪري بہ نہ ٿا آڻي سگهو. جيڪڏهن توهان ٻار وغيره کي مسجد ۾آڻڻ جي غلطي ڪري چُڪا آهيو تہ براءِ ڪرم! هڪدم توبهہ ڪري ٻيهر نہ آڻڻ جو عهد ڪريو. ها فناءِ مسجد مثال طور امام صاحب جي حُجري ۾ ٻار کي وني وڃي سگهو ٿا جڏهن تہ مسجد جي اندر کان گذرڻو نہ پوي.

گوشت مچي وڪڻڻ وارا

گوشت مچي وڪڻڻ واري جي لباس ۾ سخت بدبوءِ هوندي آهي تنهن ڪري انهن کي گهرجي تہ فارغ تي ڪري چڱيءَ طرح وهنجن، صاف لباس پائن، خوشبو لڳائن ۽ پوءِ مسجد ۾ اچن. وهنجڻ ۽ خوشبو لڳائڻ شرط ناهي رُڳو مشوري جي طور تي عرض ڪيو آهي، ڪابہ اهڙي ترڪيب ڪريو جو بدبوءِ مڪمل طور تي ختم تي وڃي.

ڪجهہ غذائن جي ڪري پگهر ۾

ڪجهہ غذائون اهڙيون هونديون آهن جن جي ڪائڻ سان **بدبودار پگهر** ايندو آهي اهڙا ماڻهو غذائون تبديل ڪن.

وات جي صفائيءَ جو طريقو

جيڪي ڏندڻ ۽ ڪاڏي کان پوءِ خِلال (ڏند کوٽڻ) جي سنّت ادا ناهن ڪندا ۽ ڏندن جي صفائي ڪرڻ ۾ سُست هوندا آهن اڪثر انهن جا وات **بدبودار** هوندا آهن. رُڳو

رسمي طور تي ڏندڻ ۽ خِلال جو تيلو ڏندن سان لڳائي ڇڏڻ ڪافي ناهي هوندو. مهارون زخمي نہ ٿين اهڙي احتياط سان هر ممڪن صورت ۾ ڪاڏي جو هڪ هڪ ذرو ڏندن مان ڪڍڻو پوندو نہ تہ ڏندن جي وچ ۾ غذائي جُزا پئي پئي خراب ٿيندا ۽ سخت بدبوءِ جو سبب بڻجندا رهندا. ڏندن جي صفائي جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ڪا شيءِ ڪائڻ يا چانهہ وغيره پيئڻ کان پوءِ ۽ ان کان علاوه بہ جڏهن جڏهن موقعو ملي مثال طور وينئي وينئي ڪو ڪم ڪري رهيا آهيو ان وقت پاڻيءَ جو ڊڪ وات ۾ ڀري ڇڏيو ۽ جنبش ڏيندا رهو يعني گهمائيندا رهو اهڙيءَ ريت وات جو ڪچرو ۽ ڏندن جي مر صاف ٿيندي رهندي. سادو پاڻي بہ هلي ويندو ۽ جيڪڏهن لوڻ وارو نيم گرم پاڻي هجي تہ هي اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بهترين ”ماؤث واش“ ثابت ٿيندو.

ڏاڙهيءَ کي بدبوءِ کان بچايو

ڏاڙهيءَ ۾ گهڻو ڪري غذائي جزا ڦاسي پوندا آهن، سمهڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن وات جي بدبودار گِڳ بہ داخل ٿي ويندي آهي ۽ اهڙيءَ ريت بدبوءِ ايندي آهي تنهن ڪري مشوري طور عرض آهي تہ، ٿي سگهي تہ روزانو هڪ اڌ پيرو صابڻ سان ڏاڙهيءَ کي ڌوتو وڃي.

خوشبودار تيل بڻائڻ جو آسان طريقو

متي ۾ سرنهن جو تيل هڻڻ وارو متي ڪان ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن **بدبودار** حَوَس ڦهلجندي آهي تنهن ڪري جنهن کان جيترو ٿي سگهي اهو عمده خوشبودار تيل وجهي. خوشبودار تيل بڻائڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ کوپري

جي تيل جي شيشي ۾ پنهنجي پسنديده عطر جا ڪجهه قطرا وجهي ڪري حل ڪري ڇڏيو. **خوشبودار تيل** تيار آهي. (خوشبودار تيل بٽائڻ جا مخصوص ايسينس ۽ خوشبوئن جي دڪانن کان حاصل ڪري سگهجن ٿا) مٿي جي وارن کي مناسب وقفي موجب صابڻ سان ڌوئيندا رهو.

ٿي سگهي ته روزانو وهنجو

جنهن کان ٿي سگهي اهو روزانو وهنجي جو ڪافي حد تائين ٻاهرين بدن جي بدبوءِ ختم ٿيندي ۽ هي صحت جي لاءِ به فائديمند آهي. (پر معتڪفين مسجد جي غسل خانن ۾ سخت ضرورت کانسواءِ نه وهنجن جو نمازين جي لاءِ وضوءَ جي پاڻيءَ جي گهٽتائي ٿي سگهي ٿي ۽ موٽر به هرهر هلڻ سان خراب ٿي سگهي ٿو)

عمامي وغيره کي بدبوءِ کان بچائڻ جو طريقو

ڪجهه اسلامي ڀائر ڪافي وڏي سائيز جو عمامو شريف ٻڌڻ جو جذبو ته رکندا آهن پر صفائي رکڻ ۾ ڪوتاهي ڪري ويهندا آهن ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن لاشعوري ۾ مسجد جي اندر"بدبوءِ" ڦهلائڻ جي جرم ۾ ڦاسي ويندا آهن. تنهن ڪري **مدني التجا** آهي ته عمامو، سربند شريف ۽ چادر استعمال ڪرڻ وارا اسلامي ڀائر ڪوشش ڪري هر هفتي ۽ موسم جي اعتبار کان يا ضرورت پوڻ تي وڌيڪ جلدي جلدي انهن کي ڌوئڻ جي ترڪيب بٽائين. نه ته مر مٿيءَ، پگهر ۽ تيل وغيره جي سبب انهن شين ۾ **بدبوءِ** ٿي ويندي آهي، جيتوڻيڪ پاڻ کي محسوس ناهي ٿيندي پر ٻين کي **بدبوءِ** جي سبب ڪافي ڪراهت ايندي آهي، پاڻ کي ان لاءِ

خبر ناهي پوندي جو جنهن وٽ مستقل طور ڪا مخصوص خوشبو يا **بدبوءِ** هجي ان سان ان جو نڪ اڳ ئي واسيل هوندو آهي.

عمامو ڪهڙو هجڻ گهرجي؟

سخت ٽوپي تي ٻَڌل عمامي جو استعمال بہ ان جي اندر **بدبوءِ** پيدا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ٿي سگهي تہ سنهي ململ جي هلڪي ڦلڪي ڪپڙي جو عمامو شريف استعمال ڪريو ۽ ان لاءِ ڪپڙي جي اهڙي ٽوپي پايو جيڪا مٿي سان چنبڙيل هجي. جو اهڙي ٽوپي پائڻ بہ سنّت آهي. ٻَڌل عمامو شريف مٿي تي رکي ڇڏڻ ۽ لاهي رکي ڇڏڻ بدران ٻَڌڻ وقت سنّت جي مطابق هڪ هڪ وڪڙ ڪري ٻَڌو ۽ اهڙيءَ ئي ريت کولڻ جي ترڪيب ڪريو. اهڙيءَ ريت ڪرڻ سان بحڪمِ احاديث هر پيري هر وڪڙ تي هڪ **هڪ نيڪي** ۽ **هڪ نُور** ملندو ۽ هر پيري لاهڻ ۾ (جڏهن تہ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت بہ هجي تہ) هڪ هڪ گناهہ لهندو. (**ماخوذ از ڪنزالعمال ج 15 ص 132،133 الحديث 41126، 41138 دار الكتب العلميه بيروت**) ۽ هرهر هوا لڳڻ جي ڪري اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **بدبوءِ** بہ ختم ٿيندي. عمامو ۽ سربند شريف، چادر ۽ لباس وغيره کي لاهي اس ۾ رکڻ سان بہ پگهر جي **بدبوءِ** ختم ٿي سگهي ٿي. گڏوگڏ انهن تي سنين سنين نيّتن سان عمده عطر لڳائيندو رهڻ بہ **بدبوءِ** کي ختم ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ضمن ۾ عطر لڳائڻ جون نيّتون بہ ملاحظہ فرمايو:

دنیا پسند کرتی ہے عطرِ گُلاب کو لیکن مجھے نبی ﷺ کا پسینہ پسند ہے جي 147 اکرن

جي نسبت سان خوشبو لڳائڻ جون 47 نيتون

فرمانِ مصطفيٰ B مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي

(طبراني معجم کبير حديث 5942 ج 6ص 185 دار احياءِ التراث العربي بيروت)

﴿1﴾ سنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ان لاءِ خوشبو لڳائيندس ﴿2﴾ لڳائڻ کان پهريان بِسْمِ الله ﴿3﴾ لڳائيندي درود شريف ۽ ﴿4﴾ لڳائڻ کان پوءِ شڪر نعمت ادا ڪرڻ جي نيّت سان الحمد لله رب العلمين چوندس ﴿5﴾ ملائڪن ۽ ﴿6﴾ مسلمانن کي فرحت پهچائيندس ﴿7﴾ عقل وڌندو تہ احڪامِ شرعي ياد ڪرڻ ۽ سنّتون سکڻ تي قوت حاصل ڪندس (امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عمده خوشبو لڳائڻ سان عقل وڌندو آهي) ﴿8﴾ لباس وغيره کان بدبوءِ ختم ڪري مسلمانن کي غيبت جي گناهن کان بچائيندس (چوتہ بغير شرعي اجازت جي ڪنهن مسلمان جي باري ۾ پويان مثال طور هن طرح چوڻ تہ ”هن جي لباس يا هٿن يا وات مان بدبوءِ اچي رهي هئي“غيبت آهي) ﴿9﴾ موقعي جي مناسبت سان هي نيّتون بہ ڪري سگهجن ٿيون مثال طور ﴿10﴾ نماز جي لاءِ زينت حاصل ڪندس ﴿11﴾ مسجد ﴿12﴾ نمازِ تهجد ﴿13﴾ جمعه ﴿14﴾ سومر شريف ﴿15﴾ رمضان المبارڪ ﴿16﴾ عيد الفطر ﴿17﴾ عيد الاضحيٰ ﴿18﴾ ميلاد شريف جي رات ﴿19﴾ عيدِ ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿20﴾ ميلاد شريف جي جلوس ﴿21﴾ شبِ معراج النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿22﴾ شبِ براءَت ﴿23﴾ يارهين شريف ﴿24﴾يومِ رضا ﴿25﴾ درسِ

قرآن ۽ ﴿26﴾حديث ﴿27﴾ تلاوت ﴿28﴾ اوراد و وظائف ﴿29﴾ درود شريف ﴿30﴾ ديني ڪتاب جو مطالعو ﴿31﴾ علمِ دين پڙهائڻ ﴿32﴾ تعليمِ علم دين ﴿33﴾ فتوىٰ نويسي ﴿34﴾ ديني ڪتابن جي تصنيف ۽ تاليف ﴿35﴾سنّتن ڀرئي اجتماع ﴿36﴾ اجتماع ذڪر و نعت ﴿37﴾ قرآن خواني ﴿38﴾ فيضانِ سنّت جي درس﴿ 39﴾ علاقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ﴿40﴾ سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ وقت ﴿41﴾ عالم ﴿42﴾ ماءُ ﴿43﴾پيءُ ﴿44﴾ صالح مؤمن ﴿45﴾ پير صاحب ﴿46﴾ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وار مبارڪ جي زيارت ۽ ﴿47﴾ مزار شريف جي حاضري جي موقعن تي ٻه تعظيم جي نِيَّت سان خوشبو لڳائي سگهجي ٿي. جيتريون سنيون سنيون نِيَّتون ڪندؤ اوترو ئي ثواب وڌيڪ ملندو. جڏهن ته نِيَّت جو موقعو ٻه هجي ۽ اها نِيَّت شرعي طور تي درست ٻه هجي. وڌيڪ ياد نه ٻه رهن ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٿي نيّتون ڪري ئي ڇڏڻ گهرجن.

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين اسان کان جيترا پيرا مسجد ۾ **بدبوءِ** ڪٽي وڃڻ جو گناهه ٿيو هجي ان کان توبهه ٿا ڪريون ۽ هي عزم ٿا ڪريون ته ٻيهر ڪڏهن ٻه مسجد ۾ ڪنهن طرح جي **بدبوءِ** نه ڪٽي ويندا سين. يا ربِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي مسجدن کي خوشبودار رکڻ جي سعادت ڏي. **يااالله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر قسم جي ظاهري باطني بدبوئن کان پاڪ ٿي ڪري مسجد ۾ حاضري جي توفيق عطا فرماءِ. **يااالله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي خوشبودار سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي گناهن جي بدبوئن کان نجات ڏي ۽ خوشبوئن سان

مهڪندڙ جنّت الفردوس ۾ پنهنجي معطر معطر محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جو پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واللہ جو مل جائے مرے گل کا پسینہ

مانگے نہ کبھی عِطر نہ پھر چاہے دُلہن پھول (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فناءِ مسجد ۾ معتڪف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فناءِ مسجد ۾ وڃڻ سان اعتڪاف فاسد ناهي ٿيندو. معتڪف بغير ڪنهن ضرورت جي به فناءِ مسجد ۾ وڃي سگهي ٿو. فناءِ مسجد مان مُراد اهي جڳهون آهن جيڪي مسجد جي احاطي (عرفِ عام ۾ جن کي مسجد چيو وڃي ٿو) ۾ واقع هجن ۽ مسجد جي مصالح يعني ضروريات مسجد جي لاءِ هجن، جيئن منارو، وضو خانو، استنجا خانو، غسل خانو، مسجد سان لڳولڳ مدرسو، مسجد سان لڳولڳ امام ۽ مُوذن وغيره جا حجرا، جُتيون لاهڻ جي جڳهه وغيره اهي جڳهون ڪجهه مُعاملات ۾ مسجد جي حڪم ۾ آهن ۽ ڪجهه مُعاملن ۾ مسجد کان خارج. مثلاً هتي جُنُبي (يعني جنهن تي غسل فرض هجي) وڃي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اقتدا ۽ اعتڪاف جي مُعاملي ۾ هي جڳهون مسجد جي حڪم ۾ آهن. معتڪف بنا ضرورت جي به هتي وڃي سگهي ٿو. جڻ ته هو مسجد جي ئي ڪنهن هڪ حصي ۾ ويو.

معتڪف فناءِ مسجد ۾ وڃي سگهي ٿو

حضرت صدرالشريعه، صاحبِ بهار شريعت حضرت علامه مولانا امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”فناءِ

مسجد يعني جيڪا جڳهه مسجد ڪان ٻاهر ان سان لڳولڳ مسجد جي ضرورتن لاءِ آهي مثال طور جُتيون لاهڻ جي جڳهه ۽ غسل خانا وغيره انهن ۾ وڃڻ سان اعتڪاف ناهي ٽٽندو.“ وڌيڪ اڳتي فرمائن ٿا،”فناءِ مسجد هن معاملي ۾ مسجد جي حڪم ۾ آهي.“ (فتاویٰ امجديه ج 1 ص 399) اهڙيءَ طرح منارو بہ فناءِ مسجد آهي. جيڪڏهن ان جو رستو مسجد جي چؤڏيواري (باؤنڊري وال) جي اندر هجي تہ معتڪف بنا هٻڪ جي ان تي وڃي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن مسجد جي ٻاهران رستو هجي تہ رُڳو اذان ڏيڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو جو اذان ڏيڻ حاجتِ شرعي آهي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فتويٰ

منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا :”بلڪہ جڏهن اهي مدرسا مسجد سان ڳنڍيل مسجد جي حدن اندر آهن، انهن ۾ رستو الڳ ناهي (جيڪو انهن مدرسن کي مسجد جي چؤڏيواريءَ کان جدا ڪري ڇڏي) رُڳو هڪ فَصيل (يعني ڀت) ڪان ٻاهرين پڌر جو امتياز ڪري ڇڏيو آهي تہ ان ۾ وڃڻ مسجد کان ٻاهر وڃڻ ئي ناهي، ايتري تائين جو اهڙي جڳهه تي معتڪف جو وڃڻ جائز آهي جو اهو جڻ مسجد جو ئي هڪ قِطعه (يعني حصو) آهي.“

ردالمحتار (ج 3 ص 436) ۾”بدائع الصَّنائع“ جي حوالي سان آهي، جيڪڏهن معتڪف مناري تي چڙهيو تہ بنا اختلاف جي ان جو اعتڪاف فاسد (ختم) نہ ٿيندو ڇو تہ منارو(معتڪف لاءِ) مسجد (جي حڪم) ۾ ئي آهي. (فتاویٰ رضويه ج 7 ص 453)

ڏنو توهان! منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرکت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برکت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن مسجد سان لڳولڳ مدرسن ۾ به معتڪف جي لاءِ بغير شرعي حاجت جي وڃڻ کي جائز رکيو ۽ انهن مدرسن کي هن معاملي ۾ مسجد جو ئي هڪ حصو قرار ڏنو اٿن.

مسجد جي چت تي چڙهڻ

اڳڻ مسجد جو حصو آهي انهيءَ ڪري معتڪف کي مسجد جي صحن ۾ اچڻ وڃڻ ويهي رهڻ مطلقاً جائز آهي. مسجد جي چت تي به اچي وڃي سگهي ٿو پر هي ان وقت آهي جو چت تي وڃڻ جو رستو مسجد جي اندر کان هجي. جيڪڏهن مٿي وڃڻ جي لاءِ ڏاڪڻ مسجد جي احاطي (چارديواري) کان ٻاهر هجن ته معتڪف نه ٿو وڃي سگهي. جيڪڏهن ويندو ته اعتڪاف فاسد ٿي ويندو. هي به ياد رهي ته معتڪف ۽ غير معتڪف ٻنهي کي مسجد جي چت تي بنا ضرورت جي چڙهڻ مڪروهه آهي جو هي بي ادبي آهي.

معتڪف لاءِ مسجد کان ٻاهر نڪرڻ جون صورتون

اعتڪاف جي دوران ٻن سببن جي بنياد تي مسجد (جي چؤديواري) کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت آهي. (1) **حاجتِ شرعي** (2) **حاجتِ طبعي**

(1) حاجت شرعي

حاجت شرعي يعني جن احڪام ۽ معاملن جي ادائيگي شرعي طور تي ضروري هجي ۽ معتڪف، اعتڪاف گاهه ۾ انهن کي ادا نه ڪري سگهي تن کي حاجاتِ شرعي چوندا آهن مثال طور جمعي جي نماز ۽ اذان وغيره.

”ڪرم“ جي تن اڪرن جي نسبت سان حاجتِ شرعي جي متعلق 3 نڪتا

مدينه 1: جيڪڏهن مناري جو رستو خارج مسجد (يعني مسجد جي چؤديواري کان ٻاهر) هجي ته به اذان جي لاءِ معتڪف به وڃي سگهي ٿو ڇو ته هاڻي هن جو مسجد کان ٻاهر نڪرڻ حاجتِ شرعي جي سبب کان آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 436)

مدينه 2: جيڪڏهن اهڙي مسجد ۾ اعتڪاف ڪري رهيو هجي جنهن ۾ جمعي جي نماز نه ٿيندي هجي ته معتڪف جي لاءِ ان مسجد مان نڪري جمعي جي نماز لاءِ اهڙي مسجد ۾ وڃڻ جائز آهي جنهن ۾ جمعي جي نماز ٿيندي هجي ۽ پنهنجي اعتڪاف گاهه کان اندازًا اهڙي وقت ۾ نڪري جو خطبو شروع ٿيڻ کان پهريان اتي پهچي چار رڪعتون سنّت پڙهي سگهي ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ ايتري دير تائين وڌيڪ ترسي سگهي ٿو جو چار يا ڇهه رڪعتون پڙهي وٺي ۽ جيڪڏهن ان کان وڌيڪ ترسيو بلڪ باقي اعتڪاف جيڪڏهن اتي پورو ڪري ورتائين تڏهن به اعتڪاف نه ٽُٽندو. پر جمعي جي نماز کان پوءِ ڇهه رڪعتن کان وڌيڪ ترسڻ مڪروهه آهي.

(درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 437)

مدينه 3: جيڪڏهن پنهنجي پاڙي جي اهڙي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيائين جنهن ۾ جماعت نه ٿيندي هجي ته هاڻي جماعت جي لاءِ نڪرڻ جي اجازت ناهي ڇو ته هاڻي افضل اهو ئي آهي ته بغير جماعت جي ئي هن مسجد ۾ نماز ادا ڪئي وڃي. **(جدالممتار ج 2 ص 222)**

(2) حاجت طبعي

حاجت طبعي يعني اها ضرورت جنهن جي بغير گذارو نه هجي مثال طور پيشاب، پائخانو وغيره.

حاجتِ طبعي جي متعلق 6 نڪتا

مدينه 1: مسجد جي احاطي ۾ جيڪڏهن پيشاب وغيره جي لاءِ ڪا جڳهه مخصوص نه هجي ته پوءِ انهن شين جي لاءِ مسجد کان ٻاهر وڃي سگهي ٿو. **(درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 435)**

مدينه 2 : جيڪڏهن مسجد ۾ وضو خانو يا حوض وغيره نه هجي ته مسجد کان وضو جي لاءِ وڃي سگهي ٿو پر هي ان صورت ۾ آهي جڏهن ڪنهن وڏي ٿالهه يا ٽپ ۾ اهڙيءَ طرح وضو ڪرڻ ممڪن نه هجي جو وضو جي پاڻيءَ جو ڪو قطرو (اصل) مسجد ۾ نه پوي.
(ردالمحتار ج 3 ص 435)

مدينه 3: احتلام هجڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن مسجد جي احاطي ۾ غسل خانو ناهي ۽ نه ئي ڪهڙيءَ طرح مسجد ۾ غسل ڪرڻ ممڪن هجي ته جنابت واري غسل لاءِ مسجد کان نڪري سگهجي ٿو.
(ردالمحتار ج 3 ص 435)

مدينه 4: قضاءِ حاجت جي لاءِ جيڪڏهن گهر ويو تہ طهارت ڪري جلدي واپس اچو. ترسڻ جي اجازت ناهي ۽ جيڪڏهن اوهان جو گهر مسجد کان پري آهي ۽ اوهان جي دوست جو گهر ويجهو آهي تہ هي ضروري ناهي جو دوست وٽ قضاءِ حاجت لاءِ وڃو. بلڪ پنهنجي گهر بہ وڃي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن پاڻ اوهان جا پنهنجا بہ گهر آهن هڪ ويجهو ۽ هڪ پري تہ ويجهي واري گهر ۾ وڃو. ڪجهہ مشائخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا، پري واري گهر ۾ وڃڻ سان اعتڪاف فاسد ٿي ويندو. **(عالمگيري ج 1 ص 212)**

مدينه 5: عام طور تي نمازين جي سهولت جي لاءِ مسجد جي احاطي ۾ بيت الخلا، غسل خانو، استنجا خانو ۽ وضو خانو هوندو آهي. تنهن ڪري **معتڪف** انهن کي ئي استعمال ڪري.

مدينه 6: ڪجهہ مسجدن ۾ استنجا خانن، غسل خانن وغيره جي لاءِ رستو مسجد جي احاطي (يعني فناءِ مسجد جي بہ) ٻاهر کان هوندو آهي. انهيءَ ڪري انهن استنجا خانن ۽ غسل خانن وغيره ۾ حاجتِ طبعي کان علاوه نہ ٿو وڃي سگهي.

اعتڪاف توڙڻ وارين شين جو بيان

هاڻي انهن ڳالهين جو بيان ڪيو وڃي ٿو جن جي ڪرڻ سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي. جتي جتي مسجد کان نڪرڻ تي اعتڪاف ٽُٽڻ جو حڪم آهي اتي مسجد جي احاطي (يعني مسجد جي عمارت واري ٻاڦندري وال) کان نڪرڻ مراد آهي.

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون،" معتڪف جي لاءِ صحيح طريقو هي آهي تہ هو نہ ڪنهن مريض جي عيادت لاءِ وڃي، نہ ڪنهن جنازي ۾ شامل ٿئي، نہ ڪنهن عورت کي ڇُهي نہ ان سان ميلاپ ڪري ۽ نہ ئي ناگزير ضروريات ڪانسواءِ ڪنهن بہ ضرورت جي لاءِ ٻاهر نڪري."

(سنن ابي داود ج 2 ي 492 حديث 2473)

"راحتِ قلب و جگر مدينہ" جي سورهن اڪرن جي نسبت سان اعتڪاف ٽوڙڻ وارين شين جي متعلق 16 نڪتا

مدينه 1: جن ضرورتن جو پوئتي ذڪر ڪيو ويو آهي انهن ڪانسواءِ ڪنهن بہ مقصد سان جيڪڏهن توهان مسجد جي حدن (يعني مسجد جي احاطي) کان ٻاهر نڪري ويؤ توڙي اهو نڪرڻ هڪ ئي گهڙيءَ جي لاءِ هجي، تہ ان سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو. (مراقي الفلاح ص 179)

مدينه 2: واضح رهي تہ مسجد کان نڪرڻ ان وقت چيو ويندو جڏهن پير مسجد کان اهڙيءَ طرح ٻاهر نڪري وڃن جو ان کي عُرفًا مسجد کان ٻاهر نڪري وڃڻ چئي سگهجي. تنهن ڪري جيڪڏهن رُڳو مٿو مسجد مان ٻاهر ڪڍيو تہ ان سان اعتڪاف فاسد نہ ٿيندو.

(البحرالرائق ج 2 ص 530)

مدينه 3: بنا شرعي ضرورت جي مسجد کان ٻاهر نڪرڻ توڙي ڄاڻي واڻي هجي يا ڀُل ۾ يا غلطيءَ سان، هر صورت ۾ ان سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي. پر جيڪڏهن ڀُل يا غلطيءَ ۾ ٻاهر نڪرندو تہ ان سان اعتڪاف ٽوڙڻ جو گناهہ نہ ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينه 4: اهڙيءَ طرح توهان شرعي ضرورت سان (مسجد جي احاطي کان) ٻاهر نڪتؤ پر ضرورت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به ٻاهر ترسيؤ ته ان سان به اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي.

(حاشية الطحطاوي علي المراقي ص 703)

مدينه 5: اعتڪاف جي لاءِ جيئن ته روزو شرط آهي ان لاءِ روزو ٽوڙي ڇڏڻ سان به اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي توڙي اهو روزو ڪنهن عذر سان ٽوڙيو هجي. يا بنا عذر جي، ڄاڻي واڻي ٽوڙيو هجي يا غلطيءَ سان ٽُٽو هجي. هر صورت ۾ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو آهي. غلطي سان روزو ٽُٽڻ جو مطلب هي آهي ته روزو ته ياد هيو پر بي اختيار ڪو اهڙو عمل ٿي ويو جيڪو روزي جي منافي (يعني ٽُٽڻ جو سبب) ٿيو. مثال طور صبح صادق ظاهر ٿيڻ کان پوءِ تائين کائيندو رهيو. يا سج لهڻ کان پهريان ئي اذان شروع ٿي ويئي يا گهڳهو شروع ٿي ويو ۽ افطار ڪري ڇڏيو پوءِ خبر پيئي ته اذان ۽ گهڳهو وقت کان پهريان ئي شروع ٿي ويا هئا. ان طرح به روزو ٽُٽي پوندو. يا روزو ياد هجڻ جي باوجود گرڙي ڪرڻ وقت بي اختيار پاڻي نِڙيءَ ۾ هليو ويو، ته انهن سيني صورتن ۾ روزو به ٽُٽي پيو ۽ اعتڪاف به ٽُٽي پيو.

مدينه 6: جيڪڏهن روزو ئي ياد نه رهيو ۽ يُل ۾ڪجهه ڪائي پي ڇڏيو ته ان سان نه روزو ٽُٽو ۽ نه ئي اعتڪاف.

مدينه 7: معتڪف اسلامي ياءُ ۽ اسلامي ڀيڻ هي قاعدو ياد رکن ته اهي ڪم جن جي ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوندو آهي، اعتڪاف به ٽُٽي پوندو آهي.

مدينه 8: جِماع ڪرڻ سان بہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي. توڙي هي جِماع ڄاڻي واڻي ڪري يا پُل ۾، ڏينهن ۾ ڪري يا رات ۾، مسجد ۾ ڪري يا مسجد ڪان ٻاهر. ان سان انزال ٿئي يا نہ ٿئي هر صورت ۾ **اعتڪاف** ٽُٽي ويندو آهي. **(درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 442)**

مدينه 9: چُمي يا ڀاڪر پائڻ **اعتڪاف** جي حالت ۾ ناجائز آهي ۽ جيڪڏهن ان سان انزال ٿي وڃي تہ اعتڪاف بہ ٽُٽي ويندو آهي. پر جيڪڏهن انزال نہ ٿئي تہ ناجائز هجڻ جي باوجود اعتڪاف نہ ٽو ٽُٽي. **(ردالمحتار ج 3 ص 442)**

مدينه 10 : پيشاب ڪرڻ جي لاءِ (مسجد جي احاطي ڪان ٻاهر) ويو هيو. قرض خواهہ روڪي ڇڏيو. **اعتڪاف** فاسد ٿي ويو. **(عالمگيري ج 1 ص 212)**

مدينه 11: معتڪف جيڪڏهن بيهوش يا مجنون (يعني پاڳل) ٿي ويو ۽ اها بيهوشي يا جُنُون وڌي وڃي جو روزو نہ ٿي سگهي تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پيو ۽ قضا واجب آهي جيتوڻيڪ ڪيترن ئي سالن ڪان پوءِ صحتمند ٿئي. **(عالمگيري ج 1 ص 213)**

مدينه 12: معتڪف مسجد ۾ ئي ڪائي پيئي. انهن ڪمن جي لاءِ مسجد ڪان ٻاهر ويندو تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو. **(تبيين الحقائق ج 2 ص 229)** پر هي خيال رهي تہ مسجد ۾ گندگي نہ ٿئي.

مدينه 13: جيڪڏهن توهان جي لاءِ ڪاڏو آڻڻ وارو ڪو ناهي تہ پوءِ ڪاڏو آڻڻ جي لاءِ مسجد ڪان ٻاهر وڃي سگهو ٿا. پر مسجد ۾ ئي آڻي ڪاڏو ڪائو. **(البحرالرائق ج 2 ص 530)**

مدينه 14: مرض جي علاج جي لاءِ مسجد کان ٻاهر نڪتو تہ **اعتڪاف** فاسد (يعني ختم) ٿي ويو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينه 15: جيڪڏهن ڪنهن معتڪف کي ننڊ جي حالت ۾ هلڻ جي بيماري هجي ۽ اهو ننڊ ۾ هلندي هلندي مسجد کان ٻاهر نڪري ويو تہ اعتڪاف فاسد ٿي ويندو.

مدينه 16: ڪو بدنصيب اعتڪاف جي دؤران مُرتَد ٿي ويو (نعوذ بالله عَزَّوَجَلَّ) تہ **اعتڪاف** باطل آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مُرتَد کي ايمان جي توفيق عنايت فرمائي تہ فاسد ٿيل اعتڪاف جي قضا ناهي ڇو تہ ارتداد (يعني اسلام کان ڦري وڃڻ) سان زمانهءِ اسلام جا سيئي اعمال ضايع ٿي ويندا آهن. (درمختار مع رد المحتار ج 3 ص 437)

منهنجي چيلهه جو سور ختم ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعتڪاف جي عظمت جو ڇا چئجي ۽ جيڪڏهن اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت ميّسر اچي وڃي تہ ان جي برڪت ۽ مَنفعت جي تہ ڇا ئي ڳالهہ آهي! جيئن تہ **عطار آباد** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهہ هن طرح جو بيان ڏنو: مان آواره گرد ۽ گندي ذهنيت جو مالڪ هئس، دوستن جي ڪچهرين ۾ فحش ڳالهيون ڪرڻ وري مٿان وڏا وڏا ٿهڪ ڏيڻ منهنجو خاص مشغلو هو. هڪ ناشائسته گناهہ جي نُحُوست سان مستقل طور تي منهنجي **چيلهہ ۾ سور** رهڻ لڳو هو، جيڪو ڪنهن بہ قسم جي علاج سان نہ پيو وڃي. منهنجي قسمت جو ستارو هيئن چمڪيو جو رمضان المبارڪ (1426هہ _ 2005ع) ۾ ڪجهہ واقفڪار اسلامي ڀائر هڪ دم

منهنجي پويان پئجي ويا تہ توکي هر حال ۾ اسان سان گڏ **اجتماعي اعتکاف** ۾ شرڪت ڪرڻي آهي، مان نٽائيندو رهيس پر انهن بلڪل نہ مڃيو، مجبور ٿي ڪري مون کي "ها" ڪرڻي پيئي. آءُ رمضان المبارڪ (1426ھ) جي آخري ڏهاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **ميمڻ مسجد** (عطارآباد) ۾ معتڪف ٿي ويس. مان جڻ ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي ويو هئس. پنجن ئي نمازن جون بهارون، سنتن ڀريا پُرسوز بيانات، رقت انگيز دعائون، سنّتن ڀريا حلقا وري مٿان **عاشقانِ رسول** جون شفقتون ۽ انهن جون برڪتون، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اعتڪاف جي دوران منهنجي چيلهہ جو سور بغير ڪنهن دوا جي پاڻمرادو صحيح ٿي ويو** ۽ منهنجي قلب ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. مون گناهن کان توبهہ ڪئي، چهري کي مدني آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت جي مبارڪ نشاني ڏاڙهيءَ سان سينگاريو ۽ سبز عمامي شريف سان مٿو بہ سرسبز ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون **41 ڏينهن جو مدني قافله ڪورس** ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ هاڻي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ ۾ مصروف آهيان.

ان شاءاللہ ہو ٹھیک دردِ کمر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا چاہو اگر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

چُپ رهڻ جو روزو

حضور تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم "صومِ وِصال" يعني بغير سَحَري ۽ افطار جي مسلسل روزو رکڻ ۽ "صومِ سُکُوت" يعني "چُپ جو روزو" رکڻ کان

منع فرمايو. (مسند امام اعظم ص 110) **عوام** ۾ هي غلط فهمي ڏني ويندي آهي تہ معتڪف کي مسجد ۾ پردو ٽنگي ان جي اندر بلڪل چُپ چاپ ٿي رهڻ گهرجي. حالانڪہ ائين ناهي. پردو بيشڪ لڳايو جو **اعتڪاف** جي لاءِ خيمو لڳائڻ **سنّت** آهي پردي سان عبادت ۾ مڪمل ڌيان حاصل ٿيندو آهي. بغير پردي لڳائڻ جي بہ **اعتڪاف** درست آهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: **اعتڪاف** جي حالت ۾ خاموشي کي عبادت سمجهي اختيار ڪرڻ **مڪروهِ تحريمي** (ناجائز) آهي ۽ جيڪڏهن چپ رهڻ ثواب سمجهي ڪري نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي. ۽ بُري ڳالهہ ڪان بچڻ جي لاءِ چُپ رهڻ اعليٰ درجي جي شيءِ آهي ڇو تہ بُري ڳالهہ زبان مان نہ ڪڍڻ واجب آهي ۽ ڪڍڻ گناهہ ۽ جنهن ڳالهہ ۾ نہ ثواب هجي نہ گناهہ يعني مباح ڳالهہ بہ معتڪف کي مڪروهہ آهي. پر ضرورت پوي تہ اجازت آهي ۽ بنا ضرورت جي مسجد ۾ مباح ڳالهہ نيڪين کي اهڙيءَ طرح ڪائي ڇڏيندي آهي جيئن باهہ ڪاني کي. (در مختار ج 3 ص 441)

معتڪف کان گناهہ سرزد ٿيڻ

بدنگاهي، بدگماني، شرعي اجازت کان بغير ڪنهن جي بيعزتي ڪرڻ، ڪوڙ، غيبت، چُغلي، حسد، ڪنهن تي تهمت يا بهتان هڻڻ ڪنهن جو مذاق اڏائڻ، دل آزاري ڪرڻ، فحش ڳالهيون ڪرڻ، گانا باجا ٻڌڻ، گارگند ڏيڻ، ناحق جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ هي سڀ گناهہ آهن ۽ **مسجد** ۾! اهو بہ **اعتڪاف** جي حالت ۾!! ظاهر آهي جو اجان بہ وڏيڪ سخت گناهہ آهي. انهن گناهن کان توبهہ، سچي توبهہ، هميشہ جي لاءِ توبهہ ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪنهن **اعتڪاف** جي حالت ۾ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا نشي واري شيءِ رات جو استعمال ڪئي تہ ان سان **اعتڪاف** نہ ٽٽندو. نشو ڪرڻ حرام آهي ۽ **اعتڪاف** ۾ تہ وڌيڪ گناهہ آهي. توبهہ ڪرڻ گهرجي.

”يامصطفيٰ“ جي ستن اکرن جي نسبت سان ملاحظہ فرمايو اعتڪاف ٽوڙڻ جون ست جائز صورتون

هنن سيني صورتن ۾ اعتڪاف فاسد ٿي ويندو ۽ ان جي قضا بہ لازم ٿيندي پر گناهہ نہ ٿيندو.

مدينہ 1: اعتڪاف جي دؤران ڪا اهڙي بيماري پيدا ٿي ويئي جنهن جو علاج مسجد کان ٻاهر نڪرڻ بغير نہ ٿو ٿي سگهي تہ **اعتڪاف** ٽوڙڻ جائز آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينہ 2: ڪو ماڻهو ٻُڌي رهيو هجي يا باهہ ۾ سڙي رهيو هجي تہ **اعتڪاف** ٽوڙي ٻُڌندڙ کي بچايو ۽ سڙندڙ جي باهہ کي وسايو.
(ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينہ 3: جهاد جي لاءِ عام اعلان ڪيو وڃي (يعني جهاد فرضِ عين ٿي وڃي) تہ **اعتڪاف** ٽوڙي جهاد ۾ شرڪت ڪريو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينہ 4: جيڪڏهن جنازو اچي وڃي، ڪو ٻيو نماز پڙهڻ وارو ناهي تہ **اعتڪاف** ٽوڙي (مسجد جي احاطي کان ٻاهر نڪري بہ) جنازي جي نماز پڙهي سگهو ٿا. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينہ 5: ڪو شخص زبردستي ڪڍي ٻاهر وٺي وڃي مثال طور حڪومت جي طرف کان گرفتاريءَ جو وارنٽ اچي وڃي تہ بہ **اعتڪاف** ٽوڙڻ جائز آهي جڏهن تہ جلدي ٻي مسجد ۾ وڃڻ ممڪن نہ هجي.

(ردالمحتار ج 3 ص 438)

مدينه 6: جيڪڏهن پنهنجي عزيز، مَحْرَم، يا گهرواريءَ جو انتقال ٿي وڃي ته جنازي نماز لاءِ **اعتڪاف** توڙي سگهو ٿا. (پر قضا ڪرڻ واجب ٿي ويندو) (حاشية الطحطاوي علي المراقي ص 703)

مدينه 7: توهان جيڪڏهن ڪنهن مُعاملي ۾ گواهه آهيو ۽ توهان جي گواهيءَ تي فيصلو موقوف (رڪيل) هجي ته توهان جي لاءِ هي جائز آهي ته اعتڪاف توڙي گواهي ڏيڻ جي لاءِ وجو ۽ حقدار جي حق کي ضايع ٿيڻ کان بچايو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

حاجت روائي ۽ هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي فضيلت

محدثينِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري انتقالِ پُرملال جي ٿوري عرصي کان پوءِ هڪ نهايت ئي رقت انگيز حڪايت نقل ڪئي آهي، جيئن ته منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **مسجد نبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُرنُور ۽ رحمت سان معمور فضائن ۾ معتڪف هئا. هڪ نهايت ئي غمگين شخص سندن خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کانئس همدرديءَ سان غم جو سبب دريافت ڪيو. ان عرض ڪيو، "اي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچا جان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا لختِ جگر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ! فلاڻي جو منهنجي ذمي ڪجهه حق آهي." پوءِ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار جي طرف اشارو ڪندي چوڻ لڳو، "هن روضي انور جي اندر تشريف فرما نبيءِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُرمت (يعني عزّت) جو قسم! مان ان جو حق ادا ڪرڻ جي

استطاعت (يعني سگهه) نہ ٿو رکان.“ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمايو.” ڇا مان توهان جي سفارش ڪريان؟“ ان عرض ڪيو،” جهڙي طرح توهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بهتر سمجهو. پوءِ ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا هي ٻُڌي هڪدم **مسجد نبوي الشريف** عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مان ٻاهر نڪري آيا. هي ڏسي ڪري اهو شخص مُتَعَجّب (حيران) ٿي ڪري عرض گذار ٿيو. ”عالي جاه! ڇا توهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **اعتڪاف** وساري ڇڏيو؟ “جواب ۾ ارشاد فرمايائون، نہ **اعتڪاف** ناهي وساريو.“ پوءِ مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مزارِ نُور بار جي طرف اشارو ڪندي روئڻ لڳا. ڇو تہ **سرڪارِ نامدار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي جُدا ٿيندي گهڻو عرصو نہ ٿيو هو. **سرڪار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي ياد بي قرار ڪري ڇڏيو، اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا.**

آنسوؤں کی جھڑی لگ گئی ہے　　اس پہ دیوانگی چھا گئی ہے
یاد آقا کی تڑپا رہی ہے صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم　　یاد آئے ہیں شاہِ مدینہ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار جي طرف اشارو ڪري روئيندي فرمائڻ لڳا،”ڪجهه گهڻو عرصو ناهي گذريو جو مون هن مزار شريف ۾ آرام فرمائڻ واري محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻُڌو آهي تہ فرمائي رهيا هئا،”جيڪو پنهنجي ڪنهن ڀاءَ جي **حاجت روائي** جي لاءِ هلي ۽ ان کي پورو ڪري ڇڏي تہ هي ڏهن سالن جي **اعتڪاف** کان افضل آهي ۽ جيڪو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ **هڪ ڏينهن جو اعتڪاف** ڪري ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ ٽي خندقون (ڪاهيون) رڪاوٽ فرمائي ڇڏيندو جن جو فاصلو

اوير ۽ اولهه جي وچ واري فاصلي کان به وڌيڪ هوندو.“

(شعب الايمان ج 3 ص 424 حديث 3965)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن هڪ ڏينهن جي **اعتڪاف** جي ايڏي فضيلت آهي ته پوءِ ”ڏهن سالن جي **اعتڪاف** کان به افضل“جي برڪتن جو ڪير اندازو ڪري سگهي ٿو؟ هن **حڪايت** مان پنهنجي اسلامي ڀائرن جي **حاجت روائي** ۽ مشڪل ڪشائي جي فضيلت به معلوم ٿي. مسلمانن جي دلجوئيءَ جي اهميت تمام گهڻي آهي. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: فرضن کان پوءِ سيني عملن مان الله عَزَّوَجَلَّ کي وڌيڪ پيارو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي.“ (**المعجم الكبير** ج 11 ص59 حديث 11079) واقعي جيڪڏهن هن نفسا نفسيءَ جي دؤر ۾ اسان سڀ هڪبئي جي غمخواري ۽ غمگساري ۾ لڳي وڃون ته جلد ئي دنيا جو نقشو بدلجي وڃي. پر افسوس! هاڻي ته ڀاءُ ڀاءَ سان اٽڪي رهيو آهي اڄ مسلمان جي عزّت و آبرو ۽ ان جي جان ۽ مال مسلمان جي ئي هٿان پائمال ٿيندي نظر اچي رهيا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نفرتون مٽائڻ ۽ محبتون وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

”مسجد نبوي“ جي اٺن اڪرن جي نسبت سان اعتڪاف ۾ جائز ڪمن جي اجازت تي مشتمل اٺ مدني گل

مدينه 1: ڪائڻ، پيئڻ سمهڻ (پر مسجد جي فراسيءَ تي ڪائڻ ۽ سمهڻ بدران پنهنجي چادر يا تڏي تي ڪائو ۽ سمهو)

مدينه 2: ضرورت جي طور تي دنياوي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. (پر آهستي ۽ فالتو ڳالهيون هرگز نه ڪريو).

مدينه 3: مسجد ۾ ڪپڙا تبديل ڪرڻ، عطر لڳائڻ، مٿي يا ڏاڑهي ۾ تيل وجهڻ.

مدينه 4: ڏاڑهيءَ جو خط ناهڻ، زلف ڪَترڻ، ڦٽي ڏيڻ، پر انهن سڀني ڪمن ۾ هي احتياط ضروري آهي ته ڪو وار مسجد ۾نه ڪِري، تيل يا ڪاڏي وغيره سان مسجد جون صَفون ۽ ديوارون وغيره خراب نه ٿين. ان جي آسان صورت هي آهي ته هي ڪم وضو خاني يا فناءِ مسجد ۾ پنهنجي چادر وڇائي پوءِ ڪريو.

مدينه 5: مسجد ۾ بنا ڪنهن اجرت جي ڪنهن مريض جو **معائنو** ڪرڻ، دوا ٻُڌائڻ، بلڪه نسخو لکي ڏيڻ.

مدينه 6: مسجد ۾ بغير پڳهار جي قرآن مجيد يا علمِ دين پڙهڻ، پڙهائڻ يا سنّتون ۽ دعائون سکڻ، سيکارڻ.

مدينه 7: پنهنجي يا اهل و عيال جي ضرورت جي لاءِ مسجد ۾ خريد و فروخت ڪرڻ **معتڪف** جي لاءِ جائز آهي. پر تجارت جي ڪا شيءِ مسجد ۾ نه ٿو آڻي سگهي. ها جيڪڏهن ٿورڙي شيءِ آهي جيڪا مسجد ۾ جڳهه نه والاري ته آڻي سگهي ٿو. خريد و فروخت رُڳو ضرورت جي لاءِ هجي ۽ مال ڪمائڻ مقصود هجي ته جائز ناهي. چاهي اهو مال مسجد کان ٻاهر ئي ڇو نه هجي. **(درالمختار ج 3 ص 440)**

مدينه 8: ڪپڙا، ٽانوَ وغيره مسجد جي اندر ڌوئڻ جائز آهن. پر شرط

اهو آهي تہ مسجد جي فراسي يا فرش تي ان جو ڪو ڇنڊو نہ پوي. ان جي صورت هي آهي تہ ڪنهن وڏي ٿانوَ وغيره ۾ ڏوئو. انهن ڳالهين کان علاوه ٻيا سيئي اهي ڪم جيڪي اعتڪاف جي لاءِ مُفْسد (توڙيندڙ) و ممنوع (منع ٿيل) ناهن ۽ في نفسهٖ جائز بہ آهن ۽ انهن جي ڪرڻ سان مسجد جي ڪهڙيءَ طرح بہ بي حرمتي نٿي ٿئي. اهي سڀ جا سڀ ڪم **معتڪف** جي لاءِ جائز آهن پر نامناسب شين کان بچو. هاڻي **معتڪف** کي ڪجهہ ڪم ڪرڻ جي اجازت جي متعلق ٻہ احاديثِ مبارڪہ پيش ڪيون وڃن ٿيون.

معتڪف مسجد کان مٿو ڪڍي سگهي ٿو

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون، ”جڏهن سرڪارِ دو عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اعتڪاف ۾ هوندا هئا (تہ مسجد مان ئي) پنهنجو مٿو مبارڪ منهنجي (**حجري جي**) طرف ڪڍندا هئا ۽ مان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مٿي مبارڪ ۾ ڦٽي ڏئي ڇڏيندي هيس ۽ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر ۾ قضاءِ حاجت کانسواءِ ڪنهن ٻئي ڪم جي لاءِ تشريف کڻي نہ ايندا هئا.“ **(صحيح بخاري ج 1 ص 665 حديث 2029)**

ٻاهر نڪري تہ هلندي هلندي عيادت ڪري سگهي ٿو

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون، ”سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **اعتڪاف** جي حالت ۾ مريض وٽان گذرندا هئا تہ بغير ترسڻ جي ۽

بغير رستي کان هٽڻ جي، گذرندي ئي (هلندي هلندي) ان کان حال پُڇي وڃندا هئا.“ (سنن ابي داود ج 2 ص 492 حديث 2472)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ مبارڪ مان هيءَ ڳالهه معلوم ٿي ته شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کنهن شرعي يا طبعي حاجت جي لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي ويندا هئا ۽ **سرڪار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گذرڻ کنهن **بيمار** وٽان ٿيندو هو ته ڀاڙ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه ته ان جي **عيادت** جي لاءِ پنهنجي رستي کان هٽندا هئا ۽ نه مريض وٽ ترسندا هئا، بلڪ هلندي هلندي ان جي طبيعت پُڇي وڃندا هئا. ڪو **معتڪف** اسلامي ڀاءُ جڏهن کنهن شرعي عذر سان مسجد جي احاطي کان ٻاهر نڪري ته ان کي ضرورت کان وڌيڪ هڪ گهڙي به ترسڻ نه گهرجي. ها رستي ۾ هلندي هلندي کنهن کي سلام ڪيو کنهن سان ڪا ڳالهه ڪري ورتي يا هلندي هلندي بيمار پُرسي (يعني عيادت) ڪري ورتي ته جائز آهي. پر ان مقصد لاءِ رستي تي بيهجي ويو يا رستو تبديل ڪيائين ته اعتڪاف ٽُٽي پوندو.

اسلامي ڀينرن جو اعتڪاف

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون نبين جا سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ جي آخري ڏهن ڏينهن جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ ڀاڙ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وفاتِ (ظاهري) عطا فرمائي. پوءِ ڀاڙ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ سندن ازواج مطهرات (گهروارين) رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ اعتڪاف ڪنديون هيون.“ (صحيح بخاري ج1 ص 664 حديث 2026)

اسلامي پينرون بہ اعتڪاف ڪن ميندا

اسلامي پينرن کي بہ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي. هونئن بہ جيڪي باحيا اسلامي پينرون آهن اهي تہ پنهنجي گهرن جي اندر ئي پردي نشين هونديون آهن ڇو تہ گهٽين ۽ بازارن ۾ بنا پردي جي گهمڻ بي حيا عورتن جو ڪم آهي. تنهن ڪري باحيا اسلامي پينرن جي لاءِ اعتڪاف ڪرڻ شايد گهڻو مشڪل نہ هجي. جيڪڏهن ٿورڙي تڪليف ٿئي بہ تہ ڪهڙو حرج آهي؟ رمضان المبارڪ جو مهينو ڪهڙو روز روز ايندو آهي! پوءِ بہ ڏهن ئي ڏينهن جي تہ ڳالهہ آهي. اسلامي پينرن کي جيئن تہ مسجدِ بيت (تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي) ۾ جيڪا نهايت ئي مختصر جڳهہ هوندي آهي **اعتڪاف** ڪرڻو هوندو آهي جو ائين قبر جي بہ ياد تازي ٿي ويندي آهي. جو نُنهن ڏيئرن ۽ ننڍڙن ٻارن جي رونقن ۾ ڏهہ ڏينهن ڪنڌ ۾ ويهڻ ڏکيو گذري رهيو آهي تہ خدا ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ اڪيلو قبر ۾ **هزارين سال** ڪهڙي طرح گذارو ٿيندو؟ جيڪڏهن توهان ڏهہ ڏينهن رمضان المبارڪ ۾ پنهنجي گهر ۾ اعتڪاف جي حالت ۾ گذاريو تہ ڇا عجب آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ۽ پنهنجي رحمت سان توهان جي قبر ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻيل سيئي پردا هٽائي ڇڏي. هر اسلامي ڀيڻ کي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو تہ هن سعادت کي حاصل ڪرڻ ئي گهرجي.

”تاجدار مرسلين“ جي پارهن اڪرن جي نسبت سان اسلامي پينرن جي لاءِ 12 مدني گل

مدينه 1: اسلامي پينرون مسجد ۾ نہ رُڳو **مسجدِ بيت** ۾ **اعتڪاف** ڪن .”مسجدِ بيت“ ان جڳهه کي چيو ويندو آهي جيڪا عورت گهر ۾ پنهنجي نماز جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيندي آهي. اسلامي پينرن جي لاءِ هي مستحب آهي تہ گهر ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ جڳهه مقرر ڪن ۽ ان جڳهه کي پاڪ ۽ صاف رکن ۽ بهتر هي آهي تہ ان جڳهه کي چبوتري (يعني ٿلهي) وغيره جيان بلند ڪن. بلڪ اسلامي پائرن کي گهرجي تہ نوافل جي لاءِ گهر ۾ ڪا جڳهه مقرر ڪري ڇڏين جو نفل نماز گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 429)

مدينه 2: جيڪڏهن اسلامي پيٽ نماز جي لاءِ ڪا جڳهه مقرر نہ ڪئي آهي تہ گهر ۾ **اعتڪاف** نہ ٿي ڪري سگهي. ها جيڪڏهن ان وقت يعني جڏهن **اعتڪاف** جو ارادو ڪيو ڪنهن جڳهه کي نماز جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو تہ ان جڳهه تي **اعتڪاف** ڪري سگهي ٿي. (درمختار، ردالمحتار ج 3 ص 429)

مدينه 3: ڪنهن ٻئي جي گهر وجي اسلامي پيٽ **اعتڪاف** نہ ٿي ڪري سگهي.

مدينه 4: مڙس جي اجازت کان بغير گهرواريءَ جي لاءِ اعتڪاف ڪرڻ جائز ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 429)

مدينه 5: جيڪڏهن گهرواريءَ مڙس جي اجازت سان **اعتڪاف** شروع ڪري ڇڏيو. عد ۾ مڙس منع ڪرڻ چاهي ٿو تہ هاڻي منع نہ

ڪري سگهندو ۽ جيڪڏهن منع ڪندو تہ گهرواريءَ جي ذمي ان جي بجا آوري واجب ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 211)

مدينه 6: اسلامي ڀينرن جي اعتڪاف جي لاءِ هي بہ ضروري آهي تہ اهي **حيض** ۽ **نفاس** کان پاڪ هجن جو انهن ڏينهن ۾ نماز، روزو ۽ تلاوتِ قرآن حرام آهي. (عامهء ڪتب) (عورت کي ٻار جي پيدائش کان پوءِ جيڪو رت ايندو رهندو آهي تنهن کي **نفاس** چوندا آهن.ان جي وڌ کا وڌ مدت چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون آهي. چاليهن ڏينهن راتين کان پوءِ جيڪڏهن رت بند نہ ٿيو تہ بيماري آهي، غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏي. اسلامي ڀينرن ۾ هيءَ عام غلط فهمي آهي ۽ اهي سمجهنديون آهن تہ نفاس جي مدت مڪمل چاليهہ ڏينهن آهي حالانڪہ ائين ناهي. شريعت جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن رت هڪ ڏينهن ۾ بند ٿي ويو، بلڪہ ٻار ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ئي بند ٿي ويو تہ نفاس ختم ٿيو، غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏين. **حيض** جي مدت گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن راتيون ۽ وڌ کان وڌ ڏهہ ڏينهن راتيون آهي. ٽن ڏينهن ۽ راتين کان پوءِ جڏهن بہ رت بند ٿي ويو، هڪدم غسل ڪري ڇڏين ۽ نماز وغيره شروع ڪن. (هتي شادي شده عورتن جي لاءِ ڪجهہ تفصيل آهي ان کي بهارِ شريعت جي حصي ٻئي ۾ لازمي ڏسن) ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ راتين کان پوءِ رت جاري رهيو تہ **استحاضه** يعني بيماري آهي. ڏهہ ڏينهن راتيون پوريون ٿيندي ئي غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏين.)

مدينه 7: **اعتڪافِ** سنّت شروع ڪرڻ کان پهريان هي ڏسي ڇڏڻ گهرجي تہ انهن ڏينهن ۾ ماهواري جون تاريخون اچڻ واريون تہ ناهن. جيڪڏهن تاريخون رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ اچڻ واريون هجن تہ اعتڪاف شروع نہ ڪن.

مدينه 8: جيڪڏهن اعتڪاف جي حالت ۾ عورت کي حيض اچي وڃي تہ ان جو اعتڪاف ٽُٽي پوندو. **(بدائع الصنائع ج2 ص287 دار احياء التراث العربي بيروت)**

هن صورت ۾ جنهن ڏينهن ان جو اعتڪاف ٽُٽو آهي رُڳو ان هڪ ڏينهن جي قضا ان جي ذمي واجب ٿيندي. **(رد المحتار ج3 ص 500 دار المعرفه بيروت)** ماهواري کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ڏينهن قضا جي نيّت سان اعتڪاف ڪري ڇڏي. جيڪڏهن رمضان شريف جا ڏينهن باقي هجن تہ رمضان شريف ۾ بہ قضا ڪري سگهي ٿي. هن صورت ۾ رمضان المبارڪ جو روزو ئي ڪافي ٿي ويندو. جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ قضا ڪرڻ نہ ٿي چاهي يا پاڪ ٿيڻ تائين رمضان المبارڪ ختم ٿي وڃي تہ ڪنهن ٻئي ڏينهن قضا ڪري ڇڏي. پر عيدالفطر ۽ ذوالحجة الحرام جي ڏهين کان تيرهين جي علاوه جو انهن پنجن ڏينهن جا روزا مڪروهِ تحريمي آهن. **(الدرالمختار معه ردالمحتار ج 3 ص 391)** قضا جو طريقو هي آهي تہ سج لهڻ وقت (بلڪ احتياط ان ۾ آهي تہ پهريان) اعتڪاف جي قضا واري نيّت سان مسجدِ بيت ۾ پهچي وڃي ۽ هاڻي جيڪو ڏينهن ايندو ان جي سج لهڻ تائين معتڪف رهي. هن ۾ روزو شرط آهي.

مدينه 9: **شرعي** ضروريات جي بغير اعتڪاف واري جاءِ کان نڪرڻ جائز ناهي. اتان کان اتي گهر جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ بہ نہ ٿي وڃي سگهي. جيڪڏهن ويندي تہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو.

مدينه 10: **اسلامي** ڀينرن جي لاءِ بہ اعتڪاف جي جڳهہ کان هٽڻ جا اهي ئي احڪام آهن جيڪي اسلامي ڀائرن جي لاءِ آهن. يعني جن ضرورتن جي سبب کان اسلامي ڀائرن کي مسجد مان نڪرڻ جائز

آهي. انهن جي لاءِ اسلامي ڀينرن کي بہ **اعتڪاف** جي جڳهہ کان نڪرڻ جائز ۽ جن ڪمن جي لاءِ مردن کي مسجد مان نڪرڻ جائز ناهي انهن جي لاءِ **اسلامي ڀينرن** کي بہ پنهنجي جڳهہ کان هٽڻ جائز ناهي.

مدينه 11 : اسلامي ڀينرون اعتڪاف جي دؤران پنهنجي جڳهہ تي وينيِ وينيِ ڀرت ڀرڻ جو ڪم ڪري سگهن ٿيون. گهر جي ڪمن جي لاءِ ٻين کي هدايتون بہ ڏئي سگهن ٿيون پر پاڻ اتي نہ وڃن.

مدينه 12 : بهتر هي آهي تہ اعتڪاف جي دؤران سموري توجهہ تلاوت، ذڪر و درود، تسبيحات، ديني مطالعو، سنّتن ڀرئي بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ ۽ ٻين عبادتن جي طرف رهي، ٻين ڪمن ۾ وڌيڪ وقت صرف نہ ڪن.

اعتڪاف قضا ڪرڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو ۽ ڪنهن سبب ڪان ٿُٿي پيو تہ ڏهن ڏينهن جي قضا ڪرڻ ضروري ناهي. توهان جي ذمي رُڳو ان هڪ ڏينهن جي قضا آهي جنهن ڏينهن **اعتڪاف** ٿُٿو آهي. جيڪڏهن ماهِ رمضان شريف جا ڏينهن اجان باقي آهن تہ انهن ۾ بہ قضا ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن رمضان شريف گذري ويو تہ پوءِ ڪنهن بہ ڏينهن قضا ڪري ڇڏيو ۽ ان ۾ روزو بہ رکو. پر عيدالفطر ۽ ذوالحجة الحرام جي ڏهين کان تيرهين کان علاوه. جو انهن پنجن ڏينهن جا روزا مڪروهِ تحريمي آهن. قضا جو طريقو هي آهي تہ ڪنهن ڏينهن سج

لهڻ جي وقت (بلڪ احتياط ان ۾ آهي تہ ڪجهہ منٽ پهريان) قضا اعتڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ داخل ٿي وجو ۽ هاڻي جيڪو ڏينهن ايندو ان جي سج لهڻ تائين معتڪف رهو. هن ۾ روزو شرط آهي.

اعتڪاف جو فديو

جيڪڏهن قضا ڪرڻ جي مهلت ملڻ جي باوجود قضا نہ ڪئي ۽ موت جو وقت اچي پهتو تہ وارثن کي وصيّت ڪرڻ واجب آهي تہ جيئن اهي هن اعتڪاف جي بدلي فديو ادا ڪري ڇڏين ۽ جيڪڏهن وصيّت نہ ڪئي ۽ وارث فديي جي ادائيگي جي اجازت ڏئي ڇڏين تہ بہ فديو ادا ڪرڻ جائز آهي. (الفتاوىٰ الهندية ج 1 ص 213 ڪوئٽہ) **فديو** ادا ڪرڻ ايڏو ڏکيو ناهي. اعتڪاف جي فدئي جي نيّت سان ڪنهن **زڪوٰة** جي مستحق کي **صدقهءِ فطر** جي مقدار ۾ (يعني تقريبًا بہ ڪلو 50 گرام) ڪڻڪ يا ان جي رقم ادا ڪري ڇڏيو.

اعتڪاف توڙڻ جي توبهہ

جيڪڏهن اعتڪاف ڪنهن مجبوريءَ خاطر توڙيو هيو يا پُل ۾ ٿُنو تہ گناهہ ناهي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي توڙيو هيو تہ هي گناهہ آهي تنهن ڪري قضا سان گڏوگڏ **توبهہ** بہ ڪريو ۽ جڏهن بہ ڪو گناهہ سرزد ٿي وڃي ان جي **توبهہ** ڪرڻ واجب آهي ۽ توبهہ بنا ڪنهن دير جي ڪرڻ گهرجي ڇو تہ زندگيءَ جو ڪو پروسو ناهي. ٻنهي ڪنن ۽ نڪ تي آڱريون مهٽڻ جو نالو **توبهہ** ناهي بلڪ ان خاص گناهہ جو نالو وٺي ان تي شرمندگيءَ سان ٻاڏائيندي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ مُعافي طلب ڪريو ۽ اڳتي اهو

گناهه نہ ڪرڻ جو پڪو پهه بہ ڪريو. **توبهه** جي لاءِ هي بہ شرط آهي تہ ان گناهه کان دل ۾ بيزاري بہ هجي.

مشهور بيندڙ پارٽي جي مالڪ جي توبهه

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اچي بيشمار بگڙيل ماڻهو سڌي راهه تي اچي ڪري نمازن ۽ سنّتن جا پابند ٿي ويا، انهيءَ ضمن ۾ هڪ مُشڪبار مدني بهار ملاحظہ ڪريو جيئن تہ **مندسُور** شهر (P.M. هند) جي هڪ نوجوان جي **بيندڙ باجن** جي پارٽي پنهنجي شهر جي مشهور **پارٽي** مجي ويندي هئي. هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ ان رمضان المبارڪ 1426 هہ جي آخري ڏهاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ڪيو. **تربيتي حلقن** ۾ گناهن جون تباهہ ڪاريون ٻُڌي ڪري ان جي دل چوٽ ڪاڌي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت رنگ لاتو. ان اڳين گناهن کان توبهہ ڪري چڏي، ڏاڙهي سجائڻ ۽ **عاشقانِ رسول** سان گڏ 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر تي وڃڻ جي نيّت ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **ان بيندڙ باجا وڄائڻ جو ڪناهن پريو حرام روزگار چڏي ڏنو.**

چوٹ کھاجائے گا اِک نہ اِک روز دل، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے ھدایت بھی جائیگی مل، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

معتڪفين جي لاءِ ضرورت جون شيون

﴿1﴾ اطمينان حاصل ڪرڻ ۽ سامان جي حفاظت جي لاءِ جيڪڏهن پردو لڳائڻو هجي ته ضرورت مطابق ڪپڙو (سائو هجي ته بهتر)، ڏوري ۽ سيفٽي پِنون (پِل وغيره) ﴿2﴾ ڪنزالايمان شريف ﴿3﴾ سئي ڌاڳو ﴿4﴾ قينچي﴿5﴾ تسبيح ﴿6﴾ ڏنڊ ﴿7﴾ سُرمو،سرائي﴿8﴾ تيل جي شيشي ﴿9﴾ ڦٽي ﴿10﴾ آئينو ﴿11﴾ عطر ﴿12﴾ ٻہ جوڙا ڪپڙن جا ﴿13﴾ تهبند (يعني گوڏ) ﴿14﴾ عمامو شريف، ٽوپي ۽ سربند سميت ﴿15﴾ گلاس ﴿16﴾ پليٽ ﴿17﴾ پيالو (مٽيءَ جو هجي ته بهتر) ﴿18﴾ ڪوپ ۽ بسي ﴿19﴾ ٿرماس ﴿20﴾ دسترخوان ﴿21﴾ ڏندن جي خِلال جي لاءِ ڪک يا تيلا ﴿22﴾ ٽوال ﴿23﴾ (غسل جي لاءِ احتياطي طور تي) بالٽي ۽ مگو ﴿24﴾ هٿ جو رومال ﴿25﴾ چُري ﴿26﴾ قلم ﴿27﴾ غير ضروري ڳالهين جي عادت ڪڍڻ خاطر لکي ڪري گفتگو ڪرڻ جي لاءِ **قفلِ مدينه** جو مدني پيڊ ﴿28﴾ مطالعي جي لاءِ فيضانِ سنّت ۽ ضرورت مطابق اسلامي ڪتاب ﴿29﴾ مدني انعامات جو ڪارڊ ﴿30﴾ ڊائري ﴿31﴾ استنجي واري جاءِ کي خُشڪ ڪرڻ جي لاءِ ضرورت هجي ته درزيءَ جي بغير قيمت واري ڪاتر يا ٽِشو پيپرز ﴿32﴾ سمهڻ جي لاءِ تڏي. اهڙي تڏيءَ جو استعمال مسجد ۾ جائز ناهي جنهن سان مسجد ۾ تيلا ڪِرن ۽ گندگي ٿئي﴿33﴾ ضرورت هجي ته وهاڻو ﴿34﴾ اوڍڻ لاءِ چادر يا ڪمبل﴿35﴾ پردي ۾ پردو ڪرڻ جي لاءِ چادر﴿36﴾ مٽي جي سُور، نزلي، بخار وغيره جي لاءِ ٽڪيون وغيره.

مدني مشورو: پنهنجي شين تي ڪو نشان (مثال طور ☾ وغيره) ناهي ڇڏيو تہ جيئن گڏجي وڃڻ جي صورت ۾ ڳولڻ آسان ٿئي. چادر وغيره تي نالو يا ڪو اڪر بہ نہ لکو جو بي ادبي ٿيندي رهندي. (نشانين جا نمونا هن ئي باب "فيضانِ اعتڪاف" جي آخري صفحي تي ملاحظ فرمائيندا.)

اعتڪاف جا 50 مدني گل

مدينہ 1: رمضان المبارڪ جي ويهين تاريخ تي سج لهڻ کان پهريان پهريان اعتڪاف جي نِيَّت سان مسجد ۾ داخل ٿي وڃو. جيڪڏهن سج لهڻ کان پوءِ هڪ گهڙي بہ دير سان مسجد ۾ داخل ٿيندؤ تہ رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سنّت ادا نہ ٿيندي.

مدينہ 2: جيڪڏهن سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد ۾ اعتڪاف جي نِيَّت سان داخل تہ ٿي ويؤ ۽ پوءِ فناءِ مسجد مثال طور مسجد جي احاطي (چؤديواري) ۾ واقع وضو خاني يا استنجا خاني ۾ هليا ويؤ ۽ ويهين رمضان جو سج لهي ويو تہ ڪو حرج ناهي ان سان اعتڪاف ناهي ٽُٽندو.

مدينہ 3: استنجا خاني ۾ ويندي، هلندي هلندي سلام ۽ جواب، ڳالهہ بولهہ ڪرڻ جي اجازت آهي پر ان جي لاءِ هڪ گهڙي بہ بيهجي ويؤ تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پيو. ها جيڪڏهن استنجا خانو مسجد جي احاطي جي اندر آهي تہ رڪجڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

مدينه 4: جيڪڏهن استنجا خاني ۾ ويڙهڻ پر ڪو پهريان ڪان اندر ويل آهي تہ مسجد ۾ اچي انتظار ڪرڻ ضروري ناهي. بلڪہ اتي انتظار ڪري سگهو ٿا.

مدينه 5: پيشاب ڪرڻ ڪان پوءِ مسجد ڪان ٻاهر ئي ضرورت جي طور تي استبرا ڪري سگهو ٿا. (پيشاب ڪرڻ ڪان پوءِ جنهن کي هي شڪ هجي تہ ڪو قطرو باقي رهجي ويو آهي يا پوءِ ايندو، ان جي لاءِ استبراء يعني پيشاب ڪرڻ ڪان پوءِ اهڙو ڪم ڪرڻ جو جيڪڏهن ڪو قطرو رڪيل هجي تہ ڪِري پوي واجب آهي. استبراء ٿهلڻ سان، زمين تي زور سان پير هڻڻ، ساڄو پير ڪاٻي پير تي يا ڪاٻو پير ساڄي پير تي رکي زور ڏيڻ، مٿانهينءَ ڪان هيٺ لهڻ يا هيٺ ڪان مٿي چڙهڻ سان، ڪنگهڻ يا ڪاٻي پاسي ليٽڻ سان بہ ٿيندو آهي. ۽ استبراء ان وقت تائين ڪجي جو دل کي اطمينان ٿي وڃي. ٿهلڻ جو مقدار علماء چاليهہ قدم رکيو آهي پر صحيح هي آهي تہ جيتري ۾ اطمينان ٿي وڃي ۽ هي استبراء جو حڪم مردن لاءِ آهي. عورت (کي جيڪڏهن قطرو رهجي وڃڻ جو شڪ هجي تہ) فارغ ٿيڻ جي ٿوري دير ڪان پوءِ وقفو ڪري طهارت ڪري ڇڏي. (**بهارِشريعت حصو 2ص115**) استبراء ڪرڻ وقت ضرورت موجب پِتر ڪاٻي هٿ سان عُضوِ تَناسُل (يعني مخصوص عضوي) جي سوراخ تي رکو. استبراء ڪرڻ وارو پيشاب ڪرڻ واري جي ئي حڪم ۾ آهي. تنهن ڪري سلام ڪلام وغيره نہ ڪري ۽ استبراء جي دوران قبلي طرف رخ ڪرڻ يا پُٺي ڪرڻ اهڙيءَ طرح حرام آهي جهڙيءَ طرح پيشاب يا پائخانو ڪرڻ وقت حرام آهي.)

مدينه 6: جيڪڏهن مسجد ڪان ٻاهر نهيل استنجا خاني ۾ گندگي وغيره جي سبب طبيعت گهبرائيندي هجي تہ رفعِ حاجت جي لاءِ گهر وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (ردالمحتار ج3 ص 435)

مدينه 7: مسجد (جي چار ديواري) **کان** ٻاهر نڪتو ۽ جيڪڏهن ڪنهن قرض خواهه روڪي ورتو تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو.

مدينه 8: ڪاڏو ڪائڻ وقت پنهنجو دسترخوان ضرور وڇايو مسجد جو فرش يا فراسيون خراب نہ ٿيڻ گهرجن.

مدينه 9 : **مسجد** جي ديوارن يا فراسين وغيره تي هرگز ميرا يا سٽيا هٿ نہ لڳايو، ٿُڪ نہ اڇلايو اهڙيءَ طرح ڪن يا نڪ وغيره مان مير ۽ گند ڪڍي ان تي نہ لڳايو. بلڪ فناءِ مسجد جي ديوار يا فرش وغيره تي بہ پان جي ٿُڪ نہ اڇلايو. مسجد جي صفائيءَ ۾ حصو وٺو ٿي سگهي تہ معتڪفين هڪ شاپر کيسي ۾ رکي ڇڏين ۽ وارن جا ڇُڳا ۽ تيلا وغيره چونڊيندا رهن. اوهان جي ترغيب جي لاءِ حديثِ پاڪ پيش ڪريان ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :"جيڪو مسجد مان تڪليف واري شيءِ ڪڍي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر بڻائيندو."

(سنن ابن ماجه ج1 ص419 حديث 757 مطبوعة دارالمعرفة بيروت)

مدينه 10: مسجد جي فراسين جا ڏاڳا ۽ تڏن جا تيلا پَٽڻ کان پرهيز ڪريو. (هر جاءِ تي ان ڳالهہ جو خيال رکو)

مدينه 11: مسجد ۾ سوال ڪرڻ واري کي هرگز رقم وغيره نہ ڏيو جو مسجد ۾ سوال ڪرڻ حرام آهي ۽ ان کي ڏيڻ جي بہ اجازت ناهي. **مجددِ اعظم اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مسجد جي سائل کي جيڪڏهن ڪو هڪ پيسو ڏئي ڇڏي تہ ان کي گهرجي تہ ان جي

ڪَفَّاري ۾ ستر پيسا وڏيڪ صدقو ڪري. (هي صدقو بہ مسجد جي سائل کي نہ ڏئي) (فتویٰ رضویہ تخریج شدہ ج 16 ص 418)

مدينہ 12: صرف هڪ پير مسجد کان ٻاهر ڪڍيو تہ ڪو حرج ناهي.

مدينہ 13: ٻئي هٿ مٿي سميت بہ جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيا تہ بہ ڪو حرج ناهي.

مدينہ 14: بي خياليءَ ۾ مسجد مان ٻاهر نڪري ويؤ ۽ ياد اچڻ تي ٿُرت ئي مسجد جي اندر اچي بہ ويؤ پوءِ بہ **اعتڪاف** ٽُٽي چُڪو.

مدينہ 15: **ڪا** اهڙي بيماري تي ويئي جو مسجد مان نڪرڻ بغير علاج ممڪن ناهي تہ علاج جي لاءِ ٻاهر تہ نڪري سگهو ٿا. پر **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو البت **اعتڪاف** توڙڻ جو گناهہ نہ ٿيندو. هڪ ڏينهن جي قضا ذمي رهندي.

مدينہ 16: ڪاڏو ۽ پيئڻ جي لاءِ پاڻي آڻڻ وارو ڪو ناهي تہ آڻڻ جي لاءِ ٻاهر نڪري سگهو ٿا پر ڪائو ۽ پيئو مسجد ۾ ئي.

مدينہ 17: مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ڪنهن بدنصيب ڪفر جو جملو بَڪيو ۽ مُرتد ٿي ويو تہ سندس اعتڪاف ٽُٽي پيو. هاڻي تجديدِ ايمان ڪري يعني ان ڪفر واري جملي کان توبهہ ڪري ۽ ڪلمو پڙهي، تجديدِ بيعت ۽ جيڪڏهن شادي شده هيو تہ تجديدِ نڪاح بہ ڪري. اعتڪاف جي قضا ناهي ڇو تہ مُرتد ٿي وڃڻ سان پويان سڀ نيڪ عمل برباد ٿي ويندا آهن.

مدينه 18: **معتكف** مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا نشي واري شيءِ ڪائي ڇڏي يا خدانخواسته ڏاڙهي جهڙي پاڪيزه ۽ محترم سنّت کي ڪوڙي ڇڏي جيتوڻيڪ اهي ٻئي ڪم هونئن ئي حرام آهن ۽ مسجد ۾ اجان به سخت گناهه پر **اعتكاف** نه ٿُٿندو.

مدينه 19 : **معتكف** جي لاءِ مسجد ۾ ڏاڙهي ۽ جو خط ناهڻ يا زلف ڪترڻ يا مٿي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ تيل وجهڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن ته پنهنجو ڪپڙو وغيره وڇائي پوري احتياط سان هي ڪم ڪيو وڃي. مسجد جون فراسيون تيل سان خراب نه ٿيڻ گهرجن ۽ وار وغيره به ان تي نه ڪِرڻ گهرجن.

مدينه 20: **معتكف** ديني مدرسي جا ڪتاب پڙهي سگهي ٿو.

مدينه 21: **رات** جي وقت جيتري دير تائين مسجد ۾ بَتي ٻارڻ جو عرف (يعني رواج) آهي. اوتري دير تائين بنا هٻڪ جي ديني مطالعو ڪري سگهجي ٿو. وڌيڪ بجلي استعمال ڪرڻ جي لاءِ انتظاميه سان طئي ڪري ڇڏيو.

مدينه 22: **اخبارون** جيئن ته جاندارن جي تصويرن بلڪ فلمي اشتهارن سان عام طور تي پريل هونديون آهن انهيءَ ڪري مسجد ۾ ان جي مطالعي کان بچو.

مدينه 23: **ڪو** چور توهان جون يا ڪنهن اسلامي ڀاءَ جون جُتيون چورائي پڳو ته ان کي پڪڙڻ جي لاءِ مسجد مان ٻاهر نه ٿا وڃي سگهو. ٻاهر ويؤ ته **اعتكاف** ٿُٽي پوندو.

مدينه 24: مسجد جيڪڏهن ٻه ماڙ يا وڌيڪ آهي ۽ ڏاڪا مسجد جي احاطي جي اندر ئي نهيل آهن تہ بنا هبڪ جي مٿان جي سيني منزلن تي بلڪ ڇتِ تي بہ وڃي سگهو ٿا. پر بنا ضرورت جي مسجد جي ڇت تي چڙهڻ مڪروهہ ۽ بي ادبي آهي.

مدينه 25: مسجد ۾ بيان يا نعت شريف جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ چاهيو تہ ٽيپ ريڪارڊر ۾ پنهنجا سيل وجهي ڇڏيو. جيڪڏهن مسجد جي بجليءَ سان هلائڻ چاهيو تہ بهتر هي آهي تہ جيتري بجلي توهان خرچ ڪئي آهي ان جو اندازو ڪري ان کان ڪجهہ وڌيڪ پيسا انتظاميہ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هي بہ احتياط ڪريو تہ ڪنهن جي عبادت يا آرام ۾ رُخنو نہ پوي.

مدينه 26: مسجد جي ڇت وغيره جيڪڏهن ڪِري پيئي يا ڪنهن زبردستي ڪيرائي ڇڏي تہ جهڻ پڻ ٻي مسجد ۾ معتڪف ٿي وڃو **اعتڪاف** صحيح ٿي ويندو.

مدينه 27: اعتڪاف جي دؤران جيستائين ٿي سگهي پنهنجو وقت نوافل، تلاوتِ قرآن، ذڪر و درود، اسلامي ڪتابن جي مطالعي ۽ سنّتون ۽ دعائون وغيره جي سکڻ سيکارڻ ۾ گذاريو.

مدينه 28: اعتڪاف جي لاءِ جيڪڏهن مسجد ۾ پردو لڳايو تہ گهڻ ۾ گهڻ جڳهہ والاريو تہ جيئن نمازين کي پريشاني نہ ٿئي. منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن (مسجد ۾) شيون رکو جن سان نماز جي جڳهہ رڪجي تہ سخت ناجائز آهي. (فتاویٰ رضويه تخريج شده ج 8 ص 97)

مدينه 29: مسجد کي هر قسم جي گدلاڻ ۽ مير مٿيءَ وغيره کان بچايو.

مدينه 30: مسجد ۾ هُل هنگامو، کل ڀوڳ وغيره هرگز نه ڪريو جو گناهه آهي.

مدينه 31: توهان گهر کان مسجد لاءِ هليا تہ نيڪيون ڪمائڻ پر ڪٿي ائين نہ ٿئي جو گناهن جا ڍير کٽي موٽيو. تنهنڪري خبردار! مسجد ۾ هرگز هرگز بنا ضرورت جي ڪو لفظ وات مان نہ نڪري. زبان تي مضبوط **قفلِ مدينه** لڳايو.

مدينه 32: معتڪفين اسلامي ڀائرن کي مسجد ۾ ضروري شيون پهريان کان ئي مهيا ڪري وٺڻ گهرجن تہ جيئن بعد ۾ ڪنهن کان سوال ڪرڻ جي حاجت نہ رهي ۽ ٻين کان شيون گهرندو رهڻ جي عادت بہ سٺي ناهي. ڪجهہ صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تہ **سوال** کان ايتريقدر بچندا هئا جو جيڪڏهن انهن جو **ڇڀڪ** بہ ڪِري پوندو هو تہ گهوڙي تي وينو هجڻ جي باوجود هو ڪنهن کي ايترو بہ نہ چوندا هئا تہ " ادا! هي **ڇڀڪ** تہ ڪٿي ڏجو" بلڪہ پاڻ گهوڙي تان لهي ڪٿي وٺندا هئا.

مدينه 33: ٻين جي موجودگيءَ ۾ تلاوت جي آواز کي ايترو جهڪو رکو جو انهن جي ڪنن تائين آواز نہ پهچي.

مدينه 34: جيڪڏهن توهان جي مسجد ۾ ٻيا اسلامي ڀائر بہ معتڪف هجن تہ انهن جي حقوقِ صحبت جو هر طرح سان لحاظ رکو ٻين معتڪفين جي خدمت کي پنهنجي سعادت سمجهو. انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي جيترو ٿي سگهي ڪوشش ڪريو

۽ اخلاص و ايثار جو مظاهرو ڪندا رهو. ايثار جو ثواب بيشمار آهي جيئن تہ تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي، " **جيڪو شخص ان شيءِ ڪي جنهن جي پاڻ ان ڪي حاجت هجي ٻئي ڪي ڏئي ڇڏي تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ان ڪي بخشي ڇڏيندو آهي.**"

(اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779)

مدينه 35: توهان جيڪي ڪجهہ دعائون ۽ سنّتون ڄاڻو تا ٻين معتڪفين کي سيکارڻ جي ڪوشش ڪريو جو ثواب ماڻڻ جو اهڙو سونهري موقعو هرهر ناهي ملندو.

مدينه 36 : اعتڪاف جي دؤران جيترو تي سگهي وڌ کان وڌ سنّتن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. مثال طور تڏي ۽ مٽيءَ جا ٿانوَ وغيره استعمال ڪريو.

مدينه 37 : مدني انعامات تي عمل ڪري ڪارڊ ڀريو ۽ ان جي هميشہ لاءِ عادت بڻايو.

مدينه 38 : مسجد جي فرش، فراسي يا تڏيءَ تي سمهڻ کان پرهيز ڪريو ڇو تہ پگهر جي بدبوءِ ۽ مٽي جي تيل جا داغ ۽ پڻ احتلام جي صورت ۾ ناپاڪ ٿيڻ جو بہ خطرو آهي. تنهن ڪري پنهنجي تڏي پاڻ سان گڏ ضرور کڻي اچو. ان سان تڏيءَ تي سمهڻ جي سنّت ادا ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو ۽ مسجد جون فراسيون ۽ تڏيون بہ گدلاڻ کان محفوظ رهنديون.

مدينه 39 : جيڪڏهن پنهنجي تڏي ميّسر نہ هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي چادر ئي وڇائي ڇڏيو.

مدينه 40 : **ٿهر** هجي يا مسجد، جتي بہ سُمهو پردي ۾ پردي جو خيال رکو ممڪن هجي تہ شلوار تي هڪ چادر گوڏ جيان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ٻي ويڙهي ڇڏڻ جي عادت بڻايو جو ننڊ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پاتل ڪپڙي سان بہ سخت بي پردگي ٿي رهي هوندي آهي.

مدينه 41: **هرگز** هرگز **ٻہ** اسلامي ڀائر هڪ ئي وهاڻي تي يا هڪ ئي چادر ۾ نہ سمهن.

مدينه 42: **اهڙيءَ** طرح فِتني جي جاءِ تي ڪنهن جي ران يا هنج ۾ مٿو رکي سمهڻ کان بہ پرهيز ڪريو.

مدينه 43: جڏهن 29 رمضان المبارک تي عيد الفطر جي چنڊ جي خبر ٻُڌو يا 30 رمضان شريف جو سج لهي وڃي تہ مسجد مان ايئن نہ ڀڄو جيئن قيد کان آزاد ٿيا آهيو، بلڪ ٿيڻ تہ ايئن گهرجي جو رمضان المبارک جي رخصت ٿيڻ جي خبر ٻُڌندي ئي صدمي کان دل غمگين ٿيڻ لڳي جو آهہ! مبارک مهينو اسان کان جُدا ٿي ويو، خوب روئي روئي ماهِ رمضان کي **الوداع** ڪريو.

تم گھر کو نہ کھینچو نہیں جاتا نہیں جاتا
میں چھوڑ کے مسجِد کو نہیں اب کہیں جاتا

مدينه 44: **اعتکاف** جي پُڄاڻيءَ جي وقت خوب روئي روئي پنهنجي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ مسجد جي بي ادبين تي الله عَزَّوَجَلَّ کان مُعافي طلب ڪريو ۽ خوب روئي روئي پنهنجي ۽ تمام دنيا جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اعتکاف جي قبوليّت ۽ سڄي امت جي مغفرت جي دعا گهرو.

مدينه 45: پاڻ ۾ هڪبئي کان حق تلفيون مُعاف ڪرايو.

مدينه 46: مسجد جي خادمن کي به ٿي سگهي ته تحفا ڏيئي راضي ڪريو.

مدينه 47: مسجد جي انتظاميه جو به تعاون جي سبب ٿورا مجيندي شڪريو ادا ڪريو.

مدينه 48: عيد الفطر جي رات ٿي سگهي ته عبادت ۾ گذاريو. نه ته گهٽ ۾ گهٽ عشاءَ ۽ فجر جون نمازون باجماعت ادا ڪريو ته حديث جي حڪم موجب سڄي رات جي عبادت جو ثواب ملندو.

مدينه 49: ڪوشش ڪري نفلي اعتڪاف جي نِيَّت سان عيد رات انهيءَ مسجد ۾ گذاريو جتي سنّتِ اعتڪاف ڪيو آهي. حضرتِ سيّدُنا امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا ته سيّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو:" ته بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن ان ڳالهه کي پسند فرمائيندا هئا ته (عيد الفطر جي) رات (مسجد) ۾ ئي گذارين ته جيئن اتان کان سندن ڏينهن (يعني عيد جي مبارڪ ڏينهن) جي شروعات ٿئي."سيّدُنا امام مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جو هي معمول نقل فرمائن ٿا ته اهي عيد جي رات جو پنهنجي گهرن ڏانهن نه موٽندا هئا جيستائين ماڻهن سان گڏ عيد جي نماز ادا نه ڪندا هئا.

(الدرالمنثور ج 1 ص 488)

مدينه 50: عيد جون مقدس گهڙيون بازارن جي اندر خريدارين ۾ گذارڻ کان پرهيز ڪريو. اهڙيءَ طرح عيد جي يومِ سعيد کي به مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ گڏيل تفريح گاهن سينيما گهرن ۽ ڊراما گاهن ۾ گذاري ڪري يومِ وَعيد نه بڻايو.

عاشقانِ رسول جي صحبت مون کي چا مان چا بڻائي ڇڏيو

جتي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب هوندي آهي اتي عيد رات جو يا رات مسجد ۾ ئي گذاري ڪري عيد جي ڏينهن سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي ترڪيب بڻايو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توهان پاڻ ئي ڏسي ونندؤ. جيڪڏهن مادرن دوستن وغيره سان گناهن ڀري ماحول ۾ عيد گذاري ته ٿي سگهي ٿو ته اعتڪاف جي ڪمائي ضايع ٿي وڃي. توهان جي ترغيب جي لاءِ عيد جي مدني قافلي جي هڪ مُشڪبار ۽ خوشگوار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن ته لائينز ايريا، بابُ المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي: پهريان مان به هڪ عام مادرن ۽ بي نمازي ڇوڪرو هئس، زندگيءَ جون راتيون ۽ ڏينهن غفلتن ۽ گناهن ۾ گذري رهيا هئا. ماهِ رمضان المبارڪ 1423هه ۾ هڪ اسلامي ڀاءَ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسان جي ئي علائقي جي **فيضانِ رضا مسجد** (لائينز ايريا) ۾ ٽيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياري، مون هائوڪار ڪئي ۽ گهر وارن کان اجازت وٺي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ معتڪف ٿي ويس. **اعتڪاف** ۾ ڏهن ڏينهن تائين عاشقانِ رسول جي صحبتن جي برڪتن سان خوب مالا مال ٿيس ۽ **اعتڪاف** ۾ سڄي عمر لاءِ پنج

وقتہ نمازي بڻجي رهڻ جو عَزم بِالْجَزم (يعني پڪو پهہ) ڪري ورتو، ٻين گناهن سان گڏوگڏ ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان بہ توبهہ ڪري ورتي. هٿوهٿ عمامو شريف بہ سجائي ورتو ۽ سنّت جي مطابق مدني لباس جي بہ نِيَّت ڪري ورتي. مون عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ تي ڏينهن مدني قافلي ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ هن مبارڪ سفر جي برڪت سان آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جو بڻجي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ ڪري جو مرڻ گهڙيءَ تائين **دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول** مون کان نہ وڃي. هاڻي آءُ فيشن ايبل مادرن ڇوڪرو نہ رهيو هئس. اعتڪاف ۽ هٿو هٿ مدني قافلي جي سفر دوران **عاشقانِ رسول** جي ويجهڙائيءَ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو. مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو بيحد ڪرم آهي جو آءُ هي بيان ڏيڻ وقت پنهنجي علائقي ۾ مدني انعامات جي ذميدار جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

فضلِ ربّ سے گناہوں کی عادت چُھٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پنهنجون شيون سنڀالڻ جو طريقو

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ سان لاڳاپيل هزارين اسلامي ڀائر دنيا جي مختلف مسجدن ۾ **اجتماعي اعتڪاف** ڪندا آهن. انهن سيني

جي خدمت ۾ عرض آهي، شرعي مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن ٻئي جي ڪا شيءِ غلطيءَ سان تبديل ٿي اچي وڃي. چاهي پنهنجي شيءِ سان مِلندڙ جُلندڙ هجي تڏهن بہ ان جو استعمال ناجائز ۽ گناهہ آهي. انهيءَ ڪري معتڪفين (۽ مدرسي جي رهندڙ شاگردن بلڪ هر هڪ) کي گهرجي تہ پنهنجي پنهنجي انهن شين تي ڪا نشاني لڳائين جن جو ٻين جي شين سان گڏجي وڃڻ جو انديشو هجي. رهنمائيءَ جي لاءِ ڪجهہ نشانيون اڳتي اچي رهيون آهن. (چپل، چادر وغيره تي نالو يا ڪنهن بہ زبان جو ڪو حرف مثال طور A,B وغيره نہ لکو بلڪ ٿي سگهي تہ ڪمپني جو نالو بہ ڍاهي ڇڏيو. تہ جيئن پيرن هيٺان اچڻ تي بي ادبي نہ ٿئي. هر زبان جي حروف تهجي (Alphabet) جو ادب ڪريو. هن مسئلي جو تفصيل فيضانِ سنّت جي باب فيضانِ بسم الله ص89 کان ص 124 تي ملاحظہ ڪريو)

اعتڪاف ۾ بيمار ٿي پوڻ جا سبب

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنۡهُ سالن کان وٺي **معتڪفين** جي خدمتن ۾ حاضرين کان مشرف آهي، **اعتڪاف** جي دوران ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن کي **بيمار** ٿيندي ڏٺو آهي. ان جو سڀ کان وڏو سبب جيڪو ظاهر ٿي ڪري سامهون آيو آهي اهو آهي”غذائي بي احتياطيون“. گهر وارا ۽ دوست وغيره عمدا ۽ لذيذ ڪاڏا، خوشبودار مٺا مٺا طعام، **ڪباب سموسا**، پزا، پڪوڙا، ڪٽيون چٽڻيون، ڪِچڙو ۽ **چٽپٽا** آلو ڇولا ۽ سَحَريءَ ۾ مَلائي پَراٺا، ڪجلا (هڪ قسم جو طعام) ۽ ڦيني (هڪ قسم جون سَيُون) وغيره عنايت فرمائيندا آهن ۽ ڪجهہ **معتڪفين** حرص کان مغلوب ٿي ڪري، انجام کان بي خبر

جيڪو ڪجهه سامهون آيو، ان جو آڌر ياءُ ڪري چڱيءَ طرح بغير چباڙڻ جي ٿُرت ئي پيٽ ۾ پهچائيندا آهن، نتيجي طور: قبض، گيس، پيٽ ۾ سور، بدهاضمو، دست، الٽي، جسم ۾ سُستي، نزلو، بخار، مٿي ۽ بدن ۾ سور وغيره مرض اچي ڪڙڪندا آهن، جيتوڻيڪ ويچارا وڏي جذبي سان خوب عبادت جو ذهن کڻي ڪري **اعتڪاف** جي لاءِ گهر کان هلي ايندا آهن، پر ڪائي ڪائي بيمار ٿي پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته نوبت ايتري تائين پهچندي آهي جو نماز جي جماعت شروع ٿي ويندي آهي پر اهي غريب مٿي جي سور ۽ بخار جي ڪري مسجد ۾ ليٽي چِنگهي رهيا هوندا آهن.

نا سمجھ بيمار کو اَمرت بھی زہر آميز ہے
سچ يہی ہے سو دواء کی اک دواء پرہيز ہے

ڪاڏي جي احتياط جو فائدو

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي **عالمي** مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** بابُ المدينه ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ هزار بلڪ هزارين عاشقانِ رسول **معتڪف** هوندا آهن. انهن کي پيش ڪيل ڪاڏي ۾ بناسپتي گهه جو استعمال بند ڪرائڻ، تيل ۽ مصالحن ۾ به اڏو اڏ گهٽتائي ڪرڻ ۽ ڪباب سموسن ۽ پڪوڙن تي پابندي لڳرائڻ جون درخواستون ڪندو رهڻ سان ڪجهه نه ڪجهه عمل ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح **اعتڪاف** جي دؤران مريضن جي شرح ۾ خاص گهٽتائي ڏني وئي. ڪاش! هر اعتڪاف واري مسجد بلڪ مسلمانن جي هر گهر ۾ ڄاڻايل احتياط اختيار ڪيا وڃن.

مون کي مسلمانن جي صحت پياري آهي

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آءُ مسلمانن جي روحاني اصلاح سان گڏوگڏ جسماني صحت ۽ فلاح جو به خواهشمند آهيان. ڪاش! ڪاش! ڪاش! منهنجي درخواستن جي مطابق خواهش کان گهٽ ڪائي ڪري ۽ بي وقت مختلف شيون کائڻ کان پاڻ کي بچائي ڪري سيئي **معتڪفين** صحت ۽ عافيّت سان عبادت ۽ تربيت ۾ حصو وٺي ڪري **اجتماعي اعتڪاف** جي پُڄاڻيءَ تي عيد رات جو هٿو هٿ **مدني قافلي** ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪرڻ جي قابل رهن، جيڪڏهن منهنجي عرض ڪيل غذائي احتياطن تي سڄي عمر عمل پيرا رهندؤ ته اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي زندگي خوشگوار رهندي ۽ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي اخراجات کان به نجات ملندي. (براءِ ڪرم! فيضانِ سنّت جي باب آدابِ طعام ص423 کان ص433 تي ڪاڏي جو جدوَل ۽ طبي مشورن سان ڀرپور مڪتوبِ عطار پڙهي ڇڏيو) توهان جي تندرستي ۾ مون کي هونئن به دلچسپي آهي ته اهڙيءَ طرح اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **عبادتن** جو ذوق به وڌندو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر جو شوق به وڌندو. توهان صحتمند هوندؤ ته آسانيءَ سان نمازن، سنّتن، پيءُ ماءُ ۽ ٻارن ٻچن جي خدمت جي لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪري سگهندؤ. جيڪڏهن منهنجي درخواستن جي سبب اهي سڀ نيڪ اعمال ٿيا ته اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي به ڪثير ثواب ملندو.

ظالمن جي لاءِ ڊگهي عمر جي دعا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

نمازن ۽ فرض عبادتن کان پري رهڻ وارن مسلمانن، پنهنجي مسلمان ڀائرن تي ظلم ۽ ستم

جا جبل ڪيرائڻ وارن ۽ گناهن جي بازار گرم ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ هدايت عنايت فرمائي. آهه! اهڙن جي صحت به اڪثر ڪري گناهن ۾ گهٽائيءَ جو سبب بڻجندي آهي.

حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: "**جيڪو ظالمن ۽ فاسقن جي لاءِ وڏي ڄمار جي دعا ڪندو آهي، ڇڻ هن ڳالهه تي پسند ڪري ٿو ته زمين تي الله تعاليٰ جي (ڏهڻي) نافرماني ٿئي.**" (ايها الولد مع مجموعه رسائل امام غزالي ص 266 دارالفكر بيروت)

ها ظالمن ۽ فاسقن جي لاءِ ظلم ۽ فسق کان پري رهندي صحت جي ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ ڊگهي عمر ماڻڻ جي دعا ڪري سگهجي ٿي. ڪاڏي جي احتياطن جي نِرالي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جو باب **پيٽ جو قفلِ مدينه** ضرور پڙهي وٺو.

مسلمانن جي پلائي چاهڻ ثواب جو ڪم آهي

حضرتِ سيّدُنا جرير بن **عبدالله** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته "مون حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن ڳالهه تي بيعت ڪئي ته نماز قائم ڪندس ۽ **زڪوٰة** ادا ڪندس ۽ عام مسلمانن جي **خير خواهي** ڪندس (يعني پلائي چاهيندس) (**صحيح مسلم** ص 48 حديث 97) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي مسلمانن جي خيرخواهن ۾ وقف ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي مقدس جذبي جي تحت دعا سان گڏوگڏ صحتمند رهڻ جي لاءِ ڪجهه **مدني گل** حاضر ڪيا آهن. جيڪڏهن رُڳو دنيا جي رنگينين مان مزا ماڻڻ جي لاءِ تندرست رهڻ جي خواهش آهي ته بيشڪ پڙهڻ اتي ئي ڇڏي ڏيو ۽ جيڪڏهن سني صحت جي ذريعي

عبادت ۽ سنّتن جي خدمت تي قوت حاصل ڪرڻ جو ذهن آهي تہ ثواب ڪمائڻ جي غرض سان سنيون سنيون نيّتون ڪندي درود شريف پڙهي ڪري اڳتي وڌو ۽ شوق سان پڙهو:

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ منهنجي، توهان جي، تمام خاندان وارن ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي. اسان کي صحت ۽ عافيّت سان ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رهندي اسلام جي خدمت تي استقامت عنايت فرمائي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جون جسماني بيماريون دور ڪري اسان کي **بيمارِ مدينه** بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪباب سموسا ڪائڻ وارا متوجهہ ٿين

بازار ۽ دعوتن جا چٽ پٽا ڪباب سموسا ڪائڻ وارا توجهہ فرمائين. ڪباب سموسا ڪپائڻ وارا عام طور تي **قيمو** ڏوئندا ناهن. انهن جي چوڻ موجب قيمو ڏوئي ڪري وجهو تہ ڪباب سموسن جو ذائقو متاثر ٿيندو آهي! بازاري قيمي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڇا هوندو آهي اهو بہ ٻُڌي ونو! ڳئون جي **اوجهري** جي ڪل لاهي ان جي "بٽ" يعني اوجهريءَ جي ٿلهي گوشت ۾ **تري** بلڪہ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن تہ **چميل رت** وجهي مشين ۾ پيهندا آهن اهڙيءَ طرح اڇي اوجهريءَ واري ٿلهي گوشت جي قيمي جو رنگ گوشت جي مثل **ڳلابي** ٿي ويندو آهي. اڪثر **ڪباب سموسي** وارا ضرورت موجب تازي سُنڌ ٿوم وغيره بہ قيمي سان گڏ ئي پيهرائي ڇڏيندا

آهن. هاڻي ان قيمي جي ڏوئڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، انهيءَ قيمي ۾ مرچ مصالحا وجهي پُجي ڪري ان جا **ڪباب سموسا** بڻائي ڪپائيندا آهن. هوٽلن ۾ بہ ان طرح جي قيمي جي ياڄيءَ جو انديشو رهندو آهي. گندن **ڪباب سموسن** وارن کان پڪوڙا بہ نہ ورتا وڃن جو ڪڙاهي بہ هڪ ۽ تيل بہ اهو ئي گندي قيمي وارو. خير آءُ هي نہ ٿو چوان تہ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ هر گوشت وڪڻڻ وارو اهڙيءَ طرح ڪندو آهي يا خدانخواستہ هر ڪباب ،سموسي وارو ناپاڪ قيمو ئي استعمال ڪندو آهي. بيشڪ خالص گوشت جو قيمو بہ ملندو آهي. عرض ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ قيمو يا **ڪباب سموسا** اعتماد جوڳي مسلمان کان وٺڻ گهرجن ۽ جيڪي مسلمان اهڙيون حرڪتون ڪندا آهن انهن کي توبهہ ڪري وٺڻ گهرجي.

ڪباب سموسا طبيبن جي نظر ۾

ڪباب، سموسا، پڪوڙا، شامي ڪباب، مچي ۽ ڪُڪڙ وغيره جون تريل ٻوٽيون، پوريون، ڪچوريون، پڙا، پَراٺا، انڊا آمليٽ، وغيره اسان خوب مزي سان کائيندا آهيون. پر نقصان نظر نہ اچڻ وارين مزيدار ۽ چهرين غذائن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون موتمار بيماريون رکيل آهن ان جو شايد ئي ڪنهن کي علم ٿيندو هجي. ترڻ جي لاءِ جيڪو تيل خوب گرم ڪيو ويندو آهي تہ طبي تحقيقات جي مطابق ان جي اندر ڪيترائي ناخوشگوار ۽ نقصان ڏيندڙ مادا پيدا ٿي ويندا آهن، ترڻ جي لاءِ وجهڻ واري شيءِ بہ پاڻيات ڇڏيندي آهي جنهن جي سبب تيل مُشتَعِل ٿي ڪري چٽاخ چٽاخ جو شور مچائيندو آهي جيڪو ان جي ڪيميائي جُزن جي ٽوڙ ڦوڙ جو اهڃاڻ آهي ۽ ان جي سبب غذائي جُزا ۽ وٽامنز تباهہ ٿي ويندا آهن.

”يا رب! نفس جي لذت کان بچاءِ“ جي اٽويهه اکرن جي نسبت سان تريل شين مان ٽيڻ وارين 19 بيمارين جي نشاندهي

﴿1﴾ بدن جو وزن وڌي ويندو آهي ﴿2﴾ آنڊن کي نقصان پهچندو آهي ﴿3﴾ اجابت (پيٽ جي صفائي) ۾ گڙبڙ پيدا ٿيندي آهي ﴿4﴾ پيٽ جوسور ﴿5﴾ دل ڪچي ٽيڻ ﴿6﴾ الٽي يا ﴿7﴾ اسهال (يعني پاڻيءَ جهڙا دست) ٿي سگهن ٿا ﴿8﴾ چربيءَ جي مقابلي ۾ تريل شين جو استعمال وڌيڪ تيزيءَ سان رت ۾ نقصان ڏيندڙ ڪوليسٽرول يعني LDL بڻائيندو آهي ﴿9﴾ فائديمند ڪوليسٽرول يعني HDL ۾ گهٽتائي ايندي آهي. ﴿10﴾ رت ۾ دِڳ يعني جميل رت جا ٽڪرا بڻجي ويندا آهن ﴿11﴾ هاضمو خراب ٿي ويندو آهي ﴿12﴾ گيس ٿي ويندي آهي ﴿13﴾ گهڻو گرم ڪيل تيل ۾ هڪ زهريلو مادو”ايڪرولِين“ پيدا ٿي ويندو آهي جيڪو آنڊن ۾ زخم پيدا ڪندو آهي بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ﴿14﴾ ڪينسر جو ڪارڻ بہ بڻجي سگهي ٿو ﴿15﴾ تيل کي گهڻي دير تائين گرم ڪرڻ ۽ ان ۾ شيون ترڻ جي عمل سان ان ۾ هڪ ٻيو خطرناڪ زهريلو مادو” فري ريڊيڪلز“ پيدا ٿي ويندو آهي جيڪو دل جون بيمارين ﴿16﴾ ڪينسر ﴿17﴾ سَنڌَن ۾ سُور ﴿18﴾ دماغ جي ساڙي جي مرضن ۽ ﴿19﴾ جلد پوڙهائپ جو سبب بڻجندو آهي. ”فري ريڊيڪلز“ نالي خطرناڪ زهريلو مادو پيدا ڪرڻ وارا ٻيا بہ وڌيڪ عوامل آهن مثال طور ✿ تماڪ نوشي ✿ هوا جي گدلاڻ (جيئن جو اڄڪلهه گهرن ۾ هر وقت ڪمرو بند رکيو ويندو آهي نہ اس اچڻ ڏني ويندي آهي نہ تازي هوا) ✿ ڪار جو دونهون ✿ ايڪسري X-RAY ✿

مائيڪرو ويو اووَن (يعني شعاعن ذريعي ڪاڏو گرم ڪرڻ واري مشين) ✿ V.T. ۽ ڪمپيوٽر جي اسڪرين جا شعاع ✿ فضائي سفر جي تابڪاري (يعني هوائي جهاز جو شعاعن ڪيڻ وارو عمل).

خطرناڪ زهر جو توڙ

الله عَزَّوَجَلَّ ان خطرناڪ زهر يعني "فري ريڊيڪلز" جو توڙ به پيدا فرمايوآهي جيئن ته جن سبزين ۽ ميون جو رنگ سائو، هيڏو يا ڳاڙهو مائل هيڏو هوندو آهي هي ان خطرناڪ زهر کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن هن طرح جي ميون ۽ سبزين جو رنگ جيتري قدر تيز هوندو انهن ۾ وٽامنز ۽ معدني جُزن جو مقدار به زياده هوندو آهي اهي هن زهر جو زياده قوت سان توڙ ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تريل شين جو نقصان گهٽ ڪرڻ جو طريقو

ٻن ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان تريل شين جي نقصانن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي: **(1) ڪباب سموسا**، انڊو آمليٽ، مچي وغيره ترڻ جي لاءِ جيڪا ڪڙاهي يا فرائي پين استعمال ڪئي وڃي اها نان اسٽڪ (non stick) هجي **(2)** ترڻ ڪانپوءِ هڪ هڪ شيءِ کي بغير خوشبو واري ٽشو پيپر ۾ چڱيءَ طرح ويڙهيو وڃي ته جيئن ڪجهه نه ڪجهه تيل جذب ٿي وڃي.

بچيل تيل ٻيهر استعمال ڪرڻ جو طريقو

ماهرن جو چوڻ آهي ته هڪ ڀيرو ترڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ کان پوءِ تيل کي ٻيهر گرم نه ڪيو وڃي. جيڪڏهن

بيهر استعمال ڪرڻو هجي ان جو طريقو هي آهي تہ ان کي ڇاڻي ڪري ريفريجريٽر ۾ رکيو وڃي، ڇاڻڻ کان بغير فرج ۾ نہ رکيو وڃي.

فنِ طب يقيني ناهي

تريل شين جي نقصانن جي تعلق سان مون جيڪو ڪجهہ عرض ڪيو اهو منهنجو پنهنجو ناهي، طبيبن جي تحقيق آهي. هي اصول ياد رکڻ جي قابل آهي تہ طب جو فن سڄي جو سڄو ظني آهي يقيني ناهي.

فيشن پرست مبلغ سنّت بڻجي ويو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! نقصانڪار شيون کائڻ پيئڻ جو حرص ختم ڪرڻ، فرنگي فيشن کان جان ڇڏائڻ، سنّتون اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجو سينو عشقِ رسول جو مدينو بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سدا بهار مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اچو توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ مُشڪبار مدني بهار توهان جي آڏو پيش ڪجي ٿي جيئن تہ اِندَورشهر (P.M هند) جي هڪ مادرن نوجوان رمضان المبارڪ سن 1426هہ جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان ٿيندڙ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سندن سان دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو، چهري تي ڏاڙهيءَ جون بهارون مُرڪڻ لڳيون ۽ سبز عمامي شريف

سان سرسبز ٿي ويا. هتو هت 12 ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويا، خوب مدني رنگ چڙهيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مبلغ دعوتِ اسلامي بڻجي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير پنهنجي شهر جي اندر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ حلقہ مشاورت جي **نگران** جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڏومون مچائي رهيا آهن.

گرچہ دل میں ہے فیشن کی اُلفت بھری، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
عمر آئندہ گزرے گی سنّت بھری مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

يا رب مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! هر اسلامي ڀاءُ ۽ هر اسلامي ڀيڻ جو **اعتڪاف** قبول فرماءِ ۽ ان جي برڪتن سان مالامال ڪر. يا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي بہ **اعتڪاف** ڪرڻ جي سعادت نصيب فرماءِ.

مسجد سان محبت جي فضيلت

حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ الفت نشان آهي:" جيڪو مسجد سان الفت (محبت) رکندو آهي الله تعاليٰ ان سان الفت رکندو آهي.

(طبراني اوسط حديث 2379 بيروت)

حضرت علامہ عبد الرؤف مَناوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی ان جي شرح ۾ لکن ٿا :" مسجد سان الفت هن طرح آهي تہ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ۾ اعتڪاف، نماز، ذڪر **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ شرعي مسائل سکڻ سيکارڻ جي لاءِ وينو رهڻ جي عادت بڻائڻ آهي. ۽ **الله تعاليٰ** جو ان ٻانهي سان محبت ڪرڻ

هن طرح آهي جو **الله تعاليٰ** ان کي پنهنجي رحمت جي سايي ۾ جڳهه عطا فرمائيندو ۽ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي.

(فيض القدير ج6 ص 107 دار الفكر بيروت)

مسجد جي زيارت جي فضيلت

حضرت سيدنا **عبدالله** ابن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: ”بيشڪ مسجدون زمين ۾ الله تعاليٰ جا گهر آهن ۽ الله تعاليٰ تي حق آهي تہ اهو (پنهنجي گهر جي) زيارت ڪرڻ واري جو اڪرام (عزت) ڪري.“

(طبراني كبير ج10 ص61 حديث 10324 بيروت)

حضرت علامہ عبد الرؤف مناوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی ان جي شرح ۾ لکن ٿا: يعني مسجدون اهي جڳهون آهن جن کي الله تعاليٰ پنهنجي رحمتن کي لاهڻ لاءِ چونديو آهي.“

(فيض القدير ج2 ص 552 دار الفكر بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جنّت کان محروم

حضرت سَيِّدُنا حذيفہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي نبي مُڪَرَّم نُورِ مُجَسَّم، رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَتَّاتٌ يعني چُغل خور جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (صحيح البخاري ص 512، حديث 6056)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

فيضانِ عيدُ الفِطر

درود شريف جي فضيلت

هڪ پيري ڪنهن فقير ڪافرن کان ڪجهه گهريو. انهن مذاق جي طور تي امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم وٽ موڪلي ڇڏيو. جيڪي سامهون تشريف فرما هئا. ان (يعني فقير) حاضر ٿي ڪري (ڪجهه گهرڻ لاءِ) هٿ ڊگهو ڪيو. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڏهه پيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿن جي تِريءَ تي دم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون، مٿ بند ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي ڪوليو. (ڪافرڪِلي رهيا هئا تہ خالي قوڪ هڻڻ سان ڇا ٿيندو آهي!) پر جڏهن فقير انهن جي سامهون وڃي مٿ کولي تہ اها **سون جي دينارن** سان پريل هئي! هيءَ **ڪرامت** ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا. (راحت القلوب ص 72)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله جي محبوب، داناءِ غيوب مُنَزَّهٌ عَنِ الْعيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رمضان شريف جي مبارڪ مهيني جي متعلق ارشاد فرمايو آهي تہ هن مهيني جو پهريون ڏهاڪو **رحمت**، ٻيو **مغفرت** ۽ ٽيون ڏهاڪو **جهنم** کان آزادي جو آهي.

(صحيح ابن خزيمه ج3 ص 191حديث 1887)

معلوم ٿيو تہ رمضان شريف رحمت و مغفرت ۽ جهنّم کان آزاديءَ جو مهينو آهي، تنهن ڪري هن برڪتن واري مهيني کان پوءِ هڪدم اسان کي عيدِ سعيد جي خوشي ملهائڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي ۽ عيدالفطر جي ڏينهن خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ مستحب آهي، تنهن ڪري اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رحمت تي ضرور خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رحمت تي خوشي ڪرڻ جي ترغيب تہ اسان کي پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو سچو ڪلام بہ ڏئي رهيو آهي. جيئن تہ **يارهين** سيپاري ۾ **سورهِ يونُس** جي آيت 58 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: تون فرماءِ الله جي ئي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي تہ خوشي ڪن.

اسين عيد ڇونہ ملهايون؟

ڏسو! جڏهن ڪوئي ملڪ ڪنهن ظالم حڪومت کان آزادي حاصل ڪندو آهي تہ هر سال ان مهيني جي انهيءَ تاريخ تي يادگار جي طور"جشن آزادي" ملهائيندو آهي. ۽ ڪو طالبِ علم امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي تہ اهو ڪيتريقدر خوش هوندو آهي. ماهِ رمضان المبارڪ جي برڪتن ۽ رحمتن جي ڇا تہ ڳالهہ ڪجي! هي تہ اهو عظيم الشّان مهينو آهي. جنهن ۾ انسان ذات جي ڪاميابي ۽ بهتري، اصلاح و ترقي ۽ آخرت جي نَجات جي لاءِ هڪ "خُدائي قانون" يعني **قرآن مجيد** نازل ٿيو. هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ هر

مسلمان جي ايمان جي گرميءَ جو امتحان ورتو ويندو آهي. پوءِ زندگيءَ جو هڪ بهترين دستورالعمل حاصل ڪري ۽ هڪ مهيني جي سخت امتحان ۾ ڪامياب ٿي هڪ مسلمان جو خوش ٿيڻ فطري ڳالهه آهي.

معافيءَ جو عام اعلان

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جو بيحد ڪرم آهي جو ان رمضان شريف جي مهيني کان پوءِ تُرت ئي **عيد الفطر** جي عظيم نعمت سان اسان کي سرفراز فرمايو. هن **عيدِ سعيد** جي تمام گهڻي فضيلت آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي هڪ روايت ۾ هي بہ آهي: جڏهن عيد الفطر جي مبارڪ رات تشريف وني ايندي آهي تہ ان کي " لَيْلَةُ الْجَائِزَة " يعني" انعام واري رات " جي نالي سان پُڪاريو ويندو آهي. جڏهن عيد جو صبح ٿيندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي معصوم فرشتن کي تمام شهرن ڏانهن موڪليندو آهي پوءِ اهي فرشتا زمين تي تشريف وني اچي سيني گهٽين ۽ رستن جي ڪنارن تي بيهي رهندا آهن ۽ هن طرح نِدا ڏيندا آهن،" اي **امتِ محمد**!(صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ان ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه جي طرف هلو! جيڪو تمام ئي گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ وڏي کان وڏو گناهه مُعاف فرمائڻ وارو آهي." پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن سان هيئن مخاطب ٿيندو آهي:"اي منهنجا ٻانهؤ! گهرو! ڇا تا گهرو؟ منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! اڄوڪي ڏينهن هن (نماز عيد جي) اجتماع ۾ پنهنجي آخرت جي باري ۾ جيڪو بہ سوال ڪندؤ اهو پُورو ڪندس ۽ جيڪو ڪجهه دنيا جي باري ۾ گهرندؤ

ان ۾ توهان جي پلائيءَ جي طرف نظر فرمائيندس. (يعني انهيءَ معاملي ۾ اهو ڪندس جنهن ۾ توهان جي بهتري هجي) منهنجي عزّت جو قسم! جيستائين توهان منهنجو لحاظ رکندؤ تہ مان بہ توهان جي خطائن تي پرده پوشي فرمائيندو رهندس. منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان توهان کي حد کان وڌڻ وارن (يعني مجرمن) سان گڏ خوار نہ ڪندس. بس پنهنجي گهرن ڏانهن **بخشيل موٽي** وڃو. توهان مون کي راضي ڪري ڇڏيو ۽ مان بہ توهان کان راضي ٿي ويس.“ (الترغيب والترهيب ج2 ص60 حديث 23)

عيدي ملڻ جي رات

سبحٰن الله!(عَزَّوَجَلَّ) **سبحٰن الله!** (عَزَّوَجَلَّ) **پيارا اسلامي ڀائرو!** خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ اسان گناهگارن تي ڪيتريقدر مهربان آهي. هڪ تہ رمضان المبارڪ ۾ سڄو مهينو اهو اسان تي پنهنجون رحمتون نازل فرمائيندو ئي رهندو آهي. وري جيئن ئي هي مبارڪ مهينو اسان کان جدا ٿيندو آهي، تڏهن ٿُرت ئي اسان کي **عيدِ سعيد** جون خوشيون عطا فرمائيندو آهي. گذريل حديثِ مبارڪ ۾ شوال المڪرم جي چنڊ واري رات يعني عيدالفطر جي رات کي ” لَيْلَةُ الْجَائِزَة “ يعني ”انعام واري رات“ قرار ڏنو ويو آهي. هيءَ رات نيڪ ماڻهن کي انعام ملڻ جڻ تہ”عيدي“ ڏئي ڇڏڻ واري رات آهي. هن مبارڪ رات جي تمام گهڻي فضيلت آهي جيئن تہ

دل زنده رهندي

نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دوجهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي جنهن عيدين جي رات (يعني عيدالفطر جي رات ۽ عيدالاضحيٰ جي رات) ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قيام ڪيو، ان ڏينهن ان

جي دل نہ مرندي، جنهن ڏينهن (ماڻهن جون) دليون مري ويندیون.
(سنن ابن ماجه ج2 ص 365 حديث 1782)

جنت واجب ٿي ويندي آهي

هڪ ڀي جاءِ تي حضرتِ سيّدُنا مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا، جيڪو پنجن راتين ۾ شبِ بيداري (يعني جاڳي عبادت)ڪري ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي، ذي الحجه شريف جي اٺين، نائين ۽ ڏهين رات (اهڙي طرح ٽي راتيون ته هي ٿيون) ۽ چوٿين عيدالفطر جي رات، پنجين شعبان المعظم جي پندرهين رات. (يعني شبِ براءَت) (الترغيب والترهيب ج2 ص 98 حديث 2)

سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي روايت ڪيل ڊگهي حديثِ پاڪ (جيڪا اڳ ۾ گذري) ۾ هي مضمون به آهي ته **عيد** جي ڏينهن معصوم فرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي عطائن ۽ بخششن جو اعلان ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ به تمام گهڻو ڪرم فرمائيندو آهي ۽ پنهنجي عنايت ۽ رحمت سان نمازِ عيد جي لاءِ جمع ٿيڻ وارن مسلمانن جي **مغفرت** فرمائي ڇڏيندو آهي. ويتر الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان هي به فرمايو ويندو آهي، ته جنهن کي جيڪا ڪجهه دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي گهرڻي آهي اهو سوال ڪري، ان تي ضرور ڪرم ڪيو ويندو. ڪاش! اهڙن گهرڻ جي موقعن تي اسان کي گهرڻ اچي، ڇو ته عام طور تي ماڻهو هنن موقعن تي رُڳو دنيا جي ڀلائي، روزي ۽ ۾ برڪت ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا دنيا جي مُعاملات تي سوال ڪندا آهن. دنيا جي ڀلائيءَ سان گڏوگڏ آخرت جي ڀلائي وڌيڪ گهرڻ کپي. دين تي

استقامت ۽ **خاتمه بالخير** اهو بہ مديني ۾ اهو بہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ اهو بہ شهادت جي صورت ۾ ۽ مدفن جنّت البقيع ۾ ۽ بنا حساب و ڪتاب جي مغفرت ۽ جنّت الفردوس ۾ **سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو بہ گهري ونڻ گهرجي.

ڪو سائل مايوس ناهي ويندو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! **عيدالفطر** جو ڏينهن ڪيتريقدر اهم ترين ڏينهن آهي. هن ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نهايت ئي جوش تي هوندي آهي. دربارِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ مان ڪو سائل مايوس نہ موٽايو ويندو آهي. هڪ طرف الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها الله عَزَّوَجَلَّ جي بيشمار رحمتن ۽ بخششن تي خوشيون ملهائي رهيا هوندا آهن تہ ٻئي طرف مومنن تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ايڏيون ڪرم نوازيون ڏسي ڪري انسان جو بد ترين دشمن شيطان ساڙ ۾ سڙندو آهي جيئن تہ:

شيطان جي بدحواسي

حضرت سيّدُنا وَهَبْ بِنْ مُنَبِّه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، جڏهن بہ عيد ايندي آهي، شيطان رڙيون ڪري روئندو آهي. ان جي بدحواسي ڏسي تمام شياطين ان جي چوڌاري جمع ٿي ڪري پُڇندا آهن اي آقا! توهان ڇو غضبناڪ ۽ اداس آهيو؟ هو چوندو آهي، هاءِ افسوس! الله عَزَّوَجَلَّ اڄوڪي ڏينهن تي **امتِ محمّد** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪي بخشي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري توهان انهن ڪي لذتن ۽ نفساني خواهشن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو.

(مكاشفة القلوب ص 308)

چا شيطان ڪامياب آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ شيطان تي **عيد** جو ڏينهن ڪيتري قدر ڳرو گذرندو آهي. تنهنڪري هو پنهنجي چيلن کي حڪم جاري ڪندو آهي ته توهان مسلمانن کي نفساني لذتن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو. آهه! هن زماني ۾ شيطان پنهنجي هن وار ۾ ڪامياب ٿيندو نظر اچي رهيو آهي. آهه! صد آهه!! **عيد** جي آمد تي هجڻ ته هي گهرجي ها جو عبادتن ۽ نيڪين جي ڪثرت ڪري الله ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جو وڏ ۾ وڏ شڪر ادا ڪيو وڃي ها پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هاڻي مسلمان **پيلاري عيد** جو حقيقي مقصد ئي وساري وينا آهن. **هاءِ افسوس!** هاڻي ته **عيد** ملهائڻ جو هي انداز ٿي ويو آهي جو واهيات قسم جي ابتي سبتي ڊيزائن وارا بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جاندارن جي تصويرن وارا چمڪيلا ڪپڙا پاتا ويندا آهن (بهارِ شريعت ۾ آهي ته جانور يا انسان جي تصوير وارو لباس پائي نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي (يعني حرام جي قريب) آهي اهڙا ڪپڙا تبديل ڪري يا مٽان ڪو ٻيو لباس پائي نماز ٻيهر ادا ڪرڻ واجب آهي ، نماز کان علاوه به جاندار جي تصوير وارو ڪپڙو پائڻ ناجائز آهي. (خلاصه از بهارِشريعت حصو 3 ص 141 کان 142) ناچ ۽ راڳ جون محفلون قائم ڪيون وڃن ٿيون بي ڍنگن ميلن، گندين راندين، ناچ گانن ۽ فلمن ڊرامن جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ۽ دل کولي ڪري وقت ۽ دولت ٻنهي کي خلافِ سنّت ۽ خلافِ شريعت ڪمن ۾ برباد ڪيو ويندو آهي. افسوس! صد هزار افسوس! اسين هاڻي هن مبارڪ ڏينهن کي ڪيتريقدر غلط ڪمن ۾ گذارڻ لڳا آهيون.

منهنجا اسلامي ڀائرو! هنن خلافِ شرع ڳالهين جي سبب تي سگهي تو تہ هي **عيدِ سعيد** ناشڪرن جي لاءِ ”يومِ وَعيد“ بڻجي وڃي، خدارا! پنهنجي حال تي رحم ڪيو! فيشن پرستي ۽ فضول خرچيءَ کان پاڻ کي بچايو! ڏسو تہ سهي! اللهعَزَّوَجَلَّ فضول خرچ ڪندڙن کي قرآن پاڪ ۾ شيطانن جو ڀاءُ قرار ڏنو آهي. جيئن تہ پندرهين سيپاري ۾ سورهءِ بني اسرائيل جي آيت نمبر 26 ۽ 27 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْۤا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اجايو خرچ نہ ڪر بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪرو آهي.

انسان ۽ حيوان جو فرق

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ قرآن پاڪ ۾ فضول خرچي ڪرڻ جي ڪيتريقدر نِندا آئي آهي. **ياد رکو!** فضول خرچين سان هرگز هرگز اللهعَزَّوَجَلَّ خوش ناهي ٿيندو. ياد رکو! انسان ۽ حيوان ۾ جيڪا فرق ڪرڻ واري شيءِ آهي اها عقل ۽ تدبير، ايندڙ حالتن تي سوچ ويچار آهي. عام طور تي حيوان کي ”سيانڻي“ جو اُلڪو ناهي هوندو ۽ عام طور تي ان جي ڪا حرڪت ڪنهن حڪمت عمليءَ جي مطابق ناهي هوندي. انسانن جي ابتڙ، جو انهن کي نہ رُڳو سيانڻي جو بلڪ مسلمان کي تہ هن دنياوي زندگي کان پوءِ واري اخروي زندگيءَ جو بہ اُلڪو هوندو آهي. پوءِ سمجهدار انسان اهو ئي آهي بلڪ حقيقي طور تي انسان ئي اهو آهي جيڪو ”سيانڻي“ يعني آخرت جو بہ فڪر ڪري ۽ حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺي. پر **افسوس!** اڄڪلهہ حڪمت عمليءَ

جو تہ نالو ئي ناهي رهيو، هن فاني زندگيءَ کي غنيمت سمجهندي آخرت جي لاءِ ڪو انتظام نہ ٿو ڪيو وڃي. آهہ! هاڻي تہ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد مال ڪمائڻ، خوب ڍؤ ڪري کائڻ ۽ پوءِ خوب غفلت جي ننڊ سمهڻ ئي سمجهن ٿا.

يا کهوں احباب کيا کارِ نُمايان کر گئے!
A-B ۔ کيا، نوڪر هوئے، پنشن ملي پهر مر گئے!!

زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زندگيءَ جو مقصد رُڳو وڏيون وڏيون ڍگريون حاصل ڪرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ مزا ماڻڻ ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ آخر اسان کي زندگي ڇو عطا فرمائي؟ اچو قرآن پاڪ جي خدمت ۾ عرض ڪريون تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ جا سچا ڪتاب! تون ئي اسان جي رهنمائي فرماءِ تہ اسان جي جيئڻ ۽ مرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ قرآن عظيم کان جواب ملي رهيو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي (دنياوي زندگي ۾) توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن.

يعني هن موت ۽ حيات کي ان لاءِ تخليق ڪيو ويو تہ جيئن آزمايو وڃي تہ ڪير گهڻو مُطيع (فرمانبردار) ۽ مُخلص آهي.

گهر ۾ ئي ولادت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جي وار کان بچڻ جي ڪوشش جي ضمن ۾ عيد جون حسين گهڙيون عاشقانِ رسول سان گڏ مدني

قافلي ۾ گذاريو، توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ سچو واقعو عرض ڪريان ٿو: جِهَلَمَ (صوبي پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءَ ڪجهه هن طرح ٻُڌايو ته شاديءَ جي اٽڪل ڇهن مهينن کان پوءِ گهر ۾ " اميد " جا آثار ظاهر ٿيا. ڊاڪٽر ٻُڌايو ته توهان جو ڪيس ڏکيو آهي، رت جي به ڪافي گهٽتائي آهي، تي سگهي ٿو آپريشن ڪرڻو پوي! مون انهيءَ وقت **30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** جو مسافر بڻجڻ جي نِيَّت ڪري ورتي ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان اهڙو ڪرم ٿي ويو جو نه اسپتال وڃڻ جي نوبت آئي ۽ نه ئي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو پيو،گهر۾ ئي خيريت سان **مدني مُني** جي ولايت تي وئي.

گھر میں" اُمید" ہو،اس کی تمہید ہو　　جلد ہی چل پڑیں، قافلے میں چلو
زَچّہ کی خیر ہو ،بچّہ کی خیر ہو　　اُٹھئے ہمّت کریں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حمل جي حفاظت جا 2 روحاني علاج

﴿1﴾ لااله الا الله 11 ڀيرا ڪنهن پليٽ (يا ڪاغذ) تي لکي ڏوئي ڪري عورت کي پيئاري ڇڏيو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **حمل** جي حفاظت ٿيندي. جنهن عورت کي ڪير نه ايندو هجي يا گهٽ ايندو هجي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ به هي عمل فائديمند آهي. چاهيو ته هڪ ئي ڏينهن پيئاريو يا ڪيترن ئي ڏينهن تائين روزانو لکي ڪري پيئاريو هر طرح سان اختيار آهي.

﴿2﴾ يا حَيُّ يا قَيُّومُ **111** پيرا ڪنهن ڪاغذ تي لکي ڪري **حامله** جي پيٽ تي ٻڌي ڇڏيو ۽ ولادت جي وقت تائين ٻڌل رهي. (ضرورت موجب ڪجهه دير جي لاءِ کولڻ ۾ حرج ناهي) اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **حمل** ۾ محفوظ رهندو ۽ ٻار ۾ صحت مند پيدا ٿيندو.

عيد يا وَعيد

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! عذاب جي لائق ڪم ڪري "يومِ عيد" کي پنهنجي لاءِ "يومِ وَعيد" نه بڻايو ۽ ياد رکو!

لَيْسَ الْعِيدُ لِمَنْ لَّبِسَ الْجَدِيْد اِنَّمَا الْعِيْدُ لِمَنْ خَافَ الْوَعِيْد

(يعني عيد ان جي ناهي، جنهن نوان ڪپڙا پائي ورتا. عيد تہ ان جي آهي جيڪو عذابِ الاهيءَ کان ڊڄي ويو)

اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ۾ تہ عيد ملهائيندا رهيا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ جڻ ماڻهو تہ رُڳو نوان ڪپڙا پائڻ ۽ عمدا ڪاڏا ڪائڻ کي ئي **عيد** سمجهي ويٺا آهن. ٿورو غور تہ ڪريو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين ۾ تہ آخر **عيد** ملهائيندا رهيا آهن. پر انهن جي **عيد** ملهائڻ جو انداز ئي نرالو رهيو آهي. اهي دنيا جي لذتن کان تمام پري ڀڄندا رهيا آهن ۽ هر حال ۾ پنهنجي نفس جي مخالفت ڪندا رهيا آهن. جيئن تہ

عيد جو انو کو ڪاڏو

حضرت سيّدُنا ذوالنون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ڏهن ورهين** تائين ڪو لذيذ ڪاڏو نہ ڪاڏو، نفس چاهيندو رهيو. ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نفس جي مخالفت

فرمائيندا رهيا، هڪ پيري **عيد مبارڪ** جي مقدس رات جو دل مشورو ڏنو تہ سياڻي جيڪڏهن **عيدِ سعيد** جي ڏينهن ڪو لذيذ ڪاڏو وڃي تہ ڇا حرج آهي؟ هن مشوري تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ دل کي آزمائش ۾ مبتلا ڪرڻ جي غرض سان فرمايائون،" آءُ اڳ ۾ **بہ رڪعتون** نفل ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪندس.اي منهنجي دل! تون جيڪڏهن هن ڳالهہ ۾ منهنجو ساٿ ڏئين تہ سياڻي لذيذ ڪاڏو ملي ويندو." اهڙيءَ ريت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ رڪعتون ادا ڪيون ۽ ان ۾ پورو قرآن مجيد **ختم** ڪيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دل هن عمل ۾ سندن ساٿ ڏنو. (يعني ٻئي رڪعتون اطمينان سان ادا ڪيون ويون) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **عيد** جي ڏينهن لذيذ ڪاڏو گهرايو، گرهہ ڪٽي وات ۾ وجهڻ ئي چاهين پيا تہ بيقرار ٿي وري رکي ڇڏيائون ۽ نہ ڪاڏائون. ماڻهن ان جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون، جنهن وقت مون گرهہ وات جي ويجهو آندو تہ منهنجي نفس چيو، ڏنئي؟ مان آخر پنهنجي ڏهن سالن جي پُراڻي خواهش پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس نہ! مون انهيءَ مهل چيو تہ جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ مان توکي هرگز ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندس ۽ هرگز هرگز لذيذ ڪاڏو نہ ڪائيندس. جيئن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه لذيذ ڪاڏو ڪائڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون. ايتري ۾ هڪ شخص لذيذ ڪاڏي جو ٿالهہ ڪٽي اچي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين، هي ڪاڏو مون پنهنجي لاءِ رات جو تيار ڪيو هو. رات جڏهن سُتس تہ قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، رات جو خواب ۾ مون رسولِ ڪريم رؤفُ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت

جو شرف حاصل ڪيو. منهنجي پياري پياري مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو. جيڪڏهن توهان سيٺي قيامت جي ڏينهن ۾ مون کي ڏسڻ ٿا چاهيو تہ هي ڪاڏو ذوالنون (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) وٽ ڪٽي وڃو ۽ ان کي وڃي چئو تہ :"**حضرت محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، تہ جهڻ گهڙيءَ جي لاءِ نفس سان صلح ڪري وٺو ۽ ڪجهہ گرهہ هن لذيذ ڪاڏي مان ڪائي وٺو."حضرتِ سيّدُنا ذوالنون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي پيغامِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌي وجد ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا! "مان فرمانبردار آهيان. مان فرمانبردار آهيان "۽ لذيذ ڪاڏو ڪائڻ لڳا.

(تذكرة الاولياء ص117)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

ربّ ہے مُعطِی یہ ہیں قاسمِ رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پِلاتے یہ ہیں (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم ڪارائيندا آهن
سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم پيئاريندا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها عيدِ سعيد جي ڏينهن تي ۾ نفس جي پيروي کان ڪيتريقدر پري رهندا آهن، بيشڪ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ٻانها نفساني خواهشن جي ڪا ۾ پرواهہ ناهن ڪندا ۽ هر گهڙي الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي ۾ ئي راضي رهندا آهن ۽ انهن جو هي شان هوندو آهي جو الله و رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر اهي دنياوي

لذتن کان پري رهندا آهن. اهڙن خوش بختن کي خصوصيّت سان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کارائيندا آهن ۽ هي به معلوم ٿيو ته مديني جا تاجوَر، محبوبِ ربّ اکبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جي حالات کان اڄ به باخبر آهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي محبوب غلام حضرتِ سيّدُنا ذوالنون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حالات کي ملاحظ فرمائي رهيا هئا. تڏهن ته پنهنجي هڪ غلام کي حڪم فرمائي حضرت ڏانهن پيغام موڪليائون ۽ پنهنجي ڪرم سان ڪاڏو کارايائون.

سرکار صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کھلاتے ہیں سرکار صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم پلاتے ہیں
سُلطان وگدا سب کو سرکار صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نبھاتے ہیں

روح کي به سجايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته **عيد** جي ڏينهن غسل ڪرڻ، نوان يا ڌوتل ڪپڙا پائڻ ۽ عطر لڳائڻ سنّت آهي. هي سنّتون اسان جي ظاهري بدن جي صفائيءَ جي لاءِ آهن، پر اسان جي هنن صاف، چمڪندڙ ۽ نَوَن ڪپڙن ۽ وهنجاريل ۽ خوشبو لڳايل جسم سان گڏوگڏ اسان جو روح پڻ اسان تي اسان جي ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ مهربان خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۽ اطاعت ۽ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، فيض گنجينه، باعثِ نُزولِ سڪينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي الفت ۽ سنّت سان خوب خوب سجايل هجڻ گهرجي.

نجاست تي چانديءَ جو ورق

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! سوچيو ته سهي! روزو هڪ به نه رکيو هجي، سڄو رمضان

جو مهينو الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ گذاريو هجي، بجاءِ مسجد ۾ يا عبادتن ۾ گذارڻ جي سيئي راتيون شور شرابي، راند روند، ڪرڪيٽ ڪيڏڻ يا ان جو تماشو ڏسڻ، ٽيبل فٽبال ۽ وڊيو گيمز ڪيڏڻ يا آواره گردي ڪرڻ ۾ گذريون هجن، قرآن پاڪ جي تلاوت جي بجاءِ رومانٽي ناول پڙهيا هجن ۽ بجاءِ نعتون ٻُڌڻ جي ٽيپ رڪارڊر تي خوب فلمي گانا ٻُڌا هجن ۽ ائين ئي پنهنجي جسم ۽ روح کي ڏينهن رات گناهن ۾ ملوث رکيو هجي ۽ اڄ **عيد** جي ڏينهن يورپي طرز جا فرنگي فيشن وارا بي ڍنگا ڪپڙا پائي به چڏيا ته ان کي هيئن سمجهو ته جڻ هڪ نجاست هئي جنهن تي چانديءَ جو ورق چنبڙائي ان جي نمائش ڪئي وئي.

عيد ڪنهن جي لاءِ آهي؟

سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان سرشار ديوانؤ! سچي ڳالهه ته اها ئي آهي ته عيد انهن خوش بخت مسلمانن جو حصو آهي، جن ماهِ محترم، رمضان المعظم کي روزن نمازن ۽ ٻين عبادتن ۾ گذاريو ته هيءَ **عيد** انهن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان مزدوري ملڻ جو ڏينهن آهي. **اسان کي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو رهڻ گهرجي جو آهه! محترم مهيني جو اسان حق ادا ئي نه ڪري سگهياسين.**

سيدنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي عيد

عيد جي ڏينهن ڪجهه ماڻهو دربارِ خلافت تي حاضر ٿيا ڇا تا ڏسن ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ دروازو بند ڪري زارو زار روئي رهيا آهن. ماڻهن حيران ٿي ڪري عرض ڪيو، يا اميرالمؤمنين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ! اڄ ته

عيد آهي جيڪو خوشي ملهائڻ جو ڏينهن آهي. خوشيءَ جي جاءِ تي هي روئڻ ڇا جو؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڳوڙها اگهندي فرمايائون، "هٰذا يَوْمُ الْعِيْدِ وَهٰذا يَوْمُ الْوَعِيْد "يعني اي انسانو! هي عيد جو ڏينهن به آهي ۽ وَعيد جو ڏينهن به. اڄ جنهن جون نمازون ۽ روزا مقبول ٿي ويا. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ان لاءِ اڄ عيد جو ڏينهن آهي. پر اڄ جنهن جي نماز ۽ روزي کي رد ڪري ان جي منهن تي هنيو ويو هجي، ان جي لاءِ تہ اڄ وَعيد جو ئي ڏينهن آهي ۽ مان تہ هن خوف کان روئي رهيو آهيان جو آهہ!

اَنَا لَا اَدْرِیْ اَمِنَ الْمَقْبُوْلِيْنَ اَمْ مِنَ الْمَطْرُوْدِيْنَ

يعني مون کي هي معلوم ناهي تہ مان مقبول ٿيو آهيان يا رد ڪيو ويو آهيان.

عيد کے دن عمر يہ رو رو کر
بولے نيکوں کی عيد ہوتی ہے

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

اسان جي خوش فهمي

الله اکبر! (عَزَّوَجَلَّ) محبت وارؤ! ٿورو سوچيو! خوب غور فرمايو! اهو فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن کي مالکِ جنّت تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي حياتِ ظاهري ۾ ئي جنّت جي بشارت عنايت فرمائي ڇڏي هئي. خوفِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ جو سندن تي ڪيتريقدر غلبو هيو جو رُڳو هي سوچي سوچي ڏکي رهيا هئا جو خبر ناهي منهنجون رمضان المبارک جون عبادتون قبول ٿيون يا نہ. سُبحٰن اللہ عَزَّوَجَلَّ! عيدالفطر

جي خوشي ملهائڻ جن جو حقيقي حق هيو انهن جي خوف ۽ ڊپ جو تہ هي عالم هجي ۽ اسان جهڙن بيڪار ۽ گهٽو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي هيءَ حالت آهي جو نيڪيءَ جي ”ن“ جي نقطي تائين بہ پهچي نہ ٿا سگهون پر خوش فهميءَ جو حال هي آهي تہ اسان جهڙو نيڪ ۽ پرهيزگار شايد هاڻي ڪو رهيو ئي نہ هجي. هن رقت انگيز حڪايت مان انهن نادانن کي خصوصي طور تي درسِ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي پنهنجي عبادتن تي ناز ڪندي خوشيءَ ۾ نہ ٿا ماپن ۽ پنهنجي نيڪ عملن مثلاً نماز، روزو، حج، مسجدن جي خدمت، خلقِ خدا جي مدد ۽ سماجي فلاح ۽ بهبود وغيره وغيره ڪمن جو هر جاءِ تي اعلان ڪندا وتندا آهن، ۽ پڙها ڏيندي ناهن ٿڪندا، بلڪ پنهنجي نيڪ ڪمن جون مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ اخبارن ۽ رسالن ۾ تصويرون ڇپائڻ کان بہ پاسو ناهن ڪندا، **آهہ!** انهن جو ذهن ڪهڙي طرح بڻايو وڃي. انهن کي تعميري ۽ اخلاقي سوچ ڪهڙيءَ طرح فراهم ڪئي وڃي! انهن کي ڪهڙي طرح محسوس ڪرايو وڃي تہ هن طرح بغير ضرورت جي پنهنجي نيڪين جو اعلان ڪرڻ ۾ رياڪاري جي آفت ۾ پوڻ جو خدشو آهي. ائين ڪرڻ سان ڪجهہ صورتن ۾ نہ رڳو اعمال برباد ٿيندا آهن بلڪ **رياڪاريءَ** ۾ سراسر جهنّم جي حقداري آهي ۽ پنهنجو فوٽو ڇپرائڻ؟ توبهہ! توبهہ! رياڪاري تي سينہ زوري! پنهنجي عملن جي نمائش جو ايڏو شوق جو فوٽو جهڙي حرام ذريعي کي بہ نہ ڇڏيو ويو. الله عَزَّوَجَلَّ رياڪاري جي تباهہ ڪاري، ”مان مان“ جي مصيبت ۽ انانيّت جي آفت کان اسان سيني

مسلمانن جي حفاظت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شهزادي جي عيد

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڀيري **عيد** جي ڏينهن پنهنجي **شهزادي** کي پُراڻي قميص پائيندي ڏٺو تہ روئي پيا، پٽ عرض ڪيو، **پيارا بابا سائين!** ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون، **منهنجا لال!** مون کي انديشو آهي تہ اڄ **عيد** جي ڏينهن جڏهن ڇوڪرا توهان کي هن پُراڻي قميص ۾ ڏسندا تہ توهان جي دل ٿُٿي پوندي. پٽ جواب ۾ عرض ڪيو، دل تہ ان جي ٿُٿي جيڪو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي ڪم ۾ ناڪام رهيو هجي. يا جنهن ماءُ يا پيءَ جي نافرماني ڪئي هجي. مون کي اميد آهي توهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي رضامنديءَ جي صدقي الله عَزَّوَجَلَّ بہ مون کان راضي ٿي ويندو. اهو ٻُڌي حضرت **عمر فاروق** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ شهزادي کي سيني لاتو ۽ ان لاءِ دعا فرمائي. (ملخصًا مكاشفة القلوب ص 308)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

شهزادين جي عيد

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ عيد ڪان هڪ ڏينهن پهريان سندن شهزادين حاضر ٿيون ۽ چوڻ لڳيون، "**بابا سائين!** سياڻي عيد جي ڏينهن اسين ڪهڙا ڪپڙا پائينديوسين؟" فرمايائون " اهي ئي ڪپڙا جيڪي توهان پهري رکيا آهن. انهن کي ڌوئي ونو. سياڻي پائي ڇڏجو!"، " نہ! **بابا سائين!** توهان اسان کي نوان ڪپڙا سبرائي ڏيو." ٻارڙين ضد ڪندي چيو.

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون، ”منهنجون پياريون ڌيئرو! عيد جو ڏينهن **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ، ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي. نوان ڪپڙا پائڻ ضروري ته ناهن!“ ”**بابا سائين!** توهان جو فرمائڻ بيشڪ صحيح آهي پر اسان جون ساهيڙيون اسان کي طعنا ڏينديون ته توهين **اميرالمؤمنين** جون ڌيئرون آهيو ۽ اهي ئي پُراڻا ڪپڙا پاتا اتوَ!“. هي چوندي ٻارڙين جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. ٻارڙين جون ڳالهيون ٻُڌي **اميرالمؤمنين** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دل ۾ ڀرجي آئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **خزانچي** (وزيرِ ماليات) کي گهرائي فرمايائون:”مون کي منهنجي هڪ مهيني جي پگهار اڳواٽ آڻي ڏيو.“ خزانچيءَ عرض ڪيو،”**حضور**! ڇا توهان کي يقين آهي ته توهان هڪ مهيني تائين زندهه رهندؤ؟“پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون: ”**جزاك الله**! توهان بيشڪ عمده ۽ صحيح ڳالهه چئي.“ **خزانچي** هليو ويو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٻارڙين کي فرمايائون،”پياريون ڌيئرو! الله ورسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا تي پنهنجي خواهشن کي قربان ڪري ڇڏيو.

(معدن اخلاق حصو اول ص 257 کان 258)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

عيد رڳو نئين لباس پائڻ جو نالو ناهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان؟ گذريل ٻنهي حڪايتن مان اسان کي اهو ئي درس مليو ته اجرا ڪپڙا پائي ڇڏڻ جو نالو ئي **عيد** ناهي. انهن کان بغير ۾ **عيد** ملهائي سگهجي ٿي. الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ! **اميرالمؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ

ڪيتريقدر غريب ۽ مسڪين خليفا هئا،ايڏي وڏي سلطنت جا حاڪم هئڻ جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪا رقم جمع نہ ڪئي هئائون. سندن **خزانچي** بہ ڪيتريقدر ديانتدار هيو ۽ ان ڪيڏي خوبصورت انداز ۾ اڳواٽ پگهار ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن **حڪايت** مان اسان سيني کي بہ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ اڳواٽ پگهار يا اجرت وٺڻ کان پهريان خوب چڱيءَ طرح غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان جيتري عرصي جي اڳواٽ پگهار وٺي رهيا آهيون ڇا اوتري عرصي تائين زندهہ بہ رهنداسين يا نہ! جيڪڏهن زندهہ رهجي بہ وياسين تہ ڪم ڪار جي قابل بہ رهنداسين يا نہ! ظاهر آهي انسان حادثي يا بيماريءَ جي سبب ناڪارہ بہ تہ ٿي سگهي ٿو. احتياطن پريو مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪريو. مدني قافلي جي برڪتن جو ڇا چئجي! توهان جو ايمان تازو ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشگوار ۽ مُشڪبار **مدني بهار** پيش ڪريان ٿو. جيئن تہ

مرحوم پيءَ تي ڪرم

نِشتر بستي (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو اهو بِالتَّصَرُّف عرض ڪريان ٿو: مان پنهنجي مرحوم پيءَ کي خواب ۾ انتهائي ڪمزوريءَ واري حالت ۾ اگهاڙو ڪنهن جي ٽيڪ تي هلندي ڏٺو. مون کي ڳڻتي ٿي، مون **ايصالِ ثواب** جي نيّت سان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نِيَّت ڪري ورتي ۽ سفر شروع بہ ڪري ڇڏيو. ٽئين مهيني **مدني قافلي** مان واپسيءَ

كان پوءِ جڏهن گهر ۾ سُتس تہ مون خواب ۾ هي دلڪش منظر ڏٺو تہ مرحوم پيءُ سبز سبز لباس پهريل وينا مُسڪرائي رهيا آهن ۽ انهن تي برسات جي هلڪي هلڪي بوند وسي رهي آهي. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۾ سفر جي اهميت مون تي خوب اجاگر ٿي ۽ هاڻي پڪي نِيَّت آهي تہ اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **هر مهيني ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جاري رکندس.

مانگو آ کر دُعا، قافلے میں چلو پاؤ گے مُدّعا، قافلے میں چلو
خوب ہوگا ثواب، اور ٹلے گا عذاب از پئے مصطفٰے، قافلے میں چلو
فوتگی ہوگئی، گُم گیا ہے کوئی مانگنے کو دعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! سعادت مند پٽ مرحوم پيءَ جي همدرديءَ ۾ **مدني قافلي** ۾ سفر جي بر وقت نيّت ڪرڻ جو ڪيڏو نہ پيارو فيصلو ڪيو! ۽ ڪيس مدني قافلي جي برڪتن جو ڪيڏو زبردست نتيجو ڏيکاريو ويو. تعبير بيان ڪرڻ وارا علماءَ فرمائن ٿا: برزخ ۾ ڪوڙ ناهي، مُردو خواب ۾ اچي ڪڏهن بہ ڪوڙي خبر نہ ٿو ٻُڌائي سگهي ۽ پڻ چون ٿا، مرڻ واري کي خواب ۾ بيمار يا ڪمزور يا ڪاوڙ ڪندي ڏسڻ ان جي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ جي نشاني آهي. جڏهن تہ **سفيد ۽ سبز لباس** ۾ ڏسڻ راحت ۾ جو نشاني آهي.

چا خواب مان يقيني علم حاصل ٿي ويندو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنا خواب بيشڪ سنا هوندا آهن. ياد رکو! **نبيءَ** جو خواب وحي تي مشتمل

هوندو آهي. جڏهن تہ **غير نبي** جي خواب جي هيءَ حيثيت ناهي ۽ ان جو خواب **حجت** يعني دليل ناهي هوندو. مثلاً توهان خواب ۾ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هيءَ بشارت ٻُڌي آهي تہ"توهان جنّتي آهيو." ان مان **قطعي جنتي** هجڻ مُراد نہ ورتو ويندو ڇو تہ مُعاملو خواب جو آهي. بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنهن خواب ۾ ڏنو ان حق ڏنو ڇو تہ شيطان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ صورت ۾ نہ ٿو اچي سگهي. جيڪا ڳالهہ ارشاد فرمائن اها بہ حق حق ۽ حق کانسواءِ ڪجهہ نٿي ٿي سگهي. بهرحال خواب ۾ جيئن تہ حواس مُضْمَحِل (يعني ڪمزور) هوندا آهن. ان لاءِ يقين سان هي نہ ٿو چئي سگهجي تہ جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو اهو خواب ڏسڻ واري اکر اکر صحيح ٻُڌو. ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلط فهميءَ جو هر امڪان موجود آهي، تنهن ڪري خواب ۾ ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ کان پهريان شريعت جي حڪم کي ڏسڻو پوندو. جيڪڏهن خواب واري ڳالهہ شريعت سان نہ ٿي ٽڪرائي تہ بيشڪ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو تنهن هوندي بہ خواب ۾ مليل حڪم تي عمل ڪرڻ شرعي طور تي **واجب** ناهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ ئي خلاف شرع آهي تہ عمل نہ ڪيو ويندو. هن ڳالهہ کي هن مثال مان سمجهو جنهن ۾...

خواب ۾ شراب پيئڻ جو حڪم ڏنو يا منع فرمايو؟

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت ، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و

بركت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، هڪ شخص خواب ڏٺو تہ جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ) ان کي **شراب پيئڻ** جو حڪم ڏئي رهيا آهن. سيّدُنا امام جعفر صادق عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّازِق جي خدمت ۾ مُعاملو پيش ڪيو ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايائون، "**رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي، تنهنجي ٻُڌڻ ۾ ابتڙ آيو، " ۽ هي بہ ياد رکيو وڃي تہ هن مُعاملي ۾ فاسق ۽ مُتّقي برابر آهن. ان لاءِ نہ تہ مُتّقي جو خواب ۾ ڪنهن حڪم جو ٻُڌڻ، ان حڪم جي صحيح هجڻ جو دليل آهي ۽ نہ ئي فاسق جو بيان يقيني طور تي ڪوڙو، بلڪ ضابطو اهو ئي آهي جيڪو ذڪر ٿيو.

(ماخوذ از فتاویٰ رضویه شریف تخریج شده ج5 ص 100)

حضور غوث اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي عيد

الله عَزَّوَجَلَّ جي مقبول ٻانهن جي هڪ هڪ ادا اسان جي لاءِ تمام گهڻي درسِ عبرت جو سبب هوندي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حضور سيّدُنا غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو شان ڪيڏو بلند ۽ اعليٰ آهي. ان جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اسان جي لاءِ ڪهڙي شيءِ پيش فرمائن ٿا! ٻُڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو.

خَلق گويد کہ فردا روزِ عيد است　　خوشي در روحِ هر مؤمن پديد است
دراں روزے کہ باايماں بميرم　　مرا در ملک خود آں روزِ عيد است

يعني:"ماڻهو چئي رهيا آهن، "سڀاڻي عيد آهي! سڀاڻي عيد آهي!"۽ سيئي خوش آهن. پر مان تہ جنهن ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان محفوظ ڪڍي ويس، منهنجي لاءِ تہ اهو ئي ڏينهن عيد جو ڏينهن هوندو.

سبحٰن الله! (عَزَّوَجَلَّ) **سبحٰن الله!** (عَزَّوَجَلَّ) ڇا شانِ تقويٰ آهي! ايڏو وڏو شان جو اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جا سردار! ۽ ايتريقدر عاجزي ۽ انڪساري!! هن ۾ اسان جي لاءِ به درسِ عبرت آهي ۽ اسان کي سمجهايو پيو وڃي ته خبردار! ايمان جي مُعاملي ۾ لاپرواهي نه ڪجو، هر وقت ايمان جي حفاظت جي فڪر ۾ لڳا رهجو. ڪٿي ائين نه ٿئي جو توهان جي غفلت ۽ گناهه جي سبب ايمان جي دولت توهان جي هٿن مان نڪري وڃي.

رضاؔ کا خاتِمہ بِالْ ـخیر ہوگا
اگر رحمت تِری شامِل ہے یاغوث (حدائقِ بخشش)

هڪ ولي ۽ جي عيد

حضرت سيّدُنا شيخ نَجيب الدين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مُتَوَكّل، حضرتِ سيّدُنا شيخ بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جا ڀائر ۽ خليفا آهن، سندن لقب **مُتَوَكّل** آهي. ڀاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه 70 ورهيه شهر ۾ رهيا پر ڪو ظاهري روزيءَ جو ذريعو نه هئڻ جي باوجود سندن اهل وعيال نهايت اطمينان سان زندگي گذاريندو رهيو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ ايتريقدر مستغرق رهندا هئا جو هي به نه ڄاڻندا هئا ته اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ۽ هي ڪهڙو مهينو آهي؟ ۽ سڪو ڪيتري ماليّت جو آهي؟ هڪ ڀيري **عيد** جي ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گهر ۾ تمام گهڻا مهمان گڏ ٿي ويا. اتفاق سان ان ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گهر ۾ ڪاڏي پيتي جو ڪو سامان نه هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جاءِ جي مٿين ڪمري ۾ وڃي **ياد الاهي** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ دل ئي دل ۾ هي چئي

رهيا هئا. ”ياالله عَزَّوَجَلَّ اڄ عيد جو ڏينهن آهي ۽ منهنجي گهر ۾ **مهمان** آيل آهن اوچتو هڪ ماڻهو ڇت تي ظاهر ٿيو، ان کاڏن سان ڀريل هڪ وڏو ٿالهه پيش ڪيو ۽ چيو، **اي نجيب الدين!** توهان جي تَوَكُّل جي ڏوم فرشتن ۾ مَتل آهي ۽ توهان جو هي حال آهي جو توهين اهڙي خيال (يعني کاڏي جي طلب) ۾ مشغول آهيو؟ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون، حق تعالىٰ عَزَّوَجَلَّ خوب ڄاڻي ٿو ته مون پنهنجي ذات جي لاءِ هي خيال نه ڪيو، بلڪ پنهنجي مهمانن جي ڪري ان طرف متوجهه ٿي ويو هيس. حضرتِ سيّدُنا نَجيب الدين مُتَوَكّل رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه صاحبِ ڪرامت هئڻ جي باوجود انتهائي منڪسرالمزاج (يعني عاجزي ڪندڙ) هئا. سندن جي انڪساريءَ جو هيءُ عالَم هيو جو هڪ ڏينهن هڪ فقير تمام پري کان پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ملاقات جي لاءِ آيو ۽ ڪانئن پُڇيائون ته ڇا نَجيب الدين مُتَوكّل (يعني توڪل ڪرڻ وارا) توهان ئي آهيو؟ ته پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عاجزيءَ جي طور تي فرمايائون ته ڀاءَ مان ته نَجيب الدين مُتَاكل (يعني تمام گهٽوڪائڻ وارو) آهيان. (اخبار الاخيار ص 60)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

ڪرامت جو هڪ شعبو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ بانهن ۽ ولين جي عيد ڪيتريقدر سادي هوندي آهي. هن **حڪايت** مان هي به معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دوستن جي ضرورتن جو غيب مان انتظام فرمائي ڇڏيندو آهي. هي سڀ ان جي ڪرم جا ڪرشما آهن. ضرورت جي وقت ڪاڏو، پاڻي وغيره ضروريات زندگي جو اوچتو

حاضر تي وڃڻ بزرگن کان **ڪرامت** جي طور تي ظاهر ٿيندو آهي. جيئن ته ”شرح عقائد نسفيه“ ۾ جتي ڪرامت جي ڪجهه مثالن جو بيان آهي اتي هي به ذڪر ٿيل آهي ته ضرورت جي وقت ڪاڏي پاڻيءَ جو حاضر ٿي وڃڻ به ڪرامت جو ئي هڪ شُعبو آهي.” بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جي خُداداد اختيارن ۽ ڪرامتن جو ڇا بيان ڪجي؟ هي اهڙا ته بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول ٿيل هوندا آهن جو انهن جي زبان پاڪ مان نڪتل ڳالهه ۽ دل ۾ پيدا ٿيڻ واريون خواهشون پوريون ٿي رهنديون آهن.

هڪ سخيءَ جي عيد: سيّدُنا عبدالرحمٰن بن عَمْرو الْاَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته **عيدالفطر** جي رات دروازي تي سڏ ٿيو. ڏٺم ته منهنجو پاڙيسري بيٺو هيو. مون چيو. چئو ڀاءَ! ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ان چيو،”سيٺي **عيد** آهي پر خرچ جي لاءِ ڪجهه به ناهي، جيڪڏهن توهان ڪجهه عنايت فرمايو ته عزّت سان اسين عيد جو ڏينهن گذاري وٺنداسين“. مون پنهنجي گهرواريءَ کي چيو، اسان جو فلاڻو پاڙيسري آيو آهي ان وٽ عيد جي لاءِ هڪ پيسو به ناهي، جيڪڏهن توهان جي راءِ هجي ته جيڪي **پنجويهه درهم** اسان عيد جي لاءِ رکي ڇڏيا آهن اهي پاڙيسريءَ کي ڏيئي ڇڏيون. اسان کي **الله تعالٰى** ٻيا ڏيندو. نيڪ گهرواريءَ چيو ڏاڍو سٺو. اهڙيءَ طرح مون اهي سي درهم پنهنجي پاڙيسريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ اهو دعائون ڏيندو هليو ويو. ٿورڙي دير کان پوءِ وري ڪنهن دروازو کڙڪايو. مون جيئن ئي دروازو کوليو، هڪ شخص منهنجي قدمن تي ڪِري پيو ۽ روئي روئي چوڻ لڳو، مان توهان جي

والد جو ڀڳل غلام آهيان، هاڻي مون کي پنهنجي حرڪت تي شرمندگي ٿي ته حاضر ٿيو آهيان، هي **پنجويهه دينار** منهنجي ڪمائيءَ جا آهن توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو قبول فرمايو. توهان منهنجا آقا آهيو ۽ مان توهان جو غلام. مون اهي دينار وني ڇڏيا ۽ غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو. پوءِ مون پنهنجي گهرواريءَ کي چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو شان ڏس! ان اسان کي پنجويهه **درهمن** جي بدلي پنجويهه **دينار** عطا فرمايا! (پهريان درهم چاندي جا ۽ دينار سون جا هوندا هئا!)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

سلام ان تي جنهن بيڪسن جي دستگيري ڪئي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جو شان به ڪيڏو نرالو آهي جو ان **پنجويهه درهم** (چانديءَ جا سڪا) ڏيڻ واري کي هڪدم پنجويهه دينار (سون جا سڪا) عطا فرمائي ڇڏيا. ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو ايثار به خوب هيو جو اهي پنهنجي تمام تر آسائشن کي ٻين مسلمانن جي خاطر قربان ڪري ڇڏيندا هئا. انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي. انهن کي ڄاڻ هئي ته اسلام اسان کي همدرديءَ جو پيغام ڏئي ٿو. اسان جا حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رحمتِ عالم آهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت کان ڪو محروم ناهي رهيو. اسان جا پيارا سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جي طرف خاص نظر رکندا هئا. ۽ هر طرح سان انهن جي دلجوئي فرمائيندا هئا.

سَلام اُس پر کہ جِس نے بے کسوں کی دستگیری کی
سلام اُس پر کہ جِس نے بادشاہی میں فقیری کی

سُبحٰن الله (عَزَّوَجَلَّ) ايڏو وڏو شان جو" **بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر**" ۽ ايتريقدرانڪساري جو جنهن جو ڪو ناهي ان جا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آهن. ڇا تہ خوب فرمايو منهنجي آقا اعلیٰ حضرت (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه)

کنزِ ہر بیکس و بے نَوا پر دُرُود — حِرزِ ہر رَفتَہ طاقت پہ لاکھوں سلام
مجھ سے بے کس کی دولت پہ لاکھوں سلام — مجھ سے بے بَس کی قوّت پہ لاکھوں سلام
خَلق کے دَادرَس سب کے فریادرَس
کَہفِ روزِ مُصیبت پہ لاکھوں سلام

پڌڻ جي سگهه بحال ٿي وئي

مٿا مٿا اسلامي پائرو! پنهنجي دل ۾ عظمتِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌائڻ، سيني ۾ شمعِ الفتِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارڻ ۽ عيدِ سعيد جون حقيقي خوشيون ماڻڻ لاءِ ٿي سگهي تہ عيد جي رات جو ئي هٿوهٿ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو، مدني قافلي جون برڪتون تہ ڏسو! باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي، ڪوئٽہ ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي تن ڏينهن واري سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ هڪ ٻوڙي اسلامي ڀاءَ هٿوهٿ تن ڏينهن جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ

سفر جي دؤران ئي ان جي **پُڌڻ جي سگهه** بحال تي وئي ۽ اهو عام ماڻهن جيان پُڌڻ لڳو.

کان بہرے ہیں گر، رکھو ربّ پر نظر ہو گا لُطفِ خدا، قافلے میں چلو
دُنیوی آفتیں، اُخروی شامتیں دور ہوں گی ذرا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

صدقۂ فطر واجب آهي

سرکارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص کي حڪم ڏنو تہ وڃي مڪهءِ معظمه جي گهٽين ۾ اعلان ڪري ڇڏ. ”**صدقهءِ فطر** واجب آهي.“

(جامع ترمذي ج 2 ص 151 حديث 674)

صدقۂ فطر فضول ڳالهين جو ڪفارو آهي

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، مدني سرڪار، غريبن جي غمخوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صدقهءِ فطر مقرر فرمايو تہ جيئن فُضُول ۽ بيهوده ڪلام ڪان روزن جي طهارت (يعني صفائي) ٿي وڃي ۽ پڻ مسڪينن جي غِذا (يعني خوراڪ) بہ ٿي وڃي.

(سنن ابي داود ج2 ص 158حديث 1609)

روزو لٽڪيل رهندو آهي

حضرت سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، جيستائين **صدقهءِ فطر** ادا ناهي ڪيو ويندو، ماڻهوءَ جو روزو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل رهندو آهي.

(كنزالعمال ج8 ص 253 حديث 24124)

”عید کی خوشیاں مبارک“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان فطري جا 16 مدني گل

مدينه 1: صدقهءِ فطر انهن سيني مسلمان مردن ۽ عورتن تي واجب آهي. جيڪي ”صاحبِ نصاب“ هجن ۽ انهن جو نصاب ”حاجات اصليه“(يعني زندگيءَ جي ضرورتن کان) فارغ هجي. (عالمگيري ج 1 ص191)

مدينه 2: جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهه تولا چاندي يا ساڍا ٻاونجاهه تولا چانديءَ جي رقم يا ايتري ماليت جو مالِ تجارت هجي (۽ هي سڀ حاجاتِ اصليه کان فارغ هجن) ان کي **صاحبِ نصاب** چيو ويندوآهي[1].

مدينه 3: صدقهءِ فطر واجب ٿيڻ جي لاءِ ”عاقل ۽ بالغ“ هجڻ شرط ناهي. پر ٻار يا **مجنون** (يعني پاڳل) به جيڪڏهن **صاحبِ نصاب** هجي ته ان جي مال مان ان جو ولي (يعني سرپرست) ادا ڪري. (ردالمحتار ج 3 ص312)

”**صدقهءِ فطر**“ جي لاءِ نصاب جو مقدار اهو ئي آهي جيڪو **زڪوٰة** جو آهي جيئن ذڪر ٿيو پر فرق هي آهي ته **صدقهءِ فطر** جي لاءِ مال جي وڌڻ جي صلاحيت جو هجڻ ۽ سال گذرڻ جو شرط ناهي. اهڙيءَ طرح جيڪي شيون ضرورت کان وڌيڪ آهن (مثال طور گهرو سامان جيڪو روزانو ڪم ۾ ناهي ايندو) ۽ ان جي قيمت نصاب

---

[1] صاحبِ نصاب ”غني“ ، ”فقير“ ،”حاجاتِ اصليه“ وغيره اصطلاحات جي تفصيلي معلومات فقه حنفي جي مشهور ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جي حصي پنجين ۾ ملاحظه فرمايو

کي پهچندي هجي تہ انهن شين جي سبب کان **صدقهءِ فطر** واجب آهي. **زکوٰة** جي نصاب ۾ هي فرق ڪيفيت جي اعتبار کان آهي.
(وقار الفتاویٰ جلد 2 ص 385)

مدينه 4: مالڪِ نصاب مرد تي پنهنجي طرف کان، ننڍين ٻارن جي طرف کان ۽ جيڪڏهن ڪو مجنون (يعني پاڳل) اولاد آهي (چاهي پوءِ اهو پاڳل اولاد بالغ ئي ڇو نہ هجي) تہ ان جي طرف کان **صدقهءِ فطر** واجب آهي، ها جيڪڏهن اهو ٻار يا مجنون جيڪڏهن پاڻ صاحبِ نصاب آهي تہ پوءِ ان جي مال مان فطرو ادا ڪري. (عالمگيري ج1 ص 192)

مدينه 5 : مرد صاحبِ نصاب تي پنهنجي گهر واريءَ يا ماءُ پيءُ يا ننڍي ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻين رشتيدارن جو **فطرو** واجب ناهي. (عالمگيري ج1 ص 193)

مدينه 6 : والد نہ هجي تہ ڏاڏو والد صاحب جي جاءِ تي آهي . يعني پنهنجي فقير ۽ يتيم پوٽي پوٽين جي طرف کان ان تي **صدقهءِ فطر** ڏيڻ واجب آهي. (در مختار، رد المحتار ج2 ص 315)

مدينه 7: ماءُ تي پنهنجي ننڍين ٻارن جي طرف کان **صدقهءِ فطر** ڏيڻ واجب ناهي. (ردالمحتار ج3 ص 315)

مدينه 8: پيءُ تي پنهنجي عاقل بالغ اولاد جو **فطرو** واجب ناهي.
(درمختار مع ردالمحتار ج3 ص 317)

مدينه 9: ڪنهن صحيح شرعي مجبوريءَ هيٺ روزو نہ رکي سگهيو يا مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن بدنصيب بغير مجبوريءَ جي رمضان المبارڪ جا روزا نہ رکيا، ان تي بہ **صاحبِ نصاب** هجڻ جي صورت

۾ **صدقهءِ فطر** واجب آهي. (رد المحتار ج3 ص 315)

مدينه 10: گهرواري يا بالغ اولاد جن جو ماني ڪپڙي وغيره جو خرچ جنهن شخص جي ذمي آهي اهو جيڪڏهن انهن جي اجازت جي بغير ئي انهن جو **فطرو** ادا ڪري ڇڏي تہ ادا ٿي ويندو. ها جيڪڏهن ماني ڪپڙي وغيره جو خرچ ان جي ذمي ناهي مثلاً بالغ پٽ شادي ڪري گهر الڳ وسائي ڇڏيو ۽ پنهنجو گذارو پاڻ ئي ڪري ڇڏي ٿو تہ هاڻي پنهنجي ماني ڪپڙي وغيره جو پاڻ ئي ذميدار ٿي ويو آهي. تنهن ڪري اهڙي اولاد جي طرف کان بغير اجازت جي **فطرو** ڏئي ڇڏيو تہ ادا نہ ٿيندو.

مدينه 11: گهرواريءَ مڙس جي حڪم بغير جيڪڏهن مڙس جو **فطرو** ادا ڪري ڇڏيو تہ ادا نہ ٿيندو. (بهار شريعت حصو پنجون ص69)

مدينه 12: **عيدالفطر** جي صبح صادق ٿيڻ وقت جيڪو **صاحبِ نصاب** هيو انهيءَ تي **صدقهءِ فطر** واجب آهي. جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ **صاحبِ نصاب** ٿيو تہ هاڻي واجب ناهي. (عالمگيري ج1 ص 192)

مدينه 13: **صدقهءِ فطر** ادا ڪرڻ جو افضل وقت تہ هي آهي جو **عيد** جو صبح صادق ٿيڻ کان پوءِ **عيد** جي نماز ادا ڪرڻ کان پهريان پهريان ادا ڪيو وڃي. جيڪڏهن عيد رات يا رمضان المبارڪ جي ڪنهن بہ ڏينهن يا رمضان شريف کان پهريان بہ جيڪڏهن ڪنهن ادا ڪري ڇڏيو تڏهن بہ **فطرو** ادا ٿي ويو ۽ ايئن ڪرڻ بلڪل جائز آهي. (عالمگيري ج1 ص 192)

مدينه 14: **جيڪڏهن** عيد جو ڏينهن گذري ويو ۽ **فطرو** ادا نہ ڪيو هيو تڏهن بہ **فطرو** ساقط نہ ٿيو. بلڪ سڄي عمر ۾ جڏهن بہ ادا ڪيو تہ ادا ئي آهي. (عالمگيري ج1ص192)

مدينه 15: صدقهءِ فطر جا حقدار اهي ئي آهن جيڪي **زڪوٰة** جا آهن. يعني جن کي **زڪوٰة** ڏئي سگهو ٿا انهن کي **فطرو** به ڏئي سگهوٿا ۽ جن کي **زڪوٰة** نه ٿا ڏئي سگهو انهن کي **فطرو** به نٿا ڏئي سگهو. (عالمگيري ج1ص194)

مدينه 16: ساداتِ ڪرام کي **صدقهءِ فطر** نٿا ڏئي سگهو. "

صدقهءِ فطر جو مقدار آسان لفظن ۾

هڪ سؤ پنجهتر روپيا اٺ آنا جيترو" (يعني ٻه سير ٽي چٽانگ اڌ تولو، يا ٻه ڪلو ۽ تقريبًا پنجاهه گرام) وزن ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ايتري ڪڻڪ جي قيمت هڪ **صدقهءِ فطر** جو مقدار آهي.

قبر ۾ هڪ هزار انوار داخل ٿين

منقول آهي ته جيڪو شخص عيد جي ڏينهن ٽي سؤ ڀيرا "سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ" پڙهي ۽ فوت ٿي ويل مسلمانن جي روحن کي ان جو ثواب هديو ڪري ته هر مسلمان جي قبر ۾ **هڪ هزار انوار** داخل ٿيندا آهن. ۽ جڏهن پڙهڻ وارو خود مرندو، **الله تعالىٰ** ان جي قبر ۾ هڪ هزار انوار داخل فرمائيندو. (هي ورد ٻنهي عيدن ۾ ڪري سگجي ٿو) (مكاشفة القلوب ص 308)

عيد جي نماز کان پهريان جي هڪ سنت

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هاڻي انهن ڳالهين جو بيان ڪيو وڃي ٿو، جيڪي عيدين (يعني عيدالفطر ۽ عيدالاضحىٰ ٻنهي) ۾ سنّت آهن . جيئن ته حضرت سيّدُنا بُريده رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهه نُبُوَّت، پيڪرِ جود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيد الفطر جي ڏينهن ڪجهه ڪائي ڪري نماز جي لاءِ تشريف ڪڍي ويندا هئا ۽ عيدالاضحىٰ جي ڏينهن ان وقت تائين نه ڪائيندا هئا جيستائين

نماز مان فارغ نہ ٿيندا هئا. (جامع ترمذي ج2 ص 70 حديث542) ۽ "بخاري" جي روايت حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان آهي تہ عيدالفطر جي ڏينهن تشريف نہ کڻي ويندا هئا جيستائين ڪجهہ ڪارڪ نہ ڪائيندا هئا ۽ اهي اڪي هونديون هيون.

(صحيح البخاري ج1 ص 328حديث 953)

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عيد جو (عيد جي نماز لاءِ) هڪ رستي کان تشريف کڻي ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان واپس تشريف کڻي ايندا هئا. (جامع ترمذي ج2 ص69 حديث 541)

عيدنماز جو طريقو (حنفي)

پهريان هيئن نيّت ڪريو:" آءُ نيّت ڪريان تو ٻہ رڪعتون نماز عيدالفطر (يا عيد الاضحیٰ) جي، ساڻ ڇهہ واڌاريُن تڪبيرن جي، واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، پُٺيان هن امام جي پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي ڪري معمول جي مطابق ڏُن جي هيٺان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ثنا پڙهو، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ **الله اڪبر** چئي هٿ ڇڏي ڏيو. وري هٿ ڪنن تائين کڻو ۽ **الله اڪبر** چئي ڇڏي ڏيو. پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻي ۽ **الله اڪبر** چئي ڪري ٻَڌي ڇڏيو. يعني پهرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻَڌو ان کان پوءِ ٻئي ۽ ٽئين تڪبير ۾ ڇڏي ڏيو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻَڌي ڇڏيو. ان کي هيئن ياد رکو جو **جتي قيام ۾ تڪبير کان پوءِ ڪجهہ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻَڌڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ ڇڏي ڏيڻا آهن.** (ماخوذ از درمختار، رد المحتار ج3 ص 66) پوءِ

امام تعوذ ۽ تسميه آهستي پڙهي ڪري **الحمد شريف** ۽ ڪا سورة جهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهي پوءِ رڪوع ڪري. ٻي رڪعت ۾ پهريان **الحمد شريف** ۽ سورة جهر سان پڙهي، پوءِ ٽي ڀيرا ڪنن تائين هٿ کڻي **الله اکبر** چئو ۽ هٿ نہ ٻڌو ۽ چوٿين ڀيري بنا هٿ کڻڻ جي **الله اکبر** چوندي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي جي مطابق نماز مڪمل ڪريو. هر ٻن تڪبيرن جي وچ ۾ ٽي ڀيرا "**سبحٰن الله**" چوڻ جيترو وقت چُپ بيهي رهڻو آهي. **(فتاوىٰ عالمگيري ج1 ص 150)**

عيد جي اڏوري جماعت ملي تہ..؟

پهرين رڪعت ۾ امام جي تڪبيرن چوڻ کان پوءِ مقتدي شامل ٿيو تہ ان وقت (تڪبيرِ تحريمه کان علاوه وڌيڪ) ٽي تڪبيرون چوي جيتوڻيڪ امام قِراءَت شروع ڪري ڇڏي هجي ۽ ٽي تڪبيرون چئي وٺي جيتوڻيڪ امام ٽن کان وڌيڪ چيون هجن ۽ جيڪڏهن ان تڪبيرون نہ چيون ۽ امام رڪوع ۾ هليو ويو تہ بيٺي بيٺي نہ چوي بلڪ امام سان گڏ رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي ۽ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ مليو ۽ غالب گمان(پڪ) آهي تہ تڪبيرون چئي امام کي رڪوع ۾ ملي ويندو تہ بيٺي بيٺي تڪبيرون چوي پوءِ رڪوع ۾ وڃي، ٻي صورت ۾ الله اکبر چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي پوءِ جيڪڏهن ان رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون نہ ڪيون هيون ۽ امام مٿو مٿي ڪنيو تہ باقي مُعاف ٿي ويون (يعني باقي تڪبيرون هاڻي نہ چوي) ۽ جيڪڏهن امام جي رڪوع کان اٿڻ کان پوءِ شامل ٿيو تہ

هاڻي تڪبيرون نہ چوي بلڪہ، (امام جي سلام ورائڻ ڪان پوءِ) جڏهن پنهنجي رهيل رڪعت پڙهي ان وقت چوي ۽ رڪوع ۾ جتي تڪبير چوڻ ٻُڌايو ويو، ان ۾ هٿ نہ ڪڍي ۽ جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو تہ پهرين رڪعت جون تڪبيرون هاڻي نہ چوي بلڪہ جڏهن پنهنجي رهيل (رڪعت) پڙهڻ لاءِ بيهي ان وقت چوي، ٻي رڪعت جون تڪبيرون جيڪڏهن امام سان ملي وڃن فَبِها (يعني تہ بهتر) نہ تہ ان ۾ اهو ئي تفصيل آهي جيڪو پهرين رڪعت جي باري ۾ ذڪر ٿيو.

(ماخوذ از درمختار مع رد المحتار ج3 ص 55 ، 56 ،57)

عيد جي جماعت نہ ملي تہ ڇا ڪري؟

امام نماز پڙهي ورتي ۽ ڪو شخص پوئتي رهجي ويو چاهي اهو شامل ئي نہ ٿيو هو يا شامل تہ ٿيو هو پر ان جي نماز فاسد ٿي وئي تہ جيڪڏهن ٻي جڳهہ ملي وڃي تہ پڙهي وٺي نہ تہ (بغير جماعت جي) نہ ٿو پڙهي سگهي، ها بهتر هي آهي تہ اهو شخص چار رڪعت چاشت جي نماز پڙهي.

(در مختار ج 3 ص 58،59)

عيد جي خطبي جا احڪام

نماز ڪان پوءِ امام بہ خطبا پڙهي ۽ جمعي جي خطبي ۾ جيڪي شيون سنّت آهن، اهي ان ۾ بہ سنّت آهن ۽ جيڪي اتي مڪروهہ آهن اهي هتي بہ مڪروهہ آهن. صرف ٻن ڳالهين ۾ فرق آهي هڪ هي تہ جمعي جي پهرين خطبي ڪان اڳ ۾ خطيب جو ويهڻ سنّت هيو ۽ هن ۾ نہ ويهڻ سنّت آهي. ٻيو هي تہ هن ۾ پهرين خطبي ڪان اڳ ۾ 9 پيرا ۽ ٻئي ڪان اڳ ۾ 7 پيرا ۽ منبر ڪان لهڻ ڪان اڳ ۾ 14 پيرا الله اڪبر چوڻ سنّت آهي ۽ جمعي ۾ سنّت ناهي.

(درمختار ج3 ص 57، 58، (بهارشريعت حصو 4 ص 109 مطبوعه مدينة المرشد بريلي شريف)

”عيد ۾ غريبن کي تہ نہ وساريو“ جي 21 اکرن جي نسبت عيد جا ايکويهہ مستحبات

﴿1﴾ حجامت ڪرائڻ (پر زلف نهرايو انگريزي وار نہ) ﴿2﴾ نَنهن ڪٽڻ ﴿3﴾ غسل ڪرڻ ﴿4﴾ ڏندڻ ڪرڻ (هي ان کان علاوه آهي جيڪو وضوءَ ۾ ڪيو ويندو آهي) ﴿5﴾ سنا ڪپڙا پائڻ، نوان هجن تہ نوان نہ تہ ڌوتل ﴿6﴾ خوشبو لڳائڻ ﴿7﴾ مُندي پائڻ، (اسلامي پائر جڏهن بہ مُندي پائن تہ هن ڳالهہ جو خاص خيال رکن تہ رُڳو ساڍن چئن ماسن کان گهٽ وزن چاندي جي هڪ ئي مندي پائن. هڪ کان وڌيڪ نہ پائين. ۽ ان هڪ مندي ۾ بہ ٻُڙو هڪ ئي هجي. هڪ کان وڌيڪ ٻڙا نہ هجن، ۽ بغير ٻڙي جي بہ نہ پايو. ٻڙي جي وزن جو ڪو قيد ناهي . چاندي يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو ڇلو يا چاندي جي بيان ڪيل وزن وغيره کان علاوه ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي مندي يا ڇلو مرد نہ ٿو پائي سگهي) ﴿8﴾ فجر جي نماز محلي واري مسجد ۾ پڙهڻ. ﴿9﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ وڃڻ کان پهريان ڪجهہ ڪارڪون ڪائي ڇڏڻ. تي، پنج ست يا گهٽ وڌ پر اڪي هجن، ڪارڪون نہ هجن تہ ڪا مني شيءِ ڪائي ڇڏيو. جيڪڏهن نماز کان پهريان ڪجهہ بہ نہ ڪاڌؤ تہ گناهہ نہ ٿيو. پر سومهڻيءَ تائين نہ ڪاڌؤ تہ ملامت ڪئي ويندي. ﴿10﴾ عيد جي نماز، عيدگاهہ ۾ ادا ڪرڻ ﴿11﴾ عيد گاهہ پيادل وڃڻ ﴿12﴾ سواريءَ تي بہ وڃڻ ۾ حرج ناهي پر جنهن کي پيادل وڃڻ جي طاقت هجي ان جي لاءِ پيادل وڃڻ افضل آهي ۽ واپسي ۾

سواريءَ تي اچڻ ۾ حرج ناهي. ﴿13﴾ عيد نماز جي لاءِ هڪ رستي سان وڃڻ ۽ ٻئي رستي سان واپس اچڻ. ﴿14﴾عيد جي نماز کان پهريان صدقهءِ فطر ادا ڪرڻ (افضل تہ اهو ئي آهي پر عيد جي نماز کان پهريان نہ ڏئي سگهيؤ تہ بعد ۾ ڏئي ڇڏيو) ﴿15﴾ خوشي ظاهر ڪرڻ ﴿16﴾ ڪثرت سان صدقو ڏيڻ ﴿17﴾ عيدگاهہ ڏانهن اطمينان ۽ وقار سان ۽ نگاهون جهڪائي هلڻ ﴿18﴾ پاڻ ۾ مبارڪباد ڏيڻ ﴿19﴾عيد نماز کان پوءِ هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ. جيئن جو عام طور تي مسلمانن ۾ رائج آهي، بهتر آهي ڇو جو هن ۾خوشي جو اظهار آهي. (بهار شريعت حصو 4 ص 71) پر **امرد** يعني خوبصورت ڇوڪر سان ڳلي ملڻ فتني جي جاءِ آهي. ﴿20﴾ **عيدالاضحيٰ** (قرباني‌ءَ واري عيد) سيني حڪمن ۾ عيدالفطر وانگر آهي. رُڳو ڪجهہ ڳالهين ۾ فرق آهي. مثال طور هن ۾ (يعني قرباني‌ءَ واري عيد ۾) مستحب هي آهي تہ نماز کان پهريان ڪجهہ نہ کائو چاهي قرباني ڪريو يا نہ ڪريو ۽ جيڪڏهن کائي ڇڏيو تہ ڪراهت بہ ناهي. ﴿21﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ هوريان تڪبير چئو ۽ عيدالاضحيٰ جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ وڏي آواز سان تڪبير چئو. تڪبير هي آهي:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ اَللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ؕ

ترجمو : الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي سيئي خوبيون آهن.

مان عيد جي نماز بہ نہ پڑهندو هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر سال رمضان المبارک ۾ اعتڪاف جي سعادت ۽ ماهِ رمضان المبارک جون خوب برڪتون ماڻڻ وري عيد جون خوشيون ڀيٽيون ڪرڻ جي لاءِ ۽ عيد جي ڏهاڙن ۾ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ اڄڪلهه ٽيندڙ قسمين قسمين گناهن کان بچڻ جي لاءِ عيد جي ڏهاڙن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلن ۾ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيو. ترغيب ۽ تحريص جي خاطر هڪ نهايت ئي خوشگوار **مدني بهار** توهان کي ٻُڌائي رهيو آهيان. جيئن تہ باب المدينه ڪراچيءَ جي مين ڪورنگي روڊ جي ويجهو جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءَ (عمر تقريبًا 25 سال) جي بيان جو خلاصو آهي: مان هڪ گيراج (GARAGE) تي ڪم ڪندو هئس. جيتوڻيڪ في نفسه گيراج يعني گاڏين جي مرمت جو ڪم غلط ناهي، پر اڄڪلهه گناهن ڀريا حالات آهن. جن جو واسطو پوندو رهندوآهي اهي ڄاڻيندا هوندا تہ اڪثر گيراج جو ماحول ڪيتريقدر گندو هوندو آهي، في زمانہ گيراج ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي لاءِ حلال روزي ڪمائڻ تمام مشڪل ڪم آهي. گندي ماحول ۽ گندي روزيءَ جي نَحوست جو نتيجو تہ ڏسو جو مون بدنصيب کي پنج وقت نماز تہ ڇا جمعي بلڪ **عيدَين** جي نمازن جي بہ توفيق نہ هئي، تقريبًا سڄي رات ٽي. وي تي مختلف فلمون ڊراما ڏسڻ ۾ مشغول رهندو هئس بلڪ هر قسم جون ننڍيون وڏيون بُرايون مون ۾ موجود هيون. منهنجي اصلاح جو سبب هيئن ٿيو جو **مڪتبة المدينه** تان جاري ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي بيان ”الله

عَزَّوَجَلَّ **جي خُفيہ تدبير**“ جي ڪيسيٽ ٻُڌي جنهن مون کي مٿي کان پيرن تائين ڏڪائي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ رمضان المبارڪ ۾ **اعتڪاف** جي سعادت حاصل ٿي هئي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو شرف مليو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي چُڪو آهيان ، پنج ئي وقت نمازن جي پابندي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو مون جهڙو گناهگار بي نمازي انسان جيڪو **عيد** جي بهاني بہ مسجد جو رخ نہ ڪندو هو. هي بيان ڏيڻ وقت تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق هڪ مسجد جي ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان بي نمازين کي نمازي بڻائڻ جي جستجو ۾ رهندو آهي.

بھائی گر چاہتے ہو نَمازیں پڑھوں ، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنّا ہے آگے بڑھوں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

يا رب مصطفي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي **عيدِ سعيد** جون خوشيون سنّت جي مطابق ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان کي حج شريفءِ ديارِ مدينه و تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ديدار جي مدني عيد** هرهر نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تِری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی
مرے خواب میں تم آنا مَدَنی مدینے والے

مون گناهگار تي بہ ڪرم جا چنڊا پيا

ڪورنٽي باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر 22 سال) جي تحرير جو خلاصو آهي: افسوس! مان هڪ بي نمازي ۽ فلمن ڊرامن جو شوقين بگڙيل نوجوان هئس بُرن دوستن سان فيشن جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، بُري صحبت جي سبب ڪان زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون گناهن ۾ گذري رهيا هئا. رمضان المبارڪ جو چنڊ (1426هـ) آسمانِ دنيا تي ظاهر ٿيو، رحمتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جون ڇماڇم بارشون وسڻ لڳيون، **مون پاپي ۽ بدڪار تي بہ ڪرم جا چنڊا پيا** ۽ آءُ ڪريميه قادريه مسجد ڪورنگي نمبر اڍائي بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ معتڪف ٿي ويس. منهنجي بي رونق زندگيءَ جي شام ۾ صبح بهاران جا مدني گل ٽڙڻ لڳا، مون گناهگار کي توبهہ جي توفيق نصيب ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻجي ويس، ڏاڙهي ۽ عمامي شريف سجائڻ جي سعادت ملي وئي، تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر نصيب ٿيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت هڪ مسجد ۾ ذيلي قافله ذميدار جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي سعادت حاصل آهي. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي منهنجي پياري پياري **دعوتِ اسلامي** ۾ آخري دم تائين استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

نفلي روزن جا فضائل

دُرود شريف جي فضيلت

رسول اڪرم، نور مجسم، رحمتِ عالم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: **قيامت** جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش کانسواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٿي شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهوهوندا؟ ارشاد فرمايائون (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتيءَ جي پريشاني ختم ڪري (2) منهنجي سنّت کي زندهہ ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافرة في امورالاخرة للسيوطي رحمه الله حديث 366 ص 131)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فرض روزن کان سواءِ **نفل روزن** جي به عادت بڻائڻ گهرجي جو هن ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن ۽ ثواب تہ ايڏو آهي جو دل چاهي ٿي تہ بس روزا رکندا ئي رهون. ويتر **ديني فائدن** ۾ ايمان جي حفاظت، جهنم کان ڇوٽڪارو ۽ جنّت جو حصول شامل آهن ۽ جيتري تائين دنياوي فائدن جو تعلق آهي تہ روزي ۾

ڏينهن جو ڪائڻ پيئڻ ۾ خرچ ٿيڻ واري وقت ۽ اخراجات جي بچت، پيٽ جي اصلاح ۽ تمام گهڻين بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي ۽ تمام فائدن جو بنياد هي آهي ته ان سان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي.

روزيدارن جي لاءِ بخشش جي بشارت

الله تبارڪ و تعالىٰ ٻاويهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ جي آيت نمبر 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَالصّٰٓئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ روزي وارا ۽ روزي واريون ۽ پنهنجي پرهيزگاري جي نگاهه رکڻ وارا ۽ نگاهه رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ واريون انهن سمورن جي واسطي الله بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي.

الله تبارڪ و تعالىٰ اڻتيهين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ڪائو ۽ پيئو خوشگوار، انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

حضرتِ سيّدُنا وڪيع عَلَيْهِ رَحْمَةُ السَّمِيع فرمائن ٿا، هن آيتِ ڪريمه ۾ ”گذريل ڏينهن مان مُراد روزن جا ڏينهن آهن جو ماڻهو انهن ۾ ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا آهن.“

(المتجر الرابح في ثواب العمل الصالح ص 335 دار خضر بيروت)

”يا خدا اسان کي نيڪ بڻاءِ“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 18 فضائل

جنت جو نرالو وڻ

مدينه 1 : حضرتِ سيّدُنا قيس بن زيد جُهني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. ”جنهن **هڪ نفلي روزو** رکيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ **جنت** ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو **ڏاڙهونءَ** کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو. اهو(ميڻ کان الڳ نہ ڪيل) ماکيءَ جهڙو مٺو ۽ (ميڻ کان الڳ ڪيل خالص ماکيءَ وانگر) خوش ذائقہ هوندو. الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.

(طبراني ڪبير ج 18 ص 366 حديث 935)

40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري

مدينه 2 : تاجدارِ رسالت، شفيع روز قيامت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشبودار آهي. ”جنهن ثواب جي اميد رکندي **هڪ نفلي روزو** رکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دوزخ کان **چاليهہ ورهين** (جو فاصلو) پري فرمائيندو“.

(ڪنز العمال ج 8 ص 255 حديث 24148)

دوزخ کان 50 سال مسافت دوري

مدينه 3 : الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافيّت نشان آهي، ”جنهن رِضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ

ڏينهن جو **نفلي روزو** رکيو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار سوار جي **پنجاهہ سالن** جي سفر جيترو فاصلو فرمائي ڇڏيندو“. (کنزالعمال ج 8 ص 255 حديث 24149)

زمين جيتري سون کان بہ وڌيڪ ثواب

مدينہ 4: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رغبت نشان آهي ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو **نفلي روزو** رکيو ۽ زمين جيترو سون ان کي ڏنو وڃي تڏهن بہ سندس ثواب پورو نہ ٿيندو ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو“.

(ابويعلىٰ ج 5 ص353 حديث 6104)

جهنم کان تمام گهٽو دوري

مدينہ 5 : **حضرتِ** سيّدُنا عُتبه بن عبد سُلمي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي باغ جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي:”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ **هڪ ڏينهن جو فرض روزو رکيو** الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيڏو ستن زمينن ۽ آسمانن جي وچ وارو فاصلو آهي ۽ جنهن **هڪ ڏينهن جو نفلي روزو رکيو** الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو **زمين ۽ آسمان** جو وچ وارو مفاصلو آهي.

(طبراني معجم ڪبير ج 17 ص 120 حديث 295)

هڪ روزو رکڻ جي فضيلت

مدينه 6 : حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤفُ رَّحيم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ **جي راضپي** جي لاءِ **هڪ ڏينهن جو روزو** رکندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو آهي جيڏو مفاصلو **هڪ ڪانءُ** ننڍپڻ کان پوڙهو ٿي ڪري مرڻ تائين مسلسل اڏامندو پار ڪري سگهي ٿو.“

(مُسند امام احمد بن حنبل ج3 ص 619 حديث 10810)

بهترين عمل

مدينه 7 : حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي ڪو عمل ٻُڌايو،” ارشاد فرمايائون: **روزا رکندا ڪريو** ڇو تہ ان جهڙو ڪو عمل ناهي“. مون وري عرض ڪيو، مون کي ڪوعمل ٻُڌايو، ”فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو تہ ان جهڙو ڪو عمل ناهي“. مون وري عرض ڪيو، ”مون کي ڪو عمل ٻُڌايو،”فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو تہ ان جو ڪو **مثل** ناهي.

(نسائي ج4، ص 166)

مدينه 8 : هڪ روايت ۾آهي تہ مون رسولِ اڪرم، رَحْمَتِ عالم، نورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي باڳارهِ مڪرّم ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي ڪنهن اهڙي ڪم جو حڪم ڏيو جنهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ

مون کي نفعو ڏي“. فرمايائون: روزي کي پنهنجي مٿان لازم ڪريو چو تہ هن جو ڪو مثل ناهي. (ايضًا)

مدينه 9 : هڪ روايت ۾آهي تہ مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اهڙو عمل ٻُڌايو جنهن جي سبب جنّت ۾ داخل ٿي وڃان“. فرمايائون:” روزي کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ ان جي مثل ڪو عمل ناهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 5 ص 179 حديث 3416)

راوي چون ٿا،” حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر ڏينهن جي وقت مهمان جي آمد کان علاوه ڪڏهن دونهون نہ ڏنو ويو. (يعني پاڻ ڏينهن جو کاڌو کائيندا ئي نہ هئا روزو رکندا هئا).

(المتجر الرابح في ثواب العمل الصالح ص 338)

سفر ڪريو مالدار ٿي ويندؤ

مدينه 10: حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، قرار قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جهاد ڪندا ڪريو خود ڪفيل ٿي ويندؤ، روزا رکو تندرست ٿي ويندؤ ۽ سفر ڪندا ڪريو غني (يعني مالدار) ٿي ويندؤ“.

(المعجم الاوسط ج 6 ص1460 حديث 8312)

محشر ۾ روزيدارن جا مزا

مدينه 11: حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن **روزيدار قبرن** مان نڪرندا تہ اهي روزي جي بوءِ کان سجاتا ويندا ۽ پاڻي جا ڪوزا جن تي **مُشڪ** سان مهر هوندي انهن کي چيو ويندو

كائو كالهه توهان بُكايل هئا،پيئو كالهه توهان اُجايل هئا، آرام كريو كالهه توهان تڪيل هئا پوءِ اهي كائيندا ۽ آرام كندا جڏهن تہ ماڻهو حساب جي مشقت ۽ اڄ ۾ مبتلا هوندا.

(كنزالعمال ج 8 ص 313 حديث 23639 والتدوين في اخبار قزوين ج2 ص326)

سون جا دستر خوان

مدينه 12 : حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو:روزيدار جو هر وار ان جي لاءِ تسبيح ڪندوآهي، قيامت جي ڏينهن عرش جي هيٺان روزيدارن جي لاءِ موتين ۽ جواهر سان جڙيل سون جو اهڙو دستر خوان وڇايو ويندو جيڪو دنيا جي احاطي جي برابر هوندو، ان تي طرحين طرحين جا جنّتي ڪاڌا، مشروب ۽ ميوا هوندا اهي كائيندا پيئندا ۽ عيش و عشرت ۾ هوندا جڏهن تہ ماڻهو سخت حساب ۾ هوندا.

(الفردوس بما ثور الخطاب ج5 ص 490 حديث 8853)

قيامت ۾ روزيدار كائيندا

مدينه 13: حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن رباح رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ (قيامت ۾) دستر خوان وڇايا ويندا، سي كان پهريان روزيدار ان تي كائيندا.

(مصنف ابن ابي شيبه ج2 ص424 حديث 10)

روزو ركي اهو جنتي آهي

مدينه 14 : **حضرت** سيّدُنا حذيفه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ كان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:”جنهن رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ كلمو پڙهيو اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جو خاتمو بہ كلمي تي ٿيندو ۽

جنهن ڪنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ روزو رکيو تہ ان جو خاتمو بہ انهيءَ تي ٿيندو ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪيو ان جو خاتمو بہ انهيءَ تي ٿيندو ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (مُسند امام احمد ج9 ص 90 حديث 23384)

سخت گرميءَ ۾ روزي جي فضيلت

مدينہ 15: حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي هڪ ساموندي جهاد ۾ موڪليو. هڪ اونداهي رات ۾ جڏهن ٻيڙيءَ جا سڙهہ ڪنيا ويا تہ هاتفِ غيب مان هڪ آواز آيو،"اي ٻيڙيءَ وارؤ! ٻيهو مان توهان کي ٻُڌايان تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪرم جي ذمي تي ڇا ورتو آهي؟ حضرت سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ چيو،"جيڪڏهن توهان ٻُڌائي سگهو ٿا تہ ضرور ٻُڌايو؟ ان چيو، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪرم جي ذمي تي ورتو آهي تہ جيڪو سخت گرميءَ جي ڏينهن پنهنجو پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اجارو رکي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي سخت اڄ واري ڏينهن (يعني قيامت) ۾ سيراب ڪندو". امام ابوبڪر عبدالله المعروف ابن ابي الدنيا "ڪتاب الجوع" ۾ فرمائن ٿا تہ ان ڏينهن ڪانپوءِ حضرتِ سيّدُنا ابوموسيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ خاص ان ڏينهن بہ روزو رکندا هئا جو ايڏي گرمي هجي جڏهن انسان پنهنجا غير ضروري ڪپڙا بہ گرمي جي ڪري لاهڻ تي مجبور ٿي وڃي.

(الترغيب والترهيب ج2، ص 51 حديث18)

ٻين کي کائيندو ڏسي صبر ڪرڻ واري روزيدار جو ثواب

مدينه 16: حضرتِ سيّدتنا اُمّ اَنْصاريّه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون. سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رَحْمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف کڻي آيا ته مان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڪاڏو پيش ڪيو ته ارشاد فرمايائون:"توهين به کائو". مون عرض ڪيو،" مان روزي سان آهيان". ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيستائين ڪاڏو روزيدار جي سامهون ڪاڏو ويندو آهي فرشتا ان روزيدار جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن". هڪ روايت ۾ آهي،" ڪائڻ وارو جيستائين ڍؤ ڪري وٺي". (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص 181 حديث 3421)

مدينه 17: حضرتِ سيّدُنا بريده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي نبيءِ رَحْمت، شفيع امت، مالڪ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (حضرتِ سيّدُنا) بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي فرمايو، "اي بلال! اچو ناشتو ڪريو"، ته (حضرتِ سيّدُنا) بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو، "مان روزي سان آهيان". ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:"اسان پنهنجو رزق ڪائي رهيا آهيون ۽ بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي". پوءِ فرمايائون، اي بِلال! ڇا توهان کي معلوم آهي ته جيتري دير تائين ڪاڏو روزيدار جي سامهون ڪاڏو ويندو آهي ته ان جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ۽ فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا آهن." (ابن ماجه ج2 ص348 حديث1749)

روزي جي حالت ۾ مرڻ جي فضيلت

مدينه 18: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمايو، ”جيڪو روزي جي حالت ۾ **مُئو**، الله تعالىٰ ان جي حساب ۾ قيامت تائين جا روزا لکي ڇڏيندو.“

(الفردوس بما ثور الخطاب ج3 ص 504 حديث5557)

نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! خوش نصيب آهي اهو مسلمان جنهن کي روزي جي حالت ۾ موت اچي. بلڪ ڪنهن به نيڪ ڪم جي دؤران موت اچڻ نهايت ئي چڱي علامت آهي. مثال طور باوضو يا نماز جي دوران مرڻ، **سفرِ مدينه** جي دوران بلڪ مدينهءِ منوره ۾ روح قبض ٿيڻ، دوران حج مڪهءِ مڪرمه، **منيٰ**، مزدلفه يا عرفات شريف ۾ فوتگي، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **سنّتن ڀرئي سفر** جي دوران دنيا مان رخصت ٿيڻ، اهي سڀ اهڙيون عظيم سعادتون آهن جو رُڳو خوشنصيبن کي ئي حاصل ٿينديون آهن ان سلسلي ۾ صحابهءِ ڪُرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون نيڪ تمنائون بيان ڪندي حضرتِ **سيّدُنا خَيْثَمَه** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هن ڳالهه کي پسند ڪندا هئا تہ انتقال ڪنهن چڱي ڪم مثال طور:حج، عمرو، غزوه (جهاد)، رمضان جي روزن وغيره کان پوءِ ٿئي.

ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات

چڱي ڪم جي دوران موت اچي وڃڻ جي سعادت مقدر وارن جو ئي حصو آهي انهيءَ ضمن ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي **اجتماعي اعتڪاف** جي هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو ۽ سڄي زندگي جي لاءِ **دعوتِ اسلامي**

جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جو پڪو عزم ڪري ڇڏيو. جيئن تہ مدينة الاولياء احمد آباد شريف (گجرات، الهند) جا ڪالو چاچا (عمر تقريبًا 60 سال) رمضان المبارڪ (1425هـ بمطابق 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ شاهي مسجد (شاهِ عالم، احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف ٿي ويا. هونئن تہ هي پهريان ڪان ئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا پر **عاشقانِ رسول** سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ۾ شموليت ڪين پهرئين ئي ڀيري نصيب ٿي هئي. ڪين اعتڪاف ۾ گهڻو ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 72 مدني انعامات مان پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب واري ٻئي مدني انعام جو خوب جذبو مليو جيئن تہ انهن پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي عادت بڻائي ڇڏي. 2 شوال المڪرم يعني عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيائون. مدني قافلي مان واپسيءَ جي پنجن ڇهن ڏينهن ڪان پوءِ يعني 11 شوال المڪرم (سن 1425هـ، 2004ع) جو سندن ڪنهن ڪم سان بازار وڃڻ ٿيو. مصروفيّت بہ هئي پر ڪين دير جي صورت ۾ پهرين صف رهجي وڃڻ جو خدشو هو. تنهن ڪري سڄو ڪم ڇڏي ڪري مسجد جو رخ ڪيائون ۽ اذان ڪان پهريان ئي مسجد ۾ پهچي ويا، وضوڪري جيئن ئي بيٺا تہ ڪِري پيا، ڪلمو شريف ۽ درود پاڪ پڙهندي ئي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان مدني انعامات جي ٻئي مدني انعام پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ملندڙ جذبي ڪالو چاچا کي انتقال جي وقت بازار جي غفلت ڀري فضائن کان ڪٽي مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيڏي خوش نصيبي جو آخري وقت ڪين ڪلمو ۽ درود شريف نصيب ٿي ويو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! ۽ جنهن کي مرڻ مهل ڪلموشريف نصيب ٿي وڃي ان جو قبر ۽ حشر ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن تہ نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. جنهن جو آخري ڪلام: لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ هجي، اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.

(ابوداود شريف ج3 ص 132 حديث 3116)

وڌيڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت ٻُڌو: جيئن تہ انتقال ڪان ڪجهہ ڏينهن پوءِ سندن پٽ خواب ۾ ڏٺو تہ مرحوم ڪالو چاچا سفيد لباس ۾ ملبوس مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي مُسڪرائيندي چئي رهيا آهن: پٽ! دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ لڳل رهو جو انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.

موت فضلِ خدا عزوجل سے ہو ایمان پر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ربّ عزوجل کی رَحمت سے پاؤ گے جنّت میں گھر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

عاشورا جي روزي جا فضائل

”يا شهيد كربلا هو دور هر رنج وبلا“ جي پنجويهه اكرن جي نسبت سان عاشورا جون 25 خاصيتون

﴿1﴾ 10 محرم الحرام عاشورا جي ڏينهن حضرت سيّدُنا آدم صفي الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي توبهه قبول ڪئي وئي. ﴿2﴾انهيءَ ڏينهن ڪين پيدا ڪيو ويو. ﴿3﴾ انهيءَ ڏينهن ڪين جنّت ۾ داخل ڪيو ويو. ﴿4﴾ انهيءَ ڏينهن عرش ﴿5﴾ڪرسي ﴿6﴾ آسمان ﴿7﴾ زمين ﴿8﴾ سج ﴿9﴾ چنڊ ﴿10﴾ستارا ۽ ﴿11﴾ جنّت پيدا ڪيا ويا ﴿12﴾انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا ﴿13﴾ انهيءَ ڏينهن ڪين باهه ڪان نجات ملي ﴿14﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت ڪي نجات ملي ۽ فرعون پنهنجي قوم سميت غرق ٿيو. ﴿15﴾حضرت سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پيدا ڪيا ويا ﴿16﴾انهيءَ ڏينهن آسمان ڏانهن ڪين ڪنيو ويو ﴿17﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا نوح عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ٻيڙي جُودي پهاڙ تي بيني. ﴿18﴾انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪي مُلڪِ عظيم عطا ڪيو ويو ﴿19﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يونس عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍيا ويا ﴿20﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يعقوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نظر جو ضعف ختم ٿيو﴿21﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام

اونهي کوهه مان ڪڍيا ويا ﴿22﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا ايوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي تڪليف ختم ڪئي وئي ﴿23﴾آسمان کان زمين تي سڀ کان پهرين برسات انهيءَ ڏينهن تي نازل ٿي ۽ ﴿24﴾ انهيءَ ڏينهن جو روزو امتن ۾ مشهور رهيو ايتري تائين جو هي به چيو ويو ته ان ڏينهن جو روزو رمضان المبارڪ کان پهريان فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو. (مکاشفة القلوب ص 311) ﴿25﴾امام الهُمام، امامِ عاليمقام،امامِ عرش مقام،امام تشنه ڪام، سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي شهزادن ۽ رفيقن سميت ٽي ڏينهن بُکيو رکڻ کانپوءِ انهيءَ عاشوري جي ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

"ياحسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ" جي چهن اکرن جي نسبت سان محرم الحرام ۽ عاشورا جي روزن جا 6 فضائل

مدينه1 : **حضرت** سَيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي رسولِ اکرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: "رمضان کان پوءِ محرم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان پوءِ افضل نماز **صلواة الليل** (يعني رات جا نوافل) آهي. (مسلم ج 1 ص891 حديث 1163)

مدينه 2 : **طبيبن جي طبيب**، الله جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي،"محرم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي."

(طبراني في الصغير ج2 ص87 حديث 1580)

يوم موسيٰ عليه السلام

مدينه 3: حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جن جوارشاد گرامي آهي، رسول الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ تشريف وني آيا يهودين کي عاشوري (ڏهين محرم) جي ڏينهن روزيدار ڏنو تہ ارشاد فرمايائون، هي ڪهڙو ڏينهن آهي جو توهان روزو رکو ٿا؟ انهن عرض ڪيو، هي عظمت وارو ڏينهن آهي جو هن ۾ موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ ان جي قوم کي الله تعاليٰ نجات ڏني ۽ فرعون ۽ ان جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو. انهيءَ ڪري موسيٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام شڪراني جي طور تي ان ڏينهن جو روزو رکيو تہ اسين بہ روزو رکون ٿا. ارشاد فرمايائون، موسيٰ (عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) جي مطابقت ڪرڻ ۾ بنسبت توهان جي اسان وڌيڪ حقدار ۽ وڌيڪ ويجها آهيون تہ سرڪارِ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پاڻ بہ روزو رکيو ۽ ان جو حڪم بہ فرمايائون.

(صحيح بخاري ج1 ص656 حديث2004)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ جنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ کا خاص نعمت عطا فرمائي ان جي يادگار قائم ڪرڻ درست ۽ محبوب آهي جو اهڙيءَ طرح ان نعمتِ عُظمیٰ جي ياد تازي ٿيندي ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو سبب بہ ٿيندو قرآنِ عظيم ۾ ارشاد فرمايو ويو:

وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏيار

صدر الافاضل حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْہَادِی هن آيت جي تحت فرمائن ٿا تہ اَيّٰمِ الله مان اهي ڏينهن مُراد آهن جن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي انعام ڪيا جيئن

بني اسرائيل جي لاءِ مَنّ وَسَلویٰ لاهڻ جو ڏينهن، **حضرت سيدُنا موسيٰ** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ درياءَ ۾ رستو بڻائڻ جو ڏينهن. هنن ڏينهن ۾ سڀ کان وڏي نعمت وارا ڏينهن **سيد عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي **ولادت** ۽ **معراج** جا آهن انهن جي ياد قائم ڪرڻ ۾ هن آيت جي حڪم ۾ داخل آهي“. (ملخصًا خزائن العرفان ص409)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

عيد ميلادالنبي صلی اللہ علیہ وسلم ۽ دعوت اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اسان** مسلمانن لاءِ سلطانِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **يوم ولادت** ڪان وڌيڪ ڪهڙو ڏينهن” يومِ انعام“هوندو؟”تمام نعمتون انهن جي طفيل تہ آهن ۽ هي ڏينهن **عيد** ڪان بہ بهتر آهي ڇو تہ انهن جي صدقي ۾ **عيد** بہ **عيد** ٿي. انهيءَ ڪري **سومر شريف** جي ڏينهن **روزو** رکڻ جو سبب ارشاد فرمايائون: **فيہ ولدت** يعني انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي.

(صحيح مسلم ص 591 حديث 1162)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي طرف ڪان دنيا جي بيشمار ملڪن جي لاتعداد جڳهن تي هرسال عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاندار طريقي تي ملهائي ويندي آهي. ربيع النور شريف جي **12** ڀارهين جي رات جو عظيم الشّان اجتماع ميلاد جو انعقاد ٿيندو آهي ۽ بالخصوص منهنجي حُسنِ ظن موجب ان رات دنيا جو سڀ ڪان وڏو اجتماع ميلاد بابُ المدينہ ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن مرحبا يا

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڏومون مچائيندي بيشمار جلوسِ ميلاد ڪڍيا ويندا آهن جن ۾ لڪين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

عيدِ ميلادُالنَّبي تو عيد کي بھي عيد ہے
بالڀيقيں ہے عيدِ عيداں عيدِ ميلادالنَّبي

عاشوري جو روزو

مدينه 4: حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا،"مون سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ڏينهن جي روزي کي ٻئي ڏينهن تي فضيلت ڏئي ڪري جستجو فرمائيندي نه ڏٺو پر هي ته **عاشورا** (ڏهين محرم) جو ڏينهن ۽ هي ته **رمضان** جو مهينو." (صحيح بخاري ج1ص657حديث2006)

يهودين جي مخالفت ڪريو

مدينه 5: نبيّ رَحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **يومِ عاشوري** جو **روزو** رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان پهريان يا بعد ۾ به هڪ ڏينهن جو روزو رکيو. (مُسند امام احمدج1 ص518 حديث 2154)

عاشوري جو روزو جڏهن به رکو ته گڏ ئي نائين يا يارهين **محرم الحرام** جو روزو به رکي ڇڏڻ بهتر آهي.

مدينه 6: حضرتِ سيّدُنا ابو قتاده رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون کي الله تي پڪ آهي ته **عاشوري جو روزو** هڪ سال پهريان جا گناهه مٽائي ڇڏيندو آهي.

(صحيح مسلم ص590حديث1162)

سڄو سال اکيون ڏکن نہ بيمار ٿئي

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، جيڪو محرم جي **نائين** ۽ **ڏهين** جو روزو رکي تہ تمام گهڻو ثواب ماڻيندو. ٻارن ٻچن جي لاءِ **ڏهين محرم**جو خوب سنو سنو کاڌو پچائي تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ سڄي سال تائين گهر ۾ برڪت رهندي. بهتر آهي تہ ڪچڙو پچائي حضرت شهيد ڪربلا سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فاتحه ڪري تمام گهڻو مُجرّب (يعني موثر ۽ آزمايل) آهي. انهيءَ تاريخ يعني10 محرم الحرام تي **غسل** ڪري تہ سڄو سال اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ انهيءَ ڏينهن **آبِ زم زم** سيني پاڻين ۾ پهچي ويندو آهي. (تفسيرِ روح البيان ج4 ص142 ڪوئٽه، اسلامي زندگي ص93)

سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو شخص عاشورا جي ڏينهن اِثْمد سرمو اکين ۾ لڳائي تہ اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون. (شعب الايمان ج3 ص367 حديث3797)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رجب المرجب جا روزا

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ! جي نزديڪ چار مهينا خصوصيّت سان حُرمَت وارا آهن. جيئن سُوْرَةُالتَّوْبَةِ ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ٻارهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾، جڏهن

الْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۶﴾

كان ان آسمان ۽ زمين بڻايا انهن مان چار حرمت وارا آهن، هي سڌو دين آهي تہ انهن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪريو ۽ مشرڪن سان هر وقت وڙهو جيئن هو توهان سان هر وقت وڙهندا آهن ۽ جاڻي وٺو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پرهيزگارن سان گڏ آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيتِ مبارڪ ۾ قمري مهينن جو ذڪر آهي جن جو حساب چنڊ سان ٿيندو آهي، احڪامِ شرع جو بنياد بہ قمري مهينن تي آهي. مثال طور رمضان المبارڪ جا روزا، زڪواة، مناسڪِ حج شريف وغيره گڏوگڏ اسلامي تقريبات مثال طور عيد ميلاد النبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، عيد الفطر، عيد الاضحيٰ، شبِ معراج، شبِ براءَت، يارهين شريف، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جا عرس وغيره بہ قمري مهينن جي حساب سان ملهايا ويندا آهن. افسوس! اڄڪلهہ جتي مسلمان بيشمار سنّتن ڪان پري وڃي پيو آهي اتي اسلامي تاريخن ڪان بہ بلڪل ناواقف ٿيندو پيو وڃي. غالباً هڪ لڪ مسلمانن جي اجتماع ۾ جيڪڏهن هي سوال ڪيو وڃي تہ ”ٻُڌايو اڄ ڪهڙي هجري سن جي ڪهڙي مهيني جي ڪهڙي تاريخ آهي؟“ تہ شايد مشڪل سان سؤ مسلمان اهڙا هوندا جيڪي صحيح جواب ڏئي سگهندا. گذريل آيت جي تحت حضرتِ سيّدُنا صدرالافاضل مولانا نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائنُ العرفان ۾ فرمائن ٿا: (چار حرمت وارن مهينن مان مراد) ٿي مُتَّصِل (يعني هڪ ٻئي پنيان) ذوالقعده،

ذوالحجه، محرم ۽ هڪ جدا **رجب**. عرب ماڻهو جاهليت واري زماني ۾ به هن ۾ قِتال (يعني جنگ) حرام ڄاڻندا هئا. اسلام ۾ انهن مهينن جي حُرمت ۽ عظمت گهٽي وڌيڪ ڪئي وئي.

(خزائن العرفان ص 309)

ايمان افروز حڪايت

حضرت سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دؤر جو واقعو آهي تہ هڪ شخص ڪافي عرصي کان ڪنهن عورت تي عاشق هيو. هڪ ڀيري ان پنهنجي معشوقہ کي قابو ڪيو. ماڻهن جي هلچل کان ان اندازو لڳايو تہ ماڻهو چنڊ ڏسي رهيا آهن. ان عورت کان پُڇيو، ماڻهو ڪهڙي مهيني جو چنڊ ڏسي رهيا آهن؟ ان چيو، رجب جو". اهو شخص جيتوڻيڪ ڪافر هيو پر رجب شريف جو نالو ٻُڌندي ئي تعظيم خاطر هڪدم الڳ تي ويو ۽ زنا کان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حڪم ٿيو تہ اسان جي فلاڻي ٻانهي جي زيارت لاءِ وڃو. پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ پنهنجي تشريف آوريءَ جو سبب ارشاد فرمايائون. اهو ٻُڌندي ئي ان جي دل اسلام جي نور سان مُنور ٿي ۽ ان هڪدم اسلام قبول ڪري ورتو.

(انيس الواعظين ص 177)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺيون توهان **رجب جون بهارون!** **رجب المرجب** جي تعظيم جي ڪري هڪ ڪافر کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي تہ جيڪو مسلمان ٿي ڪري **رجب المرجب** جو احترام ڪندو ان کي نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا انعام ملندا. مسلمانن کي گهرجي تہ رجب

شريف جو خوب احترام ڪندا رهن. قرآن پاڪ ۾ بہ حرمت واري مهينن ۾ پنهنجي جانين تي ظلم ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ”نورالعرفان“ ۾ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (ترجمو ڪنزالايمان: تہ هنن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪريو) جي تحت آهي.”يعني خصوصيّت سان انهن چئن مهينن ۾ گناهہ نہ ڪريو جو انهن ۾ گناهہ ڪرڻ پنهنجي مٿان ظلم آهي يا پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ظلم نہ ڪريو. (نورالعرفان ص 306)

ٻن سالن جو ثواب

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ نبين جي سالار، شهنشاهِ ابرار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ومختار باذن پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُشڪبار آهي:”جنهن ماهِ حرام ۾ ٽي ڏينهن خميس، جمعي ۽ چنڇر جو روزو رکيو ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو“.

(مجمع الزوائد ج 3 ص 438 حديث 5151)

تیرے کرم سے اے کریم مجھے کون سی شئے ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

رجب شريف جون بهارون

حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ”مڪاشفة القلوب“ ۾ فرمائن ٿا:”رجب دراصل ترجيب مان مشتق (يعني نڪتو) آهي هن جي معنيٰ آهي، ” تعظيم ڪرڻ“. هن ڪي الاصب (يعني سڀ کان تيز وهڪرو) بہ چوندا آهن ان لاءِ جو هن ماهِ مبارڪ ۾ توبهہ ڪرڻ وارن تي رحمت جو وهڪرو تيز ٿي ويندو آهي ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي انوار جو فيضان ٿيندو آهي. هن ڪي الاصم (يعني خوب

ٻوڙو) ٻه چوندا آهن ڇو تہ هن ۾ جنگ وجَدَل جو آواز بلڪل ٻُڌڻ ۾ ناهي ايندو. ان کي **رجب** ٻه چيو ويندو آهي جو جنّت جي هڪ نهر جو نالو”رجب“ آهي جنهن جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو، ماکيءَ کان وڌيڪ منو ۽ برف کان وڌيڪ ٺڏو آهي، هن نهر مان اهو ئي پيئندو جيڪو رجب جي مهيني ۾ روزا رکندو.

(مکاشفة القلوب ص 301 دارالکتب العلمية بيروت)

غنية الطالبين ۾ آهي تہ هن ماهہ کي ”**شهرِ رَجَم**“ ٻه چوندا آهن ڇو تہ هن ۾ شيطانن کي رَجَم يعني سنگ سار ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اهي مسلمانن کي تڪليف نہ ڏين. هن مهيني کي اصم (يعني خوب ٻوڙو) ٻه چوندا آهن ڇوتہ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم تي الله تعالىٰ جي عذاب جي نازل ٿيڻ جي باري ۾ نہ ٻُڌو ويو جو الله تعالىٰ گذريل امتن کي هر مهيني ۾ عذاب ڏنو ۽ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم کي عذاب نہ ڏنائين.

(غنية الطالبين ص 229)

رجب جا ٽي اکر

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ماهِ رجب المرجب جي بهارن جي ڇا تہ ڳالهہ آهي! ”**مکاشفة القلوب**“ ۾ آهي، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين فرمائن ٿا،”رجب“ ۾ ٽي اکر آهن. ر، ج، ب،”ر“ مان مُراد رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، ”ج“ مان مُراد ٻانهي جا جُرم،”ب“ مان مُراد بِرّ يعني احسان ۽ ڀلائي. جڻ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو، منهنجي ٻانهي جي جرم کي منهنجي رحمت ۽ ڀلائي جي وچ ۾ ڪري ڇڏيو.

(مکاشفة القلوب ص 301)

عِصياں سے کبھی ہم نے کنارا نہ کیا پر تُو نے دل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بہت کی تجویز لیکن تِری رَحمت نے گوارا نہ کیا

بج پوکڻ جو مهينو

حضرت سيّدُنا علامہ صَفَّوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: **رجب المرجب** بج پوکڻ جو، **شعبان المعظم** پاڻي ڏيڻ جو ۽ رمضان المبارک فصل لڻڻ جو مهينو آهي. تنهنڪري جيڪو **رجب المرجب** ۾ عبادت جو بج نہ ٿو پوکي ۽ **شعبان المعظم** ۾ ڳوڙهن سان سيراب نہ ٿو ڪري اهو رمضان المبارک ۾ رحمت جو فصل ڪيئن لڻندو؟ وڌيڪ فرمائن ٿا، **رجب المرجب** جسم کي، **شعبان المعظم** دل کي ۽ **رمضان المبارک** روح کي پاڪ ڪندو آهي.

(نزهة المجالس ج1 ص155)

جيڪو سچي زندگي نہ سکي سگهيس، اهو ڏهن ڏينهن ۾ سکي ورتم

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب ۾ عبادت ۽ روزن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان لاڳاپيل رهو. سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجو ۽ دعوتِ اسلامي جي طرفان ٿيندڙ اجتماعي اعتڪاف ۾ حصو وٺو اِنشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جي زندگيءَ ۾ مدني انقلاب اچي ويندو. ترغيب جي طور تي هڪ خوشگوار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو: جيئن تہ سعيد آباد بلديه ٽاؤن باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير ڪجهہ هن طرح هئي. مان انهن ڏينهن ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هئس، پنهنجي گهر جي مالڪ جيڪي دعوتِ اسلامي وارا هئا جي **انفرادي ڪوشش** سان ساڻن گڏ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي تحت غوثيه مسجد نيو سعيد آباد

ميمڻ ڪالوني ۾ ٽيڻ واري رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اعتڪاف** ۾ ويهي رهيس. **عاشقانِ رسول** سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جون برڪتون بيان ڪان ٻاهر آهن. **المختصر مان انهن ڏهن ڏينهن ۾ اهو ڪجهه سکيو جيڪو پوئين تمام زندگيءَ ۾ نه سکي سگهيو هئس.** مان **اعتڪاف** ۾ئي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** کي مضبوطيءَ سان اختيار ڪري ورتو، اتان ئي مستقل **عمامو شريف** سجائي ورتم، عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏجي **مدني قافلي** ۾ سنّتن ۾ريو سفر ڪيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون تي مدني رنگ چڙهندو ويو ۽ هي بيان قلمبند ڪرڻ وقت تنظيمي طور تي **مدني انعامات** جو ذميدار آهيان.

رحمتيں لوٹنے کے لیے آؤ تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
سنتیں سیکھنے کے لیئے آؤ، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پنج بابرڪت راتيون

حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان مروي آهي نبي ڪريم، رؤفُ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي." پنج راتيون اهڙيون آهن جن ۾ دعا رد ناهي ڪئي ويندي". (1) رجب جي پهرين رات (2) پندرهين شعبان (3) خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات (4) عيد الفطر جي رات (5) عيد الاضحیٰ جي رات". (الجامع الصغير ص214 حديث 3952)

حضرت سيّدُنا خالد بن مِعدان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا." سال ۾ پنج راتيون اهڙيون آهن جيڪو انهن جي تصديق ڪندي ثواب جي نيّت سان

انهن کي عبادت ۾ گذاري ته الله تعالىٰ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو.
(1) رجب جي پهرين رات جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ان جي ڏينهن ۾ روزو رکي (2،3) عيدين (يعني عيد الفطر ۾عيد الاضحىٰ) جون راتيون جو انهن راتين ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو نه رکي (عيدين جي ڏينهن روزو رکڻ ناجائز آهي) (4) شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي (5) ۽ شبِ عاشورا (يعني محرم الحرام جي ڏهين رات) جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي.
(غنية الطالبين ص236 دار احياء التراث العربي بيروت)

پهريون روزو تن سالن جي گناهن جو ڪفارو

حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته بي چين دلين جي چين، سَروَرِ ڪونين، نبي الحرمين، سيّد الثقلين، امام القبلتين، صاحبِ قاب قوسين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي،"**رجب** جي پهرين ڏينهن جو روزو تن سالن جو ڪفارو آهي ۽ **ٻئي** ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ **ٽئين** ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي".
(الجامع الصغير حديث 5051 ص 311)

هڪ جنتي نهر جو نالو رجب آهي

حضرت سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جنّت ۾ هڪ نهر آهي، جنهن کي "رجب" چيو ويندو آهي جيڪا کير کان وڌيڪ اڇي ۽ ماکيءَ کان

وڏيڪ منڀي آهي ته جيڪو رجب جو هڪ روزو رکي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي انهيءَ نهر مان سيراب ڪندو.“ (شعب الايمان ج3 ص 367 حديث 3800)

نوراني جبل

هڪ پيري حضرت سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو گذرڻ هڪ جڳمڳ ڪندڙ نوراني جبل کان ٿيو. پاڻ عَلَیْهِ السَّلَام بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا الله عَزَّوَجَلَّ! هن جبل کي ڳالهائڻ جي قوت عطا فرماءِ. اهو جبل چوڻ لڳو، يا روح الله! (عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) توهان ڇا ٿا چاهيو؟ فرمايائون، پنهنجو حال بيان ڪر. جبل چوڻ لڳو،”منهنجي اندر هڪ ماڻهو رهندو آهي“. سيّدنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ ان کي مون تي ظاهر فرماءِ. اوچتو جبل ۾ اڌ ٿيو ۽ ان مان چند جهڙو چهرو چمڪائيندي هڪ بزرگ ظاهر ٿيو. ان عرض ڪيو،”مان حضرت سيّدُنا ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو امتي آهيان مان الله عَزَّوَجَلَّ کان هيءَ دعا ڪئي آهي ته هو مون کي پنهنجي پياري محبوب، نبي آخِرُ الزَّمان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بِعْثَتِ مبارڪ تائين زندهه رکي ته جيئن مان انهن جي زيارت ۾ ڪريان ۽ انهن جو امتي بڻجڻ جو شرف ۾ حاصل ڪريان. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان هن جبل ۾ ڇهه سؤ سالن کان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول آهيان“. حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا روءِ زمين تي ڪو ٻانهو هن شخص کان وڏيڪ ۾ تو وٽ مُڪرَّم آهي؟ ارشاد ٿيو، اي عيسيٰ (عليه السلام)! **امتِ محمدي مان**

جيڪو ماهِ رجب جو هڪ روزو رکي اهو منهنجي ويجهو هن ڪان بہ وڌيڪ مڪرم (يعني عزت وارو) آهي۔ (نزهة المجالس ج1 ص 155)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

هڪ روزي جي فضيلت

مُحقّق علي الاطلاق حضرت شيخ عبدالحق محدث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي نقل ڪن ٿا تہ سلطانِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: **ماهِ رجب** حُرمت وارن مهينن مان آهي ۽ ڇهين آسمان جي دروازي تي هن مهيني جا ڏينهن لکيل آهن. جيڪڏهن ڪو شخص **رجب** ۾ هڪ روزو رکي ۽ ان کي پرهيزگاريءَ سان پورو ڪري تہ اهو دروازو ۽ اهو (روزي وارو) ڏينهن ان بانهي جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ڪان مغفرت طلب ڪندا ۽ عرض ڪندا، يا الله عَزَّوَجَلَّ! هن بانهي کي بخشي ڇڏ ۽ جيڪڏهن اهو شخص بغير پرهيزگاريءَ جي روزو گذاريندو آهي تہ پوءِ اهو دروازو ۽ ڏينهن ان جي بخشش جي درخواست نہ ڪندا ۽ ان شخص کي چوندا آهن،"اي بانها! تنهنجي نفس توکي دوکو ڏنو".

(ماثبت بالسنة ص342)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ روزي جو مقصد رُڳو بُک ۽ اڃ ناهي، سيني عضون کي گناهن کان بچائڻ بہ ضروري آهي، جيڪڏهن روزي جي باوجود بہ گناهن جو سلسلو رهيو تہ پوءِ سخت محرومي آهي.

نوح جي ٻيڙيءَ ۾ رجب جي روزي جي بهار

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن

رجب جو هڪ روزو رکيو تہ اهو **هڪ سال جي روزن** جيان هوندو. جنهن **ست روزا** رکيا ان تي **جهنّم** جا ست دروازا بند ڪيا ويندا. جنهن **اٺ روزا** رکيا ان جي لاءِ **جنّت** جا اٺ دروازا کوليا ويندا. جنهن **ڏهہ روزا** رکيا اهو الله عَزَّوَجَلَّ کان جيڪو ڪجهہ گهرندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عطا فرمائيندو. ۽ جنهن **پندرهن روزا** رکيا تہ آسمان مان هڪ مُنادي نِدا ڪندو آهي تہ تنهنجا پويان گناهہ بخشيا ويا پوءِ تون نئين سري سان عمل شروع ڪر جو تنهنجون بُرايون نيڪين ۾ بدلايون ويون ۽ جيڪو وڌيڪ ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي وڌيڪ ڏئي ۽ **رجب** ۾ نوح (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ پاڻ بہ روزو رکيائون ۽ رفيقن کي بہ **روزي** جو حڪم ڏنائون. انهن جي ٻيڙي **ڏهين محرم** تائين ڇهہ مهينا برابر سفر ۾ رهي.

(شعب الايمان ج 3 ص368 حديث 3801)

جنتي محل

حضرتِ سيّدُنا ابوقِلابه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا **رجب** جي **روزيدارن** جي لاءِ جنّت ۾ هڪ **محل** آهي".

(شعب الايمان ج3 ص368 حديث3802)

پريشاني ختم ڪرڻ جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، "جيڪو ماهِ رجب ۾ ڪنهن مسلمان جي پريشاني ختم ڪري تہ الله تعالىٰ ان کي جنّت ۾ هڪ اهڙو محل عطا فرمائيندو جيڪو نظر جي حد تائين وسيع هوندو. توهان **رجب** جو اڪرام ڪريو الله تعالىٰ توهان جو هزار ڪرامتن سان اڪرام فرمائيندو.

(غنية الطالبين ص 234)

سؤ سالن جي روزن جو ثواب

27 هين رجب المرجب جي عظمتن جو چا چئجي! انهيءَ تاريخ تي اسان جي پياري پياري، مٺي مٺي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پهريون پيرو وحي نازل ٿي ۽ انهيءَ تاريخ تي معراج جو عظيم الشان معجزو رونُما ٿيو. جيئن ته 27 هين رجب شريف جي روزي جي وڏي فضيلت آهي جيئن حضرتِ سيّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته: سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهه ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **رجب** ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي، جيڪو ان ڏينهن جو روزو رکي ۽ اها رات نوافل ۾ گذاري، هي سؤ سال جي روزن جي برابر ٿئي ۽ اها 27 هين رجب آهي. انهيءَ تاريخ تي الله عَزَّوَجَلَّ **مُحمّد** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مَبْعُوث فرمايو. (شعب الايمان ج2 ص373 حديث 3811)

هڪ نيڪي سؤ سالن جي نيڪين جي برابر!

رجب ۾ هڪ رات آهي جو ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري کي سؤ سالن جي نيڪين جو ثواب آهي ۽ اها رجب جي **ستاويهين رات** آهي جيڪو ان ۾ ٻارهن رڪعتون هن طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورهءِ فاتحه ۽ ڪا به هڪ سورة ۽ هر ٻن رڪعتن تي اَلتَّحِيّات پڙهي ۽ ٻارهن پوريون ٿيڻ تي سلام ورائي، ان ڪانپوءِ 100 ڀيرا هي پڙهي: سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَر، استغفار سؤ ڀيرا، درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت مان جنهن شيءِ جي چاهي دعا گهري ۽ صبح

جو روزو رکي تہ الله تعالىٰ ان جون سڀ دعائون قبول فرمائي سواءِ ان دعا جي جيڪا گناهہ جي لاءِ هجي. (شعب الايمان ج3 ص 374 حديث 3812)

27هين جو روزو ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو

منهنجا آقا اعلىٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت،عالمِ شريعت، پيرِطريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا تہ فوائدِ هَناد ۾ حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان مروي آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام " ارشاد فرمايو: ستاويهين **رجب** تي مون کي نبوت عطا ٿي جيڪو هن ڏينهن جو روزو رکي ۽ افطار جي وقت دعا ڪري ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو ٿئي". (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج10 ص 648)

ست مهينن جي روزن جو ثواب

حديثِ پاڪ ۾ آهي، جيڪو **ستاويهين رجب** جو روزو رکي الله تعالىٰ ان جي لاءِ **ست مهينن** جي روزن جو ثواب لکندو ۽ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (حضرت) **محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پيغمبري ڪٽي نازل ٿيو. (تنزيه الشريعه ج 2 ص 161 حديث 41)

100 سالن جي روزن جو ثواب

حضرت سيّدُنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان مروي آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

ذيشان آهي:”**رجب** ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن ۾ روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري تہ جڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ هي **رجب** جي ستاويهين تاريخ آهي. انهيءَ ڏينهن محمدصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ مبعوث فرمايو“. **(شعب الايمان ج3 ص 374 حديث 3811)**

دعوت اسلامي ۽ جشن معراج النبي صلی اللہ علیہ وسلم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب کي هڪ خصوصيّت هي بہ حاصل آهي تہ هن جي ستاويهين رات جو اسان جي مٺي مٺي مڪي مدني آقاصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربُّ العُلیٰ جي طرف کان معراج جو معجزو عطا ٿيو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ستاويهين رات مسجد الحرام کان مسجدِ اقصیٰ (بيت المقدس) ۽ پوءِ اتان کان آسمانن جو سير فرمايائون. جنّت ۽ دوزخ جا عجائبات ملاحظہ فرمايا. عرش کي پنهنجي قدم بوسيءَ جو شرف بخشيائون ۽ بلڪل سجاڳيءَ جي عالم ۾ کليل اکين سان پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيائون. هي سڄو سفر گهڙي پلڪ ۾ پورو فرمائي واپس تشريف کڻي آيا. رجب المرجب جي ستاويهين رات بيحد عظمت واري آهي. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي طرفان هر سال ستاويهين رات جو **جشنِ معراج النبي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بيشمار جڳهن تي اجتماع ذڪر و نعت جوانعقاد ڪيو ويندو آهي جن مان لکين **عاشقانِ رسول** فيضياب ٿيندا آهن. منهنجي حُسنِ ظن جي مطابق جشن معراج النبي جو دنيا جو سڀ کان وڏو اجتماع سالن کان

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ باب المدينه ڪراچيءَ ۾ ٿيندو آهي جيڪو تقريبًا سڄي رات جاري رهندو آهي.

خدا کی قدرت سے چاند حق کے، کروڑوں منزِل میں جلوہ کر کے
ابھی نہ تاروں کی چھاؤں بدلی، کہ نور کے تڑکے آ لئے تھے

ڪفن جي واپسي

بصره جي هڪ نيڪ عورت وفات جي وقت پنهنجي پٽ کي **وصيت** ڪئي تہ مون کي ان ڪپڙي جو ڪفن ڏجانءِ جنهن کي پائي آءُ رجب المرجب ۾ عبادت ڪندي هيس. وفات کان پوءِ پٽ ڪيس ڪنهن ٻئي ڪپڙي ۾ ڪفن ڏئي دفنائي ڇڏيو. جڏهن هو قبرستان کان گهر آيو تہ هي ڏسي ڪري ڪَنبي ويو تہ جيڪو ڪفن ان پارايو هو اهو گهر ۾ موجود هو! جڏهن ان گهبرائي ڪري ماءُ جي وصيّت وارا **ڪپڙا** ڳوليا تہ اهي پنهنجي جاءِ کان غائب هئا. ايتري ۾ هڪ غيبي آواز گونجي اٿيو،"پنهنجو ڪفن واپس وٺو اسان ڪيس انهيءَ ڪپڙي ۾ ڪفنايو آهي (جنهن جي ان وصيّت ڪئي هئي) جيڪو **رجب جا روزا** رکندو آهي اسين ان کي **قبر** ۾ **غمگين** رهڻ ناهيون ڏيندا ."

(نزهة المجالس ج1 ص208)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

لاڏءِ پيارمون کي ضدي بڻائي ڇڏيو هو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب جي روزن جي مدني سوچ بڻائڻ، گناهن جي عادت ڇڏائڻ ۽ عبادت جي

لذت ماڻڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. توهان جي ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ **مدني بهار** توهان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن تہ شاهدره (مرڪز الاوليا لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خُلاصو آهي، مان پنهنجي پيءُ ماءَ جو اڪيلو پٽ هئس، گهڻي لاڏ پيار مون کي حد درجي جو **ضدي** ۽ ماءُ پيءُ جو سخت نافرمان بڻائي ڇڏيو هو. سڄي رات اجايو رلندو هوس ۽ صبح دير تائين سمهندو هوس. ماءُ پيءُ سمجهائيندا هئا تہ انهن کي دڙڪا ڏيندو هوس. اهي ويچارا ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندا هئا. دعائون گهرندي گهرندي امڙ جون اکيون آليون ٿي ويندیون هيون. ان عظيم گهڙيءَ تي لک سلام جنهن "گهڙي" مون کي **دعوتِ اسلامي** واري هڪ عاشقِ رسول سان ملاقات جي سعادت ملي ۽ ان محبت ۽ پيار سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون پاپي ۽ بدڪار کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو. جيئن تہ آءُ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. نہ ڄاڻ انهن عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي اندر ڇا گهوٽي پيئاريو جو مون جهڙي ضدي انسان جي **پٿر جهڙي دل** جيڪا ماءُ پيءُ جي ڳوڙهن سان بہ نہ پگهرندي هئي ميڻ بڻجي وئي. منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ مان مدني قافلي مان **نماز** بڻجي موٽيس. گهر اچي مون سلام ڪيو، والد صاحب جا هٿ چميا ۽ **امڙ** جا بہ پير چُميا. گهر وارا حيران ٿيا! تہ هن کي ڇا ٿي ويو آهي، جو ڪالهہ تائين جيڪو

ڪنهن جي ڳالهه ٻُڌڻ جي لاءِ تيار نہ هو اُهو اڄ ايڏو باادب بڻجي ويو آهي! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۽ **عاشقانِ رسول** جي صحبت مون کي بلڪل بدلائي ڇڏيو ۽ هي بيان ڏيڻ وقت مون اڳوڻي بي نمازيءَ کي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي يعني **صداءِ مدينه** لڳائڻ جي ذميداري مليل آهي. (**دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ اٺارڻ کي صداءِ مدينه لڳائڻ چوندا آهن)

گر چہ اعمالِ بد، اور افعالِ بد — نے ہے رُسوا کیا، قافلے میں چلو
کر سفر آؤ گے، تم سُدھر جاؤ گے — مانگو چل کر دُعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

صحبت جي متعلق ٽي روايتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! **عاشقانِ رسول** جي صحبت ڪهڙيءَ طرح هڪ بي نمازي نوجوان کي ٻين کي نماز جي دعوت ڏيڻ وارو بڻائي ڇڏيو! انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ صحبت ضرور رنگ لائيندي آهي، سني صحبت سنو ۽ بُري صحبت بُرو بڻائيندي آهي. تنهنڪري هميشہ **عاشقانِ رسول** جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ ٽي احاديثِ مبارڪ ذڪر ڪيون وڃن ٿيون. ﴿1﴾ سنو ساٿي اهو آهي جو جڏهن تون خدا عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪرين تہ هو تنهنجي مدد ڪري ۽ جڏهن تون وسارين تہ هو ياد ڏياري. (الجامع الصغير للسيوطي ص 244 حديث 3999) ﴿2﴾ سنو همنشين (يعني سنو ساٿي) اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توکي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ ان جو عمل توکي آخرت جي ياد ڏياري. (ايضًا ص 247 حديث 4063) ﴿3﴾ امير

المؤمنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو، اهڙي شيءِ ۾ نہ پئو جيڪا توهان جي لاءِ مُفيد نہ هجي ۽ دشمن کان الڳ رهو ۽ دوست کان بچندا رهو پر جڏهن جو هو امين (يعني امانتدار) هجي تہ امين جي برابري جو ڪو ناهي ۽ امين اهو ئي آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي ۽ فاجر (يعني الله و رسول جي نافرمان) سان گڏ نہ ويهو جو هو توهان کي فُجُور (يعني نافرماني) سيکاريندو ۽ ان جي سامهون راز جي ڳالهہ نہ چئو ۽ پنهنجي ڪم ۾ انهن کان مشورو وٺو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا آهن. (کنزالعمال ج 9 ص75 الحديث 25565)

بُري صحبت جي ممانعت

بي نمازين، گاريون ڏيڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ وارن، ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وعدي خلافي ڪرڻ وارن، چورن، رشوت خورن، شرابين، فاسقن ۽ فاجرن گڏوگڏ بد مذهبن ۽ ڪافرن جي صحبتن جي شريعت ۾ ممانعت آهي بنا ڪنهن شرعي مصلحت جي بنا صحيح عذر جي ڄاڻي واڻي انهن جي صحبت ۾ ويهڻ وارو گناهگار آهي. فتاویٰ رضويه ج 22 ص 237 تي آهي، منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ استفسار ڪيو ويو: زاني ۽ دَيُّوث (يعني جيڪو پنهنجي گهر واري يا ڪنهن بہ محرم جي بي پردگيءَ تي غيرت نہ ڪائيندو هجي، طاقت هوندي منع نہ ڪندو هجي) کان ڪيتريقدر پاسو ڪرڻ گهرجي؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون: زاني ۽ دَيُّوث فاسق آهن انهن وٽ اٿڻ ويهڻ ۽ ميل جول کان پاسو ڪرڻ گهرجي". هي جواب ڏيڻ کانپوءِ پاڻ ستين سيپاري **جي** سورة الانعام جي آيت نمبر 68 تحرير فرمائي جنهن ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ٿئي ٿو:

وَ اِمَّا یُنْسِیَنَّكَ الشَّیْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، هن مان معلوم ٿيو تہ بُري صحبت کان بچڻ نهايت ضروري آهي. بُرو دوست بُري نانگ کان بدترآهي جو بُرو نانگ جان ونندوآهي ۽ بُرو دوست ايمان برباد ڪندو آهي. (نورالعرفان ص 215)

رجب کا واسِطہ ہم سب کی مغفِرت فرما
اِلٰہی جنّتِ فردوس مرحمت فرما

شعبان المعظم جا روزا

آقا صلی اللہ علیہ وسلم جو مهينو: رسولِ اڪرم، نورِمجسم، **شاهِ بني آدم، شافع امم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شعبان المعظم جي باري ۾ فرمانِ مڪرم آهي، **شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان المبارڪ الله** عَزَّوَجَلَّ **جو مهينو آهي.** (الجامع الصغير الحديث 4779 ص 301)

شعبان جون تجليون ۽ برڪتون

لفظ شعبان ۾ پنج حرف آهن. ش، ع،ب،ا، ن. **ش** مان مراد شرف يعني بزرگي، **ع** مان مُراد عُلُوّ يعني بلندي، **ب** مان مُراد بِرّ يعني پلائي ۽ احسان، **ا** مان مُراد اُلفت ۽ **ن** مان مُراد نُور آهي تہ هي سيئي شيون الله تعالىٰ پنهنجي بانهن کي هن مهيني ۾ عطا فرمائيندو آهي، هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ نيڪين جا دروازا کوليا ويندا

آهن، برڪتن جو نُزول ٿيندو آهي، خطائون ترڪ ڪيون ويندیون آهن ۽ گناهن جو ڪفارو ادا ڪيو ويندو آهي ۽ **خيرالبريه سيّد الوريٰ** جناب محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي۽ هي نبي مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلڻ جو مهينو آهي.“

(غنية الطالبين ج 1 ص 246)

صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جذبو

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا:”ماهِ شعبان المعظم جو چند نظر ايندي ئي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪيندا هئا تہ جيئن ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهو ماهِ رمضان المبارڪ جي روزن جي لاءِ تياري ڪري سگهن، حاڪم قيدين کي طلب ڪري جنهن تي ”حد“(سزا) قائم ڪرڻي هوندي هئي انهن تي حد قائم ڪندا هئا بقايا کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، واپاري پنهنجو قرض ادا ڪندا هئا، ٻين کان پنهنجو قرض وصول ڪندا هئا. (ائين ماهِ رمضان المبارڪ جو چند نظر اچڻ کان پهريان ئي پنهنجو پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏيندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چند نظر ايندي ئي غسل ڪري (ڪجهہ حضرات سڄي مهيني جي لاءِ) اعتڪاف ۾ ويهندا هئا.“

(غنية الطالبين ج 1 ص246)

موجوده مسلمانن جو جذبو

سُبحٰن اللهِ عَزَّوَجَلَّ! پهريان جي مسلمانن کي عبادت جو ڪيترو قدر ذوق هيو! پر افسوس! اڄڪلهہ جي مسلمانن کي سڀ کان وڌيڪ حصولِ مال جو ئي شوق آهي. پهريان جا مدني سوچ

رکڻ وارا مسلمان مبارک ڏينهن ۾ ربُّ الاَنام عَزَّوَجَلَّ جي گهڻي کان گهڻي عبادت ڪري ان جو قرب حاصل ڪندا هئا ۽ اڄڪلهه جا مسلمان مبارک ڏهاڙن خاص ڪري ماهِ صِيام (يعني رمضان شريف) ۾ دنيا جي ذليل دولت ڪمائڻ جون نيون نيون ترڪيبون سوچيندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي بانهن تي مهربان تي ڪري نيڪين جو ثواب خوب وڌائي ڇڏيندو آهي. پر بدنصيب ماڻهو رمضان المبارک ۾ پنهنجي شين جو اگهه وڌائي پنهنجي مسلمان ڀائرن ۾ قرمار مچائيندا آهن. آهه! آهه! آهه!

اے خاصہِ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے اُمّت پہ تِری آ کے عَجَب وَقْت پڑا ہے
فَریاد ہے اے کِشتیِ اُمّت کے نگہباں بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روزا

سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب وسينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه، باعثِ نُزولِ سڪينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، ”رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل **شعبان** جا روزا آهن، رمضان جي تعظيم لاءِ.“ (شعب الايمان ج3ص377حديث3819)

شعبان جا اڪثر روزا رکڻ سنت آهي

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: حضورِاڪرم، نورِ مجسم، شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مون **شعبان** کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ **روزا** رکندي نه ڏٺو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سواءِ ڪجهه ڏينهن جي پوري ئي مهيني جا روزا رکندا هئا. (ترمذي ج2ص182حديث736)

مرڻ وارن جي فهرست بڻائي ويندي آهي

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: ”حضورِ انور، شافع محشر، مديني جا تاجوَر، باذنِ ربّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوب داوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوري شعبان جا روزا رکندا هئا.“ فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو،”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا سيني مهينن ۾ توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو تمام گهڻو پسنديده **شعبان جا روزا** رکڻ آهي؟“ته شفيع روزِ شمار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ان سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي ته منهنجو رخصت وارو وقت اچي ۽ مان **روزيدار** هجان.“ (مُسند ابو يعلي ج4ص277حديث 4890)

پسنديده مهينو

حضرت سيّدُنا عبدالله بن ابي قَيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي جو انهن حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي فرمائيندي ٻُڌو، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده مهينو **شعبان المعظم** هيوان ۾ **روزورکندا** هئا پوءِ ان کي **رمضان** سان ملائي ڇڏيندا هئا. (ابو داود ج 2 ص476 حديث 2431)

ماڻهو شعبان جي اهميت کان غافل آهن

حضرت سيّدُنا اسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي شعبان جا روزا رکندي ڏسان ٿو جو توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن به مهيني ۾ هن طرح روزا ناهيو رکندا. فرمايائون: ”رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي ماڻهو هن کان غافل آهن. هن ۾ ماڻهن جا

اعمال الله رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي طرف کنيا ويندا آهن. ۽ مون کي هي محبوب آهي يا منهنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان.“

(سنن نسائي ج4 ص 200)

طاقت جي مطابق عمل ڪريو

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون رسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا نه رکندا هئا جو پوري شعبان جا ئي روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا پنهنجي طاقت جي مطابق عمل ڪريو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان بيزار نه ٿيو. بيشڪ ان جي ويجهو پسنديده (نفل) نماز اها آهي جو جنهن تي هميشگي اختيار ڪئي وڃي جيتوڻيڪ جو گهٽ هجي. ته پوءِ جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کا نماز(نفل) پڙهندا هئا ته ان تي هميشگي اختيار فرمائيندا هئا.

(صحيح بخاري ج1 ص 648 حديث 1970)

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی فرمائن ٿا. جاڻايل حديثِ پاڪ ۾ پوري ماهِ شعبان المعظم جي روزن مان مراد اڪثر شعبان المعظم جا روزا آهن.

(مكاشفة القلوب ص 303)

جيڪڏهن ڪو پوري شعبان المعظم جا روزا رکڻ چاهي ته ان کي ممانعت به ناهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ رجب المرجب ۽ شعبان المعظم ٻنهي مهينن ۾

روزا رکڻ جي ترڪيب هوندي آهي ۽ مسلسل روزا رکندي اهي حضرات رمضان المبارڪ سان ملي ويندا آهن. توهان به روزن ۽ سنّتن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو. ترغيب جي لاءِ هڪ مُشڪبار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو جيئن ته:

مان لغز اڏائڻ جو شوقين هئس

باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير کي بالتصرف (يعني پنهنجي طرفان ضروري جوڙجڪ ڪري) پيش ڪريان ٿو:افسوس! منهنجي پوئين زندگي سخت گناهن ۾ گذري، آءُ **لغز اڏائڻ جو شوقين هئس** گڏوگڏ وڊيو گيمز ۽ ڇِدي راند کيڏڻ وغيره منهنجي مشغلن ۾ شامل هئا هر هڪ جي معاملي ۾ تنگ اڙائڻ، هروپرو ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ وغيره منهنجا معمولات هئا. خوش قسمتيءَ سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي **انفرادي ڪوشش** تي مان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ علائقي جي مسجد ۾ معتڪف ٿي ويس. مون کي تمام سنا سنا خواب نظر آيا ۽ ڏاڍو سُڪون مليو. مون وڏيڪ به سال اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. هڪ ڀيري اسان جي مسجد جي مؤذن صاحب **انفرادي ڪوشش** ڪري مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ هفتيوار **سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ وٺي آيو. هڪ مبلغ بيان ڪري رهيو هو. سفيد لباس ۽ چادر ۾ ملبوس، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامي شريف جي تاج وارو اهڙو

بارونق چهرو مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ئي ڏٺو هو. مبلغ جي چهري جي ڪشش ۽ نورانيّت منهنجي دل موهي ڇڏي ۽ مان دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ اچي ويس ۽ هاڻي ٻن سالن کان عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه**، باب المدينه ۾ ئي اعتڪاف ڪندو آهيان. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون هڪ **مٽ ڏاڙهي** به سجائي ورتي آهي.

مست ہر دم رہوں میں دیدے الفت کا جام یااللہ
بھیک دیدے غمِ مدینہ کی بہرِ شاہِ انام یااللہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

رمضان کان پوءِ ڪهڙو مهينو افضل آهي

حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوب پروردگار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه بيڪس پناهه ۾ عرض ڪيو ويو ته رمضان کان پوءِ ڪهڙو روزو افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”**رمضان** جي تعظيم لاءِ **شعبان** جو“. پوءِ عرض ڪيو ويو ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ فرمايائون: ”**رمضان** جي مهيني ۾ **صدقو** ڪرڻ“

(جامع ترمذي ج2 ص 145 حديث 663)

پندرهين رات ۾ تجلي

حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوب ربُّ الْعزت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، **الله** عَزَّوَجَلَّ شعبان جي پندرهين رات ۾ تجلي فرمائيندو آهي. استغفار (يعني توبهه) ڪرڻ وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي ۽ طالبِ رحمت تي رحم فرمائيندو آهي ۽

عداوت وارن کي جنهن حال تي آهن انهيءَ تي ڇڏي ڏيندو آهي“.

(شعب الايمان ج3 ص382حديث3835)

عداوت واري جي شامت مدينه

حضرت سيّدُنا مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سلطانِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مکهءِ مکرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، **شعبان جي پندرهين رات** ۾ الله عَزَّوَجَلَّ سڄي مخلوق جي طرف تجلي فرمائيندو آهي ۽ سيني کي بخشي ڇڏيندو آهي پر **کافر** ۽ **عداوت** واري کي (ناهي بخشيندو).

(صحيح ابن حبان ج7 ص 470 حديث 5636)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جن بن مسلمانن ۾ کا دنياوي عداوت هجي تہ انهن کي گهرجي تہ **شبِ براءت** اچڻ کان پهريان پهريان هڪ ٻئي کي مُعاف ڪري ڇڏين تہ جيئن مغفرت الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ اهي بہ شامل ٿين. انهن ئي احاديثِ مبارڪہ جي مطابق بحمده تعالیٰ مدينة المرشد بريلي شريف ۾ منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هي طريقو مقرر فرمايو هيو تہ **14 شعبان المعظم** جي رات اچڻ کان پهريان مسلمان پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا قصور مُعاف ڪرائيندا هئا. مدني التجا آهي تہ هر جاءِ تي **اسلامي ڀائر** بہ ائين ئي ڪن ۽ **اسلامي ڀينرون** بہ فون وغيره جي ذريعي پاڻ ۾ مُعافي تلافي ڪري ڇڏين.

امام اهلسنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو پيغام

شبِ براءت قريب آهي، هن رات تمام ٻانهن جا اعمال حضرتِ عزّت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۾ پيش ٿيندا آهن. مولیٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ حضورِ پُرنور، شافع يَومُ النُّشور عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم مسلمانن جا ذُنوب (گناهہ)

معاف فرمائيندو آهي پر ڪجهه انهن مان اهي بہ مسلمان جيڪي پاڻ ۾ دنياوي سبب ڪان رنجش رکندا آهن فرمائيندو آهي، هنن کي ڇڏي ڏيو. جيستائين پاڻ ۾ صلح نہ ڪن. هڪ ٻئي جا حقوق ادا ڪري ڇڏين يا معاف ڪرائي ڇڏين جو **باذنہ تعالیٰ** حقوق العباد ڪان اعمال نامه خالي ٿي ڪري بارگاهہ عزّت عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ٿين. حقوقِ مولیٰ تعالیٰ جي لاءِ سچي توبهہ ڪافي آهي. "اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ "(يعني گناهہ کان توبهہ ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ ان گناهہ ڪيو ئي ناهي) اهڙي حالت ۾ **باذنہ تعالیٰ** ضرور هن رات ۾ مغفرت جي اميد آهي پر شرط آهي تہ عقيدو صحيح هجي. وَهُوَ الْغَفُوْرُالرَّحِيْم ڀائرن ۾ صلح ڪرائڻ ۽ حقوق مُعاف ڪرڻ جي هيءَ سنّت **بحمدہ تعالیٰ** هتي ڪافي سالن کان جاري آهي. اميد آهي توهان بہ اتان جي مسلمانن ۾ جاري ڪري مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهٗ اَجْرُهَا وَاَجْرُمَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ (يعني جيڪو اسلام ۾ سنو طريقو ڪڍي ان جي لاءِ هن جو ثواب آهي ۽ قيامت تائين جيڪي ان تي عمل ڪن انهن سيني جو ثواب هميشہ ان جي نامهءِ اعمال ۾ لکيو وڃي بغير ان جي جو ان جي ثوابن ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچي) جي مثال وانگر. ۽ هن فقير جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ مغفرت ۽ عافيّت جي دعا فرمايو. فقير توهان جي لاءِ دعا ڪري ٿو ۽ ڪندو. (اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) سيني مسلمانن کي سمجهايو وڃي جو اتي نہ خالي زبان ڏني ويندي آهي نہ نفاق پسند آهي. صلح و مُعافي سڀ سچيءَ دل سان هجي. والسّلام: **فقير احمد رضا قادري از بريلي**

شب براءَت ۾ محروم رهڻ وارا ماڻهو

سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي، حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، مون وٽ **جبريل** عَلَیْہِ السَّلَام آيوءِ چيائين هيءَ **شعبان جي پندرهين رات** آهي هن ۾ الله تعالىٰ **جهنم** کان ايترن کي آزاد فرمائيندو آهي جيترا **بني کلب** جي ٻکرين جا وار آهن پر کافر ۽ عداوت واري ۽ رشتو توڙڻ واري ۽ (تکبرسان ٽٽين کان هيٺ) کپڙا لڙڪائڻ واري ۽ پيءُ ماءَ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ شراب جي عاديءَ جي طرف رحمت جي نظر ناهي فرمائيندو.

(شعب الايمان ج3ص 383 حديث3837)

حضرتِ سيّدُنا امام احمد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر ابنِ زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان جيڪا روايت ڪئي ان ۾ قاتل جو بہ ذڪر آهي. **(مُسند امام احمد ج2 ص 589 حديث 6653)**

سيني جي مغفرت سواءِ...

حضرت سيّدُنا ڪثير بن مُره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوب ربُّ العِزَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلَّ شعبان جي پندرهين رات ۾ سڄي زمين وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي سواءِ ڪافر ۽ عداوت واري جي. **(المتحر الرابح ص 376 حديث769)**

شب براءَت ۾ جيڪو چاهيو گهري وٺو!

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضىٰ شير خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم کان روايت آهي، ”نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ،

سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا،”جڏهن **شعبان جي پندرهين رات** اچي وڃي ته ان رات ۾ قيام ڪريو ۽ **ڏينهن ۾ روزو رکو** ڇو ته رب **تبارڪ و تعالىٰ** سج لهڻ سان آسمانِ دنيا تي خاص **تجلي** فرمائيندو ۽ چوندوآهي، **آهي** ڪومون ڪان بخشش طلب ڪرڻ وارو ته ان کي بخشي ڇڏيان! **آهي** ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو ته ان کي روزي ڏئي ڇڏيان، آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل ته ان کي عافيّت بخشيان! **آهي** ڪو اهڙو! **آهي** ڪو اهڙو! ۽ هي فجر ظاهر ٿيڻ تائين فرمائيندو آهي.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 160 حديث 1388)

حضرت داود عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضىٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم شعبان المعظم جي پندرهين رات اڪثر ٻاهر تشريف ڪڍي ايندا هئا. هڪ ڀيري اهڙيءَ طرح **شبِ براءَت** ۾ ٻاهر تشريف ڪڍي آيا ۽ آسمان ڏانهن نظر ڪڍي ڪري فرمايائون، هڪ ڀيري الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرتِ داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آسمان ڏانهن نظر ڪنئي ۽ فرمايو: هي اهو وقت آهي جو ان وقت ۾ جنهن شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان جيڪا دعا گهري الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دعا قبول فرمائي ۽ جنهن مغفرت طلب ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي پر شرط اهو آهي ته دعا گهرڻ وارو عُشَّار (يعني ظلم جي طور تي ٽيڪس وٺڻ وارو)، جادوگر، ڪاهِن، نجومي، (ظالم) پوليس وارو، بادشاهه جي سامهون چُغلي هڻڻ وارو، ڳائڻو ۽ باجا وڄائڻ وارو نه هجي، پوءِ هي دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ دَاوٗدَ اغْفِرْ لِمَنْ دَعَاكَ فِيْ هٰذِهِ اللَّيْلَةِ اَوِ اسْتَغْفَرَكَ فِيْهَا يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي داود (عَلَيْهِ السَّلَام) جا رب عَزَّوَجَلَّ جيڪو هن رات ۾

تو کان دعا گهري يا مغفرت طلب ڪري تون ان کي بخشي ڇڏ.“
(ماثبت بسنة ص 354)

شبِ براءَت جي تعظيم

شامي تابِعين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان شبِ براءَت جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا ۽ ان ۾ **خوب عبادت** ڪندا هئا، انهن کان ٻين مسلمانن ان رات جي تعظيم سکي. ڪجهه علماءِ شام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمايو، شبِ براءَت ۾ مسجد جي اندر اجتماعي عبادت ڪرڻ مستحب آهي. حضرتِ سيّدُنا خالد و لقمان رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ۽ ٻين تابعينِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هن رات (جي تعظيم جي لاءِ) بهترين ڪپڙا پائيندا هئا، سرمو ۽ خوشبو لڳائيندا هئا، مسجد ۾ (**نفل**) نمازون ادا فرمائيندا هئا. (لطائف المعارف ص 263)

پلائين واريون راتيون

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: مون نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم کي فرمائيندي ٻُڌو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ (خاص طور تي) چار راتين ۾ پلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي ﴿1﴾ عيد الاضحیٰ جي رات ﴿2﴾ عيدالفطر جي رات ﴿3﴾ شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽ (هن سال) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن ﴿4﴾ عرفه (9 ذوالحجه) جي رات اذانِ (فجر) تائين (الدرالمنثور ج7ص402)

گهوٽ جو نالو مُردن جي فهرست

سرڪارِ مدينه، سُرور قلب وسينه، فيض گنجينه، صاحب معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”(ماڻهن جون) زندگيون هڪ شعبان کان ٻئي شعبان ۾ منقطع ٿينديون آهن ايستائين جو هڪ ماڻهو نڪاح ڪندو آهي ان جي اولاد ٿيندي آهي جڏهن ته ان

جو نالو مُردن ۾ لکيل هوندو آهي.“ (کنزالعمال ج15 ص292 حديث 42773)

گهر تاهڻ وارو مُردن جي فهرست ۾

حضرتِ سيّدُنا امام ابن ابي الدنيا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرتِ سيّدُنا عطا بن يسار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت ڪن ٿا تہ جڏهن نصف شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) ايندي آهي تہ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي هڪ **صحيفو** ڏنو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي: هن **صحيفي** کي پڪڙيو، هڪ ماڻهو بستر تي ليٽيل هوندو ۽ عورتن سان نڪاح ڪندو ۽ گهر نهرائيندو جڏهن تہ ان جو نالو مُردن ۾ لکجي چُڪو هوندو. (الدرالمنثور ج7 ص 402)

سچي سال جي معاملن جي ورهاست

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا:”هڪ ماڻهو ماڻهن جي وچ ۾ هلي رهيو هوندو آهي جڏهن تہ اهو مُردن ۾ اٿاريل هوندو آهي.“پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ 25 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الدُّخَانِ جي آيت نمبر 3 ۽ 4 تلاوت ڪئي.

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِیْ لَیْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِیْنَ ۝ فِیْهَا یُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِیْمٍ ۝

ترجمو ڪنزالايمان: (بيشڪ اسان ان کي برڪت واري رات ۾ لاٿو بيشڪ اسان ڊيڄاريندڙ آهيون ان ۾ ورهايو ويندو آهي هر حڪمت وارو ڪم)

پوءِ فرمايائون: هن رات ۾ هڪ سال کان ٻئي سال تائين دنيا جي معاملن جي تقسيم ڪئي ويندي آهي. (تفسير طبري ج11 ص 223) **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان مذڪوره آياتِ مبارڪہ جي تحت فرمائن ٿا: ” هن رات مان مُراد يا شب قدر آهي ستاويهين رات يا **شب معراج** يا **شب براءَت پندرهين شعبان**، هن رات ۾ پورو **قرآن لوح محفوظ** کان دنياوي آسمان جي طرف لاٿو ويو پوءِ اتان کان ٿيويهن

سالن جي عرصي ۾ ٿورو ٿورو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لٿو. هن **آيت** مان معلوم ٿيو تہ جنهن رات ۾ قرآن لٿو اها مبارڪ آهي، تہ جنهن رات ۾ صاحبِ قرآن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف کڻي آيا اها بہ مبارڪ آهي. هن رات ۾ سڄي سال جو رزق، موت، زندگي، عزّت ۽ ذلت مطلب تہ تمام انتظامي امور لوح محفوظ کان فرشتن جي صحيفن ۾ نقل ڪري هر صحيفو ان ڪاتي جي فرشتن کي ڏنو ويندو آهي، جيئن ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي تمام مرڻ وارن جي فهرست وغيره. (نورالعرفان ص 790)

نازڪ فيصلا مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم جي پندرهين رات ڪيتري نازڪ آهي! نہ ڄاڻ قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي. آهہ! ڪنهن وقت ماڻهو غفلت ۾ پيو هوندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهہ جو ڪجهہ ٿي چڪو هوندو آهي. جيئن تہ **"غنية الطالبين"** ۾ آهي: " گهڻن ماڻهن جا ڪفن ڏوپجي تيار ٿيل هوندا آهن پر **ڪفن پائڻ وارا** بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن، ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون **قبرون** کوٽيل تيار هونديون آهن پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن، ڪيترائي ماڻهو ڪِلي رهيا هوندا آهن حالانڪہ انهن جي هلاڪت جو وقت قريب اچي چڪو هوندو آهي، نہ ڄاڻ ڪيترن ئي **گهرن جي تعميرات** مڪمل ٿيڻ واري هوندي آهي پر گهر جي مالڪ جي **موت** جو وقت بہ ويجهو اچي چُڪو هوندو آهي.

(غنية الطالبين ج1 ص 251)

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
سامان سو برس کا پل کی خبر نہیں

قابل توجهه ڳالهه

شبِ براءَت ۾ اعمال ڪنيا ويندا آهن. تنهن ڪري تي سگهي ته چوڏهين **شعبان المعظم** جو به روزو رکيو وڃي ته ان ڏينهن ٽيپهري جي نماز پڙهي مسجد ۾ **نفلي اعتڪاف** جي نِيَّت سان ويهي رهو ته جيئن **اعمال** ڪٽڻ واري رات اچڻ کان پهريان جي گهڙين ۾ مسجد جي حاضري ۽ **اعتڪاف وغيره** لڪيو وڃي ۽ **شبِ براءَت** جي شروعات مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ ٿئي.

مغرب کان پوءِ چهه نوافل

مغرب جي فرض ۽ سنّت وغيره کان پوءِ **چهه رڪعتون خصوصي نوافل** ادا ڪرڻ معمولات اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى مان آهي پر مغرب جي فرض ۽ سنّت وغيره ادا ڪري **چهه رڪعتون نفل** به به رڪعتون ڪري ادا ڪريو. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي عرض ڪريو ته يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان **عمر درازي بالخير** عطا فرماءِ ٻين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان عرض ڪريو يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان **مصيبتن** کان منهنجي **حفاظت** فرماءِ ۽ ٽين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان هن طرح نيّت ڪريو يا الله عَزَّوَجَلَّ **هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي رُڳو پنهنجو محتاج رک غيرن جي محتاجيءَ کان محفوظ فرماءِ**، هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪويهه ڀيرا **قل هوالله** يا هڪ ڀيرو **سورهءِ يٰسين** پڙهو پر تي سگهي ته ٻئي پڙهي ڇڏيو. هي به تي سگهي ٿو ته هڪ اسلامي ڀاءُ يٰسين شريف بلند آواز سان پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ٻڌن، هن ۾هي خيال رکو ته ٻيو هن دؤران زبان سان يٰسين شريف نه پڙهي. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ رات شروع ٿيندي ئي ثواب جا انبار لڳي ويندا. هر ڀيري يٰسين شريف کان پوءِ دعاءِ **نصفِ شعبان** به پڙهو.

دعاءِ نصفِ شعبان

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَللّٰهُمَّ يَا ذَاالْمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيۡهِ ؕ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكۡرَامِ ؕ يَا ذَاالطَّوۡلِ وَالْاِنۡعَامِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ ظَهۡرُ اللَّاجِيۡنَ ؕ وَجَارُ الۡمُسۡتَجِيۡرِيۡنَ وَاَمَانُ الۡخَآئِفِيۡنَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِنۡ كُنۡتَ كَتَبۡتَنِيۡ عِنۡدَكَ فِيۡٓ اُمِّ الۡكِتٰبِ شَقِيًّا اَوۡ مَحۡرُوۡمًا اَوۡ مَطۡرُوۡدًا اَوۡ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِي الرِّزۡقِ فَامۡحُ اللّٰهُمَّ بِفَضۡلِكَ شَقَاوَتِيۡ وَحِرۡمَانِيۡ وَطَرۡدِيۡ وَاقۡتِتَارَ رِزۡقِيۡ ؕ وَاَثۡبِتۡنِيۡ عِنۡدَكَ فِيۡٓ اُمِّ الۡكِتٰبِ سَعِيۡدًا مَّرۡزُوۡقًا مُّوَفَّقًا لِّلۡخَيۡرَاتِ ؕ فَاِنَّكَ قُلۡتَ وَقَوۡلُكَ الۡحَقُّ فِيۡ كِتَابِكَ الۡمُنَزَّلِ ؕ عَلٰى لِسَانِ نَبِيِّكَ الۡمُرۡسَلِ ؕ يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۚ وَعِنۡدَهٗٓ اُمُّ الۡكِتٰبِ ۝ اِلٰهِيۡ بِالتَّجَلِّي الۡاَعۡظَمِ ؕ فِيۡ لَيۡلَةِ النِّصۡفِ مِنۡ شَهۡرِ شَعۡبَانَ الۡمُكَرَّمِ ؕ اَلَّتِيۡ يُفۡرَقُ فِيۡهَا كُلُّ اَمۡرٍ حَكِيۡمٍ وَّيُبۡرَمُ ؕ اَنۡ تَكۡشِفَ عَنَّا مِنَ الۡبَلَاءِ وَالۡبَلۡوَاءِ مَا نَعۡلَمُ وَمَا لَا نَعۡلَمُ ؕ وَاَنۡتَ بِهٖ اَعۡلَمُ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡاَعَزُّ الۡاَكۡرَمُ ؕ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ؕ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝

الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع جيڪو تمام مهربان رحمت وارو

اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي احسان ڪرڻ وارا جو جنهن تي احسان نہ ڪيو ويندو آهي! اي وڏي شان ۽ شوڪت وارا! اي فضل ۽ انعام وارا! توکان سواءِ ڪو معبود ناهي تون پريشان حالن جو مددگار، پناهہ گهرڻ وارن کي پناهہ ۽ خوفزده ٿيڻ وارن کي امان ڏيڻ وارو آهين، اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون پاڻ وٽ **ام الڪتاب** (يعني لوح محفوظ) ۾ مون کي شقي (بد بخت)، **محروم**، ڏڪاريل ۽ رزق ۾ تنگي ڏنل لکي چُڪو آهين تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي فضل سان منهنجي بد بختي، محروميءَ، ذلت ۽ رزق جي تنگيءَ کي مٽائي ڇڏ ۽ پاڻ وٽ **ام الڪتاب** ۾ مون کي خوش بخت، رزق ڏنل، ۽ پلائيءَ جي توفيق ڏنل درج فرمائي ڇڏ. جو تون ئي پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ پنهنجي ئي موڪليل نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان تي فرمايو ۽ تنهنجو فرمان حق آهي."الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو چاهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت ڪندو (لڪندو) آهي ۽ اصل لڪيل تہ انهيءَ وٽ ئي آهي." (ڪنزالايمان سيپارو13،الرعد:39) **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! تجلي اعظم جي وسيلي سان جيڪا نصفِ شعبان المڪرم جي (پندرهين) رات ۾ آهي جو جنهن ۾ ورهايو ويندو آهي جيڪو حڪمت وارو ڪم ۽ اٽل ڪيو ويندو آهي. (يا الله!) مصيبتن ۽ رنجشن کي اسان کان دور فرماءِ جو جن کي اسين ڇاڻون ٿا ۽ نہ بہ ڇاڻون ٿا جڏهن تہ تون انهن کي سڀ کان وڌيڪ ڇاڻڻ وارو آهين، بيشڪ تون سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ عزت وارو آهين. الله تعالىٰ اسان جي سردار محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سندن جي آل و اصحاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم تي درود وسلام موڪلي. سڀ خوبيون سيني جهانن جي پالڻ واري الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن.

سگِ مدينه جي مدني التجا

الحمدلله سگِ مدينه (راقم الحروف) جو سالن کان شبِ براءَت ۾ چهه نوافل ادا ڪرڻ جو معمول آهي. مغرب کان پوءِ ڪئي ويندڙ هيءَ عبادت **نفلي** آهي فرض يا واجب ناهي ۽ مغرب کان پوءِ نوافل ۽ تلاوت جي شريعت ۾ ڪٿي ممانعت به ناهي انهيءَ ڪري ٿي سگهي ته سيئي **اسلامي ڀائر** پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ ماڻهن کي ترغيب ڏياري هنن نوافل جو اهتمام فرمائن ۽ بيشمار ثواب ڪمائين. **اسلامي ڀينرون** پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ نوافل ادا ڪن.

سڄو سال جادوءَ کان حفاظت

شعبان المعظم جي پندرهين رات ٻير جي وڻ جي **ستن پنن** کي پاڻي ۾ ٿهڪائي (ضرورت موجب سادو پاڻي ملائي ڪري) **غسل** ڪريو، **ان شاءَ الله العزيز** عَزَّوَجَلَّ سڄو سال **جادوءَ** جي اثر کان **محفوظ** رهندؤ.

(اسلامي زندگي ص113)

شب براءَت ۽ قبرن جي زيارت

امُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون مون هڪ رات سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نه ڏٺو ته بقيع پاڪ ۾ مون کي ملي ويا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايائون ڇا توهان کي هن ڳالهه جو خوف هيو جو الله ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان جي حق تلفي ڪندا. مون عرض ڪيو، **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون خيال ڪيو هو ته شايد اوهان ازواج مطهرات مان ڪنهن وٽ تشريف ڪٽي ويا هوندؤ. آقاءِ دوجهان رحمتِ

عالميان، مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،”بيشڪ الله تعالىٰ **شعبان** جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، پوءِ قبيلي **بني ڪلب** جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ **(ترمذي ج2 ص183 حديث 739)**

قبر تي ميڻ بتيون ٻارڻ

شبِ براءت ۾ اسلامي ڀائرن جو قبرستان وڃڻ سنّت آهي. (اسلامي ڀينرن کي شرعي طور تي اجازت ناهي) قبرن تي **ميڻ بتيون** نه ٿا ٻاري سگهو، ها جيڪڏهن **تلاوت** وغيره ڪرڻي هجي ته ضرورتًا روشني حاصل ڪرڻ جي لاءِ قبر کان هٿي ڪري ميڻ بتي ٻاري سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح حاضرين کي **خوشبوءِ** پهچائڻ جي نيّت سان قبر کان هٿي ڪري **اگربتيون** ٻارڻ ۾ به حرج ناهي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مزارن تي **چادر** چاڙهڻ ۽ انهن وٽ **ڏيئو** ٻارڻ جائز آهي، جو اهڙيءَ طرح ماڻهو متوجهه ٿيندا ۽ انهن جي دلين ۾ عظمت پيدا ٿيندي آهي ۽ اهي حاضر تي فيض حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اولياء ۽ عوام جون قبرون برابر رکيون وڃن ته گهڻا ديني فائدا ختم ٿي ويندا.

سائي چٽي

شبِ براءت يعني عذاب وغيره کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات، هن سلسلي ۾ هڪ **ايمان افروز حڪايت** ٻُڌو ۽ جهومو، جيئن ته اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا **عمر بن عبدالعزيز** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڀيري **شعبان المعظم** جي **پندرهين رات** جو نوافل ۾ مصروف هئا. مٿو ڪنيائون ته هڪ سائي چٽي ملي جنهن جو نور آسمان تائين ڦهليل هيو. ان تي لکيل هيو.

هٰذا بَرَاءَةٌ مِنَ الْمَلِكِ الْعَزِيْزِلِعَبْدِهٖ عُمَرَبْنِ عَبْدِ الْعَزِيْز يعني خداءِ مالڪ ۽ غالب، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان هي”**براءت نامو**“ آهي جيڪو ان جي بانهي عمر بن عبدالعزيز کي عطا ٿيو آهي. (تفسير روح البيان ج8 ص 402)

ڦٽاڪن جو ايجاد ڪندڙ ڪير؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **شبِ براءت** جهنّم جي باهه کان **براءت** يعني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات آهي. پر اڄڪلهه جي مسلمانن کي نه ڄاڻ ڇا ٿي ويو آهي. جو اهي **باهه** کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ بدران پيسا خرچ ڪري پاڻ پنهنجي لاءِ **باهه** يعني **آتش بازيءَ جو سامان** خريد ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح خوب خوب آتش بازي (يعني ڦٽاڪا) ڀاري هن مقدس رات جو تقدس پائمال ڪندا آهن.”**اسلامي زندگي**“ ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ”**ڦٽاڪا** نمرود بادشاهه ايجاد ڪيا جڏهن ته ان حضرتِ سيّدُنا **ابراهيم خليل الله** عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام کي باهه ۾ وِڌو ۽ باهه **گلزار** ٿي وئي ته ان جي ماڻهن باهه جا ڦٽاڪا ڀري ان ۾ باهه لڳائي ڪري حضرتِ سيّدُنا **خليل الله** عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي طرف اڇلايا.“ (اسلامي زندگي ص63)

ڦٽاڪا بارڻ حرام آهي

افسوس! ڦٽاڪن جي ناپاڪ رسم هاڻي مسلمانن ۾ وڌي رهي آهي مسلمانن جا **ڪروڙين روپيا** هر سال **آتش بازي** (يعني ڦٽاڪن) جي نذر ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح هر روز هي خبرون ايندیون آهن ته فلاڻي جاءِ تي **ڦٽاڪن** جي ڪري هيترا گهر سڙي ويا ۽ هيترا ماڻهو سڙي مري ويا وغيره وغيره. هن ۾ **جان جو خطرو**، مال جي بربادي ۽ گهر ۾ باهه لڳڻ

جو انديشو آهي. ان کان علاوه هي ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني به آهي. حضرت **مفتي احمد يارخان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا،" **ڦٽاڪا ٺاهڻ، وڪرو ڪرڻ، خريد ڪرڻ ۽ خريد ڪرائڻ، ٻارڻ ، ٻارائڻ سڀ حرام آهي.**"

(اسلامي زندگي ص 63)

تجھ کو شعبانِ معظّم کا خُدایاواسِطہ
بخش دے ربِّ محمّد تو مری ہر اِک خطا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

آقا صلی اللہ علیہ وسلم سبز عمامي شريف جو تاج سجائي رکيو هو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **شعبان المعظم** ۾ عبادت ڪرڻ، روزا رکڻ ۽ ڦٽاڪا ٻارڻ وغيره جي گناهن کان پري رهڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ خوب سنّتن ڀريو سفر ڪريو ۽ **رمضان المبارڪ** ۾ **دعوتِ اسلامي** جي **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون حاصل ڪريو. توهان جو ذوق وڌائڻ جي لاءِ هڪ اهڙي مُشڪبار مدني بهار پيش ڪريان ٿو جو اِنشآءالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي دل سيني ۾ جهومڻ، مديني جي گهٽين ۾ گهمڻ ۽ گنبذِ خضرا کي چمڻ لڳندي. جيئن ته **واهه ڪينٽ** (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي: مان ڪاليج ۾ پڙهندو هئس. ۽ ٻين شاگردن جيان فيشن جو متوالو هئس، ڪرڪيٽ جي ميچ ڏسڻ ۽ ڪيڏڻ جو جُنون جي حد تائين شوق ۽ رات جي ڪافي حصي تائين آوارهه گرديءَ جو معمول هو. نماز ۽ مسجد جي حاضري جو جيتري تائين تعلق آهي اهو فقط عيدن

جي نماز تائين محدود هئي. رمضان المبارک (سن1422هـ،2001) ۾ پيءُ ماءَ جي اصرار تي نماز ادا ڪرڻ مسجد ۾ ويس. ٽيپهريءَ جي نماز کان پوءِ سفيد لباس ۾ ملبوس متي تي سبز عمامي جو تاج سجائي هڪ ڏاڙهيءَ واري اسلامي ڀاءَ نمازين کي ويجهو ڪرڻ کان پوءِ **فيضان سنت** جو درس ڏنو، مان پري کان ويهي ڪري ٻُڌندو رهيس، درس کان پوءِ هڪدم مسجد کان ٻاهر نڪري ويس، **ٻن ٽن ڏينهن** تائين اها ئي ترڪيب رهي. هڪ ڏينهن مان ملڻ جي لاءِ بيهي رهيس، هڪ **اسلامي ڀاءُ** محبت ڀرئي انداز سان ملاقات ڪري نالو ۽ ايڊريس پُڇڻ کان پوءِ تبليغ **قرآن و سنّت** جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** ۾ ٽيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياريندي اعتڪاف جا فضائل بيان ڪيا. شروع ۾ منهنجو ذهن نہ نهيو پر اهو اسلامي ڀاءُ **ماشاءَالله**عَزَّوَجَلَّ تمام جذبي وارو هيو، مايوس نہ ٿيو بلڪ منهنجي گهر ۾ اچي پهتو ۽ هرهر اصرار ڪرڻ لڳو. ان جي مسلسل **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مون **اعتڪاف** کان هڪ ڏينهن پهريان نالو لکرائي ڪري **سَحَري** ۽ افطار جو خرچ جمع ڪرائي ڇڏيو ۽ **رمضان المبارک** 1422هـ جي آخري ڏهاڪي ۾ جامعه مسجد نعيميه (لالہ رخ، واهہ ڪينٽ) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس. **اجتماعي اعتڪاف** جي پُرسوز ماحول ۽ **عاشقان رسول** جي صحبت منهنجي دلي ڪيفيت کي بدلائي ڇڏيو،اتي ادا ڪئي ويندڙ تهجُّد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جي نوافل جي پابندي گذريل زندگيءَ ۾ **فرض نمازون** نہ پڙهڻ تي مون

ڪي سخت شرمندو ڪيو، اکين مان ندامت جا ڳوڙها جاري ٿي ويا ۽ مون دل ئي دل ۾ **نمازن** جي پابنديءَ جي **نِيَّت ڪري** ڇڏي. **پنجويهين رات** دعا ۾ مون تي ايتريقدر رقت طاري ٿي جو آءُ اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيو هئس. انهيءَ دؤران مون تي بيهوشي طاري ٿي ويئي ۽ مان خواب جي دنيا ۾ پهچي ويس، ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ **پُر وقار ۽ نُور بار** چهري واري شخصيت موجود آهي ۽ ان جي چوڌاري ڪافي هجوم آهي. مون ڪنهن کان پُڇيو تہ انهن ٻُڌايو هي **آقاءِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. **مون ڏٺو تہ سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن **سبز عمامي شريف جو تاج سجائي رکيو هو.** ڪجهہ دير تائين مان ديدار سان اکيون ٺڏيون ڪندو رهيس، جڏهن سجاڳ ٿيس تہ **صلوٰة وسلام** پڙهيو پئي ويو. منهنجي ڪيفيت تمام عجيب ۽ غريب هئي جسم تي ڏڪڻي طاري هئي، مان سڏڪا ڀري روئي رهيو هئس ۽ ڳوڙها وهي رهيا هئا. جيڪي رڪجن ئي ڪونہ پيا. **صلواة وسلام** کان پوءِ **مجلس براءِ اعتڪاف** جي نگران جي آڏو **عمامي جو تاج** سجائڻ وارن جي قطار لڳل هئي ۽ سرڪارِ **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي لکيل هن نعتيہ شعر کي هرهر دهرايو پئي ويو.

تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا　　سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا

آءُ پنهنجي ويجهي اسلامي ڀائرن کي وڏي مشڪل سان رُڳو ايترو چئي سگهيس،"**مون کي بہ عمامو ٻڌڻو آهي.**" ٿوري ئي دير ۾ روئيندي روئيندي مان بہ عمامي جو تاج سجائي چُڪو هئس. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **اعتڪاف** ۾ ئي **ٽيهن ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ سفر جي نيّت بہ

ڪيم، ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون **مدني قافلي** ۾ سفر به ڪيو، سفر جي دؤران گهڻو ڪجهه سکڻ سان گڏوگڏ درس ۽ بيان به سکي ڪري ڪرڻ لڳس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ نمازن جي پابنديءَ سان گڏوگڏ **دعوت اسلامي** جي **مدني ڪمن** ۾ حصو وٺڻ لڳس. اڄ هي بيان ڏيڻ وقت **ذيلي مشاورت جي نگران** جي طور تي مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

گر تمنّا ہے آقا کے کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
ہوگی میٹھی نظر تم پہ سرکار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

”عيد“ جي ٽن اڪرن جي نسبت سان عيد جي ڇهن روزن جا ٽي فضائل نئين ڇاول جيان گناهن کان پاڪ

مدينه 1: **حضرتِ** سيّدُنا عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي، رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا،”جنهن **رمضان** جا روزا رکيا پوءِ **ڇهه ڏينهن شوال** ۾ رکيا ته گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.“ **(مجمع الزوائد ج3 ص 425 حديث 5102)**

چڱ سڄي عمر جو روزو رکيو

مدينه 2 : **حضرت** سيّدنا ابو ايوب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ نامدار مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي:” جنهن

رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ **ڇهه شوال** ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا ".

(صحيح مسلم ص 592 حديث 1164)

سڄو سال روزا رکيا

مدينه 3: حضرتِ سيّدُنا ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:"جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) **ڇهه روزا** رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهه ملنديون. **(سنن ابن ماجه ج 2 ص 333 حديث 1715)**

هڪ نيڪيءَ جو ڏهوڻ تي ثواب

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم ۽ ان جي حبيبِ مڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي سڄي سال جي روزن جو ثواب ماڻڻ ڪيتريقدر آسان ڪيو ويو. هر هڪ مسلمان کي هيءَ سعادت حاصل ڪري وٺڻ گهرجي. هڪ سال جي روزن جي ثواب جي حڪمت هيءَ آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪمزور ٻانهن جي لاءِ فقط پنهنجي فضل سان هڪ نيڪيءَ جو ثواب **ڏهوڻ** رکيو آهي. جيئن تہ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ برڪتِ نشان آهي:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪو هڪ نيڪي آڻي تہ ان جي لاءِ ان جهڙيون ڏهہ آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ائين رمضان شريف جي مهيني جا روزا ڏهن مهينن جي روزن جي برابر ٿيا ۽ **ڇهه روزا ست روزن** (ٻن مهينن) جي برابر اهڙيءَ طرح پوري سال جي روزن جو ثواب حاصل ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی اِحْسَانِہٖ ط

عيد جا چهه روزا ڪڏهن رکيا وڃن؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! صدر الشريعه، بدر الطريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي بهارِ شريعت جي حاشيي ۾ فرمائن ٿا:”بهتر هي آهي تہ هي روزا وقفو ڪري رکيا وڃن ۽ عيد کان پوءِ لڳاتار چهہ ڏينهن ۾ گڏ رکي ورتا تڏهن بہ حرج ناهي.“ (بهار شريعت، حصو 5 ص 140)

خليل ملّت حضرت علامه مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي ونئي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) مطلب تہ **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو **عيد جا چهہ روزا** رکي سگهو ٿا.

ذوالحجة الحرام جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جا فضائل

ڪجهہ احاديثِ مبارڪ جي مطابق **ذوالحجة الحرام** جو پهريون ڏهاڪو(يعني ابتدائي ڏهہ ڏينهن) رمضان المبارڪ کان پوءِ سيني ڏينهن کان افضل آهي.

”الله“جي چاراکرن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 روايتون

نيڪيون ڪرڻ جا سڀ کان پسنديده ڏينهن

مدينه1: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، محبوب ربّ غفار و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نُور بار آهي:"**هنن ڏهن ڏينهن** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن جو نيڪ عمل الله عَزَّوَجَلَّ کي محبوب ناهي". صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد؟" فرمايائون " ڇا نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد، پر اهو جيڪو پنهنجي جان ۽ مال کڻي نڪري پوءِ ان مان ڪجهه واپس نه آڻي. (يعني رُڳو اهو مجاهد افضل هوندو جيڪو جان ۽ مال قربان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو)

(صحيح بخاري ج1 ص333 حديث969)

شبِ قدر جي برابر فضيلت

مدينه 2: حديثِ پاڪ ۾ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کي عشرهءِ **ذوالحجة** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عبادت ڪرڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام **شبِ قدر** جي برابر آهي."

(جامع ترمذي ج2 ص 192 حديث 758)

عرفه جو روزو

مدينه 3: حضرتِ سيّدُنا ابوقتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي:"مون کي الله عَزَّوَجَلَّ تي يقين آهي ته **عرفه** (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جو روزو هڪ سال پهريان ۽ هڪ سال بعد جا گناهه مٽائي ڇڏي ٿو".

(صحيح مسلم ص 590 حديث196)

هڪ روزو هزار روزن جي برابر

مدينه 4: اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، **عرفه** (يعني 9 ذوالحجة الحرام) **جو روزو هزار روزن جي برابر آهي.** (شعب الايمان ج3 ص357 حديث3764) پر حج ڪرڻ واري تي جيڪو **عرفات** ۾ آهي ان کي عرفه (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروهه آهي جو حضرتِ سيّدُنا ابنِ خُزيمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪن ٿا تہ حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **عرفه** (يعني9 ذوالحجة الحرام جي ڏينهن حاجيءَ کي) عرفات ۾ روزو رکڻ کان منع فرمايو. (صحيح ابن خزيمه ج3 ص 292 حديث2101)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ايام بيض جا روزا

هر مدني مهيني (يعني سن هجري جي مهيني) ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزا هر اسلامي ياءُ ۽ اسلامي پيٽ کي رکي ئي ڇڏڻ گهرجن. ان جا بيشمار دنياوي ۽ اخروي فائدا ۽ فضائل آهن. بهتر هي آهي تہ هي روزا"ايام بِيض" يعني چنڊ جي 13،14 ۽ 15 تاريخ تي رکيا وڃن.

"يارب محمد B"جي اٺ اکرن جي نسبت سان ايام بِيض جي روزن جي متعلق 8 روايتون

مدينه 1: اُمُّ الْمؤ منين سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چئن شين کي نہ ڇڏيندا

هئا.(1)عاشورا (ڏهين محرم) ۽ (2)عشرهءِ ذوالحجه ۽ (3)هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا ۽(4) فجر(جي فرض) کان پهريان ٻه رڪعتون (يعني ٻه سنّتون) (سنن نسائي ج 4،ص220)

مدينه 2: **حضرتِ** سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ايام بِيض ۾ روزي جي بغير نه هوندا هئا نه سفر ۾ نه حضر (يعني قيام) ۾. (سنن نسائي ج 4ص 198)

ٽي روزن جا ڏينهن

مدينه 3: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون: ”منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ مهيني ۾ **چنچر، آچر ۽ سومر** جو جڏهن ته ٻئي مهيني **اڱارو، اربع ۽ خميس** جو روزو رکندا هئا.“ (جامع ترمذي ج2 ص186حديث746)

جهنم کان بچاءَ جي ڍال

مدينه 4 : **حضرت** سيّدُنا عثمان بن ابوعاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مان سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو،”جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ جنگ ۾ بچاءَ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙيءَ طرح روزو جهنّم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني ٽي ڏينهن روزا رکڻ بهترين روزا آهن.“ (ابن خزيمه ج 3 ص301حديث 2125)

مدينه 5: هر مهيني ۾ **ٽن ڏينهن جا روزا** اهڙا آهن جيئن دهر (يعني هميشه) جو روزو. (صحيح بخاري ج1 ص 649 حديث1975)

مدينه 6: **رمضان** جا روزا ۽ هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا **سينئي جي خرابيءَ** کي ختم ڪندا آهن. (مُسند امام احمد ج9 ص 36 حديث 23132)

مدينه 7: جنهن کان ٽي سگهي هر مهيني ۾ **ٽي روزا** رکي جو هر روزو ڏهه گناهه مٽائيندو آهي ۽ گناهن کان ائين پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي ڪپڙي کي. (طبراني في المعجم الكبير ج 25 ص35 حديث 60)

مدينه 8: جڏهن مهيني ۾ **ٽي روزا** رکڻا هجن تہ تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين جو رکو. (سنن النسائي ج4 ص 221)

منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايامِ بِيض جي روزن، نيڪين ۽ سنّتن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" جو **مدني ماحول** اختيار ڪريو، رُڳو پري پري کان ڏسڻ سان ڳالهہ نہ نهندي، سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪريو، رمضان المبارڪ جو **اجتماعي اعتڪاف** بہ ڪريو، اِن شآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ توهان کي اهو روحاني سڪون مُيَسَّر ٿيندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اچي ڪري ڪهڙا ڪهڙا بگڙيل ماڻهو سڌي واٽ تي اچي ويندا آهن ان جي هڪ جهلڪ ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ تعلقي نُل (باب الاسلام سنڌ مدني) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ انتهائي فسادي ۽ شرير هئس، جهيڙو جهڳڙو منهنجو پسنديده مشغلو هو منهنجي شرارتن کان سڄو محلو تنگ هو ۽ گهر وارا تہ ايتريقدر بيزار هئا جو **منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا.** خوشقسمتيءَ سان ڪجهہ اسلامي ڀائرن مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي رمضان المبارڪ جي

اجتماعي اعتڪاف جي دعوت پيش ڪئي. مون مُرُوَّت ۾ ها ڪري ڇڏي. جذبو تہ هيو ئي نہ رُڪو تائيم پاس ڪرڻ جي غرض سان مان رمضان المبارڪ (سن1420 هـ 1999) ۾ ميمڻ مسجد عطارآباد ۾ **عاشقان رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس. اعتڪاف جي دوران وضو، غسل، نمازجو طريقو گڏوگڏ حقوق الله ۽ حقوق العباد ۽ احترامِ مسلم جا احڪام سکڻ لاءِ مليا، سنّتن ۾رئي پُرسوز بيانن ۽ رِقت انگيز دعائن مون کي ڏڪائي ڇڏيو! شرمسار ٿي ڪري مون ڪيل گناهن کان توبهہ ڪئي، نيڪيون ڪرڻ جي دل ۾ امنگ پيدا ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشاني ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، متي کي سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ڪيو ۽ جهيڙن جهڳڙن جي جڳهہ تي **نيڪيءَ** جي **دعوت** جو شَيدائي بڻجي ويس.

آؤ آکر گناہوں سے توبہ کرو ،مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

"مصطفيٰ" جي پنجن اکرن جي نسبت سان سومر شريف ۽ خميس جي روزن جي متعلق 5 احاديث مبارڪ

مدينہ1 : **حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا. سومر ۽ خميس تي اعمال پيش ٿيندا آهن تہ مان پسند ڪريان ٿو تہ منهنجو عمل ان وقت پيش ٿئي جو مان روزيدار هجان. (سنن ترمذي ج2 ص 747)

مدينه 2: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** شريف ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا انهيءَ جي باري ۾ عرض ڪيو ويو ته فرمايائون، هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هر مسلمان جي مغفرت فرمائيندو آهي پر اهي ٻه شخص جن پاڻ ۾ جُدائي ڪري ڇڏي آهي انهن جي متعلق ملائڪن کي فرمائيندو آهي انهن کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو صلح ڪري وٺن.

(ابن ماجه ج 2 ص 344 حديث1740)

مدينه 3 : اُمُّ الْمؤ منين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جو خيال ڪري **روزا** رکندا هئا.

(ترمذي شريف ج2 ص186 حديث745)

مدينه 4 : حضرت سيّدُنا ابو قتاده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان **سومر شريف** جي روزي جو سبب پُڇيو ويو ته فرمايائون، انهيءَ ۾ منهنجي ولادت ٿي، انهيءَ ۾ مون تي (پهرين) وحي نازل ٿي.

صحيح مسلم ج 1 ص 591 حديث1162)

سنت سان محبت

مدينه 5 حضرت سيّدُنا **اسامه** بن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي غلام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا ته سيّدُنا **اسامه** بن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا سفر ۾ ٻه **سومر** ۽ **خميس** جا روزا ترڪ نه فرمائيندا هئا. مون سندن بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته ڇا سبب آهي جو اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هن وڏي عمر ۾ ٻه **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ فرمايائون، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا. مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا سبب آهي جو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ تہ ارشاد فرمايائون ماڻهن جا اعمال **سومر** ۽ **خميس** جو پيش ڪيا ويندا آهن. **(شعب الايمان ج2 ص392 حديث 3859)**

منا منا اسلامي ڀائرو! هنن احاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ **سومر شريف** ۽ **خميس** جو بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ٻانهن جا اعمال پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان مسلمانن جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. پر پاڻ ۾ ڪنهن دنياوي سبب کان جدائي ڪرڻ وارن کي ناهي بخشيو ويندو. واقعي هي تمام گڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي. اڄ جي دور ۾ شايد ئي ڪو **ڪيني**کان محفوظ هجي. دل جي لڪيل دشمنيءَ کي ڪينو چوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان کي غور ڪري جنهن جنهن مسلمان لاءِ دل ۾ ڪينو ويهجي ويو هجي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي خانداني جهيڙا هجن تہ پاڻ اڳتي وڌي صلح جي ترڪيب ٻڌائڻ گهرجي، **اخلاص** سان مڪمل ڪوشش جي باوجود بہ جيڪڏهن جُدائي ختم ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي تہ اڳيرائي ڪرڻ وارو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آزاد ٿي ويندو. بهرحال **سومر شريف** ۽ **خميس** تي اسان جا منا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزو رکندا هئا. **سومر شريف جي روزي جو هڪ سبب پنهنجي ولادت بہ ٻُڌايائون ڇڻ سرڪار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”جنت“ جي تن اکرن جي نسبت سان اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل

مدينه 1 : **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، سيده آمنه جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بشارت نشان آهي، جيڪو **اربع** ۽ **خميس** جا روزا رکي ان جي لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ويندي آهي.

(ابو يعلیٰ ج5 ص115 حديث5610)

مدينه 2 : **حضرت** سيّدُنا مُسلم بن عُبيدالله قَرَشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي والد مڪرَّم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪن ٿا ته انهن بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ يا ته پاڻ عرض ڪيو يا ڪنهن ٻئي دريافت ڪيو، **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آءُ **هميشه روزو** رکان؟ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خاموش رهيا. پوءِ ٻئي ڀيري عرض ڪيو، وري خاموشي اختيار فرمايائون. ٽئين ڀيري پُڇڻ تي وراڻيائون ته روزي جي متعلق ڪنهن سوال ڪيو؟ عرض ڪيم، مون يا **نبيِ الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته جواب ۾ ارشاد فرمايائون، بيشڪ توهان تي توهان جي گهر وارن جو حق آهي توهان **رمضان** ۽ ان جي ملندڙ مهيني (شوال) ۽ هر **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکو ته جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ ته ڄڻ توهان هميشه جا روزا رکيا.

(شعب الايمان ج3 ص395 حديث3868)

مدينه 3:”جنهن **رمضان**، **شوال**، **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکيو ته اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو“.

(السنن الكبريٰ للنسائي ج2 ص147 حديث 2778)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

”ڪرم“ جي ٽن اڪرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل

مدينه 1 : **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي سردار، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جنهن **اربع، خميس** ۽ **جمعي** جا روزا رکيا الله تعالىٰ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٻڌائيندو جنهن جا ٻاهريان حصا اندر کان ڏسڻ ۾ ايندا ۽ اندريان ٻاهر کان. **(مجمع الزوائد ج3 ص 452 حديث5204)**

مدينه2 : **حضرت** سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ (يعني اربع، خميس ۽ جمعي جا روزا رکڻ واري جي لاءِ جنّت ۾) موتي ۽ ياقوت ۽ زمرد جو **محل** ٻڌائيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان براءَت (يعني آزادي) لکي ويندي. **(شعب الايمان ج3 ص 397 حديث3873)**

مدينه 3: **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي روايت ۾ آهي، جيڪو هنن ٽن ڏينهن جا روزا رکي پوءِ جمعي جو ٿورو يا گهڻو تصدق (يعني خيرات) ڪري ته جيڪي گناهه ڪيا آهن، بخشيا ويندا ۽ اهڙو ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو.
(طبراني ڪبير ج12 ص266 حديث13308)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

”يا نُور“ جي پنج اڪرن جي نسبت سان جمعي جي روزن جي معتلق 5 فضائل

مدينه1 : سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبارڪ آهي ”جنهن جمعي جو روزو رکيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي

آخرت جي ڏهن ڏينهن جي برابر اجر عطا فرمائيندو ۽ انهن (ڏينهن) جو تعداد دنيا جي ڏينهن جهڙو ناهي“. (شعب الايمان ج 3 ص393 حديث3862)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! آخرت جو هڪ ڏينهن دنيا جي **هڪ هزار سالن** جي برابر آهي. يعني **جمعي** جو روزو رکڻ واري کي **ڏهه هزار سالن** جي روزن جو ثواب ملندو آهي پر رُڳو **جمعي** جو روزو نه رکو ان سان گڏ **خميس** يا **چنچر** ملائي ڇڏيو. (اڪيلو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت واري حديثِ پاڪ اڳتي اچي رهي آهي).

مدينه 2: حضرتِ سيّدُنا ابو امامه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته مديني جي تاجوَر، شفيع روزِ محشر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پَروَر آهي،”جنهن **جمعو** ادا **ڪيو** (يعني جمعي جي نماز ادا ڪئي) ۽ ان ڏينهن جو **روزو** رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ نڪاح جي گواهي ڏني ته ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي وئي“.

(طبراني ڪبير ج8 ص97 حديث7484)

مدينه 3 : حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو.”جنهن روزي جي حالت ۾ **جمعي** جي ڏينهن جو صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ صدقو ڪيو ته ان پنهنجي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي“. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3864)

مدينه 4 : حضرت سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:” جنهن جمعي جي ڏينهن **روزو** رکيو ۽ مريض جي **عيادت** ڪئي ۽ مسڪين کي **ٽاڏو** کارايو ۽ جنازي سان گڏ هليو ته ان کي چاليهن سالن جا گناهه لاحِق (يعني ساڻ) نه هوندا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

مدينه 5 : حضرتِ سيّدُنا عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تمام گهٽ **جمعي** جو روزو ترڪ فرمائيندا هئا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح **عاشوري** جي روزي کان پهريان يا بعد ۾ هڪ روزو رکڻوآهي اهڙيءَ طرح **جمعي** ۾ به ڪرڻو آهي، ڇو ته خصوصيّت سان اڪيلي **جمعي** يا ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي (يعني ناپسند) آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو **جمعو** يا ڇنڇر اچي ويو ته رُڳو **جمعو** يا **ڇنڇر** جو روزو رکڻ ۾ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

”فضل“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان رُڳو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت جون 3 روايتون

مدينه1: **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا، مون تاجدارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو، ”توهان مان ڪو هرگز **جمعي** جو روزو نه رکي پر هي ته ان کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن ملائي ڇڏي.“
(بخاري شريف ج 1 ص 653 حديث 1985)

مدينه 2 : **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم کان روايت ڪندي فرمائن ٿا ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: راتين مان **جمعي** جي رات کي قيام جي لاءِ خاص نه ڪريو ۽ نه ئي ڏينهن جي دؤران **جمعي جي ڏينهن** کي روزي سان خاص ڪريو پر هي جو توهان اهڙي روزي ۾ هجو

جيڪو توهان کي رکڻو هجي. (صحيح مسلم ص 576 حديث 1144)

مدينه 3 : حضرتِ سيّدُنا عامر بن لُدَين اشعري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مون رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو، "**جمعي** جو ڏينهن توهان جي لاءِ **عيد** آهي هن ڏينهن روزو نہ رکو پر هي جو ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ **روزو** رکو. (الترغيب و الترهيب ج2 ص81 حديث11) هنن ٽنهي حديثن مان معلوم ٿيو تہ رُڳو **جمعي** جو روزو نہ رکڻ گهرجي. ها جيڪڏهن ڪو خاص سبب هجي مثال طور 27 هين رجب المرجب **جمعي** جو ٿي ويئي تہ هاڻي رکڻ ۾ حرج ناهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

چنچر ۽ آچر جا روزا

حضرت سيّدتنا ام سلمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان مروي آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **چنچر ۽ آچر** جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، "هي ٻئي (چنچر ۽ آچر) مشرڪين جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان". (ابن خزيمه ج3 ص318 حديث2167)

رُڳو **چنچر** جو روزو رکڻ منع آهي. تنهنڪري حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن بُسر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي پيئڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت ڪن ٿا تہ رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "چنچر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن کان علاوه نہ رکو. حضرتِ سيّدُنا امام ابوعيسیٰ **ترمذي** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هي حديث حَسَن آهي ۽ هتي ممانعت مان مراد ڪنهن شخص جو چنچر جي روزي کي خاص ڪري چڏڻ آهي جو يهودي ان ڏينهن جي تعظيم ڪندا آهن". (جامع ترمذي ج2 ص186 حديث744)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

”محمد رسول الله“جي پارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 12 مدني گل

مدينه 1: ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفل روزي** کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري.
(رد المحتار ج3 ص416)

مدينه 2 : مڙس جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي روزو** نہ ٿي رکي سگهي. (درمختار، رد المحتار ج3 ص415)

مدينه 3 :نفلي روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ تہ قضا واجب ٿيندي. (درمختار ج3 ص411)

مدينه 4:نفلي روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيو بلڪہ بي اختيار ٿُٿي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دؤران حيض اچي ويو تہ روزو ٿُٿي پيو پر قضا واجب آهي. (درمختار ج3 ص412)

مدينه 5: نفلي روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ کائيندو تہ ان کي يعني مهمان کي سُنو نہ لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نہ کائي تہ ميزبان کي اذيت ٿيندي تہ **نفلي روزو** ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي تہ يقين هجي جو ان جي قضا رکي سگهندو ۽ هي بہ شرط آهي تہ ضحوهءِ ڪبريٰ کان پهريان ٽوڙي بعد ۾ نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص413)

مدينه 6: والدين جي ناراضگيءَ جي سبب ٽيپهريءَ کان پهريان تائين **نفلي روزو** ٽوڙي سگهي ٿو. ٽيپهريءَ کان بعد نہ.

(درمختار، رد المحتار ج3 ص414)

مدينه7: جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءَ دعوت ڪئي تہ ضحوهءِ ڪبريٰ ڪان پهريان **نفلي روزو** ٽوڙي سگهي ٿو. پر قضا واجب آهي.

(درمختار ج3 ص414)

مدينه 8 : هن طرح نِيَّت ڪئي تہ "ڪٿي دعوت ٿي تہ روزو ناهي ۽ نہ ٿي تہ آهي". هيءَ نيّت صحيح ناهي. بهرحال روزيدار ناهي.

(عالمگيري ج1 ص195)

مدينه 9 : ملازم يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نہ ٿا ڪري سگهن تہ "سيٺ" (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا تہ اجازت جي ضرورت ناهي.[1] (درمختار ج3 ص416)

مدينه 10: حضرت سيّدُنا داود عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي "صومِ داودي" چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي ڀاءُ **داود** (عَلَیْهِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نہ ٿيندا هئا."

(جامع ترمذي ج2 ص197 حديث770)

مدينه11 : حضرت سيّدُنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي شروع ۾، ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽

---

[1] ملازمت جي متعلق بهترين معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رُڳو 16 صفحن جو رسالو"ملازمن جا 21 مدني گل "جو ضرور مطالعو فرمايو.

اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا.
(كنزالعمال ج8 ص304 حديث24624)

مدينه 12 : سڄو سال روزا رکڻ مکروهِ تنزيهي آهي. (در مختار ج3ص 337)

يا ربِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي زندگي، صحت ۽ فرصت (واندڪائي) کي غنيمت ڄاڻيندي خوب خوب **نفلي روزا** رکڻ جي سعادت عطا فرماءِ، انهن کي قبول ٻه ڪر ۽ اسان جي مٿي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

روزيءَ جو هڪ سبب

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهري جي دورِ اقدس ۾ ٻه پائر هئا، جن مان هڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ (علم سکڻ جي لاءِ) حاضر ٿيندو هو، (هڪ ڏينهن) ڪاريگر پاءُ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پنهنجي پاءُ جي شڪايت ڪئي (يعني هن سڄو ٻوجهه مون تي رکيو آهي، هن کي منهنجي ڪم ڪار ۾ هٿ وندائڻ گهرجي) ته مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **لَعَلَّكَ تُرْزَقُ بِه** يعني شايد! ” تو کي هن جي برڪت سان روزي ملي رهي آهي.“
(سنن الترمذي حديث2345،ص1887، و اشعة اللمعات ج4 ص262)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

”رمضان المبارک“ جي بارهن اکرن جي نسبت سان روزيدارن جون 12 حڪايتون

الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ؕ

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ انهن جي خبرن (حڪايتن) سان عقلمندن جون اکيون ڳلنديون آهن.

سرڪار دوجهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي، جيڪو منهنجي محبت ۽ منهنجي طرف شوق جي سبب ڪان مون تي هر ڏينهن ۽ هر رات جو ٽي ٽي پيرا درود شريف پڙهي ته الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي ته اهو سندس ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي.

(المعجم الكبير ج 18 ص 361 حديث 928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) گرمين جو روزو

حجاج بن يوسف هڪ پيري حج جي سفر دوران مڪهءِ معظمه ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي درميان هڪ منزل ۾ لٿو ۽ مانجهاندو تيار ڪرايائين ۽ پنهنجي دربان کي چيائين ته ڪنهن مهمان کي وٺي اچو. دربان خيمي مان ٻاهر نڪتو ته ان کي

هڪ **اعرابي** ليٽيل نظر آيو هن ان کي جاڳايو ۽ چيو، هلو توهان کي امير حجاج گهرائي رهيا آهن اعرابي آيو تہ حجاج چيو، منهنجي دعوت قبول ڪريو ۽ هٿ ڏوئي مون سان کاڌو کائڻ لاءِ ويهي رهو، **اعرابي** چيو، مُعاف فرمايو! اوهان جي دعوت کان پهريان مان اوهان کان بهتر هڪ ڪريم جي دعوت قبول ڪري چُڪو آهيان حجاج چيو، اها ڪنهن جي؟ ان چيو الله تعالىٰ جي جنهن مون کي روزي رکڻ جي دعوت ڏني ۽ مان روزو رکي چُڪو آهيان. حجاج چيو، ايڏي سخت گرمي ۾ روزو؟ **اعرابي** وراڻيو، ها! قيامت جي سخت ترين گرمي کان بچڻ جي لاءِ. حجاج چيو، اڄ کاڌو کائي ونو ۽ هي روزو سيٺي رکي ڇڏجو. **اعرابي** وراڻيو، ڇا اوهان هن ڳالهہ جي ضمانت ڏيو ٿا تہ مان سيٺي تائين زندهہ رهندس. حجاج چيو اهڙي ڳالهہ تہ ناهي. **اعرابي** وراڻيو تہ پوءِ اها ڳالهہ بہ ناهي. اهو چيائين ۽ روانو ٿي ويو. (روض الرياحين ص 212)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ڪنهن دنياوي حاڪم جي رعب ۾ ناهن ايندا ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ جيڪي ماڻهو هتان جي گرمي برداشت ڪري روزا رکندا آهن اهي سيٺي قيامت جي ٿهڪندڙ گرميءَ کان محفوظ رهندا. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ

(2) شيطان جي پريشاني

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجد جي دروازي تي شيطان کي حيران ۽ پريشان بيٺل ڏسي پُڇيو، ڇا ڳالهہ آهي؟ شيطان چيو، اندر ڏسو. ان

اندر ڏنو تہ هڪ شخص **نماز** پڙهي رهيو هو ۽ هڪ ماڻهو مسجد جي دروازي وٽ سُتو پيو هو. شيطان ٻُڌايو تہ هو جيڪو اندر نماز پڙهي رهيو آهي ان جي دل ۾ وسوسا وجهڻ جي لاءِ مان اندر وڃڻ چاهيان ٿو پر جيڪو دروازي جي پرسان سُتل آهي اهو روزيدار آهي. هو سُتل روزيدار جڏهن ساهہ ٻاهر ڪڍي ٿو تہ ان جو اهو ساهہ منهنجي لاءِ شعلو بڻجي مون کي اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏي ٿو. **(الروض الفائق مصري ص39)**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جي وار کان بچڻ جي لاءِ روزو هڪ زبردست ڍال آهي. روزيدار جيتوڻيڪ سُتل آهي پر ان جو ساهہ شيطان جي لاءِ جڻ تلوار آهي. معلوم ٿيو تہ روزيدار کان شيطان ڏاڍو گهبرائيندو آهي، شيطان جيئن تہ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ قيد ڪيو ويندو آهي ان لاءِ اهو جتي بہ ۽ جڏهن بہ روزيدار کي ڏسندو آهي تہ پريشان ٿي ويندو آهي.

(3)نرالو ڪفارو

هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بارگاهِ نبوي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون، **يا رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون رمضان جي روزي جي حالت ۾ (ڄاڻي واڻي) پنهنجي عورت سان "قربت" ڪئي مان هلاڪ ٿي ويس. فرمايو! هاڻي مان ڇا ڪريان؟ سرڪار نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو غلام آزاد ڪري سگهو ٿا؟ عرض ڪيائون، نہ **يا رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فرمايائون ڇا مسلسل ٻن مهينن جا (يعني لڳاتار ست) روزا رکي سگهو ٿا؟ عرض ڪيائون نہ **يا رسول**

الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون، ست مسڪينن کي ڪاڏو ڪارائي سگهو تا؟عرض ڪيائين، **يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي بہ نہ ٿو ڪري سگهان. ايتري ۾ بارگاهہِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڪنهن ڪارڪون هديي (تحفي) جي طور حاضر ڪيون. سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي سڀ ڪارڪون ان صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عطا فرمائي ڇڏيون ۽ فرمايائون انهن کي خيرات ڪري ڇڏيو، توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو. انهن وراڻيو، **يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !سڄي مديني ۾ مون کان وڌيڪ ڪو محتاج ناهي. سرڪارِنامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻُڌي ڪِليا ايتري تائين جو سندن ڏند مبارڪ چمڪڻ لڳا ۽ رحمت جا گل ڇڻجڻ لڳا، مبارڪ لفظن ڪجهہ هن طرح ترتيب ماڻي يعني فرمايائون، فَاَطْعِمْهُ اَهْلَكَ يعني پوءِ پنهنجي گهروارن کي ئي ڪارائي ڇڏيو. (توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو) (صحيح البخاري ج 4 ص341 حديث 6822)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڪنهن صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان انسان هئڻ جي ناتي جيڪڏهن ڪائي ڀُل ٿي ويندي هئي تہ اهي جلد ئي ان جو حل ڪڍندا هئا ۽ مُعافي جي لاءِ بارگاهہِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي ويندا هئا. ان لاءِ جو سندن ايمان هيو تہ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ انهيءَ پاڪ در کان حاصل ٿي سگهي ٿي. هي بہ معلوم ٿيو تہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو هي عقيدو هيو تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مالڪ و مختار آهن ۽ شريعت انهن جي ئي ارشادات جو نالو آهي، انهيءَ

لاءِ تہ سرڪارِ آبرُودار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي استفسار تي تہ ڇا غلام آزاد ڪري سگهو ٿا؟ ست ڏينهن لڳاتار روزا رکي سگهو ٿا؟ ست مسڪينن کي کاڌوڪارائي سگهو ٿا؟ اهي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تہ اهو ئي عرض ڪندا رهيا تہ نہ **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم. ڇڻ سندن ايمان هيو تہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪفاري جي انهن ٽنهي قسمن کان سواءِ جيڪڏهن چاهين تہ منهنجي لاءِ ڪو چوٿين قسم جو ڪفارو بہ ارشاد فرمائي سگهن ٿا. جيئن تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي مختار هجڻ جي تصديق هيئن ظاهر فرمائي ڇڏي تہ وجو توهان جي لاءِ اسان هي ڪفارو مقرر ٿا فرمايون تہ بجاءِ ڪجهہ ڏيڻ جي ڪٽي وجو. جيئن تہ ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هي عرض ڪيو تہ سڄي مديني ۾ منهنجي برابر ڪو محتاج ناهي تڏهن فرمائي ڇڏيائون تہ چڱو وجو پنهنجي گهروارن کي ئي کارائي ڇڏيو. توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو. ڇڻ جتي سيني مسلمانن جي لاءِ ڄاڻي واڻي رمضان المبارک جي روزي ٽوڙڻ جو ڪفارو (جڏهن تہ ڪفاري جا شرائط ڏٺا وڃن) هي آهي تہ غلام آزاد ڪري، ان جي **استطاعت** نہ هجي تہ لڳاتار ست روزا رکي جيڪڏهن هي بہ ممڪن نہ هجي تہ ست مسڪينن کي کاڌو کارائي. اتي انهيءَ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي لاءِ سَروَرِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪَفَّارو هي مقرر فرمايو تہ جو توهان بجاءِ ڪجهہ ڏيڻ جي اسان جي بارگاهہ مان **ڪٽي وجو** ۽ بجاءِ ڪنهن تي خرچ ڪرڻ جي پنهنجي گهر وارن تي ئي خرچ ڪري ڇڏيو. هي آهي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناهہ.

یہ وُہی ہیں جو بخش دیتے ہیں
کون ان جُرموں پر سزا نہ کرے (حدائق بخشش)

(4) صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي سخاوت

امُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڏاڍيون سخي هُيون. حضرتِ سيّدُنا **عُروه بن زبير** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون ڏٺو ته امُّ الْمؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا **ستر هزار درهم** راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ورهائي ڇڏيا جڏهن ته سندن چولي مبارڪ ۾ ڇَتيون لڳل هيون ۽ هڪ ڀيري حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا سندن خدمت ۾ **هڪ لک درهم** موڪليا ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا اهي سڀ درهم هڪ ئي ڏينهن ۾ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ ان ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روزي سان هُيون. شام جي وقت ٻانهيءَ عرض ڪيو ڪيڏو نه سٺو هجي ها جو هڪ درهم مانيءَ جي لاءِ رکو ها. ته فرمايائون مون کي ياد نه رهيو. ياد رهي ها ته بچائي ڇڏيان ها. (مدارج النبوة ج 2 ص 473)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! امُّ الْمؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا وسعت جي باوجود پنهنجي زندگي نهايت سادگيءَ ۽ زاهداڻي نموني سان گذاري ڇڏي ۽ جيڪا دولت به حاضر ٿي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ تقسيم فرمائي ڇڏي ايتري تائين جو **لک درهم** آيا اهي به ورهائي ڇڏيائون ۽ **روزو** افطار ڪرڻ جي لاءِ به ڪو اهتمام نه فرمايائون ۽ هڪ اسان

آهيون جو جيڪڏهن ڪنهن وقت نفلي روزا رکي به ڇڏيون ته اسان کي افطار جي وقت ڪيترن ئي قسمن جا ميوا، ڪباب، سموسا، ٿڌو ٿڌو شربت ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا گهرجي؟ بهرحال اسان کي اُمُّ الْمؤمنين سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي نقشِ قدم تي هلڻ گهرجي ۽ دولت سان ايتريقدر محبت نه رکڻ گهرجي جو راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ دل تنگ هجي. دنيا جي محبت کان جان ڇڏائڻ ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته رهڻ بيحد فائديمند آهي، جڏهن به توهان جي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي **عاشقانِ رسول** جو مدني قافلو اچي ته انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ضرور فيضياب ٿيو جو سني نِيَّت سان راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي مسافرن جي زيارت آخرت جي لاءِ ثواب جو ڪم آهي ۽ انهن جي صحبت جنّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، توهان کي هڪ بگڙيل نوجوان جو واقعو ٻُڌايان ٿو جيڪو مدني قافلي جي **عاشقانِ رسول** جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو ته ان جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو! جيئن ته

عاشقانِ رسول سان ملاقات جون برڪتون

شهر قصور (پنجاب پاڪستان) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ جي تحرير بالتصرف پيش ڪريان ٿو: آءُ انهن ڏينهن ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هئس، بُري صحبت جي سبب گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، مزاج تمام غصي وارو هو ۽ بدتميزي جي نوبت ان حد تائين پهچي وئي هئي جو پيءُ ته نهيو، ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ جي سامهون به قينچي

وانگر زبان هلائيندو هئس. هڪ ڏينهن تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو هڪ مدني قافلو اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ حاضر ٿيو، خدا جي قدرت مان بہ اوچتو **عاشقانِ رسول** سان ملاقات جي لاءِ پهچي ويس، هڪ باعمامہ اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي **درس** ۾ شرڪت جي لاءِ **دعوت پيش ڪئي.** مان ان سان گڏ ويهي رهيس، ان درس کانپوءِ مونکي ٻُڌايو تہ ڪجهہ ئي ڏينهن کانپوءِ **مدينة الاولياء** ملتان شريف ۾ **دعوتِ اسلامي جو ٽي روزه بين الاقوامي سنّتن ڀريو اجتماع** ٿي رهيو آهي توهان بہ شرڪت ڪري وٺو. سندس **درس** مون تي تمام سٺو اثر ڪيو هو **تنهنڪري** مان انڪار نہ ڪري سگهيس. ايتري تائين جو مان اجتماع (ملتان) ۾ حاضر ٿي ويس. اتان جون رونقون ۽ برڪتون ڏسي ڪري مان حيران رهجي ويس،اتي ٽيڻ وارو آخري بيان "**گانے باجے کی ہولناکیاں**" ٻُڌي ڪري ڏڪي ويس ۽ اڪين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مان گناهن کان توبهہ ڪري اٽيس ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس. منهنجي مدني ماحول سان وابستگيءَ سان اسان جي گهروارن سڪ جو ساهہ کنيو، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان مون جهڙي بگڙيل بد اخلاق نوجوان ۾مدني انقلاب جي سبب متاثر ٿي ڪري منهنجي وڏي ڀاءُ بہ ڏاڙهي رکڻ سان گڏوگڏ عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. منهنجي هڪڙي ئي ڀيڻ آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان بہ **مدني برقعو** پائي ڇڏيو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گهر جو هر ڀاتي سلسله عاليه **قادريه رضويه** ۾ داخل ٿي ڪري سرڪارِ **غوثِ**

اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مريد ٿي ويو. ۽ مون تي الله عَزَّوَجَلَّ اهڙو ڪرم فرمايو جو مون قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ورتي ۽ درس نظامي (عالم ڪورس) ۾ داخلا وٺي ڇڏي ۽ هي بيان ڏيڻ وقت **درجه ثالثه** يعني ٽئين ڪلاس ۾ پهچي چُڪو آهيان. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ڪمن** جي متعلق **علائقائي قافله ذميدار** آهيان. منهنجي نيّت هي آهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ شعبان المعظم 1427ھ کان لڳاتار 12 مهينن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس.

دل پہ گرزَنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو، ہوگا سب کا بھلا، قافلے میں چلو
ایسا فیضان ہو، حِفظ، قراٰن ہو، کرکے ہمّت ذرا، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(5) ٽڏو پاڻي

حضرت سيّدُنا سَري سَقَطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي **روزو** هيو. ٿالهه ۾ پاڻي ٽڏو ٿيڻ جي لاءِ لوٽو رکي ڇڏيو هيو، ٽيپهري جي نماز کان پوءِ مراقبي ۾ هئا، ته بهشتي حُورن هڪ ٻئي پُڻيان سندن آڏو کان گذرڻ شروع ڪيو. جيڪا سامهون اچي پئي تنهن کان پُڇي رهيا هئا، تون ڪنهن جي لاءِ آهين؟ اها ڪنهن هڪ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهي جو نالو وٺي پئي. هڪ آئي ان کان به اهو پُڇيائون ته ان چيو ان جي لاءِ آهيان جيڪو **روزي** ۾ پاڻي ٽڏو ٿيڻ لاءِ نه رکي. فرمايائون، جيڪڏهن تون سچ ٿي چوين ته هن لوٽي کي ڪيرائي ڇڏ. ان ڪيرائي ڇڏيو. ان جي آواز سان سندن اک کلي ويئي. ڏٺائون ته اهو لوٽو ڀڳل پيو هو.

(الملفوظ حصو پهريون ص 124)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، آخرت جون ختم نه ٿيندڙ راحتون ۽ نعمتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نفس کي قابو ڪري دنيا جي لذتن کي ٿڏو هٽڻو ٿو پوي. الله عَزَّوَجَلَّ وارا پنهنجي نفس کي ڏاڍو مارينداهئا. جيئن ته هڪ **بزرگ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ منجهند مهل هڪ شخص کي ڏٺو ته برف کڻي وڃي رهيو آهي، دل ۾ حسرت ٿي، ڪاش! مون وٽ به پيسا هجن ها ۽ مان به **برف** خريد ڪري ٿڌو پاڻي پيئان ها. پوءِ ڪين هڪدم شرمساري ٿي ته مان نفس جي چال ۾ ڇو اچي ويس! انهن عهد ڪيو ته ڪڏهن به ٿڌو پاڻي نه پيئندس. تنهنڪري سخت گرميءَ جي موسم ۾ به پاڻي کي گرم ڪري پيئندا هئا.

نِهَنگ[1] و اَژدها و شَير نَر مارا تو کيا مارا
بڑے موذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گر مارا

(6) انعام مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

رمضان المبارڪ جي آمد آمد هئي ۽ مشهور تاريخ نويس حضرت واقِدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ ڪجهه نه هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي هڪ عَلَوي دوست ڏانهن هي چٺي موڪليائون، ”رمضان شريف جو مهينو اچڻ وارو آهي ۽ مون وٽ خرچ جي لاءِ ڪجهه ناهي مون ڏانهن قرضِ حسنه جي طور تي **هڪ هزار درهم** موڪليو.“ تنهنڪري ان

[1] نهنگ يعني مانگرمچ

عَلَوي هڪ هزار درهم جي ٿيلهي موڪلي ڇڏي. ڪجهه دير کان پوءِ حضرت وَاقِدِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هڪ دوست جي چڻي حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڏانهن آئي، ”رمضان شريف جي مهيني ۾ خرچ جي لاءِ مون کي **هڪ هزار درهم** جي ضرورت آهي.“ حضرت **واقِدِي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اها ئي ٿيلهي ان ڏانهن موڪلي ڏني. ٻئي ڏينهن اهو ئي علوي دوست جنهن کان حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه قرض ورتو هيو ۽ اهو ٻيو دوست جنهن حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان قرض ورتو هيو ٻئي حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گهر آيا. علوي چوڻ لڳو، **رمضان المبارک** جو مهينو اچي رهيو آهي ۽ مون وٽ ان هڪ هزار درهمن کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هيو، پر جڏهن اوهان جي چڻي آئي ته مون هي **هزار درهم** اوهان کي موڪلي ڏنا ۽ پنهنجي ضرورت جي لاءِ پنهنجي هن دوست کي چڻي لکي ته مون کي هڪ هزار درهم قرض جي طور تي موڪلي ڏي. ان اها ئي ٿيلهي جيڪا مون اوهان کي موڪلي هئي، مون کي موڪلي ڏني ته خبر پئي ته اوهان مون کان قرض گهريو،وري مون پنهجي هن دوست کان قرض گهريو ۽ انهن وري اوهان کان گهريو ۽ جيڪا ٿيلهي مون اوهان کي موڪلي هئي اها توهان هن کي موڪلي ڇڏي ۽ ان اها ٿيلهي مون کي موڪلي ڏني. پوءِ هنن ٽنهي بزرگن اتفاق راءِ سان ان رقم جا ٽي حصا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا. انهيءَ رات حضرتِ سيّدُنا **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خواب ۾ **جناب رسالت مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت ٿي ۽ فرمايائون، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سپاٽي توهان کي گهٽو ڪجهه ملي ويندو.

اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن امير يَحْيىٰ برمڪي سيّدُنا **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي گهرائي پُڇيو، ”مون رات خواب ۾ توهان ڪي پريشان ڏٺو آهي ڇا ڳالهه آهي؟حضرت سيّدُنا واقدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سڄو قصو ٻُڌايو ته يَحْيىٰ برمڪي چيو،” مان هي نٿو چئي سگهان ته اوهان ٿنهي مان ڪير وڏيڪ سخي آهي؟ اوهان ٿئي سخي ۽ **واجب الاحترام** آهيو. پوءِ ان ٿيهه هزار درهم حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي ۽ ويهه ويهه هزار انهن ٻنهي ڪي ڏنا ۽ حضرت **واقدي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي قاضي به مقرر ڪري ڇڏيو. **(حجة الله علي العلمين ص 577)**

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سچا مسلمان سخي ۽ ايثار جا پيڪر هوندا آهن، ۽ پنهنجي اسلامي ڀاءُ جي تڪليف ختم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مشڪلات جي ذري برابر پرواهه ناهن ڪندا، ۽ هي به معلوم ٿيو ته **سخاوت** سان هميشه فائدو ئي ٿيندو آهي، مال گهٽ ناهي ٿيندو بلڪ وڌندو آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امت جي حالات کان باخبر آهن ۽ **سخاوت** ڪرڻ وارن تي نظرِ **رحمت** فرمائيندا آهن. بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ايثار جي وڏي فضيلت آهي جيئن ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي،”جيڪو شخص ان شيءِ ڪي جنهن جي پاڻ ان ڪي حاجت هجي ٻئي ڪي ڏئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي بخشي ڇڏيندو آهي.“ **(اتحاف الساده المتقين ج 9 ص779)**

(7) روزي جي خوشبو

حضرت سيّدُنا امام قتاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وغيره جي استادِ حديث حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن غالب حداني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِی کي شهيد ڪيو ويو. تدفين کان پوءِ سندن جي قبر شريف جي مٿي مان مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي. ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو **مَا صنعت**؟ يعني اوهان سان ڇا معاملو ڪيو ويو؟ چيائون،"سنو معاملو فرمايو ويو." پُڇيائين اوهان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ڪيڏانهن نيو ويو؟ فرمايائون. "جنّت ۾" پُڇيائين، "ڪهڙي عمل جي سبب؟" فرمايائون." ايمانِ ڪامل، تهجُّد، ۽ گرمين جي روزن جي سبب،" وري پُڇيائين،"اوهان جي قبر مان مُشڪ جي خوشبو ڇو اچي رهي آهي؟" تہ جواب ڏنائون،"**هي منهنجي تلاوت ۽ روزن ۾ اڄ جي خوشبو آهي.**" (حلية الاولياء ج 6 ص 266 حديث 8553)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙيءَ ريت حضرتِ سيّدُنا **امام بخاري** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی جي **قبرِ** انور جي مٿيءَ مان بہ مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي. هرهر قبر تي مٿي وِڌي ويندي هئي پر ماڻهو خوشبو جي سبب کان برڪت جي طور تي ڪٽي ويندا هئا. (مقدمه صحيح بخاري ج 1 ص 3)

صاحبِ دلائل الخيرات حضرتِ شيخ سيّد محمد بن سليمان جزولي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي قبرِ منوّر بہ **معطر** هئي ۽ ان مان **ڪستوري جي خوشبوءِ** جي سرهاڻ ايندي هئي ڇو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن زندگي ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهندا هئا. انتقال جي ستهتر سالن کان پوءِ

ڪنهن سبب ڪان "سوس" ڪان "مراڪش" ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ جڏهن سندن قبر کولي ويئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو جسم مبارڪ بلڪل صحيح ۽ سالم هو ايتري تائين جو ڪفن بہ پُراڻو نہ ٿيو هو. وفات ڪان پهريان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏاڙهي مبارڪ جو خط نهرايو هو اهو ائين ئي هيو، جيئن اڄ ئي نهرايو آهي، ايتري تائين جو ڪنهن امتحان جي طور تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي **ڳل مبارڪ** تي آڱر رکي زور ڏنو تہ ان جڳهہ تان رت هٽي ويو ۽ جتان زور ڏنو هو اها جڳهہ اڇي ٿي وئي يعني زندهہ انسانن جيان رت بہ جسم ۾ جاري ۽ ساري هو. **(مطالع المسرات ص 4)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(8) رمضان ۽ شوال جي ڇهہ روزن جي برڪت

حضرت سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا هڪ ڀيري مان ٽن سالن تائين مڪهءِ مڪرمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ مقيم رهيس. هڪ **مَڪِي شخص** روزانو ٻنپهرن جي وقت ڪعبي جو **طواف** ڪندو هو. نماز جون بہ رڪعتون ادا ڪندو هو پوءِ مون کي سلام ڪري پنهنجي گهر هليو ويندو هو. مون کي ان نيڪ شخص سان محبت ٿي وئي. اهو سخت بيمار ٿي پيو مان عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس تہ ان مون کي وصيّت ڪئي. جڏهن مان فوت ٿي وڃان تہ اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي هٿن سان غسل ڏئي منهنجي جنازي جي نماز ادا فرمائجو. مون کي اڪيلو نہ ڇڏجو پر سڄي رات منهنجي قبر وٽ تشريف فرما رهجو گڏوگڏ منڪر نڪير جي اچڻ جي وقت

مون کي تلقين فرمائجو.“ مون هائوڪار ڪري چڏي. جيئن تہ ان جي انتقال کان پوءِ مون وصيّت مطابق ئي عمل ڪيو. قبر وٽ حاضر هئس تہ مون کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. مون هاتف غيبي جو آواز ٻُڌو،” **اي سفيان** (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) هن کي توهان جي تلقين ۽ قربت جي ڪا حاجت ناهي، ان لاءِ جو اسان پاڻ ئي هن کي قرب ڏنو ۽ تلقين ڪئي. مون چيو، هن کي ڪهڙي عمل جي سبب هي رتبو مليو؟ آواز آيو،”**رمضان المبارک ۽ ان کان پوءِ شوال المکرم جا چهہ روزا رکڻ جي برڪت سان.**“ حضرت سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ان هڪ رات ۾ اهو ئي خواب مون تي ڀيرا ڏٺو. مون بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بہ پنهنجي فضل و ڪرم سان هنن روزن جي توفيق عطا فرماءِ. **(قليوبي ص 14)**

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(9) رمضان جو چنڊ

هڪ ڀيري رمضان شريف جي **چنڊ** جي باري ۾ ڪجهہ اختلاف پيدا ٿي پيو، ڪي ماڻهو چون پيا تہ **رات جو چنڊ ٿي ويو.** ڪي چون پيا نہ ٿيو. حضور **غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عليها ارشاد فرمايو منهنجو هي ٻار (يعني حضورِ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم) **جڏهن** کان پيدا ٿيو آهي رمضان شريف جي ڏينهن ۾ سڄو ڏينهن کير نہ ٿو پيئي ۽ اڄ بہ جيئن تہ **عبدالقادر** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الظَّاهِر **کير** ناهي پيتو ان لاءِ گهٽو ڪري رات جو **چنڊ** ٿي ويو آهي. اهڙي طرح پوءِ تحقيق ڪرڻ

تي ثابت ٿيو ته **چنڊ** تي ويو آهي. (بهجة الاسرار ص 172)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔

غوثِ اعظم مُتّقی ہر آن میں

چھوڑا ماں کا دودھ بھی رَمضان میں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جگر جو ڪينسر ٿيڪ ٿي ويو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! **غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي محبت ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي چاهت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ خوب خوب رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪريو، اچو توهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ ايمان افروز خوشگوار **مدني بهار** توهان کي ٻُڌايان ٿو جيئن ته. **گلستانِ مصطفیٰ** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ کي تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدينة الاولياء** ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري **بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع** جي دعوت پيش ڪئي جنهن جي ڏيءُ کي **جگر جو ڪينسر** هو. اهو دعاءِ شفا جو جذبو ڪٽي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. ان جو چوڻ آهي ته مون اجتماع پاڪ ۾ خوب دعا ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **واپسي ڪانپوءِ جڏهن پنهنجي ڏيءُ جو چيڪ اپ ڪرايم ته ڊاڪٽر حيران رهجي ويا چو ته ان جي جگر جو ڪينسر ختم ٿي چُڪو هو.** ڊاڪٽرن جي

پوري ٽيم حيرت ۾ هئي تہ آخر ڪينسر ويو ڪيڏانهن! جڏهن تہ حالت ايتريقدر خراب هئي جو **اجتماع پاڪ** ۾ **وڃڻ** کان اڳ ان چوڪريءَ جي جگر مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سرنج پري مواد ڪڍيو ويندو هو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع پاڪ (ملتان) ۾ **شرڪت جي برڪت سان** ان چوڪريءَ جي **جگر ۾ ڪينسر** جو نالو نشان بہ نہ رهيو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ تائين اها چوڪري هاڻي نہ رُڳو صحتمند آهي بلڪ ان جي شادي بہ ٿي چُڪي آهي.

اگر دردِ سر ہو، کہ یا کینسر ہو، دلائے گا تم کو شفا مَدَنی ماحول
شفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی یقینا ہے بَرَکت بھرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(10) اهلبيت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم جا ٿي روزا

حضراتِ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ننڍپڻ ۾ هڪ پيري بيمار ٿي پيا تہ حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم ۽ حضرتِ سيّدَتُنا بيبي فاطمه ۽ خادمہ حضرت سيّدَتُنا فضه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا انهن شهزادن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي صحت يابي جي لاءِ **ٽن روزن** جي باس باسي. الله تعالیٰ ٻنهي شهزادن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کي شفا عطا فرمائي. ۽ پوءِ ٽي روزا رکيا ويا. **حضرت مولیٰ علي** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم **ٽي صاع** جَوَ ڪٽي آيا هڪ هڪ صاع (يعني تقريباً چار ڪلو 100 گرام) ٽي ڏينهن پچايا جڏهن افطار جو وقت آيو ۽ ٽنهي روزيدارن جي سامهون مانيون رکيون ويون تہ هڪ ڏينهن **مسڪين** هڪ ڏينهن يتيم ۽ هڪ ڏينهن

قيدي دروازي تي حاضر ٿيا ۽ مانين جو سوال ڪيو تہ ٽيئي ڏينهن سڀ مانيون انهن **سائلن کي ڏئي** ڇڏيون ۽ رُڳو پاڻيءَ سان روزو افطار ڪري اڳيون روزو رکي ڇڏيائون. (خزائن العرفان ص 926)

الله عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ پنهنجي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهزاديءَ جي گهراڻي جي هن ايمان افروز ايثار کي اٺتيهين سيپاري جي سُوْرَةُ الدَّهْرِ **جي آيت نمبر** 8 ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪاڏو ڪارائيندا آهن. ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ اسير (يعني قيدي) کي انهن کي چوندا آهن اسين توهان کي خاص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪاڏو ڏيندا آهيون. توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري ناهيون گهرندا.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ هن ايمان افروز **حڪايت** ۾ اهل بيت اطهار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي ايثار واري جذبي جو سهڻو اظهار آهي! واقعي تن ڏينهن تائين رُڳو پاڻي پي روزو رکي ڇڏڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي. اسين جيڪڏهن روزو رکون تہ افطار ۾ ٺڏا ٺڏا شربت. ڪباب، سموسا، مٺا مٺا ميوا، گرما گرم برياني ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا گهرجي! ايتريقدر

تنگدستي جي عالم ۾ ايڏو شاندار ايثار به انهن جو ئي حصو هو. **ايثار** جي هڪ فضيلت جيڪا ”روزيدارن جون 12 حڪايتون“ مان حڪايت نمبر6 ۾ به گذري. ٻيهر پيش ڪئي وڃي ٿي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي حاجت هجي ٻئي کي ڏئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.

(اتحاف الساده المتقين ج 9 ص 779)

اهلبيتِ اطهار رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم جي شانِ عظمت نشان ۾ نازل ٿيل آيتِ ڪريمه جي ان حصي تي به توجهه فرمايو جنهن ۾ انهن جو قول بيان ڪيو ويو آهي.”اسين توهان کي خاص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ کاڌو ڏيون ٿا توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري نه ٿا گهرون.“ هن قول ۾ **اخلاص** جو عظيم الشّان درجو بيان ڪيو ويو آهي. ڪاش! اسان به پنهنجو هر عمل فقط الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪرڻ سکي وڃون. ڪنهن تي احسان ڪري ان جو بدلو چاهڻ يا ان جي طرف کان شڪريي جي طلب رکڻ اهي سڀ خواهشون ختم ٿي وڃن. بهتر ته اهو ئي آهي جو ڪنهن تي احسان ڪري يا سائل کي کاڌو يا خيرات ڏئي ڪري هي به نه چيو وڃي ته ”دعا ۾ ياد رکجو“ ڪٿي ائين ته ناهي جو اسان ان کان بدلو طلب ڪري ورتو! هاڻي اهو دعا ڪري يا نه ڪري اسان جي حق ۾ قبول ٿئي يا نه ٿئي اسان جا نصيب.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(11) مسلسل چاليهه ورهين تائين روزا

حضرتِ سيّدُنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **مسلسل چاليهه سال تائين روزا رکندا رهيا** پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي **اخلاص** جو هي عالم هيو جو پنهنجي گهر واريءَ کي به خبر ٿيڻ نه ڏنائون. ڪم تي ويندي منجهند جو کاڌو ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، سانجهيءَ کانپوءِ گهر اچي کاڌو کائي ونندا هئا. (معدنِ اخلاق حصو پهريون 182)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نفس جي مخالفت جا واقعا

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ اخلاص هجي ته اهڙو! حضرتِ سيّدُنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي پنهنجي نفس تي زبردست قابو هيو. تذڪرة الاولياء ۾ آهي هڪ ڀيري گرمي جي موسم ۾ **اس** ۾ وينئي عبادت ۾ مشغول هئا. ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والده محترمه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها فرمايو، پٽ چانوَ ۾ اچين ها ته بهتر هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جواب ۾ عرض ڪيائون، امان سائنڻ! "مون کي شرم ٿو اچي ته پنهنجي نفس جي خواهش جي لاءِ ڪو قدم کڻان." هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پاڻيءَ جو گهڙو (يعني دلو) **اس** ۾ ڏسي ڪنهن عرض ڪيو يا سيّدي! هي چانوَ ۾ رکيل هجي ها ته سنو هو. فرمايائون جڏهن مون رکيو ته ان وقت هتي چانوَ هئي پر هاڻي **اس** مان کڻندي شرمندگي محسوس ٿي رهي آهي جو مان رُڳو پنهنجي نفس جي راحت جي خاطر دلو هڻائڻ ۾ وقت خرچ ڪريان ۽ ايتري دير ذڪرِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان غافل ٿي

وجان! هڪ پيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **اس** ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيا هئا. ڪنهن ڇانوَ ۾ اچڻ جي درخواست ڪئي ته فرمايائون ”مون کي نفس جي پيروي ناپسند آهي.“ يعني نفس به اهو ئي مشورو ڏئي رهيو آهي ته ڇانوَ ۾ اچ پر مان ان جي پيروي نه ٿو ڪري سگهان. انهيءَ ئي رات پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو وصال ٿي ويو. سندن انتقال کان پوءِ غيب مان آواز ٻُڌڻ ۾آيو،”داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مراد کي پهتو چو ته ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان کان خوش آهي.“ **(تذکرة الاولياء ص 201 کان 202)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

پنهنجي نيڪين جو اعلان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حڪايت نمبر 11 مان انهن ماڻهن کي ضرور عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪي موقعو ملندي ئي بنا شرعي ضرورت جي صرف پنهنجي ڏيکاءُ جي لاءِ پنهنجي **نيڪين جو اعلان** ڪري رياڪاري جي تباهڪاري ۾ وڃي پوندا آهن، مثال طور ڪو چوندو آهي مان هر سال **رجب، شعبان ۽ رمضان** جا روزا رکندو آهيان (جڏهن ته ماهه **رمضان المبارک** جا روزا ته فرض آهن پوءِ به اهو رياڪار جيڪو ٻن مهينن جا نفلي روزا رکي ٿو پنهنجي رياڪاري جو وزن وڌائڻ جي لاءِ چوندو آهي مان هر سال ٽي مهينا رجب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکان ٿو.) (وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ) ڪو چوندو آهي مان هيترن سالن کان هر مهيني **ايام بيض** جا روزا رکي رهيو آهيان. ڪو پنهنجي **حج** جي تعداد جو ته ڪو **عمري** جي ڳڻپ جو اعلان ڪندو آهي. ڪو چوندو آهي مان روزانو هيترا **درود شريف** پڙهندو آهيان.

هيتري عرصي کان **دلائل الخيرات شريف** جو ورد ڪري رهيو آهيان هيتري تلاوت ڪندو آهيان هر مهيني فلاڻي مدرسي کي هيترو چندو پيش ڪندو آهيان. مطلب ته هروڀرو پنهنجي نوافل، تهجُّد، نفلي روزن ۽ عبادتن جو خوب ذڪر ڪيو ويندو آهي. **افسوس!** اخلاص جو پري پري تائين ڪو پتو ناهي. **ياد رکو!** رياڪاري جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، **جُبُّ الحُزن** کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه طلب ڪريو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، **جُبُّ الحُزن** ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون،"دوزخ ۾ هڪ کوهه آهي جنهن جي سختي کان دوزخ به روزانو **چار سؤ پيرا** پناهه گهرندو آهي. هن ۾ **رياڪار قارين** کي وڏو ويندو."

(سنن ابن ماجه ج 1 ص 167 حديث 256)

حفظ جي خوشي ۾ تقريب

اڄڪلهه ٻار، ٻارڙي جيڪڏهن قرآن پاڪ جو حفظ مڪمل ڪري وٺي ته ان جي لاءِ شاندار تقريب ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ان کي گلن سان ڍڪيل لباس ۽ گل ڇٽڪارڻ ۽ تحفن ۽ تعريفي جملن سان خوب نوازيو ويندو آهي. گهر وارا شايد سمجهندا هوندا اسان **حوصلہ افزائي** ڪري رهيا آهيون. پر معذرت سان عرض آهي ته ٻار "**بلند حوصلي**" وارو هيو تڏهن ته **حافظ بڻيو**. ها حفظ شروع ڪرائڻ وقت **حوصلہ افزائي** جي واقعي ضرورت هوندي آهي. ته ڪهڙيءَ به طرح هي پڙهي وٺي. بهرحال حافظ مدني منّي يا منّيءَ جي **حفظ جي تقريب** ۾ حوصلہ افزائي ٿي رهي آهي يا اهو پاڻ "ڦوندجي" رهيو آهي هن تي

غور ڪيو وڃي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان جي هي ”تقريبِ سعيد“ هن ويچاري سادي سودي حافظ مدني منّي جي رياڪاري جي تربيت جو سبب بڻجي رهي هجي!

مون اخلاص کي گهڻو تلاش ڪيو

مون اهڙي قسم جي تقريبُن ۾ اخلاص کي گهڻو ڳوليو،مون کي نہ ملي سگهيو بس رُڳو ڏيکاءُ ۽ نمائش ئي نظر آئي. ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ تصويرون بہ ڪڍيون وڃن ٿيون. اهڙي طرح اڪثر ننڍي عمر جي مدني منّي ۽ منّيءَ جي ”روزو افطار ڪرڻ“ جي تقريب ۾ بہ تصويرن جي گناهہ جو سلسلو هوندو آهي. ٿيڻ هيئن گهرجي ها تہ سادگيءَ سان روزو کولرائڻ جي رسم ادا ڪئي وڃي. يا **حافظ مدني منّي** جي ديني ترقي جي لاءِ سيني کي گڏ ڪرڻ جي بجاءِ بزرگن جي بارگاهن ۾پيش ڪري سڄي عمر قرآن پاڪ ياد رهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جون **دعائون ورتيون** وڃن تہ اِن شآءاللہ عَزَّوَجَلَّ هن ۾ برڪتون وڌيڪ ٿينديون.

وَاللّٰہُ تعالٰی اَعلَمُ وَرَسُولُہٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ وَ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

چڱيءَ طرح غور فرمائي وٺو

مطلب تہ چڱيءَ ريت غور ڪري وٺڻ گهرجي تہ اسين جيڪا تقريب ڪرڻ وڃي رهيا آهيون ان ۾ اسان جي آخرت جو ڪيترو فائدو آهي. جيڪڏهن اوهان جي دل واقعي مطمئن آهي تہ **حفظ قرآن** جي خوشي جي تقريب سان نمائش جو مقصد ناهي. ۽ هي بہ يقين آهي تہ

مدني منّي کي رياڪاري ۾ري ذهن جو ڪو خطرو ناهي. يعني اوهان هن کي اخلاص جي اعليٰ تربيت ڏئي چُڪا آهيو تہ بيشڪ تقريب ڪريو. اللهعَزَّوَجَلَّ قبول فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حفظ ڪرڻ آسان آهي پر حافظ رهڻ مشڪل آهي

هي ڳالهہ نهايت ئي ڳڻتي جوڳي آهي تہ جن حافظن ۽ حافظات جون شاندار تقريبون ٿينديون آهن انهن جو وڏو تعداد اڳتي هلي قرآن پاڪ وساري ڇڏيندو آهي. ائين لڳي ٿو تہ ڪجهہ خاندانن ۾ هڪ رواج ٿي ويو آهي تہ ٻار يا ٻارڙي کي قرآن حفظ ڪرايو وڃي. بيشڪ هي تمام نيڪ ڪم آهي پر **هي ياد رکو تہ حفظ ڪرڻ آسان آهي پر سڄي عمر حافظ رهڻ مشڪل آهي.** انهيءَ ڪري جيڪو بہ پنهنجي اولاد کي **حفظ ڪرائي** ان جي خدمت ۾ درد ۾ري مدني التجا آهي تہ **سڄي عمر پنهنجي حافظ اولاد تي پورو ڌيان بہ رکي** ۽ تاڪيد ڪري تہ جيڪڏهن گهڻو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو روزانو تلاوت جاري رهي تہ جيئن **حفظ باقي رهي.** نبين جي سلطان رحمتِ عالميان، سردارِ دوجهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي، قرآن کي هميشہ پڙهندا رهو، سو قسم آهي ان جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي **جيئن تہ قرآن نڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيار آهي انهن اُٺن کان جيڪي پنهنجي رسيُن سان بَڌل هجن.** (صحيح بخاري ج 3 ص 412 حديث 5033) يعني جهڙي طرح بَڌل اُٺ ڇُڙڻ چاهيندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي حفاظت ۽ احتياط نہ ڪيو

وجي تہ ڇُڙي وڃن ان کان وڌيڪ قرآن جي ڪيفيت آهي جيڪڏهن ان کي ياد نہ ڪندا رهندؤ تہ اهو توهان جي **سينن مان نڪري** ويندو پوءِ توهان کي گهرجي تہ هر وقت ان جو خيال رکو ۽ ياد ڪندا رهو ۽ هن لازوال دولت کي هٿن مان وڃڻ نہ ڏيو. (فتاویٰ رضويه ج 23 ص 745)

حفظ وسارڻ جو عذاب

جيڪي حافظ هر سال رمضان المبارڪ جي اچڻ کان ٿورو عرصواڳ رُڳو تراويح پڙهائڻ جي لاءِ منزل پڪي ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ سڄو سال غفلت جي سبب ڪيتريون ئي آيتون وساري ڇڏيندا آهن اهي هرهر پڙهن ۽ **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪن. گڏوگڏ جنهن هڪ آيت بہ وساري ڇڏي آهي اهو ٻيهر ياد ڪري ونئي ۽ وسارڻ جو جيڪو **گناهہ** ٿيو ان کان سچي توبهہ ڪري."جيڪو قرآني آيتون ياد ڪرڻ کانپوءِ وساري ڇڏيندو قيامت جي ڏينهن **انڌو** اٿاريو ويندو." (مآخذ پ 16 طٰهٰ 125،126)

ٽي فرامينِ مصطفيٰ

مدينه1: منهنجي امت جا ثواب منهنجي حضور پيش ڪيا ويا، ايتري تائين جو مون انهن ۾ اهو **ڪک** بہ ڏٺو جنهن کي ماڻهو مسجد مان ڪڍي ٿو ۽ منهنجي امت جا گناهہ منهنجي حضور پيش ڪيا ويا مون ان کان **وڏو گناهہ** نہ ڏٺو تہ ڪنهن ماڻهو کي قرآن جي هڪ **سورة** يا هڪ **آيت** ياد هجي پوءِ اهو ان کي وساري ڇڏي. (جامع ترمذي ج 4 ص 420 حديث 2925)

مدينه 2: جيڪو شخص قرآن پڙهي پوءِ ان کي وساري ڇڏي تہ قيامت

جي ڏينهن الله تعالىٰ سان **ڪوڙهي** تي ڪري ملندو. (ابوداود ج 2 ص 107 حديث 1474)

مدينه 3: قيامت جي ڏينهن منهنجي امت کي جنهن **گناهه** جو پورو بدلو ڏنو ويندو اهو هي آهي تہ انهن مان ڪنهن کي قرآن پاڪ جي ڪا سورة ياد هئي پوءِ ان اها وساري ڇڏي. (کنزالعمال ج 1 ص 306 حديث 2843)

فرمانِ رضوي

اعلیٰ حضرت، امام اهلسنّت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، " ان کان وڌيڪ ڪير نادان آهي جنهن کي خدا عَزَّوَجَلَّ اهڙي همت بخشي ۽ اهو ان کي پنهنجي هٿن سان وڃائي ڇڏي، جيڪڏهن هن (يعني قرآن پاڪ جي حفظ) جو قدر ڄاڻي ها ۽ جنهن ثواب ۽ درجن جو واعدو ڪيو ويو آهي انهن کي ڄاڻي ها تہ ان کي جان ۽ دل کان وڌيڪ پيارو رکي ها."وڌيڪ فرمائن ٿا،"جيتري تائين تي سگهي ان جي پڙهائڻ ۽ حفظ ڪرائڻ ۽ خود ياد رکڻ ۾ ڪوشش ڪري تہ جيئن اهي ثواب جن جو ان لاءِ واعدو ڪيو ويو آهي (اهي) حاصل ٿين ۽ قيامت جي ڏينهن انڌو ڪوڙهي اٿڻ کان بچي. (فتاویٰ رضويه ج 23 ص 645،647)

نيڪيءَ جي اظهار جي ڪڏهن اجازت آهي؟

تحديثِ نعمت (يعني نعمت کي ظاهر ڪرڻ) جي نِيَّت سان نيڪ عمل جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ڪو اڳواڻ آهي ۽ اهو پنهنجو عمل هن نيت سان ظاهر ڪري ٿو تہ ماتحت ماڻهن کي ان سان عمل جي رغبت ملندي تہ پوءِ رياڪاري ناهي پر هر هڪ کي پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ وقت هڪ سؤ هڪ ڀيرا پنهنجي دل جي ڪيفيت تي غور

ڪرڻ گهرجي ڇو تہ شيطان تمام وڏو مڪار آهي، ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ ريت اياري بہ اهو رياڪاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. مثال طور دل ۾ وسوسو وجهي تہ ماڻهن کي چئي ڇڏ، ”مان تہ رُڳو تحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجو عمل ٻُڌائي رهيو آهيان.“ پر دل ۾ خوشي ملهائي رهيو هوندو آهي تہ هن طرح ٻُڌائڻ سان ماڻهن جي دل ۾ منهنجي عزّت وڌي ويندي. هي يقيني طور تي رياڪاري آهي. ۽ گڏوگڏ تحديثِ نعمت جو چوڻ رياڪاريءَ منجهہ رياڪاري آهي ۽ گڏوگڏ ڪوڙ جي گناهہِ ڪبيره جي تباهڪاري بہ آهي. تفصيلي معلومات جي لاءِ **حُجَّةُ الْاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي تصوف جي ڪتابن **احياءُ العلوم** يا ڪيمياءِ سعادت مان نيّت، اخلاص ۽ ريا (يعني ڏيکاءَ) جي بابن جو مطالعو ڪريو. ڪاش! انهن کي پڙهڻ کان شيطان محروم نہ ڪري. ڇو تہ هي مردود ڪڏهن نہ چاهيندو تہ مسلمان جو عمل خالص ٿي مقبول ٿي وڃي.

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي **اخلاص** سان پنهنجي عبادت ۽ نفلي روز ن جي ڪثرت جي سعادت نصيب فرماءِ ۽ اسان کي شيطان جي انهن حيلن بهانن جي سڃاڻپ عطا فرماءِ جن جي ذريعي هُو اسان جا اعمال برباد ڪري ڇڏيندو آهي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ريا کاريوں سے بچا يا الٰهي مجھے عبدِ مخلص بنا يا الٰهي

(12) روزيدارن جو پاڙو

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار **چاليهن سالن** جي دؤران ڪڏهن بہ **ڪارڪ** نہ ڪاڏي. چاليهن سالن ڪانپوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي جڏهن ڪارڪ ڪائڻ جي گهٽي خواهش ٿي تہ نفس کي مارڻ لاءِ

مسلسل اٺ ڏينهن روزا رکيائون. پوءِ **کارڪ** خريد ڪري ڏينهن جي وقت **بصره** شريف جي هڪ پاڙي جي **مسجد** ۾ **داخل** ٿيا. اجان ڪائڻ جي لاءِ ڪڍيون ئي هيائون تہ هڪ **ٻار رڙيون** ڪرڻ لڳو بابا! مسجد ۾ يهودي اچي ويو آهي! ان جو والد صاحب يهودي جو نالو ٻُڌندي ئي هٿ ۾ ڏنبو کڻي پڳو پر ايندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي سجاڻي ورتو ۽ معذرت ڪندي چيو حضور! ڳالهہ دراصل هي آهي تہ اسان جي پاڙي ۾ سيئي مسلمان روزا رکندا آهن هتي يهودين کان علاوه ڏينهن جي وقت ڪو ناهي کائيندو انهي لاءِ ٻار کي اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي يهودي هجڻ جو شڪ ٿيو. براءِ ڪرم! اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جي خطا مُعاف فرمائي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عالمِ جوش ۾ فرمايو، ٻارن جي زبان "غيبي زبان" هوندي آهي پوءِ قسم ڪاڏائون تہ هاڻي ڪڏهن بہ **کارڪ** ڪائڻ جو نالو ئي نہ وٺندس. (تذکرة الاولياء حصه اول ص 252)

گوشت جي خوشبوءِ سان ئي گذارو ڪري ڇڏيو

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين پنهنجي نفس کي ڪهڙي طرح مارينداهئا. سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي نفس ڪشي جو ڇا چئجي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سالن تائين ڪا لذيذ شيءِ نہ کائيندا هئا. عام طور تي ڏينهن جو روزيدار رهي ڪري رُکي مانيءَ سان افطار جو معمول هُين. هڪ ڀيري نفس جي خواهش تي **گوشت** خريد ڪيائون ۽ ڪٿي هليا، رستي ۾ سنگهيائون ۽ فرمايائون، اي نفس! گوشت جي خوشبوءِ سنگهڻ ۾ بہ تہ مزو آهي. بس هن کان وڌيڪ هن ۾ تنهنجو ڪو حصو ناهي اهو چئي

ڪري **گوشت** هڪ فقير کي ڏئي ڇڏيائون. وري فرمايائون، **اي نفس!** مان ڪنهن دشمنيءَ جي سبب توکي اذيت نہ ٿو ڏيان مان تہ رُڳو ان لاءِ تو کي صبر جو عادي بڻائي رهيو آهيان جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لازوال دولت نصيب ٿي وڃي. **(تذكرة الاولياء حصه اول ص 52)** هي بہ معلوم ٿيو تہ پهريان جا مسلمان نفلي روزن سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا جو بصره شريف جي هڪ سموري پاڙي جو هر مسلمان روزانو ئي روزو رکندو هيو!

نادان ٻارن جي طرف کان نيڪي جي دعوت

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جو هي فرمائڻ تہ، ٻارن جي زبان "غيبي زبان" هوندي آهي نهايت ئي پُرمغز (يعني وڏي فهم وارو) ارشاد آهي. واقعي نادان ٻارن جي ڳالهين ۽ حرڪتن ۾ بہ اڪثر **عبرت جا مدني گل** ڏٺا ويندا آهن اتفاق سان بيان ڪيل حڪايت نمبر 12 سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ (يعني راقم الحروف) باب المدينه ڪراچي ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ جي گهر ۾ 9 **شوال المكرم** 1422ھ تي تحرير ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي طعام جي وقت دستر خوان تي گهر جي مالڪ جو مدني منّو ۽ مدني منّي بہ گڏ ئي شامل ٿي ويا. انهن ٻنهي ڪاڏي ڪائڻ جي دؤران، **حرص ۽ طمع، هروپرو جهيڙو، بي عزتي، بي صبري، چُغلي، حسد، شهرت جي محبت، رياڪاري، مصيبت جو بي ضرورت تذڪرو ۽ فُضول ڳالهيون ڪرڻ** وغيره جي متعلق مون کي خوب درس ڏنو!! اوهان شايد سوچ ۾ پئجي ويا هوندؤ تہ بي سمجهہ ٻار ايڏن سارن عُنوانن تي ڪهڙيءَ

طرح درس ڏئي سگهن ٿا! هنن درسن جو راز هي آهي تہ اهي اهڙيءَ طرح جون حرڪتون ڪرڻ لڳا جنهن سان مدني ذهن رکڻ وارا انسان گهڻو ڪجهہ سکي سگهن ٿا. مثال طور انهن ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ڪڍيو، ڪجهہ کاڌو،ڪجهہ ڪيرايو، ۽ ڪجهہ ٿالهيءَ ۾ ڇڏي ڏنو. هنن جي ان حرڪت مان هي سکڻ جي لاءِ مليو تہ پنهنجي پليٽ ۾ ضرورت کان وڌيڪ کاڌو وجهڻ هي **حرص ۽ طمع** جو اُهجاڻ ۽ نادان ماڻهن جو ڪم آهي. سمجهدار ماڻهو ائين نہ ٿو ڪري سگهي. ڪِريل کاڌو ائين ئي ڇڏي ڏيڻ جو اڇلايو وڃي هي اسراف آهي. ڪائي ڪري ٿانءُ ڇٽي ڇڏڻ سنّت آهي، اسراف ڪرڻ ۽ سنّت جي خلاف ڪم ڪرڻ عقلمندن جو نہ نادانن جو ڪم آهي. ڇو تہ ٻار نادان ئي هوندا آهن. **منّي 7up جي ڏيڍ ليٽر جي بوتل** مان پنهنجي لاءِ پورو گلاس ڀري ورتو تہ ان تي منّيءَ احتجاج ڪيوايتري تائين جو پهريان بوتل ڪٽي منهنجي ويجهو رکي ڇڏي پوءِ بہ اطمينان نہ ٿيو تہ اتان کان بہ ڪٽي ڪمري کان ٻاهر ڪنهن ٻئي جي تحويل ۾ ڏئي آئي. هن "**ويڙهہ**"جي ذريعي ڄڻ منّي حرص تي درس ڏنو ۽ منّيءَ حسد تي. جيئن تہ ٻنهي ۾ اٽبٽت ٿي ويئي هئي انهيءَ ڪري هاڻي هڪ ٻئي جا "**عيب**" ڪڍڻ لڳا ۽ ڄڻ هيئن سمجهي رهيا هئا تہ ڏسو! اسان نادان آهيون انهيءَ لاءِ فُضُول گوئي، حسد، بي عزتي، هروپرو جهيڙو ۽ بي صبريءَ جو مظاهرو ڪندي ۽ هڪ ٻئي جا پول کولينداآهيون جيڪڏهن داناءُ سڏرائڻ وارو شخص بہ اهڙين حرڪتن جو ارتڪاب ڪري تہ اهو بي وقوف ٿيو يا نہ؟ نيڪ

آهي اسان پنهنجي منهن ميان منو بہ بڻجي رهيا آهيون، يعني پنهنجي زبان سان پنهنجا فضائل بہ بيان ڪري رهيا آهيون،هڪ ٻئي جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي بہ ظاهر ڪري رهيا آهيون پراسان تہ ننڍا ٿي ڪري آزاد ٿي ويندا سين. هنن مُعاملن ۾ اسان جي آخرت ۾ بہ ڪا پڪڙ ناهي ڇو تہ اسان اجان نابالغ آهيون. جيڪڏهن اوهان بہ اسان جيان غلطيون ڪندي **بيعزتي، رياڪاري، ڪوڙ ۽ حسد** وغيره وغيره گناهن ۾ پوندا تہ ٿي سگهي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن فردِ جرم عائد ڪري جهنّم جو حڪم ٻُڌايو وڃي. جيڪڏهن خدانخواستہ ائين ٿيو تہ اوهان کي اهو صدمو ٿيندو جو دنيا ۾ پاڻ صدمي بہ ڪڏهن اهڙو صدمو نہ ڏٺو هوندو!

مدني منيءَ ميندي وارا هٿ ڇو ڏيکاريا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!سچي ڳالهہ هي آهي تہ انهن مدني منن ۽ لاشعور مبلغن جي حرڪتن مان مون رُڳو ڪجهہ جو ئي بيان ڪيو آهي. جيڪڏهن ٻارن جي سڄي ڏينهن جي حرڪتن جو جائزو وٺجي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ انهن جي هر حرڪت ۽ هر سَڪَنَت (يعني خاموشي) ۾اسان جي لاءِ عبرت جا **بيشمار مدني گل** هوندا آهن. هڪ ڀيري **شبِ عيد ميلاد النبي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي ننڍڙي مدني منّيءَ کي کڻي آيو. هوءَ پنهنجا **ميندي سان رڱيل** هٿ ڏيکاري ڪري منهنجي توجهہ چاهي رهي هئي. ان مان مون اهو **"مدني گل"** حاصل ڪيو جڻ اها چوڻ چاهي پيئي تہ، حاجت شرعي جي بغير بلاواسطہ (سِڌيءَ طرح) يا بلواسطہ (اڻ سِڌيءَ طرح) (INDIRECT) پنهنجي خوبين جو اظهار بہ **حُبِ جاهہ** يعني

واهه واهه جي چاهت جي نشاني آهي جيڪا اسان جهڙن نادانن جو ئي حصو آهي. ظاهر آهي ٻارڙيون پنهنجا ميندي سان رڱيل هٿ ڏيکاري ڪري يا ٻارڙا پنهنجن نَوَن ڪپڙن وغيره جي طرف متوجهه ڪري واهه واهه ۽ تعريف جا ئي طلبگار هوندا آهن پر ان ۾ ضمناً وڏن جي لاءِ تمام **وڏو عبرت جو مقام** هوندو آهي. اڄڪلهه ماڻهن جي اڪثريت حبِ جاهه ۾ مبتلا نظر اچي رهي آهي. پنهنجي عزّت بڻائڻ، شهرت وڌائڻ ۽ واهه واهه پسندي جو مرض اڄڪلهه عام آهي. حد تہ اها آهي تہ مساجد و مدارس جي تعمير ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ بہ پنهنجي نيڪ نامي يعني شهرت جي ئي تلاش رهندي آهي، اهو تمام خطرناڪ مرض آهي پر هاڻي ان طرف ماڻهن جي توجهه ئي ناهي. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **فرمانِ عبرت نشان** آهي ”بہ بُڪايل بگهڙ جنڪي ٻڪرين ۾ ڇڏيو وڃي اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي.“ (جامع ترمذي شريف ج 4 ص 166 حديث 2383)

مان جمعي نماز کان بہ محروم هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شهرت ۽ مال جي محبت دل مان ڪڍڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي **تحريڪ دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون بہ ڇا خوب بهارون آهن! جيئن تہ **ڳوجرانوالہ** (صوبي پنجاب) جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ

ڪجهه هن طرح جي تحرير ڏني تہ مان فرنگي فيشن ۾ ٻڏل گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس ۽ بُري صحبت جي سبب مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ شراب پيئڻ جو بہ عادي ٿي چُڪو هئس. حالت ايتري تائين پهچي چُڪي هئي جو جمعي جي نماز بہ نہ پڙهندو هئس. آءُ قرآن پاڪ جو حافظ هئس پر **تقريبًا** 12 **سالن** کان قرآن پاڪ کولي ڪري نہ ڏٺو هئم، جنهن جي سبب ڪافي **قرآن پاڪ** مون کان وساريو ويو هو. بهرحال زندگي جا ڏينهن غفلت ۾ گذري رهيا هئا. تہ ايتري ۾ نصيب جاڳيو ۽ هڪ باعمامہ اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي ويئي. سندن حُسن اخلاق ۽ شفقت ڀرئي انداز کان آءُ تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ ان مون کي **مدينة الاولياء ملتان شريف** ۾ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالگمير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **بين الاقوامي** ٿي روزه **سنّتن ڀرئي اجتماع** جي دعوت پيش ڪئي، مون معذرت ڪندي ٻُڌايو تہ مان بيروزگار آهيان، معاشي طور تي حالات وڃڻ جي اجازت نہ پيا ڏين. انهن نهايت ئي پنهنجائپ سان حوصلو ڏنو ۽ منهنجي ٽڪيٽ جو انتظام ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهڙيءَ طرح منهنجي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ حاضري ٿي وئي. اتان جي روح پَروَر منظر ۽ **سنّتن ڀرئي بيانات** ۽ رقت انگيز دعا اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي زندگي کي بلڪل بدلائي ڇڏيو. جڏهن آءُ اجتماع پاڪ کان موٽيس تہ منهنجي دل ۾ **مدني انقلاب برپا** ٿي چڪو هو، پوءِ مون **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي جنهن منهنجي ظاهري وجود

کي بہ سنّتن سان سينگاري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني ماحول** سان وابستگي جي برڪتن سان مون وسارجي ويل **قرآن پاڪ بہ حفظ** ڪري ورتو. بلڪ ستن سالن تائين امامت جي سعادت ماڻيندو رهيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي حساب سان مون کي "پنجاب مڪي" جي مجلس ۾ هڪ ذميدار جي حيثيت سان خدمت جي سعادت حاصل آهي.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مدنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشقِ مصطفٰے مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

يا رب مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرماءِ. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي مدني قافلن ۾ سفر جو جذبو عطا فرماءِ. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص جي لازوال دولت سان مالامال ڪر، شهرت ۽ مال جي محبت ۽ رياڪاري جي جنجال کان محفوظ فرماءِ. اسان کي فرض سان گڏوگڏ خوب خوب نفلي روزن جي بہ سعادت بخش ۽ انهن کي قبول فرماءِ **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ۽ سڄي امتِ محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی الله اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

معتڪفين جون 41 مدني بهارون

درود شريف جي فضيلت

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مُشڪبار آهي، جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي ۽ ڪيس قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد ج 10 ص 253 حديث 172998)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) شڪاري خود شڪار ٿي ويو!

عطار آباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مون جنهن گهراڻي ۾ اک کولي ان گهراڻي ۾ جهالت وارو ماحول هيو، مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بُرو ڀلو چوڻ ثواب جو ڪم سمجهيو ويندو هو. مان به ان ضلالت (يعني گمراهي) ۾ پوري طرح ڦاٿل هئس پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو، ٿيو ڪجهه هيئن ته تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (عطار

آباد) ۾ وڏي ڏوم ڏام سان رمضان المبارڪ (سن 1426هـ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** جو اهتمام ڪيو ويو هو، اسان جي پاڙي جا ڪجهه چوڪرا به انهيءَ **فيضانِ مدينه** ۾ معتڪف هئا، انهن کي تنگ ڪرڻ جي نِيَّت سان آءُ مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** هليو ويس. اتي سنّتون سيکارڻ جا حلقا لڳل هئا، مان انتظار ڪرڻ لڳس ته موقعو ملي ته شرارت شروع ڪيان ته ايتري ۾ هڪ **عاشق رسول** مون کي تمام پياري ۽ دلنشين انداز ۾ حلقي ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو، سندس نرمي ۽ عاجزي جي سبب مان انڪار نه ڪري سگهيس ۽ حلقي ۾ ويهي رهيس ۽ مبلغ جو بيان ڌيان سان ٻُڌڻ لڳس، ان جي بيان ۾عجيب ڪشش هئي مان آهستي آهستي بيان جي **مدني ڳلن** جي سِحر ۾ گرفتار ٿيندو ويس، عاشقانِ رسول مونکي باقي ڏينهن جي **اعتڪاف** جي دعوت ڏني، مون هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ مان **اعتڪاف** جون بهارون ماڻڻ ۾ شامل ٿي ويس" جيان پاڻ ئي شڪار ٿي ڪري رهجي ويس، منهنجي لاءِ **اعتڪاف** ۾ سڀ ڪجهه نئون هو. **اعتڪاف** جي دؤران مونکي معلوم ٿيو ته مان ته پٽڪيل هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون باطل عقيدن کان توبهه ڪئي، ڪلمهءِ طيبه پڙهيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **سفينهءِ اهلسنّت** ۾ سوار ٿي ڪري مديني ڏانهن روانو ٿي ويس. مون چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سان ۽ مٿي کي سبز عمامي شريف سان سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيوآهي. 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪري **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق حلقه ذميداري تي فائز آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي

نئين امنگ ۽ جديد وَلوَلي سان پنهنجي اصلاح ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين ماڻهن جي اصلاح جي به ڪوشش ڪري رهيو آهيان. الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي ۽ ڀٽڪيلن کي حق ۽ صداقت جي راهه ڏيکاري. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ختم ہو گی شرارت کی عادت چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
دُور ہو گی گناہوں کی شامت چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(2) مون ڪيترائي پيرا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي

تعلقو شجاع آباد ضلع ملتان (حال مقيم بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، ”آءُ والدين جو معاذالله انتهائي درجي جو گستاخ هئس. **ڪوڪيٽ** ۽ سنوڪر **ڪيڏڻ** ۾ ڏينهن برباد ڪندو هئس ۽ رات وڊيو سينٽر جي زينت بڻجندو هئس. مون ماهِ رمضان المبارڪ ۾ **ماءُ پيءُ** سان ڏاڍو جهيڙو ڪيو ايتري تائين جو گهر ۾ ڀڄ ڊاهه ڪئي. پنهنجي گناهن ڀري زندگي مان پاڻ به بيزار هئس، غضب جو جذباتي هئس، انهيءَ لاءِ مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪيئي ڀيرا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ناڪامي ٿي. الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان مون گناهگار کي **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** جو شوق پيدا ٿيو، پنهنجي گهر جي ويجهو واري مسجد ۾ ئي اعتڪاف جو ارادو هو ته **هڪ اسلامي ڀاءُ**

سان ملاقات ٿي وئي. سندس انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ تبليغ **قرآن و سنت** جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويس. اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن جو ڇا ڳالهه ڪجي! مان گناهگار ڪلين شَيو ۽ پينٽ شرٽ پائي ويو هئس پر تربيتي حلقن، سنّتن ڀرئي بيانن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبتن اهو مدني رنگ چاڙهيو جو هٿوهٿ ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪيم، **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجايم ۽ عيد رات جو خوب روئي روئي ڪري گناهن کان توبهه ڪرڻ کانپوءِ گهر وڃڻ بدران هٿوهٿ سنّتن جي تربيت جي ٿن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويس. مون عيد جا ٿيئي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ گذاريا. خدا جو قسم! اها منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان پهرين عيد هئي جيڪا تمام سني گذري. واپسيءَ تي گهر اچي ڪري امڙ جي قدمن سان چنبڙي ويس ۽ ايتريقدر رُنس جو سڏڪن ۾ پئجي ويس ۽ آءُ بيهوش ٿي ويس. تقريبًا اڌ ڪلاڪ کانپوءِ جڏهن هوش آيو ته سمورا گهروارا مونکي گهيرو ڏيون بيٺا هئا ۽ حيرت ۾ پئجي هڪ ٻئي جو منهن ڏسي رهي هئا ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي! اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ گهر ۾ تمام سني ترڪيب بڻجي ويئي. تادمِ تحرير تنظيمي طورتي علائقائي مشاورت جو نگران آهيان. اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ هي لفظ لکڻ وقت عالمي مدني **مرڪز فيضانِ مدينه** ۾ تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت

حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ وڌيڪ 126 ڏينهن جي **"امامت ڪورس"** جو سلسلو جاري آهي، دعاءِ استقامت جي گذارش آهي.

بگڑے اَخلاق سارے سنور جائیں گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
بس مزہ کیا مزہ کو مزے آئیں گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(3) مون عيد ڪان علاوه ڪڏهن نماز ئي نه پڙهي هئي!

ميانوالي ڪالوني منگهو پير روڊ بابُ المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. مون جهڙا گناهگار انسان گهٽ ئي هوندا. مون ڪيترين ئي "**گرل فرينڊز**" بٽايون هيون. گندي ذهنيت جو عالَم هيءُ هو جو روزانو ئي اگهاڙيون فلمون ڏسڻ جو معمول هو، توهان مجو يا نه مجو مون زندگيءَ ۾ عيد ڪان علاوه ڪڏهن نماز ئي نه پڙهي هئي ۽ مونکي بلڪل معلوم ئي نه هو ته نماز ڪيئن پڙهي ويندي آهي!! منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ مونکي **تبليغ قرآن و سنّت** جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جو **اجتماعي اعتڪاف** نصيب ٿي ويو، فيضانِ مدينه جي مدني ماحول جي به ڇا ڳالهه ڪجي! منهنجون اکيون ڪلي ويون، غفلت جو پردو کڄي ويو ۽ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون نماز سکي ورتي ۽ پنج ئي وقت باجماعت نماز جو پابند ٿي ويس. مون بن مسجدن ۾ **فيضانِ سنت** جو درس شروع

ڪيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن مون کي هڪ مسجد جي مُشاورت جو ذيلي نگران بڻائي ڇڏيو ۽ تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان مون بدڪار انسان تي اهڙو ڪرم ٿي ويو جو **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار، بِاذن پروردگار ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ ديدار ٿي ويو.

جسے چاہا جلوہ دکھا دیا، اُسے جامِ عشق پلا دیا — جسے چاہا نیک بنا دیا، یہ مرے حبیب کی بات ہے
جسے چاہا اپنا بنا لیا جسے چاہا در پہ بلا لیا — یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(4) اعتڪاف جي برڪت سان سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪليان (مهاراسٽر، الهند) جي ميمڻ مسجد ۾ **تبليغ قرآن** و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي**ءَ جي طرف کان (1426ھ،2005ء) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ نئين مسلمان (جيڪي ڪجهہ عرصو اڳ هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي هٿان مسلمان ٿيا هئا) اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. سنّتن ڀرئي بيانات، ڪيسيٽ اجتماعات ۽ سنّتن ڀرئي حلقن انهن جي مٿان خوب مدني رنگ چاڙهيو. اعتڪاف جي برڪت سان دين جي تبليغ جي عظيم جذبي جو روشن ڏيئو سندن هٿن ۾ اچي ويو. جيئن تہ سندن گهر جا ٻيا ڀاتي اجان تائين ڪفر جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا ان لاءِ

اعتڪاف ڪان فارغ ٿيندي ئي ان پنهنجي گهر وارن تي ڪوشش شروع ڪري ڏني، دعوتِ اسلامي جي مبلغين کي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪري **دعوتِ اسلام** پيش ڪرايم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **پيءُ ماءُ، بن پينرن ۽ هڪ ڀاءُ تي مشتمل سمورو خاندان مسلمان ٿي ڪري سلسلهءِ عاليه قاديه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **جو مُريد ٿي ويو.**

ولولہ دیں کی تبلیغ کا پاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف،
فضلِ ربّ سے زمانے پہ چھاجاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف،

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(5) آءُ پڪو دنيا دار هئس

سڪر شهر (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي مان پڪو دنيا دار هئس ۽ مون تي هر وقت دنيا جي دولت ڪمائڻ جي ڌُن سوار رهندي هئي، عملي دنيا ڪان تمام پري گناهن جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪجهه **عاشقانِ رسول** جي مون تي مٿي نظر پئجي ويئي، اهي **رمضان المبارڪ** ۾ هرهر مون وٽ ايندا هئا ۽ مونکي **اجتماعي اعتڪاف جي دعوت** ڏيندا هئا، پر آءُ ٽاري ڇڏيندو هئس. اهي تمام تجربيڪار هئا، ڇڻ تہ مايوس ٿيڻ ڄاڻيندا ئي نہ هئا، انهن مون کي منهنجي حال تي ڇڏڻ گوارا نہ ڪيو مونکي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪري پنهنجو ثواب حاصل ڪندا رهيا! سندن مسلسل انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ مون پاپي ۽ بدڪار، پڪي دنيا دار جي دل ۾

آخرڪار نرم ٿي ئي وئي ۽ آءُ رمضان المبارڪ (شايد سن 1410، 1990ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ انهن سان گڏ معتڪف ٿي ويس. مون دنيا دار کي ڪهڙي خبر هئي عاشقن جي دنيا ئي ڪا ٻي هوندي آهي! واقعي عاشقانِ رسول جي صحبت مون تي رنگ چاڙهي ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ نمازي ٻڌجي ويس، مون ڏاڙهي رکي ڇڏي ۽ **عمامي شريف** جو تاج سجائي ورتو. تحديثِ نعمت جي لاءِ هڪ ڳالهه عرض ڪيان ٿو، مونکي اتي هي مسئلو به سکڻ لاءِ مليو ته قبلي ڏانهن منهن يا پُٺي ڪري پيشاب وغيره ڪرڻ حرام آهي. اتفاق سان اعتڪاف واري مسجد جي استنجا خانن جو رخ غلط هو مون **رضاءِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ خاطر هٿوهٿ ڪاريگرن کي گهرائي ڪري پنهنجي ڪيسي مان اخراجات پيش ڪري استنجا خانن جا رخ صحيح ڪرايا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف کان پوءِ هاڻي تائين ڪيترائي ڀيرا **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن ڀرئي سفر جون سعادتون ملي چُڪيون آهن.

حبِّ دنيا سے دل پاک ہو جائيگا، مَدَنی ماحول ميں کرلو تم اعتکاف
جامِ عشقِ نبی ہاتھ ميں آئيگا، مَدَنی ماحول ميں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(6) مون کي به پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو

راولپنڊي (پنجاب پاڪستان) جي هڪ **اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي. مان ان وقت ڏهين ڪلاس جو شاگرد هئس، پنهنجي پاڙي جي بلال مسجد ۾ رمضان المبارڪ (سن 1421هـ ، 2000ء) جي

آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيم. اتي **اسان** 14، 15 ماڻهو معتڪف هئاسين شايد 28 رمضان المبارڪ جو ٻيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ منهنجي ننڍپڻ جا **هڪ ڪلاس فيلو** (جيڪي ويچارا شرافت جي سبب اسان جي شرارت جو نشانو بڻجندا هئا) آيو. انهن پنهنجي مٿي تي سبز **عمامو شريف** سجايو هو. سلام دعا ڪانپوءِ انهن اسان تي انفرادي ڪوشش ڪندي پُڇيو، توهان مان براءِ مهرباني ڪو عيد جي نماز جو طريقو ٻُڌائي، اسان سڀ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳاسين، ان تي انهن چيو، چڱو ڀلا جنازي جي نماز جو طريقو ئي ٻُڌائي ڇڏيو. افسوس! اسان مان ڪوبہ نہ ٻُڌائي سگهيو. پوءِ انهن اسان کي نماز جي مَشْق (Practical) ڪرائي. ان سان اسان جون تمام گهڻيون غلطيون سامهون آيون. ان ڪانپوءِ نهايت ئي احسن انداز ۾ انهن اسان کي **عيد جي نماز** ۽ **جنازي جي نماز** جو طريقو سيکاريو. اسان جي دل ڏاڍي خوش ٿي. سچ پُڇو تہ اسان جي لاءِ اعتڪاف جو ڦل اهو ئي هو تہ اسان کي **مبلغ دعوتِ اسلامي** جي برڪت سان مختلف نمازن جا اهم احڪام سکڻ لاءِ مليا. عيد جي نماز ۾ مونکي مسجد جي ڇت تي جڳهہ ملي، جڏهن امام صاحب ٻي تڪبير چئي تہ مون کان علاوه تقريبًا سيئي رڪوع ۾ هليا ويا! جڏهن تہ اهو رڪوع جو موقعو نہ هو بلڪ ان ۾ هٿ ڪنن تائين آڻي هيٺ ڪرڻا هئا. خير نہ تہ مان بہ عوام سان گڏ رڪوع ۾ ئي هجان ها پر قربان وڃان مبلغ **دعوتِ اسلامي** تان جو انهن اعتڪاف ۾ **عيد جي نماز** جو طريقو سيکاري ڇڏيو هو. ان موقعي تي منهنجي دل تي اثر ٿي ويو

۽ **دعوتِ اسلاميءَ** جي اهميت مون تي خوب واضح ٿي وئي مون ان مبلغ کي عيد جي ملاقات تي عرض ڪيو **مونکي به پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو.** انهن نهايت ئي محبت سان منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي. سندن **انفرادي ڪوشش** سان هوريان هوريان اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ اچي ويس.هيءُ بيان ڏيڻ وقت آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي شعبہءِ تعليم جو علائقائي ذميدار آهيان.

ہاں جنازہ و عید، اس کو سیکھیں مزید، آئیں مسجد چلیں کیجئے اعتِکاف
قلب میں انقلاب، آئے گا آنجناب، آپ ہمّت کریں کیجئے اعتِکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(7) منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!

ڄناح آباد (باب المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي، مون **رمضان المبارڪ** (غالبًا سن 1425هـ، 2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪئي، منهنجي اندر تمام گهڻيون بُرايون هيون جن کان مون توبهہ ڪئي ۽ ڪافي حد تائين بُرائين ۾ گهٽتائي آئي. مون کي سنّت جي مطابق ڪائڻ جو ڍنگ به نہ ايندو هو، اعتڪاف ۾ ٻين سنّتن کان علاوه ڪائڻ پيئڻ جون سنّتون به سيکاريون ويون. بالخصوص هڪ مبلغ کي سادگي

سان سنّت جي مطابق ڪاڏو ڪائيندي ڏسي ڪري نہ ڄاڻ ڇو **منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!** هن ڳالهہ کي تادمِ تحرير تقريباً ٽي سال ٿي چڪا آهن پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين سنّت جي مطابق ڪاڏو ڪائيندو آهيان. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان آءُ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان وابستہ آهيان.

سُنّتيں کھانا کھانے کی تم جان لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مان لو بات اب تو مری مان لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(8) عاشقانِ رسول جي شفقتن لڄ رکي

اِندوَر شهر (P.M الهند) جا هڪ فيشن ايبل نوجوان آواره ۽ مادرن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري گناهن ڀري زندگي گذاري رهيا هئا. **رمضان المبارک** (سن 1425هـ، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهي رهيا. **عاشقانِ رسول** جي **شفقتن لڄ رکي**، گناهن کان توبهہ جي سعادت ملي وئي، چهري **تي ڏاڙهي** جڳ مڳ ڪرڻ ۽ مٿي تي **عمامي شريف** جون بهارون مُرڪڻ لڳيون.ڪين سنّتن جي خدمت جو خوب جذبو مليو ايتري تائين جو مبلغ بڻجي ويا. هي لکڻ وقت **علاقائي مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان **سنّتن جون برڪتون** لٽي ۽ لٽائي رهيا آهن.

لینے خیرات تم رحمتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
لوٹنے برکتیں سنّتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(9) ڪميونسٽن جي توبهه

سڪر شهر (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هونئن تہ سڪر جي ويجهو واري شهر **عطار آباد** (جيڪب آباد) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو مدني پيغام پهچي چُڪو هو، پر مدني ڪم تمام گهٽ ٿي رهيو هو، عطار آباد جا اسلامي ڀائر تنظيمي طور تي بيحد ڪمزور هئا. سڪر مان مبلغين جو مطالبو ڪندا رهندا هئا، ان مطالبي جي پيشِ نظر **رمضان المبارڪ** (سن 1410 هـ، 1990ع) ۾ عطار آباد ۾ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسان اتان جي اسلامي ڀائرن کي **اجتماعي اعتڪاف** جي لاءِ سڪر اچڻ جي دعوت ڏني، جنهن جي برڪت سان عطار آباد جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن **مُنوَّر مسجد اسٽيشن روڊ سڪر** ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. ان کان اڳ عطار آباد جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي **فيضانِ سنت جو درس** بہ نہ ايندو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان اجتماعي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان 17 اسلامي ڀائر معلم ۽ مبلغ بڻيا، چهرن کي ڏاڙهي شريف سان ۽ مٿن کي **سبز عمامي شريف** سان سجايائون. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جا ذميدار بڻجي ويا. ڪجهه ڪميونسٽ (يعني بي دين) بہ ڪنهن طرح سان ڇڪجي آيا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن پنهنجي ڪفري نظريات کان پڪي توبهه ڪئي، ڪلمو شريف پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويا ۽ بقايا زندگي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ

اسلاميءَ جي **مدني ماحول** ۾ گذارڻ جي نيّت ڪيائون. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان وقت ان شهر جا اسلامي ڀائر جيڪي **رمضان** المبارڪ (**سن** 1410ھ) ۾ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن سان مالا مال ٿيا هئا اهي ۽ لادينيت کان توبهه ڪرڻ وارا هاڻي بهترين **مبلغ** بڻجي چُڪا آهن ايتري تائين جو وڏن وڏن **اجتماعات** بلڪ بين **الاقوامي اجتماع** ۾ به سنّتن ڀريا بيانات ڪندا آهن ۽ مختلف صوبائي مجالس جا اهم ذميدار بڻجي ڪري پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. الله **تعالىٰ** اسان کي ۽ انهن کي **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰى عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

پیارے اسلامی بھائی چلے آؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خالی دامن مرادوں سے بھر جاؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(10) هاڻي سسي ته لهي سگهي ٿي پر------

ڪورنگي نمبر 6 باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي مون **انفرادي ڪوشش** ڪري پنهنجي بي نمازي ۽ ڪلين شيو **26** ساله نندي ڀاءُ کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ رمضان المبارڪ (**سن** 1421ھ، 2000ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ

ويهاريو. بي نمازي ۽ سنّتن کان بلڪل پري رهڻ واري منهنجي ياءُ تي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبتِ بابرڪت سان اهڙو مدني رنگ چڙهيو جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هُو پنج وقتن جو نمازي بڻجي ويو ۽ **ڏاڑهي مبارڪ** سجايائين، ايتري تائين جو سندس مدني ذهن بڻجي ويو آهي تہ **هاڻي سسي تہ لهي سگهي ٿي پر** ڏاڑهي نہ ٿي ڪٽجي سگهي.

ميٺي آقا کي اُلفت کا جذبہ ملے، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف
داڑهي رکهنے کي سنّت کا جذبہ ملے، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(11) مرگهيءَ جو مرض ختم ٿي ويو

هڪ اسلامي ياءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ بمبئي جي تحصيل ڪُرلا (الهند) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1426هـ) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ اهڙا اسلامي ياءُ معتڪف ٿيا جنهن کي هر ٻئي ڏينهن مرگهيءَ جو دؤرو پوندو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف جي دؤران کين هڪ ڀيرو بہ دؤرو نہ پيو بلڪ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تا دمِ تحرير اڄ تائين وري کين مرگهيءَ جي تڪليف ناهي ٿي.

ان شاءاللہ ہر کام ہو گا بھلا، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف،
دور ہو گي بفضلِ خدا ہر بلا، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اعتڪاف** ڪرڻ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آفتون ۽ مصيبتون دور ٿي ويندیون آهن، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مرگهيءَ جو مرض نيڪ ٿي ويو جو ان کي مسجد ۾ دؤرو ئي نه پيو يقينًا اهو ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص ڪرم ٿي ويو. تنهن هوندي به هي مسئلو ذهن ۾ رکو ته **مرڳهيءَ** وغيره جو اهڙو مريض جيڪو بيهوش ٿي ويندو آهي ان کي مسجد ۾ اعتڪاف نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته ڪنهن به وقت دورو پئجي سگهي ٿو، مثال طور نماز جي دؤران ئي دؤرو پئجي وڃي ته ٻين جي لاءِ سخت آزمائش هوندي آهي. بالخصوص **جنّات جي اثر** ۾ آيل کي به اعتڪاف نه ڪرايو وڃي جو ان جي وقت بي وقت ٽپا ڏيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ سبب نمازين وغيره کي تڪليف ٿيندي آهي.

(12) مان ڪلين شيو هئس

نصير آباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀائُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان **ڪلين شيو** هئس، زندگي جا ڏينهن غفلتن ۾ گذري رهيا هئا، اسلامي ڀائرن جي ترغيب ڏيارڻ ۽ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ تي مون رمضان المبارڪ (سن 1425هه سن 2004ع) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اعتڪاف** ۾ منهنجي دل تي اثر ٿي ويو، شرمسار ٿي ڪري ڏاڍو رُنس ۽ آئنده هميشه هميشه جي لاءِ گناهن کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪيم، **عمامي شريف جو تاج** مٿي تي سجايم،

ڏاڙهي مبارڪ سجائي ڪري پنهنجي چهري تي مدني رنگ چاڙهيم ۽ هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جي تنظيمي ڊويزن نصيرآباد جي هڪ تحصيل جو خادمِ مشاورت (نگران) آهيان.

سيکھنے کو ملیں گی تمہیں سنّتیں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
لوٹ لو آ کر اللہ کی رحمتیں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(13) مون ۾ فلمي گانا جهونگارڻ جي عادت هئي

برگ رود (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر25 سال) جي تحرير ڪجهه هن طرح آهي ته مون تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. مون کي اعتڪاف جون تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيون. انهن مان رستي ۾ هلندي بازاري ڇوڪرن وانگر فلمي گانا ڳائڻ جي جيڪا عادت هئي، اها نڪري ويئي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان جي جڳهه تي نعت شريف جهونگارڻ جي عادت پئجي ويئي. گڏوگڏ زبان جو قفلِ مدينه لڳائڻ (يعني بُري ته بُري پر غير ضروري ڳالهين کان به بچڻ) جو ذهن بڻيو ۽ هاڻي حال اهو آهي ته جيئن ئي زبان مان فُضُول ڳالهه نڪرندي آهي، ڪفّاري جي طور تي جهٽ پٽ زبان تي درود شريف جاري ٿي ويندو آهي.

گیت گانے کی عادت نکل جائیگی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
بے جا بک بک کی خصلت بھی ٹل جائیگی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(14) مادرن نوجوان ترقي ڪندي ڪندي----

بائيڪله (بمبئي هند) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1419هـ ، 1998ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ مادرن نوجوان (جيڪي اليڪٽرانڪ انجنيئر آهن) شرڪت ڪئي. ڏهن ڏينهن تائين **عاشقانِ رسول** جي صحبت جو خوب فيض حاصل ڪيائون، مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي مبارڪ جو نور چهري تي ڇانئجي ويو سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجايائون اعتڪاف جي برڪتن ڪين سنّتن جو عظيم مبلغ بڻائي ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هو دين جي خدمتن ۾ ترقي ڪندي ڪندي تا دمِ تحرير هند مڪي ڪابينہ جي رڪن جي حيثيت سان سنّتن جون بهارون لٽائڻ ۾ مصروف آهي.

ساري فيشن کي مستي اُتر جائے گي، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف
زندگي سنّتوں سے نکھر جائے گي، مَدَني ماحول ميں کرلو تم اعتڪاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(15) مون نشي بازي ڪيئن ڇڏي!

حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. آءُ **بي نمازي** ۽ نشي بازي جو عادي هئس، گهر وارا منهنجي ڪري پريشان هئا. خوشقسمتيءَ سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ٿي روزه سنّتن پرئي اجتماع (**صحراءِ مدينه مدينة الاولياء ملتان**) (سن 1426هـ، 2005ع) ۾

حاضري جي سعادت حاصل ٿي ويئي، اتي نيّت ڪيم تہ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ **اعتڪاف** ڪندس پوءِ باب المدينه پهچي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ رمضان المبارڪ (سن 1426هـ ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيم. **ٽي روزه اجتماع** (ملتان شريف) ۾ جيتوڻيڪ ڪافي ذهن بڻيو هو پر **اجتماعي اعتڪاف** جي تہ ڇا ڳالهہ آهي! سچ ٿو چوان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلجي ويئي. گناهن کان پڪي توبهہ ڪيم، **ڏاڙهي مبارڪ** وڌائڻ شروع ڪيم، هٿوهٿ سبز **عمامو شريف** بہ سجائي ورتم، اعتڪاف ڪانپوءِ جڏهن حيدرآباد آيس تہ مونکي ڏاڙهي ۽ عمامي شريف ۾ ڏسي ڪري گهر وارا ۽ پاڙيسري وغيره سڀ حيران ٿي ويا! اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ منهنجي نشي جي عادت بہ بلڪل ختم ٿي ويئي. پنهنجي وس آهر **دعوتِ اسلامي**ءَ جو مدني ڪم بہ ڪندو آهيان، منهنجي ڌيءُ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ **شريعت ڪورس** ڪري رهي آهي، جڏهن تہ منهنجا بہ مدني مُنّا **مدرسة المدينه** ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيا آهن.

گر مدينے کا غم چشمِ نم چاہئے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مدنی آقا کی نظرِ کرم چاہئے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(16) هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي!

ديره الله يار(بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي **ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي، ”مون ڪي تہ نہ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي خبر هئي نہ

عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي. بس گناهن ڀري زندگي ۾ بد مست رهندي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو اسان جي شهر ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم شروع ٿيو ۽ پهريون ڀيرو **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان (1416ھ 1995ع) شبِ براءَت جو سنّتن ڀريو اجتماع ٿيو، مون ان ۾ شرڪت ڪئي. اجتماع ۾ **عاشقانِ رسول** جي ڏاڙهي ۽ عمامي وارن نوراني چهرن ۽ سندن محبت ڀريل ملاقاتن مون کي **دعوتِ اسلامي** کان ڪافي متاثر ڪيو پر مان پري ئي پري رهيس. هفتيوار اجتماع ۾ بہ ڪڏهن شرڪت جي توفيق نہ ملي ايتري تائين جو رمضان المبارڪ (1416ھ، 1995ع) جي **ستاويهين رات** اچي پهتي، مون اجتماع واري مسجد ۾ ٽيڻ واري **اجتماعي دعا** ۾ حاضري ڏني، پُڄاڻيءَ تي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ٿي ۽ ڪنهن ٻُڌايو تہ هتي ڪجهہ اسلامي ڀائر اعتڪاف ۾ وينا آهن. منهنجي لاءِ اهو لفظ نئون هو، ان لاءِ مون تجسس مان پُڇيو تہ "**هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي**؟"اسلامي ڀائرن وڏي محبت سان مون کي **اعتڪاف** جي باري ۾ معلومات فراهم ڪندي ڪجهہ اعتڪاف جون **مدني بهارون** بيان ڪيون. دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ ٿيندڙ **اعتڪاف** جو احوال ٻُڌي ڪري مون دل ۾ پڪي نِيَّت ڪري ڇڏي تہ اِنشآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايندڙ سال اعتڪاف ۾ ضرور ويهندس. پوءِ ڏينهن گذرندا ويا ۽ جڏهن رمضان المبارڪ (1417ھ، 1996ع) وري آيو تہ **آخري ڏهاڪي** ۾عاشقانِ رسول سان گڏ آءُ

معتڪف ٿي ويس. ڏهه ڏينهن ۽ راتيون **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ اهو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو جيڪو بيان ڪان ٻاهر آهي.

نہ پوچھو ہم کہاں پہنچے اور ان آنکھوں نے کیا دیکھا
جہاں پہنچے وہاں پہنچے جو دیکھا دل کے اندر ہے

اعتڪاف ۾ ڪنهن **درسِ نظامي** (عالم ڪورس) ڪرڻ جو ذهن ڏنو، منهنجي سمجهه ۾ اچي ويو، پوءِ باب المدينه ڪراچي اچي ڪري **جامعة المدينه** ۾ داخلا ورتم، ايتري تائين جو دورهءِ حديث ڪانپوءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه) ۾ (سن1425 هه، 2004ء) ۾ منهنجي **دستار بندي** ڪئي ويئي ۽ تادمِ تحرير مان دعوتِ اسلامي جي هڪ **جامعة المدينه** (حيدرآباد) ۾ تدريس جون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهيان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان! هڪ اهڙو ڇوڪرو جنهن کي ڪلهه تائين اها به خبر نه هئي ته **اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي**! اهو اڄ **عاشقانِ رسول** سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي برڪت سان نه رُڳو **عالم** بلڪه "**عالم گر**" بڻجي ويو يعني عالم بڻجڻ ڪانپوءِ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ مُدرس جي حيثيت سان **درسِ نظامي** جا سبق پڙهائي ڪري، ٻين کي عالم بڻائڻ وارو بڻجي ويو.

سُنّتيں سيکھ اور حمتيں لوٹ لو، مَدَني ماحول ميں کر لو تم اعتکاف
علم حاصل کرو برکتيں لوٹ لو، مَدَني ماحول ميں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(17) مان ڪهڙي ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪريان!

بابُ المدينه ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪريان! مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ نمازن ۾ سُستي، وڊيو گيمز جو شوق، ٽي وي تي روزانو اُبتا سُبتا پروگرام ڏسڻ، ڪوڙ جي عادت ايتري تائين جو مان چوريون بہ ڪندو هئس. خوشقسمتيءَ سان رمضان المبارڪ (سن 1421هه، 2000ء) ۾ **جامع مسجد آمنه** (شڪيل گارڊن اوڪائي ڪامپليڪس، باب المدينه ڪراچي) ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عاشقانِ رسول سان گڏ مون کي **اجتماعي اعتڪاف** جي سعادت ملي ويئي، مون آمنه مسجد جي ٻي منزل تي **دعوتِ اسلامي** جي قائم ڪيل مدرسة المدينه ۾ داخلا ورتي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ عالمي مدني **مرڪز فيضانِ مدينه** ۾ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندو رهيس ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪوشش سان اسان جي گهر ۾ بہ **مدني ماحول** بڻجي ويو، آءُ گهر جي اندر **مڪتبة المدينه** جي طرف کان جاري ڪيل سنّتن ڀرئي بيانات جون ڪيسيٽون هلائيندو آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کانپوءِ تادمِ تحرير جامعة المدينه ۾ **درسِ نظامي** ڪري رهيو آهيان، **مدرسة المدينه** ۾ تدريس جي بہ ترڪيب آهي ۽ پنهنجي **ذيلي مشاورت** جي نگران جي ماتحت رهي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ جي بہ ڪوشش ڪريان ٿو.

تم گناہوں سے اپنے جو بیزار ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
تم پہ فضلِ خدا، لُطفِ سرکار ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(18) اعتڪاف جي برڪت سان شهر جي لاءِ مرڪز ملي ويو

هند جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ "**چترادُرگہ** (صوبہ ڪرناٽڪ، الهند) جي "مسجدِ اعظم" جا مُتولّي ۽ ڪجهہ مقامي مسلمان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي**ءَ جي باري ۾ ڪجهہ غلط فهمين جو شڪار هئا. تمام مشڪل سان اتي رمضان المبارڪ ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جي اجازت ملي. ٻن متولين جا صاحبزادا بہ گڏوگڏ معتڪف ٿي ويا. مدني مرڪز جي عطا ڪيل جدوَل موجب سنّتن ڀريا حلقا، سنّتن ڀريا بيانات، نعتن جي ڏوم ڌام، رقت انگيز دعائون ۽ بيشمار معتڪفين جو حُسنِ انتظام ڏسي ڪري مُتولي صاحبان حيران ٿي ويا ۽ ايتريقدر متاثر ٿيا جو آخري ڏينهن تمام معتڪفين کي تحفن ۽ گل پارائڻ سان نوازيائون. **دعوتِ اسلامي**ءَ انهن سيني جي سمجهہ ۾ اچي ويئي ۽ انهن پنهنجي زيرِ انتظام عظيم الشّان "مسجدِ اعظم" ۾ **دعوتِ اسلامي** کي مدني ڪمن جي مڪمل طور تي اجازت ڏيئي ڇڏي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مسجدِ اعظم** ان شهر جو مدني مرڪز بڻجي ويئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي متولين جي صاحبزادن پنهنجي چهرن کي ڏاڙهي مبارڪ سان سينگاري ڇڏيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا.

ذِڪر ڪرنا خدا کا يهاں صبح وشام، مَدَني ماحول ميں ڪرلو تم اعتڪاف
پاؤگے نعتِ محبوب کي دهوم دهام، مَدَني ماحول ميں ڪرلو تم اعتڪاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(19) اعتڪاف جو فيض انگلينڊ پهتو

سڪر شهر (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، رمضان المبارڪ (سن 1410هـ، 1990ع) ۾ منهنجي ڀيٽيوي جو **انگلينڊ** کان سڪر (**باب الاسلام سنڌ**) اچڻ ٿيو. اسلامي ڀائرن جي توجهه ڏيارڻ تي مون مٿن **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪين **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون لٽڻ جي دعوت ڏني. انهن هٿوهٿ هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ معتڪف ٿي ويا. هڪ خالص انگريزي ماحول ۾ رهڻ وارا جڏهن اعتڪاف ۾ وينا ۽ انهن آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون منيون منيون سنّتون ۽ ضروري احڪام سڪيا، **قبر و آخرت** جا حالات ٻُڌا تہ مسلمان هئڻ جي ناتي سان سندن دل تي اثر ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اجتماعي اعتڪاف** جي برڪت سان ڪين گناهن ڪان توبهہ جو تحفو مليو ۽ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** ۾ اچي ويا. چهري تي ڏاڙهي سجايائون، عمامي شريف سان مٿو سرسبز ڪري ڇڏيائون. **فيضانِ سنت** جو درس ۽ بيان سڪي ڪري اعتڪاف جي دؤران ئي **سنتن ڀريو بيان** ڪرڻ لڳا! **انگلينڊ** ۾ وڃي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائڻ جي نيّت پڻ ڪيائون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تا دمِ تحرير هو **انگلينڊ** ۾ مبلغ **دعوتِ اسلامي** آهن. هو **بارهن مدني ڪمن** جا ذميدار آهن، سندن ٻارن جي امي (يعني منهنجي ڀيٽ) بہ **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي

ڪري **انٽرنيٽ** جهڙي حيا سوز ماحول ۾ رهندي بہ **مدني برقعو** پائيندیون آهن، پاڻ صحيح **قرآنِ پاڪ** سکي ڪري هاڻي **مدرسة المدينه بالغات** ۾ اسلامي پينرن کي پڙهائيندیون آهن۽ اسلامي پينرن جي مدني ڪمن جون **تنظيمي ذميدار** آهن.

کرکے ہمّت مسلمانو آجاؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
اُخروی دولت آؤ کما جاؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(20) آءُ چڏي فيضانِ مدينہ نٿو وڃان

تحصيل ڪماليه ضلع دارالسّلام (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي انهن ڏينهن ۾ آءُ نائين جماعت ۾ پڙهندو هئس. ڪلاس ۾ اسان جو هڪ فريندِ سرڪل هو، اسان سيئي اسڪول کان پڄي ويندا هئاسين، خوب لوفرائپ ڪندا هئاسين، سڄي رات ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين، انٽرنيٽ ڪلب ۾ نيڪ ناڪ وقت برباد ڪندا هئاسين، سڄو سڄو ڏينهن ملي ڪري ڪيبل تي فلمون ڏسندا هئاسين. گانا ٻُڌڻ جو تہ ايتري قدر چَسڪو هو جو رات گانا ٻُڌندي ٻُڌندي سمهڻ ۽ صبح جو جاڳندي ئي سڀ کان پهريون ڪم مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ اهو ئي منحوس گانن کي ٻُڌڻ، فينسي لباس پائي ڪري اسان ملي جُلي ڪري مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ ثم مَعاذاللہ عَزَّوَجَلَّ چوڪريُن کي چيڙيندا هئاسين ۽ خوب بدنگاهيون ڪندا هئاسين، مون **ماءُ** جي ڳالهہ تہ ڪڏهن مڃي ئي نہ هئي، سمجهائيندي هئي تہ ويتر ويچاري کي ستائيندو هئس. والد صاحب نماز جو حڪم ڏيندا هئا تہ ڪين بہ دوکو ڏيئي ايندو هئس.

آهه! ڪهڙي ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪيو وڃي، سچ پُڇو تہ اصلاح جي پري پري تائين ڪا صورت نظر ڪانہ پيئي اچي. الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي وڏي ڀاءُ جو ڀلو ڪري انهن منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو. يقين ڪريو مون آواره ۽ ناڪاره کي صحيح معنيٰ ۾ اها بہ خبر نہ هئي تہ **اعتڪاف** ڇا ٿيندو آهي! مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو، پر انهن ڪنهن طرح سان بہ ريجهائي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (سردار آباد) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهاريو. چئن يا پنجن ڏينهن تائين بلڪل بہ دل نہ لڳي ۽ آءُ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس پر ڪامياب ٿي نہ سگهيس، ان ڪانپوءِ سُرور اچڻ شروع ٿيو ۽ پوءِ تہ اهو روحاني سُڪون مليو جو عيد رات جو آءُ چئي رهيو هئس تہ مونکي گهر ناهي وڃڻو، آءُ اڄوڪي رات بہ هتي ئي **فيضانِ مدينه** ۾ گذارڻ چاهيان ٿو.

تم گھر کو نہ کھینچو نہیں جاتا نہیں جاتا
میں چھوڑ کے فیضانِ مدینہ نہیں جاتا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(21) اعتڪاف جي برڪت سان گوڏن جو سور ختم ٿي ويو

جامعة المدينه (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ طالب علم جو ڪجهه هن طرح بيان آهي، **رمضان المبارڪ** (سن1426هـ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير

سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي. اتي منهنجي ملاقات هڪ بابا جِي سان ٿي، انهن ٻُڌايو تہ ڪيترن ئي سالن کان منهنجي گوڏن ۾ سور هو، جڏهن آءُ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي لاءِ آيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو جو منهنجي گوڏن جو سور ختم ٿي ويو.

درد ٽانگوں میں ہو، دَرد گھٹنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
پیٹ میں درد ہو یا کہ ٹخنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(22) ڏاڙهي سجائجي وئي، ”سرسبز“ ٿي ويا

هڪ **اسلامي ياءُ** جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ نوساري (صوبہ گجرات، الهند) جا هڪ مادرن اسلامي ياءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرفان **رمضان المبارڪ** (سن 1423هـ، 2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** (سُورت، گجرات) ۾ معتڪف ٿيا. مدني مرڪز جي ڏنل **تربيتي جدول** جي مطابق لڳندڙ سنّتن ڀرئي حلقن، رقت انگيز دعائن ۽ ذڪر و نعت جي پُرسوز صدائن سندن دل موهي وِڌي، ڪين **عاشقانِ رسول** جي صحبت مان اهو فيض مليو جو ڳالهہ نہ پُڇو. ڏاڙهي مبارڪ سجائجي ويئي، عمامي شريف سان سرسبز ٿي ويا ۽ ترقي جون منزلون پار ڪندا تادمِ تحرير پنهنجي **شهر جي مشاورت** جي نگران جي

حيثيت سان مدني ڪمن جون ڏومون مچائي رهيا آهن.

سنّتوں کی تم آ کر کے سوغات لو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
آؤ بٹتی ہے رَحمت کی خیرات لو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(23) جیسے مرے سرکار ہیں ایسا نہیں کوئی

حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جا هڪ اسلامي ڀاءُ **عبد الرزاق عطاري** جيڪي ٽنڊو جام ايگريڪلچرل يونيورسٽي جا ليب انچارج هئا، سندن ٻه ٻار **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته هئا پر هو پاڻ نمازن ۽ سنّتن کان پري هئا ۽ ذهن مڪمل طور تي دنيا دارن وارو هين. **رمضان المبارڪ** ۾ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪين **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ويئي ته چوڻ لڳا منهنجي ٻارن جي ماءُ ناراض ٿي ڪري پيڪين وڃي وينئي آهي جيڪڏهن آءُ اعتڪاف ڪيان ته ڇا هوءَ اچي ويندي؟ ڪين ٻُڌايو ويو ته، اِنشآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اچي ويندي، پوءِ هو رمضان المبارڪ (غالبًا سن 1416ھ ، 1995ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ **فيضانِ مدينه** (حيدرآباد) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويا. سڪڻ سيڪارڻ جي حلقن، سنّتن ڀرئي بيانن، رقت انگيز دعائن ۽ پُرسوز نعتن سندس دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو! انهن گناهن کان توبهه ڪري ڇڏي. نمازن جي پابنديءَ جو واعدو ڪيائون. **ڏاڙهي مبارڪ** ۽ **عمامي شريف** سان سينگارجي ويا ۽ نعتون به پڙهڻ لڳا. اعتڪاف جي دؤران ئي رُسي

ويل ٻارن جي **ماءُ** ۽ واپس اچي ويئي ۽ گهرو جهيڙا ۽ ختم ٿي ويا. **اعتڪاف** جي برڪت سان هو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويا. ڏاڙهي، زلفن، **عمامي شريف** ۽ مدني لباس ۾ نظر اچڻ لڳا. **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ ڪيائون ۽ **مدني ماحول** ۾ رهندي انهيءَ سال يعني خميس جي ڏينهن 27 **ربيع النور شريف غالبًا سن 1416هـ** ، 1995ع تي سندس انتقال ٿي ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ سندن خوشقسمتي تہ ڏسو جو وفات جي وقت سندن زبان تي نعت شريف جو هيءُ مصرعو هو.

جيسے مرے سرکار B ہیں ایسا نہیں کوئی

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گورِ تيره کو تم جگمگانے چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
راحتیں روزِ محشر کی پانے چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

عبرتناڪ روايت

منا منا اسلامي ڀائرو! اهو واقعو واقعي پنهنجي اندر عبرت جا بيشمار مدني گل رکي ٿو. مرحوم **عبدالرزاق عطاري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِى خوشنصيب هئا جو کين وفات کان ٿورو ئي عرصو اڳ مدني ماحول ميّسر اچي ويو ۽ يقينًا اهو شخص مقدر وارو آهي جيڪو مرڻ کان اڳ توبهہ ڪري سڌي راهہ تي اچي وڃي ۽ سنّتن جي شاهراهہ تي هلڻ

لڳي ۽ تمام وڏو **بدنصيب** آهي اهو شخص جيڪو چڱو ڀلو نيڪيون ڪرڻ وارو ۽ سنّتن جي رستي تي هلڻ وارو تي ڪري مرڻ ڪان ٿورو ئي عرصو اڳ مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ مادرن ٿي وڃي ۽ گناهن ۾ پئجي ڪري **مدني ماحول** کان پري ٿي وڃي. جڏهن به توهان کي شيطان ڪنهن ذميدار فرد کان ناراض ڪرائي يا ائين ئي سُستي ڏياري ڪري يا دنياوي ڪاروبار ۾ خوب ڦاسائي ڪري يا شادي وغيره جو جوش ڏياري ڪري مدني ماحول کان پري ٿيڻ جو مشورو ڏئي ته هن حديثِ پاڪ تي (**جيڪا** اِنشآءاللهعَزَّوَجَلَّ هاڻي بيان ڪئي ويندي) غور ڪندا ڪريو ڇو ته مشاهدو اهو ئي آهي ته هڪ پيرو مدني ماحول ۾ مڪمل طور تي اچي وڃڻ کان پوءِ پري ٿيڻ سان مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ نيڪ عملن تي قائم رهڻ تمام مشڪل ٿي ويندو آهي. اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ **سيّدتُنا عائشه صديقه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي ته جڏهن اللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن بانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان جي مرڻ کان هڪ سال اڳ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪو ڪيس سڌي راهه تي لڳائيندو رهندو آهي ايتري تائين جو اهو خير (يعني ڀلائي) تي مري ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن،"**فلاڻو شخص سٺي حالت تي مئو آهي**"، جڏهن اهڙو (خوشنصيب ۽ نيڪ) شخص مرڻ لڳندو آهي ته ان جي جان نڪرڻ ۾ جلدي ڪندي آهي، اهو ان وقت الله عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ملاقات کي، جڏهن اللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن سان بُرائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي ته مرڻ کان هڪ سال اڳ ان تي هڪ شيطان مسلط ڪري

ڇڏيندو آهي جيڪو ڪيس ورغلائيندا رهندو آهي، ايتري تائين جو هُو پنهنجي بدترين وقت ۾ مري ويندو آهي. ان وٽ جڏهن موت ايندو آهي تہ ان جي جان اٽڪڻ لڳندي آهي (۽ اهو شخص) اللهعَزَّوَجَلَّ سان ملڻ کي پسند ناهي ڪندو ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ ان سان ملڻ کي.

(ملخصًا شرح الصدور ص 27 مرکزِ اهلسنّت برڪاتِ رضا هند)

(24) مون کي گهروارا گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا

مظفر ڳڙهہ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح چوڻ آهي، آءُ تمام بگڙيل ڇوڪرو هئس، رات جو جڏهن گانن جون ٽي چار ڪيسيٽون نہ ٻُڌندو هئس ننڊ نہ ايندي هئي، سڄي سڄي رات لوفرائپ ۽ گناهن ۾ گذري ويندي هئي ڳالهہ ڳالهہ تي گهر ۾ **وڙهندو** هئس، **گهروارا بيزار ٿي ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا.** هڪ ٻہ ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو وتندو هئس ان ڪانپوءِ ترڪيب بڻجي ويندي هئي. مطلب تہ زندگيءَ جا ڏينهن انتهائي غلط انداز تي برباد ٿي رهيا هئا، منهنجا سؤٽ تادمِ تحرير تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي علاقائي مُشاورت جا نگران آهن، انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ **رمضان المبارڪ** (سن1425هہ،2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ بس اسٽاپ واري مسجد (مظفرگڙهہ) ۾ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ اچي ويهاريائون. بابُ المدينہ ڪان آيل هڪ مبلغ جي حُسنِ اخلاق ڪان متاثر ٿي ڪري مون گذريل گناهن ڪان توبهہ ڪري ڇڏي ۽ انهن جي ئي هٿان سبز سبز عمامي

شريف سان پنهنجو مٿو سبز ڪرائي ڇڏيم .27 ستاويهين رات سنّتن پرئي بيان ڪانپوءِ ٽيڻ واري رقت انگيز دعا دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو، آءُ روئڻ شروع ٿي ويس ۽ صبح تائين روئندو رهيس. عيد جي ٻئي ڏينهن فجر جي وقت اجان اک نہ کُلي هئي جو هڪ بزرگ خواب ۾ نظر آيا ۽ انهن منهنجو نالو وٺي سڏ ڪيو، ”فجر جو وقت ٿي ويو آهي ۽ توهان اجان تائين سُتا پيا آهيو!“ مون هڪدم ننڊ ۾ ئي ٻئي هٿ قيام وانگر ٻَڌي ڇڏيا ۽ اک کُلي ويئي تہ هٿ انهيءَ طرح ٻَڌل هئا. ان سان دل تي گهڻو اثر پيو ۽ مون مسجد ۾ وڃي ڪري با جماعت فجر جي نماز ادا ڪئي. پنهنجي شهر جي هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان حاضري ڏيندو رهيس، الله عَزَّوَجَلَّ اهڙو تہ ڪرم فرمايو جو تادمِ تحرير **جامعة المدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ **درس نظاميءَ** جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. پنهنجي درجي ۾ مدني انعامات جو تنظيمي طور تي ذميدار آهيان ۽ تحديثِ نعمت جي طور تي عرض ڪيان ٿو تہ مون جهڙي سخت گناهگار تي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص انعام هي آهي تہ **شاگردن جا جيڪي 92 مدني انعامات آهن انهن سيني تي عمل جي سعادت حاصل آهي**. سيني اسلامي ڀائرن کي دعاءِ استقامت جي مدني التجا آهي.

چھوٹ جائے گی فلموں ڈراموں کی لَت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خوش خدا ہوگا بن جائیگی آخِرت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(25) مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو

سعيد آباد بلديه ٽاؤن **بابُ المدينه** ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته مون اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدرسة المدينه** ۾ ئي قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي، پر افسوس جو پوءِ به پڪو نمازي نه بڻجي سگهيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ جڏهن رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سعادت ملي ته دل تي مدني اثر ٿي ويو، غفلت جي ننڊ ختم ٿي، حقيقي معنيٰ ۾ **اڪ ڪُلي ۽ آءُ نمازن جو پابند** ٿي ويس. اعتڪاف جي سبب **مدني قافلن** ۾ سفر جو ذهن بڻيو. آءُ بيروزگار هئس، جنهن ڏينهن **مدني قافلي** جي نِيَّت ڪيم اسان جي علائقي جي مُشاورت جي نگران فرمايو، اِنشآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جو ڪم ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت هيئن ظاهر ٿي جو جنهن مسجد ۾ اسان جو **مدني قافلو** ويو، اتان جي انتظاميه کي مون گناهگار جو بيان ۽ دعا جو انداز وڻي ويو ۽ انهن مون کي ان مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو ۽ ائين منهنجي روزگار جو به سبب بڻيو. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فاقہ مستی کا حل بھی نکل آئے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رُوزگار ان شاءَاللہ مل جائے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(26) عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي

موڊاسا (گجرات، الهند) جا هڪ مادرن نوجوان هئا سندن عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي، گناهن جو سلسلو جاري هو، ايتري ۾ متانئن ڪرم ٿي ويو، ڪرم جو سبب هيئن ٿيو جو رمضان المبارڪ (سن1423هـ،2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ ڪين **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ نصيب ٿيو. عاشقانِ رسول جي بابرڪت صحبت جو ڇا چئجي! سنّتن ڀرئي بيانات ۽ رقت انگيز دعائن ۽ پُرڪيف نعتن جي فيضان سندن تقدير کي بدلائي ڇڏيو ۽ اهو مدني جذبو عطا ٿيو جو اعتڪاف جي ئي اندر ڪين درس ۽ بيان ڪرڻ جي سعادت ملي ويئي! **ڏاڙهي مبارڪ ۽ عمامو شريف** سجائڻ جي نيّت ڪيائون. **عاشقانِ رسول** سان گڏ 30 ڏينهن جي مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويا. جيئن تہ ڪافي باصلاحيت هئا تنهنڪري اسلامي ڀائرن متاثر ٿي ڪري ڪين **امير قافله** بڻائي ڇڏيو!

عاشقانِ رسول آؤ ديں گے بياں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دور ہوں گی عبادات کی خامياں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(27) الحمدلله آءُ تهجد گذار بڻجي ويس

سڪر (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ پيرسن اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي **رمضان المبارڪ** (سن1425هـ،2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ،

دعوتِ اسلاميءَ جي طرف کان ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي سعادت ملي. سڪڻ سيکارڻ جي حلقن جو باقاعده جدوَل نهيل هو. جن ۾ نماز جا احڪام ۽ روزمره جون سنّتون وغيره سکڻ لاءِ مليون، رُڳو ڏهن ڏينهن ۾ اهو ڪجهه سکيو جيڪو اڄان تائين زندگيءَ ۾ نه سکي سگهيو هئس سنّتن ۾ريا بيانات ٻُڌڻ ۽ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان آخرت جو فڪر نصيب ٿيو ۽ دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني انعامات** تي عمل جو جذبو مليو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٻئي "**مدني انعام**" تي بالخصوص مضبوطيءَ سان عمل ڪيم ۽ ان جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ پنج ئي نمازون پهرين صف ۾ تڪبيرِ اولىٰ سان گڏ باجماعت ادا ڪرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تهجد تي به استقامت حاصل آهي. **مدني انعامات** جو ڪارڊ هر مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي ڇڏيندو آهيان. هفتيوار اجتماع ۾ به شروع کان آخر تائين شرڪت جي سعادت حاصل ڪندو آهيان.

با جماعت نَمازوں کا جذبہ ملے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دِل کا پژمردہ غُنچہ خوشی سے کھلے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(28) آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو

منيان (ڪاريان پنجاب، پاڪستان) جي **هڪ اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي ته مان عام نوجوانن جيان مادرن ۽ **فلمون ڊراما** ڏسڻ جو شوقين هئس. خوش نصيبيءَ سان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي

۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت ملي ويئي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي به ڇا ڳالهه آهي! مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهڙو مدني ماحول ڏٺو هو، دل ۽ جان سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو شيدائي ٿي ويس، مونکي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي ڏاڍي حسرت هئي **اعتڪاف** ۾ روزانو ديدار جي لاءِ دعا گهرندو هئس. **ستاويهين** رات اچي ويئي، اجتماع ذڪر و نعت ٿيو، **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مون تي بيخودي واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي پوءِ جڏهن **رقت انگيز دعا** ٿي تہ آءُ اکيون بند ڪري روئي روئي ڪري بس اهو ئي دهرائي رهيو هئس، ”آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو!“ اوچتو اکين ۾ تيز روشني چمڪي ۽ **هڪ نوراني چهري جي زيارت** ٿي ۽ مونکي يقين ٿي ويو تہ هي تہ **منهنجا آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن! الله! الله! پوءِ چهرو مبارڪ نظرن کان غائب ٿي ويو. آهہ!

شربتِ دِيدنے اِک آگ لگائی دل میں　　تَپِش دل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دیا
اب کہاں جائے گا نَقشہ ترا مرے دل سے　　تہِ میں رکھا ہے اِسے دل نے گُمانے نہ دیا

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چُڪو هو، مون گناهن کان توبهہ ڪئي، ڏاڑهي وڌائڻ شروع ڪيم ۽ عمامو شريف سجائڻ جي نيّت بہ ڪيم. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عيد جي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ هٿو هٿ ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. تادمِ تحرير **باب المدينه** ڪراچي حاضر ٿي ڪري **جامعة المدينه** ۾ **درسِ نظامي** شروع ڪيو آهي، **تعويذاتِ عطاريه** جو بہ ڪورس ڪري ڇڏيو آهي ۽ **مجلس مڪتوبات و**

تعويذاتِ عطاريه جي طرف ڪان سونپيل ذميداري جي مطابق تعويذات جو بستو بہ لڳائيندو آهيان گڏوگڏ **جامعة المدينه** جي اندر پنهنجي درجي ۾ مدني قافله ذميدار بہ آهيان.

گر تمنّا ہے آقا کے دیدار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ہوگی میٹھی نظر تم پہ سرکار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(29) حيرت آمون ڊبو اسنوڪر ڪيئن ڇڏي ڏنو

لياقت آباد (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي آءُ بي انداز فلمون ڊراما ڏسندو هئس، ڊبو اسنوڪر ڪيڏڻ جو جُنون جي حد تائين شوق هو، ايتري تائين جو ڪنهن جي دڙڪا ڏيڻ بلڪ مارڻ سان بہ اها عادت ڇڏائي ڪونہ پئي سگهجي. گناهن جي نُحُوست جو عالم هي هو جو مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ نماز پڙهڻ کان دل گهبرائيندي هئي! اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اسان جي علائقي جي فرقانيه مسجد (لياقت آباد باب المدينه ڪراچي) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان ٿيڻ واري **رمضان المبارڪ** (سن 1425هـ، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ آءُ گناهگار بہ عاشقانِ رسول سان گڏ معتڪف ٿي ويس. اَلحَمدُلِلّهعَزَّوَجَلَّ "**مدني انعامات**" جي برڪت سان آخرت بڻائڻ جي سوچ بڻي،گناهن کان ڪجهہ بي رغبتي پيدا ٿي، وري **قادريه رضويه** سلسلي ۾ **مُريد** ٿيس تہ نماز جي پابندي نصيب ٿي،

مون ڏبو اسنوڪر ڪيڏڻ ڇڏي ڏنو. مون کي حيرت آ تہ مون اهو ڪيئن ڇڏي ڏنو! ان ڪانپوءِ **دعوتِ اسلامي** جي ٽي روزہ سنّتن ڀرئي اجتماع جي آخري ڏينهن صحراءِ مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ حاضري ٿي، اتي "**ٽي وي جون تباهڪاريون**" جي موضوع تي بيان ٿيو، ان کي ٻڌي ڪري آءُ **قبر و حشر** جي عذاب جي خوف کان ڏڪي ويس ۽ مون عهد ڪري ڇڏيو تہ ڪڏهن بہ ٽي وي نہ ڏسندس. مون پنهنجي پياري امڙ کي "ٽي وي جون تباهڪاريون" ڪيسيٽ ٻڌايم تہ انهن بہ ٽي وي ڏسڻ بلڪل بند ڪري ڇڏي ۽ ڪين سرڪارِ **غوثُ الاعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي مريدياڻي ٻڌجڻ جو جذبو پيدا ٿيو. پوءِ انهن کي بہ بيعت ڪرائي ڇڏيم ان جي برڪت سان امڙ فرض نمازن سان گڏوگڏ تهجُّد، **اشراق** ۽ **چاشت** بہ پابنديءَ سان پڙهڻ لڳي، خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ شان تي منهنجي جان قربان! ٿوري عرصي ۾ امڙ کي **مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي زيارت جو اذن ملي ويو. ان تي امڙ پاڻ چيو تہ اهو سڀ بيعت ٿيڻ جو فيض آهي،اهو بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ پنهنجي علائقي ۾ **ذيلي قافله ذميدار** جي حيثيت سان پنهنجي پياري پياري مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

سيکهنے زندگی کا قرينہ چلو، مَدَنی ماحول ميں کرلو تم اعتکاف
ديکهنا ہے جو ميٹها مدينہ چلو، مَدَنی ماحول ميں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(30) ڪاميڊين مبلغ بڻجي ويو

بالاسِنور (گُجرات هند) جا هڪ نوجوان جيڪي ڪاميڊين (يعني مسخرا) هئا. ابتا سبتا ٽوٽڪا ٻُڌائي ڪري ماڻهن کي ڪِلائڻ سندن مشغلو هو، شادين ۾ **ميميڪري فنڪشن** جي لاءِ ڪين **گهرايو** ويندو هو. **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ ڪين **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ٿي. تڏهن به ڪين دولت ڪمائڻ ئي جي ڏُن هئي. اعتڪاف جي **مدني ماحول** ۾آخرت بڻائڻ جو شوق پيدا ٿيو،گذريل گناهن کان تائب ٿي ڪري سنّتن جا مبلغ بڻجي ويا. پنهنجو پاڻ کي **دعوتِ اسلامي** جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيائون، هي سٺون لکڻ تائين تنظيمي طور تي تبليغ **قرآن و سنّت** جي عالمگير **غير سياسي تحريڪ**، **دعوتِ اسلاميءَ** جي هڪ **ڊويزنل مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جون ڏومون مچائي رهيا آهن، دين جي لاءِ سندن قربانين جو حال هي آهي ته ماهوار 25 ڏينهن مدني ڪمن جي لاءِ وقف آهن.

ان شاءَاللہ بھائی سُدھر جاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا تم پاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(31) مون حجر اسود چمي ورتو

ٽنڊو الله يار (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو هي آهي ته بُري ماحول ۽ آواره دوستن جي صحبت مون

ڪي گناهن تي دلير ڪري ڇڏيو هو. شراب جي اڏن تي وڃڻ منهنجي لاءِ معمولي ڳالهه هئي، ماڻهن سان هروڀرو وڙهڻ، بنا سبب جي جهيڙا ڪرڻ ۽ مارڻ ڪٽڻ منهنجي عادت بڻجي چڪي هئي. منهنجي انهن ڪرتوتن جي سبب گهر جو هر ڀاتي مون کان بيزار هو، آءُ اهڙيءَ طرح گناهن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس جو منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ آءُ هڪ عاشقِ رسول جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي تحت ٽنڊو الله يار جي نوراني مسجد ۾ ٽيڻ واري ماهِ رمضان المبارڪ (سن 1426هه، 2005) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** جون بهارون لٽڻ ۾ شامل ٿي ويس، **اعتڪاف** جي دؤران عاشقانِ رسول جي ڏاڙهين ۽ عمامي وارن نوراني چهرن ۽ سندن محبتن ۽ شفقتن مون کي **دعوتِ اسلامي** کان ڪافي متاثر ڪيو. ڏهه ڏينهن ۽ راتيون **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ اهو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو جيڪو بيان کان ٻاهر آهي. پنجويهين رات ۾ **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول هئس تہ مون کي جهوٽو اچي ويو ۽ مون پاڻ کي **ڪعبة الله شريف** جي سامهون ڏٺو، **مون بي اختيار ٿي ڪري حَجَرِ اَسْوَد کي چُمي ورتو. سٽاويهين** رات بہ مون تي ڪرم ٿيو ۽ جهوٽي اچڻ جي دوران **مدينهءِ منوره** جي نوراني گهٽين ۽ سبز سبز گنبذ جي **نوراني نظارن** جي سعادت حاصل ڪيم. انهن ايمان افروز سلسلن منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي، مون نِيَّت ڪئي تہ هن **مدني ماحول** کي سڄي حياتي نہ ڇڏيندس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تا دمِ تحرير ربّ اڪرم عَزَّوَجَلَّ جي لطف ۽ ڪرم سان **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** (حيدرآباد) ۾ **درسِ نظامي** ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

دل میں بس جائیں آقا کے جلوے مُدام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دیکھو مکّے مدینے کے تم صبح وشام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(32) بُري صحبت ۾ رهڻ جو گناهه ڇڏائجي ويو

اورنگي ٽاؤن (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته آءُ مادرن ۽ بُرن دوستن جي صحبت جي سبب پاڻ به مادرن ۽ بُرو شخص هئس. خوشقسمتي سان اسان جي علائقي جي **اقصيٰ مسجد**، اورنگي ٽاؤن، الفتح ڪالوني (باب المدينه) ۾ ٽيڻ واري ماهِ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي برڪت سان آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويس، **صلوٰة و سنت** جو پابند به بڻجي ويس. هفتيوار **اجتماع** ۾ حاضري جي عادت پئجي ويئي، **فلمون ڊراما** ڏسڻ جي بُري خصلت نڪري ويئي ۽ هڪ تمام وڏو فائدو هي ٿيو ته **بُري صحبت** ۾ رهڻ جيڪو هڪ تمام وڏو گناهه بلڪ گناهن جي پاڙ هئي، اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کان به منهنجي جان ڇٽي پئي.

صحبتِ بد میں رہنے کی عادت چُھٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خصلتِ جرم وعصیاں تمہاری مٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(33) جذبي کي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا

ملاڪ (الٰہ آباد يوپي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو واقعو ڪجهه هيئن آهي ته انهن **مدينة الاولياءَ** احمد آباد شريف ۾ هند سطح جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، ڪين دين جي خدمت جو ڪافي جذبو مليو. انهيءَ سال تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف ڪان ماهِ رمضان المبارڪ (1418هـ 1996ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ناگوري واردِ جي مسجد (احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ معتڪف ٿيا. **عاشقانِ رسول** جي صحبت ڪين خوب رنگ لاتو،سندن ديني جذبي کي مني مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا. اعتڪاف ڪانپوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ **ملاڪ** (يوپي) ۾ وڃي ڪري انهن **مدني ڪمن** جون خوب ڌومون مچايون. ٻئي سال مدني مرڪز جي طرف کان مختلف شهرن ۾ وڃي ڪري سوين اسلامي ڀائرن کي **اعتڪاف** ڪرايائون. تادمِ تحرير احمد آباد شريف ۾ ترسيل آهن ۽ **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق **تحصيل ماليات** جا ذميدار آهن.

آؤ عشقِ محمد کے پینے کو جام، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مست ہو کر کرو خوب تم مَدَنی کام، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(34) 70 سالہ اسلامي ڀاءُ جا تاثرات

ڪاربن ويسٽ (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ پيرسن اسلامي ڀاءُ (عمر 70 سال) جي بيان جو خلاصو آهي. آءُ پوڙهائپ جي باوجود

معاذالله نماز جي پابندي نہ ڪندو هئس، **فلمن ڊرامن** جو شوقين هئس، ڏاڙهي ڪوڙائيندو هئس ۽ انگريزي لباس پائيندو هئس. تقريبًا 10 سال اڳ يعني تقريبًا 60 سالن جي عمر ۾ ڪوثر مسجد موسيٰ لَين، لياري (بابُ المدينه) ۾ پهريون ڀيرو **رمضان المبارڪ (غالبًا سن1417هـ، 1996ع)** جي آخري ڏهاڪي ۾ مونکي اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي. اتي **دعوتِ اسلامي** جي عاشقانِ رسول جي صحبت ميسر آئي. **گجراتي زبان ۾ قرآن پاڪ** پڙهندو ڏسي ڪري هڪ اسلامي **ڀاءُ** مونکي سمجهايو تہ قرآن پاڪ عربيءَ ۾ پڙهڻ ضروري آهي ڇو تہ گجراتي زبان ۾ عربي اکرن کي صحيح مخارج سان ادا ڪرڻ ممڪن ناهي، منهنجي سمجهہ ۾ ڳالهہ اچي ويئي. بهرحال اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** کان مون کي تمام گهڻو فيض حاصل ٿيو. مون تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدرسة المدينه (براءِ بالغان)** ۾ پڙهڻ شروع ڪيم. ڏيڍ سال جي جدوجهد سان منهنجا ڪجهہ نہ ڪجهہ اُچار صحيح ٿي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي عربي ۾ ڏسي ڪري قرآن پاڪ پڙهڻ نصيب ٿي رهيو آهي. هفتيوار **سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ سڄي رات گذارڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي. هفتي ۾ هڪ ڀيرو **علاقائي دؤرو براءِ نيڪي جي دعوت** ۾ شرڪت جي سعادت بہ ملي ويندي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ هڪ **مٺ ڏاڙهي** بہ سجائي ورتي آهي. ظاهري اسباب نہ هئڻ جي باوجود وڏو ڪرم ٿي ويو ۽ مونکي **عمري شريف ۽ مٺي مديني** جي حاضري جو شرف ملي ويو.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هر مهيني ٿي ڏينهن **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. 72 مدني انعامات مان 40 چاليهه ڪان وڌيڪ **مدني انعامات** تي عمل جي ڪوشش آهي. هڪ پرائيويٽ فرم ۾ اڪائونٽنٽ آهيان، صبح ۽ شام ايندي ويندي بس جي اندر **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جي چار ورهين ڪان سعادت حاصل آهي. هڪ پيري خواب ۾ بس جي اندر مون **نيڪي جي دعوت** پيش ڪئي، فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ ڏٺم ته هڪ مبلغ **دعوتِ اسلامي** جنهن سان آءُ تمام گهڻي محبت ڪندو آهيان، اهي منهنجي سامهون پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي مُرڪندا وينا آهن. اهو روح پَروَر منظر ڏسي ڪري آءُ روئي پيس ۽ اڪ ڪلي ويئي. اهو خواب ڏسڻ ڪانپوءِ **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ ۾ مون کي وڌيڪ استقامت نصيب ٿي.

سيکھ لو آؤ قرآن پڑھنا سبھی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
تم ترقّی کے زِینوں پہ چڑھنا سبھی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

غير عربي زبان ۾ آيات قرآني لکڻ جائز ناهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جيستائين سٺي صحبت ناهي ملندي، ان وقت تائين اڪثر ڪري اصلاح جي صورت ناهي بڻبي. اڄڪلهه اڪثر پوڙها ماڻهو به طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا نظر ايندا آهن، ايتري تائين جو ويچارا موت جي بستري تي پيا هجن تڏهن به ڪين ڏاڙهي رکڻ جي توفيق ناهي ملندي ۽ ان حالت ۾ به ٿي وي سيرانديءَ ڪان رڪيل هوندي آهي، صحت ملڻ ڪانپوءِ دنيا

جا ڪم ڏنڌا ئي ڪرڻ جو جذبو هوندو آهي. اهو پيرسن اسلامي ڀاءُ خوشنصيب هئا، جن کي اعتڪاف ۾ **مدني ماحول** ميّسر اچي ويو ۽ غفلتن ۾ گذرڻ واري زندگي اوچتو مدني ادائن ۾ بدلجي ويئي، توهان ڏٺو ته ويچارا قرآن پاڪ به پڙهيل نه هئا، ان لاءِ **گجراتي زبان** ۾ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا، جنهن تي **هڪ عاشقِ رسول** کين سمجهايو ته دعوتِ اسلامي جي **مدرسة المدينه** (بالغان) ۾ رات جي وقت سکي ڪري عربي ۾ پڙهڻ جي ڪجهه نه ڪجهه قابل ٿيا. ياد رکو! عربي زبان کان علاوه ٻي ڪنهن زبان مثال طور گجراتي، هندي،انگلش جي **رسمُ الخط** ۾ قرآن پاڪ لکڻ جائز ناهي. گجراتي، هندي، انگريزي وغيره زبانن جي ماهنامن ۽ ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ آيتون ۽ ماثور دعائون وغيره **عربي رسم الخط** ۾ ئي لکڻ **گهرجن.** مفسرِ شهير حڪيم الامت **حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان پنهنجي هڪ تفصيلي فتوىٰ ۾ هي به فرمائن ٿا ته هندي يا **انگريزي رسم الخط** ۾ قرآن لکڻ ته صريح تحريف آهي (۽ قرآن پاڪ جي تحريف حرام آهي) جو اوّل ته مٿي ذڪر ڪيل پابندين جي خلاف آهي ٻيو سين، صاد ۽ ثا ۾ اهڙي طرح **ق، ڪ** ۾، **ز، ذ، ظ** ۾ فرق بلڪل نه ٿي سگهندو، مثال طور **ظاهر** جي معنىٰ آهي ظاهر ۽ **زاهر** جي معنىٰ آهي چمڪدار يا تروتازه هاڻي جيڪڏهن توهان انگريزي ۾ Zahir لکيو ته ڪيئن خبر پوندي ته **ظاهر** آهي يا **زاهر!** اهڙيءَ ريت **ناهر** ۽ **طاهر، قدير** ۽ **قادر، سامع** ۽ **سميع، عالم** ۽ **عليم** ۾ ڪهڙيءَ طرح فرق رهندو؟ مطلب ته اوصاف ۽ الفاظ ته نهيو پاڻ حروف ئي تبديل ٿي ويندا ۽ معنىٰ ئي ختم.

(فتاوىٰ نعيميه ص 116 مڪتبه اسلاميه، اردو بازار مرڪز الاولياء لاهور)

(35) گهر ۾ بہ مدني ماحول بڻائي ڇڏيو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ رمضان **المبارڪ** (سن 1426هہ، 2005ع) ۾ اعتڪاف جا ڏينهن بلڪل ويجهو هئا **راجوڙي**، (جمون ڪشمير هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (**عمر تقريبًا** 40 **سال**) سان ملاقات ٿيڻ تي ڪين سرسري طور تي **اجتماعي اعتڪاف** جي دعوت پيش ڪئي ويئي ۽ هو تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي طرف ڪان مسجد ريلوي اسٽيشن (راجوڙي، جمون ڪشمير هند) ۾ ٿيڻ واري رمضان المبارڪ (سن 1426هہ ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **معتڪف** ٿي ويا. **عاشقانِ رسول** جو مدني ماحول ڏسي ڪري حيران ٿي ويا، ڏاڙهي مبارڪ سجايائون، **عمامي شريف** سان سرسبز ٿي ويو **درس** ۽ **بيان** جو سلسلو شروع ڪيائون، **پنهنجي گهر** ۾ بہ **مدني ماحول بڻائي ڇڏيائون**، **گهر** جي **اسلامي پينرن** تي **پردو نافذ ڪيائون** ۽ تادمِ تحرير پنهنجي شهر **راجوڙي** جي **مشاورت** جا نگران آهن.

زندگی کا قرینہ ملے گا تمہیں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
آؤ درِ مدینہ ملے گا تمہیں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(36) آءُ نيڪ ڪيئن بڻيس؟

تحصيل پلوال ضلع سرگودا (گلزارِ طيبه پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ بي نمازي ۽ فيشن

پرست نوجوان هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ جو انتهائي شوقين هئس، **رمضان المبارڪ** ۾ روزا به مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهٽ ئي رکندو هئس، جيڪڏهن ڪو سمجهائيندو هو ته لنوائي ويندو هئس. هڪ ڏينهن آءُ ڪنهن مُعاملي جي سبب پريشانيءَ جي عالم ۾ وڃي رهيو هئس ته هڪ باعمامه دوست سان ملاقات ٿي ويئي جيڪي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول** سان وابسته هئا. هو مونکي انفرادي ڪوشش ڪري جامع مسجد ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ وڃي ويا پر آءُ شيطاني وسوسن جي سبب ٿوري ئي دير ڪانپوءِ اٿي هليو ويس. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ منهنجو هڪ دنيادار دوست مونکي فلم ڏسڻ جي لاءِ وڃي ويو پر ڪنهن ڳالهه تي اٿبٽت ٿيڻ جي سبب سان مان ان ڪان الڳ ٿي ويس ۽ ائين منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو، ٿيو هيئن جو ماهِ رمضان المبارڪ ۾ منهنجا وڏا ڀاءُ **دعوتِ اسلامي** جي طرف ڪان ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ **معتڪف** هئا، آءُ ڀاءُ سان ملڻ پهتس، اتي سبز سبز عمامو سجايل عاشقانِ رسول مونکي تمام سٺا لڳا. عيد جي رات هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي وڏي ڀاءُ کي فيضانِ سنّت ۽ نعتن جي ڪيسيٽ تحفي ۾ ڏني، مون فيضانِ سنّت جو باب "**بي نمازي جون سزائون**" پڙهيو ته ڏڪي ويس ۽ ڪيسيٽ ۾ هي مُناجات،

گناہوں کی عادت چُھڑا میرے مولا　　مجھے نیک انساں بنا میرے مولا

ٻُڌم ته دل تي اثر ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ مون گانا باجا ٻُڌڻ ڇڏي ڏنا

پر نماز جي پابندي نہ ڪري سگهيس. هڪ عاشقِ رسول جي دعوت تي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ ٻيهر وڃي پهتس ۽ آخر تائين موجود رهيس، پُڄاڻيءَ تي **عاشقانِ رسول** جي ملاقات جي دلنشين انداز مونکي **دعوتِ اسلامي** جو شيدائي بڻائي ڇڏيو. مون چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڑهي مبارڪ سان ۽ متي کي سبز عمامي شريف سان سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيو. پنج ئي وقت باجماعت نماز پڙهڻ لڳس ۽ سلسلهءِ عاليه **قاديه رضويه** ۾ داخل ٿي ڪري حضور **غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد به بڻجي ويس. هي بيان ڏيڻ وقت آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي ذيلي مُشاورت جو ذميدار آهيان ۽ پابنديءَ سان درس ڏيڻ سان گڏوگڏ **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾ حفظ ڪرڻ جي سعادت به حاصل ڪري رهيو آهيان.

آؤ فيضانِ سنّت کو پاؤگے تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ان شاءاللہ جنّت میں جاؤگے تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(37) ڪرنگهي جي هڏيءَ جي سور کان ڇوٽڪارو

هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ **باب المدينه** ڪراچي جي علائقي ڊفينس وِيُو جو رهواسي منهنجا ماروت جيڪي مل جا مالڪ آهن، **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان ماهِ رمضان المبارڪ (سن1425هـ) ۾ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٽيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

سندن چوڻ آهي تہ آءُ هڪ وڏي عرصي کان ڪرنگهي جي هڏي جي شديد سور ۾ مبتلا هئس، ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريم ۽ سندن تجويز ڪيل دوائون بہ استعمال ڪيم پر مڪمل فائدو نہ ٿيو. آءُ فڪرمند هئس تہ ڏهہ ڏينهن اعتڪاف ۾ ڪيئن رهندس! خير آءُ اعتڪاف جي دؤران ڪوشش ڪندو هئس تہ پِت سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهان، فوم جي گدي تي سمهڻ جي عادت هئي، هتي تڏي يا فراسي وڇائي ڪري زمين تي سنّت جي مطابق سمهڻ جي ترغيب ڏياري ويندي هئي اهو منهنجي لاءِ تمام ڏکيو هو پر ان ڪانسواءِ چارو نہ هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ ئي ڏينهن سنّت جي مطابق سمهڻ جي برڪت سان مونکي محسوس ٿيو تہ منهنجي چيلهہ جي سور ۾ ڪافي فرق پيو ۽ اهو سور ختم ٿي ويو. منهنجي ڪرنگهي جي هڏي جو اهو سور جيڪو وڏن وڏن ڊاڪٽرن جي علاج جي باوجود ختم نہ ٿي سگهيو هو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ آخر تائين ويهڻ جي برڪت سان منهنجي جان ڇُٽي ويئي.

تم کو تڑپا کے رکھ دے گو دردِ کمر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
پاؤ گے تم سُکوں ہو گا ٹھنڈا جگر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(38) هيپي نيو ييئر جو چَسڪو

دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ **جوڌپور** راجستان هند جو هڪ فوٽو گرافر(عمر تقريبًا 28 سال) جن کي

31 ڊسمبر تي ”هيپي نيو ييئر“ (Happy New Year) جي بي حيائي سان ڀرپور پارٽين ۾ شرڪت جو جُنون جي **حد تائين چَسڪو** هو ۽ اهي ان جي لاءِ بمبئي پهچي ويندا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿي ويو جو تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان بيچ والي مسجد (اوديپور، راجستان الهند) ۾ ماهِ **رمضان المبارڪ** (سن 1426هـ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿيڻ جي ڪين سعادت ملي ويئي. اتي لڳڻ وارن سنّتن ڀرئي حلقن، پُرسوز بيانن ۽ رقت انگيز دعائن ڪين جهنجهوڙي ڇڏيو. پنهنجي گذريل گناهن کان توبهه ڪيائون، **فوٽو گرافي** جو ڪم ڇڏي ڏنائون ۽ پابنديءَ سان صداءِ مدينه لڳائڻ لڳا يعني مسلمانن کي فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ لڳا.

رنگ رليان مَنانے کا چَسکا مٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَقص کی محفِلوں کی نُحُوست چھُٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مسلمانن جو نئون سال، مدني سال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اي ڪاش! انگريزن جي نئين سال جي استقبال جي بدران مسلمانن کي نئين مدني سال يعني هجري سن جي نئين سال جي استقبال جو جذبو نصيب ٿي وڃي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جو نئون سال پهرين **محرم الحرام** کان شروع ٿيندو آهي. ٿي سگهي ته هر سال پهرين **محرم الحرام** جو پاڻ ۾ نئين مدني

سال جي مبارڪباد ڏيڻ جو رواج وجهڻ گهرجي.

(39) عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت

تحصيل پلوال ضلع گلزارِ طيبه (سرگوڏا پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي **ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ "ڪلين شيو" هئس، سنّتن ڀري زندگي کان پري غفلتن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو هو، آءُ هڪ ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ وينو هئس ته والد صاحب منهنجي ننڍي ڀاءُ کي چوڻ لڳا، "جامع مسجد خواجگان" ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي تحت **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جو **اجتماعي اعتڪاف** تي رهيو آهي، تنهنڪري جلدي هلو نه ته پهرين صف ۾ جڳهه نه ملندي. مان چرڪيس ۽ دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته آءُ به انهن **عاشقانِ رسول** جي زيارت لاءِ وڃان ان ڏينهن مون به سومهڻي جي نماز، تراويح سميت انهيءَ مسجد ۾ ادا ڪئي. تراويح ڪانپوءِ ڪيسيٽ جي ذريعي **حاجي مشتاق** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي آواز ۾ هيءَ نعت شريف هلائي ويئي. مون کي انتهائي سُرور حاصل ٿيو. آءُ ٻئي ڏينهن وري وڃي پهتس. جيئن ته خميس هئي تنهنڪري اتي هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع شروع ٿي ويو. آءُ پهريون ڀيرو شرڪت ڪري رهيو هئس، دل کي عجيب سڪون ۽ راحت ميّسر ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن آءُ ٻيهر پهتس ته ڪيسيٽ اجتماع ۾ **مڪتبة المدينه** کان جاري ڪيل سنّتن ڀريو بيان ٻُڌايو ويو، بيان ٻُڌي ڪري آءُ ڏکي اٿيس ڇو ته ان ۾ عام ڳالهايا ويندڙ گانن

جي ڪفريہ اشعار جي نشاندهي ڪئي وئي هئي، آءُ بہ **ڪفريہ اشعار** ڳالهائڻ جي آفت ۾ گرفتار هئس، تنهنڪري مون توبهہ ڪئي ۽ تجديدِ ايمان بہ ڪيم، جيئن تہ دل تي هڪدم اثر ٿي ويو هو تنهنڪري باقي ڏينهن لاءِ **معتڪف** ٿي ويس. **فيضانِ سنت** ۾ زلفون رکڻ جون سنّتون ۽ آداب پڙهيا تہ زلفون رکڻ جي نيّت ڪري ڇڏيم ۽ 26 **رمضان المبارڪ** جو ٿيڻ واري **اجتماع ذڪر و نعت** ۾ ڏاڙهي رکڻ جي بہ نيّت ڪري ڇڏيم ۽ سلسلهءِ عاليہ **قاديريہ رضويہ** ۾ داخل ٿي ڪري سرڪارِ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد بڻجي ويس. صلوٰة و سلام جا صيغا بہ مون اتي ئي ياد ڪيا ۽ اعتڪاف ڪان واپسيءَ تي گانن جي **سؤ ڪان وڏيڪ ڪيسيٽن ۽ ٽي وي** کي گهر ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏيم. هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ ڪان تنظيمي طور تي ڊويزنل قافله ذميدار آهيان.

گانے باجوں کو سُننے سے توبہ کرو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
اور گیت تم کبھی بھی نہ گایا کرو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(40) ملاوٽ واري مصالحي جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيم

رنچوڙ پوري روڊ پير پوره (مدني پوره) باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ اهڙو بي نمازي هئس جو **جمعي جي نماز** بہ نہ پڙهندو هئس، خوشقسمتيءَ سان مون

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي تحت گلزارِ مدينه مسجد آگره تاج ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **رمضان المبارڪ** (سن 1425هه، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ڏهه ڏينهن ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت منهنجي قلبي ڪيفيت کي بدلائي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهه نه ڪجهه نماز سکي ورتي ۽ پنج ئي وقتن جي باجماعت نماز جو پابند بڻجي ويس. سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد به بڻجي ويس، رَبِّ لَمْ يَزَلْ وَلَا يَزَال عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان نيڪ عملن جو اهڙو ذهن مليو جو تقريبًا 63 ڪان وڌيڪ **مدني انعامات** تي عمل جي ڪوشش جاري آهي، **مڪتبة المدينه** جا ڇپيل رسالا ڪثرت سان پڙهڻ جي عادت بڻجي ويئي ۽ اعتڪاف جو هڪ وڏو انعام هي به مليو ته آءُ جيڪو ملاوٽ وارن مرچ مصالحن جي سپلاءِ جو سڄي سنڌ ۾ گناهن ڀريو ڪم ڪندو هئس اهو ڇڏي ڏنم. منهنجي مصالحي جي ڪارخاني ۾ تقريبًا 44 ملازم ڪم ڪندا هئا مون اهو ڪارخانو ئي ختم ڪري ڇڏيو ڇو ته دؤر ڏاڍو نازڪ آهي، وڏي پيماني تي خالص مصالحي جي ڪاروبار ۾ بازار ۾ بيهڻ تمام ڏکيو آهي. اڄڪلهه مسلمانن جي صحت جو ڪنهن کي فڪر آهي! بس ماڻهن کي دولت گهرجي چاهي اها حلال هجي يا مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ حرام. بهرحال **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان حلال رزق جي حاصلات ۾ مشغول ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان اشراق و چاشت ۽ اوابين، تهجُّد جي نوافل سان گڏ پهرين صف ۾ نماز جي به عادت بڻجي ويئي.

چھوڑدو چھوڑدو بھائی رِزقِ حرام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
آؤ کرنے لگو گے بَہت نیک کام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(41) جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي زيارت

دعوتِ اسلامي جي تنظيمي تحصيل جنّت البقيع (باب المدينه نيو ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ عام نوجوانن جيان آءٌ بہ فيشن جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون گناهن ۾ گذري رهيا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي تقدير جو ستارو چمڪيو ۽ مون ماهِ رمضان المبارڪ (سن 1426هـ، 2005ع) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ ڏهہ ڏينهن ۾ جيڪو ڪجهہ سڪيس ان کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. آئنده هميشہ جي لاءِ گناهن کان بچڻ جو پڪو پَهہ ڪيم، **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجايم ۽ ڏاڙهي مبارڪ جي ذريعي پنهنجي چهري تي مدني رنگ چاڙهيم. **29 رمضان المبارڪ** جي رات معتڪفين ملي ڪري مسجد جي صفائي وغيره جي ترڪيب بڻائي، پوءِ عبادت ۾ مشغول ٿي ويس، انهيءَ دؤران مون ڏٺو تہ هڪ بزرگ هستي جن جو چهرو روشن هو اهي ويجهو آيا ۽ انهن وڏي ڪري مون گناهگار سان هٿ ملايو، جنهن جي ٿڌاڻ مون دل ۾ محسوس ڪئي، منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ هي

حضرتِ سيّدُنا جبريل عَلَيْهِ السَّلَام آهن ۽ تي سگهي ٿو اڄ شبِ قدر هجي چو تہ حديث پاڪ ۾ آهي شب قدر ۾ جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زمين تي تشريف ڪڍي ايندا آهن ۽ عبادت گذارن سان هٿ ملائيندا آهن.

فضل رب سے ہو دیدار روح الامیں، مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

راحت و چین پائے گا قلب حزیں، مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر مسلمان جي اعتڪاف کي قبول فرماءِ. يا الله عَزَّوَجَلَّ معتڪفين مخلصين جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. يا الله! عَزَّوَجَلَّ اسانکي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرماءِ. يا الله! عَزَّوَجَلَّ اسان کي سچو عاشقِ رسول بڻاءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ امتِ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بخشش فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ماڻهن کان سوال نہ ڪرڻ جي فضيلت

حضرت سيّدنا ثَوبَان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ حضور اڪرم نورِ مجسم شاهِ بَني آدم، رسول محتشم، شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو جيڪو شخص مونکي هن ڳالهہ جي ضمانت ڏئي تہ ماڻهن کان ڪا شيءِ نہ گهرندو، تہ مان ان کي جنّت جي ضمانت ڏيان ٿو. حضرت سيّدنا ثوبان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان عرض گذار ٿيا تہ مان هن ڳالهہ جي ضمانت ڏيان ٿو، پوءِ پاڻ ڪنهن کان ڪجهہ نہ گهرندا هئا.

(سنن ابي دائود ج 2، 170 حديث 1643)